Vas

جوگیِ جادُوگر

V-16

جوڳي جادوگر

[دادا واسواڻيءَ جو جيون چرتر]

(جنم شتابدي پرڪاشن)

ليکڪا : هري ديوي ٻي. واسواڻي

سهيوگي : ڊاڪٽر لعل پريمچند گرناڻي

ميران يونين،
١٠، ساڌو واسواڻي پٿ،
پوني، ٤١١٠٠١ (ڀارت).

RGS ENGLISH HIGH SCHOOL
Library Section
Ulhasnagar - 421 004.

ڇاپو پهريون: ١٦ جنوري ١٩٨١ع

قيمت: ٢٥ رپيا

ڇپيندڙ: شري مادوداس جي. چناڻي (اچڙا)
شري گيتا پرنٽنگ پريس،
هوٽل ايگل جي سامهون، الهاسنگر-٣.

پرڪاشڪ: ڪماري سشيلا جهانگياڻي،
مهران يونين،
١٠، ساڌو واسواڻي پٿ،
پونا ٤١١٠٠١ (ڀارت).





وشيہ سوچي

ايڪڪا جي قلم مان ....

هن ڳالهه کي پنج هزار ورهيه ٿي ويا آهن، ته به اَلائي ڇو اُن جي ياد تازي آهي. اَڄ جڏهن ”جوڳي جادوگر“ پستڪ لاءِ ٿورا اَکر لکڻ ويٺي آهيان ته هيءَ ڳالهه منهنجي دل جو در ٻيهر کڙڪائي ۽ چڻ ته چوي پيئي ته مونکي ڇو ڪين ٿي قلم بند ڪرين!

پنج هزار ورهيه اَڳ برندابن ڪافي گهاٽو ٻيلو هو، جتي جمنا ندي ڪل ڪل ڪندي پيئي وهندي هئي ۽ جنهن جي ڪناري تي اَڪيچار وڻ اُڀري رهيا هئا. هڪ دفعي ڇو نه ٻن وڻن پاڻ ۾ ٻئي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هڪ وڻ چيو ٻئي کي ته اَڄ سڀان اَسانکي پٽي پٽ تي ڪيرايو ويندو. اَسان جي ڪاٺ لاءِ اَسانکي ڪپيو ويندو. پوءِ تنهنجي پياس ڪهڙي آهي، تون ڇا ٿو ٿيڻ چاهين؟ اِهو ٻڌي اُن وڻ چيو ته اَلائي ڇو مونکي ٻارن لاءِ ڏاڍو پيار آهي. دل چاهيندي آهي ته ٻارن کي کاڌو کڏندو پيو ڏسان. ننڍا ننڍا ٻار، جي سچ پچ ته فرشتا آهن، سي منهنجي ٽارين تي چڙهن ته مان جنسي گد گد ٿيندو آهيان. پياس اِٿم ته جيڪر منهنجي ڪاٺ مان ٻارن لاءِ ڪا ٻينگهه ٺهي، جنهن تي چڙهي هو خوب لڏن ۽ کلن.

پهرئين وڻ اِهو ٻڌي چيو، تون بيشڪ سياڻو آهين جو پنهنجي هردي اَندر هڙهي نرمل پياس ساندي اَٿيئي. تڏهن ته ڏس تون سڏيق سائو سبز ۽ سگهارو بيٺو آهين. ٻئي وڻ تنهنجي چيو، پر ته تون ڇا ٿو ٿيڻ چاهين؟ پنهنجي مراد مان مونکي ته واقف ڪر نه. پهرئين وڻ اُٿر ڏنو ته سامهون هو به شاهي وڏا وڻ ڏسين ٿو نه. اِهي وڻ ڏس ته ڪيئن نه آسمان طرف اوچو



ڪيس اول اول صفا خالي ڪيو ويو ۽ منجهس سوراخ پڻ ڪيا ويا. نيٺ هن بنسريءَ جو روپ اختيار ڪيو ۽ ليار تي وڃي ڪنهن سنگيتڪار لاءِ، جو ڪيس ڪٺي چپن تي چاڙهي ۽ سڪ سوز جا سر ڪڍي.

اوچتو ئي اوچتو برندابن ۾ هيءَ خوشخبري ڦهلجي وئي ته هتي هڪ جوڳي جادوگر آيو آهي گوڪل گام ڇڏي ڪيترن ئي ڪٽنبن اچي برندابن وسايو آهي. انهن ڪٽنبن ۾ آهن ڪيترا ٻالڪ ۽ ٻالڪيون. تن ۾ هڪ ٻالڪ، نند يشودا جو ٻالڪ، صفا نرالو آهي. ڪي کيس ڪوٺين نندلعل ته ڪي چونس ڪنعيو ڪان. بس هن جو پير برندابن ۾ ڌرڻ ۽ برندابن جي رونق ڦرڻ. وڻ اڳي کان به وڌيڪ ساوا سبز ٿيڻ لڳا. گلن ڦلن جي سڳند هوئي کان سرس ٿي وئي. چوگرد چوڌار جڻ ته حسن هٻڪار جي بزار گرم ٿي وئي. گوال گواليون خوشيءَ ۾ پرجي آنند ڏيندڙ گيت ڳائڻ لڳا ۽ وڻ ٽڻ پنهنجون لامون لوڏي خوشيءَ وچان جهومڻ لڳا! هڪ وڻ جي ٽارين ۾ هڪ پينگهه ٽنگي وئي، جنهن ۾ شيام ٻالڪ ۽ رادا کي وهاري سڀ گوپ گوپيون کين لوڏڻ لڳا ۽ ان پينگهه جيو پاڻ کي: مان سڀاڳي! مان سڀاڳي!

وقت گذرندو هليو. شيام ٻالڪ لڇاين ۾ پرڙ ٿيندو ويو ۽ هڪ ڏينهن گهر ۾ ايڏو ته کيڙو ڪيائين جو يشودا ماتا جو کير اُيامي وهي ويو. يشودا کي به لڳو جوش، سو پنهنجي لاڏلي کي اڱڻ ۾ وهاري ڪٺي هڪ اکريءَ سان ٻڌائين. پوءِ ڪاوڙ ۾ پاڻ وڃي هلي اندر. سمجهائين ته شيام ٻال کي اڪيلو ڇڏڻ سان کيس خوب سيکت ملندي. پر شيام ڏس ته ماءُ جي پرپٺ، اکريءَ تي ڳرائيءَ سان ويهي، سامهون ٻن وڻن شاهي وڻن ڏانهن معنلي پرلل اکڙين سان وهنو نهاري! ياد ڪيري آهس ته ڪبير ديوتا جا به پٽ نل ڪبير ۽ منگراو، نارد منيءَ جي سراپ ڪري هن وڻن جي روپ ۾ مڪتيءَ جي راهه نهاري رهيا هئا. سندس ٻنا بيو ڪير

ڄاڻ جهلي بيٺا آهن، جڻ ته مُڪتيءَ جي راهه ڏسي رهيا آهن. جيڪو ڏانهن نهاري، تنهنجو ڪنڌ اَزخود مٿي نيري گگن ڏانهن کڄيو وڃي. جڻ ته هو به مُڪت ٿيڻ ٿا چاهين. منهنجي اندروني پياس اُٿيئي ته مان اهو ڪجهه ڄاڻان، جو ٻين کي مُڪتي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪريان! منهنجو ٻُڌ اَڄ سڀان کڄيو ويندو ۽ مان ٻيجان ٻڌجي ڪاٺ جي صورت وٺندس؛ سو ڇو ڪين ڪنهن جي ڪتب اَچي، ڪنهن کي مُڪتيءَ جي راهه ٻڌائي پنهنجو جنم سڦل ڪريان.

ٻئي ورق اِهو سڀ ٻڌي ٻهرئين وڻ اڳيان سر جهڪائي چيو "تون به آهين پيارا ٿون! تنهنجي اڳيان منهنجي وارون وار نمسڪار آهي." ائين چئي هن پنهنجون ٽاريون ٻئي وڻ اڳيان نوائي آسيس ورتي.

ٻنهي وڻن جون وڻندڙ ڳالهيون ڇو نه هڪ ڪانو ٻڌي رهيو هو. اهو ڪانو جمنا ڪناري تي اُڀري رهيو هو. ڪاني ٻاڻ کي ڇيو نه هيءُ ته آهن ورڪش جي پيا وڏيون ڳالهيون ڪن. پيلا وڏا جو آهن، سو ڪين وڏيون ڳالهيون ڪرڻ سهائين به ٿيون. مان ته سنڌن پيٽ ۾ آهيان هڪ جيتامڙو، جنهن مان نه ڪجهه ورتي نه سري. پر ائين ٻڌو اَٿم ته ڪانن مان بنسري ٺهندي آهي. ڪاش، مان ٺهي پوان جيڪر هڪ مرلي، هڪ بنسري، جنهن کي ڪو ڳوئيو چپن تي چاڙهي ۽ اُن مان ڪو سوز ڀريا آلاپ اُٿاري، مڌر سنگيت ڳائي. سا جيون ڪهڙي، جنهن ۾ ڪو سمايل نه هجي؟ سا زندگي ڪهڙي ڪم جي، جنهن ۾ ساڄن لاءِ ڪو سيڪي ۾ سانڍيل نه هجي؟

سمو گذرندو هليو. هڪ وڻ مان نڪتين بيٺگه جڙي راس ٿي ۽ ٻئي وڻ مان هڪ اُڪري تيار ٿي ۽ ننڍڙي ڪاني جي اِڇا اَنوسار اُن مان بنسري ٺهي. ويچارو ڪانو جيتامڙو، تنهن به سور سختيون ڏاڍيون سٺائين، پر سڀ صبر ۾. اصل اُف به نه ٻولائين.

لڳيس. هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟ جو منهنجي جيون جو آڌار هو، سو نه راهي رباني ٿي ويو. جو مون سورداس جو سهارو هو، سو نه هلندو هليو. جو مون بيوس جو وسيلو هو، سو نه وداع ڪري ويو. هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟ اهو پرشن مان وري وري پاڻ کان پڇڻ لڳيس. اُن ١٦ جنوري ١٩٦٦ع کان پوءِ جنهن ڏينهن ڪٽي ڇڏجي نه ميران پوميءَ جو سورج ديوتا اُست ٿي ويو، اهو سوال مان هر هر پاڻ کان پڇڻ لڳيس. ڏينهن پٺيان ڏينهن گذرندا ويا. اُهي ڪيڏا نه لنبا ڏينهن هئا، جڻ نه ڪٽن ئي نه. اُهي ڪيڏي نه اَڪيلائيءَ جا ڏينهن هئا، جڻ نه پورا ٿين ئي نه. اُن اَڪيلائيءَ ۾ مان پاڻ کان وري وري پڇڻ لڳيس هيءُ پرشن ته هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟ هاڻي مان باقي بچيل زندگيءَ جو وقت ڪيئن ڪاٽيندس. غم غفا ۾ ويهي، دک درد جي درياهه ۾ لڙهندي لڙهندي پيئي پڇندي هئس هيءُ پرشن ته هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟ هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟

پر پرڀو ديال آهي. هڪ هڪ اَنڌي لاءِ ونس لٺ آهي جا هوند اَسين ڪانئس وٺون ۽ وٺي اُن جي آڌار تي هلون ته ڪم ٿي ويندا سڀ غم بار، دور ٿي ويندا دردن جا انبار. اَندر ۾ آواز آيو ته همت نه هار، نڪي دک ڪي دل ۾ جوڳي جاءِ ڏي. جنهن جوڳي جادوگر لاءِ تون نيڻن مان نير وهائي رهي آهين، تنهن ڏس پنهنجو وقت ڪيئن ونيت ڪيو. هنڪي نه سرير جي صحت به پوري ڪين هئي، تڏهن به هو ڏينهن رات هڪ ڪري ڪم ڪندو رهيو. لکندو پڙهندو رهيو ۽ سچي ڪرم يوگيءَ جيان پنهنجو ڪرتويه پاليندو رهيو. تون به ائين ڪر! تون به ائين ڪر! مون چيو پاڻ کي نه پڙهڻ سان نه منهنجي پريت پراڻي آهي. ڪتاب پڙهڻ سان ڪيئن نه مون پنهنجي دل جي درد کي دٻائي ڇڏيو هوندو! باقي رهي لکڻ جي ڳالهه، سو مان نه آهيان هڪ پگل اوزار، سو ڪيئن لکڻ جو ڪم ڪري سگهندس!

انهن ورکشن کي ڇوٽڪارو ڏيئي سگهندو؟ سو اُکريءَ کي ڳهلي ڳهلي وڃي انهن ٻنهي وڻن جي وچ ۾ پهتو ۽ پنهنجي ٻانهن جي ٻل سان کين ڪيرائي اُن جوڙ مان ڇوٽڪارو ڏنو. اُکريءَ جو اهو سڀ ڏٺو، سو دل ۾ چيائين ته، مان سڀاڳي! مان سڀاڳي! مون نه سپني ۾ به ڪين سوچيو هو ته ڪو مان اهڙيءَ لائقيءَ لڳندس جو خود شيام ٻالڪ اچي منهنجي مٿان وهندو. مون نه نند ۾ به ڪين سمجهيو هو ته جي ورکش ٻين کي مڪتيءَ جي راهه ٻڌائيندا هئا، تنکي جوڳي جادوگر منهنجي مٿان وٺي مڪت ڪندو. هنن کي مڪتي ملي آهي ان جو ڪارڻ ڪي قدر مان به ڄاڻيس. مان سڀاڳي! مان سڀاڳي!

۽ هن نِنڍڙي ڪاني جو ڪهڙو حال ٿيو؟ ڪاني مان، ٻانس مان ٺهرائي وڃي هڪ ٻنسري، هڪ مرلي جا خود شيام سندر جي چپن تي چڙهيل رهي، اُنهي پهر ساڻس سنگ رهي. اصل ايتري قدر جو خود راڌا راڻيءَ کي اچي مٿس ريس ٿي. هڪ ڏينهن ڪنهن پاسيرو سڏي چيائينس ته ڪر خبر، ڪيئن خسيس لڪڙيءَ جي ٽڪري، پر تنهنجو ڪيڏو نه بخت بلند آهي جو ڏينهن رات، منهنجي پرتم جي پاس رهين ٿي! ٻنسريءَ ورائيو، مان سڀاڳي! مان سڀاڳي! مون نه صرف هيءَ پياس رکي هئي ته ڪو مڙ پئي ڳائيندڙ مونکي پنهنجي چپن تي چاڙهي مون منجهان مڌر آلاپ اُٿاري. پر مونکي مور ڳوٺي ڪنهي ڪان جي نرم هونٺن تي چڙهڻ جو سڀ ڀاڳيه پراپت ٿيو آهي. مون مان مور ڳوٺي، شيام سندر، جوڳي جادوگر پنهنجو پاڻ ٻڌو سڪ سوز جا سُر ڪڍي. مان سڀاڳي! مان سڀاڳي!

پر منهنجي جيون ۾ قصوئي اُور ٿي پيو. جوڳي جادوگر آيو، پنهنجي ليلا لڳايائين، پنهنجا کيل کيلايائين ۽ پوءِ هليو به ويو. سندس وڃڻ ڪانپوءِ، منهنجي جيون روپي سنسار ۾ جڻ ته گهاٽو اُنڌيرو ڇانئجي ويو ۽ مان غم روپي ساگر ۾ غوطا کائڻ

اَنگريزيءَ ۾ جيون چرتر نه لکڻ، سو به اُنهيءَ جنهنجي اَنگريزي ٻڌي اَنگريز پاڻ ٿان شرمسار ٿيندا هئا. اَنگريزيءَ ۾ جيون ڪهاڻي لکڻ سو به انهيءَ جو هو هڪ مهان هستي، جو هو هڪ سنت. سنتن جي وچتر جيون ڪهاڻي نه ڪو سنت ئي لکڻ جو سمرٿ ساري. باقي مون جهڙو نيچ ٻڌيءَ وارو اِنسان سوچڻ سان ئي ڏرڪي وڃي. اَنگريزيءَ ۾ جيون ڪٿا لکڻ، سو به اُنهيءَ جنهن جي جيون هڪ وچتر چترشالا هئي. ان ڪار ڏي لاءِ ڪپي استر ٻڌي، اُوچ آتمڪ اَنڀؤ، ڪليل دماغ ۽ ان کان به وڌيڪ ڪليل دل. اهو سڀ جڏهن سوچڻ لڳس ته دماغ چڪر کائڻ لڳو ۽ دل ڏرڪڻ لڳي ۽ وري ٻڌم اوڏيءَ مهل اَندر جو آواز: ”هري، همت نه هار، ٻر پنهنجو ڪرتويه پاڙ. تنهنجن ڪلهن تي اَٿيئي قرض جو بار. پيار پيتو اَٿيئي. اُنجو اُجر و ڏيڻو اَٿيئي ته اِئين ڏي. هو جوڳي جادوگر آهي، تنهنجو رستو پاڻيهي صاف ڪندو. سهڪار لاءِ ساٿي به پاڻهي پرگهٽ ڪندو، منجهن پرڻا وجهندو. تون رڳو دريتا کان ڪم وٺ ۽ پاڻجي پڻ هڪ اوزار.“

بس، پوءِ ته مان به لکڻ جي ڪم کي لڳي ويس. پريا ٽي سال مون ۽ منهنجي پياري ٻاءُ هيري، گڏجي اَنگريزي جيون ڪهاڻيءَ تي محنت ڪئي. ٽن سالن جا پورهيا ثاب پيا ۽ پنهنجي گرديو، جوڳي جادوگر، دادا واسواڻيءَ جي جيون ڪهاڻي “A Saint of Modern India” جي روپ ۾ شايع ٿي. اِهي ٽي سال مان ڄڻ ته هڪ اَنوکي دنيا ۾ ٿي رهيس. جنهن دنيا جو مرڪز (Circumference) هو منهنجو ”منڙو دادا.“ اُن ڪرتوڀ ڪري مان دک روپي دنيا مان نڪري وڃي هڪ نرالي سنسار ۾ پهتيس. اُن وچتر ڪٿا لکڻ ڪري منهنجو دماغ سالم رهيو ۽ دل پرزا پرزا ٿيڻ کان بچي ويئي. ڀلا هوُ جوڳي جادوگر جو هو، جنهنجي اَمر ڪٿا ڪي مون قلم بند ٿي ڪيو.

وري ويڪ جي سنهڙي آواز مونکي پنهنجي سانتيڪي ڪمري ۾ ڇيو، جوڳي جادوگر ڏس ڪيئن نه لکندو هو. سنڌس آڱريون ڪمزور ٿي ويون. اصل اهڙي قدر جو انهن مان قلم ڇڏائجي پٽ تي ڪري پوندو هو. تنهن هوندي به هن پنهنجي ڪرلويه کي ڪين ڇڏيو. لکندو رهيو، لکندو رهيو، تان جو آڱريون وڌيڪ لکي نه سگهيون. تڏهن به هن پنهنجي سوٽ رم کان منهن ڪين موڙيو. لکائيندو رهيو، لکائيندو رهيو. تون به ائين ڪر! تون به ائين ڪر! جي پڌري پٽ نه ته لوڪن کان لکائي ٿي سهين، پر لکندي ڪر، لکندي ڪر. جو وقت مونکي ملندو هو، سو وقت مان لکي ويهي لکندي هئس ۽ پنهنجي دک درد کي ڀلائيندي هئس. ڀا ته ڀسرڻ پرينءَ جو، ڀا ته پرينءَ جي ڀچار. مون سان ڪهڙي ڪار هئي؟ پرينءَ جو ڀسرڻ ته هارڻ هو ٿي ڪين، جنهن جي ڪمل قدمن ۾ سالن جا سال گهاريم. جنهن ڪيئن نه ڀيار قرب جون ڀيالئون ڀيئاريون، سو ته هن جهان مان هليو ويو. پر پنيان ڇڏي ويو پنهنجون انيڪ مٺيون ياد گيريون ۽ پنهنجون اڪيچار سنڌر سکيائون. پيار قرب وچان ڪيڏا نه ساٽس انگل آرا ڪيم. اکيان ۽ من مستيءَ وچان ڪيئن نه سنڌس آڳيا جو النگهن ڪيم. ٿپ ٿپ تي سنڌس ياد ايري رهي هئي، پل پل سنڌس منا وچن ڪنن ۾ گونجي رهيا هئا. زندگيءَ جي راهه جي هر قدم تي سنڌس ڳالهيون ۽ سنڌس نراليون چاليون پي اکين اڳيان ڦريون. هڪ ڏينهن ڇا ٿيو؟ ٻمبئيءَ جي هڪ ڀاڳ ٻوني ۾ ميران ٻوميءَ ۾ اچي هڪ ڀيرڻ کي ڇيو ته مان چاهيان ٿو ته جيڪر دادا واسوانيءَ جي جيون ڪهاڻي انگريزيءَ ۾ لکي وڃي. ان شڀ ڪار ۾ مان ڪجهه پئسا ڀرڻ ڏيندس. چونه اهو ڪم جلد شروع ڪيو وڃي. نهاٽا ڇو هن ڀيرڻ اهو ٻڌي ڇيو ته اهو ڪم جي ڪير ڪندو ته .... نيٺ اها ڳالهه مهنجي ڏيان تي آئي ۽ وري اوڏيءَ مهل اندو اندر مان هي آواز، تون اهو ڪم ڪر! تون اهو ڪم ڪر!

گرنائيءَ ڪيو آهي. پنهنجي محنت ۾ هن محبت پڻ اوتي آهي، ڇو ته مٺڙي دادا لاءِ ڪيس نه صرف پيار قرب آهي، پر شردا ۽ صدق پڻ. جنهن وقت به مان سندس وقت وٺان، هو هر دم حاضر. ههڙو ڏکيو ڪم جيڪر ڪير مشڪل ڪري، ههڙو ساٿ جيڪر ڪير مشڪل ڏئي! ڊاڪٽر لعل ٿيرجواڻ ۽ صبر وارو آهي، تڏهن ته هيڏي جبل جيڏي ڪم ۾ پورن ساٿ ڏنو اٿائين. اکر ڪين اٿم جن سان سندس مهربانيون مڃيان. پر ته دل ئي دل ۾ سندس شڪرگذاري ڪندي رهان. هو ته اهو به نٿو چاهي ته هي هڪ به اکر سندس باري ۾ لکان. پر جي مان ائين نه ڪنديس ته پاڻ کي سدائين ڏوهارڻ پيئي سمجهنديس. تنهن ڪان ڇو نه هڪوار سندس نالو ظاهر ڪري مان اصل لاءِ پنهنجي دل جو بوجو هلڪو ڪريان.

جڳ ۾ جادوگرن جي ڪمي ڪين آهي. پر ڪو ورلو جوڳي جادوگر هجي. سچو جوڳي جادوگر سو، جو آسان تي روحاني رنگ چاڙهي. اسانکي نوجيون جي بخشش ڏئي. شل "جوڳي جادوگر" جو جادو اوهان مان ڪن کي لڳي ۽ اوهان کي نئون ڪري! شل اوهان جي صدقي مون تي به اهڙي آسيس ٿئي ته نوجيون جو دان مونکي به ملي ۽ منهنجي جيون به نئين ٿئي. شل نه وساريون هيءَ ڳالهه ته ان جي جيون نئين ٿئي ٿي، جو شرڻ وٺي ٿو ڪنهن نه ڪنهن ست پرک جي. تڏهن ته شري ڪرشن چوي ٿو:

"ڌرمن سڀن جو ڪري تياڳ، ارجن، تون ته منهنجي شرڻ آءُ
نه ڪر شوڪ! پاپن جا بندن آءٌ ٽوڙ ڇڏيندس، اچي مڪتي پاءِ!"

هري. ٻي. واسواڻي

ساڌو واسواڻي مشن،
پونا - ۴۱۱۰۰۱،
۱۹۸۰-۱۰-۲۰

اُن کان پوءِ فرصت جي وقت مان ٻيئي ڪجهه نه ڪجهه لکندي هئس ۽ ڪاغذ ڪارا ڪندي هيس. اُن وندر ۾ وقت گذرندو ويو، تانجو اچي سهڙيو سنه ١٩٨٠ع، دادا جي جنم شتابديءَ جو سال. البت اهو سال ته ٢٥ نومبر ١٩٧٩ع کان وٺي شروع ٿيو هو. اسان مان گهڻن کي ته هن سال لاءِ نماڻا نهڻ ڪٽي ٻئي نهاريو. سنه ١٩٨٠ع سهڙيو ۽ هيئنئر ته ٿوري وقت ۾ موڪلائڻ تي به آهي. جنم شتابديءَ کي ته ڪيترن آهندن تي اتساهه سان ملهائڻ پيئي وڃي. جڻ ته هڪ يگيه شروع ٿي ويو آهي، جنهن ۾ هڪ هڪ پنهنجي آهوتي پيو وجهي. مون به اُچت سمجهيو ته مان به پنهنجي آهوتي هوَن ۾ ڪن ڪتابن جي روپ ۾ وجهان. اُن ويچار کان ٻه ڪتاب منتري دادا جي شڀ جنم ڏن تي سڀاڳي ٢٥ نومبر نڪرندا. انگريزيءَ واري وڏي ڪتاب، کي ڪجهه ننڍو ڪري ڇپايو ٿو وڃي. ان ويچار کان ته جنکي وقت ڏيڻ آهي، سي سولائيءَ سان پڙهي سگهن. سو "A Saint of Modern India" جو abridged version ڇاپو ڇپجي پيو ۽ جلد ئي ظاهر ٿيندو. ٻيو به ڪتاب، ننڍڙو ڪتاب انگريزيءَ ۾ منتري دادا جي آسيس سان سنڌس جنم ڏن تي ظاهر ٿيندو ۽ امر چتر ڪٿا جي روپ ۾. انجو نالو "ساڌو واسواڻي" رکيو ويو آهي.

ويچار آيو ته جيڪر پنهنجي سنڌي ڀينرن ۽ ڀائرن لاءِ پڻ هن جنم شتابديءَ سال ۾ ڪجهه ڪجي. سو قلم کڻي ويٺس ۽ ڇهن مهنن جي محنت ڪرڻ سان جوڙي جاڙ وڏو ڪتاب اوهانکي هٿن ۾ ملي ٿو. ڪتاب جو اصلوڪو روپ ٻيو هو. پڇيل اوزار جي ڀاشا ڀلا پڇل نه ٿيندي ته ٻيو ڇا؟ منهنجي ٻولي ٻاراڻي، منهنجي لکڻ جو رنگ ٻي رنگ نرالو، منهنجي سنڌي Vocabulary ٻاڪال گهٽ آهي. ڪو ڪهندو هو جو منهنجي محنت مٿان وري محنت ڪري، ان کي چڱيءَ طرح ناهي نکي ان کي نرالو روپ رنگ ڏئي. اهو ڪم منهنجي ڀاءُ ڊاڪٽر لعل

ٻول ۽ سيتل ڌارا سمان آهي، جنهنجي پريم پوروڪ پاٺ ڪرڻ سان شرڌا جو تڪ ۽ ٽپت ۽ من جو ميل ۽ مونجهه نڪال اَلوپ ٿي ويندا. جيئن ٽوٻي ڪي گنگا ساگر جي اُونهائيءَ ۾ ٽٻيون ڏيندي، ڪئين ملهائتا موتي ۽ مائڪ ملن ٿا، تيئن هن اَموُلي رتناڪر روُپي پوٿي پستڪ جي اَڀياس ڪرڻ سان اَنگنت اَنمول، آتمڪ موتي ۽ لعل رتن لڀندا، جي پاٺڪن جي جيون کي مالامال ۽ سکي ڪندا.

هن مهان پستڪ ”جوڳي جادوُگر“ جو نامڪرڻ دادا پرم پوڄيه پيارو دادا جشن سوَيم پاڻ آهي!

اُوهانجي ڪرپا جو اَڀلاشي:
لعل پريمچند گرناڻي

هارموني بلڊنگ،
پدمجي پارڪ،
پوني - ۴۱۱۰۰۲.

سهيوگيءَ جا ٻه ٻول ......

آدرڻيه ڀڳني هري ديويءَ جو مان ڪهڙن شبدن سان آڀار مڃان، جنهن ڪيڏي نه ڪرپا ڪري مون جهڙي هڪ سادارڻ بندي کي هن اَمولڪ پستڪ لکڻ ۾ سهيوگ ڏيڻ جو سؤڀاڳيه پردان ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهڙي پريرڻا کيس پرم پوڄنيه پياري دادا واسواڻيءَ وٽان ئي مليل هجي! جي واستو ۾ ائين آهي ته مان لِينتا ۽ دِينتا سان پياري دادا جي پنڪج پادن ۾ پنهنجو مستڪ نوائي، وارون وار نمسڪار ڪري سندس هاردڪ ڌنيواد مڃان ٿو.

آرنڀ ۾ جڏهن پوڄ هري ديويءَ، پياري ”دادا واسواڻيءَ جي انوکي ڪهاڻي“ لکي، مون کي انجي امر ڪٿا ۽ سندر رٿا کان پريچت ڪيو، تڏهن مون پاڻ کي پياري دادا جي اَڏڪ نڪٽ انڀو ڪيو؛ ۽ جيئن جيئن سنڌي ڀاشا جو يوگدان ڏيندي، پرڪرڻ پنيان پرڪرڻ جي سوندريه جو پرڪاش ٿي مليم، تيئن تيئن پنهنجي انتر آتما ۾ هڪ انوکي آنند ۽ پرشانتتا جو انڀو ب ٿي ٿيم. ائين پئي محسوس ڪيم، ڄڻ ته پياري دادا جي وچتر جيون انڀيه ۾ مان به ساڻس گڏ سک ۾ سک جو ۽ دک ۾ دک جو انڀيترو ڪري رهيو آهيان. نه ڪيول ايترو پر اٿندي وهندي، کائيندي پيئندي، ڪم ڪار ڪندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سپني ۾ پڻ، پياري دادا جو اکٽ نرمل پيار، شڪتي ۽ جوتي پئي پاتم. پوءِ ڪيئن نه چوان ته پيارو دادا نسنديه هڪ مهان ”جوڳي جادوگر“ آهي!

پوڄنيه دادي هري ديويءَ جي پريما ڀڳتيءَ ۽ پريشرم جو پرتاپ، هيءُ سندر پستڪ ”جوڳي جادوگر“، گنگا ميٽا جي

پنهنجو پاڻ سڃاڻو! توهين الاهي نور آهيو. نُوريءَ جهڙا نماڻا ٿيو، ته الاهي نور توهانجي جيون ۾ چمڪندو، جيئن چمڪيو ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ۾ ۽ اڄا پيو چمڪي. سديوَ پيو چمڪندو سندس نُوري واڻي، ”نُوري گرنٿ“ مان، جيئن سري گرو نانڪ جو پيو چمڪي ”سري گرو گرنٿ صاحب“ مان.

جاڳي، ڇا ڪريو؟ ساڌو واسواڻي سمجهايو ٻن اکرن ۾: ”سمرن ۽ سيوا.“ ايشور سمرن ۽ سندس سرشٽيءَ جي سيوا، منشن جي، پسن جي، پکين جي سڀني جي سيوا! ڇو ته سڀني ۾ اُتؤ سو سوامي، ان جي اِڪ اُي جوتي. جاڳو ان درشن ۾! ان پيار ۾!

ساڌو واسواڻي هو پيار جو ساگر، سري ڪرشن وانگر. هن پنهنجي جيون ناهي هڪ مرليءَ جيان، جا پاڻ کي خالي رکي ٿي، جئن شيام سندر ان دوارا وڄائي، انهد گيت! ساڌو واسواڻي پنهنجي جيون اهم کان خالي رکي، پاڻ کي نماڻو رکيو نُوريءَ وانگر، ۽ پنهنجو تخلص به انڪري رکيو ”نُوري“. سندس جيون رهي پسي پنجر، پونجيءَ جي موه کان خالي، نام، نشان، مان، شان، وڏائي، مرتبي، عزت ۽ ادمبر کان آجي، انڪري ايشور انجي جيون دوارا پرڪاش ڪئي پنهنجي ادِيت جوتي، جا اڄا پيئي چمڪي. جڏهن اسين پيا هاڻ ملهايون، پوجيه دادا ساڌو واسواڻي جي جنم شتابدي ۽ جا آئينده به سديوَ پيئي چمڪندي. ڇو ته جي سندس، اُي ڪم آندل اکرن ۾ ڪٿي دهرائجي ته "The empty alone are filled" ۽

”مرٽا اڳي جي مٺا، سي مري نه ٿيا مات
هوندا سي حيات، جن هوت وساريو ڪينڪي.“

اهڙي سد پرش جي جيون ڪٿا، سنڌيءَ ۾، پوجيه ساڌو واسواڻي جي جنم شتابدي سال جي دوران اندر، قلم بند ڪري، پياري ڀيڻ دادي هري واسواڻي، لاشڪ لکن جي سنڌي جنتا، جا نه فقط ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وکريل پکڙيل آهي، پر دنيا

مهاڳ

جوڳي جادوگر

جوڳي يا يوگي سو، جو آتما کي پرماتما سان ملائي، جيئن پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي پڻ ڪيو. اهڙو جيو جاڳي، خود ٻُڌُ ٿو بڻجي ۽ ٻين کي ٻُڌُ بڻجڻ جي راهه ٿو ڏيکاري. اهڙو جيو آهي جادوگر، جو جيو مان ٻُڌُ ٿو بڻائي، منش کي جاڳائي مالڪ ٿو ٺاهي ۽ پرش کي پرشوتم. اهڙو عجيب انسان هو اسانجو پيارو دادا ساڌو واسواڻي، جنهن جي جيون ڪٿا قلمبند ڪئي آهي هن وڏمُلهه پستڪ "جوڳي جادوگر" ۾، اسانجي ڀيڻ دادي هري پهلاجراءِ واسواڻيءَ. ڇو نه ساڌو واسواڻي، سچ نه هو "جوڳي جادوگر"، جنهن پنهنجي ساري جيون ۾ جوڳ ڀڄائي، تپ ڪري، جادوگري حاصل ڪئي، جا جادوگري هئي هڪ اَدڀت شڪتي، جا هرهڪ جيوَ آتما کي جاڳائي، پرماتما جو نه فقط درشن ٿي ڪرائي سگهي، جيئن ڪرايو هو سري رامڪرشن پرمهنس سوامي وويڪانند کي، پر ان کان پڻ سندس سچو سروپ سڃاڻائي، ان کي پرماتما سان ملائي هڪ ڪري ٿي ڇڏي.

"ڀيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ
نه ڏکو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، جان سسئيءَ تان سور هئا" (شاهه)

ساڌو واسواڻيءَ جي ساري جيون ڪٿا جو سار ۽ سکيا هئي هنن اکرن ۾:

"اکيان کول، تماشا ويکين! صاحب صورت ساري هئي؛
ايتي اوتي اوهي دلبر، چوطرف چوڌاري هئي."

انڪري پوڄيه ۽ پيارو دادا ساڌو واسواڻي پنهنجو سنيهو ڏيندو هو هڪ ٿي اکر ۾: "جاڳو! جاڳو! جاڳو!" انجو مطلب،

نه رڳو واجب پر ضروري پڻ آهن، ڇو ته هوءَ نه فقط ساڌو واسواڻي جي مرلي ڀاءُ پهلاجراءِ، جنهن کي هو دادا چوندو هو ۽ جنهن لاءِ هنکي ازحد عزت هئي، ۽ جو پڻ هڪ تعليمدان Educationist ۽ ايشور ڀڳت هو، انجي سپتري آهي، جنهن دادا جشن واسواڻي هنجو سپترو آهي، پر ان کان به وڌيڪ جا مکيه ڳالهه آهي سا هيءَ ته هوءَ پڻ، پنهنجي ڀاءُ دادا جشن واسواڻيءَ وانگر، ساڌو واسواڻيءَ جي سچي ڀڳتياڻي آهي؛ ۽ انکري هنکي نه رڳو دادا ساڌو واسواڻي جي جيون جي جاڻ پڇاڻ هڪ ڀائيٽيءَ هئڻ جي ناتي آهي، مگر اها جاڻ پڇاڻ، وڌيڪ اونهي ۽ گهري آهي، سندس هڪ اپاسڪا ۽ ساڌڪا هئڻ جي ناتي؛ ۽ انکري هوءَ پياري دادا ساڌو واسواڻي جي جيون ڪٿا پڙهندڙن لاءِ سچي سِڪ، شرڌا ۽ پريم پوري پڇاڻ سان، هن دلپسند پستڪ ۾ پيش ڪري سگهي آهي.

صدق سان گڏ، ڪيس پوڄيه ساڌو واسواڻي جي مهر سان، ايشور لکڻ جي ذات ۽ پڻ سٺي ڳالهائڻ جي شڪتي به بخشي آهي. سندس خيالن ۾ اُڏام ۽ لکڻ ۾ لرزش ۽ لهر آهي ۽ پڻ مٺي ailiteration، جا پڙهندڙ کي لس پڙهڻ جو آنند ڏئي ٿي. ڏاڍي هريءَ جي لکڻيءَ ۾، جهرجهر ڪري وهندڙ جهرڻي جي عجيب الوڪ رواني آهي، جا پاڻ کي ضرور هن پستڪ پڙهندي محسوس ٿيندي ۽ دل من کي راحت ڏيندي، جيئن ڏيندي هن پستڪ ۾ ڦهليل پياري دادا ساڌو واسواڻي جي آدرش جيون جي سڳنڌ ۽ روشني!

هن اُملهه پستڪ جو مهاڳ، پوڄيه پياري دادا ساڌو واسواڻي جي جنم شتابديءَ سال جي پوتر موقعي تي لکندي، مونکي ازحد خوشي آهي. ڇو ته ان کي لکندي، مونکي سو ڀاڳيه پراپت ٿيو آهي وري پوڄيه پياري دادا جي جيون ڪٿا جي روشنيءَ ۾

جي گهڻن ڏيسن ۾ به پکڙيل آهي، ان جي جس جي ڀاڱي ٿي آهي ۽ اهڙو پورو ڪاريه ڪري پاڻ کي ۽ انهن سڀني کي ڪرتارٿ ڪرڻ جو باعث بڻي آهي، جنهن لاءِ ڪيس واڌايون ڏيڻ واجب آهن.

شل هن پستڪ "جوڳي جادوگر" جي ڏوارا، پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ڪٿا جي انوکي ڪهاڻي، جنهن سندس جيون جا تلخ ۽ مٺا، اَدڀت ۽ عجيب، دل ڌڏائيندڙ ۽ من ڀلائيندڙ آزمودا ۽ سندس پريمي دل جون ڀاوناڻون ۽ اوچ اڏامندڙ من جون آشائون، مٺي ۽ سندر ڀاشا ۾، وڻندڙ نموني، نزاڪت سان، شرڌا ۽ پريم سان، پروتل آهن، جئن داڻا پروتل هوندا آهن مالها ۾، گهڻني سنڌي دلين تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي، انهن کي ايشور اڳ سنمک ڪري، سندن جيون ۾ اها جوت جڳائي، جنهن جو پرتکيه پرماڻ رهيو آهي سنڌ هند جو لاڏلو ساڌو واسواڻي، جنهن سوامي ووڪانند وانگر روشن ڪيو، ساري دنيا ۾، نالو ڀارت ڀومي جي رشين جو ۽ ڀارت جي اوچ سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو، جنهن جو مول منتر رهيو آهي "Uinty in Diversity" "انيڪتا ۾ ايڪتا." "The One in Everyone"، جنهنجي ساکي ڏني سوامي ووڪانند، مهاتما گانڌي ۽ ساڌو واسواڻي پنهنجي جيون ۾ ۽ جنهنجو درشن ڪرايو آهي ڀيڻ هري ديويءَ، ساڌو واسواڻيءَ جي هن جيون ڪٿا "جوڳي جادوگر" ۾.

ان ۾ شڪ ناهي ته ڀيڻ هري ديويءَ جو هي پستڪ سنڌي ساهت ۾ پنهنجي جوڳي جڳهه والاريندو ۽ سنڌين جي گهرن جي نه رڳو شوڀا وڌائيندو، مگر سندن دلين کي ڀڻ پريم جي ۽ سيوا جي سڳنڌ سان پورڻ ڪندو. ڇو ته اهي ٻئي پياري دادا ساڌو واسواڻي جي جيون جي امر جوت هئا: پريم ۽ سيوا!

ليکڪا ڀيڻ دادي هري واسواڻيءَ بابت هت ٻه اکر لکڻ

آهن، پهچي. هر سنڌيءَ جي دل ڇهي، هر سنڌيءَ جي من کي سجاڳ ڪري ۽ سيني ۾ جوت جڳائي پريم ۽ سيوا جي، جن جي ساڌو واسواڻي جي جيون اديت ساکي ڏني. اهائي آهي هن داس جي پرارٿنا ۽ دادي هري ديويءَ، هن پستڪ جي رچيندڙ جي دلي منشا. شل ايشور اڳيان قبول پوي.

پيگل، پنل دل جي پرارٿنا، اي ايشور،
تون ئي قبول ڪر، تون ئي قبول ڪر!

ڪي. اين. واسواڻي
11 نومبر 1980

59/B-1، مالويه نگر،
نيو دهلي – 110017.
(Phone : 669015)

رهڻ جو ۽ انهيءَ سڳنڌ سان ٻارڻ کي معطر ڪرڻ جو، سندس آدرشن جي اونهائيءَ ۾ ٽٻي ڏيڻ جو. منهنجي جيون ۾ هن آتمڪ پتا جي جڳهه والاري آهي ۽ سڌيو مونکي هڪ آدرشي جيو رهڻ جي پريرنا ڏني آهي.

دل ۾ آرزو هيم ته جنم شتابديءَ جي سال اندر ڪجهه ٽيج ڀيٽ پياري دادا اڳيان پيش ڪريان. ڏياريءَ جي شڀ موقعي تي، ٧ نومبر دهليءَ ۾، جڏهن پياري ٻاءُ جشن ڪيو، پياري دادل جي جنم شتابديءَ لاءِ خاص لکيل پنهنجو پستڪ Three Messengers of Love: (Swami Vivekananda, Mahatma Gandhi, Sadhu Vaswani) پيش ڪيم ته چالاڪيءَ سان لڳائي چيائين ته واسوانيءَ، تو مونکي سڀ کان سٺي ڏياريءَ جي سوغات The Best Diwali Gift ڏني آهي ۽ موٽ ۾ مرڪي، پرساد طور ڏياريءَ جي مٺائي ڪري پيار سان هٿ ۾ پڪڙايائين.

پوڄيه پياري دادل ساڌو واسوانيءَ کي مونکي، سندس جنم شتابديءَ جي سال ۾، ٻي به ڏياريءَ جي مٺائي موڪلڻ منظور ٿيئي، جو ته ساڳئي وقت هٿ ۾ مليم، پيار ڀريئي پيغام سان، دادي هريءَ ونان، ۽ ڊاڪٽر گرناڻي ۽ پڻ ٻارونئي مورجاڻيءَ دوارا، کي سو ڇپيل صفحا، ان لاءِ ته، مهاڳ لکان هن دادل شاه جي جيون ڪٿا جي پستڪ جو، جو دادي هريءَ رچيو آهي ۽ ڀيٽ ڪري رهي آهي پياري دادل ساڌو واسوانيءَ جي پوتر چرڻن ۾ ۽ لکن جي سنڌي جنتا اڳيان، دادل شاه جي جنم شتابديءَ جي سال ۾، "جوڳي جادوگر" جي نام سان.

شل پوڄيه پياري دادل شاه ساڌو واسوانيءَ "جوڳي جادوگر" جي آدرش جيون جي ڪٿا جو پرلاءِ ۽ پرڀاؤ، هر سنڌيءَ گهر ۾، هند ۾، سنڌ ۾، ساري سنسار ۾، سڀ هنڌ جت سنڌي

جوڳي جادوگر

سنڌو ديش

سنڌو ديش جڏهن ڀارت ورش جي جسم جو هڪ جزو هو، تڏهن ڏور ڏور کري سنتن ۽ ست پرشن، صوفين ۽ درويشن پڻ اُن ۾ جنم ورتو ۽ اُن پنهنجي ڀُوميءَ تي پنهنجا پوتر پيرا گهمائي اُن کي پاون ڪيو. اهڙيءَ سنڌڙيءَ، جيءَ جنڊڙيءَ جي مٽيءَ ۾ برابر مان لڌو.

پر سچ ۾ پاڇا آهي. اٽڪل هڪ سؤ سال اڳ، جنهن سمي کان اسانجي انوکي ڪهاڻي آرنڀ ٿئي ٿي، تنهن وقت حيدرآباد جا نگرواسي، سنتن ۽ درويشن جون اُچ سکيائون وسري ۾ وساري، پريوءَ کان منهن موڙي، دنيا سان پريت لڳائي، غفلت ۾ غلطان ٿي رهيا هئا. نگر مٿان ڄڻ ته اونده انڌڪار جو پردو ڇانئجي ويو هو. اهو درشيه ڏسي، ڀڳتن ۽ پريمين جي هرديه مان پڪارون اُٿڻ لڳيون ۽ هو ايشور در آراڌنائون ڪرڻ لڳا ته هي پريو! هاڻ جلد ڪو جادو لڳاءِ ۽ پنهنجي شڪتيءَ کي هن ڀُوميءَ تي پرگهٽ ڪر، جا اچي اسانکي اونده انڌڪار مان ڪڍي جوتيءَ ۾ آڻي، اسٿيه مان ڪڍي ستيه جي مارگ تي آڻي، ۽ اڌرم ۽ اوشواس جي جيون مان ڪڍي اسانکي سچي ڌرم، شرڌا ۽ ڀڳتيءَ جو مارگ درشن ڏيکاري.

تہ جئن پل هڪ مهنو اڳ ئي اچي سنسار ۾ پنهنجا ڏويہ ڪاريہ ڪريان.

”تنهنجي رحم جا ڪم آهن تڪڙا تڪڙا.“
[دادا]

رسم موجب ڇهين ڏينهن برهمڻ، ٻالڪ جي ڇٺي ناهي، اچي گهر ۾ واچي ۽ مائٽن کي خوشخبري ٻڌائي، تہ سندن ڌنيہ ڀاڳہ آهن جو سندن گهر ۾ ههڙي ٻالڪ جنم ورتو آهي، جو سمي پائي ڪُل، جاتيءَ ۽ جڳ کي تاريندو.

نالو

ٻالڪ جو نالو رکيو ويو **تانور**. تانور جي معنيٰ آهي اُسٿر، ۽ هيءُ ٻالڪ وڏي هوندي تڪليفن، طوفانن، لوڏن ۽ لهرن مان لنگهندي بہ بلڪل اُسٿر ۽ درڍ رهيو.

ماتا ۽ پتا، ٻالڪ کي وري وري پئي چوچ مان چميو، ۽ هنج ۾ کڻي سندس چندرمکي، منڙي مکڙي ڏانهن، ممتا ڀريل نيڻن سان نهاري پئي نهاريو ۽ هرش ۽ اُلهاس وچان، پئي لاڏ مان لوليون ڏنيون. اوڙي پاڙي جون سکيون ۽ ساهيڙيون بہ ههڙي سندر ۽ من موهڪ ٻالڪ جو درشن ڪرڻ لاءِ، ڏر ڏر پئي وراڻ ديويءَ جي در تي آيون ۽ اچي پئي لعل کي هنج جي هندوري ۾ جهولا پائون. ڀلا ڇو نہ سڀ سهج ڪن! هيءُ ٻالڪ فلڪ جو فرشتو جو هو!

اِشنان

ٻالڪ اَج ننڍو، سيان وڏو. جڏهن ٿورو ئي وڏو ٿيو تہ اَمي کيس موريو ڏيئي چوندي هئي تہ ٻچا، ٻاهر گهٽيءَ ۾ نل اَٿيئي، اُتان اِشنان بہ ڪري اَچ ۽ موريو بہ ڀريندو اَچ. تن ڏينهن، حيدرآباد جي گهرن ۾ نل ڪين هوندا هئا، ۽ مرد ۽ ڇوڪرا ٻاهر نل تي وڃي اِشنان پاڻي ڪندا هئا، جت صبح ۽ شام ڇڳي ڀيڙ

اَوتار ڌارڻ

پرڀو پنهنجي ڀڳتن جي ڀڪل هرديه جي پياس پڪار اُوش اوناڻي ٿو.

سڪ سچيءَ جي سڻي سنار،
آيو پريم ڀيرا ڀري اَوتار.
پياسي دلين جي پڪار اوناڻي،
پڌاريو پوشاڪ اِنساني پائي.
جوت ڌام مان نُوري ڌارا آئي،
مانڪ جيون موري ڪرڻ سجائي.

تاريخ ٢٥ نومبر ١٨٧٩ع، ڪارتڪ ماس جي پوتر ايڪادشيءَ جي اَمرت ويلي، جڳت جي ناٿ پاڻ، پنهنجي جوتي ڌام مان پرٿويءَ تي لهي، اَچي حيدرآباد جي سوڙهيءَ دلوائيءَ گهٽيءَ جي هڪ ننڍڙي نماڻي مٽيءَ جي مڪان ۾، شري ليلارام واسوائيءَ ۽ ماتا وراڻ ديويءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. اُن ويل سنت، فقير، جوڳي ۽ جگياسوُ جاڳي، سلطاني سهاڳ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سرت، شبد ۾ چاڙهيندا آهن. نيڪ اَهڙي سندر سمي، هيءُ اَلک ڌام مان آيل ٻالڪ هن پرٿويءَ تي پڌاريو! هي ٻالڪ نه هو، هڪ آتش جو روُح، جو آيو هو دلين ۾ ديا جا ڏيئا ٻارڻ ۽ پياسي آتمائن کي پيار جو اَمرت جل پيارڻ!

اَلوڪڪ ٻالڪ

ماتا پتا ههڙي سندر ۽ تيجسوي ٻالڪ کي پائي ڏاڍو گدگد ٿيا. سندس گورو گورو گلابي بدن، اَلوڪڪ جوت جي پرڪاش ۾ چمڪندڙ نيتر، ريشمي جهڙا سونهري وار، مک تي مند مند منوهر مشڪان ۽ ڪملن سمان ننڍڙا ننڍڙا هٿ ۽ پير ڏسي، سڀني جون دليون بهار ٿي ويون.

ٻر هي ٻالڪ هو اَنوکو، جو اُنهن مهني اَچي جنم ورتائين

کي سندس سڳو پاڻ هو. ڪهاڻي ٻڌندي هو پنهنجي ڪلپنائن ۾ جڻ ته راجڪمار ڌروءَ سان گڏ وڃي تپوبن ۾ پهتو ۽ ساڻس گڏ جي "ٻج من نارايڻ" جو جاپ ڪرڻ لڳو؛ ۽ جڏهن ڌروُ ڀڳت وڃي تارو بڻيو، تڏهن هو پاڻ به ڪلپنا ۾، وشال گگن ۾ وڃي ساڻس سهڙيو. ڪهاڻي سماپت ٿي ته امڙ آسيس طور چيس:- "پٽ! شل تون به ڌروُ ڀڳت جيان ٿين ۽ نام ڳائين! شل تون به ڌروُ تاري جيان ٿين ۽ سديو سندس جيان چمڪين ۽ جوت جو پرڪاش ڦهلائين!"

پرارٿنا جو پرتاب

هڪ شام جو ٻالڪ، ايڪانت جي سنگ ۾ مٽي ڪڏ تي ويٺو هو ته سندس امڙ به اچي اُتي سهڙي ۽ ٻنهي گڏجي ويهي پاڻ ۾ مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪيون. ڳالهين ڪندي امڙ کيس چيو ته "پٽ! منهنجي هڪ مائٽ جي نوڪري هلي وئي آهي. ويچارو ٻچڙيوال، هاڻ ڪيئن هلندو، ڪيئن کائيندو پيئندو؟ ننڍڙن ننڍڙن ٻارڙن جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ مونکي ته مٿن ڏاڍو قياس پيو اچي." ٻالڪ جي دل ڏاڍي ڪومل هئي، تنهن ماءُ کان پڇيو ته "امڙ، ڀلا گهڻو پگهار هوس؟" ماڻس وراڻيو ته "بس، اهي چاليهارو کن رپيا ماهوار."

امڙ ته پنهنجي ڪرت ڪار لاءِ هيٺ هلي وئي. پر ٻالڪ جي ڪومل دل ۾ جڻ ته ديا جو درياهه اٿلي پيو! اکيون ڀُري ايشور جي چرنن ۾ پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته "هي پربو! تون ته ديالو آهين! چو ڪين تو هن غريب کي وري جلد ڪا نوڪري وٺي ڏين!" ۽ هاڻ روز صبح ۽ شام، ايشور در اها آراڌنا ڪرڻ لڳو. کيس پيو ڪجهه به منو نه ٿي لڳو. اٺين پورا ست ڏينهن هن نرمل ٻالڪ جي هردي جي پڪار پربوءَ وٽ پهچندي رهي. ٺيڪ اٺين ڏينهن نماشام جو جيئن هو ڪڏ تي اها پرارٿنا ڪري رهيو

لڳي پيئي هوندي هئي. پر جڏهن هيءُ منڍڙو، سهڻو ۽ سانتيڪو ٻالڪ، موريو ڪٺي نل تي ايندو هو، تڏهن نــ جاڻان ڪيئن سيئي پنهنجو وارو هنڪي ڏيئي، سندس آسپس ونندا هئا.

سانت لاءِ پيار

ٻالڪ جيئن اُسرڻ لڳو، تيئن کيس سانت لاءِ پيار وڌندو ويو. ڪيترا دفعا اِسڪول مان موٽي، گراهي ٻه کائي، سڌو هليو ويندو هو ڊچتيءَ يا ڪنڌ تي، جت تاريڪيءَ ۾ پيو ستارن ۽ چندرما ســان سانت ۾، گپت ڀاشا ۾ ڳالهيون ڪندو هو! اَميءَ جڏهن کيس هيٺ گهر ۾ نہ ڏسندي هئي، تہ سمجهي ويندي هئي تہ ٻالڪ ڪٿي هوندو.

هڪ نماشام جو آڪاش ۾ اَچا هڪ نئي تارو پئي ٽمڪيو. اَمي ٻہ ڇو نہ ڪڏ تي وڃي ۽ ڏسي تہ ٻالڪ اُن تاري ڏانهن نماڻا نيڻ ڪٽي پيو نهاري، پاڻ تہ ساڻس منيون منيون رهاڻيون پيو ڪري. اَميءَ ٻاٻوہ مان سندس مٿي تي هٿڙو گهمائي چيو تہ ـ ٻالڪ! اِن تاري کي ڌرو تارو ڪري چوندا آهن. اِهو ڌرو اَول نو جيان هڪ ٻالڪ هو ۽ پوءِ هيءُ تارو بڻيو.

ٻالڪ عجب ۾ پئجي پڇيو:- ”سو وري ڪيئن! پوءِ تہ مان ٻہ تارو بڻجي سگهان ٿــو؟“ اَميءَ وراڻيو:- ”ڇو ڪين! پر پٽ! مان تہ سمجهندي آهيان تہ تون چندرما بڻبين ۽ وشو کي سيتل روشني ڏيندين. اَڄ تہ توکي ڌرو تاري جــي ڪهاڻي ٻڌايان.“

ڪهاڻي تہ هڪ هڪ ٻار کي ٻڌڻ وڻندي آهي. ڪهاڻي گهڻو ڪري هيئن شروع ٿيندي آهي:- هڪڙو هو راجا، هڪڙي هئي راڻي ۽ هڪڙو هو راجڪمار يا راجڪماري. بس، پوءِ تہ ـ ٻالڪ ۽ ٻالڪي پاڻ کي اهو راجڪمار يا راجڪماري سمجهندا آهن. پر هيءَ ڪهاڻي نرالي هئي. راجڪمار ڌرو نيٺ تارو بڻجي ٻيو ۽ هن ٻالڪ واسواڻيءَ اِئين پئي محسوس ڪيو تہ ڌرو تارو

وات ويندي ويندي، وڏيءَ اَنُوسار، ٻالڪ جي نظر وڃي اُن ڪاسائيءَ جي دڪان تي، ٻڪريءَ جي گوشت جي لٽڪيل رت ٻُڏل ٽڪرن تي پيئي، جن مان ڪن کي اِهو ڪاسائي هڪ وڏي ڪپ سان، ڪاٺ جي ڇونڪي تي ڳُترا ڳُترا ڪري رهيو هو. اِها دردناڪ روبڪار ڏسي هن ٻالڪ جي ڪومل دل کي وڏو ڌڪو رسيو. ڏک ۽ درد وچان، ڦوٽڙي هٿ ۾ جهليندي، اُتي ئي دنگ رهجي بيهي ويو. سندس سنگتين کيس اِئين حيران پريشان ٿي بيهي رهندو ڏسي چيو ته ”ڀائي! اِئين بيهي ڇو رهيو آهين؟ هل نه اِسڪول ڏانهن؟“ پر ٻالڪ ٿانور اِئين ڪڇي، جهڙي پت. نيڻ ڌُونداڙڻ تي ڪانئن پڇڻ لڳو ته ”ڀائي، اهو ته ٻڌايو ته هي مئل ٻڪرا اِئين ڇو ٽنگيا پيا آهن؟ ۽ هي دڪان وارو ڪپ هٿ ۾ ڪٺي اِهي ٽڪرا ڪپي، ساهميءَ ۾ ڇو پيو توري؟“ تڏهن سندس سنگتين کلي چيس ته ”تون گهر ۾ گوشت ڪين کائيندو آهين؟ اهو هتان ته اِيندو آهي؟“ اهو ٻڌي ٻالڪ کي اَڃا ٻه وڌيڪ ڌڪو رسيو. ته ڇا، جو گوشت مان کائيندو آهيان، تنهن لاءِ گگدام ٻڪرين کي ڪهي، ڪپي، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو آهي! مون ته سمجهيو ٿي ته اهو گوشت ٻه ڀاڄين ۽ ميون جيان وڻن مان پٽي ڪٺي اِيندا هوندا! هي مان ڇا پيو ڪان؟ ”اَلا! ويچارا جيئرا جاڳندا جانور، ڪسجڻ وقت ڪيئن نه سُور ۾ ڦٿڪندا ۽ لڇندا هوندا!“ اَهڙن خيالن ۾ غلطان هو، ته سندس هڪ دوست چيس ته اَڙي، گوشت نه کائيندين ته طاقت ڪٿان ايندءِ؟ هاڻ ڇڏ اِهي خفقان، هل اِسڪول. اَجايو دير پيئي ٿئي. ٻالڪ لاچار ڦوٽڙي گهليندو اِسڪول ويو ۽ وڃي ماٺ ۾ بينچ تي ويٺو. پر سندس من پڙهڻ ۾ ڪٿي؟ سمورو وقت سندس اَندر واري پئي چيس ته ”ٿانور! ڇا تون هڙتو ڪاڌو اَڃا کائيندين؟ گگدام جانورن کي مارائي، سندن رت ٻڏل پاپ جو ڪاڌو پنهنجي شرير ۾ وجهندين؟ نه، نه! مان هينئر ئي پرتگيا ٿو

هو، تيئن سندس امي به مٿي آئي ۽ ڏاڍيءَ خوشيءَ وچان کيس چوڻ لڳي ته ”پٽ! هي ته ڪمال ٿي ويو! منهنجي هن مائٽ کي ٻي نوڪري ملي ويئي ۽ وري ڇا، جو پڳهار به پورا ڇاليهه رپيا ئي مليو اٿس!“ اهو ٻڌي ٻالڪ خوشيءَ ۾ پنهنجون اکيون پوري ايشور جا شڪرانا مڃڻ لڳو، جنهن سندس نرمل هردي جي پڪار جلد اونائي هئي.

جپ ۽ نيم

هاڻ ٻالڪ جو پرارٿنا ۾ وشواس اڃا به وڌڻ لڳو. هو چوڻ لڳو ته جي سچيءَ ڀاونا سان منڙي مالڪ کي پڪاريندو رهبو ته هو اوس اها پرارٿنا سويڪار ڪندو. سندس امي ته روز سويل صبح جو سکمني صاحب جو پاٺ ڪري، گرو نانڪ ديو جي تصوير اڳيان هٿ ٻڌي بيهي چوندي هئي ته هندو مسلم جو خير ٿئي، ۽ پوءِ تصوير تان هٿ ڦيري سيني ٻارن جي منهن تي لائيندي هئي. ٻارن کي اها نيڪ سکيا ڏيئي ڇڏي هئائين ته روز صبح جو اشنان کان پوءِ شري جپ صاحب جي پنجن پؤڙين جو پاٺ ڪري پوءِ نيرن ڪري اسڪول وڃجو. اتفاق سان ٻارن کي دير ٿي ويندي هئي ته کين پئسو خرچي ڏيئي چوندي هئي ته اسڪول ويندي ڀرپائين پنج پؤڙيون برزبان اچاريندا وڃو ۽ پوءِ رستي ۾ دال پوري وٺي کائجو. مطلب ته نيم انوسار ڀرپائين اشنان، جپ صاحب جو پاٺ ۽ پوءِ پيٽ جي پوڄا.

جيوَ ديا ۽ پرڳما

پتا ليلارام، ٻالڪ واسواڻيءَ کي ٻڪسراءِ پرائيمري اسڪول ۾ داخل ڪيو. ٻالڪ روز پنهنجي وڏي ڀاءُ ڀلاج ۽ ٻاڙي جي ٻارن سان گڏجي، چاڙهي چڙهي، اسڪول ويندو هو. واٽ تي ٻين دڪانن سان گڏ هڪ ڪاسائيءَ جو دڪان به هو. هڪ ڏينهن

پٽ کي اَهڙو ڏريل ۽ ڏکو ڏسي اَمي هڪ وار حيران ته ضرور ٿي، پر پوءِ مٺو ٿي پيس. سو چيائينس ته ”چڱو منهنجا مٺا لعل! جيئن تون چوندين، تيئن آءٌ ڪنديس.“ اهڙو انجام ٻڌي ٻالڪ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اَميءَ کي ڀاڪڙي پائي چوڻ لڳو ته اَمي، تنهنجي گهڻي مهرباني. هاڻ پل ڪاڻ لاءِ ڪجهه ٿول ڏي ته هٿ منهن ڌوئي، کائي، مٿي ڪڏ تي وڃان.

اَميءَ اَنجام ته ڏنو، پر سوچڻ لڳي ته ٻار گوشت نه کائيندو ته ڪمزور ٿي ويندو. سو ٻه ٽي ڏينهن ته برابر ڪيس داليون ۽ ڀاڄيون ٺاهي ڏنائين، پر پوءِ هڪ اَٽڪل ڪيائين، جو ڪيس روز هڪ نئين قسم جي ڀاڄي ٺاهي ڏيڻ لڳي. ٻالڪ هڪ ڏينهن پڇيس ته اَمي، هيءَ ڪهڙي نئين ڀاڄي پيئي مونکي ٺاهي کارائين؟ تنهن تي اَميءَ چيس ته پٽ، هنڪي ٻوٽي جي ڀاڄي چوندا آهن. ڪيئن، وڻيئي ٿي نه؟ کائيندو ڪج. پر ٻالڪ کي هن نئينءَ ڀاڄيءَ جي سواد مان ڪڏهن ڪڏهن شڪ به اچي پوندو هو ته اَمي مون سان ڪا ٺڳي ته ڪين ٿي ڪري؟ پر ياد پوندو هوس ته اِئين ڪيئن هوندو! اَميءَ ته مونکي وچن ڏنو آهي! پر هڪ ڏينهن ٻوٽي جي ڀاڄي کائيندي منجهائنس گوشت جو ڪنڊو نڪري آيو ۽ سمورو راز کلي پيو. ٻالڪ جي دل کي سخت صدمو پهتو ۽ ڏک ۾ پرجهي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. تڏهن سندس اَميءَ جي دل ۾ به پڇتاءُ جاڳيو ۽ پٽ کي ڳراٽڙي پائي چوڻ لڳي ته پٽ! مونکي معاف ڪج. هاڻ تو سان پڪو اَنجام ٿي ڪريان ته هن کانپوءِ توکي ڪڏهن به گوشت ڪين کارائينديس ۽ فقط ويشنو کاڌو ڏينديس. ۽ سچ پچ اُن ڏينهن کان وٺي ڪيس پورن ويشنو کاڌو ڏنو ويو. نه فقط ايترو، پر ڪجهه سمي کانپوءِ سڄو گهر ئي ويشنو ٿي پيو!

ڪوٽي راند

حيدرآباد شهر ۾ رستا ٿورا ۽ گهٽيون هونديون

ڪريان ته هن ڪانپوءِ وري ڪڏهن به هنسا جو ڪاڌو ڪين کائيندس.
جي اَمي کائڻ لاءِ زور ڪندي ته کيس هٿ ٻڌي سمجهائيندس
ته اَمي! تون ته اِئين زور نه ڪج، ۽ مونکي وچن ڏي تہ تون
مونکي ماس ڪڏهن ڪين کارائيندينءَ."

اِسڪول جو گهنڊ لڳو. ٻالڪ سنگتين سان گڏ ڇاڙهي لهي گهر موٽي رهيو هو. هونءَ سندن ڳالهيون ڏيان سان ٻڌندو هو، پر پاڻ ڳالهائيندو گهٽ ڪين هو. هينئر ته سندن ڳالهائڻ تي به ساٿن کا گفتگو ڪين ڪيائين. نيٺ دلواٽي گهٽي آئي ۽ هوُ پنهنجي گهر ۾ گهڙندي ئي ڦونڙي رکي، چپ چاپ وڃي کٽ تي ويهي رهيو. ماٽس کيس ملوُل ڏسي واڙي تي ويئي ته اَڄ منهنجي لعل کي ڇا ٿيو آهي! سو سندس مٿي تي پيار وچان هٿڙو گهمائي پڇڻ لڳي ته "چو منهنجا لعل! اَڄ نيڪ ته آهين نه! ڪلهين ڳالهائين نه ٿو! مٿي ۾ سور اَٿيئي ڇا؟" تڏهن ٻالڪ ماتا جي منهن ۾ پنهنجون اَکيون کٽي کپايون، جن ۾ دک هو، درد هو ۽ ديا هئي؛ ۽ چوڻ لڳو ته "اَمي! اَڄ تـوکي هڪ اَنجام ڏيڻو پوندو." "ڇا جو اَنجام، منهنجا گل؟"، ماٽس عجب ۾ کائنس پڇيو. تڏهن سندس ديا ڌرم جـي اَوتـار پٽ، سندس گلـي ۾ پنهنجون نميڙيون، ڪومل ٻانهون وجهي چيو ته "اَمي! اَڄ مونکي وچن ڏي ته آئينده تون مونکي گوشت يا ٻيو ڪو به هنسا جو کاڌو ڪڏهن ڪين کارائيندينءَ." ماٽس تـڏهن عجب وچان چيو ته "پٽ، جي گوشت نه کائيندين ته سگهه ڪٿان ايندءِ؟ ڪمزور ڪين ٿي ويندين؟" اِهو ٻڌي ٻالڪ وراڻيو ته "اَمي! تون به اِئين ٿي چوين! منهنجا دوست بـه ساڳي ڳالهه ٿا ڪن! پر چو؟ ڀاڄين مان سگهه ڪانه ملندي؟ ميون مان شڪتي ڪانه ملندي؟ اَناج ۽ دالين مـان پشتي ڪانه ايندي؟ بـداءَ! ايندي، ضرور ايندي. تون فقط مونکي ٻڪو اَنجام ڏي ته هـن ڪانپوءِ وري ڪڏهن به مونکي گوشت ڪين کارائيندينءَ."

تورائي ڪٽوري ۾ وجهائي، پئسا ڏيئي، ڏڌ آڻي امڙ کي اچي ڏنائين. امڙ ڏڌ ته ورتو، پر ڏٺي خالي ڏسي پڇيائينس ته ”هن ۾ ڦٽي ڪانه ورتئه؟ هيترو سمجهايو مانءِ ته مٿان ڦٽي ضرور وٺي اچج. پٽ، ڪجهه نفعي نقصان جو ويچار به ته رک نه!“ بالڪ هدايت ته سانت ۾ ٻڌي، پر دل ۾ مشڪي چيائين ته مون لاءِ نفعو نقصان آهي ايڪ سمان!

راکي رام ته ماري ڪوڻ؟

بالڪ اڃا پرائمري اسڪول ۾ هو ته سندس ماستر هڪ آرتوار ڏينهن ڪيس پنهنجي گهر گهرايو ۽ چيائينس ته ٻچا، مونکي پيڙون ڏيئي ٿوري ننڊ ته ڪراءِ. بالڪ شيوا جو ته ڪوڏيو هو، تنهن پيڙون ڏاڍي شرڌا ۽ ڀاءُ ۾ ڏنيون، جي ماستر صاحب کي اهڙو ته وڻي ويون، جو ڪيس پٺي ٺپري چيائين ته ”ٻچا! واه جو پيڙون ڏنيون اٿيئي. هاڻ هيئن ڪر، جو هر آرتوار منجهند جو مون وٽ اچي مونکي پاءُ پلڪ پيڙون ڏيئي مٺي ننڊ ڪرائج. تڏهن چوندس ته تون بيشڪ ڏاهو ٻار آهين.“ سو سائين، اسانجو پيارو بالڪ هاڻ هر آرتوار تي ماستر وٽ وڃي ڪيس پيڙون ڏيئي، مٺيون ننڊون ڪرائڻ لڳو.

هڪ آرتوار جي ڏينهن، سخت اونهاري جي ڌرتيءَ جو، نهڻ اس ۾، جڏهن ڪانءُ جي اک پئي نڪتي، تڏهن ئي ڏاهو بالڪ ماڙي ڪاڻي، پنهنجي ماستر صاحب کي مٺي ننڊ ڪرائڻ لاءِ گهران اڪيلو نڪتو. گرميءَ ڪري گهٽين ۾ سڀ پٽي واڪا ڪيا. چونه اوڏيءَ مهل پريان هڪ پٺاڻ به اچي نڪتو، جنهن ميدان خالي ڏسي، هڙڪي سندر بالڪ کي ڀڄائي، وڪڙي، ناڻو ڪمائڻ جي خيال کان، پڪڙي ڪٽي پنهنجيءَ ويڪريءَ سلوار جي اندر وڌو. بالڪ ويچارو ابهم، تنهنجي من جي ڪهڙي دشا ٿي هوندي! پر سانت ٿي سانت ۾ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته ”هي ايشور! تون هن قيد مان ڪڍي، منهنجا بند خلاص ڪر،

ھون، جن ۾ ڪسيون پڻ ھيون. شام جو اُنھن گھڙين ۾ گھوڙا پا پنھنجا ڪمڙا ڪٽي اچي ڪي ٽول وڪڻندا ھئا. اُنھن مان ھڪ گھوڙيءَ ٻارن کي لالچائي، پئسو ڪٽي، اکر پوُريءَ جي شرط لڳائي ڪين جوُئا ڪرائيندو ھو. ٻار ھاريو ته پئسو ڏيڻو پوندو ھوس، ٻر جي کٽيائين ته ھڪ پئسو ٻيو به ملندو ھوس. ھڪ ڏينھن ٻالڪ ڏانور کي ھڪ دوست اِھا ڪوڙي راند ڪرڻ لاءِ ھرڪايو. ٻالڪ پنھنجي اِھا راند ڪٽيءَ سڄا چار پئسا کٽيائين ۽ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو. ٻئي ڏينھن به دوست کيس لالچائي وري اِھا راند ڪرائي. ٻار به حرص ۾ اچي راند ڪٽيءَ سکو اُڇلايو. پر اَڄ ته مُوڙيوُئي اٺ پئسا ھارائي ويٺو! ويچاري اَبوجھه ٻالڪ جي دل ھارجي ويئي ۽ موڳي منھن سان گھوڙيءَ کي منٿ ڪري چيائين ته— پائي، ھارايل پئسا ٻن ڇئن ڏينھن ۾ توکي ڏيئي ويندس. وشواس رک. ھونءَ ته ڪي ٻار، راند ھارائي اڪثر پئسا موٽائي اُني ڪين ڏيندا ھئا، پر ھن ٻالڪ جي نمڪ اُني ڦٽي پيئي. چيائين ته مون ھي ڇا ڪيو؟ اھڙو ڪم مونکي اصل ڪرڻ ڪين گھربو ھو. ھاڻ پاڻ سان انجام ڪيائين ته اھڙي ڪوڙي راند مور ڪين ڪندس ۽ جلد ھارايل پئسا واپس ڏيئي آزاد ٿيندس. کٽيل چار پئسا ته اڳيئي ھئس، باقي روز خرچيءَ مان ھڪ ھڪ پئسو بچائي، ڇئن ڏينھن ۾ پنھنجو قرض چڪائي، مُڪت ٿيو ۽ وري ڪڏھن اھڙي ڪوڙي راند ڪين ڪيائين.

نفعو نقصان، ايڪ سمان

ھڪ ڏينھن اميءَ پئسا، ڪٽوريءَ ونڻي ڏيئي چيس ته پٽ، ڏوڏيءَ کان ڏڌ وٺي اچ. ٻالڪ کن پل لاءِ منجھي بيٺي رھيو. پوءِ اميءَ کان پڇيائين ته امي، ڪٽوري ۾ ته ڏڌ وٺي اچان، پر ونڻيءَ ۾ ڇا آڻيان؟ تنھن تي اميءَ چيس ته— ڪٽوري ۾ اڌ سير ڏڌ وٺي، پوءِ ڏوڏيءَ کي چئج ته ونڻيءَ ۾ مٿان ڦٽي به ڏي. ٻالڪ ٻنھ ڪندو اچي ڏوڏيءَ جي دڪان تي پھتو ۽ ڏوڏيءَ کان ڏڌ

هڪ شام جو ٽوم جا ڪارا ٻج گهران ڪڍي وڃي ٻنيءَ جي آليءَ زمين ۾ پوکيائين. پوءِ ته اڃي لڳس اڻ ترڻ؛ سو ڏس ته روز شام جو پڳو پينو آهي ٻنيءَ وٽ ۽ جنهن هنڌ ٻج پوکيا هئائين، اُن هنڌ ڏاڍو چتائي پيو نهاري ته ڏسان ته سلا نڪتا آهن ڪين نه. نيٺ هڪ شام جو ڇا ڏسي ته ڪي ساوا سلا اُپريا آهن، جي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. وري ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڏٺائين ته اڃيءَ ٽوم ٻه منهن ڪڍيو آهي! سو ڏاڍو گدگد ٿيو. گهر موٽندي دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳو ته مون پوکي ٽوم، ته نڪتي به ٽوم! بيشڪ جيڪي پوکبو، سوئي لڻبو. ڪڻڪ پوکي، ڪڻڪ کاءُ؛ انب پوکي، انب! اسان جي جيون به هڪ کيتي آهي. شل مان اُن ۾ پوکيان شڀ ويچار، مٺا وچن ۽ سندر ڪرمن جا ٻج.

ٻئي ڏينهن وري جيئن بالڪ ٻنيءَ وٽ آيو ته ڏٺائين ته ٽوم ڪالهه کان به وڏيل آهي. اهو ڏسي ٻاڻ کي چيائين ته مون برابر آليءَ زمين ۾، ڪرم ڪري ٻج پوکيا، پر پرڀوءَ به ته مونکي ساٿ ڏنو نه! جي هو پنهنجي ڪرپا نه ڪري ها ته ٽوم ڪيئن نڪري ها؟ ٿي سگهي ٿو ته ڪير سان کان اڳ ئي ڦٽي وڃي ها ته ٽوم نڪري ئي ڪين ها. هڪ هڪ ڳالهه جا اسين ڪريون ٿا، تنهن ۾ سڦلتا تڏهن ٿي ملي، جڏهن پرڀو پنهنجي مهر ڪري ٿو، پنهنجي ڪرپا اوتي ٿو. شل مون مٿان به سندس ڪرپا درشٽي سديو ڇمڪي!

پکين لاءِ پيار

ڪانگن ڪاڏيءَ ٻنيءَ جي ڪناري تي ڪئين ڊگها ۽ گهاٽا وڻ هوندا هئا، جن جي هرين ڀرين ٽارين تي پکي اچي وشرام پائيندا هئا، ۽ جڏهن اُمنگ ۾ ايندا هئا، تڏهن مٺا مٺا گيت به پيا لوندا هئا. بالڪ ٽانور، جنهن جو انيڙو ڪليل هو، سو پيو هر سندر چيز کي غور سان جاچيندو هو. پکين کي آلا پيندو ۽ نچندو ٽپندو ڏسي سندس هردو جي سرور ۾ به آنند ۽ اُلهاس جا اُمنگ

هن اونده مان ڪڍي، مونکي تون روشنيءَ ۾ آڻ؛ تون مونکي آزاد ڪر.”

بالڪ جو پرارٿنا ۾ پوُرن وشواس هو. روز صبح شام جو پرارٿنا ڪرڻ، سندس نت نيم هوندو هو. سو هينئر آئيءَ ويل به اُزخود سندس دل مان پرارٿنا جي پڪار نڪتي. بس، ايشور کي پڪارڻ جي دير هئي. يڪدم پناڻ کي گهٽيءَ ۾ ڪنهن واٽهروءَ جي پيرن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ اُچي دل ۾ ڌڙڪڻ پيدا ٿيس ته هاڻ ته ڦاسي پوندس. يا خدا، هي گناهه معاف ڪج ۽ هن ايندڙ واٽهروءَ کي پاءُ پلڪ ترساءِ ته مان هن بالڪ کي ترت سلوار مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيان ۽ پنهنجي جان بچايان. ۽ ٿيو به ائين. ڀڳوان ٻنهي جون پڪارون ٻڌيون. ماڻ جو وجهه وٺي پناڻ هن بالڪ کي ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر ڪڍيو ۽ کيس آزاد ڪري ائين وٺي ڀڳو، جيئن ڪاريءَ هينان ڪانءُ! هيڏانهن بالڪ به پرماتما کي پاڻ تي پرسن ڏسي سڌو پنهنجي گهر اچي ڏيڍيءَ ۾ ويهي سندس گڻ گان ڳائڻ لڳو. هوڏانهن ماستر صاحب کي منجهند جو پيٽ ڀرڻ ٻنا ننڊ آئي يا نه، تنهنجي خبر خاوند کي!

ڪرم، ڦل ۽ ڪرپا

دلواڻي گهٽيءَ کان ڪجهه پري، هڪ ٻنڊ هوندي هئي، جنهن کي ڪوٺيندا هئا ڪانگن ڪاڏي ٻنڊ. حيدرآباد ۾ خاص مينهن ڪين پوندو هو، تنهنڪري گهڻو تڻو ته هيءَ ٻنڊ سڪل رهندي هئي، باقي مينهن جي مند ۾ اها زمين آلي رهندي هئي. بالڪ ناتور وقت به وقت ان ٻنڊ جي ڪناري تي سانت ۾ وڃي ويهندو هو، جو کيس سانت ڏاڍي پياري هوندي هئي. هو ڇوڪرن جي گپ شپ واري سنگ کان اڪثر پري ڀڄندو هو. هڪ لڳا اچي ويچار ٿيس ته ٻنڊ جي آليءَ زمين ۾ ڇونه مان به ڪجهه پوکيان. ٻارن کي ڏاڍي دل ٿيندي آهي ته اسين به وڏن جيان ڪجهه هٿ جو ڪم ڪريون. سو هن بالڪ به ڇا ڪيو، جو

۽ چمڪڻ ۾ سيني کي وٺن! پر اِن سرشٽيءَ جي سونهن سوڀيا جو مُول ڪارڻ آهي سوريه ديوتا. نه فقط ايترو، پر، جو اَناج، ڦل ۽ ونسپتي وغيره اَسين ورتايون ٿا ۽ اُن مان پشٽي، شڪتي ۽ سونهن سوڀيا پراپت ڪريون ٿا، سا سڀ سوريه ديوتا مان اُئي ٿي اَچي. سورج فقط ٻه چار ڏينهن موڪل تي وڃي ۽ چمڪڻ بند ڪري، ته ڏسو ته هن سڄي سنسار جي حالت اُئي ڪهڙي ٿي ٿئي! دنيا اُئي جيڪر اُلٽ پلٽ ٿي وڃي. ڏينهن ڏٺي جو اوُنده اَنڌڪار ڇانئجي وڃي؛ گرماش گم ٿي وڃي؛ ٻهاڙن تي برف ڪين ڳري، جنهنڪري نديون وهڻ بند ٿي وڃن. وڻ ٽڻ، ڦل ڦول، ساوڪ، کيت اَناج وغيره سڀ سڪي نوٽ ٿي وڃن ۽ اَسين جيڪر اوُنده ۾ اَشڪتيءَ ڪارڻ جي ڪين سگهون. اِن ڪري اَسان جا وڏا، جن کي آريه ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو، ۽ اَسان جا رشي مني ۽ مهاتمائون هر روز صبوح جو سوريه اُديه سمي، سوريه ديوتا کي نمسڪار ڪندا هئا. ڪين سڌ هئي ته سوريه شڪتي، نه فقط پرٿوِيءَ کي پر چندرماءِ تارن ۽ ٻين سيني گرهن کي جهلي بيٺي آهي. اِن ڪري هوُ سوريه جي پوڄا ڪندا هئا ۽ سندس اڳيان نمي نمسڪار ڪري، سندس آسيس وٺندا هئا.

منڙو ٻالڪ ڏانور نهايت ئي ويچاروان هو. هوُ ڏسندو هو ۽ محسوس ڪندو هو ته سوُرج ته هڪ هڪ جي مٿان ساڳئي نيم سان پيو چمڪي. اِئين به ڪين آهي ته چڱن مٿان وڌيڪ ۽ لڱن مٿان گهٽ ٿو چمڪي. شاهوڪار يا غريب، نيڪ يا برو، ودوان يا اَڻاڙي، سوپياوان يا ڪروپ، سورج پنهنجي ڪرپا جا ڪرڻا سيني مٿان سمانتا سان پيو ڦهلائي. منڙو ٻالڪ ٻاٽڪي پيو چوندو هو:- ”هوُ ڪهڙي نه سندر ۽ سمتا جي سکيا پيو سيني کي سيکاري! شل مان به پنهنجو پيار اِئين هڪ هڪ کي سمان درشٽيءَ سان ڏيان.“

سورج ديوتا کي ڏسي ٻالڪ کي من ۾ پيو به هڪ وچتر


۽ ترنگ اُڏندا هئا ۽ هُو پاڻ به ساڻن گڏجي مٺا ۽ مڌر آلاپ آلاپيندو هو، ۽ مالڪ جا گڻ ڳڻڳڻائيندو هو. اُن وقت هُو بيخوديءَ جي عالم ۾، سوير هڪ هنس پکيءَ جيان رل مل رمڻ ڪندي، نت نوان گنڌرو ديش جا گيت ڳائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ چوندو هو ته ڪاش، مان به هڪ آزاد ۽ سوبلو پکي هجان ها ۽ نيري گگن ۾ پر پکيڙي، پيو گوبند جا گيت ڳايان ها! پر بالڪ کي اُن وقت شايد اِها خبر ڪين هئي ته وڏي هوندي هُو هنسن ۾ هڪ پرم هنس ٿيندو ۽ ڪامني ۽ ڪنچن روپي ڪوڙ ۽ ڪچ سمان جل تياڳي، سنيه ۽ جيوتيءَ روپي کير پيئندو ۽ سهسين سنڌر ۽ روُح رچيندڙ رچنائون رچي ۽ ڪويتائون قلم بند ڪري، جڳ پرسڌ ”نُوري گرنٿ“ جو رچناتمڪ ڏٽي بڻبو ۽ سندس سمست جيون هڪ مهان ۽ مڌر سنگيت بڻجي پوندي!!!

پر هوڙي سک ۽ شانتيءَ جي واپو منڊل ۾ ڪڏهن ڪي ريل ڇپل پار، گليلا ٿٽي اچي اِنهن پيارن پکين کي ستائيندا هئا. ڪين پٿر هڻي ڦٽيندا هئا ۽ اُنهن کي ڦٿڪي ساهه ڇڏيندو ڏسي پيا خوش ٿيندا هئا. ”مروان موت، ملوڪان شڪار!“ هي ۽ پياوو، رحم دل بالڪ، جنهن جي ڪومل دل ۾ پکين پسن لاءِ ڏاڍو پيار هو، سو هي دردناڪ ۽ دکدايڪ درشيه ڏسي دل ۾ ڏاڍو دکي ٿيندو هو ۽ ڪڏهن ته اچي روئڻ ۾ ڇٽڪندو هو. پوءِ گهر اچي پنهنجي ننڍڙن، نرمل هٿن سان اَناج جا داڻا ۽ سيتل، صاف جل ڪٽي ڪين چوڄ مان چڳائيندو هو ۽ اِئين کين خوش ٿيندو ڏسي پاڻ به پيو بيحد خوش ٿيندو هو. ڪڏهن ته لڳاتار اُنهن جي معصوم اکڙين ۾ پنهنجون آبدار اکيون کپائي، نه ڄاڻ ڇا ڇا پيو اُنيو ڪندو هو ۽ دل اُٺي دل ۾ پيو سندن آسيسون وٺندو هو.

سوريه ديوتا

پرڪرتيءَ لاءِ پيار اُڪثر هڪ ڪي آهي. باغ بوستان، گل گلستان، نديون ۽ پهاڙ، سج، چنڊ ۽ تارا، ڪيئن نه پيا سونهن

أن ۾ همٿ وڌائين ۽ ڳولي ڦولي ڪيترا پئسا ۽ پايون ٻاهر ڪڍيائين،
خوش ٿيڻ لڳو ۽ دوست کي چوڻ لڳو ته أدا، بس، هاڻ هل ته
گهر هلون. پر هو ڏانهن سندس دوست به ڪو اِئين آڻ مڃڻ وارو
ڪين هو. سو ڪڙڪي سان چوڻ لڳس ته ”چو، اجهو ئي ٿا ٻيا
به پئسا ڪسيءَ ۾ ڪرن. ڏورو ته ترس نه.“ هڪ طرف مفت ۾
پئسن ڪمائڻ جي لالچ ته ٻئي طرف سندس ووڪ جو وروڌ
... ڪسيءَ ۾ همٿ وجهڻ ٿي هو ته ڏسي
... جـي گندي ٿي پيئي
دوست کي چيائين ته
، پر مان هاڻ هن گنديءَ
ي آهڙا پئسا أي ڪين
تنهنجو ڪم جاڻي.“ اِئين
۾ ويچار ڪرڻ لڳو. ويچار
ڪ هڪ آهي اِن گنديءَ
ري، أن مان فائدو به وڌون
جي وڃون ٿا. تنهن ڪري
انجو أندر اوجل رکي، نرمل
ئي تڏهن، جڏهن أسان ٿـي
مهر بنا أسين نرمل ۽ پوتر



انريءَ جو ميلو وڏي ڌام ڌوم
۽ ٺاٺ ... سان ... . طرح طرح جي شين ۽ ٿولن
مالن جا دڪان کلي ويندا هئا. ڪٿ چوڏول، ڪٿ ڦرٽيون ۽
پينگهون، جيئن ڪٿ مناڻيون، ڪٿ چت پٽايون، ڪٿ رانديڪڙا،
ڪٿ باندرن جا ناچ، ڪٿ کيل تماشا، ڪٿ ناچ، ڪٿ گانا،
ڪٿ گل ڦل ۽ هار، ڪٿ ڦوڪڻا ۽ ٿوتار، ڪٿ آئيسڪريمون،
ڪٿ ڪلفيون، ڪٿ چڻا ۽ ڊبل روٽيون، ڪٿ دال ۽ پوريون،

ويچار ايندو هو: سورج ساڳي آهي. تنهن ڪانئس ڪابه ڳالهه لڪل ڪين هئي. رات جو اونده جي پردي ۾ لوڪن کان لڪائي، ڪجهه به ڪري سگهجي ٿو، پر ڏينهن ڏٺي جو سورج جي روشنيءَ ۾ ته سڀ ڪجهه ظاهر ٿي ٿو پوي. تڏهن ته چور به رات جو ئي چوريءَ لاءِ نڪرن ٿا ته جيئن هو پڌرا ٿي، پڪڙجي نه پون. اهڙا ڳالهه ٻڌي، هن پياري ٻالڪ به من ۾ سنڪلپ ڪيو ته:

"شل منهنجو هردو به رهي سدائو صاف،
اُجل ۽ ڪارن کان پري،
شل سوريه شڪتي منهنجي جيون کي
ليجسوي ڪري!"

اندر اُجل

ٻالڪ اڃا ننڍو هو، جو هڪ ڏينهن سنڌس هڪ سنگتيءَ کيس چيو ته يار، اچ ته حلوائيءَ جي دڪان تي هلون. اُتي لڳي پيئي هوندي آهي پيڙ، جو جام ماڻهو اچي ڪانئس مٺائي ٿا وٺن ۽ کيس پئسا ڏين. نرنڪر ۾ حلوائي جڏهن ڪانئن پئسا وٺندو آهي، تڏهن ڪي پئسا پاڻ سنڌس هٿن مان ڪري هيٺ ڪسيءَ ۾ وڃي پوندا آهن. چو ته اسين هلي اُهي ڳولي ڪڍون. سو اسانجو پيارو ابوجهه ٻالڪ به پنهنجي سنگتيءَ سان گڏجي حلوائيءَ جي دڪان اڳيان آيو ۽ جڏهن ڏٺائين ته حلوائيءَ جو ڌيان پنهنجي ڪم ۾ آهي، تڏهن پنهنجي ساٿيءَ سان گڏ ڪسيءَ ۾ وهندڙ گندي پاڻيءَ ۾ هٿ وجهي، پئسا ڳولڻ جو ويچار ڪرڻ لڳو. ڀيرون ته کيس گند ۾ هٿ وجهڻ ۾ ڪراهت آئي، پر سنڌس دوست همٿايس ته هٿ نه وجهندين ته ڪسيءَ مان پئسا اڏامي اُڏري ٿي اچي هٿن ۾ پوندا. وجهه هٿ اندر، ۽ ڪڍ ٻاهر پئسا. پياري کي صفائي هئي ته ڏاڍي پياري، پر پئسا اڄايا ڇڏڻ به ڪين ٿي چاهيائين. سو هٻڪندي هٻڪندي نيٺ ڪسيءَ کي صاف ڪري،

جو ڪڏهن آهي ته ڪڏهن ناهي. اَنتيه آهي؛ سندس پدارٿ به ڦوُڪڻي جيان نيٺ ڦاٽي پوندا. سو مٿان ڪو دک ڪيو اَٿيئي. جا شيءِ وڃڻي ئي آهي، تنهنجي وڃڻ جو ڪهڙو دک. نتيه ڪيول هڪ ئي پدارٿ آهي." پتا جا اُهـڙا گيان ڀريا ۽ آٿت ڏيندڙ وچن ٻڌي، بالڪ هڪدم شانت ٿي ويو ۽ پڇڻ لڳو ته "بابا، ته اِهو هڪ نتيه پدارٿ ڪهڙو آهي، جو سديو قائم آهي؟" پتا خوش ٿي، ڳرانڙي پائي وراڻيس ته "منهنجا سياڻا پٽ، ڪهڙو نه سندر پرشن پڇيو اَٿيئي! هاڻ ٻڌ. هي جيڪي به ڏسين پيو، سو ناسونت آهي، هڪ ڏينهن ناس ٿي ويندو. پر هڪ پريو پرماتما، جو هن سڄيءَ سرشٽيءَ جو مالڪ آهي، سو ئي سدائين اَمر آهي، سدائين نتيه آهي؛ هوُ ئي نتيه پدارٿ آهي." پريوءَ جو مٺو نالو ٻڌنديئي سويم بالڪ جي چهري تان غم جا بادل ٽڙي پکڙي ويا ۽ سندس سندر ۽ ڪمل مکڙو وري چنڊ جيان چمڪڻ لڳو. هاڻ کيس پڪ ٿي جا وستوُ نتيه آهي، سا ئي اَموُليه آهي، سا ئي پياري آهي. پتا وري به پاٻوهه مان چيس تـه "ٻچا، پنهنجي دل مٿان هٿڙي اَنتيه سنسار کي ڏني اَٿيئي. تون هرديه ۾ رکج ان اِڪ سچي پريوءَ کي ۽ سدائين سڪ سان سندس سمرڻ ڪندو رهج ته سديو سچو سک ماڻيندو رهندين."

بالڪ اِهو گيتا گيان گرهڻ ڪري ترت پتا ڏانهن پنهنجو نرمل مکڙو ڦيرائي جواب ڏنو ته بابا، هاڻ ميلي ۾ وڌيڪ من ڪين ٿو لڳي. هلون ته گهر هلون.

اَيائي وريه اڳ گوتم ٻڌ کي به جيئن بيماريءَ، ٻرڍ اَوستا ۽ موت جا درشيه ڏسي دل ۾ ويراڳ اُٿيو هو، تيئن ڦوُڪڻو ڦاٽندو ڏسي ۽ پتا جي مکاروند مان گيان سندا گفتا سڻي هن بالڪ جي ڪچڙيءَ دل اَندر به ويراڳ جـو ٻج ڇٽجي چڪو. گهر موٽندي ساري وات سندس ڪنن ۾ پتا جا وچن گهنڊ جيان گونجڻ لڳا ته "ٻچا، پنهنجي دل مٿان هٿڙي اَنتيه سنسار کي

ڪٿ گبيٽ (پيپرمينٽ جي ٽڪيدار، لچڪندڙ لڙهي)، ڪٿ ڪافور جا ڳڙا ۽ ڀوريون، ڪٿ ڪنب جا رنگ برنگي ٻوٽا، مطلب ته قسمين قسمين، دل لڀائيندڙ ۽ سندر شيون شڪليون موج لاءِ ميسر ٿي وينديون هيون. مٿ مائٽ پنهنجي ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي نوان نوان ڪپڙا پهرائي وٺي ايندا هئا ۽ ميلي جي موج مزي ۾ شامل ٿيندا هئا. ميلي جي شور شغل ۽ کان پان ۾ ٻار ڏاڍو خوش ٿيندا هئا، ۽ کين ڪڏندو ڪيليندو ڏسي سڀاويڪ سندن مائٽ به آنند ۽ اُلهاس ۾ هوندا هئا.

هڪ شوراتريءَ جي ڏينهن چو نه پتا ليلارام به ٻالڪ ٽانور کي ميلي ۾ وٺي آيو ۽ گهڙيءَ پهر ڀيڙ ڀاڙ جي ڪري کيس هٿ کان سوگهو جهلي خوب گهمايائين گهتايائين. آخر هڪ گلابي گلن جي ٻاري ۾ ٻيهاري، پيار ۽ سنيهه وچان کيس چيائين ته ”پٽ، تون نه ڪجهه کاءُ پيءُ نه! ڏس، ٻيا ٻار ڪيئن نه ٻيا کائين کيلين!“ تنهن تي ٻالڪ نمرتا سان وراڻيو ته ”بابا، مونکي ڪجهه به کائڻ تي دل ڪانهي.“ تنهن تي پتا وري چيس ته پلا پينگهه تي چڙهه. تڏهن به ٻالڪ جواب ڏنو ته نه بابا، مان توهان سان گڏ ئي ٺيڪ آهيان. پتا وري به زور ڪري چيس ته ميلي ۾ هر هڪ ٻار کي نه ڪجهه ضرور وٺندو آهي. تون پلا ڪو رانديڪو، يا توتاري وغيره ئي وٺ. اهو ٻڌي ٻالڪ مشڪي وراڻيو ته چڱو بابا، هڪ ڦوڪڻو ڪٺي وٺي ڏيوم. پتا خوش ٿي ترت کيس هڪ ڦوڪڻو وٺي ڏنو. ٻالڪ به موج ۾ اچي ڦوڪڻو ڦوڪڻ لڳو. ڦوڪڻو جيئن ڦنڊاندو ويو، تيئن سندس اُتساهه به وڌندو ويو. ٻيو وڌيڪ ڦوڪي ۽ ٺهڪ ڏئي ۽ ٽپا ڏئي. پر هان! هي ڇا ٿيو؟ ڦوڪڻو ته ڦنڊي، ڦٽ ڪري ڦاٽي پيو! بس، ڦوڪڻي جو ڦاٽڻ ۽ ٻالڪ جو روئڻ. سندس مايوسي ڏسي پتا ٺهڪ ڏيئي چيس ته ”منهنجا مٺا پٽ! ڦوڪڻي ڦاٽڻ تي تون روئين ٿو! واه پٽ، واه! ڦوڪڻو سو، جو ڦاٽي! هي سارو سنسار به اُهڙي هڪ ڦوڪڻو،

کھائي ڪيئن خوش ٿي سگھندي! ۽ ٻيئڙن جو ماس پرساد طور
کائڻ جي منظوري ڪيئن ٿي ڏئي! ڇا ۾ ٿي پوي، مان اهڙو
پاپ جو پرساد ڪداچت ڪين وٺندس. پوءِ بابا ناراض ٿئي. پر
ناراض ڇو ٿيندو؟ ڪيس خبر آهي ته مان ويشنو آهيان ۽ اميءَ
ماس نه کائڻ جو وچن ڏنو آهي. سچو پرساد ته آهي ايشور
ڪرپا، اهو اڳين ٿي رکي اوش سويڪار ڪرڻ گھرجي. پر هي
ساهوارن جو ماس، جي مون نه ورتو ته اُن ۾ ٻئي ڪنهن جو
ڇا وڃي؟

سندس من ۾ اهڙا ڪنچاتاڻ هلي رهي هئي ته مهنت به
اچي وٽس پهتو ۽ ٿالهه مان گوشت جو هڪ ٽڪرو ڪڍي ٻالڪ
کي ڏيڻ لڳو. پر ٻالڪ ساوڌان هو، سو پنهنجو هٿ ڪڍي پٺيان
ڪيائين ۽ ٻه قدم پٺيان هٽي ويو. پتا سندس اهڙو رخ ڏسي
سخت آواز ۾ ڪيس پرساد وٺڻ لاءِ هڪل ڪئي، پر ٻالڪ بلڪل
نئو اکر واري ويٺو. تنهن تي پتا کي ڪاوڙ لڳي ۽ پير ڪري
ڪيس چمات هنيائين ۽ ٻانهن کان پڪڙي، مندر کان ٻاهر نيڪالي
ڏيئي چيائينس ته هتان هليو وڃ.

ٻالڪ سر جهڪائي، سانت ۾ گهر جو رستو ورتو؛
پر من ئي من ۾ سوچيندو هليو ته مان ماس پرساد جو نراد ڪيو
ته ڪهڙي اهڙي خطا ڪئي؟ مون ته ڪيول پنهنجي پرتگيا تي
پڪو رهي، قول ڪوڙو ڪرڻ نه ٿي چاهيو، تڏهن هي سڀ سهڻو
پيم. پر بابا کي ته مون لاءِ اڳي پيار ۽ سنيهه آهي، سو سندس
چمات ۾ به ضرور پيار ۽ آسيس ئي هوندي!

١٠ مندر جو ديوتا

صبر ۽ سنتوش ۾ سهڻو ته ٻالڪ ٺاڪر جو هڪ وشيش گڻ
هو. پيا به انيڪ سندر گڻ منجهس هئا. اُئين ڪڍي چئجي ته هو
سڀني گڻن جي کاڻ هو. پتا جڏهن ڪيس مندر کان نيڪالي

ڏني آئيٽي. تون هرديه ۾ رکج اُن اِڪ سچي پريوءَ کي..." بس، اِهي اَمر وچن سندس دل جي پٽيءَ تي پڪيءَ طرح اُکرجي ويا.

ڪالي مندر جو پرساد

حيدرآباد شهر کان ڪجهه دور هڪ ڪالي ماتا جو مندر هوندو هو، جت ديويءَ جا پوڄاري وڏن ڏينهن تي اَچي پوڄا ڪندا هئا. پتا ليلارام به ديويءَ جو پوڄاري هوءَ ڪڏهن ڪڏهن اُت ويندو هو. هڪ ڏينهن دل ٿيس ته پنهنجي پٽ ٽانور کي به ڪالي ماتا جو درشن ڪرايان. سو وٺي آيس اُت ۽ اَچي ماتا جي مورتيءَ اَڳيان سر جهڪارايائينس. بالڪ سر ته جهڪايو، پر ڪالي ماتا جي ڀيانڪ پرتيما ۽ پرتيبا ڏسي ڪجهه دهلجي ويو. سوچڻ لڳو ته ماتا جي هيڙي ڀوائتي صورت ڇو آهي؟ سندس هٿن ۾ تلوار ۽ وبيل سيـي ڇو آهن؟ سندس گلي ۾ کوپرين جي مالا ڇو آهي؟ سندس لعل لعل جيڀ ٻاهر ڇو نڪتل آهي؟

خير، پوڄا آرنڀ ٿي. چنڊي پاٺ پڙهيو ويو. بالڪ هر ڳالهه چتائي ڏسڻ لڳو. جڏهن ڪاريه ڪرم سماپت ٿيو، تڏهن مهنت پرساد ورهائڻ لڳو، جو سڀ شرڌا سان وٺڻ لڳا. پر بالڪ، "پرساد" ڏسي حيرت ۽ غيرت وچان دنگ رهجي ويو. جنهن کي "پرساد" ڪري ورهايو پئي ويو، سي ته هئا ماس جا ٽڪرا، جي رت ۾ ٻـڏل هئا! ماس ڪيئن پرساد ٿيندو! ڪيس پـاد پيو ته گهر ۾ وڏن کي چوندو ٻڌو هئائين ته ديويءَ تي ٻل چاڙهڻ لاءِ جيئرا ٻڪرا ڪنا ويندا آهن، سو شـايد هي ماس به ٻڪرين جو ئي آهي. ويچارا جيئرا جاڳندا، نچندا ٽپندا گگدام ۽ بي‌گناهه جيوَ، تنکي زوريءَ پڪڙي، ڪاتيءَ سان ڪهي، سندن ماس پرساد طور ڪاڏو تووڃي! بالڪ جي دل ۾ شنڪا اُٿڻ ٿي ته ڪالي ديوي، جي سچ پچ جڳت ماتا آهي ته ضرور ٻڪرن جي به ته ماتا ئي هوندي نه! پوءِ ماتا پنهنجي ئي ٻچڙن کي

دويہ درشن

ٻالڪ واسواڻي ھينئر اَٺن سالن جو ٿيو ھو. سنڌي اِسڪول ۾ پڙھندو ھو. ھڪ ڏينھن جيئن ڪڏ تي اَڪيلو ئي اَڪيلو ويٺو ھو ۽ شانت ئي شانت ۾ ويٺي اِيشور جو ڌيان ڪيائين، تہ اَچانڪ سندس سامھون ھڪ رمڻيڪ، روشن رُوپ اَچي پرگھٽ ٿيو. ھي رُوپ، اَني سندر ۽ من موھيندڙ ھو. سندس اَچيءَ سونھاريءَ ۽ مند مند مڌر مشڪان، ٻالڪ کي مگڌ بڻائي ڇڏيو. ھوُ اَھڙي تيجسوي روپ جو درشن اَچا ڪري ئـي رھيو ھو تہ اِھو روپ ڏيري ڏيري سندس نڪٽ اَچي بيٺو. اِھو روشن روپ پوءِ سندس ننڍڙي نرمل شرير ۾ گھڙي ويو ۽ سندس ھرديہ مندر جي سنگھاسن تي براجمان ٿيو. ٻالڪ اِھو درشن ڪري بيحد آنند ۾ اَچـي جھومڻ لڳو. ھوُ اِئين اَنڀوَ ڪرڻ لڳو تہ ھڪ دويہ شڪتي سندس اَندر، چِٽيءَ ۽ پڪيءَ طرح پرڪاش ڪري رھي آھي ۽ ھر پل ھن جي رکيا ڪري رھي آھي. اوڏيءَ مھل ھن پاڻ کي چيو:- ”مان اَڪيلو ڪين آھيان!“ اِن آزمودي کان پوءِ ٻالڪ واسواڻي ھميشھ بيڊپو ۽ اَڀيہ ٿي رھيو.

آڱڪيڊمي

ٻالڪ واسواڻيءَ، پرائيمري اِسڪول جي سکشا، ستي نمبر سان سماپت ڪئي. سندس پتا ڏاڍي چاھ ۽ چوج مان کيس يوُنين اَڪيڊميءَ ۾ داخلا لاءِ وٺي آيو. اِھو اِسڪول اَجا تازو شري ھيرانند شوُقيرام آڏواڻيءَ برپا ڪيو ھو ۽ ھوُ ئي سندس پرٿم ھيڊ ماسٽر ھو. شري ھيرانند ۽ سندس وڏو ڀاءُ شري نولراءِ ٻئي نھايت نيڪ ۽ آدرشي اِنسان ھئا. ھنن سنڌي سماج جي اپنتري تہ پريم ۽ لگن سان شيوا ڪئي جو سندس مرتيوءَ کانپوءِ کين ساڌوءَ جو لقب مليو ۽ ھن اَڪيڊميءَ جو نالو ئي رکيو ويو ”نولراءِ ھيرانند اَڪيڊمي“.

پتا، ٻالڪ کي ھيڊ ماسٽر صاحب جي اڳيان بيھاري سندس

ڏني، تڏهن ڪيس اِها سڌ ڪانه هئي ته سندس اهو ساڳيو پٽ، سمي پائي، لکن روحن جي هردي مندرن ۾، ديوتا سمان پرويش ڪري، اُت نتيه براجمان رهندو، جنهن جي هُو پريما ڀڳتيءَ سان پوڄا ڪندا ۽ ڪيس پريم پرساد لاءِ پرارٿنائون ڪندا ۽ سوين ڪيس سڪ سان، مندرن ۽ آشرمن ۾ نمنترڻ ڏيئي، آمنترت ڪري هاردڪ سواگت ڪندا!!!

ڀڳوان شري رام کي به ديش نيڪالي ڏني ويئي هئي؛ پر ساڳيو رام، يڳ يڳ کان اڄ به ڪروڙن جي من مندر جو ديوتا بڻيو رهيو آهي!

پِتا لاءِ شرڌا

هڪ لڱا بالڪ واسوائي، پتا سان پنڌ ڪندي ڏٺو ته هُو هڪ دڪان تان پئسي جا ڀڳڙا وٺي ٿورا ٿورا ڪري کائيندو پئي هليو. تنهن تي عجب ۾ پئجي هن ڪانئس پڇيو ته بابا، توهان ماني شايد ڪانه کاڌي آهي! تڏهن پتا ڪجهه وقت سانت ۾ رهيو ۽ پوءِ وراڻيائين ته ”پٽ، اڄ ڪلهه اسانجي مالي حالت سٺي ڪين آهي. زمين مان پئداش گهٽ ٿيڻ ڪري، اُپراسو خاص ڪين ٿيو آهي. اِن ڪري پاڻ تي خرچ گهٽ ڪندو آهيان. چوندو آهيان ته ڀل اُوهين منهنجا ٻچڙا پيٽ ڀري کائو؛ مان مڙيوئي ٻيو وقت کائيندس.“ بالڪ جڏهن اِهو ٻڌو، تڏهن دل ۾ ڏاڍو ڏکه ٿيس. ساڳئي وقت پتا لاءِ شرڌا اڳي کان به وڌيس. من ئي من ۾، سندس چرنن ۾ بار بار پنهنجو مستڪ نمائي، سندس پوڄا ڪرڻ لڳو. هن سنڪلپ ڪيو ته ڪهڙي مهان پتا جي جيڪر وڌيڪ شيوا ڪريان. سو هيئنر اُونهيءَ شرڌا ۽ پريم سان روز رات جو ڪيس پيرڙون ڏيئي مٺي ننڊ ڪرائيندو هو. سندس پتا به ڪيس آسيس ڪري چوندو هو ته پٽ، تنهنجون پيرڙون ڪهڙيون نه مٺيون آهن! مونکي ڏاڍيون ٿيون وڻن.

ته ”سائين، پوءِ مان ماڻي ڪٿي کائيندس؟“ تڏهن هيرانند وڏو ٽهڪ ڏيئي چيس ته ”تون مون سان گڏجي ماني کائج.“ بالڪ کي تڏهن سنتوش ٿيو ۽ بي‌فڪر ٿي هيڊماستر سان گڏجي ماني کائڻ ويٺو. اڄ ته پٽي آيس، پر تنهن کان وڏيڪ خوشي ته پٽي ٿيس. دل ئي دل ۾ پٽي چيائين ته هيڊماستر ٿي ڪري، ڪيئن ٿو مون هڪ ننڍڙي وديارٿيءَ کي پنهنجو اوچ سنگ ڏئي ۽ گڏ وهاري کارائي! وري وچ وچ ۾ ڪيئن نه مٺيون مٺيون ۽ سکياداڪ ڳالهيون به پيو ٻڌائي! منجهس ڪيڏو نه پيار ۽ ڪيڏي نه نمرتا آهي!

ڪاش! اهڙي سندر ۽ مهان من ورتي، اڄ ڪلهه جي اڌياپڪن جي به هجي ته جيڪر ڪيترن وديارٿين جي ڪايا ئي پلٽجي وڃي!

ايشا لاءِ پيار

بالڪ اڪيڊميءَ جي پهرئين (اڄ ڪلهه جي پنجين) درجي ۾ هو ته هن شري ايشا جو نالو ٻڌو. پوءِ هن پڙهيو ته ڪيئن هن نردوش ۽ سانتيڪي ست پرش جي ڪومل ڪايا ۾، ڪليون ٺوڪي، کيس صليب تي سوليءَ چاڙهيائون. بالڪ جڏهن اها ڪلپنا ڪئي، تڏهن هن زار زار رنو. پوءِ ته ايشا جي وچتر جيون جو هن وڏيڪ اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو. سندس پتا کي جڏهن اها سڌ پيئي، تڏهن کيس سڌي آگاهه ڪرڻ لڳو ته ٻچا، پنهنجي دل ۾ ڀل ايشا لاءِ پيار رک، پر اسانجو سناتن هندو ڌرم ڏاڍو وشال ۽ روشن آهي. ان ۾ پختو رهج. منهنجي پٽ رکج ۽ پنهنجو ڌرم نه بدلائج. بالڪ تنهن تي وراڻيو ته بابا، جيئن توهانجي آگيا. ايشا لاءِ پيار برابر اٿم، پر ان مان پنهنجو ڌرم ڇو بدلائيندس؟ پيار ته پاڻ سچيءَ نرمل جيون جو درشن ٿو ڪرائي. بابا، مون تي آسيس ڪجو ته جيئن مان اُن اڪ مالڪ کي نه وساريان، جنهن لاءِ سڀني ست پرشن کي پيار آهي.

داخلا لاءِ نويدن ڪئي. هيڊ ماستر ٻالڪ کي ڇٽائي ڏنو. پر جيئن پيو ڏانهس نهاري، تيئن پيو عجب ۾ پوي! هن ڪيترائي ٻالڪ، داخلا جي سمي، پنهنجي درشنيءَ مان ڪڍيا هئا، پر هھڙو سندر، سڀاڳو، سلڇڻو، سرل، سانتيڪو، نماڻو ۽ نياز پريو، چتر ۽ چترروان ٻالڪ اڳ ڪڏهن ڪين ڏٺو هئائين. پڇا، هيڊ ماستر کي ٻڌايو ته منهنجو ٻالڪ پرائمري اِسڪول ۾ اول نمبر وديارٿي هو. شري هيرانند، ٻنا ٻالڪ جي مکڙي مان پنهنجون اکيون ڦيرائڻ جي، پڇا ڏانهن مشڪيو. پوءِ مک کولي چيائين:- ”هھڙي انوکي ٻالڪ لاءِ سفارش ڪرڻ جي ڪهڙي آوشڪتا آهي! سندس سرل مکڙي مان، سويم مٺيا پيئي بکي!!“ جواهريءَ کي جواهر پرکڻ ۾ ڪهڙي ڪنائي ٿي ٿئي!!!

نئڻن ۾ نُور

هيڊ ماستر شري هيرانند جي هرديه ۾ هر هڪ پراڻيءَ لاءِ ديا ۽ همدردي ڀري هئي. هو سڀني بيمارن کي مفت هوميوپٿي دوائون به ڏيندو هو ۽ گڏوگڏ آسيس به ڪندو هو. اِن ڪري آتمت سان گڏ ڪين شفا به جلد ملندي هئي. هڪ ڏينهن هن ٻالڪ واسواڻيءَ کي ڏسي چيو ته ”پيارا، تنهنجون اکيون اَڄ ڪلهه ڪل ۽ سڄيل پيئيون ڏسجن. او جاڳا ڪري ته ڪين ٿو پڙهين؟ اَڄ ته مان توکي دوا ڏيان.“ سو کيس دوا ۽ دعا ٻئي ڏنائين. واسواڻيءَ جون اکيون ته جلد ئي نيڪ ٿي ويون، پر برڏ اوستا ۾ به کيس چشمي جي ڪا ضرورت ئي ڪين پيئي. هو فخر سان چوندو هو ته ”اِها آسيس مون تي ساڌو هيرانند جي آهي.“

سنگم

هڪ ڏينهن اِسڪول پورو ٿيو ته هيڊ ماستر، ٻالڪ کي چيو ته — اَڄ تون هتي ئي ويهي رهه. شام جو اُتڪار ٿئي، پوءِ ٻل گهر وڃج. ٻالڪ اَلبت ڪجهه منجهي پيو ۽ هبڪي پڇائينس

ٻوءِ جو ڪيس جلسي ۾ پارٽ ڪرڻو هو، سو هاڻ ڪيئن ڪندو؟ ”سرب روڳ ڪا اَؤکڌ نام“، اِهو سوچي، پاڻ ٻه نام کي پڪارڻ لڳو. چوڻ لڳو ته ”هي پريو، منهنجي پت رکجانءِ. تون ئي ٻي وسيان جو واهر وسيلو آهين. اڳي ٻه تو ئي مونکي ٻنڌڻ جي بند مان آزاد ڪيو هو. پريو، هينئر ٻه تون ئي سهائتا ڪر. ڏسج، جيئن جلسي تي پوري وقت تي پهچي وڃان!“

سچيءَ دل جي پڪار ڪڏهن ٻه اجائي ڪين ٿي وڃي. سرو وياپڪ ۽ اَنترجامي پرماتما، ننڍيءَ نرمل آتما جي سرل هرديه مان نڪتل آرادنا، اَوس ۽ سويم اَگهائي ٿو. عين اُن وقت دروازي جي ڪلف ۾ ڪنجيءَ جي ڦرڻ جو آواز ٿيو! ڪن ئي ڪين گذري ته دروازو کليو ۽ سندس اَمي ڏانهس مشڪندي نظر آئي! ٻالڪ خوشيءَ مان تاڙيون وڄائي چيو ته اَمي، تون ڪيئن اَچي پهتينءَ! تنهن تي اَميءَ مشڪندي وراڻيو ته پٽ، بابهن چابي مونکي ئي ڏيئي ويو، چيم ته توکان اَچي پڇان ته ڪجهه کپيئي. ٻالڪ اُتاولائيءَ مان وراڻيو:- ”اَمي، هينئر اِهي ڳالهيون رکه پاڻ وٽ. مونکي هينئر جو هينئر پهچڻو آهه، اِسڪول ۾. سو مان ته هلانءِ ٿو.“ اِئين چئي نه ڪيائين هم، نه تم، وڏيون ٻرانگهون پائيندو، تڪڙو ئي تڪڙو وٺي ٻاهر پيو. پٺيان نهاريان ئي ٻه ڪين ته ڪيئن سندس پياري اَمي، ڏاڍي سنيهه وچان ڏانهس هڪ ٽڪ نهاري مشڪي رهي هئي. اِسڪول ۾ پهتو ته سرگس پهچي چڪي هئي، پر شڪر جو جلسو اَڃا شروع ڪين ٿيو هو. سو ساهي پٽي، جلسي جي اِنتظار ۾ ويهي رهيو.

اداڪاري

جلسو شروع ٿيو. ٻالڪن پنهنجا پنهنجا پارٽ اَدا ڪيا. جڏهن ٻالڪ واسواڻيءَ جو وارو آيو، تڏهن هن ڏاڍي آتم وشواس اُتساهه ۽ ڪلاڪاريءَ سان اَنگريزي ڪوتا پنهنجي مٺي، مڌر ۽

سماج سڌار

اُن زماني ۾ حيدرآباد جي گھرن ۾ شراب پيئڻ جي ڪرسم گھڻي ويئي هئي، جنهن گھڻن جا خانا خراب ڪري ڇڏيا هئا. سماج ڪلياڻ ۽ پنگت ۾ سڌاري آڻڻ جي ويچار کان، شري هيرانند پنهنجي اسڪول جي سٺن ۽ آدرشي وديارٿين جي هڪ ٽولي ناهي، جنهن کي نالو ڏنائين ”آس جي ٽولي.“ هن ٽوليءَ جي ميمبرن ۾ سنڌس وڏيون آسون ۽ اُميدون هيون. هوُ سرگسون ناهي ڪائنس پوسٽر ڪڻائي گھٽين مان لنگھندو هو ۽ ڪائنس ”شراب خاني خراب“ ۽ ”شراب شيطان کي ٽڙي ڪيو“ وغيره جا بلند نعرا هڻائي، گيت ڳارائي، لوڪن جي دلين ۾ پريوَرتن آڻائيندو هو.

بند ۽ موڪش

هڪ دفعي جيئن اِها آس جي ٽولي، هٿن ۾ پوسٽر کڻي ۽ زور زور سان نعرا هڻي بازار مان لنگھي رهي هئي، تيئن بالڪ جو پتا شري ليلارام، اُن مهل اُچي اُتان لانگھائو ٿيو، ۽ اُچانڪ سندس نظر وڃي پنهنجي پٽ تي پيس، جو به ڏاڍي اُمنگ ۽ اُتساه سان نعرا هڻي رهيو هو. کيس ڏسي پتا کي ڏاڍي منبان لڳي ۽ جوش ۾ اُچي کيس ٻانهن کان پڪڙي، سڌو گھر وٺي آيو. چوڻ لڳو ته ”ڪتي اُسان جي ڪل جو شان ۽ ڪٿي منهنجي پٽ جو رولو ڇوڪرن جي سنگ ۾ ”تماشي بازي“ ڪرڻ! ڏس، ڪيئن نه منهنجي پٽ وڃائي اَٿس.“

بالڪ ويچارو ته وائڙو ٿي ويو. اهڙو ڪڏهن جھڙي پٽ! سندس پتا کيس هڪ ڪمري ۾ کڻي بند ڪيو ۽ ٻاهران تالو لڳائي ڇڏيو. شڪر جو چابي ڏنائين بالڪ جي اُميءَ کي ۽ پوءِ پاڻ هليو ويو پنهنجي سؤٽ ٽيڪچند جي گھر.

بالڪ ويچارو، اَندر ڪمري ۾ بيخبر بند هو ۽ بيوس هو. هڪ ويچار کيس منجھائي رهيو هو ته سرگس جي سماپتيءَ کان

۽ ڪنگهه شروع ٿيا، جي بس ئي نه ٿين. ٻالڪ ڪنگهي ڪنگهي اَڇي ساڻو ٿيو. سندس اهڙي حالت ڏسي پتا گهبرايو ۽ پڇتائڻ لڳو ته ناحق مون ههڙي سنت پٽ سان اَهڙي بي واجب ۽ زبردستيءَ جي هلت ڪئي. اَمي ته ٻالڪ جي پٺي مهٽڻ لڳي ۽ ويٺي گروءَ کي سڏڻ، پر پتا، پيار ۽ پڇتاءَ وچان، پٽ کي آشواسن ڏنو ته ”ٻچا، هاڻ مان ڪڏهن به تو سان اَهڙي هلت ڪين هلندس.“

بس، اِنهن خاطريءَ جي وچنن جي دير هئي. ٻالڪ جي ڪنگهه ۽ اوڪارا هڪدم گم ٿي ويا ۽ سندس چهرو وري گلاٻي گل جيان ٽِڙڻ لڳو ۽ سندس نيڻن مان نوُراني نوُر بکڻ لڳو.

ڊائري

ڏ ن بدن ٻالڪ واسواڻيءَ جي هردي ۾ پريوءَ لئه پيار ۽ ايڪانت لئه پياس وڌندي رهي. هوُ جڏهن پنهنجون اَکيون بند ڪري، سانت جي ساگر ۾ اونهيون ٽٻيون ڏيندو هو، تڏهن اَنيڪ سندر ويچارن روُپي موتي لهندو هو. اُهي ويچار هوُ ڊائريءَ ۾ درج ڪري ڇڏيندو هو. ڊائري رکڻ ۽ روز بروز اُن ۾ سندر ۽ سکياداِيڪ وچن لکڻ، هڪ نهايت لاڀدايڪ ۽ عمدي عادت آهي. هرهڪ ٻالڪ جيڪر ڊائري رکي ۽ اُن ۾ پنهنجا ويچار درج ڪري. ڪڏهن ڪڏهن اُهي وچن پڙهڻ سان هڪ نئين روشني ملي ٿي ۽ ڪيترا دفعا ڪيترن ڏکين مسئلن جو حل به نڪري اَچي ٿو.

اَهڙو هڪ سندر ويچار جو هن ٻالڪ پنهنجي ڊائريءَ ۾ درج ڪيو، سو هن طرح آهي:-

”هي پريوُ! ٿئي صاف، نرمل منهنجي دل، ته چمڪي، چمڪي، جئن گلاٻي گل!“

ٻالڪ ڪڏهن ڪڏهن سانت ۾ ويهي سٺا پستڪ به پڙهو

۽ دلسوز آواز ۾ ڇئي ٻڌائي. ڪيس ٻڌي، حاضرين خوشيءَ وچان تاڙين جو ٺهڪو لڳائي ڇڏيو. هيڊ ماستر هيرانند نه اٿي گڏ گڏ ٿيو، سو ٻالڪ کي هرش وچان ڀاڪُر پائي، شاباس ڏنائين. ٻالڪ جو سارو درد ۽ غم، پر ڪري اڏامي ويو. ٿورو وقت اڳ جا هن ٻوڳنا ڀوڳي هئي، سا بلڪل وسري ويس. پر اندر جي اونهائيءَ مان وري اهي شبد پئي نڪتس ته مالڪ، تو بيشڪ مون تي مهر ڪئي! سائين، تو بيشڪ مون تي ڪرپا ڪئي!

شراب لاءِ ڳهر ڏا

ساڌو هيرانند جي هلچل، حيدرآباد مان شراب جو واهپو جيتوڻيڪ گهٽي قدر گهٽائي ڇڏيو هو، تڏهن به وڏن ڏينهن تي اِن نگري نشيدار دارونءَ جو دؤر، هڪ وار وري گهرن ۾ چالو ٿيندو هو. وڏا ته در ڪنار، پر ٻارن کي به چڪيءَ جو چشڪو چکايو ويندو هو.

هڪ ڏينهن شري ليلا رام به رسم رواج مطابق، گهر ۾ دارونءَ جي بوتل کولي، ۽ وينو پاڻ به پيئڻ ۽ ڇُڪي ڇُڪي سيني کي پيئارڻ. جڏهن ٻالڪ ٿانور جو وارو آيو ته هُو چوي، مان ٿو شراب پيئان؟ ههڙيءَ گنديءَ شيء جو مان مُور ڪين استعمال ڪندس. پر پٽس، سندس هڪ به نه ٻڌي. وٽي جهلي سندس چپن تائين آندائين. ٻالڪ، جو پنهنجي آدرش تي پڪو هو، تنهن همٿ ڪري پنهنجا چپ ڪٽي زور سان بند ڪيا. پتا کي اِن ڌريتا ۾ پنهنجو اپمان نسظ ۾ آيو. سو جوش ۾ اچي، زبردستيءَ ٻالڪ جا چپ کولي، شراب جي وٽي ڪٽي سندس وات ۾ اوتيائين. ٻالڪ گهڻو ئي ڦٽڪيو، پر ويچاري جو ڪو وس نه هليو. پتا جو اِرادو محڪم ۽ پختو ڏسي، ماتا ورائڻ به بي‌وس هئي. جڏهن اِهو جگر جلائيندڙ ۽ ٽڪو تيزاب، ٻالڪ جي نڙيءَ تائين پهتو، تڏهن سندس ساهه منجهڻ لڳو ۽ اچي ڪيس اوڪارا

ڪري سندس ڪومل، ڪيسري ڪايا، رتو رت، لعل ٿي پوندي هئي ۽ سُور ۾ لڇڻ لڳندي هئي. جوندو هو ته وڪارن کي سخت سزا ڏبي، تڏهن ئي ڪانئن مڪتي پراپت ڪري سگهبي.

اهڙيءَ طرح اسانجو ننڍڙو سچو سنت، اهڙا سخت ساڌن ساڌي، ننڍيئي منو ٻل ۾ شڪتي شالي بڻيو. گرو نانڪ ديو جو مهامنتر ٻڌو هئائين ته "من جيتي، جڳ جيت!" سو پاڻ به پنهنجي من تي ننڍي ئي جيت پائي، وڏي هوندي هڪ وڏو وير ٿيو ۽ ڌير ٿيو؛ سنت ٿيو ۽ تپسوي ٿيو؛ ۽ ساري جڳ کي جيتي هڪ سُورويِر سمراٽ بڻيو!!!

ديا واري دل

بالڪ واسوائي جڏهن به ٻاهر نڪرندو هو، تڏهن هرڪا ڳالهه ۽ درشيه، ڏاڍيءَ باريڪ بينيءَ سان پيو ڏسندو ۽ سوچيندو هو. مثلاً: پکي جي پيا اُڏامن، تن کي ڪير داڻو پاڻي ڏيندو هوندو؟ ۽ هي جو رستن تي دربدر، دين، غريب مسڪين، منڊا، ٽُنڊا، سُورداس، ڪوڙهيا، ٻڍڙا، بي وَس ۽ لاچار انسان، جي ويٺا واٽهڙن ڏانهن نماڻن نيڻن سان نهارين ۽ پيا نالي الک جي، روٽيءَ ٽُڪر لاءِ ٻاڏائين ۽ پڪارين، تن جي اُڃ ۽ بُک ڪيئن نورت ٿيندي هوندي؟ مونکي ته گهر ويٺي سوير ٽيئي ويلا پيا ملن. جي مون پنهنجي ٿالهيءَ مان هڪ روٽي، نام جي نالي، ڪنهن بکايل فقير کي ڏني، ته هو ڪيڏو نه خوش ٿيندو!

اِها ڳالهه ڳڻي، هن ننڍڙي نورتي ناٿ، روز پنهنجي ڪاڏي مان فقير لاءِ هڪ روٽي، ۽ پيارن پکين لاءِ پاڻي ۽ داڻو، الڳ ڪڍي رکڻ جو نيم ٺاهي ڇڏيو. جيئن ئي ڪو فقير گهٽيءَ جي منهن وٽ پهچي ۽ ڀڳوان جي نالي روٽيءَ ٽُڪر جي صدا هڻي مس ته هي بالڪ ڊوڙي وڃي کيس ماني ڪارائيندو هو ۽ سندس آسيس پائيندو هو. جهرڪيون، ڪانو، ڪبوتر، وغيره

پڙهندو هو. خاص ڪري سنتن ۽ اوتارن جي شڪتيءَ شاليءَ جيون چرتر پڙهڻ ڪري، سندس جيون تي گهاٽو اثر ٿيو. هن هڪ سنت بابت پڙهيو ته ڪيئن ننڍي هوندي هو پاڻ وٽ هڪ لٺ رکندو هو. جڏهن به ڪيس من ۾ ڪو وڪار يا ڪروڌ ايندو هو ته هو يڪدم اها لٺ هڪ يا وڌيڪ دفعا پاڻ کي هڻندو هو. انهن ڌڪن جي اثر ڪري هو ڪيترو وقت وويڪ ۽ وچارن کي شڌ ۽ ضابطي ۾ رکي سگهندو هو.

بالڪ واسوائيءَ جڏهن اها اَذيت ڳالهه پڙهي، تڏهن سندس وويڪ اُتساهه ۾ اچي ويو. هن پاڻ کي چيو ته ڇو نه مان به اهڙو ”چت ورتيءَ نروڌ“ جو سادن ڪريان، جيئن پنهنجي من کي انوشاسن ۽ انتظام ۾ رکي سگهان! سو ڇا ڪيائين، جو سچ پچ بازار مان هڪ لٺ وٺي آيو ۽ اچي گهر جي ڇتيءَ ۾ لڪائي رکيائين. سڀاويڪ طرح بالڪ لٺ جي ڌڪن کان ڊڄندو هو، سو سُور کان بچڻ لاءِ هر وقت پنهنجي من ۽ وچار تي ڪڙي چوڪسي رکڻ لڳو. پاڻ کي چتاوني ڏيندو هو ته ”هي من! هاڻ خبردار رهج. جي ڪا به مستي ڪئي اٿيئي ته کائيندين موچڙن جي منائي. تنهن ڪري سنئو پار تي هلج، سنا وچار ڌارڻ ڪج.“ اهڙيءَ طرح بالڪ ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي من کي ضابطي ۾ رکڻ جو يتن شروع ڪري ڇڏيو.

آذيت سادن

بالڪ هڪ ٻيو به اَذيت سادن استعمال ڪيو جو وڌيڪ تکو ۽ ڪشٽ وارو هو. ڇا ڪيائين جو هڪ ڪنڊن جي مالا پوئي پاڻ وٽ لڪائي رکيائين. ۽ جڏهن به سندس من ۾ سوو ڦر ۾ وڪارن جون ورتيون (لهرون) اُٿنديون هيون، تڏهن اها مالا ڪڙتي اندران پائيندو هو. پوءِ ٻاهران وٺي هٿن سان اُن کي زور سان پنهنجي چمڙيءَ ۾ چڀائيندو هو! ڪنڊن جي چڀڻ

تي! اُت هلو ته مان اُتي توهان کي اِها نئين راند سيکاريندس.“

سيني بالڪن اُتساهه ۾ اچي اِها رٿ يڪراءِ قبول ڪئي. آرتوار ڏينهن هرهڪ ٻار پنهنجي پنهنجي خرچي ٻچائي آيو، جنهن مان اَنو وٺي آيا ياپيءَ وٽ. ڪاڻس گرم گرم ۽ نرم نرم مانيون پچارائي، پڪوڙا وٺي، سيئي ٻار گڏجي هليا ڦليليءَ طرف. جيئن پيا پنڌ ڪن، تيئن گڏجي هيءُ منتر پيا اُچارين:-

”هري رام، هري رام؛ رام رام، هري هري!

هري ڪرشن، هري ڪرشن؛ ڪرشن ڪرشن، هري هري!“

ههڙن ننڍڙن فرشتن جي ٽوليءَ جو ننڍڙو مهندار پيارو بالڪ واسواڻي هو. ڪين نام ڪيرتن ڪرائيندو، هن مهر جي منڊليءَ کي نيئي وٺي آيو ڦليليءَ جي ڪناري تي. اُتــي ڪيترائي ويچارا بکايل فقير، پنهنجا ڏهرا هٿ ڦهلائي، اکين مان جل وهائي، ديننا ۽ ٻکه ۾ بيکه مڱي رهيا هئا. اُنهن اڳيان اچي پياري بالڪ واسواڻيءَ پنهنجي ٽوليءَ کي چيو ته هاڻ اِتي ويهو. هيءَ اَٿوَ اَساڻي نئين راند: هاڻ توهان مان هرهڪ ٻار، هڪ هڪ مانيءَ ۽ پڪوڙا هنن ديننن ۽ دکين کي کارائي. ۽ جيئن هوُ کائين، تيئن توهين سندن اکين ۾ نهارجو. پوءِ ٻڌائجو ته توهان ڇا ڏٺو؟

دوستن، بالڪ واسواڻيءَ جي حڪم جي پوئواري ڪئي. پر جيئن پيا ڏسن، تيئن پيا حيرت ۽ خوشيءَ ۾ مست ٿين. هنن ڏٺو ته ڪيئن نه اِهي سٺيون محبت جون مانيون ۽ پريم جا پڪوڙا کائيندي، اُنهن غريبن جي اکين مان خوشيءَ ۽ شڪرگذاريءَ جا لڙڪ پئي لڙيا! پياري بالڪ واسواڻيءَ جي نئنن ۾ ته نير هو، پر سندس چهري تي هڪ عجيب آنند جي جهلڪ نمودار هئي! مشڪندي، پياري بالڪ پنهنجي دوستن کان پڇيو ته ”اِنهن پيارن جي لڙڪن ۾ توهان کي ”لعل“ ڏسڻ

ته روز سندس اڱڻ ۾ ايندا هئا. اُنهن ۾ به ايشور جو روپ پسي، کين چاهه سان چڱندو ڏسي سندس نيڻ پيا آنند ۾ نچندا هئا.

نئين راند

هڪ ڏينهن سندس سنگتين کيس چيو ته دوست، اڄ ته ٻاهر راند رُوند نه ڪريون ۽ ڪجهه شيءِ شڪل نه وٺي کائون. اهو ٻڌي بالڪ سانت ۾ ڪجهه سوچڻ لڳو. تڏهن سندس ساٿين چيس ته جڏهن ڏس تڏهن پيو سوچين. آخر سوچين ٿو ڇا پيو؟ هل نه ٻاهر ته کلون، کائون ۽ کيليون! تڏهن هن دينتا جي ديوتا جي چپن تي هڪ مٺڙي پر رهسيه ڀري، مشڪ مرڪي آئي، ۽ کين چوڻ لڳو ته دوستو، اچو ته اڄ توهان کي مان هڪ نئين راند سيکاريان! اهو ٻڌي سندس سنگتين جون اکيون، آشا ۽ اُتساهه ۾ چمڪڻ لڳيون. هُو هڪ ئي آواز ۾ کانئس پڇڻ لڳا ته ٻڌاءِ، ڪهڙي آهه تنهنجي اها نئين راند؟

تنهن تي هِي پيارو بالڪ، ٻن دوستن جي ڪلهن ۾ پنهنجون ڪومل ٻانهون وجهي، کين ڌيرج ۽ پريم سان چوڻ لڳو ته ”پيارا مترو، ڏسو، اسين ته روز رسيس ۾ دال ڀُوري يا ٻيو ڪو ٽول وٺي پيا کائون. ٺيڪ آهي نه؟ گهر ۾ ميوو يا مٺائي به ڪڏهن ڪڏهن ملي ٿي. برابر؟ جڏهن وجهه ملي تڏهن پيا کائون. هاڻ منهنجي راءِ آهي ته اسان مان هڪ ڪي، جا روز خرچي ٿي ملي، تنهن مان ستن ڏينهن مان فقط هڪ ڏينهن جي خرچي جيڪر بچايون.“ ”پوءِ ڇا ڪريون؟“ سندس دوستن، هڪ ئي آواز ۾ کانئس پڇيو. ”پوءِ،“ پياري بالڪ ڌيرج مان ورائيو:- ”پوءِ، اهي سڀ پئسا گڏ ڪري، سيٺ واري کان وٺي اچون اَٽو. (اُن زماني ۾ اَٽو، گيهه، کنڊ، کير وغيره ڏاڍا سستا ملندا هئا.) اُهو اَٽو ڪنهن پاڙيءَ کان مانيون پچارائي، گيهه لڳارائي، ڪپڙي ۾ ويڙهي، هر آرتوار شام جو ڪٺي هلون قليلي درياهه جي ڪپ

۽ دلڪش سونهن ۽ سوڀيا آهي! منجهس مان ٿهيل هنڌين ۽ شري سيتا، رام، لڇمڻ ۽ هنومان جي سندر مورتين جي پرتيما پسي، ائين انڀو ڪرڻ لڳو ڄڻ ته ترينا يگ ۾ جيئري وهيو واپريو هو، سا وارتا هُو اَڄ به ڪري رهيون آهن. منارين، رانديڪن، برتنن ۽ ڪپڙي جي دڪانن ڪي، اگر ۽ چندن جي واس ڌوپ ۽ ٺانٺ باٺ سان خوب سجائي ۽ ٻجلي بتين سان چمڪائي رکيو هئائون، جن تي اِسترين، پرشن ۽ خاص ڪري ٻارڙن جي ڏاڍي پيهه لڳي پيئي هئي. ٻارڙن کي نوان، رنگ برنگي ۽ چمڪ دمڪ وارا وستر پيل هئا. هرهڪ جي مک تي خوشيءَ ۽ آنند جي لهر هئي. منڙو ٻالڪ واسواڻي هيءُ سارو پسارو ڏسي، پاڻ به گدگد ٿي رهيو هو. هلندي هلندي هن هڪ دڪان تي نڪل (وڏا ڪنڌ ۽ پڳڙا) ڏٺا، جي پٺسي جا وني ڪائڻ لڳو. اَڃا به تي نڪل وات ۾ وڌائين مس ته اَچانڪ سندس اَنتهڪرڻ مان هڪ آواز آيو، جنهن آگرهه ڪيس ته ٻالڪ، جلد واپس گهر موٽ. تنهنجو پتا موڪلائي ٿو. بس ٻالڪ ٿي ڄڻ ته ڪا دويه ڇايا پٺيان وڃي، ۽ اُمالڪ سيبڻي نڪل ڦٽا ڪري، تکڙو ٿي تڪڙو گهر ڏانهن ڊوڙيو.

پتا جي موڪلاڻي

گهر اَچي ڏسي ته سندس پتا بستري تي سمهيو پيو آهي ۽ تپ وڌي وڃڻ سبب نهايت ڪمزور پيو لڳي. ترت پاڻ ۽ سندس وڏو ڀاءُ پهلاج، پتا جي پرسان ويهي ڪيس پيڙون ڏيڻ لڳا. ماتا وران ديوي، پنهنجي پتيءَ جي مستڪ تي هٿ رکي، اکيون پوري، پريوءَ کي پرارٿنا ڪري رهي هئي. وايو منڊل گنڀير ۽ چنتاتر هو.

شري ليلارام کي پرون پٺجي ويا ته بس، هاڻ آنءُ هلڻ وارو آهيان، سو ڏاڍي پيار ۽ قرب وچان پنهنجي جيون ساٿڻ ۽ ٻنهي پٽن ڏانهن نهاريائين. ڪجهه دير ڪان پوءِ وڏي پٽ کي چيائين :- ”پيارا پٽ پهلاج، توتي شل سديو آسيس چمڪي.

۾ اچي ٿو؟" جڏهن سڀني ٻالڪن وري ڏيان سان اهو درشيہ ڏٺو، تڏهن مگڌ ٿي ويا ۽ هن ٻالڪ کي ڀاڪر پائي کيس چنبڙي پيا ۽ چوڻ لڳا ته هاڻ اسين هميشه هيءَ "نئين راند" ڪندا رهنداسين. تو بيشڪ اسانجي رهبري ۽ رهنمائي ڪئي آهي. تنهنجا شڪرانا! تنهنجا شڪرانا!!"

سمي پائي، هن رانول، ديش جي راجا، ساڌو واسواڻيءَ ڪيئن نه لکن جي رهبري ۽ رهنمائي ڪئي ۽ کين پريما ڀڳتيءَ ۽ جڳ جَنَ جي شيوا جو، مارگ درشن ٻڌايو!

ڏياري

سمي گذرندو ويو. ٻالڪ واسواڻي هيئر اچي اٺين درجي پهتو. هڪ ڏينهن سندس پوجيہ پتا شري ليلارام، ڪنهن ڀاڙ ڀسڙيءَ جي مرتيوءَ تي مساڻن ۾ ويو. شام جو اتان گهر موٽيو، ۽ جيئن اشنان پاڻي ڪري ليٽي پيو ته اچي تپ چڙهيس. وران ديويءَ ۽ ٻنهي وڏن ٻالڪن، پتا جي ڏاڍي شيوا ڪئي، پر تپ لهي ئي نه. ڪي ڏينهن تپ لڳاتار بيٺو رهيو. ڏياريءَ جو ڏينهن به اچي سهڙيو. ٻالڪ واسواڻيءَ سوچيو ته ٻاهران ڏياريءَ جي جهرمر به ڏسي اچان ۽ ٿورا ٽڪل، جي کيس ڏاڍا وڻندا هئا، سي به ڪائي اچان. سو نماشام جو گهران نڪتو. گهرن، رستن ۽ دڪانن تي ننڍڙا، نماڻا ۽ سهڻا، مٽيءَ جا ڏيئڙا ٻري رهيا هئا. مٿي نيلي آڪاش ۾ به ٿورا ٿورا گگن ديپ ٽمڪ ٽمڪ ڪري، ساري وشو کي روشني ڏيئي رهيا هئا. ٻالڪ، هيٺ پرٿويءَ ۽ مٿي آڪاش ۾ جوت جو پرڪاش ڏسي خوش ٿِئي ٿيو. هونءَ به روشنيءَ جو پرڀاءُ سندس دل تي گهرو ٿيندو هو. ٻاڻ کي ٿئي ڇيائين ته ڏيئڙا آهن ته مٽيءَ جا، پر منجهائن ڪيڏي نه جوت پيئي جهلڪي! وري ڪڙڪين ۽ ڪنهڙن کان فانوس لٽڪيل ڏسي چوڻ لڳو ته آهن رنگ برنگي، باريڪ پني ۽ ڪاني جا ٺهيل، پر منجهن ڪيڏي

دلارا اُسرن ۽ لائقيءَ کي لڳن. سو همٿ ڪري مڙيوئي پيئي گهر جو گاڏو گهليندي هئي. سندس ڪن سڄڻن کيس گهڻو ئي صلاح ڏني ته ٻارن جون فيون ڪٽي معاف ڪراءِ، پر هن غيرت واريءَ ديويءَ، فخر سان کين ورندي ڏني ته ”پلي بکه پرم جي، شال ۾ وڃي شان!“ مان پيٽ کي پٽيون ڏينديس، پر ڪنهن اڳيان هٿ کين ڦهلائينديس.

اهڙيءَ طرح ٻالڪ اسڪول ۾ پوري تن، من ۽ ڌن سان وديا وٺڻ لڳا ۽ پريکشائن ۾ پنهنجو جوهر ڏيکاريندا رهيا.

ديوي آئلي ٻيسنٽ

ان ڏينهين سنڌ ۾ هڪ عجيب لهر اُٿي لڳي. نوجوان ۽ پڙهيل ڳڙهيل هندو، پنهنجي ڌرم جو گيان ۽ قدر وساري، لاپرواه ۽ ناستڪ ٿيندا پئي ويا. ايشور مان سندن وشواس نڪرندو پئي ويو. ڇو، ڀڳوان وري ڇا جو؟ هُو ڪٿي آهي؟ اهو وجهه وٺي ڪرستاني ۽ مسلمان ڌرم جا نيتائون، اهڙن هندن کي ريهي ريجي، سندن ڌرم بدلائي رهيا هئا.

ڌرم جي اهڙي هاڃي ٿيندي ڏسي، راج رشي ڏيارام گدومل، جو هندن جو هڪ سياڻو ۽ دوُرانديش نيتا هو، تنهن ڊاڪٽر اَئني ٻيسنٽ، جا هڪ هوشيار ۽ ويچاروان استري هئي، تنهن کي خاص نينڊ ڏيئي سنڌ ۾ گهرايو ته اچي اسان جي نوجوانن کي، هندو ڌرم جي مهانتا، گيان ۽ گڻن بابت پنهنجا اُپديش ڏي. هن ديويءَ ڪي پنهنجي ويچارن ظاهر ڪرڻ ۽ اُترائتي نموني ۾ ڳالهائڻ جي ڪا عجيب ڏات هئي. سو جڏهن هيءَ پرسد استري، رشي ڏيارام جي وينتي اونائي، سنڌ ۾ آئي، تڏهن پنهنجي مٺي ۽ جادوءَ ڀري آواز ۾ هندو نوجوانن ۽ بزرگن کي للڪاري چوڻ لڳي ته ـ اي پيارا ڀائرو، توهين سياڻا آهيو جو هڙي رشين، منين، سنتن ۽ اوتارن جي مهان هندو ڌرم ۾ جاوا ۽ نپنا آهيو! هندو ڌرم، وشو جو سناتن ڌرم آهي، جنهن ۾

تنهنجو نانءُ ناموس سنڌ و ديش ۾ چمڪو پکڙيو.“ پوءِ ٻئين نمبر پٽ جي آلين اکين ۽ مايوس مکڙي ڏانهن نهاري چيائين:- ”پٽ! تنهنجي لاءِ مان ڇا چوان؟ تون ته هرڳالهه ۾ الوکڪ آهين. تنهنجي هڪ هڪ ڳالهه نرالي آهي. تنهنجو هڪ هڪ ويچار وچتر آهي. تنهنجي مک ۾ هڪ انوکي مٺيا آهي. تنهنجي جيون جي سوڀيا ۽ سڳنڌ نه فقط هند سنڌ ۾، پر ڀارت کان ٻاهر وديش ۾ به ڦهلبي، ڇو ته منهنجا پٽ، **تون سنت ٿيندين!**“

اها ڀوشيه واڻي ورڻن ڪري ۽ سيني تي انتم آسيس جي درشٽي ڌري، هن پياريءَ آتما، پنهنجي شرير کي تياڳي، مکتي ڌام ڏانهن پنهنجي ياترا شروع ڪري ڇڏي. ائين پرتيت ٿيو ڄڻ ته سنسارڪ ڏياريءَ جي ڏيئڻ جي روشنيءَ کان، ديو لوڪ جي دويه جوت جو پرڪاش سندس نرمل آتما کي اڏڪ پريه لڳو.

پتا ڀاڻ ته وڃي الک جي اوٽ ۾ آرامي ٿيو، پر پنيان ڪٽنب پريوار جي هرديه مندر جا ڏيئڙا جي وسامي ويا، سي هاڻ ڪير ٻاريندو!

گهرو حالتون

سرڳواسي پتا ليلارام هونءَ ته زميندار هو. ڪيس پنهنجون ٻنيون ٻارا هئا، جن مان گهر جو چرخو آرام سان پيو هلندو هو. جيئري، ٻنين جي ديک ڀال ڀاڻ پيو ڪندو هو. پر هيئنئر سندس پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ، وران ديوي، سوچ ويچار کان پوءِ، ٻنيون هڪ مائٽ کي سنڀال لاءِ ڏنيون. پر هن پياري جو هڏ ساڻس گڏيل ڪين هو. سو ”پرائي جهار، پرائي جهرڪيءَ“ جيان جهڙي تهڙي نظرداري ڪري، مهني سر مهني، نالي ماتر ڪيس، لکو اڌلکو، ڪجهه ڏيندو هو، جو ماءُ ۽ چئن ٻارن جي ادر پورنا لاءِ ڪافي ڪين هو.

پر جيئن ته ٻئي وڏا پٽ، پڙهڻ ۾ محنتي ۽ هوشيار هئا، تيئن ماتا پيءُ پنهنجي دل کي ڏڍ ڏيندي هئي ته اِجهو ته منهنجا

۽ ڪنڊن سمان سر ۾ شبد، خود بخود اِئين لهرائڻ لڳا، جيئن سندس سامهون وهندڙ ڦليليءَ جي سطح تي لهرون! اِهو ڏسي بالڪ جي اَندر ۾ اَچڻ سان گڏ آنند جو اَحساس ۽ اُتپن ٿيو ۽ هوُ اِيشور جا آپار مڃڻ لڳو. اَلبت هن اُن وقت اِئين ڪين سمجهو ته وڏي هوندي سندس ڪنٺ چڪر ۾ ماتا سرسوتي ديوي پاڻ اَچي سمپورن طرح براجمان ٿيندي. سندس مک مان پڻ واڻيءَ جي صورت ۾ هيرا، لعل، ماڻڪ ۽ موتي ٽپڪندا، جن سان اَنيڪ جگياسوُ پنهنجي هرديه آنچل جون جهوليون ڀري، پنهنجي آتمڪ جيون مالامال ڪندا!

وڪالت

سال گذرندا ويا. بالڪ پنهنجي پريڪشائن ۾ پهريون نمبر ايندو رهيو. سندس هوشياريءَ جي هاڪ، ڪستوُريءَ ۽ چندن مثل هر طرف ڦهلجڻ لڳي.

هڪ ڏينهن شهر جي پرسد وڪيل، شري ٽيڪچند ڪيس پاڻ وٽ گهرائي سندس هوشياريءَ ۽ ساراهه جا ٻه ٻول پريا. چوڻ لڳس ته ”سنا بار، تون ههڙو هوشيار وديارٿي، ڇو ڪين ٿو وڪالت پڙهين؟ وڏو ٿي وڪيل ٿج ۽ مون سان گڏ جي پرئڪٽس (Practice) ڪج. ڏاڍو نالو ۽ ناڻو ڪمائيندين.“

پر هن اَنوکي بار جا ويچار ٻه اَنوکا هئا. سو چيائينس ته ”سائين، توهان جي گهڻي مهرباني، جو ههڙي سندر آڇ ڪئي اَٿو. پر مونکي ڪميا ڪجهه منهنجا ويچار ٻيا آهن. مان دنيا جو مان شان، ڌن دؤلت ۽ عهدو اِقبال ڪمائڻ نٿو چاهيان. مان ته هن دنيا جو ٿيڻ ڪي نٿو چاهيان.“ وڪيل صاحب، هونءَ ته دليل بازيءَ ۾ گهڻو اُپي گوهر هو، پر هن بالڪ جا ههڙا وچتر وچن ٻڌي صفا دنگ رهجي ويو.

وڏي هوندي پيارو دادا چوندو هو ته ”ڪيترا وڪيل آهن دنيا جي در تي وِڪيل.“

شري رام، شري ڪرشن، شري گوتم ٻڌ، شري گؤرنگ، شري گرو نانڪ، تلسي داس، ميران ٻائي، سُورداس، ڪبير ۽ ٻين انيڪ ڌارمڪ ۽ آتمڪ سنتن ۽ اوتارن اچي وقت بوقت جنم ورتو آهي ۽ ستيه، گيان، ڀڳتيءَ، نشڪام ڪرم، شيوا، يوڳ، تياڳ ۽ تپسيا جو مارگ درشن ڏنو آهي، وغيره وغيره.

هڪ شام جو حيدرآباد جي نيشنل ڪاليج لئبرريءَ ۾، جت حشام ماڻهن جا حاضر هئا، اُت هن ديويءَ پنهنجي زوردار شبدن ۾، هندو ڌرم جي مهانتا ۽ وشالتا بنسبت اُپديش ڏنو. سيني جي دلين تي، ۽ وشيش طرح پياري ٻالڪ واسواڻي (جو ٻه اُت اُپستت هو)، جي هردي تي اُن ڀاشڻ هڪ زبردست ۽ بجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪيو. جيئن ئي ديوي اُٿي بيسنت اُٿي بيهي ٻئي ڳالهايو، تيئن چرڻ ته ماڻهن تي جادوءَ جي ڇايا پئي وڌائين!

ٻالڪ جڏهن کان بيسنت ديويءَ کي ٻڌو هو، تڏهن کان سندس دل ۾ ٻه اُمنگن جا ترنگ اُٿڻ لڳا. چوڻ لڳو ته ڇا ته ڳالهائڻ جي عجيب ذات اٿس! هي سرسوتي ديوي! تون مون تي ڪڏهن اهڙي ڪرپا درشٽي ڌريندينءَ، جيئن مان ٻه ائين ڳالهائي سگهان؟

ڳالهائڻ جي ذات

هڪ شام جو ٿڌ ڪار ۾، جڏهن وايو منڊل ۾ شانتي استاپن هئي، ۽ جيئن ئي ٻالڪ ڏانور قلبليءَ جي ڪپ تي، اڪيلو ئي اڪيلو، پنهنجي ئي ويچارن ۾ ڌيمي ڌيمي ٽهلي رهيو هو، تيئن هن وري ٻه هڪ وار حسرت ڀريءَ صدا سان پريوءَ کي پڪار ڪئي ته ”هي پريو! مان ڪڏهن ائين ڳالهائي سگهندس؟“

اُجا ان اُمنگ جو اظهار ڪيائين ئي مس، ته اندران اِڪ اِشارو اِيندو محسوس ڪيائين ته ”اي ٻالڪ، ڇو ڪين توهينئر اِي آزمائي ڏسين؟“ اڪيلو ته هو ئي، سو ميدان صاف ڏسي ڪٺي پنهنجو مک کوليائين. ڇا ڏسي ته سندس مک مان منا، مڌر

پڙهان. جنهن جي هڪ ئي شلوڪ ۾ ايڏي گوُڙ سکيا سمايل
آهي، تنهنجي باقي سلوڪن ۾ ڇا نہ خزانو هوندو!

سو گهر اچي اهو سڀ اپنشد پڙهيائين ۽ اُن جو اَرٿ سمجهڻ
جي ڪوشش ڪيائين. اُن جو اڀياس ڪندي سندس اندر ۾
وڌيڪ وڌيڪ اُڪير اُٿڻ لڳي تہ جيڪر مان بہ تياڳہ ۽ ويراڳہ جي
پاڙ ۾ وڌان، ۽ سنساري سک ۽ ڀوڳہ، جي ڪن پنگو ۽ کهنبي جو
چٽڪو آهن، سي تياڳي ۽ تجي، شل سڀو، پڪو ۽ نج ۽ نتيہ،
آتما جو سک پراپت ڪريان.

ڪراچيءَ ڏانهن

ٻالڪ جي وڏي ڀاءُ، شري ڀلاج راءِ، جنهن کي هوُ دادا
ڪري ڪوٺيندو هو، تنهن کي هينئر ڪراچيءَ ۾ نوڪري ملي.
ڪراچي، حيدرآباد کان ايترو پري هئي جيترو پوُنو بمبئيءَ کان.
هن سوچيو تہ مان جو اڪيلو ڪراچيءَ وڃان، تنهن کان چوڪين
پنهنجي پياري ڀاءُ کي بہ ساڻ وٺي وڃان. پر اُن لاءِ کيس پوُنين
اَئڪيڊمي ڇڏڻي پوندي. اَئڪيڊميءَ جا اُڌياپڪ ۽ وديارٿي
هڙي پياري ٻالڪ کي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪين هئا، پر ٻيو ڪو
چارو نہ ڏسي، ڏاڍي ڏک وچان کيس وڃڻ ڏنائون. هيڊ ماستر
ڪانٽرئڪٽر کيس سرٽيفڪيٽ ڏنو، جنهن ۾ لکيائين تہ ٻالڪ جو
چرتر تمام سندر ۽ وديا ۾ هو تمام هوشيار آهي. اهو سرٽيفڪيٽ
کڻي هوُ ڪراچيءَ جي اين. جي. وي. هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر
ٻالنجيءَ وٽ آيو، جنهن ٻالڪ جي صورت ۽ سرٽيفڪيٽ ڏسي
بنا دير کيس خوشيءَ سان داخل ڪيو.

ڪرڙا سروور

ٻالڪ هت بہ پوري ڌيان ۽ لگن سان پڙهڻ لڳو. چرتروان
۽ هوشيار وديارٿي هئڻ ڪري کيس سڀ اُڌياپڪ ۽ وديارٿي
چاهڻ لڳا. تنهن کان سواءِ منجهس جي پريم، ديا، همدرديءَ ۽

ايش اُپنشد

بالڪ هينئر مئٽرڪ ڪلاس (اَڄ ڪلهه جو يارهون) ۾ اَچي پهتو. پوُنين اَڪيڊميءَ لاءِ ساڌو هيرانند ڪلڪتي مان ڪي خاص آدرشي اَڌياپڪ گهرايا هئا، جن مان هڪ هو برهم بنڌو پاڌيايه، جو سنسڪرت جو هڪ ودوان پنڊت هو ۽ ويدن ۽ اُپنشدن، جي اسان جي آدي رشين منين اُچاريا آهن، تن ۾ پربين هو. هن اَڌياپڪ جو بالڪ واسواڻيءَ سان خاص سنيهه ٿي ويو هو.

هڪ ڏينهن بالڪ کي پاڻ وٽ سڏي، پنهنجي پرسان وهاري چيائين ته "پيارا واسواڻي، اَڄ ته مان توکي "ايشا واسيه اُپنشد" جو پرٿم شلوڪ سمجهايان." بالڪ ٿوري سنسڪرت ڀاشا ڄاڻندو هو، سو ڏاڍي اُتساهه ۽ ڌيان سان اِهو شلوڪ ٻڌڻ لڳو. شري بنڌو پاڌيايه شلوڪ اُچاريو:- "ايشا واسيم، سروم اِدم......"، ۽ سمجهاڻيءَ طور ٻڌايائينس ته اُن جو اَرٿ آهي ته هي جيڪو پسارو ڏسين ٿو، هي سنسار جا پدارٿ، ماڻهو، مرون، جيوَ، جنتوُ ۽ ٻيون شيون، سي سڀ اَتمڪي ويس ۽ وستر، جي ايشور اسان لاءِ پهريا آهن، اسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ. هي اَتمڪي جاما، هي اَتمڪي سڀ سائينءَ جا روُپ. شلوڪ ۾ وڌيڪ چيل آهي:- "تين تيڪتين ڀنجيٿا، ماگرڌهه..." يعني اُن سڀ جو تياڳ ڪر ته سچو آنند پائيندين. جيڪڏهن توکي سچو سک کپي ته اَول ڇڏڻ سک. ڪنهن لاءِ به من ۾ موهه نه ڌار، نڪي ٻين جي ڌن پدارٿ وغيره ۾ پنهنجي درشٽي اَٽڪاءِ.

بالڪ واسواڻيءَ جي ورتي ته اَڳيئي ويراڳ واري هئي. شوراتريءَ جي ميلي تي جڏهن ڪانئس ڦوڪڻو ڦاٽو هو، تڏهن سندس پوڄيه پتا، جا ڪيس سندر سکيا ڏني هئي، سا اَڃا به چٽي ياد هئس. سو هي رشيءَ جا اَمولڪ وچن، سڌو سندس دل ۾ گهڙي ويا، ۽ پياس ٿيس ته جيڪر اِهو ايش اُپنشد سڄو ئي

ڏنائون. سندس رڳ رڳ ۾، ڏين، ڏکين، غريبن ۽ مسڪينن لاءِ ديا ۽ همدرديءَ جو سنڌو، لهرون ماري رهيو هو!

اول نمبر

واسواڻي نه فقط پنهنجا اِسڪولي ڪتاب ڌيان سان پڙهندو هو، پر سنتن ۽ ڀڳتن جون وچتر جيون ڪهاڻيون پڙهڻ جو به ڏاڍو چاهه هوس. ڀلا سندس ڀرڪرتي ئي جو سنتپڻي جي هئي، سو ڇو نه ائين ڪري! سندر ۽ سکياداڪ پستڪ ئي سندس سچا ساٿي ۽ سنگتي هئا. پر اُن ساڌنا ۾ کيس هڪ اَڙچڻ اَچي منجهايو. ڪراچيءَ ۾ جنهن اوطاق جي ڪوٺيءَ ۾ واسواڻي ۽ دادا ڀلاجراءِ رهندا هئا، اُت ٻه ٽي ڄڻا ٻيا به رهندا هئا. هو شام جو جڏهن آفيس مان موٽندا هئا، تڏهن خوب وڏن واڪن سان پاڻ ۾ ٽڙا نڪاءَ هڻندا هئا ۽ بحث مباحثا ڪندا هئا، جنهن ڪري اَسان جي پياري واسواڻيءَ کي پڙهڻ ۾ ڌيان لڳائڻ ۾ ڇڱي دقت پيش ايندي هئي. پر اَهڙي شور ۽ غل ۾، ڪيئن پنهنجي من کي اَڀياس ۾ ايڪاگر ڪجي، اِن سمسيا جو سماڌان هن پياري ڳولي ڪڍيو. اِن ڪري سڄيءَ جيون ۾ هن دنيوي مسئلن ۽ آتمڪ اُلجهنن ۾، سدئو پنهنجي چت جي ورتين کي شانت ۽ سيتل رکيو.

ٽيسٽ مئٽرڪ جو اِمتحان به اَچي سهڙيو، جو واسواڻيءَ ڏاڍي خبرداريءَ ۽ ڌيان سان ڏنو. پوءِ هو پنهنجي دادا سان، جنهن کي هاڻ حيدرآباد ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج جو سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو ويو هو، گڏجي اُت آيو. اِمتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو ته خوشخبري مليس ته سنڌ جي سڀني وديارٿين ۾ هو پهريون نمبر آيو هو!!! اَهڙي قسم جي تار ڪراچيءَ مان کيس سندس هيڊ ماستر موڪلي، جنهن لکيائيس ته توکي مئڪليڊ اِسڪالرشپ ملي آهي! اِها تار کڻي واسواڻي مشڪندو اَميءَ وٽ آيو ۽ پيري پئي اَچي ڪانئس آسيس ورتائين. اَمي اِها خبر ٻڌي ڏاڍو

تياڳ جا سڌ گڻ هئا، تن تہ کيس ترت ئي سيٺيءَ جو پڙهہ ٻٽائي ڇڏيو.

هڪ ڏينهن جيئن هو هڪ اَڌياپڪ سان گڏ اِسڪول جي پرسان بيٺو هو تہ ڏٺائين تہ هڪ غريب، مسڪين ۽ لاچار اِنسان، نماڻا نيڻ کڻي پيو ليلائي تہ ”آهي ڪو، جو هن سياري جي سيءَ ۾ ڪو پراڻو ڦاٽل ٽٽل ڪمبل ڏئي؟ مان ٿڌ ۾ پيو ڏڪان.“ هن غريب اِنسان جي قياس جوڳي حالت ڏسي، بالڪ جي دل ۾ رحم جاڳيو؛ سو چيائينس تہ بابا، تون ٿورو وقت هت ئي ترس تہ مان گهران تو لاءِ هڪ گرم ڪمبل کڻي اچان. پرسان بيٺل اَڌياپڪ جڏهن کيس ائين چوندو ٻڌو، تڏهن کيس چيائين تہ واسواڻي، تون هن غريب کي ڪمبل جي بدران جي هڪ رپيو روڪ ڏيندين تہ هو وڌيڪ خوش ٿيندو. واسواڻيءَ کي پنهنجي اَڌياپڪن لاءِ پنهنجي دل ۾ ڏاڍي شرڌا هئي، سو جڏهن اِهي اکر ٻڌائين، تڏهن چيائين تہ مان هن جو چيو ڪيئن موٽايان؟ سندس چوڻ مون لاءِ حڪم آهي. سو اُمالڪ پنهنجي کيسي مان رپيو ڪڍي کڻي غريب کي ڏنائين. تن ڏينهن ۾ رپئي جو ملھ گهڻو وڌيڪ هو. سو رپيو هٿ ۾ ڏسي غريب جون اکيون ئي چمڪي پيون. هو خوش ٿيندو، وڏيون وڏيون آسيسون ڪندو روندو رهيو.

اُن رات جڏهن واسواڻي، سياري جي سيءَ ۾، پنهنجي گرم بستري ۾ ڪمبل اندر ڪوسو ٿيو سمهيو پيو هو، تڏهن اَچانڪ پنهنجي دل ۾ اُن غريب جي يادگيري ٿي آيس. سو چوڻ لڳو تہ برابر مون کيس رپيو ڏنو، پر جي ڪمبل ڏيانس ها تہ هن وقت هو ڪيئن نہ ڪوسو ٿيو، سمهي ننڊ ڪري ها! مون کيس ڪمبل ڇو ڪين ڏنو؟ اُن خيال کيس ڏاڍو دک پهچايو ۽ گهڻي وقت تائين سندس ڪومل هردي جي ڪرُوڙا سروڙ ۾، دک ۽ درد جا طوفاني ترنگ اُٿندا رهيا ۽ کيس سک سمهڻ ڪين

جي کھڙي ڳالھ ڪجي! ھرھڪ ڪم ۾ بيحد ھوشيار ۽ چمڪيلو ھو؛ سو ترت ڪاليج جي پروفيسرن ۽ پرنسيپال جو ڌيان ڇانھس ڇڪيو. وري جو ھڪ اھڙو واقعو ٿيو، تنھن تہ پرنسيپال ھئسڪيٽ کي بہ سندس قابليت لاءِ داد ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. اُن وقت نوجوان واسواڻيءَ جي آيُو سترھن سال ھئي.

ھڪ ڏينھن پرنسيپال صاحب، ڪاليج جي پھرئين سال جي وديارٿين کي لکڻ لاءِ ھڪ مضمون ڏنو. واسواڻي، جو انگريزي ڀاشا ۾ نهايت ئي پربين ھو، تنھن اِھو مضمون اھڙي تہ ھوشياريءَ ۽ اثرائتي ڍنگ سان لکيو، جو پرنسيپال صاحب اُھو جاچيندي ائين محسوس ڪيو ڄڻ تہ واسواڻيءَ ڪٿان ڪاپي ڪري لکيو آھي. سو ڪيس آفيس ۾ گھرائي چيائين تہ واسواڻي، مون کي تو مان اِھا اُميد ڪين ھئي تہ تو جھڙو آدرشي ڇوڪرو بہ ڊاڪٽر اُنني بيسنٽ کي ڪاپي ڪري مضمون لکندو. واسواڻي اِھا بي واجبي تهمت ٻڌي حيرت ۽ دک ۾ پرنسيپال جو منهن تڪيندو ئي رھيو. ھُو ڀلا ھو سچ جو پوڄاري، تنھن جي چرتر تي ھھڙي ناجائز تهمت! پر ھمت ۽ ڌيرج سان پرنسيپال کي للڪار ڪيائين تہ سائين، منھنجي ھڪ وينتي آھي. توھين مون کي ھينئر جو ھينئر ڪنھن بہ وشيہ تي لکڻ لاءِ مضمون ڏيو ۽ پوءِ فيصلو ڪجو. پرنسيپال کي شايد اِھا ڳالھ نہ بہ وڻي ھجي، تڏھن بہ وديارٿيءَ جو ساھس ڏسي، کيس ھڪ نئين وشيہ ڏنائين ۽ چيائينس تہ ھاڻ اِھو مضمون، ھن آفيس ۾ منھنجي روبرو ويھي لک تہ مان ڏسان تہ تون اُھو ڪھڙيءَ ريت ٿو لکين. واسواڻيءَ ڌيرج ۽ ڌيان سان اُن مضمون کي اھڙي تہ سندر ۽ پورن نموني ۾ لکيو، جو پرنسيپال اُھو پڙھي بلڪل دنگ رھجي ويو ۽ سندس منھن جو پنو ئي لھي ويو. پر جيئن تہ ھُو خود بہ ھڪ سچار اِنسان ھو، تيئن ڪليءَ دل سان واسواڻيءَ کان معافي ورتائين ۽ چيائينس تہ واسواڻي، مون کي سچ پچ تو جھڙي چمڪندڙ

خوش ٿي ۽ سندس پٺي ٺپري چيائين تہ ”پٽ، ڏنيواد هجيئي! واڌايون هجنئي! ڪيئن، هاڻ ڇا تو ڪرڻ چاهين؟“ تنهن تي پٽس وراڻيو تہ ”امي، جي سچ پڇين تہ مان نوڪري ڪرڻ ٿو چاهيان. مون کي ٽيهہ رپيا ماهوار پيا ملندا؛ تن مان پندرهن رپيا تون ڪٽج ۽ پندرهن مان. اسان لاءِ اهو ڪافي آهي. فرصت جي وقت ۾ سنتن ۽ فقيرن جو اُچ سنگ ڪمائي، پنهنجي جيون ٻہ پيو ٺاهيندس. امي، هن دل اندر اٿيئي هيءَ پياس تہ مان فقير ٿيان: نام جو نوڪر ٿيان.“

بس، اميءَ اهي اکر ٻڌا مس تہ سندس اکيون اچي آليون ٿيون. وِسي ٿي ويئي ۽ پٽ کي دک وچان چيائين تہ ”پٽ، تون هي ڇا بولي رهيو آهين؟ متان اهڙي ڳالهہ من ۾ آندي اٿيئي؟ تون وڏي وديا وٺي خوب ناڻو ڪمائي آڻي مون کي ڏي، جئن مان سرتين ساهيڙين اڳيان ڪنڌ مٿي ڪڻي جهڙي ٿيان. مون کي پياس اٿيئي تہ تون خوب پڙهي وڏو ماڻهو بڻج. مان وڏي ماڻهوءَ ۽ شاهوڪار پٽ جي ماءُ ٿيڻ ٿي چاهيان.“ ائين چوندي اچي اوچنگارن ۾ پيئي. واسواڻي، ماءُ جو روئڻ ڏسي سهي نہ سگهيو، سو ڪيس تسلا ڏيڻ لاءِ چيائين تہ ”امي، تون روءُ نہ. جيئن تون آگيا ڪندينءَ، تيئن ئي ڪندس.“

ڪاليج ۾

سنہ ١٨٩٦ع ۾ نوجوان واسواڻي پنهنجي جنم ڀومي حيدرآباد ڇڏي، ڪاليجي وديا حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪراچيءَ آيو ۽ اچي مينارام هاسٽل ۾ رهيو. تن ڏينهن ۾ سڄيءَ سنڌ پرانت ۾ فقط هڪ ئي ڪاليج (ڊي. جي. سنڌ) هوندو هو، جنهن ڪري ساري پرانت جا وديارٿي ڪراچيءَ ۾ ئي ايندا هئا. سيڏي پارٿي ڪاليجن وانگر، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو پرنسيپال بہ هڪ انگريز، مسٽر هئسڪيٿ هو. نوجوان واسواڻيءَ جي هوشياريءَ

سکمني صاحب جو ڪلاس شروع ڪريان تہ جيئن مان بہ اُنهن سان گڏ جي، اُنهن اوچ شاسترن جو، باريڪ بينيءَ سان اڀياس بہ ڪريان ۽ پنهنجي جيون ۾ سچي گيان جو پرڪاش بہ جڳايان.

هونءَ تہ سڀاءُ ڪري، نوجوان واسواڻي ڪجهہ لڄارو ۽ گهٽ رلڻو ملڻو هو، پر سندس آتما ۾ جو سماج سڌار ۽ پراپڪار جي چڻنگہ لڳل هئي، تنهن ڪيس ويهي رهڻ ڪين ڏنو. هن پنهنجي سڀاوَ ۽ پرڪرتيءَ وارن وديارٿين جي ويجهو آندو. سو ڪن پياسي روحن سان هن اِها ڳالهہ ڇوري، جن کي بہ سندس ويچار ڏاڍا وڻيا. ترت هر شام جو مينارام هاسٽل ۾ گيتا ۽ سکمني ڪلاس چالو ٿي ويا. واسواڻيءَ جي مک ۾ هڪ عجيب مٺيا هئي، ۽ سندس ڀاونائن جي سچائيءَ ۽ سرلتا ۾ ڪيترن وديارٿين جو وشواس هو، اِن ڪري اِهي ڪلاس جلد ڏاڍو ترقي ڪري ويا.

واسواڻي هاڻ ڪيترن هم وديارٿين جو هردا ڪرتا ۽ آتمڪ نيتا بڻجي پيو. سندس واڻيءَ ۾ عجيب ميٺاج ۽ مڌرتا هئي. تنهن کان سواءِ اَندر جي سوجهي ۽ آتمڪ گيان پڻ ڀنڊار مثل ڀرپوُر هوس؛ سو ڪلاس بدلجي هڪ ستسنگہ جي روُپ ۾ ظاهر ٿيا. ڏيري ڏيري نوجوانن جو اَنداز ويو وڌندو ۽ اَنيڪ نوجوان، جن اَڳہ پنهنجو قيمتي وقت پئي برباد ڪيو، سي ستسنگہ جي سڳنڌت وايوُ منڊل جو لاڀ وٺي، پنهنجي جيون ۾ ڌارمڪ ۽ آتمڪ ٻرڦوُرتن جو اَنوکو اَنڀوُ ڪرڻ لڳا.

آشو ڏالو وديارٿي

اِنساني مئورتي بہ عجيب آهي! ڪنهن بزرگہ پروفيسر جي مکہ مان، وديا ۽ گيان جون ڳالهيون ٻڌڻ تہ وديارٿين لاءِ هڪ سڀاويڪ ڳالهہ آهي. پر هڪ همعمر وديارٿيءَ جي واتان اَهڙيون وچتر وارتائون شروع ڪرڻ، ڪن شاگردن لاءِ هڪ اَسڀاويڪ گهٽنا هئي. اَڪثر ڪري ڪاليجي وديارٿي جڏهن ڪٿ گڏبا هئا، تڏهن دنيوي ٻاتہ چيت سان گڏ نوجوان واسواڻيءَ جو نالو بہ ضرور

سِتاري تي ناز آهي. مون ناحق توتي شڪ ڪيو. ۽ ٻئي ڏينهن اُئي، بنا دير جي، هُو پرئي ڪلاس ۾ نوجوان وديارٿيءَ واسواڻيءَ جي ساراهه جا گيت ڳائڻ لڳو.

نوجوان سمپادڪ

سال به سال، ڪاليج جي هڪ مخزن نڪرندي هئي، جنهن ۾ ڀن ڀن وشين تي ليک ۽ ڪوتائون لکي، ڪيترا شاگرد پنهنجو جوهر ڏيکاري، مخزن جي شوڀا وڌائيندا هئا. ان مخزن لاءِ سمپادڪ به ڪنهن هوشيار ۽ آزمودگار وديارٿيءَ کي چونڊيندا هئا، جو پروفيسرن جي رهبريءَ ۽ سهايتا هيٺ، اُهو ڪاروبار سنڀاليندو هو. نوجوان واسواڻيءَ جي انگريزي، توڙي سنڌي لکڻي، نهايت سندر ۽ نرالي ڍنگ جي هئي. هُو بيحد هوشيار ۽ محنتي وديارٿي هو ۽ گهڻئي ديشي، وديشي ڪوين ۽ ليکڪن جا پستڪ پڙهڻ جو به شوقين هو. سو هُو يڪراءِ ڪاليج مخزن جو سمپادڪ استاپن ڪيو ويو. سندس سمپادڪيءَ جي سمي ۾، مخزن جو رنگ ڍنگ ۽ آن بان، بلنديءَ جي شکر تي وڃي پهتو.

هن، هڪ کان وڌيڪ، ظاهر ۽ گپت، نالن ۽ تخلص سان، ڪئين بيحد وڻندڙ ۽ نوين ڍنگ سان ڪوتائون ۽ ليک لکيا، جن وديارٿين ۽ پروفيسرن کي حيرت ۽ هرش، آنند ۽ اُلهاس سان گڏو گڏ سندن جذبن کي به جاڳرت ۽ بيدار ڪيو.

گيتا ۽ سکمڻي ڪلاس

ايترو ڪارڻ ڪندي به هن پياري نوجوان واسواڻيءَ جي هرديه ۾ اَڃا به اَسنتوش هو. هو ڏسندو هو ته ڪاليج جا گهڻيئي وديارٿي پنهنجو اَمولڪ سمو، يت شت ۽ سندر پوشاڪن ۽ فيشن پٺيان ڪيئن نه پيا وئرٿ وڃائين. پاڻ جو هڪ نيڪ ۽ آدرشي شاگرد هو، سو سندس من ۾ ويچار آيو ته ڇو ڪين وديارٿين سان گڏجي، هڪ ٽولي ٺاهي، شام جو شريمد ڀڳوت گيتا ۽

۽ کيس ائين چئي ته تون اتي ترس ته اسين اچون ٿا، پاڻ سڀ هليا ويا.

واسواڻي ڪجهه وقت ائين سانت ۾ اتي ويٺو ئي هو ته اُن جڳهه واريءَ ڪڙڪيءَ مان هڪ ڇوڪريءَ کيس ڏسي ورتو، ۽ سندس ڌيان ڇڪائڻ لاءِ کيس مٿي اچڻ جا اشارا ڪرڻ لڳي. ويچاري واسواڻيءَ کي ڇا خبر ته وَل ڇل ڇا ٿيندو آهي، يا ٽريا چرتر ڪهڙي مايا آهي؟ ائين سمجهيائين ته شايد اُن ڇوڪريءَ کي ڪا تڪليف آهي، اُن لاءِ پيئي کيس ڪوٺي. سو هُو ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويو. ڇوڪري شڪل شبيهه، ويس وڳن ۽ هار سينگار ۾ موهيندڙ هئي. واسواڻيءَ جي سندر، سڊول ۽ آڪرشڪ صورت ڏسي، هوءَ مٿس موهت ۽ مست ٿي ويئي؛ سو کيس رجهائڻ لاءِ خوب ناز نخرا ڪرڻ لڳي. سندس اکين ۾ واسنا ڀڪي رهي هئي. تڏهن واسواڻيءَ پروڙيو ته سندس ساٿين، ساڻس بيواجبي حرڪت ڪئي آهي. ترت پنهنجي سڀاو انوسار، هن جاءِ کان ڇٽڻ لاءِ، هُو پنهنجي پياري پريوءَ کي دل ۾ پڪارڻ لڳو. اُن وقت سندس چهرو گنڀير، پر من موهڪ، سوَرڻ منگل مورتيءَ مثل چمڪڻ لڳو. سندس نيتر انترمکي، ڪنهن دُور ديش ڏانهن، اوُنهي ڌيان ۾ مگن ٿي ويا. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو جڻ ته هُو ڪنهن اسراري دنيا جو دؤر ڪري رهيو آهي. ڇوڪريءَ وري به سندس ڌيان ڇڪائڻ خاطر پنهنجي پايل جي جهنڪار ڪئي، پر سندس اهو وار به وئرٿ ويو. تڏهن هن مايا موُرتيءَ، مکه کولي، سر سنگيت گنگنايو ۽ هڪ آخرين ڪام باڻ ڇوڙيو. پر هت ته هڪ برهم لوڪ جو، درڍ نشچي وارو، پر شانت مي، اَڏول، استر ۽ اَچل ديوتا، پنهنجي نروڪلپ سماڌيءَ ۾ ولين، ويٺو ئي رهيو! اها پرستتي ڏسي، نينگري نهايت پريشان، پشيمان ۽ حيران ٿي سوچڻ لڳي ته هي اَنوکو نوجوان آخر ڪير آهي ۽ هت ڪهڙي ڪارڻ، هن آستان تي اچي سهڙيو آهي! هوءَ اُها انهيءَ اَچمبي

ڳڻهندا هئا. ڀلا ڳڻهڻ ته چوڻ! هم ڪلاسيءَ جي ناتي جو هڪ ايڏي لائقيءَ کي لڳو هو ۽ ڪين گيان تي ڏنائين، سا سياوڪ هڪ اُستادڻ ڳالهه هئي. پر ڪي شاگرد اهڙا به هئا جن ۾ نه هئي شردا ۽ نه هو وشواس. هو چوڻ لڳا ته اِهو واسوانيءَ جو سڀ ڍونگ آهي. حقيقت ۾ هو پنهنجي پوڄا ڪرائڻ ٿو چاهي، اِن لاءِ ئي هو گيان جا ٻه چار گفتا ٻڌائي، پاڻ کي سنتپرش سڏائڻ ٿو چاهي. اَسين ڪيس آزمائينداسين. پوءِ ئي سندس اَڇا ڪارا پڌرا ٿيندا. پر جي سچ پچ هو آزمائش مان پار پيو ته پوءِ بيشڪ اَسين ڪيس سنت ڪري سڏينداسين. پر جي نه، ته اَسين سندس پول پڌرا ڪري، سندس ڪلاس ٻلاس سڀ ڀهڪار ڪنداسين.

پريڪشا

پريڪشائون، اِنسان جي گپت شڪتين کي ٻاهر ڪڍن ٿيون، ۽ سندس آتمڪ پرڪرتيءَ کي وڌيڪ پرڪاشت ڪن ٿيون. پر پريڪشائن جي به حد ٿيڻ گهرجي. ڪاليج جا ڪي ودياٿي هئا: ”ڇوڪر ڇٽيءَ ذات جا، جي ڀڳت ۾ ڀُون ڀُون ڪن.“ تن هڪ ناجائز رٿ رٿي، ههڙي پياري پياري، نرمل وچارن واري، اَبوجهه واسوانيءَ کي آزمائڻ جي. تن، هڪ ڏينهن ڪيس چيو ته واسواڻي، اَسان جو وچار آهي ته توهان اَڄ شام جو اَسان سان جيڪر گهمڻ هلين. واسوانيءَ کي ڪين ”نه“ ڪرڻ جو ته ڪو سبب ئي ڪين هو؛ سو وچاري ڪٽي ”ها“ ڪئي. شام ٿي. حرڪتي ڇوڪرن جي ٽولي، نوجوان واسوانيءَ کي ساڻ ڪري ٻنڊ تي نڪتي. اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندا، ۽ پاڻ ۾ وقت بوقت معنيٰ ڀريل اَکين جا اِشارا ڪندا، هو ڪيس اونده جي اوٽ ۾، هڪ گهٽيءَ ۾ وٺي آيا. مٿي ڳگن منڊل ۾ موتي ٻڻي چمڪيا. هن نرمل بالڪ جي هردي آڪاش ۾ به گيان ديپ ٽمٽمائي رهيا هئا. هو ته هڪ اَبوجهه ۽ وشواسي ساٿيءَ جيان ساڻن گڏ هلي رهيو هو. اوچتو سندس ساٿي، ڪيس هڪ جڳهه جي اَڳيان وٺي آيا

ساگر پار

اُن زماني ۾ ڪاليج جا ٻه اِمتحان بمبئيءَ ۾ ٿيندا هئا، جنهن لاءِ ڪراچي ڪاليج جي وديارٿين کي يا ٽرين رستي، يا سمنڊ رستي مسافري ڪرڻي پوندي هئي. پئسي وارا ته ٽرين جي فرسٽ ڪلاس ۾، يا جهاز جي ڪئبن (Cabin) ۾ چڙهندا هئا؛ پر جي پورا پنا هئا سي يا ته ٽرين جي ٽرڊ ڪلاس ۾ يا جهاز جي Deck (ڪليل ڪاٺ جي پٽين) تي سفر ڪندا هئا. نوجوان واسواڻي، سپاو ڪري رومانٽڪ هو، اِن لاءِ هن جهاز ۾ سفر ڪرڻ پسند ڪيو، جيتوڻيڪ ڊيڪ وارن مسافرن کي آرام گهٽ ۽ تڪليفون وڌيڪ سهڻيون پونديون هيون. ٻيا به ڪيترا وديارٿي ساڻس گڏ ڊيڪ تي سفر ڪري رهيا هئا.

واسواڻي سانت جو ڪوڏيو هو سو اَڪثر ٻين کان الڳائي، اَڪيلو ئي اَڪيلو، جهاز جي مهڙواري چيڙ ي (Hall) ۾، ريلنگس کي جهلي، تازي ۽ کليل، جهر جهر هوا ۾ وڃي بيهندو هو. وشال ساگر جي سيني تي لهرن جي اَڻٽڪ اُٿل پٿل ۽ نرمل نرتيه جو ديدار ڪري، ۽ وچتر وايو منڊل جي مست هوائن ۽ آڪاش ۾ آزاد پکين جو موج ۾ اُڏامڻ پسي، واسواڻي پنهنجي سرير جي سڌ ٻڌ وساري، ڪنهن اَننت آنند ۾ ولين ٿي ويندو هو. شام جو جڏهن سورج ديوتا پنهنجي مسافري پوري ڪري، پسچم ڏسا ۾، ساگر جي سيني ۾ سمائجي ويندو هو، تڏهن آڪاش ۾ اِندر لوڪ جا دئوي چترڪار، پنهنجي چترڪلا جو رنگ برنگي پردرشن ڪندا هئا؛ ۽ گگن جي وشال پردي تي، اِندر ڌنش جيان سپترنگي پرتيمائن جو، کن کن ۾ بدلجندڙ رنگ روپن جو کيل کيلي، سورگ جو آنند ميه سنديش ڦهلائيندا هئا. ان اَطلس ۽ ڪيمخاب جو مخملي نازڪ سماپت ٿيندو هو ته تاريڪي رات جي سياهه گگن جي هيرن ۽ موتين جڙت ميناڪاري چادر ۾،

۾ آيل هئي ته هن پيشم برهمچاري ديوتا، ڏيري ڏيري پنهنجون اکيون کوليون ۽ هن نينگريءَ ڏانهن، پنهنجي ڪروڌ ڀريل درشٽيءَ جي ڌارا موڪلي چيو ته ”پيڻ، اڄ ته گڏجي اهو سنگيت چيڙيون، جنهن جي جادوءَ جي اثر ڪري، اسان جو اندر، باهر، ٻئي آنند ۾ اچي جهومين.“ ۽ موت ۾ جواب لاءِ نه ترسي، سنت واسواڻيءَ وري به نرمل، نشيلن نيڻن ۽ هرديه جي ڀڳتي ڀاؤ مان هيءَ سريلي، ڪيرتن جي تڪ چيڙي:- ”رام سمر، رام سمر، ايي هي تيرو ڪارج هئه!“

ڇوڪريءَ، جنهن جيت حاصل ڪرڻ لاءِ هر پرڪار جا حيلا هلايا هئا، سا هاڻ پراجت ٿي، نرمل نوجوان سان ڀڳل گان ۾ شريڪ ٿي، پاڻ به جلد ئي رام ڌن ۾ ڪوئجي ويئي. ٻئي نام جي نشي ۾ مگن هئا ته اتيئي واسواڻيءَ جا شيطان ساٿي به اچي سهڙيا. هيءَ عجيب روبڪار ڏسي هو ڏاڍو حيران ۽ پشيمان ٿيا. سندن ڪنڌ هاڻ هيٺ جهڪيل هئا. نيٺ هنن واسواڻيءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائي اچي ڪانئس ڪميا گهري ۽ پاڻ به ڪيرتن ۾ اچي شامل ٿيا. جڏهن ڪيرتن سماپت ٿيو، تڏهن بالڪيءَ جي صورت مان سندس سمست ڪايا پلٽجي وڃڻ جا لڇڻ ظاهر هئا. سنت جي سد ڪرپا سان، سندس جيون بدلجي، نئين ٿي چڪي هئي. هڪ ڪريل روح، اڏامي آڪاش ۾ ستاري جيان چمڪڻ لڳو. سنت انهيءَ لاءِ ته هن سنسار ۾ پڌارجن ٿا!

هو ڏانهن سندس ساٿين کي هاڻ پڪو نسچو ٿيو ته واسواڻي بيشڪ پوڄڻ يوڳيه آهي ۽ کيس اسانکي اپديش ڏيڻ جي هرڪا يوڳيتا آهي. ڪيرتن سماپت ٿيڻ کان پوءِ واسواڻيءَ نينگريءَ کي آسيس ڏني ۽ آديش ڏنو ته بالڪي، هن کان پوءِ تون نئين ۽ نرمل جيون گهارج. پوءِ سڀيئي سانت ۾ هاسٽل ۾ موٽي آيا. پر سندس ساٿين جي ڪنن ۾ گهڻي وقت تائين ڪيرتن جا امر شبد، زور زور سان گهنڊ جيان وڄندا رهيا:-

”رام سمر، رام سمر، ايي هي تيرو ڪارج هئه!“

هئي ۽ چانهه جو پيالو اڳيان رکي چوندي هئس ته پٽ، تون خوب پڙهه، راتيون جاڳي ويهي پڙهه، ته جيئن امتحان ۾ سٺو نمبر کڻين.

سنه ١٩٠٠ع ۾ بي. اي. جو امتحان ڏيڻ لاءِ نوجوان واسواڻي وري ٻيو دفعو بمبئيءَ ويو. هن گهڻي محنت ڪئي هئي، جيئن پهرين ٽن نمبرن ۾ پاس ٿئي ۽ دکشنا فيلو (Dakshina Fellow) مقرر ڪيو وڃي. نيٺ خيرن سان امتحان ڏيئي، هي پيارو حيدرآباد واپس وريو. نتيجو ظاهر ٿيو ته کيس خوشخبري ملي ته هن سٺو ڪلاس ڪنيو آهي ۽ بمبئي وشو ودياليه جي سيني وديارٿين ۾، انگريزي وشيه ۾، هو پهريون نمبر بيٺو آهي! ان لاءِ کيس ايلس اسڪالرشپ (Ellis Scholarship) ملي! خبر ملندي ئي واسواڻي امڙيءَ وٽ آيو ۽ اچي کيس پيري پيو ۽ آسيس ورتائينس. ”امي، هي سڀ تنهنجي آشيرواد جو ڦل آهي،“ واسواڻيءَ چيو. امي ته آنند ۾ ڦولي نه سمائي ۽ کيس آسيسون ڏيندي چيائين ته ”پٽ، مون هن شيءِ گهڙيءَ لاءِ ئي پئي نهاريو آهي.“ پٽس اهو ٻڌي چيو ته ”امي، سچ ته مون پڻ هن سڦلتا جي سميه لاءِ پئي واجهايو آهي.“ پوءِ پڇڪي ۾ چيائينس:- ”ايلس اسڪالرشپ تہ برابر ملي آئم، پر آزادي الائجي ڪڏهن ملندم!“ پٽ جا اهڙا اکر ٻڌي امڙيءَ وراڻيو:- ”ڇا ٻيو چوين؟ توکي ڪهڙي آزادي کپي؟“ تنهن تي پٽس وراڻيو ته ”امي، منهنجي دل ته لڳي انهيءَ لاءِ تين سان. پياس آئم، ڏاڍي پياس آئم ته هيءَ دنيا تياڳ ڪري وڃي فقير ٻڻجان ۽ درويشن، مهاتمائن ۽ سنتن جو سنگ ڪمايان.“ پٽ جا اهڙا گفتا ٻڌي، ماتا جي پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳي، ۽ اکين اڳيان اونده اچڻ لڳس. ٻي سرت ٿي ڪرڻ تي هئي ته پٽس ڦڙتائيءَ سان کيس پنهنجي مضبوط ٻانهن ۾ کڻي جهليو. امي جڏهن سرت ۾ آئي، تڏهن اچي روئڻ ۾ ڇڪي. ۽ جڏهن

چندر ما روپي صغير، سيتل، ديپڪ سند ۽ پورڻ پرڪاش پرگهٽ ٿيندو هو.

اِن عجيب ماحول ۾ اُها ڪا ڪشش هوندي هئي، جو پرڪرتيءَ پريمي واسوانيءَ جي وشد آتما، ڪنهن جادوءَ ڀري اثر هيٺ، پنهنجي انتر آتما جي اگاڌ ساگر ۾ آنند ۽ بي خوديءَ وچان ٽٻيون ڏيندي هئي ۽ اُن مهراڻ مان موج جا موتي لهندي هئي! سندس سرت ۽ ڌيان ڌارا، ٽڪرو ٿي ٽڪرو مٿي چڙهي ويندي هئي ۽ موجن جي مالڪ سان ملي هڪ ٿي ويندي هئي. ۽ هو جڏهن سرت ۾ ايندو هو، تڏهن سوچيندو هو ته ”مان به ساگر جي هڪ لهر سمان آهيان، جا اننت مان آئي آهي ۽ موٽي اننت ۾ سمائجي ويندي. پوءِ مان هيڏي جاکوڙ ۽ جفاڪشي ڇا لاءِ پيو ڪريان؟ پڙهڻ لاءِ ڇو پيو پاڻ پتوڙيان؟“ پر وري سندس ماتا جو معصوم مکڙو اکين اڳيان ايندو هوس. ويچاريءَ ڪيس پاڙهڻ لاءِ ڪيڏا نه ڪشالا ڪيا! ڪيڏيون نه سختيون ۽ سور پئي سٺا! اميءَ جي صدقي ڪيس وديا وڻڻ لڳي هئي، پريڪشائون پاس ڪري سٺو نمبر به کڻندو هو، جيئن هو وڏو عهدو ۽ اقبال ماڻي، جهجهو ناڻو ڪمائي سندس چرنن ۾ ارپڻ ڪري سگهي. هڪ طرف جڳت جننيءَ لاءِ پريم پئي ڪيس اشارا ڏنا ته ڇڏ هن دنيا کي، سڀ ڪجهه تياڳي ڇڏ: پر ٻئي پاسي جنم جيجل لاءِ سنيهه ۽ سو ڌرم پئي پڪاريو ته توکي وديا وڻڻي پوندي؛ لڇميءَ لاءِ ابلاشا رکڻي پوندي. حال ته ماتر پريم ۽ سو ڌرم جي ويچارن زور پڪڙيو.

اپياس ۽ سڦلتا

ڪاليج کي جڏهن وئڪيشن ملندي هئي، تڏهن نوجوان واسواڻي حيدرآباد هليو ويندو هو ۽ اتي خوب پڙهندو هو. هڪ نديءَ ڪنڌيءَ ۾ ٽپائي ۽ ڪرسي وجهي، هو اڌ رات تائين پيو اپياس ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن امي مٿي ايندي

شامل ٿيڻ لڳا. پلا ڏاڏار ڪيس ڳالهائڻ جي ڏات جو ڏني هئي! وري مهاڻبدو به هوس سهڻو، چمڪندڙ چنڊ جهڙو. مٿان جو هوس اَڌياتمڪ گيان جو اَمولڪ خزانو، تنهن ته سندس آڪرشڪ شڪتيءَ ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا! ڳلن جي هٻڪار جڏهن ڪلندي آهي، تڏهن مدوُ مکيون به پاڻ مرادو اَچي مٿن لامارا ڏينديون آهن. واسوانيءَ جي هاڪ ۽ هٻڪار به، جيئن ويئي وڌندي ۽ پکڙجندي، تيئن ڪراچي نگر جون اَنيڪ سنستائون به سندس ”وانيءَ جو واس“ وٺڻ لاءِ ڪيس قرب جي ڪوٺ ڪرڻ لڳيون. جهڙو هوس نالو واسواڻي، تهڙو هوس سندس وانيءَ ۾ واس! خاص ڪري برهمو سماج ڪيس ور ور ڪري نمنترڻ ڏيئي ڪوٺائيندي هئي، جت هوُ گيتا، اُپنشد، ۽ سنتن جي سکيا تي سندر ۽ اَثرائتا اُپديش ڏيندو هو.

اِئين به سال گذري ويا. ايم. اي. جو اِمتحان ڏنائين. سنه ١٩٠٢ع ۾ نوجوان واسواڻي، History and Philosophy (هسٽري ۽ فلاسافيءَ) ۾ M. A. (ايم. اي.) ٿيو!

روئي ھنيانءُ ھلڪو ڪيائين، تڏھن پٽ کي چوڻ لڳي تہ منھنجا صاحب پٽ! جي تون وچي فقير ٿيندين تہ اسين تہ اڳيئي فقير بڻجي ويندا سين. خبر اٿيئي تہ ڪيترين سختين سھي، ڪشالا ڪڍي، ۽ قرض کڻي مون توکي ھيڏي وڏي وديا ڏني آھي! اھي قرض ڪير لاھيندو؟

امڙ جا اھڙا دردناڪ ورلاپ، پٽ جي ڪومل ھردي ۾ تير جيان چڀي ويا. ترت سندس لڙڪ اکيون مان ڇوڙ لڳو تہ "امي، تون روءُ نہ. تنھنجي آگيا اکين تي آھي." امڙ بہ ڏٺو تہ ھاڻ پٽ کي آگيا ۾ ھلائڻ جو سونو وجھ مليو آھي، پل تہ سوگھو جھليانس، سو چيائينس تہ بچا، ٻڌي چڏ. منھنجي جيئري تون فقيريءَ جو نالو بہ زبان تي نہ آڻج. ڪھڙي جيجل پنھنجي ھڙڙي راجا پٽ کي فقيري ويس ۾ ڏسي سھي سگھندي! وچن ڏي تہ جيسين جيئري آھيان، تيسين تون نوڪري ڪري، چڱو ڌن ڪمائيندين ۽ وڏا عھدا اقبال ماڻيندين." پٽ نمرتا ۾ سيس جھڪائي ھٿ ٻڌي وراڻيو:- امي، مان توکي وچن ٿو ڏيان تہ تنھنجيءَ آگيا انوسار ئي ھلندس."

ايم. اي.

نوجوان واسواڻي ھاڻ ڪراچي ڪاليج ۾ "دڪشنا فيلو" بڻيو ھو. کيس ڪاليج ۾، ھفتي ۾ فقط ٽي چار پيريڊ پاڙھڻا پوندا ھئا. باقي وقت ھو ايم. اي. جي ڊگريءَ لاءِ پيو تياري سان پڙھندو ھو. مھني سر مھني کيس پنجاھ رپيا اجورو ملندا ھئا. تنھن کان سواءِ "ايلس اسڪالرشپ" ملڻ جي ڪري کيس ڪيترا ڪتاب ۽ ھڪ سؤ رپيا انعام طور بہ مليا ھئا. موڪلن ۾ حيدرآباد ويندو ھو ۽ ڪاليج کلڻ تي موٽي ڪراچيءَ ايندو ھو.

ھميشھ جيان ھو گيتا ۽ سکمني ڪلاس بہ پيو ھلائيندو ھو. ھاڻ تہ ھو ليڪچرار ھو، سو وڏيڪ نوجوان وٽس ڇڪجي آيا. ڏيري ڏيري، کي پروفيسر بہ سندس ڪلاس ۾

ڪري چوندي هئي ته امي، ڏس ته کڙڪي پري ٿي تنهنجي پٽ کي وٺي ڏيان! (تن ڏينهن ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ پريون هونديون هيون يا نه، تنهن جي سڌ ته صرف ڪشوءَ ماءُ کي.) وري ڏيتي ليتي! گهوٽ ماءُ! اها به جام وٺي ڏيندي سان ۽. تون رڳو "ها" ڪر. ماءُ اهڙا دلچسپ دهل دماما ٻڌي، دل ۾ خوب خوش ٿيڻ لڳي ۽ سونهري سپنن ۾ پاڻ کي هڪ راجڪمار جي گهوٽ ماءُ محسوس ڪرڻ لڳي.

شام ٿي. واسواڻي گهر آيو. ويچارو هو اَٻوجهه، بي خبردار ۽ بي هٿيار. اوچتو اميءَ جي مک تي وڏي مشڪ ڏٺائين. سياڻو پرش، جڏهن ڪنهن به ناريءَ جي مکڙي تي ضرورت کان وڌيڪ مشڪ ڏسندو آهي، تڏهن سندس من ۾ ذرا کٽڪو پيدا ٿيندو آهي ۽ هو پاڻ کي يڪدم خبردار ڪندو آهي. هن سياڻي پٽ به ائين ئي ڪيو. تاڙي ويو ته اڄ مڙيوئي "دال ۾ ڪجهه ڪالا هئه!" سو اميءَ جڏهن اُتساهه ۽ اُمنگ وچان ساڻس مائٽيءَ جي ڳالهه ڇيڙي، تڏهن خبردار پٽ ڳالهه ائين ٽاري ويو، جيئن سياڻو سپاهي، ايندڙ وار ٽاري ڇڏي! منهن تي اَٻوجهائي ڏيکاري کيس چوڻ لڳو ته "امي، تون آهين ته نيڪ نه!" ۽ پوءِ پاسيرو ٿي، مشڪي، پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ماءُ منجهي پيئي!

اهڙيءَ طرح ڪشوءَ ماءُ روز مائٽيون ڪڍي ايندي هئي ۽ امي به روز پٽ کي عرش جا اَنب ڏيکاريندي هئي، ۽ هيڏانهن هي برهمچاري پٽ، روز ڳالهه کي لنوائي ڇڏيندو هو: ڀلا جنهنجو جيءُ جڙيل هجي هڪ جانب سان، تنهن لاءِ پريون ۽ ڇريون، سڀ شمشان ڀوميءَ جي رک سمان!

پر جڏهن امي، پٽ کي ور ور ڪري شاديءَ لاءِ ستائڻ لڳي، تڏهن واسواڻي به پنهنجو ناراضپو کليو کلايو ظاهر ڪرڻ لڳو. ڪڏهن ته ان ڳالهه تان ترشي ۽ تڪرار به اچي ٿيندو هو.

پاڱو ٻيو
ڪرت ۽ ڪمائي

نوڪري ۽ چوڪري!

ايم. اي. پاس ڪيائين ته اُميءَ جي مرضي ٿي ته هاڻ منهنجو پٽ وڪالت پڙهي ۽ مشهور وڪيل ٽيڪچند جيان ٽڪا ڪمائي. پر ڪٿ واسوائي ۽ ڪٿ وڪالت! هٿ ته ڪوڙو ئي نه ٿي لڳو! واسوائيءَ جو ويچار هو ته گهڻا وڪيل ته آهن وِڪيل، دنيا جي در تي. وڪيل سو جو ڪُوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ بڻائي سگهي. پاڻ ته نندي هوندي سان پيتي هٿائين سٽي سچ جي، سو هُو ڪيئن ڪُوڙ ڪپٽ ڪري ناڻو ڪمائيندو! اُميءَ کي چيائين ته تون ڪو فڪر نه ڪر. تون ويهي ڏس ته ڪيئن تو تنهنجي چرڻن ۾ مان ناڻي جون ڍيلهيون آڻي رکان!

نوجوان واسوائيءَ اَول اَول نوڪري ڪئي ماستريءَ جي. نندپڻ ۾ پوُنين اَڪيڊميءَ ۾ پڙهيو. هينئر اُتي ئي اَڌيا پڪ بڻيو. هوُ نوجوان هو. اَتي سندر، سُڊول ۽ سُوسٽ هو. شرير ۾ رشٽ پشٽ هو. ايم. اي. پاس هو، ۽ ڪمائڻ به لڳو هو. بس، زالن کي ٻيو ڇا کپي! ويتر جو سندس ناماچار ساري نگر ۾ چڱو ئي ڦهليل هو، سو مائٽين وارين جا وات به پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳا ۽ من ۾ وڏا ٽپ ڏيڻ لڳيون. پانءِ ته ٻيرو واسوائي سندن لاءِ ڪا سوني مڇلي هو، جنهن کي ڦاسائڻ لاءِ هوُ پنهنجا جار ۽ وار وجهڻ لڳيون. سين ڪان گوءِ ڪنئين ڪشوءَ ماءُ، جا ڏس ته روز پڙو پائي پڳي بيٺي آهي واسوائيءَ جي ماءُ وران ديويءَ وٽ. اُچڻ سان اُڇي اُميءَ کي زور ڏيندي هئي ۽ چٽ چٽ

پر اُپڪار جو پرشانت ساگر هو. اُمي به سندس ڳالهه ڪڏهن ڪين ٽاريندي هئي. سو هن جڏهن ماءُ کي سمجهائي چيو ته ”اُمي، ٽانئون کي هيءُ سونو وجهه مليو اٿيئي. تون به ته اِئين ٿي چاهين ني ته ٽانئون خوب ڌن ڪمائي ڏي. سو هاڻ جڏهن هو تو لاءِ ڌن ڪمائڻ لاءِ ڪلڪتي وڃي رهيو آهي، تڏهن تون پاڻ ٿي ڪيئن روڪين ٿي! تون ڪيس خوشيءَ سان آگيا ڏي. هو به خوش، تون به خوش!“ تڏهن اُميءَ چيو ته ”چڱو، پر منهنجو هڪ شرط آهي. اِهو هي ته هو پنهنجو سمورو پگهار، هر مهني مونکي هتي موڪليندو.“

اُميءَ کي اِهو به خيال ڪين آيو ته منهنجو سمت پت، بنا پئسي، پرديس ۾ ڪيئن رهندو، ۽ ڪيئن پنهنجي اُدر پورٽا ڪندو؟ پر واسواڻيءَ، ماءُ جي اِها ڳالهه به قبول ڪئي. چيائين، هتان ته ڇٽان! اُتي ٽيوُشن ڏيئي پيو پنهنجي پورائي ڪندس. ٿهت ۾ گهت اُت مائٽين وارين جي مصيبت کان ته ڇٽي ملندي.

ڪلڪتي ڏانهن

سو اُهڙين گنڀير پرستٿين جي ڪارڻ، نوجوان واسواڻيءَ کي پنهنجي جنم ڀومي حيدرآباد سنڌڙيءَ جي وطن کي ودا ڪري، دُور دُور پورب ڏسا ۾، بنگال پرانت جي ڪلڪتي شهر ڏانهن هلڻو پيو. پر واستو ۾ اِها رنگ ريکا، رام جي ٺي هئي. ڀاڻو برابر مائٽين جو هو، پر پورب سنديش جي ڀلاءَ لاءِ ڪيس ڪلڪتي ڪاليج جو پروفيسر ٿي، پنهنجو جوهر ۽ جلوو ظاهر ڪرڻو ٿي هو. رام جي رٿا هئي ته واسواڻيءَ رُوپي سُوريه ديوتا جو، پورب ديش مان، گيان روپي پرڪاش ٿئي ۽ اُهو ڦهلجي، ساري ڀارت ۽ وشو کي روشن ڪري. ايشور پنهنجي ڪرپا سان، جنهن کي پنهنجي ٻاجهه ٻانهن ۾ جهلي، چوٽ تي چاڙهڻ چاهي، سو ڪيئن نه سُوريه سمان سونهن ۾ چمڪندو، ۽ مان ۽ شان جي شڪر تي رسندو! شري ڪرشن ڀڳوان پاڻ ڀڳوت گيتا ۾ اهو

نيٺ هي سانتيڪو نوجوان آخر حيدرآباد ۾ رهڻ کان ٿي ڪڪ ٿي پيو. هن چاهيو پئي ته تنهن کان ته مرڳوئي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي نوڪري ڪريان ته هن روزمره جي گهڙيءَ ۽ ڪٽ پٽ کان ته ڇٽي پوندس.

نوڪريءَ جي آڇ

سچيءَ دل ٿي صاحب راضي! هڪ ڏينهن ڪلڪتي جي Metropolitan College مان ڪيس اوچتي ڪوٺ آئي ته اچي هسٽري ۽ فلاسافيءَ جو پروفيسر ٿيءُ. ”تنهن ويتي هئي رتل، ويتر آيس پيڪو ماٺهو!“ واسوانيءَ جي ٻه سائينءَ ڪا ٻڌي. ڏنائين ته هي سونو وجهه ٿو مليم، سو خوش ٿي ماءُ سان اِها ڳالهه ڪيائين. اَميءَ ته چاهيو ٿي ته منهنجي پٽ کي ڪا سٺي نوڪري ملي ته جئن ڪيس وڏو پگهار ملي. پر ڪلڪتي جو ٻڌي ڇيائين ته ”پٽ، مان ڪيئن توکي اکين کان ايترو پري ڪڍ نديس؟ تون چوين ٿو ڪلڪتو حيدرآباد کان ٻه هزار ميل پري آهي. پوءِ توکان ايترو پري ڪيئن رهي سگهنديس؟ نه، بابا، مونکي اِها ڳالهه بلڪل پسند ڪانهي.“

نوجوان واسوانيءَ اِها ڳالهه ٻڌي چپ ٿي ويو. هوُ اَميءَ سان رد ڪد ڪين ڪندو هو. هوُ جيترو ئي ڌيرج وارو هو، اوترو ئي اِيشور ۾ اَتل وشواس ٻه هوس. پنهنجي وڏي ياءُ پهلاجراءِ، جنهن کي هوُ دادا ڪري ڪوٺيندو هو، اُن سان اِها ڳالهه چوريائين. سچي گهر ۾ هوُ ئي هڪ هو، جو ڪيس پوريءَ طرح سمجهندو هو ۽ ڪيس بيحد پيار ڪندو هو. ٻنهي ڀائرن جو پاڻ ۾ ڏاڍو سنيهه ۽ مٺو ناتو هوندو هو. سو دادا چيس ته ”تون ڪو ٻه خيال نه ڪر. مان پاڻيهي تو اَميءَ کي سمجهايان. اِيشور ڪندو ته تنهنجي دل پوري ٿيندي.“

ياءُ پهلاجراءِ هڪ سٺت پرش هو ۽ سندس هردي ۾

ڪنديون هيون. هو ڪين چوندو هو ته مون کي پروفيسر ڪري ڇتان ڪونيو. مان ته آهيان هڪ ياتري، هڪ تلاشي. ڀلا جنهن جي لڳن ۾ لنؤ لڳل هجي، ته ڪنهن سچي ستپرش جي ڪمل چرڻن ۾ ويهي، ستيه وستوءَ جي پراپتي ڪريان، سو انسان ته تلاشي ئي چئبو نه!

وئڪيشن ۾ واپس ورڻ

ڪاليج کي وئڪيشن ملي ته پروفيسر واسواڻي حيدرآباد آيو. گهر ۾ امي، دادا ڀلاجراءِ، ڪڪي ۽ منگهن ڪيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. ڪيس چوڌاري ويڙهي ويا ۽ ڪلڪتي جي خبرچار پڇڻ لڳس. اهڙيءَ طرح آؤ ڀاؤ ۽ ڪـل خوشيءَ ۾ سمو ڪٽجڻ لڳو.

واسواڻيءَ جي مک منڊل تي هڪ انوکي سندرتا ۽ آڪرشڪ روشني پئي چمڪي. سندس سندرتا ۽ اڀرندڙ جواني ڏسي سندس امي وري به موهه ۽ ممتا ۾ ڦاسي ويئي. سندس دل ۾ جي دبيل حسرتون هيون، سي هڪ وار وري اڀري ڪو ڪائي جاڳي اٿيون. پنهنجي ڳڀرو پٽ کي ڏسي وري پياس اٿيس ته جيڪر ڪيس ڇپر جي ڇايا ۾ سکي ۽ سيتل ڪريان ۽ ڌني ونّي ڏيان. ڪهڙي ماءُ ائين نه چاهيندي هوندي؟ وران ديويءَ به سوچيو ته ”منهنجو پٽ ويچارو پرديس ۾ اڪيلو ٿو رهي. شادي ڪندو ته ڀاڻ سان ڌني ونّي ويندو، جا ڀيڻي سار سنڀال لهنديس. ڪاڏي پيتي ۽ گهر گرهستيءَ جي شيوا به ڪنديس ۽ منهنجو برڌ به لهندو. هاڻ ٻاويهن سالن جو اچي ٿيو آهي. سندس ٻيا ساٿي ۽ هم پروفيسر ڪونه شادي ڪيل هوندا؟ پر هن کي ته الائي ڇا اچي ٿيو آهي؟ منهنجي ٻي ته سڀ ڪا ڳالهه مڃي ٿو ۽ پيار ۽ مريادا سان هلي ٿو، پر جڏهن شاديءَ لاءِ ٿي چوانس، تڏهن ته صفا ننو اکر واري ويٺو آهي!“

وڃن ڏنو آهي ته هو پنهنجي ڀڳت جون نه فقط سڀ ضرورتون پوريون ٿو ڪري، بلڪ اُنهن ڏنل پدارٿن جي رکيا پڻ ڪري ٿو.

نئين نگر ۾

پروفيسر واسواڻي ڪلڪتي ۾، سري رامپور اُپنگر جي هڪ آبرودار گهر ۾ مهمان ٿي اچي رهيو. هو رهڻ ڪاڻ جو سمورو خرچ پڪو پاڻ پيو ڀريندو هو. روز سري رامپور کان ڪلڪتي نگر تائين ٽرين رستي ايندو هو.

ڪراچيءَ جي سنڌي نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، هاڻ هن بنگالي يوٿن جي جيون تي اچي جادو لڳايو. منجهس ڪهڙي مقناطيسي شڪتي هئي، جنهن جي ڪارڻ نوجوان اَزخود وٽس ڇڪجي ايندا هئا ۽ پيار جي پڪي ڌاڳي ۾ ٻڌجي ويندا هئا! ڪاليجي وديارٿي جڏهن ڪيس ڪلاس ۾ پاڙهيندو ٻڌندا هئا، تڏهن مٿن اهڙي ته ڪا ڇايا پئجي ويندي هئي، جو هو اِئين ئي چاهيندا هئا ته جيڪر پيريڊ پورو ٿيڻ جو گهنڊ لڳي ئي نه، ته جيئن ڪيس ٻڌندا ئي رهون.

ڪلڪتي ۾ ڪيتريون سنستائون، خاص ڪري برهمو سماج، ڪيس ور ور ڪري قربانيءَ ڪوٺ ڪنديون هيون ۽ ڪانئس پاسڻ ڏياريائينديون هيون. پلا پروفيسر واسواڻي ته هو وشال درشٽيءَ وارو، اُنيوي ۽ راڳ دويش جي دونڊن کان گهڻو مٿي، سو هرڪا سنيءَ سمپردايه واري سنستا، هن لاءِ سمان ۽ پريه هئي. هو به ڪيس ڏاڍي پيار ۽ عزت سان پيش ايندا هئا.

جن ڏينهن ۾ پروفيسر واسواڻي بنگال ۾ هو، تن ڏينهن ۾ اُتي استرين ۾ پردي جو رواج هو. هو پرش اڳيان منهن کولي ڪين وهنديون هيون. پر واسواڻي اُتي مڪاني ماڻهن جي دلين ۾ ايترو ته گهڙي ويو هو، جو هو ڪيترن گهرن جو ڄڻ ته هڪ ڀاتي ٻڻجي ويو هو. سو جڏهن ڪيس ڪنهن گهر ۾ ڪوٺ ٿيندي هئي ته اُن گهر جون ناريون، ساڻس بنا سنڪوچ جي ملنديون هيون ۽ کليءَ طرح ساڻس ڳالهه ٻولهه ۽ واد وواد

هڪل ڪري چوڻ لڳو ته "ڇوڪرا، ڪا خبر به پوئيئي ٿي ته تنهنجي پاڙي ۾ باهه ٻري ويئي آهي؟"

ويچاري وسوڙي واسواڻيءَ سمجهيو ته سچ پچ پاڙي ۾ ڪنهن گهر کي شايد باهه لڳي آهي؛ سو پڇڻ لڳو ته "سائين، ڪنهن جي گهر کي باهه لڳي آهي؟" بهارمل ڪڙڪ نوع ۾ وراڻيو ته "پاڙي ۾ گهر گهر ۾ سخت ڇوُ پڇوُ آهي. سڀ توتي ڏاڍو بگڙيل آهن. اِن لاءِ ئي مان توکي سمجهائڻ آيو آهيان."

واسواڻيءَ تڏهن سامت جو ساهه کنيو؛ دل ئي دل ۾ مالڪ جا شڪرانا مڃيائين، جو ڪنهن گهر کي ته ڪا باهه ڪين لڳي هئي. باقي رهي ڳالهه سندس بدناميءَ جي، سو به فقط اِن ڪارڻ ته هن اُها شادي ڪين ڪئي هئي. جي شاديءَ لاءِ نامنظوري ڏيڻ ڪري، مٿس بدناميءَ جو داغ يا گلا جو گهانگهو چڙهيو هو، تنهن لاءِ ڪيس ڪو به فڪر ڪين هو. پاڙي سان هوُ پاڻيهي پڇي پوندو. پر هن بزرگ ديوان کان ڇڻڻ جو ته ڪو اُپاءُ ڪرڻو ئي پوندو. سو سوچي، تتڪال هن ترتيب ڳولي ڪڍي. ڇا ڪيائين جو هن بزرگ مهاشيه جي چرنن ۾ وري سر جهڪائي ڏاڍي گنڀيرتا سان ڪيس چيائين:- "مهربان سائين، ڪر ڪا خبر، حقيقت جي خبر؟"

ههڙي نِنڍڙي نوجوان جي مک مان ههڙو عجيب گفتو ٻڌي، بزرگ بهارمل ويچارو ته وائڙو ٿي ويو. سمجهي ئي نه سگهي ته اِنهن اکرن جي معنيٰ ڪهڙي؟ ماڳهين منجهي ماندو ٿي ويو. وري به مطلب سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر مغز ۾ ئي موڳائڻ اچي ويس. هوڏانهن وار به واسواڻيءَ ڪيو هو! سو ڪو خالي ويندو؟ بهارمل سوچڻ لڳو ته هي نوجوان واسواڻي، ڪلڪتي ڪاليج جو ودوان پروفيسر ڪيئن بڻيو هوندو؟ ڳالهائي ڇا پيو؟ ڪاليج وارن ضرور ڪا ڀل ڪئي ٿي ڏسجي. ڪجهه دير کان پوءِ هن وِيرَ وري پيو داءُ هنيو. چيائينس ته "ڇوڪرا، آخر مطلب جي

هڪ ڏينهن جيئن وران ديويءَ، پاڙي ۾ ڪنهن مائٽ جي گهر ويئي ته ڏٺائين ته ديوان ڀارومل، جو هڪ وقت ڀاولپور رياست جو عملدار هو، سو ويٺو آهي. ڳالهين ٻولهين ڪندي ديوان کي چيائين ته منهنجي ٽئين نمبر پٽ ٽاڻوءَ کي اَلائي ڇا اَچي ٿيو آهي؟ شاديءَ جو ته ڏس به نه ٿو وٺيس. هڙو اُچو، سٺو ڇوڪرو! پگهار به هيڏو ٿو ڪڍي! مائٽيون به ڏس ته جام پيئون اَچن. پر هي ڇوڪر ته منهنجي هڪ به نه ٿو ٻڌي!

وران ديويءَ کي وياڪل ڏسي، ڀارومل ديواني دم هڻي چيو ته ”تون ڇٽي آهين. اِهو ڪم مون تي ڇڏ. ويهي ڏس ته مان ڪيئن ٿو باز آڻيانس! ويندو ڪيڏانهن؟“ اَمي خوش ٿيندي گهر موٽي. خير سان ٻيو ڏينهن ٿيو. ديوان ڀارومل، جو اَچيءَ سوُنهاريءَ وارو هڪ رڄ چڱو مڙس هو، سو وران ديويءَ جي گهر پهتو. اِيندي شرط ٽي هڪل ڪري چيائين ته ”ڪٿي آهي ٽنهنجو پٽ، جو شاديءَ کان اِنڪار ڪري رهيو آهي؟ آڻينس منهنجي اَڳيان.“ اِئين چئي، فلڪ سان ڪرسي ريڙهي اُن تي شان ۽ دٻدٻي سان ويهي رهيو. اَميءَ پٽ کي سڏي چيو ته ”ٻچا، اَچي پنهنجي وڏي مائٽ سان مل.“

ڪر ڪا خبر، حقيقت جي خبر؟

وچاري اَبوجهه واسواڻيءَ کي کهڙي ڪل ته هي بزرگ مهاشيه ڪهڙي ڪارڻ آيو آهي. سو هوُ پنهنجي سرل سڀاءَ اَنوسار، مشڪندي، اَچي هن مهاشيه ڀارومل جي پيرن تي، مريادا پوُرڪ نميو. پوءِ اُٿي، اَدب جا هٿ ٻڌي، اَڳيانئس بيهي، سندس آڱيا جو اِنتظار ڪرڻ لڳو. هن کي اِئين بيهندو ڏسي، بس، ڀارومل ڀانيو ته اَڌ بازي ته ڪٽيم؛ باقي بازيءَ لاءِ اِجهو ٿو ديواني داءُ لڳايان. سو پنهنجي ڇهري کي ضرورت کان وڌيڪ شوخ بڻائي، نوجوان پروفيسر واسواڻيءَ ڏانهن گهوُري نهاري،

جي پريم ۾)، سو "چڙهيو" (روحاني راه جي منزل تي مٿي چڙهيو!)

پر ڪجهه سمي سوچ ويچار کان پوءِ چهري تي گنڀيرتا مِڙي آيس؛ اکيون آنسن سان ڀرجي آيس ۽ هو زار زار روئڻ لڳو. آخر گوڏا کوڙي پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته "هي ديناناٿ! مون کي هن مايا جار کان ڇڏاءِ. مان گرهست ۾ ڦاسڻ نه ٿو چاهيان، پوءِ هي مون کي زبردستيءَ ڇو ٿا ان ۾ گهلين؟ پرڀو، مان فقط تنهنجو ئي ٿيڻ ٿو چاهيان: ڪيول تنهنجو! مونکي بچاءِ، سائين بچاءِ!"

هن واقع کان پوءِ وئڪيشن جو باقي سمو، نوجوان واسواڻيءَ پنهنجي ايڪانت واريءَ ڪوٺيءَ ۾ مٿي، اڪيلو ئي اڪيلو خلوت ۾ خرچ ڪرڻ لڳو. هاڻ ته ڪيس دنيوي واءُ به نه ٿي وڻيو. ايڪانت ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي هو پنهنجي پريتم شيام سندر سان اورون اورڻ لڳو. پنهنجيءَ امڙ ۽ گهر جي ٻين ڀاتين سان به ٿورو ڳالهائيندو هو. آزاديءَ لاءِ پئي تڙڦيو. مڪتيءَ لاءِ پئي ماندو ٿيو. جان ئي وئڪيشن پوري ٿي، تان ئي هو ڪلڪتي روانو ٿي ويو ۽ اتي اچي اهڙو سامت جو ساهه کنيائين، جيئن ٻانڌي پکي پڃري مان آزاد ٿي، کليل آڪاس ۾ پنهنجي موج ۾ اچي، ڪنب کولي اڏامي!

ست پرشن لاءِ تلاش

هن دفعي جڏهن پروفيسر واسواڻي ڪلڪتي آيو، تڏهن سندس دل ۾ بيحد پياس اُٿي ٿي ته ڪنهن ست پرش جو درشن ڪريان ۽ سندس ڪمل چرنن ۾ ويهي سچ جي کوج پروڙ پايان. هن گرهست جي گوڙ گهمسان ۾ گهڙڻ نه ٿي چاهيو. هن مايا جي ڦندي ۾ ڦاسڻ نه ٿي قبوليو. سندس هردي جي سڪ ستار مان، ڪيول ستن ۽ ست پرشن جي سنگ رُوپي سر سنگيت جو اَلُوٽ آلاپ ٿي اُٿيو. سندس من ماندو هو. سندس

ڳالهه به ڪندين، ڪين نه؟" پر واسواڻيءَ، مکڙي تي ڏاڍي ٻالا پڻ پولا پڻ آڻي، وري به همٿ جوڙي، نمرتا سان ديوان کان پڇيو:- "مهربان سائين، ڪر ڪا خبر، حقيقت جي خبر؟"

بس، هاڻ بزرگ بهارمل جون ته متيون ئي منجهي ويئون. ٿيو ڪنهي سوچڻ لڳو ته هي ڇوڪر ڇتو ٿيو آهي يا منهنجو دماغ ڪم ئي ڪين ٿو ڪري؟ سو وراڻ ديويءَ ڏانهن نهاري چوڻ لڳو ته "ڌيءُ، هي تنهنجو پٽ آخر چوي به ڇا پيو؟ "ڪيچ بڌين به ٿي؟" اَمي وران ديوي اَڃا جواب ڏئي ئي ڏئي، تنهن کان اَڳه ئي واسواڻيءَ وري به اِهو ساڳيو سر آلا پيو، پر هن دفعي اَڳي کان به ڪجهه زوردار آواز ۾:- **"مهربان سائين، ڪر ڪا خبر، حقيقت جي خبر؟"**

بس، بزرگ بهارمل جو ته هيڻڙ صبر ئي ٽٽي پيو. ديوانڙي دم ته ڪڏهوڪو ڪافور ٿي چڪو هوس. واسواڻيءَ جو وري وري ساڳيو سر رامڪلي بڌي ڏهلور ٿي ويو. واڪو ڪري وران ديويءَ کي پنهنجو فيصلو ٻڌايائين ته "مائي، پٽ اٿيمي ڪن ڏم چڪر؟. چرين جيان ساڳي راڳه جي رٽ لڳائي وينو آهي! ٿون جاڻ، تنهنجو پٽ جاڻي. بابا، مان ته هلانءِ ٿو." اِئين چئي هوُ جوش ۾ اُچي هلڻ لڳو. وران ديويءَ گهڻي ئي منٿ ميڙ ڪيس، پر هي مڙس ٻڌي ڇو ٿو؟ اَميءَ عرض ڪيس ته "دادا، پلا کير جو گلاس ته پيئندا وڃو!" پر هي ديوان صاحب ته به به وڃائي، ڇهه به وڃائي، هلندو هليو. نوجوان واسواڻيءَ پنهنجي رمز ڪامياب ٿيندي ڏسي، پنهنجيءَ ڪل کي زبردست ڪوشش سان روڪي، اَميءَ کي ٻڌاوڻي اِنتظاريءَ وڃان چوڻ لڳو ته "اَمي، ٿوري منائيءَ جي آڇ به ڪرينس!" اِئين چئي تير وانگر لڪوڊوڙي، متي ماڙيءَ تي پنهنجي ڪمري ڏانهن پڄي ويو ۽ در بند ڪري اُتي خوب مزي سان ٽهڪ ڏيڻ لڳو. جڏهن ڪلهي کيرو ٿيو، تڏهن پاڻ کي چوڻ لڳو ته "ٿانئون، ڇگو ڪيئه، جو چريو چوائي جند ڇڏايئه. جو "چريو" (پريوءَ

سندر مکڙي تي هڪ اَلوڪڪ، مند مند، موهيندڙ مشڪان هئي، جنهن کي ڏسي، هي پريتم لاءِ پياسي نوجوان واسوائي، پنهنجي سڌ بڌ سڀ ڀلائي ويٺو. سندس پياسي نئن، اُن دئوي روپ جو درشن ڪري، نه ڄاڻ ڪيترو وقت اَمرت رس پيئندا رهيا ۽ جنم جنم جي پياس ٻجهائيندا رهيا.

نيٺ جڏهن ڪيرتن سماپت ٿيو، تڏهن هن منگل مورتيءَ، پروفيسر واسوائيءَ جي سندر چهري تي پنهنجي درشٽي ڌري، ۽ مشڪندي کيس اَندر اَچڻ جو اِشارو ڏنو. واسوائي ڏيري ڏيري، نمرتا ۽ شرڌا ڀاوَ ۾ اَندر پرويش ڪيو ۽ اِيندي ئي اُن سنت جي ڪمل چرنن ۾، ساشٽانگ پرڻام ڪري، هٿ جوڙي بيهي رهيو. ٻين جي دلين تي پريم جو جادوُ لڳائيندڙ واسوائيءَ جي دل تي، خود هينئر جادوُ لڳي ويو! اُها گهڙي، اُها ويلا، جنهن لڳايا مڌر ملن جا ميلا، جتان ٿيا گرو شِشيه جا آتمڪ ڪيلا!

گرديو

هي سنت ڪير هو، جنهن واسوائيءَ جهڙي ڌرماتما ۽ ٻڌر پرش کي، پنهنجي قرب جي قيد ۾ قابو ڪري ڇڏيو؟ هي ديوتا ڪير هو، جنهن ٻين ڪيترين دلين جي روحاني رهبر کي، پنهنجي پريم شڪتيءَ سان آڪرشت ڪري، کيس ئي روحاني رنگ ۾ رڱي ڇڏيو؟ هي مهان پرش هو شري ڪيشب چندر سين جو ڀائٽيو، مهان ودوان، آڪسفورڊ وشو ودياليه جو ايم. اي. شري پرومٿولعل سين! کيس "نالوُدا" به ڪري سڏيندا هئا، هوُ اَهڙو نه نماڻو هو، جو کيس جڏهن ڪي گرديو ڪري سڏيندا هئا. تڏهن کين چوندو هو ته مان گرو ڪين آهيان. مان دادا آهيان. سو مٿس نالوئي پئجي ويو "نالوُ-دا."
پروفيسر واسوائي، سندس نئڙت، پيار ۽ قرب ڏسي ڏانهس اِئين ڇڪجي ويو، جيئن ڀؤنرو ڪمل پشپ ڏانهن! هاڻ هوُ ونس

دل درد ۾ دکي هئي. هن سچي سک جي پراپتيءَ لاءِ تلاش شروع ڪري ڇڏي. هن دکشنيشور جي پورڻ سنت، شري رامڪرشن پرمهنس ۽ سندس شڪتي شالي شش، سوامي وويڪانند جا نالا ٻڌا هئا. سندن اُڌ پُرس جيون چرتر ٻه چار سال واچيا هئائين. پر هوءَ هن وقت هن سنسار ۾ شريرڪ روپ ۾ ڪين هئا. شري ڪيشب چندر سين ته ڪانئن ٻه اڳ پرلوڪ سڌاريو هو. هاڻ هوءَ ڪنهن وٽ وڃي؟ ڪٿ وڃي؟ پڇي سپنا ڏٺائين ته ڪو پريوءَ جو پرم پيارو، سچو سنت سڄاڻ ملي وڃيم ته سندس ڪمل چرڻ پڪڙيان ۽ سندس شرڻ ۾ وڃي سمرپڻ ڪريان؛ اهڙو ڪو لاهوتي لعل مليم، جنهن جي رام رنگ ۾ رڱجي، رچي لعل ٿي پوان.

مڌر ملن

آخر هڪ سڀاڳي ڏينهن سندس پورهيا ڦاب پيا. پاوي ڪيس وٺي آئي هڪ ننڍڙي مڪان تي، جو مٿي ماڙيءَ تي هو. مڪان ۾ ٿوريون ڪوٺيون هيون، جن مان هڪ منجهان، نهايت مٺي مڌر سر ۾، سنگيت جي سريلن سازن سان، ڀڄن ۽ ڪيرتن جو الوڪڪ آلاپ سندس پياسي ڪنن تي پيو. پاڻ ته ڪنهن اَدرشت شڪتيءَ جي ڇڪ ڪيس ڇڪي مٿي وٺي آئي. ڇا ڏسي ته ڪي ڀڳت جن، هٿن ۾ ڪرتال ۽ منديرا، ستار ۽ تان پورا کڻي، ڍولڪ ۽ مردنگ جي تال سان، مڌر ڪيرتن ڪري رهيا هئا، جنهن جا شبد هئا:- "هري بول، هري بول، هري هري هري بول!" ڪيترن ڀڳتن جي شرير جي سڌ ٻڌ به وڃائي ڇڏي هئي، ۽ ڪن جي نيترن مان گنگا جمنا جي پريم ڌارا وهي، سندن پهراڻ پسائي ڇڏيا هئا. انهن ڀڳتن جي ٽوليءَ جي وچ ۾، شانت سؤرُوپ ۽ جوت جي جهلڪ جيان چمڪندڙ، هڪ منڙي، منگل ميه مورتي براجمان هئي، جا ڪيرتن جي ڌن ۾ پنهنجي سُرت چاڙهي، ڪنڌ جهولائي رهي هئي. سندس

هو ته گروءَ وٽ وڃجي ته ٻيهر سان پنڌ ڪري وڃجي ۽ سڪ، شرڌا ۽ نمرتا ڀاوَ ۾ وڃجي؛ ۽ پنڌ ڪندي ڪندي گروءَ جو دل ۾ ڌيان ڌريندي، سندس ڏنل "ٻيج منتر" جو جاپ به ڪندو وڃجي. اِها ساڌنا ڪندي پروفيسر واسواڻيءَ کي چت شانتي هڪ طرف، ۽ من جو آنند ۽ شرير ۾ سگهه ٻئي طرف وڌڻ لڳي. اُن وقت سندس آيُو اَڃا ڀاويهه سال مس هئي! هن ننڍيءَ نهيءَ ۾ سندس هردي ڪمل ۾، ڪيول پنهنجي گرديو جي مڌر موُرتي ئي براجمان هئي، جنهن جو پريم سان پوُڄن ڪري، هن اُنوکي ششيه، آنند جي سروور ۾ تيرٿ اِشنان ڪري، پاڪي پاون ٿي ڪيو. گروءَ جي ڪرپا چت پراپت ڪرڻ جي منوڪامنا سڌ ڪري، سندس من، گنج جي ڇال جيان هر وقت مستيءَ ۾ جهومندو ٿي رهيو.

سگم سنگيت

ڪاليج جي ڪاريه ڪرم کان ڇوٽڪارو پائي، پروفيسر واسواڻي سڌو ويندو هو گرديو جي دواري. اُتي گرديو ۽ گروڀاين جي آنندمئه سنگه ۾ ڀڄن ۽ نام ڪيرتن ۾ شامل ٿيندو هو. هڪ ڀڳت، گلي ۾ ڪول (ڍولڪ) پائي، پنهنجي ڪلا ۽ شڪتيءَ سان، هٿن جي ترين ۽ آڱرين سان زور زور سان تال ملائيندو هو ۽ مستيءَ ۾ اَچي نچندو هو. سنگيت آچاريه، پنهنجي ڀاوَ ڀڳتيءَ ۾ ٻڏجي، مڌر سرن سان رام نام سنڪيرتن ڪندو هو، جنهن سان ٻيا سڀئي پريمي ڀڳت به آنند ۽ اُتساهه ۾ اَچي شامل ٿيندا هئا. ڪن جي هٿن ۾ ننڍيون، سريليون گهنٽيون (Cymbols) هونديون هيون، جي هوُ ڪول جي تال سان "ٽنگ ٽنگ" ڪري، وايو منڊل ۾ مڌرتا پيدا ڪندا هئا. وقت بوقت بنسريءَ، سارنگيءَ ۽ ستار جي سريلن سازن کي به شامل ڪري، هوُ گڏ جي گنڌرو ديش جو اَلوڪڪ سر سنگيت جيئن پيدا هئا، جنهن کان اُتي اُپسٿت ڀڳتن جي هردي، ويڻا جون تارون به تن تنها وڃي

ششيه ۽ داس پاڻ ۾ وچڻ لڳو. ٻنهي جي وچ ۾ اونو پريم جو ناتو پختو ٿيڻ لڳو.

”ٻوڪا“

هڪ ڏينهن گرديو، ششيه تي پرسن چت ٿي کيس چيو ته اَڄ ته مان توکي نئون نالو ڏيان. واسواڻي نهايت گدگد ٿي ٿيو، ۽ دل ۾ اُتڪنٺا وڌڻ لڳس ته گرديو اَلائجي ڪهڙو نالو ڏيندو. نيٺ گرديو مشڪندي، پيار مان چيس ته ”مان توکي ڪونيندس:- ’ٻوڪا‘! ”ٻوڪا“ جي معنيٰ آهي ”مُورک.“ جو خود مهاودوان هو، جو ايڏو سياڻو ۽ سمجهُو هو، تنهن تي گروءَ نالو رکيو ”ٻوڪا!“ پر گرديو توڙ کيس سمجهايو ته ”جيستائين تون اِها ڳالهه نه سمجهي آهي ته تون ايشور کي پائڻ کانسواءِ هڪ مُورک آهين، تيستائين تون آتمڪ مارگ تي پرگتي ڪري نه سگهندين.“

گروءَ لاءِ شردا

ششيه واسواڻيءَ کي، پنهنجي گرديو لاءِ، پنهنجي هرديه ۾ اُونهي شردا ۽ ڀڳتي هئي. جيئن جيئن هو ويو سندس نڪٽ ٿيندو، تيئن تيئن سندس شردا ۽ ڀڳتي به ويئي وڌندي. تن ڏينهن ۾ ڪلڪتي شهر ۾ ٻيون به وڏيون هستيون هيون، جهڙوڪ شري سريندرناٿ بئنرجي ۽ شري بپن چندر پال. ٻنهي کي ڳالهائڻ جي عجيب ڏات هئي. پر واسواڻي وچي پهتو شري پرموٿولعل سين وٽ، جو ڳالهائيندو بلڪل گهٽ هو، پر منجهس دلين کي ڇڪڻ جي هڪ اَنوکي شڪتي هئي. هڪ وار ڪنهن سندس درشن ڪيو ۽ سندس منا ۽ پيار جا وچن ٻڌا ته بس، هو جڻ سندس نرمل پريم جال ۾ جڪڙجي ويو. پروفيسر واسواڻي به سندس پريم جي ڏوريءَ ۾ اُهڙو ته ٻڌجي ويو، جو پنهنجي گهر کان گروءَ جي در تائين، ڪيترا ميل، پنڌ ئي پنڌ ويندو هو. سندس نشچو

نه وڪيشن به ملي چڪي آهي؛ پيارا، هاڻي وطن ور. واسواڻيءَ کي خط مليو ته جواب ڏنائين ته مان به پيو سيني کي سڪ سان سنڀاريان. پر ڇا ڪريان؟ ب پ اَٺم نه جي اِيندس ته مٿان اَمي وري اَچي وواه جي ڳالهه ڪندي؛ تنهن ڪان ته هت ئي سکيو ويٺو آهيان. باقي خاطري ڪريو ته مان ٺيڪ آهيان، ۽ پگهار توهان کي پوري وقت تي پيو موڪليندس.

ماتا جو موه ۽ ممتا

اَميءَ کي جڏهن ڪڪيءَ اِهو پٽر پڙهي ٻڌايو، تڏهن ڏاڍو صدمو رسيس. دل ئي دل ۾ اَنيو ڪيائين ته ويچارو منهنجي ڪري ئي هت نه ٿو اَچي. هت هوند اَچي ها ته مان پاڻ پنهنجي هٿن سان گهر جي ماڻي نه پريم وچان ڪارايانس ها! ۽ سندس دادا به ڪيس ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿئي ها! سچ ته رنگ ۾ ڀنگ وجهڻ جو ڪارڻ مان ئي آهيان. اِئين سوچي ڪڪيءَ کي چيائين ته ياءُ کي يڪدم لک ته پيارا ٻالڪ، تون اَچ ته سهين نه! مان اَنجام ٿي ڏيانءِ ته هاڻ ڀلئي ڀلائي به تو سان شاديءَ جي ڳالهه ڪين ڇوريندي س. هينئر نه اِيندين ته سڄا سارا ڇهه مهنا ٻيا به ترسڻا پوندا!

واسواڻيءَ جڏهن اِهو خط پڙهيو، تڏهن مشڪيائين، ۽ چيائين ته هاڻ وڃڻ ۾ ڪهڙي اَرچڻ آهي؟ سو پنهنجي گرديو جي آگيا ۽ آشيرواد وٺي، ٻئگ ڪڻي چڙهي پيو ٽرين ۾، ۽ پوري وقت تي اَچي حيدرآباد پهتو. بس، ڪيس ڏسي، اَمي، ڀلاج، ڪڪي ۽ منگهن اَهڙو ته گدگد ٿيا، جو ڳالهه ئي نه پڇ. اَمي نه ڪيس ڀيٽي ڀاڪر ۾ ورائي ۽ منهن ۽ مٿي تي موه وچان هٿڙا گهمائي. دلواڻي گهٽيءَ ۾ واسواڻي ڪٽنب جي رونق ئي ڦري ويئي. جيئن نه ٻهرين ٻهرين ٻجلي اَچڻ سان خوشيءَ ۽ اُمنگ جي لهر ڇانئجي ويندي آهي، تيئن واسواڻيءَ جي ٻڌارڻ سان، ڪٽنب جا سڀ ڀاتي به آنند ۽ اُتساه ۾ اَچي ويا. واسواڻي،

اُڀَنديون هيون. پر اُن ساري ماحول ۾ روح ڦوڪيندڙ شڪتي هئي گرديو جي، جنهن جي شرير مان، نيترن مان، هٿن مان، مک مان ۽ اَنگ اَنگ مان، دويه ديش جون ڌارائون اُٿي، من ۽ تن ۾ ترنگ پيدا ڪنديون هيون ۽ اَننت اُمنگ اُڀاريندديون هيون. هڪ هڪ جيءَ، وشيش طور پروفيسر واسواڻيءَ اهڙي ڌارمڪ سنگيت جي پرن تي اُڏامي، وڃي آتمڪ آنند جي اَمرڌام جي شکر تي پهچندو هو! اهڙي رُنتي اُڀاريندڙ وايومنڊل ۾، واسواڻيءَ پنهنجو پاڻ سمورو وساري، ڏن ۾ سمائجي، هڪ ديوتا سمان رُوح بڻجي پيو. هو رام جي رنگ ۾ رڱجي، رڇي لعل ٿي پيو!

وئڪيشن

پروفيسر واسواڻي ڪلڪتي ۾ آنند ۾ رهيو پيو هو. ڪاليج کي وئڪيشن مليو ته به هو حيدرآباد ڪين ويو. ڀلا وڃي به ڇو؟ جي ٿو وڃي ته سندس امي وري شاديءَ جي ساڳي ئي سري راڳڻي ڇيڙيندي، جنهن تان اُڃي تناءُ ۽ وٽاءُ جاڳندو. تنهن ڪان ته ڪلڪتي ۾ گرديو جي آنند دائڪ سنگ ۾ سکيو ويٺو هو. وٽس روز نت نئين پيو پيرو پوئيندو هو.

پر هوڏانهن امي به امي هئي. هوءَ ڪٿي ٿي پنهنجي لعل کي پنهنجي اکين کان ايترو پري رکي سگهي؟ جيجل جننيءَ ته ڏينهن ڏينهن ڪري پئي ڳڻيو ته ڪٿي موڪل مليس ته وري سا ٿس مکاميلو ڪريان. سندس دادا به پٽي اندر ۾ آس اُڀاري ته هاڻ اڄ ڪي ڪي تو منهنجو پيارو ڀاءُ گهر وري. پر هت ته قصو ئي ڪجھ اَور پئي ڏٺو. جيئن پئي دير ٿي، تيئن پئي اميءَ جي اندر ۾ آنڌ مانڌ وڌي. نيٺ پياري پٽ پهلاج سان پنهنجي اندر جي الجهن اوري ڇيائين ته پٽ، ڪا خبر ته لهه ته آخر ٿانئونءَ کي ٿيو ڇا آهي، جو موڪلن ۾ به گهر ڪين آيو آهي؟ سو رت بيهار پائون ته ڪي، اميءَ پاران ڪيس پتر لکي

حيدرآباد ۾ هو، تڏهن ٻيو ته ڪلڪتي کي صفا وساري سگهيو، پر پنهنجي پريتم گرديو کي هڪ گهڙي به دل کان ڌار ڪين ڪيائين. اڪيلائيءَ ۾ وڃي کيس سڪ ۽ اُڪير مان ياد ڪري سڏڙا ڪندو هو ۽ اِئين ڪلپنا ڪندو هو ته ڪاش! پر هجنم ها ته اُڏامي وڃي اُن آکيري ۾ پنهنجي پريتم جي پاس پهچان ها. پر بندو ڪيئن نه بي وس ۽ بي زور آهي! ڪنهن کي ملڻ لاءِ ڪيڏي نه اُونهي اُڪير ڇو ڪين اندر ۾ هجي، پر اُڪير کي نه پر ٿين ٿي ڪين.

خير، هيءَ اسانجو پيارو نيٺ اچي پنهنجي گرديو جي ڪمل چرنن ۾ اُپستت ٿيو ۽ سندس آسيس ورتائين. هو گهڻوئي وقت ڪانئس پري رهيو هو، سو هاڻ گهڻيءَ سڪ ۽ شردا سان وٽس وڃڻ لڳو ۽ اڳي کان به وڌيڪ سمي تائين سندس چرنن ۾ ويهي، سندس ڪمل مکڙي ڏانهن نهاري، ڀؤنئري جيان مڌر واس وٺڻ لڳو، ۽ سندس اَمرت روپي وچن شروع ڪري، پنهنجو تن، من سيتل ڪرڻ لڳو. هو اِئين اَنڀو ڪرڻ لڳو جڻ ته سيتل ڌارائون سندس رڳ رڳ ۾ سمائجي، کيس هڪ اَلوڪڪ شانتي پردان ڪري رهيون آهن.

اسان مان هڪ هڪ چت شانتيءَ جي تلاش ۾ آهي. پر شانتيءَ جي کوج ۾ صحيح مارگ تي نه هلڻ ڪارڻ، اسان کي نراس ٿيڻو ٿو پوي. پروفيسر واسوانيءَ کي پنهنجي گرديو جي نرمل سنگ ۾ سهجيئي چت شانتيءَ جو بي بها موتي پراپت ٿيو. سندس تلاش سڦل ٿي.

سنگت ۾ پرارٿنا جو ٻل

ڪلڪتي ڪاليج جا وديارٿي، پروفيسر واسوانيءَ کي ڏاڍو ڀائيندا هئا. هو چاهيندا هئا ته هو ساڻن گڏ گهاري ۽ ڪڏهن کين شئل تي وٺي هلي ۽ اُتي کين پنهنجو وچتر سهواس

اَميءَ جي چرڻن تي ڪري آسيس ورتي ته اَميءَ ڇڪي ڪڇي
ڪيس ڇاتيءَ لڳايو، ۽ ڏوراپو ڏيندي چيائينس ته ”پٽ، اِئين
ڪيو آهي؟ ايڏو وڇوڙو ڏنو آهي؟“ اِئين چوندي موهه ۽ ممتا
وچان اَکيون آليون ٿي ويس. اِهو ڏسي پٽ جي نيڻن ۾ به نير
ڀرجي آيو ۽ ٻئي ماءُ پٽ هڪ ٻئي سان چنبڙي پيا.

آدِيت شڪتي

پروفيسر واسواڻيءَ ۾ ڪا ته آدِيت شڪتي هئي جو جت
ٿي ويو، تت خوشيءَ جو خزانو کڻي ٿي ويو! هُو هو هڪ جوت
جو منار، جنهن اُونده ۾ اُجالو ٿي آندو. هُو هو رت بسنت بهار،
جنهن پريمين جي هرديه قلوارِيءَ ۾، سُونهن، سوڀيا ۽ سڳنڌ سان
ڀرپُور گل ڦل ٿي ٻهڪايا.

اَمي ور ور ڪري پنهنجي پياري پٽ جي چهري
ڏانهن نهاريو ۽ خوشيءَ مان ڇاڇيو. ڏٺائين ته وڏو پروفيسر ٿيڻ
وڃڻ جي باوجود به هُو ته ساڳيو ئي نهٺو، نماڻو، لڄارو ۽
سانتيڪو هو ۽ هينئر هُو اَڳي کان به وڌيڪ وقت سانت ۾ گذارڻ
ٿي لڳو. سو ڪجهه ڀؤ ٿيس ته مبادا، اَهڙو رخ وٺندي دنيا
تياڳي، متان فقير نه وڃي ٿئي. پر ڀاويءَ کان ڪير ڀڄي سگهيو
آهي؟ جنهن جي للاٽ ۾ ئي سنتپڻو، وئراڳ ۽ جوڳيپڻو لکيل
آهي، تنهن کي ڪير، ڪيئن روڪي سگهندو؟ تنهن کان سواءِ
اَمي ته پٽ جي حاضريءَ ۾ خوشيءَ وچان پنهنجا سڀ ڏک ڀلائي
ڇڏيندي هئي. ڪير ويٺو ڀوشيه جي چنتا ڪري؟ ور تمام ڪال
۾ جو سک ماڻي سگهجي، ماڻجي. سو هوءَ به اِئين ئي ڪرڻ
لڳي. نه ته هُوند جيون ئي جنجال ٿي پوي؛ زندگي ئي زهر
ٿي لڳي.

ڪلڪتي واپس

وئڪيشن پوري ٿي ته پروفيسر واسواڻي، پنهنجن پيارن
جي آسيس وٺي، ڪانئن موڪلائي اچي ڪلڪتي پهتو. جڏهن

وديارٿي بيحد آنند ۾ هئا. روحاني ڳالهيون ڪندي، ڪجھ وقت راند روند ۽ وندر ورونهن ۾ پڻ مشغول رهيا. منجهند جو کين بک لڳي، تڏهن پروفيسر صاحب وٽ اچي کيس ڀوڄن لاءِ وينتي ڪرڻ لڳا. ڀوءِ پيٽ جي پوڄا ڪري سائي گاهه تي ليٽي، ڪجھ وقت آرام ڪيائون.

شام ٿي ته پرڪرتيءَ پنهنجو رنگ روپ بدليو. آسمان جو چهرو بادلن سان ڪارانڄي ويو. اهو ڏسي پروفيسر واسواڻيءَ کين چيو ته پيارا، هاڻ جيڪر واپس هلجي. پر وديارٿين کي مس مس سهڻو سندر موقعو مليو هو، سو هلڻ کان ڪيٻائڻ ۽ ٽاٽمائڻ لڳا. ائين ڪافي دير ٿي ويئي. هاڻ بادلن جي گرجنا سان گڏ بجليءَ جا چمڪاٽ به شروع ٿي ويا. تڏهن مس وديارٿين کي احساس ٿيو ته برابر هاڻ واپس هلڻ گهرجي. سو تڙتڪڙ ۾ تيار ٿي اچي ٻيڙين ۾ ويٺا. ٻيڙيون هلڻ لڳيون ته هوا جو رخ به شوخ ٿيندو ويو. مينهن به ڇوي ته اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان! مطلب ته ساوري ساجن، شيام سندر، ساونڻ جو سانگ ڪڙو ڪري ڇڏيو.

وديارٿين جي چهرن تي چنتا ۽ ڊپ جون ريکائون مڙي آيون؛ سو پنهنجي پروفيسر جي ويجهو اچي چوڻ لڳا ته "سائين، اسان وڏي ڀل ڪئي. شروع ۾ ئي جي اوهان جي آگيا مڃي، نڪري هلون ها ته هيل تائين گنگا پار پهچي به وڃون ها. هاڻ ڇا ٿيندو؟" پروفيسر واسواڻيءَ ملاح ڏانهن منهن ڪري ڪانئس پڇيو ته "بابا، ڪيا حال هئہ؟" ملاح، جو مسلمان هو، تنهن آسمان ڏانهن اشارو ڪري، گنڀير نوع ۾ وراڻيو ته "اب تو الله کا آسرا هئہ!" طوفان جي تيزيءَ ۾، ڇوليون وڏا ڇانگ مارڻ لڳيون، ڪشتيون ڪنبڻ لڳيون، ۽ وديارٿين جون دليون ڌڙڪڻ لڳيون. پر جڏهن ملاح به همٿ هاري ويٺو، تڏهن سنت واسواڻي اٿيو ۽ سيني کي بلند آواز ۾ للڪارڻ لڳو ته "توهين سڀ ڇو گهبرائجي رهيا آهيو؟ جڏهن به سنڪٽ جو سمو اچي،

۽ سگهيا ڏئي. سو هڪ ڏينهن هُو گڏجي ونس آيا ۽ اچي کيس ورائي ويا ۽ وينتي ڪرڻ لڳس ته سائين، ڪڏهن ته اسان کي پنهنجو پيارو سنگ ڏيو. پروفيسر واسوائيءَ جي هردي ۾ به وديارٿين لاءِ اتي پيار هو، سو سندن وينتي تتڪال سويڪار ڪري کين ٻئي ڏينهن تيار ٿي اچڻ لاءِ چيائين. خيرن سان ٻيو ڏينهن ٿيو. وديارٿي پاڻ سان گڏ ڪاڌي پيتي ۽ وندر ورونهن جو سمر کڻي آيا ۽ پروفيسر واسوائيءَ سان گڏجي، ٻن ٻيڙين تي چڙهي گنگا پار ڪرڻ لڳا. پروفيسر واسوائيءَ کي پرڪرتيءَ سان ڏاڍو پريم هو؛ سو پوتر گنگا جي گود ۾، ۽ سندس رنگ ترنگ ۾، ۽ وديارٿين جي ڀڄن ڪيرتن ۽ خوش مزاج طبيعت جي اثر ڪري، پاڻ به آنند ۾ اچي ويو. ڪنهن ڪنهن سمي تي پنهنجون اکيون بند ڪري، پنهنجي پريتم کي ڌيائي، پنهنجي سرت جي ڌارا شبد ۾ چاڙهي، سماڌيءَ ۾ ٿي اچي ويو. اهو درشيه ڏسي، وديارٿي پريم، شرڌا ۽ اچنبي ۾ اچي شانت ميه ٿي ٿي ويا. نيٺ سندن جيون جي نؤڪا جو کيوَڻهار، ٻيڙياتو، روحاني رهبر، گنگا پار ڪري، کين هن پر وٺي آيو، پاڻءِ ته کين آشواسن ڏنائين ته ٻالڪو! توهين نرچنت رهو. مان توهان کي هن سنسار ساگر مان، نام جي نؤڪا ۾ چاڙهي، پرينءَ پر هلي پهچائيندس، جتي شيام سندر، شري ڪرشن، چاڙهي چمن تي مڌر مرلي، پيو گيت ڳائي ۽ پڪاري:- ”آجا! آجا! اچي وشرام پاءِ!“

گنگا پار ڪري، بيلوُر ڳاڙ جي هڪ سندر اُديان (ڦلواڙيءَ) ۾ اچي سيٺي سهڙيا ۽ هڪ وڏو چڪرويوه ٺاهي اُن جي چوڌاري پلٿي ماري، اڪير ۽ اُمنگ مان پنهنجي بزرگ پروفيسر واسوائيءَ جي سندر ۽ چمڪندڙ مکڙي ڏانهن نهارڻ لڳا. پروفيسر سندن سڪ ڏسي ساڻن پريم سان روحاني رازن ڀريل ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳو. وقت ٻوقت کين چرتر جي رکيا ۽ قربانيءَ جي مثالن سان اپديش به ٿي ڏيندو رهيو. مطلب ته

ٻن مهربانيون ڪيون، جنهن سنت جي پڪار ۽ نرمل ۽ پنل دلين جي آراڌنا اڱيڪار ڪئي هئي، ۽ سڀني کي سک ساڻ پار پهچايو هو.

ساڳيءَ طرح، سنت واسواڻيءَ، سون هزارن جيون ياترين جا، پنهنجي ڪرپا سڪاني ڪري، هن ڀؤ ساگر مان جيون جا ٻيڙا پار ڪيا ۽ کين پريتم جي پور پهچايو، جت نت نئين جوت جڳي اُبناسي ۽ جت منڙو شيام سندر، پنهنجي چپن تي چاڙهي بانسري، پيو پنهنجي ڀڳتن کي پڪاري :- ”آجا! آجا! اَچي وشرام پايو!“

گرديو ٽئگور

ڪلڪتي ۾ پروفيسر واسواڻيءَ جو ناماچار ويو وڌندو، تان جو وڃي گرديو رابيندرناٿ ٽئگور جي ڪنن تائين پهتو. ٻئي جڻا ته ساڳيءَ دنيا جا هئا. ڀلا ٻئي هئا ڪوي، ٻئي ليکڪ، ٻئي فيلسوف، ٻئي ديش ڀڳت، ٻئي ودوان، ٻئي ساهتيه ۽ وديا پريمي! ٽئگور جو سڀاءُ به واسواڻيءَ جيان عاشقاڻو هو، سو دل ۾ چڪ ٿيس ته ساڻس ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه ڪريان. سو هڪ شام جو هوءُ سري رامپور ۾ پروفيسر واسواڻيءَ جي گهر آيو ۽ اَچي سندس در کڙڪايائين! واسواڻيءَ کي جڏهن سڌ پيئي ته ٽئگور پاڻ وٽس پريم جا پيرا ڀري آيو آهي ته يڪدم پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي، ساڻس گڏجڻ لاءِ آيو. ڏسڻ شرط ٻنهي هڪ ٻئي کي ڪٺي گلي لڳايو. ڀلا ٻنهي جا هردا جو هئا پريم ساڻ نمنار، سو پاڻ کي ڪئي ٿا روڪي سگهن! ڪيترو وقت هڪ ٻئي ۾ لپٽيا پيا هئا. ڪو وقت ته ڪنهن به ڪجهه ڪين ڳالهايو. ڪيول هڪ ٻئي جي مشڪندڙ مکڙي ڏانهن ٻئي ڏٺائون ۽ ٻئي گدگد ٿيا. پوءِ ٻنهي ويهي پاڻ ۾ مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪيون. ٻنهي ٻئي هڪ ٻئي کي هردي جو نرمل پيار ڏنو ۽ ورتو.

واسواڻيءَ لاءِ اها هڪ فخر جي ڳالهه هئي ته ٽئگور پاڻ وٽس کهي اَچي. تنهن هوندي به کيس نمرتا ۽ پريم ڀاؤ ۾ چيائين

تڏهن اندر جي اونهائيءَ مان اُن سرو شڪتيوان مالڪ کي پڪاريو! توهين اچا نندڙا، نرمل بالڪ آهيو ۽ پرڀوءَ جي نزديڪ آهيو. هُو توهان جي اوشيه اوناڻيندو. توهان جي صدقي اسان وڏن جو بہ اڌار ٿيندو.“

منتر جي مهما

اُن پارٽيءَ ۾ هڪ وديارٿي برهمڻ بہ هو. برهمڻ هوندي بہ هُو پرڀوءَ ۾ وشواس ڪين ڪندو هو. ٻيو هڪ وديارٿي، جو فلاسافي پڙهندو هو، سو چوندو هو تہ مان تہ فلاسافيءَ مان ڄاڻان، پر پرڀو بابت ڪين ڄاڻان. پرڀو آهي يا نہ، تنهنجي کهڙي پڪ آهي؟ پر اَڄ تہ اُنهن بہ گڏجي، پروفيسر واسواڻيءَ کي پڪاريو تہ ”سائين، ٻڌايو تہ ڪيئن گڏجي پرارٿنا ڪريون؟“ واسواڻيءَ، جنهن پنهنجي چت شانتي ڌري رکي هئي، تنهن کين چيو تہ بالڪو، چت کي چلائمان نہ ڪريو. من کي شانت ڪري، اَکيون پوري هي منتر پريم مان اُچاريو:- ”هري رام، هري رام، رام رام هري هري!“

سڀني جا هردا، سنڪٽ جي سمي ۾ ملي هڪ ٿي ويا، ۽ سڀني اَکيون پُوري، هرديہ جي گهرائيءَ مان وري وري پڪاريو:- ”هري رام، هري رام، رام رام هري هري......“

اهڙيءَ طرح هُو ڪيترو وقت اِهو منتر، زور سان پڪاريندا رهيا. اوچتو ڏسن تہ قدرت جو ڪوپ ٻيرو ٿيندو پيو وڃي، آڪاش ۾ گهنگهور گهٽائون گهٽجنديون پيون وڃن، برسات بند ٿي رهي آهي، طوفان جي تيزي ماٺي ٿي رهي آهي، لهرن جو لڙ لهي رهيو آهي، ۽ ڪشتيون بہ ساڌارڻ ڍنگ سان لس ٿي لس هلي رهيون آهن!

اِهو چمتڪار ڏسي سڀني وديارٿين ۽ ملاحن جا چهرا ٽڙي چمڪي اُٿيا. نيٺ جڏهن ڪشتين ڪناري تي اچي لنگر هنيو ۽ سڀني ڌرتيءَ تي پير ڌريا، تڏهن سڀني گڏجي مالڪ ملاح

هئا! بيشڪ، سندس اُوستا هاڻ ڪافي وڏي هئي، پر سندس مکڙي مان هڪ عجيب جوت پئي جهلڪا ڏنا. سندس مشڪ برابر مٺي هئي، پر سندس وچن اُن کان به وڌيڪ مٺا هئا. ڀارت ماتا کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏسي، سندس رڳ رڳ جوش ۾ ڦڙڪي رهي هئي. اِنهن زنجيرن کي ٽوڙڻ ۽ ڀارتواسين کي زبردست اُتساهه ڏيارڻ لاءِ، هن ڪين هيءُ شڪتي شالي منتر ڏنو:- ”سُوراج، اُسان جي جنم جو حق آهي، ۽ اِهو اُسين حاصل ڪري ئي رهنداسين!“

اُهڙي مهان ديش ڀڳت ۽ ڪرم يوگيءَ، شري بال گنگادر تلڪ، سميلن جي اُدگهاٽن سمي، جڏهن اُتي بيهي تقرير ڪئي ته اِنهن ٿي ڀاسيو جڻ ته آسمان جي گهنگهور گهٽا، هيٺ پرٿويءَ تي گرجي رهي آهي! پروفيسر واسواڻي ۽ ٻيا مٿس مست ٿي ويا.

شري رامڪرشن پرمهنس ديو

ڪلڪتي شهر جي اُتريِنءَ ڏسا ۾، گنگا ڪناري، هڪ سندر ۽ وشال مندر ٺهيل آهي، جنهن کي چوندا آهن دڪشنيشور مندر. اِهو مندر، راڻي رسمڻيءَ، اٽڪل نَو لک رپيا خرچي ٺهرايو. اُن ۾ ڪالي ماتا، رادا ڪرشن ۽ شو شنڪر ڀڳوان جون سندر پرتيمائون استاپن ٿيل آهن.

هيءَ راڻي سياڻي! ۽ سڀاڳو هي مندر، جو ته هن جو پوڄاري هو مهان سنت شرومڻي، شري رامڪرشن پرمهنس ديو! هن سنت، هت پنهنجي اَڏيت ليلا لڳائي، ۽ ڪيترين دلين کي پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ چڪيو ۽ پريما ڀڳتيءَ جو مارگ درشن ڏنو. هت ئي سندس ششيه جهڙوڪ سوامي وويڪانند، سوامي برهمانند ۽ ٻيا پريمي جهڙوڪ شري ڪيشب چندر سين، وديا ساگر ۽ ٻيا، پرسڌ ٿيا.

پروفيسر واسواڻيءَ هن پوتر مندر بابت گهڻو ئي پڙهيو ۽ ۽ ٻڌو هو؛ ۽ پياس هئس ته جيڪر اُن جو درشن ڪريان ۽ سنت

ته ”سائين! توهان پاڻ مون وٽ اچڻ جو هيڏو ڪشٽ ورتو آهي! مون کي آگيا ڪريو ها ته مان پاڻ اوهان وٽ اچي حاضر ٿيان ها.“

ٺاڪور، اکين ۾ شرارتي نمڪ آڻي، بناوٽي گنڀيرتا سان چيس ته ”پيارا! جڏهن تنهنجي درشن لاءِ نهاري نهاري ٿڪس ۽ تون نه آئين، تڏهن رهي نه سگهيس ۽ مون کي پاڻ ئي تو وٽ اچڻو پيو.“

واسواڻيءَ جي ڳلن تي لڄا ۽ فخر جي گلابي مشڪ مرڪي آئي، ۽ ٺاڪور جي اڳيان هُو پنهنجو مستڪ نوائي، آڀار مڃڻ لڳو. ٺاڪور دادا کان عمر ۾ وڏو هو.

اهڙيءَ طرح، ڀارت جي ٻن مهان آتمائن جو پاڻ ۾ مڌر ملن ٿيو.

لوڪمانيه تلڪ

ڪلڪتي ۾ پروفيسر واسواڻيءَ کي ٻيءَ به هڪ مهان وڀوتيءَ جو درشن پراپت ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي ڪيس بال گنگاڌر تلڪ جي درشن جي پياس هئي. هينئر ڪلڪتي ۾ هڪ سؤديشي سميلن ڪيو ويو، جنهن جو اُدگهاٽن لوڪمانيه تلڪ کي ڪرڻو هو. اُن ڪاريه لاءِ هُو ڪلڪتي ۾ پڌاريو هو. اهڙو سونهري وجهه وٺي، پروفيسر واسواڻي شري تلڪ کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ، هن سميلن ۾ شامل ٿيو. هن اُتسو ۾ جهجهوئي جن سموهه اچي ڪٺو ٿيو هو. سڀا جو سڀاپتي، شري سريندرناٿ بئنرجي هو، جنهن شري لوڪمانيه تلڪ کي اول ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيو، ۽ پوءِ ئي سندس سواگت ڪيو. جڏهن شري تلڪ جي ڳالهائڻ جو وارو آيو، تڏهن هر طرف اهڙي ته سن سنات ڇانئجي ويئي، جو جيڪر سئي پٽ ۾ ڪري ها، ته اُن جو به آواز ٻڌڻ ۾ اچي ها. هن ديش ڀڳت کي ٻڌڻ لاءِ لوڪ ايڏو پرتيڪشت

مٺيءَ سڳنڌ سان، وايو منڊل، سورڳ جي ديوتا جو آستان پرتيت ٿي رهيو هو. پٺيان ٿي شري ڪرشن، راڌي شيام، چئتنيه مها پرڀوءَ، ايشا، ۽ ٻين ديوتائن ۽ سنتن جون سندر مورتون ٽنگيل هيون.

پروفيسر واسواڻي گهڙندئي، شري رامڪرشن پرمهنس جي تصوير اڳيان شرڌا ۽ ڀڳتيءَ وچان سر جهڪايو. اُن تصوير ڏانهن نهاريائين ته نظر پيس شري ايشا جي تصوير ڏانهن. بس، پوءِ ته ٻنهي تصويرن ڏانهن نهاري پيو نهاري. سندس نيڻن مان نرمل نير وهڻ لڳو. بوندون بس نه ڪن! اُنهن نيڻن جي نرمل نير سان ڄڻ ته هو پنهنجي برهي هرديه جي پريم جا موتي، ڳوڙهن جي مالهائن ۾ پوئي، پنهنجي پيارن جي ڳلي ۾ پائي رهيو هو!

هيءَ ڪهڙي نه اَدڀت پرستش هئي! هڪ پرڀوءَ جو پيارو سنت، ٻين پرڀوءَ جي پيارن سنتن جي سنمک بيهي، هرديه جل جي گنگا جمنا جي ڌارا وهائي، پوتر وايو منڊل ڪري، اَڌڪ پوتر ڪري رهيو هو! پنهنجي آلين اکين سان، سانت ٿي سانت جي گپت ڀاشا ۾، هو پنهنجي پيارن کي پريم جي جل اَنجلي اَرپڻ ڪري رهيو هو.

ائين هو ڪيترو سمو سن ۾ بيٺو هو ته سندس ڪنن تي مندرن جي گهنڊن ۽ نهايت مان ايندڙ شهنائيءَ جو مڌر پرلاءُ پيو. تڏهن هو ڇرڪ ڀري سجاڳ ٿيو. سنڌيا ٿي چڪي هئي. جوت ٻري چڪي هئي. مندرن ۾ سازن جا سريلا آواز، سنساري جيون کي، دنيوي ڪمن ڪارين کان ڪيندي، آرتيءَ جي آنند دائڪ ۽ منن گيتن ڏانهن مايل ڪري رهيا هئا. پاءُ پلڪ لاءِ ڏهن ئي ڏسائن ۾، ڀڳتيءَ ۽ پريم جي ورکا شروع ٿي ويئي. آڪاش ۾ تارن جي روشني، پرٿويءَ جي ڏيائين جي جوت سان ملي، پوتر پريم جو پرڪاش ڦهلائي رهي هئي. مندرن

رامڪرشن جي آسپاس ونان. سو هڪ ڏينهن وچي اُت پهتو. اُت کيس هڪ بنگالي سنياسي ساڻ ڳڏيو، جنهن پڇيس ته ”سائين، توهين ڪٿان آيا آهيو؟“ واسواڻيءَ ورائيو ته ”مان حيدرآباد سنڌ مان آيو آهيان.“ اهو ٻڌي، سنياسيءَ جي مک لي هڪ مٺي مشڪ مڙي آئي ۽ چيائينس حيدرآباد سنڌ جو نالو اسان کي ڏاڍو پيارو آهي، ڇو جو اُتان ساڌو هيرانند، وقت به وقت، شري رامڪرشن کي ملڻ لاءِ ايندو هو. جڏهن کيس شري رامڪرشن جي انتم بيماريءَ جي سڌ پيئي، تڏهن هو ترنت سنڌ مان ڪلڪتي آيو ۽ اچي سندس چرنن ۾ ويٺو ۽ سندس سيوا ڪيائين. هن اهو پروڙيو هو ته اهڙي مهان سنت جي درشن ۽ سيوا جهڙو ٻيو ڪو خزانو آهي ئي ڪين.

شري رامڪرشن پرمهنس، جيتوڻيڪ هن وقت شرير جي چولي ۾ ڪين هو، پر جنهن اتهاسڪ ڪمري ۾ هن پنهنجي الوڪڪ جيون ۽ ڪئين ساڌنائن جا ڪيترا سال گهاريا هئا، اُن جو درشن ڪرڻ ۽ آسپاس ونڻ جي اُونهي ابلاشا، پروفيسر واسواڻيءَ جي هرديه ۾ اُڇل ماري رهي هئي. تنهن ڪري هن، سنياسيءَ کان پريم مان پڇيو ته ”سوامي جي، ميري ’پياري‘ کا ڪمرا ڪهان هئه؟“

سنياسي، سندس من جون ڀاونائون پرکي، ٻنا دير کيس شري رامڪرشن جي ڪٽيا ۾ وٺي آيو. پروفيسر واسواڻيءَ جئن ئي اُن پوتر ڪٽيا ۾ پير ڌريو، تئن ئي هن انڀو ڪيو ته ڄڻ ته سنت رامڪرشن جي آتمڪ ڌارا، سندس هرديه ۾ پرويش ڪري ويئي!“

وشال ڪمري جي پڇم ڏسا ۾، ٻه سجايل پلنگ پيا هئا، جن جي سيرانديءَ کان شري رامڪرشن پرمهنس جي سندر ۽ دل ڇڪيندڙ تصوير رکيل هئي. اُن تصوير کي پشپ مالهائن ۽ ٻتن سان سينگاريو ويو هو. پريان ڏيوريءَ ۾ هڪ تيل جو ديپڪ، ٽمٽمائي رهيو هو. اگر ۽ چندن جي واس ڌوپ جي

واسواڻيءَ جي واڪاڻ جي اڳيئي ڳالهيءَ پانت سُڌ هئي. هنن کي اِها به سڌ هئي ته بنگال پرانت ۾ هن چڱو نالو ڪڍيو هو. سو هنن ڪيس ترت ورندي ڏني ته توهان کي اها نوڪري ملي آهي ۽ اوهين هليا اچو. اِهو سنه ١٩٠٨ع جو سمو هو جڏهن سندس آيو ٢٩ سال هئي. قسمت کيس وري واپس پنهنجي جنم ڀوميءَ سنڌڙيءَ ۾ وٺي آئي. هاڻ هو اچي ڪراچيءَ رهيو.

هوشيار پروفيسر

ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ٻيا به ڪيترا هوشيار پروفيسر هئا، پر پروفيسر واسواڻيءَ جي پاڙهڻ جو ڍنگ هڪ اَنوکو هو. نه فقط سندس ڪلاس جا وديارٿي پر ٻين ڪلاسن جا وديارٿي پڻ جڏهن واندا هوندا هئا، تڏهن سندس ليڪچر ٻڌڻ لاءِ سندس ڪلاس ۾ ايندا هئا. ڪڏهن ته پڙهيل ڳڙهيل ۽ نوڪرين چاڪرين وارا به چاهيندا هئا ته سندس ليڪچر ٻڌون. اَهڙيءَ طرح پروفيسر واسواڻي پنهنجي هوشياريءَ ۽ لگن سان پاڙهيندو هو ۽ شاگرد به اُتساهه ۽ پوري ڌيان سان سندس سکيا گرهڻ ڪندا هئا. نتيجو اِهو ٿيو ته ساليانيءَ رپورٽ ۾ ڪيترائي وديارٿي وڌيڪ مارڪن سان پاس ٿيڻ لڳا. پروفيسر واسواڻي وري به ڪاليج ۾ شام جو گيتا ۽ سکمنيءَ جا ڪلاس شروع ڪيا جن ۾ وديارٿي پروفيسر ۽ ٻاهريان پياسي روح به اچي شامل ٿيندا هئا ۽ پنهنجي من، ٻڌيءَ ۽ آتما جي پٽ ۾ پرگتي ڪندا هئا.

ڪاليج جو پرنسيپال، آئرلينڊ جو هڪ ودوان، ڊاڪٽر جيڪسن هو. هو پروفيسر واسواڻيءَ جي قابليت مان بخوبي واقف هو. سو جڏهن ٻيو ڪو پروفيسر غير حاضر هوندو هو تڏهن هو پروفيسر واسواڻيءَ کي وينتي ڪندو هو ته وڃي سندس ڪلاس وٺو. پروفيسر واسواڻي فلاسافيءَ سان گڏ وڏ اَنگريزيءَ ۽ تواريخ ۾ به ڏاڍو هوشيار هو. سو وقت بوقت کيس اهي وشيون (Subjects) به سيکارڻيون پونديون هيون. وديارٿين ۽ نوجوانن

جي واس ڌوپ جي ڏيهي ڏارا، گھنٽائن جهان، گگن ڏانهن اُڏامڻ لڳي، ۽ مٿان آڪاش مان فرشتن جي سنگيت ڌوني هيٺ پرٿويءَ ڏانهن پکڙجڻ لڳي. واسوائي، اُن سورڳ منڊل جي وايو منڊل جي پرڀاوَ ۾ اچي، پنهنجا نيتر بند ڪري، هٿ ٻڌي، پنهنجي هرديه جي ستار جي تار تار کي ڇيڙي، اندر مان آرادنا روپي آلاپ آلاپڻ لڳو، ۽ پريو پرماتما کي پريم مان پڪارڻ لڳو ته ”هي پرميشور! تون ساري جڳت جا ڪلياڻ ڪج، ۽ وشو ۾ سک، شانتيءَ ۽ پريم جو راڄ برپا ڪج.“

پريو، سنت ۽ ڀڳت جي هرديه جي پڪار، اوشيه اونائي ٿو ۽ اُن کي آنند ۽ پريم جي خزاني سان ڀري، جڻ ته پاڻ سان يوگ يڪت ڪري ٿو.

وري ڪراچيءَ ڏانهن

اهڙيءَ طرح پروفيسر واسوائيءَ کي ڪلڪتي ۾ ڪم ڪندي اٽڪل پنج سال ٿي ويا. هڪ ڏينهن سنڌ سڀاءُ، دادا ڀلاجراءِ کيس لکي موڪليو ته ”پيارا، هٿ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ فلاسافيءَ جي پروفيسر جي جڳهه خالي آهي. جي تون اِن نوڪريءَ لاءِ درخواست ڪندين ته اها نوڪري توکي اوش ملندي. هينئر تون مون کان ڪيڏو نه پري ٿو رهين! ڪڏهن ته تنهنجي مٺڙي مکڙي پسڻ لاءِ پياس ڏاڍي تڙپائيندي آهي. هٿ هوندين ته پيا گڏ گذاريندا سين ۽ مُڪا ميلا ڪندا سين.“

پروفيسر واسوائيءَ کي جڏهن اهڙو سنيهه ڀريو پتر پهتو تڏهن بنا دير هو سڌو پنهنجي گرديو وٽ لنگهي ويو ۽ وڃي سائنس سربستي ڳالهه ڪيائين. گرديو به کيس همٿايو ته ”تون ڪراچيءَ هوندين ته سٺو ٿيندو.“ گرديو جي آسيس وٺي هن بروقت ڪراچي ڪاليج کي تار رستي عرضي ڪئي. ڪاليج جا باني ڪار اها تار پڙهي ڏاڍو خوش ٿيا جو ڪين پروفيسر

راجيه ڪيندر هو. منجهس ڀن ڀن جاتين، ديشن ۽ ڌرمن جا ماڻهو رهندا هئا. اُت سمي سمي تي، طرح طرح جا وڏا ودوان ۽ مشهور نيتائون پيا ايندا رهندا هئا. سو اُت چڱيون سڀائون ۽ سماروهه پيا ٿيندا هئا، جت اَڪثر پروفيسر واسواڻيءَ کي سڀاپتي ڪري چونڊيندا هئا. تنهن کان سواءِ اُت ڪيتريون سنسٿائون پڻ هيون جي ڪيس سڀري ۾ نمنترت ڪري، ڪانئس اُپديش ڏيارائينديون هيون. انهن ليڪچرن تي ڪئين اَنگريز پڻ اُپسٿت هوندا هئا، جن کي اِهو ٻانڌو ر هوندو هو ته ڪيول هُوئي اَنگريزي ڀاشا ۾ سندر ڀاشڻ ڏيئي ٿي سگهيا. تنهن زماني ۾ ڀارت تي اَنگريزن جو راڄ هو، سو سڀاويڪ، ڀارتين ۾ سندن اَک ڪين ٻڌندي هئي، ۽ پڙهيل ڳڙهيل ڀارتي ودوان کي ٻه مورک ڪري سمجهندا هئا. پر هو جڏهن پروفيسر واسواڻيءَ جو نالو ٻڌندا هئا، تڏهن عزت ۽ سنمان وچان، سندن ٻانور و گردن اَزخود جهڪي ويندو هو، ڇو جو پروفيسر واسواڻي نه ڪيول هڪ اوچ اَنگريزيءَ جو ودوان هو پر هڪ آزمودگار ڀاشڪ پڻ هو. ڇا هئا سندس سندر اُچار، ڇا سندر ۽ مهان ويچار، ڇا اُوچ آچار! وري شڪل شبيهه ۽ رنگ روپ ۾ پڻ هُو ڪنهن گوري صاحب کان گهٽ ڪين هو. سندس گورو گورو بدن، سندس نيليون، ٻلوري، چمڪندڙ اَکيون، سندس گهنڊيدار وار، سندس موهيندڙ مڪڙي جي رشين جهڙي مٺيا، تن جو پر ڀاوشالي اَثر، تتڪال گوري ۽ ڪاري تي، سمانتر ٿي ٿيو. سڀيئي هن سندر سنت کي ٻڌڻ لاءِ منتظر ٿيندا هئا، ۽ ٻڌڻ کان پوءِ نهاريندا هئا ته وري ڪڏهن ٿو ڪيس ٻڌڻ جو سؤڀاڳيه پراپت ٿئي. ڀڳوت گيتا ۾ سري ڪرشن چيو آهي ته ”جنهن پرش ۾ ڪو به وشيش گڻ آهي جنهن جي ڪري سندس يش ۽ ڪيرتي ٿئي ٿي، ته اُن پرش ۾ منهنجو اُنش اَڌڪ آهي.“

ان ڪري اِن ڳالهه ۾ ڪو به مين ميک ڪونهي جي اِئين

ڪي ڪيئن ڇڏڻ ته ڪو ڪاڻس سگهي! هو مٿانئس جنسي ٻلهار پيا ويندا هئا ڇو جو هو علم سان گڏ عمل ۾ به اڪابر هو. سندس جوانيءَ جي سندر، سڊول ۽ سوسٺ شرير، پريم ڀري مشڪندڙ نهار، ڌرم، نيتيءَ ۽ مريادا ڀوروڪ وهنوار، انهن سڀني ۽ ٻين انيڪ سد گڻن کين مٿس اکن ڇڪن ڪري ڇڏيو هو.

آشرم

هڪ ڏينهن ڪن ودياٿين اچي کيس وينتي ڪئي ته ”سائين، توهين ڇو ڪين جيڪر هڪ سندر آشرم کوليو، جت اسين به اچي ڪجهه سمو توهان سان سهواس ڪريون ۽ توهان جا امرت وچن شروڻ ڪري، پنهنجي جيون سڌاريون!“ پروفيسر واسواڻي ته چاهيندو هو ته گهڻي ۾ گهڻا نوجوان، پريوءَ جي پريم ۾ ڇڪجي اچن. روحاني رنگ تڏهن ٿو لڳي جڏهن ڪنهن مهاتما يا ست پرش جو سنگ ٿو ملي. پروفيسر واسواڻي، ڪيترن جي ويچار درشٽيءَ ۾ اهڙو ئي هڪ سنت ۽ ست پرش هو، هڪ رشي ۽ روحاني رهبر هو. تنهنڪري ئي کين سندس آشرم ۾ رهڻ جي ابلاشا ٿي. سندن نرمل پيار ڏسي، پروفيسر واسواڻيءَ ترت ئي هڪ اهڙو آشرم کوليو جت ڪيترائي پياسي نوجوان وديارٿي ۽ جگياسو اچي ساڻس گڏ رهيا. هن روحاني رهبر، سندن وچ ۾ ويهي، کين نيتي، نياءَ، ويدانت ۽ آتم وديا جا اپديش ۽ پروچن ڏيئي، سندن دل جي دري کولي، ۽ کين گيان پرڪاش جي جهلڪ پسائي، سندن جيون ۾ پريورتن آندو.

اهڙيءَ طرح هن سچ، پريم ۽ آتم گيان جي اوتار، انين انيڪ بند روح کوليا جيئن بسنت بهار جي نرمل نسيم، ڪلين جون ڪومل پنکڙيون، پريم ۽ ساوڌانيءَ سان کولي، سندن گپت سندرتا ۽ سگنڌ کي کولي پرڪاش ڪري ٿي.

وياڪاڻ

ڪراچي هڪ سهڻو بندرگاهه هو ۽ سنڌ ديش جو وشال

آيوُ اُن وقت ٽيهه سال هئي. سندس هڪ دل پئي چيو ته توکي ڪهڙي لائق آهي جو هلين تو ٻين ملڪن جي ماڻهن کي گيان ڏيڻ؟ ٻيءَ دل پئي چيس ته ههڙو سونهري وجهه مٿان وڃايو اٿيئي. ماڻهو پيا سڪن ته اُسين ولائت وڃون. توکي ته قربانئي ڪرڻ ٿي آهي! اها آچ اُوشيه سويڪار ڪج.

پروفيسر واسوانيءَ جو من اُچا ٻُڌ ٽُرمِ ئي هو ته سندس گرديو، بنگال مان کيس لکي موڪليو ته "مون نسچو ڪيو آهي ته من جي ڪانفرنس ۾ وڃڻ جو. خبر ملي اَٿم ته توکي ۾ ڪوٺ ٿي آهي. سو جي تون هلڻ چاهين ته ٻئي گڏجي هلنداسين."

بس! پروفيسر واسوانيءَ جو جڻ ته فيصلو ٿي چُڪو. گرديو جي آگيا هئي ايشور جو آواز! اُن کي هوُ "نه" ڪيئن ڪري! هن دل ئي دل ۾ سر جهڪائي ڇيو ته وڃڻو ته اُوشيه اٿم. ولائت وڃان ته شل هڪ ياتريءَ ۽ تيرٿواسيءَ جي سدڀاو ۾ وڃان. سچو ياتري سو، جنهن جي جيون ۾ پوترتا ۽ پريم جا ٻه آدرش چمڪن ٿا. شل ولائت ۾ مان پوتر جيون گهاريان ۽ سڀني کي پيار ۽ قرب ڏيان.

وڏن جي آسيس

پروفيسر واسواڻي، اَمي، دادا ۽ ٻين جي آسيس وٺڻ لاءِ ڪراچيءَ مان حيدرآباد ويو. اَمي، اَول ته موڪل ڏنيس ئي نه. چي: "هيل تائين اُسانجي آڪهه مان ڪير پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي، ست سمنڊ پار ويو آهي، ڪيئن؟" تنهن تي سندس وڏي ڀيڻ ڀلاجراءِ ڏاڍي ڌيرج ۽ تحمل سان سمجهايس ته "اَمي، تون ئي سوچ. تنهنجي سنت پٽ کي ڀارت ديش جو هڪ مکيه عيوضي ڪري چونڊيو ويو آهي. ڇا، اها تو لاءِ فخر ۽ گؤرو جي ڳالهه نه آهي؟ هو ته ولائت ۾ ديش ۽ ڌرم جو مان، شان ۽ مريادا بلند ڪرڻ ٿو وڃي! پوءِ ههڙي شڀ ۽ مهان ڪار ۾ جي، ڇو آڏو اَچجي؟"

ڇٽجي ته پروفيسر واسوائيءَ، جو سڀني ڳڻن جي کاڻ هو، تنهن ۾ ايشور جو اَنش ڪوٽان ڪوٽ ڀريل هو! اهو ئي ڪارڻ هو جو سڀيئي کيس هڪ سچو سنت، هڪ روشن رشي ۽ هڪ اوتاري پرش ڪري سڏيندا هئا.

پشچم کان آچ

سنه ۱۹۱۰ع ۾ ولائت جي جرمن ملڪ جي راڄڌانيءَ برلن ۾، هڪ وشو ڌرم سميلن ڪوٺائي ويئي. ۱۷ سال اڳ پڻ هڪ اهڙي سميلن، اَميريڪا ديش جي چڪاگو شهر ۾ ڪوٺائي ويئي هئي. اُن سميلن ۾ جدا جدا ملڪن مان، جدا جدا ڌرمن جا پرتينڌي اچي ڪٺا ٿيا هئا، جت سڀني پنهنجي ڌرم تي روشني وڌي هئي. اِها سميلن اِن لاءِ ڪوٺائي ويئي هئي ته جيئن هرڪو، ٻين ٻين ڌرمن جي خوبين ۽ وشيش ڳڻن مان پريچت ٿئي.

اُن سرو ڌرم سميلن ۾ ڀارت جي هندو ڌرم جو پرتينڌي هو جڳ پرسڌ **سوامي وويڪانند**، جنهن پشچم ديش جي ماڻهن کي، ڀارت ديش جي آدي رشين جو اَمر سنديش ۽ پورب جوتي، ۽ پنهنجي پرم پوڄيه گرديو سري رامڪرشن پرمهنس ديو جا اَمرت وچن ۽ سندر سکيائون، اَهڙي ته زوردار ۽ اَثرائتي نموني ۾ سڻايون هيون، جو هن سڄيءَ دنيا کي جنسي ڌوڏي ڇڏيو هو. کيس ٻڌي، اُنهن جي دلين ۽ دماغ ۾، جا ڀارت ۽ هندو ڌرم لاءِ گهرڻا هئي، سا گهڻي قدر اَلوپ ٿي ويئي. ڀارت جي ويدن، اُپنشدن ۽ ٻين شاسترن جي مهما ٻڌي، سندن دلين ۾ اَسانجي ديش ۽ ڌرم لاءِ عزت ۽ پيار جاڳيو.

هينئر وري ۱۷ سالن کان پوءِ، برلن شهر ۾، هيءَ ٻي سميلن ڪوٺائي ٿي ويئي، جنهن کي **"ورلڊ ڪانگريس آف رليجنس"** جي نالي سان ٿي ڪوٺيو ويو. ڀارت ورش مان جن چئن هستين کي آمنترت ڪيو ويو هو تن مان ٻه هئا: پروفيسر واسوائي ۽ سندس گرديو شري پرمو ٿولعل سين. واسوائيءَ جي

ساگر جو سفر ۽ قادر جي قدرت

پروفيسر واسواڻيءَ کي جڏهن ته ولايت وڃڻ جي پڪ ڪئين هئي، تڏهن هن اُها مکيه تقرير، جا ڪيس ڪانفرنس ۾ ڏيڻي هئي، سا ڀارت ۾ ڪين ٺاهي هئي. پر جهاز ۾ ڪيس ڪافي سمو، سانت ۽ سهنج ملي ويو، سو هن اتي اُسي ويهي پنهنجو ڀاشڻ ٺاهيو. جهاز جي ڊيڪ تي ڪرسيءَ ۽ ميز وڇائي هو پيو پنهنجو قلم وهائيندو هو. جهاز، پنهنجيءَ ڌيميءَ چال سان، ساگر جي سيني کي چيريندو، اڳتي، اڳتي پيو وڌندو هو. کليل هوائون، ايڪانت، ساگر جي سيني تي اُٿندڙ ۽ ٽمڪندڙ لهرون، چت شانتيءَ ۽ سرسوتي ديويءَ، سڀني گڏجي هن سنت کي سهڄيئي سات ڏنو. آڪاش ۾ ڏينهن جو سوريه ۽ رات جو چندرمان ۽ تارا ڏسي، هن جي هرديه ۾ اُنهن جي اُپائڻهار جي ياد پرڪاش ٿيندي هئي. پريو، اُتول جوت جو پرڪاش. ايشور، سويم جوت آهي. جيو، اونده ۾ آهي. ايشور جو سمرڻ ڪرڻ، آهي اونده مان نڪري جوتيءَ ۾ پرويش ڪرڻ. اُهڙن ويچارن سان هن پنهنجي ڀاشڻ جي شروعات ڪئي. پوءِ ته ويچارن پٺيان ويچارن جون ڌارائون اُچڻ لڳيون. اهڙيءَ طرح سندس ويچار، قلم بند ٿيندا ويا، ۽ خير سان تقرير تيار ٿي ويئي.

پاڻيءَ جي جهاز ۽ هوائي جهاز ۾ گهڻو انتر آهي. هوائي جهاز جي سفر ۾ البت وقت گهڻو بچي ٿو، پر اُن ۾ ساموندي سفر جهڙا سک ۽ سهوليتون ڪٿي؟ پرڪرتيءَ جي سچي سونهن ۽ سندرتا، اُن جي وڏائي ۽ وشالتا، سوريه اُديه ۽ اَست سمي، آڪاش ۾ اندر ڌنش جي سپت رنگي چل چترن جو رمڻيڪ درشيه، نيلي گگن ۾ آزاد پکشين جو اُڏامڻ، سيتل هوائن جو ساگر جي سطح تي انيڪ ورتيون اُڀن ڪرڻ، انهن ۽ اَنيڪ ٻين من موهڪ نظارن جي آنند ۽ اُلهاس جو اُهوئي ورڻن ڪري سگهندو جنهن ساگر جو سفر ڪيو هوندو. پروفيسر واسواڻي

اُهيءَ جڏهن اِهي دليل ٻڌا تڏهن ڪجهه شانت ٿيا؛ ۽ اُڃا ٻه ڪجهه ڏينهن هٽيا، نيٺ آگيا ۽ آسيس ڏنائينس. دادا ته خوب آسيس ڏنس ۽ چيائينس ته ”پيارا پاءُ، شل توکي ۽ تنهنجي مهان ڪاريه کي، پريوءَ ۽ ڀارت جي رشين منين ۽ سنتن ستپرشن جي جهجهي آسيس ٿئي. شل سر تي سڦلتا جو سهرو ٻڌي موٽين!“ نه فقط ايترو پر هو سائنس گڏجي ڪراچيءَ به ويو ته وڃي ڪيس شپ پاوِنائن جي وِدائي ڏيئي اُماٽي اچان. پاٿر ته اَهڙا!!!

ديسي پوشاڪ

پروفيسر واسواڻي، ڀارت جو هڪ پرليندڙي ٿي، ولائت تي ويو. هونءَ ته سنڌس پوشاڪ هئي پارسين جيان: ڊگهو ڪارو ڪوٽ (اَچڪن)، اَڇو سُوٽ ۽ پارسي ٽوپي. پر سو چيائين ته ڪيس جڳائي ته اَهڙي پوشاڪ پائي وڃي، جو تتڪال، پرڀان ٿئي هڪ سچي ڀارتيءَ جيان ڏسڻ ۾ اچي. سو بمبئيءَ پهچڻ شرط، هن هڪ پٽڪو ورتو، جو مٿي تي پائي جهاز تي چڙهيو.

پروفيسر واسواڻيءَ جڏهن پَٽڪو پهريو ته ائين لڳو جڻ ته سنڌس سر تي سواميءَ — ڪُل مالڪ — پنهنجي آسيس اوٽي، ۽ ديو لوڪ جي ديوتائن پڻ پنهنجي شپ پاونائن ۽ آشيرواد جي ورکا وسائي. ان ايشوري آسيس ۽ دئوي شپ پاونائن جي جهولِي جهلي، هٿن ۾ پورب جوتيءَ جو ديپ کڻي، ڀارت ڀوميءَ، پنج ڀوميءَ، ماتر ڀوميءَ جي رشين جي چمڪندڙ ۽ سندر سنديش جو جهنڊو جهوليندي، پروفيسر واسواڻي، ايشور ۽ ديش اَڳيان مستڪ جهڪائي، پنهنجي وطن جا ورڻ ڇڏيا. پشچم واسي، اونڌهه انڌڪار ۾ هئا. هو عيش عشرت جي جيون گذاري رهيا هئا. هو اَيمان، اوشواس ۽ ويسر ۾ وڃايل هئا. ۽ هي ڀارت جو سپوٽ واسواڻي، اُنهن ستلن کي سجاڳ ڪرڻ، ويسر ۾ وڃايلن کي ستيه جي سمرتي پردان ڪرڻ، ۽ کين اونڌهه اَنڌڪار مان ڪڍي، جوتيءَ ۾ آڻڻ لاءِ، پورب کان پشچم ڏانهن اُسهيو.

هئي: سڀني ڌرمن جي هلائيندڙ هڪ ايشور جي سٽيتا جو سرندو ساز هو ۽ هر جيو، پکيءَ، پسوءَ، پتر ۽ پشپ ۾ هڪ ئي پريوءَ جي سمايل رهڻ جو آواز هو! سڀئي اُپسٿت سڄڻ، پاڻ پڌندي پڌندي اهڙو ته مگن ٿي ويا جو ديش، ڪال ۽ پنهنجي شرير جي سڌ سمرتي، به سموري وساري ويٺا. اَنت ۾ پروفيسر واسوانيءَ، جڏهن وشو جي منگل ڪامنا لاءِ پريوءَ جي چرنن ۾ آراڌنا ڪري پنهنجو ڀاشڻ سماپت ڪيو تڏهن جڻ سموهه جڻ ته بيدار ٿي اُٿيو ۽ سمورو هال تاڙين جي زوردار ٺهڪن سان گونجي اُٿيو.

ڪانفرنس سماپت ٿيڻ کان پوءِ، گهڻئي لوڪ، پروفيسر واسوانيءَ کي پريم ۽ اُمنگ ۾ گهيري ويا ۽ جدا جدا هنڌن تي ڪيس اُپديش ڏيڻ لاءِ نمنترڻ ڏيڻ لڳا. هاڻ سندن دلين ۾ ڀارت جي سنتن ۽ رشين جي اَمر سکيائن پراپت ڪرڻ جي زوردار اَڀلاشا اُٿين ٿي هئي.

پترڪار ۽ فوٽو

برلن ۾ ٻين ملڪن مان آيل پترڪار ۽ پرتينڌي، ههڙي وچتر اِنسان کي پائي اُتساهه ۾ اَچي ويا. ڪن اَچي ڪانئس سندس جيون بابت پڇائون ڪيون، ته ڪن اَچي فوٽو گهريو. پر هي سنت چوندو هو ”فوٽو، ڪم ڪو نه!“ سو سندن اِها اِڇا پوري ڪري نه سگهيو. پر ڪي پترڪار ڏاڍا حريف ٿيندا آهن. تن ڇا ڪيو جو ڪانفرنس ۾ آيل هڪ ٻئي عيوضيءَ پروفيسر ٽيڪاسنگهه جو، (سندس پٽ سان گڏ نڪتل) پٽڪي سان فوٽو ڪڍي اخبارن ۾ ڇپيائون ۽ هيٺان هي سرو ڏنائون: ”پروفيسر واسواڻي، پنهنجي پٽ ۽ پٽڪي سان!“

اخبار وارن ته پنهنجو ڪم چالاڪيءَ سان ٽپايو، پر جڏهن اِها اخبار پروفيسر واسواڻيءَ ٻئي ڏينهن صبح جو ڏٺي ته اچي کل ۾ ڇٽڪيو. چي، مار! فوٽو ڇاپيو اٿن پروفيسر ٽيڪاسنگهه ۽

اهڙي دل لڀائيندڙ ۽ آتما پرشانت ڪندڙ وايو منڊل ۾ ڪي ڏينهن ۽ ڪي راتيون ڪاٽي، هڪ ڏينهن، پنهنجي گرديو جي ساتوڪ سنگ ۾، اچي برلن شهر ۾ پهتو.

برلن ۾ ڀاشڻ

جولاءِ ۱۹۱۰ع جو سمو هو. ڄرمن جي پارليامينٽ جي اڌ گهاٽن ۾ اڃا ڏينهن ٻن جي دير هئي. پروفيسر واسواڻي، ولائت جي وايو منڊل ۾ پنهنجي پريتم کي وڌيڪ وڌيڪ ياد ڪرڻ لڳو، ۽ سانت ئي سانت ۾، سندس پاد پدمن ۾ سيس نوائي، سندس آسيس منگڻ لڳو.

نيٺ اهو ڏينهن به آيو جنهن لاءِ هن پياري پرتيڪشا پئي ڪئي. ڪانفرنس آرنڀ ٿي. هڪ هڪ نيتا پنهنجو پنهنجو ڀاشڻ ڏنو. هر هڪ پنهنجو جوهر ۽ جلوو ڏيکاريو. هاڻ پروفيسر واسواڻيءَ کي سڏ ٿيو. پيارو اٿيو ۽ منچ تي آيو. پاءُ پلڪ اکيون پوري، پرم پتا پرماتما ۽ وديا جي ديويءَ سرسوتيءَ جو هرديه ۾ ڌيان ڌريائين؛ ۽ پوءِ پنهنجو ڀاشڻ شروع ڪيائين. ڀاشڻ ڇا هو، ڄڻ ته جوت جي ڌارا هئي، وديا جي ورکا هئي ۽ پريم جي پلٽ پلٽان هئي! درشڪن جو ڌيان پياري پروفيسر واسواڻيءَ جي الوڪ مکڙي ڏانهن ازخود کينچجي ويو! جيئن پئي سندس مک مان موتي نڪتا، تيئن پئي هنن ائين انڀو ڪيو ڄڻ ته وديا جي ديوي سويم، کين ڀارت جي پراچين سڀيتا، سنسڪرتيءَ ۽ سناتن ڌرم جي مُول سڌانتن کان پرچيت ڪيو. هڪ هڪ شبد ۾ گهرو اثر هو، هڪ هڪ ويچار ۾ وچتر ۽ گُهم وديا سمايل هئي؛ ۽ سندس آواز ۾ اها لرزش، اهو ميناج ۽ سوز ڀريو سنگيت هو جو هنن ائين ٿي انڀو ڪيو ڄڻ ته ڀارت جو سري ڪرشن ڀاڳ پنهنجي چپن تي بانسري چاڙهي، مٺا ۽ مڌر آلاپ آلاپي رهيو آهي. ڀاشڻ ۾ ستيه، گيان ۽ پرم پريم جي پڪار هئي. اُن ۾ جڳت جي ٻين ٻين لوڪن کي پريم ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ جي للڪار

پرياوت ٿي هئي، تنهن ڪيس چانهه ٿي نيند ڏني. سوچيائين ته چانهه جي بهاني، هھڙي ڀارت جي سپوت جو درشن به ٿيندو ۽ سائنس به چار گهڙيون سنگ ۽ سهواس ڪري، پنهنجي جيون ۾ جوت ۽ پريم جو پريورتن به آڻيندس. تنهن ڪان سواءِ سنت جي شيوا جو وجهه به ملي ويندو.

ڪير چئي سگهي ته اِها آس مهاراڻيءَ جي هئي، يا اُن ڪُل مالڪ جي ئي ڪا رمز هئي، جنهن پنهنجي پورن ڀڳت جي وقتائتي سهائتا لاءِ ئي سندس دل ۾ اِها پريرڻا وڌي هئي؟ پرميشور، پنهنجي پرڪرتيءَ ۾، ڪي اَٽل قانون وڌا آهن، جن ڪري سندس ڀڳتن تي جڏهن به ڪا ڀاري ڀيڙ اچي ته سندن تتڪال سهائتا لاءِ ڏهن ئي ڏسائن جا دوار کلي ٿا وڃن! ڌني پريُو! تنهنجي ڪرپا ۽ ڪروڻا!

ٽڪيٽ

پروفيسر واسواڻي، پوري سمي تي مهاراڻيءَ جي مڪان تي پڌاريو. ٻنهي هيڏانهن هوڏانهن جون اوڀاريون لهواريون ڳالهيون ڪيون. مهاراڻيءَ ته گهڻو وقت ڀارت جي هن وديا نڌيءَ واسواڻيءَ جي چمڪندڙ مکڙي ڏانهن پئي نهاريو ۽ سندس مکه مان نڪرندڙ اَمرت وچن پئي شروڻ ڪيا، ۽ من ئي من ۾ پئي مگن ٿي. نيٺ هٿ ٻڌي ڪيس چيائين ته سائين، جي اوهين ڪرپا ڪريو ته مان هڪ وينتي ڪريان! واسواڻيءَ وراڻيس ته ڀيڻ، تون ڀلي چؤ. تڏهن مهاراڻيءَ اُتساهت ٿي چيو ته ”سائين، اوهان اسانجي ديش ۽ ڌرم جي ڪيڏي نه شيوا ڪئي آهي! مان اوهان جي ڪجهه شيوا ڪرڻ چاهيان ٿي. جي مونکي آگيا ڏيو ته توهانجي ڀارت جي واپسي ٽڪيٽ مان خريد ڪريان.“

پروفيسر واسواڻي اهو پرستاو ٻڌي، پنهنجون اکيون ٻوري، پريُوءَ جا شڪرانا مڃڻ لڳو. مهاراڻيءَ به ڪيس ماٺ ۾

سندس پٽ جو، ۽ لکيو اٿن "واسواڻي" ۽ سو ورِي "پنهنجي پٽ سان!" ڪٿي بال برهمچاري واسواڻي، ۽ ڪٿي سندس پٽ!!! مَن گهڙت بهتان، ته ڪير اخبار نويس ڪان سکي!

سائينءَ ۾ اَڻُوٽ شردا

پروفيسر واسواڻي ولائت ۾ آيو هو اَمر سنديش پهچائڻ. هو گهڻو ڦرڻ ۽ سڄو سفر لاءِ ته آيو ئي ڪين هو. سو جت ڪيس پريم جي ڪوٺ ٿي ٿِي، اُت هوُ ويو ٿي لوڪن کي سڻيهه پريم ۽ شڪتيءَ جو سنديش سڻائيندو. اَهڙيءَ طرح ڇهه مهنا گذري ويا. هو ڏانهن ڀارت ۾، اَميءَ کي اَندر ۾ اُتڪڻ ته منهنجو پٽڙو، مبادا ولائت ۾ ئي نه رهجي پوي، سو هڪ وڏو خط لکيائينس ته "پٽ، هاڻ گهڻو ٿيو. هاڻ هليو اَچ. جلد وطن واپس ور."

ولائت اَچڻ وقت، آديش هوس گرديو جو، هاڻ سڪ ۽ سنيهه جو سڏڙو ٿيس ماتا جو ته منڙا، هاڻ موٽ مليرَ ۾! ماتا جي پڪار سڻي، پروفيسر واسواڻيءَ موٽڻ جو ويچار نشچت ڪيو. پر جڏهن حقيقتن سامهون منهن ڪيو تڏهن محسوس ڪيائين ته "مار! واپس ورڻ لاءِ ته پئسا کپندا! مون وٽ پئسا ته آهن ئي ڪين!" پر ڪٿي سندس مَن منجهي يا دل گهٻرائجي، سو ٻنهه ڪين. هو بلڪل شانت رهيو. اها شانتي، سائينءَ ۾ اَڻُوٽ شردا هئڻ جي ڪارڻ هئي. صدق وارو اِنسان، ڏکن ڏاکڙن ۾ ڏولائمان ڪڏهن ڪين ٿو ٿئي. هن لاءِ سائين سدا سنڀاليندڙ آهي. هو ننگ پال آهي، اهو سندس اَنڀه وشواس آهي. اَهڙي شرڌاوان کي ئي گيان پراپت ٿئي ٿو، اهو آشواسن، ڀڳوت گيتا ۾، سري ڪرشن پاڻ ڏنو آهي. جو ولائت وٺي آيو آهي، سو وطن به واپس وٺي هلندو.

مهاراڻي

اِن سوچ ويچار کي اَڃا ٻه ٽي ڏينهن ئي مس گذريا ته ڪوچ بهار جي مهاراڻيءَ، جنهن سندس اُپديش ٻڌا هئا ۽ نهايت ئي

۽ وڏين ميٽنگن ۾ مونکي شايد سڀاپتي ٿيڻ لاءِ به چوندا. پر آخر هي سڀ ڇا لاءِ؟ منهنجو ڪهڙو واڌارو ٿيندو؟ آتمڪ مارگ ۾ منهنجي ڪهڙي پرگتي ٿيندي؟ مون کي هڪ ساڌن اَوشيه ڪرڻ گهرجي: ديش جي ڌرتيءَ تي پير پائڻ سان اهو پرڻ پاڻ سان ڪريان ته هڪ سال لاءِ ڪٿي به سڀاپتي نه بڻجان. تنهن وچ ۾ منهنجي دماغ مان وڏائيءَ جا ويچار هليا ويندا. ۽ سال نبرندو ته لوڪن کان سڀ ڪجھ وسري به ويندو، ۽ مان اڳي جهڙو هڪ سادارڻ اِنسان ٿي بڻيو رهندس.

اَنتهه ڪرڻ جو آواز

وري پيو ويچار آيس ته اِهو ساڌن به ڪافي ڪونهي. مونکي اڃا به وڌيڪ ڪجھ ڪرڻ جڳائي. آءٌ ڇا ڪريان جو مان ۽ مريادا، يش ۽ ڪيرتيءَ جو ڪوڙو اَيمان، هرديه ۾ اُٿڻ ئي نه ٿئي؟ هو سانت ۾ سوچڻ لڳو. سوچيندي سوچيندي، سندس اَنتهه ڪرڻ مان هي آواز آيو ته ”پيارا، ڳالهيون ته وڏيون پيو سوچين؛ پر اهو ڪي ڪر، جو تنهنجو سوڪيم اَيمان تنهنجي هرديه ۾ ئي نه رهي. ولائت جي اخبارن تنهنجي سڦلتا تي ساراهه جا گيت ڳايا. انهن اخبارن جا اهي ٽُڪر (Cuttings) ڪپي، بنڊل ٺاهي، جو تون پنهنجي بئگ ۾ وجهي، پنهنجي ديش کڻي پيو هلين! ٻڌاءِ، اهي ڇا لاءِ؟ ان لاءِ ته تون اهي ٻين کي ڏيکاري، خوش ٿين؟ پر جيستين تو اهو بنڊل پاڻ سان کنيو آهي، جيستين توکي سچي نمرتا ۽ چت شانتي ڪٿان ملندي؟“

”هاڻ هلڪو ٿيس“

بس، اَنتهه ڪرڻ جو اهو آواز، سندس لاءِ ايشور جو اَمر هو. هن نه ڪئي هم، نه ڪئي تم، سڌو ويو پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾. بئگ کولي، ڌاڳن سان ٻڌل بنڊل کڻي آيو ڊيڪ تي، ۽ هڪ ئي اُڇل سان اُهو هيٺ سمنڊ ۾ کڻي ڦٽو ڪيائين! ۽ پوءِ هڪ

ڏسي سمجھو ته ڪيس منهنجي پرستاو تي ڪو اعتراض ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. سو ٻن ٽن ڏينهن جي اندر ئي ڪيس، سندس ناليءِ جي، جهاز جي ٽڪيٽ وٺي ڏنائين. ايشور ڀڳت به هڪ ننڍڙي معصوم ٻالڪ جيان آهي. ٻالڪ جو اونو، سندس ماتا کي آهي ۽ ڀڳت جو ڀڳوان کي. فرق صرف ايترو آهي ته ٻالڪ، گهرج مهل روئي، ماءُ جو ڌيان ڇڪائي ٿو، پر ڀڳت جي گهرجن جي چنتا، ڀڳوان کي اڳيئي آهي!

ٻاهر لهرون، اندر لهرون

پروفيسر واسواڻيءَ، مهاراڻيءَ جي آپار پرد رشنا ڪري، ولائت جا وڻ ڇڏي، اچي جهاز تي چڙهيو. جهاز لنگر کنيو ۽ اڳتي وڌيو. هاڻ سيني جا مکه ۽ دليون پنهنجي ديش ڏانهن هيون. هڪ رات جو، هيءُ پرڪرتيءَ جو پوڄاري واسواڻي ڊيڪ تي ويهي، ساگر جو درشن ڪري رهيو هو. آڪاش ۾ چندرما پنهنجي پوري مان چمڪيو. سندس پوتر، سيتل، روپيءَ روشنيءَ ساگر جي سطح مٿان ڄڻ ته چانديءَ جي وشال چادر وڇائي ڇڏي هئي، جا لهرن ۾ پئي لڏي ۽ لمي. هڪڙيون لهرون پئي اٿيون پنهنجي پريتم چندرما کي چمڻ لاءِ، ۽ ٻيون پئي لٿيون، ساگر ۾ سمائڻ لاءِ. ٻاهر ساگر جي اٿل پٿل جو سوندريه پسي، پروفيسر واسواڻيءَ جي هردي سنڌوءَ ۾ پڻ آنند ۽ لطف جون لهرون لڳڻ لڳيون! ٻاهرين لهرن کي ڏسي، هن دل ئي دل ۾ چيو ته ”انسان به هڪ لهر سمان آهي، جا اننت مان اچي، وري اُن اننت ۾ ئي سمائجي وڃي ٿي. لهرن جو انت ئي ڪونهي، پوءِ به بندي کي ڪيڏو نه ٻانور آهي! مان هيمشه واپس وطن پيو وران. ٿي سگهي ٿو ته اُت منهنجو سنمان ۽ سواگت ڪيو وڃي؛ ولائت ۾ ڪجھ نالو نڪتو اٿم. اسان ديسي ماڻهن جو سڀاءُ ئي ڪو اهڙو آهي جو جي ڪنهن ولائت ۾ نالو ڪڍيو ته هو به اُن کي وڏو ڪري ليکيندا. ڀارت ۾ جتان ڪٿان ڪوٺ پيئي ٿيندم ۾

ٿي ٻوندي؟ سو گنڀير ٿي پٽ کي چيائين تہ ”وري ڇا پيو ٻولين؟ پنهنجو ڏنل وچن ڀلجي وئين؟ ڇڱو ڇڏ، هاڻ اِنهن بيڪار ڳالهين کي۔ هٿ منهن ڌوئي وٺ ۽ ماني کاءُ. ٻک لڳي هوندءِ.“

ڪراچيءَ ڏانهن

اهڙيءَ طرح کل خوشيءَ ۽ موج مزي ۾، ڏينهن ٻہ پنهنجن پيارن کي حيدرآباد ۾ ملي، پروفيسر واسواڻي، ڪراچيءَ وڃي پنهنجيءَ نوڪريءَ تي چڙهيو. سندس ناماچار دن بدن وڌندو رهيو. ڪاليج جي پروفيسرن ۽ وديارٿين ڏٺو تہ جيتوڻيڪ پروفيسر واسواڻيءَ جو نالو هاڻ جڳ پرسد ٿي ويو آهي تہ بہ هو اڳي جيان، بلڪ اڳي کان بہ وڌيڪ نهٺو ۽ نماڻو هو. دنيوي وڏائي ۽ مانَ مرتبي وڌڻ ڪري بہ سندس من اِستٿت هو. ٻيو ڪو سندس جڳهہ تي هجي ها تہ هوند ڦونڊ ۾ ڀرجي وڃي ها. پر هي پيارو، ٽيهن سالن جي آيوءَ ۾ بہ سدا نماڻو هو. مالڪ جي مهر جو مٿس هٿي، سو سنسارڪ لشُ ۽ ڪيرتي کيس منجهائي نہ سگهي. جن تي ايشور پنهنجي ڪرپا اوتي ٿو، سي ڦلدار ورکش جيان، سدا نميل ئي رهن ٿا.

سملو پهاڙ

سن ١٩١٢ع جي گرشم رت جا گرم ڏينهن هئا. پروفيسر واسواڻيءَ جو گرو ديو، ڪلڪتي جي گرمين کان بچڻ لاءِ، سملي جي سندر پهاڙي نگر ۾ آيو. وڏاڀاڳ واسواڻيءَ کي بہ اُن سمي اُت وڻي آئي! هڪ گرو ديو جو آنند دائڪ سنگ، ٻيو سندر سملي جي سيتل سونڌري جو اَوسر! ايڪ پنٿ، دو ڪاج!! پريتم جو پريم ۽ پرڪرتيءَ پرپنڇ جي پرتيما!!! پروفيسر واسواڻيءَ هڙئي روح رچندي واهہ و منڊل ۾، پنهنجي نرمل جيون جا ڪي ڏهاڙا ڏاڍي آنند ۾ گذاريا. هو هر روز، سويل صبح جو، گرم ڪپڙا اوڍي، قادر جي قدرت جي دلڪش نظارن جو ديدار ڪرڻ لاءِ اڪيلو ئي اڪيلو پنڌ ڪرڻ نڪري ويندو هو. اوچا اوچا، برفاوان پهاڙ، جن تان نرمل،

سک جو ڏکو ساھ کڻي، اکيون پوري، هي اکر مک مان چيائين ته "هاڻ هلڪو ٿيس! هاڻ مڪت ٿيس! نه هوندي بانس، نه بجندي بنسري. نه هوندا اهي سارا جسا پنا، ۽ نه ٿيندي ڪا خبر لوڪن کي. نمرتا ۽ تياڳ جو هن کان اڌڪ مثال ٻيو ڪهڙو؟ ڌنيه آهين تون، اي سچا سنت! تنهنجي ڪمل چرنن ۾ وارون وار نمسڪار آهي!

امڙ سان

جهاز پنهنجي ڌيمي رفتار سان ملڪ پار ڪندو، هڪ ڏينهن سک سان اچي بمبئيءَ جي بندرگاهه تي پهتو ۽ اچي لنگر هنيائين. پروفيسر واسواڻي، بمبئيءَ کان ٽرين رستي ڪراچيءَ پهتو، جت ڪيس ملڻ لاءِ سنڌس پوڄيه پراڻا شري پهلاجراءِ واسواڻي آيو هو. ننڍي ڀاءُ، پيرين پئي، جيشٽ وڏي ڀاءُ جي آسيس ورتي. ٻئي هڪ ٻئي کي ملي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ گڏجي حيدرآباد آيا. گهر اچڻ سان واسواڻيءَ پنهنجي امڙ جي چرنن ۾ پنهنجو مستڪ نوائي آسيس ورتي. امڙ ته ڪيس ڏسي ٻيئي ٺري! وري وري پيئي ڪيس ڀاڪر پائي ۽ ڳراٽڙي پائي. نيٺ چيائين: "ڪيئن پٽ! سک کان موٽي آئين؟ ڪر خبر، ڪا منڊم بندم ڪانه وٺيءَ چا؟ ڪڏي اُن سان ئي شادي ڪرين ها ته به منهنجي دل کي خوشي ملي ها!" تنهن تي پٽس وراڻيو: "امڙ، منڊم ته چٽني طرفن کان هيون. ڪي ته سچ پچ پنيان به پيون. گورين چورين چانگون ۽ چالون ماريون. پر امڙ، تنهنجي آسيس به ڪڏهن ناڪام ٿي سگهي ٿي؟ تنهنجيءَ دَيا ۽ گروءَ جي ڪرپا سان، مان بلڪل ثابت بچي آيو آهيان. پر امڙ، سچ پڇين ته منهنجي دل ته لڳي اُٿيئي لاهوتين سان. منهنجي دل جي پياس آهي ته مان وڃي فقيرن جو سنگ ڪمايان ۽ خود به وڃي هڪ فقير ٿيان."

امڙ وچاريءَ کي ڇا خبر ته مرڳو ئي "ڪل مان دل"

تڏهن هن نماڻي سنت کين چيو ته پيارا، مان عمر ۾ اڃا ننڍو آهيان. توهان جو ڪاليج چڱو وڏو آهي. مون کي ايڏي وڏي جوابداري ڪٿي ڪيئن جڳائي؟ توهين وري به سوچ ويچار ڪريو. اُن کان پوءِ جي اڃا به توهانجي اِڇا هجي ته مان توهانکي پنهنجو پتو لکي ڏيان ٿو. اُت ڪٿي مون کي ٻڌائجو.

ٿورن ئي ڏينهن ۾ پروفيسر واسواڻي، ڪراچيءَ موٽي آيو جت جلد ئي کيس تار ملي ته توهان کي ديالسنگهه ڪاليج، لاهور جو پرنسيپال مقرر ڪيو ويو آهي!

پنجاب پرانت ڏانهن

هاڻ قسمت پروفيسر واسواڻيءَ کي سنڌڙيءَ مان ڪڍي، پنجاب پرانت ڏانهن وٺي هلي. پنجاب، سک گرن کان پرسد آهي. ان پرانت گرو نانڪ ۽ ٻين سک گرن ۽ گرو گرنٿ صاحب کي جنم ڏنو. ان ڪري هي پرانت ڀارت جي اِتهاس ۾ اَمر آهي. کيس پوشيده ڪال ۾ گر ٻاڻيءَ جو پرچار ۽ اَمر شهيدن جو پيغام پکيڙڻو پوندو، ان لاءِ ئي شايد قدرت کيس هت وٺي آئي ته جيئن هوُ سک گرن جي جيون ڪٿائن ۽ سندن سندر سکيائن جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪري سگهي.

اکرن ۾ آتش

پرنسيپال واسواڻيءَ جي اکرن ۾ آتش هوندي هئي. پنجابي نوجوانن جو رت اڳيئي گرم، وڌيڪ جو هوُ سندس وچتر ٻوليون ٻڌندا هئا، ته جڻ سندن شرير ۾ ڄڻ ٻجلي گهمي ويندي هئي. پرنسيپال واسواڻي جڏهن کين دنيا جي وڏن وڏن هلچلن مان واقف ڪندو ڪندو هو، شاعرن ۽ شهيدن بابت ٻڌائيندو هو، سنتن، درويشن، وڙن ۽ سورمن جون جيون ڪهاڻيون سڻائيندو هو، تڏهن سندن دلين ۾ ڄڻ آتش اُڀرن ٿيندي هئي. هو جڏهن ڪلاس ۾ ڳالهائڻ لاءِ اُٿي بيهندو هو، تڏهن هرطرف سن سنات ڇانجي ويندي هئي. هو شروعات ڪندو هو سنهڙي، مٺڙي، مرليءَ جهڙي مڌر آواز ۾،

سيتل جل ڌارائن جو من پرڀاوت درشيه، هر طرف هرڀالي، پاڻ ۽ نه سهڻي ساجن، پنهنجي ڪر ڪملن سان، ڀاڙن ۽ ڀوميءَ جي چپي چپي تي سائي، مخملي غاليچن جا ڀراڻ ڀرائي ڇڏيا هئا. ڪيول ڀاڙي ٻيچرن ۽ ڀڳد ندين تي ئي اوکن جي اَچ وڃ ڪري، خاڪي ويس هو. اونچن اونچن پائين ۽ ديودار درختن جي جهومندڙ ٽارين ٽان، ننڍڙن ننڍڙن، سهڻن ڀاڙي پکين ۽ پرندن جون، منڙيون منڙيون لاتيون ۽ ٻوليون ٻڌي، پروفيسر واسواڻي پنهنجي شرير جي سڌ ٻڌ به وساري وهندو هو ۽ اُن پرڪرتيءَ جي رچناتمڪ پرش جي سمرتيءَ ۾، پنهنجي گيت ڪاويه ڪلا کي ٻاهر پرڪاش ڪندو هو. ڪئين سندر ۽ مڌر گيت، رچنائون ۽ ڪوتائون، پياري پروفيسر واسواڻيءَ، هن سملي جي ڀاڙين تي قلم بند ڪيون.

پرنسپال واسواڻي

پروفيسر واسواڻيءَ جو مان، شان، يش ۽ ڪيرتي، هاڻ هندوستان جي پن پن پرانتن تائين پهچي ويا هئا. سو سملي جي ودوانن ۽ منو وگيانين به ڪيس وينتي ڪئي ته اسانجي نگرواسين کي پنهنجي گيان جي اَمرت ڌارا ۾ اِشنان ڪرائي نرمل ڪريو. هي پيارو، سنلس سڪ ۽ شرڌا ڏسي ڪين ناڪار ڪري نه سگهيو: سو اُت به پنهنجي مڌر واڻيءَ سان، سملي واسين کي مالامال ڪيائين. ياويءَ کي پنهنجو اَثر، اَنوکي نموني ۾ ڏيکارڻو پيئو. هڪ ليڪچر تي لاهور جي ديالسنگهه ڪاليج جا باني ڪار به اُپسٿت هئا، جي پروفيسر واسواڻيءَ جي ليڪچر جي خيالات، اَنداز ۽ اونهائيءَ تي جنسي اَکن ڇڪن تي پيا. ڪين پنهنجي ڪاليج لاءِ پرنسپال جي ضرورت هئي، سو هنن تتڪال اهو فيصلو ڪيو ته هڙي ودوان ۽ ودڀا وشارد واسواڻيءَ کي اسانجي ڪاليج جي پرنسپال ٿيڻ جي هرڪا لائق آهي. اُنهن ڏينهن ۾، انگريزي راڄ هئڻ سبب، وڏين وڏين جڳهن تي اڪثر ڪري انگريزن کي ئي مقرر ڪندا هئا. پر پروفيسر واسواڻيءَ ۾ سڀ ڳڻ موجود ڏسي، هنن ڪيس وينتي ڪئي.

هئا. اُناج ايترو تہ اُپرندو هو جو نہ ڪيول ساري ديش ۾، پر وديشن ۾ پڻ موڪليو ويندو هو.

سَتسنگ شروع

پرنسيپال واسواڻيءَ جي واڻيءَ ۾ جو مٺو رواس هو، تنهن جي سڳنڌ جلدئي لاهور ۽ آس پاس جي ڳامڙن ۽ شهرن تائين ڦهلجي ويئي. جلدئي لوڪن اِئين اُنڀو ڪيو تہ هيءُ هڪ مهاپرش آهي، جنهن ۾ وديا سان گڏ آتمڪ جوت بہ پيئي جهلڪي. سو اچي ڪيس وينتي ڪيائون تہ جيڪر اساڪي هندو ۽ سڪ ڌرم بابت ڪي اُپديش ڏيو. سندن پياس ڏسي، پرنسيپال واسواڻيءَ هڪ شاهي پنڊال ۾ ست سنگ شروع ڪيو. اُت نہ فقط ناگرڪ پر آس پاس جا ڳوٺاڻا پڻ اچڻ لڳا. اِهي نماڻا پياسي ڳوٺاڻا، سوير صبح جو ڳوٺن مان نڪري، پنيون ۽ ڪيت لتاڙي، اچي لاهور شهر ۾ پهچندا هئا ۽ اچي ستسنگ جو لاڀ وٺندا هئا. سندن مضبوط پيرن تي ڌڌڙ چڙهيل هوندي هئي، پر سندن صاف هردن ۾ هئي هڪ اُتاهہ پڳتي ۽ اَنوٽ شردا ۽ پريم پنهنجي گرن واسطي.

پٽيوالن سان پريم

پرنسيپال واسواڻي، گرن جي جيون جو اُڀياس ڪندي ڪندي، ازخود نماڻو ٿيندو ويو. هيڏي وڏي عهدي هوندي بہ هر آرتوار ڏينهن هو پنهنجي پٽيوالن کي موڪل ڏيندو هو تہ ڀلي وڃي گهرن ۾ آرام ڪريو. کين چوندو هو تہ ”توهين هفتي ۾ ڇهہ ڏينهن ڪيترو نہ ڪم ٿا ڪريو! آرتوار ڏينهن توهين پنهنجي گهر جي ڀاتين سان ڪجهہ وقت گڏ گذاريو. پر منهنجي جي مانئي مون وٽ اچي کائجو.“

اهو ٻڌي ويچارا واڙا ٿي ويندا هئا. چوندا هئا تہ ڇا اسانجو صاحب ۽ ڇا لڳون اسين نوڪر! هڪ جهڙي همت ٻڌي

پر جيئن جيئن پاڻ زور پڪڙيندو هو، تيئن تيئن سندس آواز به وڌندو هو بلند ٿيندو ۽ ڄڻ ته ليڪچر پورو ٿيڻ تي هوندو هو تڏهن هو ايڏو ته اُتساهه ۽ اُمنگ ۾ ڀرجي ويندو هو جو سندس شرير جي رڳ رڳ ۾ جنبش پيدا ٿي ويندي هئي ۽ سندس آواز ۾ بجليءَ جي چمڪ، بادل جي گرج ۽ طوفان جي تيزي اُتپن ٿي ويندي هئي!

جڏهن کان پروفيسر واسواڻي، پرنسيپال بڻيو، تڏهن کان ڪاليج جي رونق ئي ڪجهه اَور ٿي ويئي. وديارٿين جو هيترو ٿي ڏنو ۽ ڏٺو، سو سندن چرتر ۽ ويچار ڌارائن ۾ ڪافي تبديلي اچي ويئي. سندن اڳيان پرنسيپال واسواڻيءَ جي نرمل ۽ اُتم جيون، هڪ انوکو مثال ثابت ٿي پيئي. هيتريءَ وديوتا ۽ هوشياريءَ هوندي به چا ته منجهس ايشور ڀڳتي، نرملتا ۽ نمرتا هئي! سندس اُٿڻ، ويهڻ، هلڻ، چلڻ، ڳالهائڻ ته صداقت ۽ فضيلت ڀريو ۽ فهميندو هو! هو هڪ ديو رشيءَ جيان پئي لڳو. ڏيري ڏيري، وديارٿين پنهنجو سڀاءُ ئي ڦيري ڇڏيو ۽ سندن جيون ڪايا ئي پلٽ ٿي ويئي!

لاهور شهر

لاهور شهر، واپار، وديا ۽ ويرتا کان مشهور هو. منجهس پراچين ۽ ورتمان ڪال جون سڀيتائون اچي ٿي مليون. لوڪ بهادر، محنتي، رشت پشت ۽ قداور هئا. رستا وڏا ۽ ويڪرا، سندر باغ باغيچا، پراچين زماني جون جهونيون ۽ ورتمان ڪال جون شاهي عمارتون ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي کڙيون هيون. هندو، مسلمان، سک، عيسائي ۽ ٻيون جاتيون پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ مشغول هيون. مندر، مسجدون، گردوارا ۽ گرجا گهر به جام هئا. شهر جي ڪجهه دوريءَ تي، راوي نديءَ جي اٿاهه جل سان، وشال کيت ۽ پليون زمينون هيون. جت ڳوناٽا، پرڀات کان سوريه اَست تائين، سخت محنت ڪري، ديش لاءِ اَناج جا اَنبار پيدا ڪندا

وائڙا ٿي ويا ۽ ڏاڍو خوش پڻ ٿيا. واسوائي کين ڪشادن ڪمرن ۾ رهي، خوش ٿيندو ڏسي، پاڻ به خوش ٿيڻ لڳو. ڏينهن ٻن کان پوءِ، جڏهن باغ مان تازين ڀاڄين جا ٽوڪرا ايندا ڏٺائون، تڏهن ته هو حيرت ۾ حيران ٿيڻ لڳا. هونءَ ته پرنسيپال واسوائي ڀاڄيون پنهنجي نوڪرن چاڪرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پر اَميءَ کي ٿي اِها ڳالهه وڻي! سو پٽ کي چيائين ته هاڻ مان هتي آهيان. سڀ ٽوڪرا اَول مون وٽ موڪل. پٽ پيو کلي ۽ چوي ته اَمي هيڏا ٽوڪرا نيٺ به ڪندينءَ ڪيڏانهن؟ پر هُو سندس هر ڪا ڳالهه مڃيندو هو. چاهيائين ٿي ته سندس اَمي هر طرح سکي رهي. ٻه ڏينهن گذريا ته اَميءَ چيس ته ”پهرين تاريخ اچي ته سڄو پگهار مونکي ڏج. تون اهڙو آهين جو پگهار به نوڪرن چاڪرن ۾ ورهائي ڇڏيندين.“

پٽ، پنهنجي اَميءَ جا اِهي اکر ٻڌي دل ۾ کلڻ لڳو. هُو ته هر مهني اَنجام موجب، پنهنجو سمورو پگهار باقاعدي اَميءَ کي موڪليندو هو.

ماتر شيوا

هڪ ڏينهن اَميءَ پٽ کي چيو ته پٽيوالي کي نه جيڪر سڏي وٺين؟ منهنجي کٽ جي نوار ڍلي ٿي وئي آهي، سا اچي جيڪر ڇڪي ڏي. تنهن تي پٽ پنهنجي اَميءَ کي چيو ته اَمي، تون جيڪر اِن کٽ تان اُٿي هن ڪوچ تي نه ويهين؟ اَميءَ اٿين کيو ۽ ٿورن منٿن کان پوءِ ڇا ڏسي ته سندس صاحب پٽ، پاڻ پنهنجي هٿن سان ويٺو نوار ڇڪي! يڪدم واڪو ڪري چيائينس ته ”تون منهنجو راجا پٽ! هي ڇا ويٺو ڪرين؟ ڪنهن نوڪر کي نه ٿو سڏي نوار ڇڪائين؟“ پٽ، پيار ۽ لڄ مان مشڪندي چيس ته ”اَمي، مان تنهنجو نوڪر ڪين آهيان ڇا؟“

اهڙا پريم ۽ نهٺڙت ڀريا وچن ٻڌي، اَميءَ جي اکين ۾

کانئس پڇيو ته صاحب، اسانکي ته توهين ڏيو ٿا ڇٽي، پوءِ توهانجي ماڻي ڪير ٺاهيندو؟ تنهنتي پرنسيپال صاحب، مشڪندي چيو ته توهين اُن جي چنتا نه ڪريو. پر اڄجو ضرور. پٽيوالا ويچارا ساڌڙا سُودڙا، سي ڇا ڄاڻن هت ۾ هوڏ مان؟ هنن سمجهو ته سندن ماڻي شايد ڪٿان ٻاهران ايندي.

آرتوار ڏينهن منجهند جو هڪ لڳو ته سڀ اُردلي اچي پرنسيپال صاحب جي بنگلي تي ڪٺا ٿيا، جنهن خود اچي ڪين در کوليو ۽ پيار ۽ قرب سان ڪين اندر وهاريائين. هڪ هڪ جي اڳيان پاتل ۽ پاٽيءَ جو گلاس رکيائين. پوءِ هڪ هڪ پاتل مٿان سڳند سان پرپور، گرم گرم پلاءُ ويو وجهندو، جنهن ۾ قسمين قسمين سبزيون، پاڇيون ۽ ڪشمش ۽ ڪتل به پيل هئي. اهو هبڪاري پلاءُ، هن پاڻ پنهنجي پوتر هٿن سان ويهي ٺاهيو هو. ڇا سندس اوچ عهدو ۽ ڇا هئي پنهنجي شيوڪن لاءِ سندس محبت پري مهمان نوازي!

پٽيوالن، پريم جي پلاءُ سان پنهنجو پيٽ ته ڀريو، پر تنهن کان وڌيڪ ڀريو سندن دل، جنهن ۾ ٻڪ جي نورتيءَ سان گڏوگڏ، هنن هڪ اَنوکي آنند جو اَنڀو پڻ ڪيو. سندن رڳ رڳ مان اهي اکر نڪتا: "ڪيڏي نه نورتا! ڪيڏو نه پريم!! ڪيڏي نه ڪرپا!!!"

بنگلو

لاهور ۾ پرنسيپال واسوانيءَ کي رهڻ لاءِ هڪ سندر ۽ ڪشادو بنگلو مليل هو. منجهس ڪيترا وڏا ڪمرا هئا ۽ اڳياڙيءَ ۾ هڪ ننڍڙو، پر سهڻو باغيچو پڻ هو. وقت بوقت هن بنگلي ۾ سندس اَمي، دادا، ڪڪي ۽ منگهن به اچي رهندا هئا. هيڏو وڏو شاهي بنگلو، هيترا نوڪر چاڪر، جي هر وقت سڏ تي "جي حضور" - "جي حضور" جي شبدن سان تيار! هي سڀ جلوو ۽ جمال، شان ۽ شؤڪت، اوج ۽ اقبال ڏسي هي سڀ

هو، تڏهن اَڪثر هو وڃي پنهنجي دادا پهلاجراءِ سان سلهندو هو. سڄي گهر ۾ هڪ دادا ئي هو، جو ڪيس بلڪل چڱيءَ طرح سمجهندو هو ۽ جنهن کي سندس لاءِ بيحد پيار ۽ سنيهه هو. ڇو ته دادا به، اُن وقت وٽس هو، سو وڃي ساڻس اِها سمسيا سلجهائين. دادا ڏاڍو سياڻو ۽ دنيا ديده اِنسان هو، تنهن ٻاٻوهه مان وراڻيس ته ”پيارا ٽانئون، تون ڪا چنتا نه ڪر مان تو اَميءَ لاءِ ڪونڙيءَ جا ٻلا گهرايان. مان اڄ ئي تو هڪ دوست کي خط لکان ته ڪوڪو ٻلن جو موڪلي ڏي. پوءِ اَمي ٻؤ ڪري ڪائي ۽ پنهنجي ترشنا پوري ڪري.“ واسواڻيءَ سانت ۾ ٻڌو ۽ چيائين ته ”دادا، توهين جيئن نيڪ سمجهو، تيئن ڪريو.“ پر اَندر ۾ پئي پرارٿنا ڪيائين ته پرڀو، اَميءَ کي ماڳهين ويشنو بڻائي ڇڏ ته جيئن هوءَ وري هنسا جو آهار نه ڪائي.

ڪن ڏينهن کان پوءِ سچ پچ هڪ ڪوڪو ٻلن جو اچي سهڙيو. ڪوڪو ڏسي اَمي ڏس ته پيئي نري. ڇي بس، هاڻ ته ٻلا ئي ٻلا کائيندس. اڇو تو ڪوڪو کلي ۽ ٻلا نڪرن. ڪي نري کائيندس، ڪي ڀڄائي کائيندس، ڪي سيڪي کائيندس. ڪن جي آنڙي کائيندس .... خير سان ڪوڪو کڄي اَميءَ جي ڪمري ۾ آيو. ڪلهڻ وقت اَمي اُتي حاضر هئي. ٻلا بيشڪ چانديءَ جيان پئي چمڪيا، جن کي ڏسي، اَميءَ جون اکيون به پئي خوشيءَ ۾ چمڪيون، ۽ وات به ٽي پاڻي پاڻي ٿيس. ٻلا ٻاهر ڪڍيا ويا، جي لوٽيل هئا. پر هي ڇا! ٻلن ۾ ڇا پئي سُريو؟ اَڙي، هي ته ٻُر ٻُر ڪينئان هئا جي پئي ٻلن ۾ هيڏانهن هوڏانهن سريا! اَميءَ ويچاريءَ جي دل هارجي ويئي. ڇي ڪينئن وارا ٻلا ڪيئن کائبا؟ پنهنجي اُميدن تي پاڻي ڦرندو ڏسي ڏاڍو نراس ۽ لڇي ٿي. پنهنجن سنتن سمان پٽن تي ڪيڏو نه زور بار آندو هئائين! پر وريو ڇا؟ جيڪر ٻلا گهران ئي

جل پرجي آيو. دل ئي دل ۾ ته ڪيس ڏاڍيون آسيسون ڏنائين، ۽ ٻاهران چيائينس ته پٽ، تون ويهي ڏسج ته اڃا به ڪيڏي نه وڏي لائقيءَ کي تون لڳين! تون اوش اوچ تي رسندين.

ماتا جي دل جون دعائون بيشڪ لڳيون ۽ پرنسيپال واسواڻي ويو ترقيءَ پنيان ترقي ڪندو.

ڪوڙيءَ جو پلو

هڪ ڏينهن پرنسيپال واسواڻيءَ، پنهنجي اميءَ سان ويٺي ڳالهيون ٻولهيون ڪيون. ڳالهين ڪندي پڇيائينس ته ”امي، ڪجهه کپيئي؟ ڪنهن به شيءِ تي دل هجيئي ته ٻڌا هڪ ڇٺي ڏي.“ اميءَ، دل مان هٽندي، هڪڙي هٽڪي وراڻيو: ”پٽ، چوڻ لاءِ نه تون ٿئين، پر ڇا ڪريان؟ ترشنا کي ماري نٿي سگهان.“ ”امي، تون چئُو، ڇا تنهنجي دل اُٿيئي؟“ پٽس وري پيار مان پڇيو. تڏهن اميءَ کي ڪجهه ساهس ٿيو ۽ وراڻيائين ته ”پٽ، مان ته سڪان پيئي ڪوڙيءَ جي پلي جي سواد لاءِ! مونکي اهو نه جيڪر گهرائي ڏين؟“

ويچارو ويشنو پٽ واسواڻي، جنهن جي هردي ۾ هر پراڻيءَ لاءِ پيار هو، سو اهو سوال ٻڌي، دنگ رهجي ويو. پلا هڙئي اِڇا ڪيئن پوري ڪري! سندس لاءِ جند ڪڻ ته جند ڳوُرو، پرُ ڪڻ ته پرُ ڳوُرو! هڪ پاسي ماءُ جي دل، ٻئي پاسي اهنسا جو اُتم اُصول. ڪنهن جيوَ پراڻيءَ کي مارڻ ته دور ڪنار، پر هو ڪنهن کي رنجائڻ به ڪين چاهيندو هو. سو اميءَ جي ڳالهه ڪيئن رکي؟ سندس دل ته دَيا جو ساگر هئي، سا دل ڪيئن چوندي ته پلا مارائي، پنهنجي ماءُ کي کارائي؟ پر اميءَ کان سندس اِڇا لاءِ پڇيو به ته پاڻ ئي هٿائين نه؟ سو هاڻ ڇا ڪري؟ اڄ پڌ نرم پيو. وچن ڏيئي، ڪيئن ڪوڙو ٿئي؟ هاڻ ته دل تي پٿر رکي به اميءَ جي اساڌارڻ اِڇا پوري ڪرڻي ئي هئس.

واسواڻيءَ جي دل تي جڏهن به ڪو ڀار يا بوجو هوندو

وقت بوقت ود يارٿين سان کيل جي ميدان تي ڪريڙائون به ڪندو هو. سندس ويچار هو ته جي نئون ڀارت اڏڻو آهي ته گيتا جي اڀياس سان گڏ، راندين روندين ۽ کيل ڪود سان شرير کي سوسٿ ۽ رشٽ پشٽ به رکڻو آهي. شاستر اڀياس ۽ برهمچريه جو پالن ڪندي، تن، من، ٻڌي ۽ آتما، سڀ جو گڏوگڏ وڪاس ٿيڻ گهرجي. گيتا گيان بيشڪ مهان آهي جو جيون کي نئون بڻائي ٿو. راندين ڪرڻ سان شرير سگهارو، بلوان ۽ تندرست رهي ٿو. اهڙي ئي مضبوط شرير ۾ مضبوط من رهي سگهي ٿو.

فوٽ بال

هڪ ڏينهن ڪنهن ود يارٿيءَ پڇيس ته سائين، فوٽ بال مان ڪهڙي سکيا ٿي ملي؟ ته نهن پهه جواب ڏنائينس ته "پيارا، اِنسان به فوٽ بال جيان آهي، ڪڏهن هيٺ ته ڪڏهن مٿي. ڪڏهن اوچو مٿي آڪاس، ته ڪڏهن پيرو مٿي پوَنءِ. فوٽ بال جيان اِنسان جي ساري ڪڏهن سرس آهي. هوُ جت وڃي تت پيو عزت ۽ شهرت حاصل ڪري. پر جڏهن ساڳيو ئي اِنسان جڏهن بدنام ٿئي ٿو ۽ سندس اپجس ٿئي ٿو ته ماڻهو ڪيس گهرڻا جي درشٽيءَ سان ڏسن ٿا. جيئن فوٽ بال جڏهن آسمان مان هيٺ ڪري ٿو، تڏهن ڪيس پيرن سان هيڏانهن هوڏانهن ڌڪيلجي ۽ ٺڏجي ٿو. پر لتن لڳندي به فوٽ بال اڏول آهي. سندس قوت نٿي گهٽجي. اِنسان به جيڪر ائين ٿئي! دک ۾، ۽ سک ۾؛ ۽ اپجس ۾؛ هار ۾، ۽ جيت ۾؛ غريبيءَ ۾، ۽ شاهوڪاريءَ ۾؛ هوُ جيڪر سمان ڀاوَ ۾ رهي!"

ود يارٿي اهڙيون ڳالهيون ٻڌندا هئا ته پنهنجي پرنسيپال صاحب لاءِ سندن عزت ۽ شرڌا پاڻ وڌندي هئي. ننڍڙين ساڌارڻ ڳالهين مان به هوُ ڪين ڪيڏيون نه اوچ سکيائون ڏيندو هو! پرنسيپال واسواڻيءَ، اهڙين سکيائن جي ساکيءَ، پنهنجي جيون ۾ ڏيندو رهيو.

نه ها. شايد ايشور جي به اِڇا ڪانه هئي ته مان پلا ڪيان.
اهو بيشڪ مردار ماس آهي جو مون کي ڪداچت کائڻ نه کپي.
سو پڇتاءُ ڪندي پٽن کي چيائين ته "منهنجا پيارا بالڪو!
توهين نيڪ ۽ سچا آهيو. بس، هن کان پوءِ مان بلڪل ويشنو
ٿي رهندس. ماس مڇيءَ کان مون توبهه ڪئي." گوشت کائڻ
نه هن اڳيئي ڇڏي ڏنو هو، پر پلي مڇيءَ لاءِ چوندي هئي
ته اهو ته درياهه جو ميوو آهي. سو چونه کائجي! سندس پٽ
چوندا هئا ته پلي مڇيءَ ۾ به پراڻ آهن. هوءَ به ساهه وارا آهن،
تن کي پڪڙي، ماري کائڻ پاپ آهي. هاڻ، ان پاپ ڪرم
کان اُميءَ پري رهڻ جو پرڻ ڪيو. سخت واسواڻيءَ جي پرارٿنائن
۽ آرادنائن هٺي وڃي هند ڪيو.

موج جي ويس ۾

پرنسيپال واسواڻي، دنيا ۾ رهي به دنيا جو ڪين هو.
هوءُ ڪمل پشپ جيان هو، جو ڪني ڪيچڙ واري پاڻيءَ ۾
رهندي به پاڻيءَ کان ٻاهر بيٺو هوندو آهي. سندس ٽپال ڇڳي
ويندي هئي. هوءُ ڪيترائي خط پت لکندو هو، تنهن ڪري
اَٽڪل سؤ رپئي جون ٽڪليون، لفافا ۽ ڪارڊ گهرائي رکندو
هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪانئس اها ڳالهه ٿي وسري ويندي
هئي ته وٽس ڪو اهو سامان رکيل آهي، سو وري سؤ رپئي
جو ٻيو مال گهرائيندو هو. ڪجهه مال ڪنهن خاني ۾ ته ڪجهه
ڪنهن خاني ۾ پيو هوندو. سندس دادا، ساوتري ۽ سنجمي هو.
هوءُ لاهور ايندو هو ته پنهنجي ڀاءُ جي ميزن جا خانا وغيره جاچي،
سڀ ٽڪليون، لفافا ۽ ٻيو سامان ڪٺو ڪري بنڊل ناهي، اچي
کيس ڏيندو هو، پر ور جائيندو هڪ اکر به ڪين هوس. هن کي
خبر هئي ته سندس ڀاءُ هڪ الله لوڪ انسان آهي، سو دنيوي
ڏندن مان ڇا ڄاڻي؟

راندين جو شوق

پرنسيپال واسواڻي، راندين روندين جو به شوقين هو، ۽

(Mood) ته اڳيئي آگ ٻگولا ٿي ويو هو، سو چاهيائين ٿي ته جيئن هي سڀ هتان جلد گم ٿين، سو چيائين: "ٺيڪ هئه، ٺيڪ هئه. اَب تم لوگ جلد هي يهان سي چلي جائو."

ٽولي چپ چاپ مندر کان ٻاهر نڪري آئي. ود يارٿين کي مهنت تي ڏاڍا خار هئا جو هن سندن آدرڀاءُ يوڳ پرنسيپال سان اجوڳه ورتاءُ ڪيو هو. پر هنن پنهنجي ڪاوڙ کي دٻي ڇڏيو. ٻاهر اچي انهن مان هڪ ڄڻي چيو ته واه ڀائي! هي مهنت صاحب ته هڪ لاثاني اِنسان نڪتو! ٻئي ڄڻي ڦناڦت پڙڪو ڏيئي چيو ته لاثاني، يا خُراساني؟ اتي اچي سڀني ۾ ٽهڪڙو پيو. پر هڪ ود يارٿيءَ ائين پئي چيو ته جس اسان جي پرنسيپال واسواڻي صاحب کي هجي، جنهن مهنت کي اڳه اڳرائي ڪندي ٻه ڪي واتان ڪين ورايو! ڪيڏو نه سندس صبر، ڪيڏي نه سندس سهن شڪتي!

اهي شبد پاسي کان بيٺل چؤڪيدار ڪو ٻڌي ورتا. هن واسواڻيءَ جو نالو پنهنجي ڳوٺاڻن ستسنگين کان اڳه ٻڌو هو. سو يڪدم ڊوڙي ويو اندر ۽ وڃي مهنت صاحب کي چيائين: "بابا جي، آپ کو شايد معلوم نهين هئه، ڪ وو ٻڙي صاحب، خود ساڌو واسواڻي ئي هئن؟" مهنت، جنهن پڻ اِهو نالو گهڻيئي دفعا اڳه ٻڌو هو، سو گهبرائجي ويو ۽ منهن جو پنو ئي لهي ويس، سو وياڪل ٿي چؤڪيدار کي چيائين ته "ڀاڳو، اؤر اُس صاحب کو، ٻڙي عزت سي اَندر بلاڪي لائو."

ٻاهر ود يارٿين جي ٽولي، پنهنجيءَ ڌُن ۾، ڪل خوشيءَ سان پئي هلي ته اتي چوڪيدار ٻه سهڪندو اچي پهتو ۽ پرنسيپال صاحب کي ليلڙائي چوڻ لڳو ته "صاحب، آپ ڪرپا ڪرڪي، واپس مندر ۾ چليئي تو آپ ڪي ٻهوُت مهرباني هوگي." سندس ڇهري ۾ ڊپ ۽ سچائي ڏسي، پرنسيپال صاحب ڪيس آشواسن ڏنو ۽ سڀني سان گڏجي واپس مهنت

مندر جو مهنت

هڪ دفعي وديارٿين، پرنسيپال واسواڻيءَ کي وينتي ڪئي ته ڪرپا ڪري جيڪر ٻه چار ڏينهن اسان سان ڪٿي ٻاهر هلو. ڪين پياس هئي ته هن سنت، ست پرش جي سنگ ۾ ڪجهه سمو سهواس ڪريون. پرنسيپال، سندن پيار ۽ پياس ڏسي ”ها“ ته ڪئي، پر هڪ شرط تي! اهو ته ڪٿ به هلون ته منهنجي واقفيت ڪنهن کي به نه ڏجو، مان توهان سان، توهان جهڙو ٿي هلڻ ٿو چاهيان. وديارٿين اهو شرط قبول ڪيو جو هنن ڄاتيو ته اسانجو پرنسيپال صاحب ته پرڀاتي پڌرو آهي. سورج به ڪڏهن لڪيءَ هيٺان لڪي سگهيو آهي؟ ڪاليج بند ٿيو ته پارٽي لاهور چڙهي، هڪ ولجهيءَ بستيءَ ۾ اچي پهتي. اُت هڪ مندر هو. پرنسيپال واسواڻيءَ رٿ ڏني ته ”هلي مندر جو درشن به ڪريون ۽ مهنت صاحب سان به ملون. پر منهنجو نالو ڪنهن کي نه ٻڌائجو“

تولي اچي مندر ۾ پهتي، ۽ مورتيءَ اڳيان، شردا پوروڪ نمسڪار ڪري اچي مهنت صاحب اڳيان پٽ ۾ ويهي رهي. مهنت صاحب، مستڪ تي وڏو تلڪ لڳائي، ڳلي ۾ وڏي مالها پائي، مڇن کي وَر ڏيئي، ڏاڍي شان ۽ نزاڪت سان صندل تي گديءَ تي ويٺو هو. سڀني ڏانهن سرسري نظر ڦهلائي، پرنسيپال ڏانهن نهاري ڪانئس پڇڻ لڳو: ”جي، آپ ڪهان سي تشريف لا رهي هئن؟“ پرنسيپال واسواڻيءَ نمرتا ۾ ورائيو: ”جي، مئن سنڌ پرانت سي آيا هون.“ بس، سنڌ جو نالو ٻڌڻ سان مهنت صاحب جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ گجگوڙ ڪري، ڪڙڪ آواز ۾ چيائين: ”سنڌي لوڪ مانس مڇي کاتي هئن، ان کو پگتي ڀاونا، ڌرم ڪرم ڪڇ نهين هئ.“

پرنسيپال واسواڻيءَ، نمرتا ۽ ڌيرج سان جواب ڏنو ته ”مهاراج، آپ کي آشيرواد چاهيئي.“ پر مهنت جو موڊ

اُهڙيون ڳالهيون ڏاڍيون وڻنديون هيون، سو يڪدم ”ها“ ڪٽي ڪيائين. وديارٿي ڏس ته ڪپڙن ۾ ئي نه ماپن. ڏاڍيءَ موج ۾ اچي ويا ۽ اُمنگ ۽ اُتساھه وچان لعل لوئي آستان کي خوب سينگارڻ ۽ سجائڻ لڳا. ڀلا سندن دلين جو پيارو جو تي اُت پڌاريو! پرنسيپال صاحب جي ويهڻ جو به جوڳو بندوبست ڪيو هئائون. هڪ وديارٿي ته پنهنجي گهران هڪ گرم ڪمبل به ڪٽي آيو جنهن سندس پرنسيپال ڪوسو تي آرام سان ويهي.

راتِ آئي. نوجوانن پنهنجي پياري پرنسيپال صاحب کي گهڻي سنمان سان آٽي ڪرسيءَ تي ويهاريو ۽ پاڻ به سندس چرنن ۾ ٿي ويٺا. پوءِ ڪانئس شاسترن مان منتر اُچارائي، تيلي ٻارائي، اگنيءَ سان لعل لوئيءَ جو آرنڀ ڪرايائون. اگنيءَ جون لعل لعل لاٽون، جئن جئن ٿي مٿي مٿي اُڀريون، تئن تئن وديارٿين جو آنند ۽ اُتساھه به ويو ٿي وڌندو. سيئي موج ۾ اچي ويا. ڪن ڍولڪ وڄائي گيت ۽ گانا ٿي ڳايا. ڪن کاڻيون ۽ لطيفا ٻڌائي محفل جي موج ٻٽي وڌائي، ته ڪن سندر ڪوتائون ۽ ڪلام سڻائي، روح کي بلنديءَ تي تـي چاڙهيو. آخر هنن پنهنجي پوڄيه پرنسيپال صاحب کي وينتي ڪئي ته سائين، ڪجهه توهين به ڪي وچن ٻڌايو.

پرنسيپال واسواڻي ته پنهنجون اکيون اگنيءَ ۾ کپائي، آنند ۾ مشڪي رهيو هو. جئن جئن اگنيءَ جون لعل لعل جيڀون، تانڊو نرتيه ڪنديون، مٿي مٿي اُڀرڪي ۽ ڀڙڪي رهيون هيون، تئن تئن سندس نيڻن ۾ به هڪ نوراني نور چمڪندو ۽ تجلا ڏيندو ٿي رهيو. نيٺ پنهنجي ٻالڪن کي خوش ڪرڻ لاءِ هن پياري پنهنجو مک کوليو ۽ هيئن چوڻ لڳو:

”پيارا ٻالڪو، ڏسو، هينئر ڪيڏي نہ ٿڌ آهي! ان ٿڌ ۾ اَسان گرم وستر پهريا آهن ۽ ڪن ڪمبل لپيٽيا آهن. ٿڌهن به سيءَ کين لٿو آهي. پر هيءَ باھه، هيءَ اگني، هيءَ آتش، بيشڪ

صاحب وٽ آيو. ڀلا سنڌس سکيا ئي هئي ته ماڻ اَپمان، آدر نرادر، سڀ سمان ڪري سمجهو؛ سو ان سکيا جي ساکي ڏيڻ بنا ڀلا ڪيئن ٿي رهي سگهيو! سنڌس پهچڻ کان اڳ ئي مهنت صاحب پنهنجي گديءَ تان اُٿي، نمرتا ۽ پڇتاءَ جي ڀاوَ سان، ڪنڌ جهڪائي اچي ساڻس گڏيو. ويچارو ڏاڍو پشيمان پئي ٿيو. پر سنت واسواڻيءَ سنڌس ڏُبِڌا برداشت ڪري نه سگهيو ۽ کڻي ڪيس ڇاتيءَ سان لڳايائين! مهنت به ڪيس اُتساهه ۽ آوڀاو سان پنهنجي گديءَ تي آڻي ويهاريو ۽ ويهي ساڻس مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. پوءِ ودائيءَ وقت، پرنسيپال صاحب ۽ هڪ هڪ وديارٿيءَ کي ٺاڪر جو تيرٿ پرساد ۽ ڦل ڦُول به آڻي ڏنائين.

موٽندي، واءُ منڊل جو رخ بدليل ڏسي، وديارٿي ڏاڍا شانت ۾ پئي هليا. نيٺ هڪڙي کان رهيو نه ٿيو، سو ڌيمي آواز ۾ چيائين: ”دوستو! مهنت صاحب ته بيشڪ لاثاني ثابت ٿيو!“ ته جهٽ ٻئي شاگرد ورندي ڏني: ”نه فقط لاثاني، پر دلبر جاني! ڏٺءِ؛ ڪيئن پرساد به آڻي ڏنائين!“

لعل لوئي

پنجاب پرانت ۾ لعل لوئي ڏاڍي اُتساهه سان ملهائيندا آهن. هوُ اُن کي ”لوهڙي“ ڪري چوندا آهن. جنوريءَ جي مهني ۾ اُت ڪڙاڪي جي سردي پوندي آهي. لعل لوئيءَ رات جو، هڪ وڏي کڏ کوٽي، اُن ۾ وڏا وڏا ڪاٺ جا ٽنڊ وجهي، انهن کي آگ لڳائي، اُن جي چوڌاري ويهي، پاڻ کي سيڪيندا به آهن ۽ ڌرمي، اِتهاسڪ گيت ۽ ڪٿائون وارتائون به ڪندا آهن.

هڪ دفعي ڪاليجي ڪڪن، پرنسيپال واسواڻيءَ کي عرض ڪيو ته سائين، توهين نه جيڪر ڪرپا ڪري اسان سان گڏجي ”لوهڙي“ (لعل لوئي) ملهايو! هن سنت کي نه

سمرن ڪندو، پيو اُن پريتم جي پچار ۾ پنڌ ڪندو هو. اِهو ئي هو سندس خوشيءَ جو خزانو. ڪڏهن ڪڏهن باغ بوستان ۾ لنگهي ويندو هو ۽ وڃي گلڙن قلڙن ۽ ٻيلن برڪشن سان سڪ ۽ سنيهه ۾ مٺڙيون مٺڙيون ڳالهڙيون ڪندو هو. ماڻهن جي ليکي ته هي ڪو مستانو فقير هو ۽ سچ ته هُو هو به هڪ فقير تن، جو وقتي فقيرن جي سنگ ۾ وڃي ويندو هو ۽ روح رهاڻيون ڪندو هو.

سياري جا ڏينهن هئا. هڪ لڳا ڏسي ته هڪ فقير جنهن جا وار جهنڊولا هئا ۽ جنهن جي سر اُتي پورو پهراڻ به ڪين پيل هو، سو هڪ شاهي وڻ هيٺ ويٺو آهي. سندس ديد ڪنهن دُور دُور ديش ڏانهن خمار ۾ کُتل هئي. نه هيڏانهن ئي نهاريائين نه هوڏانهن. شايد ڪنهن نوراني نظاري جو ديدار ڪري رهيو هو. پرنسيپال واسواڻي پير پير ۾ پائي، هن پرپوءَ جي پياري جي چرنن ۾ اچي ويٺو ۽ ويٺي هڪ ٽڪ ڏانهنس نهاريائين ۽ پئي حيران ٿيو، ڪجهه وقت ڪان پوءِ هن فقير پنهنجي نظر مٿس وڌي ۽ نهاري نهاري وٺي ڪيس پيار ۽ قرب وچان پاڪي پاتائين. بس، پرنسيپال واسواڻيءَ کي خبر ڪا هي نه چا ٿيو. او چتو ئي او چتو سندس نيترن مان نرمل نير جو ندبون وهڻ لڳيون، جن سندن پهراڻ ئي پسائي چڏيو. فقير اِهو ڏسي چيس ته، "تنهن جي اکين جو آب آئيني هڪ وڏو خزانو. ڪنو ڪرڻو آئيني نه اِهو ئي خزانو ڪنو ڪندو وڃ. اِهو روحاني خزانو توکي پار لنگهائڻ ۾ مدد ڪندو."

بيشڪ، پرپوءَ کي ڪين نه اسان جا ماڻڪ، موتي، هيرا ۽ جواهر. واسطو ۾ اُهي نه سندس ئي آهن! پر پرپوءَ کي کپن اسان جا سڪ سندا ڳوڙها، اسان جا وره جا اُڙڪ، جي پريم ۽ پياس ۾ اسان وهايون ٿا!

"ميرا گهر ڪهان؟"

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي. پرنسيپال واسواڻي، پنڌ ڪرڻ

لعل لوئِي آهي جنهن اسانکي سيءَ کان بچايو آهي. هيءَ آگ جي ڳاڙهي لوئِي، تنهن اسانکي هن سيءَ ۾ گرم رکيو آهي. لعل لوئِي سان جا اُسانکي لعل اگني ڏني ٿي ۽ سياري جي سيءَ ۾ اسان جي رکيا ڪري ٿي.

سنسار ۾ ٻه اَٽو سيءُ. اُن ۾ ڪي جيڙو اَٽو؛ جن لاءِ سڄو ئي سال اَٽو سيارو، اَٽو ٿڌ. ڇو ته ڪيترا دکي، دريدر، دين، غريب، مسڪين پائر ۽ پيٽر اَٽو، جي سيءَ ۾ پيا ڏکن ۽ پيا لعل لوئِيءَ لاءِ سڪن. ڇون پيا ته اسانکي به لعل لوئِي کپي، لعل اگني کپي، لعل آتش کپي، لعل جوالا کپي، اها لعل لوئِي اَٽو پيار جي شڪتي، پريم جي طاقت! شل اسين هڪ ٻئي کي قرب جي لوئِي ڏيون، سڪ جي لعل اگني ڏيون. شل اُسين غريبن ۽ مسڪينن لاءِ پنهنجي دلين ۾ پيار رکون. شل سندن شيوا ڪريون. انهن کي گرم رکون. ۽ سڀني کي پيار ڏيون، سڪ جو سيڪ ڏيون، جئن هڪ هڪ جي جيون سکي ۽ سڦل ٿي پوي.

وديارٿين پنهنجي مانيه پرنسپال جا اَلپ، پر مٺا وچن پنهنجي دلِ جي دٻليءَ ۾ قيمتي خزاني جيان، سڪ سان سانڍي رکيا. شرد رُت گذري ۽ بسنت بهار آئي ته به هي اُمولڪ وچن سندن ڪنن ۾ ناد جيان پئي وڳا.

ڦمر سان

سيارو هجي چاهي اونهارو، پرنسپال واسوائِي، سوبل صبح جو اڪيلو ئِي اڪيلو پنڌ ڪرڻ نڪري ويندو هو. پربات جو سيتل، نرمل ۽ سهاونو سمو؛ وايو منڊل ۾ هڪ عجيب شانتي ڇانيل، ورڪشن مان تازو جاڳندڙ پکيئڙن جا مٺا ۽ مڌر گيت، هوا ۾ سيتلتا ۽ ڌيمي ڌيمي لهرون، اِهي سڀ هن سنت جي من کي آنيند پريه هئا. اِنڪري هو پاڻ کي ڪڏهن به اڪيلو ڪين سمجهندو هو. هو ته هو پرڪرتيءَ جو اَنوکو ٻالڪ، جو ماتا جي لاڏ ڪوڏ ۾ پلجندي، پنهنجي جڳت جننيءَ جي مٺي نام جو

پل پل ۾ پنهنجي پريتم جي گهر جي سڌ ۾ سوچي رکندي به، پنهنجي دنيوي گهر جو ڏس پتو وساري ويٺو هو! عجيب ماجرا هئي! نيٺ پرنسيپال واسواڻي کوجيندو کوجيندو هڪ بنگلي جي باغ ۾ اچي سهڙيو ۽ ٿڪجي سائي سيتل گاهه تي وشرام لاءِ ويهي رهيو. پوءِ پنهنجا نماڻا نيڻ بند ڪري پنهنجي سچي سُونهين کي سڏڻ لڳو ته ”هي منهنجا سائين! هاڻ مان ٿڪو آهيان. مونکي راهه بتاءِ ۽ منزل تي پهچاءِ.“ بس، سندس پياس جي پڪار جي دير هئي. ترت اُت ڪي ماڻهو اچي سهڙيا، جن سندس ويدنا ٻڌي، ڪانئس سندس نالو پڇيو. جڏهن هن اَبوجهه آتمائن هن جوڳي جادوگر کين پنهنجو نالو ٻڌايو ته جڻ جادو ٿي ويو. هنن ماڻهن خوشيءَ وچان چيو ته سائين، اسين توهانکي سڃاڻون ٿا. اسان توهانجا مٺا اُپديش ٻڌا آهن. هلو ته اسين هلي توهانکي گهر پهچايون. اِئين هو کيس سندس گهر وٺي آيا. گهر ڏانهن ورندي پرنسيپال واسواڻيءَ کي شريمد ڀڳوت گيتا، جنهنجي ڪاپي هو هميشه پنهنجي کيسي ۾ ساڻ کڻي گهمندو هو، تنهن جي اُرڙهين اَڌياءِ جو ڇاهٺ سلوڪ ورڀي ورڀي ياد اچڻ لڳو. ان شلوڪ ۾ ڀڳوان سري ڪرشن پنهنجي پياري متر ۽ شش، اَرجن کي آگاهه ڪيو آهي. ”...... ما ميڪم شرڻم ورج.“ (هي پيارا، منهنجي شرڻ آءُ). ڀڳوان شرڻ پئي جي لاج اوس رکي ٿو، خاص ڪري پنهنجي ڀڳت جي.

نج گهر

بيشڪ، اسان مان هڪ هڪ جو سچو گهر، سچو وشرام، سري ڪرشن ڀڳوان جي ڪمل چرنن ۾ ئي آهي. اسين ڪيئن نه پيا هٿ هنن مٽيءَ جي مڪانن ۾ منجهون! هي ڪهڙا گهر؟ نيٺ هڪ ڏينهن اسين اِهي گهر ڇڏي اڳتي هلنداسين؟ يا ته اِهي هڪ ڏينهن اسانکي ڇڏي، ڊهي پوندا. هنن مڪانن ۾ سچو وشرام ڪٿي؟ سچو پريم ڪٿي؟ سچو آنند ڪٿي؟ نتيه آنند،

نڪتو. هميشه جيان اڪيلو هو. خوب پنڌ ڪيائين ۽ پنڌ
ڪندي ڪندي جڏهن ٿڪجي پيو تڏهن موٽڻ جي ڪيائين.
پر گهر ليکس ئي ڪو نه. نه معلوم، پنهنجي ئي موج ۽ خمار ۾
ڪهڙن نون رستن تان پنڌ ڪيو هئائين جو هاڻي راهه ڀلجي
پيو هو. ماڻهن کان پڇي پڇيائين ته ”بائي، ميرا گهر ڪهان
هه؟“ پر هنن کلي پئي وراڻيو ته ”گهر آپ ڪا، اور پوڇتي
هو هم سي!“ هن ويچاري جواب پئي ڏنن ته ”مين راستا ڀول
گيا هون، اسي ليئي آپ سي پوڇ رها هون.“ تڏهن وائڙن
چيس ته: ”ڀلا، ڪو ڏس پتو ته ڏي ته توکي مدد ڪريون.“
پرنسيپال واسواڻيءَ اٻوجهائيءَ مان وراڻيو ته ”منهنجي مڪان
کي هڪ وڏو شاهي باغ آهي ۽ ميدان به آهي، جتي مان راند
رمڻ ڪندو آهيان.“ پر لاهور جهڙي وڏي شهر ۾ ته اهڙا
۾ ڪئين بنگلا هئا جن جي آڳنڊ ۾ باغ ۽ کليل ميدان هئا.
سو ماڻهو ويچارا ڪيئن ڪهڙو ڏس ڏين. پرنسيپال واسواڻيءَ
وري چيو ته ”منهنجي گهر جي ويجهو هڪ حساب (Mathematics)
جي پروفيسر جو به گهر آهي. اُن کي به اڳيان باغ آهي. هي
نهايت ئي هوشيار پروفيسر آهي ۽ اُن کي وڏو پگهار ملندو
آهي.“ پر هنن ڀي ساده سودڙا وائڙو ڪيس پورو مارڳ
ڪيئن ٿي ٻڌائي سگهيا!

مارڳ نه ملي ته منزل ئي دور! پرنسيپال واسواڻي وري
پنڌ پيو. پنڌ ڪندي ڪندي جڏهن گهڻو ٿڪجي پيو تڏهن راهه
جي هڪ پپل جي ٻرڪش جي ڇايا هيٺ وشرام لاءِ ويهي رهيو. جن
دِيالو انسانن اهي ٻرڪش پوکيا آهن تن جن جاتيءَ جي ڪيڏي
نه شيوا ڪئي آهي! وشرام وٺي واسواڻي وري اُٿي هلڻ لڳو.
هلندو هليو، پڇندو هليو، ”ميرا مڪان ڪهان هه؟“ پر ڪنهن
به ڪو خاطر خواهه جواب ڪين ڏنس. ديوي انسان کي ته پنهنجي
ئي گهر جي ڪا خبر ڪين نه هئي. هئت ته هڪ ديوي انسان،

چلي جائو." (هتان هليو وڃ.) نماڻو واسواڻي چپ چاپ پويان
پير ڪري موٽڻ لڳو. پاڇن سان مهاراجا جي چٽنس (سيڪريٽريءَ)
جي درشتي ڪا متس پئجي ويئي. ڪيس سڌ هئي ته مهاراجا،
واسواڻيءَ جي اپيڪشا ڪري رهيو هو. سو ڪيس واپس ويندو ڏسي
اُهالڪ دربان کي آگيا ڏنائين ته جلد وڃ ۽ وڃي واسواڻي
صاحب کي سنمان سان وٺي اچ. دربان ويچارو ڊپ ۾ لهج وڃان
پرنسپال واسواڻيءَ کي هٿ جوڙي اندر وٺي آيو جت چٽنس
ڪيس ڏاڍي آوڀاو سان مليو ۽ مهاراجا وٽ وٺي ويس ۽ هوڏانهن
ويچاري دربان جي کهڙي حالت هئي، سا هرڪو سمجهي
سگهي ٿو. ويچارو دربان نه اندر، نه ٻاهر! پڪ هئس ته جي
منهنجي روئيي جي دانهن مهاراجا وٽ پهتي ته منهنجو خير
ڪونهي. نوڪري ته اوش ويندم پر ٻي به ڪا سزا ملندم.

پرنسپال واسواڻيءَ جي مهاراجا سان پيٽ وارتا، پريم
پورڻ سماپت ٿي. ڪيس چٽنس ٻاهر سان ٻاهر درتائين اُپرائڻ آيو
ته دربان ٿر ٿر ڪنبندي ٻنهي اڳيان خوب سر جهڪايو. پرنسپال
واسواڻي ڏانهنس دايا ۽ پريم درشتيءَ سان نهاريو مشڪيو.
چٽنس ڪيس ٻاهر ڇڏي جڏهن اندر هليو ويو تڏهن اُئي دربان
جي جان ۾ جان آئي. هو واسواڻي صاحب کي من اُئي من ۾
دعائون ڏيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته هي ڪو ديالو ديوتا هو! مون
ڪيئن ٿي ڪيس دروازان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو!

پرنسپال واسواڻي ڪُوچ بهار ۾ گهڻو وقت ڪين رهيو.
جڏهن لاهور ۾ هو تڏهن سندس ناماچار، پنجاب جي گهر گهر
۾ ٿي ويو هو، ڇو جو هو سِک ڪُرن جي نرمل جيون ۽ سندن
اُتم سکيائن بابت ڀاءُ ڀڳتيءَ سان ڳالهائيندو هو. سندس مهانتا
جي سڌ پٽيالا رياست جي سک مهاراجا جي ڪنن تائين به پهچي
چڪي هئي. پٽيالا ۾ هڪ مهيندر ڪاليج هو جنهنجو پرنسپال
هڪ انگريز، مسٽر ايڊمنڊ ڪهلر، هو. هن جڏهن رٽائر ڪيو

پرم آنند ته ڪيول آهي سري ڪرشن جي ڪمل چرنن ۾، جو ئي آهي اسانجو سچو گهر، نج گهر، سک گهر.

ڪوچ بهار ڏانهن

پرنسيپال واسواڻي لاهور ۾ ٻه سال رهي اُتي چڱي ليلا لڳائي. پوءِ پاوي کيس وٺي هليو ڪوچ بهار رياست ۾ سنه ١٩١٥ع ۾، وڪٽوريا ڪاليج جو پرنسيپال شري برجيندر ناٿ سيل، مئسور يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. پرنسيپال واسواڻيءَ کي اُن ڪاليج جو پرنسيپال ڪيو ويو. سندس اچڻ سان ئي ڪاليج جي پروفيسرن ۽ وديارٿين تي سندس چمڪندڙ چرتر ۽ شاندار شخصيت جو اثر ٿيڻ لڳو. هنن هوشيار عملدار بيشڪ ڏٺا هئا، پر هوشياريءَ سان گڏ، پريم ۽ نمرتا، سادگي ۽ پوترتا جهڙن سد گڻن وارو سنت پرنسيپال هنن اڳ ڪڏهن ڪين ڏٺو هو، هو مٿس مفتون ٿيڻ لڳا. جڏهن وٽس ويندا هئا، يا سندس پاسڻ بڌندا هئا، تڏهن سندن رڳ رڳ ۾ ازخود هڪ شرڌا جي لهر جو اُڀيو ٿيندو هو. هڪ ٻئي ۾ پنهنجي پرنسيپال جون ئي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ گهرن ۾ به سندس ئي چرچا هوندي هئي. ڪستوريءَ جي سڳنڌ به ڪا لڪي سگهي ٿي؟ سو چوڻ ته هڪ ڏينهن اِهي رپورٽون وڃي مهاراجا جي ڪنن تائين پهتيون، جنهن کي اچي اُتڪنٺا ٿي ته مان به جيڪر اهڙي پوتر پرش جو درشن ڪريان. سو ترنت ئي پنهنجي محلات ۾ اچڻ جو نمنترڻ ڏياري موڪليائين. مقرر سمي تي پرنسيپال واسواڻي مهاراجا جي محلات جي مهڙ واري بلند دروازي تي اچي پهتو. اُت دربان بيٺو هو جنهن کيس ڏسي سمجهو ته شايد هي ڪو اوبرو ماڻهو آهي سو کيس روڪيائين. رواج انوسار، نمنترت جن، گهوڙي گاڏين ۾ چڙهي شان ۽ دٻدٻي سان مهاراجا وٽ ايندا هئا. سو پرنسيپال واسواڻيءَ کي هڪ نماڻي صورت جيان پيرين پنڌ آيل ڏسي دربان کيس هڪل ڪئي ته ”يهان سي

پنهنجي ڌُن ۾ پنڌ ڪندا ٿا رهو. ڪهڙي خبر ته ڪڏهن رستو ڀلجي وڃو يا ڪنهن تڪليف ۾ اچي وڃو.“ چپراسيءَ جا اِهي اکر جيتوڻيڪ ڌارمڪ هئا، ته به هن سنت دل ۾ ويچار ڪيو ته دنيوي مهاراجا جي نوڪريءَ ۾ اِجهي اِهي بندن آهن. جو مان اڪيلو سوتنتر ٿا سان گهمي به نه ٿو سگهان! دنيوي نوڪريءَ ۾ ڪيڏيون نه زنجيرون آهن! ڀل اُهي سونيون ڇو نه هجن؛ پر ٻڌي وجهنيون آهن. ڪاش، مان جيڪر تنهي لوڪن جي مالڪ جو ڪرمچاري هجان ها ته هنن بندنن کان ته مڪت هجان ها! پر پوءِ، تون ڪڏهن مونکي پنهنجو سمورو ٻڻائيندين؟ مان ڪيول تنهن جو ئي چاڪر ٿي رهڻ ٿو چاهيان. پر پوءِ، ڪڏهن ٻڌندين تون منهنجي اِها پڪار؟

پرنسيپال واسواڻيءَ، پٽيالا ۾ اڃا ٿورو وقت ئي مس ڪم ڪيو هو جو ڀارت جي ديش ڀڳت ۽ مها ودوان پنڊت مدن موهن مالويہ وٽان ڪيس نينڊ آئي ته اچي بنارس هندو وشوَ وديالي ۾ نوڪري ڪريو. هن وشوَ وديالي جو ناماچار جيتوڻيڪ گهڻو بلند هو، تڏهن به واسواڻيءَ جي اندر واري ڪيس پٽيالا ڇڏڻ لاءِ ڪين چيو. تنهن ڪري هن ناڪار ڪئي. ڪير چئي سگهي ته سندس وويڪ ڪيس ائين ڇو چيو؟ ائين ته ڪين هو ته ڪيس هاڻ ترنت هي هنن دنيوي نوڪرين کان مڪتي ملڻي هئي ۽ سمپورن طرح هڪ نام جو ئي نوڪر بڻجڻو هو؟

مهيندر ڪاليج جا باني ڪار پرنسيپال واسواڻيءَ تي ڏاڍو پرسن هوندا هئا ۽ سندس هر ڪا اِڇا پورن ڪندا هئا. ڪين جو ڀلا ههڙو هوشيار پرنسيپال ۽ مهان آتما مليو هو، سو هنن چاهيو ٿي ته ڪيس هر ڪنهن قسم جي سهوليت ميسر ڪري ڏيون. هڪ دفعي پرنسيپال واسواڻيءَ کي ڪاليج جي ڪم سانگي ڪٿي نزديڪ وڃڻو پيو. سندس خرچ فقط ست رپيا ٿيو. سو هن بل به ست رپين جو ئي ٺاهي ڪاليج بورڊ کي

تڏهن پٽيالا جي مهاراجا، پرنسيپال واسواڻيءَ کي عزت سان ڪوٺ ڪئي ته توهين ڪرپا ڪري اچي اسانجي مهيندر ڪاليج جا پرنسيپال ٿيو، ان جون واڳون اچي پنهنجي هٿن ۾ کڻو. تن ڏينهن ۾ انگريزن جي جاءِ انگريز ئي پرنسيپال ٿيندا هئا ۽ نه هندستاني. اهڙيءَ طرح ڪوچ بهار ۾ هڪ سال جي ڪار ڪرڻ کانپوءِ پرنسيپال واسواڻي پٽيالا ڏانهن هليو. ڀاويءَ جي شايد اها ئي اڇا هئي ته هي مهاپرش پنهنجي آسپاس هاڻ سڄي اتر ڀارت کي ڏي، تنهن ڪري کيس دويه دوُت ڪري پن پن شهرن ڏانهن ٿي موڪليائين.

پٽيالا ۾ پرنسيپال واسواڻيءَ کي رهڻ لاءِ هڪ سندر ۽ وڏو بنگلو ڏنو ويو. جنهن ۾ پوري ٺاٺ باٺ سان سجايل انيڪ شاهي ڪمرا هئا. آڳنڌ ۾ هڪ رمڻيڪ اديان هو. جنهن ۾ طرح طرح جا گل ڦل ۽ ٻيل ٻرڪش هئا. هر طرف ساوا ڇهڇ، مخملي گاهه جا پارا هئا، جت هي سنت ايڪانت ۾ آسائش جو آنند وٺندو هو. پن پن پرڪار جا ڳائيندڙ پکي ٻه وڻن جي ٽارين تي اچي جهومندا هئا ۽ آڪرشڪ سرن ۾ مٺا مٺا گيت لنوندا هئا. خوب نوڪر چاڪر سندس حضور ۾ حاضر هوندا هئا ۽ سندس سڏ تي سڏ ڏيڻ لاءِ هردم تيار هئا. هنن نعمتن کانسواءِ کيس پگهار به عمدو ملندو هو. جنهن مان ڪجهه پنهنجي لاءِ ڪيئي، باقي سمورو حصو پنهنجي جنني ماتا ڏانهن موڪليندو هو.

هت به پرنسيپال واسواڻي، سويل ساڻ ڪال ۾ سوُر به اُستت سمي سنڌيا ڪال، پنهنجي شرير کي سوُستت رکڻ لاءِ، اڪيلو پنڌ ڪرڻ نڪري پوندو هو. هڪ ڏينهن ائين محسوس ڪيائين ته پٺيان ڪير سندس پيڇو ڪري رهيو آهي. پٺيان مڙي ڏسي ته سندس ئي چپراسي اچي رهيو آهي. سو ڪارڻ پڇيائين ته پيارا، مون ۾ ڪو ڪم اٿيئي ڇا؟ چپراسيءَ نمرتا سان هٿ ٻڌي ورائيو ته ”سائين، لوهان جو پيڇو ڪرڻ ته منهنجو ڪرتويه آهي. توهين هت نوان آهيو. اڪيلا ئي اڪيلا پنهنجي

مهاراجا جي دل ۾ ايڏي ته شرڌا ۽ سنمان هو جو سنڌس لاءِ وشيش طرح وشنو ڪاڏو، قل قول ۽ ميون جون رسون ميسر ڪيون وينديون هيون. واسوائڻي ته فقط مهاراجا کي مانَ ۽ مريادا ڏيڻ لاءِ ئي اَهڙين ڀاڄين ٽڪين تي ايندو هو. سو نالي ماتر ڳڻيءَ اَڌ ڪاڻيءَ ۽ جل ڀان ڪري اُٿي وڃڻو ئي هوندو هو، جيسين ڀاڄي سماپت ٿئي. سنڌس پرسان جي سڄڻ وهندا هئا، سي به سنڌس نمرتا، لڄ ۽ فضيلت جي وهنوار ڪري پرڀاوت ٿيندا هئا.

وچتر ٻالڪ جشن جو جنم

پرنسيپال واسوائيءَ کي پٽيالا ۾ هاڻ اَڇي ٻه سال ٿيا هئا. اُتي ڪيس ڪراچيءَ مان سنه ١٩١٨ع جي آگسٽ مهني ۾ تار پهتي ته سنڌس وڏي ڀاءُ دادا پهلاجراءِ ۽ ماتا ڪرشنا ديويءَ جي گهر پتر سنتان ٿيو آهي، جنهن جو نالو ويروُمل (جشن) رکيو ويو آهي. واسوائيءَ کي جيئن ئي اها خبر ملي تيئن هو ڏاڍو خوش ٿيو. رشين ۽ مهاپرشن کي ته اڳي ئي پروڙ پئجي ٿي وڃي ته وڏاتا ڪهڙو ڪهڙو انگ ٿو وهائي. هن سنت کي به اهي اهڃاڻ پيا ته هي ٻالڪ پرمڌام مان هن پرٿويءَ تي آيو ئي اِن لاءِ آهي ته جيئن سنڌس آتمڪ ڌارمڪ ۽ پرمارٿ جي کيترن ۾ پر پور سهائتا ڪري ۽ وڏو ٿي سنڌس جاءِ نشين ٿئي.

ڪاليج کي وڪيشن ملي ته پرنسيپال واسوائي ڪراچيءَ آيو جو سنڌس دادا هيندئر اُتي سينڌي اِسڪولن جي مٿان مقرر ڪيو ويو هو. گهر آيو ته اِئين اَنيو ڪيائين ته هن گهر مان ڪي ديه لوڪ جون ڌارائون اَڇي رهيون آهن. جڏهن ڪيس ننڍون جاول ٻالڪ جشن ٻانهن ۾ ڏنو ويو، تڏهن هن ڏانهنس اَتينت پريم ۽ سنيهه جي درشٽيءَ وچان نهاريو. ٻالڪ به ڏانهنس وچتر نموني ۾ منڙيءَ ۽ مڌر مشڪان سان نهارڻ لڳو. ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسي خوش ٿي ٿيا. تڏهن سنت واسوائيءَ پنهنجي ڪيسي مان هڪ سو روپئي

موڪليو. سندس اَچنبي جي سيما ئي نہ رهي، جڏهن موٽ ۾ کيس هڪ هزار رپيا ڏنائون ڇو جو مهاراجا لاءِ هڪ هزار رپين کان گهٽ ڏيڻ ۾ سندس گهٽتائي هئي.

هڪ دفعي پرنسيپال واسواڻي پٽيالا جي مهاراجا کي ملڻ ويو. کيس صلاح ڏني ويئي تہ پاڻ سان پنج گنيون کڻي وڃ ڇو تہ مهاراجا سان هٿين خالي ملڻ نہ جڳائي. سو جڏهن مهاراجا جي سنمک آيو، تڏهن هن سندس اڳيان پنج گنيون نذراني طور رکيون. مهاراجا شان سان مشڪندي کيس پنج گنيون ٻيون بہ وجهي موٽ ۾ ڏهہ ڪري ڏنيون. پرنسيپال واسواڻيءَ سوچيو تہ هن سنسار جا راجائون جي هڙا سخي آهن تہ راجائن جي راجا، شاهن جي شاهہ جي سخاوت جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! ڪاش! هان جيڪر اُن ڪل مالڪ جي سيوا ۾ سديو سندس سيوڪ ٿي رهان. سندس ڪرپا جو هڪ ڪڻو بہ هنن سوَن سونين مهرن کان اَڌڪ آهي.

ڪاليج جي ڪاروبار جي سانگي ڪڏهن مهاراجا خود پرنسيپال واسواڻيءَ سان ملڻ ايندو هو. هڪ دفعي ڳالهين ڪندي پرنسيپال رايو ڏنو تہ ڪاليج جي لئبرري ڪاليج جي شان پٽاندر هجي تہ ڏاڍي سٺي ڳالهہ ٿيندي. اُمالڪ مهاراجا وراڻيس تہ توهين جيڪي بہ ڪتاب يا ٻيو ڪجهہ بہ چاهيو سو وٺي سگهو ٿا. خرچ جو ڪو بہ خيال نہ ڪجو.

پرنسيپال واسواڻي اڃا ڪاٻہ راءِ ڏئي مس، يا ڪاليج جي بهبوديءَ ۽ بهتريءَ لاءِ ڪا رٿ پيش ڪري مس، تہ فورن اها سوڪار ڪئي ويندي هئي. مهاراجا جو پلا منجهس هيڏو جو وشواس هو! راجائن ۽ مهاراجائن وٽ اَڪثر وڏن ڏينهن تي پارٽيون ۽ محفلون پيئون ٿينديون هيون. پٽيالا جي مهاراجا وٽ بہ ائين ئي ٿيندو هو. اهڙن وقتن تي ماس، مڇي ۽ مديرا جو خوب دؤر چالو رهندو هو. پر پرنسيپال واسواڻيءَ لاءِ

ڪرپا سان ڪجهه ڪين ٿيو. ماتا ڪي سنتوش برابر ٿيو پر سندس حالت سڌري ڪين.

ڊاڪٽر جواب ڏيئي بيٺا. پرنسيپال واسواڻيءَ جڏهن ڏٺو ته سندس اَميءَ جي سواسن سڪالي ٿيڻ ۾ هاڻي اَڏڪ سمو ڪين رهيو آهي، تڏهن سندس چرنن ۾ سڪ سان سر جهڪائي ۽ هٿ اَدب جا ٻڌي، کيس چوڻ لڳو ته ”اَمِي، مون وقت به وقت توکي ڪيڏو نه رنجايو آهي! وشيش پرڪار سان شاديءَ جي ڳالهه تان. مان توکان پنهنجي سين ڀُلن چوڪن لاءِ ڪميا ٿو گهران.“ اَميءَ اَکين ۾ جل آڻي چيس ته ”منهنجا سنت پٽ! توکان ڪا به ڀل چُوڪ ٿي نه ٿي سگهي. تو هرهڪ ڳالهه چڱيءَ طرح سوچي ويچاري ۽ سيني جو دل ۾ خيال رکي ڪئي آهي. تو منهنجي ڪيڏي نه پريم ۽ لڳن سان سيوا ڪئي آهي! تون ديا ۽ پريم جو ته اوتار آهين. هينئر مان ڀليءَ ڀانت سمجهان ٿي ته تو چڱو ڪيو جو شاديءَ جي بندنن کان پاڻ کي مڪت رکيئه. تو لاءِ هي سنسار بندن نه، پر موکش جو مارگ آهي. تو مونکي هر پرڪار سکيو رکيو آهي. منهنجي رڳ رڳ توکي آشيرواد ڏيئي رهي آهي.“

پٽ چيو ته ”اَمِي، توکي بيو ڪجه به چوڻو هجي ته کليءَ دل سان چئي ڏي. سنڪوچ متان ڪرين.“ اَميءَ اَٿمهن ٿي هٻڪندي هٻڪندي چيو ته: ”پٽ، مان ته سکي ٿي تنهنجي هٿن ۾ وڃان ٿي. مونکي ڪيول هڪ ئي هردي تي بار آهي.“ پٽ پيار مان پڇيو ته ”اَمِي، اهو ڪهڙو؟“ تڏهن اَميءَ وراڻيو ته ”مونکي ڪڪيءَ جو گهڻو خيال آهي. نياڻي آهي، ڪنواري آهي، اُها پرائي اَٿيئي.“ ائين چئي، ڪڪيءَ جو هٿ ڪڍي سندس هٿ ۾ ڏنائين. پٽ به چيس ته ”اَمِي، تون ڇٽي آهين. تون ڪڪيءَ جي ڪا به چنتا نه ڪر.“

جو نوٽ ڪڍي، مشڪندڙ ٻالڪ جي ننڍڙي، ڪومل، گلابي هٿ ۾ ڏنو، جو ٻالڪ وٺي پنهنجون ننڍيون سندر آڱريون ڪٽي بند ڪيون. گويا اِها سوکڙي سوڀڪار ڪيائين ۽ سموري جيون سنڌس ٿي رهڻ جو اقرار ڏنائين.

وئيڪشن سماپت ٿي. پرنسيپال واسواڻي موٽي پٽيالا ويو ۽ پنهنجي ڪاروبار ۾ لڳي ويو. سمو گذرندو ويو. هڪ سال ٻيو ٻه سک سان نبريو. سنه ١٩١٩ع ۾ حيدرآباد نگر ۾ اچي پليگ جي بيماريءَ منهن ڪڍيو. ڪيترا نگرواسي ان نگري بيماريءَ ۾ گذاري ويا. اَمِي ورن ديوي حيدرآباد ۾ هئي، اُنکي به اچي ان بيماريءَ پڪڙيو. کيس ڪراچيءَ وٺي ويا، جت سندس علاج ڪيو ويو. پر تپ ۽ تڪليف لهڻ جي بدران ويا وڌندا. ڊاڪٽر حاضر هئا، پر سڀ بيوس هئا. بندي جي من ۾ هڪڙي، ته صاحب جي مَن ۾ ٻي! پرنسيپال واسواڻيءَ کي پٽيالا ۾ تار رستي سڌ ڏني ويئي ته هو يڪدم موڪل وٺي ڪراچيءَ هليو آيو. هو ماءُ کي ڏاڍي سک ۽ سنيهه سان پائيندو هو. کيس پنهنجي جنم جنني ديوي ڪري سمجهندو هو. ماءُ کي ڪشٽن ۾ ڪڙهندو ڏسي، کيس ڏاڍو دک ٿيو. پر سندس شرير جي شيوا ۾ لڳاتار ڏينهن رات جُڙجي ويو. هن ائين اُنڀو ڪيو ته سندس اَمِيءَ کي پليگ جو ڏاڍو ڀؤ هو. سو هن چاهيو ٿي ته جي اها پريوءَ جي اڇا هجي ته هوءَ ونس موٽي وڃي ته انتم گهڙين ۾ سندس دل ۾ ڊپ ۽ سنڪوچ جي بجاءِ ڌيرج ۽ سنتوش جا ويچار هجن. سو کيس آشواسن ڏيارڻ لاءِ سندس گلاس وارو جونو پاڻي، سندس ڏسندي ڏسندي پي ويو. اَمِيءَ کيس گهڻوئي روڪيو پر هن سنمت پت پنهنجي ماءُ کي وشواس ڏيارڻ لاءِ اهو قدم کنيو ۽ کيس چيائين ته ”اَمِي، هاڻي ته توکي ڪا به چنتا ۽ ڀؤ دل ۾ ڪونهي نه! توکي پليگ هجي ها ته مان ڪيئن تنهنجو جونو جل پيئان ها؟“ واسواڻيءَ کي، ايشور جي

هنن جو پرنسپال واسواڻيءَ کي کاڌيءَ جي ڌوتيءَ ۽ ڪُڙتي
۾ ڏٺو سو ڪافي اچرج ۾ پيا. پر جڏهن خبر پين ته هن پرنسپال
جي عاليءَ عهدي تان به استعيفا ڏني آهي، تڏهن ته سندن
ڏند اُڀي ڄڀ سان لڳي ويا. هو ڪيس چوڻ لڳا ته: "واسواڻي،
توهين آيوءَ ۾ اڃا ته چاليهن سالن جا مس آهيو، جيون جون
وڏيون منزلون اڃا طئه ڪرڻيون اٿو. توهان هي "جوڳيءَ"
وارو ويس ڇو ڪٺي پهريو آهي ۽ تياڳ ڪهڙي ڪارڻ ٿا ڪريو؟
نوڪري چالو رکندا ته ڪيڏو نه ناڻو ڪمائي سگهندا! ماڻهو،
مهاراجا جي نوڪريءَ لاءِ پيا سڪن، ڇو ته جي هو راضي ٿئي
ته هوند پنبار پيري ڇڏي ۽ توهان هڙي عمدي نوڪري
ويهي تياڳي آهي! آشچريه آهي!"

تياڳي واسواڻيءَ ڌيرج سان وراڻيو: "پيارا، مان توهانجو
شڪرگذار آهيان جو توهان کي منهنجي ڀڀوديءَ جو ايترو
اونو آهي. پر هڪ ڳالهه مان توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان. اها
هيءَ ته جيون جو لڪش، ڪيول ناڻو ۽ نالو ڪمائڻ نه آهي.
سا جيون سڦل آهي جا ڪجهي ٿي سمرپڻ ڪرشن جي ڪمل
چرنن ۾. سا جيون آهي سڀاڳي، جنهن ۾ جاڳي ٿي اَمر جوت
شيوا ۽ بليدان جي."

هن مهان آتما جو اهڙو اَنوکو اُتر ٻڌي، سڀيئي لاجواب
ٿي ويا، ۽ ڪيس وڌيڪ اُپديش ڏيڻ جو خيال لاهي ڇڏيائون.
ڪيول پنهنجي ڀاوَ ڀيني همدرديءَ جو اظهار ڪري رمندا رهيا.

مهاراجا کي ٽپرس

لوڪن کي پرنسپال واسواڻيءَ جي ويراڳ ورتيءَ جو ورڻن
ٻڌي ڌڌڪو هڪ پاسي آيو ته پٽيالا جي مهاراجا کي سندس
تياڳ پتر پڙهي ٽپرس ۽ دک پئي پاسي ٿيو. هو سوچڻ لڳو
ته اهين ته ڪينهي ته واسواڻيءَ پنهنجي ماتا جي مرتيوءَ جي
دک ڪري اهڙو ڏکڙو قدم کنيو آهي! جي اهين آهي ته

ماتا جو مرڻ ۽ تياڳ پتر

اميءَ هن سنسار ۾ ڏينهن ٻه مس مزمان هئي، اکڻ ٽيهه جي سڀاڳي ڏينهن پنهنجي جيون ياترا سماپت ڪري وڃي الک ڌام پهتي. سندس اڳني سنسڪار ڪري، سڀيئي رات جو گهر موٽيا ۽ ٿڪ جي ڪري وڃي ننڊرا ديويءَ جي گود ۾ آرامي ٿيا. پر هڪ ڄڻو هو جنهن کي نيڻن ۾ ننڊ ڪانه هئي. هوُ اکيون بند ڪري ڪجهه ڳوڙهن ويچارن ۾ غلطان هو. اِهو هو پرنسيپال واسواڻي. هو سوچي رهيو هو ته جنهن اميءَ جي صدقي مون نؤڪري ڪري ناڻو ٿي ڪمايو، سا ته هاڻ هن سنسار ۾ رهي ئي ڪانه! پوءِ ڇا لاءِ نؤڪري ڪريان؟ جيسين هوءَ جيوت هئي، تيسين مون ساڻس وچن پئي پاڙيو. هينئر ته مان آزاد آهيان. سنساري نؤڪري تياڳي ڇو ڪين نام جي نؤڪري ڪريان، ڇو ڪين جڳت جننيءَ جي شيوا ڪريان! بس ڪاغذ ۽ قلم کڻي پنهنجي نوڪريءَ جي استعيفا ويهي لکيائين. مٿان سندس ويچارن ۾ ڦيرو اچي، ان لاءِ سويل صبح جو ئي اها تار رستي پٽيالا ڏياري موڪليائين.

وستر تياڳ

پرنسيپال واسواڻي اڇا ڪپڙا پائيندو هو. سوُٽ، ڪوٽ وغيره. پر هاڻ ساڻن ڪهڙو پريوجن؟ سندس جيون جي پستڪ جو جڏهن اهو ٻاب ئي سماپت ٿيو، تڏهن هو اِهي وستر هاڻ پاڻ وٽ ڇا لاءِ رکي؟ ٻئي ڏينهن پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي پاڻ وٽ سڏي چيائين ته ”پيارا منگهن، هي منهنجا ڪپڙا آهيئي، ڀلي ڪن گهرجائو ڀائرن کي ڏيئي ڇڏج.“ هينئر ڪاڌيءَ جي ڌوتي ۽ ڊگهو ڪڙتو کڻي پهريائين.

اميءَ جا پهريان ٻئي پٽ ڇڱا وڏا ماڻهوُ هئا، سو سندس پرلوڪ پڌارڻ جو پتو ٽڪڙو ئي ٽڪڙو چؤڌاري ڦهلجي ويو. انيڪ رڄ ڇڱا مڙس مريادا انوسار هنن وٽ پرچاڻي ڪرڻ آيا.

ان کي ٿو ڪٿا ڪري تياڳي ڇڏيائين.

جيون جو نئون پاڱو

سنه ١٩١٩ع ۾ واسوانيءَ جي جيون اُپنياس جو هڪ نئون ۽ اَنوکو پاڱو شروع ٿيو. اڳيون باب پڙهيا چوڏهان سال هليو هو. هن نئين ورق جو سرو هو هنن ٻن سونهري شبدن ۾: "شيوا ۽ بليدان!" ڪيئن هن پريوءَ جي پوڄاريءَ "پنهنجي جند جان، پنهنجو اِڪ اِڪ پران ڪيو قربان، پنهنجي پريتم جي ڪمل قدمن ۾! ڪيئن هن جڳ جن جي ڪلياڻ لاءِ وڄايو هڪ نرمل ناد، جنهن ڪيون دکي دليون شاد ۽ آباد! ڪيئن هن پريوءَ جي پياري آرتي ڪئي لوڪ سنگرهه ۽ ڀڳتيءَ ڀاوَ جي هڪ عجيب لهر جنهن ۾ ڇڪيائين اَنيڪ پياسي رُوح، جن تي ڪيائين پنهنجي مهر نظر! ڪيئن هن پياري پنهنجي پوتر پريم جو پاڻيءَ ۽ گيان جو گنگا جل ڪيو سندن اُڌار ۽ بڻايو ڪين نيڪ ۽ نرمل!

اَڄ ته اڳتي هلي پسون هن سچي سنت ۽ **جوڳي جادوگر** جي جيون جي جهلڪ!

هوُ ڪجهہ سمي کان پوءِ شايد پنهنجو فيصلو بدلي. جيئن تہ هن اَهڙو پريبڻ ۽ آدرشي پرنسيپال وڃائڻ ڪين ٿي چاهيو، تيئن هن کيس هڪ لکيو جنهن ۾ چيائينس تہ ”پيارا واسواڻي، مون کي پڪ آهي تہ توهان جهڙي ڌيرجي ۽ سمجهوُ اِنسان اهڙو ڀاري فيصلو، ضرور سوچي سمجهي ڪيو هوندو. منهنجي ۽ اسان سڀني جي اها اِڇا آهي تہ توهين واپس اچي پنهنجي پد کي سنڀاليو. پر جي توهان جو اهو ارادو اٽل آهي تہ ٻيو نہ تہ ڪرپا ڪري هڪ وار اسان وٽ وري موٽي اچو ۽ اچي پنهنجا پرسڪار ۽ سوکڙيون پاکڙيون تہ سويڪار ڪريو. توهان جي سنمان ۾ مان هڪ وڏي پارٽي ڏيڻ ٿو چاهيان. جت توهين پڌاريو، ۽ پوءِ جي توهانجي اِڇا هجي تہ سڀني کان موڪلائي بيشڪ موٽي وڃجو.“

پر هيڏانهن واسواڻيءَ جو ارادو اٽل هو. سندس اڳيان راجڪمار سدارٿ گوتم جو اَلوڪڪ مثال چٽو هو، جنهن دکن جي دارونءَ ۽ ستيہ وستوءَ جي پائڻ لاءِ پنهنجو راج ڀاڳ، گهر ٻار ۽ سرونس تياڳي ڪري امر پد پراپت ڪيو هو. سو هن مهاراجا کي نمرتا، پر دريڍتا سان، سندس پَتر جو اُتر هنن شبدن ۾ ڏنو: ”راجن! اوهان جي ڪرپا درشٽيءَ لاءِ اوهان جو آڀاري آهيان. پر هاڻ منهنجو سنساري سوکڙين ۽ سوغاتن سان ڪوبہ سنبنڌ ڪين رهيو آهي. انهن ۾ سچو سک ڪٿي؟ جنهن نام جي نوڪري ڪئي تنهن کي دنيوي پدارٿن سان ڪهڙو پريوجن؟ مون کي ڪميا ڪندا جو مان توهان جو نمنترڻ اَسويڪار ٿو ڪريان.“

واسواڻي جي هڪ وار پٽيالا جي مهاراجا وٽ وڃي ها تہ هو کيس جاگير ۽ ٻيا ڪئين پُرسڪار اَوش پردان ڪري سندس جهولون ڀري ڇڏي ها. پر هن هڪ واريءَ هڪ هوت جي چاڪري قبولي، تنهن کي ٻيو سڀ ڪجهہ ڪٿو ٿي لڳو،



ڀاڱو ٽيون

ملڪي مدبر

شري واسواڻيءَ جي پڇاڙيءَ جا ست سال ڇڱيءَ مان شان ۽ ٺاٺ ٺانگر سان رهيو. ڀلا هيڏو وڏو جو عهدو ۽ اقبال ماڻيو هوائين! سندس رهڻي ڪرڻيءَ مان اهو صاف ظاهر هو ته هو بيشڪ هڪ راجا مهاراجا هو. سندس ڳالهائڻ ۾ فلڪ ۽ سنجيدگي هئي ۽ سندس نوع ۾ شاهاڻي ادا! پر هينئر؟ هينئر سندس جيون ۾ هڪ زبردست پريورتن آيو هو. شان ۽ شؤڪت جي جاءِ تي نماڻائي ۽ سادگي ڀڪي رهي هئي. راجائي رؤنق جي جڳهه تي هڪ فقيريءَ جي جستجوُ هئي. پنهنجي پدارٿ ۽ دنيوي دٻدٻي جي بدران هڪ مسڪينيءَ جو ماحول هو! هن طائوسي تخت کي تجي، عيش ۽ آرام کي الوداع ڪئي هئي.

ڪراچي نگر جي گاڏي کاتي جي هڪ ڳتيل پاڙي ۾ سبز رنگ جي گهر ۾ سندس دادا پهلاجراءِ هڪ نماڻي مسواڙي گهر ۾ پنهنجي جيون ڪاٽي رهيو هو. سندس رهڻي ڪرڻي، نماڻي ۽ سادي هئي. ڪٽنب پريوار وڏو، سڀ جي ڪمائي پوري پني، مڙيوئي پنهنجي عزت سان اڌ پورا ڪيائين. شري واسواڻي پنهنجي تخت ۽ طومان کي ٺياڳي، هاڻ اچي پنهنجي دادا جي گهر ۾ رهيو. پائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هئي. واسواڻي جي هاڻ پاڻکي اُن آزاد پکيءَ جيان سمجهڻ لڳو جنهن پنهنجو سونو پڃرو ٽوڙي پاڻ کي سوتنتر ڪيو هجي. هو هينئر آزاديءَ سان کليل آڪاس ۾ کنڀ کولي ڏهن ئي ڏسائن ۾ جيڏانهن جيءُ







ڇاهي اُداسي ۽ آنند مان ئي سگهيو ٿي. هو هاڻ مڪت من سان پنهنجي رام کي رجهائي ۽ روح رهاڻيون ڪري سگهيو ٿي.

جگياسو پنهنجي منزل کي پهچڻ لاءِ اُڪثر هڪ ٻئي مارگ پڪڙيندا آهن. ڪي گيان مارگ، ڪي ڀڳتي مارگ ته ڪي ڪرم مارگ. اهو سڀ مدار رکي ٿو ته جگياسوءَ جي من جي اِستٿتي ڪهڙي آهي، سندس رچي ڇا ۾ آهي. پر واسواڻي جي من جي رچي ته انوکي هئي. هن لاءِ منزل ئي سڀ ڪجھ هئي. ڪيس ڪنهن به نموني ۾ ستيه جي پراپتي ڪرڻي هئي. سو سندس لاءِ گيان، ڀڳتي ۽ ڪرم، ٽي ڀن ڀن مارگ ڪين هئا، بلڪ هڪ ئي شکر کي پراپت ڪرڻ لاءِ من جون ڀن ڀن پرڪار جون پرستيتيون هيون. هن ٽنهي کي ملائي، هڪ ئي ترويڻي راهه جو نالو ان کي ڏنو. ڪي تيرٿ واسي هردوار ۾ گنگا اِشنان ڪري پاڻ کي ڪرتارٿ سمجهن ٿا. ڪن لاءِ برنداون ۾ جمنا اِشنان ئي سري ڪرشن جو دويه درشن آهي. پر ڪي ته پرياگ راج ۾ گنگا، جمنا ۽ سرسوتي، ٽنهي ندين جي سنگم ۾ اِشنان ڪري، پاڻ کي پوتر ۽ پاون اُنڀو ڪندا آهن. واسواڻيءَ لاءِ ايشور کي پائڻ لاءِ سچيءَ روشنيءَ (گيان) سان، هردي ۾ پريم (ڀڳتي) رس ڀري، جڳ جيون جي ڪلياڻ جو ڪاريه (ڪرم) ڪرڻ ئي، ستيه جي پراپتي هئي. اِهو اِئين هو جيئن گئوءَ جو کير ٽٻي، ان کي ڪاڙهي ۽ منجهس انداز سارو ميناج وجهي، اهو ڀي، شرير، من ۽ بدّيءَ جي پرگتي ڪجي. واسواڻي جيءَ لاءِ نشڪام ڪرم به پريوءَ جي پوڄا هئي. هن سنسار ۾ رهي به ويراڳ ورتيءَ ۽ ڀڳتي ڀاءُ سان ڪرم ڪري پنهنجي پريتم کي پائڻ ٿي چاهيو.

هيئنر واسواڻي جيءَ ڪسي ڪافي سميه هو ۽ ڪل آزادي هئي، جنهن ۾ هن ڪو دل پسند ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو. ڪراچيءَ ۾ ڪئين ڪاليجي پروفيسر، وديارٿي ۽ ٻيا مان مرتبي جا ماڻهو

ويو جتي واسوائي جي ڏينهن جو ڪم ڪار ڪندو هو. هڪ ڪمرو اُت به پوڄا ۽ ڌيان لاءِ الڳ رکيو ويو جت هو وڃي شانت ۾ ويهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس ساٿي پڻ وٽس اُت ويهندا هئا. شام ٿيندي هئي ته هو اڪثر گاڏيءَ ۾ چڙهي جهوني هوابندر (Old Clifton) ويندو هو. خلق گهڻو ڪري نئين هوابندر ڏانهن ويندي هئي. تنهن ڪري واسوائي جيءَ کي اُت اڪيلائي ملندي هئي. قدرت جي سنگ، سمنڊ جون لهرون، ڏکڻ جي ٿڌي ٿڌي هير سندس دل کي ڏاڍا وڻندا هئا. واسوائي جيءَ جي ساگر ۽ پهاڙن سان پريت پراڻي هوندي هئي. نما شام جو ڪجهه وقت هو ايڪانت وايومنڊل ۾ پنهنجي سُوَ سنگ جو لطف وٺندو هو. جڏهن رات ٿيندي هئي ۽ آڪاش ۾ ديپ ٽمٽمائيندا هئا، تڏهن هو گهر واپس موٽندو هو ۽ هلڪي ماني کائي وري پستڪ پڙهندو هو ۽ پوءِ پرارٿنا ڪري آرامي ٿيندو هو.

ڪراچي شهر ۾ ڪيترين ئي سنسٿائون هيون جي پيئون ڪيس ڪوٺ ڪنديون هيون. واسوائي جي اُت وڃي پنهنجو ڀاشڻ يا اُپديش ڏيندو هو. ڪيس ٻڌڻ لاءِ حشام ماڻهن جا اُچي ڳڏ ٿيندا هئا ۽ اُچي سندس آسپاس ونندا هئا.

ديش شيوا هلچل

سنه ١٩٢٠ع جي ڳالهه آهي. مهاتما گانڌيءَ اُسهڪار آندولن جاري ڪئي. ديش ڀڳتي واسوائيءَ جيءَ جي نه رڳو رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. ڪيس مهاتما گانڌيءَ جي سدانت لاءِ شرڌا هئي، سو هي ديش پريمي به آزاديءَ جي آندولن ۾ ڀارت ماتا جي شيوا ۾ لڳي پيو. هُو هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڦري ۽ ديش واسين ۽ خاص ڪري وديارٿين ۽ نوجوانن جي دلين ۾ ملڪي محبت جي جذبات جاڳائڻ لڳو. سندس تقريرن ۾ ايڏو نه اُمنگ، اُتساه ۽ جنبش هئي جو ڪيترائي نوجوان ان

ڪيس سڃاڻندا هئا. ڪين جڏهن خبر پيئي ته واسواڻيءَ جيءَ هاڻ ڪراچيءَ کي پنهنجو ڪاريه ڪيندر بڻايو آهي، تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ونس آيا. اِنهن کي ته اُهڙو ست پرش ۽ روحاني رهبر کپندو هو جو ڪين اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ۽ مصيبتن ۽ مشڪلاتن جو ڪو سولو ۽ خاطرخواه حل ڪڍي ڏي ۽ سندن مارگ درشن ڪري.

واسواڻي جيءَ جي آسيس ۽ همت اَفزائيءَ سان ڪجهه وقت اَڳ ڪراچيءَ ۾ هڪ نوجوان ٽيڪم جيسواڻيءَ هڪ انگريزي اَخبار (New Times) نيوُ ٽائيمس ڪڍي هئي. هيءُ پهريون سنڌي هو جنهن ساهس ڌاري اهڙو جريت ڀريو قدم کنيو هو. هن کان اَڳ سنڌ ۾ سڀ انگريزي اخبارون فقط انگريزن ئي ڪڍيون هيون. ٽيڪم جيسواڻي سياويڪ خوش ٿئي لڳو جو واسواڻي جي هاڻ ڪراچيءَ ۾ ٿي رهيو. ڇو ته هاڻي وقت بوقت هو ڪيس سندس اَخبار لاءِ سندر مضمون لکي ڏيندو ۽ سندس اخبار جو ناماچار ان ڪري وڌي ويندو.

واسواڻي جيءَ جي ٽپال چڱي ئي هوندي هئي. ساري ڀارت ۽ ولائت مان به ڪيس ڪئين پياسي روح خط پٽ لکندا هئا، جن ۾ هو ڪانئس هر پرڪار جي مسئلن تي روشني گهرندا هئا. هڪ هڪ ڪي پنهنجا پنهنجا مسئلا ٿين ٿا، سمتن بدا به ڪير اِهي حل ڪري سگهي! واسواڻي جي ڪين سيني پرشنن جا منا ۽ سکيادائڪ اُتر ڏيندو هو جن مان ڪي اَخبار ۾ به پرڪاش ٿيندا هئا.

واسواڻي جي روز پرڀات ڪال جو چئين بجي اُٿي ڏيان ۾ ويهندو هو. پنجين بجي ڪن سندس منو ڀڄن ڀاءُ جو آواز سيزر بلبل نگه مان پيو ٻڌڻ ۾ ايندو هو. پوءِ اِشنان پاٺي ۽ ناشتو ڪري هليو ويندو هو چاپسي بلبنگ ۾، جتي نيوُ ٽائيمس اَخبار جي پريس هوندي هئي. پريس جي متان هڪ گهر مواڙ تي ورتو

ويو. ڪيس واسواڻيءَ جي خيالات ۽ لکڻيءَ لاءِ بيحد شرڌا هئي. ٻئي ڀارت جا سپاتر هئا. ٻئي درشن جا انسان هئا، گياني هئا، ڌياني هئا ۽ ڪرم يوگي هئا. ٻئي مسڪينن جا متر هئا، ٻنهي جي درشٽي دَيا ميا هئي. ٻنهي کي گيتا ۽ گيتا جي سکيا، سنيه، برهمچريه ۽ ٻين سدگڻن لاءِ پيار هو. ٻئي روحاني رهبر هئا. ٻئي اهنسا جا اُپاسڪ هئا ۽ صلح شانتيءَ جا ڪوڏيا هئا.

شري واسواڻي وري مهاتما گانڌيءَ جيون کي منيون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. هڪ دفعي ٻئي سکر کان روهڙيءَ وڃي رهيا هئا. ٻنهي شهرن جي وچ ۾ سنڌو درياهه ۽ هڪ ٻکر جو ٻيٽ آهي جنهن تي ٻه پلهون ٻڌل آهن. (اُن مان هڪ لئنسڊائون پل پياري دادا جي ڊاڪيومينٽري رنگين فلم ۾ به ڏيکاريل آهي.) هيٺان اَٿاهه سنڌو درياهه وهي رهيو هو. مٿان نيلو آڪاش چمڪي رهيو هو. ٿوري مفاصلي تي، اُتر پاسي زندهه پير ۽ پشچم پاسي سري سان ٻيلي جا ڊويپ (ٻيٽ) اَکنڊ ۽ اَمر جوت ۾ جهلڪي رهيا هئا. روهڙيءَ جي تڙ (درياهه) تي شرڌاوان سنڌي پيهرون لعل سائينءَ تي اَکو ڦلو ۽ آرتي واري رهيون هيون. اَهڙي سندر سميه ۾ اُن پل تان هي ٻه سنت ۽ ڪي پيارا پنڌ ڪري رهيا هئا. هلندي هلندي ڪن ياترن مهاتما گانڌيءَ کي خوش مزاجيءَ ۾ ڏسي ڪي سوال ٿي پڇيا، جن جا جواب هُن سکيادائڪ پر کلائيندڙ نموني ۾ پئي ڏنا. هڪ جڻي اُن وايو منڊل جي پرڀاوَ ۾ اَچي هي سوال پڇيو ته ”باپوُ جي، مڪتيءَ جو مارگ ڪهڙو آهي؟“ گانڌيءَ جيءَ گنڀير ٿي وراڻيو: ”جي مڪتي وٺڻ ٿو چاهين ته شيوا ڪر غريبن ۽ دکين جي، مسڪينن جو مددگار ٿيءُ، دريدرن جو دوست ٿيءُ.“

ٻئي پيري، گانڌيءَ جيءَ اَگيان واسواڻيءَ جيءَ جي روبرو هڪ ڀاءُ جو ذڪر ڪيو ويو، جنهن تن من ڌن سان لوڪن جي شيوا

آندولن ۾ ٽپي پيا. سنڌس تقريرون اخبارن ۾ شد مد سان ڇپجڻ لڳيون. مدراس جي مشهور گڻيش ۽ ڪمپنيءَ، جا ڪتاب ڇپيندي هئي، تنهنکي واسواڻي جيءَ جا ليڪچر ڏاڍو پسند پيا. اُهي ڪٺا ڪري ڪيترن ڪتابن جي روپ ۾ آندائون. اُنهن مان ڪي مشهور پستڪ هي آهن: India Arisen, India in chains, Awake, Young India, Apostles of Freedom. اِهي پستڪ ساري ڀارت ديش ۾ مشهور ٿي ويا. ايتري قدر جو اُن وقت جي انگريز سرڪار انهن مان ڪي پستڪ ته ضبط ڪري لاءِ بند (Proscribe) ڪري ڇڏيا.

اُسهڪار هلچل وقت خوب هڙتالون ٿينديون رهيون. هڙتالن ۾ سڀ ڌنڌا، دڪان وغيره بند رکيا ويندا هئا ته جيئن انگريز سرڪار کي سڌ پوي ته عام ديش واسي، ڪيئن نه پنهنجي ديش جي نيتائن جي آگيا ۾ رهي، سڀ ڪجهه بليدان ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ڪراچيءَ ۾ اِهي هڙتالون شري واسواڻي ئي ڪرائيندو هو. پر هو هڙتال ڪرائڻ کان اڳ سوچيندو هو ته ان مان ڪنهن کي ڪا خاص تڪليف نه ڪين ٿي پهچي. هڪ دفعي هڙتال ۾ کير وارا به شامل ٿي ويا. پر پوءِ واسواڻي جيءَ محسوس ڪيو ته جي کير وارن کير ڏيڻ بند ڪيو ته انگريزن جا ننڍڙا ٻار، ٻڍا ۽ بيمار، تن کي کير ڪين ملندو. سنڌس ڪومل هردي ۾ ديا آئي ۽ هو خود کير وارن سان مليو ۽ کين سمجهايائين ۽ پرارٿنا ڪيائين ته ٻارن کي کير ضرور پهچائجو. اُهڙو هو ڪروڻاميه هردو واسواڻي جيءَ جو.

گانڌي ۽ واسواڻي

واسواڻي جيءَ کي مهاتما گانڌيءَ لاءِ پريم ۽ شرڌا هئي، ته مهاتما گانڌيءَ کي واسواڻي جيءَ لاءِ به عزت ۽ سنيهه هو. هڪ دفعي مهاتما گانڌي جيل ياترا لاءِ ويو ته پاڻ سان ڀڳوت گيتا، رامائڻ ۽ شري واسواڻيءَ جا لکيل پستڪ به پاڻ سان کڻي

اَڏيندڙ آهي. سندس هرديه ۾ وشواسين ۽ ولائتن جي ماڻهن لاءِ ساڳيو ئي پيار هو، ساڳي ئي درشٽي هئي ۽ ساڳي ئي ورتي هئي. پر هن جي دل ستياگره هلچل مان ڪٿي ٿي پيئي، ڇو جو هن لوڪن ۾ ڀائپي، پيار ۽ ايڪتا ڪين ڏٺي. گانڌي جيءَ جي ستياگره آندولن جو اُديش جيتوڻيڪ مهان هو، ۽ سندس لاءِ واسواڻي جيءَ جي رڳ رڳ ۾ شرڌا ۽ سنمان هو، تنهن هوندي به هلچل اوچ آدرشن کان گهڻو پري هئي ۽ کيس ناپسند هئي. اِنڪري هن پاڻ کي هن هلچل کان ڇني ڌار ڪري ڇڏيو. سندس من کي آتمڪ اُنتيءَ، ديا ۽ چرتر سڌار جي راهه وڌيڪ پريه ٿي لڳي. اِنڪري هو هينئر سري ڪرشن، ڀڳوت گيتا، ۽ پورب پڇم جي سنتن ۽ درويشن جو ۽ سچ جو سنيهو پکيڙڻ لڳو.

ٻيو راڄڪ ڪوچ

جيئن جيئن سمو گذرندو ويو تيئن تيئن واسواڻي جيءَ جي تن من ۾ پريتم لاءِ پياس وڌندي رهي. سنتياڻي ميران جيان سندس هرديه ۾ به شيام سندر - سري ڪرشن جي درشن جي آس ۽ اُڳن اُڀرندي رهي. کيس ٻيو ڪجهه به منو نه ٿي لڳو. لڳن ۾ ڪيول اِهائي لوري ۽ لڳن لڳل هئس ته ڪيئن به پنهنجي سهڻي ساجن کي پايان. سو هن خوب ديس ۾ ڏورا لڳايا. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڦريو. تيرٿ آستانن تي ويو، رشين منين جي رهڻين ۽ ڪندرائن ڏانهن ياترائون ڪيائين. بهار ۽ اُتر پرديش جي نگر نگر ۾ ڦريو. گيتا جي جنم اَستان ڪروکيتر ۾ گيتا گيان داتا جي درشن لاءِ ويو. شري هردوار ۾ گنگا ماتا جي ڪنٺ تي سادن ۽ سنتن جو سنگ ڪيائين. شيام سندر جي نرمل برنداون ڌام تائين پهتو ۽ جمنا جي تير تي نرمل نير وهايائين. ڪنج گلين ۾ ”شيام شيام“ پڪاريندو، پنهنجي جيون نئيا جي کيوڻهار کي ڪوجيندو رهيو. ڪاشيءَ ۽ واراڻسيءَ جي پنڊتن ۽ ودوانن سان وارتالاپ ڪيائين. سري رام جي اَيوڌيا نگريءَ ۾

ڪئي هئي. گانڌي جيءَ هن شيوڪ جي ساراهه ڏاڍي خوش ٿي
چيو: ”شيوا جو اُجُورو ۽ اَنجام آهي وڌيڪ شيوا!“

سنه ١٩٢٨ع ۾ واسوائي جي ۽ گانڌي جي، گروڪل ۾ ڪوٺ
تي پهتا هئا، جو اُت وشو ودياليه جي ساليانيءَ ڪنووڪيشن
(Convocation) ٿي هئي. واسوائي جيءَ اُتي ڪنووڪيشن
ائڊريس ڏني. اِن کان سواءِ ٻيا به ڪيترا سمارو هه ٿيا جت
اَنيڪ ديش جا نيتا به اَچي ڪٺا ٿيا. هڪ سميلن تي واسوائي جي
۽ گانڌي جي ٻئي اُپستت هئا. اُن ميٽنگ تي اَلبت چگوئي
شور غل هو. واسوائي جيءَ کي جڏهن ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو تڏهن
هن سانت جي ڪوڏ ئي، گوڙ ڏسي، صرف اُٿي بيهي، مشڪي
هر طرف هٿ جوڙيا ۽ پوءِ سانت ئي سانت ۾ ويهي رهيو.
جڏهن گانڌي جيءَ جو وارو آيو، تڏهن هن چيو ته: ”منهنجا
پيارا ڀارت واسيو! مان به جيڪر واسوائي جيءَ جيان توهان کي
هٿ جوڙي ويهي رهان، ڇو جو اِهو نمونو مونکي به پسند
آهي. پر اِئين ڪرڻ ٿيندو واسوائي جيءَ جو نقل ڪرڻ ۽ مان
نقل ڪرڻ جي فائدي ۾ بنهه ڪين آهيان، سو ڪي شبد اوس
چوندس. پل نه ٿوري ۾ ٿورا اکر چوان، اُهي هي آهن: ”ڀارت
جا سپاهي ٻڻو! ڀارت جي شان مان جي رکيا ڪريو.“ هيءَ تقرير
گانڌيءَ جيءَ جي شايد ننڍي ۾ ننڍي تقرير آهي. هي اکر
چوڻ کانپوءِ هو ويهي رهيو. حاضرين کي اِها ننڍڙي تقرير
ڏاڍي وڻي ۽ خوب تاڙين جو ڦهڪو لڳائي ڇڏيائون.

واسوائي جيءَ جو نالو هميشه گانڌي جيءَ ۽ گرديو ٽئگور
سان گڏ ڳنهيو ويندو هو. هي ٽيئي مهان هستيون، ڀارت جا
نيتائون ڪري تسليم ڪيا ويا. ٽيئي ديش ڀڳت سچ ۽ بليدان
۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا ۽ ٽيئي آتمڪ راهه ۾ روشن منارا هئا.
واسوائي جيءَ لاءِ نه ولائت ۾ چيو ويندو هو ته هو پورب ۽ پڇم
جو ڳنڍيندڙ آهي، ڇو ته ٻن قومن ۽ ديشن جي وچ ۾ پائيءَ جي پل

اُتنڊڙ جل ترنگ، واسواڻي جيءَ جي اُجايل آتما ۾ به اُنوکا اُمنگ ڇيڙي ڇڏيا. پر اهڙي نرمل آستان تي ڦوڪيل پيٽ وارن پانڊن جي منورتي کهڙي نه دکدائڪ هئي! گنگا جل سان پنهنجي شرير کي ته خوب پئي اِشنان ڪرائيائون، پر سندن وهنوار ۾ ته هئي ويسر، لوڀ ۽ لالچ. ڪن کي ته ڪروڌ ڪيو هو قابو ۽ وهلور پئي ويا. واسواڻي جيءَ اهڙي هڪڙي پانڊي کان پڇيو: "پيارا، ٻڌائي سگهندين ته پريو ڪٿي آهي؟" هن ترت جواب ڏنو: "ڇو، پريو ته هن گنگا جي جل ۾ اٿيئي." اهو جواب ٻڌي واسواڻي جي اڳتي هلڻ لڳو. پر اهو پريوءَ ڪي پهچاڻڻ وارو پانڊو سندس رستو روڪي بيٺو ۽ هن هٿ ڦهلائي دکشڻا گهرڻ لڳو. واسواڻي جيءَ کيس ٽڪو (اَڄ ڪلهه جا ٽي پئسا) ڏنو. پر هوُ وٺي ڇو ٿو؟ چي اَٺ آنا (پنجاهه پئسا) ڏي. اصل اِت ٻڌي بيهي رهيو. تڏهن واسواڻي جي اُچرج ۽ نراسائيءَ مان ماڳ موٽيو ۽ پاڻ کي چوڻ لڳو ته "هن پانڊي جي شرير گنگا جي نرمل جل ۾ اِشنان ته اوشيه ڪيو، پر سندس اَندر ته اڃا اوجل ڪين ٿيو آهي!" ۽ سندس نراس ۽ دکي دل منجهان اُٿي هيءَ پڪار ته "اي پريوُ! تون مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ ته ٽڪين ڪين ٿو؛ ٽڪي ڪي آهين اُنهن جي اَندر ۾ جي تيرٿن تي ڪن ٿا اِشنان. تون پڪ ئي پڪ آهين ڪيول هرديه جي مندر ۾، جت پيئي جڳي تنهنجي اَمر جوت! تون نسچيه آهين براجمان گهٽ پيٽر، جت اُئي وسي ٿي تنهنجي ڇيل ڇٻي!

گنگا اشنان

هري دوار ۾ اُن سمي ڪنڀ جي ميلي جو اوسر هو. لکين ياترين گنگا مئيا جي نرمل جل ۾ اِشنان پئي ڪيا ۽ ڪناري تي پاٺ ۽ پتر پوڄائون پئي ڪيون. واسواڻي جيءَ ڏٺو ته ياترين گنگا جي صاف، نرمل جل ۾ گرڙيون ۽ ٽڪون به پئي اُڇلايون. ڪيس

رام کي وڃي ڳولهيائين. گيا ۾ شري وشنو ڀڳوان جي پاد پدمن ۽ گوتم ٻڌ جي ٻوڌي ورکش جي اڳيان وار وار نمي ڏنڊوت پرڻام ڪيائين. ڏکڻ ڀارت ۾ ڪنيا ڪماريءَ جي گود ۾، جت ٽي ساگر گڏجي سندس ڪمل چرڻ ڌوئي ڪرتارٿ ٿين ٿا، اُت ٻه وشرام لاءِ اندر ۾ آس پائي ويو. پر سندس آس اونهي هئي، سو پياس پوري ڪين ٿي سگهي، ۽ اڌوري اُڃ رهجي ويئي.

نراس دل

واسواڻي جيءَ پئي سمجهيو ته پري پاڇئي ڀارت جي ياترا ۾ ڪيس ملندا ڪي پياسي روح، جنکي هوندو پيار پريوءَ لاءِ ۽ سڪ سچ لاءِ. هن ڪي اندر ۾ اها آس هئي ته ڪيس ملندا ڪي سچا ديش ڀڳت، جن جا هردا ڪومل ۽ پنل هوندا. پر ڪيس نراس ٿيڻو پيو جو هن جت ڪٿ ڏٺا سوارٿي ساڌو، لالچي ٻاوا، ٻانيڻ ۽ اَيماني پڙهيل پنڊت ۽ ودوان. هن پروڙيو ته دين ۽ ڌرم لاءِ ديکاديکي ۽ پاکنڊ پر قلمت هو، پر ڪنهن جي دل ۾ اَچا دين ۽ ديس لاءِ ڪو درد جو دونهون ٻه داخل ڪين ٿيو هو. هن چاهيو ٿي ته هن ڀارت جي ڀوُل ڀلئيان جي بيابان ۾ من ڪو خدائي خيابان نظر اچي وڃي جت هجن ڪي نرمل، نماڻا ۽ پريمي پورن ڀڳت، جن لوڪن کان لڪائي پنهنجي سمست جيون ڪئي هجي هڪ اُني هوت جي حوالي. هي کهڙا ويس ڌاري ساڌو هئا! ساڌو سو جنهن جي درشن ڪرڻ سان ماڻهو نرمل ٿئي! ساڌو سو جنهن جي رڳ رڳ مان پوترتا جا چمڪندڙ ڪرڻا پيا نڪرن! ساڌو سو جنهن مان تياڳ، تپسيا، پيار ۽ نمرتا جون لهرون پيئون اُٿن!"

هري دوار

هماليه پربت جي گود ۾ هري دوار جي پوتر تيرٿ آستان تي، گنگا مئيا جي ويگ سان وهندڙ نرمل ۽ سيتل ڌارا تي

ڪرشن ڪنهيو نه وسي تو غريبن جي ڀڳل ٽٽل جهوپڙن ۾. شيام وسي تو مزورن جي منڊليءَ ۾. شيام جا پير آهن مٽيءَ ۾ پيل. هو آهي نينهن وارن جو نوڪر. چقمق جيان جادو لڳائي ڪرشن دليون پيو ڇڪي.

۽ پوءِ هن جوڳي جادوگر پاڻ کي چيو ته تون به ڇڏ مانَ شان ۽ وڏائيءَ جا ويچار ۽ دل ۾ غريبي ڌار، ته تون به قبول پوين شري ڪرشن جي ڪمل قدمن ۾.

ڌرم آهي پيار ۽ سيوا

واسوآڻي جي سوچڻ لڳو ته ڌرم واستو ۾ ڇا آهي. گيڙوءَ رنگ ڪپڙن پهرڻ ۾؟ مالهائون ڦيرڻ ۾؟ مندرن ۽ مٺن ۾؟ پاٺ ۽ پوڄائون ڪرڻ ۾؟ شاسترن جو اڀياس ڪري اپديش ڏيڻ ۾؟ نيم ۽ ورت رکڻ ۾؟ چارئي ڌام ۽ اٺهٺ تيرٿن جي ياترائن ڪرڻ ۾؟ انهن ۽ ٻين انيڪ سمسيائن جي سماڌان لاءِ هن گهڻو ئي اونهائيءَ ۾ وڃي سوچ ويچار ڪيو پر من جنهن جو نالو، تنهن مان ڪيس ڪو به خاطر خواه حل ملي نه سگهيو. ڏيري ڏيري ڪيس عجيب ۽ غريب آزمودا ملندا رهيا، جن مان ڪيس جيون جي رهسيه جو آڌر ملندو رهيو.

هڪ دفعي هڪ گيڙو لباس وارو سادو ڪيس هڪ شاهي سميلن ۾ وٺي آيو ۽ چيائينس ته تون ڪي شبد بول، پر آرنڀ ۾ هن پاڻ واسوآڻي جيءَ جي سواڳت لاءِ هن طرح اکر چيا: ”اڄ اسان جي پوتر هڪ مهان سنت، هڪ مهان يوگي براجمان آهي. جو هماليه پهاڙ تان ڪٺن تپسيائون ڪري، رڌيون سڌيون پراپت ڪري هيٺ لهي آيو آهي، اسان دنيوي لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ. هيءُ مهان آتما، پهاڙن جي چوٽيءَ تان خاص هتي آيو آهي، توهين ڪيس ڌيان سان ٻڌجو.“ هيءُ سادو اڃا به ان نوع ۾ ڳالهائي ها پر وچ ۾ ئي واسوآڻي جيءَ، جو سڀ جو پوڄاري هو، اٿيو ۽ ڪيس اتي ۾ بند ڪرائي چيائين ته: ”پيارا ڀائرو ۽

دک ته اوس ٿيو پر اچرج به لڳس ته ھھڙين اَپوتر شين پوڻ
جي باوجود به گنگا جو جل اوجل، صاف، نرمل ۽ شفاف ئي
ٿي وھيو، جو سندس تري ۾ صاف، گول، اڇا پٿر ۽ ترندڙ
مڇيون به چٽيون ٿي ڏسڻ ۾ آيا.

واسوانيءَ جيءَ گنگا ماتا کي ھٿ جوڙي، سر جھڪائي،
پرارٿنا ڪئي ۽ ڪپڙا لاھي، ٽوال ٻڌي، پنھنجو گورو گورو بدن
سندس پوتر جل ۾ وڌو ۽ "جئه گنگا مئيا" چئي ٽٻي
ڏنائين ته ائين سمجھيائين ته سندس شرير ۾ نرملتا ۽ سيتلتا
ڦھلجي ويئي آھي. ائين ڪيترو ئي وقت آنند جي لھرن ۾
اندر اشنان ڪري من ۽ تن جي تپت ٻجھائي، ترپت ٿي رھيو
ھو. نيٺ ٻاھر نڪري، گنگا ماتا کي وري به ھٿ جوڙي
ڪنڌ جھڪائي، سندس آيار مڃڻ لڳو. ڪيس گھڻو ئي چيو ويو
ته ڪي اکر چئو، پر پانڊن ۽ پنڊتن جي دردشا ڏسي، ھي
مؤني رشي، بنا پنھنجي مک منڊل کولڻ جي، سانت ٿي
سانت ۾ واپس پنھنجي وٿاڻ ڏانھن وريو.

ويچارن ۾ ٻڏو

واپس ورندي ھن ڪيئين دريدر، دين، غريب، مسڪين،
لُولا، لنگڙا، سورداس ۽ ڪوڙھيا، گنگا ڪناري تي ڏٺا. جن
جي ڏتڙيل دشا ڏسي واسوانيءَ جي ھرديه مان ھڪ درد جي
چيخ ۽ پڪار اُٿي. ٽڪاڻن ٽڙن، مندرن مڙھين، مسجدن ۽ گرجا
گھرن ۾ ڌرم جي ٺيڪيدارن کي الٽي ڀانڇي ۾
ڪاريه ڪرم ڪندو ڏسي، ڌرم بابت سندس ويچارن ۾ پريورتن
آيو. ھن پليءَ پانت اھو اُنڀو ڪيو ته سچو ڌرم ته آھي ديا ۾،
پريم ۽ سيوا ۾. ھن شيام مراريءَ، من موھن کي ڏٺو مسڪينن
جي مرجھايل مکڙن ۾. ھن پنھنجي دين ديال جو درشن ڪيو
دکين ۽ دريدرن جي لڪل اُڙڪن ۾. ھن پنھنجي سندر پريتم
کي پاتو پنٿن جي ميرن پيرن ۾. ھن اھو محسوس ڪيو ته سندس

۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ساڌو واسواڻيءَ کي پڻ ڪندن ڇانئين مارڳ تان مسافري ڪرڻي پيئي.

هڪ سنڌي نوجوان کي نيو ٽائيمس پتر لاءِ، هن اٽڪل پنجاهه هزار رپيا امانت طور ڏنا هئا، جي هن نوجوان ترت ئي اڪو قلو ڪري چڏيا هئا. پئي ڪنهن انسان کي سياويڪ ان وهنوار ڪارڻ دک ٿئي ها، پر ساڌو واسواڻيءَ ان کي پڳوان جي پاويءَ جو پاٽو سمجهي پاڻ ان نوجوان کي آسيس ڏني. دل ئي دل ۾ چيائين ته پاڻ بندن تي ڪو هلڪو ٿيس.

ساڌو واسواڻي سوچڻ لڳو ته هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪراچيءَ ۾ رهان يا ڪنهن ٻئي آستان تي هليو وڃان. هو ان ويچار ۾ هو ته ڪيس پراڻي سکر مان قرب جي ڪوٺ آئي ته اُتي اچي رهو. ان ۾ پرڀوءَ جو رهسيه سمجهي هو اُتي هليو ويو. جنهن جي سر تي سائينءَ جو هٿڙو هو، جنهن جي مٿان پرڀوءَ جي ڪرپا جي ڇايا هجي، تنهن کي کهڙو ڀؤ، کهڙو ڀولو؟

سکر سونهارو

پراڻي سکر جو نگر نديڙو ۽ سندر، سک ۽ شردا وارن جو هو. اُتي جي سيٺ گهنشامداس گرناڻيءَ پنهنجو بنگلو هن سنت کي ڪولي ڏنو. پر هن سنت ڪنهن جي به شيوا بنا اُجوري وٺڻ ڪين ٿي چاهي. سو سيٺ کي چيائين ته جي هر مهني مون کان مسواڙ ۽ وسپي وٺڻ قبوليندين ته مان تو وٽ رهندس. سيٺ گهنشامداس کي ته ساڌو واسواڻيءَ کي رهائڻ لاءِ ڪو به شرط قبول هو. سو يڪدم اهو قبول ڪيائين. ساڌو واسواڻيءَ کي مٿي هڪ ننڍڙو ڪمرو مليو جتي هو گهڻو ئي وقت ڌيان، اَڀياس ۽ پڙهڻ پاڙ ۾ ويتيت ڪندو هو. نگر جي نماڻن ڀائرن ۽ ڀينرن جي ساد گي ۽ سڪ ڏسي، هن اُت ستسنگ آرنڀ ڪيو. جت نام، پريم ۽ ميلاپ جو وهاءُ رڻ جاري ڪيائين. ڪيترائي پياسي روح وٽس ڇڪجي آيا. ڪن کي نار ڏنائين،

ٻڌرون، مان نڪي يوگي آهيان نڪي سنت، جيئن منهنجي هن پاڻ اوهان کي ٻڌايو آهي. مان هماليہ پهاڙن تان بہ ڪين آيو آهيان. مان تہ سنڌ پرانت جو آهيان ۽ هت ياتري پاڻ ۾ اوهان پيارن جي آسيس وٺڻ آيو آهيان. مان ڪيول اوهان کي اهو چوڻ چاهيان ٿو تہ ڌرم آهي پيار. ٿنهنڪري هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. ڏک درد ۾ هڪ ٻئي سان همدردي ڪريو ۽ هڪ ٻئي جي سهايتا ڪريو. مان وري بہ اوهان کي چوڻ چاهيان ٿو تہ مان سادو سنت ڪين آهيان، پر سادن ۽ سنتن، رشين ۽ منين جو داس ٿيڻ ٿو چاهيان. مونتي آسيس ڪجو."

سادو سنياسيءَ کي ڪٿي ٿو واسواڻي جيءَ جو هيءُ رد قدوڻي؟ سو ڪيس چيائين تہ پاڻي، ائين تہ ڳالهيون ناهي ٻڌائيون نہ جيئن ماڻهن تي اثر ٿئي. پر اڳيان بہ هماليہ پهاڙ جيان پڪو ۽ دڍ واسواڻي هو. تنهن چيس تہ: "پيارا، پنهنجي جيون ۾ سديو سچ جي ساکي ڏجي. سچ جي جوت جڳائجي. پريوءَ جي دربار جي مهما اُن ۾ ئي تہ آهي."

واسواڻي جيءَ جي هڙن سچائيءَ جي شمع جيان ٻرندڙ وچنن کان پوءِ سادو سنياسي اهڙو ڪچي جهڙي پت. سندس ڪنڌ شرم کان هيٺ جهڪي ويو ۽ چپ بند ٿي ويس.

سادو واسواڻي

واسواڻي جي ديس جادورا لڳائي، وري ڪراچيءَ موٽي ايندو هو، ۽ اُتي پنهنجو ڪاريہ ڪرم ڪندو هو. سندس تياڳ ۽ تپسيا، سندس سچائي ۽ سچڻ لاءِ سڪ، سندس پوترتا ۽ پريم ڏسي، سنڌي سماج کي مٿس فخر ٿيڻ لڳو. سو سڪ سنيهہ، پيار ۽ قرب وچان هنن کيس سادو واسواڻيءَ جي مٺي نالي سان ڪوٺڻ شروع ڪيو.

سادن ۽ سنتن جي وات اڱڪي ۽ اٽانگي ٿئي ٿي. هو شرڌا ۽ وشواس ۾ پنهنجا ڪاريہ ڪن ٿا. ڪين ڪيترين ڪندا ئن

پهتو آهي! سوچڻ لڳو ته پنهنجي پياري دوست واسوانيءَ لاءِ ڪجهه خاطرخواه بندوبست مڙهوئي ڪرڻ گهرجي. سو هن ساڌو واسوانيءَ جي دادا ۽ ڀيڻ کي سربستي ڳالهه لکي موڪلي، ته توهان جو ڀاءُ ڪيئن نه غريبيءَ ۾ پيو گهڙيون گهاري.

ٿورا ڏينهن نبريا ته ساڌو واسوانيءَ کي سندس دادا ڀلاجراءِ وٽان هڪ لفافو پهتو جنهن ۾ سڪ ۽ سنيهه جي شبدن سان گڏ هڪ پنج سؤ رپين جو چيڪ به پيو هو. ساڌو واسواڻي چيڪ ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو ۽ پهرين ويچار ڪيائين ته اهو دادا کي واپس موڪليان. پر پوءِ ويچار ٿيس ته ائين ڪرڻ سان پوجيه دادا جي دل کي صدمو پهچندو. پر موٽ ۾ کيس هڪ نهايت مٺو ۽ پيار سندو پتر لکي موڪليائين ۽ کيس آراڌنا ڪيائين ته پيارا دادا، توهين ڌنيه آهيو. مونکي پنهنجي آسيس ڏيو.

جلدئي پوءِ سندس ڀيڻ به کيس هڪ خط موڪليو جنهن ۾ لکيائين ته دادا، مان هر مهني توهانکي پندرهن رپيا پيئي موڪليندس. توهين چڱيءَ طرح رهجو. مونکي جيڪي آهي سو توهانجو ئي ڏنل آهي، سو هيءُ پئسا موٽائجو نه. توهانجا توهان کي ئي ٿي ارپڻ ڪريان.

ڀکيا پنڻ

ساڌو واسوانيءَ ته سڀ ڪجهه هوندي به ساڌنا ۽ تپسيا طور سادگي ۽ غريبي اختيار ڪئي هئي ته جيئن نياز ۽ نوڙت ۾ وڌان. هڪ ڏينهن دل ۾ ويچار آيس ته نماڻائيءَ جو گڻ تڏهين پاڻ ۾ سمجهندس جڏهين ڀکيا پني روٽي کائيندس. سو پوڄا پرارٿنا ڪري، پنهنجي پريتم کي پڪاري نڪتو ٻاهر. غيرت ۽ عزت واري اِنسان لاءِ ڀکيا پنڻ يا ٻين کان گهري کائڻ ڪيڏي نه ڪٺن ڳالهه آهي! پر واسواڻي جيءَ سوچيو ته ڏسان ته پنهنجي من کي ماري مٽي ڪيو اٿم يا نه، ڀل ته پاڻ کي آزمائي ڏسان. هو ڄاڻي واڻي ڪنهن سڃاتل سڄڻ وٽ ويو جو اڱڻ

کن جا ڏک سوُر نوارڻ ڪيائين، پر سڀني کي پنهنجي هرديہ جو مٺو پيار ڏنائين.

غريبي گلزار

ساڌو واسواڻي هر مهني ٽئين سکو جي پوسٽ آفيس ۾ ويندو هو ۽ پنهنجي خرچ پکي لاءِ ڏهه رپيا پنهنجي حساب مان ڪڍائي ايندو هو. تن ڏينهن ۾ ست يگ جي سستائي هئي. سنڌس ڪاڌي پيتي ۽ رهائيءَ جو خرچ ڪيول پنج رپيا در مهني ايندو هو. باقي رپين مان ٻن پئسن جي ڳنڍ پڙيءَ لٽڙه جو سامان وغيره وٺندو هو ۽ دان پن بہ ڪندو هو ۽ پورن طرح سان سوتنتر ۽ سنتشٽ هو. هوُ پنهنجي جيون غريبيءَ ۾ گلزار جيان گهاريندو هو. هوُ سادگيءَ جي صورت هو ۽ نهايت ڪفايت ۽ قناعت سان خرچ ڪندو هو.

هڪ لڳا جيئن هو پوسٽ آفيس ۾ بيٺو هو، تيئن سنڌس هڪ ننڍپڻ جو مٽر پرسرام بہ اُتي اچي سهڙيو ۽ ڪيس ساديءَ پوشاڪ ۽ ڪاڌيءَ جي پهراڻ ۾ ڏسي ۽ فقط ڏهه رپيا ڪڍائيندو ڏسي نهايت ئي اچرج ۾ پنهنجون اکيون مهٽڻ لڳو. ڪيس ههڙو ساڌو ۽ نماڻو ڏسي ڪانئس اوشواسيءَ ۾ پڇڻ لڳو تہ: "ڀائي، توهين سچ پچ واسواڻي آهين نہ؟ تنهنجو اهو شان ۽ دٻدٻو ڪٿي؟ ههڙا سادا وستر ڇو پاتا اٿيئي؟" تڏهن ساڌو واسواڻيءَ مشڪي، ڌيرج سان ورانيس تہ: "پرسا، مان برابر واسواڻي ئي آهيان. تون منهنجو فڪر نہ ڪر. پرڀوءَ جي مونتي جهجهي ئي مهر آهي. سنڌس ئي ڪرپا سان مان هاڻ هن لائقيءَ ڪي لڳو آهيان." ائين چئي ڪيس رام رام چئي ٻاهر هليو ويو. هوُ تہ وڃي گهر آرامي ٿيو. پر پرسرام جي ننڊ ئي ڦٽي ويئي. پنهنجي پياري دوست واسواڻيءَ جي تصوير ورِي ورِي پئي اکين اڳيان ڦريس. سوچڻ لڳو تہ ٿورو وقت اڳ ڇا تہ واسواڻيءَ جو شان مان ۽ دٻدٻو هو! هينئر هوُ کهڙيءَ حالت کي اچي

بريون علتون به منجهس هيون. شهر جي پنچن کيس گهڻو ئي سمجهايو ۽ آگاهه ڪيو پر هن بائي تي اِئين اثر ٿئي، جيئن اُلٽي مٽڪي تي پاڻي. نيٺ شهر جا بزرگ ۽ مُکي، ساڌو واسواڻيءَ وٽ دانهين تي آيا ۽ اچي کيس سربستو قصو سڻايائون. ساڌو واسواڻيءَ سڀ ڪجهه ڌيرج سان ٻڌو ۽ گنڀير ٿي ويو. ٻيو ڏينهن ٿيو، پوڄ پنچات کي ساڻ ڪري هو خود ٽڪاڻي ۾ ويو. مٿس نظر پوندي ئي بائي جا ڍيڍر ئي ڍرا ٿي ويا. شرير ڪنبڻ لڳس ۽ ٿڙڪڻ لڳو. سمجهي ويو ته هاڻ منهنجي قيامت آئي ڪي آئي. سو هٿ ٻڌي ساڌو واسواڻيءَ کي منٿ ڪرڻ لڳو ته سائين معافي ڏيو. مون توبهه ڪئي. ساڌو واسواڻيءَ ڏانهس ڪروڌا درشٽيءَ سان نهاري چيو ته، توکي پاڻ سان جيڪي کڻڻو هجي سو کڻ پر هينئر جو هينئر هتان هليو وڃ.

بائي کي ٿڙڪڙ ۾ جيڪي هٿ لڳو سو کڻي اُئين رفوچڪر ٿي ويو جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ. ساڌو واسواڻيءَ ٽڪاڻي ۽ ناڻي جي واڳ پنچن کي ڏني. پنچن وري ٽجوڙيءَ جون چابيون ساڌو واسواڻيءَ جي چرنن ۾ رکيون ۽ چوڻ لڳا ته "سائين، پرڀوءَ جو گهر پرڀوءَ جي پياري جي هٿن ۾ ئي هئڻ جڳائي. توهين سنت آهيو، پرڀوءَ جا پيارا آهيو، سو هي ٽڪاڻو اسين اوهان جي سپرد ڪريون ٿا." پر هيءُ سنت اهڙي ڳالهه ٻڌڻ ئي چو ٿو. هن تي ڪال هڪ ڪاميٽي ٺاهي، جنهن جي سنڀال هيٺ ٽڪاڻو رکيو ويو.

سکر جا مکي سڀ اچرج ۾ پئجي ويا ته اهڙي پيچيدي مسئلي جو حل اهڙيءَ آسانيءَ سان ڪيئن ٿي ويو! ساڌو واسواڻي پڪ ئي پڪ هڪ وڏو جادوگر آهي. وري پئسي ۾ ذرو به موهه ڪونه اٿس! ماڳهين ٽجوڙيءَ جي چابين کي ڇهيائين به ڪين. هو مايا موهه کان ڪيڏو نه مٿي آهي. هُو بيشڪ هڪ مهان آتما آهي. هو بيشڪ جوڳي جادوگر آهي. اسان جا ڌنيه

وٽ وڃڻ اهڙو ڏکيو ڪم نه هو. سچائل ڪان گهرڻ ۾ ڪيتري نه لڄ ۽ سنڪوچ ٿو ٿئي! پر هن پياري پنهنجي لچاري من کي هنيو هڪ ڇهبوڪ، ۽ همت سان پاڻ کي چيائين ته هايو آهين نماڻو ٿيڻ ۽ هرديه ۾ رکڻ ٿو دپيل سؤ اَيمان. لاهه لڄ ۽ ٿيءُ ڪڄ ڪڻ. اهو ڳٽي هيءُ لاثاني لعل، شاهن جو شاهه، ٿي پيو هڪ دوست جي در جوڳدا ۽ هنيائين هڪ صدا "پريوءَ جي نالي ڀکيا ڏي."

پاڻکي جون اکڙيون اوشيه آليون ٿيون هونديون. ڪيئن نه ٿينديون؟ ڪيئن نه هيءُ رانول ديش جو راڻو، اڄ ٿي پيو آهي صد صد نماڻو! هيءُ سهڻو ساجن، هيءُ رهبر، هيءُ راڄن، اڄ ٿي پيو آهي هڪ فقير ۽ ٻڻي رهيو آهي پنهنجي تقدير.

هيءُ دوست، ساڌ و واسواڻيءَ کي پنهنجي دوار تي اتٿيءَ مثل آيل ڏسي، اهڙو ته خوش ٿيو جو ڪيس ڏاڍي عزت ۽ پيار سان اَندر وٺي آيو ۽ چيائينس ته سائين، اَڄ منهنجا ڀاڳ ڀليرا ٿيا آهن جو مون مسڪين جي ڪٽيا ۾ وڏا ڀيرڊ ريا اَٿو ۽ پاڻ پڌاريا آهيو. اَچو، اَچي هن ٻئنڪ تي براجيو. ۽ ڪيس پريم پوروڪ، جوڳيءَ جاءِ تي وهاري، سندس سڪ سند و سواگت ڪيائين ۽ ڇٽيهن پرڪارن جا پوڄن آڻي اچي اڳيان رکيائين. پر هيءُ فڪر وارو فقير، رڳو رڳه مان شڪرانن جو اِظهار ڪري، فقط دال ۽ روٽي کائڻ لڳو. ڀلا هڪ سچي ٻئراڳيءَ جو طعامن سان ڪهڙو پريوجن؟ "رُوکي سُوکي کاءِ کي ٺنڍا پاڻي پيءُ." پوءِ اهو پريم پرساد ورتائي ۽ جل پان ڪري، هيءُ سنت آسيسون ڏيندو واپس گهر وريو.

سکر شهر ۾ گهڻيئي مندر ٺڪاڻا هئا، جت ناريون پرش ۽ ٻار مٿو ٽيڪڻ ۽ ڪٿا ڪيرتن ٻڌڻ ويندا هئا. هڪ اَهڙو ٺڪاڻو هو جنهن جي ٻائي جي چال چلگت لاءِ ڪانا ڦوسي ٿيڻ لڳي. سندس نيت ۽ نظر ناپاڪ هئي. تنهن سان گڏ شراب ۽ جوئا جون

روح جڻ ته ٽپا ڏيڻ لڳو. ڀلا ڇو نه ڏيندو؟ سندن روح ٻه ته رام ۽ رحيم جي رنگ ۾، ننهن کان چوٽيءَ تائين رڱيل هو!

سکر کي سڪ جو سلام

سکر شهر جي سڪ وارن جڏهن ٻڌو ته ساڌو واسوائيءِ هاڻ روهڙيءَ تو روانو ٿئي تڏهن هو ڏاڍو غمگين ٿيا. هو اٽڪل هڪ سال مس وٽن رهيو هو. ۽ هن ٿوري عرصي ۾ ئي ڪيئن نه هن جوڳي جادوگر سندن دلين تي جادو لڳائي ڇڏيو هو! سو اهي وٽس آيا ۽ آلين اکين ۽ دردي دل سان اچي عرض ڪيائونس ته "سائين، اوهين ڇو ايترو جلد اسانکي هيئن ڇڏي ٿا وڃو؟ اسان کان ڪا خطا ٿي هجي ته معاف ڪريو. اسين عمر ڀر توهانجا غلام ٿي رهنداسين. فقط اسان کي ڇڏي نه وڃو." ساڌو واسوائيءَ جي دل ڀر ڀرجي آئي. پر هنن کي آٿت ڏيئي چيائين ته: "پيارا، سکر ۽ روهڙي پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ آهن. ٻنهي جي وچ ۾ سڪ سندو سندو ساگر پيو وهي. جيئن ٻه پليون ٻنهي کي پاڻ ۾ ملائين ٿيون، تيئن توهين ٻه پنهنجي دلين ۾ اهي ڪي پيار ۽ قربانيءَ جون پليون ٻڌو جي توهانجي اُن ڪُل مالڪ، اُن پريتم سان ملائين. پيارا، سکر وارا، توهين مونکي سدائين ياد رهندا."

ساڌو واسوائيءَ کي نه نگر نگر ۾، ديس ديس ۾ گهورڙ ٿي جيان گهمڻو هو، ۽ هوت جو هوڪو ڏيڻو هو، نام جو واپار ڪرڻو هو. سو هُو سکر کي ڇڏي روهڙيءَ پڌاريو. روهڙيءَ وارا ڏس ته ڀيا ڀرن! هنن اڳيئي سنت جو نالو ٻڌو هو. سو هاڻ ڪيس حقيقي روپ ۽ رنگ ۾ پسي ڏاڍا گدگد ٿيا ۽ سندس آسپاس وٽي ڪيس بيدل جي خانگاهه تي وٺي آيا. اُت اچڻ سان هن ڏٺو ته هت ته سڀ خلق ئي خالق جي آهي. سڀيئي مالڪ جي محبت ۾ مست آهن، ۽ بي خوديءَ جي عالم ۾ پيا سڀيئي جهومن! هيءُ ڪهڙو نشو؟ هيءَ ڪهڙي مستي؟ سڀني کي مالڪ جي

پياڳ آهن جو اسان جي ننڍڙي نگر ۾ هن پنهنجو استان ٺاپو آهي. هو پوڄڻ يوڳيه آهي.

هن کان پوءِ ساڌو واسواڻيءَ جو نالو گهر گهر ۾ وڃي ويو ۽ گهٽيءَ نگرواسي سندس درشن ۽ اُپديش لاءِ وٽس اچڻ لڳا.

روهڙي شريف

سن ١٩٢٠ع جي وارتا آهي. روهڙي شهر ۾ سائين بيدل فقير جي ورسي ٿي ملهائي ويئي. روهڙي سنڌ جو هڪ ناماٺو نگر هو جنهن لاءِ چيو ويندو هو ته متس سوا لک پيرن جي آسيس آهي. اِئين به ٻڌو هو ته ڪنهن به وقت اُت سمت درويش يا سنت ضرور هوندا ۽ هو به اِئين. روهڙيءَ جي ڀُومِيءَ ۾ صوفين ۽ سنتن جي برڪت هوندي هئي.

بيدل جي خانگاهه

روهڙيءَ جي ذڪر ڏسا ۾ بيدل ۽ بيڪس درويشن جي مشهور خانگاهه هوندي هئي. جت سوين صوفي فقير ۽ الله جا عاشق اچي "حق موجود" ۽ "الاهُو" جا نعرا بلند ڪندا هئا. صوفي فقير ڪفني پائي هٿن ۾ گهنگهرن ٻڌل ڏنڊو جهلي، مستيءَ ۾ اچي جهومندا هئا. بيدل ۽ بيڪس فقيرن جون چيروليءَ جيان چمڪندڙ ڳُر ٻتوُن ننڍين وڏن، استرين ۽ پرشن، هندن ۽ مسلمانن، سڀني کي بنا ذات پات جي ڀيد جي جڻ ته ايشور ۽ الله جي درگاهه ۾ اچڻ جو نينهن ڀريو نوتو ڏينديون هيون. بيدل بادشاهه عشق جو اوتار هو، جنهن پاڻ کي مجازي عشق جي فڪر ۾ فنا ڪري، حقيقي عشق جي آڳ ۾ اُجلوُن ڏيئي، نيٺ وڃي پنهنجي محبوب سان مشاهدو ماڻيو. سندس روحاني راز ۽ رمز سان ڀريل رچنائن ساڌو واسواڻيءَ کي به متاثر ڪيو هو. سو جڏهن کيس روهڙيءَ مان بيدل فقير جي ورسيءَ جو نمنترڻ پهتو، تڏهن سندس

نماڻا، سڪ پرم ۾ پُر ۽ وڏيءَ دل وارا هئا. ٽن جو ٻڌو ته ساڌو واسواڻي سندن نگر ۾ پڌاريو آهي سو وٽس آيا ۽ اچي سندس هاردڪ سواگت ڪيائون. سندن سرلتا ۽ سڪ ڏسي، هيءُ سنت ٻه انهن سان کير کنڊ ٿي ويو ۽ ڪجهه وقت رهي اُتي ٻه رحم جي ليلا لڳايائين.

سنڌ ۾ سکيا

جڏهن سندس وڃڻ جي ويل آئي تڏهن شڪارپور جا اَٿاهه پريمي ڪيس اسٽيشن تي ودائي ڏيڻ آيا. ٽرين ليٽ هئي سو هنن پريمين سنت کي وينتي ڪئي ته ڪي شبد جيڪر اَسان کي ٻڌايو ته اسين پنهنجن هردن ۾ هنڊايون. بس، سندس "ها" جي دير هئي. ٻنا دير اُت ريلوي پليٽفارم تي ٻيو هڪ پليٽفارم ٺاهيو ويو جت ساڌو واسواڻيءَ کي آڻي اُت اُپديش ڏيڻ لاءِ پرارٿنا ڪيائون. سنت اُت بيهي کين چيو: "منهنجا پيارا شڪارپوري ڀائرو ۽ ڀينرون، مان توهان کي ٿورا هيءُ اکر چوڻ ٿو چاهيان ته توهين پنهنجي سنتان جي سنڀال ڪريو. اوهين ناڻو ڪٺو ڪريو پيا. پر اوهان جا ٻالڪ ٻالڪيون آٿوَ اوهانجو سچو خزانو، اوهانجو سچو ڌن. اُن جي سنڀال ڪريو. ٻالڪن، ٻالڪين جي ڪچڙين ۽ نرمل دلين ۾ چرتر ۽ ڌرم جي سنسڪارن سندا ٻيج پوکيو. ڪو وقت ايندو جڏهن هو وڏا ٿيندا، تڏهن اُنهن پوکيل ٻجن مان جو ڦل نڪرندو سو سندن جيون کي سڌاري پرڦلت ڪندو، ۽ هو وڏ ڀڳ ود ياوان تيجسوي ۽ نرمل نگرواسي "بڻبا."

فقيرن ۽ نماڻن جي وچ ۾

سنڌڙي سونهاري سنتن ڀڳتن، صوفين درويشن ۽ فقيرن ڪسان مشهور آهي. ساڌو واسواڻي، جو سمو سکر، روهڙي، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ هو سو سمو ڪيس نماڻا فقير پيا گڏ ٿيا هئا. هو سندن صحبت ۾ هڪ عجيب آنند جو اَنڀوَ ڪندو هو.

مستيءَ ۾ ڏسي، سندس سُرت ۽ نظرون به چڙهي ويئون. هيءَ هئي بيدل بادشاهه جي خانگاهه. هيءَ هئي روهڙي شهر جي روح رچيندڙ راند. هيءَ هئي اِلاهي عاشقن جي آتش ۽ قرب جي کاڻي.

لاڙڪاڻي ڏانهن لاڙو

ڪيچ سمو روهڙيءَ ۾ رهي، رحم جون رانديون ڪري، پائرن ۽ پيرن، اڻپڙهيلن ۽ عالمن کي ايشور جي اوڏو آڻي، ساڌو واسواڻي هاڻ هليو لاڙڪاڻي. اُت به پريمين ۽ پياسين جي ڪمي ڪين هئي. جذباتي هئا سو ويا کيس ويڙهي ۽ ڏنائونس پنهنجي محبت جي مزوري. سنت اُت به ڪئين منا ۽ اُتساهڪ اُپديش ڏنا، جن گهڻن جي دلين کي گهائل ڪري، مالڪ ڏانهن مائل ڪيو. پيرن پنهنجا مٺيا محبت ۾ نڇاور ڪيا ته پائرن به پنهنجي پريم پيتائن ۾ ڪسر ڪين وڌي. هڙي سنت کي پائي پائي هو پنهنجو سڀ ڪجهه ڏيئي به پاڻ کي مالامال سمجهڻ لڳا. هڪ پريمي متر ته ٽي هزار رپيا (ان ڏينهن جا ٽي هزار ملهه ۾ اَڄڪلهه جي ٽن لکن برابر هئا) ساڌو واسواڻيءَ جي چرنن ۾ آڻي رکيا. ميونسپالٽيءَ وٽان کيس هڪ زمين جو ٽڪر به مفت مليو. سو هن اها رقم ان بزرگ ياءَ کي سپرد ڪري چيو ته پيارا، تون نه جيڪر هت اَهڙو مرڪز مڪان اَڏين جت پياسي نوجوان ۽ ڪرڙ ويڌ ايڪانت ۾ اچي ڌڻيءَ جو ڌيان ڪن، ۽ ڌرمي پستڪ پڙهن ۽ چرتر سدار بابت پاڻ ۾ پهن؟"

اَهڙي اُتم پرستاو کي ڀلا ڪير رد ڪري ڏيندو؟ سيٺي کي اِها ڳالهه ڏاڍي وڻي ۽ ساڌو واسواڻيءَ جي اُدارد ليءَ، وئراڳ ورتيءَ ۽ خيالات جي بلنديءَ لاءِ داد ڏيڻ لڳا.

شڪارپور شهر کي شرف

شڪارپور نواسي پريا پاڳيا ۽ ڏندي واپار ۾ پنهنجو مت پاڻ هئا. ڌن دولت ۽ پئسي ٻنجر جهجهي هوندي به هو نهايت

مل تن کي، جي ملپا آهن شيام کي. اچا انهن ئي سونهري سپنن جي سنسار ۾ هو ته سندس نظر وڃي پيئي هڪ ساڌو فقير تي، جنهن کي لڳن تي هو ساڌو لباس، هٿن ۾ هوس تنبورو ۽ اکڙين ۾ هئي آتش.

واسواڻي جيءَ يڪدم اُن فقير جي پيرن تي ڪري پڪاريو: "پريوءَ جا پيارا، پيارا" فقير اهو ٻڌي چيس ته بالڪ، "ڇو توکي ڇا کپي؟" واسواڻي جي جيتوڻيڪ عمر ۾ بزرگ هو، تڏهن به هن درويش کيس بالڪ ڪري ڪوٺيو. سنتن ۽ سنپرکن جي اڳيان اسين سڀ بالڪ ئي ته آهيون، پريوءَ جا بالڪ.

واسواڻي جيءَ کان ته اکر اُچهن ئي ڪين. ڪيول هڪ ئي اکر پيو پڪاري: "سائين، سائين" پيو پڪاري! ۽ ان فقير جي نشيلن نيڻن ڏي نهاري. فقير وري به سندس معصوم مکڙي ڏانهن ڏسي پڇيو "بالڪ، ڇو، توکي ڇا کپي؟" تڏهن واسواڻي جيءَ همت ساري چيو ته "سائين دل ۾ پياس اٿم ته پريوءَ کي پايان! ڇا ڪريان؟"

فقير منهن تي مٺي مشڪ آڻي وراڻيو: "جي محبوب کي ملڻ تو چاهين ته وڃي سک پريم پتنگ کان. ڪر پتنگ جو سنگ ۽ چاڙهه روح تي رنگ، ڏس ته پتنگ ڪيئن نه شمع جي ڇوڏاري پيو مست ڦري. ڪيس اُنيئي آتش آگ ۾ سمائڻ جي. ڪيس اُنيئي پياس شمع ۾ ٻڙڻ جي. ڪيس اُنيئي عشق ۽ اُڪير جوت ۾ جلڻ جي. پل ڪيس روشنيءَ کان پري ڪر، پر پتنگ وري موٽي اُڏامي ايندو شمع ڏانهن. بالڪ، جي توکي به آهي تراس پريتم کي پائڻ جي، ته تون به پتنگ جيان پاڻ ٻچاءِ، پاڻ وڃاءِ. فڪر ۾ فنا ٿيءُ ۽ خوديءَ کان خالي ٿيءُ، آپو وڃاءِ ۽ پريتم کي پاءِ!"

هر حال ۾ سنتشٽ رهي ٿو. هو هر مشڪلات ۽ مصيبت ۾ راضي رهي ٿو. شرير جو ڪشٽ هجيس، چاهي ڀُتي جي تنگي هجيس ته به هوُ راضي رهي ٿو. هو هر پرستٿيءَ ۾ سنتشٽ آهي. ان کي قرب ۾ قبول ڪري ٿو. هار جيت، ڏک سک، جس اپجس؛ هو پنهنجي پريتم جي پار جي مٺي منائي ۽ سک جي سوکڙي سمجهي شانتيءَ ۾ سوڪار ڪري ٿو."

واسواڻي جي چوندو هو تہ هيءُ پريوءَ جو پيارو پڙهيل ڪين هو، پر جي وچن هن پنهنجي مک مان بوليا، سي موتين ۽ پشپن سمان کهڙا نہ سندر، اَمولڪ ۽ سڳنڌت هئا!

"چڏ ڇڏ آڻ اُڄ"

ديش ۾ آزاديءَ جي آندولن جاري هئي. واسواڻي جي هڪ نگر ۾ هو، جت خلافت ڪانفرنس ٿيڻي هئي. ڀارت جي ڀن ڀن پرانتن مان نيتائون آيل هئا. نگر ۾ خوب هلچل ۽ هل هلاچو هو. واسواڻي جي دل ۾ پياس پائي هڪ فقير وٽ هليو ويو ۽ وڃي سندس چرنن ۾ ويٺو. سندس هردي ۾ اُها اُڪير هئي تہ شل لنگهي ٻوان پار.

فقير سندس اکين ۾ نهاري چيو تہ: "چڏ ڇڏ، آڻ اُڄ."

واسواڻي جيءَ پڇيس تہ: "سائين، اِئين ڪيئن ڪريان؟"

فقير اُتر ڏنو: "پيارا، جي سنسار جي گوڙ شور کان مکت ٿيڻ ٿو چاهين تہ ڀاڻ لڪاءِ. پردا ڀري ڪر ۽ پنهنجي ڀتر (اندر) وڃ. سانت ۾ ويھ ۽ پياس اُتار. ڏيان جي ڌن ۾ ويھ ۽ نام ڳاءِ."

ڀتنگ جيان ٿيءُ پياسي

واسواڻي جي هڪ نگر ۾ نواسي هو. سوير ٿان اشنان ڪري، صاف ۽ شيتل ٿي ٻئي موٽيو. پنهنجي اُي ٻورن ۾ هو تہ پنهنجي پريتم شيام کي ڪيئن پايان؟ ڪيئن ملان؟ اُتي اُي اندر مان آواز آيس تہ جي شيام کي ماڻ جي پياس اٿيئي، تہ وڃي

ڪري وهي رهيو هو. تڏهن واسواڻيءَ ٻارن کي هلڪي هڪل ڪري چيو ته ”ٻالڪو، بس ڪريو. مٿان هن پياري کي پٿر هڻيان آٿو. اڃا سندس آسيس وٺو. پٿر هڻي پاڻ تي پاپ نه چاڙهيو.“

تڏهن هڪ وڏي ٻالڪ جواب ڏنو ته: ”سائين، هيءُ ته ڪُفر ويٺو ٻولي. هو وري وري پيو چوي: ’پيو ڳايان، اِڪ نام ڳايان، خدا سان هڪ آهيان، هڪ آهيان‘! اهڙي فقير کي ته هتي ئي ماري پورو ڪرڻ کپي.“

واسواڻي جيءَ ترت ٻارن کي گڏي وهاريو ۽ سندن وچم ويهي کين هڪ هڪ کٽمٺڙو ڏنو ۽ پيار مان چيو ته: ”پيارا ٻالڪو، هينئر گهر وڃو. مٿان ڪنهن فقير کي پٿر هڻيو آٿو.“ ٻار واسواڻي جيءَ کي سڃاڻندا هئا، سو سندس آگيا پرماڻي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويا. تڏهين هو هن فقير وٽ آيو ۽ سندس زخم صاف ڪري، ڪيس پٽي ٻڌائين. پوءِ پيار ۽ همدردي مان پڇائينس ته ”اي درويش خدا جا، توهان کي ڪجهه کپي ته چئو.“ درويش چيس ته ”اي پريوءَ جا پيارا، مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي. ويجهو درياهه آهي. اُت وڃ ۽ هن ٺڪر جي پيالي ۾ پاڻي ڀري اچ ته مان پيئان.“ واسواڻي جيءَ ائين ڪيو. فقير پاڻي پي پياس ٻجهائي ۽ جڏهن سامت ۾ آيو تڏهن جيڪي اکر کيس چيائين، سي سندس دل تي اُڪرجي ويا. هن چيو: ”پيارا، هنن ٻالڪن ڏاڍو سٺو ڪم ڪيو جو مون کي پٿر هڻيائون. ٻالڪ بيشڪ آهن شيام جو سروپ، پر پٿر به آهن روپ منهنجي محبوب جا. اهي پٿر بيشڪ ٻالڪن وٽان هڻيان، پر اُهي پٿر به آهن منهنجي پريتم جون سڪ سنديون سوکڙيون. مان اهي سوکڙيون ڪيئن موٽايان.“ سوکڙيون مبارڪ! پٿر مبارڪ!!“

واسواڻي جيءَ حيران ٿي پڇيو ”پر ٻالڪن توهان لاءِ ڏاڍا ٽڪا اکر پٺي ڳالهايا.“ تنهنتي فقير وراڻيو ”ها، مون سڀ ٻڌو

پرڀو آهي ماتا پتا

واسواڻيءَ جيءَ سنڪوچ ۾ ٻڌجي پڇيو ته ”سائين، پياس بيشڪ اٿم، پر دل اندر وڪار ۽ گندگي به آهي، پوءِ مان ڪيئن داتا جي در تي قبول پوان؟“ فقير پنهنجون اکيون کڻي واسواڻيءَ ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پڇائينس ته ”تون روز مندر ۾ هيءَ پرارٿنا اُچاريندو آهين نه:

”تم مات پتا، هم بالڪ تيري ....“

بالڪ، پرڀوُ آهي ماتا، پرڀوُ آهي پتا ۽ تون آهين اُن جو هڪ بالڪ. بالڪُ ڏٺو اٿيئي نه، ته ڪيئن گند سان ڀريو پيو هوندو آهي، ته به ماتا کي ملوط لاءِ ڪڍي نه ٻياس هوندي اٿس؟ هوءَ وساري ڇڏيندو آهي ته ٻار گند سان ڀريل آهي. فقط پياس وچان پيو روئندو آهي ۽ ماتا کي پيو پڪاريندو آهي. ماتا سندس پريم ۽ پياس جي پڪار سڻي، سندس اکين جا ڳوڙها ڏسي، ڪو ترسي سگهندي آهي؟ هوءَ تتڪال ڊوڙي ونس اچي ٿي ۽ کيس صاف اُجرو ۽ اوجل ڪري ٿي ۽ پوءِ کيس پنهنجي گود ۾ وهاري، مٺو پيار ڏئي ٿي. پرڀوُ به اٿيئي ماتا جيان، پرڀوُ به اٿيئي جنني جيجل جيان، جو بالڪ جي وڪارن ۽ گندگيءَ جو ويچار نه ٿو ڪري ۽ سندس اونهي اُڪير ڏسي، ڊوڙي اچي ٿو کيس پنهنجي ٻاجهه ٻانهن ۾ جڪڙي ۽ پوتر پريم ۾ چوي ٿو ته ”اچ پيارا اچ ۽ اچي ويهه منهنجي گود ۾. اَچ ته توکي پيائيان، توکي ڳلي لڳائي ڇاتيءَ ۾ ڇپايان ۽ توسان کيليان.“

سيڪي ٿئي ٿو حاڪم جي حڪم ۾

واسواڻي جي هڪ ٻئي نگر ۾ هو ته رستي تي ٻارن جو ميڙ ڏٺائين. هو ٻارن کي شيام سندر جو روپ ڪري سمجهندو هو. سو دل ٿيس ته کين ملان. پر ويجهو اچي ڏسي ته هو هڪ فقير کي پيا پٿر هڻن. فقير جي منهن ۽ مستڪ مان رت نيندي پيون

نہ سگھيو هو. سو ٻئي رنائين، سڏڪا ڀريائين ۽ پڪاريائين:
”مون کي امي کپي، مون کي منهنجي اميءَ وٽ وٺي هلو.“
واسواڻي جيءَ ٻار کي ڳراٽڙي پائي هنج ۾ کنيو ۽ پيار مان آٿت ڏيندي چيائين تہ: ”پيارا، روءُ نہ. مان تو کي اميءَ وٽ وٺي هلان. پوءِ کانئس سندس گھر بابت ڏس پتو پڇيائين ۽ ڳولهيندي ڳولهيندي نيٺ اچي سندس گھر لڌائين ۽ سندس ٻانهن سندس ماءُ کي ڏنائين. جڏهن ٻنهي جي اکين ۾ پريم ملن جا ڳوڙها ڏٺائين، تڏهن سندس نرمل نيڻن مان بہ خوشيءَ جا لڙڪ لڙي پيا. هو جڏهن موٽي پنهنجي مڪان تي آيو، تڏهن هي اکر اچي پنهنجي روزنامچي ۾ درج ڪيائين:

”هيءُ منهنجو پنڌڙو، هيءُ ڪم ننڍڙو،
ناٿ! اتيئي منهنجي پوڄا.“

ماڻهو مندرن ٽڪاڻن ۾ وڃي ناد ۽ گھنڊ وڄائين، ڀڳوان جي مورتيءَ تي گل ۽ ڦُول چاڙهين، پوڄائون ۽ پرارٿنائون ڪن، پر واسواڻيءَ جي لاءِ هيءُ ننڍڙو ۽ نماڻو ڪم، هڪ ڀليل ڀٽڪيل ٻالڪ کي گھر پهچائي، پنهنجي وڇڙيل ماءُ سان ملائڻ جو ڪم، هو ناٿ جي پوڄا!

لوڻ، گھر ۽ روشني

واسواڻي جي هڪ نگر ۾ ويو. ناگرڪن کي جڏهن اهو سماءُ پيو، تڏهن هو وٽس آيا ۽ اچي ويڙهي وٺس ۽ چيائونس تہ: ”سائين، اوهين سچا سنت آهيو. اسان کي ڪا سکيا ڏيو.“ واسواڻي جيءَ کين هٿ جوڙي چيو تہ: ”پيارا، مان توهان کي ڇا چوان؟ مان خود سکيا پيو گرهڻ ڪريان. مان بہ سو يم هڪ ششيہ آهيان. سو ڀل تہ توهان کي پنهنجي گرو ديو جي سکيا ٻڌايان، جا هن هڪ دفعي مون کي ڏني. منهنجي گرو ديوَ مون کي چيو تہ ٿيءُ (١) لوُڻ وانگر (٢) گھر وانگر ۽ (٣) روشنيءَ وانگر. وڌيڪ سمجھاڻي ڏيندي چيائين تہ (١) لوڻ:- ڏسو

ويٺي. پر خبر اَٿيئي ته اِنهن ۾ مون ٻئي ٻڌو گيت گوبند جو. مٿان انهن ٻالڪن کي چيئيو اَٿيئي. ٻالڪ آيا، مبارڪ! پٽر ڄڻيائون مبارڪ! رت نڪتو مبارڪ! هي جيڪي به ٿيو، سو سڀ پڀوءَ جي حڪم ۾ ئي ٿيو اٿيئي. مبارڪ! مبارڪ!! سڀڪي ٿئي ٿو حاڪم جي حڪم ۾.

آرتي

واسواڻي جي ڳوٺ ۾ هو. نماشام جو سانجهيڪو سهاونو سمو هو. سورج ديوتا پنهنجو سفر سماپت ڪري، ڪنهن ٻئي ديش ڏانهن راهي ٿيو هو. آسمان ۾ تارا ٽمڪ ٽمڪ ڪري رهيا هئا. گهرن ۾ ڏيئڙا ٽمٽمائي رهيا هئا. واسواڻي جي وڃي وهندڙ سندو درياهه جي ڪپ تي بيٺو ۽ سرشٽيءَ جي سرجڻهار جي اُستتي ڪرڻ لڳو. درياهه جي ڪناري تي ڪيترئي ئي ڳوٺاڻيون ٻيڙيون ۽ ٽورا پائر پڻ اُپستٿت هئا. ٻيڙن ته اول درياهه شاهه تي سڪ ۽ شرڌا ۾ اکو ڦلو چاڙهيو ۽ پوءِ گڏ جي گرو نانڪ ديو جن جي آرتي اُتاري. ڪيڏي نه پگتي هئي هڪ هڪ ٻيڙڻ جي هردي ۾! سندن هٿن ۾ هيون ٿالهيون، جن ۾ ٻئي جڳي جوت، ۽ سندن دلين ۾ به هئي سڪ ۽ صدق، پگتي ۽ پريم. انهن نماڻين ڳوٺاڻين ٻئي نرمل نام اُچاريو ۽ پڪاريو:-

”تنهنجي در جي مان داسي،
تنهنجي نام لاءِ مان پياسي.“

ننڍڙو ڪم: ناڪر جي پوڄا

واسواڻي جي هڪ نگر ۾ هو. رستي ٽان ٻئي پنڌ ڪيائين. ڇا ڏسي ته هڪ ننڍڙو ٻالڪ آهي جو پيو روئي. هوُ اُمالڪ وٽس وڃي آيو ۽ اچي پچڪاري پڇيائينس ته ٻالڪ، تون ڇو پيو روئين؟ تڏهين ٻالڪ سڏڪا ڀريندي وراڻيو ”اُمي، منهنجي اُمي ڪٿي؟“ ٻالڪ گهران نڪتو هو پنهنجي اُميءَ جو ڪم ڪرڻ، پر رستو ڀاڄي ويو هو. هيڏانهن هوڏانهن ڦريو هو، پر گهر ڳولهي

ڪوٽ ڪيائون ته هلي ٻالڪن کي آسيس جا ڪي اکر چئو. ڪيس وديارٿين لاءِ هوندو هو اٿاه پيار، سو اِها ڪوٽ قبولي هو اُٿي پڌاريو. اُتي جا اَڌياپڪ ۽ وديارٿي ڪيس ڏسي آئينده پُرسن ٿيا جو سندس مکڙي تي هنن پيار ۽ ڪروڻا جي جهلڪ پسي. واسواڻي جيءَ پنهنجي سکيا کين اِجهو هنن مٺن شبدن ۾ ڏني:

"پيارا ٻالڪو! خوشي اَٿم، گهڻي خوشي، ته اَڄ مان توهان پيارن جي وچ ۾ آهيان. اَوهانجي مانئيه پرنسپال جو آڀاري آهيان جو هن موکي تيئهن پريو نمنترڻ ڏنئي، اوهان جي منڙن ۽ معصوم مکڙن پسڻ ۽ اوهانجي آسيس وٺڻ جو اَوسر ڏنو آهي.

"پهل ته منهنجو پهريون اکر هيءُ ٿئي 'سچ'. سچ سڀني گڻن کان اُتم ۽ سريشٽ گڻ آهي. تنهنڪري توهين سدائين سچ ڳالهايو. سچ سوچيو ۽ هر ڪاريه ۾ سچ جي ساکي ڏيو. جيئن سرير کي نرمل جل، پوتر ۽ سيتل رکي ٿو، تيئن من کي سچ نرمل ڪري ٿو.

"منهنجو ٻيو اکر آهي: 'برهمچريه' پنهنجي سرير کي پوتر سوَسٿ، سگهارو ۽ رشٽ پشٽ رکو. تنهنڪري وڪارن جي سنڀال ڪريو. خوب رانديون روندون ۽ ڪسرتون ڪريو. ٻلوان ٿيو. وير ٿيو ۽ ڪمزورن ۽ ديش جي رکشا ڪريو.

"منهنجو ٽيون اکر اَٿو 'سيوا'. غريبن، مسڪينن جي پريم سهت سيوا ڪريو. اُنهن کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيو. سچي وديا اُٿو روشني. اُن روشنيءَ رستي پنهنجي نگرن ۽ ڳوٺن کي گڏيو. توهانکي وئڪيشن ملي ٿي، وئڪيشن ۾ توهين جيڪر غريب ڳوٺاڻن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪريو. سندن لاءِ آکاڙا ٺاهيو ۽ کين رانديون روندون ڪرايو ۽ وندر ورونهن ڏيو، توهين جيڪر فنڊ شروع ڪري پئسو ڪٺو ڪريو. اهو پئسو اَناٿن ۽ دلت وديارٿين جي پستڪن، فيءَ، ڪپڙي لٽي، کير ۽ ڦل تي خرچ ڪريو. جيئن هو آسانيءَ

هن نگر ۾ ڪيڏي نه گرمي آهي. ان گرميءَ ۾ ڪاٺ ولوڻ بنا ٻي جسو، ٻي سواد ۾ ٿي پوندو. تنهن ڪري توهين ٻه لوڻ وانگر ٿيو ته جيئن توهانجي جيون ۾ به سواد اچي، جس نکري. (٢) گهر:- گهر ڏسو ته ڪيئن نه اجهو ۽ آسرو ڏئي ٿو. لٿيءَ ٿڌيءَ، مينهن ۽ طوفان کان ۽ رات جو چورن چڪارن کان ڪيئن نه بچائي ٿو! گهر ۾ ملي ٿو آرام، ملي ٿو وشرام. توهين به ٿيو گهر جيان. جي بي پناهه بي گهر آهن، تن کي آشرو ڏيو. جي پٽڪن پيا لٿيءَ ٿڌيءَ ۾، تن کي گهر جي سيتل ڇايا ڏيو. (٣) روشني:- ڏسو، هن سنسار ۾ ڪيڏو نه اونده انڌڪار آهي. ڪن کي اونده مان ڪڍي جوتيءَ ۾ آڻيو، ڪن جي جيون ۾ روشنيءَ جي ريکا آڻيو. تنهن ڪري اول پنهنجي هردي مندر ۾ گيان جي جوتي جڳايو. روشني راهه ٻڌائي ٿي. انڌيري رات جو ڪيول هڪ ننڍي ديپ ٻري ته ڀليل ۽ ٿڪيل مسافر جي راهه ۾ جيڪر ڪيڏي نه روشني جڳمڳائي ۽ هو آسانيءَ سان پنهنجي منزل مقصود تي وڃي پهچي!

ٿوري اڌياتمڪ اپديش ٻڌڻ کان پوءِ نگرواسي نهايت پرسن چت ٿيا. هڪ ياتري واسواڻي جيءَ کان پرشن پڇيو: "سائين، اسان جو ڪرتويه ڪهڙو آهي؟" واسواڻي جيءَ اتر ڏنو: جي مايا جي مونجهاري ۽ تمس ۾ ڦاٿل آهن، تن کي ستيه مارگ ڏانهن وٺي هلو. انهن کي گيان جي روشني ڏيو. جي نبل ۽ اشڪتيوان آهن تن جي رکيا ڪريو، تن جي پال بڻجو، جڳت جن جي سک ۽ ڪلياڻ لاءِ پرمارٿ جا ڪاريه ڪريو. دکين جي سهائتا ۽ شيوا ڪريو. ان لاءِ اوشيه آهي ته توهين پاڻ پنهنجي جيون نرمل رکو ۽ رام رنگ ۾ رتل رهي پرڀوءَ جي آگيا ۾ هلو."

وديارٿين کي آگرهه

هڪ ڏينهن واسواڻي جيءَ کي هڪ نگر جي وديالي ۾ قربانٽي

واسواڻيءَ جيءَ سان پريم ۽ اُمنگ ۾ گذريو. سال ڪانپور ۽ سنه ١٩٢٦ع ۾ ڪيس پنهنجو وڏو شاهي بنگلو آشرم جي ڪار لاءِ ڏيئي ڇڏيو. هيءُ بنگلو ديرادون ۽ مسوري پهاڙن جي وچ ۾ راجپور ڳوٺ ۾ هڪ نهايت رمڻيڪ اَستان هو. اَنيڪ سندر وڻ ۽ منڊل ۾، اوچن اوچن پهاڙن جي دامن ۾، ڏيهن ديو دار ۽ اَشوڪ ورکشن ۽ گلن ڦلن ۽ ساڻي ڇهڄ گاهه سان ڇانيل هئي هيءَ پوڻي!

ڊاڪٽر شاستريءَ جي اُدار دلي کهول هن سندر بنگلي کي اَرپڻ ڪرڻ تائين محدود ڪين هئي. هن ته آشرم جي ڪولڻ ۽ هلائڻ جو خرچ پڪو ڏيڻ پڻ پاڻ تي هموار ڪيو. ڌنيواد! واسواڻيءَ جيءَ کي بنگلو پسند پيو ۽ اُن سال اُتي هن اُتي آشرم جو اُدگهاٽن ڪيو ۽ نالو ڏنائينس 'شڪتي آشرم' واسواڻي جيءَ جڻ ته اکل پارٽي يوڪن جي من، بڌيءَ ۽ اَڌياتمڪ اُنتيءَ ۽ وڪاس جو ٻج پوکيو، جن جي سهاري هيٺ هيءُ شڪتي آشرم برپا ٿيو، ۽ ڪي سال هليو.

آدرشي آشرم

شڪتي آشرم هڪ آدرشي آشرم هو، جت سڀني قومن، ڌرمن ۽ ذاتين جا اِنسان ايندا هئا. هندو، مسلم، سک، اِيسائي، پارسي، يهودي، سڀ ڪنا تي، هڪ ئي ڪٽنب پريوار جيان رهندا هئا. سنڌ، پنجاب، بنگال، بهار، اُتر ۽ مڌيه پرديش ۽ ٻين پرانتن جا پياسي روح اونهاري جا ٽي مهنا اَچي هت گڏجي، سک ۽ پريم جو سهواس ڪندا هئا. آشرم جو روح روان هو ساڌو واسواڻي، جنهن جي عاليٰ شخصيت، ودوتا، آدرش ۽ آتمڪ خزانن سان ڀرپور نرمل جيون، سڀني لاءِ هڪ روشن منار هئي، جنهنجي سنگ ۽ سهاري هيٺ هو پنهنجي جيون تي رنگ ۽ اُمنگ چاڙهيندا هئا.

آشرم جا نيم هن طرح هئا: پرڀات جي پردي ۾ ۴ بجي اُٿڻ، ڪلاڪ ۾ تيار ٿيڻ، پنجين کان ڇهين بجي تائين ساڌو واسواڻيءَ جي نيتوتا هيٺ پوڄا، پرارٿنا، ڌيان

سان ودیا ونئي، وڏي هوندي پنهنجي پيرن تي بيهن ۽ سماج جو هڪ ڪمائتو انگ بڻجي سگهن.

”پچاڙيءَ ۾ منهنجو چوٿون اکر اٿوَ، ’نه وساريو‘ نه وساريو اُن ڪُل مالڪ کي، جو اُوهان کي ڪڏهين ڪين ٿو وساري. هرديه ۾ رکو سڪ ۽ پياس. شل اُوهان جي جيون ۾ اُهي وڌن. اوهانجي جيون شل ۽ پريم جو پشپ بڻجي پوي، اهو پشپ شل پڀوءَ طرف نهاريندو رهي، جئن سورج مکي گل سدائو نهاري ٿو سورج ڏانهن. ۽ تئي توهان تي ايشور جي اَننت آسيس.

”هي چار اکر، توهانجي سڄي جيوَن جي عمارت جا چار ٿنيا، مان اوهانجي دلين ۾ چڙهي ٿو وڃان. شل اِهي اَنمول اکر گهڙي وڃن ڪن دلين جي اَندر ۽ سندن جيون کي نئون ۽ پرقلت بڻائين. پيارا ٻالڪو، آسيس ڪجو ۽ شل پڀوءَ جي آسيس توهان مان هڪ هڪ تي چمڪي، چمڪندي رهي!“

شڪتي آشرم راجپور

هيءَ سنه ١٩٢٥ع جي وچٿر وارتا آهي. هردوار ۾ گروڪل ڪانگڙي جي وشوَ وديالي پنهنجي رجت جملي تي ملهائي. ان سنبند ۾ ساڌُو واسوانيءَ کي مکيه مهمان ڪري گهرايو ويو. واسواڻي جي ان اُوسر تي ڏاڍو دل پڇائيندڙ ۽ اُتساهڪ پروچن ڏنو. پروچن ڏيندي هن چيو ته ”منهنجي اکين ۾ هڪ سونهري سپنو آهي ته هڪ اهڙو آشرم کلي، جتي ساري ڀارت ورش مان پڙهيل ڳڙهيل نوجوان، سال به سال اونهاري جي وئڪيشن ۾ اچي سمارو ه کن ۽ پرڪرتيءَ جي پوتر گود ۾ ڪجهه سمه سهواس ڪن.“

اِها تقرير، ٻڌي ته گهڻن ئي، پر اُنهن ۾ هڪ هو ڊاڪٽر ڪيشو شاستري، ايم. ڊي، جنهن تي اِن گهاٽو اَثر ڪيو. هو

ٻالڪ سان رهندي هئي. تازو سندس پٽ پرلوڪ پڌاريو هو، جنهن ڪري هوءَ ڏاڍي غمگين ۽ دکي هئي. واسواٽي جيءَ کي چيو ويو ته جيڪر هن پيرڻ کي گڏجي ۽ کيس ڪجهه آٿت ڏئي. واسواٽي جي هن پيرڻ کي مليو. کيس نهايت دکي ڏسي واسواٽي جيءَ کيس چيو ته ٻالڪي، تون پنهنجي ٻالڪ کي زمين تي ڦٽو ڪر. هيءَ پيرڻ وائڙي ٿي وئي ۽ واسواٽي جيءَ کي چوڻ لڳي ته ”سائين، توهين ڇئو چا پيا؟ مان پنهنجي ئي ٻالڪ کي ڪيئن زمين تي ڦٽو ڪنديس؟“ واسواٽي جيءَ تنهن تي چيس ته ”توکي گهڻا رپيا کپن جو تون ائين ڪري سگهين؟“ هن پيرڻ ترت ئي وراڻيو ته توهان اسان کي ٻڌايو آهي ته آسمان ۾ اڳڻت تارا آهن. انهن ڪروڙن تارن جيترا رپيا به نه ڪير مون کي ڏئي، تڏهن به مان پنهنجي ٻالڪ کي ڪڏاچت ڦٽو ڪين ڪنديس، بلڪ کيس جند جان سان لڳائي، جيءَ سان جڪڙي ٻيهنديس. هو مون کي ساهه سمان پيارو آهي. پر ٻه ٻڌايو نه سهين ته توهين اهڙا رهسيه پريا سوال مون کان چا لاءِ پڇي رهيا آهيو؟“ تنهن تي واسواٽي جيءَ جواب ۾ چيو ته: ”پياري پيرڻ، تون سچي آهين. تون بيشڪ پنهنجي ٻالڪ کي جند جان سان پيار ڪرين ٿي. پر مان توکي اهترو وشواس ڏيارڻ ٿو چاهيان ته پريو پرماتما اسان سڀني جي ماتا آهي، پتا آهي. اسين سندس ٻالڪ آهيون. هو به ايترو ئي، بلڪ وڌيڪ، اسان کي پيار ڪري ٿو، جيترو تون پنهنجي ٻالڪ کي ڪري رهي آهين. تون به سندس ئي ٻالڪي آهين. چا، هو توکي پيار ڪين ٿو ڪري؟ پوءِ تون غمگين ڇو ٿي آهين؟ ڇو دلگير ٿي آهين؟ تنهي لوڪن جو مالڪ پريو پاڻ تنهنجو پتا آهي. توکي پيار ڪري ٿو. پوءِ تون ڪهڙي ڪارڻ ٿي دکي ٿين؟ تون منجهس شرڌا رک، وشواس رک ۽ پاڻ کي چئو: ”منهنجو پريو منهنجو پتا آهي، هو اوش منهنجي رکيا ڪندو. هر مشڪلات

۽ جپ جو ساڌن ڪرڻ، ڏينهن جو گڏجي واسواڻي جيءَ جي اَڌياپڪتا جي سهاري هيٺ گيتا، اُپنشدن ۽ اَڌياتمڪ وديا جو اَڀياس ڪرڻ، شرير کي نروئو رکڻ لاءِ ڪسرتون ڪرڻ، اُديانن ۾ گلن ڦلن ۽ وڻن ٽڻن جي سار سنڀال لهڻ، شام جو سوريه اُست سمي پهاڙن تي پند ڪرڻ، ۽ پرڪرتيءَ جو نرمل سنگ ڪرڻ ۽ رات جو نوين بجي ڀڄن ڪيرتن ۽ پوڄا پرارٿنا کان پوءِ ايڪانت ۾ ستسنگ ڪرڻ.

جلد ئي شڪتي آشرم، قدرت جي گود ۾ هڪ گلستان جهان پرڦلت ۽ سڳنڌت ٿي ويو، جنهنجي سڳنڌيءَ ۽ سندرتا جي ساک چئني ئي ڏسائن ۾ ڦهلجي وئي. ڪئين ياتري، مسوري پهاڙن ڏانهن ايندي ويندي شڪتي آشرم ۾ لنگهي ايندا هئا ۽ ڪي ساعتون پرڪرتيءَ ۽ ساڌو واسواڻيءَ جو سنگ ۽ سهواس ڪري ۽ سندر ساتوڪ وايو منڊل جو سوم رس پان ڪري پرسن چت ٿي اڳتي هلندا هئا. ڪي جگياسو به ايندا هئا، جي ڪنهن نه ڪنهن ڪلاس جو فائدو ۽ ساڌو واسواڻيءَ جا چار وچن ٻڌي ۽ آسيس وٺي ويندا هئا. هڪ وشيش وارتا هيءَ ٿي جو ديش جي پتا مهاتما گانڌيءَ به هن آشرم ۾ درشن ڏنو ۽ ڏُن مها اُتسو ۾ ڀاڱو وٺي، شاستري ورکش تالي هڪ وڻ پوکيائين. پنڊت جواهر لعل نهروءَ به آشرم ۾ پرويش ڪيو ۽ واسواڻي جيءَ سان ڌرم ۽ سماج سڌار جي سڌانتن بابت واد وواد شروع ڪيو. واسواڻي جيءَ وشواس سان رايو ڏنو ته ايشور آهي. پنڊت جيءَ جو چوڻ هو ته ايشور وغيره آهي ئي ڪين. ڪيس جلد ئي ٻنئي هنڌ وڃڻو هو، سو پنهنجو بحث پورو ڪري نه سگهيو. پر آشرم نواسين واسواڻي جيءَ ۽ نهروءَ جيءَ جي واد وواد ڪسي ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٻڌو. واسواڻي جي مهاتما گانڌيءَ کان ڏهه سال ننڍو ۽ نهروءَ جيءَ کان ڏهه سال وڏو هو.

شڪتي آشرم ۾ هڪ نوجوان ڀيڻ به پنهنجي ننڍڙي

ڇانئجي ويئي. سندس آواز منو مرليءَ سمان هو. سندس چهرو چوڏس جي چنڊ جيان چمڪي رهيو هو ۽ سندس مک منڊل تي هڪ ديو لوڪ جي مشڪ ناچ ڪري رهي هئي. سندس نيڻ هڪ اَلوڪڪ جوت ۾ چمڪي رهيا هئا. وديارٿين کي آگره ڪندي چيائين ته توهان پنهنجي سنسٿا جو نالو تمام اُتم رکيو آهي، جنهن مون کي گهڻي پرسنتا ڏني آهي. مان توهان کي ڪيول ايترو چوڻ ٿو چاهيان ته توهين نوجوان وديارٿيو، پنهنجي جيون جي عمارت چرتر جي بنياد تي ٻڌو ته توهان جي جيون هڪ سندر محل ٻڻجي پوندي. اهي اکر ڪيترن جي دلين ۾ گهڙي ويا ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪن جي ڪنن ۾ مندر جي مٺي گهنڊ جيان وڄي رهيا آهن.

پراڻي سکر وارن سان ودائي

سنه ١٩٢٩ع ۾ ساڌو واسواڻي پراڻي سکر ۾ لوڪن جي هتڪارڻ رهيل هو. اُتي جا پريمي نگرواسي جن جو ساڌس پرام جو پيچ پڪڙي ويو هو، سي صبوح کان شام تائين سندس سنگ ۽ شيوا ۾ اُپسٿت هوندا هئا. تن ڏينهن ۾ گهرن ۾ پاڻيءَ جا نل ڪين هوندا هئا، سو شهر جا پريمي، جوان، ٻڍا ۽ ٻار، ساڌو واسواڻيءَ کي ٻاهر اِشنان لاءِ وٺي ايندا هئا. اُت جڏهن هُوءَ سنت پنهنجو ڪڙتو لاهي، بدن تي اَنگوڇو ٻڌي، اِشنان لاءِ تيار ٿيندو هو، تڏهن سندس گوري بدن تي ڪي پائر تيل جي مالش ڪندا هئا ته ڪي ننڍڙا ٻار سندس ڪپڙا ۽ ٽوال جهلي بيهندا هئا. اُن وقت واسواڻي جي ڏاڍي آنند جي لهر ۾ هوندو هو ۽ خوب چرچا گهڻا ڪري وڏا ٽهڪ ڏيندو ۽ ڏياريندو هو. اهي رومانچڪ وارتائون اڃا به ڪيترن جي سمرتيءَ ۾ تازيون آهن.

سنه ١٩٢٩ع ۾ جڏهن اَڃا پراڻي سکر ۾ ئي هو، تڏهن واسواڻي جيءَ کي آگري جي سينٽ جانس ڪاليج جي پرنسيپال

۽ مصيبت مان پار لنگهائيندو. رڳو مان سنڌس حڪم ۾ هلان. مان سنڌس آگياڪاري بالڪ ٿيان ۽ جيڪي بہ هو ڪري، تنهن ۾ مان سنڌس پيار ۽ رحم جي روشني ڏسان ۽ خوش ٿيان."

بس، واسواڻي جيءَ جا اُهڙا ڪربا، ڪروڻا ۽ گيان سان پرپور شبد ٻڌي هيءَ وڏوا پيرڻ شانت ٿي ويئي ۽ سنتوش جا لڙڪ سنڌس نئڻن مان نيسارا ڪري وهڻ لڳا ۽ هوءَ واسواڻي جيءَ جي چرنن ۾ ڪري پيئي. سنڌس جيون جا جيڪي دک، درد ۽ ويوڳ جي پيڙا هئي، تنهن ۾ هاڻي سنتوش ۽ پريم سنڌو پريورتن اچي ويو ۽ شڪتي آشرم جي شڪتي پراپت ڪري، تو جيون جي سنگهرش ۾ تن، من ۽ ڌن سان جڙي ويئي.

ٻوڏ سهايتا

سنہ ١٩٢٧ع ۾ اُپر سنڌ ۾ اچي ٻوڏون پيئون ۽ ڪيترن ڳوٺن کي درياهہ پائي ويو. ويچارا ڳوٺاڻا ڏاڍو دکي ۽ دربدر ٿيا. ساڌو واسواڻي ۽ سنڌس دادا شري ٻهلاجراءِ ٻوڏ جي ستايلن جي چڱي شيوا ڪئي. ڪيترا ٻيا پائر بہ هن شيوا جي ڪيتر ۾ ٽپي پيا. دادا ٻهلاجراءِ جنهن ۾ لوڪ سنگره جو اُتم گڻ هو ۽ جو سماج جو هڪ سچو شيوڪ هو، سو بہ ستايلن جي سهائتا لاءِ تنبدي محمد خان جي ڳوٺ ۾ هليو ويو. شري ڄي ڪشت سهندي بہ هو هن شڀ ڪاريہ ۾ تن، من ۽ ڌن سان شيوا ڪندو رهيو. هن عرصي ۾ جيڪب آباد شهر ۾ شري شيوارام پاڳچند لالا، هڪ آدرشي اُڌياپڪ جي سهاري هيٺ هڪ وديارٿين جي سنستا هئي جنهن جو نالو هو Charactor Building Association. (چرتر سڌار سڀا). ساڌو واسواڻيءَ کي اُتان هڪ قربانئي ڪوٺ آئي تہ اچي ساليانئي جلسي جي صدارت ڪريو. ساڌو واسواڻي ڪاڌيءَ جو اُچو ڪڙو ۽ اچي ڏوتي پهري، جڏهن منچ تي آيو، تڏهن هر طرف شانتي

ڪين سڏ ري. ڪيس پرون پڇي ويا ته هاڻي هن سنسار ۾ باقي ڏينهن ٻن جو مزمان آهيان. سو گهڻو وقت اکيون پوري ايشور جي ڌيان ۾ ئي لڳو رهيو. آخر اُها گهڙي، اُها ويلا آئي، جا هڪ هڪ پراڻيءَ جي جيون ۾ اَوس اَچڻي آهي. ١٧ اپريل ١٩٢٦ع رام نوميءَ جي مها پوتر ڏهاڙي، شام جا چار لڳا هئا. سو يه ديوتا پنهنجي دئنڪ ياترا پوري ڪرڻ لاءِ پشچم جي اور لڙي رهيو هو. اُن ويل هي مهان آتما، پنهنجي جيون ياترا سماپت ڪري وڃي الک ڌام پڌاريو. اُن وقت سندس آيو ٥٤ سال هئي.

هريءَ جو هٿ، هوت جي هٿن ۾

ساڌو واسوانيءَ جو دادا، منهنجو پرم پوڄيه پتا هو. هو مونکي بيحد پيار ڪندو هو. شرير تياڳڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هن مونکي پيار ۽ سنيهه ۾ پاڻ وٽ ڪرايو ۽ منهنجو هٿ پنهنجي سنت ڀاءُ، ساڌو واسوانيءَ جي پوتر هٿن ۾ ڏيئي، ڪيس چيائين "پيارا، هري ڀرڻي اَئيئي، سندس سنڀال ڪج." پورن ڇووهن ڪلاڪن کان پوءِ نماشام جي سمي، جڏهين ڳانيون جهنگل مان موٽي پنهنجي وٿاڻ ڏانهن ورنديون آهن، جڏهن ٻالڪ ۽ ٻالڪيون اِسڪولن مان موٽي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽندا آهن، اُن سمي هيءُ اَسان جو پيارو بابا، هن سنسار جو سفر سماپت ڪري پريو پرماتما جي ڪمل چرنن ۾ نتيه نواس ڪرڻ لاءِ پنهنجي نج ڌام ڏانهن راهي ٿيو.

منهنجي پوجيه پتا ڪراچيءَ جي ٥٤ پرائمري اِسڪولن جي مٿان ڪم ڪيو هو. ڪجهه وقت لاءِ هو اَئڊمنسٽريٽو آفيسر جي ڪرسيءَ تي هو. سندس ناتو ۽ سنبنڌ هرجاتيءَ جي مدبر ماڻهن سان هو. آسنمل اوجها مارگ جتي اَسين رهندا هئاسين، اُتي ڪئين هندو ۽ ڪي مسلمان، ڪرستان، پارسي سک يهودي سندس اَنتم درشن ۽ آسيس لاءِ اَچي ڪٺا ٿيا. ڪيترن

ڪوٺ ڪيائين ته ڪرپا ڪري هٿ اچي وديارٿين کي اُپديش ڏنو. جيئن اڳ ٻڌايو ويو آهي ته واسواڻيءَ جي ڪي وديارٿين لاءِ ڏاڍو پيار هو. سو جڏهن هُن سکر نواسين کان آگري لاءِ آگيا گهري، تڏهن سندن دليون هارجي ويئون. کين سڌ هئي ته واسواڻي جي آهي ويراڳي، سو هُو جتي ويندو، اُتي جو ئي ٿي ويندو ۽ پوءِ هو مشڪل واپس وريندو. سو کيس موڪل ڏين ئي نه. پر واسواڻيءَ جي پنهنجي مٺي، پيار جي نموني ۾ موڪل ورتي ۽ آگري اُسهيو. موڪلائڻ مهل سکر نواسين جي اکين ۾ پاڻي هو. ڪيترن ته سڏڪا ڀري ڦٽي هيانءَ روئي ڏنو. ڪن اوچنگارون ڏنيون. سندن حال اهڙو هو، جهڙو برندابن ۽ گوڪل ۾ گوپين جو، جڏهن سندن پريتم شيام سندر کين ڇڏي اَڪرور جي رٿ ۾ هميشه لاءِ مٿرا شهر ڏي ويو. جيئن ڪرشن گوپين کي ڏي آٿت ڏنو ته توهين چنتا نه ڪريو. جو مان سدا پيو توهان سان آهيان، تيئن ساڌو واسواڻيءَ به سکر نواسين کي ڏيئي تسلي ڏني ته مان وري توهان وٽ ايندس ۽ اچي توهان جي آسيس وٺندس. پر نڪي ڪرشن برندابن ۽ گوڪل ۾ وري ويو، نڪي هن سنت سکر ۾ پنهنجو پڪو ڏيرو دمايو. پر جي سچا برهمي ۽ گياني ڏاهپي آهن تن جي هردي ۾ هوت سدا پيو وسي. هُو ڪانئن ڌار ٿيئي ڪين. هو هر وقت، هر جاءِ ساڻن گڏ آهي ئي آهي.

دادا سان وداع

ساڌو واسواڻي اڃا ڏينهن مس آگري ۾ هو، ته ڪراچيءَ مان تار رستي خبر مليس ته سندس دادا شري ٻهلاجراءِ بيمار آهي، سو هو پرنسيپال کان آگيا وٺي سڌو اچي ڪراچيءَ پهتو ۽ پنهنجي پوڄنيه پرماتما جي شيوا چاڪريءَ ۾ لڳي ويو. پر ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن اَمر ٿئي ايشور جو. دوا درمل ۽ شيوا چاڪري جاري هوندي به منهنجي پياري بابا جي حالت

جنم ڀوميءَ ۾

ٽي قرض

هڪ هڪ مهاپرش ائين سمجهندو آهي ته مٿس ٽي قرض آهن (۱) جنمي ماتا جو (۲) جنم ڀوميءَ جو (۳) ماتر ڀوميءَ جو. واسوانيءَ جيءَ پنهنجي جنمي ماتا ڏانهن ته پنهنجا سڀ فرض پورا ڪيا. ماتر ڀڳتي ته سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. ۽ جڏهن کان هن پنهنجو عهدو ۽ اقبال تياڳ ڪيو، تڏهن کان هن کي ديش جي سوتنترتا لاءِ لڳن لڳي وئي هو ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويو ۽ ديش ڀڳتيءَ جو انگ نوجوانن جي دلين اندر ڦوڪيائين. هاڻ وقت آيو هو جڏهن هو پنهنجي جنم ڀوميءَ جو قرض لاهي.

ڪاريه ڪيندر

پنهنجي دادا جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ کانئس ڪراچيءَ ۾ رهيو نه ٿيو. سو هن اچي حيدرآباد کي پنهنجو ڪاريه ڪيندر بڻايو. هت وٽس ڪيترائي ڀائر ڀينر ڇڪجي آيا، خاص ڪري ڪي بالڪيون اهڙيون وٽس آيون جن پنهنجي سمست جيون جي ڀيٽ اچي کيس ارپڻ ڪئي.

سکي ستسنگ

سنه ۱۹۳۱ع ۾ ساڌو واسوانيءَ حيدرآباد ۾ سکي ستسنگ جو پايو وڌو، جنهن جي سهاري هيٺ روز صبوح شام ڀينرن جو ستسنگ ٿيندو هو ۽ شيوا جا ڪاريه پڻ ٿيندا هئا. ستسنگ ۾ واسوانيءَ جي دل ڇهائيندڙ اپديش ٿيندو هو. ڪاريه ڪرمن جا ڪاتا ناهيا ويا ۽ هڪ هڪ ڪاتو ڪنهن نه ڪنهن ڀيڻ کي

سنستائن جو هو ميمبر هو. اُنهن جا بانيڪار ۽ ڪاريه ڪرتا ڀڻ سنڌس اَنتم ياترا ۾ اَچي شريڪ ٿيا. هڪ هڪ جي مک تي ڏک جي ڇايا هئي. سڀني ائين پئي سمجهيو ته هنن پنهنجي ئي گهر جو هڪ اَمولڪ ڀاتي وڃايو آهي. هڪ گرهستي جيئن ٿي ڪري ٻه پُوڄيه پتا اَهڙي ته سندر جيون گهاري هئي جو هُو سڀني لوڪن جو پيارو ٿي ويو هو. سنڌس اَرٿيءَ سان لوڪ سؤن جي سنکيا ۾ شمشان ڀوميءَ تائين ويا. اَنتم ڪريا ڪرم واسواڻي جيءَ ۽ سنڌس ڀاءُ منگهن، پياري جشن ۽ پياري رام پنهنجن هٿن سان ڏنا، نيتيءَ ۽ مريادا پُوروڪ ڪيو.

اَهڙيءَ طرح هيءُ پريُوءَ جو پيارو، سنسار ۾ پنهنجي سڳند هاريندو، مشڪندو، مرلي ڌام ڏانهن پڌاريو ۽ وڃي ڪرشن جي ڪمل چرنن ۾ وشرامي ٿيو.

شڪنتلا به ٿي رواني

پوڄيه پتا جي شرير تياڳڻ کان پوءِ منهنجي وڏي ڀيڻ شڪنتلا جي دل ڏک ۾ مرجهائجي ويئي. هاڻ هن لاءِ جهان ۾ جيئڻ ئي جنجال ٿي پيو. پتا جي وڇوڙي ۽ ويوڳ ۾، هوءَ سانت ئي سانت ۾ ڳرندي ۽ جهرندي ويئي، ۽ ڏهن مهنن کان پوءِ، ١٩٣٠ع جي شروعات ۾، سنڌس نرمل آتما پڻ سري ڪرشن جي سجايل، سونهري رٿ ۾ سوار ٿي، سنڌس نرمل ڌام ڏانهن پڌاري. اِها ڏکدائڪ خبر جڏهن واسواڻي جيءَ کي پهتي، تڏهن هن ٻالڪي شڪنتلا لاءِ پريُوءَ در پرارٿنا ڪئي ته سنڌس اُجول آتما شل پريُوءَ جي گود ۾ نتيه نواس ڪري.

ستلن کي سجاڳ ڪنديون، غافلن کي خبردار ڪنديون هلنديون هيون ۽ اچي ستسنگ ۾ وهنديون هيون. پوري وقت تي ستسنگ جو گهنڊ وڄايو ويندو هو، جنهن جو مٺو آواز هيراباد ۾ پري پري ٻڌڻ ۾ ايندو هو. گهنڊ جڻ ته هڪ هڪ پياسي روح کي پيو سڏيندو هو ۽ چوندو هو ته:

"سڪ ساگر ۾ آءِ ڪر مت جائو ڙي پياسا پياري."

سادگي

واسواڻي جي پنهنجن اپديشن ۾ ٻين ڳڻن سان گڏ سمي انوسار سادگيءَ تي ڏاڍو زور ڏيندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترين ڀينرن اڇا ۽ چمڪندڙ وستر ڇڏي، سادا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا. اهڙي طلسمي نتيجي ڪيترن ماڻهن جا ڪپاٽ کولي ڇڏيا ۽ هو ساڌو واسواڻيءَ کي هڪ جوڳي جادوگر ڪري سمجهڻ لڳا.

ڀائر به شامل

ستسنگ وڏو زور پڪڙيندو. هاڻ ڪن ڀائرن جي پڻ دل ٿي ته اسين به چونه ساڌو واسواڻيءَ جي ستسنگ ۽ اپديشن جو لاڀ وٺون؟ سو وٽنس لنگهي آيا ۽ نمرتا ۽ عزت سان، ادب جا هٿ ٻڌي چيائونس ته سائين، اسان کي به نام لاءِ پياس آهي. اسان کي به موڪل ڏيو ته ستسنگ ۾ شامل ٿيون. واسواڻي جي سندن پياس جي پڪار ٻڌي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ ڀائر ۽ ڀينر ٻئي ستسنگ ۾ اچڻ لڳا ۽ نام روپي امرت جل پيئڻ لڳا. صبوح شام اهي پياسي روح ايندا هئا ۽ اچي پنهنجي روحاني پياس ٻجهائيندا هئا.

ڀائرن ۾ اول اول ڊاڪٽر رامچند مورجاڻي ڇڪجي آيو. پوءِ آيو ڀاءُ گنگارام ساجنداس، جو پوءِ ستسنگ جو ۽ ميران اسڪول جو سيڪريٽري ٿيو.

سپرد ڪيو ويو. مثلاً ستسنگ جي سيڪريٽري ٿي مسز پارپتي ڪندنمل ملڪاڻي ۽ ميران پتر جي سمپادڪا ٿي ڪماري شانتي منگهنمل ماکيجاڻي. هن پتر ۾ ساڌو واسواڻيءَ جا سندر ويچار ۽ سنتن ۽ مهاتمائن جا جيون چرتر ۽ سندن سکيائون پرڪاشت ڪيون وينديون هيون. ستسنگ پاران شيوا جو کاتو پڻ کوليو ويو، جنهن دواران سفيد پوش گهرجائو گهرن جي گپت نموني ۾ شيوا ڪئي ويندي هئي. ستسنگ جون مکيه پيئرون هيون پارپتي ملڪاڻي، شانتي پارپتي ماکيجاڻي، ستي ٿڌاڻي، رڪمي ۽ ديوڪي هاٿيراماڻي، پارپتي ۽ ڪلان شهاڻي، گوپي ۽ نونند سجان، ليلان واسواڻي ۽ بالڪي شانتي هوتچند جنهن کي پوءِ واسواڻيءَ پنهنجي ڌرم جي ڌيءَ ڪري اپنايو.

فيشن خلاف

ساري سنڌ پرانت ۾ حيدرآباد شهر فيشن جو مرڪز هو. اتي ٽڪاڻا ٿورا نه گهڻيئي هئا، پر اتي اڪثر ورڌ اوستا جا پاڻ پيئر ويندا هئا. نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٽڪاڻن ۾ فقط امتحانن جي ڏينهن ۾ متا ٽيڪ ڪندا هئا. باقي وقت هو پنهنجي جوانيءَ جي جوش ۽ مستيءَ ۾ ٿي رهيا. ساڌو واسواڻيءَ جي سکي ستسنگ دواران حيدرآباد ۾ ڀڳتيءَ جي لهر شروع ٿي ويئي، جنهن لهر ۾ اتي جا نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڻ ڇڪجي آيا. ساڌو واسواڻيءَ ڪين ڏين ڌرم جي واٽ ۾ وڌيڪ ڇڪڻ لاءِ انگريزي ڀاشا ۾ پڻ ليڪچر شروع ڪيا، جن جو پرڀاءُ ڪيترين دلين تي ٿيو.

پرڀات ڦيري

سويل صبوح جو ستسنگ جون بالڪيون پرڀات ڦيري ڪڍنديون هيون، جنهن ڪري شهر جي مکيه گهٽين ۽ گلين مان سندن ڀڄن ڪيرتن جا مٺا آواز پيا پڙگهم ۾ ايندا هئا. هو

نہ ڪجھ ڪريون. دادا واسواڻيءَ کي لڳن لڳل هئي تہ ڀارت جي پراچين رشين ۽ سنتن جو سنديش پکيڙيان تہ جيئن اگيان، اوشواس ۽ انڌشرڌا جي اونداهہ دور ٿئي ۽ گيان، وشواس ۽ شرڌا جو پرڪاش چمڪي. پريو اِن ئي نموني پنهنجا دويہ ڪاريہ پيو ڪري. اهڙي وچتر نموني ۾، سنت مالا جي آواز داران حيدرآباد جي سنڌي گهرن ۽ دلين ۾ هڪ نئون پريورتن اچي ويو.

وديا ڪيتر

دادا واسواڻي پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ستسنگ جي هڪ سندر سوکڙي ڏئي هڪ انوکي سيوا ڪئي. پر هن اڃا بہ وڌيڪ سنڌس سيوا ڪرڻ ٿي چاهي. هن وديا جي ڪيتر ۾ ڪيڏو نہ اونهون ۽ اُتم ڪاريہ ڪيو هو! ڪيس سالن جو آزمودو هو. اندر جو اُڀيو هو. سنڌس اکين ۾ هڪ سونهري سپنو ٽڪي رهيو هو. جنهن کي هن ساڪار ڪرڻ ۽ چٽو روپ ڏيڻ ٿي چاهيو.

نئين رٿ

هڪ ڏينهن ڀڳوان جي ڀاوي سوئم مشڪندي آشرم ۾ آئي. پيارو دادا آشرم جي هڪ ننڍڙيءَ ڏُچتيءَ ۾ ٻالڪين جي وچ ۾ موج ۾ ويٺو هو، ۽ مشڪندي کين چيائين تہ ”ڪهڙو نہ چڱو ٿئي، جيڪر سنڌي ٻالڪين لاءِ هڪ نئين پرڪار جو اِسڪول کلي، جو سنڌي جاتيءَ جي گهرج پوري ڪري!“ هي ٻالڪيون، جي ڪو خاص پڙهيل بہ ڪين هيون، تن جي هرديہ مان بہ سمپورن سهڪار جي ورتي اُٿي. پارپتي ملڪاڻي، جنهن کي سڀيئي پارپتي سڪريٽري ڪري ڪوٺينديون هيون، تنهن سان سُر ۾ سر ملائي، سڀني گڏجي بوليو: ”دادا، ڪهڙي نہ اُتم رٿ توهان ڏني آهي! بيشڪ ٻالڪين لاءِ هڪ نئون اِسڪول کلڻ گهرجي، جت توهان جي سکيا انوسار، ٻالڪيون گهڻو ڪجهہ سکنديون، ۽ اسان جي جاتيءَ جو بہ ڀلو ٿي پوندو.“

نام نگر آشرم

پيرن جي آتمڪ جيون لاءِ ٻياس ڏسي سنڌن پرڳتيءَ لاءِ ساڌو واسواڻيءَ جلد ئي هڪ آشرم "نام نگر" کوليو. ٻالڪيون ۽ پنهنجن گهرن جا سک ۽ سهوليتون تجي اچي نام نگر آشرم ۾ رهيون. سنت جي پرڀاءُ ڪري ڪين آشرم جي ڏکين نيمن پالن ڪرڻ ۾ به آنند ٿي آيو. واسواڻي جي وقت به وقت پيو ڪين آشرم ۾ ملندو هو ۽ ڪين اُتساهت ڪندو هو. سندس سنگ ۾ رهي، سندس چرنن ۾ ويهي، سندن سيئي ڏک سور وسري ويندا هئا. سنت به پنهنجي هرديه جو نرمل پيار پيو پياريندو هون، جيئن ڪ ماتا پتا پنهنجي سنتان کي پيار ڏين. آشرم جي پيرن پاڻ ۾ چيو: "ساڌو واسواڻي اسان کي روحاني رهبر، وڏي ڀاءُ، ۽ دادا جيان پيو پيار ڏي. اڄو ته اسين کيس ڪوٺيون دادا واسواڻي!"

دادا واسواڻي

بس پوءِ ته ساڌو واسواڻيءَ ٿي نالو ئي پئجي ويو دادا واسواڻي. اُبر سنڌ جو ساڌو واسواڻي هينئر حيدرآباد ۾ بڻجي پيو **دادا واسواڻي**! هڪ هڪ کي هن دادا جيان پيار ڏيئي، قرب ۾ پاڻ وٽ قابو ڪيو.

سنت مالا

دادا واسواڻي سنت مالا نالي هڪ ماهوار پتر ڪڍيو، جنهن ۾ سنتن جا جيون چرتر ۽ سکيائون پرڪاش ٿينديون هيون. آشرم جون پيرون سنت مالا لاءِ چندا چاڙهائي اينديون هيون. هي پيرون جيتوڻيڪ گهٽيون وديا وان ڪين هيون، پر جيئن ته کين پياري دادا لاءِ اُتي پريم ۽ ڀڳتي هئي، ليئن هنن سندس شيوا جي ڪارين ۾ ڪا به ڪسر ڪانه ڇڏي. پيرن جي سچائي ۽ درڍتا لک لهي! سندن رڳ رڳ ۾ اُهوئي اُمنگ اُچلون ڏيئي رهيو هو ته اُسين پنهنجي آتمڪ نيتا، پنهنجي گرديو لاءِ ڪجھ

ميران اِسڪول

آرتوار ۴ جُون ١٩٣٣ع، ميران هلچل جي تواريخ ۾ هڪ سونهري ڏينهن آهي. پوتر پربات جي پڙدي ۾، پياري دادا ستسنگ ڪيو. هَوَن ۽ پوڄا ٿيا. شاسترن مان پاٺ ٿيو ۽ ميران ودياهلچل جي سهاري هيٺ، نوين اسڪول جو اُدگهاٽن ٿيو. اسڪول جي نالي رکڻ لاءِ دادا ڪنهن سنت يا سنتياڻيءَ جو نالو رکڻ ئي اُچت سمجهيو. اسڪول آدرشن تي هاي ته نالو به مهان ئي هئڻ جڳائي. شري ڪرشن ڀڳتيءَ ۾ ڀرپور سنتياڻي ميران جو مٺو نالو پياري دادا جي انتر آتما ۾ اُڀري چمڪيو. سو اسڪول تي نالو رکيو ويو **"ميران اسڪول"**.

چار آدرش

اسڪول جا هي چار آدرش رکيا ويا: (١) سادگي (٢) شيوا (٣) پوترتا (۴) پرارٿنا. ڪهڙا نه سندر ۽ اُتم آدرش! پياري دادا سمي جي حالتن کي وچار ۾ رکي ئي اِهي اوچ آدرش چونڊيا. ميران بالڪين لاءِ ڏگهين ٻانهن سان ڪڙتن ۽ پتلونن جي اوشڪتا هئي. سو اُهي لازمي ٺهرايون ويئون ته جيئن نياڻين جو انگ چڱيءَ طرح ڍڪيل هجي ۽ ساديون هجن. هڪ وشيش ڳالهه هئي؛ اسڪول جي ڪارروائي آرنڀ ٿئي، تنهن کان اڳ سيئي وديارٿي ۽ اڌياپڪ، پرارٿنا هال ۾ گڏجي ايشور جي اُستتي ڪندا هئا. بالڪيون گيت ۽ ڀڄن ڳائينديون هيون ۽ سيئي پريوءَ جي آسيس وٺي پوءِ ڪلاسن ۾ ويندا هئا. ميران بالڪين ۾ شيوا جا سنسڪار به وڌا ٿي ويا. دادا واسواڻيءَ جو هميشه شيوا تي زور هوندو هو. سندس چوڻ هو ته جي هٿ شيوا ڪن ٿا، سي هٿ سڀاڳا آهن. جي پير ڪنهن شيوا جي ڪار لاءِ پنڌ ڪن ٿا، سي پير سڀاڳا آهن. جيون سڦل اُنهي آهي جو ٻين لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪري ٿو، جو ڏکين ڏکيسن جي آسيس وٺي ٿو، جو مسڪينن ۽ غريبن جي شيوا ڪري ٿو.

ٽڪي جي ڪرامت

دادا واسواڻي هڪ وار ڪنهن چڱي ڪاريه ڪرڻ جو سنڪلپ ڪندو هو ته ٽرسندو ڪين هو، پاڻ اَنڙو (اَنين منهي چاول) هو، سو سنسار جي ڀلي لاءِ سڀ سندر ڪاريه ٽرنت ئي ڪرڻ ٿي چاهيائين. پنهنجي ٻاٽيءَ ۾ هڪ هنڌ چيو اٿس: ”تنهنجي رحم جا ڪم آهن ٽڪڙا ٽڪڙا.“ ٻالڪين کي چيائين: ته ”هيئنر جو هينئر ئي اِن مهان ڪاريه جو آرنڀ ڪرڻ ڄڳائي.“ ڪيس وڏو ڪڙتو ڀيل هو، جنهن جا ڪيسا به هئا وڏا. اَندر هٿ وڌائين ته نڪري آيو ڪيول هڪ ٽڪو. (اَڄڪلهه جا ٽي پئسا)! اِهو ٽڪو **جوڳي جادوگر** جو ٽڪو هو، جنهن ۾ قارون جا اڪت خزانا ڀريل هئا، جي اُن وقت ڪيول پياري دادا کي ئي ڏسڻ ۾ آيا. دادا اُهو ٽڪو، پارٻتي سيڪريٽريءَ کي هٿ ۾ ڏيئي چيو: ”هيءَ نئون اسڪول هن ٽڪي سان آرنڀ ٿيندو.“ پارٻتي، جنهن لاءِ دادا سؤ ڀڳوان هو، تنهن پورن وشواس سان چيو: ”ها دادا، اَوش ٿيندو. توهانجو ٽڪو به سڀاڳو جو توهان پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪيس کيسي مان ٻاهر ڪڍيو آهي. هن ٽڪي ضرور ڪي پورب جنم جا ڀڄ ڪيا هوندا جو توهانجي ڪر ڪملن جي سپرش جو سؤ ڀاڳيه مليو اٿس. دادا، مونکي پورن وشواس آهي ته هن ٽڪي سان ڪروڙن جا ڪاريه ٿيندا ۽ سڦل ٿيندا. مان اِسڪول لاءِ چندا چاڙهائي ونئي ايندس. توهين جلد ئي اسڪول کوليو.“

پين ٻالڪين به پارٻتيءَ سان يڪراءِ سات ڏنو. هو ڪو خاص شاهوڪار گهرن جون ڪين هيون، پر ڪين اها شردا هئي ته سنت جو ڪاريه پريو پاڻيهي اَچي ڪري ٿو. سندن دادا هڪ سنت هو، پريوءَ جو پيارو هو. سو پنهنجي پياري جي شڀ ڪاريه لاءِ پريو اَوشيه اَچي سهاتتا ڪندو. پئسا ڪٿان نه ڪٿان اَچي سهڙندا.

جو اَڄ ٻہ جي ملڪن ۾ مان آهي ته اُهو ٻہ ڪي قدر ڀارتي نارين جي ڪري اَٿو. جنهن ڏينهن ڀارتي ناريون پوترتا جي اوچ آدرش کان منهن موڙينديون، تنهن ڏينهن هو پنهنجي ديش کي هيٺ ڪيرائينديون. تنهن ڪري پنهنجي جيون ۾ پوترتا جي جوت جڳايل رکو.”

ميران اِسڪول ۾ مهاپرشن ۽ ويرن جا ڏينهن پڻ ملهايا ٿي ويا. هڪ وڏي هال ۾ سندر تصويرون ٽنگيون ويٺيون هيون جيئن بالڪيون روز سندن درشن ڪن ۽ آسيس وٺن. اِسڪول کي هڪ سٺي لئبرريءَ پڻ هئي جنهن لاءِ ڪتاب دادا واسواڻيءَ پاڻ چونڊيا. دادا اَڪثر ڪري بالڪين جي پوڄا پرارٿنا ۾ شامل ٿيندو هو ۽ پنهنجي آسيس جا ڪي اَکر چوندو هو.

دادا جي سڳنڌ ۽ جوت

دادا واسواڻيءَ شروع ۾ ڪاليجي وديارٿين کي سکيا ڏني. تنهن کان پوءِ نوجوانن ۽ بزرگن سان هن ڪم ڪيو. هيئنر هن مهاپرش ننڍڙين بالڪين جي ويهڻي آسيس ورتي ۽ سندن معصوم، نرمل ۽ ڪچڙين دلين ۾ سٺن سنسڪارن جا ٻج ڇٽيا، جيئن سمي پائي اُنهن مان پلا پاڇيا ۽ ڦليل ڦوليل ورڪش اُڀرن. پر وڻ ته پنهنجا ڦل ڦول هڪ ئي جڳهه تي ويهي ڏئي ٿو، ۽ هي ميران بالڪيون ۽ ميران وديا هلچل حيدرآباد ۽ هاڻ جت ڪٿ، پياري دادا جي سندر سکيائن ۽ رشمين ۽ سٺن جي آتمڪ اُديشن جو ڦهلاءُ ڪن ٿيون. هو جت وڃن ٿيون اُت اُها سڳنڌ پکيڙين ٿيون. هو عطر ۽ عنبير جيان پنهنجي گرديو جو آتمڪ هڳاءُ ڏهن ئي ڏسائن ۾ ڦهلائين ٿيون. هڪ ڏينهن اِها خوشبوءِ، اِها وديا جي روشني، ساري وشو کي سڳنڌت ۽ پرڪاشت ڪري ڇڏيندي !!!

جيوَ ديا

ٻي به هڪ ڳالهه جنهن تي ميران اِسڪول ۾ ڏاڍو زور

”غريبن جي شيوا آهي پرڀوءَ جي پوڄا.“ اِهي اَمر وچن هن وري وري چيا. اسين پليءَ مندر ۽ مسجدن ۾، گردوارن ۽ گرجائن ۾ گهنڊ گهڙيال وڄايون، پاٺ پوڄائون ڪريون، ڌيان ڪريون ۽ نام ڳايون، پر جي ڪنهن دکيءَ دل جي پڪار نه اُونائيسين، جي ڪنهن بکايل کي روٽيءَ ٽڪرو نه کارايوسين، جي ڪنهن اُگهاڙي کي انگ وستر نه ڏنوسين ته اسان جون پاٺ پوڄائون سڀ وئرٿ ويئون. ننڍي هوندي پاڻ خود هڪ سندر مثال پيش ڪيئن ته اِسڪول جي ٻارن ۾ شيوا جو انگ قوڪيو هئائين. وڏي هوندي به پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو ضرور غريبن تي خرچ ڪندو هو. پنهنجو عهدو ۽ اِقبال ڇڏيائين، پر غريبن جي شيوا مور ڪين ڇڏيائين. ديني دکين لاءِ سندس دل ۾ ديا ۽ پيار ڏسي، لوڪ کيس شيوا لاءِ لکائي ناٿو ڏيئي ويندا هئا. هيئنئر جڏهن هن ڪيترن ڏکين سان ڪم ڪتي ڪيو تڏهن منجهن شيوا جو ٻج ڇٽڻ لڳو؛ ايتري قدر جو ميران ٻالڪيون ڪيترا دفعا اِسڪول ۾ پنهنجي هٿن سان غريبن لاءِ ويهي ڪاڌو رڌينديون هيون ۽ اُهو وٽن کين کارائينديون هيون. رڌڻ وقت هو رام نام ڳائينديون هيون ۽ ڏاڍو وسرهيون لڳنديون هيون. پنهنجي هٿن کسي ۽ جيون کي سڦل ڪرڻ جو سؤ ڀاڱيه جو ملين تي. چوٿون آدرش جو دادا واسوانيءَ اِسڪول کي ڏنو، سو هو پوترتا جو. هن ميران ٻالڪين جي اندر ۾ پوتر، نرمل جيون گهارڻ لاءِ اُمنگ جاڳايو. سيتا ماتا ۽ ستي ساوتريءَ، دروپديءَ ۽ دمينتيءَ، گارگيءَ ۽ مترييءَ جون عاليٰ جيون ڪهاڻيون ٻڌائي دادا واسوانيءَ کين چيو ته: ”توهين به سندن نرمل ۽ آدرشي جيون جي پيروي ڪريو. ڀارت جي ديوين جو اوچ آدرش آهي پوترتا. پوترتا آهي ناري جيون جو ڇت؛ پوترتا آهي پيمزن جو سڀ کان اوچو مٿيو؛ سڀ کان قيمتي پوشڻ. مثان پوترتا جي آدرش کي وساريو آتو. ڀارت

اِسڪول آهي منهنجي ڳوڙهن جو ٻالڪ. پنهنجي پياريءَ سنڌي سماج جي دکدايڪ اوستا ڏسان ٿو ۽ سمجهان ٿو ته ان کي پوترتا ۽ سادگي ۽ شيوا جي شڪتي کپي. اسان جي پنگت کي نام جو ٻل کپي. شل ميران اِسڪول جون ٻالڪيون انهن نرمل آدرشن ۾ اسرن ۽ اسان جي سڄل سماج ۾ نئين سجاڳي، نئين روشني آڻين."

ميران اِسڪول بيشڪ دادا واسوانيءَ جي ڳوڙهن جو ٻالڪ هو، لڙڪن جو لعل هو. سندس تياڳ ۽ تپسيا جو سنتان هو. هن سنت جي نئنن ۾ هڪ نئي سپنو پئي نچيو ته سنڌي سماج جا گهر ٿين. ۽ گهر تڏهن ٿا ٿين جڏهن ماتائون آدرشي جيون وتيت ڪن ٿيون. ميران اِسڪول جون ٻالڪيون وڏي هڪ ڏينهن آدرشي جنيون، ماتائون ٿينديون، گهر ٺاهينديون ۽ پنهنجي سنتان جي چڱي سنڀال لهنديون.

پهريون مئنيجر

ميران اِسڪول جو پهريون پهريون مئنيجر راءِ بهادر فتحچند لڪاڻي بڻيو. هن ڪوئٽيا ۾ ايگزيڪيوٽو انجنير جو اوچ عهدو ماڻيو هو. هاڻي حيدرآباد سنڌ ۾ رهيو پيو هو. ڪيس جڏهن ميران اِسڪول ۾ مئنيجر جي ڪرسي سينگارڻ لاءِ عرض ڪيو ويو تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم پنهنجي قبوليت ڏنائين. چيائين ته هي ته منهنجا ڀاڳ ڀليرا ٿيا آهن جو سنت واسوانيءَ جي ڇايا هيٺ ڪم ڪرڻ جو اوسر مليو اٿم. سو ڏاڍي پريم ۽ اُتساهه ۾ بنا اُجوري هن ڪار ۾ کي جنبي ويو. ڪوئٽيا ۾ ته سندس آفيس شاندار هئي ۽ ڪئين زبردست ۽ پٽيوالا سندس هيٺان هئا. پر هت ڪيس هڪ ننڍڙي نماڻي ڪوٺي ۽ هڪ پٽيوالو ڏنو ويو، جي وٺي هو ڏس نه پيو ٿري. ڇي نڀايان ته تور نڀايان ۽ ڪيائين به ائين. نياڻين جي شيوا جو موقعو جو

ڏنو ويو، ساهه ۾ جيءَ ڏيا. دادا واسوانيءَ جي ڪومل هردي ۾ پکين پسن ۽ هر جيوَ جنتوءَ لاءِ پيار ڀريو اُڇلون ڏيندو هو. حيدرآباد جي گهٽين گهرن ۾ ماس آهار واپرايو ويندو هو. ان ڳالهه ڪري سندس دل نهايت دکي ٿيندي هئي. سنسنگ جي گهٽين پائرن پيئرن سندس اثر هيٺ اچي ماس ڇڏي ڪاٺ ڇڏي ڏنو هو. هيٺئر ميران بالڪين اڳيان جيوَ ديا جو آدرش رکيو ويو، جيئن هو پنهنجي نرمل شريرن کي اَپوتر ۽ اَشپ نه بڻائين. دادا واسواڻي چوندو هون ته جي توهين پنهنجي شرير ۾ جانورن جو ماس وجهنديون ته اُنهن کي قبرستان بڻائينديون. توهين انهن ڪداچت نه کجو. اهي گڏگدام جانور به توهان جا ننڍڙا پائر ۽ ڀينر آهن. اُنهن جي سنڀال ڪريو. انهن کي پيار ڏيو. اُنهن کي ڪاڏو ڪارايو ۽ سندن آسيس وٺو.

۴ جون ١٩٣٣ع آرتوار جو ڏينهن هو. پرڀات جي پرشانت وايو منڊل جي پردي ۾ دادا واسواڻيءَ پنهنجي ڪرڪملن سان هوم جي اگني ٻاري. ويدن، اپنشدن، گيتا ۽ گربانيءَ مان سلوڪ اُچاريا ويا. پائرن ۽ ڀينرن جي اَنتر آتما ۾ به اَنوکيءَ آشا جي سورج ديوتا جو چمتڪار جاڳي اُٿيو. آڪاش مان ديوَن ۽ ديوتائن به آنند ۾ اچي پشپن ۽ پنکڙين جي ورکا ڪئي.

پائر ۽ ڀينرون چڱي انداز ۾ اچي ڪٺا ٿيا هئا. ميران بالڪيون به اٽڪل ڏيڍ سوَ جي تعداد ۾ اچي اُپسٿت ٿيون هيون. هو ٻين چڱن اسڪولن ۾ پڙهيون ٿي، پر سندن مائٽن پنهنجي بالڪين کي ساڌو واسواڻيءَ جي هن نئين اسڪول ۾ وديا ڏيارڻ ٿي چاهي. خود بالڪين به اهائي اچا ڏيکاري.

ان سندر سمي دادا واسواڻيءَ جيئن اُپديش ڀي ڏنو، تيئن پڌندڙن ائين پئي انڀو ڪيو، ڄڻ ته هو سنتياڻي ميران ٻائيءَ جو سڳو پاڻ آهي ۽ هوءَ پاڻ سندس مک مان بولي رهي آهي. اُپديش ۾ دادا واسواڻيءَ چيو: "پيارا پائرو ۽ ڀينرون! ميران

حيدرآباد جي بجلي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندو هو. اُن بجليءَ
ڪان به وڌيڪ چمڪندڙ بجلي سندس رڳن ۾ ٿي ڊوڙي. هو ڪم
جو لکو ۽ تيز فهم هو. وڏي ڳالهه اِها هئي ته پياري دادا لاءِ
سندس هرديه ۾ پريم ۽ شرڌا ۽ ڀڳتي هئي. هو صدق جو سپاهي
هو. دادا سندس صورت ۽ سيرت ڏسي، اِچا ڏيکاري ته جيڪر
هي نوجوان ميران اِسڪول جو نئون منيجر ٿئي. بس، هن
سورهيه سالار به نه ڪئي هم، نه ڪئي تم، سڌو وڃي بجلي
ڪمپنيءَ کي پنهنجي استعيفا ڏئي آيو ۽ مشڪندي مشڪندي
دادا کي چيائين: ”پيارا دادا، هيءَ جان حاضر آهي!“ مکي
منگهارام ۽ هرڪشنداس، جن وٽ شري گنگارام ڪم ٿي ڪيو،
۽ سندس وڏي ڀاءُ شري نارائڻداس کيس گهڻو ئي سمجهايو ته
اهڙي سٺي نوڪريءَ کي هيئن نوڪر نه هڻ، پر هن پياري جي
هرديه ۾ پروسي جو پندار پيل هو. سو چوڻ لڳو ته نَرُ جي
نوڪريءَ کان نارائڻ جي نوڪري ڀلي! پل تـه جڳهه ڦري وڃي،
پر پنهنجي پريتم جنهن جي پاڇي ۾ اُئي منهنجي مکتي آهي،
تنهن کي هارڻ ڪداچت ڪين ڇڏيندس. بجلي ڪمپنيءَ جو پگهار
بيشڪ وڌيڪ سٺو هو، پر سنت جي شيوا جي قلن مٺ به مٺي
پيو پائيان.

ميران اِسڪول جي مالي حالت مسڪينيءَ جي هئي. پر
هن شير جي دل شاهه هئي. سندر ڏر مهتنيءَ کي اَلبت مٺين ۽
ڪجڙن پائڻ جو شوق هو ۽ سڪي جيون گهارڻ لاءِ دل ۾ حسرتون
هيون. پر هوءَ پورن پتي ورت پتني هئي. سو هن به پنهنجي
پتيءَ سان پورن سهڪار ۽ اِساٿ ڏنو. سندن گرهستي گاڏو
قولن جي شاهراهه تان ڪين ٿي هليو، پر هت تـه هو ”آٽين ۽
چاڙهين، ڏُٽ ڏهاڙي سومرا!“ ڪنهن ڏهاڙي ته اهو ڏٽ به
نصيب ۾ ڪين ٿي ملين. ان ويل هنن سنت جو درشن ڪري پنهنجي
پنهنجي پياس ۽ اگن بجهائي! سندن راهه سخت هئي جت چانئيل

کيس مليو هو، تنهن کيس آنند ڪيو هو. کين پنهنجون ڌيئر سمجهي پيار ۽ قرب ۾ پاليندو هو.

هڪ دفعي ڪنهن ميران ٻالڪيءَ اسڪول ۾ خوب مستي ڪئي. مئنيجر لڪاڻي به خوب اچي مٿس ڪاوڙيو. ٻالڪي ويچاري هيسجي ويئي ۽ نماڻين اکين سان ڏانهنس نهارڻ لڳي. بس، اُن رات مئنيجر کي ننڊ اُئي نه آئي. سويل صبح جو دادا واسواڻي وٽ آيو ۽ پنل اکين سان اچي کيس چيائين ته، سائين، اُن ٻالڪيءَ جو ويچار ڪري سڄي رات منهنجي اک اُئي ڪين لڳي. ناحق مون مٿس ايڏي ڪاوڙ ڪئي. هوءَ ضرور مون تي رنج هوندي. دادا، مون تي اهڙي ڪا ڪرپا ڪريو جو مان نياڻين جي سديو آسيس وٺان ۽ سندن رنج نه ڪٽان.

راءِ بهار لڪاڻي، اچا ست مهنا مس ميران اسڪول جي شيوا ڪئي ته اچي بيمار ٿيو. گهڻيئي دوائون درمل ۽ حيلا هلايا ويا، پر ٢٦ ڊسمبر ١٩٣٢ع ۾ هن پريميءَ جو پران پکيئڙو پر کولي پريم پريءَ ڏانهن پرواز ڪري ويو. ٿوري ئي سمي ۾ جا هن سينٽي جي پريم سان شيوا ڪئي هئي، تنهن سينٽي جي دلين ۾ هڪ پڪي جاءِ جوڙي ڇڏي هئي. ائين کيس اوچتو الوداع ڪندو ڏسي سينٽي جون دليون پرجي آيون ۽ سندن نيترن مان جل ڌارا جاري ٿي ويئي. نرمل پريم ۽ قربانيءَ ۾ ڪيڏي نه شڪتي آهي!

نوجوان گنگارام ساجنداس

سرڳواسي راءِ بهار لڪاڻيءَ جي ڪرسي، ڪجھ وقت رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر شري وسنيرام ماڻي. پر جلدئي پياري دادا جي در تي هڪ ڳڀرو نوجوان آيو جنهن جو اُتساهه ۽ امنگ هماليه پهاڙ جيان اوچو هو. تنهن اچي هن ڪرسيءَ جي واڳ سنڀالي. ۽ اهڙي سنڀالي جو ٤٧ سال ٿيا آهن ته اجا پيو پريم ۽ لگن سان سنڀالي! سندس نالو آهي شري گنگارام ساجنداس! هي نوجوان

پتا پوُرن سهڪار نه ڏئي ته گهر جو گاڏو ئي نه ٿو گهلجي. ساڳيءَ ريت ميران اسڪول ڪلهڻ سان ٻالڪين جي وديا ۽ چرتر تي خيال ته بخوبي ڏنو ويو، پر ٻالڪ، جي هڪ ڏينهن وڏي سماج جا شيوڪ ٿيندا، تن جي شڌ ٻڌيءَ، سيپتا ۽ سنسڪرتيءَ جي سنچار لاءِ به دادا واسوانيءَ اونهون تَوَجُ ڏنو ۽ جلد ئي سندن لاءِ هڪ ڌار اسڪول برپا ڪيائين جنهن کي نالو ڏنائين

شڪتي اسڪول.

شري ڪشنچند گدواڻي

نوجوان ڇوڪرن جي رڳ رڳ ۾ هڪ اٿاهه شڪتي ڀيٽي ڊوڙي. پيارا دادا سوچيو ته جي اُن گپت شڪتيءَ کي کولي، ان جو نيڪ طريقي سان استعمال ڪجي ته جيڪر هڪ نئين لهر جاري ٿي پوي. ان لاءِ هن گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ شري ڪشنچند گلابراءِ گدواڻيءَ نالي هڪ لائق ۽ آزمودگار انسان کي، شڪتي اسڪول جو پهريون پرنسيپال ڪري رکيو. هي سڄڻ هڪ رٽائرڊ آفيسر هو ۽ پنهنجي مڪڻ مانيءَ وارو سولنتر ۽ آدرشي انسان هو. سڀ ڪجهه هوندي به هن پنهنجي جيون ۾ جنهن شيءِ جي ڪمي محسوس ٿي ڪئي سا هئي سنتن جي آسيس. سا هاڻ سؤ يم اچي سندس جهول ۾ پيئي، ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي جيون جي آزمودن سچائيءَ ۽ شڪتيءَ سان شڪتي اسڪول جي سڌاري ۽ واڌاري جي ڪاري ۾ لڳي ويو. هن خوب شيوا ڪئي ۽ نام ڌن ۽ سنتن جي آسيس ڪمايائين. شري ڪشنچند گدواڻي هڪ هوشيار ۽ دماغي انسان هو ۽ هلنديءَ پڄنديءَ وارو هو. حساب ۽ سائنس ۾ اهڙو ته هوشيار هو جو هن ڪيترن وديارٿين کي هنن وشين (Subjects) ۾ ڏاڍو پڙ ڪيو. ۽ سمي پائي هو سائنس گرئجوئيٽس ٻڻيا ۽ پنهنجو ۽ شڪتي اسڪول جو نالو ۽ ناماچار ڪڍيائون. سندس پاڙهڻ جو ڍنگ ئي انوکو هو. وديارٿين جي دلين ۾ وديا لاءِ چاهه ۽ رچي

هٿا ٻهرڻ ڪنڪر ۽ ڪندا. جيون جي اُهڙيءَ راهه تان سفر ڪندي ٻه سندن منهن تي مشڪ هئي. وقتي اِسڪول کي اهو پئسو ڪين هو جو پاڻ گنگارام پنهنجو ڪجهه، اُجورو ڪڍي سگهي. تڏهن ته رمپتي لڇمي اِسڪول ۾ چٺي لکي موڪليندي هئس ته ڪرپا ڪري هڪ ٽڪوئي موڪليو ته ڪا ڀاڄي ٻٽي گهرايان. ۽ اِسڪول جي مالي حالت جو هي رکشڪ، صرف هڪ ٽڪوئي گهر موڪليندو هو. هڪ پئسو ٻه وڌيڪ نه!

سنتن جي شيوا ڪرڻ هڪ ڪٺن ڪم آهي، پر سندن سنگ ۾ رهڻ، تنهن کان ٻه وڌيڪ ڪٺن! دادا واسواڻي هن نوجوان کي سچو سون بڻائڻ ٿي چاهيو، تنهن ڪري سندس اَنيڪ آزمائشون ۽ اَگني پريکشائون ورتائين پر اُنهن آتش جي اُلن مان لنگهائيندي، هي سچو سنت، نوجوان گنگارام مٿان پنهنجي آسيس جي سيتل ورکا ڪندو ٿي آيو. هن جنهن ٻه ڪم ۾ هٿ ٿي وڌو، انهيءَ ۾ اهڙي سڦلتا پراپت ڪري ٿي آيو. مثلا ميران اِسڪول لاءِ پئسو کپي يا پلاٽ کپي يا گرانٽ کپي، پاڻ گنگارام کي اڃا چيو وڃي مس ته هي شير پنهنجي ڪمر ڪسي ڪم ۾ رڌجي ويندو هو. هيءُ پاڻ نهايت وڏي ڪارج کي سڦل بڻائي ايندو هو. سرڪاري عملدارن کي ٻه مڃائي ايندو هو. ڀلا ميران اِسڪول اڃا هو ٻالڪ اوستا ۾. گهٽيئي گهرجون ٻي پيئون.

هن نوجوان جو نالو اڄ گهر گهر ۾ عزت ۽ شرڌا سان ورتو وڃي ٿو. شري گنگارام، پياري دادا جي هر هڪ ڪارج جو هڪ وشيش اَنگ آهي. پيارو دادا پيار ۽ سنيهه وچان کيس "گنگا" جي مٺي ۽ نرمل نالي سان ڪوٺيندو هو.

شڪتي اسڪول

ڪنهن به گرهستي گهر جو گساڏو، ماتا ۽ پتا روپي ٻن ٿنڀن تي هلي ٿو. ماتا پڻ ته گهڻو ئي آدرشي هجي، پر جي

ته پيارو دادا ڌرمن جي ڪانفرنس تي وڃي ٿو ولائت، ته
ويچاريون چنتاتر ٿيون. پاڻ ۾ ڪنيون ٿي هڪ ٻئي کي چيائون
ته دادا ته آهن نرموهي. هو ته آهي هڪ لاهوتي فقير، هڪ
رمتو جوڳي. جي ولائت ويو ته پوءِ الاجي هتي واپس وري يا
نه؛ يا الاجي گهڻو وقت اُت ڪاٽي؟ اُت ته پڙهيل ڳڙهيل گوريون
منڊمون به آهن، سي ڪيئن ڪيس سترو ڇڏينديون! اسين ته انهن
اڳيان سؤنهون به ڪين. هن جوڳي جادوگر اسانجي چت کي اهڙي
ته چوٽ هڻي ڇڏي آهي، پنهنجي پريم جي جار ۾ اهڙو ته
گرفتار ڪيو آهي، جو اسين ڪاٿس هڪ ڏينهن به پري رهي
نٿيون سگهون. جيئن شري ڪرشن پنهنجي آڪرشت شڪتيءَ
سان برج جي گوپين جي هردين جو پريم مکڻ چورائي سندن
چت چريو ڪيو هو، تيئن هن پريتم به اسان کي پريم ۾ پاگل
ڪري، اسانجون ٻاليون ڀوليون، نرمل ننڍڙيون دليون
چورايون آهن! جي هي هڪ وار ولائت ويو ته پوءِ اسان جو
حال ڪهڙو ٿيندو؟ ڇا، هو اسان کي وساري ڇڏيندو!

ورهه جا ورلاپ

ٻالڪيون اِئين هڪ ٻئي سان سڪ جا سُور سلڻ لڳيون، ڪا
ڏس ته ڪنڊ پاسيري ٿي ويٺي ڳجها ڳوڙها ڳاڙي. ڪا ويٺي
سڪ جا سڏڪا ڀري، ته ڪا ويٺي اُڪير وچان اُڀا ساهه کڻي.
ڪنهن ته حب جي حجت وچان اِئين اعلان ڪيو ته مان سندس
چاڙهئت تي چرڻن ۾ ڪري پونديس ۽ کيس ٻاهر وڃڻ ئي ڪين
ڏينديس. ڪنهن ٿي ٻيءَ ورائيو ته ڳهلي! هو ڪنهن جي
جهلجڻ جو آهي ڇا؟ هو ته مرضيءَ جو مالڪ آهي. جيئن
وڻندس تيئن ڪندو. اسين سندس ڇا لڳون؟ اسان کي هو
ٻڌندو ئي ڇو؟ ائين چئي هوءَ پنهنجي ڇڏ ٻاڪ کي جهلي نه
سگهي ۽ سندس نرمل نيڻن مان ائين گنگا جمنا جو جل جاري
ٿيو، جيئن چوماسو درياهه بند ڀڃي سيلاب ڪري وهي ڇٽڪي!

پيدا ڪري، اُنهن کي خوب اُتساهت ڪندو هو. شڪتيءَ اسڪول ۾ ڪجهه سمي لاءِ ڇوڪريون پڻ داخل ڪيون ويئون. اُنهن جي به هن خوب شيوا ڪئي. پر هي پيارو گهڻي وقت تائين هتي سندر ڪاريه هلائي نه سگهيو. جلد ئي ڪيس پرلوڪ مان پروانو آيو ۽ سڀني کان موڪلائي، دادا واسواڻيءَ ۽ وديارٿين جي آسيس وٺي، شيوا جي سڳنڌ هاريندو، وديا دان ڪندو، پنهنجي نج ڌام ڏانهن پڌاريو.

سکي ستسنگ جو ڪاريه اڳتي وڌندو رهيو. پلا جو ڪم پريوءَ جي سنت جي ڇايا ۽ آسيس هيٺ ٿئي، سو ڪيئن نه اُسرندو! دادا واسواڻيءَ اسڪول ۽ ستسنگ ڏانهن ڪافي ڌيان پئي ڏنو. ستسنگ جون بالڪيون ۽ ميران اَڌياپڪ دادا جي پريم ڇهنڊي هيٺ اُتساهه سان ڪم ڪرڻ لڳا. جيئن جيئن دادا جو نرمل سنگ پئي ڪيائون ۽ سندس پاس پئي آيا، تيئن تيئن سڀني ۽ شيوا جا سندر رنگ به مٿن پئي چڙهيا. دنيا جا رنگ ڦيٽُو، کهنبي جو ڇٽڪو. پر هن رنگريز جا رنگ اهڙا نه پڪا هئا جو هڪ وار لڳا ته وري جيون ڀر ڦٽڻ جا نه هئا. سڀ کان وڌيڪ پڪو ۽ چمڪندڙ رنگ هو سچي پيار جو رنگ، جنهن ۾ هو پورن طرح رڱجي ويا.

سنتن ۾ اَلائي ڪهڙي شڪتي آهي، اَلائي ڪهڙو جادو آٿن جو، جو به سندن سنگ ۾ هڪ وار اچي، سو ڪين ڇڏي نه سگهي، ڪانئن دور رهي نه سگهي. ماکيءَ جي مک هڪ وار ماکيءَ ۾ اَندر پهتي ته پوءِ جنسي قاٿي. اُتان نڪرڻ ئي محال ٿي پوندس. سنتن جي پريم روپي ماکي به جنهن هڪ وار چکي، سو به چڙ ته سندن پريم ڏوريءَ ۾ ٻڌو.

سک ۽ سنجم

بالڪيون چاهينديون هيون ته پنهنجا گهر گهاٽ گهوري پياري دادا سان نرمل نينهن جو ناتو پڪو جوڙيون. پر هاڻ خبر ملين

سگهي ته هن ائين ڇو ڪيو؟

سنتن جي گت ته سنت ئي ڄاڻن. سادارڻ انسان ته ڪيول پنهنجو انومان ئي ڪڍي سگهي ٿو. ٿي سگهي ٿو ٻالڪين سچيءَ دل جي اونهائيءَ مان سائينءَ کي پڪار ڪئي هجي ۽ سندن آراڌنائن هٺي هند ڪيو هجي! يا ته ائين به ٿي سگهي ٿو ته دادا کي سچ پچ پنهنجي نون ڪارن جو ويچار ٿيو هجي. پر ڇا به هجي، دادا پنهنجي مڪار بند مان جڏهن ٻالڪين کي ٻڌايو ته مان ولائت ڪونه ٿو وڃان، تڏهن سندن مرجهايل مکڙا نئڙي پيا ۽ سندن هردا ائين چمڪي اٿيا جيئن ديپڪ جي پرڪاش سان ڪمرو روشنيءَ ۾ اچي ڀڪندو آهي! سيني ٻالڪين جي ٻره جي بادلن ڇانيل چهرن تي خوشيءَ جو چندرما چمڪاٽ ڏيڻ لڳو. سندن هردا گدگد ٿيا ۽ سيني ٻرپوءَ جا لڪ لڪ نورا مچيا.

سياڳيون شانتي ۽ پاربتي

ٻالڪين شانتيءَ ۽ پاربتي منگهن مل دل ئي دل ۾ چيو ته دادا اسان جي اما به آهي ته ابو به آهي، اڃهو به آهي ته آسرو به آهي. پر پوءِ اسانجي آراڌنا اونائي ڪيس اسان جي وچ ۾ وهاريو آهي. هاڻ اسان کي سندس لاءِ ڪجهه اوش ڪرڻ گهرجي. سو پنهنجي بابا، ڪاڪي منگهن مل کي اچي لڳيون ته جيڪر دادا کي پنهنجي سچي جڳهه ريجهومل ڪٽيا اَرپڻ ڪريون. سندن هرديه ۾ هوت لاءِ سڀ ڪجهه نڇاور ڪرڻ جو ساگر لهرون ماري رهيو هو. پر اڳيان به ڪاڪو هو. هن کي دنيا لاءِ پنهنجا ويچار هئا. هن درديون، بولت ۽ سرون، سستي اگهه ۾ خريد ڪري گدام ڀرائي ٻوءِ جڳهيون جوڙايون هيون. جاين ۾ سندس موه هو. پر پنهنجي ٻنهي نياڻين سان به ارواح هوس. هن انهن جي سکي جيون بسر ڪرڻ لاءِ جڳهيون جوڙايون هيون. چوندو هو ته ناڻو آهي ته نياڻين

نيٺ هو گڏجي ڀاڻ ڀتي سيڪريٽريءَ وٽ آيون جنهن کي هو وڏي ڀيڻ ڪري سمجهنديون هيون ۽ اچي چيائونس ته توهين سياڻي آهيو، اهڙي ڪا تجويز ٻڌائي ڪيو جو اسانجي ڀاڻين جو ڀرتم اسان کان ڌار نه ٿئي. اهڙيءَ طرح هو سڀ ڀاڻ ۾ ڀيڻون ۽ ڀي اُپاءُ ڳولهي ڪڍيائون. دادا کي اچي وينتي ڪيائون ته دادا، توهان اڄا تاڻو ستسنگ، اسڪول، شيوا جا هيڏا ڪم ڪاريون ڪوليا آهن، جي ننڍڙن ٻوٽن ۽ ٻيارن ٻوٽن جيان ڪومل آهن، اُنهن کي اُسرڻ لاءِ ته توهانجي پيار جو ڦاٽي ڪپي! نه ته نه ويچارا اُئين ئي مرجهائجي ويندا. توهان جو هٿي ئي رهڻ آوشڪت آهي. اسين جيءُ ٿوڙ حيلا هلائي، پئسا ڪنا ڪنديون سين. اسين توهان کي ڏهه، ويهه، اٺاويهه هزار رپيا ڪنا ڪري ڏينديون سين، ڪيول توهين هت ئي رهو!

دادا سندن اهڙيون بلبدان ۽ نرمل پريم جون پڪارون سٺي مشڪيو. پر مک مان ڪجهه به ڪين چيائين. سندس مک ڏي موهيندڙ، مٺڙ مشڪ ڏسي، سينئي نياڻين جا هردا بهار بهار ٿيا ۽ يڪدم اَٺاويهن هزارن جي هڪ اپيل ڪڍي ويئي. هي سڀ ٿيو ڀيار ۾. ٻالڪين جي دلين اندر هو آتساهه ٻيار ۽ قرب دادا واسطي. سو قرب ڪهڙو جنهن ۾ قربانيءَ جو قطرو نه هجي! ٻالڪين اُچت سمجهو ته شيوا فنڊ ۾ ڀرين ڀرين هو ڀاڻ ڪجهه نه ڏين. ڀلا نوڪري چاڪري نه هئن ڪانه. خرچي به ته ڪا خاص ڪانه ٿي ملين. مائٽن کان وٺڻ به ڪين ٿئي لگن. هو ڪن به ته ڪن ڇا؟ سو ڪن پنهنجا سونا مٺيا ۽ منڊيون وڪٽي پئسو وٺي فنڊ کي ڏنو. ڏسندي ڏسندي اٺ هزار رپيا ته اُتي جو اُتي گڏ ٿي ويا!

دادا واسوانيءَ پنهنجو پاسپورٽ به ٺهرائي ڇڏيو هو. پر ٻوءِ اوچتو هن ولائت وڃڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو. ڪبر چئي

جهڪيو ويو. جنهن ڏينهن هن دادا جي ڪمل چرنن ۾ جڳهه ارپڻ ڪئي، تنهن ڏينهن کان جيڪي به هو سو پڻ دادا جي اڳيان رکيائون! ٽن ڏينهن ۾ ماتائون ۽ سندن نياڻيون ڏاج-ي لاءِ پورت جڙيون ڪيتريون سندر ۽ موهيندڙ شيون جهڙوڪ: چادرون، چيُون، رومال وغيره ٺاهي رکنديون هيون. اڄ ڪالهه ته بازار مان سڀ ڪجهه تيار مال پيو ملي، پر اڳي اهي شيون پاڻ پنهنجي هنري هٿن سان ٺاهي رکيون هيون. شانتيءَ ۽ پاربتيءَ ڇا ڪيو جو پنهنجي پيتين ۽ ڪٻٽن مان سڀيئي قيمتي شيون: جهڙوڪ ڪپڙا لٽا، سبڻ جي مشين، باسڻ برتن، سونا مٽيا ۽ ڳهه ڳٺا، اصل سڀئي سڳي سميت سڀ ڪجهه آڻي پنهنجي پياري دادا جي چرنن ۾ رکي هٿ ٻڌي چوڻ لڳيون ته: ”پيارا دادا، اسان کي جيڪي به آهي سو اوهان اڳيان آڻي رکيو اٿئون. ڪرپا ڪري سڀ سويڪار ڪريو. تنهن سان گڏ اسانکي پڻ پنهنجي ڪمل قدمن ۾ قبول ڪريو. اسان ۾ عيب اڪيچار اٿوَ، انهن کي نه ڏسجو، پر سدئو پنهنجي در جون داسيون ڪري رکجو. جهڙيون ڪي تهڙيون، اسين اوهانجون ئي آهيون.“

هنن ٻنهي پيار جي پتلين جا اهڙا اَچمبي ۾ وجهندڙ اڪثر ٻڌي سڀني جون دليون ڀڄي پيئون. خود پياري دادا جي نرمل نئنن ۾ به نير چلڪي آيو! ڪيڏي نه قرباني! ڪيڏو نه بليدان!! سمپورڻ سمرپڻ!!! پر سچي گرديو جيان دادا واسواڻيءَ پرمارٿ ڪارڻ فقط سندن جڳهه انگيڪار ڪري، باقي سڀ شيون جيئن جو تيئن کين واپس ڪيون.

جڳهه البت جهوني نموني جي هئي سو کيس ڪارگر ڪرڻ خاطر چڱيءَ طرح سندس مرمت ڪرائي وئي. پر هنن بالڪين قربانيءَ جو هي ڪهڙو نه سندر مثال ڪري ڏيکاريو هو! هونءَ به اول اول شانتيءَ ئي پنهنجي جڳهه جو هال ستسنگ لاءِ ڪڍي ڏنو هو. انڪري دادا جڏهن پنهنجي آنند ۽ موج ۾

جي شاديءَ مراديءَ تي پيو خرچ ڪندس. ناٽي ٻڌا نياٽيون ويچاريون ۽ ڀڳاٽيون! هوڏانهن هنن نياٽين جو نرمل نينهن لڳو هو هن ڀريوءَ جي سچي سنت سان. هنن پنهنجو سر ونس مٿانئس نڇاور ڪرڻ تي گهريو. سندن دل ھٺي ته دادا کي اِها جڳهه ونئي ڏيون. جيئن هو سٽسنگ، اِسڪول، اسپتال وغيره اُن ۾ هلائي. سو هنن پنهنجي پتا تي ويهن ئي ننهن جو زور ويهي لڳايو. نيٺ پتا کي پرپرٽا پيٺي ۽ ڪين چيائين ته ٻالڪيون، اڄ نه سڀان هيءَ جڳهه توهان کي ئي ملڻي آهي، ماڻ اڄ آهيان سڀان هليو وڃان. پنيان ملڪيت توهان جي ئي آهي. جي توهانجي ايڏي دل ٻيٺي آهي ته جڳهه پنهنجي گرديو کي ارپڻ ڪريون ته ڀلي ڪريو. توهين مرضيءَ جون مالڪياٽيون آهيو.”

شانتيءَ ۽ پاربتيءَ جو سمرپڻ

بس شانتي ۽ پاربتي ٻڌڙي پيءُ جا اهڙا وچن ٻڌي ڪچڙن ۾ ئي نه پيٺون ماپن ۽ ڪيس ڀاڪي پائي سندس شڪرانا مڃي، سڏو پڳيون پياري دادا وٽ ۽ اچي ڪيس ٻڌايائون ته: ”دادا، بابا توهان کي پنهنجي جڳهه ڏيڻ تو چاهي. توهين اِها تيج پيٺا سويڪار ڪريو.“ دادا اول ته مڃي ئي نه. چي ماڻ جڳهه ڇا ڪندس؟ پر هي ٻئي ٻالڪيون هٺ تي ٽي بيٺيون، مڙن ئي نه. نيٺ دادا سندن دل جي سچائي ۽ پياس ڏسي ۽ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، ها ڪئي. شانتي ۽ پاربتيءَ جي هردي جا ڪمل ٽڙي پيا! هو آنند ۾ جهومڻ لڳيون. سندن بليدان سويڪار ڪيو ويو هو. هنن ٻئي يڏ جيتي هئي. هڪ پاسي پنهنجي پتا کي مڃايو هئائون ته ٻئي پاسي دادا کي راضي ڪيو هئائون.

پر هنن جا ٽين سوپ ڀالي ننهن جو ورنن سونن اکرن ۾ لکڻ لائق آهي! هي سُر وار وار سندن جيون بليدان اڳيان

نڪتي، جنهن وچ پريوءَ جي دربار جو در ڪڙڪايو. در کليو ۽ سائين ۽ سنت جو سنگم ٿيو. دادا کي شانتڙيءَ جي سوَست جيون جو پروانو مليو.

صبح ٿيو، گهر جا ڀاتي شانتڙيءَ جي حالت سڌرندڙ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. ڊاڪٽر ٻه ٽپرس ۾ پئجي ويا. دل اُئي دل ۾ چيائون ته هيءَ سڀ ان جوڳي جادوگر، واسواٽيءَ جا ڪم آهن. شانتڙي اِي سرت هوندي ٻه ڪيول دادا - دادا جو امرت نام چپن مان پيئي پوليندي هئي. اِي سرتيءَ ۾ ٻه سندس سرت ڪليل هئي ۽ پئي جپ ڪيائين.

بخار معنيٰ گرمي - ٽپ معنيٰ ٽپت، سو هن ٽپت لاهڻ لاءِ اڳي بيمار جا وار ڪپيا ويندا هئا. شانتڙيءَ کي ڊگها، گهاٽا ۽ سونهري رنگ جا وار هوندا هئا. ڇوڪرين کي پنهنجي وارن تي فخر هوندو هو. تن ڏينهن ۾ اڄ ڪلهه جيان ڇوڪريون وار ڪين ڪٽائينديون هيون. شانتڙي ٻه پنهنجا سندر سونهري وار ڪٽائڻ لاءِ تيار ڪين هئي. پر دادا ان باري ۾ هڪ اکر چيس مس ته توُن وار ڪٽائين ته سٺو، ته شانتڙيءَ يڪدم اها ڳالهه قبولي ۽ پنهنجا وار ڪٽائڻ ڏنا.

بيماريءَ ۾ حوصلو وڌائڻ ۽ پيار جو اظهار ڏيکارڻ لاءِ شانتڙيءَ کي مٽن مائٽن، پيڙن ۽ بين وقت بوقت خرچيون ڏنيون هيون، جي هن گڏ ڪري رکيون هيون. ڪل اٽڪل ٢٥ رپيا اچي ڪنا ٿيس. ان ست يگ جا ٢٥ رپيا اڄ ڪلهه جي ٢٥٠ رپين جي برابر هئا! شانتڙيءَ لاءِ اها ڄڻ ته ملڪيت هئي. هن چا ڪيو جو اها پنهنجي ملڪيت سڄي دادا کي ڏيئي چيائين ته هيءَ سڀ توهين ضرور وٺو. دادا ٿي وائڙو ٿي ويو. چا بالڪيءَ جو وڙ ۽ چا سندس دل! بس، دادا کي شانتڙيءَ ٢٥ رپيا پيتا ڏيئي ڄڻ ته پيار ۾ خريد ڪري ڇڏيو.

هوندو هو، تڏهن شانتيءَ کي چوندو هو ته "ٻالڪي تو ستسنگ
کي اڇو ڏنو آهي، ڇنو ڏنو آهي. پريو توکي پنهنجي دربار ۾
جڳهه ڏيندو. شانتي دادا جا اهي وچن ٻڌندي هئي ته سندس
روم روم ٺري پوندي هئي. سنت جا وچن اٽل آهن! اهي
سدا ستيه آهن. سنت واسواڻيءَ، شانتيءَ کي پريوءَ جي دربار
۾ جڳهه جي جڻ ٽڪيٽ ڪڍي ڏني هئي. سو هاڻ ڪيس ٻيءَ
کهڙيءَ وستوءَ جي اڀلاکا هئي؟ ٻيون ٻالڪيون دادا جا اهي
پريم پرساد جا وچن ٻڌنديون هيون ته شانتيءَ سان ريس ۽ رشڪ
ڪائينديون هيون. چونديون هيون ته شانتي کهڙي نه سڀاڳي
آهي! اسان کي به ڪا جڳهه زمين هجي ها ته اسين به اها ارپڻ
ڪريون ها ۽ موت ۾ اسانکي به پرماتما جي پاد پدمن ۾ جوڳي
جڳهه پردان ٿئي ها.

ننڍي شانتي

هن واردات کي مهنو به مس نبريو ته ننڍڙي ٻالڪي
شانتي هوتچند ماڪيجاڻي، جنهن کي گهڻا ننڍي شانتيءَ جي
نالي سان سڏائن ۽ جنهنکي دادا پيار ۽ سنيهه وچان "شانتڙي
ڪري ڪوٺيندو هو، سا اچي بيمار ٿي. ڪيس مدي جو تپ ٿي
پيو. اڄ ڏينهن ۾ ڊاڪٽري وگيان ايتري ترقي ڪانه ڪئي هئي،
سو هن مدئي بخار جو ڪو به خاطرخواهه علاج ڪين هو.
دوائون درمل ڪندي به شانتڙيءَ جو تپ لهڻ بدران ويو
چڙهندو ۽ هيءَ ٻالڪي ويئي ڀُڙي پوندي، تان جو سندس
حالت اچي نازڪ بڻي. ڊاڪٽر جواب ڏيئي ويا. دادا واسواڻي
روز ڪيس گهر ڏسڻ ويندو هو. جنهن ڏينهن ڊاڪٽرن جواب ڏنو،
تنهن رات دادا هن جي گهر ٽڪي پيو. مٺي ماڙيءَ ٿي ڪيس
هڪ ڪمرو ڏنو ويو. دادا اُت ويو ۽ در بند ڪري ايشور کي
آراڌنا ڪرڻ لڳو. شانتڙيءَ جي آئو اڃا ننڍڙي هئي. سندس
وهي وڃڻ جي نه هئي. بس، دادا جي دل مان اهڙي ڪا پڪار

هو ڪيئن هڪ فرسٽ ڪلاس کان ٻئي فرسٽ ڪلاس تائين ۽ هڪ سيڪنڊ ڪلاس کان ٻئي سيڪنڊ ڪلاس تائين ڳوليندا رهيا. پر سندن حيرانيءَ جي حد نه رهي جڏهن هنن سادگيءَ جي صورت واري سنت مهمان کي چپ چاپ هڪ ٽرڊ ڪلاس مان لهندو ڏٺو. هو سڀ خوشيءَ ۾ ڊوڙندا وٽس آيا ۽ اچي ڪيس ورائي ويا ۽ ڦول مالهائن سان جهنجهي ڇڏيائونس. ڪئين پترڪار به آئي آيل هئا. جن ڪانئس سنيهو گهريو. دادا هنن اکرن ۾ پنهنجو پيغام ڏنو: "نوجوان ڀڳل ڀارت کي بڻائي سگهن ٿا، پر اول هو پنهنجو چرتر بڻائين. اتهاس ۾ هڪ نئين ورق جي ضرورت آهي، نه رتو ڇاڻ ۽ مارا ماريءَ جي ورق جي، پر انساني آدرشن دوارا ڪم ڪرڻ جي. ڀارت جي رشين جي روشنيءَ ۾ نئون وشواس کپي. مان چاهيان ٿو ته هڪ هڪ وديارٿي ڀارت جو سچو سپاهي ٿئي ۽ سندس اوچ آدرشن جي رکيا ڪري ۽ ڀارت جي روشن ڀوشيه ۾ ڀروسو رکي."

لاهور ۾ ساڌو واسوانيءَ جي واهه جو مرحبا ٿي! ڪيس هڪ وڏي شاهي بنگلي ۾ رهايو ويو. ان ڏينهن اسڪول ۽ ڪاليج بند رکيا ويا. ته جيئن سڀئي وديارٿي اتسو ۾ ڀاڱو وٺي سگهن. سومر شام جو بهاولپور رياست جي ڪاليج جي شاهي هال ۾ سندس ليڪچر رکيو ويو. وشيه هئي سيوتا. وقت جو سڀاپتي پنجاب جو مکيه منتري نبي بخش هو. هال ماڻهن سان جلد ئي ٽمٽار ٿي ويو. عملدار، ودوان، ديش ڀڳت ۽ وديارٿي سڀ اچي اپسٿت ٿيا هئا. دادا نوجوانن ڏانهن وشيش طرح اشارو ڪندي چيو: "سچي وديا سا، جا ديشواسين کي هڪ ٻئي سان ميلاپ ۾ ڳنڍي ۽ نفاق کان دور رکي. اٿو نوجوانو! جاڳو! شيوا ۽ قربانيءَ جي ڌرم جو جهنڊو جهولايو!"

منگل ڏينهن دادا جو ليڪچر هڪ وڏي شاهي پنڊال ۾ رکيو ويو، جو خاص طرح سينگاريو ويو هو. جنتا ٽن هزارن جي

لاهور مان ڪوچ

ٿورو وقت مس گذريو ته دادا کي لاهور (پنجاب) مان ڀارت ٻوڪ سنگهه وٽان ڪوٺ آئي ته اچي نوجوانن کي ڀارت جي اوچ سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو سنيهو ڏيو. هو ڏانهن شانتڙي، جيتوڻيڪ ٻهتر، پر اڃا بستري داخل هئي. ساري ڏينهن ۾ ڪيس اهائي سرهائي هوندي هئي ته دادا وٽس ايندو هو، اچي مشڪي آسيس ڏيندو هو ۽ ساڻس ٻاٻا جيان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندو هو. دادا سمجهو ته جي هو ٻاهر ويندو ته شانتڙيءَ جي ڪومل دل کي وڇوڙي جو ڏک رسندو. پر هو ته ڪنهن ٻه هڪ جيو جي موه ۾ اڙجي هڪ هنڌ وهڻ وارو ڪين هو. هو ته هن ڌرتيءَ تي آيو هو جڳ جڳ جي سک ۽ ڪلياڻ لاءِ. سنتن کي ٻه پنهنجو سڄو ڪٽنب ۽ پرڳڻو پوي ٿو. سو هن شانتڙيءَ کي دلداري ڏيئي چيو ته مان ڪم ڪري جلدي موٽي ايندس. تون مٺان ڪا چنتا ڪرين. موٽي ايندس ته توکي پاڻ سان گڏ هلي رهائيندس. تون هاڻ منهنجي ٻالڪي آهين. ڪو فڪر نه ڪر. شرير ۾ توري شڪتي پراپت ڪر. مان اجهو آيس ڪي آيس.

انهن ٻالڪي شانتڙيءَ جي آسيس وٺي هو هليو پنهنجي سڄي سنگروءَ جو سنيهو پهچائڻ، نئين دلين کي نينهن جي ڏوڙيءَ ۾ ٻڌڻ، يوڪن کي ڀارت جي پرمپرا ۽ اوچ آدرشن مان پريت ڪرڻ، منجهن سچاڳي آڻڻ ۽ ڀارت جي پراچين ۽ پراڻن سڀيتا لاءِ پيار ۽ شردا جاڳائڻ.

نماڻي ياترا

۵ نومبر ۱۹۳۳ع آرتوار رات جو هي ڀارت يوميءَ جو پوشڻ، حيدرآباد جا وڻ ڇڏي لاهور لاءِ روانو ٿيو. ٻئي ڏينهن سومر صبوح جو دادا لاهور اسٽيشن تي پهتو. جت ڪيترا پائر ۽ نوجوان سندس سواگت لاءِ اچي اڪٺا ٿيا هئا.

لاءِ وشواس آهي. ولائت ۾ نوجوان ڪيڏو نه ڪم ڪري رهيا آهن! ڀارت جا يوَڪ ڀڻ گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا. جي هو ڀارت جي آدرشن سان سچا رهن. دنيا ڀارت ڏانهن نهاري رهي آهي. ڀارت گهڻو ڪجهه دنيا کي ڏيئي سگهي ٿو. اڄ دنيا کي ڀارت جي رشين ۽ منين جي سنديش جي آوشڪتا آهي. ان لاءِ ڪيول اُتساهڪ پيار ۽ جوشيلي جنبش نه کپي. ان لاءِ عملي پريم کپي ۽ کپي وديا ۽ ٻل، جو غريبن جي شيوا ۾ خرچ ٿئي. غريبن جي شيوا اَٿوَ پرڀوءَ جي پوڄا!"

جين ڌرم

جين ڌرم وارن به پنهنجي مندر ۾ دادا کي ڪوٺايو، جتي هن سندن ڌرم جي نيتا مهاوير جي باري ۾ دل ڇهائيندڙ شبد چيا ته "سچي وير جون هي ٻه نشانيون اَٿوَ: تپسيا ۽ ديا. نيلسن ۽ نيپولين کان به مهاوير وڏو وير اَٿوَ. سچو وير اهو جو پکين ۽ پسين تي به ديا ڪري ۽ پاڻ کي تپسيا جي ٻل سان جيتي. اڄ وشو کي انسانيت جي ڌرم جي ضرورت آهي."

هندو ڌرم

هندو سڀا جي ميڙ ۾ دادا ٻڌايو ته "سچو هندو ڪير آهي؟ سچو هندو زماني کي بدلجندو ڏسي خود به بدلجي ٿو. سندس ويچارن ۽ ريتين رسمن ۾ به پرورتن اچڻ کپي. توهين هندو هريجنن ۽ دلت ذاتين سان نياءُ ڪريو ۽ ديا ڪريو."

ڪانگريس ڪاميٽي

ڪانگريس ڪاميٽيءَ پاران پڻ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي وئي جتي دادا چيو ته "ڀارت جي سمسيائن جو سماڌان پارليامينٽ جي نهراون يا اسانجي ميڙن ۽ ڪانفرنس مان نه ٿيندو. ڀارت کي آوشڪتا آهي نوَن سپاهين جي، جي هجن شيوا جا سپاهي، جن جي جيون ۾ هجي تپسيا ۽ بليدان جو ڀاءُ، جن ۾ هجي اوچ چرتر. اسان جي جيون ۾ هڪ نئين انقلاب جي ضرورت آهي."

تعداد ۾ هن يوڳ سنگهه جي پنڊال ۾ اچي ڪٺا ٿي سهڙيا. اُتي به دادا نوجوانن لاءِ هي وشيش اکر چيا: ”اي نوجوانو! ڀارت جي اوچ آدرشن جي رکشا ڪريو. ستيه، برهمچريه، سيوا تياڳ ۽ قربانيءَ جا مجسم پتلا ٿيو. جهيڙن جهٽن کان دور رهو. غريبن، هريجنن ۽ دلت ذات وارن سان رلو ملو ۽ ساڻن همدرديءَ، پيار ۽ مترتا جو ورتاءُ ڪريو. سچو هندو سو آهي جو ڇوتڇات جي ريتين، رسمن ۽ رواجن کي بي سمجهيءَ سان ڇڏي ٿو ڏئي، پر پرگتيءَ جي مارگ ۾ پنهنجي وک اڳتي ۽ اڳتي وڌائي ٿو.“

دادا جي اکرن ۾ آتش هئي، اُمنگ هو، شڪتي هئي. پنڊال جي عجيب شانتيءَ جي وايو منڊل ۾ سندس آواز، گهنڊ جيان وڄي رهيو هو جو سڀني جي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو. اَنت ۾ دادا وديا جا آدرش ٻڌايا ۽ سيوا جي اصولن تي زور ڏيندي چيو: ”اي ڀارتيو! ڀڳوان ڀارت، دکي ڀارت جو ڀڳوان مندرن ۽ مسجدن ۾ ڪين آهي، نڪي ڌنوانن جي محلن ۽ ماڙين ۾ آهي. پريو ته آهي دکين، دريدرن، ديڻن، غريبن ۽ مسڪينن جي ڀڳل جهوپڙين ۾! توهين انهن جي سيوا ڪريو. غريبن جي سيوا آهي پريوءَ جي سچي پوڄا.“

وداعيءَ وقت دادا سنگهٺن تي گهڻو زور ڏنو ۽ چيو ته ”ڀارت ۾ ڪنا ٿيو ۽ ملي ميلاپ ۾ ڪم ڪريو. گهڻو وقت جدائيءَ ۾ گهاريو آهي. هينئر سڀ گڏجي يڪمشت ٿي ديش جي مهان ڪاريه ۾ جنبي وڃو.“

ملتان ۾

لاهور مان دادا ملتان ويو، جت ڪيس ڪوٽ ڪٺي ويٺي هئي. اُت ڪيس سيوا سمتيءَ ڀارن ڀريون دفعو عام ۾ ڳوتري ڀيٽ ڪٺي ويٺي. وڏي سماروهه ۾ دادا چيو ته ”اڄ دلين ۾ دلگيري آهي، من ۾ مايوسي آهي. مان اوهان لاءِ آشا جو هڪ نئون سنديش کڻي آيو آهيان. منهنجي دل اندر نوجوانن

وساري هيٺئر ويسر جي وهنوار ۾ ولين آهن. هن چاهيو ٿي ته انهن ۾ سڄاڳي اچي ۽ آتم وشواس ۽ شڪتيءَ جو پرڪاش جاڳي. اُن ڪارڻ اُٺي هن ڪين هن طرح آگاه ۽ اُتساهت ڪيو.

نمرتا

لاهور نواسين دادا کي ايڏو ته پيار ڏني ڪيو جو هنن فيصلو ڪيو ته کيس نگر جي وڏن رستن تان سرگس ۾ گهمائي اچجي. پر هن نماڻي سنت کي ڪٿان ٿيون اهڙيون ڳالهيون آئڙن! سو هن ڪائين هٿ جوڙي نميا گهري ۽ سانت اُٺي ۾ اُمرت ڌارا استان تي آيو.

لاهور جي ڪيترين سنسٿائن جي پياسي آتمائن دادا کي ور ور ڪري ڪوٺ ڪئي، جت هن وڃي اُپديش ڏنا. سڀ کان سٺي ڳالهه اها هئي ته هڪ وڏو شاهي پنڊال لڳايو ويو هو، جت روز ستسنگ ٿيندو هو. پراتهه ڪال جو پوڄا پاٺ کان پوءِ دادا پنهنجو اُپديش ڏيندو هو. نومبر جي سخت ٿڌ ۾ به پنجابي سڄڻ، ڪمبل اوڍي، ستسنگ ۾ ايندا هئا ۽ دادا جي ڪمل مکڙي مان امرت گنگا پان ڪندا هئا.

١٥ نومبر، لالا لجپتراءِ هال ۾ ليڪچر ٿيو. سڀا جو پرڌان جسٽس جئه لعل هو. هال ڪافي وڏو هو، تنهن هوندي به اٽڪل پنج سؤ نوجوانن کي نراس ٿي ٻاهر ويهڻو پيو. آرنڀ ۾ نوجوانن پاران دادا کي "شڪتي نمسڪار" ڏنو ويو. سندن پريم ۽ اُمنگ ڏسي دادا جي دل ڀرجي پيئي ۽ سندن آيار مڃيندي پنهنجي دل ڇهائيندڙ اکرن ۾ کين چيائين: "نوجوانو، منهنجو توهان ۾ پورن وشواس آهي، توهان ۾ شڪتي آهي ۽ اُتساهه آهي (Overflow of Shakti). ٻين ديسن جي نوجوانن پنهنجي پنهنجي ديس جي اُنتيءَ ۽ پرگتيءَ لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو آهي! اوهين به پنهنجي ڀارت ديش لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهو ٿا. پر اوهين اول پنهنجي چرتر جي رکشا ڪريو. اوهين

گروڪل

دادا گروڪل ۾ ويو ۽ اتي جي ساڌڪن ۽ برهمچارين سان پڻ مليو. هنن ٻارن کي پريوءَ جي لڳن لڳل هئي. پياس هئن ته پريوءَ کي پايون، سو هنن پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏيا ڳي، فقيري اختيار ڪئي هئي ۽ شيوا جي مارگ ۾ هلي رهيا هئا.

دادا گروڪل مان موٽي وري ملتان آيو، جت نوجوان اڇي ڪپس مليا. دادا انهن کي چيو سچا ۽ ساڌارڻ رهو ۽ نقل پٺي ڪي ڇڏيا ڳيو. رشين جي روشني جاڳرت رکو.

اتان ٽي هو آيو مانٽگومريءَ، جت پڻ نوجوان ۽ ودوان ونس آيا ۽ پريم ۾ مليا. اتي جي ڪلب ۾ هڪ سمارو هه ڪوٺايو ويو. جت دادا ايڪتا ۽ پريم جو سنيهو ڏنو.

وري لاهور ۾

١٤ نومبر، دادا وري لاهور پهتو. اسٽيشن ٽي سندس ستڪار لاءِ خوب پريمي اچي ڪٺا ٿيا هئا. جن "هر هر مهاديو" جي نعري سان مٺس قول ورڪا ڪئي. نوجوانن ڪانئس سنيهو گهريو. سندن اُتساهه ۽ اُمنگ ڏسي دادا ڪين ديش پريم جاڳائڻ خاطر چيو ته "نقل ڪان پري رهو. پاڻ سڃاڻو. توهان ۾ اٿاهه شڪتي سمايل آهي. تنهن ڪري ڀارت جي لڪش ۾ وشو جي ڌارائن ۽ لهرن کي سمجهو. سادا ٿيو. سگهارا ٿيو. آتم وشواس رکو. سقل ٿيو. سوڀارو ٿيو!"

دادا نوجوانن کي اهو سنديش سمي جي اُنڪول ڏنو، جو ته ان وقت ڀارتي نوجوان پنهنجي پراچين سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي ٿلا ڏيئي مغربي رسمن جو نقل ڪري رهيا هئا. دادا چوندو هو ته جت گهٽ عقل، اُت وڌيڪ نقل! ۽ پياري دادا جي دل کي چوٽ لڳندي هئي جڏهن ڏسندو هو ته اهي نوجوان، جن ۾ شڪتيءَ جو گهٽ ساگر آهي، سي پنهنجو پاڻ

اَٿاهه ساگر آهي. پر پوءِ نه آهي "مسڪينن جو مددگار، غريبن جو خدمتگار. هو نه آهي دين بندو، دينانات."

ديال سنگهه ڪاليج، جت ڪنهن سمي دادا پاربتي پوشاڪ پائي پرنسيپال جو پد سنڀاليو هو، اُت پڻ ڪيس قربانيءَ ڪونه ڪئي ويئي. پر هينئر سندس وستر هئا سادي کاديءَ جا. جن ۾ پاڻ اڳي کان به اَڌڪ سندر ۽ شاندار پئي لڳو. اڳي هو پرنسيپال واسواڻي هينئر هو ساڌو واسواڻي. اڳي هو هڪ وڏو ودوان، هينئر هو هڪ آتمڪ نيتا ۽ سنت مهاشيه.

ديرا صاحب

گروارجن ديو جي سمرتيءَ استان، ديرا صاحب تي به دادا کي ڪونه ڪئي ويئي. سکن جي سمارو ۾ دادا چيو ته: "مان هت پوتر اُستان تي هڪ تيرٿ واسي ٿي آسيس پنڻ آيو آهيان. گروارجن ديو سنت آهي، ڪوي آهي ۽ شهيد شرومڻي آهي. هن پريوءَ جي پياري سکمني اُچاري، جو هڪ ننڍو. گرنٿ آهي، پر هيرن جواهرن کان وڌيڪ ملهائتو آهي. مان جت وڃان اُت هي امولڪ شاستر پاڻ سان گڏ کڻي وڃان. جيڪي هن شاستر ۾ سمايل آهي، منهنجو به اهوئي سنيهو ۽ سنديش اَٿوَ. هڪ سندر سوتر ۾ گروجن چون ٿا ته، "سرشٽ ڌرم، نرمل ڌرم آهي: (١) پريوءَ جو سمرن ۽ (٢) شڀ ڪرم ڪرڻ. سچي ڌرم جو آدرش انهن ٻن ڳالهين ۾ آهي: سمرن ۽ شيوا. ڌرم جهيڙن جهٽن ۽ مذهب جي مونجهارن ۾ نه آهي. ڌرم نه آهي جيون، اها جيون جنهن ۾ جاڳي جوت پريوءَ جي، ۽ غريبن جي آسيس جي. هن وقت ڀارت کي هن نئين ڌرم، نرمل ڌرم جي ضرورت آهي. اهو ڌرم تڏهن استاپن ٿيندو جڏهن اسين نرمل پوڄا ۽ نرمل ڪرم گڏجي ڪنداسين. پرارٿنا ۽ شيوا ۾ چمڪندو نوُر نرمل نئين ڌرم جو.

لاهور ۾ دادا عجيب ليلا لڳائي ڇڏي هئي. ماٺهو مٿس

آئينده جا اُبا آهيو. پنهنجي ويچار شڪتي کوليو. سوچيو، سمجهو ۽ پاڻ کي تيار ڪريو. نئون يگ اچي پيو، اُن يگ لاءِ تياري ڪريو."

منگل سپا

لاهور ۾ پيمرن جي هڪ سنستا هئي جنهن جو نالو هو "منگل سپا". اُن سنستا جي نيئي تي دادا وڃن ويو. خوشي تيس جڏهن کيس ٻڌايو ويو ته هر هفتي، هن منگل سپا جو پيمر پاڻ ۾ گڏجي ست سنگ ڪندا آهن. دادا کي ناري جاتيءَ لاءِ ڏاڍي شردا ۽ عزت هئي. هو پيمرن کي ديولوڪ جون شڪتي روپ ديوئون ڪري سمجهندو هو. سو کين چيائين ته "توهان کي ڏسي مان ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان. اوهين شل پنهنجي سپا سڃي پيار جي پختي پائي تي ٻڌو. جيون جو بنياد اٿوَ پيار. ۽ پيار جي هڪ نشاني اٿوَ شيوا."

منگل سپا جي پيمرن جي وچ ۾ ويهي دادا جا ويچار حيدرآباد جي سکي ستسنگ ڏانهن ويا ۽ کين اُتي جي سندر ڪارين بنسبت ٻڌايائين. کين چيائين ته توهين شيوا جا ڪارڻ ڪريو. رامائڻ ۽ مهاڀارت جهڙن سندر شاسترن جو اُڀياس ڪريو. پُورب ۽ پڇم جي مهان نارين جا جيون چرتر پڙهو. سيتا ۽ ستي ساوتري، گارگي ۽ مئتري، دروپدي ۽ دميَنتي، فلارنس نائيٽنگيل ۽ هيلن ڪيلر جي اُنوکين جيونين جو اڀياس ڪريو. دروپديءَ جا شبد ياد ڪريو ته "منهنجو ڌرم آهي شيوا" توهين به شيوا کي پنهنجو سؤ ڌرم ڪري سمجهو. شيوا جو ڌرم اٿوَ جيون ڌرم!"

هر ڀيڻ دوس تي دادا هر ڀيڻ اڪثر جي معنيٰ ٻڌائي ته "هر ڀيڻ معنيٰ هريءَ جو جن، ڀڳوان جو ٻندو. ڀارت جا مهاپرش، غريبن ۽ مسڪينن جا مٽر ٿيا آهن پر ڌنوانن کين ڌڪاريو آهي. سچا ڌنوان اُهي آهن جن جي دل ۾ دنيا جو

اچي اوهانجي چرنن ۾ سر جهڪائيندس. ستسنگ روز روز اُنساهه سان هلائجو، سچو ستگر اچي ٿو، روز روز نهاري ٿو! شل سندس آسيس وٺي سگهو! دنيا ويچاري بي مک ٿي، دک ۾، اونده. انڌڪار ۾ ڀٽڪي رهي آهي. گرمکن کان سواءِ ڀيا سڀ دکي. شل سچي ستگر جي آسيس ٿئي. اسان سڀني تي اهڙي آسيس ٿئي جو ڪال، جو هن وقت ڪنڌ تي آهي، اسان کي قابو ڪري، تنهن کان اڳي، موت جي ملاقات کان اڳي، شل اسين به گرمک ٿيون ۽ سنمک ٿي مانک جنم سڦل ڪريون.

لاهور اوهانجي چرنن جي خاڪ
۱۸-۱۱-۱۹۳۳ع واسواڻي

اهو پتر جڏهن ڀاءُ گنگارام ستسنگ ۾ پڙهي ٻڌايو ته ڪيترن جو اکيون آليون ٿي ويئون. جوڳي جادوگر جي سنگ ۾ ته جادو هو، پر سندس اکرن ۾ پڻ آتش هئي! اهي دل لڳائيندڙ اکر هنن ٻڌا ته سندن دليون ڀڄي پيئون. ڇا ته نئڙت هئي دادا ۾! هن ڪيئن لکيو هو: ”اوهانجي چرنن جي خاڪ، واسواڻي.“ خاڪ ته هنن پاڻ ٿيڻ ٿي چاهيو، پياري دادا جي ڪمل قدمن جي خاڪ. تنهن کان پوءِ خط ۾ دادا ڪهڙا نه سندر ويچار لکيا هئا! اهڙي خط کي روز روز پڙهڻ جي لاءِ ڪيترن ڀائرن ڀينرن ان خط جي ڪاپي ڪري پاڻ وٽ سانڍي رکي.

لاهور ۾ دادا پورا ٽي هفتا رهيو. ستسنگين لاءِ ايڏو وڇوڙو سهڻ ڪٺن ٿي پيو. سو ڪيس خطن پٺيان خط لکيائون ۽ گهڻي آزاڻا ڪيائون ته پيارا دادا، هاڻ جلد واپس ورو. هوڏانهن لاهور وارن به ڪيس ڇڏڻ نه ٿي چاهيو. چاهيندا به ڀلا ڪيئن؟ هو ڪيئن روز مٿر اُمرت جو پيئار پيندو هو! گرو گوبند سنگهه جو ڏينهن به نزديڪ هو. سو ان بهاني ڪيس وري لاهور گهرائڻ لاءِ تاڪيد ڪيائون ته هت ڊسمبر ۾ خاص نوجوانن لاءِ ڪئمپ

مست ٿي پيا هئا. پنجاب جي ٻين شهرن، جهڙوڪ جلندر، لڌيانا، پٽيالا ۽ راولپنڊيءَ مان به ڪيس پٽر ۽ تارون اچڻ لڳيون ته اسان کي اچي درشن ۽ اپديش ڏيو.

گوپ گوپين جي گتي

هو ڏانهن حيدرآباد جا ستسنگي پائر پيٽر به دادا بنا ويڳاڻا ٿي پيا هئا. پر مشغولين هوندي به دادا ڪين وساريو ڪين هو. هو هردم ڪيس ياد هئا. ڪين پنهنجي هٿن سان آسيس جا ڪي پٽر به موڪليا هوائين. پهرين پٽر ۾ هي سنيهو لکيائين:

هٿ هٿ ۾ ڪام، دل دل ۾ نام،
اوُنت، بسنت سووُت ناما؛ پل پل من ۾ رميو راما.

بالڪيون ان گيت کي مٺي سر ۾ وجهي ستسنگ ۾ اُتساه سان ڳائينديون هيون ۽ پنهنجي دل پيٽون پر چائينديون هيون ته دادا اجهو آيو ڪي آيو. سندس غير حاضريءَ ۾ سندن وقت ئي وڏي پوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس ياد ايترو ته ستائيندي هئي جو هو ويهي روئنديون هيون. ڪي ڪي دادا پيو ڪين چٺي چپاڻي لکندو هو. ستسنگي پائر ۽ خاص ڪري پيٽر نهاليءَ جي پر تيڪشا ۾ روز در ۾ اکيون پائي ويهنديون هيون. جڏهن هو بنا پٽر پهچائي، سڌو ئي سڌو هليو ويندو هو، تڏهن هو ڏايو نراس ٿينديون هيون. پر جڏهن هو مشڪندي ڪين پياري پريتم جو پٽر پهچائيندو هو، تڏهن هو گد گد ٿي ڪيس ٿول ڪارائينديون هيون ۽ چوندو هئس ته تون روز ڇو ڪين تو دادا جو خط ڪڍي اچين؟ پر نهاليءَ کي مشڪڻ کان سواءِ پيو ڪهڙو جواب هو. هو سندن ويدنا مان خوب واقف هو.

نمرتا ۽ پريم جو پتر

دادا کي جڏهن به وجهه ملندو هو ته ڪي شبد پيو لکندو هو. هڪ خط ۾ اجهو هيئن لکيائين:

”پياري ستسنگيو، مون کي آسيس ڪجو. اميد ته جلد

ستسنگ ۾ شامل ٿيو. پوءِ ته روز صبح شام ستسنگ ۾ اُچي اُپديش ڏيندو هو، جنهن ڪيترا پاڻ پيئر ايندا هئا ۽ لاڀ وٺي پنهنجي جيون ڦلدايڪ ڪرڻ جو يتن ڪندا هئا.

جهرڪن ۾ نُوريءَ جو جنم

پنجاب ۾ رهندي دادا کي ڏينهن رات پاڻ پتوڙڻو پيو هو. ڪيس هڪ هندان ٻئي هند ڦري خلق جي خدمت ڪرڻي پيئي هئي. ڪيترن جون هردي ڪمل جون ڪليون، سندس پريم ۽ گيان جو گنگا جل پان ڪري ٽڙيون، ڦول ٿيون هيون. پر هاڻ سندس من ۽ شرير کي ڪنهن ايڪانت اُستان تي وڃي ڪجهه سمي شانتي ۽ آرام جي آوشڪتا هئي. ٻين پرانتن جيان نماڻيءَ سنڌڙيءَ کي نه ڪو پربت پهاڙ ڪين هو. پر جهرڪن ڏاڍي هڪ آستان هو جت نديُڙيون ٽڪريون هيون. ايڪانت به هئي ۽ هوا به سيتل هئي. دادا چار ڏينهن اُت هليو ويو. اُت نو پڪلائيءَ جي سنگ ۾ هن پنهنجي وچارن ۾ هڪ ڦلدائڪ پريورتن جو اُنڀوُ ڪيو. سندس چت جي چڪشن، "نوري نماڻيءَ" جو نرمل درشن ڪيو. نوري سندس روح ۾ گهڙي ويئي ۽ سندس جذبات، سندس وچار ڌارا ۽ سندس ڪاويه شڪتيءَ ۾ سمائجي ويئي. دادا ٿي پيو "نوري". نياز، نمرتا ۽ نوُر سان ڀرپور نرمل "نوُري نماڻي!"

نُوريءَ جي نرمل ڌارا

جهرڪن جي شانت ميه گانوَ ۾ دادا آڌيءَ رات جو پنهنجو بسترو ڇڏي اڪيلو ئي اڪيلو ٻاهر هليو ويندو هو. هر ڀري ڀري ڪيترن مان، اونده جي اوت ۾ پيگه ڊنڊ ٻون پار ڪري، هو ڪنهن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي وڃي ويهندو هو ۽ پاڻ وساري، پنهنجي پريتم کي پريم ۽ سڪ سان پڪاريندو هو. سندس غير حاضريءَ ۾ سندس ساٿي پيڇو ڪري اچي ڪيس لهندا هئا ۽ حيرت ۾ حيران ٿيندا هئا، جڏهن سندس مکه منڊل

ڪلندي، جتي وديارٿي ”پراچين آشرم“ ۾ رهندا. گرو گوبند سنگهه جو ڏينهن ٢٣ ڊسمبر آهي. توهين حيدرآباد مان ٢٠ ڊسمبر نڪرجو.

خوشخبري

شانتڙيءَ وري وري پٽي دادا کي پياس مان پتر لکيا ته دادا، توهانجي وڇوڙي ۽ ويوڳ ۾ مان پيئي روئان ۽ هنجون هاريان. توهين هاڻ جلد اچو. سو لاهور ڇڏڻ کان اڳ دادا شانتڙيءَ کي ستسنگين لاءِ خوشخبريءَ جي تار ڪئي ته مان ٣٠ نومبر، وسپت، پرڀات جو پنجين بجي حيدرآباد اسٽيشن تي پهچندس. بس تار نه هئي. پر دل جي تار جي ٽنڪار هئي، جنهن ستسنگ ۾ آنند ساگر جون لهرون جاري ڪري ڇڏيون. ستسنگين جا مرجهايل مکڙائي ٽڙي پيا. بڌر رات آشا ۾ انتظار وچان هو سمهي نه سگهيا ۽ پٽي گهڙيال ڏانهن ڏنائون ۽ ائين پٽي سمجهيائون ته اڄ وقت اُلاجي ڇو ڍيري ڍيري گذري رهيو آهي. نيٺ سميه کان گهڻو اڳ پائر پينر اسٽيشن تي پهچي ويا ۽ ريل گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳا. اها ريل، پيارن کي وٺي پرديس وڃي ٿي ۽ نيڻن مان سڪ جو ساگر وهائي ويوڳ جا ورلاپ ڪرائي ٿي. اهائي ريل، پياري ريل، محب ملائي ٿي ۽ سنجوڳ جو سک پردان ڪري ٿي. سياڳي ريل هن سنت کي سيني ۾ سڪ ۽ سنڀال سان سانديندي، ڇُو ڇُو ڪندي ۽ قرب جي ڪوڪ ڪندي، پرڀات جو پوري پنجين بجي اچي اسٽيشن تي پهتي. بس سيني وٺي دادا جي گاڏي ڏانهن قرب جي ڪاهه ڪئي. دادا به کڙڪيءَ مان ڏانهن نيڻن مان نهاري، مشڪي، نيڪاري پرڻام ڪري رهيو هو. ڪيترن جي اکين مان آنند جا آنسون وهڻ لڳا، پر سيني جا هردا هرش ۽ اُلهاس ۾ ڀرپور هئا. سڀيئي دادا کي وٺي سڌو ستسنگ ۾ آيا، جتي هڪ نئين آنند ۽ اُتساهه سان ڀڄن ۽ گيت ٿيا. دادا به تيار ٿي اچي پرڀاتي

اَيپاس ڪندا آهن ۽ وچن ونندا آهن. سمپورڻ پاٺ شرڌا ۽ پريم م پڙهي پورو ڪري، ان جو يوڳ پائيندا آهن. جيسين پياسي دليون آهن، تيسين هي گرنٿ هن يگ جو شاستر مڃيو ويندو.

اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي

دادا کي ڪيترين ئي ذاتين جي بخشش هئي. اُنهن مان هڪ هئي ڪويتا جي ذات. هو اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوي هو، شاعر هو. هن وشو ڀر جي ڪوين جون ڪويتائون ڌيان ۽ پريم سان پڙهيون هيون. پورب جي والميڪي، تلسي، ميران، سورداس، ڪبير، نانڪ، نرسي مهتا، تڪارام، جئديو، وديا پتي، رامداس، شاهه، سامي، سچل، دلپت، روحل، بيدل، بيڪس ۽ بيوس جي باڻين مان هو بخوبي واقف هو. پڇم جي پرسڌ شاعرن شيڪسپيئر، شيلي، ملٽن، ورڊسورٿ، برجز، براءُننگ، برنس، ايلئٽ، ايمرسن ۽ ٽينيسن جي ڪويتائن جو هن اونهون اَيپاس ڪيو هو. حافظ، رومي، عمر خيام ۽ خليل جبران، ڊانتي، گوئٽي ۽ رسيل جي صوفيانـي ڪلامن لاءِ هن کي قرب هو. ڪويتا سندس لعل لهوءَ جي بوند بوند ۾ رمي رهي هئي. انهن ڪري ئي شايد دادا جي گيتن ۾ هيڏو رس ۽ ميٺاج آهي. هيڏي پياس ۽ پڪار آهي ۽ سندس واڻيءَ ۾ واس آهي.

دادا جهرڪن مان موٽي پنهنجي استان حيدرآباد ۾ آيو. ڊسمبر جو مهنو هو. سيارو اچي سهڙيو هو. لاهور وارن دادا کي گهڻوئي لکيو ته توهين ڪرپا ڪري گرو گوبند سنگهه جي جنم اُتسو تي اسان وٽ اچو. پر سڀ حڪم جي اختيار آهي. دادا هميشهه ايشور جي اَمر اڳيان پنهنجو سر جهڪائيندو هو. پاوي اهڙي اچي بڻي جو ميران اسڪول جو مئنيجر ڊاڪٽر لڪاڻي اوچتو بيمار ٿيو. گهڻيئي علاج ڪيا ويا. پر ڦڪيون فرق ڪن جڏهن اَمر ٿئي اَلله جو. بيماري وڌيي وڌندي.

مان اِها ٻاڻي ٻڌندا هئا، جنهن ۾ هوندي هئي سِڪ ۽ سوز، پريم جي پُڪار ۽ الاهي عشق جو اِظهار. هڪ هڪ گيت پنهنجان، هوُ ”نوري نماڻيءَ“ جو نرمل نالو پُڪاريندو هو. ساٿين مان ڪنهن ڪي به اُن وقت اِهو ويچار ڪين ٿيو ته جيڪر اها ٻاڻي، اِها نرمل ”نوري ڌارا“، پاڻ وٽ لکي ڇڏيون. پر جهرڪن ڪان موٽڻ ڪان پوءِ جڏهن به دادا اُمنگ مان گيت ڳائيندو هو تڏهن ڪير نه ڪير اُهي پاڻ وٽ لکي ڇڏيندو هو. اُهي گيت، اُها ٻاڻي اڄ ”نوري گرنٿ“ جي اَمر روپ ۾ سنڌي جڳت ۾ پرسِڌ آهي.

نوري گرنٿ جو مهاتم

نوري گرنٿ ۾ آهي پياس جي اُمرت ٻاڻي، پياس پريوءَ ڪي پائڻ جي. آتما، پريو پرماتما کان وڇڙي، پرٿويءَ تي ٻڌار جي ٿي. سنڌس وِيوڳ ۾ وڇڙي هوءَ پياس مان پريتم کي پُڪارون ڪري ٿي، سِڪ جا سڏڙا ڪري ٿي ۽ اُلفت جا آلاپ ڪري ٿي. سديو سنڌس اِهائي اَبلاشا آهي ته پنهنجي پريتم پرماتما سان ملي سنگم ڪري، هڪ ٿي وڃان، اُن ۾ سموري سمائجي وڃان. جيسين محبوب سان سنڌس ميلاپ ٿئي، تيسين هوءَ ورهه ۾ وياڪل آهي. ان ويوڳ ۾ آتما، پرماتما سان ملڻ لاءِ پياس مان پُڪاري ٿي، پياس جا لڙڪ وهائي ٿي ۽ پياس جا گيت ڳائي ٿي. اهي پياس جي پُڪار جا گيت درج ٿيل آهن نوري گرنٿ ۾، جا پياري دادا درد جي دل جي اونهائيءَ مان پريمي ۽ پياسي دلين جي ڪلياڻ لاءِ پرڪاش ڪئي آهي. نوري گرنٿ، جنهن ۾ دادا جي مٺي مڌر واڻي درج ڪئي ويئي آهي، تنهن ۾ ١٦٦٠ صفحا آهن. هي گرنٿ سڄي سنسار ۾ شايد هڪ ئي وڏي ۾ وڏو گرنٿ آهي، جنهن ۾ هڪ ئي ڪويءَ جي ڪوتا اِتري اَنداز ۾ قلمبند ٿيل هجي. هي گرنٿ اڄ هزارن سنڌي صدقي گهرن ۾ رکيل آهي، جت پائر ۽ پيهرون روز ان جو

وبا (ڪالرا) جي نگريءَ بيماريءَ اچي منهن ڪيو، جنهن جو شڪار ڪيترا ٻار پئي ٿيا. هن نوجوان، جنهن جي دل ۾ همدردي هئي، پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي، ترت هڪ اسپتال جاري ڪئي. جت ڊاڪٽرن سان گڏ ٻار به مريضن جي سيوا ۾ جنبي ويو. ڪيترن جون جانيون بچايائين، پر آخر ۾ سيوا ڪندي ٻار به اچي ان وچڙندڙ بيماريءَ ۾ ڦاٿو، جنهن هن نونهال کي آخر ٿوڙي نيو. پياري ٻاءُ رلڇهومل لاهوريءَ لوڪ سنگرهه ۽ سماج ڪلياڻ جو ڪارج ڪندي، ٻار کي بليدان ڏنو. لاڙڪاڻي نواسين سندس ياد ۾ هڪ پتلو کڙو ڪيو. جنهنجي کولڻ جو مهورت دادا ڪان ڪرايو ويو. [شري رلڇهومل لاهوريءَ جي ٻالڪيءَ، شريمتي موهني ديارام چند ناڻي اڄ به ڏاڍي صدق ۽ شردا سان ستسنگ ۾ ايندي آهي ۽ سندس پتي شري ديارام چندناڻي هڪ سانتيڪو ۽ نماڻو سيوڪ، ستسنگين جي جتين سنڀالڻ جي نماڻي سيوا ڪندو آهي.]

نوريءَ جو درشن

دادا لاڙڪاڻي ۾ ئي هو ته ڪن ڪيس چيو ته: "دادا، اسان کي به جيڪر نوري نماڻيءَ جو درشن ڪرايو." دادا مشڪندي چيو ته "چوڪين! پر هڪ شرط آئو. جيڪو سڄي رات جاڳندو، تنهن کي ئي نوري نماڻيءَ جو درشن پراپت ٿيندو. سامهون ورکش ڏسو ٿا نه؟ اُن ورکش تي نوري نماڻي اچي ويهندي ۽ توهين سندس درشن ڪجو." اهو ٻڌي سڀ ڏاڍو خوش ٿيا. ٻار کي چيائون ته رات جاڳڻ کهڙي وڏي ڳالهه آهي! دادا سندن ويچار ٻڌي چيو ته هڪ منٽ به ننڊ نه ڪرڻي آئو. هڪ جهونڪو به نه کائڻو آئو، ڇو جو ڪهڙي خبر، ڪيڏي مهل ڪهڙيءَ ويل تي نوري درشن ڏئي! تنهنڪري توهين سيئي ساوڌان رهجو. سيئي گڏجي ها ڪئي.

ڏينهن خير سان گذريو. رات آئي. سيئي دادا کي انجام جي

ان ڪري دادا لاهور وڃڻ جو ويچار لاهي ڇڏيو. لاهور وارا سياويڪ نراس ٿيا، پر حيدرآباد جا پريمي خوش ٿيا. دادا گرپورب اُتساهه سان ملهائڻ لاءِ ڪين خوب همٿايو. ههڙي شبي اوسر تي سنڌ جي دلين جو دلارو سنڌ ۾ هو. پرڀات ڪان وٺي ٻئي ڏينهن صبح تائين ستسنگ ۽ شبد ڪيرتن ۽ دادا جا اُپديش ٿيا. گرو گوبند سنگهه هڪ وير هو، تنهن ڪري اُن ڏينهن دادا گرسنگت جي باغ ۾ رانديون روندڙيون ۽ پرتي يوگتائون به ڪرايون. ۽ سفيد پوشن جي شيوا جو ڪاريه به ٿيو، ڇو جو دادا لاءِ ڪو به ڏينهن غريبن جي شيوا ۽ آسيس ڪانسواءِ ملهائڻ اپورڻ ۽ اَسڦل هو.

پرڀات جو ٿي لڳي ويهين منٽين، گرو گوبند سنگهه جو جنم ٿيو هو. ٺيڪ اُن سڀاڳي امرت ويلي دادا ريجهومل ڪٽيا، جنهن جون جهونيون ڀتيون ڊهرايون ويئون هيون، تنهن جاءِ تي نئين عمارت "شيوا آشرم" جوڙائڻ جو مهورت ڪيو.

۲۶ ڊسمبر ۱۹۳۳ع ميران اسڪول جو پهريون مئنيجر پرلوڪ پڌاريو. جنهن جو ورنن اڳ ٿي ڪيل آهي.

شيوا جي مورتي ريجهومل لاهوري

سنه ۱۹۳۴ع ۾ دادا ٻه دفعا ڪراچيءَ ويو. اُپر سنڌ ڏانهن پڻ هن دورو ڪيو. شڪارپور، سکر، روهڙي ۽ لاڙڪاڻي ۾ وڃي اُتي جي ڀائرن ۽ ڀينرن کي آسيس ڏني. لاڙڪاڻي ۾ ڪيس سماج شيوڪ سرڳواسي ريجهومل لاهوريءَ جي شلامورتي کولڻ لاءِ ڪوٺ ڪئي ويئي. شري ريجهومل هونهار نوجوان هو، جنهن کي دادا پنهنجي پيار ۽ قرب جي ڏوريءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو هو. هن نوجوان تي دادا جي شخصيت جو ايڏو ته گهرو اثر ٿيو، جو هو سويم هڪ شيوا جي مورتي بڻجي پيو. هو ڪلوان هو، ڌنوان هو ۽ ودوان هو ۽ ايل. بي. پڙهيل هو. وڪالت جو ڌنڌو اڃا شروع ڪيائين مس ته لاڙڪاڻي نگر ۾

پرڀوءَ کي پائڻ، آرام جو ڪم ڪونهي. راتيون جاڳي رام ريجهائڻو آهي. مهاپرش پنهنجو سک آرام ڦٽائي اوجاڳا ڪين ٿا ۽ ڪشٽ ڪاٽين ٿا. تڏهن ته پرڀو کي پائي پنهنجو جنم سڦلو ڪن ٿا! جاڳن ته سنساري جيو به پيا، پر سندن جاڳڻ آهي سئنيمائن، ناٽڪن، ڪلبن ۾ وڃڻ ۽ مزو ماڻڻ لاءِ. واسنائن ۾ وڃائجي پيا خوش ٿين. پر جگياسو جاڳي جاڳي جوڳ پڇائين ٿا، ۽ پنهنجي جانب کي پائين ٿا.

دادا جي هڪ وشيش سکيا هيءَ آهي ته: ”اُٿو! جاڳو!! ويسر ڇڏيو ۽ پرڀوءَ کي پائڻ جو پريتن ڪريو!!“ ڪيترا دفعا نه دفعا هن جوڳي جادوگر پنهنجي اُپديش ۾ چيو هوندو ته مان آيو آهيان توهان جي ننڊ ڦٽائڻ، اوهان جو سک آرام ڦٽائڻ. بيشڪ، سي سڀاڳا، جي جيئندڙ راتيون جاڳي، سلطاني سهاڳ حاصل ڪن ٿا ۽ پنهنجو مانش جنم سڦل ڪن ٿا. اهڙن آتمائن جي مٽيءَ به مانُ لڌو!

دادا واسواڻيءَ جو نالو هينئر حيدرآباد ۾ ڪافي مشهور ٿي چڪو هو. گهر گهر ۾ سندس چرچا ٿيندي هئي. هو ڪم سان ٻاهر نڪرندو هو ۽ گلين گهٽين مان لنگهندو هو ته ٻائر ۽ پيئر ڪيس ڏسي سر جهڪائيندا هئا ۽ سندس آسيس وٺندا هئا. پر دادا اهڙو ته نماڻو هو جو هو مشڪي پاڻ پنهنجو سر جهڪائيندو هو ۽ کين چوندو هو: ”پيارا مون تي آسيس ڪجو.“ جي هو ڪنهن جي مٿي تي پنهنجو نرمل هٿ رکندو هو ته اڳلي جو منهن خوشيءَ وچان ٽڙي پوندو هو. سنت جي آسيس ڪيڏو نه وڏو خزانو آهي!

شهر ۾ ڪير ناچاڪ ٿي پوندو هو يا انت ڪال جي گهڙين ۾ هوندو هو ته دادا واسواڻيءَ کي وينتي ڪئي ويندي هئي ته ڪرپا ڪري اچو ۽ اچي آسيس ڏيو. انتم سمي، سنت جو درشن ۽ دعا. پرلوڪ لاءِ هڪ پروانو سمجهيو ويندو آهي. دادا

ياد گيري ڏئاري. دادا کي ڇا تي ياد ڏيار ڀائون؟ ياد ته کين
رکڻو هو، ته کين هر پل سڄاڳ رهڻو آهي. سڀ اُساهه ۽ آشا
وڃائي جاڳي ويٺا. ڪن مالها کڻي ويهي ڦيري ته ڪن گيتا ۽
سکمني ۽ جو پاٺ ڪرڻ شروع ڪيو، ته ڪنهن ڪهڙو ته ڪنهن ڪهڙو
پستڪ کڻي پڙهڻ شروع ڪيو. آڌي رات جا ٻارهن لڳا، هڪ
لڳو، ٻه لڳا ته هڪ هڪ کي اوٻاسيون اچڻ شروع ٿي ويئون.
ڪوشش گهڻي ڪيائون ته جاڳون، پر ڪن گهڙين ۾ اُني کين
گهيرٽ اچڻ لڳا. نيٺ ندرا ديوي ۽ کين وڌيڪ ٽڪائڻ نه چاهيو،
سو سڀني کي پنهنجي مٺي ۽ گود ۾ کڻي سمهاري ڇڏيائين!
رات جا ٽي لڳا. دادا، جو ته سديو سڄاڳ آهي، سو پاڻ جاچ ڪرڻ
آيو. ڏسي ته سڀني کي اک لڳي ويئي آهي. ڪن ته دين دنيا
کي وساري ڏاڍي مزي سان ٻئي ڪونگهرا هنيان. اَلبت مالهائون
۽ پستڪ سندن پاسن کان سڄاڳ ٿيا پيا هئا ۽ مٺن مشڪي
رهيا هئا.

راتيون جاڳي، رام ريجهاءِ

دادا مشڪندو، پر هڪ هڪ جي حال تي اَفسوس
ڪندو، پريرو وڃي، نوري نماڻي ۽ جا دلسوز ۽ سريلا آلاپ
ڪرڻ لڳو، سندس مکڙي ۽ مان مٺيا ٻکڻ لڳي. سندس گيت
جي آواز تي، ڀائرن ڀينرن جي اک کلي ۽ پنهنجي حال تي
شرمسار ٿيڻ لڳا، پر وقت آهي وڃي. ويو سو ويو! ان ندوري ۽
ننڊ کين سڀني ۽ کان پنهنجو پنهل وڃارايو! سڀني لاءِ ٿي دادا
کان هڪ ٻيو وجهه گهريو. دادا ٻه سندن دل ڏسي وري، نه
ڪيول ٻيو وجهه، پر ٽيون وجهه پڻ ڏنو. پر هو سڄي رات کين
جاڳي کين جاڳيا ۽ نڪي نوري نماڻي ۽ جو درشن اُني ڪري
سگهيا. ڪبير صاحب فرمايو آهي:

سمجهه، ڏيکه، من، ميت پياري،
عاشق هوڪر، سونا ڪيا ڙي!

تنهن کان، جو هن بي زبان جانور کي منهنجي خاطر مار کائڻي پوي!
هو ڏانهن سميلن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو دادا جي راهه تڪي رهيا هئا. پر هي پراڻي مترِ، پراڻيءَ اکي پيڙي سميلن ۾ سڀاپتيءَ جو پد سنڀالي، ان لاءِ هو هرگز تيار ڪين هو. گهر موٽي هن ٽانگي مان لهي گگدام گهوڙي جي لڇندڙ شرير تي پيار مان هٿڙا ڦيريا ۽ سندس نماڻين اکين ڏانهن نهاري، ڪيس آسيس ڏني ۽ پوءِ آلين اکين سان واپس گهر موٽيو.

جيو دَيا سميلن

سنه ١٩٣٤ع ۾ بمبئيءَ ۾ جيو دَيا سڀا جي رجت (سلور) جبلي هئي، جت اکل ڀارت جيو دَيا سميلن ڪوٺائي وئي هئي. اُتان دادا کي قربانتي ڪوٺ ڪئي وئي ته ڪرپا ڪري توهين اچي ان سميلن جا سڀاپتي ٿيو. دادا، جيو دَيا جو ديپڪ دل ۾ جڳائيندو، سنڌڙيءَ جا وڻ ڇڏي، بمبئي لاءِ روانو ٿيو. پاڻ سان نو ساٿي ساڻ ڪري، هي روحاني راڻو، ٽرين جي ٿرڊ ڪلاس جي ٽڪائيندڙ ياترا تي نڪتو. پر دادا ته ان ٽرين جي گاڏي کي هڪ پوڄا جي ڪوٺي، هڪ مندر بڻائي ڇڏيو! ٽيئي ڏينهن، جي هو ٽرين ۾ هو، پنهنجي ساٿين ۽ ٻين ريل ياترين کي نام جو مٺو اَمرت جل پيئاريندو پئي هليو. ۽ سنتن ۽ مهاپرشن جون جيون ڪهاڻيون ۽ سکيائون ٻڌائيندو پئي هليو.

مانَ شان کان پري

ڪانفرنس جي بانيڪارن خوب رٿون رٿيون هيون ته سائو واسوانيءَ کي بامبي سينٽرل اِسٽيشن تان جئه جئڪار جي ڌنيءَ ۽ ڦول مالهائن سان جهنجهي ۽ خاص سينگاريل موٽر ۾ چاڙهي، ڌام ڌوم سان جلوس ۾ گهمائي، پوءِ رهڻ جي استان تي وٺي ايندا سين. ان وسچار کان هنن پنهنجا ٻه ڪاريه ڪرتا، ٻه اِسٽيشنيون اڳوات چاڙهي موڪليا، جن خوش ٿي دادا کي سڀ اچي ٻڌايو. هنن سمجهيو ته دادا هي سڀ ٻڌي

جي دل ۾ جيئن جي موڪش لاءِ تڙپ هئي. سو هو اڪثر اهڙن وقتن تي ويندو هو ۽ پنهنجو مهان ڪرتويه ڪندو هو. گهڻو ڪري ته مريض نيڪ ٿي پوندا هئا ۽ دادا کي دعائون ڏيندا هئا. سندس درشن سان ڪين هڪ نئون بل، هڪ نئين شڪتي اُنئو ٿيندي هئي. هو ائين سمجهندا هئا ته اسان جي گهر هڪ فلڪ جو فرشتو پڌاريو آهي.

نه ڪيول بيمار، پر جن گهرن ۾ نئون سنتان پيدا ٿيندو هو يا شادي مرادي ٿيندي هئي، تن به کيس گهرائيندا هئا ۽ آسيس وٺندا هئا. حيدرآباد کي هڪ سچو سنت مليو هو.

دادا واسواڻي ڪيول مذهبن جو مترڪين هو، پر وڻن ٽڻن، گلن ڦلن، پکين پرندن ۽ پسن جو به پريمي سڄڻ هو. هو ڪين گوبند جا بار ۽ پنهنجا ننڍڙا ڀينر ۽ ڀائر ڪري سمجهندو هو.

گگدام گهوڙو

هڪ دفعي دادا آگري شهر ۾ هو. هڪ وڏي ڳانءُ ۾ هڪ سميلن ڪوٺائي وئي هئي. جت دادا کي سياڻپ ۽ جو پد سنڀالڻو هو. دادا کي سميلن جي ڏينهن ريل گاڏيءَ ۾ وڃڻو هو. قدرت سان ڪنهن سببان دير ٿي وئي، سو دادا ٽانگي واري کي چيو ته پيارا مون کي نه جيڪر اسٽيشن تي جلد پهچائين؟ ٽرين ڇٽڻ ۾ باقي ٿورو سمو اچي بچيو آهي.

ٽانگي واري به گهوڙي کي هنٽر هڻي وڪ وڌارائي ۽ ويو ڇهبوڪ پنيان ڇهبوڪ هڻندو. ويچاري گهوڙي جي شرير کي ڪيڏا نه سٽڪا هڻيائين! دادا کيئن تو اهو ستم سهي سگهي؟ سو ٽانگي واري جو هٿ پڪڙي کيس هڪل ڪري چيائين ته: ” اءِ خدا جا بندا، مٿان ڪڍهن گگدام گهوڙي کي ائين بيرحميءَ سان ماريو اٿيئي.“ ٽانگي واري ورندي ڏني ته صاحب، نه ته اسٽيشن تي پوري وقت تي پهچڻ جو ويچار لاهي ڇڏيو. دادا ٺهنڊي چيس ته پيارا، بهتر ته مون واپس وٺي هليم،

اَهڙو اَنوکو پيار پائي هو نهايت پرسن ٿيا ۽ شڪايت ڪايت سڀ وسري وين. سنتن جي پيار جي وهنوار ۾ ايڏي ته ماکي ۽ مصري آهي جو من جي سڀ ڪوڙاڻ هڪ ڪن ۾ الوپ ٿيو وڃي!

دادا کي جنهن جڳهه ۾ رهايو ويو هو تنهنجي هڪ هڪ ڪُنڊي ڏاڍي سجاوٽ ۽ نزاڪت سان سينگاريل هئي. دادا لاءِ ته هڪ وڏو شاهي ڪمرو رکيل هو جنهن ۾ گلم غاليچا، ڪوچ ڪرسيون، ميزون ۽ ٻيو شاندار فرنيچر وڇايل هو. درن درين تي ڊزائينين وارا اڇا ڊگها پڙدا ٽنگيل هئا، جن جون جهالرون هوا ۾ ڦر ڦر ڪري اُڏامي رهيون هيون. ڇتن اُتي ڪنڊن ۾ ڊگهين تپائين تي قولدانن ۾ رنگ برنگي ۽ سگندت پشپ رکيا ويا هئا، جن کي روز صبح جو مٽايو ٿي ويو. ڀتين تي شري ڪرشن، گوتم ٻڌ، مهاوير ۽ مهاتما گانڌيءَ جون آدم قد تصويرون ٽنگيل هيون، جن مان ديا جون ڌارائون پئي نڪتيون.

لاهوتي

پر دادا درويش کي هاڻ هن حاڪماڻي نظام جي ڪابه آوشڪتا ڪين هئي. فشندار فرنيچر سان هن سان ڪهڙو پريوجن؟ هو هڪ نماڻي مورت جيان هيٺ غاليچي تي ويهي اڳيان صندلي رکي پاڻ ان تي ڪم ڪار ڪرڻ لڳو. ساڻس ملڻ لاءِ وڏا وڏا ماڻهو پئي آيا. انهن کي پڻ پٽ تي وهڻو پوندو هو. ٻيا سادو نه مٽي گديءَ تي براجمان هوندا آهن. پر هي هڪ اَنوکو سادو هو، جنهن ايڪتا ۽ سمدرشٽيءَ جي سد ڀاوَ ۾ سيني سان ساڳيءَ سنوت ٿي ٿي ٻات چيت ڪئي. سنت جي نمرتا ۽ نياز ڏسي، ٻين به اَزخود اهو گڻ اپنايو.

کاڻ وقت دادا اڳيان ڇنهن پرڪارن جا ڀوڄن رکيا ويا، پر هن سادگيءَ ۽ سنجم جي صورت، پنهنجي ٿالهيءَ ۾ ڪجول هڪ ٻه ڀاڄيون، چانورن جهڙي، هڪ اَڌ چپاتي رکي پنهنجي

ڏاڍو خوش ٿيندو. پر دادا ته هميشه ماٺ شان ۽ وڏائيءَ کان وُڙن وٺندو هو. سو هنن ٻن ڀائرن کي چيائين ته اُچو ته هتي ئي لهي پئون. اُسان کي سرڪس ۾ هلڻ نه جڳائي.

ڀائر ويچارا وسا ٿي ويا. ڀلا ڪن به ڇا؟ گهڻو ئي دادا کي وينتي ڪيائون ته بامبي سينٽرل اِسٽيشن تي ڪيترا ڀريءَ سواگت لاءِ آيا هوندا، سي ڏاڍو نراس ۽ حيران ٿيندا. پر دادا هڪ به نه ٻڌن. لاچار دادا سان گڏجي هو اُتي ئي لهي پيا ۽ سيني کي ٽئڪسين ۾ چاڙهي چوپاٽيءَ تي آيا، جت دادا لاءِ هڪ وڏو شاهي مڪان تيار ڪرايو ويو هو. هميشه جيان دادا لهڻ شرط اُت ستسنگ ڪيو ۽ نام ڪيرتن جي ڌني لڳائي.

هوڏانهن ٽرين جڏهن بامبي سينٽرل اِسٽيشن تي پهتي، تڏهن سواگت ڪاميٽيءَ جا سوين ڀائر ۽ ڀينر دادا جي درشن لاءِ پرتيڪشا ڪرڻ لڳا. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا، پر سنت گاڏيءَ ۾ هجي ته لهي نه! ڏاڍو نراس ٿيا. نيٺ جڏهن پنهنجي اڳواٽ موڪليل ٻن ساٿين کي به ڪين ڏٺائون، تڏهن سمجهيائون ته ضرور هو سڀ اڳينءَ اِسٽيشن تي ئي لهي اُسانکي چڪمو ڏيئي ويا آهن. نراس ٿي، سينگاريل ڪار واپس ڪٽي آيا چوپاٽيءَ واري مڪان تي. جيئن ويجهو پوندا ويا، تيئن سندن ڪنن تي ستسنگ ۽ ڪيرتن جو مٺو پرلاءُ پيو. اُندر گهڙي ڏٺائون ته هڪ شاهاڻي صورت ۽ موهني مورت وارو تيجسوي پر شانت سروپ سنت، اکيون بند ڪري ڌن ۾ ويٺو آهي ۽ سندس چوڌاري ڪي ڀائر ۽ ڀينر به ويٺا آهن ۽ پيا نام جي اُستتي ڪن!

انهن مان ڪن ضرور اهو ويچار ڪيو هوندو ته ساڌو واسوانيءَ کي خوب ڏوراپا ڏينداسين. پر سندس چمڪندڙ چهرو ڏسي، ڏاڍو پرڀاوت ٿيا ۽ سندن ڪنڌ اَزخود سنت اڳيان جهڪي ويا. ستسنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ اهو ساٽس مشڪي مليا. دادا به کين کلي ڪيڪاريو ۽ قرب وچان گلي لڳايو. سندس

ساڌو ڪين آهيان. مان نه ساڌن ۽ سنتن جو هڪ شيوڪ آهيان. مان پريم جو پوڄاري آهيان.

"اهنسا جي اوتار، گوتم ٻڌ، پنهنجي ڪوشش ڪئي هئي ۽ سڪيا ڏني ته جڏهن اوهين ڳوٺن ۽ ڳامڙن ۾ وڃي پرچار ڪريو تڏهن هيءُ هڪ پرشن ضرور پڇجو: آهي اوهان ڪي ياد گيري يا نه؟" ۽ اوهان جي وشال نگر ۾ اچي مان به اوهان کان هي پرشن پڇان ٿو ته اوهان کي ياد گيري آهي يا نه؟ هن نگر ۾ اُتساهه آهي؛ اُمنگ آهي. هن شهر ۾ وڏا سماروهه ۽ سميلن ٿين ٿا، جشن ۽ جلوس نڪرن ٿا، هٽ واپار جي بازار گرم آهي؛ هٽ ڌن دولت جا ڌندا ڪيا وڃن ٿا. هٽ وڏيون عمارتون اڏيون وڃن ٿيون. پر هن دل جي اندر اُٿي ٿو هي پرشن ته اوهان جي هردي اندر ڀارت جي رشين جي اوچ آدرشن جي سمرتي آهي يا نه؟ ڀارت جي اندر رهندي، ڀارت جي ياد گيري آهي يا نه؟ ڀارت جي ياد گيري آهي هڪ اکر ۾ "ديا". سچو ڀارتي اهو آهي جنهن جي هردي اندر ديا آهي. ڀارت شبد جو سنبنڌ آهي "ڀائي" اکر سان. ڀائي سچو سو جو بار جهلي. A true brother is a burden bearer – بار اُٺائو! بوجهه کڻو! هن سمي وشو ۾ ڏک جو بار اٿو. شل توهين ۽ توهانجو هي داس، ٿورو يتن ڪريون هن ڏک کي گهٽائڻ جو. شل ايشور جي آسيس سان هي سميلن ديا ڌرم جو ڏيئو ٻاري ڇڏي!"

انگريزي ڀاشا

دادا جو هردو ته ديا ۽ پريم جو ساگر هو. اُن ۾ ڀور، ان ڪروڙ ساگر ۾ لطف جون لهرون پئي لڳيون، سڪ ۽ ڇڪ جون ڇوليون پئي ڇُليون. دادا جي دل ۾ دن رات ديا جو ڏيئو پئي جليو. سو جيئن ديا جي وشي ته سندس انتر آتما جي انڪُول هئي. مٺي هندي ڀاشا ۾ ٻه چار شبد چئي، هاڻ

اُڌ رپورٽا ٿي ڪئي. سندس آهار اَلپ هو. سمبلن سيا جي چٽنس شري للوُ ڀائي گجو ڀائيءَ سيٺ کي تاڪيد ڪري ڇڏيو هو ته ساڌو واسواڻيءَ جي شيوا ۾ هر چيز حاضر هئڻ گهرجي. پر دادا جي دل نه لڳي هئي لاهوتين سان. لاهوتين جيان هو به لاهوتي هو. لاطمع، لاغرض ۽ بيراڳي.

بمبئيءَ جي مشهور لڪشمي نارائڻ مندر جي سامهون ساڌو باغ ۾ هي جيوَ ديا سمبلن ڪوٺائي وئي هئي. باغ ۾ هڪ وڏو شاهي شاميانو کڙو ڪيو ويو هو. جنهن کي سندر نموني ۾ سينگاريو ويو هو. پنڊال ڏسڻ وٽان هو!

سمبلن آرنڀ

آرتوار تاريخ ۲۱ آڪٽوبر منجهند جو ٽين بجي سمبلن جو آرنڀ ٿيو. ساري ڀارت جي ڀن ڀن پرانتن، برما ۽ سري لنڪا ديش جا هندو، وشنو، ٻوڌي ۽ جين پرتينڌي اچي ڪٺا ٿيا هئا.: سمبلن جي سڀاپتيءَ ساڌو واسواڻيءَ جو، واهه جو سواگت ڪيو ويو. ڪيس قول مالهائن سان جهنجهيو ٿي ويو. جي نمرتا ۽ لڄ وچان هنن هڪ هڪ ڪري لاهي ٿي رکيون. پنڊال پرتينڌين سان ڀرُ هو. آرنڀي سواگتي ۽ ٻين وياکياڻن کان پوءِ جڏهن سڀاپتي صاحب جي وياکياڻ جو سمو آيو، تڏهن هزارين اکيون اچي هُن سونهن، سادگيءَ جي پتلي ۾ کتيون. سندس چهرو چوڏس جي چندرما جيان چمڪي رهيو هو. دادا ڌيمي ڌيمي پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿيو ۽ چوڌاري اپستت بندُن ۽ ڀينرن کي مشڪي، هٿ جوڙي پرنام ڪيائين. وايومنڊل ۾ هڪ اَلوڪڪ شانتي ڇانئجي وئي. پوءِ هن پنهنجي نڙي صاف ڪري، پنهنجي، سنهڙي مٺي مرليءَ جهڙي مڌر آواز ۾ **هندي ڀاشا** ۾ ڪي ٿورا شبد چيا، جن جو سار هي هو: پريه بندوُ ڀڳنيو! توهين مون کي پيار ۽ سنيهه وچان ”ساڌو“ ڪري ڪوٺيو ٿا، پر مان توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته مان

آهي." تنهن تي يڌشٽر چيس ته "پيارا، مون سان منهنجو
وفادار ڪتو به ساڻ آهي. اُن کي به اندر وٺي هلڻ ٿو چاهيان."
اهو ٻڌي، دوارپال وراڻي ڏنيس "تون اندر ڀلي آءُ. پر هن
ڪتي، هن پسوءَ لاءِ سورڳ ۾ جاءِ ڪانهي. ان کي ٻاهر ڇڏي
پوءِ ڀل تون اندر پرويش ڪر." تنهن تي يڌشٽر ورندي ڏني
ته هي ڪتو مون سان هميشه وفادار ٿي رهيو آهي. اسين ٻئي
سديو گڏ رهيا آهيون. هاڻ مان کيس ڇڏي ڪيئن ڏيندس؟
مان پريوءَ جي درشن لاءِ ڀلي ترسي سگهان ٿو، پر هن وفادار
ساٿيءَ کي مان ڪداچت تياڳي ڪين سگهندس." ائين چئي
هن اُن ڪتي ڏانهن هڪ اديت درشٽيءَ وجهي نهاريو ته هڪ
کن ۾ هو پنهنجي پسوءَ جو روپ ڇڏي "ڌرم" جو اُتي
سندر روپ ڌاري بيٺو ۽ يڌشٽر کي مشڪي چوڻ لڳو ته:
هي ڌرمراج! توکي ڌنيواد آهي. تو مون کي ڪيول
پسو ڪري نه ڏٺو، پر پنهنجي سوڌرم جو پالن
ڪيو آهي. توکي وري ڌنيواد آهي. تون دوار جي
اندر هليو آءُ ۽ اندر سورڳ ڌام ۾ اونچ پد تي هلي
براجمان ٿيءُ."

سيني ۾ اِڪ جوتي

هن روم روم ڪڙا ڪنڌ درشٽانت جي گپت معنيٰ
ٻڌائيندي دادا چيو ته: "ايشور جي دربار ۾ انسان اڪيلو
ڪين پرويش ڪري سگهندو، پر ساڻس گڏ پسن ۽ پکين لاءِ
پيار هئڻ اوشيه آهي. سندن آسيس بنا، سندن سنگت بنا،
انسان پنهنجي اونچ پد کي پراپت ڪري ڪين سگهندو. جو
پريوءَ جو روپ سيني ۾ پسي ٿو، منشن ۾، پسن پکين ۾ ۽
پرڪرتيءَ جي اَڻوءَ اَڻوءَ ۾، تنهن لاءِ ئي سورڳ ڌام جا دوار
کليل رهن ٿا. شري ڪرشن ڪين چيو آهي، "سچو گياني سو
جو برهمڻ ۾، دين ۾، هاٿيءَ ۾ ڳئوءَ ۾ اِڪ ٿو پسي، ۽ ڪتي

هن انگريزي ٻوليءَ ۾ پنهنجو ٻولڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ دماغ جو جلوو ۽ دل جي پريم پاونا هئي. نوڙت ۾ نمي، سيٺي جا آڀار مڃيندي، هن چيو: ”توهان سنڌ و بيابان جي هن ٻالڪ کي سميلن جي سڀاپتيءَ جي پد سنڀالڻ لاءِ چونڊيو آهي. اها توهانجي مهانتا ۽ ڪرپا آهي، جنهن لاءِ مان توهان جو آڀاري آهيان. جيون جي سفر جي آرنڀ کان وٺي منهنجي هردي جي اندر پيارن پسن ۽ پکين لاءِ پريم پٽي رهيو آهي. سنڌن نماڻي شيوا مون پريم ۾ پٽي ڪٿي آهي. مون سنڌن نماڻين اکين ۾ پريوءَ جي مورت چمڪندي ڏٺي آهي. مان انهن مان اهي سبق پٽي سکيو آهيان جن مون کي ستيه جي نکت پٽي چڪيو آهي. هن دل جي اندر هڪ هيءَ اُبلاڪا اٿو تہ شل منهنجي جيون سڦل ٿئي، هنن نندڙن پائرن پيمرن جي شيوا ۾. گگدام اٿو گوبند جا ٻار، اشور جي وشال پريوار جا ٻالڪ.

بس ٻہ ننڍڙن جون دليون جنسي تہ ڏرڻ لڳيون ۽ ڪن جي نيترن ۾ ديا وچان جل پرجي آيو. هو سڀ هڪ ٽڪ، هن ديولوڪ جي دِيالوُ داتا جي ٻرندڙ مکڙي ڏانهن نهاري رهيا هئا. هنن ائين تہ اُنيؤ ڪيو تہ ڪو دئوي ڪلاڪار، سانت اُئي سانت ۾ سنڌن هردي جي سنتل ستار جي تارن کي ڇيڙي، منجهانئن درد جون ڌانؤن ڪڍي رهيو آهي. ان دل سوز ساز جي آواز ئي سنڌن سنتل هردي ڪمل ڪلي رهيو آهي.

ڌرمراج

دادا سيٺي جون دليون ڏوڏي، پنهنجو انگريزي ڀاشڻ مهاڀارت جي هن سندر کهاڻيءَ سان سماپت ڪيو. مهاڀارت ۾ ائين لکيل آهي تہ ڌرمراج ٻڌشٺر، پنهنجي جيون جي يالترا سماپت ڪري، جڏهن وئڪنٺ جي دوار تي اچي پهتو، تہ هن دوار پال کيس ڏسي ڏاڍ وخوش ٿيو ۽ چيائينس تہ ”پيارا، پاپي آٿن! تون جيءَ آئين! تو لاءِ سورگ جو دوار سدائو کليل

سندس لڳ لڳ لرزش ۾ هو، انگ انگ ۾ اُمنگ جي آتش هئي. پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪري لڏندڙ سري سان، لڙڪ ڳاڙيندڙ آواز ۾ دادا چيو: ”پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! سڀني جي اڳيان اجا گهڻو ڪم آهي، پر نراس نه ٿيو. ورتمان ڪال جي سينا جو لهو پاپ ۾ رڱيل آهي، هنسا ۾ ڪارو ٿي ويو آهي. هڪ ديش ٻئي ديش ڏانهن لالچي نگاهن سان نهاري، ان جو گلو گهٽڻ ٿو چاهي.

ولائت مان وقت بوقت مونکي پٽر اچن ٿا، جن ۾ لکيل هوندو آهي ته ملڪن ۾ اونده ڇانيل آهي. هو اُگيان جي اوڙاه مان لنگهي رهيا آهن. پر ڪين آشا آهي ته ڀارت ڪين روشني ڏيندو. هو ڪين اونده مان ڪڍي اُجالي ۾ آڻيندو. ڀارت جي نوجوانن کي جڳائي ته هو هڪ منتر ياد ڪن: جوت جڳايو! ديا ڌرم جي جوت، شيوا ڌرم جي جوت. شهر شهر ۾، نگر نگر ۾ هو وڃن ۽ ديا ڌرم جي جوت روشن رکن ۽ ڀارت ديش ۾ منشيه جاتيءَ جو ڪلياڻ ڪن.“

٢٤ تاريخ اُکل ڀارت جيو ديا سمتيءَ جي سلور جبليءَ جو اُتسؤ هو. ڊاڪٽر راجيندر پرساد، انڊين نئشنل ڪانگريس جو اڌيڪش، پنڊت مدن موهن مالويه، سروجني نئڊو ۽ ٻيا ڪئين نيتائون، ڀائر ۽ ڀينر اُپسٿت هئا. سندن اُپسٿتيءَ ۾ دادا کي مانپٽر ڏنو ويو. موٽ ۾ دادا چيو ته: شيوا جو اُجورو آهي وڌيڪ شيوا. ٻليدان جو اُجورو آهي وڌيڪ ٻليدان. شل هيءَ جيو ديا منڊليءَ، وڌيڪ وڌيڪ شيوا جي ڀاوَ ۾ وڌندي رهي. جيو ديا اُتي اُهنسا جو جهنڊو! ان جهنڊي کي شل نه ڇڏيو. شل جيو ديا منڊليءَ جي ڪاريه ڪرتائن کي اکين ۾ اچي مستي ۽ هو شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي جيو ديا جي پوتر شيوا ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪن. جو به ڪم ڪار هو ڪن سو شل ايشور ارپڻ ڪن. جڏهن ائين ٿيندو، تڏهن جيو ديا ڪم

چنڊال ۾ به جو اِڪ جوتي آتم جي ٿو ڏسي.“

جوت جڳايو

دادا جي نرمل حاضريءَ جيئن دَيا سمپلن کي هڪ نئون رنگ لڳائي ڇڏيو. سمپلن تي ٻيءَ بيٺڪ ۾ ٻاويهه پرستاو پاس ڪيا ويا. دادا سڀني پرتينڌين کي اُتساهت ڪندي چيو ته:

”توهين جت جت وڃو اُت دَيا جو ديپڪ، جيون دَيا جي جوت جڳائيندا وڃو. پاڻ سان هي هڪ منتر کڻي وڃو: جوت جڳايو! جوت جڳايو! اَهنسا پرمو ڌرم! اَهنسا دوارا ئي منش جاتيءَ جو اُڌار ٿي سگهي ٿو. دنيا ۾ دک آهي. لوڪ دکي آهن. ڪارڻ ڪهڙو؟ انسان شڪاري بڻيو آهي. جيڏانهن نهار تيڏانهن جهيڙا، جنگيون ڇڙيل آهن، ملڪن ۾ تڪرار آهن. اِنسان جڏهن شڪاريءَ بدران پر اُپڪاري ٿيندو، تڏهن ئي سڀن پرگتي ٿيندي. اُپڪار شبد جو سنبنڌ اتو ”پشپ“ سان. پشپ پيارو سڳنڌ ڏئي ٿو. پشپ ۾ آهي سندرتا ۽ سوڀيا. پشپ ۾ آهي ڪوملتا. سچي سڳنڌ اتو شيوا جي سڳنڌ. شيوڪ ٿيو. دکين، غريبن، مسڪينن جا مددگار بڻجو! پکين ۽ پسن کي پيار ڏيو! انهن جي شيوا ڪريو. تن جي آسيس پايو ۽ پنهنجو منشيه جنم سڦل ڪريو. پريو ڪٿي آهي؟ هو محلن مندرن ۾ ڪين آهي. هو ته اتو غريبن جي پيگل جهوپڙين ۾. جڏهن اهو اَنڀو ٿئي ٿو، تڏهن دل اندر دَيا جو ديپڪ جڳي ٿو ۽ ڪنورتا جي ڪارنهن دور ٿئي ٿي. تلسيداس ڪين چيو آهي:

دَيا ڌرم ڪا مُول هـ، پاپ مُول اَڀمان،
تلسي، دَيا نه ڇوڙيئي، جب لڳ گهٽ ۾ پران.

شل اسان جي پيگل ڀارت ۾ دَيا، ڌرم، اَهنسا جي جوت جڳي.“

ٽئين ڏينهن، رات جو سمپلن جي سماپتيءَ جي سمي، دادا دل ڇهائيندڙ اُپديش ڏنو. اَنتم شبدن ۾ جنسي آگ هئي.

دادا ڪرسيءَ تي ويٺو مس تہ چوڌاري ٽاڙين جو زوردار ٺهڪو پئجي ويو. ڪن جون اکيون آليون ٿيون ۽ ڪيترا دادا کي گهيرو ڪري ويا ۽ سندس آسيس ورتائون.

سميلن جو پورو سپتاهہ، دادا چئوپاٽيءَ تي وڏي شاهي بنگلي ۾ نهايت سادگيءَ ۽ تپسيا جي ڀاو ۾ رهيو هو. جهڙي سندس ڪهڻي هئي، تهڙي ئي سندس ڪرڻي بہ هئي. شري للو ڀائي گجو ڀائيءَ ۽ ٻيا ڪاريہ ڪرتا سندس نرمل ۽ سادي جيونيءَ تي ڏاڍا متاثر ٿيا.

بمبئيءَ ۾ دادا انڪل تي مهمان رهيو هو. اڃا چئوپاٽيءَ تي رهيل هو تہ اُت ونس سيٺ ڪشنچند ڀوهوڪياٽيءَ وارو آيو ۽ هٿ ٻڌي وينتي ڪيائينس تہ دادا ڪرپا ڪري ڪي ڏينهن اسان وٽ هلي رهو ۽ اسان کي آسيس ڏيو. سو جڏهن سميلن سماپت ٿي تڏهن هو پنهنجي ساٿين کي ساڻ ڪري وڃي سيٺ ڪشنچند وٽ رهيو. اُت بہ رهڻ جو پربنڌ نهايت عمدو هو. پئسي وارا بيشڪ هئا، پر سڪ وارا بہ هئا.

بمبئيءَ ۾ جو وقت دادا هو، اهو وقت ڪڏهن ڪٿ تہ ڪڏهن ڪٿ پيو ڪوٺ لي ويندو هو. ڪڏهن سنگهہ سڀا ۾ ويندو هو تہ ڪڏهن سري گرو نانڪ ديو جن جو جنم دن پيو ملهائيندو هو. ڪڏهن پارسي پريمين جي ڪوٺ تي ڪاما هال ۾، ڪڏهن ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي بلاوٽسڪي هال ۾ پيو پروچن ڏيندو هو. سنڌين ۽ سکن تہ گڏجي دادا کي سندس سندر ڪارين لاءِ ڳوٿري بہ ڀيٽ ڪئي.

هيڏي سنمان ملندي بہ دادا ڪهڙو نہ نماڻو هو! هڪ ڏينهن جي وارتا آهي! دادا پنهنجي ساٿين سميت اَپالو بندر تي پئي ٽهليو. اُتي ئي هڪ سوزناڪ صدا ٻڌڻ ۾ آئي تہ ”نالي الاهہ جي ڪجهہ ڏيو. پنهنجي ڀنڊار مان ڪجهہ ڏيو تہ سائين توهان جا ڀنڊارا ڀرپور ڪندو.“ آواز ۾ التجا هئي،

ڪندڙن جي اندر ايندي هڪ شڪتي، هڪ ٻل، هڪ جادو، هڪ طاقت، جا طاقت ڀارت جي ڪوني ڪوني ۾ جيوديا جو جهنڊو اونچو جهولائيندي!"

٢٥ تاريخ دادا جي سنمان ۾ هڪ ائٽ هوم (At home) پارٽي ڏني وئي، جت نگر جي نيتائن ۽ ويڪتين کي ڪوٺ ڪئي وئي هئي. ٻوڌن جي آرنڀ ۾ دادا کي وينتي ڪئي وئي ته ڪي شبد چئو. دادا جي شبدن ۾ سچائيءَ جي سڳنڌ ۽ شڪتيءَ جي آنش هئي، جنهن ڪري ڪيترن جي دلين ۾ اهي شبد تير جيان چڀي ويا. دادا چيو ته "جيوديا جو ورڪش وڌندو وڌندو ۽ گهٽن کي ڦل ڏيندو. هن ڪنور ڪلجڳ جي ڪال ۾ هنسا تمام گهٽي آهي. هنسا جو ڪارڻ آهي واسنا. هنسا واسنا جو روپ آهي. اسان کي جيوديا جو اُتم ڪاريه ڪرڻو آهي. اسان کي جڳائي ته سادگيءَ جي راهه پڪڙيون ۽ جيون ۾ سادگيءَ جي جوت پرڪاش ڪريون. ولائت جو ناجائز نقل نه ڪريون. پر پراچين ڀارت جي آدرشن تي هلون.

"امريڪا جي هڪ مهاپرش، ٿورو (Thoreau) پنهنجي جيون جيوديا ۾ وتيت ڪئي. تنهن جو هڪ منتر هو: سادا ٿيو، سادا ٿيو! Simplify! Simplify! ديا ڌرم جي پرڪاش واسطي، تپسيا جي آوشڪتا آهي. پراچين شاسترن ۾ انئين لکيل آهي ته جتي تپو شڪتي آهي، اُتي جئه آهي. شيوا ڌرم، ديا ڌرم جي جئه ٿيندي، جڏهن ڪم ڪار ۾ تپو شڪتي ايندي."

انت ۾ دادا پنهنجي سياوڪ نموني ۾، سڀني اڳيان پنهنجو مستڪ نوائي، ڀارت جي ڀاڳ ۾ چيو: "مونکي آشيرواد ڏيو ته منهنجي جيون ۾ وڌيڪ وڌيڪ تپسيا جي شڪتي اچي. تپو ٻل آهي برهم ٻل. شال انت شڪتي منهنجي جيون ۾ چمڪي ۽ شل مان وڌيڪ قبول ڀوان پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾."

دادا هن مسڪين ٻڪريءَ جي ٻڪ نورت ڪري کيس ٿڌو
جل پياريو ۽ کيس هٿ ۾ هڪ رپيو ڏيئي، قرب مان چيو:
"پيارا، هن مان سيان ٻه روٽي وٺي کائج، نام جپج ۽ آسيس ڏج."

ستسنگين کي ٿات

دادا هيترين مشغولين هوندي به پنهنجي حيدرآباد جي ستسنگين کي ڪين وساريو هو. ڪين وقت ٻڌائي چٺي چپائي پيو لکندو هو. هو ته پرپٺ ڏاڍا ويڳاڻا ٿي پيا هئا. سو دادا جي چٺي ايندي ئي ڊوڙي سڀ گڏجي ساڳئي ئي وقت اُها ائين پڙهندا هئا، جيئن ڪنهن ٻڪايل کي برهم پوڄن مليو هجي. پڙهندي پڙهندي، ڪن جي اکين ۾ پاڻي ايندو هو. ته ڪي خوشيءَ ۾ ڪلي ڪيرا ٿيندا هئا. پوءِ سڀيئي دادا کي خط جو جواب ڏيندا هئا ۽ هڪ ئي رٽ لڳائيندا هئا ته: دادا، هاڻ موٽو، جلد موٽو. توهان کان سواءِ اسين وڌيڪ رهي نه ٿا سگهون. اسان لاءِ هڪ ڏينهن وڏي ورهيه ٿي ٿو پوي. دادا، هاڻ جلد موٽو نه! لکندي لکندي ڪن جي نيڻن جو نير وهي اُن پتر تي اچي پوندو هو، ۽ اکرن کي اُکيڙي ڇڏيندو هو. دادا کي جڏهن اهڙو خط ملندو هو، تڏهن هو سڀ ڪجهه سمجهي ويندو هو. هاڻ کيس به ڪاٿي وڌيڪ ٻري رهڻ ڪين ٿي ٻڳو. سو ڪين موٽ ۾ لکيائين ته مان اچان پيو. خط ملندي ئي هو آنند ۾ اچي ايترو جهومڻ لڳا جڻ ته ڪو ڪبير (ڌن جي ديوتا) جو خزانو مليو اٿن. دادا جي اچڻ ۾ جي ٻه ٽي ڏينهن اچا پيا هئا سي به وڏي پين. خوشيءَ ۾ ننڊ ئي نه اچين!

واپسي

نيٺ اهو سڀاڳو ڏينهن به خير سان اچي پهتو. صبح جو ١١ بجي، گاڏي اسٽيشن تي اچي بيٺي. حشام ماڻهن جا، جي دادا جي درلڀ درشن لاءِ آيل هئا، سي سڌس گاڏي ڏانهن ڊوڙيا. دادا سڀني کي ڪلهي ڪيڪاريو ۽ پيار ۽ قرب ۾ گڏيو. ڪن

درد هو، اهو آواز ٻڌو نه سگهي، پر ڪيول دادا ٿي ان آواز طرف وڌيو. ڏسي ته هڪ غريب سورداس ٻڪاري آهي. جنهن جي لڱن جا لٽا ليڙون ليڙون ٿيل هئا ۽ شريــر ٿڪل ۽ منهن ۾ مسڪيني پئي ٻڪيس. سو هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجو ڏبرو هڏائــون هٿ ٻ گهري اها صدا هڻي رهيو هو. دادا وٽس وڃي آيــو ۽ ڏاڍي پيار ۽ همدرديءَ وچان پڇيائينس ته ”پيارا، توکي ڇا کپي؟“ ويچاري سورداس ٻڪاريءَ، جنهن اهڙا مٺڙا وچن ۽ ”پيارا“ شبد شايد پنهنجي جيون ۾ ڪڏهن ڪين ٻڌا هئا، تنهن اچنبي ۽ آشا ۾ اچي ورندي ڏني ته: ”بابا، مان ٽن ڏينهن لاڳر ٻکايل آهيان.“ اتي دادا جا ساٿي ٻه اچي سهڙيا ۽ هاڻ سمجهي ويا ته سورداس جي آواز ۾ ايترو درد ڇو هو.

دادا يڪدم هڪ ساٿيءَ کي چيو ته ٻ ووڙي ڪڻان نرم ۽ گرم روٽي وٺي اچ. يڪدم ڪنهن نزديڪ هوٽل تان هڪ ٿالهي گرم چانورن، ڇپاتين ۽ ڀاڄين جي اچــي ويئي. دادا پاڻ پٽ ۾ ويهــي، ٿالهي هڪ هٿ ۾ جهلي، ٻئي هٿ سان ڳٽي ڳٽــي ڪري ان ٻکايل، ٻڪاري سورداس کي کارائڻ لڳو. آپالــو بندر تي سوين ماڻهو هواخوريءَ لاءِ ايندا آهن. وڻ وڻ جي ڪاٺي اچي گڏ ٿئي. گهٽيءَ سڃاڻپ وارا گڏجي ويندا آهن. پر دادا دنيا کي وساري پنهنجي دريدر نارائڻ کي پريم ۽ شيوا ڀاو ۾ ڀوڄن کارائي سندس ٽن ڏينهن جي بک نـورت ڪري رهيو هو، ۽ اکين مان آنسون به وهائي رهيو هــو. ٻکــاريءَ جــي پيٽ جــي پيڙا سندس آتما کي پيڙي رهـــي هئي. هينئر جڏهن سورداس جي مرجهايل چهري تي هن سنتوش جي ريکا ڏٺي، تڏهن مس سندس هردي ۾ به سنتوش اُتپن ٿيڻ شروع ٿيو. هو سورداس جي چرنن ۾ اُٿين وينو هو جيئن سري ڪرشن ڀڳوان پنهنجي پراڻي پر غريب متر سدامي جي چرنن ۾ ويهي پنهنجي ڪرڪملن سان سندس متيءَ سان پرلل پير ڌوئندا هئا!

چيائين: ”وهاڻ آهي پريم. جيون ۾ اٺو پريم. سڄل جيون جو رهسيه اٺو پريم. سچي پريم بنا ٻيو سڀ ڪوڙ آهي، ڌوڙ آهي. مان ٻالڪيءَ (ڪنوار) تي نئون نالو ”جمنا“ رکان ٿو. جمنا آهي پوترتا جي نشاني. سچو پريم اُهو آهي، جنهن ۾ پوترتا جي روشني آهي. شري ڪرشن کي جمنا سان ڪيڏو نه پيار هو! شل هن جوڙي جي جيون ۾ به جوت جاڳي پوترتا جي! گرهستيءَ جو پهريون ڌرم آهي پوڄا پرارٿنا. پريم جو بنياد آهي پرارٿنا. پرارٿنا جي نشاني آهي سيوا ۽ قرباني. دروپدي محل جي راڻي هئي. ٻارهن سؤ مهمانن کي کارائي، پوءِ پاڻ کائيندي هئي. ڪائنس پڇيائون ته توکي ايڏي تڪليف ڇو ٿي وٺي؟ دروپدي جواب ڏنو ته ٻالڪپڻ کان وٺي هڪ سبق سکي آهيان ته ”ڌرم آهي سيوا“! ۽ جڏهن سيوا جو ڀاءُ وڌي ٿو، تڏهن جيون ۾ هڪ الوڪ جوت اڀري ٿي، جنهن جوت جو نالو آهي ٻليدان، قرباني! ولايت جو هڪ ڪوي رشي، پنهنجي هڪ ڪويتا ۾ پرارٿنا ڪري ٿو: ”اي پرڀو! شل مان ننڍڙا ننڍڙا ڪم پريم سان ڪريان!“ ننڍا ننڍا ڪم ڪريو سيوا جا. شل هنن ٻنهي جي جيون ۾ جاڳي جوت قربانيءَ جي ۽ ٻئي ڪن سيوا سچي، هڪ ٻئي جي.“

نيلا پکي

سڪي ستسنگ وڌندو رهيو. دادا جي هردي ۾ ٻالڪن لاءِ پيار پيو اُڇلون ڏيندو هو. هو چاهيندو هو ته ٻالڪيون نرمل وايومنڊل ۾ رهن ۽ پنهنجي جيون پرارٿنا، پوترتا، سچ، سادگيءَ ۽ سيوا جي سندر آدرشن تي ٻڌن. ان وچار کان ٻالڪن جي هڪ ٽولي ناهي وئي جنهن تي نالو رکيو ويو "Blue Birds" يعني ”نيلا پکي!“ اهي نيلا پکي هر ٻڌوار شام جو ڪٺا ٿيندا هئا، جتي دادا کين انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏيندو هو. هو کين ولايت جي پرسڌ نارين بابت ڪهاڻيون ٻڌائيندو

ڪي مٺي مشڪ ڏنائين. ڪن جي مٿي تي پيار جو هٿڙو ڦيرايائين، ڪن کي ڳلي مليو ته ڪن کي نشيلين نظرن سان نهال ڪيائين. مطلب ته هڪ هڪ ائين انڀؤ ڪيو جڻ ته دادا خاص سندس لاءِ ئي آيو هو! بندرابن ۾ شرد پورنما جي سمي هڪ هڪ گوپي به ته ائين ئي انڀؤ ڪيو هو ته شيام سندر ڪيول سائنس ئي راس رچائي رهيو آهي. جوڳي جادوگر جي هن وچتر جادوءَ جي پرڀاوُ سان هڪ هڪ پريميءَ پاڻ کي ڌنيه سمجهيو! مهڻن جو وڇوڙو هڪ ڪن ۾ ائين لهي ويو، جيئن سوريه جي اُديه ٿيڻ سان رات جو انڌيرو دور ٿي ويندو آهي. دلبر کي ڏسي نيڻ ۽ دليون ائين ٺري پيئون، جيئن ساوڻ جي رُت ۾، مور پنهنجا پنک پکيڙي نچي.

ساري شهر ۾ دادا جي پڌارڻ جي خبر وڄ جيان ڦهلجي وئي. شام جو ستسنگ جي سمي ۾ سوين پائر ۽ پيمر ائين اچي سهڙيا، جڻ ته ڪين ڪاڻ مان هيرا جواهر ٿي مليا. ۽ سچ ته هو به ائين. دادا جي مکاروند مان جي بول ٿي نڪتا، سي ڪٿ ۾ هيرن جواهرن کان ڇا ۾ گهٽ هئا؟ بلڪ، انهن کان به وڌيڪ ملهائتا هئا. سنتن جا امرت وچن، نتيه هيرا جواهر آهن. اُن شام جو ستسنگ ۾ هڪ انوکو اُتساهه ۽ اُمنگ هو. سڀني جون دليون آنند سان ڀرپور هيون. ستسنگ سماپت ٿيڻ کان پوءِ دادا سڀني کي آسيس ڏني.

گرهست جيون جو ارٿ

ٻئي ڏينهن ستسنگ جي پيڙ ليلا واسواڻي جي ڀاءُ دشمتراءِ بولچند جي شادي ٿيڻي هئي. هڪ اهو به سبب هو، جو دادا حيدرآباد ۾ اچي پهتو هو. شاديءَ جو شڀ ڪاريه دادا پنهنجي نرمل حاضريءَ ۾ وڌيءَ انوسار ڪرايو. هون بريو. پاٺ پوڄا ٿيو. نرمل اگنيءَ جي چوڌاري گهوٽ ڪنوار ڦيرا ڏنا. پوءِ دادا سندر ۽ سکيادايڪ اُپديش ڏنو. جنهن ۾

ڳالهه ڪئي ته توهان لاءِ اُنهيون سڀنيون ڳالهيون پيئون پڌريون ڪيون وڃن. پر دادا ته سديوَ پر شانت ۽ اِستر رهيو هو، سو ذرو به ڪين لڏيو. جي "اُڪرُين ۾ منهن وجهندا سي مُهر ٿين. پر چڙو ڏجندا!" شيپ ڪاريه ڪرڻ معنيٰ سختيون ۽ سور سهڻ. ايشوري ڪاريه جي مارگ ۾ هلڻ واري کي ڪشٽ ۽ ڪنتايون آڏو اچن ٿيون. هيءَ وات اوکي اٽانگي ۽ ڪنڊن ڇانئين آهي. دادا نکي اچرج ڪاڏو، نکي دک ٿيو. هن وچان ئي چيو: "اِن ڪن ڪچري کان پري رهڻ چڱو آهي. بيشڪ، انهن اخبارن جا ليک پڙهي توهان کي دک ٿيو آهي. توهان ۽ ٻين کي منهنجي وينتي آهي ته منهنجي بچاءَ ۾ ڪجهه نه لکو، پر ڪاريه ڪندا رهو. تڪرارن کان منهن موڙيو. ڪُوڙ نيٺ پنهنجي رنگ ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ڪوڙ جو رنگ آهي ڏوڙ! هن ميدان ۾ مان هڪ سپاهي آهيان، ستگر جو سپاهي. هو ئي منهنجي ڍال آهي، منهنجو بچاءُ آهي." راکي رام، ته ماري ڪؤن!"

سنت جي ورتي

سنت ته صدق جا سپاهي آهن. هو ته ڄائي ڄم کان صبر جي ستي پيئن ٿا. تنهن ڪري هار جيت، دک سک، جس اپجس، سڀ ۾ هو سمان ڀاوَ ۾ رهن ٿا. سنت ته هن پرٿوي تي پڌارجن ئي ٿا لوڪن جا ڪلا ڪائڻ لاءِ. هو جنم وٺن ٿا ٻين جي ڀلي لاءِ. پر پاڻ سديو سور ۽ سختيون سهن ٿا. پنهنجي بچاءَ ۾ هو ٻڙڪ به نه ٿا ٻولين. پريوءَ جي ڪئي تي هوُ هردم راضي رهن ٿا. سوُرن ۽ سختين کي هو سڄڻ جون سوکڙيون ڪري سمجهن ٿا. تنهن ڪري هو هر حال ۾ شڪر شڪر يا واهه واهه ڪندا رهن ٿا. هو پنهنجي وهنوار ورتاءَ ۽ ڪرمن دوارا اسان کي سيکار ڏيندا رهن ٿا. اسين جي هوند سنتن سکيائن جي پيروي پنهنجي جيون ۾ ڪريون ته ڄڻ ڪر رام رنگ ۾ رڱجي وڃون.

هو. ڪڏهن ڏس ته جون آف آرڪ (Joan of Arc) جي ديش ڀڳتيءَ بابت، ته ڪڏهن فلارينس نائيٽنگيل Flarence Nightingale جي اڻٿڪ شيوائن بابت، ته ڪڏهن هيلن ڪيلر (Hellen Keller) جي اُتساهڪ ۽ آشاواديءَ ڪوشش بابت پيو ڪين وچتر ڍنگ ۾ وارتائون ورنن ڪندو هو. دادا پلا هو ودوان ۽ ودها ساگر. هن دنيا ڀر جا مشهور پستڪ پڙهيا هئا. تنهن کان سواءِ، جن به جڳهه جي نيتائن پنهنجي ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ انقلاب آندا هئا ۽ هلچلون هلايون هيون، يا مهان ڪارنامه ڪيا هئا، يا ڪي سنستائون برپا ڪيون هيون، تن جي جيون چرترءِ سکيا مان ڪين واقف پيو ڪندو هو. بالڪين هن کان اهڙا اُتساهڪ ۽ انوکا اُپديش ڪڏهن به ڪين ٻڌا هئا. سو هو دادا جي هڪ هڪ اکر کي ڏاڍي ڌيان سان ٻڌندا هيون. لاماشام جو وقت هوندو هو. واهوسمنڊل ۾ هڪ عجيب ايڪانت هوندي هئي ۽ مٿان جو منڙي دادا جو مرليءَ جهڙو مڌر آواز سندن ڪنن تي پيو پوندو هو ۽ نيون نيون سندر ڪهاڻيون به پيئون ٻڌنديون هيون. سو بالڪين کي ائين پرتيت ٿيندو هو ڄڻ ته هو هڪ رشيءَ جي آشرم ۾ سندس ڪمل چرنن ۾ ويٺيون آهن!

دئوي ۽ آسري شڪتيون

جيون هڪ سنگرام آهي. هي سنسار هڪ ٻه ڪيتر آهي، جتي اڻ اُبي ٻهر پئي ٻه هلي! اها لڙائي ٻن شڪتين جي وچ ۾ آهي. هڪ دئوي شڪتي، ٻي آسري شڪتي. جتي ڀڳوان پلو آهي، اتي شيطان پنگ وجهڻ لاءِ پنهنجي ويهن اُبي ذنهن جو زور لڳائيندو آهي. سڪي ستسنگ جا شپ ڪارج وڌندا ڏسي، حاسد شيطان کي اچي پڙ وراڻيو نه ڪتي مون کي نه ڇپايو وچي. سو وڃي ڪن پاترن جي من ۾ واسو ڪري ويئو، هنن دادا جي برخلاف وڃي اُجوڳه پرچار ڪيو. ڪوڙا اُفواهه اُٿاريا ۽ پڙ اخبارن جا ڪالم ڪارا ڪيا. ڪن سڄڻن اچي دادا سان

سنگم هو. هو ڄڻ تہ تروينِي هو. سنسار جي هر کيتر ۾ اچي هن ڪئين نشڪام ڪاريہ ڪيا، ايشور ڀڳتيءَ جو هڪ انوکو اُڌارڻ هو ۽ گيان ڌيان جو مجسم پتلو هو. لوڪ سنگرهہ، پرمارٿ ۽ شيوا جي ڪارڻ جي هو جيئري جاڳندي، منگل مورتي هو.

نام نگر

ريجهومل ڪانيج نالي جڳهہ جا شانتيءَ ۽ پارپتيءَ دادا کي ڏني هئي، تنهن کي ضرورتن اَنوسار پڇائي، اُن ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي تہ جيئن اُن ۾ ستسنگ ۽ اِسڪول وغيره هلي سگهن. جڏهن اُها جڳهہ ننڍي پئجي راس ٿي، تڏهن سيٺي اِچا ڏيکاري تہ هاڻ جيڪر پاڻ چمنداس واري مسواڙي جڳهہ ڇڏي، دادا هلي اُها نئين جڳهہ وسائي ۽ اُتي ستسنگ بہ هلي، اِسڪول، اِسپتال ۽ مودي خانہ جا ڪم بہ اُتي ٿين. سيٺي کي جو اِها ساڳي پرپرٽا پيئي، سو دادا اِن ۾ ايشور جي اِچا سمجهي. ايشور هت ستسنگين دوارا ٿي ٻوليو. سنگت جي آواز کي ايشور جو آواز سمجهي دادا بہ هلي شانتيءَ ۽ پارپتيءَ جي مڪان ۾ رهيو. اُتي نام جو وايو منڊل ڏسي دادا اُن جڳهہ کي "نام نگر" جو نالو ڏنو.

دلين تي نئون رنگ

سمي اَنڪول هو، جڏهن دادا هڪ ٽولي ناهي، جنهن ۾ هر هڪ جي هردي ۾ نام لاءِ پيار هجي، دل ۾ ديا ۽ شيوا ڀاءُ هجي. اِن لاءِ ضروري هو تہ هو ڪن دلين تي نئون رنگ لڳائي. ريجهومل ڪانيج جي جهونين ڀتين کي کرڙي، چنبڙي، صاف ڪري، مٿن نوان رنگ لڳائي، ڪين "نام نگر" جو نئون نالو ڏنو ويو. هت تہ دلين تي جنم جنم جو ميل چڙهيل هو، جن کي اِنتظام جي اوزار سان کرڙي، پرو چنن سان پوتر ڪري، مٿن رام رنگ لڳائي، ڪين نئون ڪرڻو هو.

ٻي جان ڀتين کي کرڙڻ سان ڪين درد ڪو نہ ٿو

گيتا ڪلاس

بلوُ برڊس (Blue Birds) لاءِ دنيا جي پرسڌ استرين تي دادا ٻالڪن کي وياکيان ڏيندو هو. پر هڪ ٻيو به ڪلاس هو، جنهن ۾ ڀائر ۽ ڀينر جهجهي انداز ۾ اچي ڪيس ٻڌندا هئا. اِهو هو گيتا ڪلاس. گيتا جي شاستر کي هڪ ڳوڙهي ۽ ڏکيو شاستر ڪري ٿو سمجهيو وڃي. هونءَ به پنڊتن ۽ برهمڻن، ڌارمڪ ۽ آتمڪ جيون جي تصوير اهڙي ته چٽي آهي، جو ان تي هلڻ اسين ڪنهن پيا سمجهندا آهيون. پر سنت سديو مشڪل کي آسان ڪندڙ آهن. هو اسان کي ڏيکارڻ اچن ٿا ته اسان جي ويدن، اُپنشدن ۽ گيتا ۽ ٻين شاسترن ۾ اهو خزانو آهي، اُن جو جي اسين شروَڻ، منن ۽ نڌياسن ڪريون ته اسين به جيڪر نوان ٿي پئون ۽ اسين به پريوُءَ کي پائي سگهون!

دادا، گيتا جو اَنمول خزانو، گيتا ڪلاس ۾ سڀني سان ونڊيندو هو. هو اهڙي ته سرل ڀاشا ۾ سمجهاڻي ڏيندو هو ۽ ثابت ڪري ڏيکاريندو هو، ته روزمره جي جيون ۾ اسين گيتا جي سندر سکيائن تي عمل ڪري، اسين به پنهنجي جيون سندر بڻائي سگهون ٿا، سڦل ڪري سگهون ٿا. دادا ته سوَيم گيتا جي جيئري جاڳندي تصوير هئا. چوته سري ڪرشن جي سندر سکيائن جي ساکي هن پنهنجي روزمره جي جيون ۾ پئي ڏني. پنهنجي هڪ هڪ ويچار، وچن ۽ ڪرم دوارا هن ڏيکاريو پئي ته گيتا جي سکيائن تي عمل ڪيئن ڪجي. گيتا جي ڳوڙهي گيان کي هن پنهنجي وهنوار ورتاءَ سان سرل ۽ سولو ڪري ڇڏيو. ڪي سندر سکيائون ڪڍي اُنهن آدرشن تي پنهنجي جيون ٻڌون ته سندس جيان اسين به هلندڙ چلندڙ ۽ بوليندڙ گيتا ٿي پئون.

گيتا ۾ ٽن وشيش مارگن ”ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان“ جو ورنن ڪيل آهي. دادا جي جيون ۾ انهن ٽنهي مارگن جو سندر

خزانا ڏين ٿا، ۽ جڏهن روح پيار ۾ جڪڙجي ٿو، تڏهن ڪائنس منهن موڙين ٿا ۽ خوب پرکشائون وٺن ٿا. جي ڪچو روح آهي، تنهن لاءِ ته اهو ڏل جو درد سهڻ کان ٻاهر ٿي ٿو پوي ۽ ڀو موڙ ڳوئي هن ڪنڊن ڇانيل آتمڪ راهه کان ڪنارو ڪري ڇڏيندو. ولائت جي هڪ پرسدّ سنت جان (St. John of the Cross) چيو آهي ته جا آتما، پرماتما کي ملڻ چاهي ٿي، تنهن کي گهور انڌيري رات (dark night of the soul) مان لنگهڻو پوي ٿو. 'رات نه ڪيول انڌيري آهي پر اوکي ۽ اٽانگي پڻ آهي. تنهن کان سواءِ هڪ هڪ آتما کي اها ياترا اڪيلو ئي ڪرڻي آهي. ياوڙيءَ ۾ مليل ڏک جو بوجو ته هڪ هڪ کي پاڻ ئي کڻڻو آهي. پنهنجي قسمت جي ڪنڊن ۽ تڪليفن جو تاج ته سڀ پاڻ ئي پهرڻو آهي. اهي ڏک ۽ تڪليفون سهڻ آهي مثل بنا اُلي باهه مان لنگهڻ، (flame less fire) ٽانڊن ڇانئيءَ راهه تان هلڻ. ڪي ٿورا پڪا ۽ پختا آهن جي اِهي سر جون سٽون سهي، هي سنسار ساگر تري پار پون ٿا. اُهي سورهيه سڀاڳا پنهنجي من کي ماري مٽي ڪن ٿا، پنهنجي آپي کي تپسيا جي اَگن ۾ جيئري جلائي ڀسم ڪن ٿا، پاڻ کي فنا ڪن ٿا. حق ٿي گرو جن چيو آهي نه، ته: آپ گنوائي، تو شهه پائي، اؤر ڪئسي چترائي."

سنت هن سنسار ۾ اچن ٿا اسان ڀليل ڀٽڪيل ٻندن کي تَمس جي اَنڌيري ننڊ مان سجاڳ ڪري جاڳرت جوتيءَ ۾ آڻڻ لاءِ. سنت ڏسن ٿا ته ڪيئن اسين وِسر ۾ وڃايل آهيون ۽ منشيه جيون جو پورو قدر ڪين ٿا ڪريون، ۽ نڪي پنهنجو پاڻ ٿا سڃاڻون. سنت نه آهن روحاني راڻا، جن جو اِقبال ۽ اوج، آتم ڌام ۾ اوچو آهي. پر هو اسان ٻندن لئي ديا درشٽي ڌاري پنهنجي ٽارن جو تخت ۽ تاج ڇڏيا ڳيي، هن پرٿويءَ تي پڌارجن ٿا. هو پاڻ سان ٻاجهه جي ٻيڙي کڻي اچن ٿا، جنهن ۾ جگياسن

ٿئي. پر هت نه جيئرا جيوڙهئا، جن کي ڪنهن پرشنسا جا ڪشٽ ۽ سور سهڻي نٿون ٿيٺو هو. بالڪيون پنهنجا گهر ڇڏي لياڳيون، آتمڪ مارگ تي هلڻ لاءِ هن نام نگر ۾ آيون هيون. دادا، رشي رڻ ۽ ماتري پومي رڻ لاءِ، پنهنجو سوڌرم پالي، ايڪيهه ڪل تارڻ وارو هو. باقي ٽئين رڻ، جنم ڀومي ۽ جو قرض لاهڻ لاءِ، پنهنجي حيدرآباد نگر کي نٿون ڪرڻ لاءِ ڪيس فڪر هو. اهو قرض ڪلهن تي محسوس ڪري ٿي، هن نام نگر ۾ هي آشرم برپا ڪيو هو.

پاڻن جي پيت ۾ پيهڻن ۾ شرڌا ۽ ڀڳتي سر سيري آهي. پر منجهن اپرڪا ۽ ٽيسي جو تامسي گڻ به وڌيڪ آهي. دادا ته هو موج جو مالڪ. سندس لهر ڪڏهن ڪنهن ڏانهن وڌيڪ ته ڪڏهن ڪنهن ڏانهن. هو اٿين نهيل هو جو ڪيچ وقت لاءِ هڪ ۾ پاڻ کي سمائي ڇڏيندو هو. ڏسڻ ۾ اٿين ايندو هو پاڻ ۽ ته ٻيا سڀ ڪانئس وسري ويا آهن. تڏهن ته پنهنجي ٻاٽيءَ ۾ هڪ هنڌ چيو اٿس ته، ته:

”اڪ جي پريت تي ساگر تاري.“

سنتن جو ڪرتويه

اڪ آتما کي پرماتما ڏانهن ڇڪڻ لاءِ، مٿس رام رنگ چاڙهڻ لاءِ، سنت ڪيڏو نه پاڻ پتوڙين ٿا! ڪين پهنجو نه ڪو سوارٿ ڪونه آهي. البت اندر ۾ اها پياس اوش ٿئين ٿي ته اها آتما، سنسار ڪنان منهن موڙي ۽ پريوءِ سان نيمهن جو ناتو جوڙي. تنهن ڪري هو سؤيسم اُن آتما سان ناتو جوڙين ٿا ۽ مٿس پهنجو نرمل پيار اولين ٿا، جيئن سندس دل دنيا مان ڪٽي ٿئي ۽ هو ڪيول پريوءِ جو ٿئي. ان ڪري سنت پاڻ کي ڪشٽ ڏين ٿا ۽ وري جنهن روح تي رنگ چاڙهڻ چاهين ٿا، تنهن کي به ڏايا ڏک ڏسڻا پون ٿا. سنتن جي چال نرالي آهي. هو ٻهرين پنهنجو منو، نرمل پيار ٻيارين ٿا ۽ خوشين جا

مان ڇا ڄاڻان! کين تہ ڪيول پيار جي اَمرت جي اُڃ اَڀلاشا هئي. سري ڪرشن جي ويوڳ ۾ ڄڏهن پريمي گوپين جا هردا ڏڦي رهيا هئا، تڏهن اوڌوَ کين چيو تہ: ”گوپيون، ڪرشن تہ توهانجي هردي ۾ ئي ٿو براجي، پوءِ توهين ڪيس پيتر ڇو نہ ٿيون ڏسو؟“ تڏهن گوپين ورلاپ ڪري ڏوراپا ڏيئي چيو تہ: ”هي اوڌوَ، اَسين گنوار گوپيون تنهنجي گيان مان ڇا ڄاڻون؟ اَسان کي تہ کپي سندر شيام جي چپل ڇبيلي منگل مورتي. اَسين سندس مُرڪ، منوهر مکڙو ڏسڻ ٿيون چاهيون. اَسين سندس نرمل پيار پيئڻ ٿيون چاهيون. اَسان کي تہ کپي صرف ڪرشن ڪنهيو.“

ساڳيءَ ريت نامنگر جي نيڻگرين کي بہ کپندو هو ڪيول نرمل نوريءَ جو نرمل پيار. پيار کان سواءِ هو پياسيون هيون، مانديون هيون. ڪن تہ سندس بي رخيءَ کي برداشت نہ ڪري آپگهات جا ويچار بہ ٿي ڪيا. اَنترجامي دادا کي ڄڏهن اِها ڪڙڪ پيئي، تڏهن کين آگاهہ ڪيائين تہ ”آپگهات جو ويچار اَيمانيءَ ۽ اَگيانيءَ شيطان من مان ٿو اُپجي. شل اَسين پريوءَ کي ڀڄون ۽ نہ شيطان کي.“ اِهو ٻڌي ٻالڪيون چونديون هيون تہ اَسين پنهنجي پريتم پياري دادا کي ئي تہ پنهنجو پريو ڪري ٿيون ڄاڻون. هو ئي اَسان لاءِ سڀ ڪجهہ آهي. اَسين ڇا ڄاڻون ٻئي ڪنهن پريوءَ جي راز ۽ رمز کي!

پر ديالو دادا کين دليان ڪين وساريو هو. هو تہ هردم سندن سنڀ سمرتيءَ ۾ سمايل هو. حق ٿي هڪ هنڌ دادا چيو آهي:

”راڻي جي اُلٽي بازي، سوُر بنا ٻيو سمجهي ڪير؟
درد رکين جي نا دل ۾، هن ڳڙ ۾ نہ پاءِ ٿون پير!“

روحاني راهہ بيشڪ اَٽانگي ۽ اَوکي آهي ۽ سوُر ويرن ۽ سوُرمن لاءِ آهي. جيون جي جنگ ۾ سوڀ سو پائي ٿو، جنهن

جو بار کڻي ھي ڀَوَ ساگر پار ڪري، ڪين امر ڌام پھچائين ٿا. ڀر سنتن جي ٻيڙيءَ ۾ اُھي چڙھن جي ھلڪا ھجن، آپـي جي ڳَؤرَاڻ کان آجا ھجن. سنت اُچن ٿا ھلڪو ڪرڻ. سو ڀھرين پنھنجو سنگ ڏيئي سکيائون سڻائين ٿا، پنھنجو پيار پيئارين ٿا، پنھنجي آسيس اوتين ٿا. ڀوءِ سور سختيون ۽ ڏک ڏين ٿا. شاھه صاحب ڪين چيو آھي ته:

> ٽڪي ڪاڻي ھٿ ڪري، مٿي سين ۾ مار،
> ڇيري ڇم نھار، ڪونھي رت رڳن ۾.

رسڻ پرچڻ جي آڏيت ليلا

نام نگر ۾ دادا پنھنجي ڪرپا ڪريڙا ڪيلي، رسڻ پرچڻ جي ليلا لڳائي. ڪي ٻالڪيون ڏس ته پيئون ٽڙن، ڇو ته دادا ڪين پريم ۽ پرچڻ جي ڀاڇي ۾ رکيو. ڪي وري ڏس ته اِئين پيئون ڦٿڪن جئن جل بن مڇلي. ڇو ته دادا جي رخ ۾ ڪين رُسڻ جي راند ڏسڻ ۾ آئي. دادا وقت به وقت سکيا پيو ڏيندو ھو ته اسان کي دکي پنھنجو ئي من ٿو ڪري. پنھنجي نِنڍڙي مان - مان وڏا واڪا ڪري ٿي ۽ دک ۽ درد، سور ۽ سختيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

پر ٻالڪين لاءِ اھو سمجھڻ ڪٺن ھو. ھو ته دادا جي پيار ۾ ڇڪجي آيون ھيون جئن ڀَؤنرو ڪمل پشپ جي مڌر سڳنڌ تي ڇڪجي ايندو آھي. دادا جو پيار ھنن لاءِ ڪبير ديوتا جو اکٽ ڌن سمپتي ھئي. ھن اڏيت کيل ۾ ھنن جڏھن دادا جي پيار جي سيتل ورکا پاڻ تان ھٽي ٻين تـي وسيل ڏٺي، تڏھن وچاريون مايوس ۽ مانديون ٿي ويئون. ڪين کھڙي کل ته سندن پريم جي ديوتا چاھيو ٿي ته ڪين پنھنجي پريم کان ڪجھه سمجھ لاءِ وانجھي، سندن وچار ڌارا پريوءَ ڏانھن موڙيان! دک جي سمجھ پريوءَ جو ئي درڪ ڪاٿيو آھي. دک وقت سائينءَ کي ئي ياد ڪبو آھي. پر وچاريون اَبوجھه ٻالڪيون لن منو ڳيان

ست ڪانه هئي. ڪيس رکائڻ ڪڙو، ڪڇو پائڻ ۽ ڪنگو ۽ ڪرپان ڪڍڻ ۾ ئي هو سنتشت هئا.

دادا نه سديو گرن جي آدَيت جيون ۽ سندن سندر سکيائن جو پرچار پئي ڪيو. سو بانيڪارن جي وينتي قبول ڪيائين. شڪارپور ۾ اها خبر وڄ جيان ڦهلجي ويئي نه ساڌو واسوائي جن اسانجي نگر ۾ پڌارجڻا آهن. سو هڪ هڪ سنستا ۽ سڀا، هڪ هڪ اسڪول ۽ ڪاليج، ڪيس قربانتي ڪوٺ ڪئي نه پريم جا پيرا پري اسان وٽ به اوش اچجو ۽ اچي اُپديش ڏجو.

ڪانفرنس ٽي ڏينهن هلي. پنهنجي سندر تقرير ۾ دادا چيو نه ”اچو نه هن ڪانفرنس کي ميلاپ جي ڪانفرنس بڻايون ۽ هندو ۽ سک ويڇا وساري ملي هڪ ٿي وڃون!“ دادا هن هڪ ست تي ڏاڍو زور ڏنو:

”اباڻن جي اکير تي راتيان ڏينهان روئاري.“ هن زوردار نموني ۾ للڪار ڪري چيو ته: ”اٿو، جاڳو! ڪي عملي قدم کڻو، پنهنجي اندر ۾ ديش ۽ ڌرم لاءِ محبت جا مچ مچايو، ڀارت کي نئون ڀارت بڻايو، ديش ۾ نويگ آڻيو ۽ گرن جو سنديش دور دور ديشن ۾ پهچايو.“ دادا جو انگ انگ اُتساهه ۽ اُمنگ ۾ ٿڙڪي رهيو هو. سندس اکين مان عشق جي آتش جا الا اُڀري رهيا هئا. وايو منڊل ۾ وڄ جهڙو واتاورڻ هو. ڪانفرنس هال تاڙين ۽ ساڌو واسوائيءَ جي جئڪار جي نعرن سان گونججي اُٿيو.

دادا ڪاليج جي پرنسيپال کي پڻ وينتي ڪئي نه ڪاليج ۾ سکمڻي ڪلاس کوليو جتي وديارٿي، گروجن جي جيون چرتر ۽ سکيائن جو اڀياس ڪري سگهن. شڪارپور شهر کي ڄڻ نه هڪ نئون روحاني رنگ لڳي ويو. اُپديش ڏيڻ وقت جيئن جيئن دادا جو شرير ٿي ڏڏيو، تيئن تيئن لوڪن جون دليون به اچي ٿي

اَول پنهنجي من تي سوڀ پائي ڪيس ماري ٻاهرِ ڪيو آهي ۽ ستگر جي شمشير اڳيان پنهنجو ڪنڌ ڪپايو آهي، سر صدقي ڪيو آهي، گرو نانڪ ديو جن چيو آهي ته: ”من جيتئي، جڳ جيت.“ پر اهڙا سورما ڪٿي گهڻا؟ اهڙا من کي جيتڻ وارا گهڻا؟

سمي جي رفتار ته ساڳي هئي. ڪلاڪ گذرڻ ۾ پورا سٺ منٽ ٿي لڳا. نه گهٽ، نه وڌ. پر نامرگر جي نينگرين مان ڪن جو سمو، دادا جو پيار پائي، ڪل خوشيءَ ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو ٿي گذريو، ته ڪن جو وقت، سندس ورونهن کان وانجهجي وڃڻ ۾ وڏي وڏو ٿي ويو هو. مشهور وگياني ڊاڪٽر آئينسٽين پنهنجي Theory of Relativity کي اهڙوئي سرل مثال ڏيئي سمجهايو آهي ته هڪ پريميڪا پنهنجي پريتم سان سڄو ڏينهن ويٺي لائون لڏيون. جڏهن جدا ٿيڻ جو وقت آيو تڏهن عجب ۾ اچي چيائين مار، سڄو ڏينهن ڪيترو نه جلد گذري ويو! ۽ ٻيءَ پريميڪا، جنهن جي پريتم ڪيس اُنين ٻڃه اچڻ جو آسرو ڏنو هو ۽ نه اچي سگهيو، تنهن ويچاريءَ ورهيءَ جون اِنتظار جون گهڙيون اهترو نه وڏي ويئون جو هڪ هڪ منٽ، ڪلاڪ جيڏو لمبو ٿي محسوس ٿيس.

سڪ واري شڪارپور

وقت پنهنجي ساڌارڻ رفتار سان گذري رهيو هو. سن ١٩٣٤ع ڦري ١٩٣٥ع ۾ بدليو. مارچ جو مهنو هو. دادا کي شڪارپور مان ڪوٺ ٿي ته توهين اچي چوٿين سنڌ سک ڪانفرنس جا پرڌان ٿيو ۽ اُن جو اُدگهاٽن ڪريو. اها ڪانفرنس ٧، ٨ ۽ ٩ اَپريل تي ٿيڻي هئي. مراد اِها هئي ته سنڌي سکن کي پنهنجي سکي پنٿ جي پوري پوري ڄاڻ پوي ته ڌرم جي صدقي ڪيئن نه ڪيترا ڀائر ۽ ڀينر شهيد ٿيا هئا! اُنهن پنهنجو جيون دان ڏنو هو، بلڪ پنهنجو ڌرم ڇڏي مسلمان ڪين ٿيا هئا. سنڌي سکن کي پنهنجي گرن ۽ سندن سکيا جي ٻه پوري

سان هلڻ لڳو. ٻائر ۽ ٻيغرون دادا جي چرنن ۾ ويهي پرڀوءَ کي
ياد ڪندا هئا، نام ڪيرتن ڳائيندا هئا ۽ شبدا جا نرمل ڪاريه
به ڪندا هئا. گڏو گڏ اهو به يتن ڪندا هئا ته ستيه مارگ. تي
هلون ۽ ڪوڙ ڪپٽ کي تلانجلي ڏيئي نو جيون جو آنند ماڻيون
۽ چت شانتي پراپت ڪريون.

ڪراچيءَ ۾

وچ وچ ۾ دادا ڪراچيءَ ۾ به پيو ويندو هو. اُتي روز
سويل صبح جو جيئمل گردواري ۾ اپديش ڏيندو هو. سري
سکمني صاحب مان وچن وٺي اُن تي ڳالهائيندو هو. ڪيترا
ٻائر ۽ ٻيغر اچي ڪٺا ٿيندا هئا ۽ سندس اُمرت روپي جل
پي پنهنجا ترشنائن جا تتل هردا سيتل ڪندا هئا. ڪي نوجوان
ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڻ دادا وٽ ڇڪجي آيا.

ڪراچيءَ ۾ سکي ستسنگ نالي ٻيغرن ۽ ٻالڪين جو
ستسنگ هلندو هو. هنن ٻئي مهني ۾ پنهنجي ساليانءِ جلسي
تي دادا کي ڪوٺ ڪئي. اهو جلسو بندر روڊ ايڪسٽينشن
تي عامل انسٽيٽيوٽ ۾ ٿيو. دادا پنهنجي وياکياڻ جي انت ۾
استري جاتيءَ کي آسيس ڏيندي چيو ته "استري جاتيءَ جي
اندر نرمل جوت جڳايو. رشين جي روشني جڳايو. سکي
ستسنگ، ڀارت جي آدرش ۽ رشين جي سکيا ڏئي ٿو. اوهين
انهن پوتر آدرشن جي پنهنجي روزمره جي جيون ۾ ساکي ڏيو
۽ گهر گهر ۾ نرمل جوت جڳايو."

ڪوئٽا ۾ ڀونڪمپ

ٻالڪي شانتڙي مئٽرڪيوليشن (اڄ ڪلهه جي يارهين
درجي) جي امتحان لاءِ ويٺي هئي. نتيجو ۳۱ مئي ۱۹۳۵ع تي
ظاهر ٿيڻو هو. هونئن ته دادا ڪراچيءَ ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ
دادا ڀلاجراءِ جي گهر گاڏي کاتي ۾ اچي رهندو هو، پر هن
ڀيري ٻالڪي پوري جيئمل ٿڌاڻي، جا بندر روڊ ايڪسٽينشن

ڏ ڏيون. ڪيترائي لوڪ دادا جي پيار ۽ قرب جي ڏوريءَ ۾ ڇوڪنيا ٻڌجي چڪا هئا.

وڏي سکر ۽ روهڙيءَ ۾

شڪارپور کان موٽندي، دادا ٻئي ڏينهن سکر ۽ روهڙيءَ ۾ به ويو جو انسان ڏاڍي چڪ پئي ٿيس. سکر ۽ روهڙيءَ وارا، دادا جي سڪ جي ڏوريءَ ۾ اڳيئي ٻڌل هئا. هو سادا هئا، نماڻا هئا، پر سڪ ۾ سچا ۽ پريت جا پڪا هئا.

دادا جو به ڏانهن اَرواح اُٺميو هو، جو هو پاڻ به سرل، نماڻو، سچو ۽ پڪو هو. سالن کان پوءِ هي سنت ساڌو واسواڻي وري ٿي وٽن ويو، سندن محبوب موٽي ٿي آيو. سندن دلين جو دلارو، پرڀ جا پيرا پري وري ٿي سندن نگرن ۾ پڌاريو. سو هو ڏاڍو خوش ٿيا.

نوجوان ڀڳوان ننڌو سنگهه

خاص ڪري هڪ نوجوان، ڀڳوان ننڌو سنگهه منچندياڻي، جو اڳ ئي دادا تي مفتوُن هو، سو هينئر نه باقي به مٿس اُڪن چڪن ٿي پيو. دل ئي دل ۾ پرڻ ڪري ڇڏيو هئائين ته جڏهن ڪاليجي ودِيا وٺي پوري ڪندس، تڏهن پنهنجي لڇ جيون پياري سنت جي ڪمل چرنن ۾ اَرپڻ ڪندس. هن انجنيرنگ ڪاليج پڙهي پاس ڪيو ۽ ۱ جولاءِ سنه ۱۹۳۴ع روهڙيءَ ۾ بالڪين لاءِ پهريون ميران اسڪول کوليو.

حيدرآباد ۾

شڪارپور، سکر ۽ روهڙي نگرن ۾ نوان روحاني رنگ لڳائي، نام جو پرچار ڪري، رشين ۽ گرن جو سنديش سنيهو لوڪن کي سڻائي، ستلن کي سجاڳ ڪري، جاڳيلن کي بيدار ڪري، دلين کي قرب ۾ قابو ڪري، ڪيترا ڪومل روُحڙا روئاري، هي سنت اپريل مهني ۾ موٽي آيو پنهنجي حيدرآباد ۾، جتي وري نئون اُتساهه، نئون اُمنگ جاڳي اٿيو. ستسنگ زور شور

اچو ته گڏجي پرڀوءَ در پرارٿنا ڪريون.“ سو سڀني گڏجي ويهي پرارٿنا ڪئي.

ڪوئيٽا بلوچستان جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ جبلن، ٿڌين هوائن ۽ آلي ۽ سڪي ميوي ڪان مشهور هو. هرسال گرمين ۾ سوين سنڌي اُتي ويندا هئا ۽ مهنو اڌ رهي، آسائش وٺي ايندا هئا. هن سال به اُپر سنڌ جي سوين سنڌين کي ڪُڏ ڪنيو هو ته ڪٽنب پرِوار سميت اُتي هلي رهون ۽ ٿڌيون هوائون کائون ۽ سنڌ جي لُٽ کان بچون. پر ويچارن کي ڪهڙي سڌ ته انهن مان ڪيترن کي اُتي ڪوئيٽا ۾ پرڪال ڪُوٺ ڪئي هئي. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان پڻ ڪيتريون ٽوليون اُتي ٽلڻ ويٺيون هيون. دادا اِهي ڳالهيون ٻڌي ڪيون ته پاپيءَ کي اچي يادگيري پيئي ته سنڌس ٻيو نمبر پٽ رام به ته اسڪائوٽن جي ٽوليءَ سان ڪوئيٽا ويو هو! سو اها ڳالهه دادا سان ڪيائين. بس، پوءِ ته سيٺيئي اچي پريشان ٿيا. شانتيءَ جو نينڊو اُتي ٿي ڏريو. سيٺ کي اچي ڪوئيٽا ۾ ويلن جو ويچار ٿيو.

دادا وٽ رکي رکي ماڻهو ٻڌي ملڻ آيا. انهن مان هڪ جڻي پڇا ڪرائي ڏني ته رام واري سموري ٽولي سلامت آهي. باقي ٻين جي دلين ۾ دک ۽ چنتا چانيل هئي. دک وقت انسان پرڀوءَ ۽ پرڀوءَ جي پيارن جو در ڪڙڪائيندو آهي. ڪئين ڪوئيٽا ۾ ويلن جا مائٽ دادا وٽ آيا. دادا ڪين دلداري ڏيندي چيو ته: ”رکو سائينءَ تي. واهگرو وڏو اٿو. ايشور جي اوٽ وٺو، ان ۾ ئي توهان جو ۽ سڀ جو ڀلو آهي.“

ٻئي ڏينهن صبح جو دادا چيتمل گردواري ۾ دل پڇائيندڙ پرارٿنا ڪئي ۽ اُپديش ڏنو. پرارٿنا ۾ دادا پرڀوءَ در وينتي ڪئي ته ”جي پرلوڪ پڌارئا آهن، تن جي آتمائن کي پڌهڙي ڪمل چرنن ۾ نواس ڏئي. ڪيترن گهرن ۾ اڄ

ٿي، ڪراچي سکي ستسنگ جي چارج ۾ هئي، تنهنجي وڃڻ اونائي دادا وٽس مزمان ٿي رهيو.

٣١ مئي ڏينهن، انڪل منجهند جا چار لڳا هئا ته دادا چيو ته هلو ته پاپيءَ جي گهر هلون. سندس وڏي پاءُ شري ڀهلاجراء جي ڏرمچتي ڪرشنا ديوي، منهنجي ماتا، دادا جي پاڄائي هئي، سو هو ڪيس پاپي ڪري ڪوٺيندو هو. دادا وڌيڪ چيو ته "پياري هري ۽ پياري جشن مئٽرڪيوليشن امتحان ۾ سنا نتيجا ڏيکاريا آهن. پل ته پياري شانتيءَ جو نتيجو اڄ هاڻي اچي ٻڌون." مان ٻه پاپيءَ مان گڏجي، دادا کي گڏجڻ لاءِ، پوريءَ جي گهر آئي هئس. مان B. Sc. پاس ڪري چڪي هئس. پراڻي سکر جي ودوان، وڏي رهلوي عملدار ۽ سماج سڌارڪ، شري پيسومل چانڊواڻيءَ پاپيءَ کي وڃڻ ڪئي هئي ته مان سکر ۾ سندس برپا ڪيل اسڪول، پرميشوري پيسومل چانڊواڻي گرلس اسڪول جي فرسٽ اسسٽنٽ ٿيان. ان لاءِ مونکي ٻئي ڏينهن ئي سکر وڃڻو هو. پاپي ۽ مان ٻئي اڃا دادا وٽ هئاسين ته دادا اڇا ڏيکاري ته جيڪر گهر هلون. سو سڀيئي گڏجي آياسين گاڏي ڪاليءَ. شانتيءَ کي سڀاويڪ پنهنجي نتيجي جو ڏاڍو انتظار هو. هڪ ٻه ڄڻا، جي پريس مان سنڌس نتيجو پڇي ويا هئا، تن اچي ٻڌايو ته ڪوئٽيا (بلوچستان) ۾ پيمانڪ ڀونڪمپ (Earth Quake) ٿيو آهي. تارون ڪٽجي ويئون آهن، تنهن ڪري باهجي مان مئٽرڪيوليشن رزلٽ جي ڪابه خبر ڪين پئجي سگهي آهي.

هن زبردست زلزلي جي دکدائڪ وارتا ٻڌي دادا ڏاڍو گنڀير ٿي ويو. ڪيس اهڙن حادثن جا آزمودا هئا. سو پاڻ پلڪ ڪان پوءِ چوڻ لڳو ته "هيءَ ته ڏاڍي وڏي ڳالهه آئو. ڌرتي ڌڌڻ جي ڪري الاهي گهڻيون حياتيون ناس ٿيون هونديون! ڪيترا قتيا هوندا! ڪيترن جا گهر ڍهي تباهه ٿيا هوندا!!

اَسان ڪهڙو قصور ڪيو آهي، جو پنهنجا پيارا هيئن وڃايا اٿئون؟" دادا کين جواب طور، گرو ارجن ديو جن جي هيءَ سٽ چئي ٻڌائيندو هو:

"تمري گت مت، تم هي جاني." بيشڪ، پريوءَ جي گت، پريو ئي ڄاڻي ٿو. سندس اَنت ڪير ڄاڻي؟

هيءُ دل

ننڍپڻ کان هن دل جي هڪ اُڃ پياس هوندي هئي ته مان پنهنجي سمسته جيون دادا کي ارپڻ ڪريان، سندس پتا شڪتيءَ شيوا ڪريان سندس نرمل سنگ ڪمايان، سندس مٺو پيار پيئان. اَڃا ننڍي هئس، بلڪل ننڍي، ته هڪ ڏينهن ٻڌم ته دادا منهنجي پوڄيہ پتا کي چئي چيو ته: "دادا، هري منهنجي ٻالڪي اٿو." بس اِهي شبد هن دل ۾ اُڪرجي ويا. دادا جا اِهي پيار ڀريا وچن، مون دل جي دٻليءَ ۾ سانڍي رکيا ۽ پاڻ کي دادا جي ٻالڪي ڪري پئي سمجهيم. دادا وقت به وقت ڪراچيءَ ايندو هو ۽ اَسان ٻارن کي گڏبو هو، اَسان سان وندر ورونهن ۽ راند يون روندو کندو هو ۽ پنهنجو نرمل پيار ڏيندو هو. منهنجو پوڄيہ پتا پڻ مون کي ٻي انت پيائيندو هو. اڄ هن ته پرلوڪ پڌارڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، منهنجو ننڍڙو هٿ، دادا کي سونپي ويو!

سمو گذرندو ويو. سن ١٩٣٥ع ۾ مان سائنس گرئجوئيٽ ٿيس. مون پئي سمجهيو ته مان هاڻ وڃي دادا جي ڪمل قدمن ۾ وهنديس. پر قسمت کي مون لاءِ ٻيو ڪجهه منظور هو. منهنجي پرپٺ منهنجي پوڄنيہ ماتا، جنهن اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي، شري ٻيسومل چانڊواڻيءَ کي وچن ڏئي ويئي ته مان سندس اِسڪول، سکر ۾ وڃي ڪم ڪنديس. سو ماتا جي آگيا اَنگيڪار ڪري ۽ دل نه هوندي به، مونکي سکر ۾ وڃڻو پيو. مون جيڪي سونهري سپنا اُڏيا هئا ته مان وڌيا وٺي، وڃي دادا جي شيوا ڪنديس، سي سپنا ٽٽي پيا. دل جي دل ۾ رکي، مان سکر

ڏک جي لهر ڇانيل آهي. پر پوءِ، توهان اُنهن کي هيءُ سبق سيکاريو ته هيءَ دنيا آهي فاني. شل توهان جي نالي سان نيڪين لڳائين."

جيئن جيئن خبرون پئي آيون، تيئن تيئن ماڻهن ۾ روڄڻ ۽ راڙو وڌندو پئي ويو. گهرن ۾ ڏا ڏيگڙا لهي ويا. جن سمورن جي دلين ۾ ڏک هو. ڪي ٿورا ڀاڳن وارا سلامت ويا، جن ۾ دادا جو ڀائٽيو، يعني منهنجو ڀاءُ رام به هو. رام نه فقط ٽن ڏينهن کانپوءِ صحيح سلامت آيو، پر پنهنجو سامان سڙو ته ڇا، پر ڌوٻيءَ کان ڪپڙا به وٺي موٽيو هو! سندس موٽڻ تائين، ڀاڀيءَ اَن به ڪين ورتايو هو. رام سک سان موٽيو ته گهر ۾ ڏيگڙا چلهه تي چڙهي ويا ۽ سڀني خوشيءَ سان گڏجي کاڌو کاڌو. پنهنجي ۽ پرائي جو اوڏيءَ مهل فرق ۽ موهه محسوس ٿيو. ڪيترن مائرن جا رام، ڪال جو ٻڪ ٿيا هئا، پر اسانجو رام نه سلامت اچي گلي مليو نه! سنتن ۽ سنساري جيون ۾ اهو اَنتر آهي. سنتن لاءِ سڀيئي رام ساڳيا. تنهن ڪري هنن کي ٻين جو ڏک پنهنجو ڏک ٿي محسوس ٿيو. سنساري جيون کي ٻين جي رام سان ڪهڙو پرواه جن؟ کين پنهنجو رام مليو ته نئين جيون ملي!

دادا کي اڃا ڪي ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهڻو هو. پر پنهنجو پروگرام رد ڪري حيدرآباد واپس وريو، جيئن زلزلي جي ستايلن لاءِ ڪا سهايتا ڪري سگهي. دادا ڦٽيلن جي سيوا پنهنجي نرمل هٿن سان ڪئي ۽ جن جي گهرن جا ڀاتي اوچتو اَجل جو شڪار ٿيا هئا، تن جي گهرن ۾ ستسنگ ڪيو، جيئن اُت شانتي ۽ نام جو نرمل وايومنڊل رهي. تنهن کان سواءِ ڀونڪمپ ۽ پيڙتن لاءِ فنڊ جاري ڪيائين. جيئن کين وڌيڪ آرٿڪ سهائتا ملي سگهي. ڪيترن ڏکي سنبنڌين دادا کان وري وري هي سوال ٿي پڇيو ته: "دادا! هيءُ راز ڪهڙو؟ اِئين ڇو ٿيو جو اسان کي هيڏو ڀاري ڏک سهڻو پيو آهي؟

پاربتي ملڪاڻي

پاربتي سيڪريٽريءَ جو پٽ، شري ڪندنمل ملڪاڻي، وڪيل هو. وڪالت مان هن چڱو پئسو ڪمايو هو. ٻار ٻچو ته هون ڪونه. رهڻ جو نمونو به ڏاڍو سنجمي هون. تنهن ڪري ڪافي ناڻو بچايو هئائون. اُن مان هيرآباد جي عامل ڪالونيءَ ۾ هنن هڪ پلاٽ ورتو. پاربتي سيڪريٽريءَ کي ڏاڍي پياس هئي ته مان دادا لاءِ هڪ سٺي جڳهه ٺهرايان، جتي کيس رهايان ۽ پنهنجن هٿن سان کيس رڌي کارايان ۽ سندس شيوا ڪريان. ڪو وقت هو، جڏهن هوءَ دادا کي پنهنجي گهر، هٿن سان ماني رڌي کارائيندي هئي ۽ گڏ گڏ تيندي هئي. هينئر اُهو سڀ ڀاڳيه پاربتي منگهنمل کي مليو هو، جو دادا نارنگر ۾ رهيو پيو هو.

سنتن جي شيوا ڪرڻ لاءِ گهڻيئي اُپلاشي ٿين ٿا. سندن شيوا ڪرڻ آهي آسيس جو ڀاڳي بڻجڻ. سو ڪير نه اها آسيس ڪمائڻ چاهيندو! سڪايل ۽ پياسي پاربتي ملڪاڻي پيئي رتون رتيندي هئي ته ڪڏهن تو اهو سڀاڳو سمو وري موٽي اَچي، جڏهن مان پنهنجي هرديه جي پريتم کي پنهنجن هٿن سان چٽيهه اَپي پوجن تيار ڪري، چوچ مان چکائيندس! سندس سرل سڀاءُ ڪري سندس پٽيءَ جي پريم جي به ڪا سيما ڪانه هئي. جيڪي چاهيندي هئي سو هو کيس ميسر ڪري ڏيندو هو. هو کيس هربات ۾ ساٿ ڏيندو هو. سو جڏهن ڏٺائين ته سندس ڌرمپتنيءَ جي ڏاڍي پياس آهي ته دادا جهڙي ديوتا کي پاڻ وٽ رهائي، تڏهن کيس جڳهه جوڙائي ڏيڻ ڪيائين. هو پاڻ به دادا کي پائيندو هو ۽ اُتي پيار ڏيندو هو.

سنسنگ ۾ هينئر پيمر پائر ٻڌي جهجهي اَنداز ۾ اَچڻ لڳا هئا. پر نارنگر جو اَڱڻ ننڍو، سو سڀ هڪ ئي ويل سمائجي نه ٿي سگهيا. وڏي پاربتي نالي ۾ سا وڏي بيٺڪ هئي، پر

ويس. پر جو سمو آئي هئس، ڏينهن رات اهائي آرزو نا ڪندي هئس ته شل مان جلد وڃي دادا وٽ رهان ۽ حيدرآباد ۾ ميران اسڪول ۾ هجان. اها آرزو نا پرڀوءَ نيٺ اونائي. ميران اسڪول کي هيڊ مسٽريس جي ضرورت هئي، سو ميران اسڪول بورڊ مونکي لکيو ته مان اچي ميران اسڪول جون واڳون وٺان. مون سمجهيو ته مون لاءِ قسمت پنهنجو سونهري دوار کولي ڇڏيو آهي. مون شڪرگذاريءَ سان اها آڇ قبول ڪئي. ائين به ڪين هو ته ڪو سکر جي چانڊواڻي اسڪول ۾ مان دکي هئس. اُتي جي اڌياپڪن ۽ بالڪين جو مون سان ايڏو ته ارواح ٿي ويو هو، جو مان ٻارڻ کي هڪ هڪ جي ڪٽنب جو هڪ ڀاتي سمجهندي هئس. ان لاءِ مان سديو سندن آڀاري رهنديس، پر هن دل کي ته ڪيول دادا جي گهر جو ڀاتي ٿي رهڻ ٿي ٿي ڀانيو. اهائي هئي سندس پياس، جا پڀو پرماتما پنهنجي اَپار ڪرپا سان نيٺ پوري ڪئي.

سو سنه ١٩٣٦ع ۾ مان وڃي اُتي پهتيس، جت هن دل پئي چاهيو. ان ڪارڻ اهو سال هن دل جي تختيءَ تي چٽيءَ طرح اُڪريو پيو آهي.

ٽي پارٽيون

دادا وٽ ٽي پارٽيون اچي رهيون هيون. هڪ پارٽي ملڪاڻي، جا سيڪريٽريءَ جو ڪم ڪندي هئي، ۽ جنهن لاءِ ڪيس **پارٽي سيڪريٽري**، يا **وڏي پارٽي** ڪري ڪوٺيندا هئا. ٻي پارٽي منگهنمل، جنهن کي **پارٽي رڌڻ واري** ڪري سڏيندا هئا، جو هوءَ پنهنجي هٿن سان، نانگر ۾، دادا ۽ ٻين ڪن ٿورن کي ماني رڌي کارائيندي هئي. ٽين پارٽي هڪو متسنگهه شهاڻي، جنهن لاءِ **پارٽي سبق واريءَ** جو نالو پئجي ويو، ڇو جو کيس سبق سنو ايندو هو ۽ ميران اسڪول ۾ سبق سيکاريندي هئي ۽ دادا جا ڪهڙا پڻ سمجهندي هئي.

جيئن ڀتيون ڇتيون کڄنديون ويئون، تيئن تيئن پاربتيءَ جي دل به گد گد ٿيندي ٿي ويئي! هوءَ ڀيئي اُن سمي لاءِ واجهائيندي هئي، جڏهن هال ۾ جايون ٺهي راس ٿينديون ۽ سندس دل جي مراد پوري ٿيندي. پر ٻندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب جي من ۾ ٻي. هر شيءِ ڪاريءَ ۾ شيطان پنهنجي ويهن ٿي ننهن جو وگهن نه وجهي، ته هو شيطان ڪيئن ڪوٺبو! ستيہ ۽ اَستيہ جي، ديون ۽ دئيتن جي، ڀڳوان جي ڀڳتن ۽ ڄَتيلن ۽ ڪُتيلن جي، ڀڳ ڀڳانتر کان وٺي ڀڙ هلندي اَچي. آرنڀ ۾ اَلبت شيطان جي ساجي ٿيندي آهي، پر اَنت ۾ "سَتيم ايواڄيہ تي" يعني ستيہ جي جيت ٿئي ٿي. هت به جڏهن ستسنگ هال جي اَڏاوت جي ڪم زور پڪڙيو، تڏهن آس پاس وارن ڪن سائينءَ جي سنوارين سوچيو ته جي هن ڪالونيءَ ۾ ستسنگ هال ٺهندو ته اَچا سويل صبح ٿي هوندو ته منجهانئس گهنڊ پيا گهان گهان، ۽ ڏڪڙ پيا ڏان ڏان ڪندا. اسانجي ننڊ آرام ته ٿي پوندو حرام! هي ڪير جو اَسانجون مٺيون ننڊون ڦٽائين؟ بس، هال اَچا ٺهيئي نهي، ستسنگ ٿئي ٿي ٿئي، سندن مٺي ننڊ ڦٽي ٿي ڦٽي، تنهن کان اَڳ ئي سندن سک ڦٽي پيو. ٻوڙيا وڪيلن وٽ ۽ نوٽيس موڪليائون پاربتي ملڪاڻيءَ کي ته هي هال ڪداچت ڪين ٺهندو.

ڀڳت ۽ ڀڳوان

ڀڳت ٿي جڏهن ڀيڙ پوي، تڏهن ڀڄي ڀڳوان وٽ. پاربتي به ڀڄي پنهنجي گرديو دادا وٽ ۽ اَچي سربستي ڳالهه ڪيائينس. دادا سانت ۾ مشڪيو ۽ پاربتيءَ کي چيائين ته تون پريوءَ جي ڪم کي هلائيندي هل ۽ پوءِ پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي اَندران در بند ڪري، پاڻَ پلڪ وڃي پريوءَ سان حال اورڻ لڳو. ڀڳوان ۽ ڀڳت ۾ ڪو به اَنتر ڪونهي. رامڪرشن پرمهنس کي جڏهن من ۾ ڪا به شنڪا اُٿڻ ٿيندي هئي، تڏهن ٻوڙي ويندو هو

سنڌس پريم تنهن کان به وڌيڪ هو. محسوس ڪيائين ته ستسنگ کي هڪ وڏي هال جي آوشڪتا آهي. ڪيس ويچار ۾ آيو ته ڇو نه ڪين پنهنجي وڏي پلاٽ تي هيٺ هڪ وڏو شاهي هال ٺهرايان ۽ مٿي دادا ۽ پنهنجي لاءِ به ماڙيون جوڙايان! بس، خيال اچڻ جي دير هئي. بنا دير هن پنهنجي پتنيءَ سان اها ڳالهه ڇوري، جنهن چيس ته توهان جهڙي چوندين سو اوش ڪندس.

ڪندنمل ڏٺو ته پارپتيءَ کي سنڌس ڀاءُ جي وڇوڙي کان پوءِ پياري دادا جي سنگ ۽ آسيس سان ڪيڏي نه چت شانتي پراپت ٿي هئي! سو هن يڪدم پنهنجي قبوليت ڏني ته هيٺ هڪ وڏو هال ۽ مٿي به ماڙيون ۽ ڏيتي ٺهن، جا به پيٺي دادا جي ڪتب ايندي. هال جي هيٺان وڏا شاهي ڀورا به ٺهرائبا، جتان دادا ڪن ٻالڪين کي رهائڻ جو ويچار ڪري.

پنهنجي پتيءَ کي هيڏو ساٿ ڏيندو ڏسي، پارپتي سيڪريٽريءَ جي خوشيءَ جي سيما نه رهي. هوءَ سڀ دادا جي آسيس هئي جنهن ڪيس پنهنجي سؤ ڀاڳيه ڏني پيڻ بڻايو هو. نه ته ڪهڙو پتي، جو دادا وٽ وشيش طور ايندو ويندو به ڪين هو، سو ائين وشال ورتيءَ سان پيش اچي؟ ائين نه ڪيس دادا ۾ اونهي شردا هئي. پر هو ٿورن اکرن ۽ اونهي پيار وارو انسان هو. پارپتيءَ سربستي ڳالهه دادا سان ڪئي، جو به ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. ستسنگ لاءِ ايڏو وڏو هال ملي، اها ڪيڏي نه هوش ۽ اُنهاس جي ڳالهه هئي! "جو اوني، سو ارجن!" پريوءَ جي پيار ۾ جو ڪم، جيڪو ڪري سو سڻو، جيترو ڪري اوترو ٿورو.

وگهن

دادا جي آسيس ونيءَ وڏي پارپتيءَ، بنياد ۽ اُڏاوت جو ڪم آرنڀ ڪرايو. وقت به وقت دادا کي به اُت وٺي ويندي هئي، جيئن هو سڀ ڪجهه پنهنجي درشٽيءَ سان ڏسي. جيئن

سيتل هير پيئي لڳندي هئي، جنهن ۾ باغ وارا ڪومل پشپ پيا خوشيءَ ۾ جهومندا هئا. ان هال تي دادا نالو ڏنو ”ڪرشن هال.“

هال تيار ٿيو ته به دادا ستسنگ ڪين ڪيو. سو عامل ڪالونيءَ جي ڪن پائرن کي پريرڻا پيئي. هو دادا وٽ آيا ۽ وينتي ڪيائونس ته ڪرپا ڪري اچي ستسنگ ڪريو. اسين اُن ڏينهن لاءِ پيا نهاريون، جڏهن توهين اسانجي ڪالونيءَ تي آسيس ڪندا ۽ ستسنگ ڪندا.

اچا ڪٺنايون

جي اڳي ورودي هئا ۽ ستسنگ جي برخلاف هئا، تن جا من هينئر بدلجي چڪا هئا. هنن ستسنگ جي آرنڀ لاءِ ڪا اُرچڻ ڪانه وڌي. پر جي هڪڙا ورودي ڦري متر بڻيا ته نوان ورودي جاڳي اُٿيا. اُنهن کي حسد جي آگ تي جلايو. هو پارپتي ملڪاڻيءَ جي نهرايل هن عمارت جو شان ۽ شوڪت ڏسي سهي نه سگهيا. تن وتي هلايو ته پارپتيءَ اها جڳهه پبلڪ جي پئسي مان نهرائي آهي. ان کي ايترو ناڻو آيو ڪٿان جو هيڏي عاليشان عمارت اڏائي سگهي؟

پر پارپتي ملڪاڻي هڪ سچو سون جو ٽڪر هئي. سندس پتي شري ڪندنمل ملڪاڻي هڪ رڄ چڱو مڙس ۽ ڪمائيءَ وارو انسان هو، جنهن چڱو ناڻو تي ڪمايو. البت سندن رهڻي ڪهڻي، سادگيءَ واري هئي. جڏهن دادا جي ستسنگ ۽ شيوا جي ڪارڻ جو پرشن هو، اُتي پارپتي، صدق ۽ شرڌا وچان، پنهنجي انيڪ سنڌ ورقي پائيبند ڀينرن وتان چڱو چندو چيرو ڪنو ڪري ايندي هئي. انهن کي دادا لاءِ عجيب ڀڳتي هئي. تنهن ڪان سواءِ دان پنج ڪرڻ ته ڪو ڪاڻهن سڪي. ڪين دادا جون منيون ڳالهيون به ٻڌائيندي هئي. جڏهن هوءَ ڏسندي هئي ته ڀينرن کي دادا جي شخصيت ۽ شيوائن لاءِ ڏاڍي شرڌا آهي، تڏهن هوءَ ڏاڍو گدگد ٿيندي هئي.

پنهنجي پريوءَ، پوڄنيه ڪالي ماتا وٽ ۽ وڃي سائنس سنمک ٿي حجت سان حال اورينداوهو. مجال جو مٿي ماتا پنهنجي سرل هرديه واري بالڪ جو سوال موٽائي. همت ٻه ساڳي ڪار هئي. پريوءَ جو پرم پيارو دادا ويو پنهنجي پريتم شيام سندر وٽ ۽ اچي چيائينس ته پريو، هي تنهنجو ڪاريه اٿيئي. ڇا، تون پنهنجي ڀڳتي ۽ اُستتي ڪين ڪرڻ ڏيندين؟

"ٺلسي اِس سنسار ۾، ڀانت ڀانت ڪي لوگ." ڪي لوڪ پڙهي سگهيا ته ستسنگ هال ٺهي ته اسان جي ڪالونيءَ ۾ نسام جي وڪسا ٿئي، اسان جا سڪا ٺوٺ هردا ساوا ۽ سرسبز ٿين ۽ دادا واسوائي جهڙي سنت جو اسان کي وري وري درشن نصيب ٿئي. ڪي لوڪ وري ڏسو ته ههڙي شڀ ڪاريه جي پورتيءَ ۾ وگهن پيا وجهن! مٿان جو ڏنائون ته هال جي اڏاوت جو ڪم پئي هليو، سو اُچي جوش لڳن. "آيو جوش، ويو هوش" اها ته اوائلي سکيا آهي. پر هنن صدورن شايد اِها سندر سکيا اجا گرهڻ ڪين ڪئي هئي؛ سو جوش ۾ ڇا ڪندا هئا، جو رات جي اونداهيءَ جي اوٽ ۾، لڪ چوريءَ وڃي، اڏيل پٿين کي پٽي، سرون ڦوڙي ايندا هئا. شڪر جو اُنهن سرن سان پنهنجا سر ڪين ڦوڙ يندا هئا، ڇو جو دادا اُنهن جي ڀلي لاءِ ٻڻ پرار ٿنا ڪئي هوندي. سنت، اوڇن کان اڳ نيچن کي ۽ ڀڳتن کان اڳ نندڪن کي، پنهنجي وشال هرديه جي آسيس ڏيندا آهن. ڪاش، جڳ کي اهو گيان هجي.

ڪرشن هال

ڪرشن جي ڪرپا ۽ دادا جي ديا سان پوري سمي تي هال ٺهي راس ٿيو. واهه جو اهو هال هو. سندس جهڙو سهڻي هيرآباد ۾ ڪو جيس ڪين هو. هال جي مهڙ ۾ هڪ ننڍڙو پشپن وارو باغ پڻ ٻوڪيل هو. اُڇي، چمڪندڙ، سهڻي سنگمرمر جي ڏاڪڻ چڙهي، هال ۾ گهڙبو هو. اَول ڪليل تلهو هو جنهي

اڳيان رکيون جيئن انڪم ٽئڪس آفيسر اڳيان رکيون آهن. هن پاڻ سڀ حساب ڪتاب قاعدي موجب ٺاهي ڪيس ڏنو، جو دادا کي ڏيکاري پوءِ ڇپايو ويو. تنهن کانسواءِ دادا پاڻ هڪ اپديش ۾ صاف طرح ٻڌايو ته، ڪيئن پارٻتي ملڪاڻي ڏسڻ ۾ سادي سودي آهي، پر سندس پٽيءَ جي ڪمائي سٺي آهي. هن پنهنجي پٽيءَ جي ڪمايل پئسي مان اِي هيءَ عمارت اڏائي آهي. پبلڪ جي پائي به ڪين ڪتب آندي اٿس. ههڙي سچي ڪم ڪندڙ تي ماڻهو هيئن اجايا ڏوهه مڙهين، سا ڳالهه دادا کان ڪيئن ٿي برداشت ٿئي! هن ڪليو ڪلاهو چيو، "مون کي دک سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي ته ڪيئن ڪرشن هال جي مالڪياڻيءَ، شريمتي پارٻتي ڪندن مل ملڪاڻيءَ جي باري ۾ ڪي جو ڪي چيو وڃي ٿو. انهن افواهن کي ڪو به بنياد ڪونه آهي، چوته اهي نسورا ڪوڙا آهن."

دادا وڌيڪ چيو، مان سري ڪرشن هال ۾ پوڄا ڪندو رهندس. نڪي پاڻ پيرن کي ستسنگ ۾ شامل ٿيڻ کان روڪ ڪندس. پل اُن لاءِ مون کي اختياريءَ وارا سزا ڏين. منهنجو وشواس آهي ته ڪو به گهر پريوءَ جي پوڄا کان سواءِ بيابان آهي."

دادا جو چوڻ اهڙو ته زوردار هو جو ٻڌندڙ دنگ رهجي ويا. سوناري جا سؤ ڌڪ، لوهار جو هڪ ڌڪ! بس دادا جي اکرن لوهار جي هڪ ڌڪ جو ڪم ڪيو. جن جن جي دلين من ۾ شيطاني شڪ شبها هئا، سي سڀ ڪن ۾ دور ٿي ويا.

ويچاري پارٻتي، پنهنجي باري ۾ بي بنياد بدناميءَ جون ڳالهيون ٻڌندي هئي ته چپ چاپ ويهي ڳجها ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. هوءَ اهڙي ته سچي هئي جو ڪم لئي سڀو سڀو ڏينهن نڪرندي هئي. ڪير بيمار ۽ سڪ سان مانيءَ جي آڃ ڪندو هوس ته کائيندي هئي، ته ته ته رستي ٽان ڇٽا وٺي چاڙهيندي هئي ۽ پاڻيءَ جهاو ڪندي هئي ۽ شام جو گهر پهچي

سچي پيار جي نشاني ٻه اها ئي آهي ته جنهن کي مان پيار ڪريان تنهن کي ٻيا به پيار ڪن ۽ مون کي خوشي ٿئي. جڏهن به دادا ڪو نئون ڪاري آرنڀ ڪندو هو ۽ چوندو هو ته ان لاءِ هيتري پئسي جي ضرورت پوندي، تڏهن پارٻتي پيار ۽ شرڌا وچان، چپٽي وڄائي چوندي هئي، ته دادا، توهين ڪو به خيال نه ڪريو. مان فلاڻي ساهيڙيءَ وٽ وڃي "ريگهڙيون" ڏي ٻڌان. ويهي ڏسو ته هوءَ ڪيئن نه ٿي سهائتا ڪري! پارٻتي "ريگهڙيون" شبد نه معلوم ڇو ڪتب آڻيندي هئي.

حساب ڪتاب

پارٻتي جيتوڻيڪ گهٽو پڙهيل ڪين هئي، تڏهن به هڪ هڪ ڪاٽي جو حساب ڌار ڌار ٻوٽڙيءَ ۾ جمع ڪندي هئي ۽ هر هڪ ڪاٽي جو خرچ اُن ڪاٽي واريءَ ٻوٽڙيءَ مان ئي ڪندي هئي. دادا جا ڪاره بند ٿي ويا ته فنڊ به بند ٿي ويا. گهڻيئي سچا اِنسان، حساب ڪتاب پوري ريت سان رکي ڪين سگهندا آهن، پر وهنوار سچ جو ڪندا آهن. هوءَ ته بلڪل سچيار هئي ۽ چوندي هئي ته مان حساب ڪتاب ڄاڻان ڪين. الڳ الڳ ٻوٽڙين مان پيئي خرچ پڪو سنڀاليندي آهيان. دادا وقت به وقت ڪيس چوندو هو ته حساب ڪتاب صاف رکندي ڪر. اهو ٻڌندي ٻڌي هن هڪ هڪ فنڊ لاءِ ڪاپي رکي جنهن ۾ پنهنجي سرل پر ٻوناٽي نموني ۾ پيئي انگ اکر درج ڪندي هئي. دادا جي پيار ۾ هوءَ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئي. سنڌس پتيءَ جي ڪمائي سٺي هئي. ڪيس پئسي پنجر جي پرواهه نه هئي ڪانه، هوءَ ڪيول پياري دادا جي سنڌر ڪارين لاءِ فنڊ ڪٺا ڪرڻ ۾ اُتساهه سان ڪم ڪندي هئي.

سنت جي سهائتا

شڪر جو پارٻتيءَ ڪاپيون سنڀال سان سانڍي رکيون هيون. سو هڪ ڀاڱي کي وهاري هن سڀ حقيقتون سنڌس

رهڻ سويڪار ڪيو. ساڻس گڏ ستيءَ، شانتڙي ۽ مان پڻ اُتي رهياسين. ستي لاج ڪي مٿي وڏو شاهي ڪليل ڪُڏ هوندو هو. گرمين جي گريشم رُت ۾، دادا شام جو مٿي هلي ويندو هو ۽ لهندڙ سوريه ۽ نيلي آڪاش جي پاڻ ۾ رنگ برنگي کيل ڪريڙا ڏسي پرسن ٿيندو هو. ڪنهن ڪنهن سميه جي منڙي، ٿڌڙي هير لڳندي هئي ته دادا رات جو تارن جي ٽمڪڻ هيٺان اُتي سمهي پوندو هو ۽ پرڀات جي پڙدي ۾ اُٿي، پرڀوءَ کي پرڻام سان ڏيائيندو هو.

دادا ستي لاج ۾ رهڻ لڳو ته نام نگر ۾ رهندڙ بالڪين جو اُتي اَڪيلائيءَ ۾ رهڻ ڏاڍو ڪٺن ٿي پيو. هڪ دادا جي صدقي، هو پنهنجا گهر ڇڏي ٿياڳي آيون هيون. هن سنت جي نرمل سنگ جي پرسنگ ۾، هنن آشرم جي پورن برهمچريه جي جيون ۾ رهي، گرهست ۾ گهڙڻ کي گهورايو. ۽ هاڻي سنت کين هيئن ڇڏي، آشرم کي ڇڏي، وڃي ستي لاج ۾ رهيو! سنتن جي گت سنت ئي ڄاڻن. پر ويچارين بالڪين لاءِ نام نگر هاڻ ويران بڻجي پيو. جنهن جي پل پل جي پيار ۽ پڪار لاءِ هو تڳيون ٿي، جو سندن جيون جو اَجهو، آسرو ۽ آڌار هو، سو کين ڇڏي ويو! اُن کان وڌيڪ سزا سندن لاءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي؟ هو پرڀوءَ کي پڪارڻ لڳيون، ٻاڏائڻ لڳيون. کين وِرهه ۾ وياڪل ڏسي، سندن لاءِ پرڀوءَ ايترو سو ڪرم ڪيو جو دادا اُهي روز صبح ۽ شام، ٻه دفعا ستسنگ جي بهاني ايندو رهيو ۽ کين پنهنجو درلڀ درشن ۽ پوتر پيار جو پاڻي پياريندو رهيو.

ڌرم ۽ جاتيءَ ۾ سمانتا

ستي لاج جي ويجهو ڪن مسڪين مسلمانن جون ٿماڻيون جهوپڙيون هونديون هيون. دادا چوندو هو ته پاڙيوارن سان سڌيو منو ناتو هئڻ جڳائي. پاڙو آهي اَبو ۽ اَما! سو ڪيترا ڀيرا دادا اُنهن غريب مسلمانن لاءِ مٺا چانور ۽ ڀاڄي رڌائي کين

روئي کائيندي هئي. کيس لڳن لڳل هئي ته دادا جي ڪم ڪي مان وڌايان. سندس لاءِ مان ڪجهه نه ڪجهه ڪريان ۽ پنهنجي جيون سندس سيوا ۾ خرچ ڪندي سڦل ڪريان. پر نشڪام ڪرم ڪندڙن تي ڪئين ڪنايون اچن ٿيون. آد جڳاد کان وٺي ائين ئي ٿيندو آيو آهي. مالڪ ان طريقي سان ئي اهڙن جيون کي ڪرم يوگيءَ جي مهان پد تي پهچائي ٿو.

پياس اڌوري

پاربتي ملڪاڻيءَ جي اها پياس پوري ڪين ٿي. هن جي اَبلاشا هئي ته دادا وٽس رهي ۽ هوءَ سندس سيوا ٽهل ڪري. ٻر ٽڪي سٽسنگ روز ڪرشن هال ۾ هليو، ٽڪي دادا اُتي رهيو. ڪرشن هال، نام نگر کان ڪجهه دوريءَ تي هو. اُتي جي پاڙن پيڙن کي ڪرشن هال ۾ وڃڻ ڏکيو لڳو. تنهن ڪري ڪيول هر آرتوار صبح جو ئي اُتي سٽسنگ ٿيندو هو. ميران ٻالڪين جا کيل پڻ ڪرشن هال ۾ ڪيا ويندا هئا. ڪجهه وقت کانپوءِ ڪرشن هال ۾ ٻال وديا مندر کوليو ويو. اُن وڏي شاهي هال ۾ ننڍڙا ٻال گوپال ڏاڍو خوش هوندا هئا ۽ آزاديءَ سان ٻه ڪُون ڀوڙُون پائيندا هئا.

سٽي لاج

وڏي پاربتيءَ وٽ دادا کي ٻه ٽي راتيون مس گهاريون. ويچاريءَ جي دل ۾ حسرتون دٻيل ئي رهجي ويون. مور ڳوٺ ئي پاڻ اچي کليو سٽي لاج جو. اها جڳهه ڪرشن هال جي نڪت هئي. سٽيءَ جي پتا، شري بگيمل ٽڌاڻيءَ، عامل ڪالونيءَ ۾ پنهنجي جڳهه جوڙائي، جنهن ۾ ٻه ڏُڇيون ٻه ٺهرايائين. جڳهه ٻن طبقن ۾ هئي، هڪ ننڍو، ٻيو وڏو. وڏي حصي ۾ شري بگومل ۽ سندس ڪٽنب رهيو. ننڍي حصي ۾ هڪ وڏو صحن، اڱڻ، دالان وغيره هئا. اهو دادا لاءِ رکيو ويو. سنتن جي چال اَنوکي آهي. دادا جنهن سندر ۽ وڏي ڪرشن هال جي مڪان رهڻ اُچت ڪين سمجهيو، تنهن سٽي لاج جي ننڍي حصي ۾

توهين هليون اَچو. ڪڏهن ته ياد گيري به ڪين هوندي هئس؛ گهٽ ۾ گهٽ ٻاهران ته اِئين لڳندو هو. ڪڏهن ته سچي لاچ ۾ مون لاءِ سيڙجي وهندو هو. مان ميران اِسڪول مان موٽندي هئس، پوءِ ماڻي کائيندو هو. ٻار سان گڏ شانتڙيءَ ۽ مونکي به ڪارائيندو هو. ڪڏهن ڏس ته قصوئي اوڙتي ويندو هو. دادا شل نه ڪنهن سان رسي. بس، رسڻ واري سان جنسي وٺل وهي ويندو هو. پوءِ ته اَڳلو آزيون نيزاريون ڪري پرچائيندو هوس، جئن ڪنهن منڙي، سڪيلڌي ٻالڪ کي پرچائجي! پر منهنجي لاءِ اَلاجي ڇو دادا کي پرچائڻ ڪٺن لڳندو هو. ڇو جو مان به سڀاوَ جي رسڻي هوندي هئس. اَندر ۾ گهڻو ئي چاهيندي هئس ته دادا شل جلد پرچي پوي. ٻاهران جو ٻر رکندي هئس سو اَڳيان به دادا هو، پرچڻ جو به پختو ته رسڻ جو به پختو ۽ پڪو. مان فقط رسڻ جي پڪي هئس پر پرچڻ جي نه. اِن ڪري مونکي اَندر ۾ ڏاڍو دکه سهڻو پوندو هو. ڪيما ڪيئن وڃي، اها سڪيا منهنجي من مونکي اَڃا وڻي ئي ڪين ٿي ڏني. اَکيون ڀرجي ايندون هئم، دل ڦاٽڻ لڳندي هئم ته مٿان دادا پرچي وڃي ۽ پيار مان ڳراٽڙي پائي ۽ مٿي تي هٿ ڦيري. پر سنت کي جو ڪيما جي پڪي سڪيا ڏيڻي هئي سو ايترو جلد ڪٿي ٿو مڙي! جيئن ٿلي، تيئن وڌ! وچي دل جو ڪنور ٿيندو. نيٺ جڏهن ڦتيل دل جو درياهه ڦاٽي، ٻنڌ ٽپي سيلاب ڪري، نيڻن جي گنگا جمنا جل رستي ڇلڪي ايندي هئي ۽ سُور وارا سڏڪا پري پري سڻبي ٿيندي هئس، تڏهن ويجهو اَچي پيار سان ٻچڪار ڏيندو هو. سندس پيار جي اِظهار جي به ڪا سيما هئي؟ پيار شروع ڪيائين ته پيو ڪندو ۽ ٿڪجندو ڪين.

ڀاڳمني ۽ پيڱل ساز

اَهڙيءَ موج ۾ جڏهن هوندو هو ته مونکي ٻار سان اَڪيلو پنڌ ڪرڻ وٺي هلندو هو. ڪيترا دفعا دادا ۽ مان هليا

موڪليندو هو. اُهي وٺي هو دادا درويش کي پنهنجي دل جون دعائون ڏيندا هئا. جڏهن به ڪيس لنگهندي پائيندي ڏسندا هئا ته ڪيس سجدو سلام ڪري سندس دعا گهرندا هئا. دادا لاءِ ته جهڙا هندو تهڙا مسلمان. سندس سمدرشتيءَ جي ڪارڻ ڪيس سمسرشتي اُسي پسڻ ۾ ايندي هئي. هو سڀ ۾ هڪ ئي سائينءَ جي صورت ۽ منڙي موهن جي مورت جو درشن ڪندو هو. تڏهن ته پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چيو اٿائين ته:

"هندو، مسلم، ڪرستان، پارسي،
تنهنجون تصويرون اِڪ آرسي."

ڦليلي ۽ ڦُولستان جا سئو ۽ سکياڻون

ستي لاج جي ڀرسان ڦليلي واهه، ڏاڍي موج ۾ پيو وهندو هو. گهٽيءَ سئو سهاڻي ۽ پرڪرتيءَ جا پريمي، واهه جي ڪپ تي پنڌ ڪرڻ ويندا هئا. دادا به ڪيترا دفعا شام جو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن جو، وشيش طور شرد رُت (سياري) ۾ اُتي ويندو هو ۽ وڃي ٽهلندو هو. ڏينهن جو شانتڙي ڪاليج ۾ ويندي هئي. ڏهو ڪي، جا منجهند ۽ شام دادا سان گذاريندي هئي سا اِسڪول ۾ ماستري ڪندي هئي ۽ مان وري ميران اِسڪول جي چارج ۾ هئس. سو دادا ستيءَ کي ساڻ ڪري هواخوريءَ لاءِ هليو ويندو هو ڦليليءَ جي ڪناري تي. ڦليليءَ جي ڪناري تي ڪيترائي سندر باغ هوندا هئا، جهڙوڪ بخشو سنگهه جو باغ، ڀولڻداس جو باغ، مکي منگهارام جو باغ وغيره. دادا پنهنجي جوانيءَ جو گهڻو حصو بنگلن ۾ رهيو هو، جن جي آڳنڌ ۾ سهڻا سهڻا باغ باغيچا پوکيل هوندا هئا. باغ سندس جيون جو هڪ اَنگ هئا ۽ ڪيس نهايت آنند ڏيندا هئا. هت به دادا ڪنهن نه ڪنهن باغ ۾ سڄو سڄو ڏينهن گذاريندو هو. اَسين گهر موٽون ۽ ڏسون ته دادا نهي ٿي ڪونه. ڪڏهن چوائي موڪليندو هو ته مان فلاڻي باغ ۾ آهيان،

آٽي اڳيان رکيائونس. پاڳنيءَ ساز کي هٿ ۾ کنيو ۽ جيئن ئي تارن کي ڇيڙڻ جي ڪيائين ته ڏٺائين ته هي ساز ته ڀڳل آهي! سو نراس ٿي، ساز مالڪن کي واپس ڏيئي، ڪين چيائين ته پيارا، هي ته ڀڳل ساز آهي. اُن مان ڪيئن سُر ۽ سنگيت جي جهنڪار نڪرندي!"

سريلو ساز

جڏهن دادا اِها وچتر ڪٿا ورڻن ڪئي، تڏهن سنڌيا جو سمو اچي ٿيو هو. آڪاش ۾ ڌرو تاري ڌيمي ڌيمي ٽمڪ ٽمڪ ڪرڻ شروع ڪيو هو. سيتل پَوَن لڳي، شرير کي بسنت جي بهاري پئي ڏني. وڻن جا پاڇا لنبا ۽ ڪارا ٿي رهيا هئا. قليليءَ جي پاڻيءَ جو ويگ مانيٺو هو. دادا مون ڏانهن هڪ وچتر درشٽيءَ سان ڏٺو ۽ ڪلهي کي وري پيار سان ڌوڏي آگاهه ڪيو ته ”هري، متان ڀڳل ساز ٻڌين آهين! ڀڳل اوزار نه ٻڻج. پرڀو پاڻ هڪ مهان سنگيتڪار آهي. سندس هڪ هڪ ڪم ۾ آهي راڳ ۽ رڌم. هو پنهنجي مهر ۾ هڪ هڪ جيوَ روپي ساز مان اَدڀت آلاپ ڪڍڻ ٿو چاهي. هو ساري وشو ۾ هڪ مڌر سنگيت ڇيڙڻ ٿو چاهي، جنهن ۾ هڪ هڪ جيوَ مان سريلو آواز ڪڍڻ ٿو چاهي. انهن سڀني آوازن کي هو اهڙي ڍنگ سان پيش ڪرڻ ٿو چاهي، جيئن اهو هڪ مهامڌر، مها سندر، وِرندگان (Choras) ٿي، ساري وشوَ ۾ گونجي. پر افسوس، جيون ۾ ڪي ڀڳل ساز آهن، جن مان بي سرو راڳ پيو نڪري، جو ايشوري رتا واري سنگيت جي اَنڪُول نه آهي ۽ ساري ورندگان کي بي جُسو ۽ بي سرو ٿو بڻائي. هري، ٻالڪ، ٻڌي ڇڏ، ته تنهنجي جيون جي سريلي ساز مان اهڙو نه سمپورڻ راڳ نڪري جو هڪ ايشوري اَنوراڳ هجي، جو ٻين ڀڳل سازن کي، ورندگان ۾ رخنو وجهڻ نه ڏئي! تون به هڪ ايشوري ساز ٻڻج، جنهن مان هو پاڻ پنهنجي ڪرپا جي ڪلا سان،

ويندا هئاسين ڦليلي جي ڪپ تي. هلندي هلندي دادا کهڙيون نه مٺيون ۽ دل لڀائيندڙ ڳالهيون ڪندو هو! هڪ دفعي مون کان پڇيائين ته تو ڀاڳنيءَ جو نالو ٻڌو آهي؟ دادا منهنجي ڏاڏي پاسي کان ٿي هليو، سو سندس ساڄو هٿ منهنجي ڏاڏي ڪلهي تي هو. دادا پيار جي موج ۾ ائين ڪلهي تي هٿ رکي پيو هلندو هو. مون ڀاڳنيءَ جو نالو نه ٻڌو ئي ڪين هو، سو سانت ۾ ئي رهيس. مون کي خاموش ڏسي دادا منهنجي ڪلهي کي هلڪيءَ طرح ڌوڏي چيو ته: ”ڀاڳني اِٽليءَ ديس جو ساز سنگيت جو هڪ مهان ڪلاڪار ٿي گذريو آهي. هو وايولن ساز ڏاڍو سٺو وڄائي سگهندو هو. اڄ اُن وايولن جا اَلائي گهڻا لک ڊالر ملهه اٿيئي! ڀاڳني شل نه ڪنهن هال ۾ اَچي ڳائي ۽ وڄائي. هال، سنگيت پريمين سان بلڪل ڀرجي ويندو هو. ڏاڍي خلق اچي ڪٺي ٿيندي هئي. ڀاڳني رنگ منچ تي آيو ۽ پنهنجي ساز جون ننڍيون تارون پنهنجي ڪمان سان ڇيڙيائين مس ته ماڻهن تي جنسي ڇايا پئجي ويندي هئي ۽ هال ۾ پورن شانتي ڇانئجي ويندي هئي. ڀاڳني جڏهن دلسوز آلاپ ڇيڙيندو هو تڏهن حاضرين جي اکين مان ٽاهه ٽاهه لڙڪ پيا وهندا هئا. هڪ ڏينهن ڀاڳنيءَ ساگر جي ڪناري تي پئي پنڌ ڪيو، جيئن هينئر اسين ڦليليءَ جي ڪپ تان پيا پنڌ ڪريون. ماڻهن جو ڪيس سڃاتو سو خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ ئي نه پيا ماپن. اَول هڪ ٻئي کي اِشارا ڏنائون، پوءِ پاڻ ۾ چيائون ته چونه ڀاڳنيءَ کي وينتي ڪريون ته اسان کي ڪجهه وايولن وڄائي ٻڌائي. سو هنن اچي کيس ائين عرض ڪيو. ڀاڳنيءَ کين مشڪي چيو ته: پيارو، مان جيڪر خوشيءَ سان توهان کي وڄائي ٻڌايان پر مون پاڻ سان پنهنجو ساز نه آندو ئي ڪينهي. توهين جيڪر مون کي وايولن ساز آڻي ڏيو. اهو ٻڌي ڪي ماڻهو کهڙي طرف ڊوڙيا ته ڪي کهڙي طرف ۽ جلد ئي هڪ ساز

توهين سچ پچ جادوگر آهيو! پوءِ مان جيڪي به توهانکي پيدا ڪرڻ لاءِ چوان اهو توهين ڪري ڏيکاريندا؟"

دادا جي بلوري اکين ۾ اڄ هونئن کان به وڌيڪ ٽمڪ ۽ شرارت هئي. سندس چپن تي به هڪ من موهيندڙ مشڪ ۽ مستي هئي. ترڇي نگاهه سان مونڏانهن نهاري چيائين: "چئه، توکي ڇا کپي؟" مون به ٽڪڙ ۾، بنا سوچي چئي ڏنو: "مون کي هڪ سؤ رپئي جو نوٽ ڪري ڏيکاريو." تن ڏينهن ۾ ماڻهو سؤ رپين جو نوٽ کيسي ۾ کڻي ڪين گهمندا هئا. اُن يگ جا سؤ رپيا، اڄ ڪلهه جي ڪنور سمي جي هزار رپين کان به اڌڪ هئا! دادا به ڇا ڪيو جو نهه پهه پنهنجي وڏي شاهي کيسي ۾ هٿ وڌائين ۽ نوٽ ڪري ٻاهر ڪيائين! مون ڏٺو ته برابر سؤ رپئي جو نوٽ هو! منهنجي ته حيرانيءَ جي حد ئي ڪانه رهي! اعتبار ئي نه اچيم ته ائين ڪيئن ٿيو هوندو!

ڪرامتون

اَڄ ڏير پڙهائيءَ سان ائين پيئي چوان ته سڄي دنيا جا سڀ جادوگر پل کڻي گڏ ڪجن، ته به منهنجي پياري جادوگر دادا اڳيان هو ڪجهه به ڪين آهن. دادا رواجي جادوگر نه آهي. هو ته آهي هڪ مهان "**جوڳي جادوگر!**" رواجي جادوگر ته دنيوي، استول چيزن جا کيل ڪري تما ڏيکارين. دادا به ڪيترن نه جيون ۾ پريورتن آندو آهي ۽ ڪين سٽل نندرا مان سجاڳ ڪري سندن ڌارا پريوءَ جي ڪمل چرنن تائين آندي آهي! سڀ کان وڏو جادو، سڀ کان وڏي ڪرامت اها آهي جا انسان کي چاڙهي ديوتا بڻائي ٿي.

هي سنسار ته ڪرامتن سان ڀريو پيو آهي. مکڙيءَ جون ڪومل پنکڙيون، صبح جي سيتل هوا جي جهونڪن سان از خود کليو پون ۽ ڪومل ڪلي هڪ سهڻو پشپ بڻجيو پوي! انسان پنهنجي ڪڙڪ هٿن سان ڪين ڪولڻ جي ڪوشش ڪندو ته

ڪڏهن ڀڳتيءَ ۽ پريم جو آلاپ، نه ڪڏهن نشڪام ڪرم ۽ قربانيءَ جو راڳ، نه ڪڏهن پرارٿنا ۽ پوڄا جو آواز اُٿاري لوڪن تائين پهچائي، ڪين آنند سان گڏ وڳڏ مارگ درشن به ڏيکاري. هري، مٺان ڀڳل ساز يا آواز ٻڌي آهين!"

پيارو دادا پاڻ ڪيئن نه ڪرشن جي مڌر بنسري ٻڌيو، جنهن مان شيام سندر اڃا تائين پيو مٺا آلاپ آلاپي، سٽل روح سڄاڳ ڪري ۽ اُنڌن کي اونده مان ڪڍي آتمڪ پرڪاش ۾ آڻي! پياري دادا جا لاهي مٺا، سريلا، سکيا دائڪ وچن، اڄ به منهنجي هردي جي ڪنن ۾ مڌر مُرليءَ جيان وڄي رهيا آهن ۽ وري وري آگاه ڪري رهيا آهن ته "هري، تون ڀڳل ساز نه ٻڌج!"

جوڳي جادوگر

ٻي به هڪ مٺي يادگيري اُڀيم ٿي. شرد رُت (سياري) جي منجهند جو ٽاڻو هو. رويوار جو ڏينهن هو. اُس وُڻي پئي. دادا سٺي لاج مان نڪري پنڌ ڪرڻ هليو. ٻين سان گڏ مان به ساڻس هئس. دادا هلي بخشو سنگهه جي باغ ۾ پهتو. باغ جو مالهي هڪ ڀڳت جن هو. ڪيس سنتن ۽ سنيرشن لاءِ ڏاڍي شردا ۽ ڀڳتي هئي. دادا کي ايندو ڏسي هن ڪيس ڏاڍي پريم سان منجيءَ تي وهڻ جي آڇ ڪئي. دادا به اڃا ڏيکاري ته مان جيڪر ڏينهن اتي ئي گذاريان. سو سٺي ٽڪرو ٽڪرو وڃي گهران دادا جي وهڻ لاءِ چادر ۽ وهاڻو کڻي آئي، جي منجيءَ تي رکيا ويا. دادا به ڏاڍي مزي سان اُن تي ويٺو. سٺي، شانتڙي، ديوڪي ۽ گنگارام به ويجها ويجها ٿي ويٺا. مان به دادا جي چرنن ۾ ويهي رهيس. ٿوري وقت ۾ ٻيا سڀ اُتي ويا. باقي مان ۽ دادا وڃي بچياسين. دادا کلي کلي مون کي چيو ته، "هري خبر اٿيئي ته مان جادوگر آهيان ۽ جادوُ ڄاڻان؟" مون اُچرج ۾ دادا کان ٻه وڏ يڪ کلي چيو ته: "دادا، ڇا

ڳالهيون ڪيائين. فقط منجهند جو ماني لاءِ در کوليائين ۽ پوءِ وري بند ڪري ڇڏيائين. چوڻ ان ڏينهن حاجي عبدالله هارون، ڪراچيءَ مان حيدرآباد آيو ۽ سنتداس ڪملاڻي وڪيل کي وينتي ڪيائين ته مون کي ساڌو واسواڻيءَ جو درشن ڪرايو. سو هو صبح جو دادا جي در تي آيا. پر دادا ته هو پنهنجي هوت جي حضوريءَ ۾! ويچارو حاجي نراس ٿي موٽي ويو. سمجهيائين ته شام جو ضرور درشن ملندو. پر شام جو به ٿيو پلو! دادا درويش جو در بند! ٻئي ڏينهن شام جو مس دادا هيٺ ستسنگ ۾ آيو ۽ اچي پنهنجو مؤن ٽوڙيائين. سنت جي جيون آهي تپسيا جي جيون. لوڪن کان لڪائي، اڪيلائيءَ ۾ واهي، سنساري سپنن کان پنهنجي سرت ڇاڙهي، سڀڻي ساجن جي سنمک ويهي سندس سنگ ڪن ٿا ۽ آتمڪ شڪتيون ڪٺيون ڪري، اهي ٻين سان ونڊين ورهائين ٿا. هو جيڪي به ڪن ٿا سو ها ته پريوءَ جي صدقي يا ته لوڪن جي ڪاڻ. ڪين پنهنجو سوارٿ لاءِ آهي ٿي ڪين.

ڪنڌ جهڪاءِ، اندر پيهر پاءِ

اُن ڏيٿيءَ ۾ دادا کي ملڻ لاءِ هڪ ڏينهن شري ايچ. ايس. پولڪ پڌاريو. شري پولڪ، مهاتما گانڌيءَ سان گڏ، ڏکڻ آفريڪا ۾ فنيڪس ڪيمپ (Phoenix Settlements) تي ڪم ڪيو هو. هو ولايت مان ڀارت ۾ آيو هو ۽ ڪراچيءَ مان ٿي، حيدرآباد ۾ خاص دادا واسواڻيءَ سان ڀيٽ ڪرڻ آيو هو. ڪٿا دادا جي مهما ۽ ڪٿا هيءَ ننڍڙي مسڪين ڏيٿي! پر سادگي دادا جي جيون جو هڪ وشيش آدرش هو. هو ان حال ۾ ڏاڍو خوش هو. شري پولڪ هڪ انگريز هو ۽ قداور انسان هو. هو جڏهن ڏاڪڻ چڙهيو، تڏهن ڪيس ننڍڙي دروازي اندر گهڙڻ لاءِ ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان سر جهڪائي، پوءِ ڏيٿيءَ ۾ داخل ٿيڻو پيو. سياڻا سي جي سنتن کي ملڻ کان اڳ به سر جهڪائين

پنکڙيون پنهنجي اَچي پٽ پونديون ۽ مکڙي مايوس ٿي مري ويندي. ڌرتيءَ ۾ هڪ ننڍڙو ٻج پوکجي ٿو ته ڪيئن نه پوري وقت تي اهو ننڍڙو ٻج، اَنڪُر بڻجي اُسري ٿو ۽ هڪ ڏينهن وڏو ۽ ڇايادار ۽ ڦلدار ورکش بڻجي ٿو، جنهن مان انيڪ ٻج پيدا ٿين ٿا! هر صبح، پورب ڏسا کان سوريه اُديه ٿئي ٿو ۽ سنڌيا جو پشچم ڏسا ۾ اَست ٿئي ٿو! هر روز روشن ڏينهن ٿئي ٿو ۽ انڌيري رات ۾ بدلجي ٿو! رتيون اَچن، رتيون وڃن. گريشم رت جي گرمي، ساوڻ جون برساتيون، سرءُ جي سوڪ، شرد رت ۾ شيتلتا ۽ بهار ۾ بسنت جا ڦل ڦُول ۽ بيل برکش بور ۾ اَچي جهُومن. اِهي به ڪرامتون آهن. پر اُنهن سڀني ڪرامتن کان وڏي ڪرامت اُها آهي جا سنت مهاتمائون ۽ ايشوري اوتار ڪري سگهن ٿا! سري ڪرشن جي ڪرپا ڪرامت سان ڪُبجا ٽيڙي وِڳي ۽ سدامي ڀڳت جي ڀڳل جهوپڙي بدلجي هڪ سندر، سونهري محل بڻجي پيئي! گوتم ٻڌ جي پريم ۽ ديا درشٽيءَ جي جادوءَ سان انگولي مال جهڙو ڏاڪو، بدلجي هڪ ڀڳت ٿيو ۽ ڀوَساگر پار ڪيائين! ايشا جي آسيس سان ميري مگدالن، هڪ پتت استري، پاوَن ٿي، سنتياڻي بڻجي پيئي! شري رام جي چرن سپرش سان اَهليا جو اُڌار ٿيو! گرو نانڪ جي نرمل نگاهه سان، گناهن ۾ گرفتار شيخ سڄڻ ۽ نور شاهه بدلجي ڀڳت ٿيا! ۽ هينئر جوڳي جادوگر دادا جي نرمل پيار ۾ اَنيڪ جيو، دنيا کان منهن موڙي، رام رنگ ۾ رڱجي، رچي لعل ٿيا آهن!

دادا درويش جو در بند

سٽيءَ لاج ۾ دادا کي هڪ وڏو ڪمرو ۽ مٿي هڪ ڇتي هئي. ڇتي ننڍي هئي، جنهن ۾ گهڻو وقت مٿو جهڪائي انگهڙو پوندو هو. پر اُتي هوا ۽ روشني ٻئي هئا، جت دادا ننڍي ڏاڪڻ چڙهي ڪيترو وقت، در بند ڪري اڪيلو وڃي ويهندو هو. هڪ اهڙي ڏينهن دادا، مون اختيار ڪري، عادت ۾ وڃي اُتي ويٺو ۽ وڃي پنهنجي پريتم سان پريت جون

اُديپور

سنه ١٩٣٦ع جي وارتا آهي. آڪٽوبر جو مهينو هو. هڪ ڏينهن دادا وٽ، اُديپور راجستان مان ڊاڪٽر مهتا نالي هڪ ودوان آيو. (هو پوءِ اُديپور وديا گره جو منتري ٿيو.) هُو دادا سان ڏاڍي مريادا ۽ محبت سان مليو ۽ کيس چيائين ته، "اُديپور ۾ اسين ٽن ڏينهن لاءِ هڪ وديا سماروهه ڪوٺايون ٿا، جتي ڀن ڀن پرانتن جي ودوانن کي نينڊ ڏيئي گهرائڻ جو ويچار آهي. توهان ۽ توهانجي ميران وديا هلچل جي باري ۾ اسان گهڻوئي ڪجهه ٻڌو ۽ پڙهيو آهي. سو اسين چاهيون ٿا ته توهين ان سماروهه ۾ ڀاڱو وٺو ۽ نئينءَ وديا تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪريو."

ڊاڪٽر هڪ مهان هستي هو، پر دادا سان اهڙي ته نياز ۽ نمرتا ۾ ڳالهايائين جو دادا جي دل قابو ڪري ورتائين. دادا کيس "نه" ڪري نه سگهيو ۽ وچن ڏنائينس ته مان اُديپور ايندس.

دادا سان گڏ چار ساٿي هئا. ڀائر ڌرراج ۽ گنگارام ۽ ڀيڻر ستي ۽ شانتڙي. هميشه موجب دادا ٽرين جي ٿرڊ ڪلاس ۾ ياترا ڪئي. تن ڏينهن ۾ ٿرڊ ڪلاس ۾ نه ڪو بجلي پنکا هئا ۽ نڪو ڪو رات جي سمهڻ لاءِ برٿ رزرويشن يا ٻيا ڪي سهنج هوندا هئا. مسافري اَٿانگي ۽ ٿڪائيندڙ هوندي هئي. تنهن هوندي به دادا ٿرڊ ڪلاس ۾ ئي سفر ڪندو هو. جڏهن پڇبو هوس ته، "دادا، توهين هيڏا شاهه، پوءِ ٿرڊ ڪلاس ۾ مسافري ڇو ٿا ڪريو؟" ته هو مهاتما گانڌيءَ جيان مذاقيه ورائي ڏيندو هو ته "پيارا، اهو انهيءَ ڪري جو فورٿ (چوٿون) ڪلاس آهي ئي ڪين!" پر پياري دادا هن سادڙي سوُدڙي ٿرڊ ڪلاس جي ڊٻي کي به پنهنجي مهان شخصيت دوارا هڪ سندر مندر بڻائي ڇڏيو هو. سڄو وقت سنتن ۽ مهاپرشن جون جيون ڪهاڻيون ۽ گيان چرچا پيو ڪندو هو. ان ئي ڊٻي ۾ ڀيڻن

ٿا، ملڻ وقت ۾ ملڻ ڪانپوءِ بہ سر جهڪائين ٿا.

ان دڇيٽيءَ ۾ ٻي بہ هڪ وچتر گهٽنا ٿي. شانتڙي ڪاليج ۾ پڙهندي هئي. ان ڪري ڪيس ڏينهن جو ڪجهہ سمو دادا کان دور رهڻو پوندو هو. دادا جي دلي هئڻ جي ڪاڻ، هوءَ اُن ئي پهر سندس نڪٽ رهڻ چاهيندي هئي. ان ڪري سندس من پڙهڻ تي پورو لڳو ئي ڪين ٿي. وقت بوقت دادا خود ڪيس نيايءَ (Logic) ۾ ٻيا ڏکيا ڪم اُن دڇيٽيءَ ۾ وهاري سيکاريندو هو. هڪ ڏينهن ڇو نہ ڪانئس هڪ سوال پڇيائين جو باب هن ڪيس بہ ڏينهن اڳہ سيکاريو هو. شانتڙيءَ جو من جو پڙهڻ ۾ لڳو ئي نہ ٿي، سو هوءَ جواب ڏئي نہ سگهي. دادا وري سوال ڪيس، پر شانتڙي ماٺ. تڏهن دادا بہ وٽس ڪيس لپاٽ هنئي. دادا جو اَرواح شانتڙيءَ تي جهڄهو ئي هو. ان پيار ڪري ئي ڪيس خيال ٿي پيو تہ شانتيءَ اهو سيکاريل باب ڇو ڪين سمجهيو آهي. پنهنجو قيمتي وقت ٻڃائي بہ هو شانتڙيءَ کي ويهي پاڙهيندو هو. سو سندس لاپرواهي ڏسي ئي دادا کي ڏک رسيو هوندو. دادا جي ڏاڍي دل هئي تہ شانتڙي وڏي ودوان ٿئي ۽ نيٺ ميران اسڪول جي پرنسيپال بڻجي. هو چاهيندو هو تہ پيغمبرن ۾ ٻالڪيون وديا وٺي لائقيءَ کي لڳن. پر شانتڙيءَ جا ويچار ئي نرالا هئا. پڙهڻ کان هيءَ وٺڻ ويندي هئي. چوندي هئي تہ اهڙو پڙهڻ ئي گهوريو، جو دادا کان دور رکي. لپاٽ لڳڻ سان هن پنهنجون نماڻيون ۽ معصوم اکيون ڳوڙهن سان ڀري، فقط دادا جي اکين ڏانهن نهاريو هو. بس! ان ڏينهن کان وٺي هوءَ دادا کي وڌيڪ پياري ٿي پيئي ۽ سندس وڌيڪ نڪٽ آئي. سنتن جي چال نرالي آهي. هو جنهن کي جيءَ سان جڙڻ چاهين، تنهن کي مار ڏيئي، سندس من ماري، پنهنجو ڪري ڇڏين.

۽ سنڌس راڄائي نوع، هنن سڀني ڳالهين کين دادا ڏانهن متاثر
ڪيو. سو هو اڄ سنڌس ويجهو ويٺا ته جيئن هن نرالي جيوَ
جون ڪي ڳالهيون ٻڌون. دادا به کين مشڪي ڪيڪاريو. پوءِ
هڪ کان پڇيائين هيءُ هڪ سوال: ”توهان مان هڪ ڪين
سک جي تلاش ۾ آهي؟ سچو سک ته اٿوَ پرڀوءَ جي سمرڻ ۾، اَلله جي
ياد ۾. روز روز اُن مالڪ کي ياد ڪريو ۽ سچو سک پايو. دنيا
جي سکن ۾ اٿوَ دک جو ڏنگ سمايل. سچي سک جي ڪنجي
اٿوَ پرڀوءَ جي ياد گيري.“

ائين سڀني سان پيار قرب سان ڳالهائي، کين جيون جو رهسيه
سڻائي، دادا کين پرساد ڏنو. جي غريب ۽ نماڻا هئا، ڏين ۽
مسڪين هئا، سي دادا کي ڏسي ۽ ٻڌي اَلائي ڇو تِ نوانن کان
به وڌيڪ خوش ٿيا. غريبن سان ڪيئن پريم سان ڳالهائي ٿو ته
سنڌن من پرسن ٿئي ٿو. گاڏيءَ ۾ هندو هئا ته مسلمان به، پر
دادا لاءِ ته جهڙو هندو، تهڙو مسلمان، ٻئي پرڀوءَ جا روپ هئا.
انهن ٻنهي ڄاتين جي ماڻهن تي گهرو اثر ٿيو ۽ دادا اڳيان
سر جهڪائي آسيس ورتائون.

نيٺ گاڏي اُديپور پهتي. دادا ۽ سنڌس ساٿين لهڻ جي
تياري ڪئي ته ويٺل مسافرن جي دل نميڻي ٿيڻ لڳي ۽ اکيون
اچي آليون ٿين. سنتن جي سنگ ۾ اهڙو ته ڪو جادو آهي جو سڀني
کي ٿو روئاري. دادا به ته هڪ سنت هو، جوڳي جادوگر هو نه! مسافرن
کي اڳتي هلڻو هو. اسٽيشن تي ڊاڪٽر مهتا ۽ ٻيا شيوڪ، دادا جي
سواگت لاءِ اڳيئي اچي سهڙيا هئا. دادا کي ڏسي هو سنڌس
گاڏي جي دروازي تي آيا ۽ دادا کي پشپ مالها پهرايائون.
ڊاڪٽر مهتا دادا کي چيو ته توهين اسان سان جلد هلو. ماڻهو سيڙيا ويٺا
آهن.“ ”ڪٿي سيڙيا ويٺا آهن،“ دادا پڇيو. ڊاڪٽر مهتا ورائي ڏنس ته
”اسان ويچار ڪيو آهي ته توهانکي اُديپور شهر جي مکيه رستن
تان جلوس ڪڍي گهمايون، جئن گهڻا گهڻا نگرواسي توهانجو

ڪيرتن ۽ پوڄا ۽ پرارٿنا پڻ ٿيندي هئي. جڏهن اهڙو نرمل وايو منڊل ٺاهي ڇڏيندو هو، تڏهن اهو مندر نه ٿيو ته ڇا ٿيو؟ تنهن کان سواءِ دادا، جو سڄو وقت پريوءَ جي ڌيان ۾ مگن رهندو هو، سو سڄو ئي هڪ مندر ئي ته هو. جنهن ٽرڊ ڪلاس جي گاڏي کي به هڪ مندر ٺاهي ڇڏيو هو! ٽرين تيز رفتار سان پيئي هلندي هلي. پر دادا جي وچار شڪتي ته اُن کان به وڌيڪ ويگ سان هلي رهي هئي. اُنهن مان ڪي وچار هو پنهنجيءَ ننڍڙيءَ سنگت سان ونڊيندو هو، ته ڪي پنهنجي دل جي ڏٻليءَ ۾ سانڍي رکندو هو، جي پوءِ نيڪ سمي ۽ نيڪ جڳهه تي پرڪاشت ڪندو هو.

هلندڙ ٽرين جي ڪڙڪيءَ مان ٻاهر نهاريندي دادا بوليو: "پيارا، سامهون ته نهاريو! پرڪرتي ڇا ته پنهنجي سندرتا ۾ مشغول رهي آهي! هي سڀ قادر جي قدرت جا نظارا، ڇا اسان جا ٿي سگهندا؟ ڪداچت نه! اسين هن ٽرين ۾ ڪيول ياتري ٿي پيا سفر ڪريون. اسان کي ته اڳتي هلڻو آهي. ڇا، توهان مان ڪير هن ٻاهرينءَ قدرت جي سونهن تي موهت ٿي، ٽرين مان لهي، سفر اڌورو ڇڏي ٻاهر هليو ويندو؟ هرگز نه. هن ٽرين جيان، اسين هن سنسار ۾ به ياترا لاءِ آيا آهيون ۽ اسان کي به اڳتي اڳتي ۽ مٿي مٿي، پنهنجي نج وطن، پنهنجي اباڻي گهر موٽي هلڻو آهي. اوهان کي اُن منڙي وطن جي آهي ڪا ياد ڳيري؟ اُن نج گهر ڏانهن واپس ورڻ لاءِ ڪريو پيا ڪا تياري يا نه؟"

هڪ وڏيءَ اسٽيشن تي گاڏي گهڻو وقت بيٺي رهي. دادا به ٽڪ پچڻ لاءِ لهي پليٽفارم تي ٽهلڻ لڳو. وري جڏهن چڙهيو ته ٻين مسافرن جو ڌيان ڇڪيو. هيترو وقت ته هو پاڻ ۾ ئي پورا هئا. هينئر دادا کي هنن هڪ نرالو انسان ڪري سمجهيو. سندس شاهاڻي شڪل، بنا قطي ڏنل وار، سادا، پر صاف ڪپڙا ۽ سندس ساٿين جو ڏانهس پريم ۽ شرڌا،

جيان قداور. سر جا وار ڀُوناڻي، اکيون آسماني، جن ۾ چمڪيو پئي نُور نُوراڻي. پر سڀ کان انوکي هُئي سندس موهيندڙ مشڪ ۽ مٺڙو ڳالهائڻ. سو پئي چاهيائون ته سندس نڪٽ اچون. پر لڄا کان روڪجي ٿي ويا. دادا اهو محسوس ڪيو ۽ سوئم سندن نڪٽ آيو ۽ قرب جي ڪشش ۾ کين کن ۾ قابو ڪري، سندن حجاب لاهي ڇڏيو ۽ تُرت ئي سڀيئي پاڻ ۾ پريم جي واتاورڻ ۾ ملي ويا.

وديا ساگر واسواڻي

ڪانفرنس جا ٽيئي ڏينهن دادا پروچن پئي ڏنا ۽ آدرشي وديا بابت پنهنجا ويچار ودياوانن ۽ وديارٿين سان پئي ونڊيا. دادا پاڻ اوچ وديا پراپت ڪئي هئي. ڪاليج جو پرنسيپال ٿي رهيو هو، تنهن کان سواء وشو جي وڏن وڏن وديادانن جي ويچارن ۽ ورتين مان واقف هو. هو سوئم هڪ مهان وديا ساگر هو. هو ميران جي گڻن ۽ آدرشن جو اُپاسڪ هو، ان ڪري هن پنهنجي وديا جي هلچل کي سنڌياڻي ميران جو پوتر نالو ڏنو هو. هاڻي اُن ميران ٻائيءَ جي ديش راجستان ۾ اچي پنهنجي ميران وديا جي نسبت ٻين کي پنهنجي ويچار کان واقف ڪري رهيو هو.

وديا جا آدرش

پڇاڙيءَ وقت دادا پنهنجي مٺي، مرليءَ جهڙي مڌر آواز ۾ هيئن چيو: ”مهنجي ويچار انوسار، وديا جا ٽي اوچ آدرش آهن.

پهريون: سنگم. اهو سنگ ٽن پرڪارن جو آهي. (الف) سنگ سائينءَ جي پرڪرتيءَ جو، (ب) سنگ سورمن ۽ سورويرن جو ۽ (ب) سنگ سچي گروءَ جو. وديا جو هي وشيش آدرش آهي ته سنگ ڪريو، سنگ ڪمايو. جي پنهنجي

درشن ڪن." پر دادا ته اهڙين اڻٽانگ ڳالهين کان پاڻ کي پري رکندو هو. سو ڊاڪٽر کي هٿ ٻڌي ونتي ڪيائين ته: "مون کي جيڪر سڌو رهڻ جي آستان تي وٺي هلو." سندس چوڻ ۾ ايتري ته سچائي، هيٺاهين ۽ حليمائي هئي جو ڊاڪٽر مهتا لاجواب ٿي ويو ۽ دادا ۽ سندس ساٿين کي سڌو رهڻ جي آستان تي وٺي آيو.

دادا کي صفا نئين عمارت ۾ رهايو ويو. عمارت وڏي، شاهي ۽ شاندار هئي. اڃا تازو نهي راس ٿي هئي. سنتن کي اڪثر ڪري نئين مڪان ۾ رهايو ويندو آهي. سو دادا کي به هت رهايو ويو.

نيم انوسار دادا هت اچي اول پوڄا پرارٿنا ڪئي. پاترا آرنڀ ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ، ٻئي دفعا هو پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪندو هو. نه ڪيول ايترو، پر گهر ڇڏڻ وقت هو گهر جي ڪوٺين کان به هٿ جوڙي، موڪلائي نڪرندو هو. هڪ لڳا کانئس اهو پرشن پڇيو ويو ته دادا، توهين ڪمرن ۾ وڃي، هٿ جوڙي پوءِ ڇو نڪرندا آهيو؟ دادا مشڪي ورائيو: "ڪهڙي خبر، هن مڪان ۾ وري اچبو يا نه! تنهن ڪري مان موڪلائي ڪري هلندو آهيان." ڪهڙو نه هي سندر نيم! وري واپس وڃون يا نه. تنهن ڪري پيار ۽ قرب ۾ موڪلائي نڪرون!

پريم جو واڌاورڻ

ڪانفرنس ٻئي ڏينهن کان شروع ٿيڻي هئي. اسڪول، دادا جي رهڻ جي آستان کان ٻن ميلن کن جي مفاصلي تي هو. دادا کي اول اسڪول ڏيکاريو ويو ۽ اتي اڌياپڪن ۽ ٻالڪن سان ملايو ويو. ٻالڪ ته اچنڀي ۾ دادا ڏانهن هڪ ٽڪ نهارڻ لڳا. پر خود اڌياپڪ به ليرس ۾ پئجي پيا. دادا جو روپ هو ڀلا راجائي، شڪل هئي شاهاڻي، رنگ گورو، قد سرو ورڪش

هيون. باغ باغيچا هئا، جن ۾ قسمين قسمين گل ڦل هئا. شهر جي ٻاهران ننڍڙيون ۽ پهاڙ هوندا هئا جن تي ڊگها ڊگها ورڪش بيٺا هوندا هئا. راجائون، ڏاڍي فلڪ سان پنهنجي عاليشان دربار ۾ تخت تي ويهي دٻدٻي سان راڄ ڪندا هئا. سندن تاج ۾ چمڪندڙ هيرا جواهر ۽ ڳلي ۾ سچن موتين جون مالهائون پيئون هونديون هيون.

اُديپور پڻ راجپوتانا ۾ هڪ اهڙي شاندار رياست هئي، جتي راجا راڄ ڪندو هو. سنه ١٩٣٦ع ۾ ان راجا کي اُرڌانگ جو مرض لڳل هو، تنهن هوندي به هو ڏاڍي ڏاهپ سان راڄ ڪندو هو. اُديپور جو شهر سچ پچ ڏسڻ وٽان آهي. پهاڙن جي وچ ۾ اڏيل آهي. منجهس وڏا وڏا محل محلات، شاهي رستا، سندر باغ، هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ آهي. دادا کي وينتي ڪئي ويئي ته هڙو سندر شهر ضرور هلي ڏسي، جت راجائي باغن ۾ سجايل هاٿي بيٺا هلن، مور پنهنجا پنک پکيڙي بيٺا خوشيءَ مان ناچ ڪن. اُت دل کيئن نه بهار بهار ٿيندي! انن ڏينهن ۾ اُديپور ۾ استرين ۾ پڙدي جو رواج هو. هو ڪليو ڪلايو آزاديءَ سان ٻاهر ڪين نڪرنديون هيون. ڊاڪٽر مهتا پنهنجي وڏي شاهي گهر ۾ دادا جي ماني ڪئي. اُت به فقط ٿورو وقت گهر جي مهلائن اچي دادا کان آسيس ورتي.

پرشنوتر

اُديپور ۾ ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج هئا. انهن جي بانيڪارن کي جڏهن سڌ پيئي ته ڪيس ڪوٺ ڪيائون ته اچي اسانجي وديارٿين کي پنهنجو وياکيان ڏيو. ڏينهن فقط ٽي هئا. تنهن ڪري دادا جو پروگرام ٿورن ٿي هنڌ رکيو ويو. پر مرضي نه سيٺي جي هئي نه دادا کي ملون ۽ ٻڌون. ان ويچارڪان هڪ ميٽنگ رکي ويئي. اُت دادا کان ڪيترا پرشن

سماج ۾، پنهنجي جاءِ ۾، پنهنجي ديش ۾ پريورتن آڻيو آئي ته اول اول اهو اسڪولن ۾ آڻيو. پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه، اوهان جي سماج، اوهان جو ديش، نئون نهي تو پوي!

پيو: ساڌنا. هڪ ڇوٽي عالم آشڪار آهي ته ”مار آهي بار جي سنوار.“ اها ڇوٽي ورتمان ڪال ۾ ڪارائتي ڪانهي. انتظام آڻيو آئو ته لٺ کي پري رکو، پر نيمن ۾ جيون ٻڌو، پارٿ تي ضابطو رکو. پارٿ تي ضابطو آئو ڇرتر ناهرٿ. ڇرتر نهي تو لوسيا دواران. ودياارٿين کي سيکاريو ته محنت ڪن، هٿن جو پورهيو ڪن.

ٽيون: شيوا. هرهڪ اسڪول جيڪر پنهنجي پروگرام ۾ ڪو نه ڪو شيوا جو اسم رکي.

شل سڀيءَ ودياڄا اهي ٽي ساڌن، سنگ، ساڌنا ۽ شيوا، ڀارت جي وديا ۾ چمڪن ۽ ودياارٿين جي جيون کي روشن ڪن.

وديا بابت ڀارت جي پراچين رشين جو درشن به اهو ئي هو. حق تي ساڌو واسواڻيءَ کي ورتمان ڪال جو رشي ڪري ليکيو تو وڃي. جن اصولن تي پوت ڪال ۾ آشرمن ۾ زور ڏنو ويندو هو، تن اصولن جي دادا ورتمان ڪال ۾ اڇي يادگيري ڏياري ۽ انهن تي هلڻ لاءِ همٿايو. اصول مڙيئي اصول آئو. اصول ڪڏهن جهونا پراڻا نٿا ٿين. اهي سدائو نت نوان آهن. جوت، روشني به ڪڏهن پراڻي ٿئي ٿي؟ تيئن آهن اصول، جن تي هلڻ سان جيون ۾ جوت جاڳي ٿي.

اُديپور

اڄ ڪلهه راجائن مهاراجائن جو نالو نشان به ڪونهي. پر ڪنهن سمي ڀارت ورش ۾ راجائون مهاراجائون راڄ ڪندا هئا. هڪ هڪ کي پنهنجو پرڳٺو يا رياست هئي. سندن گاديءَ جي سونهن سوڀيا ۽ صفائي هوندي هئي. سرور ۽ نديون

ٽنگ اٿيئي. جنهن ڪري ان ۾ ستسنگ ۽ رام نام روپي جل ٽڪي نٿو سگهي. جنم جنم ۾ اُهي ترشنائون اُٿيون آهن. اُهي ترشنائون آتم مارگ ۾ اَٽڪون وجهن ٿيون.

اُن اُتر ڪانپوءِ شش جي من ۾ هڪ شنڪا اُٿي ٿي. سو گروءَ کان پڇيائين ته: "سائين، جي ائين آهي ته پوءِ مان ستسنگ ۾ اچان ئي ڇو؟ منهنجو اچڻ ته نشڦل ٿيو؟"

تنهن تي گروءَ اُتر ڏنس ته پيارا، ته به تون ايندو ڪر. جيئن جيئن ستسنگ ۾ پيو ايندين، تيئن تيئن اندر ويندءِ صاف ٿيندو. جيئن نام ٻڌندين تيئن اهو نام روپي نرمل جل ويندءِ آتما کي اوجل ڪندو ۽ اِڪ ڏينهن نام جي جل سان ترشنائون ڌوپجي ويندءِ ۽ جيون ۾ ستسنگ جي سکيا اچي چمڪندءِ.

دادا اِهو درشٽانت ڏيئي چيو ته ستسنگ اَٿوَ شفاخانو، جتي اسانجي جنم جنم جا روڳ، وڪار ۽ پاپ ڇٽي شفا پراپت ڪن ٿا.

ان ڪان پوءِ سماروهه سماپت ٿيو ۽ يائر پيمر آيا دادا کان موڪلائڻ. ڪيترن جي اکين ۾ پاڻي هو. اُهي اُڪير جي آلين اکين سان هٿ جوڙي، سر جهڪائي ڪانئس ودا ٿيا. ودائيءَ جون گهڙيون به کهڙيون نه منيون پر درد ڀريون ٿيون ٿين!

چتوڙ

دادا کي اُديپور شهر ڏيکاريو ويو. پر سندس پياس هئي ته چتوڙ نگر جو درشن ڪريان. ڇو ته چتوڙ ۾ سنتياڻي ميران جو مندر هو. دادا جي دل، شهرن جي شور کان وڌيڪ مندرن جي ماڻ سان هئي. ٽرن رستي اُديپور کان چتوڙ پهچڻ ۾ ٻه ٽي ڪلاڪ ٿي لڳا. تنهن کان پوءِ به پنڌ هو. دادا ويچار ڪيو ته صبح جو سوير ماڻي پاڻ سان کڻي نڪرجي ۽

پڇيا ويا. ميٽنگ هڪ ڪلاڪ هلڻي هئي پر ماڻهو هئا گهڻا ۽ سوال به گهڻا، ۽ اُتر به هئا دلپسند، سو ميٽنگ ٻه ٽي ڪلاڪ هلي. وقت جو پتو ئي نه ٿي پيو. ڇڳي اُتساهه جي لهر هئي. اُنتم پرشن هن ريت هو:

دادا، مون ڪيترو ئي ستسنگ ڪيو آهي، ڪيترا ئي پستڪ پڙهيا آهن، نه به اندر جي شذتا حاصل ڪين ڪئي اٿم.

دادا اُتر ڏنو: "هي هڪ اهم پرشن آهي جو وقت بوقت اسان مان هڪ هڪ جي اندر اُٿي ٿو. هڪ لڳا اهو ساڳيو پرشن هڪ شش پنهنجي گروءَ کان پڇيو. گروءَ ڇا ڪيو جو پنهنجي شش کي هڪ ککائين ٽوڪري ڏئي چيو ته پيارا، هيءَ ٽوڪري درياهه جي پاڻيءَ سان ڀري اچ. شش اها ٽوڪري کڻي هليو نديءَ ڏانهن ۽ پاڻيءَ ۾ وجهي، ڀري، ٻاهر ڪڍيائين، ته سمورو پاڻي جلد ئي وٽين مان وهي ويو. وري ٻيو دفعو پاڻيءَ ۾ وجهي، ڀري ٻاهر ڪڍيائين. پر پاڻي نه وري به وهي ويو. گهڻيئي دفعا ٽوڪريءَ کي ڀرڻ جي ڪوشش ڪيائين پر هر دفعي پاڻي وهي ٿي ويو. دل ۾ چيائين ته گرديو هڪ معمولي ڳالهه چئي آهي نه ڪري اچ، اها به نٿو ڪري سگهان! سو وري آس رکي، ٽوڪري پاڻيءَ ۾ وجهي ڪڍيائين. پر ککائين ٽوڪري معنيٰ ٽنگ. ٽوڪري ڀرجي ئي نه. اهڙيءَ طرح پنجاهه دفعا يتن ڪيائين ته ٽوڪري ڀرجي، پر سندس يتن نشفل رهيو.

نيٺ مايوس ٿي گروءَ وٽ خالي ٽوڪري آڻي چيائينس ته گرديو، مون کي ڪميا ڪجو، جو ٽوهان جو هي ننڍڙو ڪم به ڪري نٿو سگهان. جيتوڻيڪ ڪوشش گهڻي ڪئي اٿم. ٽنهن تي گروءَ مشڪي چيس ته پيارا، اها ککن جي ٽوڪري هنوقت ٿون آهين. جيئن ٽوڪريءَ ۾ ٽنگن ڪري پاڻي ٽڪي نٿو سگهي، تيئن تنهنجي جيون ٽوڪريءَ ۾ ٻه ٽرشنا روپي

هيٺ لٿو آهي. سو پاڻ به پيرين اُگهاڙا هليا. مندر جي دوار وٽ آيا ته دادا اکيون بند ڪري بيهي رهيو ڇو ته ديوار کي ڪِواڙ ۽ تالو لڳل هو. مندر جي اندران چمڙن جي چُون چُون ٻڌي ٻڌڻ ۾ آئي. سنتياڻي ميران جي مندر جي هيءَ دردشا ڏسي، دادا جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. سندس هردي ۾ پيلا ميران لاءِ جو اَنيئنت ڀڳتي ۽ شردا هئي سو هڙي دشا ڪيئن ڏسي سگهي؟ جنهن مندر ۾ مهاراڻي ميران، جا پوءِ ڀڳتياڻي ۽ سنتياڻي ميران بڻجي پيئي، پنهنجي سکين سان گڏ، شيام سندر جي مورتيءَ اڳيان روز روز ڀڄن ڪيرتن ڪيو هو. شيام نالي جي ڌني لڳائي هئي، تنهن مندر کي بند ڏسي، وڃان ڏسي، دادا جي ڪومل هردي کي ٻي اَنت صدمو رسيو.

دادا مانُ ئي مانُ ۾، ست دفعا پريڪرما ڏيئي، دوار اڳيان پٽ ۾ ويهي رهيو ۽ ميران مندر جي مٽي مٺ ۾ کڻي، اول اکين تي رکي، پوءِ اُن کي چاهه مان چميو. پوءِ پنهنجا نماڻا نيڻ کڻي مٿي آڪاش ڏانهن نهارڻ لڳو. ڪهڙي خبر ته سنتياڻي ميران کي ئي اُتي ڳولهيائين، يا شيام سندر کي درد وچان ڏانهن، يا ڏک وچان ڏوراپو ئي ڏنائين، يا ته پريوءَ کي ڪا پڪار ئي ڪيائين! سنتن جي راز کي ڪير سلي سگهي؟ پر دادا جي اکين ۾ اُن سمي اُهڙو ته ڪو ايشوري اِسرار پئي چمڪيو، جو سيني ڏٺو ۽ ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا.

دادا جلد ئي پنهنجا نيتر بند ڪري ڇڏيا ۽ سندس مستڪ تي هڪ اَلوڪڪ جوت چمڪڻ لڳي. سندس چپ ڏڌڻ لڳا ۽ سندس مک منڊل مان مڌر ۽ واس واڻي نڪرڻ لڳي، جنهن مان ڪي ٽڪرا هت ڏجن ٿا:

اَڄ ڏٺوسين، ميران مندر،
مهر جو درشن دل جي اندر.
خاڪ مٿي آهي خوب خزانو؛

چتوڙ هلجي، ۽ ٻيو ڪو سامان سڙو پاڻ سان نه کڻجي ۽ شام جو واپس اُتي پهور اچجي.

ٻيـن ۾ گهڻو ڪري سادڙا سوُدڙا، ڳوناٺا راجستاني مسافر هئا، جن کي ڏسي دادا گهڻو خوش ٿيو. ڪيس سادا ۽ سرل سڀاءَ وارا انسان ڏاڍو وڻندا هئا. سو هو ساڻن پريم ۾ ٻڏي ويو ۽ پهي ساڻن مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. مانيءَ جو وقت آيو ته ساڻن سڪ سان ونڊي ورهائي کاڌائين.

چتوڙ اسٽيشن آئي. دادا لٿو ۽ ٽانگي ۾ چڙهيو. چتوڙ نگر جو هڪ سونهون به ساڻ ڪنيائين. سونهي ڪيول به رپيا وٽا ڪيا. مندر مٿي ٽڪريءَ تي اُڏيل هو ۽ هيٺان ڏاڍو رمڻيڪ ٿي لڳو. شهر جي رستن ۽ گهٽين مان لنگهي ٽانگو مندر طرف هلڻ لڳو. پر دادا جو چت ته ٽانگي کان به اڳ چوٽ تي چڙهي، ميران جي چرنن تائين پهچي چڪو هو. سندس نيڻ ڪنهن نينهن جي نشي ۾ ٻڏي رهيا هئا. جيئن ٽانگو ڀڳل ٽٽل رستن تان هلندو ٽپي رهيو هو. ٻين جا پاسا ته جهوٻن ۾ ٿئي جُهريا، پر دادا جي سُرت شرير کان مٿي چڙهيل هئي. سو ڪيس اها ڪا به سڌ ٻڌ ڪانه رهي. گهوڙي جي ٽپ ٽپ، ٽانگي جي چيڪلن جي چين چين ۽ ٽانگي واري جي پوش پوش مڙئي سان جاري رهي. دادا جي مک تي ميران جي مهر جي مشڪ هئي. پر ٻين ساٿين جا منهن ملول ٿي لڳا.

ٽانگو جهوٻا ۽ جهاڪا کارائيندو، سست بلند دروازا لنگهي، آخر اچي سک سان ميران مندر جي دوار تي پهتو. ٿڪل گهوڙي منزل ماڳ تي پهچي هرش جي هڪار هڻيئين. شايد اشارو ڏنائين ته اي انسان، تون به جڏهن پنهنجي منزل مقصود تي رسندين، تڏهن تون به "اوم" شبد اُچاري آنند جي ساگر ۾ سمائجي ويندين.

سائين ڏنو ته دادا جتي لاهي، پيرن اگهاڙو ٽانگي مان

دکي دل سان دادا هن مندر کي پرڻام ڪيو ۽ اُت هليو جت ميران جي گرديو سنت رويداس جا چرن نهيل هئا! ان اَستان جي اِها وشيشتا هئي جو چرنن تي هڪ پاسي کان پاڻي اوتجي ته اهو پاڻي، چرن ڌوئي، ٻئي پاسي کان نڪري. دادا سنت رويداس جي چرنن اڳيان شرڌا ۾ مستڪ جهڪائي آسيس ورتي. جو سوامي هڪ سنت هو، هڪ مهان آتما هو، سو ٻئي سنت ۽ مهان آتما جي اڳيان پنهنجو مستڪ جهڪائي، اِها آهي سندس نمرتا ۽ مهانتا! سنت جي مهما سندس نمرتا، نماڻائيءَ ۽ نياز ۾ ئي آهي!

ميران مندر جي بلڪل ئي نڪت، راڻي جو محل هو. شڪر جو اُت ڪي روشنيون پئي ٻريون، جن جرڻ ته دادا کي سانت ئي سانت ۾ اندر پئي ڪوٺيو. دادا محل ۾ اندر پرويش ڪيو. اُن ئي محل ۾ ڪنهن سمي مهاراڻي ميران، پنهنجي راڻي سان ٿي رهي. ان ڪري دادا لاءِ اِهو محل به هڪ پوتر اَستان هو. تنهن ڪانسواءِ راڻي کي ميران لاءِ اَتينت پريم هو، سنيهه هو، سڪ هئي، شرڌا هئي. ان ڪري ئي دادا اِن محل ۾ ڏاڍي ڀڳتي ڀاءُ سان اَندر هليو. محل ۾ روز پوڄا ٿيندي هئي، جنهن لاءِ خاص هڪ پوڄاري رکيل هو. محل ۾ دادا جي هرديه ۾ نه ڄاڻ ته ڪهڙا اُمنگ اُٿيا جو اُت به دادا هڪ سندر گيت ڳاتو. جنهن پرٿم ۽ اَنتم پد هي آهن:

تنهنجي ياد پل پل ٿي ميران اَچي،
تصوير تنهنجي ٿي نيڻن نچي.
مٺيءَ تنهنجي ميران مليو آه مان،
نظر شال تنهن جي ڪري مون تي اَحسان.
اَمر ميران اِتهاس نرمل تنهنجو نالو،
پريو گرڌر ناگر جو پيتو تو پيالو.

نهاري مندر مان ميران جو راڻو.
اَج ملي ميران در جي ڌوڙ،
جنهن ۾ جاڳي جاڳي موهن جو نُور.
ميران راڻي مهر لهر ۾ فقير ياڻي،
اُن در داسي آهي نُوري نماڻي.

ان وڏي پر دل ڇڪائيندڙ گيت ڪان پوءِ وري ٻاءُ ٻلڪ دادا سانت ٿي ويو. تنهن ڪان پوءِ هن اِڇا ڏيکاري ته جيڪر مندر جو دوار کولايو وڃي ته جيئن ميران مندر جو درشن ڪيو وڃي. چانئٽ تائين پهچي، پوءِ بہ بنا درشن جي واپس موٽي وڃڻ، دادا نہ ٿي چاهيو. هن مندر جي اندر وڃي آسيس وٺڻ ٿي چاهي. دل جي اندر نہ ڄاڻان ڪهڙي پياس ٻائي، ميل لٿاڙي، ڏاکڙا ڏسي ۽ جهوٻا جهلي، هو هت پهتو هو. سو دوار بند ڏسي پاڻ سندس درشن جي پياس وڌي ويئي.

دوار پالن کي خاص وينتي ڪري مندر کولايو ويو. دادا ۽ ساٿين مندر جي اندر پرويش ڪيو. پر مندر جي دردشا ڏسي، دادا جي اکڙين زار زار رنو. ڇا، هيءُ اهوئي مندر هو، جنهن ۾ ڪنهن وقت ڏينهن راتيون جاڳي ڳجتياڻيءَ ميران پنهنجي گردر گوپال کي پياس مان پريم پڪارون ڪيون هيون؟ پنهنجي پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي، گردر ناگر اڳيان مست ٿي ناچي هئي؟ پنهنجي شيام جي ورهہ ۾ پريم ديواني ٿي، درد مان دانهون ڪيون هيون؟ اهو سونهري سمو ڪٿي؟ اهي شيام ڳجت ڪٿي؟ اهي ميران جا پريمي اُپاسڪ ڪٿي، جي سندس سُورن سمرڻيءَ کي، پنهنجي سڄيءَ شرڌا ۽ ڳجتيءَ سان سرسبز رکندا اچن؟ دادا اُن ٻالڪ جيان ڦٿي هيانوَ رنو، جنهن جي جنني ماتا جو دُرا اپمان ڪيو ويو هجي. درياهہ سان اَج هن مندر ۾ اوندهہ هئي، سڀ ٻٽي واڪا ڪيا، ڇمڙن ٻٽي ڇڙن ڇڙن ڪئي ۽ دردشا جي درگند ٻٽي آئي.

پڪ نڪ پٽي نهار پائين. ڪير هو جو دک ۾ دادا جي هن رهسيہ ۾ رخ جو اندازو لڳائي، احساس ڪري سگهي!

وري ساڳيائي سمت شاهي دوار لنگهي دادا اِسٽيشن تي اچي پهتو. ٽرين آڌي رات جو هڪ بجي اُچٽي هئي. دادا کي نہ ويٽنگ روم ۾ بہ آشريہ ڪو نہ مليو جو هو ٿرڊ ڪلاس جو مسافر هو. هي لکن جو لعل، راڻول ديس جو راڄو، تنهن لاءِ هن سنسار جي گورک ڌنڌي ۾، ڪٿ بہ آسائش جي جڳهہ ڪانہ هئي! جنهن کي اڪيچار ماڻهن پنهنجي دلين ۾ جوڳي جڳهہ ڏني هئي، تنهن کي هڪ خسيس اِسٽيشن تي، هڪ معمولي ڪوٺيءَ ۾ جڳهہ نہ ٿي ملي! ڪارڻ؟ هن پاڻيهي ساڌارڻ ماڻهن جيان مسافري ڪرڻ ٿي چاهي. هن سڀ ڪجهہ تياڳ ۽ تپسيا جي راهہ پڪڙي هئي. هت نہ هن جاڻي واڻي گمنام رهڻ ٿي چاهيو. تنهنڪري پنهنجي ساٿين کي، پنهنجي حقيقت ظاهر ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي هئائين. دادا نہ هميشهہ پاڻ کي سنتن جي در جو داس ڪري ٿي سمجهيو. ٿي سگهي ٿو تہ ان ڪري ئي سنتياڻي ميران جي در لئي هڪ ساڌارڻ نماڻو پانڌي ٿي آيو هو.

نئون ميران مندر

شڪر جو ٽرين ٺيڪ سميہ تي هڪ بجي اچي سهڙي. دادا ۽ ٻيا ٽرين ۾ چڙهيا ۽ پوري وقت تي اُڏيپور موٽي آيا، جتان ٻئي ڏينهن حيدرآباد سنڌ لاءِ روانا ٿيا. ريل گاڏي دادا کي ميران مندر کان دور دور پهچائيندي ٿي ويئي، پر سندس ويچار وري وري ميران مندر ڏانهن ٿي وريا. ميران مندر سندس من ۾، خيالن ۾ ۽ رڳ رڳ ۾ رمي رهيو هو. سو هڪ کان وڌيڪ دفعا هن پنهنجي ساٿين کي چيو: ”افسوس ميران کي سندس جنم استان ۾ جوڳي جاءِ ڪين ملي آهي. هينئر حيدرآباد هلي هڪ نئون ميران مندر ٺهرائبو. ان ميران مندر ۾ سنتياڻي

روحاني راڄ روشن رهين ميران راڻي،
فقيريائي تو در آهي نوري نمائي.

دردناڪ درشيه

محل جي ارد گرد، ڪيترا مڪان زبون ۽ کنڊهرن مثل هئا. هڪ هڪ مڪان جي پٺيان هڪ لنبي ڪهاڻي هئي. هڪ هڪ مڪان جو ڪنهن زماني ۾ عجب ڏور هو. پر هينئر ڪير ڏانهن نهارڻ وارو به ڪين هو! ڪنهن زماني ۾ هنن مڪانن ۾ خوب چهل پهل مچيل هوندي، خوب محفلون ۽ مجلسون ٿينديون هونديون، انهن جي مالڪن پاڻ ۾ پيار ۽ سنيهه وڌيو هوندو ۽ ديش ڀڳتيءَ ۽ سورويرتا جا ڪارج ڪيا هوندا. پر اڄ انهن مڪانن ۾ مردني ڇانيل هئي. اها کنڊهرن جي خاموشي ڪهڙي نه دردناڪ پئي ڀاسي! اڄ اهي رڻڌير راجپوت ڪٿي؟ اڄ اهي راڻا سنگا ۽ پرتاپ ڪٿي، جن پنهنجا سر تريءَ تي ڌري، پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي عزت ۽ سوتنترتا جي رکشا ڪندي، وديشي دشمن سان شيرن جيان مقابلا ڪيا ۽ ڪين ٽوٽا ڇپايا! اڄ انهن جي ويرتا وارن آستانن کي ڪير سنڀالڻ وارو ڪين هو. اڄ هو فقط اتهاس جي صفحن ۾ سينگاريا ويا آهن.

دادا هنن ڊٺل آستانن جي اڳيان ڀي پرارٿنا ڪئي ۽ سندن آسيس ورتي ۽ پوءِ ٽانگي ۾ چڙهيو. اشارو ملنديئي گهوڙو پنهنجي ديوتا سروپ پالڪ کي خبرداريءَ سان هسواري ڪرائيندو، ٽڪريءَ کان هيٺ لهڻ لڳو. ڪير ڄاڻي سگهي ٿي ته مهاراڻي پرتاپ جي وفادار گهوڙي چيتڪ جو لعل لهو دادا جي ٽانگي کي ڇڪيندڙ هن گهوڙي ۾ ڊوڙي رهيو هو! رکي رکي دادا پنهنجا نماڻا نشيلا نيڻ کڻي نيلي آڪاش ڏانهن ٿي نهاريو ۽ نه ڄاڻان ڪهڙي گهمت، گنڀير ۽ گهري حسرت وچان پئي اڀا ساهه کنيائين. سندس نيترن ۾ جل ڀرجي آيو هو ۽ هردي ۾ درد جو درياهه چُلي رهيو هو. وقت به وقت چتوڙ جي ڀوميءَ ڏانهن به

ڪي ته پاڻ سان ڦول مالهائون، ٻيون پنکڙيون ۽ گل ڇڙيون به کڻي آيا هئا. دادا به ڏاڍي پيار ۽ قرب ۾ کين مليو.

اُن شام جي ستسنگ ۾ سنتياڻي ميران جون مٺيون ڳالهيون دادا ڪيون. پالا هو پاڻ سان هردئه ۾ سندس تصوير جو کڻي آيو هو. ميران تي گيت به ڳائڻ لڳو. هوءَ سندس رڳ رڳ ۾ رمي رهي هئي. ستسنگ ۾ کليو اعلان ڪيائين ته ”هتي هڪ مندر ٺهرائڻ ڪبو، جنهن تي سنتياڻي ميران جو نرمل نالو رکيو ويندو.“ چتوڙ جي ويران ميران مندر سندس چت چلائمان ڪري ڇڏيو هو. هن سنتياڻي ميران جو نالو امر ڪرڻ پنهنجو ڪرتويه ۽ سوڌرم ئي سمجهيو.

سري رام ڪرشن پرمهنس

سنه ١٩٣٦ع نبريو ۽ ١٩٣٧ع اچي سهڙيو. اهو سڄو سال، ساري ڀارت ديش ۽ وديش جي ڪيترن شهرن ۾، سنت رامڪرشن پرمهنس جي جنم شتابدي جو ورش ڪري ٿي ملهايو ويو. ساري وشو ۾ رامڪرشن مشن ۽ آشرم برپا ٿيل آهن، جي هن سنت ۽ سوامي ويويڪانند ۽ ٻين سنتن ۽ سترپرشن جون سکيائون ڦهلائيندا رهندا آهن، ۽ سندر شيوا جا ڪاريه ڪندا آهن. دادا کي به ڪانپور جي رامڪرشن مشن شيوا آشرم وارن سوامين وٽان، اُنهن پريو، نمنترڻ پتر آيو، جنهن ۾ کيس آشرم جي شتابدي سمارُوهه جو سڀاپتي ٿيڻ لاءِ وينتي ڪئي ويئي جو اٺين فيبروري مهني ۾ ٿي ملهايو ويو.

دادا جي هردئه ۾ ته سڀني سنتن لاءِ سڪ ۽ شرڌا هئي، پر سنت رامڪرشن پرمهنس لاءِ کيس اننت پريم ۽ ڀڳتي هئي. سنت رامڪرشن کي هو سنتن جو سنت، اَتوا مها سنت ڪري سمجهندو هو. سنت رامڪرشن نکي ودوان هو، نکي گهڻو پڙهيل هو. تنهن هوندي به سندس چرنن ۾ سندس وقت زماني جون مهان هستيون پنهنجو سر جهڪائينديون هيون، ڇو ته سندس

ميران کي حقيقي ۽ سندر روپ ۾ استاپن ڪيو. ميران امر آهي.
ميران اَمر رهندي.”

ريل ياترا ۾ دادا کي ٻه ڏينهن لڳا. چتوڙ ۾ پنهنجو چت ميران سنتياڻيءَ ۾ لڳائي پاڻ کي گپت ۽ گمنام ڪيو هئائين. پر سنگندت پشپ پاڻ کي ڪيستائين لڪائي سگهندو؟ سندس مڌر سگنڌ کيس واشگاف ڪري ڇڏيندي. ڪن اِستيشنن تي ڪن پيارن سڄڻن کيس سڃاتو ٿي ۽ ساڻس پريم ۽ شرڌا ۾ اچي ٿي مليا. اِن ڪري گاڏي ۾ ٻين ياترين کي ٻه سندس مهانتا جي سڌ پئجي ويئي. سو هنن پاڻ اُٿي خوشيءَ سان کيس سمورو بينچ آرام ڪرڻ لاءِ ڏنو.

ڪلاڪ مس ٿيو ته گاڏي گروڪل پهتي. گروڪل آشرم جا باني ڪار ۽ گروڪل نواسي اِستيشن تي آيا هئا. هنن دادا کي وينتي ڪئي ته آشرم ۾ ضرور هلو ۽ آشرم نواسين کي ڪي آسيس جا وچن چئو. جيتوڻيڪ اِئين ڪرڻ ۾ ڪٺنائي هئي، تنهن هوندي به دادا سندن پريم ڏسي ”نه“ ڪري نه سگهيو. سو سڀ لهي آشرم ۾ هليا. ڌنيواد هجي آشرم جي ودهيارٿين کي، جي اُهڙي اٽانگي وقت جاڳي، ويهي رهيا ۽ هن رشيءَ جا اَمرت وچن ڌيان لڳائي ٻڌائون. سنتن جو هڪ ڪم ته اِجهو اهو آهي جو هو ٻين جون ننڊون ڦٽائين، جيئن هو جاڳي سلطاني سهاڳ حاصل ڪرڻ جو يتن ڪن ۽ پراڻ، پيا لاءِ اَرپڻ ڪن.

ٻه ٽي ڪلاڪ گروڪل ۾ گهاري دادا اِستيشن تي موٽي آيو ۽ ٻيءَ ٽرين ۾ چڙهيو جا پرڀات جو پنجين ٻجي ڇٽي ۽ طوفان جي تيزيءَ سان دادا کي سندس منزل ڏانهن ٿي وٺي هلي. حيدرآباد جا پائسر ينهن پياس پائي دادا جي راهه نهاري رهيا هئا. هنن ڏينهن ڪري پئي ڳڻيو ته ڪڏهن ٿو اُساڻجي پراڻن جو پريتم اَچي. نيٺ اُهو ڏينهن به آيو جڏهن دادا حيدرآباد ۾ پهتو. اِستيشن جي پليٽفارم تي اَنيڪ پريمي سويل کان اَچي بيٺا هئا.

ڪيل فرض اَدائيءَ جي پورائيءَ ۾ مشغول هئا.

اُنسوءَ ۾ سري رامڪرشن جي ڪيترن ڀڳتن سنت کي
پنهنجون شردانجليون اَرپڻ ڪيون. آخر ۾ سڀاپتيءَ مهوديه،
پياري دادا، پنهنجي هرديه جي اونهائيءَ مان، سڪ، پريم،
شردا ۽ ڀڳتيءَ سان ڀرپور، سري رامڪرشن کي پنهنجي ڀاوَ ڀيني
شردانجلي ڏني. سري رامڪرشن جي سرل ۽ پريم ۾ پلل پوتر
جيون جو ورنن ڪندي، دادا چيو ته هن سنت شروميڻيءَ
ڪامني ۽ ڪنچن جو تياڳ ۽ ايشور لاءِ اَنوراڳ جي ساکي ڏيئي،
جڳت کي هڪ مارگ درشن ڏيکاريو آهي. ان ڪري مان هن
سنت کي "سنتن جو سنت" (Saint of Saints) جي نالي
سان ڪوٺيان ٿو. هي سنت، منهنجو پرم پيارو، منهنجي دل
جو محبوب، لکن جي هرديه جو حاڪم پاڻ هڪ فقير ٿي هو ۽
اَڪثر هڪ ڏوتي ۾ رهي، نتيه نام ۾ نهال رهندو هو. ڪيئن
نه هن مندر جهي ڪالي ماتا جي مورتيءَ ۾ پرڀوءَ جو پرتڪش
درشن ڪيو! ايشور ڪانسواءِ هو ائين هو جيئن هڪ ننڍڙو ٻالڪ
پنهنجي ماتا ڪانسواءِ. ڪيترا نه هن ورهه جي وڇوڙي ۾ وياڪل
ٿي پنهنجي پرڀوءَ پريتم لاءِ ڳوڙها ڳاريا! ايشور کان سواءِ هن
لاءِ هي سارو جڳت ويران بيابان هو! جڳت ماتا هن لاءِ سڀ
ڪجهه هئي. اهڙي پياري سنت رامڪرشن جي نرمل آسيس
وٺڻ لاءِ آءٌ مان هزار ميلن جي ياترا ڪري هت ڪانپور آيو
آهيان. شل اسان سڀني ۽ ڀين تي، هن سچي سنت، سري
رامڪرشن پرمهنس جي آسيس چمڪي، چمڪي ۽ چمڪندي
رهي!"

سڀني ڏٺو ته پريما ڀڳتيءَ جي ڪارڻ دادا جي ڪنٺ
مان وڌيڪ شبد نٿي نڪتا. سندس اکيون اُڪير ۾ آليون هيون.
سندس هردو سروور ۾ سڪ ۽ پريم جا ترنگ هئا ۽ انگ
انگ ۾ اُمنگ هئا. پياري دادا پنهنجي هرديه جا پشپ، سنت

ڪندڙ چڪر ڪليل هو. هوُ ايشور مست هو ۽ اُن مستيءَ ۾ ايشور سان ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪندو هو ۽ پوءِ سنڌس ڌيان ۾ نروڪلپ سماڌيءَ ۾ اچي ويندو هو. هو سادو، سرل ۽ ٻالڪ سڀاءُ جو هو، پر آتم گيان جو ساگر، پريم ۽ ڀڳتيءَ جو ڀنڊار ۽ نرمل پريم جو دائما وهندڙ چشمو هو. خود شري ڪيشب چندرسين، نئون ودان برهمو سماج جو ٻاني وجهندڙ، ودوان، سماج سڌارڪ ۽ روحاني رهبر، سنت رامڪرشن جي چرڻن ۾ پنهنجو مستڪ نوائي ڪانئس آشيرواد وٺندو هو! ايشور چندر وديا ساگر، ودوان ۽ وديادان داني پُرش ۽ وچاروان هو. تنهن پڻ سنت رامڪرشن جي آسيس ورتي! سوامي وويڪانند جهڙي جڳ پرسڌ گيان يوگيءَ، ڌيان يوگيءَ، ڀڳت يوگيءَ به سنت رامڪرشن جي چرڻن ۾ ئي آتم وديا پراپت ڪئي ۽ هو سنڌس پرم شش هو!

دادا کي اهڙي سنت جو درشن نه ملي ڪين سگهيو، جو جنهن وقت (١٨٨٦ع ۾) هن مهان سنت پنهنجي ليلا سميٽي ۽ مها سماڌيءَ ۾ سمايو، تڏهن دادا اڃا پوڻن ستن سالن جو ٻالڪ هو! پر دادا کي هن مهان سنت لاءِ اَتيمت پريم ۽ شرڌا هئي، ان ڪري هو مٿس پنهنجي پريمانجلي اَرپڻ ڪرڻ لاءِ ڪانپور روانو ٿيو. پاڻ سان گڏ هڪ ساٿي، ڌنراج به وٺي ويو. وري به ٽرين جي ٿرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪيائين. ڪانپور اسٽيشن تي، دادا کي رامڪرشن شيوا آشرم جا سادُو ۽ برهمچاري ۽ سواگت ڪاميٽيءَ جا ميمبر وٺڻ آيا ۽ ڏاڍي سنمان ۽ سڪ پريم سان ڪيس آشرم ۾ وٺي آيا. آشرم کي جهنڊين جهالرن جي جهرمر سان ۽ گلن ڦولن ۽ بجلي بتين سان خوب سينگاريو ۽ ڀڪايو ويو هو. سنت رامڪرشن پرمهنس جي وڏي شاهي، سندر پرتيما کي ڦول مالهائون چاڙهي، اڳيانئس واس ڌوپ ۽ اگربتيون ٻاري، وايو منڊل کي نهايت سڳنڌت ۽ سندر بڻايو ويو هو. هر طرف گجڙوُرتي پوشاڪ وارا سنياسي سادو پنهنجي پنهنجي سپرد

دادا جڏهن ڪانپور مان حيدرآباد موٽيو ته اسٽيشن تي ڪيس ڪيترائي پائر پيغمر وٺڻ ويا. اُنهن ڏٺو ته دادا گاڏيءَ مان اَڪيلو پيو لهي. وري جو ڇيائين ته منهنجو سامان لهرايو ته هو وائڙا ٿي ويا. دادا کين ٻڌايو ته ڏنراج کي دل ٿي ته لاهور ۾ سشيلا کي وڃي ڏسان.

ٻه چار ڏينهن ٿيا ته دادا کي ڏنراج تار ڪئي ته سندس شادي سشيلا سان ٿي ٿئي! ڏنراج اِن شيءِ ڪاري لاءِ آسيس گهري هئي! دادا ته هو سڌ سڌ ديالو، جيئن سنتن کي جڳائي سو هن موٽ ۾ تار رستي پنهنجون شڀ اِڇائون ڏنراج ۽ سشيلا کي موڪليون. ڏنراج کي ڪيڏي نه پياس هئي ته سنت جو سنگ ڪمايان ۽ سندس شيوا ڪريان. دل هئس ــ ڏاڍي دل ــ ته دنيا کان منهن موڙي، ايشور سان ناتو جوڙيان. پر دنيا کي ڇڏڻ ڪا سؤلي ڳالهه آهي؟ دنيا به ته ڇڏي نه؟ ٿاڻو ٿورا ڏينهن اڳ، ڪانپور جي رامڪرشن مٺ ۾، دادا کي چوندو ٻڌو هئائين ته سنت رامڪرشن چوندو هو ته ڪامنيءَ ۽ ڪنچن جو تياڳ ڪريو، تڏهن اُي پرڀوءَ کي پائي سگهندا. ڪيترو نه جلد اِها سکيا ڏنراج وساري ويٺو! گهڻا جڻا ناريءَ ۽ ناڻي جي پرڀاو کان پاڻ کي بچائي سگهن ٿا؟ ڪيتري نه پياس هوندي، هو ترشنا جي تيز وهڪري ۾ وهيو وڃن. ڏنراج به ڪيترن نوجوانن جيان ڪامنيءَ جي جال ۾ ڦاسي ويو. ٻنڌو بيشڪ ڪن کن ڀولڻهار آهي. تنهن ڪري شل ٽپ ٽپ تي مالڪ جي مهر منگون ته اسان کي پنهنجي رحم ۾ رکي ۽ سڌ يقوَ سنئين راهه تي هلڻ جي شڪتي ڏئي.

وواهه سنسڪار

وواهه جو سنسڪار ڪو ٻرو سنسڪار ڪونهي. وواهه گرهست آشرم جو هڪ وشيش ناڪو آهي، جنهن لي خود ديوتائن به ٻئي آسيس ڪئي آهي. پر ڪرلي، سنجوڳ جي آڌار تي پرڪلمت

جي ڪمل چرنن ۾ نه چاڙهيا، پر سيني جون دليون ڪينچي ۽ ڪسي ڇڏيائين. اها تقرير اڄ ڏينهن تائين سنت راڌاڪرشن جا پيارا ڏاڍي پريم سان پڙهندا آهن. دادا نه ڪانپور شهر کي ٽئين ڏينهن ڪانپور ڇڏي هليو ويو، پر پٺيان ڇڏي ويو پنهنجا مٺا ۽ زوردار وچن، پنهنجي مٺڙ سڳنڌ!

دادا اڪيلو

دادا ڪانپور ۾ ڌنراج سان گڏ ويو هو، پر هو موٽيو اڪيلو! لاهور شهر ڪانپور کان گهڻو دور ڪين هو. سو ڌنراج، دادا کان اجازت گهري ته مان ٿورو وقت لاهور وڃان. هن کي آلائي ڪيئن اها دل ٿي ته مان دادا کي اڪيلو ڇڏي وڃان! ٽرڊ ڪلاس جي ياترا اٽانگي هئي ۽ دادا سڀاءُ جو نهايت لڄارو هو. پنهنجي سک ۽ آرام جو خير ڪو خيال رکندو هو. تنهن هوندي به ڌنراج، دادا کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو لاهور. ڪنهن کي ڪل ڪين هئي ته ڌنراج ويندو ته وري حيدرآباد مشڪل وريندو. لاهور ڏانهن ڪيس شايد ان ڪري ڇڪ ٿي جو اُتي سندس سؤٽ سشيلا بيمار هئي.

مايا جال

سشيلا کي ڌنراج ڏاڍو وڻندو هو. هن سانت ئي سانت ۾ ڪيس پنهنجي هردي جي سنگهاسن تي پتيءَ جي پد تي، براجمان ڪري ڇڏيو هو. ڌنراج کي نه پياس هئي نه دادا جي شيوا ڪريان ۽ سنسار جي جهنجهٽن ۾ نه پوان. پر وڌاتا سشيلا جو وارو وڃايو ۽ ڪيس ساٿ ڏنو. ڌنراج جڏهن پياري دادا کي اڪيلو ڇڏي لاهور پهتو، تڏهن سڌو سشيلا جي گهر ويو. سشيلا ڪيس جڏهن اڪيلو ڏٺو، تڏهن هن پنهنجي پريم باڻ کي ڇوڙي، ڌنراج جي دل کي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ قرب ۾ ڪيس قابو ڪري ڇڏيو. ڌنراج به هرڪ هاري ويٺو ۽ ٻنهي شادي ڪري ڇڏي!

لاج حيدرآباد (سنڌ) ۾ پياري دادا عجيب رنگ لڳائي ڇڏيو. سنڌ س هرديه منڊر ۾ گرو نانڪ ديو جن جي اَمر پريم جي جوت پئي جڳي! گروجن جي سمرتيءَ ۾ سويل صبح جو هڪ اُتساهڪ اُتسو جو آرنڀ ٿيو. سنڌيا سميه پڻ هڪ وڏو ستسنگ ٿيڻو هو. جنهن کان پوءِ رات جاڳي جاڳي رام کي ريجهائڻو هو. پياري دادا جا ويچار ڪيترن ڏينهن کان گروجن ڏانهن وري پئي ويا. گروجن جي جيونيءَ تازو "سنت مالا" ۾ پرڪاشت پڻ ڪئي هئائين، جنهن پستڪ کي نالو ڏنائين: "نانڪ نماڻو!" گرو نانڪ ديو بيشڪ نوڙت جي تصوير هو، نماڻائيءَ جي مورت هو. هن نه پاتو هو گلي ۾ حليميءَ جو هار، جنهن مان سؤنهن ۽ سڳنڌ جون لهرون پئي نڪتيون. سنڌ س مکار بند مان نڪرندڙ شبدن ۾ گيان جي جوت سان گڏ نمرتا جو نور به پئي چمڪيو!

سياڻن سچ چيو آهي نه جهڙو ڌيان تهڙو اِنسان. پياري دادا کي نه ڏينهن رات، تات هئي گروجن جي. اُٿندي وهندي، هلندي چلندي، گرو نانڪ ديو جن جو ئي پئي ڌيان ڪيائين. ڌيان ڪندي ڪندي، پاڻ به گروجن جهڙي ئي منگل مورت بڻجي پيو هو. هونئن به پاڻ نه اڳيئي هو نوري نماڻي، نياز ۽ نمرتا جي پرليماه وهتر جو گروجن جي ويچارن ۾ تي وسيو، ان ڪري سنڌ س نيڻن نيٺن مان نمرتا جي نوُر پئي جهلڪا ڏنا.

پراڻه ڪال جو ستسنگ سماپت ٿيو نه مودي خاني جو آرنڀ ڪيو ويو. دادا پاڻ مودي تي وينو ۽ ستسنگين ڪانئس اَناج پئي خريد ڪيو. پر هي مودي خانو ڪهڙو نه انوکو هو! هرهڪ پئسا ڏيئي مال نه برابر خريد تي ڪيو پر ترت ئي اهو مال موديءَ کي مشڪندي مشڪندي واپس اَرپڻ تي ڪري ڇڏيو! دادا اُهو اَناج سويڪار ڪري سمورو ئي دينن دکين ۽ غريب، بکايل اِنسانن، پکين ۽ پسن جي شيوا ۾ لڳائي ڇڏيو. ڪهڙو نه وچتر واپار، جنهن ستيه لڳ جون سڪون تي لاٿيون!

ٿئي ٿي. وواهه ۾ ٻه دليون پريم ۾ ملي هڪ ٿين ٿيون. جتي محبت جو ميلاپ آهي، اتي مالڪ سو ۾ براجمان آهي. پر جي ڪوئي جيو سنڪلپ ڪري ٿو ته مان پنهنجي جيون پرڀوءَ يا پرڀوءَ جي پيارن جي سنگ ۾ شيوا ۾ جوڙي ارپڻ ڪندس. ته ڀوءِ هيءَ سنسارڪ شادي ڇا لاءِ؟ شادي ته هڪ سان ٿئي جڙندي آهي ۽ نه ٻن سان - يا پرڀو، يا سنسار. هڪ هٿ ۾ ٻه گدرا ڪيئن سمائبا؟ اهڙي جيوَ لاءِ شادي هڪ سوني زنجير ٻڌجي پوي ٿي ۽ روحاني راهه ۾ رڪاوٽ! جو پرڀوءَ جو ٿيڻ چاهي ٿو، ڪيول هڪ پرڀوءَ جو، تنهن کي واسنائن ۽ ترشنائن جو ٽڪو تياڳ ڪرڻو ئي آهي. اُت ٿي ڦهر ڪهس سڄاڳ رهڻو آهي. ڪنڊو به آهي، ڪنبڻو به آهي. ڇو ته روحاني راهه ۾ اِئين ئي لازمي آهي. هيءَ راهه مها ڪٺن آهي، اُن ٿسان ائين هلڻو آهي جيئن تلوار جي ڌار تان. اِن راهه تان وقتي ته جوڳي به ڪِري پون ٿا. وشوامتر جهڙو ڪنور تپسوي به مينڪا جي مايا ۽ لرها چرتر اڳيان جهڪي پيو. سو هڪ معمولي منش جي ڇا هستي جو سر جي ست سهي سگهي؟

نومبر مهنو

ورش ۾ ٻارهن مهنا ٿين. مهنا مڙيوئي مهنا، پر نومبر (ڪارڪت) ماس جي مهتوتا اَلبت نياري آهي. نانڪ نرنڪاري ۽ نوُري نماڻيءَ ٻنهي نومبر ۾ جنم ورتو. سندن نوراني نـوُر جي جوت ۽ سڳنڌ، ان مهني ۾ سرسبري آهي. نومبر جيئن اوڏو اچي تيئن ميران يوميءَ جو رنگ روپ ۽ آن بان ئي بدلجي وڃي. دل دل ۾ اُمنگ ۽ اُتساهه جي هڪ نئين لهر جاڳي ٿي اُٿي. پياسي روح، گرو نانڪ ديو ۽ پياري دادا واسواڻيءَ جو دل ۾ جنم ڏڻن تي سندن ڏيان ڌرين ۽ منو نام اُچاري، پنهنجي نوٽ جيون کي امرت جل سان پرقلت ڪن.

سنه ١٩٣٧ع جي نومبر مهني جي ١٨ تاريخ هئي. سٽي

اُنهن ۾ ستسنگين ئي تي نواس ڪيو. جي ٻيئرن جي دلين ۾ دادل لاءِ اُتاهہ پريم هو، تہ پائر بہ ڀڳتيءَ ۾ گهٽ ڪين هئا. دادا کي پنهنجي در تي آيل ڏسي سندن چهرائي چمڪي پيا، منهن ئي ٽڙي پيا. هن اُچانڪ آنند جي گهڙيءَ ۾ اُهڙو تہ اُمنگ ۾ اچي ويا جو اُها جاءِ ئي نہ ليکين، جت پنهنجي پريتم کي آڻي براجمان ڪن. سندن هرديہ ۾ پيار، قرب، سڪ ۽ شرڌا جي درياهہ چڙهہ تہ اُڇلون ٿي ڏنيون. ڀلا سندن دلين جو دلبر ۽ من جو محبوب، پاڻ پرڀو جا پيرا ڀري وٺن اچي، اُن کان اُتم آنند جو ٻيو ڪهڙو خزانو ڪين ڪپندو هو! وري ڏينهن بہ ڪهڙو نہ سڀاڳو هو! ڳرو نانڪ ديو جن جو جنم ڏن! تنهن سڀاڳي ڏينهن ايشور جي چمڪندڙ جوت پاڻ وٺي اچي سهڙي! سو ڏس تہ پيارا ڪپڙن ۾ ئي نہ پيا ماپن! سنت جي آجيان لاءِ کٽ پلنگن تي، گلم ۽ غاليچا وڇايا ويا، تہ کٽ ڪوچ ۽ ڪرسيون ڏاڍي نزاڪت سان ناهي رکيون ويئون. دادا جي مکہ مان اچا هي اکر مس تي نڪتا: ”اَج مان اُوهان وٽ هڪ ٻڪاري........“ تہ بنا دير هنن پريمين سندس ٿيلهيءَ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ وجهي ٿي ڇڏيو. ڀڳت وٽ ڀڳوان پاڻ جهولي ڦهلائي اچي تہ ڇا، ڀڳت ڪيس گهرڻ جو وجهہ ڏيندو؟ سچو ڀڳت تہ ري گهريو ڪيس پنهنجو سرونس ڏيئي ڇڏيندو. هت بہ اهائي ڪار هئي. جو سنت، اَنٿي ۽ اَڻ ڪوٺيو اڱڻ ۾ آيو آهي، تنهن کي اَڻ گهريو ئي پئي مليو. درشيہ ڪهڙو نہ آننددايڪ هو!

شام ڦري نماشام ٿي. روحاني راتو، رمتي جوڳيءَ جيان، گهر گهر ڦرندو ٿي ويو. اُسان کي سندس پنيان ڦرندو ڏسي، ڪيئن ٻائر ۽ ٻيئرون بہ پنيان پنيان هلڻ لڳا. اُنهن ٽولي پئي وڌندي ويئي ۽ اُتساهہ ۽ اُمنگ بہ وڌندو ٿي ويو. جيئن جيئن دادا جي ٽولي اڳتي پئي هلي، تيئن تيئن اڳواٽ ئي اها خبر پهچي ٿي ويئي ۽ هنن دادا کي گڏجڻ جون تياريون ڪري ٿي ڇڏيون تہ

مودي خاني سماپت ٿيو ۽ لنگر شروع ٿيو. پائر ۽ پيٽرون لنگر کائي ۽ ڪارائي وڃي آرامي ٿيا. اسين به آهلي پياسين. شام جو چانهه ويني پيئيسين ته پياري دادا پنهنجي مکاروند مان بوليو: "مونکي هڪ ٿيلهي آڻي ڏيو." اسين عجب ۾ پياسين ته دادا کي ٿيلهي ڇا لاءِ کپي! هڪ ڄٽي ٿيلهي آڻي دادا کي ڏني. دادا ٿيلهيءَ جو هٿيو پنهنجي ٻانهن ۾ وجهي ٿيلهي لوڏائيندي چيو ته اڄ مان در در منگتو ٿي ڦرندس. جيڪي ملندو سو هن جهوليءَ ۾ وجهندس. توهان مان جنهنکي به مون سان گڏ هلڻو هجي سو پلي هاي. پوءِ مونڏانهن نهاري چيائين: "تون پلي نه هل. مان گهٽن جي گهرن ۾ ويندس. ميران ٻالڪين جي گهرن ۾ به ويندس. تون آهين لڄاري، متان توکي اُتي هلڻ ۾ حجاب ٿئي." پر مونکي نه ڄاڻان ڪهڙي همت اچي ويئي جو حجاب ٻجاب کي ڏنم جواب! چيم دادا، اڄ مان به توهانجي پنيان گهنبٽي ٿي گڏ گهمنديس.

دادا، نڪرڻ کان اڳ، پنهنجي پيار جا پيرا پري، ٻهريائين آهو منهنجي ننڍڙي ڪمري ۾، ۽ اچي اڳيانئم جهولي ڦهلائين! واهه، شاهن جا شاهه! روح جا راڻا! تون خود هڪ والي، اَڄ ڪيئن ٿي آيو آهين سوالي! ان پل مون پنهنجا نيڻ کڻي ڏانهنس نهاريو ۽ ائين اَنيو ڪيم جڻ ته سرڳ سڄو ئي هيٺ پرٿويءَ تي لهي هڪ کيل کيلڻ آيو آهي. اونچو آڪاس نمرتا ۾ پوُنءِ مٿي پيرو آهي! ۽ ان راز جي پروڙ پيم ته بيشڪ پرٿوي ۽ اُمبر ملي سنگم ڪن ٿا. سرڳ ۽ ڌرتيءَ جو پاڻ ۾ مڌر ملن ٿئي ٿو.

دادا جي جهوليءَ ۾ مون هڪ نوٽ وڌو ۽ دل ۾ هڪ عجيب آنند جو اَحساس ٿيم. اهڙيءَ طرح دادا پنهنجي جهولي ٻين اڳيان به جهلي. سڀني يٿا شڪتيءَ اُن ۾ ڪجهه نه ڪجهه وڌو. پوءِ دادا نڪتو ٻاهر ۽ هليو هيراباد ۽ اَچي هنيائين هڪ سڪ پري صدا در در تي. گهر ته ڏٺو ڪري سڀيئي سڄائل هئا، جو

ڦٽي پرڀات ۽ ٽارن ڀري رات ڏسي سندن هردي مان پرڀوءَ جي ساراهه جا گيت پيا اڀرندا آهن.

دادا کي به قدرت لاءِ اَٿي پيار هو. جڏهن کان هو ڪاليج جو پرنسيپال ٿيو هو، تڏهن کان هو عاليشان بنگلن ۾ جن کي وڏا شاهي باغ هوندا هئا، تن ۾ رهيو هو. اڪثر ڪري پنهنجي فرصت جو وقت هو باغ ۾ گذاريندو هو. لکڻ جو ڪم هو وڻن جي ڇانيا ۾ ڪرسيءَ تي ويهي ڪندو هو. پر جڏهن کان هن پنهنجو عهد و اقبال تياڳيو هو، تڏهن کان وٽي کيس ننڍين نماڻن گهرن ۾ گذارڻو پيو هو. حيدرآباد ۾ پڻ نامنگر ۾ ستي لاج جي ڪمرن اندر وقت گذاريندو هو. البت شام جو تازي هوا کائڻ لاءِ ٽڪريءَ تي يا ڦليليءَ جي ڪپ تي پنڌ ڪندو هو. ڪڏهن ڏينهن جو ڪنهن باغ ۾ وڃي ويهندو هو.

دادا جو جنم آستان حيدرآباد جي سوڙهيءَ دلواڻي گهٽيءَ ۾ هو. ان گهر ۾ سندس ڀيڻ پُٽ، جنهن کي ڪڪي به ڪري ڪوٺيندا هئا، رهندي هئي. کيس ملڻ لاءِ دادا خود ڪيترا ڀيرا دلواڻي گهٽيءَ ۾ ويندو هو. ٻين گهٽين جيان ان گهٽيءَ ۾ پڻ ڪسيون هونديون هيون، جن مان ڪنو پاڻي پيو وهندو هو ۽ بانس پيئي ايندي هئي. سو دادا اڪثر ڪري نڪ تي رومال رکي پنهنجي اباڻي گهر ۾ گهڙندو هو ۽ وڃي ڪڪيءَ جي آسيس وٺندو هو. جي دادا کي ڏينهن لڳاتار ڪڪيءَ وٽ نه وڃي سگهندو هو ته هوءَ خود هيراباد ۾ اچي دادا جي آسيس وٺندي هئي. ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ کي هڪ ٻئي لاءِ عجيب پيار هو.

ڀيڻ جي دل

هڪ لڳا دادا ڪڪيءَ وٽ هو ته ڳالهه ڪيائينس ته "گهرن ۽ باغن جا اگهه لهي اچي پٽ پيا آهن. ڏاڍا سستا پيا وڪامن." ٻئي ڏينهن ڪڪي اچي ستي لاج ۾ دادا کي ملي.

جيئن دادا کي ترسڻو نه پوي. سندن من مندر جو ديوتا اڄ سڄو ڏينهن وٺي ڪروڙانڊي ٿي ٿي آيو.

نيٺ ستسنگ جو سمو به اچي سهڙيو ۽ اسين سڀيئي اُتي اچي پهتاسين. اُتي ستسنگ ۾ پياري دادا کهڙو نه مڌر، مٺو ۽ دل پگهرائيندڙ اُپديش ڏنو! ڄڻ ته نانڪ نرنڪاري پاڻ اچي پڌاريو هو. ستسنگ سماپت ٿيو. رات جي ماني کاڌي سين ته ڪنهن راهو ڏنو ته، اچو ته دادا جي جهوليءَ مان پئسا ڳڻيون، سو ويٺاسين ڳڻڻ. اسان جي حيرت جي حد ئي نه رهي جڏهن ڏٺوسين ته اٽڪل پنج سؤ رپيا ڪٺا ٿي ويا هئا! پياري دادا باقي رقم وجهي جملي پورا پنج سؤ رپيا ڪيا. پوءِ مون کي ڄاڻايائون ته اهي سڀيئي پئسا، ڀاءُ گنگارام ڏي ته شيوا جي ڪم ۾ لڳائي. عام طور منگتا ۽ بکاري گهرن فقط پنهنجي لاءِ، پر هي کهڙو نه انوکو بکاري هو جنهن پنهنجي لاءِ نه، پر ڏکين، دکين ۽ دريدرن لاءِ ئي ڀکيا پني هئي! جنهن جي در تي روز سوين سوالي ٿي آيا، سو دکين ۽ گهرجائن لاءِ اڄ پاڻ هڪ سوالي بڻجي، جهولي ڦهلائي وڃي بيٺو هو. کهڙي نه وچتر ۽ درد سان ڀريل هئي دل پياري دادا جي! کهڙي نه اچرج سان ڀريل هئي ليلا هن لکن جي لعل جي!!

پريوءَ ۽ پرڪرتيءَ لاءِ پيار

پريوءَ لاءِ پيار ته سنتن جي رڳ رڳ ۾ رهي ٿو. پر پريوءَ جي پرڪرتيءَ لاءِ پريم به ڪين ڏاڍو وڌي ٿو. جنهن پريوءَ ڪين اُپايو آهي، تنهن هيءَ سرشٽي به سرجي آهي. اهو وچار سنتن جي اندر قدرت لاءِ اُٿميو پيار جاڳائي ٿو. سنسار هڪ لاثاني چمن آهي، جنهن ۾ هڪ هڪ سنت، هڪ ڦول سمان آهي. پشپ سو، جنهن ۾ سونهن سوڀيا ۽ سڳنڌ هجي. سنت پريوءَ جي سرشٽيءَ کي هڪ چمن سمجهي اُن کي پيار ڪن ٿا. قدرت جا دلفريب نظارا سنتن جي دل کي ڏاڍو پيارا لڳن ٿا. وڻ ٽڻ ۽ بهارون، ساگر ۽ سونهن سندا ستارا، ندين ۽ تلاوُن، پر

پئسن جي باري ۾ ٻه ڪي اکر ڪين ٿو ٻولي! سو ڪانئس رهيو نه ٿيو ۽ همت ٻڌي زبان کوليائين ۽ چيائين: "دادا! توهان باغ ورتو؟"

دادا مشڪيو ۽ وراڻي ڏنائين ته "ڪڪي! تنهنجي پئسن مان مون باغ ورتو آهي. پر اهو هن پرٿويءَ تي ڪين آهي. اهو سندر پشپن وارو باغ سورڳ ۾ ورتو اٿم! اُن باغ ۾ هڪ ڏينهن اسين سيئي هلي گڏجي رهنداسين."

ڪڪي اهي اکر ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويئي. سو پڇيائين ته: "دادا، توهين ڇئو ڇا پيا؟ مان ته هن دنيا جي باغ جي ڳالهه ٿي ڪريان! مون ڪين تازو توهانکي ڏهه هزار رپيا ڏنا ته توهين پنهنجي لاءِ هڪ باغ وٺو؟" دادا ڏاڍي ڌيرج ۽ تحمل سان وراڻيو: "ڪڪي، هي ڏکر جو زمانو آهي. ڪيترن ويچارن ڀائرن ڀينرن کي پورو کاڌو به مشڪل ٿو نصيب ٿئي. سو انهن کي بکيو ڏسي مان وڃي هڪ باغ خريد ڪري ان ۾ سک ۽ آرام سان ڪيئن رهان؟ تنهنجي ڏنل ناڻي مان مون وڃي اَناج خريد ڪيو آهي، جنهن مان غريب ۽ مسڪين ڍؤ ٿي پيا کائين. ڏس، تو ڪيترن جي ته آسيس کٽي آهي!"

ٻين جو سک، پنهنجو سک

ڪڪيءَ اهي اکر ٻڌا ته ڄڻ هٿن مان ڪي ڪري پيس! ڏاڍي نراس ۽ نااُميد ٿي. هوءَ ويچاري ڇا ڄاڻي ايڏي وڏي دان پُن مان؟ ۽ هيڏانهن سندس دادا، هڪ اُچي ڏک سان، سندس سموري رقم، اَکوقلو ڪري ڇڏي هئي! سو گهُٽ ٻُوسات ۾، ڳنڍ ۽ ڳيهٽو پيس. ۽ دادا؟ هوُ لاهوتي ته پنهنجي اُچي آنند ۾ هو، ڇو جو هن غريبن ۽ بکايلن کي آنند ڏنو هو. هو ته بار بار چوندو هو ته پيارا، جي سکي ٿيڻ چاهين ته اَول ٻين کي سکي ڪر.

راڻي جو رُسڻ

دادا ستي لاڄ ۾ هو ته مونکي چوندو هو ته توُن مون کان

سندس اڳيان ڏهن هزارن جي ڳوٿري رکي چيائينس: ”دادا، توهان کي باغ ڏاڍا وڻندا آهن. توهان ڪيترو وقت باغن جي وچ ۾ گذاريو آهي، پر هينئر هن ننڍڙي گهر ۾ رهو ٿا. هنن ڏهن هزارن مان پنهنجي لاءِ ڪو باغ وٺو، جنهن ۾ توهانجي رهڻ لاءِ گهر به هجي.“

دادا ڪڪيءَ جا اکر ٻڌي وائڙو ٿي ويو. ڪڪي هوندي نه پيسو ڪڍڻ واري ڪين هئي، پر پنهنجي سخت پاڻ، دادا لاءِ ڏاڍو پيار ۽ قرب هوس. اُن قرب وچان هن هيءَ هيڏي قرباني ٿي ڪئي. اُن زماني جا ڏهه هزار رپيا اڄ ڪلهه جي ٻن ٽن لکن جي برابر هئا! ايترو ڌن هن دادا جي چرنن ۾ نڇاور ٿي ڪيو! دادا کي سانت ۾ ڏسي ڪڪيءَ ڳالهه جو ڌاڳو ڪڍي چيو: ”دادا، مونکان ڏهه هزار وٺڻ ۾ متان حجاب ڪريو. هي توهانجا پئسا توهانکي ئي ٿي اَرپڻ ڪريان. مون وٽ جيڪي به آهي، سو توهانجو ئي آهي.“

ڪڪيءَ سچ ٿي چيو، نڪي ڪي وڌاءُ ئي ٿي ڪيائين، ڇو ته دادا جڏهن پٽيالا ڪاليج جي نوڪري ڇڏي ته وٽس گهڻو ئي ڪجهه هو. اهو سڀ ڪجهه هن ڪڪيءَ جي نالي ڪري ڇڏيو. ڪڪيءَ جو ويچار شادي ڪرڻ جو ڪين هو، تنهن ڪري سندس نالي ٿي اهو پئسو رکيو ويو، جيئن هوءَ آرام سان پنهنجي جيون گهاري سگهي. پر ڪڪي سنجمي هئي ۽ سادگيءَ ۽ ڪفايت سان رهندي هئي. سو سندس نالي وارا پئسا وڌندا ٿي ويا. اهي ئي پئسا هوءَ هينئر ڪڍي آئي هئي. گهر موٽڻ وقت، ڪڪي دادا جي هٿن ۾ ڳوٿري ڇڏي هلي وئي.

بهشت ۾ باغ

ٿورا ڏينهن گذريا. پاڻ ۽ ڀيڻ پاڻ ۾ گڏ ها. پر ڪڪيءَ ڏٺو ته دادا باغ باغ جي نه، ڪا ڳالهه ئي ڪانه ٿو ڪڍي، ڪيس نه هئي اُڻ تڻ ته ڏسان ته دادا نيٺ اهو باغ ورتو يا اَڃا نه؟ دادا نه

ڪاريگر ڪنڀار

پر اگياني ۽ اَيماني انسان جي ”مان، مان“ ته وڏا واڪا ڪري ڇاٽي. هوءَ سندس جيئڻ ئي وهه سمان بڻائي ٿي ڇڏي. ڪڏهن ڪڏهن ايترو ته ملول ٿي پوندي هئس جو سمجهندي هئس ته شايد مان ديواني ٿي پونديس. پر هيئنر جڏهن اهي سڀ گذريل ڳالهيون ياد ڪندي آهيان، ته پاڻکي ئي ڏوهي ٺهرائيندي آهيان. دادا ته مون ۾ خاص چاهه وٺي مون مٽيءَ کي ٺپي ناهي، هڪ خاصو ٿانءُ بڻائڻ ٿي چاهيو. هو هڪ ڪمال جو ڪنڀار ۽ ڪاريگر هو. پر اُن مٽيءَ ۾ مان لڌو جنهن پنهنجو پاڻ، ڪل مالڪ، ڪاريگر کي خوشيءَ سان سمرپڻ ڪري ڇڏيو. اها مٽي ڦري ٿي پوي ٿي هڪ هٿيو، هڪ اوزار، اُن مٽي مالڪ جو، جنهن مان هو پنهنجا وشيش ڪاريه ڪرڻ ٿو چاهي.

ڪَت ۽ ڪنبُ

انسان، جيڪو ٽڪڻ ۽ ٽوڙڻ ۾ پورو آهي، سو پاڻ کي ئي ٿو پيار ڪري، پر پوءِ ڪي ته! هوا پنهنجي هوت ٿي، پنهنجي حجت جو حق ٿو جمائي. هت ته محبت وارن جو ئي مان آهي. شاهه صاحب ڪين فرمايو آهي ته:

”چاوت پائي چت ۾، سنهون ڪتيو جن،
تن جو صرافن، ڏُکو داخل نه ڪيو.
محبت پائي من ۾، ٿلهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، اَڻ ٽوريو اگهايو!“

گروءَ ۽ سنتن وٽ جو اچي، سو ته اچي نمرتا ۽ مچتا جي پاڻ ۾، شرڌا ڀڳتيءَ جي پساءَ ۾. اهو اچي رهي هر حال ۾ راضي، دک ۾ ۽ سک ۾ سمتشت. پر جي سر جو سانگو ڪن، سي هن پڙ ۾ پير نه پائين. عشق هڪ ڳهروءَ جي راند نه آهي. هت ته تن، من ۽ ڌن سڀ اَرپڻ ڪرڻو آهي! مان ماڻ مٽائي

ڪونه ڪو ويچار روز لکائي وٺ. مون ان ڪري هڪ ٿلهي ڪاپي ٺهرائي، جنهن دادا جي هٿ اکرن ۾ مونکي سندس خوب ويچار هجن. ڪي ڏينهن سانده دادا ان ڪاپيءَ ۾ روز ڪجهه نه ڪجهه لکي ڏيندو هو، ڪڏهن سنڌيءَ ۾ ته ڪڏهن انگريزيءَ ۾. مونکي ڪوني، اهو ويچار پنهنجي مٺي سر ۾ پڙهي ٻڌائيندو هو. ڪيس اهو ويچار اُچاريندو ڏسي منهنجي روم روم ٺري پوندي هئي. پر سدا نه چمن ۾ بسنت بهار، سدا نه ملي سڄڻ جي مهر نهار! سڀ ڏن هوت نه ايڪ سمان! دادا ڪڏهن ڏس نه اَٿينت پيار پيو پٽاري، ته ڪڏهن نه وري نهاري به ڪين! پرسان ائين لنگهي ويندو پاڻء سان سڃاڻي ٿي ڪين! دادا ناراض ٿيندو يا رسي پوندو ته پوءِ ڪجهه لکي به ڪين ڏيندو هو. مان اَٻڄاڻ، اَياڻي. مونکي ڇا خبر ته سڄڻ جي چال نرالي آهي! مون ته فقط ڪيس پنهنجو منٺو دادا ڪري ٿي سمجهيو. سو سندس بي رخي ڏسي مان به سوٽي موٽي ٿي پيئي هوندي هئس. جيئن مان جس ۽ جيس اَلوپ ٿي ويندو هوم. دادا راضي هوندو هو ته مان خوب ٽهڪ پيئي ڏيندي هئس. دادا رٺو ته منهنجو من مايوس ۽ چپن تي جڻ چپڙو لڳو. نڪي ڪجهه مٺو لڳندو هو ۽ نڪي ڪجهه اُجهندو ٿي هو. دل تي جو بار هوندو هو سو وڃي دماغ تي اَثر ڪندو هو. شڪر جو مونکي ميران اسڪول جو ڪاروبار ڪرڻو ٿي پيو، جنهن ڪري ان مشغوليءَ ۾، ان ڪم ۾، غم وسري ويندو هوم. پر واند ڪائيءَ جو وقت ڏاڍو وڏي پوندو هوم. ڪڏهن خيال جو بار اهڙو ته هوندو هو جو ڪاٺو ٿي ڪين ڪائيندي هئس. اڻڄاڻائي ۾ اَگيان وچان مون اهو ڪين پروڙيو ته دادا ظاهري طور منهن برابر موڙيو هو، پر هن منهنجو اَندر ناهي، ان ڪي صاف ۽ نرمل ٿي ٻڌائڻ چاهيو. هن جي رڳ رڳ ۾ رحم جو رهيو هو. هن جي منهن موڙڻ ۾ مهر هئي!

ڪڏهن ڪڏهن هيٺئين اندر ۾ ڇوليون ڇلنديون آهن تہ ڪاش! دادا شرير جي چولي ۾ اچان ۽ هجي ها تہ سندس چرن پڪڙي پڪڙي، جيڪر هيئن چوانس ها تہ: "دادا! مان توهانجي ايڏيءَ مهر جي لائق ڪٿي آهيان! جنم جنم ۾ ڪوي ٿي توهانجا گڻ ڳايان، تہ بہ توهان جو قرض لاهي نہ سگهان!"

شيامسندر لاءِ پريم ۽ ڀڳتي تہ ڪو دادا کان سکي. سري ڪرشن جي نالي ڳنهڻ سان سندس اکيون اچي ڇمڪنديون هيون، سندس نيڻ اچي نچندا هئا. ڀلا جو سوُاِم پريم جو ساگر هو، سو ڪيئن نہ شيام جو ڀڳت ٿئي! سندس هردي ۾ تہ شيام ئي شيام هو نہ!

"اچي پيو - شيام اچي پيو"

سنہ ١٩٣٨ع جي وارتا آهي. ساوڻ جو مهنو هو. جنماشٽمي، شيامسندر جو شڀ جنم دن ويجهو هو. آسمان ۾ گهنگهور گهٽا ڇانيل هئي. رڪي رڪي برسات جون بوندون پئي پيئون. هر ڏسا ۾ هريالي ڇانيل هئي ۽ سيتل هير لڳي رهي هئي، جنهن بدن کي بود ۾ ٿي آندو. پريان اَنب جي وڻ تان ڪويل جي مٺي ڪوڪ "پيئوُ - پيئوُ" پئي ٻڌڻ ۾ آئي. انهيءَ وچتر وايومنڊل ۾ اَچانڪ دادا کي پنهنجي هردي سنگهاسن تي براجيل شيامسندر جي ٻنسريءَ جي مڌر تان ٻڌڻ ۾ آئي. دادا جا نئڻ ڪنهن نوراني نشي ۾ بند ٿي ويا ۽ هو ڪنهن ڌن ۾ سمائجي ويو. شام آئي ۽ پاڻ سان "شيام" جو سنديش کڻي آئي - سورج اَستت ٿيو. ڏيئا ٻريا. جوت جاڳي اُٿي. آڪاش مان بادل ٽڙي پکڙي ويا ۽ تارا ٽمڪ ٽمڪ ڪرڻ لڳا. سنتي، شانتي ۽ مان دادا جي چرنن ۾ سنتي لاج جي ڪليل اڱڻ ۾ ويٺا هئاسين. دادا، شيامسندر جون منيون منيون، دل لڀائيندڙ ڪهاڻيون ٻڌائي رهيو هو. جي اسين ڏاڍي ڌيان ۽ پريم سان شروَڻ ڪري رهيون هيوسين. ڳالهين ڪندي ڪندي دادا

مٺي ٽپڻو آهي. آپڻو گنوائي، آنند پائڻو آهي. ڪنڊو بہ آهي، ڪنبڻو بہ آهي!

ڪيترا دفعا نہ دادا ڪان رسي ويهي رهندي هئس، ۽ ڪيترا دفعا تہ دادا منهنجا ڏوهہ گناهہ وساري مون کي پنهنجي پيار جي سيتل ڇانوَ ۾ رکيو. مون لاءِ هن سنسار ۾ جيڪا هڪ ئي خوشي هئي تہ اُها هئي دادا جو پيار. جي اُها کسجي ويندي هئي تہ مون لاءِ سنسار ۾ اوندهہ انڌڪار هو.

پڇتاءَ جا لڙڪ

دادا ديالو هو. هو ڪرپالو هو. منهنجا ڏوهہ ۽ ڏنگائون، اَلڙپڻ ۽ اَگيان کي نہ ڏسي دادا وري وري مون کي پنهنجي پوتر پيار جو پاڻي پيو پيار يندو هو. هينئر جڏهن حقيقت جي حال جي پروڙ پيئي اٿم، ۽ ڪپاٽ کليا اٿم، تڏهن مان اُنڀو ڪريان ٿي تہ دادا جي مون مٿان ڪيڏي نہ ڪرپا ۽ ديا درشٽي هئي، اپا ۽ ہ آهي! اڳہ منهنجي اکين تي اگيان جا پڙدا چڙهيل هئا، ۽ اهو ڪي ٿي سمجهيو جو سمجهڻ نہ گهرندو هوم. جيئن ٻالڪ، رسڻ مهل، پاڻ کي صحيح ۽ پنهنجي ماتا کي غلط سمجهندو آهي، تيئن مون بہ پاڻ کي برابر ۽ دادا کي غلط پئي سمجهيو. هينئر ڏسان پيئي تہ دادا جي هڪ هڪ ويچار، وچن ۽ ڪرم ۾ ڪرونا ۽ ڪرپا ئي هئي. ٻيو ڪجهہ ڪين. ڪٿي دادا، ڪٿي مان! هوُ تہ هو سورج سمان، ۽ مان هئس هڪ ڪچل ڪانچ جو ٽڪرو. هوُ هو پريم ۽ اَمرت جو وهندڙ چشمو، ۽ مان هئس هڪ اَجايل اُساتيل مسافر. هوُ هو سونهن سندو ساگر، ۽ مان تري ۾ پيل هڪ بدزيبو پٿر. تنهن هوندي بہ سندس مهر ڪيڏي! ڪرپا ڪيڏي! سورج جي هڪ ڪرڻ، ڪانچ جي ٽڪري کي هيري جيان چمڪائي ٿي. گناهن ۾ گرفتار اَجايل مسافر کي اَمرت جي سيتل جل جي هڪ ئي بوند، پاپن کان پاوَن ڪري ٿي. ساگر جي تري ۾ پيل پٿر، گسي گسي، نيٺ لسو، گول ۽ سهڻو ٺهي پوي ٿو.

سان اخبار ڪڍڻ کھڙي ڪنن ڳالھ ھئي!

سٽيءَ ۾ اُتساھ ھو، پريم ھو، ھمت ھئي. دادا جو سنديش ڳھر گھر پھچي، اھا ڳالھ ته سندس دل وڻان ھئي. دادا چيس: "سٽي، لوڪ ڏاڍا دکي آھن. سنتن جي سکيائن لاءِ ڪين ڏاڍي پياس اٿن. تون پنھنجي پتر ۾ سنتن جون جيون ڪٿائون ۽ سندر سکيائون ڏج. مان به توکي اُن پتر لاءِ ليک لکي پيو ڏيندس. منھنجا اُپديش به تون اُن ۾ وجھي سگھين ٿي، سو توکي ڪا خاص ڪنائي ڪين ٿيندي. اھو پتر تون جيڪر جنماشٽميءَ جي مھا پوتر ڏڻ تي پرڪاشت ڪرين! پتر تي نالو ڏرج شيام سندر جو: "شيام"!

"شيام" پتر پرڪاش

دادا جي اکرن ۾ الاجي کھڙو جادو ھو، کھڙي شڪتي ھئي، جو سٽيءَ به اُمالڪ دادا ۽ شيام جو آسرو وٺي "شيام" پتر ڪڍڻ جو سندر وچار ڪيو. پھريون اَنڪ جنما شٽميءَ تي ڪڍيائين. "شيام" جو جنم، شيام جي جنم ڏڻ تي ٿيو! اَج اُھا سٽيءَ جي سڪ ۽ صدق جي پيت "شيام" ٤٢ سالن کان، جا سنڌي جاتيءَ جي نماڻي شيوا ڪئي آھي، سا ڪنھن کان لڪل آھي؟ "شيام" ۾ "دادا شيام" جو سنيھو ۽ پريوءَ ۽ پريوءَ جي پيارن جو پيغام آھي. "شيام" ۾ ھڪ نئينءَ جوت جي جھلڪ آھي، جا انسان کي اونداھ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ ٿي آڻي! "شيام"، ھزارن سنڌي گھرن ۽ دکي دلين ۾ آشا جي ڪرڻ آڻي اُنھن کي روح جي راحت بخشي آ.

شرير جو ڪشٽ

ڏينھن رات، دادا پريوءَ جو چنتن ۽ پريوءَ جي ڪم ڪار ۾ رتل رھندو ھو. سندس آھار اَلپ ھو ۽ سندس ننډ به اَلپ ھئي. تنھن ھوندي به ھو ستسنگ ۾ شڪتيشالي اُپديش ڏيندو ھو. انسان کي اندر ۾ ڪيڏي نه آتش ھجي ۽ ھرديه ۾

سٽيءَ ڏانهن پنهنجو سهڻو ۽ موهيندڙ مک ڦيري کيس چوڻ لڳو: ”سٽي، تون جيڪر هڪ پٽر ڪڍين ۽ اُن جي سمپاد ڪا ٿين؟“

سٽي سپاڳي

سٽي اهو اِلهام سڻي وائڙي ٿي ويئي. هن ڪروي وشوودياليہ جا ڪيول انگريزي ست درجا پاس ڪيا هئا. کيس ليکن لکڻ جو بہ خاص شوق ڪين هو. اَلبت اها پياس هئس تہ جيڪر دادا جي سندر جيون ڪٿا ڇپجي، جا گهڻا گهڻا پائر پيئر پڙهن ۽ پڙهي اُن مان ڪجهہ پرائين. سٽيءَ تي دادا جي ڪرپا ڏارا ڇڙهيل هئي سو چاهيائين ٿي تہ بين تي بہ اهو رام رنگ چڙهي. سٽي تہ خاص پستڪ پرچا بہ ڪين پڙهندي هئي. پر هوءَ سپاڳي هئي جو دادا سندس گهر ٽڪيل هو ۽ سندس شيوا ۾ هن پنهنجي جيون خرچ ٿي ڪئي.

دادا جي اکرن: ”سٽي، تون جيڪر هڪ پٽر ڪڍين ۽ اُن جي سمپاد ڪا ٿين“ سٽيءَ کي گهڻيءَ لهرس ۾ وڌو. هوءَ سنڌي ٻولي مس ٿي ڄاڻندي هئي. تنهن کان سواءِ وڏي مضمون کي چنڊي ڇاڻي، ٺڪو ڪري، ٿوري ۾ بيان ڪرڻ تہ ڪو سٽيءَ کان سگهي! کيس دادا شايد انهيءَ ڪري اِئي اخبار ڪڍڻ لاءِ چونڊيو. سنت انترياميءَ آهن. ڪين سڀ سڌ آهي تہ ڪهڙي ڪار لاءِ ڪهڙو انسان وڌيڪ ڪارائتو ٿيندو. هو اُن کي اُئي پنهنجي اُديش جي پورتيءَ جو اوزار بڻائين ٿا. اها سندن اُئي ڪرپا آهي، نہ تہ بندي ۾ ڪهڙو ٻر، ڪهڙي ٿوم. هوُ اُئي کيس گهڙي، ٺاهي، ڪارگر ڪن ٿا. نماڻي اوزار کي ڪهڙي تہ سڀ ڳالهہ جو شرف پنهنجي صاحب کي اُئي ڏئي، جنهن مٿس ڪرپا ڪري کيس پنهنجو واهڻ بڻايو آهي. گرو جن جي ڪرپا سان جي ڪمزور مسڪينيا، هڪ پهلوان ڪشتي باز کي براجت ڪري ڇڏيو، تہ سٽيءَ لاءِ دادا جي ڪرپا ۽ سهائتا

موهن ڪنج ۾

واڻي سور هڪ طرف، ته رڳن جي رت جو گهٽ ٿيڻ ٻئي طرف. سو دادا ويو ڪمزور ٿيندو. ڊاڪٽرن دادا کي صلاح ڏني ته توهين ڪراچيءَ وڃي هوا مٽايو ۽ پنهنجي صحت سڌاريو. ان ڪري دادا ڪراچيءَ ويو ۽ بندر روڊ ايڪسٽينشن تي موهن ڪنج ۾ وڃي رهيو. موهن ڪنج هڪ عاليشان بنگلو هو جو دادا جي پيارن، نيمي ستسنگين شري گوپالداس ۽ سندس ڌرمپتنيءَ جيني جڳتياڻيءَ ٺهرايو هو ۽ جنهن جو مهورت به دادا کان ڪرايو هئائون. هو دادا کي پيا زور پريندا هئا ته اسان وٽ ڪجھ ڏينهن اچي رهو ۽ اسان کي شيوا جو وجھه ڏيو. سو دادا جي صحت جڙ ته هڪ بهانو بڻجي پيئي ۽ دادا ڪراچيءَ وڃي موهن ڪنج ۾ رهيو. ساڌس گڏ آشرم جون ڪي پيمر به اُت ويئون.

شري گوپالداس، هڪ وڏيءَ دل وارو پريمي ڀڳت جن هو. منجهس اَنتي شيوا جو گڻ پڻ جهجهو هو. سو سيني جي پيار ۽ قرب ۾ پرگهور لهندو هو. جشن ڪراچيءَ ۾ گاڏي ڪاٽي ۾ رهندو هو، سو روز، اُنسان دادا وٽ آسيس وٺڻ ۽ ستسنگ ٻڌڻ بندر روڊ ويندو هو، اِڪڏهن ڪڏهن دادا کيس موهن ڪنج ۾ رهائي ڇڏيندو هو. دادا جي اُن قرب، جشن کي قابو ڪري ڇڏيو.

پياري جشن جو ڪمال

ڪراچيءَ جا ڀائر ڀيڻر دادا کي ڏسي ڏاڍو ترسندا هئا ۽ وڏي تعداد ۾ ستسنگ ۾ ايندا هئا. دادا موٽي حيدرآباد ويندو هو ته کيس وڃڻ نه ڏيندا هئا. چاهيندا هئا ته دادا ڪراچيءَ ۾ ئي رهيو پيو هجي ۽ اسين ستسنگ جو لاڀ پيا وٺون. سندن اهڙي پياس ڏسي دادا بندر روڊ ايڪسٽينشن تي جڳهه ٺهرائڻ جو ويچار ڪيو. پنهنجي جڳهه هوندي ته ڪنهن

لعلن لاءِ ڪيڏي نه لڳن لڳل هجي، پر جي سندس شرير سڀ ست ڪينهي ته ڪيس ڪشٽ ۽ ڪنائي سهڻي پوي ٿي، سور ۽ سختيون جهلڻيون پون ٿيون.

دادا پنهنجي شرير ڏانهن ڪو نه ڌيان ڪين ڏيندو هو. ان ڪري ڏيري ڏيري گهٽي ڪم ۽ گهٽي اوجاڳي، ۽ ٿوري آرام ۽ ٿوري کاڌي جي ڪري سندس رت سڪڻ لڳو ۽ وائي سور (Gout) اچي پيدا ٿيو. ڪڏهن مرو ته ڪڏهن ڪرائي، ته ڪڏهن هٿن پيرن جون آڱريون اچي سور ۾ سڄنديون هيون. سور نه سورن جهڙو پوندو هوس. پر سندس مک مان سديو "شڪر شڪر" ۽ "واهگرو - واهگرو" جا وچن ۽ واڪيه پيا نڪرندا هئا.

سٽي لاج جي پرسان ڊاڪٽر نارائڻداس ٿرمداساڻي رهندو هو. ان کي نه ڪڏهن ڪڏهن "گائوٽ" جو سور چڱو ستائيندو هو. هو کلي دادا کي چوندو هو ته "دادا توهان کي هيءَ بيماري ڇو ٿيڻ گهرجي؟ توهين نه فقير ٿي آهيو. هيءَ بيماري ته اميرن جي بيماري آهي!"

پر ڊاڪٽر ويچاري کي ڪهڙي سڌ ته سنتن کي ڇو ٿا سور ٿين؟ هو نه ٻين جا بوجا بار گهٽائي سندن ڪشٽ پاڻ تي ٿا کڻن. تنهن ڪري ئي هو سهن ٿا. هو نه سنسار ۾ اچن ئي ان لاءِ ٿا ته ٻين جي صدقي پاڻ سور سختيون سهن. دادا نه ٻين جا دک گهٽائڻ لاءِ پاڻ تي ڪرمن جو بوجو کڻندو هو. حيدرآباد جي گرمي، سهڻ کان ٻاهر هوندي هئي. ان گرميءَ ۾ به هو ٻيو گرم گرم پولٽيس لڳائيندو هو، جڏهن ڪيس وائي سور ستائيندو هو ۽ جڏهن اهو سور سهڻ کان ٻاهر ٿي ويندو هو، تڏهن دادا گيت ويهي ڳائيندو هو، يا نه اسان کي سنتن جون مٺيون ڳالهيون ٻڌائيندو هو نه ڪيئن نه اُنهن سوين سور ۽ سختيون سهي به پنهنجي پريتم کي ڪين وساريو. اوڏي مهل ائين پرتيت ٿيندو هو جڻ نه دادا بلڪل ٺيڪ آهي.

وقت ته دادا هلندڙ گاڏيءَ کي هٿ جهلي به پيو گڏ هلندو هو! ڪهڙو نه پيار هو دادا جي دل ۾! گاڏي ته وڇوڙو وجهي، نرموهين جيان اڳتي اڳتي ٿي هلي، پر منهنجي دل اُن ڪسان به تکڙو پنيان پنيان ٿي اُڏامي! ڪنهن ويل اهو وچار ايندو هوم ته منهنجي جيون جي گاڏي ڪونه ٿو دادا هلائي، جو مان ايترو ٿي اُڌير ٿيان ۽ روئان؟ پر وري به سنيهه، سهاٽپ کي يڪي، روئاري ڇڏيندو هو. ويوگ جو دک ته ڪيول سنجوگ سان ئي لهي سگهندو! جي دادا جو سنجوگ هو ته زندگي سرسبز ۽ سائي هُئي ۽ جي دادا دور هو ته سنسار ئي ويران هو. دادا جي پيار ۾ الاجي ڪهڙي آڪرشت شڪتي هُئي جا چقمق جيان پيئي هردي کي ڇڪيندي هُئي. اُن ڇڪ ۾ هڪ مٺو درد هو، جو ڳوڙها به ڳارائيندو هو ته سک ۽ سُڪُون به ڏيندو هو! وري به شڪر جو دادا جا مٺا ۽ پريم پريا پتر پيا مون وٽ ايندا هُئا، جي پڙهي سنجوگ جي سک اَنڀو ڪرڻ جا مٺا سپنا لهندي هُئس ۽ دل کي ڏڍ ڏيندي هُئس.

ڪماري مارٿارُوٽ

دادا جي پيار ته بيشمار دلين کي ڇڪي قابو ڪيو هو. ڪماري مارٿارُوٽ، بهائي ڌرم جي هڪ پيرڻ، نيو يارڪ (اَميريڪا) مان ڪراچيءَ آئي. وقت به وقت بهائي ڌرم وارا دادا کي پاڻ وٽ ڪوٺائيندا هُئا ۽ سندن پيغمبر ۽ وليءَ بها الله ۽ عبدال بها ۽ بهائي مذهب تي ڪانئس وياکياڻ ڏياريندا هُئا. مارٿارُوٽ هڪ ليکڪا ۽ اُپديشڪا هُئي. ڪراچيءَ ۾ هوءَ دادا کي ملي. دادا بابت هن پيرڻ گهڻو ڪجهه ٻڌو هو. هينئر هوءَ خود ڪيس اَچي صبوح شام ستسنگ ۾ ٻڌندي هُئي. جوڳي جادوگر دادا جي پيار جو جادو هن پيرڻ تي به گهرو لڳو. هوءَ دادا سان خانگي طور پڻ ملندي هُئي. هن جو ميران اسڪول جو ٻڌو، سو دادا کي وينتي ڪيائين ته مان به جيڪر اهو اسڪول ڏسان ۽ ڪجهه

به وقت ۾ ڪيترو نه وقت هو ڪراچيءَ ۾ رهي سگهيو ٿي. ان ويچار کان هن هڪ پلاٽ خريد ڪيو. ان لاءِ اڏاوت جو ڪم اچا چالو ئي هو ته ولائت ۾ اچي جنگ لڳي، جنهن جو اثر سڄيءَ دنيا ۾ پارت ٿي نه اچي ٿيو. سيمينٽ ملڻ ئي مشڪل ٿي پيئي. پر اڳيان نه جشن هو! سو سيمينٽ فئڪٽريءَ جي مالڪن سان ملي، پنهنجو جلوو ۾ جمال استعمال ڪري، سيمينٽ جون ڳوٽيون ورتائين. اها دلاپ شيءِ مٿان رستي ٽان ئي اکو قلو ٿي وجي، تنهن ڪري جشن پاڻ ان ٽرڪ ۾ چڙهي ڪٽي آيو ۽ سڪ سان جڳهه جي اڏاوت واري هنڌ آئي، سب سيمينٽ جون ڳوٽيون لهرايائين. چو نه دادا به ان وقت اُت اچي سهڙيو. جشن کي سيمينٽ جي ڏدڙ ۾ پريل ڏسي ڏاڍو خيال ٿيس. جشن جهڙو پڙهيل ڳڙهيل ۽ مهان، سو هيئن ڏدڙ ۾ پريو پيو هجي، سو دادا ڪيئن ٿي سهن ڪري سگهيو؟ ترت پنهنجي کيسي مان وڏو ويڪرو رومال ڪڍي، پنهنجي هٿن سان منهن ۾ مٿو اُگهي صاف ڪيائينس. جشن سڄو ڏينهن ٻاهر رهيو هو ۽ ماني نه کين کاڌي هئائين. سو دادا ماني گهرائي پنهنجي نرمل هٿن سان ڳتيون ڪري کارائس ۽ پنهنجي اَسيم پيار سان جهڄهي ڇڏيائينس.

عجب ڏنهنجو پيار دادا

دادا، جي حيدرآباد کان ٻاهر ڪراچيءَ ويندو هو ته مون لاءِ وچوڙي ۾ وقت وڏي پوندو هو. مون کي ميران اسڪول جو ڪم ڪرڻو پوندو هو. پر دادا کان دور رهڻ ڪٺن ٿي پوندو هو. سب ڪجهه بسو پيو لڳندو هو. سو ڇنڇر ڏينهن مان خوش ٿيندي هلي ويندي هئس ڪراچيءَ. پر موٽندي هئس نه ٽرين ۾ لڙڪ وهائيندي ايندي هئس. ڪيترا ڀيرا نه دفعا پيارو دادا خود مونکي ڪراچي اسٽيشن تي ڇڏڻ ايندو هو ۽ پيار وچان دلداري ڏيندو هو! پر ٽرين ڇٽندي مس هئي نه مان اُتي ئي پيئي ڳوڙها ڳاڙيندي ۽ سڏڪا ڀريندي هئس. ڪجهه

مٿس ايٽري ته ڪرپا ٿي، جو منجهس ڪويتا جي ذات اَچي ڪُلي ۽ هوءِ سنڌ ر گيت لکڻ لڳي. هن شاهه، سامي، سچل وغيره خوب پڙهيا هئا، سو سنڌس ڪويتائن مان به سنڌ جي اُنهن پرسڌ ڪوين جي سڳنڌ پيئي ايندي هئي. ڪلان، ميران سنڌي اسڪول جي هيڊماستريائي ٿي. رتنيءَ شادي ڪئي ته انجي جاءِ تي ڪلان سنسنگ ۾ باجو وڄائي گيت ڳائڻ لڳي. موهنيءَ موهل ڪيلن ۾ پاڳه ونند يون هيون. ليلان وري رڌڻ ۽ سبڻ ۾ هوشيار ٿي. ڪڏهن ڪڏهن دادا کي پستن بادامين جو وڙو ۽ سڱر نـاهي کارائيندي هئي. رتنيءَ تي دادا جو گهڻو اُرواح هو. جڏهن سنڌس شادي ٿي ته دادا، ڊاڪٽر هيرانند کي صلاح ڏني ته پنهنجي جڳهه جو هڪ ٽڪرو رتنيءَ کي ڏاجي ۾ ڏئي. سنڌس شاديءَ ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڪابه چڪتاڻ يا بول ڪين هئي. نوجوان ڪيمو ملڪاڻي، رتنيءَ جو پريمي هو. هو بيحد خوش هو تـه ڪيس رتني ٿي ملي. هن لاءِ رتني رتن هئي، سڀ ڪجهه هئي. پر دادا چاهيندو هو تـه ڌيئرن کي شاديءَ وقت مان شان سان وداءِ ڏجي. ڪين هوند ساروُ ڏاجو، مٽيون، ڪپڙو وغيره چڱيءَ طرح ڏجي.

ڊاڪٽر هيرانند، دادا کي پنهنجي پتا سمان سمجهندو هو. سو سنڌس اِڇا پوري ڪرڻ جو وچن ڏنائين. دادا به سنتشٽ ٿيو ۽ ايٽرو به چيائين ته ٿي سگهي تو ته ڪنهن وقت مان رتنيءَ جي جڳهه ۾ اچي رهان. سالن جي سمي کان پوءِ دادا جا مٿيان وچـن سـت ٿيا. سنڌي لاج ڇڏي، ١٩٣٩ع ۾ دادا هڪ ڏينهن ڊاڪٽر هيرانند وٽ وڃي پهتو ۽ اُتي راس رهڻ تي راضي ٿيو. ڊاڪٽر ڪيس مٿي رتنيءَ جي ماڙيءَ تي رهايو. رتنيءَ جو ٽڪر الڳه هو ۽ دادا کي الڳه جوڳي جاءِ ڏني ويئي. دادا جي هڻڻ سان رتنيءَ جي ماڙي چمڪي اٿي.

سکان. دادا به کيس پاڻ سان ڪراچيءَ مان حيدرآباد وٺي آيو ۽ اُتي اِسڪول ڏيکاريائينس ۽ ڪاروبار مان واقف ڪيائينس. مارٽارُوٽ ميران بالڪين کي ڏاڍي پيار ۽ قرب سان مليو. دادا جو اُنوکو پيار پائي هوءَ اُهڙو ته پرڀاوت ٿي هئي جو سندس ساري مان ڀاڄي ئي نه ٿي. وڃڻ وقت اِسڪول جي رمارڪ بوڪ ۾ لکيائين ته "دادا جهڙيءَ آتما کي ملڻ لاءِ ست ساگر پار ڪرڻ به وڏي ڳالهه نه آهي!"

آدل بدل جي راند

دادا جي من جي پرستي اُهڙي ڪا هئي جو هو ساڳئي گهر ۾ گهڻو وقت ٽڪندو ڪين هو. دنيوي اِنسان جي اِئين ڪن ته انهن لاءِ چئبو آهي ته پير ۾ چڪر اٿن. پر دادا جهڙيءَ آتما لاءِ ائين چوڻ اُچت نه ٿيندو. پر اها حقيقت آهي ته دادا هڪ هنڌ نه ڇڏيو پر ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ به ساندهه ڪين رهندو هو. نامرنگر ۾ گهڻيئي ڪوٺيون هيون. سو جيئن موج ايندي هئس تيئن پيو ڦرندو هو. هن شايد سيني ڪمرن ۾ رهي، انهن ۾ پوڄا پرارٿنا ڪري، انهن کي آسيس ڏيڻ ٿي چاهي. نامرنگر کان پوءِ وارو آيو سٽي لاج جو. تنهن وچ ۾ به ٿي راليون ڪرشن هال ۾ به ٽڪيو. هاڻ وري ڊاڪٽر هيرانند هاٿيراماڻيءَ ۽ سندس ڪٽنب جو وارو وريو جو دادا ڪجهه سمي لاءِ پنهنجو ديرو اُتي دمايو.

ڊاڪٽر هيرانند

ڊاڪٽر هيرانند جو ناتو دادا سان ڏاڍو مٺو ۽ قرب وارو هو. هو ستسنگ ۾ روز ته ڪين اچي سگهندو هو، پر سندس ڪٽنب جا ڀاتي، سندس ڌرمپتني مٺري ۽ سندس ڌيئر: رکمڻي، ديوڪي، ڪلان، ليلان، موهني ۽ سوملي سڀ نيم سان ستسنگ ۾ ايندڙيون هيون. رکمڻي ستسنگ ۾ ڳائيندي هئي. ديوڪي ٽولارام اِسڪول ۾ ماستري ڪندي هئي، پر دادا جي

۽ ڏيهي انڌيري ۾ آڪاش ۾ جدا جدا تارا پرٿويءَ تي پنهنجي جوت جو پرساد موڪلين ٿا ۽ پشچم ڏسا جي سيتل پوَن شرير سان ڪتڪتائيءَ جا ڪلول ڪري ٿي. ان وقت هر جيو، پنهنجا ڌنڌا ڌاڙيون ۽ ڪم ڪاريون ڇڏي، پرٿويءَ ۽ آڪاش جي اُپائڻهار ايشور جي اُستتي ڪرڻ لڳي ٿو. اُن سهاوني سمي، اَسان جي هردي جي ورتمان يگ جو ٻدت ديوتا ”دادا“ پرشانت چهري سان گيتا جو اُپديش ڏيندو هو. وايومنڊل ۾ هڪ اَلوڪڪ شانتي ۽ سگنڌ هوندي هئي. جنهن کي اگر ۽ چندن جو واس ڌوپ پنهنجو واڌو ڏيندو هو. صبوح جو سوريه اُديه جي سمي، اسان جي دلين جو ديوتا ۽ پکين پرندن جو ديوتا، ”دادا“ دکشڻ دشا جي شيت لهر ۾، پنهنجي ڪر ڪملن سان، پيارن پکين کي جوئر ۽ ٻاجهريءَ جا داڻا کارائيندو هو. داڻا به داڻا هوندا هئا. اَناج جون ڳوٺيون ڪليل ڪُڏ تي ليٽايون وينديون هيون ۽ پاسن کان نرمل ۽ سيتل جل جون پائيون رکيون وينديون هيون. ڪبوترن ۽ ڪبريسن، جهرڪين ۽ طوطن جا جهنڊن جا جهنڊ اُڏامندا، ڦرڦر ڪندا ايندا هئا ۽ انهن آزاديءَ سان اُچي چوڳو چڳندا هئا جڻ ته سندن ئي گهر هو. ۽ هو به ڇو نه؟ پکي دادا جا پيارا هئا، ۽ پيارن کي ته گهر ۾ نه، پر دل ۾ وهاريو آهي! وقتي ته دادا پنهنجي ترِيءَ تي اَن جا ڪڻا رکندو هو، جي همت وارا پکي مزي سان وٺس اُچي کائيندا هئا. شايد دادا کين اڳيئي اَڀيه دان ڏيئي ڇڏيو هو.

ڪُڏ جي ڪنڊ ۾ دادا جي ڪوٺي هوندي هئي. ڪئين دفعا، دادا ڪُڏ جو در اندران بند ڪري، اڪيلو ئي اڪيلو پکين کي کارائي، پوءِ ويهي ساڻن پنهنجي ڀاشا ۾ روح رهاڻيون ڪندو هو. ڪي پنکي دادا سان رلي ملي ڪيس به هڪ پکي ئي ڪري سمجهندا هئا ۽ چوڳو چڳي پنهنجا پنک پکيڙي هي پيارا پکيڙو، پرواز ڪري ويندا هئا. هن شرير جي اندر به

ڪرشٽ ڪنج

پوري وقت ۾ ڪراچيءَ جي بندر روڊ ايڪسٽينشن ۾ دادا جي جڳهه جڙي راس ٿي. جڳهه ٿي نسام ڪرڻ وقت دادا سري ڪرشن ۽ سري ڪرائيسٽ، جن کي هو پريم مان پوڄيندو هو. تن جو دل ۾ ڌيان ڪري ۽ ٻنهي نالن (ڪرشن ۽ ڪرائيسٽ) جو سنگم ڪري، جڳهه تي نالو رکيائين "ڪرشٽ ڪنج." سنسنگ جي وچار کان ڪرشٽ ڪنج ۾ هڪ وڏو هال ٺهرايو ويو هو، جنهن ۾ سفيد سنگمرمر جو ٿلهو جوڙايو ويو. ان ٿلهي تي ويهي دادا پنهنجا اُپديش ڏيندو هو. صبوح شام ڪرشٽ ڪنج ۾ نام جي ڌن لڳي ويندي هئي. ڇنڇر شام جو انگريزيءَ ۾ گيتا ڪلاس وقت نه ڪرشٽ ڪنج جو درشيه ڏسي اؤر ٿي پوندو هو. هر جاتيءَ جا پريمي، دادا جي مکاروند مان، سري ڪرشن جو گيتا گيان شروڻ ڪرڻ ايندا هئا ۽ ڏاڍو گد گد ٿي موٽندا هئا. مان جڏهن ڪراچيءَ ۾ هوندي هئس، تڏهن ان ڪلاس ۾ شامل ٿيندي هئس. نماشام جو جڏهن سنگمرمر جي ٿلهي تي ويٺل دادا جي سندر ۽ چمڪندڙ چهري ڏانهن نهاري، سندس اُپديش ٻڌندي هئس، تڏهن مون کي پوُرب ڪال جي گوتم ٻڌ جي پرتيما، ٽئين اکيان نچندي نظر ايندي هئي. هو نه ڪيول منشن کي اُپديش ڏيندو هو پر سندس پروچن ٻڌڻ لاءِ ديولوڪ جا ديوتائون به اچي اُتي اُپسٿت ٿيندا هئا. هاڻ هن ورتمان ڪال ۾ به مون کي ديوتن ۽ فرشتن جو دادا اڳيان اَدرشٽ روپ ۾ اُپسٿت ٿيڻ جو اَنڀوُ ٿيڻ لڳو. منشن کان سواءِ ديوتائن کي به گيان اَمرت پان ڪرڻ جي اَڀلاشا اُٿڻ ٿئي ٿي.

پيارا پکي

ڪرشٽ ڪنج جي ٻي به هڪ وشيشتا هئي. ان کي مٿي هڪ وشال کليل ڪوٺو هو، جت ڪڏهن ڪڏهن گيتا ڪلاس ٿيندو هو. سنڌيا جي سندر سمي، ڏينهن رات ۾ بدلجي ٿو،

پاڻ سان هڪ نوجوان ساٿي به وٺي وڃو جو وقت بوقت توهان جي شيوا ٽهل به پيو ڪندو. تنهن کان سواءِ سري لنڪا ديش کي توهان جي سنڌ يش جي به آوشڪتا آهي. پر پوءِ هيءُ ٽڻ ناهيو آهي، سو اوشيه وڃو."

دادا کين سانت ۾ ٻڌو ۽ ڏنائين ته هنن ٻنهي پيارن جي ڳالهه ۾ وزن هو. سو تياري شروع ڪيائين. جشن ڪراچيءَ ۾ هو. هو M.Sc پاس ڪري ڪراچيءَ جي D. J. Sind College ۾ ليڪچرار هو. تنهن کان سواءِ انگريزيءَ ۾ "ايڪسيلشير" نالي اخبار ڪڍندو هو، جنهن جو پاڻ سمپادڪ هو. دادا کيس تار رستي حيدرآباد گهرايو ۽ چيو ته مون سان سيلان هلڻ لاءِ تياري ڪر. جشن کي سهجيٺي دادا جو سنگ ٿي مليو. تنهن کان سواءِ سري لنڪا جي سندر ۽ اتهاسڪ ديش جي سئر ۽ سفر جو سهڻو ۽ سونهري وجهه ٿي مليس. ان کان مٿي پيو کيس ڇا کپندو هو؟ سري لنڪا، جنهن مٿان سري رام، سيتا، لڪشمڻ ۽ هنومان جي آسيس ٿي، جت راجا اشوڪ جا ٻئي سپتر، مهند ۽ سنگمترا پهچي چڪا هئا، جت گرو نانڪ ديو پنهنجا پوتر چرن گهمايا هئا، ان سري لنڪا جي ديش جو سڏڙو سندس ڪنن کي ڏاڍو مٺو لڳو. سو هن ٻنا دير تياري شروع ڪري ڇڏي.

دادا ۽ جشن سان گڏ، شانتي منگهنمل، ستي ٻگومل ۽ شانتي ٻه سفر ۾ شامل ٿيون. سنه ١٩١٠ع ۾ دادا، جرمنيءَ ولائت ڏانهن وڃڻ ڌرم سميلن ۾ ٿي پارت جو پرتيندي بڻجي ويو هو. هيئنئر ٢٩ سالن کان پوءِ، پرپوري کيس پارت جي پراچين رشين جو سنيهو ڦهلائڻ لاءِ سيلان ڏانهن موڪلي رهيو هو.

پنجئي ڄڻا حيدرآباد مان ٽرين رستي بمبئيءَ ويا. ڊاڪٽر ٽارومل سندن رهڻ جو بندوبست بمبئيءَ ۾، شري هيرا، ريلوي

آتما روپي پرديسي پکيڙو آهي، جو هڪ ڏينهن پنهنجي جيون جو ڪرتويه پورن ڪري، پنهنجي سچي ڌام ڏانهن اڏامي ويندو! پيارو دادا به گيتا ڪلاس ۾ ورور ڪري اهائي سکيا ڏهرائيندو هو ته توهين نه جسم سروپ آتما آهيو. توهين اجر ۽ امر آهيو. ڪيول توهان جا شرير ئي پراڻا ٿيندا، جن کي هڪ ڏينهن ٽياڳي، توهين پنهنجي نج گهر ڏانهن راهي ٿيندا. توهين ياتري آهيو ۽ هن سنساري گهر ۾ ٿورن ڏينهن جا مزمان آهيو.

وقتي نه دادا پکين کي ڏسي خوشيءَ ۾ اچي گيت ڳائيندو هو. هڪ گيت ۾ چيو اٿائين:-

"آکيرو اڏيان ٿنهنجي اکڙين ۾ ....
ڪبوتري آهيان، نا ڇڏجانءِ،
رحم پنهنجي ۾ ٿوري اڏجانءِ!"

ڪو ڀاءُ يا ڀيڻ ڪنهن ڪشت ۾ اچي ڪڙهندو هو ته دادا اُنکي صلاح ڏيندو هو ته پيارا، اِتون پکين کي پنهنجي هٿن سان اَن ڪاراءِ ۽ پاڻي پيئار. نه رڳو ايترو، پر هر پراڻي ماتر، ڪولين ۽ ماڪوڙن کي به ڏارو ڏي ته ٿنهنجو ڪشت ٽري.

سري لنڪا ياترا

سنه ١٩٣٩ع جي وارتا آهي. مئي مهنو هو. دادا حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر هيرانند جي گهر رهيل هو. چڱي گرمي هئي. دادا جي طبيعت ڪجهه ڍلي هئي. پاوي اچي ٻڌي جو مئي مهني ۾ سيلان (سري لنڪا) ديس ۾ - International and Inter Religious retreat and Conference ڪوٺائي ويئي. ان ۾ دادا کي ڪوٺ ٿي ته توهين اچي شامل ٿيو ۽ ڀاشڻ ڏيو. ڊاڪٽر ڏارومل ملڪاڻيءَ کي اُن ڳالهه جي سڌ پيئي. کيس اِها به خبر ملي ته دادا جي صحت سوسٺ ڪين آهي. سو پاڻ ۽ ڊاڪٽر هيرانند گڏجي کيس صلاح ڏني ته "دادا، توهان لاءِ هي سونو وجهه آٿو. مٿان هٿان وڃايو. سمنڊ جي مسافري ڏاڍ وفائدو پهچائيندو.

سونهري سنگترائيءَ مان بدلجندو پورو ڪڪر ڪاريٽرو ٿي ويندو هو ۽ ساگر جي جل جو رنگ به اِئين ئي ڦرندو ويندو هو. ڌيري ڌيري آڪاش ۾ تارا ٽمڪندا ظاهر ٿيندا هئا ۽ ڏسندي ڏسندي چوطرف اوندهه اندڪار ڇانئجي ويندو هو، ڪيول آسماني تارائي پنهنجي جوت جو پرڪاش ڏيندا هئا. ٿوري ئي سمي کان پورب ڏسا کان چندرما پنهنجو چمڪندڙ چهرو ڏيکاريندو هو ۽ ڌيري ڌيري مٿي چڙهندو هو ۽ ساگر جي سيني تي جهاز تائين هڪ روپي ڪرڻن جي، لهرن ۾ اُلڏندڙ چادر وڇائي ڇڏيندو هو. لهرن ۾ چندرما جا چمڪندڙ ترورا نيٽڻن ۾ نُور پرڪاش ڪندا هئا ۽ دادا، جشن ۽ ٻنهي ٻچڙن جي آتما کي آنند ۽ اُلهاس اُتپن ڪندا هئا. دادا ۽ جشن ته ڪيترو ڪيترو وقت اڪيلا اڪيلا، ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي، قادر ۽ سندس قدرت تان پيا ٻلهار ٿيندا هئا.

اهڙيءَ طرح هنن پنجن پيارن، سک ۽ شانتيءَ سان، سمنڊ جو سفر سماپت ڪيو. جهاز صبوح جو ڪولمبي بندر تي پهتو. ڪيترائي سنڌي ڀائر ڀينر، دادا جي سواگت لاءِ بندر تي اچي سهڙيا هئا. پريس جا عيوضي پڻ حاضر هئا. جن دادا کان پنهنجي پترن لاءِ سنيهو گهريو. ٻئي ڏينهن سيلان ڊيلي نيوز ۾ سنيهو ڇپيو ويو، جنهن جو ترجمو هي هو:

سيلان لاءِ سنيهو

اَءِ سيلان نواسيو! مان توهان وٽ ڌاريو ٿي ڪين ٿو اچان، پر هڪ متر جيان، هڪ ڀاءُ جيان اچان ٿو. ڪولمبي ۾ نه ڪيول اوهانجي سندر ۽ وشال دلين منهنجو ستڪار ڪيو آهي، پر پرڪرتيءَ جي ڊگهن ڊگهن ساون ورکشن پڻ مون لءِ آسيس ڪئي آهي. ماتر ڀاري به هڪ سندر ۽ وشال ورکش آهي. پر افسوس! دنيا هن وقت اوندهه ۾ پئي ڀٽڪي، ۽ هڪ نئينءَ وشو يڳ جو پڙاڏو پيو پئي جي. يڳ ۽ ايشيا جا ڪمل مکڙا ماڻهن آهن

آفيسر جي گهر ڪيو هو، پوري وقت تي سيٺيءَ سيلان وڃڻ لاءِ جهاز ۾ چڙهيا.

ساگر جو سفر

جهاز لنگر کنيو ۽ ڏيري ڏيري بمبئيءَ بندرگاهه کان دور دور هٽندو ويو. جهاز سان گڏ ڪيترا سمنڊ جا پکي (Sea gulls) به اُڏامندا ٿي هليا ۽ جڏهن اُڏامي ٿڪا ٿي، تڏهن آسائش وٺڻ لاءِ اچي ٿي جهاز جي جهنڊي تي ويٺا. اِنسان به جڏهن سنسار جي مزن ماڻڻ مان ٿڪجي ٿڪ ٽُٽي ٿو، تڏهن اچي گروءَ جي چرنن ۾ وشرام پائي ٿو.

جهاز پنهنجيءَ مڌيم رفتار سان ساگر جي سيني کي چيريندو، اڳتي اڳتي هلي رهيو هو. هي پنج ئي پريوءَ جا پيارا، ڪڏهن ڊيڪ تي اچي اٿاهه ساگر جي لهرن ۽ هوائن جو آنند ماڻيندا هئا. دادا سائين روح اُتاريندڙ رهاڻيون ڪندو هو، جي هي ڌيان سان ٻڌندا هئا. شهرن جي شور کان دور، هو نويڪلائيءَ ۾ ويهي، پريوءَ ۽ سندس پرڪرتيءَ جو چنتن ڪندا هئا. ڪڏهن ستسنگ ڪندا هئا ته ڪڏهن دادا جا مٺا گيت ٻڌندا هئا.

جهاز اُتر کان دکن ڏسا ڏانهن هلي رهيو هو. ساگر جو رنگ ڪڏهن ساؤ ته ڪڏهن نيلو، ته ڪڏهن سياهه پاسڻ ۾ ايندو هو. مٿان نيلي آڪاش ۾ ڪٽ ڪٽ ڇڙا پاڙا ڪڪر به عجيب غريب صورتون اختيار ڪري بيهندا هئا. دکن ڏسا کان جهڙ جهڙ ڪري ايندڙ هوا سندن شرير کي لرزش ۾ آڻيندي هئي ۽ جهاز کي ڪڏهن هيڏانهن، ڪڏهن هوڏانهن لوڏيندي هئي.

پيارو جشن ۽ ٽيئي پيرون پياري دادا جي نويڪلي ۽ آنند دايڪ سنگ ۾، ۽ قدرت جي گود ۾، ستين سورڳ جو سک اُنڀو ڪرڻ لڳا. سنڌيا جو سوريه ديوتا جڏهن پشچم ڏسا، اُفق ۾، ڏيري ڏيري ساگر جي سيني ۾ سمائجي ويندو هو تڏهن پرڪرتيءَ جي سونهن دلفريب هوندي هئي. آڪاش جو رنگ

۽ مون گوتم ٻڌ ڏي نهاري چيو: "گرديو! ڏي مون کي ڪو پيغام جو اڄ مان هتي جي ماڻهن کي ڏيان". ۽ مون ائين سمجهيو ته ان مورت مان گوتم ٻڌ مونکي چيو: "اي منهنجا ٻالڪ، وڃي ڏي تون لوڪن کي هي پيغام: "جوت جڳايو! پريم ۽ سک جي جوت جڳايو!""

هيمنداس جي سندر بنگلي ۾ نام جپي نرمل ندي وهڻ لڳي ڇو ته روز ستسنگ ۽ دادا جو مٺو اپديش ٿيڻ لڳو. تنهن کان سواء ڪولمبي ۾ جدا جدا هنڌن تي ٻه دادا جا ليڪچر ٿيا. کيس نوان پريمي پڻ مليا.

ڪولمبي ۾ ڪيترائي مندر ۽ وهار آهن، جن ۾ گوتم ٻڌ جا آڪرشڪ پتلا گهڙيل ۽ تصويرون چٽيل آهن. مندرن جي چئني طرفن کان سندر باغ، ساوا گاهه ۽ ڊگها گهاٽا ورڪش پوکيل آهن. وهارن ۾ ڀڪشو رهن، جي انگ تي پيلا انگرکا پهرين. سندن آهار الپ، ننڊ الپ ۽ ٻولڻ الپ، ۽ سندن مکن تي ڌيمي مشڪ ۽ چهرن تي گنڀيرتا رهي ٿي. هڪ ئي منتر جو جاپ ڪن: "ٻڌم شرڻم گڇامي،" يعني "ٻڌ جي شرڻ مون ورتي آهي." دادا انهن سادن، نماڻن ڀڪشن سان ملي ڏاڍو پرسن ٿيو. کيس هڪ وڏي مندر ۾ وٺي آيا. مندر جي پوڄارين ڪاڻس ڪجهه کين گهريو. هنن کيس ڪيول ائين چيو ته توهين ٻڌ جي چرڻن ۾ هڪ شرڌا جو پشپ رکو. دادا ڏٺو ته ان مندر ۾ ڪيترائي پوڄاري پئي آيا جن مان هرهڪ ٻڌ جي چرڻن ۾ هڪ پشپ رکي ساشٽانگ پرڻام ڪري هي وچن ٿي ٻوليا: "ٻڌم شرڻم گڇامي." دادا اهو منظر ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو، وشيش طور ان ڪري جو اُتي پوڄارن جي گهر گهر ڪين هئي، جيئن اڪثر ڪري هتي مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ ٿيندو آهي.

هڪ ڏينهن دادا ڪولمبي ۾ هڪ وڏي، لنبي، سانتيڪي سرگس ڏٺي جا ٻڌ جي ياد ۾ هئي. ماڻهن مک مان سانتيڪي

وسار يا. سندن درشن دلين مان ڪڍيو اٿن. ان ڪري اسان کي هينئر وشو، هڪ واسديو جو ڪٽنب نه ٿي پرتيت ٿئي. اچو ته اسين هڪ مٽري ۽ پريم جي پل ٺاهيون. سيلان جا ڀائر ۽ ڀينر! مان اوهان کي نمسڪار ڪريان ٿو. دنيا ڦٽيل آهي. پر اهي ڦٽ تڏهن ڇٽندا جڏهن پريم ۽ ستيه جي شڪتي وڌندي. شل وڌي، وڌندي رهي!“

پاوي اهڙي آڇي بڻي جو جنهن پاڻ خاص سنڌ ۾ آڇي دادا کي سيلان لاءِ ڪوٺ ڪئي، سو وشواس يوگيه نه نڪتو. هن سميلن بابت بناوٽي ڳالهيون ڪيون هيون. پر هن بهاني ڪري دادا سيلان ۾ وڃي سگهيو.

دادا ۽ سندس ٽوليءَ کي ڪولمبي جي سمنڊ ڪناري جي سامهون، سيٺ هيمنداس جي سندر بنگلي ۾ رهايو ويو. هيمنداس کي سنتن لاءِ پيار هو، سو هن ڏاڍي سڪ ۽ شرڌا سان دادا ۽ سندس ساٿين جي شيوا ڪئي. شام جو دادا کي گوتم ٻڌ جو سندر مندر ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو. ان مندر ۾، ڀِن ڀِن ڪلائن وارين گوتم ٻڌ جون پرتيمائون هيون، جي سونهن ۽ ڪشش ۾ هڪ ٻئي کان وڌ هيون. سندس سمست جيون جي ڪهاڻي انهن مورتين ۾ شلپ ڪلا جي روپ ۾ پرڪاش ڪئي وئي هئي. هڪ پتلي ته دادا کي ايترو ڇڪيو جو اُن کي ڏسي هو ڏاڍو پرڀاوت ۽ گدگد ٿيو. ائين ٿي لڳو ڄڻ ته ساڪيامڻ گوتم ٻڌ پنهنجن نرمل نيڻن سان نهاري، آسيس ڏيئي رهيو آهي. مندر ۾ (Adam's Peak) آدم ٽڪريءَ جي هڪ نهايت من موهڪ پرتيما هئي، جنهن لاءِ ٻوڌي ڌرم وارن جو چوڻ هو ته اُهي گوتم ٻڌ پنهنجا ڪمل چرڻ ڌريا هئا. اهو آستان ڪرستانن ۽ مسلمانن کي ٻڻ پيارو آهي ۽ نهايت سندر آهي.

دادا ان تصوير جي باري ۾ جي شبد چيا سي هتي ڏجن ٿا: ”اها من موهيندڙ تصوير منهنجي دل اندر گهڙي وئي،

ويا هئا. ڪولمبي لهڻ شرط ڪين هيءَ سندر سنيهو لکي موڪليائين. سندن جي پيار ۾ ڪِنڊي نہ سچائي آهي ڇو تہ سندن جو پيار نرمل آهي، خود غرضيءَ کان خالي آهي.

هت هُت اِڪ رام رمي،
شل نام ۾ منهنجو منڙو نمي.
رهان روز شل اِڪ کي ياد،
نُوري رهان شال آتم آباد.

دادا ڀلا اُن ملڪ ۾ اچي پهتو هو، جتي شري رام پنهنجا ڪمل چرن گهمايا هئا. سڀاويڪ هو تہ سندس ويچار وري وري شري رام ڏانهن وڃن. تنهن کان سواءِ شري رام لاءِ پيار تہ سندس رڳ رڳ ۾ هو سو اِهو پيار سندس سنيهي ۾ اچي چمڪيو.

سنت جي ساڌو واسواڻيءَ، ڪولمبي جي باشندن ۾ چڱو اُتساهہ جاڳائي ڇڏيو. سندن مُکن تي هاڻ ساڌو واسواڻيءَ جو ئي نالو هو. جيڏانهن وڃ اُت ساڌو واسواڻيءَ جي ئي وائي وات هئي. ڪي کيس سنت ڪري سمجهڻ لڳا تہ ڪي ودوان پروچني، تہ ڪي جوڳي جادوگر تہ ڪي منجهس گوتم ٻڌ جي پرتيما ۽ پرتيڀا پسڻ لڳا! هو بيشڪ صحيح هئا، جو دادا سڀ ڪي هو، سنت هو، ودوان هو، جوڳي جادوگر هو، اوتار هو!

ڪولمبي ۾ ڪل چار سماروهہ ٿيا جت دادا انگريزي ڀاشا ۾ پنهنجا ڀاشڻ ڏنا. سندس اِسراري اُپديش ۽ وچتر ويچار ٻڌي، ماڻهو وائڙا ٿي ويا هئا. پاڻ ۾ پئي چيائون تہ هن کان اڳ ڇو ڪين ٿمي هي سنت هت آيو؟ جيڪر اسين سندس وڌيڪ لاڀ پراپت ڪريون ها. هينئر تہ هو وڃي ٿو نيوُيرا ايليا (نيوُر يلا) خبر ناهي، ڪڏهن واپس اچي.

نيو يرا ايليا (نيوُ ريلا)

سري لنڪا دويپ ۾ ڪولمبو کان اٽڪل ١٥٠ ميلن جي

سموَهہ ڳان ۾ ٿي ڳايو: "ٻڌم شرڻم ڳڇامي." دادا کي ڏسي خوشي ٿي تہ سري لنڪا جي ماڻهن ۾ گوتم ٻڌ جي سمرتي، تازي ۽ سرسبز آهي. گوتم ٻڌ ڀارت جو هو، پر ڀارت کيس ۽ سندس سنديش کي وساري ڇڏيو آهي. سيلان جي ماڻهن، سنهالين، جي دلين ۾ گوتم ٻڌ لاءِ صدق هو، شرڌا هئي ۽ پيار هو:

دادا جو سنمان

دادا جي ڪولمبي پهچڻ جي ٻئي ڏينهن، سندس سنمان ۾، هڪ شاهي سماروهہ ڪوٺايو ويو. اهو سماروهہ آنند ڪالهج جي وڏي ليڪچر هال ۾ ٿيو. سماروهہ جو سڀاپتي سري لنڪا جو پرڌان منتري هو. ڪيترائي، سنهالي ۽ سنڌي اُچي ڪنا ٿيا هئا. اول اول دادا جو ستڪار ڪيو ويو. پوءِ دادا اُٿي بيهي ڳالهايو. سندس آواز ۾ هميشهہ جيان ميٺاج هو، سوز هو، اُڪير هئي، آتش هئي! جئن جئن دادا ويو ڳالهائيندو، تئن تئن ماڻهن جي دلين کي ويو ڌوڏيندو ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪيندو. ڀڄاڙيءَ ۾ ان مندر جي ڳالهہ ڪيائين جو هڪ ڏينهن اڳہ هن ڏٺو هو. گوتم ٻڌ جو پوُرب سنديش سڻائيندي دادا دل ڀڄائيندڙ شبدن ۾ چيو: "جوت جڳايو! جوت جڳايو! پريم ۽ سک جي جوت جڳايو!" اِهي اَنتم اکشر دادا اُهڙي تہ اُتساهہ ۽ اُمنگہ وچان چيا جو سندس سڄي ڪايا اُچي ڪنبڻ لڳي، سندس ٻانهون ۽ هٿ ڌڏڻ لڳا، سندس مکڙي مان آتمڪ آتش جا اُلا نڪرڻ لڳا، ۽ نيڻن مان نوُراني نور نروار ٿي جهلڪڻ لڳو! اوڏي مهل ائين ٿي پرتيت ٿيو جڻ تہ سوَيم گوتم ٻڌ جي آتما، سندس مکہ مان ٻولي رهي آهي، جڻ تہ وشو شانتي ۽ پريم جي اوتارن جون آتمائون، سندس شبدن دواران منش کي سنديش ڏئي رهيون آهن.

ڪولمبي ۾ دادا کي نوان پريمي ٻئي مليا. تنهن کان سواءِ قدرت جا سندر نظارا ۽ مندر وهار ٻئي دادا کي ڏيکاريا ويا. تنهن هوندي بہ دادا کي حيدرآباد جا ستسنگي وسري ڪين

سفر ڪري رهيا هئا. جيئن جيئن ريل گاڏيءَ پهاڙين جي پاسن کان ڦرندي پنهنجو رستو ٺاهي ورتو، تيئن هنن پيارن ياترن جي ديد ۽ درشنيءَ پرڪرتيءَ جي نون نون درشين جو درشن ڪري، انوکو آنند ٿي ماڻيو. نيٺ اٽڪل پنجن ڪلاڪن جي دلفريب ديدارن واري سفر کان پوءِ هي پيارا، نيوُ رهلا جي ننڍڙيءَ نماڻيءَ اِسٽيشن تي لٿا ۽ گاڏي ڪوُڪ ڪندي، پنهنجي باقي رهيل سفر تي اڳتي اڳتي هلي.

نيورهلا اسٽيشن تي ياٽي گوپالداس، دادا ۽ ٻين کي وٺڻ آيو هو ۽ کين ڏسي ڏاڍو گد گد ٿي ٿيو. سري لنڪا وارن سنڌي ياترن ٻين کي پنهنجي ديش واسين، وشيش طور سنڌين کي ڏسي ڏاڍي خوشي پئي ٿي. انهن دادا ۽ سندس سنگت کي ڏسي اِئين ٿي اَنڀؤ ڪيو، جيئن هڪ تازو شادي ڪيل ڀوُ پنهنجي سسرال ۾ پيڪن کان آيل مائٽن کي ڏسي خوش ٿئي. مارئيءَ به انهيءَ ڪرپا لاءِ ٿي پريوءَ کي پل پل پڪاريو ته اي مالڪ، موُن کي پنهنجا مارو ڍڳا ملاءِ، جن کي ڏسي منهنجو هينئڙو ٺري.

شري گوپالداس ۽ سندس ڪٽنب جي ياٽين جي به اهڙي ئي حالت هئي. هوُ دادا ۽ ٻين کي ڏسي ڏاڍو پئي ٺريا! دادا کي رهڻ لاءِ هڪ شاندار نوينڪلي ڪوٺي ڏني ويئي. جنهن جي ٽن پاسن کان شفاف شيشي جون دريون هيون، جن مان دادا نيورا ايليا جي پهاڙن جو ديدار ڪري ٿي سگهيو. ٽڪ ته ليکيو ئي کين هئائون، جو سفر ڏاڍو سهاونو هو. وٽر جو پهاڙن جي ٿڌي هوا لڳي رهي هئي، تنهن ته سيني جي بدن کي بود ۾ آڻي ڇڏيو. هيمنداس ۽ گوپالداس دادا ۽ ٻين کي موٽرن ۾ ٻاهر گهمائڻ وٺي هليا. ٿوروئي پري، ڏاڍي پاسي کان هڪ رمڻيڪ سرووَر هو جنهن ۾ پهاڙن جو پاڇي دائما ٿي رهيو. شڪر جو اُن ڏينهن دادا جو درشن ۽ سواگت ڪرڻ لاءِ

مفاصلي تي نيو يرا ايليا (جنهن کي اسين نيوُر يلا جي ننڍي نالي سان ڪوٺينداسين) نالي هڪ رمڻيڪ پهاڙي آهي جت آب هوا سيتل ۽ وڻندڙ آهي. دادا جي صحت ۾ فائدو ٿيندو ان خيال سان هيمنداس ڪيس وينتي ڪئي ته دادا ٿورا ڏينهن اُتي رهين، ته هين نه جيڪر اُت هلڻو ۽ هلي هوا پاڻي بدليو ۽ آرام به ڪريو. پياري جشن ۽ ٻالڪين به ڪيس ونايو. دادا ان ۾ شري رام جو راز ۽ رحم سمجهي پنهنجي مڃتا ڏني. تياريون ٿي ويئون ۽ هڪ ڏينهن دادا پنهنجي پيارن سان گڏجي، ڪولمبو ريلوي اسٽيشن تان ٽرين ۾ چڙهي نڪتو. سفر ٿي. هي هڪ ساڌارڻ سفر نه هو پر پرڪرتيءَ جو هڪ اُتي سندر ۽ دل لڀائيندڙ درشيه هو. ڪي اسٽيشنيون لتاڙي، ٽرين پهاڙي علائقن جي وچمان هلڻ لڳي. دادا، دريءَ ڪان دور پهاڙن جو ديدار ڪري رهيو هو. پهاڙ، سوين ميلن ۾ چانهه جي ٻوٽن سان ڇانيل پيا هئا. ائين پئي لڳو ڄڻ ته اهي ساوا پهاڙ، ڀڳ ڀڳ ڪان ائين ئي سائي مخملي پوشاڪ پهري، نت تازا توانا بيٺا آهن. پهاڙن تان، نرمل جل جون ڌارائون هيٺ پلٽجي، ڇگي ويگ سان وهي رهيون هيون. هوا وڌيڪ ۽ وڌيڪ سيتل ٿيندي ٿي ويئي. ساڄي ڏسا کان، دور دور، آڌ ۾ پهاڙيءَ جي چوٽي، ڏاڍي فلڪ سان ڪڙي هئي ۽ دادا کي اُنڪي پاسا ۾ اشارا ڪري رهي هئي. پهاڙن جي لاهين ۽ دامن ۾، سنهالي ناريون، پنيءَ تي ٽوڪريون ٻڌي، ان ۾ چانهه جون پتيون ۽ ڪليون پٽي وجهنديون ٿي ويون. اها چانهه، وگياني طريقي سان تيار ڪري، ڏٻن ۾ بند ڪري، دنيا ڀر جي ملڪن ۾ موڪليندا آهن، جنهن تي سري لنڪا واسين جي جيون جو گهڻو دار و مدار آهي.

دادا، هيمنداس، جشن ۽ ٽي ٻيمرون وڏي شانتي، سنتي ۽ شانتي، ڇهه ئي پيارا ڏاڍي آنند ۽ اُمنگ ۾ ٽرين جو

ڪري سيتا کي ورهائي ڏنو جو سيتا ڏاڍي شرڌا ۽ پريم سان کاڌو.

اَشوڪ بن ۾ دادا جا ويچار، ماتا سيتا ڏانهن ويئي ويا. ڪهڙي سنسان اَستان تي، سيتا ماتا ڪيئن اَڪيلي رهندي هوندي! سي به راڪشسن جي وچ ۾! هتان وري رهزن راوڻ به پيو کيس لالچائيندو ۽ ڌمڪائيندو هوندو. ويچاري ستي سيتا جي، رام بنا، ڪهڙي حالت ٿي هوندي؟ اهو سوچي، دادا پنهنجا پنل نيتر بند ڪري، هي سندر گيت اُچاريو:-

اَشوڪا بن ۾ اَڪيلي ڇمڪي ٿي سيتا،
پسن پر سي، جي جن من آهي جيتا!
چرنن وهي ٿو، پهاڙن جو پاڻي،
پيئن سي تيئن جي نرمل نرماڻي!
چرنن ۾ سيتا، وڌو اُتم ڦل،
قبولين نه ڀيتا تون دل جو ڪمل گل!
نوڙي جهڪائي ٿي چرنن ۾ سيس،
ڏي ماتا اسان کي بخشيش آسيس!

راوڻ جو باغ

اَشوڪ بن ۾ سيتا ماتا جي آسيس وٺي دادا کي راوڻ جي شاهي باغ ۾ وٺي ويا، جنهن کي هاڻ بائنيڪل گارڊن ڪري چوندا آهن. باغ جو نه هو اَنت نه پار! سڄي باغ کي پوري طرح ڏسڻ ۾ جيڪر کي ڏينهن لڳي وڃن. پهاڙي جي دامن ۾ ڏگها ڏگها ورڪش هئا، جن تي عجيب غريب پهاڙي پنڇي لڏي لمي ۽ گيت ڳائي رهيا هئا. وڏا وڏا پارا جن ۾ رنگ برنگي ۽ خوشبودار گل ٽڙيل هئا. گلاب جا گل ايڏا ته وڏا هئا جو هڪ هڪ گل جيڪر ڪليل ٻن هٿن کان به وڌو ٿئي! پهاڙن مان وهندڙ چشما ۽ باغ جي پارن ۾ نرمل جل جا ڦوهارا، باغ جي سونهن وڌائي رهيا هئا.

آڪاش ۾ سوريه ديوتا ٻه ٻادلن کان ٻاهر نڪري آيو. ۽ دادا کي پهاڙن جي شيت لهر کان بچائڻ لاءِ پنهنجي گرمائش ڏيڻ لڳو. سرووَر ۾ ڏهيون ڏيهيون لهرون لڳي رهيون هيون جن تي سوريه جي روشني پوڻ سان چمڪاٽ ٿي اُٿيا. قدرت جي قربانتيءَ گود ۾، هي قادر ۽ قدرت جا ٻالڪ بيحد خوش هئا. پهاڙن جي دامن وارا گهاٽا ٻن، پوُل پلٽيبان جي وچتر پردرشني هئا. ڪير اُندر ويو ته ڪيس ڳولهڻ ٿي محال. پهاڙن مان جل جون ڌاراڻون پئي وهيون. جن جو شفاف سيتل پاڻيءَ ڪل ڪل ڪندو، هيناهينءَ ٿان هاندو، نه معلوم ڪنهن گمنام اُستان ڏانهن وڃي رهيو هو.

سيتا جي اشوڪ واٽڪا

نيٺ دادا کي اُن اُستان تي وٺي آيا جت سيتا ماتا جو مندر هو، ۽ جنهن ڪسي ڪنهن يگ ۾ اُشوڪ واٽڪا ٿي ڪونيائون. مونسرون بيهاري، دادا کي اُت ورڪش وٽ وٺي آيا، جنهن جا پتا ڳاڙهيرا هئا ۽ جنهن جي گهاٽيءَ ڇايا هيٺان پهاڙي پٿرن جي پل ٻڌجي ويئي هئي. چيو ٿي ويو ته سيتا ماتا، روز سويل صبوح جو اُتان وهندڙ صاف پاڻيءَ ۾ اچي اشنان ڪندي هئي. سڀيئي گڏجي اُتي اچي وٺا. گوپالداس ۽ هيمنداس سڀني کي چيو ته توهان مان هڪ هڪ ٿي ڪو ٻه قل، پل جي متئين پاسي کان جل ۾ پرواهه ڪري. جنهن جو قل، پل جي اُندران جل کان تري هيٺئين طرف اچي نڪرندو، سو سڀاڳو سمجهيو ويندو. سڀني واري واري سان قل وڌا پر ڪنهن جو ٻه قل هيٺئين پاسي کان ظاهر ڪين ٿيو. عجب اسرار ٿيو، جڏهن دادا پنهنجي ڪر ڪملن سان جل ۾ قل پرواهه ڪيو، تڏهن جلد ئي اهو قل، پل جي اُندران ترندو هيٺئين پاسي کان اچي نڪري نروار ٿيو! سڀني خوشيءَ مان وٺي ٽاڙيون وڄايون ۽ جشن قل کڏي آئي دادا کي ڏنو، جنهن اهو پرساد

سيڪريٽريءَ کي خط لکندو هو جو اُهو سڀني سٽسنگين کي پڙهي ٻڌائيندو هو. هڪ دفعي هن هي خط پڙهي ٻڌايو:

”هت پهاڙن تي صحت سڌرندي وڃي ٿي. رات جو ننڊ به سٺي اچي ٿي، ۽ شريرَ ۾ شڪتي به اَڌڪ آهي. شل اها سموري شڪتي، سائينءَ جي شيوا ۾ خرچ ڪريان. پياس اَتم نه جلدي اچي توهان سڀني سان ملان. پرڀوءَ جي حڪم ٻنا هڪ پتو به نه چُري، هڪ وار به نه مُڙي! سڀني سٽسنگين کي پيار ڏجو ۽ مون کي آسيس ڪرڻ لاءِ چئجو. آهيان پري پري، ته به سڀن جو داس. ۽ روز صبوح ۽ شام، هت سٽسنگ ۾ ستگر جي چرنن ۾ آهيان اوهان جي پاس! سٽسنگ جي پائرن پينرن تي آسيس! سڄي دنيا تي ستگر جي آسيس! دنيا آهي دکي، شل ٿين سڀ پراڻي سکي! جيوَ جنت شل سڀ رحم ۾ رهن! ملڪ ۽ قومون شل حڪم ۾ هلن!

شيوا ۾ دادا.

هي پتر ٻڌي، سڀيئي سٽسنگي پائر پينر ڏاڍو خوش ٿيا. دادا کان سواءِ هو سڀ ويڳاڻا هئا. خط به اَڌ ڳڌ جاڻي آهي. سو هاڻ هو دادا جي خطن جي انتظار ۾ اُڀي ٿي رهيا.

نيور پلا ۾ برسات گهڻي پوندي آهي. برسات جي وقت نگرواسي، برساتي ڪوٽ ۽ ٽوپ پائي، پيا پنهنجا ڪم ڪاريون ڪندا هئا. پر دادا ٻاهر ڪين نڪرندو هو، پنهنجي ڪمري ۾ در بند ڪري ويهي ڪجهه نه ڪجهه لکندو هو. جڏهن آسمان صاف هوندو هو لڏهن هو پڻ واري باغ ۾ پيو ٽلندو ٽهلندو هو. ٿڌ کان بچڻ لاءِ، دادا گهاٽي نيلي رنگ جو هڪ وڏو شاهي اوور ڪوٽ پائيندو هو. دادا جي سونهن ان وقت ڏسڻ وٽان هوندي هئي. اُن وقت سندس آيوُ سٺ ورهيه هئي، پر لڳندو گهٽ ننڍو هو. رنگ جو گورو، اکيون هلڪي نيلي رنگ جون، ڪوٽ جي نيلي رنگ سان ٺهڪي اينديون

سڀ سپنو

جنهن راوڻ جي راڄ ۾ هڪ هڪ راڪشس سکيو ستيو هو، اُت اَڄ ڪلهه ماڻهن ۾ مفلسيءَ پئي واڪا ڪيا. هو ويچارا ڏتڙيل پئي ڏٺا. دادا جڏهن موٽر ۾ واپس ٿي آيو، تڏهن چيائين: ”پيارا! اَڄ جي سفر مان جيڪر هيءُ هڪ سبق سکون، ته سڀ اَٿوَ سپنو. ڏسو، شڪتي شالي راجا راوڻ جي ڇا ته حڪمراني هئي ۽ ڇا نه باغ باغيچا ٺهرايائين! پر اَڄ پاڻ ڪٿي؟ راوڻ هڪ وير، ودوان، داني، تپسوي ۽ پراُپڪاري پُرش هو. پر پنهنجي اندرين تي سوڀ ڪين پائي سگهيو، ۽ اَيمان ۾ آڪڙجي، ستيءَ سيتا کي ڪيڏو نه ستايائين! پر وري به سڀاڳو ٿيو جو سوامي شري رام جو پاڻ لڳس ۽ پراڻ ڏنائين ۽ شري رام پنهنجي ڪرڪملن سان سندس ديهه جو اَگني سنسڪار ڪيو. شل اسان کي به ڪو سنت سڄڻ اَچي پاڻ هڻي! اَڄ جو سفر سيکاري ٿو ته سڀ اَٿو فاني! سنسار ۾ رهو لائين جڻ ته مسافر آهيو. هت اسين ياتري ٿي سفر ڪرڻ آيا آهيون. وري ڪن ڏينهن کانپوءِ موٽي هلنداسين. پوءِ سري لنڪا جو سفر، سپنو ٿي پوندو!“

صحت ۾ سڌارو

دادا کي نيوريلا پهاڙن جي هوا پاڻي ڇڱو ڀاءِ پيو. ننڊ به رات جو مٺي ٿي آيس. وائي سور به گهٽيس ۽ پهاڙ به ڏاڍو پسند پيس. سو چار ڏينهن گڏ رهيا ته کيس سڀني صلاح ڏني ته دادا، چونه هتي ڪجهه سمو وڌيڪ رهي پئو ۽ پنهنجي صحت به سڌاريو. دادا کي ته هن پرڪرتيءَ جو سنگ ڏاڍو وڻيو، سو ڪولمبو واپس وڃڻ جو ويچار ڪجهه وقت لاءِ لاهي اُتي ئي رهڻ جي مڃتا ڏني، سڀ خوش ٿيا!

هو ڏانهن حيدرآباد مان پائر ڀينر ۽ وشيش طور آشرم جون بالڪيون، دادا کي پتر پڻا لکنديون رهيون. دادا به يادگيري ڪري ڪين اُتر ڏيندو هو. ڪڏهن ستسنگ جي

پنهنجي! سيني مارڳن ۾ هڪ موهن پيو چمڪي."

هن ولائتي ڀيڻ دادا جا هي اَمر وچن ٻڌا تہ دل ۾ ڄڻ لہ گهڙي ويس. نڪي کپيائين، نڪي پڇيائين، سانت ئي سانت ۾ سر جهڪائيندي هلندي رهي.

سنت رامڪرشن پرمهنس ديو چيو آهي تہ ڪمل گل جي سندرتا ۽ سڳند جي پڌرائي ٿورئي ڪئي وڃي ٿي! تہ بہ ڀونئرن ۽ مڌومکين کي اُن جو پتو پئجي ئي وڃي ٿو! دادا جي سڳند ۽ سوڀيا جي هبڪار بہ نيورپلا نواسين کان گهڻو وقت ڳجهي رهي نہ سگهي. ونس کي پاڙ ۽ پيئر گڏجي آيا ۽ اچي چيائونس تہ اَسان لاءِ نہ توهين جيڪر ليکچر ڏيو! سندن قرب ۽ سچائي ڏسي دادا سندن وينتي سويڪار ڪئي. وشيہ هئي "ڌرم ۽ نئون زمانو." پترن دواران اِها پڌرائي ڪئي ويئي ۽ ٻئي ڏينهن تي اهو ليکچر رکيو ويو.

هال جو منچ، سندر نموني ۾ سينگاريو ويو هو. آرنڀ ۾ دادا جو گلن ۽ گيت سان سواگت ڪيو ويو. اهو گيت نيورپلا جي هڪ پريمي ڪويءَ خاص دادا تي ٺاهيو هو. دادا کي ورتمان ڪال جي رسم اَنوسار سوُٽ بوُٽ ۽ نيڪٽاءِ ڪالر تہ ڪونہ پهريل هئا. سو سندس سادگي ڏسي ماڻهن سمجهيو تہ دادا مڙيئي ڪي اکر چوندو. پر جيئن دادا پنهنجي مٺي، مرليءَ جهڙي آواز ۾ ڀاشڻ شروع ڪيو تہ سندن ڪنن تان پڙدا ئي لهي ويا. اکيون ڦاڙي ۽ ڪن کولي ويهي ڪيس ٻڌڻ لڳا!

ڌرم

دادا شروع ۾ پراچين ڪال ۽ ورتمان ڪال جي ڀيٽ ڪئي ۽ پوءِ چيائين تہ مان ڌرم کي هڪ سائنس ڪري ٿو مڃيان. سائنس آهي کوجنا، ڌرم بہ آهي کوجنا. پوءِ تہ دادا، پورب ۽ پشچم جي پرسڌ وگيانن جا نالا، سندن وپونيون ۽ وچن ٻڌايا تہ ڪيئن نہ هنن زوردار نموني ۾ چيو آهي تہ ڀڳوان آهي.

هيون. ۽ وار جو هٿس گهڻو بيدار ۽ ٻنا ڦٽيءَ ڦوڪاري جي، سو هي جوڳي جادوگر پريان ٿي پڌرو ٿي پوندو هو. هو ته هر بات ۾ انوکو هو.

اکڙين ۾ جوت

هڪ ڏينهن جيئن ته دادا باغ ۾ پئي پنڌ ڪيو ته هڪ گوري منڊم به اچي اتان لنگهي. دادا کي چتائي ڏسي چيائين ته توهان جي اکڙين ۾ پيار جي جوت پيئي جهلڪا ڏئي. توهين ڪٿي جا آهيو؟ دادا وراڻيو: پيڻ، مان مالڪ جو هڪ ڪامگار آهيان. سنڌ پرانت مان هت اچي پهتو آهيان، پريوءَ جو پيغام پهچائڻ. هيءَ پيڻ هئي ڪرستان، سو ڪيس ڪيول سري ايشا لاءِ ئي دل ۾ جڳهه هئي. ۽ دادا ته هو هڪ ڀارت جو رشي، جنهن جي وشال هردي ۾ هڪ هڪ اوتار لاءِ اندر ۾ ساڳيو پريم هو. پر هن ڪرستان پيڻ سمجهيو ته دادا کي صرف ڀارت جي اوتارن ۽ سنتن لاءِ ئي پيار هوندو. سو يڪدم چيائين: "توهان مٿان گوتم ٻڌ جو پرچار ڪيو آهي. توهين رڳو سري ايشا جون ئي سندر سکيائون ٻڌائجو. گوتم ٻڌ هڪ دنيوي انسان هو، جنهن شادي ڪئي، ٻار ڄڻيو ۽ راڄائي ڪمائي."

دادا ڪيس سانت ۾ ويٺي ٻڌو. نيٺ چيائين ته: "پياري پيڻ، توهان ئي صلاح ڏني ته رڳو سري ايشا جون ئي سندر سکيائون ٻڌايان. ڇگو توهان سري ايشا جا سندر وچن ياد ڪر ته "پريو آهي پيار!" پوءِ توهان گوتم ٻڌ کي ڀي پيار ڪر نه! جي سري ايشا لاءِ اسان کي پيار رکڻو آهي، ته ان جي سکيائن لاءِ به پيار رکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ کپيئون. پيڻ، مٿان سري ايشا جي هيءَ مهتو پورڻ سکيا وساري اٿيئي. هيءَ باغ ڏس. ان ۾ ڪيترن قسمن جا نه گل آهن. جيئن هر هڪ گل کي پنهنجي سونهن ۽ سڳنڌ آهي، تيئن سري ڪرشن ڀڳوان چوي ٿو ته: "سڀئي ڌرم منهنجا آهن." سڀني کي آهي سونهن پنهنجي، سڳنڌ

هيءُ پريوءَ جو پيارو درويش، ماڻهن جي هيءَ هيٺين حالت ڏسي سندن ويجهو آيو ۽ اچي ڪائنس پاڇو. مان پڇيائين ته پيارا! توهين پاڻ ۾ ڇو ٿا ڪڙهو؟ ڪارڻ پيا وڙهو! ڌرم ته آيو ناهڻ ۽ سونهن ۾ صلح شانتي پردان ڪرڻ ۽ نڪي آيو ڏکارڻ ۽ مارڻ! اچو مون سان. ائين چئي پيار ۾ سڀني کي وٺي آيو هڪ باغ ۾. اُن سندر اُديان ۾ ڀانت ڀانت پرڪار جا پشپ پئي چمڪيا. جڏهن سندن جوش ڍرو ٿيو تڏهن کين هڪ گلابي گلن جي باري ۾ وهاري چيائين ته پيارا! هن وڏي گلابي گل جي سونهن ڏي ته نهاريو! ڏسو: هن گلابي گل جون پنکڙيون ڏسو، ڪيئن نه هنن سڀني پنن جي وچ ۾ هي گل جو سونو مکڙو آهي! سڀئي پتا ان وچ واري مکڙي جي چوگرد آهن ۽ ان سان اُن جڙيا ۽ جکڙيا پيا آهن. تيئن اُتي هي سڀ ڌرم ۽ سنت، هنن گلابي پنن ۽ پنکڙين وانگر. سڀئي ملبل اُتي هڪ سوني، مڌيم مکڙي، مالڪ سان. ڪو به ڪانئس ڌار ڪونهي. سڀئي هڪ مکڙي، پريوءَ مان نڪتا آهن. هڪ ئي ڪٽنب پريوار جا آهن ۽ پاڻ ۾ هڪ آهن! انهن ۾ ڪو به اُنتر ڪونهي! هڪ ئي سُونهن سونهن وارو صاحب اُتي سڀني ڌرمن ۾، سنتن جي وچ ۾. سڀ ڌرم ۽ سنت پيا اُن هڪ سُونهن مکڙي ڏانهن نهارين!" درويش جو اُتم اُڏاهرڻ سڻي، سڀني ڌرمن جي ماڻهن کي لڄ اچي ويئي ۽ پاڻ ۾ ڀاڪر پائي ملي هڪ ٿي ويا. نيو ريلا نگرواسين جي نيڻن ۾ به نرمل نير پرجي آيو ۽ سندن دليون به پڳي پيئون!

ماڻهن پيا به ڪيترا سوال دادا کان پڇيا، جن جا جواب هن کين ڏنا ۽ سندن شنڪائون دور ڪيون.

ناستڪ مان آستڪ

هن سمارو هه ڪسان پوءِ ڪيترائي پائر پينر دادا کي پيا ملندا هئا. هڪ جرمن پاڻ وٽس آيو ۽ اچي چوڻ لڳس ته: "سائين، مان هڪ ناستڪ هوس، پر توهان جي ليڪچر ٻڌڻ کان پوءِ

نيورڪلا جي باشندن جڏهن ڏٺو ته هي سادو انسان، ڪيڏو نه ودوان ۽ مهان اُپديشڪ ۽ گڏوگڏ ڪيڏو نه نماڻو آهي، تڏهن ته دنگ رهجي ويا. سو هاڻ اچرج ۽ ڌيان سان ڪيس وڌيڪ ٻڌڻ لڳا. دادا آتم وديا جي اُپياس تي زور ڏيئي چيو ته اُن لاءِ هي ٽي ساڌن ضروري آهن:-

پهريون ساڌن: **سچ، ستيم**. سچ جو جيون ۾ اُپياس ڪريو. سچ توهان کي مڪت ڪندو. سکي ڪندو.

ٻيو ساڌن: **اُپاسنا**. پرارٿنا آهي جيون جي ڍال، رکشا شستر!

ٽيون ساڌن: **قرباني**. گيتا ۾ هڪ اکر اچي ٿو يگنيه، يعني قرباني. شري ڪرشن، ارجن تي زور ڀري ٿو ته قرباني سِک.

سڀني ساڌنن جي پل آهي **پيار**. پرڀوءَ لاءِ پيار، پنهنجي ڀاءُ ڀيڻن لاءِ پيار، پکين ۽ پسن لاءِ پيار، سڀني لاءِ پيار.

دادا جي هن ڀاشڻ، نگرواسين ۾ ڪافي چاهه ۽ دلچسپي پيدا ڪئي. تنهن ڪري ليڪچر کان پوءِ پرشن اُٿيا. هڪ وڏي وڪيل دادا کان پڇيو ته سائين، جدا جدا ڌرم ڇو آهن؟ دادا جواب ۾ هڪ مٺي ڳالهه ٻڌائي:

سڀني ڌرمن ۾ هڪ ايشور

پهاڙن تان هڪ درويش آيو هڪ شهر ۾. اچي ويٺو وچ بازار ۾. اُت اچي هن پياري نهاريو ماڻهن جي ميڙ ڏي. ماڻهن ۾ جوش! هڪ مسلمان چيو: منهنجو مذهب سڀني ۾ اُتم آهي. هڪ ڪرستان چيو: فقط ڪرستاني انجيل ئي سچو آهي. هڪ هندوءَ وري چيو: هندو ڌرم ئي سڀني ۾ سريشٽ ڌرم آهي. ان واد وواد ڪري اچي ميڙ ۾ تڪرار پيدا ٿيو. اڪرون مان اچي هڪ ٻئي کي ڌڪ ٻڌا هڻڻ لڳا. مطلب ته ڌرم ۽ مذهب جي نالي ۾ وڏو تڪرار ٿي پيو.

جو گڏيل فوٽو ڪڍيو. پوءِ سڀني گڏجي چانهه پيتي. پوءِ هڪ انگريز ڀاءُ اُٿي چيو ته اسان کي خوشي آهي ته سنڌ پرانت جو ساڌ و واسواڻي اسان جي هن نيويارڪ نگر ۾ پيغام پکيڙڻ لاءِ پڌاريو آهي. اڄ ڪلهه دنيا کي اهڙن اوچ آتمائن جي ضرورت آهي، جي اُٿي سچ جي ساکي ڏين.

سڀ ڌرم سمان

پوءِ هڪ ٻيو انگريز ڀاءُ اُٿيو، جنهن مانپتر پڙهيو. مانپتر جي جواب ۾ دادا چيو: "مان هڪ مسافر، هڪ تيرٿ واسي هڪ ياتري جي ڀاو ۾ توهان جي هن سنڌر نگر نيويارڪ ۾ آيو آهيان. توهان مونکي پنهنجي ڀاءُ جيان پيار ۽ سنمان ڏنو آهي. مان توهان جو تهدل شڪرگذار آهيان. خوشي اٿم، ڏاڍي خوشي، ته توهين جي جدا جدا ڌرمن تجا آهيو، سي اچي هت ڪٺا ٿيا آهيو.

"گو تم ٻڌ جي سنڌر سکيائين جي ساکي مان ڪيئن ڏيان؟ هن اهنسا جي اوتار، گيان پراپت ڪرڻ کانپوءِ پنهنجو پيغام ماڻهن ۾ پکيڙيو. توهان مانپتر ۾ چيو ته مان توهان لاءِ ميلاپ جو سنيهو کڻي آيو آهيان. شانتي ۽ پريم جو درشن ته منهنجي اندر جي اونهائي ۾ گهڙي ويو آهي. منهنجي هرديه اندر آهي پيار سڀني ديسن ۽ جاتين لاءِ. شري ايشا، پريم جي اوتار، هيءُ سنڌر پيغام ڏنو ته "پريو آهي پيار." ڀارت جي پياري، شري ڪرشن ڀڳوان، ارجن کي چيو "اٿ! جاڳ!" مان پڻ ڀارت سان اهو پيغام کڻي آيو آهيان. "هڪ ٻئي کي ڏيو پيار." ڪنهن به ڌرم کي پنهنجي ڌرم کان گهٽ نه سمجهو. سڀني ڌرمن ۾ آهي اڪ جوتي اُنجي، ۽ سڀئي ملڪ آهي مورت اُن اڪ جي، مان وري به اوهان سڀني جو آڀاري آهيان. شل سڀ پيار جي پاڇي ۾ رهو ۽ وشرام پايو!"

ٽائون هال جي ميٽنگ کان پوءِ دادا مارڪيٽ ويو. آرتوار جو ڏينهن هو ۽ دادا مارڪيٽ مان ڦيرو پائي وڃي هڪ

منهنجي ٻڌيءَ ۾ پريو رتن آيو آهي ۽ منهنجي هردي ۾ پڀوءَ جي ستيتا ۾ وشواس جاڳيو آهي. ۽ ڌرم لاءِ شرڌا اُتپن ٿي آهي. منهنجي ديش جرمنيءَ جو نيتا هٽلر آهي. جي توهان جي ورنن ڪيل ٽن اوچ سادنن - سچ سرشٽيءَ جي سرجڻهار سان سمبنڌ ۽ قرباني - انهن جو اڀياس جرمني ٻه ڪري ته اسان ماڻهن جي جيون ۾ جيڪر ڪيڏي نه سڳنڌ اچي وڃي!"

سچي سوتنترتا

هڪ ڏينهن هڪ ڪرستان پادري، جو چانهه جي ڪيٽن جو مالڪ هو، دادا کي ملڻ آيو. ڳالهين ڪندي دادا کيس شري اِيشا جي سندر چوٽيءَ جي ياد ڏياري ته سچ اوهانکي آزاد ڪندو. دادا کيس وڌيڪ چيو ته: "سچي سوتنترتا آهي سچ جي پوڄا. سچ جو اُپاسڪ سدائين سوتنتر آهي. پر اڄ ڪلهه جيءَ وهنوار ۾، ڪم ڪار ۾، سچ ڪٿي؟ راڄنيتيءَ ۾ چالبازي، ڌرم ۾ نمونا لباسي. سچ جو راڄ آهي سوتنترتا. اها سچي سوتنترتا هن وقت نه پڇم جي ملڪن ۾ آهه ۽ نه پورب جي ديسن ۾.

مٺيان امرت وچن جي دادا چاليهه سال اڳ چيا، سي ڪيئن نه اڄ ٻه اسان سان لاڳو آهن! ڏسو ڌرم جي حالت، يا راڄنيتيءَ جو ويچار ڪريو. ڏسجي پيو ته سچ ته جڻ پر ڪري اُڏامي ويو آهي. ڀارت ديس جو راشٽر منتر آهي "ستيم ايوَ جيتي،" يعني سچ جي سدائين جئه جئه ڪار آهي. پر افسوس، اهو فقط ٻِ ونگه بازيءَ جو ملمع آهي. ان ستيه جي منتر جي استعمال ۾ ستيه ڪونهي!

ڏن بڏن نيو رپلا نواسين جي دادا سان پيچاڻ ۽ پيار وڌندا ويا. هڪ ڏينهن دادا کي ڪوٺ ڪيائون ته اسان جي ميٽنگ تي اچجو. دادا کان وچن ورتي، پختو ڪم ڪيائون. پوءِ پارڪ ۾ گڏجي ٿائون هال ۾ هڪ وڏي شاهي ميٽنگ ڪوٺايائون، جنهن ۾ سڀني ڌرمن ۽ جاتين جا ماڻهو آيا. هندو، ٻوڌي، ڪرستان، پارسي ۽ ٻيا. ان سماروهه ۾ دادا کي مانپتر ڏنائون. اول سڀني

أڏاياؤن ته من پرديسي پيٽا کي پوي ڪو رحم، ۽ اچي ڪري اسان تي ڪرم!

سڀئي سڪ واري ۽ دل تي سائين سڌيو پرسن! سونهن نياڻين جا نيا پا اونائي، پيارل دادا نيٺ نيور يلا جي آنند دايڪ سورڳ پوري ۽ کي تياڳ ڪرڻ جو فيصلو ڪري اٿي ڇڏيو. دادا کي قدرت جي سونهن کان، نرمل نياڻين جي هردي جي سڪ ۽ سنيهه اڏڪ سهڻو لڳو! سو ڪين اهڙو اطلاع ڏنائين ته بس، هاڻي باقي ٻه هفتا ڪولمبي ۾ ڪاٽي، مدراس کان ٿيندو سڌو اچي توهان کي ملندس ۽ توهانجي آسيس وٺندس. بس نياڻين ۽ ٻائرن جي جان ۾ جان آئي ۽ سندس نراش جيون ۾ آشا جي سونهري ڪرڻ چمڪڻ لڳي. هو ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ دادا جي اچڻ جي پرتيڪشا ڪرڻ لڳا.

پشپن سان پيار

نيور يلا ۾ دادا ۽ سندس ساٿي باقي ڪي ٿورا ڏينهن هئا. هڪ ڏينهن دادا هڪ وشال اديان ۾، هڪ پشپن جي باري ۾ ويٺو هو ۽ پٺي پنهنجن ساٿين سان پنهنجي جيون جون انوکيون ڪهاڻيون ڪيائين. رکي رکي هن پشپن ڏانهن تي نيڻن مان نهاريو. اچانڪ هن هڪ سندر پشپ ڏانهن نهاري چيو: "مون بالڪپڻ کان وٺي پيارن پشپن سان مترتا ڳنڍي آهي. اسڪول پڙهندو هوس تڏهن به ڪنهن نه ڪنهن باغ ۾ وڃي گلن ڦلن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪندو هوس.

پشپن جي سکيا

"زندگيءَ ۾ پشپن جي سنگ ۾ ويهي، ڏاڍان سکيس. ڪهڙا نه سندر سبق مونکي گلن سيکاريا! پرڀات جي سهاوني سمي، هي ننڍا ڦل ڪهڙا نه ڪومل، سندر، سڳنڌ، من موهڪ، رنگبرنگي ۽ پيارا پيارا ٿي لڳا! ڪي گلابي، ڪي ڳاڙها، ڪي نيلا، ڪي پيلا، ڪي ڪيسري، ڪي واڱڻائي، پر سڀئي سندر

ڪنهن ۾ ويهي رهيو ۽ جيڪي جيڪي ٻار اُتان لنگهيا ٿي تن کي هڪ هڪ سينٽ (پئسو) ڏيندو ويو. ڀيرين نه ٻارن کي لڄ ٿي آئي، پر پوءِ دادا جي پيار کين همت ڏني ۽ هو ٻي ڏڙڪ ونس اچي ڪانئس خرچي وٺندا ويا. ڪي ٻار ته هڪ ڪان وڌيڪ دفعا ونس آيا ڇو ته هڪ سينٽ سندن لاءِ ڪافي نه هو. ڏيڍ ٻه ڪلاڪ ٿي چڪي هئي، پر دادا اُٿڻ جي نه پئي ڪئي. ڪيس ٻالڪن ۽ ٻالڪين سان اها راند رمڻ ۾ آنند ٿي آيو. چيائين: ”ٽائون هال جي ميٽنگ کان هيءَ ننڍڙي ميٽنگ بهتر آهي. هت مانچستر مليو ۽ هت آسپس ملي رهي آهي!“

نيوزيلا ۾ ٻاڻيءَ جو جنم

نيوزيلا ۾ دادا ڪيتري ٻاڻي لکي. سهاڳڻ، روح رهاب ۽ من پربوڌ دادا اُن سندر استان ۾ لکيا. روز روز جيڪا رچنا رچيندو هو، سا پوءِ پنهنجي ساٿين کي اچي پڙهي ٻڌائيندو هو. انگريزي ۾ دادا ڪيتريون سندر ڪوتائون رچيون. پوءِ وري سنڌي ٻاڻي ۽ انگريزي ڪويتا، ڪنهن نه ڪنهن کي حيدرآباد ۾ لکي موڪليندو هو. آشرم جون ٻالڪيون اها ٻاڻي پڙهي ڏاڍيو خوش ٿينديون هيون. مون کي وري انگريزيءَ وارا گيت پنهنجي هٿ اکرن ۾ لکي موڪليندو هو. ڪڏهن نه ستسنگين لاءِ به ٻاڻي ۽ گيت ايندا هئا. پر پنهنجي خطن ۾ دادا اهو لکندو ئي ڪين هو ته مان حيدرآباد ڪڏهن ٿو اچان! سو خطن جي اُڌ خوشي ته هلي ويندي هئي. مئي جو مهنو پورو ٿي چڪو هو. جون به گذري ويئي ۽ هاڻ جولاءِ به ڇڻ موڪلائي رهيو هو. نام نگر جي نياڻين، نيوزيلا طرف ”نوريءَ“ ڏانهن پنهنجا ننڍڙا نيڻ کڻي پئي نهاريو ۽ نيڻن جو نير وهايو. دلين ۾ هئي آس ۽ پياس ته ڪڏهن ايندو موٽي اسان جو منڙو گرودِيو، اسان جي دلين جو پيارو دادا، ته اسان جا نيڻ نچن! پترن پٺيان پتر پئي موڪليائون، ڪانگن پٺيان ڪانگ ٿي

آتما جو آنند پردان ڪر!

سورج مکي

”ٻئي ڏينهن مان باغ ۾ هوس ۽ ٽهلندو هڪ سورج مکي گلن جي ٻاري ۾ لنگهي آيس. پيارا پيارا، پيلا پيلا ٽڙيل گل ڏسي آشچريہ ٿيم تہ سڀني جا مک هئا سوريہ ڏانهن! صبوح جو پورب ڏانهن، منجهند جو دکڻ ڏانهن ۽ سنڌيا جو پشچم ڏسا ڏانهن. هنن گلن پنهنجو مک ڪيول سورج جي طرف ئي ٿي ڌريو! ڀانءِ تہ هو سوريہ جا پريمي هئا ۽ سندس چمڪندڙ مکڙي جي درشن کان سواءِ سندن جيئڻ اسنڀو هو! مان هڪ وشال سورج مکيءَ جي نڪٽ آيس ۽ ڏانهس سڪ ۽ پيار ۾ نهاري ڪانئس پڇيم: تہ پيارا، ڪجھ ٻول! تڏهن ان پريمي پشپ، بنا سوريہ مان پنهنجي درشٽي ڪيرائڻ جي، مون کي اُتر ڏنو تہ پيارا! سوريہ اٿيئي اسان جو مالڪ، شاهن جو شاهہ! اُن کان منهن مٽان موڙين! پيو نهار جانس ۽ نهاري نهاري پيو پيئج پريم جون پياليون ڀري ڀري!“

”اهي ڳالهيون ننڍپڻ ۾ مونکي گلن ڦلن ٻڌايون ۽ انهن جو ڌيان مان روز روز ڪندو هيس. هي گل گلستان، هي باغ بوستان مون لاءِ عيش آرام جو سامان ڪين اَٿو، پر هي اَٿو مون لاءِ پوڄا جا گهر، جت مان ويهي ڪيترو نہ سکندو آهيان!“

دادا بيشڪ باغن مان ۽ پرڪرتيءَ جي سندر اُستانن ۽ نظارن کان گهڻو ڪجھ سکيو هو. هينئر بہ جڏهن هو نيوريلا جي سندر پهاڙن تي هو تہ ٽڪرن ۽ ڪڪرن مان، تارن ۽ نارن مان، چشمن ۽ آبشارن مان هن گهڻيئي سبق پئي سکيا. پر نيوريلا واسين وري دادا مان گهڻو ئي ڪجھ پئي پرايو. سڀني ڌرمن لاءِ پيار، سڀني پراڻين لاءِ پريم، هر هڪ شيءِ لاءِ شردا، ڪائنات جي قطري قطري لاءِ قرب - اهو سڀ هنن دادا مان سکيا هئا. تنهن کان سواءِ غريبن لاءِ ديا، همدردي

۽ سوپنيڪ هئا. وري هڪ هڪ مان سڳنڌ به الڳ الڳ قسم جي! سندن ڪومل پنکڙين تي شبنم جا موتين جيان چمڪندڙ داڻا، سوريه جي ڏيهي روشنيءَ ۾ اندرلٺ جي سپترنگي سونهن ۾ پيا چمڪندا هئا! پر ڪجھ سميه کان پوءِ، سوريه ديوتا جي تپش ڪارڻ اهي ماڪ جا موتي لڙڪن جي روپ ۾ پگھرجي، پتين تان وهي، وڃي پٽ ۾ پوندا هئا. ۽ وايو منڊل ۾ پنهنجي سڳنڌ هاري، سنڌيا جو سمو گذاري، رات جي انڌيري ۾، پيارا پيارا، ڪومل پشپ، ڪومائجي جهڪي پوندا هئا ۽ سندن پتيون پتيون ڇڻجي اچي پٽ ۾ پونديون هيون. مطلب ته، پرڪرتيءَ جو هيڏو سؤندريه ۽ اَئشوريه، هڪ ڪن جو کيل ٿي پوندو هو. مان پاڻ کي ساوڌان ڪندو هوس ته متان پشپ چنين! ۽ ڏانهن نهاري پيو سوز ۾ سڏڪا پريندو هوس ۽ چوندو هوس ته ڇا، سچائي هي پشپ هوندا ئي ڪين! پر پشپ، جي منهنجا نرمل متر هئا، سي مشڪي مونکي سکيا ڏيندا هئا ته پيارا، تون روءُ نه. هيءَ ريت ته يگن کان هلندي آئي آهي! اها موهن جي مؤج آهي. تون به ته هن جيون جي ڦلواڙيءَ ۾ هڪ پشپ آهين! اَڄ ننڍو بالڪ آهين. سڀاڻ ڦوهه جوانيءَ ۾ ايندين ۽ هڪ ڏينهن تون به ته اَسان وانگر ڪومائجي ويندين! جيون جا سؤ سال به اَئيٺي هڪ مانجهاندي جو ماڳ! هڪ وڄ جو چمڪو! هڪ سندر سپنو! هڪ ڪن جو کيل! وري ڏس! اَسين پنهنجي ڪٽنبين سان گڏ وڌي، سانت ٿي سانت ۾ نميا ڪميا پيئا رهون ٿا.

"اسان جو ڪنهن سان نه راڳ، نه دويش! نه موهه، نه وير! سنت اچي ته اُن کي سڳنڌ ڏيون، پر جي ڪو دراچاري اَچي ته اُن کي به سڳنڌ ڏيون. اسين سڀن کي ساڳيءَ ريت روح جي راحت ڏيون ٿا. پيارا تون به انساني پشپ آهين. تون به پنهنجو پيار ۽ سڳنڌ چڱي ۽ لڳي کي سمان ڀاوَ ۾ ڏي ۽ آئي وئي کي

ڪولمبي ۾

هينئر ڪولمبي ۾ زور شور سان پروگرام رکيو ويو. ماڻهن چاهيو ٿي ته هن مهاپرش جو پورو پورو لاڀ وٺون. سو صبح شام ميٽنگيون رکيون ويئون ۽ روز رات جو ۹ کان ۱۱ تائين سوالن جوابن جو ڪلاس ٿيندو هو. چونه اُت هنگاري (Hungary) ديش جي هڪ اِستري، اُنهن ميٽنگين ۽ ڪلاس ۾ اَچي شامل ٿي. دادا جو دماغ ۽ سندس هوشياري ڏنائين، پر سندس پيار، قرب ۽ نمرتا سندس هردي کي اَئينت پرڀاوت ڪري ڇڏيو. سو چيائين "ڪاش پر هجنم ته هن ست پرش کي جيڪر پنهنجي ديش ۾ اُڏائي وڃان."

ڪولمبي ۾ ٻالڪين جو هڪ مشهور اِسڪول "آنند وديا مندر" نالي هو. اُن اِسڪول جي پرنسيپال هڪ انگريز اِستري هئي جا آڪسفورڊ وشوَوديالي جي گرئجوئيٽ هئي. اُن پڻ دادا کي ڪوٺ ڪئي ته منهنجي اِسڪول ۾ اچي آسيس ڏيو. ٻالڪين لاءِ پيار ته دادا جي نس نس ۾ هو، سو ڪوٺ قبوليائين. اُن اِسڪول ۾ دادا اچا گهڙيو مس ته هڪ ننڍڙيءَ ٻالڪيءَ کيس اِسڪول پاران هار پاتو. دادا پنهنجي وياکيان ۾ وڏن ودياوانن، جهڙوڪ فتشي (Fitche)، پيسٽالازي (Pestalozzi): ۽ مئڊم مانٽيساري (Madam Montessori) بابت ٻڌايو. دادا اهو به ٻڌاين ته آنند جنهن جو نالو توهان جي اِسڪول تي پيل آهي، سو گوتم ٻڌ جو پرم پيارو شش هو. هو گوتم ٻڌ جي سنگ ۾ رهيو. آنند سپاڳو هو جو گروءَ جو پيار مٿس جهجهو هو. سنتياڻي ميران کي پڻ دادا اَئي ياد ڪيو ۽ ٻڌايائين ته حيدرآباد سنڌ ۾ ٻالڪين جي اِسڪول تي سنتياڻي ميران جو نالو پيل آهي.

پڇاڙيءَ ۾ ٻڌايائين ته وديا جي صحيح معنيٰ ڇا آهي. گوتم ٻڌ کان هڪ دفعي اهو سوال پڇيو ويو ته وديا ڇا آهي؟ گوتم چيو ته وديا آهي جوت. پوءِ ٻالڪين کي آسيس ڏيندي

۽ پيار به هنن ڏياوان دادا جي جيئون ماڻ سگهيو.

نيوريلا ڇڏڻ کان اڳ، دادا، نگر جي غريبن مسڪينن لاءِ هڪ ديگ رڌائي، جا پاڻ پنهنجي هٿن سان کين کارائي سندن آسيس ورتي، پکين کي به پئي پنهنجي هٿن سان اَن جا داڻا کارايائين ۽ پاڻيون پري پاڻي پيار يائين. ڪتن کي به کين ٽي وسار يائين. انهن کي به ڪوني، روٽي کير ۾ نرم ڪري پئي کارايائين. جا ڪائي هو سندس آسماني اکين ڏانهن پيا نهار يندا هئا ۽ حيرت ۾ حيران ٿيندا هئا ته هي ڪهڙو فلڪ جو فرشتو هن پرٿويءَ تي آيو آهي جو اسان کي هڙهڙي قرب ۾ ٿو کارائي پياري! ڪنهن به ڪيس ڪڏهن به، ڪنهن به پشپ کي ٽيندو ڪين ڏٺو. دادا چوندو هو ته ائين ڪرڻ آهي کين پنهنجي ڪٽنب کان ڇني ڌار ڪرڻ. پشپ ڇنڻ آهي هنسا ڪرڻ! دادا ور ور ڪري، اکيون آڪاش ۾ ڪري مشڪندي چوڻ لڳو پئي ته:

Beauty is to admire, not to touch,
Flower is to worship, not to pluck!

نيوريلا کان موڪلاڻي

جڏهن وداعيءَ جو وقت آيو تڏهن نيوريلا نواسين جي دلين ۾ ڏک هو ۽ نيڻن ۾ نير! هو چوڻ ته سندن گهر جو هڪ ڀاتي ٻڇڙي پيو هو ۽ ايڏو ته سندن دلين ۾ گهڙي ويو هو جو هينئر ڌار ٿيڻ جي سمي کين هڪ مٺو درد محسوس ٿي رهيو هو. پر هر هڪ ڀاتريءَ کي ٿورو ڪچ وشرام وٺي، وري اچڻ تي هلڻو ٿي آهي. سو دادا ۽ سندس ساٿي، سڀني سان سڪ ۽ پريم سان موڪلائي، نيوريلا ۽ سندس پهاڙن ۽ پيارن نگرواسين کي هميشه هميشه لاءِ ڇڏي، ڪولمبي ڏانهن روانا ٿيا. اها وڇوڙي ۽ وداعيءَ جي گهڙي ڏاڍي دل سوز ٿي ٿي.

جا ڪي پڳل گهر نهي پيا. هڪ انگريز جوڙو هو جو پاڙ ۾ نهڪيو نئي. صاحب جي پنهنجي مند ۾ سان نہ ٿي بڻي. ڪيس عهدو وڏو هو. پر سندس گرهستي جيون ويران هئي. قسمت سان دادا سان سندن مڪاميلو ٿيو ۽ سندس آسيس ورتائون تہ سندن خزان روپي جيون ۾ بهار موٽي آيو ۽ هو وري پاڙ ۾ ڪير ڪند ٿي ويا.

پياري جشن جو اهم فيصلو

سيلان جي سفر تي پياري جشن هڪ اهم فيصلو ڪيو، جنهن سندس سمست جيون ۾ هڪ مهان پريورتن آڻي ڇڏيو. هو ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ليڪچرار هو ۽ جلد ئي پروفيسر جو پد پائي ها جو هو ايم. ايس. سي پاس هو. پر پوءِ ڪيس عجيب دماغ ڏنو هو. جي چاهي ها تہ ڪيس دنيا جو عهدو اقبال، مان شان ۽ ڌن دؤلت آڪيو ملي سگهي ها. هو ليڪچر ڏيڻ ۾ هوشيار هو، بحث مباحثي ۾ نہ هو پربيڻ هو. ڪيس debates ۾ ڪئين دفعا انعام مليا هئا. پر هيڊ ڪيس پريوءِ اهڙو پرسڪار پردان ڪيو، جنهن جي پاڻ سان پيا سڀ انعام اڪرام ڦڪا پئجي ويا. هو هيڊ نہ سچي سنت وٽ اڃي پهتو هو.

هو اڃا سيلان ئي هو تہ پنيان ڪاليج ڪليو. جشن موڪل لاءِ وينتي موڪلي. ڪيس گهڻي موڪل نہ ملي ڪانہ ٿي سگهي جو هن اڃا تازو ڪاليج جي نوڪري ڪئي هئي. دادا ٻـ مزي سان سيلان جو سفر ڪري رهيو هو ۽ جشن ڪيس ڇڏي ٻ نہ ٿي سگهيو. هوڏانهن جي ئو نوڪري ڇڏي نہ ڪيس گهر ۽ خاص ڪري ماتا ڪرشنا ديوي، جنهن کي اسين پاپي ڪري ڪوٺيندا هئاسين، تنهن جو تي خيال ٿيو. ڏاڍيءَ الجهن ۾ اچي ويو. پاپيءَ ڪيئن سڄي جيون پنهنجي تن کي تسيا ڏيئي پنهنجي ٻارن کي اوچ ودپا ڏني هئي، سو هو ڪيئن ئي وساري

چيائين ته شل توهان جي جيون ۾ پيار جي جوت جاڳي. هميشه جيان پڇاڙيءَ ۾ دادا پنهنجا ٻئي هٿ جوڙي چيو ”پنهنجي دل ۾ پيار رکي مان اوهان ٻالڪن اڳيان سر جهڪايان ٿو ۽ آسيس گهران ٿو. شال اوهين سنت آنند جي آسيس وٺو ۽ سکي رهو.“ اٽڪل ۳۵ سال پوءِ اها ٻيٽي جڏهن پوني ۾ پڌاري تڏهن ميران انگلش ميڊيم هاءِ اسڪول ۾ آئي. ڀاءُ گنگارام کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس اسڪول جي پروگرامن کان واقف ڪيائين ۽ سڄو اسڪول ڏيکاري کيس وينتي ڪيائين ته ٻالڪن کي ڪي اکر چئو. هيءَ ٻيٽي هاڻ ٻرڌ آوسٿا جي هئي، پر پنهنجيءَ مٺيءَ دل جا ڪي مٺا وچن ٻارن کي ٻڌايائين. اهڙو به ٻڌايائين ته ڪيئن دادا ڪولمبي ۾ سندس اسڪول ۾ پڌاريو هو ۽ ٻالڪن کي پنهنجو مٺو اپديش ڏنو هئائين. انهن ٻالڪن مان گهڻيئي اڄ مائٽون آهن ۽ دادا جي سکيا کي گرهڻ ڪري پنهنجي جيون ۾ پيار جي جوت جڳائي ويٺيون آهن.

ڪولمبي جي سنڌين کي فخر ۽ ناز هو ته دادا سنڌين جو شان مٿي ڪيو هو. سو هنن پاڻ ۾ گڏجي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي جتي دادا کي ڪوٺ ڪيائون. اُت دادا کي مانپتر ۽ ناڻي جي ڳوٿري ڀيٽ ڪيائون سنتن جو پورو قدر ڪرڻ مشڪل آهي، پر هڪ هڪ چاهيندو آهي ته مان پنهنجو پيار قرب ظاهر ڪريان. ڪولمبي جي سنڌي واپارين، مانپتر ۽ ڳوٿري ارپڻ ڪرڻ سان، ڪي قدر دادا جو قدر ٿي ڪيو. ان ويچار کان هيءَ وڏي شاهي ميٽنگ ڪوٺائي وئي هئي. مانپتر جي موٽ ۾ دادا سنڌين جي شڪرگذاري ظاهر ڪئي ۽ کين سک پريو سنديش ڏنو ته پنهنجي جيون ۾ پيل ڪمايو، وڌو، ويجهو ۽ سکي رهو، پر نام نه وساريو ۽ سمرن سان گڏ سيوا به ڪريو. دادا جي پرڀاو ڪري ۽ سندس سنگ ۽ پريم سان ڀريل وچن ٻڌي ڪولمبي

پنهنجي جيون جو بليدان ڏيڻ. جي هو هيڏي قرباني ڪري سگهي ٿو ته ڇا پاڻ پنهنجي آشائن جو تياڳ نه ٿي ڪري سگهي؟ سندس ٻيو نمبر پٽ رام ڪاليج ۾ ٿي پڙهيو. اڃهو اُسريو ڪي اُسريو. رام هوشيار هو. انجنيرنگ جي امتحان ۾ پهريون نمبر پيو ايندو هو. هن کي به دادا لاءِ پيار ۽ شرڌا هئي. پر سندس ويچار ٻيا هئا. جشن ۽ مان ته ننڍي هوندي کان وٺي دادا ڏانهن گهڻو ڇڪجي ويا هئاسين، تنهن ڪري پاپيءَ پنهنجي دل تي پٿر رکي جشن کي موڪل ڏني ته ڀل دادا جي چرنن ۾ رهي. جنهن ۾ هوءَ خوش، تنهن ۾ هوءَ اڳيئي خوش.

تياڳ پتر

جشن کي پاپيءَ جو پتر مليو ته دل ئي دل ۾ مالڪ جا شڪرانا مڃيائين جو هن پاپيءَ جي هرديه ۾ اهڙي پريرڻا وڌي. پوءِ دادا سان ويچار ومشت ڪري هن پنهنجي نوڪريءَ جو تياڳ پتر پاڻ رام کي موڪليو ته هو پرنسيپال کي ڏئي. رام جشن کي ڏاڍو ڀائيندو هو ۽ سندس هر ڳالهه ۾ ساٿ ڏيندو هو. سندس پرپٺ جشن جي ايڪسيلشر مخزن به ڪڍندو هو ۽ اُن لاءِ گراهڪ به همٿ ڪندو هو. هن فيصلي ۾ به رام جشن کي پورن سهڪار ڏنو ۽ وڃي پرنسيپال کي تياڳ پتر ڏنائين، جو ڏسي هو ڏاڍو وائڙو ٿي ويو. ڪاليج کي خبر پيئي ته هرڪو اَچرج ۽ نراسائيءَ ۾ ٻڏجي ويو. وٽس پڙهندڙ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ته ڏاڍي دک ۾ ٻڏجي ويا. هو حيران هئا ته ههڙو نوجوان ليڪچرار هن ننڍيءَ اوستا ۾ ڪيئن ايڏي قرباني ڪري سگهيو! پر ان فيصلي لاءِ دماغ نه پر دل ئي ذميوار آهي. دماغ کي سوچي سمجهي ڪم ڪرڻ جو قاعدو قانون، دل جي راڄڌانيءَ ۾ ڪين هلي سگهندو آهي. اِلهاس ساکي آهي ته ڪيئن نه راڄائن، راڄائي تياڳي وڃي فقيري اختيار ڪئي. هتي سمجهڻ،

سگهيو! جشن ليڪچرار هو ۽ مون بي. ايس. سي. پاس ڪري ميران اسڪول ۾ نوڪري تي ڪئي. پنيان ڇهن ٻارن کي اچا ود پا وٺي هئي. پاپيءَ جون آسون اميدون پنهنجي جيشٽ سپتر جشن ۾ هيون. هن سمجهيو تي نه هو وڏو عهدو ماڻيندو، لائقيءَ کي لڳندو، ناڻو ڪمائيندو ۽ سندس سڀ ڏک ڏاکڙا لاهي ڪيس سوڀن سک ڏيندو. پاڻ هڪ ڌرمشٽ ۽ نيڪ پرش جي ڌرمپتني هئي، هڪ سنت جي "وڏي پاپي" هئي ۽ جي جلد ئي پاوي پاڳ پلائيندي ته هوءَ مهان ۽ پدر پرش جي ماتا به سڏبي. سپاويڪ هو ته پياري جشن جا ويچار پاپيءَ ڏانهن وڃن.

جشن اهو به بخوبي سوچيو ته اڌ ياتمڪ مارگ هڪ اوکو ۽ اڻانگو پٿ آهي، جت پگ پگ تي ڪنڊا چڀائڻا ۽ زهر جا پيالا پيئڻا آهن، جت ڏک ڏاکڙا ڏسڻا آهن ۽ آتما کي اونداهي رات ۾ سفر ڪرڻو آهي. دنيوي جيون جي شروع ۾ بيشڪ موجون ۽ مزا آهن، پر انت دکدائي آهي. آتمڪ راهه جي آرنڀ ۾ ڏک ڏاکڙا ڪشٽ ۽ ڪٺنايون بيشڪ آهن، پر انت ۾ سرو ئي آنند آهي. تنهن ڪري ڇو ڪين هو اها راهه پڪڙي، جنهن ۾ سندس روح کي روشني ۽ آتما کي آنند پراپت ٿئي!

ماتا جي آگيا

جشن تن من هٺي پاپيءَ کي خط لکيو ته "منهنجو ويچار آهي ته مان ڪاليج جي نوڪري ڇڏي، پياري دادا کي پنهنجي سمست جيون ارپڻ ڪريان. پاپي، منهنجي دل نه لڳي اتيئي لاهوتين سان. مان بي وس آهيان، لاچار آهيان. پر مان اهو سڀ ڪجهه تڏهن ڪري سگهندس جڏهن توهان مون کي خوشيءَ سان آگيا ۽ آسيس ڏينديون." پاپيءَ جشن جو خط پڙهيو ته جهٽ هٿن سان کڻي ڪري پيس ۽ دل پرچي آيس. هوءَ پنهنجو ويچار ڪري پا پنهنجي جوان پٽ جو؟ جشن جو دادا وٽ رهڻ هو

پنھنجي پوم شش جي ھردي مان ھڪ ھڪ وڪار جي ڪڍڻ ڪڍڻ ڪي بہ ڪڍيو، اُن ڪي اوجل، نرمل، نماڻو، صاف ۽ شفاف بڻائي ٿو، اُن لاءِ ڪيس اَنيڪ رستا آھن. پيار ڏيڻ، ڪروڌ ڪرڻ، بي رخي ڏيکارڻ، رسڻ پرچڻ، ڪم ڪرائڻ، ننديون ڦٽائڻ، رت رئارڻ، ڪلائـي ڪيرو ڪرڻ، بي عزتي ڪرڻ وغيره. (شڪر جو پيارَي جشن جي تيز دماغ جلدئي چيتيو تہ ھتي پنھنجو ئي من ماري متي ڪرڻ ۽ آپو مٽائڻو آھي، اُن لاءِ دادا جي ڪرپا جي گھڻي آوشڪتا آھي.)

حال فـي الحال تہ گـروءَ شش جي رسڻ پرچڻ جي راند ڪولمبي ۾ پئي ھلي.

انوراڌ پورا

24 آگسٽ دادا ڪولمبو ڇـڏي اَنـوراڌ پـورا پھتـو. اَنـوراڌ پـورا پراچين سري لنڪا ديش جـو راجيہ ڪيند رھو. راجا اَشوڪ جي پٽ، مھند بـدرم جي جوت سري لنڪا ۾ آندي ھئي ۽ اُن ڌرم جو خوب پرچار ڪيو ھو. ھيئنر تہ ھو گوتـم بـد جي ڀڪن ۽ اِتھاس پريمين لاءِ ھڪ تيرٿ آستان ئي وڃي رھيو ھو. ھيئنر اُتـي آڳاٽي زماني جا کنڊھـر ۽ زبـون حالت ۾ ڀڳل ٽٽل عمارتون ئي ٿي ڏسڻ ۾ آيـون. ھڪ ندي پئي وھي، جنھن ڀوت ڪال جي اوڄ ۽ اقبال جو، پنھنجي مانيڻي وھڪري سان پئي ورڻن ڪيو. ڪي ٻوڌ ڀن جا وھار ۽ ھندو ڌرم جا مندر بہ ھئا. ڪاٽين جي ڪوٺائيءَ مان نڪتل ھيرن، جواھرن ۽ قيمتي پٿرن جو اُت واپار ٿي ھليو.

ھڪ وڏي شاھي بد وھار ۾ دادا جو ليڪچر رکيو ويو. اُتـ گيا جي اَصلي ٻوڌي ورڪش مان ڪپيل ٽاريءَ مان ھڪ سندر ورڪش پوکيو ويو ھو. مندر ۾ بد ڀڳوان جو ڏايو آڪرشت پتلو استاپن ڪيل ھو. دادا مندر ۾ مورتـيءَ اڳيان شردا سان سر جھڪايو ۽ آسيس ورتي. پوءِ ويو ووپڪانند ھال ۾ جت ڪيس

ٻي سمجهي آهي. اُنهو ئي اُثر آهي!

دل ۽ دماغ وارو جشن

جشن پنهنجي قسمت جي ڏوري دادا سان ته ڳنڍي، پر وشيش طور سک سمهي ڪين سگهيو. هو نوجوان هو، دماغي هو، ودوان هو ۽ بحث ۾ اَجيت هو. اُن ۾ ته ڪو ميين ميک ڪونه هو ته هن لاءِ دادا ۽ سندس پيار ئي سڀ ڪجهه هو. هو دادا لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هو! پر سندس وديا، تيز فهمي ۽ سوَ آيمانپڻو سندس ڪنڌ ڪنهن اڳيان به بحث ۾ جهڪائڻ وارا ڪين هئا. ٻيا ته سندس دماغ جي تيزيءَ اڳيان برميچي ڪين سگهندا هئا ڇو جو هو وڏن وڏن ودوانن ۽ بزرگن جا ڇڪا ڇڏي ڇڏيندو هو، پر خود دادا اڳيان به هو هار مڃڻ وارو ڪين هو! جيئن نريندر (سوامي وويڪانند) پنهنجي گروديو سري رامڪرشن اڳيان پنهنجي خودداري ۽ سوتنتر ويچارن کي پيش ڪرڻ کان ڪڏهن ڪُئه ڪين ڪائيندو هو، هوبهو تيئن جشن به پنهنجي ويچارن جي محڪمتا ڪري، مضبوط دليلن ۽ اُداهرڻن سان، دادا سان ٽڪر کائيندو هو. سندس رت گرم نوجوانيءَ جو هو، سو وقتي ته جوش ۾ به اچي ويندو هو، ۽ دادا سان بحثون هلائيندو هو. دادا ته هو سنت، سو هو سڀ ڪجهه سمجهي، جشن جو مضبوط آپو ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ خاطر، کيس ٺوڪر هڻي سائٽس رسي پوندو هو. ائين نه هو ته جشن دادا کي پيار ڪين ڪندو هو. سندس مضبوط دماغ جي پڙدي پٺيان هڪ دل به هئي، جا نهايت ڪومل ۽ ڪروڻامئي هئي، جنهن ۾ پيار جو سروور زور زور سان لهرون ماريندو هو. جڏهن دادا جي ٻي رخيءَ سبب سندس دماغ کي ٺيس پهچندي هئي، تڏهن سندس پريم هردوئي اچي سندس سهائتا ڪندو هو ۽ کيس شرمائي، شرڻ ۾ گهلي ايندو هو. دل جي دماغ تي سدائين جيت ٿيندي رهندي آهي. پر سچو گرو،

جت هاڻ هيءُ وشال مندر آهي.

ان راميشور مندر جو درشن ڪرڻ لاءِ دادا جي دل ۾ پرپورتا پيئي. سري رام ته دادا جي اُٺوءَ اُٺوءَ ۾ براجمان هو. سو دادا ڌنش ڪوٽيءَ ۾ لٿو ۽ ڪنهن يوگيه آستان جي نه ملڻ ڪارڻ هڪ ڏٽڙيل ڌرمشالا ۾ وشرام لاءِ اچي وارد ٿيو. ڇا دادا جو شهنشاهي شان ۽ ڇا سندس ڌرمشالا ۾ استان! ڀادا سيٺي کي جهلي ڇڏيو ته متان ڪنهن کي منهنجي اصليت مان واقف ڪريو. هن نماڻو ياتري ٿي سري راميشور جي آسيس وٺڻ ٿي چاهي. ڌرمشالا مان دادا ۽ سندس منڊلي، هڪ نماڻيءَ بيل گاڏيءَ ۾ سوار ٿي، مندر ڏانهن هليا. هڪ دکن پارت جي گرمي، ٻيو بيل گاڏيءَ جا جهاڪا ۽ جهوٻا، ٿيون منجهند جو ٽاڻو، اهي سڀ ڪشٽ سهندو پئي هليو هي روح جو راڻو! نيٺ ٿڪائيندڙ مسافري طئه ڪري هي پيارا اچي راميشور پهتا. هيل ٽائين ڪنهن ڪجه ڪاڏو ئي ڪين هو؛ نڪي ڪي کائڻ لاءِ ڪجه پاڻ سان ئي کنيون هئائون. سيٺيئي ٿڪ ۽ بک ۾ هئا. دڪان تان کائڻ لاءِ ڪجه ورتو هين. دڪان جون مانيون نه هيون پر سڪا رونلا هئا، جي چٻاڙڻ ئي مشڪل هئا. دکن پارت جا برهمڻ ڪٽرپڻي ۾ مشهور آهن. هو ڪنهن ڌارئي کي رنڌڻي ۾ داخل ٿيڻ ئي ڪين ڏين، نه ته هوند سٺي وچ ۾ نيڊڙيون، سنهيون نرم ۽ گرم مانيون پچائي، دادا ۽ سيٺي کي کارائي ها. رونلا ۽ پتاٽا نه ڳيهبين ئي نٿي. شڪر جو اُت سون ڪيلا مليا ٿي، جي سيٺي ونئي کاڌا ۽ پيٽ جهلو ڪيو.

مندر جو درشن

چار لڳا نه دادا چيو ته هلو ته هلي راميشور جو درشن ڪريون. سو سيٺئي ڇمپل لاهي ٻيريءَ ن اُگهاڙا پيدل پيا. مندر هڪ دانيءَ رام ڀڳت مهاراجا ٺهرايو هو، جو فرلانگ کن پنڌ تي هو. مندر وشال ۽ اڌيت هو ۽ سندس سؤندريه ڏسڻ وٽان هو.

ڳالهائڻو هو. دادا اُت رشين جي سنڀهي بابت ڳالهايو. رات جو وڏيءَ نؤڪا ۾ چڙهي، دادا ۽ سندس ننڍڙيءَ پياريءَ سنگت، سمنڊ رستي ڀارت ڏانهن رخ رکيو. دادا اُن پل جو درشن ڪيو جا ٢٥ هزار ورهيه اڳي، شري رام جي پيارن، هنومان، انگد، نل، نيل ۽ ٻين وانر ڀڳتن، شري رام جو نالو وٺي، پٿر تاري ناهي هئي، ۽ جنهن مٿان شري رام پنهنجا جڳت تارڻهار چرن ڌري، سمنڊ پار ڪيو هو. ان پل جو درشن ديدار ڪري، دادا جي سرت جي ڌارا، شبد ۾ چڙهي ويئي ۽ سري رام جو ساڪشاتڪار درشن ڪري، سندس ساراه ۽ گيت ڳائڻ لڳو. ڪلاڪ ڪن جي ساموندي مسافري ٻيڙيءَ ۾ چڙهي دادا پار ڪئي ۽ پنهنجا پوتر پگ ڀارت جي پٽيءَ ڌنش ڪوٽيءَ ۾ ڌريا.

راميشور ڌام

راميشور، هندن جي چئن ڌامن مان هڪ آهي. اُتر هماليه ۾ بدري ناٿ ۽ ڪيدار ناٿ هڪ ڌام، پورب ۾ بنگال ساگر جي ڪناري جگنناٿ پري ڌام، پڇم ۾ عربي ساگر جي ڪناري دوارڪا ڌام ۽ دکن ۾ ٽن ساگرن جي سنگم جي نڪٽ، راميشور ڌام. ڪي لک اڳي ڀارت جي چئن ئي ڏسائن ۾، هندو سمپردايه ايشور ڀڳتيءَ جي ڀاونا کي اِسٿر ڪرڻ لاءِ، اهي نرمل ڌام استاپن ڪيا. هن دکن جي ڌام راميشور لاءِ اهو وشواس آهي ته سوَيم سري رام پنهنجي ئي ڪرڪملن سان، ان پوتر ڀوميءَ تي پنهنجي اِشٽ شوشنڪر مهاديو جو لنگ اِستاپن ڪري، اُن جي پوڄا ڪئي هئي ۽ اُت هڪ ننڍڙو مندر کڙو ڪيو هو. ان پوڄا کان پوءِ هو پل لتاڙي، لنڪا ۾ ويو ۽ وڃي راوڻ جو سنگهار ڪري، سيتا کي سوتنتر ڪيائين. ڪن جو چوڻ آهي ته سيتا ماتا، لنڪا مان موٽڻ وقت، سري رام جي ڪرپا سان، پنهنجن ئي هٿن سان اتي اهو شوِ لنگ استاپن ڪيو هو،

جو اُت اَچي پهتو، جت هڪ پڙدو لڳل هو، پڙدي اڳيان هڪ منڪي پيت وارو پانڊو تلڪ لڳائي، لوڙي نگاهن سان شڪار جي تاڙ ۾ ويٺو هو ۽ هڪ هڪ کان ٽڪو وٺي، پڙدو هٽائي، سري رام، سيتا ۽ شوَ جو درشن ڪرائي رهيو هو. پڙدي اندر ٻيو پانڊو ويٺو هو، جنهن ٻيو ٽڪو وٺي، اندريون پڙدو هٽائي آرتي ڪري تي ڏيکاري. مطلب ته هنن پنهنجي اکين اڳيان جو مايا روپي پڙدو چاڙهي ڇڏيو هو، سو ڪين تي هٽايائون.

دادا سچو منڊر گهميو. گهمندي سندس پير ڪي قدر سڄي پيا، پر دادا موٽڻ جي نه ڪري! وري جو سڌ پيس ته هتي رام ڪُنڊ، سيتا ڪنڊ ۽ لڪشمڻ ڪنڊ به آهن ته باقي به ڇپائين ته پريات جو اُنهن ڪنڊن ۾ اِشنان ڪندس ۽ سري رام جي آسيس وٺي پوءِ ٽرين ۾ چڙهندس. دادا کي سيني گهٽوٽي ڇيو ته ڀُڙي ۽ ڌرمشالا ۾ رات ڪيئن ڪاٽيندا سين، تلها رو ٽلا ڪيئن ڪاٽيندا سين، پر دادا هڪ ٽي ٽي پيٺو. هوڏانهن نه هو بسترو، نه ڪپڙا، ۽ نه ڪي ٽوال! تـه بـه دادا جي پربل اِڇا! ڇوي نه رهبو ضرور!

سڀ موٽي ڌرمشالا ۾ آيا. دادا جي دهشت ڏسي ساٿين مان ڪو به سندس نالو ڌرمشالا جي پالرين کي نه پيو ٻڌائي. هڪ سخت ڪاٺ جو صندل پيو هو. اُن تي دادا، رام جو نالو وٺي، ليٽي پيو. نه ڪو بسترو، نه ڪو طول ٽڪيو! پر مٿي گگن ۾ تارا پڻي سونهن ۾ چمڪيا، اُهي ئي پنهنجا طول ٽڪيا سمجهي، پيا ساٿي به پٽ ۾ ٽنگون ڊگهيون ڪري ليٽي پيا. ننڊ جو ته نالو ئي نه هو. شايد دادا سيني کي سڄي رات شري رام جو سمرن تي ڪرائڻ چاهيو! سنتن جي گت نياري! گهٽ گهٽ ۾ پاڻ ته رنگ ۾ رتل هو ۽ دنوي ڌُن ۾ هو!

خيرن سان پره ڦٽي پرڀات آئي. پُورب ڏسا کان سونهري، گلابي رنگ ريکا پرڪاش ٿـي. سيٺي ٽانئيندي اُٿيا ۽ دادا

سو نه اِستنپ هئا مندر کي! وڏي اوچي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ گوپورام تي شلپ ڪلا جا اڪيچار چٽر هئا. مهڙ جو وڏو شاهي دروازو لنگهي دادا ۽ سندس سائين اندر پرويش ڪيو. مگر افسوس! هردئه ۾ نرمل ڀڳتي ڌاري ايندڙ ياتريءَ کي، سندس پريتم جو درشن ملي ٿي ملي، تنهن اڳ سندس سامهون هڪ عجيب پرڪرتيءَ جي پانڊن سان ڪرٽو ٿي پيو. هي پانڊا روپ ۾ ته بيشڪ انسان هئا، پر سندن هلت چلت فضيلت پري ڪين هئي. هو هڪ هڪ ياتريءَ اڳيان اچي دڪشڻا لاءِ هٿ ڊگهيري پئي سائين گڏ هليا. پيڇو ئي نه ڇڏين. "اڙي بابا، معاف ڪريو،" پر هي سائينءَ جا سنواريا ٻڌن ڇو ٿا؟ وري دڪشڻا به سندن مرضيءَ مطابق ٿي ڏيڻي ٿي پيئي. وري ڪو هڪ پانڊو هجي تڏهن به شڪر ڪجي، هت ته اَڪيچار پانڊا هئا ۽ سيني ياترين کي گُهر گُهر ڪري نهايت پريشان ۽ تنگ ڪري رهيا هئا. ڪولمبي جي ٻند وهارن ۾، ڀارت جي رامڪرشن مٺن ۾ ۽ سک گرن جي مندرن ۾ پورن شانتي ۽ شرڌا آهي، جت ڪنهن کان ڪجهه به گهريو ڪين وڃي ٿو. ياتري شرڌا ۾ اُت ڀاڻ دل کولي دان ڪن ٿا، پر هت هنن پانڊن ۽ لوڀي براهمڻن جي ڪشٽ ڪري، ٿان لاءِ هٿ کُلي به مشڪل ٿو. اُنهن لاءِ ڪيول پئسو ئي ڀڳوان آهي ۽ ڀڳوان ڪجهه ڪين!

دادا، مندر جي وهنوار جي اها دکدائڪ روبڪار پسي، دل ۾ دکي پئي ٿيو ۽ رام کي پئي پڪار ياڻين ته "هي منهنجي هردئه مندر جا راجا رام، تون اڃا بنواس آهين! موت، هت لوڪ ته ٿوکي وساري ويٺا آهن!"

دادا جي شاهاڻي شڪل ۽ شاندار چال ڏسي، پانڊن سمجهيو ته هي ڪو شاهوڪار سيٺيو آهي، جنهن سان گڏ سندس زيردست آهن. سو ڪيس ورائي ويا ۽ پيسن جي پيڙ لڳائي بيٺا. دادا پنهنجي ڌن ۾ اڳتي هلندو هليو، تان

پوَن پوُن ٿي ڪئي، ته پانڊن گهُر گهُر ٿي ڪئي! پر دادا هن دفعي هڪ هڪ کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيندو هليو. ڪنهن کي ٽڪو، ڪنهن کي آنو، ڪنهن کي ٻه آنا. هڪ پانڊو دادا جي اڳيان آرتيءَ جي ٿالهي کڻي اچي بيٺو ۽ چيائينس ته ٿالهيءَ ۾ هڪ رپيو وجهو! دادا، ڀاڳ ۾ اچي ڪو به ڪم ڪرڻ وارو ڪين هو. سو گيتا جو مشهور سنسڪرت سلوڪ: "پترم، پشپم، ڦلم، تويم" اُچاريائين، معني هڪ پتو، هڪ پشپ، هڪ ڦل، يا جل جو چڪو، جو ڀڳتيءَ سان ارپڻ ڪري ٿو، سو مون کي (ڪرشن کي) سوڪار آهي. پانڊي کي خوشي ٿيڻ بدران بخيلي وٺي ويئي، سو ٿالهي کڻي پياري دادا جي منهن ۾ هنيائين!!! جشن ۾ ٻيا سڀ حيران ٿي ويا، پر پيارو دادا هڪ سچي سنت جيان پرشانت رهيو! شري ايشا جي سکيا ته ڪير توکي ساڄي ڳل تي ٿڦڙ هڻي، ته تون پنهنجو ڏائو ڳل به ڦيرائي ڏينس. اها ياد ڪري، دادا هن سائينءَ جي سنواري کي پاڻ آسيس ڏني ۽ چيائينس ته "پيارا، شل توتي آسيس ٿئي! تون پنهنجي هردي مندر ۾ رام جي تصوير ڌار. تون رام ڏي نهار!"

دادا ڌرمشالا ۾ آيو. هاڻ ڪيترن درپدرن کي سڌ پئجي ويئي ته هڪ اُدار دل، ديوتا سروپ انسان آيو آهي جو سڀني کي پيو ڏئي. سو هو اچي ڌرمشالا جي دوار ٻاهران مڙيا. دادا به هڪ کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيئي سندن آسيس ورتي ۽ پوءِ ويو اسٽيشن تي، جتان هو مدراس ويو.

مدراس ۾ گڻيش اينڊ ڪمپني نالي هڪ مشهور پستڪ پرڪاشن ڪمپني هئي، جنهن دادا جا انگريزيءَ ۾ اٽڪل چاليهه پستڪ ڇپائي پرڪاشن ڪيا هئا. ان ڪري سنڌي ۽ گهڻيئي غير سنڌي به دادا کي سڃاڻندا هئا. هو ڪيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. دادا هميشه جيان روز ستسنگ ڪيو. جتي

جي مک ڏانهن نهارڻ لڳا. پر دادا ته اچا به پنهنجي آنند جي اوستا ۾ هو ۽ پئي ٿي ٻمي ٿي گنگنايائين، "رام سمر، رام سمر، يهي تيرو ڪارج هئه!" ڪيس ائين چوندو ٻڌي سيٺيءَ کي اشارو ملي ويو. سو هو به اهوئي منتر اُچارڻ لڳا ۽ ائين هو به سچ، چئو جو هن سمي رام نام ئي سندن ڪارج ۽ ڪرتويه هو! انهن جي ڀڳتيءَ ۽ وئراڳ ڏسي، هڪ ياتريءَ ڏاڍو پرڀاوت ٿيو ۽ پنهنجو آنگوچو ڪڍي دادا کي ڏنائين. مشڪندي ڪشڪندي، دادا اهو هٿ منهن ٿوئڻ لاءِ ڪتب آندو ۽ چانهه پي، ويو رام ڪنڊ ڏانهن. ويچار هوس ته ٽٻي ڏيئي، غريبن جي شيوا ڪري پوءِ ٽپڙ سويون ۽ هي مهاپوتر اَستان ڇڏيون.

اول هو لڪشمڻ ڪنڊ ۽ سيتا ڪنڊ، پر آئي پياري لڪشمڻ ۽ سيتا ماتا جي بدران سيئور چڙهيل پاڻيءَ ۽ بيشمار مڇر هئا. دادا پنهنجو ارادو بدلايو ۽ هليو رام ڪنڊ ڏانهن. رام ڪنڊ هڪ وڏو شاهي تلاءُ هو. مڇر به رام جا ڀڳت ئي هئا، سو انهن هٿ به پئي موج ۾ اشنان پاڻي ڪيو ۽ "يوُن يوُن" جي سر ۾ ڳايو وڄايو. دادا ڏاڍو خوش هو، سو جشن کي ساڻ ڪري، گهڙيو جل اندر! بين ياترين به اُت ٽٻيون پئي ڏنيون. دادا ته موج ۾ هو. نڪي مڇرن پئي منجهايس، نڪي سندن سريلي تان تي تنگ ڪيس. ويو ٽٻين پٺيان ٽٻيون ڏيندو. دادا، جنهن کي صفائيءَ ۽ صحت جو خاص خيال رهندو هو، تنهن هن آستان ۽ واهو منڊل ۾ اهي قاعدا قانون ڪين ويچاريا. هيءُ ته هو ڪيول سري رام جو نام! هن ته رام جي سروور ۾ ٿي اشنان ڪيو! سنتن ۽ بين ۾ اهڙو اهوئي سنڌو آهي. اشنان ڪري دادا جڏهن ٻاهر نڪتو، تڏهن گمد گد ٿي چيائين ته "سري رام جو درشن پائي پرسن چت ٿيو آهيان. هاڻ هلون ٿا." اها آهي ڀڳتي، مهاپرش ۽ اوتارن لاءِ.

رام ڪنڊ وٽ جيڏا مڇر هئا، تيڏا پانڊا به هئا. مڇرن

۽ سندر وچن ٻڌي هوءَ نيڻن مان جل وهائڻ لڳي، ۽ چوڻ لڳي ته ”هن کان اڳ مونکي اهڙي مهاپرش جو درشن نصيب ڪين ٿيو آهي، جنهن جي شرير جي انگ انگ مان پريم جون ڌارائون پيئون نڪرن!“

بيشڪ، دادا ته هو هڪ نرمل پريم جو سنڌو ساگر، جو هن پرٿويءَ تي پڌاريو ئـي هو پياسين کي پنهنجي پريم جو جل پيارڻ ۽ سڪل دلين جي کيتن کي سرسبز ڪرڻ. ان ڪري ته هو پنهنجي شرير جي ڪشٽن جي به پرواه نه ٿي ڪئي. مدراس جي گرم ۽ گهميل آبهوا ۾ اچي ڪيس وائي سور ۽ سوڄ ٿي، پر هيءُ ڏس ته پيو پنهنجو ڪم ڪار ڪري ۽ مشڪي! اصل لڪائيندو ڪين هو ته ڪيس ايڏو ڀاري سور آهي. دادا لاءِ هڪ خاص وڏي ميٽنگ رکي ويئي هئي. سور به چوي ته اڄ نه ڀوان ته ڪڏهن ڀوان! دادا مشڪي سور کي چيو ته ”پيارا، تون ڀلي آئين، جو تون منهنجي پريتم وٽان آيو آهين.“ دادا کي جڏهن به ڪو شريرڪ ڪشٽ ٿيندو هو، تڏهن سندس پر ٻل اڃا شڪتي به ازخود وڌي ويندي هئي. تنهن ڪانسواءِ لوڪن مان جو هنئس پيار ۽ قرب، سو هن چيو ته ميٽنگ ۾ به ضرور هلبو. پر ڊاڪٽر ڪيئن لهي؟ نيٺ ڪيس ڪرسيءَ تي وهاري هيٺ لاٿو ويو، جتان موٽر ۾ ميٽنگ ۾ آندو ويو. دادا جڏهن جَنَ سموهه کي ڏٺو، تڏهن سور ڀُور سڀ وسري ويس ۽ اهڙي ته زوردار تقرير ڪيائين جو ڪنهن کي سپني ۾ به اِهو سنڪوچ نه ٿيو ته ڪيس شرير ۾ ڪو سور به آهي. هن سنت ته پنهنجي سائينءَ جو سڏ اونائي، سندس ٿي سنيهو ٻئي لوڪن کي ڏنو.

هارڊڪ سواگت

ڇنڇر ١٦ سيپٽمبر ١٩٣٩ع حيدرآباد اسٽيشن جو نظارو نرالو هو. ميران اسڪول جون ٻالڪيون، شڪتي اسڪول جا ٻالڪ،

ڪيترائي سنڌي پاڻ پڻ اچي شامل ٿيا. جدا جدا سنستائن ۽ دادا کي ڪوٺ ڪئي ته اچي اسان کي آسيس جا اکر چئو.

رنسا ڊي هال ۾ گوکلي هريجن ڪالونيءَ ۾ دادا جا انگريزيءَ ۾ ليڪچر رکيا ويا. ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي اوائلي آشرم اڊيار ۾ دادا کي مانپترُ ڏنو ويو. هريجن ڪالونيءَ ۾ دادا چيو ته هتي اچي مان ائين پيو سمجهان ته مان ڪنهن تيرٿ آستان تي آيو آهيان. هن ڪالونيءَ کي مان هڪ آشرم پيو سمجهان، هڪ پراچين ڪال جو آشرم. ڀارت ملڪ جو مهندار ۽ سڀيتا جو سردار ٿيو آشرمن جي ڪري. ڀارتيه سڀيتا جا آشرمن مان پرڪاش ٿئي، تنهن جا هي ٽي وشيش پرڪار هئا: سادگي، آتمڪ جيون ۽ سيوا! سيوا ڪيول خدمت ڪرڻ ۾ ڪين آهي. سچي سيوا اها جا غريبن سان گڏجي. مون کي خوشي آهي ته هتي اهي ٽيئي ڳالهيون ميسر آهن. مسڪينن سان مِتريءَ جو ناتو رکڻ سان سچو آنند پراپت ٿئي ٿو، اهو رامرس ملي ٿو، جنهن لاءِ سنت روداس چيو آهي: "رامرس پيئو ڙي ڀائي!"

انت ۾ دادا چيو ته "جن کي دنيا هريجن ڪوٺي ٿي سي سچ پچ اتم ديدر نارائڻ جا پگل پيالا. پريو جوي پيو: مون کي پاڻي پياريو پگل پيالي ۾! ديس دکي آهن پر ايتر جا پگل پيالا. ڀارت ورئي سڀني ديسن جو سرتاج ٿيو ان ڏينهن، جنهن ڏينهن شري ڪرشن جو روپ، انهن پگل پيالن، هري جنن ۾ ڏسي، ڀارت انهن جي پوڄا ڪندو."

ان آشرم جي چارج ۾ هئي شريمتي مُتُولڪشمي ريڊي. دادا کي ڏسي ۽ ٻڌي هوءَ ڏاڍو گد گد ٿي ٿئي. هن پڻ پنهنجي دور درشتيءَ ۽ پريشرم سان هن آشرم کي چڱي اوج تي آندو هو. سندس هردو ڪومل ۽ شد هو. دادا جا عجيب

سگهيا هئا سي اُتي سانڍس گڏ يا.

نامنگر ۾ ننڍڙو ستسنگ ٿيو، جتي پوڄا پرارٿنا جي پڇاڙيءَ، دادا ننڍڙو اُپديش ڏنو.

دادا سيٺي کان موڪلائي هليو ڊاڪٽر هيرانند جي گهر، جتي خوب خوشيون ٿيون. جڏهن ته سري رام ٻنواس ڪانپور پنهنجي گهر موٽيو هو. ڊاڪٽر هيرانند، ديوڪي ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي ڏسو ته ڪيڏن ۾ ئي نه پيا ماپن. ڪين واشواس ئي نه ٿي آيو ته دادا سچ پچ ڪو وٽن آيو آهي. سنتن کي پلا ڇڪڻ وارا آهن گهڻا، سو هو جن وٽ رهن، سي پنهنجا ڌنيه ڀاڳ سمجهن. گهر جا ڀاتي سڀيئي اُچي دادا جي چرنن ۾ وينا. ستسنگ جا ڀائر ڀينر وري شام جي ستسنگ لاءِ نهاري رهيا هئا، جڏهن کين دادا جو درشن ملندو. گهر گهر ۾ دادا جي چرچا هئي.

نيٺ تماشام پاڻ سان خوشيءَ جو نظرانو کڻي آئي. ڪيترا ئي پياسي پريمي، دادا جي درشن ۽ اُپديش ٻڌڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا. دادا جي مٺي آواز ٻڌڻ لاءِ کين اندر ۾ آتر ويلا اُٿي رهي هئي. دادا سندن پريم پياس ڏسي هڪ ننڍڙو پر مٺو اُپديش ڏنو.

ٻئي ڏينهن آرتوار هو، سو نيم اَنوسار ڪرشن هال ۾ صبح جو ساڍي ڇهين ٻجي کان اَٺين ٻجي تائين ستسنگ ۽ نام ڪيرتن ٿيو. ڪرشن هال ماڻهن سان ٿمتار ڀريو پيو هو، جٿن مهنن کان پوءِ لوڪن کي لعل جي درشن جو سؤ ڀاڳيه پراپت ٿيو هو. هنن کي هردي ۾ اها اُتڪنٺا هئي ته دادا جيڪر کين سري لنڪا جي سفر بنسبت ڪجهه ٻڌائي. دادا کين ٻڌايو: "پارت ۽ سري لنڪا ٻئي ڀائر آهن. ٻئي گوتم ٻڌ کي پوڄين ٿا. ملڪن ۽ قومن کي اڄ ڪلهه گوتم ٻڌ جي مئتريءَ يا ڀائپيءَ جي سنديش جي آوشڪتا آهي."

حيدرآباد ۾ نيم اَنوسار ستسنگ ٿيندو رهيو. دادا ٻـ

سندن اَڌ ٻاپڪائون ۽ اَڌ ٻاپڪ، ستسنگ جا پائر پيٽر ۽ نگر جا ڪي ٻڌ پُرش ۽ ناريون اچي مڙيا هئا. دادا واسواڻيءَ لاءِ اَنيڪ دلين جي اندر پيار ڀڳتي ۽ شرڌا هئي. سندس سواگت ڪرڻ لاءِ هٿن ۾ هار، گل ۽ ناريل کڻي سڄو لشڪر اچي سهڙيو. ٻين چئن مهنن کان پوءِ هي ٻيو ڀيرو هو جو پيارو ستگر ۽ سنتن جو سنيهو، سنگ دويپ (سري لنڪا) جي لوڪن کي سڻائي، سري رام، سيتا ۽ گوتم ٻڌ جي آسيس وٺي، پنهنجي جنم ڀوميءَ ۾ ٽي پڌاريو.

جڏهن پري کان ڏٺائون ته گاڏي اچي رهي آهي، تڏهن سڀني جون دليون ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳيون. ٽرين ٻه ٽڪ ٽڪ ڪندي، قرب جي ڪُوڪ ڪندي، آهستي آهستي اچي پليٽفارم تي بيٺي. دادا جو دريءَ مان درشن ڏيڻ ۽ وديارٿين ۽ وڏن جا ”دادا واسواڻيءَ جي جئه“ جا نعرا بلند ٿيڻ! نعرن جي گونج سان سڄي اسٽيشن ئي گونجي وئي. وديارٿين جون، انتظام ۾، ٻه قطارون ٺاهيون ويئون هيون، جن جي وچ مان دادا کي لنگهائي، گارڊ آف آنر (Guard of Honour) ڏيڻو هو. اُنهن جي پرسان پائر ۽ پيٽر به قطارن ۾ ٿي بيٺا، جيئن هرڪ کي سولائيءَ سان درشن ملي سگهي. ڪي ٽورا ٻوڙ پائي وڃي دادا جي چرنن تي ڪريا. دادا ڏاڍو ٿڪل هو ۽ پير ۾ وائي سور به هوس ته به هن سڀني سان هٿ جوڙي کلي ڪيڪاريو ۽ آسيس ڏني. دادا کي گارڊ آف آنر ڏيئي، وديارٿي ڏاڍ وگد گد ٿيا. دادا کي ڦول مالهائون پهرايون ويئون ۽ مٿس ڦول پتين جي ورکا ڪئي ويئي. ڪافي سمو گذري ويو. نيٺ دادا کي سچر ۾ ٻاهر وٺي آيا ۽ گهوڙي گاڏيءَ (وڪٽوريا) ۾ وهاريائون. سري لنڪا وڃڻ وقت دادا ڊاڪٽر هيرانند جي گهران نڪتو هو، پر هينئر هو سڌو نام نگر هليو، جو جو اُهو ستسنگ جو آستان هو. جيڪي پائر پيٽر اسٽيشن تي نه پهچي

سو به آهستي آهستي دادا وٽ ڇڪجي آيو.

ڪرشٽ ڪنج ۾ ست سنگ

ڪراچيءَ ۾ دادا پنهنجو گهر، ڪرشٽ ڪنج، ڏسڻ ويو جو بلڪل تيار هو. ڪيس اڳيئي پروُن پئي پيا ته اُهو هڪ عمدو ستسنگ جو ڪيندر بڻجندو. سو هوُ ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ اچي اُت رهيو. پندرهن ڏينهن کان پوءِ هڪ صبح جو ستسنگ جو آرنڀ ڪيائين. ڏن بدن ان ستسنگ ۾ وڌيڪ وڌيڪ ماڻهو ڇڪجي آيا جو دادا جن صاحب جي سکمنيءَ تي اُپديش ڏيندو هو. گرن لاءِ ڀڳتي ته گهڻن سنڌين جي دل ۾ آهي، سو ڪيترا پائر پيمر دادا کي ٻڌڻ لاءِ ستسنگ ۾ اچڻ لڳا.

ڪيترا دفعا پائر پيمر دادا کي ڪرشٽ ڪنج ۾ اڪيلائيءَ ۾ اچي ملندا هئا. خاص ڪري صبح جي ستسنگ ڪانپوءِ هو ساڻس پنهنجون تڪليفون ۽ دل جو حال اچي ڪندا هئا. دادا کين ڏاڍي ڌيرج سان ٻڌندو هو ۽ سندن مشڪلاتن جو حل ٻڌائيندو هو. ڪيترا دفعا اِئين چوندو هون ته پيارا، توهين پکين کي داڻو پاڻي ڏيو ۽ سندن آسيس وٺو.

پکين لاءِ پيار

دادا جو پيار ته سڀني پراڻين سان هو. جيت جنت، پکي پسون، هو ڳائين کي گاهه کارائيندو هو، ڪتن لاءِ مانيون پچارائيندو هو، ڪئلين کي ڏارو ڏياريندو هو. پر پکين پرندن لاءِ سندس دل ۾ سڀني کان وڌيڪ پيار هوندو هو. ڪرشٽ ڪنج جي وڏي شاهي ڪڌ تي اناج جون ڳوٽيون ليٽارائيندو هو ۽ روز تازي پاڻيءَ جون پائيون پرائي رکائيندو هو. سڄن جي تعداد ۾ ڪبوتر، ڪانوَ، ڪئليون، ڪبريون ۽ جهرڪيون ايندا هيون ۽ ڪڻا داڻا کائي، پائين پيمان پاڻي پي، دادا کي آسيس ڏيئي وينديون هيون. دادا هڪ جيوَ کي پرديس جو پکيئڙو ڪري سمجهندو هو، جو ٿورو وقت پرٿويءَ تي ڪٽهن ڪري ٿو.

روز اُپديش ڏيندو هو. ياترن ۽ پيمين جهجهي انداز ۾ ايندا هئا.

جنم دن ڳوٿري

٢٥ نومبر، دادا جي سڦل جيون ياترا جا ٥٠ سال پورا ٿي ٿيا. پيرڻ سٿي ٿڌائي اچا تازو دادا جي مهما سري لنڪا ياترا تي ڏسي آئي هئي. سو ڪيس دل ٿي ته جيڪر دادا جو پنجاهون جنم ڏينهن ڌوم ڌام سان ملهائجي ۽ ڪيس پنج سؤ رپين جي ڳوٿري پيش ڪجي. ان ڏينهن ۾ پنج سؤ رپيه وڏي ڳالهه هوندي هئي. هن سانتيڪي نموني ۾ ڪن ستسنگي ياترن پيمن سان اِها ڳالهه ڪئي، جا سيٺي کي ڏاڍي وڻي. سيٺي کچ نه کچ سٿيءَ کي ڏيئي سندس اُتساهه بيٺو ڪيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾، سيٺي جي پريم جي ڦلن مٿ پوندي، ڳوٿري پنج سؤ رپين سان پوري ويئي.

رات جي ستسنگ ڪانپوءِ، شانتيءَ ۽ پارٿيءَ، انڪل سؤ جڻن جي روني آشرم ۾ ڪئي. دادا خود پنهنجن ڪرڪملن سان اُنهن ياترن ۽ پيمن کي کاڌو ورهايو ۽ سندن شيوا ڪئي. شيوا ڪندي هو ڏاڍو سرهو ٿي لڳو. پوءِ بزرگ ڪاڪي چوئٿرام، سيٺي جي اڳيان دادا کي اها پنج سؤ رپين جي ڳوٿري پيش ڪئي. دادا اُها سڪ سان ڏنل سوکڙي قرب ۾ قبول ڪئي ۽ اُني جو اُلي ياءُ گنگارام کي ڏيئي چيائين ته اها شيوا جي ڪم ۾ لڳايو.

آتمو واسواڻي

سنه ١٩٣٩ع ۾ آتمو مولچند واسواڻي، دادا وٽ ڇڪجي آيو. سندس پتا شري مولچند، ميونسپل اسڪولن جو سپروائيزر هو. هو دادا جو ويجهو سؤٽ هو ۽ دلواڻي گهٽيءَ ۾ رهندو هو. هاڻ هيرآباد ۾ اچي رهيو هو. سندس گهر نام نگر جي بلڪل نزديڪ هو. گهر جا سڀئي ياڻي ستسنگ ۾ نيم سان اچڻ لڳا. آتمو، جنهن کي دادا پيار قرب وچان آتما ڪري ڪوٺيندو هو،

مشڪي چيو: ”هري اَڇ نہ توکي ڏيان اَنجير، جيئن ٿئي تنهنجي زنجير!“

ان ڏينهن ۾ مان دادا کان دور، حيدرآباد ۾، ميران اسڪول جي چارج ۾ هئس. دادا ڪراچيءَ هوندو هو تہ منهنجو من ۽ آتما بہ اُتي دادا جي چرنن ۾ هوندا هئا. چاهيندي هئس تہ جيڪر مان بہ اسڪول جي جوابداريءَ جي زنجير ٽوڙي، ڪرشت ڪنج جي قوهاري جي آزاد پنڇيءَ جيان، دادا جي چرنن ۾ چوڳو چڳان ۽ ڪيليان ۽ ڪلان! دادا کي بار بار وينتي ڪندي هئس تہ دادا، منهنجون زنجيرون ٽوڙي مون کي سوتنتر ڪريو. تنهن ڪري اُني شايد دادا اَنجير جي وڻ وٽ ويهي، مون کي اهي اکر چيا:

”هري، اَڇ نہ توکي ڏيان اَنجير،
جيئن ٿئي تنهنجي زنجير.“

پر دادا اهي آنند دائڪ اکر منهنجي آس ڏسي فقط مون کي خوش ڪرڻ لاءِ اُني چيا. نہ تہ هن چاهيو ٿي تہ مان پنهنجو سوڌرم پاليندي رهان ۽ ڪرم اِئين ڪريان جو اُهو منهنجي پوڄا ٿئي پوي.

باغ جو مالهي

ڪرشت ڪنج جي باغ جو مالهي عمر جو ڪرڙو ٻڍو هو. هو هڪ يگت جن هو. سانت اُني سانت ۾، هو پنهنجي هنرائتي نموني ۾ پيو پورهيو ڪندو هو. پيارن پيارن پٽن ۽ ٻوٽن، ڦولن ۽ ڦلن سان سندس ڪتنب جيان ناتو ۽ موهہ ٿي ويو هو. پوري نيم سان ٻارن کي پاڻي ڏيندو هو، ۽ سڪل پتا ۽ ڪن ڪچرو ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪندو هو. سندس پريم جي پورهئي ڪري، اهو اُديان جڻ ڪلپي بينو هو. جڏهن گلن ڦلن جي پر سان ايندو هو تہ هو ڪيس ڏسي خوشيءَ مان جهومڻ لڳندا هئا. سائي گاهہ جا ڪومل پتا بہ ساڻس پريم سان پيش ايندا هئا.

جي پورتيءَ لاءِ پيدا ٿيو آهي ۽ جنهن کي وري موٽي اُمر ڌام ڏانهن اڏامي وڃڻو آهي. آتما - پراڻ، هڪ پکيئڙو ئي ته آهي!

ڪرشت ڪنج ۾ ڪيول پنڇي ئي ڪين وشرام پائيندا هئا، پر منش پڻ. ڪرشت ڪنج کي هڪ وشال ڪمپائونڊ هو، جنهن ۾ دادا هڪ ننڍڙو سندر اديان پوکايو هو. اُن اديان جي چئني طرفن گلن جا ٻارا ۽ ساوا گاهه هئا ۽ سيني جي وچ ۾ هو هڪ نرمل ڦوهارو. جنهن مان نماشام جي سمي نرمل پاڻيءَ جون لاٽون مٿي چڙهنديون هيون ۽ وري ٻوندون ٻوندون ٿي هيٺ ڪرنديون هيون. ڦوهاري جي گول ٻني تي دادا اُنهن ٻوندن جي بهاريءَ ۾ وينو هوندو هو ته ڪڏهن ڪڏهن ڪي پياسي پکي به اچي اُتي وهندا هئا ۽ خوشيءَ ۾ ڪيل ڪُود ڪري پاڻ کي ۽ دادا کي وندرائيندا هئا. دادا اُنهن کي خوش ٿيندو ڏسي پاڻ به اُتي آنند ۾ اچي جهومندو هو. پنڇي پيارا به آهن فرشتا، جي پاڻ سان اَلوڪڪ سنديش کڻي اچن ٿا. پر ڪي ٿورا منش آهن، بلڪل ٿورا، جي سندن ٻول چال سمجهي سگهن ٿا.

رنگبرنگي، پيارن پيارن، ڪرمل ڪومل، سندر سندر، سگند سان ڀربور گلڙن قلڙن کي صبح ۽ شام جو، پشچم جي سيتل هوا ۾، خوشيءَ ۾ جهومندو ۽ نچندو ڏسي پياري دادا جون اکيون چمڪي ٿنديون هيون ۽ سندس آتما ڪنهن دور ديش ڏانهن سفر ڪرڻ لڳندي هئي. ڪنارن ڪنارن کان دادا سوين ڪيلن، پپئين ۽ اَنجيرن جا ورڪش به پوکايا هئا، جن جي لذندڙ لاعن تي، ڪڏهن بلبلين جي ٽڪلوُ ٽڪلوُ، ته ڪڏهن طوطن جي ٽنوار، ته ڪڏهن ڪويلن جي ڪُونجار ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. مطلب ته ڪرشت ڪنج سک ڌام جو هڪ دوار هو.

هڪ ڏينهن جي مٺي يادگيري دل تي ترِي ٿي اچيم. دادا ۽ مان هڪ انجير جي وڻ جي ڇايا ۾ ويٺا هئاسين ته دادا

آرتوار تي حيدرآباد کان ڪراچيءَ ڪرشت ڪنج ۾ ايندي هئس ۽ اهو منو ڪلاڪ دادا جو گيتا گيان اُمرت پان ڪري پاڻ کي ڪرتارٿ سمجهندي هئس. اهي ٻه ڏينهن ڪرشت ڪنج جي رونق ئي نرالي هوندي هئي. دادا جو سنڌي ڀاشا ۾ اُپديش ته منو ۽ مٺڙو هوئي، پر انگريزي ٻوليءَ ۾ هو هڪ انگريز جيان، پرخاص مڌر مرليءَ جي آواز سان اُپديش ڏيندو هو، جو ٻڌي سڀيئي مگڌ ٿي ويندا هئا. سندس انگريزيءَ ۾ پستڪ پڙهڻ وٽان آهن.

سمبه گذرندو ويو. ڪراچيءَ ۾ ستسنگ وڏي وشال ٿيندو ويو. دادا کي چڪر لاءِ ڏليون، جي حيدرآباد هيون ته هينئر ڪراچيءَ ۾ ٻه گهٽ ڪين هيون. پريا پنج مهنا دادا ڪراچيءَ ۾ رهي پيو. پر ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ انتر هي هو ته ڪراچيءَ ۾ دادا نکي آشرم کوليا ۽ نکي اسڪول ۽ ڪاليج. حيدرآباد ۾ دادا کي نه ڪيول ستسنگ جا نرنارِيون سڪ سان ياد ڪندا هئا، پر اسڪول جا ٻالڪ ۽ ٻالڪيون، اَڌياپڪ ۽ اَڌياپڪائون ٻه سندس وڇوڙي ۾ پريم مان پڪاريندا هئا. ڪيترين ميران ٻالڪين جو نيم ٿي ويو هو ته هو روز دادا کان آسيس ضرور وٺنديون هيون. دادا ڪيترين ٻي مشغولين هوندي، ننڍڙن سان ننڍڙو ٿي وهندو هو ۽ منيءَ مشڪ سان ساڻن ڳالهيون ٻولهيون ۽ ڪل چرچو به ڪندو هو. هينئر ڪانئس سواءِ نام نگر جڻ ته ويران ٿي پيو هو.

هڪ رات هڪ ستسنگ جي ٻالڪيءَ، دادا جو ڌيان ڌري وڃي ستي. سپني ۾ ڇا ٿي ڏسي ته پيارو دادا کيس اشارو ڏئي ٿو ته مون لاءِ اَکنڊ پاٺ رکو ته مان حيدرآباد اچان. صبح جو اُٿي هن سپني جي ڳالهه ٻين ٻالڪين سان ڪئي. ٻين به حيرت ۾ پئي کيس چيو ته اهڙو ويچار ته اسان کي به هڪ کان وڌيڪ دفعا آيو آهي. چون ته اهو حيلو به هلائي ڏسون، چوته

ڏکڻ جي هير لڳندي هئي ته اها به سندس ٻڍڙي مٺن ۽ سخت هڏن ۾ پيرن کي چمندي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو ڪم کان فارغ هوندو هو ته هڪ ڪنڊ ۾ پلٿي ماري، سانت ئي سانت ۾ ويهي، نه ڄاڻان ڇا پيو سوچيندو هو. هڪ لڳا دادا اَڪيلو پنهنجي ڦيري لئي ڦولن ڦلن جي آسپاس وڃڻ آيو. ڏسي ته ٻڍڙو مالهي، هڪ ڪنڊ ۾ ماٺ ڪري ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ ويٺو آهي ۽ سندس اَڌ کليل اکين مان جل پيو وهي! دادا کيس پري پري ۾ سنڀال سان ڏسندو رهيو. نيٺ جڏهن مالهي، دادا جي ڪنگهڪار تي سجاڳ ٿيو، تڏهن ٿورو چونڪيو ۽ يڪدم اُٿي، ڪنڌ جهڪائي هٿ جوڙي دادا اڳيان مشڪي بيهي رهيو. دادا سندس آلين اکين ڏانهن نهاري ڪٺي کيس پنهنجي ڀاڪر ۾ جڪڙيو! مالهي هي اوچتو ڀاڳ کليل ڏسي، اَچمبي ۽ آنند ۾ اچي مشڪڻ لڳو ۽ وري وري پاڻ ڇڏائي دادا جي پيرن تي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر دادا کيس سوگهو جهليو هو. اُن ڏينهن کان پوءِ دادا کيس پنهنجي نرمل هٿن سان ڳٽيون ڪري نيرن ڪارائڻ لڳو ۽ کيس قرب ۾ قيد ڪري، جيون جي جهنجهٽن کان آزاد ڪري ڇڏيو.

گيتا ڪلاس

جنوري مهني ۾ دادا، ڪرشت ڪنج ۾، انگريزيءَ ۾ گيتا ڪلاس آرنڀ ڪري ڇڏيو. هر ڇنڇر شام جو، ڀن ڀن ڌرمن ۽ پرانتن جا پريمي پانڌيئڙا هن گيتا ڪلاس ۾ ايندا هئا ۽ هن وگياني سنت جي مک منڊل مان جي گيان، ڀڳتيءَ، ڪرم ۽ ڌيان جا اموَلڪ موتي نڪرندا هئا، سي جهٽيندا ۽ مالا مال ٿيندا هئا. کين لاڀ پراپت ٿيندو ڏسي دادا جي هردي ۾ به هرش اُتپن ٿيندو هو جو سري ڪرشن جي پياريءَ گيتا جو پرچار سندس آتما جي اَنڪول هو. پيارو جشن اُهي نوٽ وٺي ڇپائي، ٻئي ڇنڇر تي سڀني ۾ ورهائيندو هو. مان به ڇنڇر

سانت ئي سانت ۾ ڪرشت ڪنج ۾ موٽيا. ڪين اڪيلو ۽ ملول
منهن سان ڏسي، سنتي ۽ وڏي شانتي حيران ٿي ويئون ۽
ٽڪڙو ٽڪڙو پڇڻ لڳيون، "چو، ڇا ٿيو آهي؟ دادا ۽ شانتي
ڪٿي آهن؟ ٻڌايو، جلد ٻڌايو."

پياري جشن جي مهتا

تنهن تي جشن ڌيرج سان ڪين سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي
ته دادا ڇيو آهي ته، توهين هت ئي رهجو. پر سنتيءَ ۽ وڏي
شانتيءَ لاءِ دادا جي غيرحاضريءَ ۾ اتي رهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي
پيو، سو شام جي ٽرين پڪڙي هو ته ٿيون حيدرآباد روانيون.
گنگارام ۽ پارٻتيءَ کي به حيدرآباد ۾ اڳيئي وڃڻو هو، سو هو
به روانا ٿيا. باقي رهيو جشن. هو ته مهتا ۽ شرڌا جو پتلو هو.
سو اڪيلو ئي ڪرشت ڪنج ۾ رهي پيو. چاهي ها ته پاپيءَ
وٽ گاڏي ڪاٽي ۾ وڃي رهي سگهي ها. پر هن هينئر جو دادا
جو در پڪڙيو هو، تنهن کي ڇڏڻ نه ٿي چاهيائين. ڪرشت
ڪنج ۾ صبح شام ستسنگ ٿيندو رهيو. باقي وقت شانتي
لڳي پيئي هوندي هئي. مالهي ٻاهر باغ ۾ پيو ڪم ڪندو هو ۽
جشن اندر پنهنجي ڪمري ۾ ايڪانت ۾ ويهي دادا جو ڌيان
ڪندو هو يا پستڪ پڙهندو هو.

ٽي ڏينهن ٻڪر!

پياري جشن ٽازو ٢٤ - اپريل ١٩٨٠ع راتجو ڪن ٽورن
پائرن پيغرن کي ٻڌايو ته "گوتم ٻڌ پنهنجي ڇهن سالن جي
ڪٺن تپسيا ۾ ڏاڍيون ٻڪون ڪڍيون ۽ تن کي ٽسا ڏنا. سڀ
ڪان وڏيڪ ڪشٽ اٺن ٻڪ جو ڪشٽ. مون کي ٽن ڏينهن
جي ٻڪ جو ٽورو آزمودو آهي. جڏهن دادا ۽ ٻيا سڀ حيدرآباد
هليا ويا، تڏهن ڪرشت ڪنج ۾ مان ئي هڪ "گامو سچيار"
ٻلڪل اڪيلو رهيل هوس. مون ڪجهه ڪين کاڌو. پيٽ ۾ ٻک
هئم. آنڊا جنسي ڪلوس پئي ٿيا. پاپيءَ وٽ به ويس.

دادا اسان جي لڪڻ ۽ ڇوڻ ساں ته اچي ئي ڪين ٿو. اها ڳالهه ڳٺي آشرم جي سيٺ نياڻين گڏجي اکنڊ پاٺ رکيو ۽ دادا کي اطلاع ڏنائون ته دادا، اسان جو ٻرڌ توهان لي آهي. هاڻ توهين ڪيئن به ڪري اچو. توهان کي ڪيئن ٻڌايون ته توهان جي وڇوڙي ۾ اسان جو جيئڻ ئي جنجال ٿي پيو آهي؟ دادا نياڻين جو هي وينتي ۽ التجا پتر پڙهيو ۽ مشڪيائين. ڪير چئي سگهي ته ڪنهن سندس دل ۾ ڀرڀرٽا وڌي. پر جيڪي ٿيو سو سچ پچ هڪ اسرار ٿيو.

عجيب اسرار

سومر شام جو اکنڊ پاٺ جو ڀوڳ پوٽو هو. نياڻيون آس رکي وينيون ته گرو نانڪ اوشيه سندن ٻيڄ رکندو ۽ دادا کي حيدرآباد آڻيندو. ڇو ته ڪراچيءَ ۾ دادا، گنگارام، جشن ۽ پارپتيءَ ۽ شانتيءَ سان گڏ سومر صبح جو ٻاهر نڪتو. گنگارام کي هڪ ضروري خط حيدرآباد ڏانهن پوسٽ ڪرڻ لاءِ اسٽيشن تي وڃڻو هو. سڀ موٽر ۾ چڙهيل هئا. دادا ڪين ڪنٽونمينٽ اسٽيشن ٽائين وٺي آيو، جيئن گنگارام خط سولائيءَ سان ڪنهن کي ڏيئي سگهي. ٽرين اسٽيشن تي بيٺي هئي. دادا موٽر مان هيٺ لهي ٽرين ڏانهن نهاري پڇيو ته هيءَ گاڏي ڪيڏانهن ٿي وڃي؟ جشن ٻڌايس ته دادا، حيدرآباد ٿي وڃي، پر هاڻ ڇٽڻ تي آهي. دادا اهي اکر ٻڌا ته ٽڪڙي وک وڌائي چوندو هليو ته مان وڃان ٿو حيدرآباد. توهين موٽي گهر وڃو. ائين چئي هو ٽڪڙو ٽڪڙو وڃي گاڏيءَ ۾ ويٺو. شانتي همت ڪري دادا سان وڃي گاڏيءَ ۾ گڏ ويٺي. جشن به ڊوڙي وڃي ٽڪيٽون وٺي آيو ۽ هلندڙ ٽرين ۾ دادا جي هٿ ۾ ڏنائين. سڀيئي دنگ رهجي ويا ۽ هلندڙ گاڏيءَ ڏانهن اچرج وچان نهارڻ لڳا. ٽرين به دادا ۽ شانتيءَ کي اڏائيندي پوري سمي تي اچي حيدرآباد پهتي. هوڏانهن گنگارام، جشن ۽ پارپتي،

جا ويچار، اڳڪٿيون، سڀ اجايون آهن. سڀ ڪن جو کيل! جيئن پريو ڪري تيئن واهه واهه."

دادا هفتو حيدرآباد رهيو ۽ وري ڪراچيءَ جي ستسنگ ۾ ڀائرن ڀينرن ڏانهن چڪ ٿيس. حڪم جو بندو پيارو جشن به ڪيلو آس لڳائي ويٺو هو ته اڄ ٿو دادا اچي. سو دادا، حيدرآباد جي ستسنگين کان موڪلائي، سڌو آسيس وٺي، آيو ڪراچيءَ گرشت ڪنج ۾. پياري جشن کي حاضر ڏسي ۽ ستسنگ هلندو ڏسي، دادا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ جشن کي اچي ڀاڪي پاتائين. جشن جي نيڻن ۾ نير هو، پر خوشيءَ جو. ستسنگ کي آرنب ٿئي اجا ٽي چار مهنا مس ٿيا هئا، پر سندس پرپٽ ڀائر ڀينر ستسنگ جو جهنڊو اُتساهه سان اُوچو جهلي بيٺا هئا، اِن ڪري دادا ڏاڍو خوش هو. جشن تي به هو ڏاڍو پرسن ٿيو، جو هن سندس آگيا مڃي، گرشت ڪنج کين ڇڏيو هو.

پياري جشن کي تپ

ٿورا ڏينهن گذريا ته جشن کي اچي مدي جو تپ ٿيو. تن ڏينهن ۾ اُن تپ جو ڪو به خاطرخواهه علاج ڪين هوندو هو ۽ ڪاڏو به بلڪل بند رکيو ويندو هو. هڪ بيماريءَ جي اَشڪتي، ٻيو اُن جو ڪٺو به شريرَ ۾ نه وڃي! پيارو جشن اڳيئي هڪ پتلو شرير هو. هاڻ ته، آڻي باقي به، ڪمزور ٿي ويو. پياري دادا سندس چڱي پرگهور لڌي. تپ هڪ وار لٿو ته سهي، پر وري اٿل ڪاڏائين. تنهن تي ڪيس نبل ڪري ڇڏيو. ڀاڀي به اچي گرشت ڪنج ۾ رهي. جنهن ڏينهن رات پنهنجي پياري جيشٺ پٽ جشن جي شيوا ٽهل ڪئي. مان به جلد جلد پيٺي حيدرآباد مان ڪراچيءَ ويندي هئس.

جنماشٽميءَ ڏينهن حيدرآباد ۾ سڪي ستسنگ ڪليو هو. اهو ڏينهن هرسال اُتي چڱي اُتساهه سان ملهايو ويندو هو. پر هن

عجب ته پاپي، ڇا سدائين مون کي پنهنجي پيٽان ڪڍي ٻه ڪارائيندي هئي، تنهن به مون کي ڪاڻ لاءِ ڪين ياد ڪيو! شايد وسري ويس. ٻئي ڪنهن به ڪاڻ لاءِ ڪين ڇيو. مون ٻي ڏينهن پورن بک ڪڍي." تنهن ٻي ستسنگ جي پڄاڻ پار وٽي مورجاٽيءَ ۽ ڊاڪٽر پرلم، دادا جشن کان پڇيو ته "دادا، توهان رنڊٽي ۾ وڃي پاڻ ڇو ڪين ڪجهه ناهي کاڌو؟ ڇانهه ٿي ناهي پيٽو ها!" تڏهن دادا جشن کلي جواب ڏنو ته "پيٽرون حيدرآباد ويٺون ته رنڊٽي کي به ٽالو لڳائي ويٺون." نيٺ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مونکي ٽڪو مليو، جنهن جا ڇٽا ڊبل روٽي وٽي ڪاڌ ۾ تڏهن پيٽ جي بک تورت ٿي. ان ڪاڻ کان پوءِ ٿي ڏسو ته پاپيءَ به پڇيو ته جشن ڪجهه ڪائيندين؟ بک لڳي هوندءِ؟ پوريءَ به ڇيو ته فلاڻا، هيءُ ڪاءُ، هو ڪاءُ.

دادا کي اوچتو حيدرآباد آيل ڏسي، آشرم جي نياڻين ۽ ستسنگين جي دلين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. نياڻين اکنڊ پاٺ جو ڀوڳ نرچنت ٿي پاتو. دل جو ديوتا، سندن تپسيا ٿي پرسن ٿي پاڻ ٿي وٽن لنگهي آيو هو. هن برابر پنهنجو برت پاليو هو. گرو نانڪ سندن ننگ رکيو هو. خوشيءَ مان هنن نانين مڪلي جا سلوڪ پڙهيا، امنگ وچان هنن آرتي ڪئي ۽ اتساهه سان هنن ارداس ڪئي ۽ وڃن وڻڻ وقت ته ڪيترن جون اکيون آليون هيون.

ٻئي ڏينهن صبح جو دادا ستسنگ ۾ نديڙو اپديش ڏنو. "ستگر آهي بازيگر. اسين سڀ سندس پتليون، ڪير بازيگر جي بازي سمجهي؟ سندس کيل عجيب! اسين آهيون ڪهڙي چيز؟ ڪالهه ته مونکي ويچار به ڪين هو ته حيدرآباد اچان، پر اوچتو ٿرين ڏسندي ويچار آهو ته اچان. شل روز سندس حڪم ۾ هلون ۽ چئون، جيڪي واهگرو ڪري سو واهه واهه!" اسين ڪير آهيون؟ ڪيئن ان واهگروءَ اڳيان بيهي سگهون؟ اسان

وري اهو اُتساهه ٻين ۾ ڦوڪيندو هو. مونکي ياد آهي ته ڪيئن ٻه راتيون اڳ اسان ماڻ کي رات جو دادا جي چرڻن ۾ ويٺيون هيوسين. گرمي هئي. مون دادا کي وڃڻو ويٺي هنيو. دادا کٽ تي ليٽيو پيو هو ۽ پئي مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪيائين. مون هڪ ٽڪ ويٺي دادا جي منگل مورتيءَ ڏانهن سنيهه ۽ شرڌا وچان نهاريو. اوچتو مون کي اندر ۾ اُمنگ جاڳيو ۽ مون دادا کي مشڪي چيو: ”دادا پرڀوءَ جي دربار ۾ مٿي ته توهين ديوراج جي سوني پينگهي ۾ پيا لڏندا! اوڏيءَ مهل توهين مون هڪ نماڻيءَ آتما کي متان وساريو. اُتي توهين اوشيه مونکي سڏائجو. متان چئو ته تون ڪير آهين؟ مان ته توکي ڪين سڏائڻان.“ دادا منهنجون ٻاراڻيون ٻوليون ٻڌي مشڪي مون کي پيار وچان ڳراٽڙي پائي چيو، ”نه، ٻالڪي نه.“ نه ڄاڻان ان سمي، منهنجي زبان کي ڳالهائڻ جي آزادي ملي ويئي، سو مون وري ڪانئس پرشن ڪيو، ”پر دادا، توهان جو ڇا اُتي مان ۽ ڪير تي هوندي! مان ته توهان کان گهڻو هيٺ هونديس. پوءِ ڪرپا ڪري پنهنجي ڪروڻا درشٽي مون تي ڌرجو!“

آمي ٻلي ماءُ

ڇونه اِها سوني پينگهي جي ڳالهه ٻئي ڏينهن موهني هاتيراماڻيءَ جي ڪنن تي پيئي. هن وري اها پنهنجي ساهيڙيءَ جانڪيءَ سان ڪئي. جانڪي پنهنجي ڏاڏيءَ اُمي ٻلي ماءُ سان گڏ هيرآباد ۾ تي رهي. اُميءَ ٻلي ماءُ کي دادا لاءِ ايڏي نه دل ۾ شرڌا ۽ ڀڳتي هئي جو هوءَ پنهنجي پٽ ٻولچند هاتيراماڻيءَ جو شاهي محل ڇڏي، دادا جي پر سان هڪ ننڍڙيءَ نماڻيءَ جڳهه ۾ اچي رهي. اُمي ٻلي ماءُ جو ناتو دادا سان ڏاڍو مٺو هو. هوءَ کيس پنهنجو پٽ ڪري سمجهندي هئي ۽ اسان کي ٻه ڏاڍو مٺو پيار ڏيندي هئي. ڀاءُ گنگارام سان ته خاص پيار هوس جو هن سندس پياري دادا جي سيوا تي ڪئي.

سال ١٩٤٠ع ۾ دادا کي حيدرآباد وڃڻ جو ويچار ڪيو هو. جشن نيڪ ڪين هو، شايد اِن ڪري. حيدرآباد جي ستسنگين جي دلين ۾ ڏک هو، پر ڪراچيءَ جا ستسنگي ڏاڍو خوش هئا. ڪرشن ڪنج جي ستسنگ هال ۾ ننڍڙو مندر شيام سندر جي منوهر مورتيءَ سان سينگاريو ويو هو. شيام جي ڇيل ڇبيلي انوکي هئي. سندس مک تي هڪ من موهڪ مشڪان هئي ۽ چپن تي مرلي هئس. مٿي تي مور مکٽ ۽ هيٺ پيتامبر پهريل هئس. سندس نيڻن ۾ گهائيندڙ تِرڇي نظر هئي. ٻاهر ڪمپائونڊ ۾ وڻن تي بجليءَ جون بتيون لڳايون ويئون. دادا ڏاڍي پريم وچان جنماشٽميءَ ۽ شيام سندر تي اپديش ڏنو. پائر ۽ ڀڄن جهڙي انداز ۾ آيل هئا.

انهيءَ ڪجهه سمو گذريو. دادا کي حيدرآباد جا ستسنگي چٺيون پٺيان پيا لکندا هئا ته هاڻي جلد اسان وٽ اچو. هڪ ڏينهن جشن کي دادا اوچتو سڏايو ته مان حيدرآباد وڃان ٿو. تون جڏهن نيڪ ٿين، تڏهن اچج. جشن ايڏو ته نبل ٿي ويو هو جو پورو هلي به نه ٿي سگهيو. دادا جا اهي وچن ٻڌي ڏنگ رهجي ويو. دادا کي دل ڪيئن ٿي ٿئي، جو ڪيس هڙي حالت ۾ ڇڏي حيدرآباد ٿي ويو! سنتن جي چال بيشڪ نرالي آهي. ڪڏهن مکڻ ملايون پيا کارائين، ته ڪڏهن وش جا پيالا پيا پيارين! پر قضا سان دادا کي گوڏي ۾ اچي وائي سور پيو جنهن ڪري حيدرآباد وڃي نه سگهيو ۽ پورو هفتو وڌيڪ ڪراچيءَ ۾ رهيو. آخر ١٤ سيپٽمبر دادا حيدرآباد ويو ۽ جشن وڃي پاڻ وٽ رهيو.

سونو سپنو

وچيه د شمي (ڏسهڙو) ويجهو هو. دادا کي جي سري ڪرشن لاءِ قرب هو ته سري رام لاءِ به گهڻو پيار ڪين هوس. اهو ڏينهن اُتساهه سان ملهائڻ لاءِ پئي تياريون ٿيون. سڀ ڪان وڌيڪ اُتساهه هو دادا ۾، ۽ هو

کيس پنهنجي هردي جي پينگهي ۾ ٿي لوڏيو، جگر جي جهوُلي ۾ ٿي جهوُلايو. سندس تن، من ۽ آتما ۾ دادا جا اُپي ويچار هئا. ان ڪري اُپي اُنتم سمي سندس مکڙو چمڪي رهيو هو. مون جڏهن سندس اُنتم آسيس ورتي، تڏهن دل اُپي دل ۾ پرارٿنا ڪيم ته اُمي، مون تي به اُهڙي آسيس ڪج ته مان به پنهنجي پياري دادا کي سک ۽ پريم جي سوني پينگهي ۾ لوريءَ سان لوڏيان. ڪهڙي خبر، اُمردام ۾ دادا ڪٿي هوندو ۽ مان ڪٿي هونديس؟ کيس اُتي سونن پينگهن ۾ لڏندو ڏسي سگهنديس يا نه؟ پر شل هتي اُءِ منهنجو هردو بڻجي پوي هڪ سورڻ پينگهو، سک سندو سونو پينگهو، جنهن ۾ مان پيئي جهولايان پياري منڙي دادا کي ۽ رهان سندس نيڙي.

ٻي اُمي

هڪ ٻي بزرگ اُمي به پنهنجو گهر لڙ ڇڏي اچي نامنگر ۾ رهي هئي. اهائي پياس هئس ته دادا جي ڪرپا ڇايا ۾ چيت هيٺ رهان. سندس ميناج، سندس سک، سندس پڳتي، سندس شيوا، کيس سيني جي دلين ۾ سوگهي جاءِ وٺي ڏني هئي. سندس شرڌا ۽ صدق ايترو ته هو جو کيس پورڻ وشواس هو ته هوءَ دادا کي پرارٿنا ڪندي ته دادا اها اوشيه اونائيندو. هن اُميءَ سنو به ڏايو، پر سڀ ڪجهه سانت ۽ ڌيرج ۾! ان صدق کيس سوگهو جهليو. ننڍن سان ننڍي ٿي، انهن سان ڪل خوشيءَ ۾ گهاريندي هئي.

هڪ دفعي رات جي سمي، نامنگر جي اڱڻ ۾، اُمي ۽ کي نياڻيون ويٺيون هيون. مان به سندن وچ ۾ ويٺي هئس. ستسنگ پورو ٿي چڪو هو. ٻالڪي ئوُند، جنهن کي اسين نوين ڪري سڏيندا هئاسين، ٿنهن کٽي چيو ته اَج مون کي هڪ شيءِ کپندي هئي. ولس بزار ۾ وئڻ، پر ملي ئي ڪانه. ٿنهن ٿي اُميءَ چيس ته نوين، توکي ڇا کپي؟ مان ٿي سياٽي اها

گنگارام کي سڌيون پنهنجي ٽنگي رهنديون هيون. خاص ڪري مهيني جي شروعات ۾، جڏهن کيس اسڪول ۾ پگهار ڏيڻا پوندا هئا. اهي ڪيترا لڳا کيس اڌارا پئسا ڏيڻي چوندي هئي ته پل کٽب لڳاءِ. ستسنگ ۾ وڃڻ ڏينهن تي پرساديءَ وقت، ڀاڄين وڙهڻ، رڌڻ ۽ پوڙهن ٽرڻ وغيره ۾ هوءَ ڏاڍي سهايتا ڪندي هئي. موهني ته شيوا جي مورتي هئي. هوءَ ۽ جانڪي ٻئي ساهيڙيون گڏجي ستسنگ ۾ روز ايندڙيون هيون ۽ شيوا جي سمي شيوا ڪنديون هيون.

اُمي ٻلي ماءُ جي گهر هالن جي جنديءَ سان ڇنيل هڪ سهڻو پينگهو هو. موهنيءَ جڏهن جانڪيءَ ۽ اُميءَ سان سوني پينگهي جي ڳالهه ڪئي، تڏهن اُميءَ ويچار ڪيو ته دسهڙي ڏينهن دادا (راجا رام) ۽ اسان کي پنهنجي گهر گهرائيندي ۽ پياري دادا کي پينگهي ۾ وهاري کيس سڪ ۽ سنيهه وچان جهولائيندي، جيئن مان ڏسي ٺران ته دادا ڪيئن پينگهي ۾ پيو لڏي!

پر بندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب جي من ۾ ٻي! اُميءَ صبح جو سوڀل جيئن پرساديءَ جو ڪم تي ڪيو ته اوچتو چالڪيءَ ۾ اچي سور پيس. کيس کٽ تي ليٽايو ويو، ڊاڪٽر گهرايا ويا، جن کيس ٽپاسي دوائون ڏرمل ڏنا. سندس پت پائي بولچند کي چتايو ويو، جو به اچي حاضر ٿيو. پر اُميءَ کي ايشور جو سڏ اچي ويو، جو اُن نائي هيءَ پياري توري ئي وقت ۾ ونس پهچي وئي. شام جو جڏهن سندس ارٿيءَ کي سينگاريو ويو، تڏهن سندس مک چمڪي رهيو هو. دادا پنهنجي پوٽر هٿن سان اُميءَ جي ارٿيءَ جو انتم اگني سنسڪار ڪيو.

اُميءَ جي سمست جيون پيار ۽ تياڳ جي هئي. پويسان ٢٤ ڪلاڪ ته سندس هرديه ۾ سچي ستگر ۽ ”سوني پينگهي“ جا ئي سپنا هئا. دادا کي پينگهي ۾ لوڏڻ کان اڳ، هن پل پل

لهرون لوڏا ۽ ڏاڍا ڏنا، پر سڀ صدق ۾ سٺائين، پر مُنهن تان مشڪ نه مٽايائين. رنگ جي گوري ۽ روشن جي موچاري هئي. سندس مکڙو تپسيا جي تيج ۾ سدائي پيو چمڪندو هو. دادا جو جنم ٢٥ نومبر هو. مان ڪراچيءَ ويٺي هئس جڏهن سندس هن شڀ جنم دن تي آئي سندس آسيس وٺي سگهان. پنيان اميءَ کي ٿورن ڏينهن کان اچي تپ ٿيو هو. ٢٥ نومبر رات جو دادا کي ڪراچيءَ ۾ تار آئي ته اميءَ جي حالت حيدرآباد ۾ نازڪ آهي. سو ٢٦ تاريخ اسين دادا سان گڏ جي حيدرآباد آياسين، پر پهچڻ شرط خبر ملي ته امي ته ڇڏڻ سان پريوءَ جو نام جپيندي، پرلوڪ پڌار جي چڪي هئي. هن ڀڳتياڻيءَ جو انتم ڪريا ڪرم دادا پنهنجي ڪرڪملن سان پاڙ ڪيو. سندس نمت ٻارهين ٿائين دان پنج، ۽ نام نگر ۾ صبح شام ستسنگ ٿيندو رهيو. دادا هن اميءَ کي پنهنجي مٺن شبدن ۾ پيار جي پشپانجلي پيش ڪئي. ٻارهن ڏينهن پورا ڪري دادا ڪراچيءَ هليو ويو.

امي ٻلي ماءُ ۽ امي آشرم واري، ٻنهي جو سؤڀاڳيه هو، جو سندن اڳئين سنسڪار ۽ سارو ڪاريه ڪرم، دادا پنهنجن هٿن سان پاڙ ڪيو.

سيتا ٽڏاڻي

هي ته هيون امڙيون، جي ماتا ڪائي مٿي چڙهيون هيون ۽ جي وڃي دادا جي هٿن ۾ سکي ٿيون. پر ٻئي سال جي وچ ڌاري، يعني مئي ١٩٤١ع ۾ هڪ نوجوان، نرمل نياڻي ۽ دادا جي هٿن ۾ هلندي هلي. سيتا چند پرام ٽڏاڻي حيدرآباد ميران پرائمري اسڪول جي هيڊمسٽريس هئي. هوءَ وڏي ڪل ۽ سنئيءَ آکهه سان هئي. ننڍي هوندي کان وٺي ستسنگ ۾ ايندڙ هئي: سندس گهر نام نگر جي نزديڪ هو، سو مودي خاني ۾ سيڌا ٽورڻ ۽ پٽ پي سهائتا ڪندي هئي. ستسنگ جي اها شيوا اهڙي ته سانتيڪي نموني ۾ ڪندي هئي جو ڪنهن کي

شيءِ آڻي ڏيانءِ. تون ڇو ٿي چنتا ڪرين؟ تون مشڪي چيس ته اَمي، مان توهان کي تڪليف ڪين ڏيندس. توهين خيال نه ڪريو. انهيءَ پيار جي رد بدل کي ڦيرائڻ لاءِ مون ڪٽي چيو ته، "اَمي، مونکي به ڪجهه کپي. ڇا، اهو آڻي ڏئي سگهندا؟"

اَمي خبر ناهي، مون کي ڇو بيحد گهڻو ڀائيندي هئي. منهنجو سوال ٻڌندي ئي وراڻيائين، "اَئي، ٻڌاءِ ته توکي ڇا کپي؟ ڏس ته آڻي ٿي ڏيانءِ نه!" مون به ڪجهه چرچي ۾، ڪجهه سانيا ۾، کيس چيو ته، "اَمي، جي ائين آهي ته ڀلا گهرائي ڏيو، مون کي دادا کپي!" دادا ان وقت ڪراچيءَ ۾ هو. دادا ڏاڻ سواءِ ته مون کي ٻيو ڪجهه ڪين کپندو هو. سو مون به ڪانئس دادا جي درڪار ڪئي.

اَمي پاءُ پلڪ ته نيڻ ۾ پئجي ويئي. نيٺ سوچي مشڪي جواب ڏنائين ته ٻالڪي، تو ته مون کي وڏيءَ جوابداريءَ ۾ وجهي ڇڏيو! پر سڪ. تون ننڍڙي آهين ۽ پهريون ئي دفعو ڪجهه گهريو اٿيئي، هاڻ مان روز رات جو چندما کي پڪاريندس. هو منهنجي پڪار اوشي ٻڌندو ۽ تنهنجي دادا کي جلد ڪراچيءَ مان حيدرآباد آڻيندو. اَمي ڀڳتياڻي هئي ۽ چندرما جي پوڄارڻ هئي. ننڍي آيوءَ ۾ ئي ويچاري وڌوا ٿي پيئي ۽ پنهنجي ست ڌرم تي سچي رهي. سندس صدق به اٿاهه هو. سو هاڻ هوءَ روز رات جو آڪاش ۾ ڪڙيل چندرما ڏانهن نهاري کيس پڪار ڪري چوڻ لڳي، "هي چندرما ٻلي، تون سڀ جي ڪرين پلي. هاڻ منهنجو وچن به ست ڪر. جو انجام مون ٻالڪيءَ هرنيءَ کي ڏنو آهي، اهو منهنجو انجام تون ئي پاڙيندين."

اَميءَ پوريون ست راتيون سڪ، سچائيءَ ۽ شرڌا سان چندرما کي آراڌنا ڪئي ۽ عجب ته اٺين ڏينهن دادا اچي حيدرآباد نانگر پهتو!

اَميءَ کي گهر ڇڏي اچي ڏهه سال ٿيا. آشرم ۾ هن

اُنهو پيار ڪندا آهن، پر ٻاهران ذرو به ڪين ڏيکاريندا آهن. سندن نس نس ۾ برهه جي بڻي پيئي ٻرندي آهي، پر ٻاهر ٻاڦ به ڪين نڪرندي اٿن. سچن پريمين جيان، هو سڪ ۾ پيا سڪندا آهن، پر ڪڏهن ڏيکاري ڪين ڏين ته هو عاشق آهن.

۲۹ مئي سيتا جي حالت اَچانڪ خراب ٿي ويئي. هٿ پير ٿڌا ٿي ويس. شرير جي چرپر به بند ٿي ويس، فقط نيڻ کليل هئس، جن سان پئي پنهنجي پريتم لاءِ نيڻن مان نهاريائين. بس، ساهه باقي اَچي اکين ۾ رهيو هوس. باقي بچيل نبل طاقت سان هوءَ موت جي ملائڪ کي جڻ ترسائي رهي هئي ۽ چئي رهي هئي ته اي ديوتا، ٿورو ترس جيسين منهنجو دادا اچي ۽ مان اَنتم گهڙيءَ ۾ سندس درشن ڪري ڪيس پنهنجي اکڙين ۾ وهاري، پوءِ اکيون هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيان.

دادا کي وري فون ڪري ٻڌايو ويو ته دادا، سيتا وٽ اَنتڪال سمي اچي وارد ٿيو ۽ اچي ساڻس سهاءِ ٿيو. دادا ۱۱ ٻجي واريءَ گاڏيءَ ۾ حيدرآباد لاءِ روانو ٿيو. اسين به ساڻس گڏ هئاسين. ٽرين ڪوٽڙيءَ ٿي پهتي، جتي اڌ ڪلاڪ بيهڻي هئي، ته اتي ئي هڪ پاڙيسري ڊوڙندو آيو ۽ اچي چيائين ته توهان جي لاءِ بس تيار آهي. جلد حيدرآباد هلو. ست سنگ جي پنهنجي گرڀائي گوپال نالي بس دادا کي ڪوٽڙيءَ وٺڻ آئي هئي. اُنوقت پل پل قيمتي هو. سو دادا بس ۾ چڙهي، ٽرين کان اڳ ئي حيدرآباد اچي پهتو ۽ سڌو سيتا جي گهر هليو جتي ڪيرتن هلي رهيو هو. دادا کي ڪرسي ڏني ويئي، جا هو سيتا جي پرسان رڙهي اچي ويٺو ۽ سيتا کي مٺي نهار ڏنائين. سيتا سرت ۾ هئي، پر ڳالهائڻ جي شڪتي ڪانه هئس. سندس ساٿيل، اُجايل اکڙين، پنهنجي هردي جي پريتم جو درشن پاتو. ٻنهي جون نگاهون مليون. دادا پنهنجي نگاهه سان ڪيس نرمل پريم جو جل پيئاري، سندس پريم پياس ٻجهائي رهيو هو.

لک ٿي ڪين پوندي هئي.

سيتا اڃا پندرهن سالن جي مس هئي ته سندس ماتا پتا هڪ ٻئي پٺيان جلد راهه رباني وٺي ويا. ڪيس ٻه ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ هئا. پاڻ سڀني کان وڏي هئي. سيتا ڀڳتياڻي هئي. پر پوءِ جو ڀاڳ مٺو ڪري ڀوڳيائين. پنهنجي ننڍن ڀائرن ۽ ڀيڻ جي شيوا پريم سان ڪيائين. سانتيڪي شيوا جي ته هوءَ مورتي هئي. گرو گرنٿ صاحب پڙهڻ جو آزمودو هوس، سو اکنڊ پاٺ پڙهڻ ۾ مدد ڪندي هئي. ڪاميٽي پڙهي، امتحان پاس ڪري، ميران پرائمري اسڪول جي هيڊ ٿي. ٿڌي، نمري، نماڻي سيتا هيڊ مسٽريس هوندي به نهٺي رهي. اندر ۾ اُمنگ اُڇلون ڏيندا هئس ته ميران پرائيمري اِسڪول جي خوب شيوا ڪريان ۽ ان کي وڌايان. ڪيترا دفعا منهنجي آفيس ۾ اچي، ان باري ۾ مون سان صلاح مصلحت ڪندي هئي. مون ڪڏهن به ڪيس جوش ڪندو ڪين ڏٺو. ڪڏهن به ڪا ڳالهه هيٺ مٿي ٿيندي هئي ته اها به شانتيءَ سان اچي ٻڌائيندي هئي. مان به سندس سانتيڪو سڀاءُ ڏسي پيئي سندس دل وٺندي هئس.

مئي مهنو هو. حيدرآباد ۾ اهو مهنو گرم ٿيندو هو. شام جو البت ڪجهه ٿڌو پوندو هو. گرميءَ جي ڪري ڪيترن کي تپ ٿي پوندو هو. سيتا کي به اچي تپ ٿيو. علاج هليو پر تپ ويو چڙهندو. ڊاڪٽر چيو ته مدي جو تپ آهي. حالت بگڙڻ لڳي ۽ ٢٧ مئي نازڪ ٿي ويئي ۽ ڊاڪٽر به جواب ڏيئي ويا. ٻئي ڏينهن دادا کي ڪراچيءَ ۾ تار ڀيڄي. دادا وري فون رستي سيتا جي خبرچار پڇي. ڪيس فون تي چيو ويو ته توهين يڪدم اچو جو سيتا جي چپن تي فقط توهان جو ئي نالو آهي. هوءَ ڪيول "دادا - دادا" پيئي پڪاري.

سيتا نياڻي اُنهن ٿورن سڀاڳن جيون مان هئي جي سچو ۽

سياڳي سيتا! تون هن ڪنوار ڪانڀڳ ۾، سڀني سک جي ساڪي ڏيئي، هن پرٿوي تان، پٽ سان پريوءَ وٽ پڌارين! تو اڳيان به منهنجي وارون وار نمسڪار آهي!!

سيتا جي مرتڪ شرير کي سنان پاڻي ڪرائي، گنگا جل، گلن ڦلن ۽ عطر عنبير سان سينگاري، پياري دادا وٽ نام نگر ۾ آندو ويو. اُت ستسنگ جا سڀ ياتر پهتا، ميران اسڪولن جا اَڌياپڪ، ودياترين ۽ پنيوالا اچي پلتيا هئا. هڙني ستي سيتا جي اَنتم درشن ڪاڻ ڪيترا ئي بيا به اچي اُت ڪٺا ٿيا هئا. پشپ مالهائن ۽ ڦولن جي متس خوب ورکا ڪئي ويئي. سندس چمڪندڙ چهري ڏانهن، سڪ مان نهاري، مون دل ئي دل ۾ چيو: "سيتا، تون سچ پچ سياڳي آهين. توکي ستسنگي ته ڇا، پر ديو لوڪ جا ديوتائون ۽ فلڪ جا فرشتا به هينئر ڦولن جي ورکا پيا وسائين. مون تي به آسيس ڪج ته شل مان به توجيان توڙ نباهي، پت سيتي نج ڌام پهچان!"

سيتا جي اَنتم ياترا سان سڄو ستسنگ شمشان ڀومي ڏانهن هليو. دادا ڪين ويو. هيڏي بالڪيءَ کي ڪيئن هو پنهنجي اُنهن هٿن سان لڪڙا ۽ اگني اَرپڻ ڪندو! ايترو سهڻ سندس لاءِ ڪٺن هو، پر سيتا کي هن پل پل ياد ٿي ڪيو. ان نماشام جي ستسنگ ۾ دادا پنهنجي اُپديش ۾ چيو:

"مان ڇا چوان؟ هن سمي، اسان مان ڪن جون اکيون آليون آهن. هڪ به منٽ جيڪر ويچار ڪريون اُن بالڪيءَ جو، جا اَڄ روانو ٿي. عمر ۾ ننڍي! هردي ۾ نماڻي! ڪيترن جي نه هن شيوا ڪئي! ڪير به ڪيس ڪوٺيندو هو ته اچي شيوا ڪر، نه هئي ترت تيار! مون به پڻ سندس ويچار ڪيو. مون پڻ پاڻ کي چيو Her's was a dedicaled Life. هن پنهنجي زندگي، ننڍي نماڻي روپ ۾ اَرپڻ ڪئي! شل اُنان سرڳ ڌام مان اسان کي پنهنجي آسيس موڪلي!"

سيتا ڏيري ڏيري ٽڙپت ٿي رهي هئي. دادا جو پڙهيل جل ۾ سندس خشڪ چپن ۾ ڇمڪي سان وڌو ويو. بس، سيتا جو ناتو هيئنر هن سنسار سان سماپت ٿيو. دادا اوڏيءَ مهل دل پگهرائيندڙ پرارٿنا ڪئي. چيائين: "هي پريو! مون کي اهڙو ڏينهن به ڏيکارين ٿو، جڏهن منهنجي هڪ ٻالڪي منهنجن ئي هٿن ۾ پراڻ وت گهرائين ٿو! هن ٻالڪيءَ جي اندر هئي سنتن جي ٻاڻي، هن سمي تون پيار ڪيس رحم جو پاڻي." اسان جي اندر ۾ جنسي سيسرات ٿي آيريا، جڏهن دادا جي هيءَ سوزناڪ پرارٿنا ٻڌسين.

دادا پرارٿنا ڪري ٻاهر نڪتو ۽ نام نگر ۾ پنهنجي ڪمري ۾ پهتو مس ته هڪ ڀاءُ ڊوڙندو آيو ۽ اچي ٻڌايائين ته ٻالڪي سيتا جو پراڻ پکيئڙو، پر پکيڙي، پرواز ڪري، وڃي پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ پهتو. سيتا جو مرتڪ شرير، شانت ۽ سيتل هو. سندس اکيون بند هيون ۽ سندس چپن تي هڪ اڻ لکي مسڪان هئي. پر سندس مکڙي تي هڪ الوڪڪ مٺيا چمڪي رهي هئي. شايد هوءَ پنهنجي امر ڌام ۾ پهچي، دادا ۽ سيني ستسنگين کي اُتان پنهنجا پيار موڪلي رهي هئي. سيتا سڀاڳي هئي جو ڪال سان ڀڙ جوٽي ڪيس اُن پراجت ڪيائين ۽ پنهنجي گرديو دادا جو درشن ڪري، ٽڙپت ٿي، پوءِ سندس اُن هٿن ۾ وڃي امر ڌام پهتي!

پياري ٻالڪيءَ جي سمست جيون نرمل ۽ پوتر هئي. هن حق بخشائي، ستيہ، شيوا، پرارٿنا ۽ نرملتا جو پٽ پڪڙيو. سيتا، سانتيڪي، سپاجهي، صدوري، صدق ۽ صبر واري ڪنيا ڪماري هئي. گهڻي سک هرد ۾ رد ٻائي، مگر پرشانت ڌارڻ ڪندي هئي، جيئن ڪنهن کي به لک ئي نه پوي. سچي عشق ۾ اهڙي اُڏي، جو ڪال کي به قابو ڪري چڙ ڀائين! اي سچا عشق! تو اڳيان منهنجي وارون وار نمسڪار آهي! اي

ڪاسائي آهي ۽ ڪير ڪرپالو رکشڪ. دادا گانءِ جي مسنڪ ۽ پٺيءَ تي ڏاڍي پيار ۽ ديا درشٽيءَ سان پنهنجو نرمل هٿڙو ڦيرايو ۽ سندس اکين ۾ پنهنجو پوتر پيار اوتيو. گانءِ ڏس ته، ڀرئي ٽپا ڏئي. هوءَ خوشيءَ مان دادا جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳي. جيل وٽ ميران اسڪول لاءِ وڏو پلاٽ سرڪار کان مليو هو. گانءِ کي حال ته ان ڪمپائونڊ ۾ رکيو ويو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪيس راءِ صاحب ڊاڪٽر مولچند جي ٻنيءَ تي موڪليو ويو، جيئن هوءَ اتي ڳوٺ جي وايومنڊل ۾ آزاديءَ سان گاهه پٽو کائي ۽ آزاديءَ سان گهمي ڦري سگهي. گانءِ جي رڳ رڳ مان، پنهنجي رکشڪ دادا لاءِ ڪيتريون نه آسيسون نڪتيون هونديون، جو هن پنهنجي ڪروڻا ۾ ڪيس ڪاسائيءَ جي ڦهري ڪاتيءَ کان بچايو هو!

هي دل ڏڪائيندڙ درشيه پسي، مون پنهنجي دل ئي دل ۾ چيو ته بندو آهي گندو. پنهنجي ۽ گگدام ساهوارن جي وچ ۾ وڏو ويڇو وجهي ڇڏيو اٿائين. پر سنت ته ديا ۽ پريم جا ڀنڊار آهن. هنن لاءِ ته گگدام به گوبند جا سنتان آهن. تنهن ڪري سندن ئي نندا پاڻ ڀڙڀوٽ! سنتن ۽ ساڌارڻ جيون جي درشٽيءَ ۾ ڪيڏو نه انتر آهي! اهو ويچار ڪندي هيءُ سر سري ۾ دادا اڳيان شرڌا ۾ جهڪي ويو.

بسنت پنچمي

١٩ فيبروري ١٩٤٢ع بسنت پنچميءَ جو شڀ ڏن هو. ان ڏينهن هڪ عجيب آنند جي لهر اٿي ٿي. نه ڪيول پرڪرتيءَ ۾، پر منش جي دلين ۾ پڻ. ان ڏينهن سياري جون شيت لهرون سماپت ٿيون ٿيون ۽ پرٿويءَ تي بسنت بهار پنهنجا ڪومل ۽ سگنڌت پيرا ڌري ٿو. ٿڌڙي ٿڌڙي هير لڳي ٿي، جا تن کي تراوٽ، من کي موج ۽ آتما کي آنند ڏئي ٿي. باغن ۾ بهاري اچي ٿي. وڻ ٽڻ خوشيءَ ۾ اچي ٽا جهولين، گل ڦل

دادا پوءِ چيو ته ”جيڪر اسين سڀ روحاني جڳت بابت ڪجهه ويچار ڪريون ۽ سمجهون ته جڳ سارو فاني آهي. تنهن ڪري شل رحم روحاني وٺون.“ دادا جي ان پيغام جي اُن سمي سخت ضرورت هئي ڇو ته ان سال (١٩٤١ع) ۾ دنيا جي جنگ زور شور سان هلي رهي هئي. جي رڳو ملڪ ۽ قومون ان شانتي سنديش جو ڪجهه ويچار ڪن ها ته جڳ سارو فاني آهي ۽ اسان کي رحم روحانيءَ جي ضرورت آهي ته جيڪر جنگ لڳي ئي ڪين ها.

جيوَ دَيا

هي شانتيءَ جو اُپاسڪ، دَيا جو اوتار هو. هڪ شام جي وارتا آهي. گنگارام، جشن، شانتي ۽ مان سائنس گڏ پنڌ ڪري رهيا هئاسين ته دادا ڏٺو ته هڪ ڏنار هڪ ڳانءِ کي ڳلي ۾ رسي وجهي ڪيس وٺي ٻڌي ويو. ڳانءِ جون اکيون ته سدائين نماڻيون ٿينديون آهن، پر هن ڳانءِ جي اکين ۾ نماڻائيءَ کان ڪجهه وڌيڪ ٿي لڳو، ڇو ته دادا ان کي پنهنجي رحم جي نهار ڏيئي جهٽ ته سانت ئي ساڻس ۾ ڪيس ٻڌي چيو ته هي ماتا، تون ڪو فڪر نه ڪر. ڳئو ماتا جي هرديه ۽ دادا جي هرديه، جهٽ ته گپت ڀاشا ۾ اها گفتگو ڪئي ۽ سمجهي. پوءِ ڏنار کي دادا سڏي چيو ته، ”پيارا، هيءَ ڳانءِ ڳهٽي وڪڻندين؟“ ڏنار وراڻيو، چاليهن رپين. دادا اُمالڪ پنهنجن وڏن کيسن ۾ هٿ وڌو، پر ڏنائين ته کيس فقط ويهه رپيا هئا. جشن ۽ گنگارام ٻنهي ۾ جيوَ دَيا جو عجيب انگ آهي. سو ٻنهي دادا کي چيو ته اسين نام نگر وڃي، پئسا ڪڍي ٿا اچون. پر گنگارام، جشن کي ائين چئي ته تون دادا سان گڏ هج، پاڻ ڏڪڙو ڏڪڙو پئسا ڪڍڻ هليو ويو ۽ جلد ئي ڪڍي آيو ۽ اچي دادا کي ڏنائين. ڏنار کي دادا پورا پئسا ڏنا ۽ ڏنار، ڳانءِ دادا جي سپرد ڪري واپس هليو ويو. جاندار جيوَن کي اُنيءَ ۽ احساس ٿئي ٿو ته ڪير

رٿ ياترا

اُن ڏينهن دادا کي ويچار ٿيو ته جيڪر گروجن جي رٿ ياترا ڪجي. سو هڪ گاڏيءَ ۾ گروجن جي مورت، سندر نموني ۾ سينگاري رکي ويئي ۽ اُن کي داداءَ ٻين ڀائرن ڇڪيو. داداءَ اسان مان ڪيترا هن سرگس ۾ پيرين اُگهاڙا هلياسين. ٻه ڪلاڪ حيدرآباد جي مٽيءَ ڀريل گهٽين مان دادا جا ڪومل چرن گهميا. گاڏيءَ جي پٺيان ڀائر، ڀينر، ميران اَڌياپڪ ۽ ٻالڪ ٻالڪيون سرگس ۾ هليا ۽ نام ڪيرتن ڪندا هليا. ڪيترا ڀائر ۽ ڀينر پنهنجي گهرن جي دروازن تي گروجن جي سواريءَ ۽ دادا جي سواگت لاءِ بيٺا هئا ۽ جيئن ئي سرگس سندن سامهون ٿي پهتي، تيئن هنن سر جهڪائي، هٿ جوڙي، آسيس ٿي ورتي. وقت بوقت داداءَ ٻين ته ڦول مالهائون ۽ ڦول پتيون ٻه گروجن جي تصوير تي ٿي چاڙهيون. جتان ڪٿان ”ڌن گرو نانڪ، سارا جڳ تاريا“ جي ڌُني پئي لڳي. مطلب ته قدم قدم تي اُتساهه وڌي رهيو هو. سرگس ۾ هلندي، گروجن ۽ دادا جي جلوهدار پرتيمائن کي نهاريندي، مون دل ۾ پئي چيو ته ”شڪر جو مان اڄ پياري دادا جي سنگ ۾، گروجن جي سرگس ۾ پيئي هلان. ٿي سگهي ٿو ته پنج سؤ سال اڳ، مان سوڀاڳيه سان گروجن جي سنگ ۾ ئي هئس ۽ سندس نرمل آسيس ورتي هجيم! هن وقت ته دادا سؤيم گرو نانڪ جي ساکيات سندر تصوير پيو لڳي!“

ڊاڪٽر آرنڊيل

١٩ نومبر ١٩٤٣ع، ميران اسڪول جو ساليانو انعامي جلسو ٿيو. جلسي جو سڀاپتي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو اَڌيڪش، ڊاڪٽر اَرنڊيل ٿيو. ميران اسڪول جي عمارت جي اَڏاوت چالو هئي. اُن جون ٻاهريون ديواريون چڙهي چڪيون هيون، پر اُها اندر پٽيون ڇتيون ڪين ڪڙيون ٿيون هيون. سو اُن وڏي شاهي پلاٽ تي جلسو ڪيو ويو. هڪ وڏو شاندار شاميانو

سونهن سوڀيا ۾ ڀيا ٽڙن ۽ ٻڪي ٻڌ منڙهون مٺڙيون ٻولهون ٻيا ٻولين. مطلب ته هر طرف حسن جي ھٻڪار هوندي آهي. انسان ٻه ائين ئي چاهيندو آهي ته سندس جيون جي ڦلواڙيءَ ۾ سدائين بسنت بهار اچي ڦلي ڦولي.

هن سال ميران ڦلواڙيءَ ۾ به بسنت پنچميءَ جي اتسو ۾ امنگ هئا ۽ ستسنگين جي هردي ۾ ترنگ هئا، ڇو جو دادا ميران اسڪول جي وڏي پلاٽ تي نئين عمارت جو بنيادي پٿر ٿي وڌو. ان پٿر تي هي اکشر اڪرايا ويا:

”اوم ستنام

برهم ڪرپا هي ڪيولم.“

هن مهتو پورڻ اتسو تي، ڪيترائي ڀائر ڀينر ۽ سيٺيون ميران آڌياپڪ، وديارٿي ۽ شيوڪ اچي اپستت ٿيا. آرتي ۾ هون ٿيو. اگني ديوتا کي انجلي ۽ آهوتي ڏيئي سندس آشيرواد ورتي ويئي ۽ پوءِ بنيادي پٿر وڌو ويو. جيئن دادا پوڄيءَ ۾ بنيادي شلا تي وڌي، تيئن ويدن ۽ شاسترن مان منتر اچارڻ ۽ جاپ پڻ هليو. هي هڪ اتم ڪاريه هو، جو اتم ۽ پورڻ نموني ۾، وڏيءَ انوسار ٿي ڪرڻو هو.

موڏي مهروان

ڪراچي ڪرشت ڪنج ۾ ستسنگ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو. سنه ۱۹۴۳ع ۾ دادا جنماشٽميءَ ڪراچيءَ ۾ اتساهه سان ملهائي ته گرو نانڪ ديو جو جنم ڏينهن حيدرآباد ۾ ڪيو. گروجن جي پيروي ڪندي دادا ان ڏينهن سيٺ جي دڪان تي موديءَ ٿي ويٺو. فرق رڳو اهو هو جو ستسنگين، دادا کي پئسا ڏيئي ڪانءُس سيڌو ورتي، اهو سيڌو ڪيس واپس ڏيئي ٿي ڇڏيو، جيئن اهو غريبن ۾ مفت ورهائجي. ڪلاڪ جي اندر سڀ شيون وڪامي ويون.

سواگت ڪري! دادا پنهنجي مٺي مڌر آواز ۾ هنن ٻنهي پرسڌ وڳيتين جو آدرستڪار ڪيو. پوءِ هن ڀارت ورش جي پراچين رشين جا اوچ آدرش ٻڌايا. دادا جي مڌر آواز ۾ هڪ سريلي ساز جو انداز هو. ان ڪري گهڻن جي نيترن ۾ جل ڀرجي آيو. هنن جو ڄڻ ته سندس مک منڊل مان نڪرندڙ ملهائتن ماڻڪن ۽ موتين سان پنهنجي جهول پئي ڀري. دادا پنهنجو ڀاشڻ سماپت ڪري جڏهن پنهنجي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو، تڏهن هڪ وار وري به تاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو. دادا کين پنهنجي جادوءَ ڀري وياکياڻ سان، پراچين ڀارت جي رشين جي آشرمن ۽ تپوبن جو ديدار ڪرايو هو.

رڪمڻي ديويءَ پوءِ اُٿي سنتياڻي ميران ٻائيءَ جي سندر آڪرشت پرتيما جي کولڻ جو مهورت ڪيو. هيءَ ديوي ڀارت جي مهان نارين مان هڪ آهي، اُن ڪري هوءَ سنتياڻي ميران جي مورت پرڪاش ڪرڻ جي بيشڪ اڌڪارڻ هئي. پيرن مان چمپل لاهي، اَدب ۽ شرڌا سان هن تصوير کولي ۽ پوءِ ڪي مٺا شبد چيائين. هوءَ ڀڳتي ڀاو ۾ ايترو ته ڀريل هئي جو ڀاشڻ پورو ڪري سڌو اچي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺي ۽ چمپل پائڻ به ڀلجي ويس! سندس هڪ پاسي ڊاڪٽر اَرنڊيل ۽ ٻئي پاسي دادا ويٺل هئا. مان دادا جي پاسي ۾ ويٺي هئس. سو اُت جيڪو پريم ۽ سنيهه جو واتاورڻ هن جوڙي جي وچ ۾ ٿيو، تنهن مون کي چڪت ڪري ڇڏيو.

رڪمڻي ديوي پنهنجي جاءِ تي اچي ويٺي ته سندس اگهاڙا پير ڏسي ڊاڪٽر اَرنڊيل ڏانهنس هڪ پيار ۽ شرارت ڀري مشڪ سان نهاري چيو ته پنهنجو چمپل ياد آئيئي يا نه؟ تڏهن ئي رڪمڻي ديويءَ کي پروڙ پيئي ته هوءَ پنهنجو چمپل وساري آئي آهي. سو اُٿي، اهو پائي، وري اچي ويٺي ۽ پنهنجي گهوٽ ڏانهن نهاري مشڪيائين. ٻنهي کي هڪ ٻئي لاءِ

لڳايو ويو ۽ نهايت سندر نموني ۾ ان کي سينگاريو ويو. وهڻ جو بندوبست ڪرسين لاءِ هو. ماڻهو ته جنسي ڪاهي پيا. ڪن خبر پئجي چڪي هئي ته ڊاڪٽر ارنڊيل جي ڌرمپتني شريمتي رڪمڻي ديوي ارنڊيل، جا ناٽڪ ڪلا ۾ نهايت پربيڻ آهي، سا به اتي اچڻي آهي. هنن ٿي سمجهيو ته رڪمڻي ديوي پنهنجي ڪلا جو پردرشن به ڪندي، پر هن ديويءَ ڪي نه، ڪيول سنتياڻي ميران بائيءَ جي پرتيما جو اُدگهاٽن ڪرڻو هو. (ٽاڻو ساڳي رڪمڻي ديويءَ اٽڪل ٽيهن سالن کان پوءِ، پوني ۾ ميران ڪاليج جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وڌو، جنهن حيدرآباد - سنڌ جي وارثن جو ورنن ڪيائين. هن دفعي پيارو دادا ۽ ڊاڪٽر ارنڊيل، ٻئي هن پرٿويءَ تي ڪين هئا. پر هنن، هن سندر ڪاريه تي، امرڌام مان پنهنجي آسيس جي خوب ورکا ٿي ڪئي.)

ڊاڪٽر ارنڊيل پنڊال ۾ گهڙيو ۽ جيئن ئي سندس نظر دادا تي پيئي، ليئن ئي ٽڪڙو ٽڪڙو ڊانهنس وڌيو. دادا به چا ڪيو جو پنهنجون ٻانهون کولي، کڻي ڪيس ڳلي لڳايائين. هيءُ درشيه جن ڏٺو، سي ڪڏهن به وساري نه سگهندا. ڀارت جي ورتمان سنت دادا، آئرلنڊ جي رشيءَ جو سواگت ڪيئن نه پريم ۽ قرب سان ڪيو، اهو نظارو پسي، گهڻن جون اکيون آنند ۾ آليون ٿيون. ڊاڪٽر ارنڊيل کي ڀارتي پوشاڪ پيل هئي. هو شڪل جو گورو ۽ قداور هو. دادا سندس ڳلي ۾ هار پاتو. ماڻهن خوشيءَ ۾ ٽاڙيون وڄايون. مون کي رڪمڻي ديويءَ کي قول ماله پائڻ جو سڀاڳيه مليو. پنڊال هڪ دفعو وري به ٽاڙين جي آواز سان گونجي ويو.

ڪارروائيءَ جو آرنڀ دادا ئي ڪيو. هو رنگ منچ تي اچي بيٺو ته پنڊال ۾ شانتي ڇانئجي ويئي. ماڻهو منتظر هئا ته ڏسون ته ڪيئن ٿو دادا، ڊاڪٽر ارنڊيل جهڙي هستي جو

اهو شڀ ڏِن ڏاڍي پريم ۽ اُتساهه سان ملهائيندا هئا. دادا ڪراچيءَ ۾ هوندو هو ته حيدرآباد جا پريمي اُتي ويندا هئا ۽ جي حيدرآباد ۾ هوندو هو ته ڪراچيءَ جا ستسنگي حيدرآباد ۾ ايندا هئا ۽ اچي سندس آسيس وٺندا هئا. اهو سندن هرديه جو ڀاڳ هو. پر اُن سال (١٩٤٤) ۾ اهو سڀ ڀاڳيه ڪلڪتي کي ٿي مليو. ١٩ نومبر جو جلسو پورو ڪري دادا ٻئي ڏينهن ڪلڪتي لاءِ روانو ٿيڻو هو. هڪ پاسي ميران اسڪول جي وارشڪ اُتسوَ جون تياريون پئي ٿيون، ته ٻئي پاسي وري دادا جي ڪلڪتي وڃڻ جي تياري پئي ٿي. جڻ ته ٻن ندين جو اچي ٿي انوقت ميلاپ ٿيو. خوشي ۽ غمي، ڌُوپ ۽ ڇانوَ!

هن دفعي منهنجي دل کي گهرو ڌڪ پئي ٿيو. هڪ ته دادا پنهنجو جنم ڏِن اسان کان ڏُور ڏيش ۾ ٿي ڪيو، جنهن ڪري اسان کي اُن شڀ ڏِن سندس آسيس ملي سگهڻي نه هئي. ٻيو ته ٢٦ نومبر ٿي منهنجو جنم ڏِن هو. اِن ڏينهن به مون کي دادا جي آشيرواد ڪانه ملڻي هئي. مون کي رهڻو به هميشه جيان حيدرآباد ۾ ٿي هو، جو مون کي ميران اسڪول جو سوُتر ۾ پالڻو هو. مون لاءِ ڏاڍي گنڀير سمسيا اچي اُٿي ٿي، جنهن منهنجي هرديه سرووَر ۾ ٻي ڇُلڪيءَ جون ورتيون ڪڙيون ڪري ڇڏيون. ساليانيءَ جلسي جي خوشي ته ڪڏهوڪو ڪافور ٿي چڪي هئي. ميران اسڪول جي پرنسيپال جي حيثيت ۾ مون کي اُن جلسي جي جيڪر ڪيڏي نه خوشي ٿيڻ کپندي هئي!

دادا پاڻ سان جشن، سنتيءَ ۽ شانتيءَ کي ڪلڪتي وٺي ٿي ويو ۽ مون کي ڇڏي ٿي ويو. اِن ڪري به منهنجو من اُيو ٿي پيو هو. ڪوهه وڪار، ٻيڙو آهي ۽ اندر وارو آنند ۽ شانتي ڪسي ٿو ڇڏي. اسين به صرف هيءَ ڳالهه اِيئن ڪريون ته هڪ هڪ کي پنهنجي ڪرمن انوسار ٿي سڀ ڪجهه ملي ٿو، ته جيڪر اسان کي گهڻي ڇت شانتي ۽ سک سنتوش پراپت ٿئي. نه ته ڳوايترو،

اَسيمِت پيار ۽ قرب پئي ڏنو.

ڪاريه ڪرم شروع ٿيو. ٿورن لمحن کان پوءِ ڊاڪٽر اَرنبدِل اُتي بيهي ڳالهايو. سندس ڳالهائڻ ۾ آتش هئي، ذوم هئي، تاثير هو.

اکل ڀارت گيتا جينتي سميلن

بيشڪ ڀارت کي دادا جي آوشڪتا هئي، تڏهن ته ڪيس ڪيترن هنڌن تان ڪوٺون پيئون اينديون هيون. تازو ڪيس ڪلڪتي مان ڪوٺ آئي هئي ته اکل ڀارت گيتا جينتي سميلن ۾ اچي ڀاڱو وٺو. اها سميلن ٽي ڏينهن هلڻي هئي. ٽنهي ڏينهن لاءِ ٽي جدا جدا سڀاپتي ٿيڻا هئا جي گيتا جا پرچارڪ هئا ۽ جن ڀارتيه سڀيتا جي ساکي پنهنجي جيون ۾ پئي ڏني. ڊاڪٽر شياما پرساد مکرجي، ڀارت جي هڪ آدرشي ۽ عاليٰ سپوت کي وينتي ڪئي ويئي هئي ته پهرئين ڏينهن لاءِ سڀاپتيءَ جي ڪرسي اوهين سنڀاليو. ڊاڪٽر مکرجي ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ ڪيترا سال ڪمرڪشي بيٺو هو. هو هندو ڌرم جو اُپاسڪ هو ۽ اُن جي اَڌياتمڪ پرگتيءَ لاءِ هن گهڻو پاڻ پتوڙيو هو. ڪانگرس صلاح پڻ ورتي ويئي ته باقي ٻن ڏينهن جي سڀاپتي پڻي لاءِ ڪهڙين ٻن ويڪتين کي وينتي ڪجي.

دادا ۽ ڊاڪٽر مکرجي هڪ ٻئي کي چاليهن سالن کان وٺي سڃاڻندا هئا، تڏهن کان وٺي جڏهانڪر دادا ڪلڪتي ۾ پروفيسر هو. ڊاڪٽر کي دادا لاءِ عزت هئي ڇو ته مٿس دادا جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ گهاٽو اثر ڪيو هو. سو هن هڪ تار دادا جو ڏنو. ان ڪري ڪلڪتي کان ٻه ڄڻا خاص چڙهي سنڌ ۾ آيا دادا کي منائڻ. دادا به سندن نينڊ قرب ۾ قبولي. اها سميلن ڪلڪتي جي يونيورسٽي انسٽيٽيوٽ ۾ ٢٥، ٢٦، ٢٧ نومبر ٿيڻي هئي. دادا کي ٢٦ تاريخ واري ”بيٺڪ“ جو اڌيڪش چونڊيو ويو. ٢٥ نومبر دادا جو جنم ڏينهن هو. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جا ستسنگي

Amidst life, are we not in the midst of destruction, death, sorrow, pain?

يعني هن جيون جي چڪر ۾ اسين ڪين وناش، مرتيو، دک ۽ درد جي وچ ۾ آهيون؟

هي چار ئي پيارا، ٻيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪلڪتي پهتا. پورين چاليهن سالن کانپوءِ قدرت دادا کي وري بنگال پرانت ۾ وٺي ويئي. اڳ جڏهن دادا اُتي پروفيسر هو، تڏهن ڪلڪتو ڄڻ ته سندس ٻيو گهر بڻجي پيو هو. هن ئي نگر ۾ کيس سندس گرديو مليو هو. ڀارت جي ڪن پرسڌ نيتائن، جهڙوڪ لوڪمانيه تلڪ، سريندرناٿ بئنرجي، رويندرناٿ ٽئگور وغيره کي به هُو ڪلڪتي ۾ ئي گڏيو هو. هينئر گيتا جينتي سميلن ڄڻ ته هڪ بهانو بڻجي پيو کيس ڪلڪتي وٺي وڃڻ لاءِ.

ڪلڪتي ۾ دادا جا، جي اَنيڪ پريمي ۽ سڄڻ هئا، تن مان شري سترامداس ڪرپالاڻي ۽ سندس ڌرمپتني سلڇڻي مکيه هئا. شري سترامداس ڪرپالاڻي، اُتي سترامداس ڀالامل جويلرس ۾ ڪم ڪندو هو. هڪ سڌو سڌو، هڪ سچو مڻيو هو ۽ جاتيءَ ۽ ڪل جو ڀُوشڻ هو. هن جوڙي سالن کان هرديه ۾ پياس پالي رکي هئي ته ڪڏهن دادا ڪلڪتي ايندو ۽ اَسانجي ڪٽيا ۾ نواس ڪندو. هنن ڪئين لڳا دادا کي روبرو قربائتي ڪوٺ ڪئي هئي. دادا ٻيو مشڪندو هو. بندي جو ڪم دوار کڙڪائڻ، ٻڌڻ ڪم ٻاروچن جو! ”سڪ جنين جي سيني ۾، ٻير نه گسي تن جو!“

هينئر دلدار سندن آرادنا اُونائي هئي ۽ دادا ڪلڪتي اَچي وٽن رهڻ قبوليو هو.

۲۴ نومبر صبح جو ۱۱ بجي گاڏي هوڙا (ڪلڪتا) اِسٽيشن تي اَچي بيٺي. ڪلڪتي جا اَنيڪ پريمي ڀڳت دادا جي ستڪار ۽ سواگت لاءِ سويل کان اِسٽيشن تي اَچي سهڙيا هئا. دادا جو درشن ڪري هو ڏاڍو آنند ۾ ٿيا ۽ کيس ڦول مالهائن ۽ گلن ڦلن

پر اسان کي جيڪي ايشور ڏنو آهي، اسين اُن جا به لائق ڪين آهيون. جي اهو سمجهون ته به من جو گهڻو رولو جيڪر لهي وڃي.

پر افسوس، منهنجي من کي گهڻن آزمودن ۽ چڪرن مان لنگهڻو هو. ان ڪري هن اچا مستيون ۽ من مانيون پئي ڪيون. پاويءَ سان ڪير ٽڪر کائي؟ قسمت سان ڪير ڦڙي؟ لکئي کي ڪير ٽاري؟ منهنجي ڀاڳ ۾ جو لکيو ٿي ائين هو، ته ٿورا ڏينهن دادا جي سنگ ۾ ڏاڍو ڪل خوشيءَ ۾ گهاريندي هئس ته وري پنهنجي وڇوڙو رکيو ٿي هوندو هو. نصيب ڇڱا ته ٿورا ڏينهن خوشيءَ جي رنگين جهُولي ۾ جهُولائي، پوءِ اها جهُولي جي وسي ٿي ڪاٽي ڇڏيندو هو! انسان جا سڀ ڏينهن ساڳيا ڪين ٿا ملن. اها ڳالهه جي سمجهون، ته هوند ٿوري ۾ ئي سنتشٽ رهون. رسڻي ۽ ٻيسر انسان ڪي سنڪا سهي، سڌو ٻطڄڻو پوئي. نيٺ جڏهن سندس ويراڳ ورتي ڪلي ٿي، تڏهن ئي چت شانتي پراپت ٿئيس ٿي. سري ڪرشن، ارجن کي گيتا ۾ اُپديش ڏئي ٿو ته هي ارجن! جيو جي دک ۽ سک جو ڪارڻ سندس ئي من آهي. بيشڪ، پنهنجي دک ۽ اَشانتيءَ جو ڪارڻ، ٻين کان وڌيڪ مان پاڻ ئي هئس. ان وقت مون چيٽيو ڪين. هيئنر سڪا کائي، سبق سکي آهيان ته سک جي ڪنجي پنهنجي ئي هٿ ۾ آهي. رڳو ان کي صحيح طريقي استعمال ڪرڻو آهي.

سومر ۲۰ نومبر ۱۹۴۴ع دادا، جشن، ستيءَ ۽ شانتيءَ سان گڏ لاهور ميل ۾ ڪلڪتي روانو ٿيو. وات ئي سڀ لاهور اسٽيشن تي لٿا جو ڪين ڪلڪتا ميل ۾ چڙهڻو هو. پر گاڏي گسي ولي. پر پوءِ جا لک شڪرانا جو ائين ٿيڻو. ڇو ته اُن گاڏيءَ سان رستي تي هڪ خوفناڪ درگهٽنا ٿي. جنهن ۾ ڇهه مسافر اُفت مري ويا ۽ ڪيترا ڦٽيا. اُن درگهٽنا جو ٻڌي دادا پرارٿنا ڪئي ۽ چيو ته:

کين پرساد ملي. تنهن کان سواءِ غريبن جي سيوا پڻ ڪئي ويندي.

هن ڀيري (۲۵ نومبر ۱۹۴۴ع) دادا کي سندس جنمدن جي مبارڪباديءَ ۽ شڀ ڀاونائن جون خوب تارون آيون، تن مان هڪ ميران ٻالڪين جي تار هئي. موت ۾ دادا به تار رستي کين هي سنيهو موڪليو: جنمدن مبارڪ هجون! شل پنهنجي جيون ارپڻ ڪريو پرڀوءَ کي ۽ پياري ڀارت کي!

گيتا جينتي سميلن جي پهرئين ڏينهن (۲۵ نومبر) لاءِ به دادا کي اُپستت ٿيڻ لاءِ وينتي ڪئي ويئي جا دادا اُونائي. ان ڏينهن سترامداس دادا کي غريبن ۽ دکين وٽ وٺي ويو، جتي دادا سندن پريم سان سيوا ڪئي. ان سڀاڳي ڏينهن دادا ڪيئن ٿي انهن پيارن کي وساري سگهيو!

سميلن ۽ گيتا

۲۶ نومبر دادا سميلن جي سڀاپتيءَ جي ڪرسي سينگاري ۽ پنهنجو ڀاشڻ ڏنو، جنهن اُپستت سڄڻن ۽ مهلائن جي دل تي گهرو اثر ڪيو. اُن تقرير ۾ دادا ويرتا تي زور ڏنو. ڇو جو گيتا آهي شڪتيءَ جو شاستر، ويرتا جو ويد! اها انگريزيءَ ۾ تقرير، "گيتا ۽ ورتمان جڳت" جي سري سان ڇپائي ويئي آهي.

هينئر ڪلڪتي جي ماڻهن کي خبر پئجي چڪي ته سنڌ پرانت مان هڪ مهان پرش آيو آهي، جنهن کي گيتا لاءِ اَسيمت پيار آهي. دادا جي سڀاپتيءَ جي تقرير ماڻهن کي ڪافي ڇڪيو هو. انهن مان ڪي اهي به هئا، جن کي چاليهه سال اڳ دادا ڪلڪتي ڪاليج ۾ پاڙهيو هو. هو هينئر وڏي لائقيءَ لڳا هئا. ته به ياد ڳيري هئن ته ڪيئن پروفيسر واسواڻي، سوٽ ڪوٽ چاڙهي، کين ڪاليج ۾ پاڙهيندو هو ۽ سندن دليون ڇڪيندو هو! اهڙي پروفيسر واسواڻي هاڻ ساڌو واسواڻيءَ جي روپ ۾ ونن هو. بنگالي اڪثر ڪري سادا ٿين ٿا. پاڻ به ڌوتي ڪڙتو ۽ چادر پهريندا هئا. ڪي ته وڏا امتحان پاس ڪري وڏن عهدن

سان جهنجهي ڇڏيائون. دادا ۽ سندس نڍڙي سنگت کي پائي سترامداس ۽ سلڇڻي هوڙا پل لنگهي، پنهنجي گهر ڏانهن وري هليا. ٻئي ڏس ته خوشيءَ ۾ ڪڇڻ ۾ ئي نه ماپن! هنن اِئين ٿي اُنڀو ڪيو جڻ ته راجارام پاڻ سندن جهوپڙيءَ ۾ پڌارجڻ سويڪار ڪيو آهي. سالن جي سڪ، جا هنن سيني ۾ سانڍي هئي، سا پرڀوءَ هينئر پوري ٿي ڪئي. وس پڄين ها ته پنهنجي پريتم لاءِ آسمان مان تارا ٻه لاهي آڻي سندن آرتي اُتارن ها! پر هنن "اگر" چندن، ڌوپ ۽ ديپ سان ئي پنهنجي دواري ٿي سندس آرتي ڪري، ڪيس تلڪ لڳايو ۽ مٿس گلن ڦلن جي ورکا ڪئي ۽ پوءِ وٺي اندر پرويش ڪرايائونس!

شڀ جنم دن

ساڳيءَ ئي شام جو دادا کي سندس جنم دن جون شڀ ڀاونائن جون تارون اچڻ شروع ٿي ويئون. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جا ڀائر ۽ ڀينر ڪيئن ٿي ڪيس وساري سگهيا! دادا به ڪين دليان ڪين وساريو هو. "سڄڻ ياد جني کي، سي پڻ سڄڻ ياد!"

٢٥ نومبر، دادا جو جنم دن، سندس غير حاضريءَ ۾، ميران ڪاليج ۽ ميران اسڪولن جي ٻالڪين سنگڪوريءَ ۾ ملهايو. پر اهو اُتساهه ڪٿي هو، جو دادا جي حاضريءَ ۾ هوندو هو؟ يادگيري اچيم ٿي ته ڪيئن ميران اسڪولن پهريون دفعو دادا جو جنم دن سنگڪوريءَ ۾ دادا جي روبرو ملهايو هو. تڏهن ڪيڏي نه اُمنگ ۽ اُتساهه جي لهر ڇانئجي ويئي هئي! هينئر به، دادا جي جنم دن جي سنبنڌ ۾ ڪيڏا نه اُتسو ٿين ٿا! پر جا خوشي اُن پهرئين دفعي هئي سا خوشي مون وري مشڪل ڏٺي. اُن ڏينهن ميران اسڪول جي هڪ هڪ ٻالڪيءَ، دادا لاءِ ڳل ڪٺي آئي هئي ۽ دادا پنهنجي هٿن سان هڪ هڪ ٻالڪيءَ کي هڪ ٻڙو ڏنو. جنهن ۾ طرح طرح جون شيون ڀيل هيون. اُن ڏينهن ٻي خاص ڳاتا ۽ گيت ٿيا. ٻالڪين دادا ٿي ڳالهايو ۽ ڀڃاڙيءَ ۾

اُنهن گهڙيءَ تائين هو نشڪام ڪرم ڪندو رهيو ۽ ساٿ ساٿ
پرڀوءَ جو ڌيان به هردي ۾ ڌريندو رهيو. تڏهن ته ههڙو سندر
ويچار هن سچارو ديويءَ کي ڏنو.

پستڪن لاءِ پيار

دادا جي دل ننڍي هوندي کان پستڪن پڙهڻ سان ڏاڍي هوندي هئي. هو جنهن به نئين شهر ۾ ويندو هو، اُتي ڀلي ڪنهن دڪان تي ڪين چڙهندو هو، پر پستڪن جي دڪان تي ضرور ويندو هو ۽ وڃي ڪي چونڊ ڪتاب خريد ڪندو هو. ڀل ته به ٽي ڪلاڪ لڳي وڃنس، پر هو ٿڪبوئي ڪين هو. نوان ڪتاب وٺندو هو ته ڏاڍي خوشي ٿيندي هئس.

دادا ڪسرت جي خيال کان اڪثر ڪري روز پنڌ ڪرڻ نڪرندو هو. هڪ دفعي ائين پنڌ پئي ڪيائين ته هڪ سُڪُو ماڻهو به ٽڪڙو ٽڪڙو سندس ويجهو آيو ۽ گڏ وگڏ هلندي، سندس چهري ڏانهن هڪ ٽڪ نهاري، چيائين ته هي ڏوٽي ڪڙتي وارو ته پروفيسر واسواڻي ٿو لڳي. ۴۰ سال اڳ منهنجو سؤڀاڳيه هو جو مون کي سندس درشن مليو هو. هو تڏهن ڪاليج ۾ پاڙهيندو هو ۽ نوجوانن جون دليون ڏوڏيندو هو. لڳي ته اهو پيو! جي پروفيسر پاڻ نه آهي ته سندس ڀاءُ ضرور هوندو! دادا هن ڀاءُ جي حيراني ڏسي، سانت ئي سانت ۾ پئي مشڪيو. دادا جي ساٿين جڏهن ٻڌايس ته هي اهو ساڳيو ئي پروفيسر واسواڻي آهي، تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دادا جي پيرن تي ڪري آسيس گهرائين ۽ چيائين ته پروفيسر واسواڻي جي، توهان کي ياد آهي يا نه، پر مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي ته توهين ڪيئن نه پنهنجي مٺي، مرليءَ جهڙي، مڌر آواز ۾ ڳالهائيندا هئا، ۽ اسان جي اندر پرڀوءَ لاءِ پيار جاڳائيندا هئا. ڪلڪتي جا وڏا ڀاڳ آهن جو اوهين وري هتي پڌاريا آهيو. آشا آهي ته توهين وري اسان کي گيان جون گوشٽيون ٻڌائي ڪرتارٿ ڪندا. هن پوءِ دادا جي آگيا وٺي،

ٿي ويئي لڳا هئا. وڏي ڳالهه تہ سندن دلين ۾ ڀڳتيءَ جي عجيب امنگ اڀلون پئي ڏنيون. دادا جي سندر ڀڳتيءَ جي اکرن ٻڌڻ کان پوءِ سندن نيترن مان نير جاري ٿي ويندو هو. ڪيترائي ڀائر دادا کي اچي وينتي ڪندا هئا تہ اسانجي سنستا ۾ اچي اپديش ڏيو. دادا بہ سندن قرب ڏسي سندن وينتي قبول ڪندو هو. دادا تہ آئي آيو ٿي هو پنهنجي ستگر جو سنيهو سڻائڻ ۽ گيتا جي سکيا ڦهلائڻ. سترامداس ڪرپالاڻيءَ جي گهر روز ستسنگ ٿيندو هو. جتي ڪيترا پريمي ۽ پياسي اچي پنهنجي ڪجھ نہ ڪجھ پياس اجهائيندا هئا.

راڻي سچارو ديوي

ڪلڪتي ۾ شري ڪيشب چندر سين جي ڌيءَ راڻي سچارو ديوي رهندي هئي. دادا سان سندس ناتو قرب ۽ شرڌا جو هو. هڪ وقت هوءَ سنڌ ۾ آئي هئي ۽ اچي دادا سان ملي هئي. هينئر جڏهن خبر پيس تہ دادا ڪلڪتي آيو آهي تہ ڪيس قرباڻي ڪوٺ ڪيائين تہ ڪرپا ڪري مون وٽ پڌارجو. دادا ونس ويو. ڏاڍي نرمل پريم ۾ هو پاڻ ۾ گڏيا. سچارو ديوي هڪ راڻي هئي. پر سڪ ۾ صدقياڻي هئي، ڀڳتياڻي هئي، دادا ۽ هن ديويءَ پاڻ ۾ خوب روح رهاڻ ۽ آتمڪ چرچا ڪئي. سچارو ديويءَ، ڳالهائيندي چيو تہ ڪجھ ڪم نہ ڪجي، ڪيول جيون جو شيو ويچار ٿي ڪجي. گفتگو انگريزيءَ ۾ هئي ۽ شبد هئا: "Do nothing" اهو ٻڌي دادا اٿو ڏنو: "Do nothing means do the one thing needful." يعني ٻيو ڪجھ ڪم نہ ڪجي، ڪيول آتمڪ جيون ۾ پرگتي ڪرڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ گهرجي. اهڙيون سٺيون مٺيون ڳالهيون، دادا ۽ سچارو ديويءَ پاڻ ۾ ڪيون. پڇاڙيءَ ۾ هن ديويءَ دادا کي ستسنگ لاءِ سوکڙي ڏني. دادا جي انوکي جيون ۾ تياڳ ۽ ڪرم جو سندر سنگم هو. پنهنجي جيون جي

ڪري اوهين اسان وٽ به اچي پنهنجا پيرا گهمايو، اسانکي اُپديش ۽ آسيس ڏيو. ٻن مهينن کان وٺي هنن دادا کي رکي رکي اهڙا پتر پئي لکيا. دادا سندن سڪ ڏسي نيٺ ۳۱ جنوري ۱۹۴۵ع تي وٽن آيو. ان وقت شهر جي آدمشماري اٽڪل اڍائي لک هئي. جلد ئي ماڻهن ۾ اها خبر ڦهلجي وئي ته سندن نگر ۾، سنڌ ديش جو هڪ درويش پڌاريو آهي. ڀارت ۾ ساڌو ڪٿي به پڌارجن ته يڪدم ماڻهن کي سڌ پئجيو ٿي وڃي.

ٻئين ڏينهن ئي ميلاپي هال ۾ دادا جو پروگرام رکيو ويو. وقت جو سڀاپتي ٽاٽا جي فولاد ۽ رڪ ڪارخاني جو جنرل مئنيجر شري پي. ايچ. ڪتار ٿيو. هال ۾ ڀارت جي ڀن ڀن پرانتن، ڌرمن ۽ جاتين جا ماڻهو اچي مڙيا هئا. بنگالي، بهاري، سنڌي، پنجابي، هندو، مسلمان، سک، عيسائي، پارسي سڀ هئا. ڪمپنيءَ جا ڪيترا ولائت جا بہ آفيسر هئا. اول شري ڪتار چيو ته ”اسانجا ڌنيہ ڀاڳ آهن، جو هڙو مهان آتما اسانجي وچ ۾ آهي. اسانکي سندس اچڻ تي بيحد گهڻي خوشي آهي. شل اسين سندس سکيا جو پورو پورو فائدو وٺون ۽ نوان ٿيون.“

پوءِ دادا اُپديش ڏيڻ لاءِ اٿي بيٺو. ماڻهن ڏٺو ته هن درويش کي کاڌيءَ جي پوشاڪ پيل هئي ۽ جڏهن ٽوپي لاٿائين، تڏهن سندس ڪنگي بنا جلويدار، گهنڊيدار وار ڏسي سمجهيائون ته مبادا هي ڪو رومن ديوتا آهي. شڪل جو گورو، قداور، اکيون آسماني رنگ جون ۽ مک ۾ هڪ الوڪڪ مٺيا بکي رهي هئس. دادا، هٿ جوڙي، مشڪي، سڀني کي پرڻام ڪيو ۽ پوءِ پنهنجو مک کوليو. آرنڀ ۾ سندس آواز ڪومل، مٺو ۽ مرليءَ جهڙو هو. ڌيري ڌيري، آواز ويو بلند ٿيندو. پر هڪ هڪ شبد ۾ سچائي، سوز ۽ سرلتا هئي، جنهن ڪري ٻڌندڙن جون دليون ڌڏي رهيون هيون. اُپديش جي انت ۾ دادا سڀني جي سک ۽ پرگتيءَ لاءِ پرارٿنا ڪئي. تنهن کان پوءِ ڪلاڪ کن پرشن اُتر ٿيا.

هڪ وڏو سمارو هه ڪوٺايو، جت دادا جي باري ۾ چيائين ته، "هيءُ هڪ وڏ يا ساگر آڻو، گيان جو ڀنڊار آڻو، جو هو اسانکي پردان ڪرڻ آيو آهي. توهين خوشيءَ سان ڪانئس اهو خزانو وٺو." پوءِ دادا کي ونيه ڪيائين ته ڪجھ چئو. دادا به سڀني سان گيان ۽ ڀڳتيءَ جو اَملهه خزانو ونڊيو ورهايو ۽ کين مالامال ڪيو.

اُتا ڏينهن به مس گذريا ته هڪ ٻيو ڀاءُ رستي پنڌ گڏجي ويو. اُن به اِئين ئي چيو ته، "پروفيسر واسواڻي! توهين هت آيا آهيو ڇا؟ توهان جي مک ۾ ته مرليءَ جي مڌرتا هوندي هئي ۽ سکيا ۾ گيان! توهين ڪلڪتي ڀلي آيا، نڄ آيا! هاڻي توهانکي سڄو تورو ئي ڇڏيندا سين!" اهڙيءَ طرح، ڏينهون پوءِ، دادا جي پريمين ڪي سندس اُچڻ جو پتو پوندو ٿي ويو ۽ سندن تعداد به وڌندو ٿي ويو.

جمشيد پور

ڪلڪتي کان چئن ڪلاڪن جي پنڌ تي بهار پرانت ۾ جميشد پور نالي هڪ وسيل شهر آهي، جو اڳي هڪ جهنگل هو، پر هاڻ اُت منگل ٿي ويو آهي! مشهور ٽاٽا ڪمپنيءَ اُت فولاد ۽ رڪ جو زبردست ڪارخانو کوليو، هزارن کي روزگار ۽ بستيون نهرائي ڏنيون آهن. ويجھو پهاڙ به آهن. جتان صاف پاڻيءَ جا چشما ۽ نديون ٻيٽون وهن ۽ آس پاس جي ڀوميءَ کي سرسبز ڪن. رستا پڪا ۽ ڪشادا آهن ۽ سونهن، صفائي ۽ نزاڪت تي خاص توجه ڏنو ويو آهي. ڪارخاني جي ملازمن لاءِ سندر پڪا گهر ٺهيل آهن. اِنسان، جي پنهنجو دماغ هلائي ۽ اُن ۾ دل جو ڀاءُ ڀري، ۽ محنت سان پنهنجي ٻانهن جو ٻور هيو ڪري، ته ڪمال ڪري سگهي ٿو. ايشور اِنسان کي اڪت شڪتي ڏني آهي، پر هو اُن جو صحيح نموني سان اُپيوگ نٿو ڪري.

ٽاٽا ڪمپنيءَ وارن کي جڏهن دادا جي ڪلڪتي ۾ هئڻ جي سڌ پيئي، تڏهن هنن ڪيس وينتي پٽر موڪليو ته ڪريا

اُٽان ۽ سوڪ جي ڪري غريبن جا پيٽ اُڀي وڃي پٺيءَ سان لڳا هئا. هڪ لڳا دادا هڪ اهڙو دردناڪ درشيه ڏٺو هو، جنهن جو ذڪر هو ڪيترن سالن تائين پيو ڪندو هو. هن ڏٺو ته هڪ مسڪين مائي، جنهن جي هنج ۾ هڪ ننڍڙو ٻار هو، تنهن هٿ ٻڌي گهيري پئي ڀکيا گهري. ڏڪار جي مهانگائيءَ ڪري، ڪي لاپرواهيءَ ڪري، ڪنهن به ڌيان ڪين ٿي ڏنو. مائيءَ ٻاڏايو پئي، پڪاريو پئي ۽ نماڻن نيڻن سان نهاريو پئي، پر هن ٻي دردي دنيا مٿس ڪو به قياس ڪين ڪيو. سندس هنج وارو اٻهم ٻالڪ، سندس هنج ۾ اُڃ مري ويو! دادا کان اهو دل ڏاريندڙ واقعو ڪڏهن ڪين وسريو ۽ جڏهن به ان جو ذڪر ڪندو هو، تڏهن سندس گلو درد ۽ ڏک وچان گهُٽجي ويندو هو ۽ اکيون اڇي آليون ٿينديون هيس.

ڏڪار جي ستايلن جي سهائتا لاءِ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي وئي جنهن جو سڀاپتي دادا هو. دادا پنهنجو وياکيان اهڙيءَ نه دردناڪ ۽ دل سوز ڀاشا ۾ ڏنو، جو هڪ هڪ جو پتو ٿي پاڻي ٿي ويو ۽ پنهنجا کيسا ۽ دليون کولي هنن سهائتا فنڊ ۾ ڏنو. هڪ دانيءَ هڪ هزار روپيا ڏنا ته هڪ مسڪين مائيءَ پنهنجي سموري ميڙي چونڊي، جا فقط ٽڪو هئي، سا به ڏيئي ڇڏي. ڪن ته مائيءَ تي ٺٺولي ڪري کليو، ڪن چيو ته اهي ڪيس موٽائي ڏجن. پر دادا، جو هر ڌرم جي ڀاوَ پرکڻ ۾ پرٻڻ هو، تنهن سڀني کي روڪي چيو ته ”متان ائين ڪيو اَٿو! هن مائيءَ کي بيحد شاباس هجي، جو هن پنهنجو سڀ ڪجهه ڏيئي ٻين جي اُپڪار لاءِ پاڻ کي ڪنگال ڪري ڇڏيو! ٻندو ڏسي ٿو ڪم، پر پريو ڏسي ٿو هردي جي ڀاونا! پريو اٿوَ دلين جو مالڪ. هن جي درشٽيءَ ۾ هن غريب مائيءَ جا ٻه پئسا، وڏن دانن کان به وڌيڪ ملهائتا آهن! ايشور جي آسيس توهان ۽ هن غريب مائيءَ تي شل وڌيڪ چمڪي ۽ چمڪندي رهي.“

پر ماڻهن جون دليون اڃا ترپت نه ٿيون. ڪي دادا کان وقت وٺي سنڌس رهائش جي مڪان تي به آيا ۽ پنهنجون شنڪائون دور ڪيائون.

ٻئي ڏينهن دادا جو رام مندر ۾ پروگرام رکيو ويو، جو عام سڀا لاءِ هو. برسات به خوب پيئي، تڏهن به ماڻهو جام آيا ۽ دادا کي ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا. وري بنگالي هال ۾ دادا ”يوگ“ جي وشيه تي ڳالهايو ۽ ويويڪانند هال ۾ سري رام ڪرشن ۽ سوامي ويويڪانند تي ڀاشڻ ڏنو. مطلب ته جتي تي ويو، اتي وڃو تي دلين تي روحاني رنگ لڳائيندو. پاڻ ته هو هڪ هوشيار، آزمودگار رنگريز هو، جو پنهنجي پيار روپي پڪي رنگ سان وڃو تي سيني کي رڱيندو ۽ من مست ڪندو. جمشيد پور کي اسرئي ۲۸ سال ٿيا هئا، پر ايترن سالن ۾ اتي جي رهاڪن اهڙو جوڳي جادوگر نه ڪڏهن ڏٺو هو ۽ نه ان کي ٻڌو هو. هنن جي رڪ ڪارخاني ۾ هڪ سچو سون اچي چمڪيو هو، جنهن ڪري جمشيد پور جي رونق ئي نرالي ٿي پيئي هئي.

دادا ڪيوَل وِدوانن ۽ ڌنوانن کي ڪين تي مليو، پر هو نه ڏينن ۽ مسڪينن جو به متر هو. نگر جي رويوار مارڪيٽ ۾ ڳوٺاڻا پنهنجو مال هفتيوار وڪري لاءِ کڻي ايندا هئا. دادا کي جيتوڻيڪ ڪنهن به چيز جي درڪار ڪانه هئي، تڏهن به هو انهن غريبڙن وٽ ويو ۽ وٽن ڪانئن ڪجهه نه ڪجهه خريد ڪيائين. غريب ڳوٺاڻن اڳ اهڙو اڻوکو خريدار مشڪل ڏٺو هو، جو ٻنا ڀڪائيءَ جي مال خريد به ڪري ۽ آسيس به ڏئي! دادا کن سان نه خوب ڳالهيون ٻولهيون به ڪيون. جيڪي ٻار اتي هئا، تن کي خرچي ٻڻ ڏنائين. اهڙيءَ طرح سيني جي آسيس وٺي پوءِ گهر موٽيو.

بنگال ۾ ڏڪار

بنگال ۾ ڪازو ڏڪر پيو هو، جنهن راڳا ڪري چڙيا هئا.

نوجوان ۽ ڪروڙين مليا هئا، جن سڀني پنهنجي پريتم کي پائڻ جي پياس پڪار جو ورنن ڪيو هو. پر جيئن ته هو اڃا پڪا ڪين هئا، تيئن صرف پياس جو اظهار ڪري وري گم ٿي ويندا هئا. ڊاڪٽرن وٽ ٻه گهڻيئي اهڙا خشڪ طبيعت وارا مريض ايندا آهن، جيڪي چوندا آهن ته ڊاڪٽر، ٻڌائو ته مان بلڪل تندرست ۽ نرويو ڪيئن ٿيان؟ ۽ جڏهن ڊاڪٽر ڪين صرف کاڌي جي پابنديءَ لاءِ چوندو آهي ته پيارا تريل طعامن جو تياڳ ڪر، بيسڻ، پڪوڙا کائڻ ڇڏي ڏي، روز ڪسرت ڪر، ٻاڦيل ڀاڄيون کاءُ، تڏهن هو ڪن ڪپائي هليا ويندا آهن ۽ وري واپس ڪين ايندا آهن. هت ٻه اڌياتمڪ وئد دادا، مشڪي هن پارسي نوجوان کي هيئن چيو: "پيارا پنهنجي جيون کي نيمن ۾ ٻڌ، سچ جي پيروي ڪر، پوترتا ۽ برهمچريه جو پالن ڪر، اهنسا جو آدرش اڳيان رک، ڪنهن کي خوش ٿيندو ڏسي حسد نه ڪر، ڪام ترشنا جي وچار کي تن من کان تڙي ڪڍ، ڪنهنجي مال ۾ اک نه وجهه ۽ رب جي رضا تي راضي رهه. سچي کي پيار ڏي، ۽ پرڀوءَ کي پائڻ لاءِ پياس مان ڳوڙها ڳار! ڇڏ، هيءَ ساڌنا ڪري سگهندين؟

هن اُتساهي نوجوان کي ساڌنائون ڪيون ته ضرور هيون. سو سمجهيائين ٿي ته هاڻ باقي ڪيس پرڀوءَ جي درشن جي ئي دير آهي. سو دادا کي التجا ڀريل اکرن ۾ چيائين ته: "سائين، نريندر (سوامي وويڪانند) کي ڪين سري رامڪرشن، پرڀوءَ جو درشن ڪن ۾ ڪرايو هو! ديا پالي توهين مونکي به پرڀوءَ جو درشن ڪرايو نه. توهين منهنجا رامڪرشن آهيو."

دادا اهي ٻاراڻي ٻڌيءَ وارئون ڳالهيون ٻڌي، اُن نوجوان کي چيو ته: "پيارا، مان رامڪرشن نه ڪين آهيان. البت هنجو داس اوشيه آهيان. منهنجي ته اهائي پياس رهي اٿئي ته مان شل سنتن جو داس ٿيان."

رمڻيڪ آستان

جمشيد پور ۾ شري رامناٿ پنجابيءَ نالي هڪ پريميءَ کي دادا جي اُپديشن ۽ سنگ ڏاڍو پرڀاوت ڪيو. هو دادا جي هر هڪ ليڪچر تي ايندو هو. هڪ ڏينهن هو دادا کي سڪ ۽ شرڌا سان پنهنجي گهر پوڄا لاءِ وٺي آيو. رسوئي کائيندي ۽ ڳالهيون ڪندي ٻڌايائين ته هت ٿوري مفاصلي تي هڪ رمڻيڪ آستان آهي، جتي ٻه نديون، سُورڻ ۽ کرڪيءَ جو سنگم ٿئي ٿو. اهو آستان توهين ضرور ڏسو. ٻئي ڏينهن هو دادا کي اهو سندر نظارو ڏيکارڻ لاءِ وٺي هليو. وات تي گهاٽن ورڪشن جي ڊگهين قطارن مان لنگهندي، ڌوپ ۽ ڇايا جي کيل جو ديدار ڪندي، دادا نيٺ اچي ان هنڌ پهتو، جت اهو سندر سنگم هو. دادا قدرت کي ڏسي قادر کي ياد ڪندو هو. پرڪرتيءَ جو سؤندريه پسي، پنهنجي پريتم جي اسيم سندرتا ۽ آڪرشڪتا جو انڀو ڪندو هو! ۽ جتي پريتم ياد پوي اهو آستان دادا کي ڪيئن نه ڀائي! هت ته اِها ڪار ٿي. دادا دل ڏيکاري ته جيڪر اُتي ئي رهي پئجي! دادا اڪثر ائين ڪندو هو. جو به آستان ڪيس وڻي ويندو هو، اُت ڪجهه سمي رهي، آنند ماڻي، پوءِ اُتان اڳتي هلندو هو.

پريوءَ جو درشن

جمشيد پور ۾ هڪ واقعو اهڙو ٿيو، جنهن جو ورنن ڪرڻ به اوشيه آهي. هڪ پارسي نوجوان، جنهن کي ٽاٽا ڪمپنيءَ ۾ سٺو عهدو هو، سو دادا جي ليڪچرن لاءِ ايمان اچي ويندو هو. هن پارسي ڇوڪ کي پريوءَ کي پائڻ جي پياس هئي. هڪ ڏينهن صبح ساڻ هي نوجوان اچي دادا سان مليو ۽ چيائينس ته سائين، مون تي آسيس ڪريو. مون کي توهان جي آسيس گهرجي، ڇو ته مان پريوءَ جو درشن ڪرڻ چاهيان ٿو.

دادا ته هو جاڻي جاڻڻهار، ڪيس گهٽيءَ امنگي، بس ٻمي

اها خودي ئي آهي، جا اسان کي خدا کان ڌار رکي ٿي. اها اسان جي سوکيم "مان - مان" آهي جا وڏا واڪا ڪري ٿي ۽ اسان کي پريوءَ سان ملڻ کان محروم رکي ٿي. بيشڪ گروجن چون ٿا، "آپ گنوائي، تو شهه پائي، اور ڪشي چترائي!"

دادا چيو: ساڳيون برندابن جون گوپيون به هيون، جن پنهنجو پاڻ وساري، پاڻ کي شيام سندر ۾ سمائي ڇڏيو هو. هنن پنهنجي سرير جي سڌ ٻڌ به وساري ڇڏي هئي. هنن کي شيام بنا ٻي ڪا ڳالهه ئي نه ٿي سجهي. شيام ئي سندن پران پيارو هو. هو ئي سندن ٽنهي لوڪن جو سوامي هو! کيس ڏسنديون هيون ته سندن نيڻ نير ٿي پوندا هئا. هو ڇپن تي مرلي چاڙهي، جڏهن آلاپ ڪندو هو، تڏهن هو گدگد ٿي امنگ ۾ اچي نچنديون هيون. جي پريوءَ جي جوت جو ديدار ڪرڻ چاهين، تن کي جڳائي ته هو فنا ٿي پون، نقطو ٿي پون!

" Forget Me Not "

جمشيد پور ۾ پهچڻ جي ڏينهن دادا جو پروگرام ٽِپونڪ ڪلب ۾ ٿيو، جتي هزار ماڻهن جا اچي ڪٺا ٿيا. سندس دليون ڪيچيندڙ وياکياڻ ٻڌي، سڀئي مگن ٿي ويا ۽ دادا کي ورائي ويا. کيس وڃڻ ئي نه ڏين. پيا چونس ته دادا، ڀلا وچن ڏيو ته توهين ٻئي سال وري اسان وٽ ايندا. اسين توهان لاءِ راهه پيا نهاريندا سين ۽ ڏينهن پيا ڳڻائيندا سين. دادا، وداعيءَ وقت کين چيو ته "مان توهان وٽ هڪ گل سوکڙيءَ طور ڇڏي وڃڻ ٿو چاهيان. ان پشپ جو نالو آهي Forget Me Not "متان مونکي وساريو اٿو." ماڻهن امنگ ۾ اچي تاڙيون وڄايون ۽ چيائون ته دادا، اسين توهان کي مور ڪين وساري سگهنداسون. توهين جڏهن اسان جون دليون ئي پاڻ سان کڻي ٿا وڃو، تڏهن اسان جو چت ته سدائين توهان جي ئي چرنن ۾ هوندو.

نوجوان کي هڪ ئي رٽ لڳل هئي ته مونکي ايشور جو درشن ملي! چار ڏينهن لڳاتار هن دادا وٽ اچي کيس عرض ۽ نيزارين سان ليلڙايو. دادا گهڻوئي کيس سمجهايو ته پيارا اها راهه ڏاڍي ڏکي آهي ۽ ڪنهن ساڌ نائن کي ساڌ ٿيو پوندءِ. پر هن نوجوان ساڳيوئي سر پيروي پئي آلاپيو. نيٺ هڪ شام جو دادا سندس اکين ۾ پنهنجون چمڪندڙ اکيون جمائي چيس ته چڱو تون هڪ خسيس ڪم ڪندين؟ نوجوان خوش ٿي وراڻيو: ”سائين، توهين ڪيڏول آگيا ڪريو. مان پريوءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ آسمان جا تارا به لاهي ايندس.“ دادا مشڪي چيس ته: ”نيڪ! هاڻ وڃ هڪ حجام (نائيءَ) وٽ ۽ پنهنجي مٿي جا سڀ وار ڪوڙاءِ ۽ پوءِ آفيس ۾ وڃ ۽ پنهنجي بالا ۽ زبردست ڪرمچارين سان ڪلي ڪلي مل! شام جو مون وٽ اچڻ مٿان پلڄين!“

نوجوان اها آگيا ٻڌي ته دنگ رهجي ويو. اکيون ۽ وات ڦاٽي پيس ۽ ڄڻ جيان آسمان ڏانهن تڪڻ لڳو. ڀيو پلي ويچار آيو هجيس، پر گهٽ ۾ آسمان مان تارا لاهي اچڻ جي ڳالهه ته وسري ويس. پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري، مان ميٺ ۾ اٿي هلڻ لڳو. شايد اهوئي سوچي رهيو هوندو ته مان سهڻو پارسي نوجوان، پنهنجو مٿو گنجو ڪري ڪهڙي منهن سان آفيس ويندس. منهنجا آفيسر ڏسي ڇا چوندا؟ ڪلارڪ، ٽڪلو، نوڙهو مٿو ڏسي ڪين پاڻ ۾ سس پس ڪندا؟ مان سندن اڳيان پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪٿي ڪيئن سگهندس؟

هي پارسي نوجوان هڪ واريءَ ويو، سو وري ڪين موٽيو. دادا کي رکي رکي سندس ويچار ايندو هو. ”ڇا ته هنجو اُتساهه هو! ڇا ته اُمنگ! پر ويچاري پنهنجو آپو ۽ اُيمان اُڇا ڪين ماريو هو. منجهس ڪيتريون خوبيون هيون. هو گڻن ۾ چمڪي رهيو هو. پر هن پنهنجي ”مان - مان“ اڃا ڪين ماري هئي. پاڻ کي فنا ڪين ڪيو هو، پاڻ کي مٽي ڪين ڪيو هو.

جڏهن هن اندر پرويش ڪيو! ڪيڏيون نه مٺيون گهڙيون هن گهاريون هيون پنهنجي گرديو جي روح رچنديءَ سنگ ۾! ڪيڏو نه پوتر پيار جو گنگا جل پيتو هئائين! ان ئي ڪمري ۾ گرديو پنهنجي اسيم پيار ۽ ڪروڻا ۾ کيس "بوڪا" ڪري ڪوٺيو هو. اڄ پاويءَ کيس ڪيئن نه وري ان پريم ڌام ۾ آڻي کيس ڪرپا جو پرسڪار ڏنو هو! اتان ٿي، دادا ويو پنهنجي گرديو ۽ سندس چاچي شري ڪيشب چندر سين جي پوتر سماڌين تي. اتي ٻين سانتين جون پڻ سماڌيون هيون. دادا، نمرتا ۽ شرڌا وچان، هڪ هڪ سماڌيءَ اڳيان سر جهڪايو ۽ آسيس ورتي. آخر هو آيو سماج جي هال ۾، جت کيس ڳالهائڻو هو.

دادا اول تہ وڏان شبد جي معني سمجهائي ۽ پوءِ ٻڌايو تہ ڪيشب چندر سين جي اکين ۾ ڪهڙو سونهري سپنو هو. ان وقت خود دادا جون اکيون پڻ چمڪي رهيون هيون ۽ سندس اکرن ۾ تاثير هو. اهو سڀ ڏسي ۽ ٻڌي، اپسٿت سڄڻن دادا کي چيو تہ توهان جيئن ڳالهايو پئي تہ اسان ائين پئي انڀو ڪيو تہ ڄڻ ڪيشب چندر سين سوئم ڳالهائي رهيو آهي. توهان تہ اسان تي جادو لڳائي ڇڏيو آهي. چاليهہ سال اڳہ جن کيس ڏٺو ۽ ٻڌو هو سي بہ اچي کيس قرب ۾ مليا ۽ چيائون: "توهين تہ ساڳيا ئي ساڳيا آهيو، ڪيول شرير ۾ ڪجهہ اشڪتي آئي، پر اکرن ۾ ساڳي آتش ۽ آواز ساڳيو مٺو، مڌر ۽ سوز ڀريو!" دنيوي ماڻهن ۾ سمو پنهنجو سڪو جمائي ٿو ۽ ڦيرقار ۽ پريورتن آڻي ٿو، پر سنت جي جيون هڪ وڏي وشال بسنت رت آهي، جنهن ڪري سندن انگ انگ ۾ امنگ ۽ اکر اکر ۾ اتساهہ سدائين سرسبز رهي ٿو. البت سرير ۾ اشڪتي اوشيہ اچي ٿي.

ڪلڪتي جي ڪيترين ئي سنسٿائن دادا کي ڪوٺ ڪئي. شونانف سمرتي هال ۾ دادا جو وياکيان وديارٿين لاءِ "وديا ۽ پارس جا آدرش" جي وشيہ تي ٿيو. ڪانگريس ڪاريہ ڪارڻي

پريم جال

جمشيد پور جي پيارن کان موڪلائي، دادا ڪلڪتي موٽيو، جتي سترامداس ۽ ساٿي سندس راهه نهاري رهيا هئا. دادا ساڻن جمشيد پور جي اتساهڪ پروگرامن جو ذڪر ڪيو، جو بڌي هو به ڏاڍو گدگد ٿيا. سنت جت وڃن، اُت پريم وَرڪا وسائين ۽ انهين پنهنجي پيار جي جار ۾ وڏيڪ وڏيڪ دليون ڦاسائين. هو نه آهن الله لوڪ ۽ سندن ورتي آهي وئراڳ جي. سو پاڻ نه موهه ۾ ڦاسن ڪين ۽ دنيوي ڏنڌن ۽ ناتن ۾ اٽڪن ڪين. پر هو اڳلن کي پنهنجي ياد گيري اهڙي ته ڏين ٿا، جو انهن لاءِ سنتن کي وسارڻ مشڪل ٿيو پوي. سنتن لاءِ سمرتي آهي پريوءَ جي پوڄا! تنهن ڪري سنتن سان ناتي رکڻ ۾ انسان جي اُنتي ئي آهي. پريم جي پٺ ۾ پرگتي ئي آهي! سنت پڇي ڪي نه پڇي، سندس ياد ۾ آتمڪ آنند ۽ اُنتي ئي آهي.

دادا هاڻ وري ڪلڪتي ۾ ڌوم مچائي. اتي نوَوڌان برهمو سماج هئي، جنهن چاليهه سال اڳ ڪيس پنهنجو گرديو، شري پرومو ٿو لعل سين مليو هو. هن سماج دادا کي وينتي ڪئي ته اسان وٽ ٢٦ جنوري اچي پنهنجو پراگرام ڏيو. اهو ڏينهن سندن لاءِ ان ڪري مهتو پورڻ هو، جو شري ڪيشپ چندر سين ٢٦ جنوريءَ تي نَووڌان برهمو سماج جو اعلان ڪيو هو. دادا جو ناتو هنن سان منو نه هو ئي. تنهن کان سواءِ ڪيشپ چندر سين جي ڏيءُ سچارو راڻيءَ ۽ دادا جو پاڻ ۾ منو ۽ نرمل سنبنڌ هو. سو سندن ڪوٺ قبول ڪيائين. اتي پهرڻ شرط هو ان ڪمري ۾ گهڙيو، جتي سندس گرديو رهندو هو. اُت سر جهڪائي پنهنجي گرديو جي آسيس ورتائين. اهو ڪمرو سندس لاءِ هڪ نرمل تيرٿ آستان مثل هو، هڪ مندر هو. ڪيڏيون نه مٺيون يادگيريون سندس دل اندر اُٿيون هونديون،

اُتي بيهي چيائين تہ ”شري واسواڻي جيءَ جيان، مون هن کان اڳ، ڪنهن کي بہ هن مٺ ر ۽ نرمل نموني ۾ ڳالهائيندو ڪين ٻڌو آهي. هن کان اڳ مونکي اهڙو ڪوڪين مليو آهي، جنهن کي مان ”ستيہ آچاريہ“ جو پرسڪار ڏيان. خوشي اٿم تہ اڄ اهڙي هڪ کي مان ملان ٿو جنهن کي مان اهڙو لقب ڏيئي سگهان ٿو. مان ساڌو واسواڻيءَ کي ”ستيہ آچاريہ“ جو پرسڪار ڏيان ٿو!“ ائين چئي ساڌو ٽاراچند، دادا جي هٿن ۾ هڪ سونو ٻلو رکيو. پر دادا تہ لقبن وغيرہ کان ڏور رهندو هو. سو هن چيو تہ لقب آهن زنجيرون ۽ سون آهي پيلي مٽي. جڏهن بہ اوهانجا وچار مون ڏانهن وڃن، تہ مون کي پريوءَ جو هڪ رمتو فقير ڪري سمجهو.

دادا موٽي گهر آيو تہ سندس وچار وري وري هن ستيہ وادي ساڌو ٽاراچند ڏانهن ٿي ويا. جيڪي ٿورا پريمي سندس چرنن ۾ ويٺا هئا، تن کي ٻڌايائين تہ سچ جي پيروي ۽ پوڄا ڪيئن ڪجي. ستيہ ڪام ۽ گوتم رشيءَ کي ياد ڪيائين. پيغمبر محمد ڏانهن پڻ وچار ويس. جي وچن، هن پنهنجي ورت اوستا چاچي، اَبوُ طالب کي چيا هئا، سي کين ٻڌايائين تہ: ”جي اوهين منهنجي ساڄي هٿ ۾ سورج رکندا ۽ ڏائي هٿ ۾ چندرما تہ بہ مان سچ کان منهن ڪين موڙيندس. خدا مونکي سچ سان سچو ٿيڻ سيکاريندو. نہ تہ، تہ مونکي موت ڏيندو.“ دادا پوءِ چيو تہ: ”بيشڪ سچ! پوءِ سچ جي راهہ، ڇو نہ آگ جي اُلن سان ڇانيل هجي، پوءِ ڇو نہ سچ جي شيوا ۾ پيڙا ۽ ڪشٽ پراپت ٿئي، يا قيد يا موت جي سزا ملي!

”سچ يا موت! پر ڪٿي آهن اُهي، جي سچ جي اوکي، اَٽانگي راهہ پڪڙين؟“

شري چئتنيہ جي جنم ڀومي

ڪلڪتي کان ڪجهہ مفاصلي تي شري چئتنيہ مها پربوءَ

منڊل ۾ ڪيس نمسڪار ڪيو. جتي دادا سندن ونيءَ تي ”آمار ديش“ يعني اسانجو ديس، ان وشيه تي ڳالهايو. ڪلڪتي ۾ هڪ سَت پرش، ساڌو ٽاراچرڻ جي نالي سان رهيو ٿي، جنهن سنيه آشرم ٿي هلايو. اُن سنيه آشرم ۾ به دادا کي ڪوٺ ڪئي ويئي. اهو آشرم نگر جي هڪ سانتيڪي واهو منڊل ۾ هو. هن سنت کي ڪيترائي شش ۽ پريمي هئا، جي کيس پيار ۽ قرب وچان ”ساڌو بابا“ ڪري ڪوٺيندا هئا. سنڌ جو ساڌو واسواڻي، بنگال جي ساڌو بابا جي آشرم ۾ وڃي پهتو. هي ٻئي ساڌو، سٽپرش، ڪيڏي نه قرب سان ڀاڪر ۾ گڏيا! ٻنهي هڪ ٻئي کي پريم جـي ڀاڪر ۾ جڪڙي ڇڏيو. ٻنهي جا پريمي شش ۽ ڀڳت، اهو ديو لوڪ جي ديوتائن جو مڌر ملن پسي، گد گد ٿي ٿيا. ائين ٿئي ڀاسيو ڄڻ ته ٻن سنتن جي مگل مورتيءَ مٿان آڪاش مان ديوتائن به گلن جي ورکا ٿي ڪئي!

ساڌو ٽاراچرڻ هڪ سادو سُوڌڙو، نماڻو، گوناٺو ٻراڳي هو. هو خاص پڙهيل به ڪين هو. انگريزيءَ جا ڪيول ٻه چار شبد ڄاڻندو هو، ته به وٽس پڙهيل ڳڙهيل ودوان آسيس وٺڻ لاءِ ايندا هئا. هو سنيه جو پوڄاري هو، سنيه وادي هو. سندس شش کي پورن وشواس هو ته هو پنهنجي مک مان جيڪي به ڪڍندو، سو سچ ٿيءِ نڪرندو. پنهنجي جيون ۾ هن ڪڏهن اُسنيه ڪين ٻوليو! اهڙي مهان آتما جي آشرم ۾ دادا ۽ سندس ساٿي پڌاريا هئا. هي ٻئي سنت هڪ ئي برادريءَ ۽ پائيءَ جا هئا، تنهن ڪري ڀاڪر ۾ ٻڌو هئا!

دادا - سنيه آچاريه

سنيه آشرم ۾ دادا اڌ ڪلاڪ اُپديش ڏنو ۽ ٻڌايو ته سنيه جي پراپتيءَ لاءِ ڪهڙا ساڌن ساڌجن. ساڌو بابا ۽ سندن شش دادا کي ڏاڍي ڌيان سان ٻڌڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن دادا جو اُپديش سماپت ٿيو، تڏهن ساڌو ٽاراچرڻ ڏاڍي اُمنگ ۾ اچي ويو ۽

آهي. واسنتو ۾ نمائي داس نه، پر نمائي ڀڳت اُبي پيدا ٿيو هو! دادا هو چيتنيه ڀڳت، نمائي ڀڳت! ڪن شردالوُ ڀڳتن ته ائين به چيو ته چو، هي نه سوَءِ نمائي چيتنيه پاڻ اُبي آهي! چو ته جڏهن چيتنيه، جڳنناٿ پريءَ ڏانهن، سري ڪرشن، بلرام ۽ سندن ڀيڻ سڀدرا جي درشن لاءِ ٿي اُسهيو، تڏهن نديا واسين کي وچن ڏنائين ويو هو، ته مان وري موٽي نديا ۾ ايندس. توهين دل ۾ اطمينان ڪجو. اهو انجام ياد ڪري هنن هاڻ دادا کي ڏسي چيو ٿي ته پنهنجن شبدن کي پاڙڻ لاءِ شري چيتنيه مها پرڀو وري نديا ۾ پيدا ٿيو آهي!

دادا پهرئين ڏينهن گووند بابوءَ جي اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ويو جو اُتي ڪيس قرباني ڪوٺ ڪئي هئائون. دادا جو رنگ، روپ، ساڌارڻ منش کان انوکو هو. سو کيس ڏسي وديارٿين چيو ته "ساڌو بابا آئي هئن." ٻئي ڏينهن تي وري شري چيتنيه مندر ۾ ڪوٺ ٿيس ته اچي اُپديش ڏيو. سارو مندر پريمين سان ڀريو پيو هو. دادا کي اول مندر جو درشن ڪرايو ويو، جنهن ۾ شري چيتنيه مها پرڀوءَ جو سنگمرمر جو هڪ نهايت دل ڇڪيندڙ پتلو استاپن ٿيل هو. پتلي جي چرنن ۾، اُن پتلي واري ڀڳوان چيتنيه جي داس، ڀڳت، دادا، ڏاڍي شردا وچان پنهنجو مستڪ نوائي آسيس ورتي.

پتلو اهڙو ته آڪرشن ڪندڙ هو، جو دادا پنهنجا نشيلا نيڻ سندس سندر روپ تان قيرائي نه ٿي. ٻئي نهار پائين، ٻئي نهار پائين. جڻ ته دل لڳي وين. ڪيس اِئين مها پرڀوءَ کي ڏسڻ سان پاڻ کي ڀلائيندو ڏسي، سيني جي درشني ساڌو واسواڻيءَ جي مگته مڪڙي ڏانهن ڪينڇجي وئي. هن ائين ٿي اَنيو ڪرڻ شروع ڪيو ته ڪهڙو چيتنيه، ڪهڙي چيتنيه ڏانهن نهاري اُن ۾ سمائجي وڃڻ ٿو چاهي؟

دادا، شري چيتنيه جو درشن ڪري، سندس آسيس

جي جنم اَستان، نديا جي درشن ڪرڻ جي دادا کي ڏاڍي اڇي دل ٿي. ڀارت ۾ پُرندڙ ڀڳتيءَ کي، جنهن وري زور وڌايو ۽ ڪرشن ڀڳتيءَ جي زوردار هلچل جاري ڪئي، اُهو هو شري گؤرنگا يا چيتنيه مها پرڀو. چيتنيه، سري ڪرشن ۽ رادا جي هڪ ئي ڀڳل مورتي هو، جنهن ۾ ٻنهي جي سؤندريه ۽ اَئيشوريه جي ڀڳلتا سمايل هئي. هي هڪ ڀڳتيءَ جو اوتار هو، جنهن نديا نگر ۾ پنهنجي اَلوڪڪ ليلا لڳائي، ان کي اَمر پد ڏئي ڇڏيو. نديا جي گليءَ گليءَ ۾ ”هري بول“ جو مٺو منتر گونجڻ لڳو اٿيو.

نمائي داس

دادا جو نديا ۾ پير پائڻ ۽ اها خبر وڄ وانگر ڦهلجڻ ته نگر ۾ ٻري ٻري، سنڌ پرانت کان هڪ سنت پرش پڌاريو آهي. بنگالي، سنڌين وانگر اُمنگي ۽ پريمي ٿيندا آهن. سو دادا جي اَستان تي پريمين جي ڌم مچي ويئي. پيرن ۾ اڪثر پائرن کان اڌڪ ڀڳتي ٿيندي آهي، سو جام بنگالي پيرون به ساڌو واسواڻيءَ جو درشن ڪرڻ ۽ سندس اُپديش ٻڌڻ ۽ پنهنجي جيون سڦل ڪرڻ جي ارادي سان وٽس اچڻ لڳيون. هنن پروڙيو هو ته سنتن جو سنگ، وڏ ڀاڳين کي ئي نصيب ٿئي ٿو. سو ڏاڍيءَ شرڌا ۽ ڀڳتيءَ ۾ دادا وٽ ٿي آيون ۽ ٻئي هٿ جوڙي، سندس چرڻن تي ڌري، پنهنجو مستڪ نوائي، اهي هٿ پنهنجي مٿي تي گهمايائون، جيئن سنتن جي چرڻن جي رج پنهنجي مستڪ تي لڳائي سگهن. (البت سنڌ ۾ اهڙو سنڌر رواج ڪونه آهي.) بنگالي پيرون، پوشاڪ ۾ ساڌ ٿين، پر نهايت سڪ واريون هيون. پريم ۽ شرڌا سان پئي دادا کي چيائون ته توهين آهيو ”ساڌو واسواڻي.“ سندن پريم ڏسي ۽ گد گد ٿي دادا مشڪندي پئي کين چيو ته: ”نه، مان ساڌو واسواڻي ڪونه آهيان. مان آهيان نمائي داس.“ نمائي چيتنيه جو ئي نالو هو. پيرن کي اهو نالو به اَتي پسند هو. هو به مشڪڻ لڳيون ۽ چوڻ لڳيون ته نديا نگر ۾ نمائي داس پڌاريو

اهڙيءَ طرح دادا، رُيڪا، گووند بابوءَ ۽ ٻين اڌ پر پريمين کي پرچائي، آنت ۽ آسيس ڏيئي، گنگا ميئا کي مستڪ نوائي، سندس آسيس وٺي، ڪلڪتي لاءِ روانو ٿي ويو. نمائي داس، نمائي ڀڳت، نمائي سروپ، نديا ۾ ڪي ڏينهن ليلا لڳائي، ڀڳتيءَ جي ورکا وسائي، نمائي چيتنيه لاءِ پريم ۽ شرڌا وڌائي، ويس ۾ وچالين کي ستيه جي راهه ٻڌائي، تمس مان جوتيءَ ۾ آڻي، دادا اچي ڪلڪتي پهتو.

ڪلڪتي ۾ وري نئين سر رنگ رچي ويو. باقي جيڪي رهيل سنستائون هيون، تن جي ڪوٺ تي دادا وٽن ويو ۽ وڃي کين پنهنجي ستگر جو سندر سنيهو سڻايو. هڪ ڪرستان پادريءَ جو دادا سان اهڙو ته منو ناتو ٻڌجي ويو، جو ڪيس ڇڏي ئي نه. جيئن هن دادا جا پستڪ پڙهيا، تيئن هو ويو ٿي مٿس مست ۽ مفتون ٿيندو. وري وري پيو ڪيس ملندو هو ۽ هڪ دفعي ڪيس ديول ۾ به وٺي ويو. پريم جي ڏوريءَ ۾ اهڙو ته ٻڌجي ويو، جو هڪ ڏينهن دادا کي چيائين ته "دادا، مان هڪ پلاٽ وٺي، جڳهه تو جوڙايان. تو هين پوءِ مون سان گڏ اچي رهجو." مطلب ته سنت، پنهنجي پيار جي ڏوري ويو ٿي وڌائيندو.

سنتن جو ڪرتويه

سنتن جي هردي ۾ پريم جو اٿاهه ۽ گهرو ساگر پيو سديوَ اُڇلون ڏيندو آهي. جيئن ساگر ڪنارا جو ڪين آهي، جيئن آڪاش ۾ چندرما ۽ تارا پيا روشني ڏين ۽ سندن جوت گهٽجي ئي نه، جيئن ڌرتي ماتا، پنهنجي ڪروڻا ۽ ڪرپا سان ان ڌن، ڦل ڦول، وڻ ٽڻ ۽ ساوڪ سبزي ڏيندي رهي ٿي ۽ ٿڪجي ئي ڪين، تيئن آهن سنت، جي پنهنجي پيار جا پيالا، سڪ جون سرڪيون، پنهنجي هردي ۾ سروور مان پياريندا رهن ٿا، اُن آشا ۾، ته من ڪن آتمائن ۾ اُمنگ جاڳي، ڪن روحن تي رنگ لڳي ۽ هو مايا جي جار مان مڪت ٿي پرڀوءَ جي پاڪ پدمن ۾ جهڪجي اچن.

وٺي، ٻيءَ اُپسٿت سڄڻن کي هٿ جوڙي ڪانئن آسيس وٺي، پنهنجو ننڍڙو اُپديش مها پرڀوءَ جي جيون ۽ سکيا تي ڏنو. بس، هيءُ ڳالهائيندو رهيو ۽ ٻڌندڙ پنهنجي سڌ ٻڌ کوهيندا رهيا ۽ پنهنجي پريتم چيتنيه جي ڌارائن ۾ ترڻ لڳا. اُپديش سماپت ٿيڻ کانپوءِ سيپيٿي دادا ۽ گووند بابوءَ وٽ آيا ۽ سندن هارد ڪ آڀار پردرشن ڪرڻ لڳا.

نودويپ ۾ سري رامڪرشن آشرم به هو، جتان دادا کي ڪوٺ ٿي. اُت دادا سنت رامڪرشن جي اوتار پڻي ۽ سکيا بنسبت نهايت دل ڇڪائيندڙ پرچن ڏنو. آشرم جي ڪيترن سنياسي سادن انهن اُنڀؤ ڪيو ته سري رامڪرشن پرمهنس جڻ ته پاڻ سندن سنمک اُپسٿت آهي ۽ ساڻن مڪاميلو ڪري رهيو آهي. هو اهڙو ته مگن ٿي ويا، جو چاهيائون ٿي ته دادا کي ٻڌندا ئي رهون.

دادا نودويپ ڇڏڻ جو ويچار ڏيکاريو ته نديتا نواسي کيس ڇڏين ئي نه. سندن ڀڳتي ۽ قرب ڏسي دادا اُتي ٻه ڏينهن ٻيا به رهي پيو. اُنهن ٻن ڏينهن ۾ هو وديا ساگر ڪاليج ۾ وڃي سگهيو ۽ اُپديش ڏنائين.

نديتا کي ودا

نديتا ۾ پچاڙيءَ جي ڏينهن، دادا جي سنمان ۾، بنگالي بالڪين هڪ جلسو ڪيو. پر سيني جي اکين ۾ هو پاڻي. گووند بابوءَ جي ڪنيا، ريکا، ته اچي سڏڪن ۾ ڇرڪي ۽ دادا کي چنبڙي پيئي. کيس وڃڻ ئي نه ڏئي! دادا پاٻوهه ۾ سندس مٿي تي هٿڙو گهمايو ۽ آسيس ڏني. ڌيري ڌيري سندس هردو شانت ٿيو ۽ دادا کيس سمجهائي چيو ته: ”بالڪي، مان ته ٿيس هڪ رمتو جوڳي، جو ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ ڦران. مان ڪيئن هڪ هنڌ ٻڌجي وهندس؟ پر جت به هوندس، اُتان توکي پيو آسيس موڪليندس.“

گنگا پنهنجو رخ بدلائي رهي هئي. ان نام جي جوت، پنهنجو پرڪاش ٻئي طرف ته ڦهلائڻ چاهيو. سندس دل نه چاهيو ته دادا کي وڃڻ ڏيان. هو هميشه وٽس رهيو ئي پيو هجي. پر ”جي وڃان وڃان ڪن، سي رهي رهندا ڪيترو؟“ ياتري سديو لاء ته ڪٿي ٽڪو ڪندو ئي ڪين. رمتو جوڳي اهو جو رمندو رهي، ۽ رام ۾ رمندو رهي. لاهوتي اهو جو لطف ڏيکاري، وکري وڃائي اڳتي هلندو هلي.

سنت ڪبير استان

ڪاشيءَ ۾ سنت ڪبير جو مندر آهي، جتي سندس سندر مورتي استاپن ڪيل آهي. دادا کي سنت ڪبير لاء اڻمپ پيار هو ۽ سندس جيونيءَ، سکيائن ۽ ساکين بابت گهڻو ڪجهه لکيو هئائين. سو هو ان مندر ۾ سندس درشن لاء ويو ۽ وڃي پنهنجو مستڪ نوائي سنت جي آسيس ورتائين ۽ سنت جي پرتيما جي چوڌاري ڦيرا پاتائين. مندر جو پنڊت، دادا جي چمڪندڙ چهري ڏانهن نهاري ڏاڍي حيران ٿيو ته هي ڪير آهي؟ سنت ڪبير پاڻ ته ڪين آهي! سو جيئن ئي دادا ڏانهنس نهاريو، تيئن ئي پنڊت سندس ويجهو اچي ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳو. دادا جون مٺيون ڳالهيون ۽ سنت ڪبير لاء سندس پريم ۽ شردا ڏسي پنڊت ڏاڍو پرڀاوت ٿيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ دادا جي آسيس ورتائين. دادا به سنت ڪبير جي آسيس وٺي ٻاهر آيو.

بنارس هندو يونيورسٽي

بنارس شهر ۾ بنارس هندو وشو وديالي سڄي ڀارت ۾ مشهور آهي. اهو وشو وديالي پنڊت مدن موهن مالويه برپا ڪيو هو. پنڊت جيءَ جو دادا سان منو ناتو هو. هن جڏهن اهو وشو وديالي برپا ٿي ڪيو، تڏهن دادا کي وينتي ڪئي هئائين ته توهين اچي اتي پروفيسر ٿي ڪم ڪريو. پر جيئن ته دادا پٽيالا ۾ مهيندر ڪاليج جو پرنسيپال هو، تنهن ڪري هن

دادا کي جڳن ناٿ پوري ڌام جي درشن جي اڀلاشا ٿي. پوري شهر ڪلڪتي کان گهڻو پري ڪين هو. اُت شري چيتنيه پنهنجي ڀڳتيءَ ڀريل جيون جا ڪيترا سال گهاريا. پر پريوءَ کي اهو منظور ڪين هو، ڇو ته ان نگر ۾ ماتا جي بيماريءَ اچي منهن ڪڍيو، تنهن ڪري دادا اُت وڃڻ جو ويچار ئي لاهي ڇڏيو. نه ته اُت به وڃي پنهنجي چيتنيه ليلا لڳائي ها.

پورا ساڍا چار مهنا دادا پنهنجي پياريءَ سنڌڙيءَ کان پري رهيو هو. حيدرآباد، ڪراچي، سکر ۽ ٻين شهرن جا پريمي کيس گهڻو ياد ڪري رهيا هئا. هاڻي ته ڪلڪتي ڇڏڻ جو هڪ بهانو به ٿي آيو. ساڌو ٽاراچرڻ بنارس (واراڻسيءَ) ويل هو. سندس ششن، سندس جنم اُتسو بنارس ۾ ملهائڻ ٿي چاهيو. سو هنن دادا کي وينتي ڪئي ته توهين بنارس اچو ۽ هن اُتسو ۾ شريڪ ٿيو. دادا اها قرب ڀري وينتي خوشيءَ سان قبولي ۽ ڪلڪتي ڇڏڻ جو پڪو فيصلو ڪيو. ڪلڪتي جي سنڌي اَئسوسيئيشن کي جڏهن دادا جي فيصلي جي خبر ملي، تڏهين هنن سنڌين جو هڪ وشال سمارو ڪوٺايو، جت دادا کي ڳوٿري به پيش ڪيائون. هنن اها سنڌين لاءِ هڪ فخر جي ڳالهه سمجهي ته سنڌين جو سرتاج ساڌو واسواڻي، ڪيئن نه ٻين جاتين ۽ ڌرمن جي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو.

٢٩ مارچ ١٩٤٥ع نماشام جو هوڙا اِسٽيشن تي ڪيترائي سنڌي ۽ بينگالي ڀائر پريمي اچي سهڙيا هئا دادا کان موڪلائڻ. وداعيءَ جي وقت اڪثر سڀني پريمين جون دليون سڪ ۽ سنيهه وچان ڀاري ٿي وينديون آهن. پر ستراماداس ڪرپالاڻيءَ جو هردو ڄڻ ته ڦاٽي رهيو هو. بوندون بس ئي نه ڪيس. ساڍا چار مهنا دادا جي هئڻ ڪري سندس گهر هڪ مندر ۽ تيرٿ اُستان بڻجي پيو هو. اُن ۾ ڌوم مچي وئي هئي. اُن ۾ نام جي جوت جاڳي هئي. ۽ ڄڻ ته اُته پريم ۽ گيان جي گنگا پئي وهي. پر هاڻ اُها نرمل

۾ هڪ جوتر لنگ آهي، جو پوءِ مان سڄو ۾ پرڪاشت ٿيو آهي. پارس جي ڪوني ڪوني مان هزارين هندو ان مهاپوتر مندر جي درشن لاءِ تيرٿ ياترا تي ايندا آهن. دادا به ان نرمل آستان تي اچي ڀڳوان شو شمڀوءَ جي آسيس ورتي ۽ پوءِ ٻاهر سوڙهيءَ گليءَ ۾ ٻنهي پاسن کان قطارن ۾ ويٺل ڪيترن غريبن ۽ مسڪينن کي کاڌو کارايو ۽ يٿا شڪتيءَ دان پڻ ڪيو. هن کي ائين ڪندو ڏسي، ڪيترن رشٽ پشٽ براهمڻ پنڊتن به دادا کان ڏڪڻا گهري کيس چڱو تنگ ڪيو. ڌرم جي اها حالت ڏسي دادا کي ڏاڍو افسوس ٿيو. جت ڪٿ اها ڌرم جي دردشا پئي ڏٺائين ۽ دکي پئي ٿيو.

سارناٿ ياترا

وارانسيءَ کان ڏهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي سارناٿ نالي هڪ سندر آستان آهي، جت گوتم ٻڌ جا ٽي سندر مندر ٺهيل آهن. هڪ هندن جو، هڪ جينائن جو ۽ هڪ ٻوڌين جو. اڍائي هزار ورهيه اڳ، جڏهن گوتم ٻڌ کي ٻڌ گيا ۾ گيان پراپت ٿيو، تڏهن هن پنهنجو پهريون اُپديش پنهنجي پنجن ڀڪشن کي سارناٿ نگر ۾ ڏنو هو. اُت هينئر هڪڙو اوچو گول اُستنڀ ٺهيل آهي ۽ آس پاس ان زماني ۾ ٺهيل عمارتن جا ذبوڙ ٿيل کنڊهر به صاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اُت هڪ هرڻ اُديان (Deer Park) به آهي، جت ڪيئي هرڻ، سامبر ۽ ڦاڙها آزاديءَ سان پيا گهمن ڦرن.

گوتم ٻڌ پنهنجو پرٿم اُپديش پنهنجي پهرين پنجن ڀڪشن کي هن سندر آستان تي ڏنو هو. پر اها ڌرم چڪر جي اَشٽ مارگ جي سندر سکيا، ڪيئن نه اڄ به ساري وشو جي مانو جاتيءَ لاءِ آوشيڪ آهي، جڏهن جت ڪٿ ويرورود، جهڳڙا فساد، دک ۽ اشانتيءَ جو راڄ آهي.

سارناٿ مندر ۾ ڪيترائي ٻوڌي ڀڪشو رهن ٿا. هو پياسي چڪياسو، پنهنجا سنسارڪ لڳ لاڳاپا لاهي، نرواڻ پد جي پراپتيءَ

پنڊت جيءَ کان معافي منگي. هن دفعي جيئن دادا بنارس آيو ته ٻڌائين ته پنڊت مدن موهن مالويه بيماريءَ جي بستري تي آهي، پر ڪيس يونيورسٽيءَ مان ڪوٺ ٿي ته اچي اُتي ليڪچر ڏيو. پنڊت جيءَ جو ويچار هو ته هو دادا جي ليڪچر تي سڀاپتي ٿيندو، پر ان وقت هو بستري تان اُٿي ڪين سگهيو ۽ چوائي موڪليائين ته مان اچي نٿو سگهان. دادا ليڪچر ڏيئي پنڊت جيءَ وٽ ويو ۽ وچي ڪيس مليو.

پنڊت جي کٽ تي ليٽيو پيو هو ۽ رام نام پئي اُچاريائين. اُن وقت سندس آيو ٨٢ سالن کان به وڌيڪ هئي. شرير نٻل هوندي به سندس آتمڪ شڪتي پربل هئي. ٻئي ايشور پريمي پاڻ ۾ سڪ ۽ سنيهه وچان ڀاڪر پائي مليا. ڪارو ڪلڪتي ۾ دادا جيڪو ليڪچر گيتا تي ڏنو هو، تنهن جي ڪاپي پنڊت جيءَ کي ملي چڪي هئي. اها پڙهي هو گدگد ٿيو هو. دادا سان گڏ يو ۽ ساڻس خوب منيون وارتائون ڪيائين. دادا کي وينتي ڪيائين ته سال ۾ گهٽ هڪ دفعو ئي سهين، توهين ضرور بنارس هندو يونيورسٽيءَ ۾ اچي پروفيسرن ۽ وديارٿين کي ليڪچر ڏيو. توهان جهڙن مها پرشن کان جيڪر هو گهڻو ڪجهه پرائين. موڪلائڻ وقت دادا پنڊت مدن موهن مالويه کان سنڌواسين لاءِ سنيهو گهريو. پنڊت جيءَ اهو هنن مٺن شبدن ۾ ڏنو:-

”سنڌواسي هندو ڀائرو! مهاڀارت جي سورويرن ۽ ٻلوانن جيان ٿيو! ڀيشم پتامهه، يڌشٽر ۽ ارجن جي جيون جو اڀياس ڪريو! ويرُ ٿيو! بهادر بڻو! هن وقت سنڌ ۽ هند جا هندو ٻل هيڻا ٿيندا پيا وڃن. توهين شڪتي شالي ٿيو!“

وشوناٿ مندر

وارائسيءَ ۾ شري وشوناٿ جو مندر پيارلي هندن لاءِ هڪ پرمک مندر آهي. پوتر گنگا نديءَ جي ڪنڌي هي شو مندر

دادا جو پروگرام رکيو، پر دادا اڳواٽ ئي منع ڪري ڇڏي هئي. ته ڏينهن رهي دادا حيدرآباد ڏانهن هليو. ٽرين روهڙي اسٽيشن تي آئي. اُتي نظارو عجيب هو.

روهڙي اسٽيشن

ائين پئي لڳو ڄڻ ته سڄو روهڙي نگر اچي اسٽيشن تي پلٽيو هو. ڀڳوانداس، ڀيرو ۽ پائو، ميران اسڪول جون ماستريائيون ۽ ٻالڪيون دادا جي درشن ۽ آسيس لاءِ اچي بيٺا هئا. ڀڳوانداس ۽ ٻين ڪيترن جون اکيون آليون هيون. هنن سونهري سپنا پئي لڌا ته دادا وٽن ايندو ۽ اچي اُپديش ۽ آسيس ڏيندو. پر سندن سپنا اڌورا رهجي ويا جو دادا اُتي اٽڪيو ئي ڪو نه. هنن پياسين وري ته دادا کي روبرو وينتي ڪئي ته دادا ڪرپا ڪري هيٺ به لهي پئو، ائين نه ڪريو، اسان کي اوڙانگهي نه وڃو. دادا سڀ ڏٺ ڏوراپا سانت ۾ سٽيا. پوءِ کين اهو آسرو ڏنائين ته ايشور جي اڇا ٿي ته ٻئي ڪنهن وقت توهان پيارن وٽ ايندس.

حيدرآباد ڏانهن

لاهور ميل روهڙي ڇڏي حيدرآباد طرف پنهنجي تيز رفتار سان هلڻ لڳي. نيٺ سک سان حيدرآباد به پوري سمي تي آئي. ڪيترائي پائر پيٽر اسٽيشن تي آيا هئا ۽ دادا جو درشن ڪري گد گد ٿيا. دادا هٿ جوڙيندو گاڏيءَ مان هيٺ لٿو ۽ چيائين: ”پيارا! اوهان جي چرنن ۾ سر جهڪايان ٿو ۽ آسيس وٺان ٿو. ٽرين جيئن لاهور مان روهڙيءَ پهتي، تيئن منهنجي دل ۾ هلچل پيدا ٿي ۽ اکين ۾ آيو سک جو پاڻي! منهنجي چپن تي چڙهيا هي اکر:-

وطن جا هيءَ وڻ ته آهن پيارا، آهن پيارا!
ٿا چمڪن سونهن وارا، وطن جا هي تارا!

منهنجي هرديه ۾ هڪ عجيب اُمنگ جي لهر آئي. مون

لاءِ هٿ رهي، ودّيا وٺي، شيوا جي سکيا پراپت ڪري، ٻڌ جي سکيا ڦهلائڻ لاءِ پوءِ ٻئي ٻاهر رٽن لاءِ نڪرن ٿا.

بنارس ۾ دادا، گنگا ماتا جي آسيس وٺڻ لاءِ گنگا جي ڪناري تي ويو. پراچين ڪال ۾ پوتر گنگا جي تٽ تي، رشي مني ۽ سچا ساڌو رهندا هئا ۽ پرماتما کي پائڻ لاءِ درياتا سان ساڌنائون ڪندا هئا. هو جوت جا منشيه هئا. سندن لڪش مهان هو، درشن اوچو هو. پر هينئر، افسوس، گنگا جي ڪناري پنڊت، پانڊا، پينو فقير ۽ ساڌو پيا ڦرن. ظاهري طور تہ سندن گلي ۾ پشپن جا هار ۽ هٿن ۾ مالهائون آهن، پر دل ۾ دنيا جوئي پيا ڏيان ڌرين. دادا انهن مان ڪن سان مليو ۽ ساڻن بات چيت ڪئي، پر ڏنائين تہ رشين منين ۽ هنن پانڊن ۾ ڪيڏو نہ انتر هو! اهو سبب ڪجهہ ڏسي ڪيس دک ٿيو ۽ چيائين تہ ڪٿي آهن اهي مهان آتمائون جي ستيہ ڌرم، آتم گيان ۽ انيہ ڀڳتيءَ جي ساکي ڏين؟ پوءِ هڪ سانتيڪي ڪنڊ ۾ ويهي، دادا پوتر گنگا ماتا جي وهندڙ نرمل سيتل ڌارا ڏانهن نهاري، ڪنهن امنگ ۾ اچي ويو ۽ اکيون بند ڪري هڪ نرمل واڻي اچارڻ لڳو، جنهن ۾ پنهنجي هردي جي امنگ جي ترنگن ۾ ترڳڻ لڳو.

بنارس ۾ گرمي وڌندي پئي وئي. گهڻيءَ گرميءَ ۾ دادا جون اکيون اٿي پونديون هيون. هٿ بہ ائين ٿي ٿيو. تنهن ڪري اتي وڌيڪ ترسڻ اچت ڪين هو. شري ڀڳوانداس منچنديا دادا کي پرارٿنا ڪئي هئي تہ بنارس مان موٽندي روهڙيءَ جو نماڻو نگر نہ اورانگهجو. روهڙي ميران اسڪول جا اڌيا پڪ ۽ ٻالڪيون دادا جي راهہ نهاري رهيا هئا. پر گهڻي گرميءَ جي ڪارڻ دادا سڌو حيدرآباد وڃڻ جو وچار ڪيو. وات تي ڪيول بہ ڏينهن لاهور ۾ لٿو ۽ اُتي گرو ارجن ديو جي اَستان تي هلي دادا آسيس ورتي. لاهور نواسين چاهيو ٿي تہ

حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو هڪ وقت پريزيڊنٽ هو، تنهن کي عمارت جوڙڻ جو ڪم سونپيو ويو.

پاڻ گنگارام، دادا جي ڪنهن نه سنڌ ڪاريه جي پورتيءَ لاءِ ڏاني پرشن جا در ڪڙڪائڻ تي هريل هو. هو صدق جو سپاهي هوءِ سنتن جي سرڪار جو ٻن پگهار ملازم ۽ زرخريد خدمتگار هو. هو همت جو سنڌ رو ٻڌي دنيوي سرڪار جي در تي پهتو. سرڪاري عملدارن کي دادا لاءِ اُتاهه عزت ۽ شرڌا هئي، سو سنڌس نالو ٻڌي يڪدم سيمينٽ، لوهه وغيره لاءِ پرمٽ ڪڍي ڏنائون. حق تي گرونانڪ ديو چيو آهي ته: "اُوچي اُوپر اُوچا نانءُ." نام جي مهما وڏي آهي، سنتن جي مهما به اوچي آهي.

اول ته عام رواجي ماڻهن جڏهن ميران اسڪول جي جڳهه جڙڻ جو ٻڌو، تڏهن ننوليون ڪرڻ لڳا، ته جنگ جي سمي هليا آهن جايون جوڙائڻ، پر گنگارام تي دادا اهڙو ڪو جادوءَ جو هٿ ڦيريو هوءِ اهڙا ته وچن ڪيا هئا ته "پيارا توهين جتي ويندا، اتي جڳهه اڏيو" جو سچ پچ جتي سنڌس پير تي پيا، اتي سنڌ ڪاريه لاءِ نه فقط اُنهو ناڻو تي ماپس، پر سهڪار جا وچن پڻ. جڳهه جڙڻ شروع ٿي ۽ ڪڙو ڪڙو واڌي مٿي چڙهندي. ننولي ڪرڻ وارا، حيرانيءَ وچان، ڏسندائي رهجي ويا.

ڊاڪٽر راڌاڪرشنن

سنه ١٩٤٥ع ۾ ڀارت جو مشهور ودوان ۽ فيلسوف، ڊاڪٽر راڌاڪرشنن، بنارس هندو وشو ودياليه جي سهايتا جي ڪش ۾، سنڌ ۾ پڌاريو. ڪيس حيدرآباد جي ڊي. جي. نيشنل ڪاليج ۾ گهرايو ويو. جڏهن اها خبر پهتي تڏهن ويچار ڪيو ويو ته ڪيس ميران اسڪول جي ساليانيءَ جلسي جو سڀاپتي ڪجي، سو اُن جلسي جون لکيون تياريون ڪيون ويون. ڊاڪٽر راڌاڪرشنن کي جڏهن

پاڻ کي ڇپيو ته تورن ڪلاڪن جي اندر، مان وچي پنهنجي ڀائرن ڀينرن سان ملندس ۽ سندن آسيس وٺندس.

دادا جي اچڻ سان سڪسنگ ۾ وري بسنت بهار جي سڳنڌ ۽ سوڀيا اچي ويئي. نئين رونق لڳي ويئي، ڏينهن البت ڏکيا هئا. ٻي مهاڀاري لڙائي جاري هئي. شين جا اگهه ڏن بڏن وڌندا پئي ويا. اناج ڪڻڪ ۽ ضروري شين جي اڻاٺ هئي. ديالو دادا ته ڀائرن ڀينرن جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن جو تي ويچار ڪيو ته هو ڪيئن کائيندا هوندا، ڪيئن گذر ڪندا هوندا؟ هنن لاءِ ڪي ڪجهه ڪرڻ کپي. سو ڪليڪٽر محمد بخش کي حالتن کان واقف ڪيو ويو. هو سخي سائينءَ جو مريد هو ۽ دادا سان به سندس مٺو ناتو هو. هن ترت اجازت ڏني. ڀاءُ گنگارام ۽ چيلارام لعلوائي جام اناج، چانهه ڪڻڪ ۽ ٻيون ضروري شيون سان وقت به وقت ترڪ پرائي، گهر گهر ۾ وڃي پهچائيندا هئا. سنڌي ڀائر ڀينر دادا ڪان جنسي ٻلهار پيا ويندا هئا. جو سندن اڌ پورنا جو پربنڌ ڪري سندن شرير جي رکيا ڪري رهيو هو، سو اوشيه سندن آتمڪ مارگ ۾ به سهائتا ڪندو.

ميران اسڪول جي عمارت

جنگ جاري هئي. سيمينٽ، لوهه، سرون، چن، پائيپ، نل ۽ ٻيو اڏاوت جو مال ملڻ محال هو. ميران اسڪول لاءِ سرڪار کان ۵۴ هزار چورس فوٽ زمين مليل هئي. دادا هڪ ڏينهن پنڌ ڪندي ان پلاٽ ڏانهن نهاريو ۽ چيائين ته عمارت جڙڻ کپي. اهي وچن ٻڌي سيئي وائڙا ٿي ويا. هيڏي وڏي عمارت لاءِ مال ڪٿان ايندو؟ ناڻو ڪٿان ايندو؟ ڀاءُ گنگارام دادا جو هڪ سچو ۽ شرڌاوان شيوڪ هو. دادا جي مک مان وچن نڪتا هئا، اهي ڪيئن نه پورا ٿيڻا هئا، ڇو جو پريو پاڻ سنتن جي مک مان ٿو ٻولي. جلد ئي عمارت جا نقشا وغيره تيار ڪرائي سرڪار کان پاس ڪرايا ويا. سري نارائڻداس ڏ رمداس، جو

سيتا جي سٺن آدرشن بابت هن ڇيو ته اهي دادا جي ڪارڻ ئي ميران اسڪول ۾ چمڪيا پئي. پوءِ ته هن شاسترن مان گهڻوئي ڪجهه پڙهيو ۽ ڀارت جي مهما، مهانتا ۽ سندس اُديش ۽ ناريپڻي بابت سندر ويچار سنڌي ڀاشا ۾ پرڪاشت ڪيا.

گذريل سال جڏهن ڊاڪٽر اَرنڊيل پنهنجا چرڻ گهمايا هئا، تڏهن جڳهه جون رڳو ڀتيون ڪچيون هيون. پر هن سال جڏهن ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن پرويش ڪيو ته سڄي عمارت اَڏيل هئي. دادا کي گهڻوئي ڇيو ويو ته هن نئين جڳهه ۾ هلي رهو، توهانکي هڪ الڳ ڀاڱو ڏنو ويندو، پر دادا ڇيو ته مان پنهنجي سادي ۽ جهوني آشياني ۾ سکي ويٺو آهيان.

ڪماري سنڌري ٻي. واسواڻي

دادا جي ڀائٽي، ڪماري سنڌري واسواڻي، ولايت وڃڻ کان اَڳ دادا جي آسيس وٺڻ لاءِ ان جهوني آکيري ۾ ئي آئي. هوءَ ڪراچيءَ ۾ ڀاڀيءَ سان گڏ رهندي هئي. هوءَ نهايت هوشيار ۽ ودوان هئي. سنه ۱۹۴۴ع ۾ هوءَ سڄي بمبئيءَ جي وشو وديالیه جي ايم. ايس. سي. امتحان ۾ پهرئون نمبر آئي هئي. کيس ولايت پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ ملي هئي. جنگ جي ڪري هوءَ ٻه سال پوءِ سنه ۱۹۴۶ع ۾ لنڊن ۾ پي. ايڇ. ڊي. پڙهڻ لاءِ ٿي وئي. وڃڻ کان اڳ دادا جي آسيس وٺڻ لاءِ حيدرآباد هلي آئي. اها دادا جي دل وڻان ڳالهه هئي ته ڇوڪريون وڏي وديا پراپت ڪن. سو سنڌريءَ جي ولايت وڃي، اوچ وديا وٺڻ جو ٻڌي دادا بيحد خوش ٿيو ۽ مٿس گهڻي آسيس ڪيائين.

ڊاڪٽر ستي مهرچنداڻي

دادا کي حيدرآباد ۾ رهي ڪجهه وقت ٿيو ته وري ڪراچيءَ لاءِ چِڪ ٿيس. سنتن کي چکڻ لاءِ گهڻيئي پياسي روح ٿين ٿا پڻ پڻ ديشن ۾. سو هو سنتن هردي جي پياس ٻجهائڻ لاءِ پيا ڦرندا وتن. دادا هينئر ڪراچيءَ جي ستسنگ ڏي ڌيان ڏيڻ لڳو، جنهنکي ڪي ڊاڪٽر ستي

اهو نمنترڻ مليو، تڏهن خوشي ظاهر ڪندي چيائين ته مان ساڌو واسوانيءَ جي ڪارڻ لاءِ اوشيه ايندس. پاڻ ۽ دادا چڱا متر هئا. هڪ ٻئي جا شڀچنتڪ هئا ۽ هڪ ٻئي لاءِ چڱو پريم ۽ شرڌا هئن.

هن موقعي تي ميران ڪمپائونڊ ۾ هڪ سندر ۽ وشال پنڊال لڳايو ويو، جنهن کي جهرمر سان سينگاريو ويو. ڪرسيون وڇايون ويون. ڊاڪٽر راڌاڪرشنن اندر گهڙيو ته دادا ۽ مان سندس سواگت لاءِ بيٺا هئاسين. ڪيڏي نه پيار ۾ هيءُ ڀارت جا سپوت پاڻ ۾ گڏيا. ڊاڪٽر صاحب کي ”گارڊ آف آنر“ ڏنو ويو. ويدن مان سلوڪ اُچاريا ويا. سڀئي اُپسٿت سڄڻ ازخود اٿي بيٺا. ائين اُنڀو ٿي رهيو هو ڄڻ ته اسين سڀيئي هڪ مهرشيءَ جي آشرم ۾ هئاسين. جلسو سرسوتي وندنا سان آرنڀ ٿيو. تنهن کان پوءِ دادا جو لوڪ گيت: ”اَلا دلا، تون ڪاڏي وڃين؟ پاڻيءَ سان تون ڇو نه پڄين“ ڳايو ويو. گيت ڳائڻ جي سمي هارمونيم سان گڏ طبلي، دلي ۽ يڪتاري جي به سنگت ڏني ويئي. اوڏي مهل مون ڏٺو ته ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جو مک ٽڙي پيو ۽ ٻئي مشڪيائين ۽ هلڪو جهوليائين!

ان کان پوءِ دادا اُٿي سندس سواگت ڪيو. دادا جا اکر ڪين هئا پر ڄڻ ته سندس مکارونِد مان ماڻڪ ۽ موتي پئي ٽپڪيا! ڊاڪٽر صاحب لاءِ دادا چيو ته مٿس پراچين رشين جي ڪرپا آهي. سيتا جي باري ۾ دادا ست آدرش ٻڌايا: هٿ جو پورهيو، وديا، سادگي، پوترتا، ويرتا، شيوا ۽ تياڳ. دادا ڳالهائي جڏهن رنگ منچ تان هيٺ لٿو ته ڊاڪٽر راڌاڪرشنن اُٿي کيس ڳلي لڳايو. يائرن ۽ پيئرن اهو درشيه ڏٺو سي ڏاڍا خوش ٿيا. اُدرشٽ دنيا ۾ ديوتائون به اهو درشيه ڏسي گد گد ٿيا هوندا.

پوءِ ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ڳالهايو ۽ دادا جا شڪرانا مڃيا.

هڪ نيمي ستسنگي هو ۽ سيواداري پڻ هو. هو دادا جو پريمي هو. ڪنهن اپينڊيسائيٽس جو آپريشن ڪرائڻو هو. دادا ويچار ڏيکاريو ته مان آپريشن مهل اسپتال ۾ هجان. سو رسوئي کائي، هو پنهنجي ساٿين کي ساڻ ڪري، اسپتال ويو ۽ آپريشن ٿيڻ کان اڳواٽ ئي ٽڏاڻيءَ کي خوب آسيس ڏنائين. آپريشن چالو هو، تڏهين به دادا ٻاهر پرارٿنا ڪري رهيو هو. آپريشن پورو ٿيو ته پوءِ ئي دادا اسپتال مان واپس گهر موٽيو. دادا ڪافي ٿڪاوٽ پئي محسوس ڪئي. رات جو سندس طبيعت ڍري پيئي ۽ رت جون الٽيون به آيس. ترت ئي پر واري مرهٽي ڊاڪٽر کي ڪوٺايو ويو، جنهن نار ڏسي چيو ته حالت گنڀير آهي. آسرو مشڪل آهي. پر دادا هو انيڪ دلين جو اجهو ۽ آسرو، سو اهي پڳا ٻين ڊاڪٽرن وٽ. خوش نصيبان دادا ٿوري ئي سمي ۾ سرجيت ٿيو. ٽيٽري ۾ سندس ڊاڪٽر پمناڻي ۽ تولاڻي به اچي پهتا. ٽڪڙ ۾ لڳاتار علاج شروع ڪيو ويو. دادا جي صحت ۾ فائدو ٿيندو رهيو ۽ مهني ڪن ۾ هو بلڪل نوبنو ٿي ويو. قدرت سان ستسنگ ۾ ڊاڪٽر ٽڏاڻي به ان ڏينهن آيو، جنهن ڏينهن پيارو دادا آيو!

اڄ ڏينهن تائين ڪيترا ستسنگي ائين وشواس ڪندا آهن ته پياري دادا ڊاڪٽر ٽڏاڻيءَ جو ڪشٽ پنهنجي ڪلهن تي کنيو هو ۽ کيس بچائڻ لاءِ، سندس خطرو پنهنجي سر تي هموار ڪيو هئائين. اهو ئي سبب هو جو ٻئي ساڳئي ڏينهن سوستٿ ۽ نوبنا ٿي، ستسنگ ۾ آيا! ڪيڏو نه پيار آهي سنتن جي هردي ۾، ستسنگي پاڻن ۽ پيمرن لاءِ!

دادا نه فقط پيتن جو ڪشٽ پاڻ تي کڻندو هو، پر جڏهين ڪين پاپ ڪرم ۾ ڪرندو ڏسندو هو، ته پاڻ کي سزا ڏيندو هو. پاڻ کي ڏنڊ ۽ سختي ان ڪري ڏيندو هو ته من گمراهه ٿيل شش سنئين راهه تي اچن. گروءَ جي ڪروڻا ۽ ڪرپا جي

ميرچنداڻي چڱو مڃائيندڙ هئي. هوءَ شري ڪرشن ۽ گرو نانڪ جي چڱي ڀڳتياڻي هئي. شروعات ۾ هوءَ حيدرآباد جي ستسنگ ۾ ڳائيندي هئي. هينئر ڪيس ڪراچيءَ ۾ نوڪري ملي هئي، سو ڪراچيءَ جي ستسنگ ۾ ڀڄن پاونا جي ڌوم مچائيندي هئي. دادا سندس سريلي سنگيت تي مستيءَ ۾ اچي جهومندو هو ۽ پيو ڪانئس ڀڄن، گيت ۽ ڏوهيڙا ڳارائيندو هو. ستي به ڏس ته آنند ۾ اچي، پاڻ وساري، سنت جي شيوا ۾ مگهن ٿي ويندي هئي. سنت مٿس اتي پرسن هو. اهو سندس سوڀاڳيه هو ته سنت سندس گيت ٿي ٻڌا. ستسنگي ياترن جون به اکيون آليون ٿينديون هيون. ستيءَ جي ان ۾ خوشي هئي ته سرسوتيءَ ديويءَ وٽان مليل ڏات جي دواران، هوءَ سنت ۽ ستسنگ جي شيوا ڪري رهي هئي ۽ اها سوڪار ٿي رهي هئي. البت گهڻيئي ڀيرا ستيءَ ٽان ريسون ڪندا هئا. هو ڪٿي اهڙو مئو ڳائي به سگهن ها، تڏهين به ڪيئن چئجي ته سنت مٿن ايترو پرسن ٿئي ها يا نه؟ ستيءَ جو بخت بلند هو، تڏهين ته ڪيس ايڏو بلند آواز مليو هو ۽ دادا جو مٿس ايڏو اُرواح هو!

سنتن جو پيار

سنتن ۽ ساڌارڻ منشن جي پيار ۾ ڪيڏو نه انتر آهي! سنت نرموهي ٿي نرمل پيار ڪن ٿا. ساڌارڻ منشيه موهه وچان پيار ڪن ٿا. فلاڻو منهنجو آهي، تنهن ڪري ڪيس پيار ڪريان ٿو، پر هيو ڌاريو آهي، پوءِ ڀل کڻي به گلوان ۽ ستيوادي ڇو ڪين هجي، منهنجو ان سان ڪهڙو پريوجن؟ پر سنت ته هڪ هڪ ۾ ان اڪ پريوءَ جو روپ ڏسي ڪيس پيار ڪن ٿا. نه ڪيول ايترو، پر هو پنهنجي پيارن جو بار ۽ ڪشٽ به ڪيترا دفعا پنهنجي سر تي کڻن ٿا ۽ سندن لاءِ سور ۽ سختيون سهن ٿا.

ڀڳتن جو بار، پاڻ تي هموار

دادا لاءِ سڀ پيارا هئا. پر جن ستسنگين کي هو وشيش نموني ۾ پيار ڪندو هو، تن مان هڪ هو ڊاڪٽر حشمتراءِ تڏاڻي. هو

لاءِ جنسي شاد مانا ٿيڻ لڳا. روهڙي ميران اسڪول جي ماستريائڻين ۽ ٻالڪين، پنهنجن سان ڪان دادا کي پيئي سڪ سان سنڀاريو، سو هينئر مس مس جڏهين هن وٽن اچڻ قبوليو هو، تڏهين سندن هردي جي ستار مان شڪرگذاريءَ ۽ خوشيءَ جا آلاپ پئي نڪتا. هڪ هڪ ميران اَڌياپڪ ۽ وديارٿي روهڙي اسٽيشن تي پشپ مالها کڻي آيو هو. هن موقع لاءِ ڀڳوانداس هڪ خاص گيت دادا جي سواڳت ۾ رچيو هو. اُنرين روهڙي اسٽيشن تي پهچي مس ته ساڌو واسواڻيءَ جي جئه جئڪار جي ڌني لڳي وئي. هڪ هڪ ڪري سينئي پيارن دادا جي ڳلي ۾ ڦول مالهائون پهرايون ۽ سينئي گڏجي ڀڳوانداس جي رچنا ڳائي، جنهن جو سرو هو: "ڀڄي ڦول ڪيڏا، سڄڻ نينت آئيو!" دادا سينئي سان پريم مان مشڪي ڪيڪاريو. پوءِ ڪيس هڪ سينگاريل گهوڙي گاڏيءَ ۾ چاڙهي، روهڙيءَ جي وڏن رستن، بازارين، چونڪن، گهٽين ۽ گلين مان لنگهايائون، جيئن هڪ هڪ روهڙيءَ جو سڪ وارو نگرواسي، هڙيءَ مهان آتما جو چڱيءَ طرح درليڀ درشن ڪري ۽ نظرين نهال ٿئي. دادا جي گاڏيءَ پٺيان روهڙي ميران اسڪول جا ودياريٿي ۽ اَڌياپڪ، ستسنگي پريمي، شهر جا نيتا، جهڙوڪ ديش ڀڳت پمناڻي، ڊاڪٽر هيرانند کيسواڻي ۽ ٻيا سماج شيوڪ ۽ ميونسپالٽيءَ ۽ پنچايت جا ميمبر هئا. ڪيترن ڀڄن ڪيرتن پئي ڳايو ۽ نام جي ڌني پئي لڳائي ۽ رکي رکي "ساڌو واسواڻيءَ جي جئه" جا بلند نعرا به پئي لڳايا. ڇا ته انهن نماڻن پريمين جي رڳ رڳ ۾، پياري دادا لاءِ پريم، شردا ۽ ڀڳتي هئي! جنهن سواڳت ۾ سچو پريم آهي، اُن لاءِ راجائون به جيڪر ريسون ڪن.

پئي ڏينهن روهڙي ميران اسڪول جو ساليانو جلسو ٿيو، جتي دادا کي سڀاپتي ڪيو ويو. ٻالڪين خاص دادا جي سواڳت ۾ هڪ منو گيت ڳايو. ڀڳوانداس پنهنجي قرب ڀرئي قلب مان

تہ ڪا سيما اُتي ڪانهي، اَنت اُتي ڪونهي. جيئن جنني ماتا پنهنجي اَڙٻنگ ٻار جا ڏوهہ گناهہ ڪين ڏسندي آهي ۽ ڪيس ڏکي ڏيٺي ڏ ڪيندي آهي، تيئن گروءَ بہ پنهنجي شش جا پاپ ڪرم دل ۾ نہ رکي، مٿن ديا درشٽي ڌري، سندن ڏک سُور پاڻ سهي ٿو! دادا بہ ڪيترا دفعا نہ ائين ڪيو. اسين آپي جي آنڌ ۾ ڪئين من مانيون ڪندا هئاسين، پر ديالوُ دادا پنهنجي اَپار ديا درشٽيءَ سان اُهي سڀ ڪميا ڪري ڇڏيندو هو، جڏهين پڇتاوَ جي ڀاوَ ۾ اسين وٽس ڪنڌ جهڪائي ويندا هئاسين. دادا جي پڳل صحت جو هڪ ڪارڻ اَسين پاڻ هئاسين، جو وري وري پريوءَ کان منهن موڙي، وڪارن جي وس ٿي، هن جا غلام بڻجي، بيحد ڏک ڀوڳيندا هئاسين. دادا اسان کي ڏکي ڏسي، سهي ڪين سگهندو هو. هو ڪومل هردي وارو هو. اسان ڪريلن کي اُتارڻ لاءِ، ۽ گناهن ۾ گرفتار ٿيلن کي مڪت ڪرائڻ لاءِ، دادا پاڻ تي ڪئين ڪشٽ هموار ڪيا ۽ پنهنجي طبيعت تلف تاراج ڪري ڇڏي. ڊاڪٽر ٿڌاڻيءَ جي شرير جو ڪشٽ پاڻ تي کڻي دادا پورو مهنو اَسوَسٿ رهيو، بيماري ڀوڳي.

سنتن جي پيار جو نہ آهي اَنت نہ پار! سندن پيار آهي خود غرضيءَ کان خالي، آهي نرمل ۽ اوجل!

روهڙي شريف

سنہ ۱۹۴۶ع شروع ٿيو. دادا کي اُتر سنڌ مان نمنترڻ اچڻ لڳا. ڀاءُ جوتوُمل هرچندراءِ لاڙڪاڻي ۾ ميران پرائيمري سڪول کوليو هو. هو ڏانهن روهڙي ۽ سکر ۾، ڀڳوانداس ميران اسڪول هلائي رهيو هو ۽ دادا جي اَچڻ جي پرتيکشا ڪري رهيو هو. نيٺ دادا سندن قرب جي ڪوٺ قبولي ڪراچيءَ مان حيدرآباد ويو. جت ٻارهن ڏينهن رهيو، پياسين کي پريم جو پاڻي پياري، روهڙيءَ ڏانهن رخ رکيو. هيءَ روحاني راڻو روهڙي شريف ۾ پورن پنجن سالن کان پوءِ ٿي ويو، سو اُهو سندس سواگت

پر ٺٽڻ جي نرمل نگاهه ۾ هو ديا جا داستان کولي ڇڏيندا آهن. دادا کي جواب ڏيڻ جو اهڙو ته نمونو هوندو هو، جو اڳلا لاجواب ٿي ويندا هئا. روهڙي نواسين کي چيائون: ”پيارا، مان ته آهيان هڪ ڦيريءَ وارو فقير، سو توهان وٽ گهڻو وقت ڪيئن گهاريان؟ مان ته رمتو مسافر پيو هت هت ڦران. پنهنجي سنگر جو نالو پيو ڳايان ۽ ڳاراهيان. اوهان وٽ به اهو ئي سنيهو کڻي آيو آهيان. هري نام ڳايو ۽ دکين دردن جي سيوا ڪريو.“ هاڻي اهڙا وچن ٻڌي ڀلا ڪير ڪڇي به ڪيئن؟

روهڙي نگر سنتن، درويشن، پيرن ۽ فقيرن جو نگر آهي. ان لاءِ چيو ويندو هو ته اُت هڪ ئي وقت چوڏهن مست فقير ضرور هوندا ئي هوندا آهن. ڪي ته ڀڳوانداس کي به اُنهن مان هڪ ڪري ليکيندا هئا. بيدل ۽ بيڪس جا نالا عالم آشڪار آهن. انهن جي خانگاهه تي وڃي دادا سر جهڪايو. سائين وسٽرام جو ٽڪاڻو، جو سنڌو درياهه جي لٽ تي ٺهيل هو، سو به مشهور هو. اُت هرسال سنت جي ورسيءَ تي ڀڳت ڪنورام، ڀائي جاڙو ۽ ٻيا ڪيئي ڀڳت ايندا هئا ۽ پنهنجون ڀڳتيون لڳائيندا هئا ۽ جهمريون پائيندا هئا. دادا، سائين وسٽرام جي به آسيس ورتي. چاليهي جي ڏينهن ۾ ”ٽُر“ ڪڍي، گهٽي گهٽيءَ مان گهمي ڪين درياهه ۾ پرواهه ڪندا هئا. عاشورن جي ڏينهن ۾ تابوت ڪڍندا هئا ۽ حسن حسين جو نالو وٺي مسلمان ڀائي پٽڪو ڪندا هئا.

روهڙيءَ جا ڪيترائي ڀائر دادا جي آسيس وٺي ڪانئس خيريافت ۽ ڪار خدمت پڇڻ لڳا. هڪ موقعي تي دادا کان پڇيو ويو ته توهين ڪير آهيو؟ جواب ۾ دادا چيو ته مان هڪ صوفي آهيان، جو سنڌرتا ۽ پريم جو پوڄاري آهي. مان جت به سونهن ڏسان ٿو اُت سر جهڪايان ٿو ۽ جت به پريم ڏسان ٿو، اُت سر جهڪايان ٿو، ڇو ته پريو آهي سنڌر ۽ پريم. هن لاهوتي

کي قربائتا ڦُول ڇِنا ۽ اُڪين ۾ آب آڻي دادا جو آڀار مڃيائين. پوءِ اِسڪول جي ٻالڪن هڪ ننڍڙو نرمل ڪيل ٻه ڪري ڏيکاريو. ڀڳوانداس دادا کي اَنن هزارن جي ڳوٿري ڀيٽ ڪئي، جا دادا ڪيس ئي اِسڪول جي شيوا لاءِ واپس ڪئي.

پنهنجي ننڍڙيءَ منڙيءَ تقرير ۾ دادا چيو ته: ”وديا جو لڪش آهي اَندر جي روشني ۽ غريبن جي شيوا. ولايت جو جو نقل نه ڪريو. ڀارت جي آتمڪ جوت ڏانهن نهاريو ۽ نئين قوم اَڏيو ۽ نئون ڀارت بڻايو.“

روهڙي نگر ته ننڍڙو هو، پر اُتي جي نگرواسين جي دلين ۾ سنتن، درويشن ۽ صوفين لاءِ اونهي اُڪير ۽ شرڌا هئي. دادا کي ته هوُ ايشور جو اوتار ڪري مڃيندا هئا. سو اُتي جي جدا جدا سنستائن، دادا کي سڪ ۽ شرڌا سان ڪوٺ ڪئي. هڪ هڪ هنڌ دادا کي هيءُ پريم جو ڏوراپو پئي مليو ته ”دادا، توهان ته اَسان کي وساري ڇڏيو آهي. پورا پنج سال اَسان توهان لاءِ پئي پريم مان پڪاريو آهي. توهان جي اُچڻ لاءِ ڪوڙين ڪانگ اُڏايا اَٿئون. پر توهان اَسان کي ايڏو سمو ڪيئن پنهنجي اُکين کان اوُجهل رکيو آهي! هاڻ توهان هت اُچڻ جي، جا اَسان تي ڪرپا درشٽي ڌري آهي، تنهن لاءِ اَسين آنند ۾ ڦوليا نه ٿا سمايون. اَسان جي تن ۾، من ۾ ۽ رڳ رڳ ۾ توهين ئي وسي رهيا آهيو. هاڻ ايتري ڪرپا ضرور ڪجو جو ڪي ڏينهن اَسان جي نماڻي نگر ۾ رهي پئجو ۽ پنهنجي پريم ۽ آسيس سان اَسان جي دلين جون جهوليون ڀيا ڀريندا رهجو! اَسين جهڙا آهيون توهانجا ئي آهيون. اَسين توهانکي ڪڏهين ڪين ڇڏيندا سين؛ توهين ٻه اَسانکي ڪڏهين نه ڇڏجو.“

دادا اِهي دل جي درد جا ڏکيا ڏنڌ ڏوراپا ٻڌا ۽ پئي پريم وچان مشڪيو. سندس منڙيءَ مشڪان، سوين گهوٽ گهايل ڪري ڇڏيا. سنت ائين ئي ڪندا آهن. سندن ٻول اَلپ

پاڳن ۾ ورهايل هو. نئون سکر ۽ پراڻو سکر. پراڻي سکر ۾ سکر شهر جا اصلي رهاڪو رهندا هئا. اُت هندن ۽ مسلمانن جو پاڻ ۾ چڱو پريم ۽ سڪ جو سنبنڌ هوندو هو.

پراڻي سکر ۾ پڻ ميران اسڪول جو ساليانو جلسو هو. اُت دادا کي پنجن هزارن جي ڳوٿري پيش ڏني ويئي. جيئن دادا سديوُ ڪندو هو، پاڻ لاءِ ڪوڏي به نه رکي، اها سموري رقم ميران اسڪول جي شيوا لاءِ اَرپڻ ڪري ڇڏي. سکر شهر ۾ زور شور سان ميٽنگيون ٿيڻ لڳيون، جتي دادا به زوردار شبدن ۾ پنهنجا وياکيان ڏيندو هو. سکر شهر جا مدبر، ديش ڀڳت ويرومل بيگراج، سوامي گووندانند، سوامي اَمرداس، شري پوجراج اَجواڻي، شري ولڀڇا، شري پيرزاد وعبدالستار، هيڊماستر شري هيرانند تاراڻي، شري شيوڪرام ڪرمچند، ڊاڪٽر پريمچند گرناڻي ۽ ٻيا نه دادا کي سالن کان سڃاڻندا هئا. دادا کي ڏسي ۽ ٻڌي هو ڪيترن ۾ ئي نتي ماپيا. چون ٻيا نه پنجن سالن کان پوءِ به پيارو دادا ساڳيو ئي ساڳيو! سندس آواز ساڳيو مٺو مرليءَ سمان مڌر، صورت من موهڻي ساڳي، سندس نهار ساڳي نينهن پري ۽ پيار ساڳيو، بلڪ اڳي کان به وڌ! اهو سکر ئي هو، جت دادا کي ٻهرين ٻهرين ”ساڌو واسواڻي“ ڪري ڪوٺيو هئائون جو پوءِ جڳ پرسڌ ٿي ويو.

پراڻي سکر ۾ دادا، گهنشامداس گرناڻيءَ وٽ رهيو. اجا ان ۾ گهريو ئي مس نه ڏٺائين نه ڪيئن نه ڪيترين ئي سنستائن جا بانيڪار اُتي اڳواٽ ئي پهچي ويا هئا ۽ سندس پريم مان پرتيڪشا ڪري رهيا هئا. ڪيس ڏسي هنن پنهنجا مستڪ نوائي سندس آسيس ورتي. هنن ڪيس اڳي جيان ساڌو واسواڻي ڪري ٿي سڏيو. دادا، نمرتا جي مورتيءَ، موٽ ۾ کين چيو نه ”پيارا، مونکي ساڌو ڪري نه سڏيو. مان نه ساڌن جو به هڪ داس آهيان. مان ته هڪ فقير ٿي لوهان وٽ هئيءَ سندي يش

صوفيءَ ڪي صوفين جو سنگ ۽ سندن ڪلامن ٻڌڻ جو گھڻو شوق هو، سو سينڌي ڪي چوندو هو ته مونکي روهڙيءَ جي درويشن ۽ صوفين جا ڪلام هٿ ڪري ڏيو. اهي ڪلام خاص چيڀل ڪيون هئا. مريد، مرشد جي چرڻن ۾ ويهي، سندن مک مان اهي ڪلام ٻڌندا هئا ۽ اُهي ڪين ڪنٺ ڪري ويندا هئا. پوءِ اهي سنگت ۾ صدق ۽ سر سان ويهي ڳائيندا هئا ۽ جهوليندا هئا. ڪن پيارن اُهي ڪلام پنهنجي هٿن سان ڪاپين تي لکي ڇڏيا هئا. پر اُهي ڳاڻ ڳڻيا هئا.

دادا روهڙيءَ ۾ ست ڏينهن رهيو. اُهي ست ئي ڏينهن روهڙي نگر ۾ نام جي ڌني لڳل هئي ۽ رام نگر چڙهيل هو. شهر جي سينڌي سنستائن گڏجي ٢٣ مارچ تي دادا کي مانپتر ڏنو. اُن مانپتر جي دوارن سچ ته انهن سنت جو نه، پر پنهنجو سنمان ڪيو. سنت کي مان ۽ سنمان جي ڪهڙي آوشڪتا آهي؟ هن کي ته ڪين پريم ۾ پنل ۽ پگل دليون.

سکر سونهارو

روهڙيءَ ۾ ست ڏينهن رهي ۽ محبت جا ميلا ۽ مچ مچائي، دادا سکر سونهاري ڏانهن هليو. سکر سنڌو درياهه جي ساڄي ڪپ تي ۽ روهڙي ڏائي ڪپ تي آهي. درياهه جي وچ ۾ بکر جو وڏو بيٽ آهي. جنهن ۾ هڪ پل روهڙيءَ کان ۽ ٻي پل سکر کان ٿي اچي. پلين جي هيٺان سنڌو درياهه ڏاڍي دهشت ۽ دم منجهان پوُرب کان پڇم طرف پيو وهي. ان سنڌو درياهه تان پنجاب کان ڪٽڪ ۽ اَناج جا اَنيڪ بيڙا پيرجي، سکر بندر تي اچي لنگر هڻندا هئا. سکر ۾ ان اناج جي وڏي منڊي هوندي هئي. سکر کان اهو اَن ريل رستي، ڪوئيٽا، بلوچستان ۽ دکن سنڌ ڪراچيءَ تائين ويندو هو. سکر هڪ ڀاڳيو شهر هو جت اسڪول، اسپتالون، ڪليڪٽر، سيشن جج، پوليس جا وڏا عملدار، ڊاڪٽر، بئريسٽر، وڪيل، واپاري ۽ ڪامورا رهندا هئا. سکر ٻن

قتيل دل ڪٺي پيو ھيڏانھن ھوڏانھن ڦران ۽ ايشور پريم جو پيغام سڻايان. سمرن ۽ شيوا ۾ پنھنجي جيون بڌو. ٻي ھي گھڙي ٻي ھي ويلا، مانڪ جنم ڪريو سُھيلا."

شڪارپور، سنڌ جي ويدانتي، برھم گياني ڪوي، سنت "ساميءَ" جو جنم اَستان ھو. "ساميءَ" جو اَصلي نالو ھو شري چيتنراءِ ٻچومل لُنڊ. پنھنجي گروءَ سامي مينگھراج جي مٺيءَ شردا ۾ ھن پنھنجي اَمر رچنائن ۾ سندس ئي نالو "سامي" درج ڪيو. ساميءَ جي سلوڪن ۾ ڀارت جي رشين ۽ سنتن جي سکيا سمايل آھي. اُن سنت جي پوتر اَستان جي درشن ڪرڻ لاءِ دادا ويو، پر ڏسي ڏک ٿيس تہ اھڙي پوتر يادگار کي دائم قائم رکڻ جي بدران، اُتي ھڪ دڪان کليل ھو ۽ جاري ۾ فقط ھڪ ڏيئو ٿي ٻريو. دادا ساميءَ جي پريمين کي صلاح ڏني تہ: "جيڪر ھيءُ سڄو مڪان خريد ڪري اُتي سامي جن جو ھڪ اَمر يادگار قائم ڪريو." پوءِ اُن جوت اڳيان سر جھڪائي، دادا سامي جن جي آسيس ورتي، اُن اَستان مان ٻاھر نڪتو.

شڪارپور ۾ دادا سيٺ لڇمندا سنگھ جو مزمان ٿيو. شڪارپورين جو آڌرڀاءُ ۽ محبت ڀري مھمان نوازي تہ لک لھي! سيٺ ھڪ قرب ۽ پيار ڀريو اِنسان ھو. ڪيترن سالن کان پوءِ ھو حيدرآباد ميران اِسڪول ۾ آيو. اُن وقت ھو ورڌ اوستا جو ٿي ويو ھو. دادا ڪراچيءَ ۾ ھو. مون سان ڳالھيون ڪندي ٻڌايائين تہ ڪيئن ھڪ وقت دادا سندس مزمان ھو. دادا جو نالو چوڻ تي آٽيندي، سندس اکيون آليون ٿي ويون ۽ قرب ۾ دل ڀرجي آيس.

دادا شڪارپور شھر ڇڏي ريلوي اِسٽيشن تي آيو. ٽرين اچڻ ۾ وقت پيو ھو. دادا کي ڪرسي ڏنائون ۽ ويھي ڪيائونس تہ اَنتم شبد ٻڌايو. سڀيئي دادا جي چرنن ۾ پلٿمار ڪري پٽ ۾ ويھي رھيا. دادا پنھنجي سنھڙي ۽ مٺي آواز ۾ چيو: "مان

ڪٿي آهيو آهيان نه جاڳو!" کهڙو نه هيءُ اندر کي اٿاريندڙ
هڪ - اکري پيغام آهي: جاڳو! بيشڪ اسين ويسر ۾ وچايل
آهيون. اسين اڳيان جي اگهور ننڊ ۾ ستل آهيون. ڀل جاڳون
۽ سمجهون ته هيءُ منشيه جنم اسان کي ڇا لاءِ مليو آهي؟ نه
گهمڻ گهتڻ، پئسو پدارت کٺو ڪرڻ، کائڻ پيئڻ، عيش عشرت
۽ مزن ماڻڻ لاءِ، پر ستيه جي جوت جاڳائڻ ۽ پريوءَ کي پائڻ لاءِ!
سياڻا سي، جي سجاڳ رهن ٿا ۽ جاڳي جاڳي رام ريجهائين ٿا.

لاڙڪاڻو

سکر ۾ کي ڏهاڙا گهاري دادا لاڙڪاڻي ويو. لاڙڪاڻي
۾ نوَن سالن کان پوءِ هو پڌاريو هو. نگر جي گليءَ گليءَ مان
هيءُ آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيو: سالن کانپوءِ دادا درويش آهي پڌاريو!
شهر ۾ جڻ نه ڏياري لڳائي ڇڏيائون. خوب مهتنگيون
ٿيون، جتي دادا پنهنجي مٺڙي آواز ۾ پيغام ڏنو. نگر واسين
ساڃيو ڻي عرض ڪيو جو روهڙيءَ ۽ سکر نواسين ڪيو هو ته دادا،
ايترو جلد نه وڃجو. ڪجهه ڏينهن رهي پئو. دادا کين به ساڳيو
جواب ڏنو ته "مان هڪ ياٽري آهيان، پيو هلان. منهنجو ڪم
آهي اڳتي اڳتي هلڻ ۽ پاڻ سان پياسي ياٽري روح ڪڻڻ. هلڻو
اٿو ته هلو، مون سان گڏ. مان محبوب موهن جو هڪ محبت
سند و مزور آهيان ۽ پيو سندس مزوري ڪريان."
لاڙڪاڻي ۾ دادا ڪشنچند پنجابيءَ جي گهر رهيو. جو ته
سندس پتا مرليڌر جي ساڻس پراڻي پريت هئي. سندس
ڌرمپتني رکمڻي، دادا جي ڀڳتياڻي هئي.

شڪارپور

لاڙڪاڻي مان دادا شڪارپور ۾ پڌاريو. اٺ يارهن سالن
کان پوءِ ٿي پنهنجا پوتر پير گهمايائين. اتي به پاٽر پيئون ۾
عجيب اُتساهه ۽ اُمنگ هو. اتي جي ستسنگ جي ڪوٺ ٿي
دادا کين چيو ته: "مان هڪ رمتو فقير آهيان. طلب جو تنبورو ۽

دل مان پڳواني هيءُ قول پرسايا:

” پرديسي پريتم، ڦر تم ڪيون جاتي هو؟ “

ياءُ پڳوانا! پرديسي ته پرديسي ئي ٿيا نه؟ هو ڪيئن ٽڪندا اسانوٽ؟ هو ته هن ديش جا آهن ئي ڪين! هو ته آهن رانول ديش جا راڻا! هت ڪيترو ٽڪي ڪيترو ٽڪندا؟ جو ٿورو وقت ٽڪيا اهائي غنيمت! ان ۾ ئي ٿون راضي رهه! دادا اُپرسند ڇڏڻ سمي شايد ائين سوچيو هجي ته مان وري ڪڏهن اچي سندن آسيس وٺندس. پر ڪنهن کي کهڙي خبر ته جلد ئي سيٺيءَ هند ۽ پنهنجو منڙو وطن ڇڏي، پنهنجي جنم ڀومي سندڙي، جيءَ جندڙي ڇڏي، وڃي هندوستان وسائيندا ۽ وري واپس ڪين ورندا!

واپس حيدرآباد

اُپرسند جي ياترا پوري ڪري جوڳي جادوگر، يعني دادا، موٽي آيو حيدرآباد نام نگر ۾. سندس اچڻ سان نام نگر بڻجي پيو هڪ جوت نگر! آنند نگر! ستسنگ ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو ۽ آنند جو ساگر پلٽجي پيو. گنگارام به عجيب اُتساهه ۾ اچي ويو. ميران اسڪول نئين ميران بلڊنگ ۾ پئي هليو. پر گنگارام کي ان مان ڪٿي ٿو ڍؤ ٿئي؟ نئين بلڊنگ جي لڳولڳ هڪ پلاٽ خالي پيو هو، سو دل ٿيس ته اهو به سرڪار کان وٺجي ۽ اُتي به ڪجهه تهرائجي، جيئن هڪ پنهنجي ننڍڙي رياست بڻجي پوي. سو هن دادا کان آسيس وٺي سرڪار جا در کڙڪايا. هيئنر به دادا جي آسيس ۽ گنگارام جي ڪوشش هٽي وڃي هنڌ ڪيو.

ميران اسڪول جي زمين ستسنگ جي ملڪيت هئي. اسڪول جي عمارت لڪن جي ملڪيت هئي. ستسنگ ڪسي پيون به ملڪيتون هيون. انهن سڀني جي ڪاريه ڪاري منڊل جو پرڌان هو دادا. پر دادا، جو پاڻ لکن جو هڪ لعل هو ۽

وڃان پيو. اوهان جي سڪ ۽ سنيهه، محبت ۽ مرحبا جون يادگيريون دل ۾ کڻي وڃان ٿو.

شاهوڪارو! اوهين ڌن دولت پيدا ڪندا ڪريو. پر هڪ ٻيو خزانو آهي، اُن جي ته اوهين سنڀال ئي نٿا ڪريو! هن نگر جا ٻالڪ، هن نگر جون ٻالڪيون آهن اوهانجو اهو اُتم خزانو! ان خزاني جي سنڀال ڪريو، رکيا ڪريو!“

شڪارپوري گهڻي ڀاڳي ٻنڪرس ۽ واپاري سيٺيون هئا. انهن مان گهڻا ته پنهنجي ڌن جي ڌنڌي ۾ ئي پورا هئا. پنهنجي ٻارن ٻچن جي واڌاري ۽ پرگتيءَ جو خير ڪو اونو يا انتظاري هئي. ان ڪري ئي دادا کين آگاهه ڪيو ته دنيوي ڌن ميڙڻ ۾ ايترو مشغول نه رهو، جو توهان کي پنهنجن ٻارن ٻچن جي وديا ۽ وڪاس به وسري وڃي! هنن پيارن جون دليون پريم پريون هيون، تنهن ڪري دادا جو اُپديش سندن دلين ۾ گهري ويو.

ڀڳواني جون ٻُونڊُون

سامهون ريل گاڏي به اچي سهڙي. ياترن جي وچ ۾ روهڙيءَ جو ڀڳوانداس پڻ حاضر هو. سندس اکين مان برهه جون ٻونديون بس ئي نه ڪن! پياري پرميءَ ڀڳواني پنهنجي سمست جيون دادا جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪئي هئي. ڪيس پنهنجي من مندر جو ديوتا تسليم ڪيو هئائين. ديوتا هردي مندر جي سنگهاسن تي ته برابر براجمان هو، پر ٻاهرين اکين کان هميشه اوجهل ٿي رهيو هو. ان ڪري پريم پوڄاري ڀڳواني جا نيڻ گنگا جمنا وهائي رهيا هئا. پاڻ انجنيئر هو، پر سندس جذبن کي جهلڻ وارو بند، جو هميشه نئين سيلاب ڪري وهي رهيو هو، تنهن کي هو ٻڌڻ ۾ اَسمرٿ هو! بند ٽوڙڻ وارو ته دادا هو. هو ئي وڏو اِنجنيئر هو. هو ئي ٻوڏ کي ڪن ۾ روڪي سگهي ها، پر هاڻ هو جدائيءَ جو داغ ڏيئي وڃي رهيو هو. پنهنجي قتيل

عهدن جو لياڳو ڪيو. ها ٿي سگهي ٿو ته هن اهو ڏسڻ ٿي چاهيو ته پنهنجي جيوت ۾ ڏسي ته سندس پيارا ٿيل سندر ڪاريه، سندس پيارا ڪيئن هلائي رهيا آهن؟ سنتن جي گت ڪير ڄاڻي؟ شڪر جو پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي مک مان هي وچن ٻوليائين: "پيارا! توهين سڀ ڪم ڪار يون هلائجو. پر پوءِ توهان سان سهاءِ ٿيندو."

اوڏيءَ مهل ڪن پنهنجي اندر ۾ اهو آواز ٻڌو ته پر پوءِ ته سنتن دوارن اُپي سهاءِ ٿئي ٿو.

نومبر جو مهنو نڪت اچي رهيو هو. ستسنگين ويچار ڪيو ته دادا جو ٦٧ جنم ڏن سندر نموني ۾ ملهائجي ۽ ڪيس ٦٧ هزارن جي ٿوڙي پيٽ ڪجي. انهن پئسن مان نئين پلاٽ تي هڪ مندر ٺهرائجي، جنهن کي نالو ڏجي گيتا مندر. وڌيڪ ويچار ڪيو ويو هو ته هڪ هڪ يونٽ هزار رپئي جو رکجي ۽ اهڙا ٦٧ يونٽ ڪٺا ڪجن. دادا سنگت جي رائي کي مان ڏيندو هو. آڌ جڳاڌ کان سنگت کي اوچو درجو ڏنو ويو آهي. پر پوءِ سنگت دوارن ٻولي ٿو.

گنگارام - جنگارام

ناٽي ڪني ڪرڻ ۾ گنگارام جهڙو ٻيو ڪو له ستسنگ ۾ هو اُپي ڪين؛ سو هيءُ پيارو دادا جي آسيس وٺي، وڏن ڪيسن وارو دگهو ڪوٽ (شيرواٽي) پائي، هليو پئسا ڪٺا ڪرڻ. دادا جي مٿس اهڙي ته ڪا آسيس ٿي ويئي هئي جو جنهن به شيءِ ڪار ۾ هو هٿ وجهي، تنهن ۾ اُن پڇو جس ۽ سڦلتا حاصل ڪري ايندو هو. ستن ڏينهن ۾ ٦٧ هزار ڪٺا ٿي ويا! دادا پيار ۾ مشڪي گنگارام کي چيو له پيارا، تون ته "جنگارام" آهين! سڀ ڪا جنگ فتح ڪري ٿو اچين. ستسنگين جڏهن ڏنو ته پاڻ گنگارام ٽرت اُپي ٦٧ هزار ڪٺا ڪري ڏيکاريا آهن ۽ جيئن ته ٢٥ نومبر اچا پري آهي، ليڪن چونه وڌيڪ ناٽو ڪنو ڪري دادا کي پيٽ ڪريون. دادا پاڻ ته ڪڏهين ڪنهن

سندس ملهه ۽ قيمت ڪروڙن ۾ به ڪٿي نٿي سگهجي، تنهنجي تن ۾ وري اچي لياقت جو تيج چمڪيو. اڳتي به هن پٽيالا جي مهيندر ڪاليج جي پرنسيپال جي اوچ پد جو تياڳ ڪيو هو. راتوواهه، سانت ۾، درڙهه نشچي سان هن گنگارام کي اڪيلو پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيائينس ته ستسنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪوٺاءِ. ٻئي ڏينهن سڀيئي ميمبر اچي ڪٺا ٿيا. دادا به اسان سان گڏ پٺ ۾ اچي ويٺو. دادا اچانڪ گنڀير چهري سان اٿي پنهنجو فيصلو ٻڌايو ته ”مون پرڌانپڻي جو عهدو ڇڏيو. مان توهان سڀني جو سهائڪ ٿي رهندس.“ دادا جا اهي نشچت روپ ۾ اچاريل شبد ٻڌي، اسان مان ڪنهن کي به جرئت ڪين ٿي جو ڪانئس پڇون ته دادا، توهين ڪهڙي ڪارڻ تا ائين ڪريو؟ سڀيئي سانت ۾ اچي ويا. پوءِ ڊاڪٽر هيرانند کي پريزيڊنٽ ٿاپيو ويو. دادا ميران اسڪول بورڊ جو به چيئرمين هو. هن ان عهدي تان به استعفا ڏني. ان عهدي تي مس پگٽ کي چونڊيو ويو. مس پگٽ هڪ ڪرستان مشنري هئي. هن مشن گرلس هاءِ اسڪول برپا ڪيو هو ۽ پنهنجي سهيليءَ مس وارڊ جي سهائتا سان اهو اسڪول هلائي، حيدرآباد جي وديا جي کيتر ۾ شيوا ڪري رهي هئي. دادا لاءِ ته ڏاڍو پيار هوس. هڪ دفعي جي ڳالهه ياد ٿي اچيم ته ڪيئن دادا مس پگٽ ڏانهن نهاري مون کي چيو هو ته هيءَ منهنجي ماءُ آتيئي! مون سانت ۾ چيو هو ته دادا منهنجو پتا آهي ته مس پگٽ ته منهنجي ڏاڏي ٿي! ۽ مس پگٽ مون کي سچ پچ ڏاڏيءَ جيان پيار ڏنو!

هونءَ سنسار ۾ ماءُ جي جڳهه پتا والا رهندو آهي، پر هاڻي پتا (دادا) جي جڳهه ماءُ (مس پگٽ) سنڀالي. دادا اوستا ۾ وڌندو ويو ته سندس ويچار سنساري ڪمن ڪارڻ کان ڏڍي آتمڪ ڪارڻ ڏانهن ٿي ويا. ان ڪري ٿي هن پنهنجي

ڪولا پائين، جن مان ڪين ڪڍو نه سک، آرام ۽ آنند ملندو! پيغرون هڪ ٻئي کي چوڻ لڳيون ته شل واسواٽي جڳ جڳ جيئي ۽ پيو اسان جو ننگ پالي.

ملڪ مصيبت ۾

ٻي وشو جنگ پوري ٿي. صلح ۽ شانتيءَ جو وايومنڊل پيدا ٿي ويو ۽ ماڻهن سک جو ساهه پٽيو. پر هيءُ سک ٿوري وقت تائين رهيو. جلد ئي هندوستان جي آزاديءَ جي آندولن وري جاري ٿي ويئي. ڀارت ماتا جي سنتان هندو هئي ته مسلمان به هئي. مغلن جي ڏينهن کان مسلمان هندن جيان ڀارت جي ڀوميءَ تي ٿي پليا. سو هو به هندوستاني ئي ته ٿيا. انگريز حاڪمن کان جڏهين ڀارت جي ديش ڀڳت نيتائن آزاديءَ جي گهر ڪئي ته انگريزن ڀارت جهڙو سونهري لقمو سولو نه ٿي ڇڏڻ چاهيو. هنن چالبازي هلائي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ مذهب جي نفاق جي قوت وڌي، جنهن ۾ مسلمان جلد ئي شڪار ٿيا. پوءِ ته ملڪ ۾ چيڙ چاڙ ۽ مذهبي دنگا فساد شروع ٿي ويا. هندو مسلمان هڪ ٻئي جا جاني دشمن بڻجي پيا. انگريزن ان ۾ ئي پنهنجي چالبازيءَ جو داءُ سڦل ٿيندو ڏٺو ۽ آزاديءَ ۾ رخنو پئجي ويو. اڳ ڀارت جي آزاديءَ جي اُپاسڪن جي ڪيوَل هڪ ئي سنستا، انڊين نئشنل ڪانگريس هئي، جنهن ديش جي سوتنترتا لاءِ سرتوڙ هلچلون هلايون. ان جا نيتائون، مهاتما گانڌي، جواهرلعل نهرو، سردار والڀ ڀائي پٽيل، مولانا آزاد ۽ ٻيا هئا. هاڻ انگريزن جي چرچ تي ان آندولن کي اڏو اچڻ لاءِ مسلم ليگ برپا ڪئي ويئي، جنهن جو ليڊر جناح هو. ڪانگريس سمپورڻ ڀارت جي سوتنترتا جي مانگ ٿي ڪئي. پر جناح ان آشا کي، پنهنجي ڏڪار ۽ حسد جي نيتيءَ واري خون خرابيءَ جي هلچل ڪري نراشا ۾ بدلي ڇڏيو. مهاتما گانڌيءَ هندو مسلم ايڪتا ۽ ديش ڀڳتيءَ جو روح ڦوڪڻ ۾ پنهنجي ويهن ئي

کان ڪجھ گھرندو ڪين هو، پر گنگارام جي لطلات تي اُها ڪا مُهر جي مُهر هڻي ڇڏي هئائين، جو هوءَ جت تي دادا جو داس ٿي ويو، تنهن تي ڪيس هڪ مهاراجا جو مکيه منتري ڪري ڪمڪار پائون ۽ سنڌس ستسنگ جي ڀيلهي پر پائون! سيٺ کي اَچڻيو ٿيو جڏهين ڏنائون ته چندو لک کان ٻه لنگهي، لک ٽيويهه هزارن تي وڃي پهتو هو! روڪڙ ۸۵ هزار مليا ۽ باقي ۳۸ هزارن ڏيڻ جو وچن ڏنائون.

دادا جو جنم ڏن

سياڳي ۲۵ نومبر ۱۹۴۶ع آئي. نئين ميران بلڊنگ جي رنگ روپ ۾ رونق اچي ويئي. ڪمپائونڊ ۾ وڏو شاهي پنڊال لڳايو ويو. هي پهريون دفعو هو جو دادا جو جنم ڏن عام ڪليل نموني ۾ ملهايو ٿي ويو. هن سال سان جنم ڏن ملهائڻ جي شروعات ڪئي ويئي. وڏو يگيه ٿيو. غريبن جي شيوا ڪئي ويئي. منجهند جو لنگر ٿيو، جتي ستسنگين پرلم ۾ گڏجي کاڌو. ميران اسڪول کيل ڪيو، جت عام ماڻهن کي آمنترڻ ڪيو ويو. ان موقعي تي ستسنگ پاران ستسنگ جي پريزيڊنٽ ڊاڪٽر هيرانند دادا کي هڪ لک ٽيويهه هزارن جي ٿوٿري ”جنم ڏن جي ڀيٽ“ ڪري ڏني. نئين پلاٽ لاِءِ دادا پنهنجي ڪرڪملن سان گيتا مندر جي آڌار شلا وڌي.

سڀ ڪجھ ٿيو

دادا اهي سمورا پئسا سڪي ستسنگ کي سونپيا ۽ اچا ڏيکاري ته انهن پئسن مان گيتا مندر جي اَڏاوت، پالري پون، لئبرري ۽ اُن پورٽا ڪيتر پنڊار ڪوليو وڃي، جت سدا ورت هلندو اچي. اهي پئسا انهن ڪاڻ لاءِ ڌار ڌار پاسيرا ڪري رکيا ويا. پائر پيهر دادا جا سنڌر وَيچار ۽ اچا ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا. هنن ڏٺو ته دادا کي ڪيڏو نه سنڌن لاءِ اونو هو جو سڀن لاءِ گيتا مندر، مودي خانو، پالري پون ۽ پستڪ آليه وغيره تي

ڪنگال ٿي ويا، ڪئين مالدار مسڪين ٿي ويا، ڪئين قرضي ويا.

دادا جي دل ۾ دک

پنهنجو ڌرم خطري ۾ ڏسي، پنهنجي مائن، ڀينرن ۽ نياڻين جي ست، لڄ ۽ شرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ ۽ جان مال جي بچاو لاءِ هندن، لڏ پلاڻ شروع ڪري ڇڏي. حيدرآباد جا هندو دادا وٽ آٿت ۽ آسيس لاءِ ٿي آيا. دادا پنهنجي جنم ڀومي ڇڏڻ نٿي چاهي. سنڌڙيءَ لاءِ سندس سيني ۾ سڪ سمايل هئي، پر هي وڏي پئماني تي ٿيندڙ فساد، خونريزي، قتل ۽ ماراماري ڏسي، دادا جي ڪومل دل کي گهرو صدمو رسيو. سندس دل روئي رهي هئي جو سنڌي هندو لاچار ٿي هزارن جي سنکيا ۾ سنڌ ڇڏي ڀارت وڃي رهيا هئا. هوڏانهن سنڌ جي پياري پياري ڀومي به کيس ليلاڳي نه ٿي ٿي. سنڌ جا درويش، سنڌ جا وڻ، سنڌ جا تيرٿ آستان، سنڌ جي صوفين جا مقام، هو انهن کي ڪيئن ڇڏيندو؟

ڀٽ شاهه جي ڀيٽ

سوچيندي سوچيندي کيس اچي ڀٽائي گهوٽ شاهه صاحب جي مقام، ڀٽ شاهه جي منڙي ياد ڳيري پيئي. جيتوڻيڪ ڏينهن ڏکيا هئا، سمو سخت هو، مسلمان هندن لاءِ جنسي باهه ٻاري ڇڏي هئي ۽ هندن لاءِ اڪيلو نڪرڻ مشڪل ٿي پيو هو، تنهن هوندي به دادا، پياري جشن کي ساڻ ڪري، ڀٽ شاهه ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. کيس گهڻوئي چيو ويو ته هالا، جتان ڀٽ لاءِ لنگهڻو پوندو، اُتي مسلمانن جو ڏاڍو زور ظلم آهي، پر دادا هڪ به نه ٻڌي. هن پنهنجي واڳ وائيءَ کي سپرد ڪري ڇڏي هئي، سو کيس نه هئي لهر نه لوڏو. هو هڪ وسهت، ڏينهن جو، جشن کي ساڻ ڪري حيدرآباد ڇڏي هليو هالا ڏانهن، جيئن ڀٽ تي اُن رات جو (جنهن کي مسلمان جمعي رات چوندا آهن) پهچي، صوفين جي سنگ ۾ شامل ٿي سگهي. دادا هالن ۾ پهتو ته اُتي

تنهن جو زور لڳايو، پر قدرت کي ٻيو ئي ڪجهه منظور هو.

ديش جو بٽوارو

ڀارت جي آزاديءَ جون ڳالهيون اڃا هلئيون ئي پئي ته ڪٿ ڪٿ فرقيوار فساد شروع ٿي ويا. جي جاتيون ڀائپيءَ ۾ گڏ پليون نپنيون هيون، سي هڪ ٻئي جون جاني دشمن بڻجي ويئون. اها سڀ چرچ انهن انگريزن جي هئي جن کي ڀارت ديش کي ڇڏڻ تي دل ڪو نه هئي. ان ڪري ئي هنن ٻنهي جاتين ۾ نفاق جي آڳ پڙڪائي. سنڌ جي صوفيءَ سچ چيو آهي، ته "هڪ هندو، ٻيو مسلمان، ٽيون وچ وڏائون وير." ڪٿ ته جان مال ۽ عزت جي سلامتي ڪا نه هئي. فسادن ڪري ٻنهي جاتيون ڏپ ۾ هيون، جو خونريزي وڌندي ويئي. ان ڪري نيتائن گهڻي سوچ ويچار ۽ ڳڻ ڳوت کان پوءِ فيصلو ڪيو ته بهتر ٿيندو ته صلح قائم ڪرڻ لاءِ ديش جو ورهاڱو ڪجي ۽ مسلم گهڻائيءَ وارن پرانتن کي پنهنجو نڪرو الڳ ڏجي، جنهن کي هنن پاڪستان جو نالو ڏنو ۽ باقي ديش تي ڀارت جو ئي نالو قائم رهيو.

ڀارت ۽ پاڪستان ٻرپا ٿيڻ کان پوءِ اها آشا ڪئي ويئي ته هاڻ سک شانتي وري واپس ايندي. پر ائين ڪين ٿيو. ظلم، زوريءَ ۽ زبردستيءَ جو راڄ پاڪستان ۾ چالو رهيو. خون خرابي ۽ ٻيا ظلم جاري رهيا. سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمان، جي صدين کان گڏ وگڏ رهندا پئي آيا، سي هاڻي هڪ ٻئي کي شڪي نگاهن سان ڏسڻ لڳا. مسلمانن جي جيءَ ۾ وير جي جوالا جوش ۽ جنبش ۾ اچي پڙڪي. جت ڪٿ هندن کي ستائڻ ۽ هيسائڻ لڳا ۽ انهن جي بي عزتي ڪرڻ لڳا. گهرن، مندرن، منن ۽ دڪانن تي پٿربازي ڪري هندن جي دلين ۾ هراس ۽ هشمت پيدا ڪرڻ لڳا. پوءِ اُن جهه انسانن جي لعل لهوءَ سان هوليءَ کيڏڻ لڳي. گهرن کي ڦريو لٽيو ويو ۽ بستين کي باهيون ڏئي جلايو ويو. لوٽ مار ڪري، هندن جو مال ڦٻايو ويو. ڪئين ڏنوان هندو

اَءِ فقير، تون هڪ فقير جي آستان تي آيو آهين. شل تو تي آسيس ٿئي."

وشو ڪوي

دادا پوءِ شاهه صاحب جي تربت تي ويو ۽ سندس پوشاڪ، پڳ، لٺ ۽ ٻين شين جو ديدار ڪيو. دادا جي دل ۾ شاهه صاحب لاءِ عجيب شرڌا هئي. هو کيس وشو ڪوي ڪري سمجهندو هو، جنهن جي واڻي نه ڪيول سنڌين لاءِ هئي، نه ڪيول ڀارتواسين لاءِ هئي، پر ساري وشو لاءِ هئي. هن وشو ڪويءَ جي آسيس ورتي. دادا خود هڪ وشو ڪوي هو، جنهن جي وچتر واڻيءَ جو واس اڄ وشو جي ڀن ڀن ديشن ۾ پيو پکڙجي، جنهن جو ناماچار دور دور ديشن ۾ ڦهلجي چڪو آهي.

دادا حيدرآباد ۾ لڳاتار رهي پيو هو. نگر جا ستسنگي کيس ڇڏين ئي ڪين. ههڙن ڏکين ڏينهن ۾ دادا سندن لاءِ هڪ وڏو آٿت ۽ اوٽ هو. سنتن جا درشن ۽ وچن سندن لاءِ وڏو ڏڍ هئا. گهڻو وقت هڪ هنڌ رهڻ ڪارڻ دادا کي اچي وائي سور ستايو. هڪ پاسي سخت گرمي ته ٻئي پاسي وري وائي سور، جنهن لاءِ گرم گرم پولٽيس ٻڌي لڳس. پر دادا جي چپن تي سدائين "شڪر - واهگرو - شڪر" جا شبد هوندا ئي هوندا هئا. سور جي ڪري دادا ستسنگ ۾ به نٿي لهي سگهيو.

ڪاڪو چيلارام ميراڻي

ڪاڪو چيلارام ميراڻي ميرپور خاص ۾ هڪ سرڪاري ملازم هو، جنهن رٽائر ڪري اچي دادا جي سيوا ڪئي. پياس هئس ته باقي وقت سنتن جي سيوا ڪري پنهنجي جيون سڦل ڪريان. ٥٥ سال پنهنجي ڪٽنب پريوار، سرڪار، ساٿين سنبنڌين جي سيوا ڪئي هئائين. جيون جو باقي سمو هن سنتن جي سيوا ۾ پاڻ ارپڻ ڪرڻ ٿي چاهيو. پر سندس ڪٽنب کيس ڇڏي ئي نه. هن به چيا ڪيو جو پاڻ کي سڀني اڳيان ڇريو ڪٽي ڇوايائين.

اَچي برسات پيئي. رات جا ست اَچي لڳا. ڀٽ جي ڳوٺ تائين پهچڻ لاءِ ڪو ٽانگو وغيره به ڪونه ٿي مليو. رات اَنڌيري هُئي. ٽانگي واري جي به ڏرن پئي ڏڪي، جو وات تي ڌاڙيلن جو ڀؤ هو ۽ رستو جهنگ مان هو. دادا چوي ته ڀٽ تي پهچان ته اَڄ رات جو ئي پهچان. پياري جشن پنهنجي هوشياري هلائي. هڪ ٽانگي واري کي ٻيڻ پئسن جو انجام ڏيئي ڪيس هلڻ لاءِ راضي ڪيو. دادا اهو واقعو هن طرح ٻڌايو آهي:

”ٽانگي ۾ چڙهياسين. رستي تي اونده، اڪيلائي، ڪيترو پنڌ ڪيوسون، پر ماڻهو ڏسڻ ۾ نـه اچي. پيارو جشن وري وري پيو چوي،“ دادا مٿان ٻاهر منهن ڏيکاريو! مان پاڻيهي هنن سان پهچندس! مان پيو چوان پيارا جشن! اسانجو سائين رکپال آهي.“ رستي تي ٻيون به تڪليفون ٿيون، ٿن جو ذڪر ڪين ڪندس. پر هڪ تڪليف هيءَ هُئي ته اسين ان ڀٽ جي نزديڪ هئاسين ته اُت ڪتن جي ڀونڪ شروع ٿي ويئي. پر ڪيئن بـه اسان پنهنجو رستو ڳولهيو ۽ وڃي پهتاسين ڀٽ تي!“

ڀٽ شاهه

دادا جاڳرتي رات ۾ شامل ٿيو، جتي ۸۰۰-۹۰۰ ماڻهو هئا. ڪي صوفي، ڪي ننڍا وڏا، ڪي هاري، ڪي دوڪاندار، ڪي مسڪين، ڪي فقير، انهن سڀني جي سنگ ۾ وڃي ويٺو هيءُ شاهن جو شاهه، ۽ وڃي سجدو ڪيائين شاهه لطيف اڳيان. جاڳرتي رات صوفين جي سنگ ۾، قرب جي ڪلام ٻڌندي ۽ حق جي حضوريءَ ۾ جاڳندي ڪاٽيائين. صبوح ٿيو، ڀٽ جي بستي ڏٺائين. ڀٽ تي وڏا وڻ هئا جن جڻ ته دادا کي پئي چيو: ”هيءَ ڀٽ، محبوب شاهه صاحب پنهنجي پاڪ هٿن سان ناهي اٿيئي. پنهنجي هٿن سان هن سرون ڍوئيون، پنهنجي هٿن سان هن چني ۽ گاري جا تغارا کنيا، پنهنجي هٿن سان هن ڌاڳيءَ جون ٻخالون کنيون ۽ اچي هيءُ سنڌر اُستان ٺاهيائين.

نه وري نه موٽيو. ڪاڪو نڪي شاهوڪار هو، نڪي خاص وڏوان هو، نڪي ڪي وڏو ماڻهو هو، پر دل ڪري هو بيشڪ مهان هو! اهڙا غريب دل انسان ئي ايشور جي درٻار ۾ قبول پون ٿا. سندس يادگيري دادا جي دل تي اُڪريل هئي.

دادا جو واءِ سور لهي ئي نه، پلٽ تڪليف وڌندي وئي. دادا ڀانيو ته هوا جي مٽاسٽا ڪريان، سو ڪراچيءَ وڃڻ جو خيال ڪيائين. سندس ٻئي پير، ٻئي هٿ ۽ ٻئي ڪلها سور ۾ ورتل هئا. ڪنڌ به مشڪلات سان ٿي چوري سگهيو. اهو ڏسي درڳداس پنجابيءَ دادا کي وينتي ڪئي ته ڪراچيءَ سڌو هلي منهنجي گهر لهو. دادا به يڪدم هائو ڪئي. سور وڌندو ويو. دادا به زور شور سان هري نام ڳائيندو ۽ ستسنگ ڪندو رهيو. نيٺ ڊاڪٽر نارائڻداس ميرچنداڻيءَ کي دادا جي سور لاهڻ جو شرف مليو. سندس علاج مان دادا کي فائدو پيو، پر وڌيڪ فائدو پيو ڊاڪٽر کي، جو هاڻي هو دادا جي وڌيڪ نزديڪ ڇڪيو ۽ ساڻس پريم جو ناتو ٻڌجي ويس.

ٽنومل ميرچنداڻي

ڪراچيءَ ۾ جيڪو ٻيو ڀاڳ دادا وٽ ڇڪجي آيو سو هو ٽنومل ميرچنداڻي. هو وڏو انجنيئر هو. کيس دادا لاءِ پريم ۽ شردا هئي. دادا کي سور صبر ۾ سهندو ڏسي ٽنومل وائڙو ٿي ويندو هو. وري جو دادا کي هر وقت ٻاڻي اُچاريندو ڏسندو هو، تنهن ته آقي ٻاقي به کيس ڏانهنس مائل ڪري ڇڏيو. سندس دل ۾ دادا لاءِ پريم ۽ شردا وڌندا ويا. سنتن جي تپسيا سدائين ڦلدائڪ ٿي ٿئي. ٻيو نه ته ڪو نه ڪو روح سندن تپسيا تي متاثر ٿي، ڏانهن ڇڪجي اچي ٿو ۽ رام رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿو.

حالتون بدتر

مهيني ڪن ڪانپوءِ دادا، درڳداس جي گهر مان اچي ڪرشنه

پوءِ ته جلدي ڇونڪارو مليس. خوش ٿي هو آيو دادا وٽ ۽ ويو سندس ڪمن ڪارين ۾ جنبجي. شيام ۽ سمت مالا جا ڳوٺ ڳوٺ، گرام گرام ۽ گهر گهر ۾ وڃي گراهڪ ڪيائين. دادا جي سندر پستڪن وڪڻ لاءِ دل ته سڄيءَ سنڌڙيءَ ۾ ڦرڻ لڳي هئس. ڪم لي هڪوار نڪرندو هو ته اُڃ بک جو خيال نه ڪندو هو. جي ڪٿي ڇتي بک ستائيندي هئس ته ڀڳڙا چباڙي پيٽ ڀريندو هو. اهڙي لڳن لڳل هئس دادا جي شيوا جي.

اونهاري جا گرم ڏينهن هئا. دادا وائي سور ۾ بستري تي هو. ڪاڪو چيلارام سندس آسپاس وٽي ڪم لي نڪتو. ميران اسڪول جون مهني ۾ کليو هو. ڪجھ وقت کان ڪاڪي چيلارام کي دل ۾ آيو ته جيڪر ميران اسڪول لاءِ بالڪيون وڌايان، جيئن گهٽيون بالڪيون دادا جي سندر آدرش جو فائدو وٺي سگهن ۽ پنهنجي جيون ٺاهين. سو هو ان شڀ ڪارڻ لاءِ ڪجھ وقت کان مشغول هو. هڪ ڏينهن جيئن ٿي هو هڪ گهر جي ڏاڪڻ تان هيٺ پئي لٿو، تيئن هڪ ڀڳل ڏاڪي تان ٿابو کاڌائين ۽ ٿابڙندو اچي هيٺ ڪريو. مغز ڌارو ڌڪ لڳس ۽ اتي ئي بيهوش ٿي ويو. کيس هنا دير اسپتال کڻائي ويا، پر سندس پران پکيڙو پرواز ڪري وڃي پرلوڪ پهتو. اهو ڏينهن ١٣ اپريل، پوتر ويساکيءَ جو ڏينهن هو. دادا جي آگيا انوسار، سندس اگني سنسڪار ڌام ڌوم ۽ وڏيءَ سان ڪيو ويو. دادا وائي سور ڪري بستري داخل هو، تنهن ڪري اُتي، مٿان ماڙيءَ تان ئي سندس ارٿيءَ کي نمسڪار ڪري آسيس ورتائين. ان سڀاڳي ڏينهن گرو گوبندسنگهه خالصا پنٿ جاري ڪيو هو.

دادا جي دل کي ڇڳو صدمو پهتو. ڪاڪو شرير جو سگهارو ۽ رشٽ پشٽ هو. ڪڏهين تپ ٿاءُ به مشڪل ٿيندو هوس، ٺٺيءَ ٿڌيءَ پيو دادا جي سندر ڪارڻ لاءِ ڪاهيندو هو. هيئنئر به صبح جو نيڪ ناڪ هو جو ڪم لي نڪتو. پر وچ کي ويو

ٻين هنڌ مسلمانن جي سلامتيءَ ۽ هندو مسلم اتحاد لاءِ سر توڙ ڪوششون ڪري رهيو هو. ان ڏينهن هن ورت رکيو، چرخو هلايو، گيتا جو اڀياس ڪيو ۽ پرارٿنا ڪئي.

بيشڪ دادا جي دل ۾ ڪٺي چُڀي ته سيني سنتن ۽ مهاپرشن جي دلين ۾ درد هو. ڪهڙو ستپرش، هيئن رت جون نديون وهنديون ڏسي خوش ٿيندو؟ ڪهڙو مهاپرش انسانن کي هيئن دربدر، خاڪ بسر ٿيندو ڏسي سنتوشي ٿيندو؟ لوڪن جي دلين ۾ ورلاپ ۽ هاهاڪار متل هو ته مها آتمائن جي دلين ۾ به درد جو دريا، طوفان جي تيزيءَ سان ڇوليون ماري رهيو هو. هو سانت اُي سانت ۾ زوريءَ، زبردستيءَ، ظلم ۽ ڪفر جو قهري ۽ ننگو ناچ ڏسي، ڳجها ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا. هو پريو پرماتما کي پڪاري رهيا هئا ته اي پريو، انسان ذات جو خير ڪر. هندو مسلم جو خير ڪر. اهائي پرارٿنا، جا دادا، هيئنر وري وري ٿي ڪئي، سا سندس اسيءَ نند پڻ ۾ ڪيس سيڪاري هئي.

لڏ پلاڻ چالو هئي. ڪانگريسي اڳوانن ڳجهيءَ طرح هندن کي پئي صلاح ڏني ته سنڌ ڇڏي هندستان هليا وڃو. ويچارا هندو، پنهنجا چنا ڇڏي، ڀارت ڏانهن پئي ڀڳا. ڪراچيءَ جي ڪرشت ڪنج جي نڪت، جي هندو رهيل هئا، سي به وڃي رهيا هئا، پر اڃا به ڪيترا رهيل هئا. هو دادا جي صلاح وٺندا هئا. دادا ڪين پنهنجي اپديش دوارا اتر ڏيندو هو. هڪ اپديش ۾ چيائين. اسان سڀني جو آسرو اُتو هڪ نام، نام آهي اسانجو رکپال. نرنجن نام ڪندو اسانجي سنڀال!

هن زماني واسطي اُتو هڪ ساڌن: جت هجو، سنڌ ڏان ٻاهر هجو يا سنڌ ۾ هجو، اُت تڪليفن ۾، مشڪلاتن ۾، شل هڪ ساڌن نه وساريو، نام اچاريو. پريوءَ جو نام اچاريو. ستسنگ جو مهامنتر اچاريو:

ڪنج ۾ رهيو جو هاڻ سندس صحت گھڻي بهتر هئي. پر هوڏانهن سنڌ جي هندن جي حالت ويئي بدتر ٿيندي. هندوستان مان جيڪي مسلمان، سنڌ ۾ پناهگير ٿي آيا، تن سنڌي هندن کي ڏاڍو هراس ۾ اچي وڌو. ان ڪري ويچارا هندو، ڏکيا ڏينهن ڏسي، دٻ ۾ ٿي رهيا. ڪي نه پنهنجيون ملڪيتون ڪوسا ڪوهر ڪري وڪڻي، ڀارت هليا ويا. ٻيا وري سنتن ۽ پيرن فقيرن جا در ڏسڻ لڳا. ستسنگين لاءِ دادا ئي اڪيلو آسرو هو. هو ڪيس ڪراچيءَ ۾ خط پٽ لکندا رهيا ۽ دادا به ڪين جواب ۾ منا اکر لکندو هو.

۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ع جڏهن نزديڪ پهچي آئي، تڏهن وايو منڊل ۾ هلچل وڌندي پئي ويئي. ان ڏينهن پاڪستان وجود ۾ آيو هو. ان ڏينهن سمپورڻ ڀارت کي ديش جي حالت ڪري ٻن به ٽڪرا، هندستان ۽ پاڪستان ٿي ڪيو ويو. ٻنهي ديشن ۾ آزاديءَ جا جشن ملهايا ٿي ويا، پر لکن جي دلين ۾ دک هو. هندستان ۾ مسلمانن سان ۽ پاڪستان ۾ هندن سان ڏاڍا ظلم ۽ ستم ڪيا ٿي ويا. هندو نياڻين کي مسلمانن زوريءَ پنهنجي گھرن ۾ پهچائي ساڻن شادي ٿي ڪئي. ڪن ڪن هنڌ نه هڪ هڪ مسلمان چئن چئن هندو نياڻين سان ٿي نڪاح وڌو، جو سندن مذهب ۾ چئن زالن کي رکڻ جو حق آهي. افسوس! صد افسوس!! ڪنهن به دل ۾ آزاديءَ جي سچي خوشي ڪانه هئي. دليون دکي هيون. من مايوس هئا. آزادي ملي، پر شانتي ۽ صلح ڪين برپا ٿيو.

آزاديءَ جي ڏينهن جي پڪش لاءِ دادا کان سنيهو گھريو ويو. دادا پاڻ نه حاضر ڪين ٿيو، پاڻ کي هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند رکي، ڪشٽ ۾ آيل بيگناهه ۽ بيواهه انسانن جي سک ۽ سلامتيءَ لاءِ پربوءَ کي پئي پڪارون ڪيائين. هوڏانهن هندوستان ۾ مهاتما گانڌي دهليءَ ۾ آزاديءَ جي جشن ۾ شامل ڪين ٿيو. پر بنگال جي نواکليءَ ۾

ڪڏهين ڪڏهين ڪي پنجابي ٻالڪيون جوش ۾ اچي وينديون هيون ۽ خسيس ڳالهه تان هڪ ٻئي ۾ ٽڪرنديون هيون ۽ آڳٻگولا ٿي وينديون هيون. منهنجو ساٿي ڏاڍو مٺو ناٺو ٿي ويو هو. سو مون هڪ لڳا ڇيومان ته ٻالڪيون جي توهين ٿوري ڳالهه تان ايترو تيون جوش ڪريو ته پوءِ توهان جي گهرن ۾ ته سک شانتي هوندي ئي ڪونه؟ تنهن تي ڪلي ڇيائون ته اسين ٿورو وقت جوش ڪري پوءِ ويهي رهئون. ائين جهڳڙو ٽري وڃي.

مسلمان ٻالڪيون کيل ڪُود ۽ ناچ ٽاپ جون شوقين هيون. اسان هڪ ڪان وڌ يڪ ڀيرا کيل ڪيا جت سيني دادا کي ڪوٺ ڪئي. دادا اڳيان هيءَ ٻالڪيون ڪوبه پڙدو ڪين ڪنديون هيون. مسلم ٽيچرس به ڏاڍيون سباجهيون ۽ سمجهو هونديون هيون. انهن مان ڪي ته شاعري به ڪنديون هيون. شايد پڙدي اندر رهي سندن ڪلپنائون ۽ روح اُمنگ وچان ڀيو اُڏامندو هو. هنن مون کي هر ٻر ڪار جو ساٿ ڏنو. ٻالڪين ۾ ٻيائيءَ ۽ وڙو روڌ جسا ويچار ڪين هئا. وڏا جُدا آهن. اُنهن ۾ ئي اهي اوگڻ ٿين ٿا ۽ هو ٻين کي خواهه مخواهه پڙڪائين ٿا.

اسان سان به ائين ٿيو. ميران اسڪول جو ڪاروبار ڏاڍو سٺي نموني ۾ هلندو هو. گنگارام کي بلڊنگ گرانٽ ڪپندي هئي ڇو ته اسڪول جي نئين عمارت ٺهي هئي. ڪلهن تي قرض هو. سو گنگارام جلد جلد ڀيو ڪراچيءَ ويندو هو سرڪار جو در کڙڪائڻ، جيئن گرانٽ ملي ۽ قرض کسان نجات ملي. سندس ٻرپٽ اسڪول ڀيو هلندو هو. مون کي ته ذرو به ڀؤ ڪين لڳندو هو. مان چوندي هئس ته دادا مون سان ساڻ آهي، پوءِ ڀؤ ڀولو ڇا جو؟ ايشور جي اپار ڪرپا سان اهو صدق اڄ ڏينهن تائين مون کي ڏکين ڏينهن ۾ جهلي بيٺو آهي. ۱۹۴۷ سال جا ڏينهن ڏاڍا ڏکيا هئا. ڪي ڪٽر مسلمان هندو گهرن ۾ پٿر

هري رام، هري رام، رام رام، هري هري!
هري ڪرشن، هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن، هري هري!!"

آگسٽ جو مهنو پورو ٿيو. سيپٽمبر به پورو ٿيو. آڪٽوبر به اچي سهڙيو. دادا هاڻ ويچار ڪيو ته حيدرآباد هلجي. حيدرآباد جا ستسنگي، وشيش طور آشرم جون نياڻيون، جن جو سهارو ڪيول هڪ دادا ئي هو، سي ڏينهن رات پيئون پڪاريندڙيون هيون ته ڪڏهن ٿو دادا هت اچي؟ حيدرآباد ۾ بهاري ۽ پنجابي مسلمان گهڻيئي اچي ويا هئا. گليءَ ۾ جڻ ته ڪوس گهر لڳي ويو هو، جو مسلمان ريون ٻڪريون ۽ گهٽين ۾ ماري سندن ماس رڌي کائيندا هئا. ڪي مسلم پناهگير گهٽين ۽ رستن ئي ۾ پنهنجا ڏڏا ڏڏيون وجهي زندگي ڪاٽي رهيا هئا. اهي هندن کي لنگهندو ڏسي بغض ۽ ڌڪار سان ڏانهن نهاريندا هئا ۽ ڪڏهن ته بهاني ڪ بهاني ساڻن گارگند ۽ ڇيڙڇاڙ به ڪندا هئا. انهن مان ڪي هندوستان مان گهڻو ڪجهه سهي آيا هئا. پر دادا کي ته اهي مسلمان به پيارا هئا. سو هن انهن جي به آسيس ورتي ۽ ڪين اُتو ۽ لتو ڏنو. اهو وهنوار ڏسي مسلمانن جي منورتيءَ ۾ ڪجهه تبديلي آئي. هو دادا کي هاڻ درويش دادا ڪري ڪوٺڻ لڳا. ڪيس چوڻ لڳا ته اَءِ درويش دادا، توهين کهڙا نه نيڪ اِنسان آهيو! دادا وري کين مشڪي چوندو هو ته مٿان مون کي نيڪ ڪري سمجهيو اٿو. سڀني ۾ سنو اٿو اِڪ الله.

مسلم ٻالڪيون

لڏ پلاڻ جي ڪري ڪيتريون سنڌي ميران ٻالڪيون حيدرآباد مان هلي ويئون هيون. سندن جڳهه ميران اسڪول ۾ وري مسلم ٻالڪين ورتي. انهن مان گهڻيون پنجابي ۽ بهاري هيون. هيءَ مسلم ٻالڪيون ڏاڍيون سنيون هيون. مون ته هندن ۽ مسلمان ٻالڪين ۾ ڪو وشيش اَنتر ڪين ڏٺو. البت

هئا. هنن فيصلو ڪيو هو ته جڏهن دادا هندوستان ويندو ته ڏهن اسين به وينداسين. ڊاڪٽر پرنم جو سڄو گهر لٽجي ويو، شڪر جو گهر جا ڀاتي سلامت بچيا. هاڻي خوبچند ۽ ڊاڪٽر حشمتراءِ ڪراچي ڇڏي اچي حيدرآباد رهيا. حيدرآباد ۾ دادا هو تنهن ڪري ڪين آنت هو. هيرآباد ۾ ڪيترا ئي گهر خالي هئا. ڊاڪٽر منگهن مل اچا حيدرآباد ۾ هو. ڪيس وڏو شاهي گهر هو. سو هن ڊاڪٽر ٿڌاڻيءَ کي ڀاڙو وٺ رهائي ڇڏيو. خوف جي وقت گڏجي رهڻ ۾ ئي سلامتي هئي. وقت جون خوفناڪ حالتون ڏسي دادا پنهنجن پرمين کي صلاح ڏني ته توهين هندوستان هليا وڃو، جيتوڻيڪ ڪين ڇڏڻ تي دل به ڪانه ٿي ٿيس.

مهاتما گانڌيءَ جي هتيا

ڏينهن پنهان ڏينهن نبر ندا ويا، تان جو اچي ٣٠ جنوري ١٩٤٨ع سهڙي. سنڌيا جو سمو هو. سورج ديوتا اُست ٿي ويو. سنسار مان سورج جي روشني الوپ ٿي ويئي. آڪاش ۾ ڪارا بادل ۽ ڌهن ئي ڏسائن ۾ انڌيرو ڇانئجڻ لڳو. ٺيڪ ان سمي دادا، جيئن هميشه ستسنگ ۾ ويٺي لتو، تيئن ڪنهن اچي اُتاولائيءَ مان هيءُ دکدائڪ سماچار ٻڌايس ته ”دادا! مهاتما گانڌي هاڻي ڪين رهيو. دهليءَ ۾ ڪنهن هنسڪ ڪيس ڇاتيءَ ۾ گوليون هڻي سندس هتيا ڪئي آهي.“

ڳالهه وشواس ۾ ئي نه ويٺي آئي. پر جيئن ته نهايت مهتوَ پورڻ هئي، تيئن سڀني جا چهرا اُداس ۽ مايوس ٿي ويا. دادا ته بلڪل مؤن ۾ اچي ويو. ستسنگ پورو ٿيو. اسانجي دلين ۾ دک ۽ ڏکٽي هئي. سڀيئي ڪنا ٿي دادا جي ڪمري ۾ آياسين. دادا جون اکيون غم ۾ آليون هيون. دادا جي ڪمري ۾، رات جو ريڊيو آڻي اها دکدائڪ خبر ٻڌي ويٺي ۽ سڀني جا ڇڪا ڇڏجي پيا. سڀني ۽ خاص ڪري دادا ائين اُنڀؤ ڪيو ته اُچانڪ هڪ هڪ پنهنجو پيارو وڃايو آهي. سڀني جي چدآڪاش ۾

اُڇلا ئيندا هئا. اسانجو اسڪول به سنڌن ناپاڪ نظرن ۾ ٿي پيو. هيڏي شاندار عمارت! هڪ هڪ ڪمرو سٺي فرنيچر سان سجايل! سو ڪن خبيثن کي خفقان ٿي پيو ته هي هندو ڪير جي پاڪستان ۾ اچا ڌرڙو ماري، آرام سان ويٺا آهن ۽ هيڏي عمارت رکي ويٺا آهن؟

گنگارام دوراندیش هو، سو رکي رکي پيو ميٽنگيون ڪندو هو، جتي هندو مسلمان اچي ڪٺا ٿيندا هئا. دادا درويش اتي قرآن شريف ۽ محمد پيغمبر بابت ڳالهائيندو هو. هندو ۽ مسلمان ٻئي ڪيس ٻڌي حيران ٿيندا هئا. هڪ ميٽنگ ٿي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر، پروفيسر حليم سڀاپتي ٿيو. هن دادا ۽ سندس علميت بابت گهڻو ڪجهه ڳالهايو. دادا ته گيتا، قرآن ۽ انجيل ۾ هڪ ئي جوت پسي هئي. اسلام جي سکيا دادا هنن اکرن ۾ ڏني: "صلح ۽ شانتيءَ ۾ رهي هڪ ٻئي کي پيار ڏيو ۽ دکين غريبن جي سيوا ڪريو."

پر مسلمانن ڪٿي ٿي اسلام جي سکيا تي عمل ڪيو؟ جي ائين ڪن ها ته ڇو ٢٦ ڊسمبر ١٩٤٧ع هندن جي قتل ڪن ها؟ باقي بلڪل ٿورا هندو وڃي حيدرآباد ۾ بچيا هئا. پر مسلمانن انهن ٿورن کي به سک سمهڻ نه ڏنو. ويچارا هندو هراسجي ويا. مسلمانن ته زور زبردستيءَ جو پلئو پڪڙيو هو. شڪر جو سرڪار شهر سان ڪرفيو لڳائي ڇڏيو. مسلمانن کي اڃا به ٻؤ نه ٿيو. هنن ته هندن کي جهڙ ڀڃي ناس ۽ نابود ڪرڻ جي ڪمر ڪشي هئي ۽ ڪين دنيا مان اڏائڻ جو سنڌرو ٻڌو هو. ان ڪري ڪراچيءَ ۾ ٦ جنوري ١٩٤٨ع هندن سان جي انهن اٿو بتون ڪيون، سي ڏرن ڏڪائي ڇڏيون. هنن گهرن ۾ گهڙي خوب لوٽ مار ڪئي ۽ هندن جو قتل عام ڪيو. دادا جا ڪي پريمي جهڙوڪ ڊاڪٽر هشمتراء ٽنڊاڻي، پياع خوبچند شوداساڻي، ڊاڪٽر پريم رامچنداڻي ۽ ٻيا ڪراچيءَ ۾ رهيا پيا

پاڪستان ۾ جنماشٽمي

سنه ١٩٤٨ع جي جنماشٽمي آئي. ساوڻ جي ورکا رت پاڻ سان گوڪل ۽ برندابن ڌام جي منڙي شيام سندر جي ون، منڙيون منڙيون سمرتيون کڻي آئي. اهو سڀاڳو ڏينهن ستسنگ ۾ اُتساهه سان ملهايو ويو. منجهند جو لنگر ٿيو. لنگر لاءِ پُوڙيون هندن سان گڏ مسلمان ٻالڪين ۽ اَڌياپڪن خود وهليون. هو لنگر ۾ پڻ شامل ٿيون. هر ڪو ميلو ڏسي هو ڏاڍو خوش پئي ٿيون. سنجها جو هميشهه جيان شري ڪرشن جي جيون مان نرمل ناٽڪ ٿيو ۽ راس ليلا پڻ ٿي. رات جو جاڳرڻي ستسنگ ٿيو. پارٽي سندين کي جڏهين اهو سک سماچار مليو، تڏهين هو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ دادا جي همت کي آفرين ڏيڻ لڳا. پر حيدرآباد جا ڪي ڪٽر مسلمان، اهو سڀ ڪجهه ڏسي سهي ڪين سگهيا. هو پئي پوسريا ۽ ڪنهن وجهه ۽ وقت جي انتظار ۾ هئا ته ڪيئن به هنن هندن کي وديش موڪلي ڏيون. اهو وقت ۽ وجهه ڪين جلد ملي ويو.

١١ سيپٽمبر ١٩٤٨ع جو خبر آئي ته پاڪستان جو نيتا، محمد علي جناح، سخت بيمار آهي. کيس ڪراچيءَ مان ڪٽائي ڪوئيٽا بلوچستان وٺي ويا هئا. اُت هن پراڻ ڏنا. اها خبر جڏهين حيدرآباد پهتي ته دادا ستسنگ ۾ کيس پنهنجي شردانجلي ڏني. ستسنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ روزمره جيان ڪڙاهه پرساد ورهايو ويو. ١٢ سيپٽمبر ڀارتي فوجن حيدرآباد دکن جي نظام جي فوجن تي ڪاهه ڪئي. ان اوچتيءَ لڙائيءَ لاءِ پاڪستان بنهه تيار ڪين هو. هڪ ڏينهن اڳ جناح جو موت ٿيو هو ۽ هينئر جڏهين کين هيءَ خبر ملي ته جنسي ٻاهه وٺي وين. هاڻ ته اچي چڙيا ۽ پرڻ ڪيائون ته پاڪستان ۾ باقي رهيل هندن کي ٽڙي ڪڍنداسين. ان لاءِ هنن ويهن ئي نهن جو زور لڳايو. نام نگر ته اڳهٽي سندن اکين ۾ هڪ ڪنڊو ٿي پئي چڀيو. رکي رکي

ڏک جون گھنگھور گھٽائون ڇانئجي ويئون. ڀارت جو ٻندوُ، ديش جو دلارو، ڪروڙن جي اکين جو تارو، مهاتما گانڌي، ڇا ائين اچانڪ پرلوڪ پڌاريو. اُن جهڙو ڏکدائڪ ۽ دل کي ڏڏڪو ڏيندڙ واقعو هن اڳ ڪڏهن ڪين ٿيو هو.

ٻئي ڏينهن دادا ۽ سڀني ستسنگين (جيئن ڀارت ۾ ڪروڙن) اُپواس رکيو. ريڊيو تان رکي ورلاپ جون وارتائون پئي آيون، باقي درد ۽ غم ڀريل گيت ۽ ساز پئي ٻڌڻ ۾ آيا. سنڌيا جو جڏهن مهاتما گانڌيءَ جي اگني سنسڪار جو دل ڏاريندڙ درشيه ريڊيو تي ورنن ڪيو ويو، تڏهن مس سڀني سنان پاڻي ڪري اَلپ آهار کاڌو. هڪ هڪ جي هرديه اندر هڪ وشال خال رهجي ويو. دل دل ۾ اڳيئي ڀؤ ۽ هراس ڇانيل هو. هينئر ته ڏک ۽ نراشا جا بادل سڀني ڏسائن ۾ ڇانئجي ويا. مهاتما گانڌيءَ جي وڃڻ کان پوءِ، ڄڻ ته دلين جو پيارو ۽ جيون جو سهارو هليو ويو. دليون ٽٽي پيئون هيون.

ههڙيون گنڀير پرستٿيون اچي پيدا ٿيون، ته به دادا کي پاڪستان ڇڏڻ جي پريرڻا ڪين پيئي. سندس ڪيترا شش ۽ شرڌالو پريمي، وطن کي وداع ڪري، هندوستان هليا ويا هئا. انهيءَ آشا ۾ ته دادا اجهو ڪي ڀارت ڀوميءَ ۾ آيو. پر هن ته سنڌڙي ڇڏڻ جي ڪا وائي ڪين ٿي واري. ڪي ته موريو واپس هليا آيا، جيئن دادا جي نڪٽ هجن. پر جي ڀارت ۾ هئا تن کي ڏاڍي چنتا ويڙهي ويئي. ڪين سنڌ ۾ ٿيندڙ خون خرابيءَ جون خبرون پيئون پهچنديون هيون. هر وقت سندن دل ئي دل مان اها پڪار اُٿندي هئي ته هي پريو! اُسان جي دلين جي پياري دادا کي سدا سلامت رکج، سندس وار به ونگو نه ڪج، ڪيس پنهنجا هٿ ڏيئي سلامت رکج. هو دادا کي جلد ڀارت ۾ اچڻ لاءِ پيا منٿون ڪندا هئا ۽ پتر لکندا هئا. پر دادا اڏول ويٺو رهيو.

رهي آهي. ان مسلمان پيرڻ جي ٻالڪي ميران اسڪول ۾ پڙهندي هئي. هوءَ وقت به وقت پيئي مونکي ملندي هئي. ڏاڍي شريف پيرڻ هئي. مان آفيس ۾ گهڙيس ته هوءَ اُٿي بيٺي ۽ يڪدم ڳالهائي شروع ڪيائين. چيائين ته "هيڊ ماستراڻي جي، آپ ذرا خبردار رهيئي. آپ ڪي اسڪول ڪو آگ لڳاني ڪا فيصلا ڪيا گيا هئ." اهو ٻڌي مون ڌيرج سان چيومانس ته "پٽڻ جي، آپ فڪر مت ڪيجيئي. اَب تڪ تو اَيسا حڪم، اوپر (ڀڳوان) سي نهين نڪلا هئ. سو وو لوگ همارا ڪڇ نهين بگاڙ سڪتي هئن".

منهنجي ڌيرج ۽ آتم وشواس جا شبد ٻڌي هيءَ پيرڻ واڻڙي ٿي ويئي ۽ پوءِ مونکي سڄيءَ سازش کان واقف ڪيائين ۽ چيائين ته هو ماڻهو تنهنجي دادا جي جان جي پٺيان اچي پيا اَٿيئي. اهو ٻڌي مان بيشڪ دل ۾ گهٻرائجي ويس. شڪر جو گنگارام ان ڏينهن آئي ٿي هو. هيءَ پيرڻ ويئي ته مون سربستي ڳالهه گنگارام سان ڪئي. اسين ٻئي دادا وٽ آياسين ۽ کيس سڄي ڳالهه کان واقف ڪيوسين. مونکي ٻين مسلمان پيرڻن پڻ ان منصوبي بنسبت آگاهه ڪيو هو.

اُن وقت جو حيدرآباد جو ڪليڪٽر، ولي الله، هڪ خدا ترس انسان هو ۽ کيس دادا لاءِ ڏاڍي عزت هئي. حالتون ڏسي هن ڊاڪٽر منگهنمل جي معرفت دادا کي صلاح ڏياري موڪلي ته توهين هينئر وڌيڪ وقت حيدرآباد ۾ نه رهو. ڪنهن به وقت ڇا به ٿئي. مجموني جا ماڻهو مستيءَ ۽ پاگلپڻي ۾ اچي ڪجهه به ڪري سگهن ٿا. واسواڻيءَ جي حياتي قيمتي آهي. دادا اَجا به سانت ۾ هو. ٻر هڪ ڏينهن اهو به آيو جڏهن هڪ دکدايڪ حادثو ٿيو ۽ دادا کي اڪڙو فيصلو ڪرڻو پيو. هڪ آرتوار صبح جو ڪي پاٺر ۽ پيئر ستسنگ ڏانهن پئي آيا ته ڏسن ته هيرآباد جي گرسنگت پارڪ ۾ هڪ ستسنگي پاءِ موليرام گدواڻي

اٿي ڀڙڀازي ڪرڻ لڳا ۽ گار گند به ڪڍڻ لڳا ۽ ڍڪيل ۽ ظاهري ڌمڪيون به ڏيڻ لڳا.

دادا کي هاڻي ڀروُن پوڻ لڳا ته حيدرآباد ۾ گهڻو وقت رهي ڪين سگهبو. ڪيس اَڻڳڻت پستڪ هٿان جي سڀ ته هندوستان ۾ ڪٿي هلڻ اَسنڀؤ هئا، سو پيو واچيندو هو ته، ڪهڙا وڌيڪ ضروري پستڪ آهن ته اهي ڪٿي هلان. اهو ڪم ڪندي ڪيس چڱو ٿڪ محسوس ٿيو ۽ سندس صحت ڍهي پيئي. ڊاڪٽر منگهنمل جو اُچا اٿي هو، تنهن دادا جي ڏاڍي پيار ۽ قرب وچان دوا درمل ڪئي. هڪ پاسي وايو منڊل ۾ وڪشيپ ۽ وڌاءُ ته ٻئي پاسي دادا بستري داخل! اهو سڀ سهڻ ڪان ٻاهر هو. پر دادا سديوُ اهائي سکيا ڏني ڏني ته جيڪي ٿئي اچي سو سويڪار ڪريو. هن پريکيا جي سمي اها سکيا سڀني لاءِ چڱي لاڀدايڪ ثابت ٿي.

تنهن وچ ۾ حيدرآباد ۾ هڪ عجيب واقعو ٿيو. ڪن ڪٽر مسلمانن ميران اسڪول ۾ پڙهندڙ هڪ مسلم بالڪيءَ کي ڀنيلا ٿي سيکاريو ته تون شام جو مسلمانن جي پريءَ سڀا ۾ اُٿي چئه ته واسواڻيءَ جي ستسنگ ۾ جناح جي موت تي خوشيون ملهايون ويئون ۽ حلوو ورهايو ويو. سچ ته ستسنگ ڪان پوءِ نيم اَنوسار ڪڙاهه پرساد ٿي ورهايو ويو هو، جنهن کي مسلمانن "حلوو" ٿي ڪوٺيو. هيءَ بالڪي سندن ڦندي ۾ ڦاسجي ويئي ۽ جيئن ڪيس سيکاريو ويو هو، تيئن ٿي چيائين. بس، پوءِ ته هزارين مسلمان اچي چڙيا ۽ ڪي جوڪي وڪلڻ لڳا. هڪ مسلمان ته بستول ڏيکاريندي للڪار ڪئي ته واسواڻي زنده نه رهندو. بس ورڙي گڏجي هنن منصوبو رٿيو ۽ گهات گهڙيو ته ميران عمارت کي باهه ڏيئداسين.

ٻئي ڏينهن مان اسڪول ۾ ڪلاس وٺي رهي هيس ته مون وٽ هڪ ماڻهو آيو جنهن چيو ته هڪ پيڙ توکي آفيس ۾ سڏي

اَڳيان ٿي ڦري. ڪيئن نہ هن شام جو سِتسنگ ۾، گرميءَ جي ڪارڻ، پنهنجي هٿن ۾ وڏو وڃڻو جهلي سنگت کي هوا ٿي ڏني. ڪمس گهڻو ئي چيو ويو هو تہ اها شيوا ٻين کي ڪرڻ ڏيو، پر هن هڪ بہ نہ ٻڌي هئي. هو سانت ئي سانت ۾ نام ٻہ ڄپيندو رهيو ۽ پنکو بہ لوڏيندو رهيو. اهڙو شيواداري سِتسنگي اَڄ خبيثن جي خنجر سان خون ٿي ويو. هيءَ زندگي [ڪهڙي نہ بي بقا آهي! اِنسان اَڄ آهي تہ سڀاڻي ڪونهي. اهڙي ويچار ڪندي ڪندي ٿڪ ۾ اک لڳي ويئي هئم تہ دادا آڏيءَ راتجو مونکي نياپو موڪليو. مان وٽس ويس تہ چيائين تہ هري، اَسين سڀاڻي ئي ڪراچيءَ هلنداسين، تون پنهنجو سامان سڀ تيار ڪج." مونکي خاص تہ ڪو سامان هو ڪونہ، جو تيار ڪريان. جيڪي ٿورو گهڻو هو سو تہ اڳم ئي تيار ٿيو پيو هو، سو واپس وڃي ليٽي پيس. پر ننڊ ڪٿي؟ ننڊرا ديوي تہ اَڄ موڪلائي ويئي.

صبوح ٿيو. پوڄا، پرارٿنا ڪانپوءِ نيم اَنوسار اِسڪول ويس. ٻاهران تہ ڪجهہ ڪڇيم ڪين. ڇو تہ اَسان سيٺي چاهيو ٿي تہ اَسين چپ چاپ ۾، بنا شڪ اُٿارڻ جي، پياري دادا کي حيدرآباد جي زهريلي فضا مان ٻاهر وٺي وڃون. سو ميران اِسڪول جي هڪ هڪ ڪمري ۾ وڃي سانت ۾ سر جهڪايم. ميران اَڌياپڪن کي رسيس جي وقت مليس ۽ سانت ئي سانت ۾ سندن آسيس ورتم. مونکي تہ ذرو بہ ويچار ڪين آيو تہ هو ڪو مسلمان هيون. مونکي هنن اهو ئي ساٿ ۽ سهڪار، قرب ۽ پيار ڏنو هو جهڙو هندو ڀينرن ڏنو هو. اَلبت جڏهن اهو ويچار آيو تہ ميران ٻالڪين کان بنا موڪلائڻ جي وڃان ٿي تڏهين دل ڀرجي آيم. پر مان مجبور هئس. حالتن لاچار ڪيو هوم. اها ٻہ پڪ هئم تہ کين بيحد صدمو پهچندو، جڏهين ڏسنديون تہ سندن "بڙي آپا" (وڏي ڀيڻ، ڇو تہ هو مونکي ان نالي سان سڏينديون هيون) ڪانئن موڪلائڻ بنا هلي ويئي ۽ ٿيو بہ ائين. جڏهن ڏينهن ٻہ گذري ويو

خون ٿيو پيو آهي. مونيرام کي هڪ کان وڌيڪ ججهيون هيون. هو پنجن نياڻين جو پتا هو. ويچار هوس ته ججهيون نيڪال ڪري نياڻين لاءِ نساٽو هندوستان ڪٽي هلان ۽ پر بندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب جي من ۾ ٻي. سندس ججهين تي زوريءَ قبضي جي ويچار کان رات جي وقت ڪيس ڇرو هڻي خون ڪيو ويو.

ڀرت اها وارادات دادا کي ٻڌائي ويٺي جا ٻڌي هو چنتاتر ۽ شانت ٿي ويو. سو چيائين ته جيستائين هو ڀاڱ پاڪستان ۾ رهيل هوندو تيستائين ستسنگي به سندس اُجهي رهيا پيا هوندا. کهڙي خبر ته انهن جي کهڙي حالت ٿئي؟ سندن جوابداري به مٿس هئي. تنهن ڪانسواءِ ڀارت مان به اَنيڪ وينتي پتر ۽ آراڌ نائون پئي آيون ته دادا، هساڻ جلد هت هليا اَچو. اِئي وڌيڪ رهڻ خطري کان خالي ڪونهي. هت اَچي پلي شيوا ڪرڻو. هت توهان جي گهڻي ضرورت آهي. هت ڪٿمين ۾ ويچارا ريڍن ٻڪرين وانگر جانورن جي ذليل زندگي گهاري رهيا آهن.

نيٺ دادا کي پريرنا پيئي ۽ آڌيءَ رات جو، اوندهه جي پڙدي ۾ هن پنهنجي وطن سنڌڙيءَ کي هميشه لاءِ وداع ڪرڻ جو ڊرڍ نشچو ڪيو. اهو کهڙي نـه ڀاري دل سان ڪيو هوندائين، سو سيڪو سمجهي سگهي ٿو. مونکي مسين مسين اک لڳي هئي جو منهنجي دل تي ڀاري بار هو. پاڻ مونيرام گدوائي جنهن جو خون ٿيو هو، سو ميران اسڪول جي جهوني اَڌياپڪا، لڇميءَ جو پوڄ پتا هو. لڇميءَ جي ڀينرن ميران اسڪول ۾ ئي وديا ورتي هئي. منهنجو سيٺي سان گهاٽو ناتو هو. سندن دکي دل جا ويچار منهنجي دل کي ستائي رهيا هئا. نياڻين جي سک خاطر، سندن پتا ججهين وڪڻڻ ۾ مشغول رهندي، پنهنجو پاڻدان ڏنو. مونيرام جي تصوير منهنجي اکين

کو مسلمان پناهگير لکو نہ ويٺو هجي. اُسان سيٺي کي دادا جو ڳهڙو خيال رهندو هو. شانتي رکي رکي مونکي سس پس ۾ چوندي هئي نہ کٿي ڪير لکو نہ ڪين ويٺو آهي؟ مان کيس وري وري چوندي هئس تہ شانتي، اسانکي کهڙو پتو پولو؟ اسين تہ دادا جي ڇپر ڇايا ۾ سلامت ويٺا آهيون. پر ان وقت هن دل جا ويچار حيدرآباد ۾ نياڻين ڏانهن ويندا هئا، جي دادا کان دور هئڻ ڪري ڪين ڏينهن ۾ آشرم ۾ رهيون پيئون هيون. دادا بہ اونو رکي روز جشن کي چوندو هو تہ فون تي سندن خبرچار وٺ. هو تہ اها آس پائي ويٺيون هيون تہ ڪڏهن تہ دادا آڳيا ڏئي تہ حيدرآباد ڇڏي ڪراچيءَ اچون. دادا وري جڏهن آزاد ٿئي، تڏهن ڪين اچڻ لاءِ چوي نہ! دادا کي پنهنجيون بہ جايون هيون، جن جو نيڪال ڪرڻو هو. اهو ڪم جشن تي هو. هو بہ گهڻو شير واڻي ڪوٽ پائي، ٻاهر ڪم تي نڪرندو هو ۽ ان پوشاڪ ۾ هو هڪ ڀاري مسلمان پيو لڳندو هو، نہ تہ هن لاءِ اڪيلو ٻاهر نڪرڻ خطري کان خالي ڪين هو. اسانجي ڪن تي پيا پڙلاءُ پوندا هئا تہ فلاڻي کي فلاڻي هنڌ، فلاڻي هندوءَ يا سک کي ڇرو هڻي ختم ڪيو ويو.

نيٺ ايشور جي ڪرپا ٿي. اهو ڏينهن بہ آيو جڏهن دادا آزاديءَ سان پاڪستان ڇڏڻ جهڙو ٿيو. اُن ڏينهن ئي حيدرآباد ۾ فون ڪرايائين تہ سڀ ڪراچيءَ اچن. کي نياڻيون ۽ کي ڪٽنب جهڙوڪ: ڊاڪٽر ٽڏاڻي، مولچند واسواڻي ۽ ٻين جون آکيون دادا جي ساڻي جهنڊي ڏسي، سڀ گڏجي ڪراچيءَ هليون آيون ۽ اچي دادا جي آسپاس ورتائون. اسين ١٠ نومبر ١٩٤٨ع تي هوائي جهاز ۾ بمبئيءَ وڃڻا هئاسين. ٻين سيٺي لاءِ پاڻيءَ جي جهاز جون ٽڪيٽون ورتيون ويئون ۽ هو ١٢ نومبر ڪراچيءَ مان نڪرڻا هئا ۽ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ بمبئيءَ پهچڻا هئا.

۽ مونکي اسڪول ۾ ڪين ڏنائون ۽ جڏهن سندن ڌيان ۾ اها ڳالهه آئي ته مان هلي ويئي هئس، تڏهن ڪين جنسي ڏڏڪو رسيو. هو دک ۽ حيرانيءَ وچان ڪاهي آيون نام نگر ۾، جتي اُجا ڪي ڀائر پينرون رهيا پيا هئا ۽ ڪين چيائون، ”اُسان کي ٻڌايو ته اُسان جي ”ٻڙي آپا“ ڪٿي آهي ۽ اُسان کان موڪلائڻ بنا ڇو ويئي آهي؟“ هندو هجن چاهي مسلمان، ٻالڪيون مڙيوئي ٻالڪيون. سندن هردا کهڙا نه سرل، نرمل ۽ ڪومل! اُلبت اُسين وڏا جڏا ٿي آهيون، جي پيا ويڇا وجهون ۽ ويرو وڌايون.

ٻئي ڏينهن شام جو دادا ۽ ساڻس اُسين ٽورا، حيدرآباد جي اسٽيشن تي آياسين. هونئن دادا کي اسٽيشن تي گهڻيئي ڀائر پينرون ڇڏڻ ايندا هئا، پر هن دفعي دادا سيني کي جهلي ڇڏيو هو، ڇو جو اسٽيشن تي مسلمان جاسوس پئي ڦريا. دادا سانت ۾ حيدرآباد ڇڏڻ ٿي چاهي، ان ڪري اُسان سيني بلڪل سانت ۾ پنهنجي جنم ڀوميءَ حيدرآباد کي الوداع ڪئي ۽ ڪراچيءَ آياسين.

آخرين دفعو ڪراچيءَ ۾

درگداس پنجابيءَ کي هڪ گهر ڪراچي ڪئنٽونمينٽ ۾ هو. دادا ساڻ گڏ جشن، سٽي، شانتي ۽ مان ان گهر ۾ رهياسين. گهر ڪليل آستان تي هو، سو شام جو ٻاهر ڪرسيون وجهائي ويهندا هئاسين ته ٻاهر نڪرڻ جي خاص ضرورت ڪين ليندي هئي. وقت به وقت گنگارام ۽ ڀڳوانداس دادا کي اچي ملڻ ايندا هئا ۽ حيدرآباد ۽ سکر وغيره شهرن جي حالتن کان واقف ڪندا هئا.

خوفناڪ وايو منڊل

ان سمي وايو منڊل ۾ هڪ ڀؤ ۽ خوف جي لهر جاري هئي. اُسين ته جوڳي جادوگر جي چرنن ۾ سوگها ۽ سلامت ويٺا هئاسون. تنهن هوندي به پيو سمجهبو هو ته ڪٿي نه ڪٿي متان

جنم ڀوميءَ مان نيڪالي ڏيڻي ڪيس بنواس موڪليو ويو، پر ۱۴ سال ڪانپوءِ شڪر جو هو اَيوڌيا نگريءَ ۾ واپس نه آيو! پر هت ته جيون جي اَنت تائين دادا کي پنهنجي منڙيءَ سنڌ جي ٻالڪ پڻي به پلڪ ڪانه پيئي. هي ڪهڙو قدرت جو ڪٺور حڪم نامو هو! ٻالڪ کي ماتا کان زوريءَ زبردستيءَ ڇني ڌار ٿي ڪيو ويو.

اِنسان بڻيو حيوان

ڀارت جي آزادي، ڀارتواسين لاءِ خوشيءَ جو باعث هئڻ کپندي هئي. پر ڇا، واستو ۾ ائين هو؟ لکين هندو مسلمان ۽ سک پنهنجا پنهنجا جنم استان ڇڏي دور ديشن ۾ وڃي شرڻارٿي ٿيا. ڀارت ماتا غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ٿي، مگر سندس عضوا ڪپيا ويا. ڀارت کي ڀڱو ويو. لکين جانيون تباهه ٿي ويئون. ماڻهن مذهبي پاڳلپڻي ۾ اچي هڪ ٻئي جا گلا ڪاٽيا. اِنسان حيوان بڻجي پيا ۽ دنگا ۽ فساد ڪيائون. خوب رت جون نديون وهايون ويئون. ڪيترن ديوين جا ست ٽوڙيا ويا. ڪيترن کي پنهنجي ماتائن ۽ ڀائرن ڀينرن کان ڇني ڌار ڪري اَناٿ ڪيو ويو. ڪيترن جو مال ملڪيت لٽيو ويو. گهر ۽ مندر، مسجديون ۽ گردوارا جلايا ويا. مطلب ته اِنسانيت جو خون ڪري، حيوانيت ننگو ناچ ٿي ڪيو. انهن حالتن ۾ پرستين جي ڪارڻ پياري دادا جهڙي سنت، جنهن ڪنهنجو وار به ونگو نه ڪيو، انهنکي به ديش نيڪالي ٿي ڏني ويئي ڇو جو هو هندو هو! هندو يا مسلمان هئڻ ڪو پاپ ڪونهي. پر مذهب جي نالي ۾ ڪٽرپڻي ۽ پاڳلپڻي جو ڀوت سوار هو. دادا کي لاوطن ٿيڻو پيو.

ڪراچي ڊرگ روڊ هوائي اَڏي تي هوائي جهاز تيار هو. ان جي سيٽن ۾ هندو شرڻارٿي پنهنجي قسمت آزمائڻ لاءِ ويٺا هئا ۽ انهن سيٽن مسافرن جي سيٽن ۾ هيون دردناڪ حسرتون،

جمشيد سان وداعي

ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ دادا جا ويچار پنهنجي جهوني متر، جمشيد نسروانجيءَ ڏانهن ويا. هن درويش دل دادا جيان پنهنجي جيون ۾ سنتن جي سکيائن جي ساکي پيش ڏني. اهڙي ست پرش جي آسيس وٺڻ دادا پنهنجو سوڀاڳ سمجهيو. سو ٩ نومبر شام جو، دادا سان گڏجي، اسين سيٺ جمشيد وٽ وياسين. اسان سيني ڏٺو ته جمشيد نهايت غمگين ۽ پنهنجي عمر کان وڏو پيئي ڏٺو، ايڏو ته سندس دل کي صدمو رسيو هو. سندس وار اڇا ٿي ويا هئا. منهن تي ملولائي ۽ مايوسي نمودار هئس ۽ آواز ۾ درد جي لڙڪڙاهٽ هئي. ڀريل دل سان دادا کي چيائين ته هڪ هڪ ڪري منهنجا متر ۽ سنگي ساٿي هندستان ڏانهن هلندا ٿا رهن ۽ مان اڪيلو ٿي اڪيلو رهجي ويو آهيان. دادا سانت ۾ سر جهڪائي کانئس آسيس ورتي. کيس پرون پيئي پيا ته هن ست پرش جو درشن، هن مسڪين جي متر جو مکڙو، وري هو ڪين ڏسندو. کانئس اڳو ٻوءِ لاءِ الوداع ڪري، آلين اکين ۽ ڀريل دل سان موڪلايائين.

الوداع، پياري وطن

١٠ نومبر ١٩٤٨ع، ان ڏينهن ٿي دادا کي پنهنجي جنم ڀوميءَ، پياري سنڌڙيءَ، جيءَ جنڊڙيءَ کان وڌا ٿيڻو هو. ڪير چئي سگهي ته دادا جي دل ۽ دماغ ۾ ان ڏينهن ڇا ٿي وهيو واپريو؟ سنڌڙيءَ کي هن ماتا جي ڀاءُ سان ڏٺو هو. ان ۾ جنميو هو. سندس گود ۾ پليو هو. ان ۾ بال اوستا ۽ جوانيءَ جا سپنا ساڪار ٿيندا ڏٺا هئائين. اُن پنيه ڀوميءَ ۾ هو سنتن، فقيرن، درويشن ۽ ڀڳتن سان رليو مليو هو. ان سنڌڙيءَ کي، راشٽر جي حالتن کان مجبور ٿي، هن کي پنهنجي دل تي پٿر رکي، هميشه هميشه لاءِ ڇڏڻو هو ۽ وري اُن ۾ پير نه پائڻو هو. شري رام کي پنهنجي

طوفان هو، من ۾ ملولائي ۽ موڳائي هئي. سندن نس نس ۾ نراشا هئي. ائين نه ڪين هو ته دادا درويش جي جيون جي جوت مان انيڪ ديپڪ ٻرندا ۽ ديش جي ڪُني ڪُني ۾ اونده انڌڪار کي دور ڪري، ان ۾ اُجالو ۽ پرڪاش پيدا ڪندا؟ سندس ٻاجهه، ڀل ۽ ٻليدان جي اُلن مان انيڪ ننڍڙا ننڍڙا ٽمٽما ديپڪ جلندا، جي پنهنجي گهر گهر ۾ سک، سنتوش سادگيءَ ۽ سمرپڻ جو واتاورڻ آڻيندا؟

مشڪل مارڳ ۽ دور منزل

گنڀير ڇهري، ٻه پل اکين سان دادا هوائي اڏو ڇڏي اچي ان موٽر ۾ وينو جا ٻاهر سندس پريڪشڻ ڪري رهي هئي. دادا کي چرچگيٽ تي شري درگداس پنجابيءَ جي مڪان، ڪئينس ڪورٽ ۾ مزمان ٿي رهڻو هو. موٽر ڪيس بمبئيءَ جي اُپنگرن مان گهمائيندي، وڏا ننڍا مارگ لتاڙي، گليون ۽ ڪوچا ڇڏيندي، پنهنجي منزل مقصد ڏانهن ٿي وٺي آئي. وات تي دادا پئي سوچيو ته راهه اڻانگي آهي. مارگ مشڪل آهي، منزل دور آهي. ڇا مان هن ديش ۾ پنهنجو آتمڪ آکيرو اڏي سگهندس؟ ڇا مان پنهنجي پريتم جو پيغام پکيڙي سگهندس؟ اُنڌيري کي دور ڪرڻ لاءِ راهه ۾ بجلي بتين جي تيز روشني هئي، مٿي آڪاش ۾ تارن جي جوت هئي. دادا کي آشا اُتپن ٿي ته پريو جيون مارگ تي پنهنجو پرڪاش ڦهلائي منهنجو ڪرتويه روشن ۽ آسان بڻائي رهيو آهي. پرماتما مون سان ساڻ آهي، مان اڪيلو ڪين آهيان. هو پنهنجا ڪم پاڻ ڪندو. سائين سڀ ۾ سهائتا ڪندو، منهنجي وطن واسين جا ڏک ۽ چنتائن جا ٻادل هٽائي، سک ۽ شانتيءَ جو سوريه اُڀاريندو.

سنڌي شرڻارٿي

دادا جي بمبئي پهچڻ جي خبر ٽڪڙي ٽڪڙي ڦهلجي

گذريل ڪال جون سوين سمرتيون، ڪڙيون مٺيون، آنند دائڪ دکدائڪ، سڦل ۽ نسڦل.

دادا جو چهرو غمگين هو، چپن تي ماٺ هئي، اکين ۾ دک ۽ درد جي ڇايا هئي. پوري وقت تي هوائي جهاز، سنڌ جي ڀوميءَ کان پاڻکي الڳ ڪري، آسمان ۾ اڏاڻو. پياري سنڌڙي، توکي آخرين نمسڪار! هاڻ ويوگ جو وڇوڙو آهي. ماتا، جنني، الوداع! الوداع!

ڀارت ڀوميءَ ۾

سنڌيا جي سمي، سوريه ديوتا پنهنجو سفر پورو ڪرڻ جي سانباهه ۾ هو ته هوائي جهاز به آڪاش ۾ چڪر ڏيندو، بمبئي شهر جي سانتاڪروز هوائي اڏي تي اچي لٿو. پنهنجي وطن جو صاف آسمان ڇڏي، دادا اچي ڀارت جي بمبئيءَ ۾ پهتو، جتي سال جو گهڻو حصو آڪاش ۾ گھنگھور گھٽائون ڇانيل رهن ٿيون. ڏينهن موڪلائڻ تي هو. اَستِ ٿيڻ واري سوريه ديوتا جي هلڪي لعل سونهري روشني، ڌيري ڌيري، ڌيمي ٿيندي پئي ويئي. ٺيڪ ان سمي دادا پنهنجا چرڻ ڀارت ڀوميءَ تي ڌريا. ڏسندي ڏسندي سوريه ديوتا به موڪلائي ويو. پرٿويءَ تي انڌيرو ڇانئجڻ لڳو. شايد اهو انڌيرو ڪن شرنارٿين جي دلين جي نهائي هو. پر ان وقت آڪاش ۾ ننڍڙا ننڍڙا تارا به ٽمڪڻ لڳا، جي ڪن آشاوادي دلين جو چٽر هئا. دادا اڃا هوائي اڏي تي ئي هو، جو ڪوئي تارا ٽمڪڻ لڳا ۽ جي پريمي دادا کي وٺڻ آيا هئا، سي چندرما روپي دادا جو درشن ۽ آسيس پائي، هڪ الوڪڪ پرڪاش پسڻ لڳا. دادا جو سک ۽ سنبنڌ پوروڪ سواگت، سوريه ديوتا، سنڌيا ۽ ستارن گڏجي ڪيو. ان جو مطلب اهو هو ڇا ته هندستان جي پوتر ڀوميءَ تي دادا جو ڪاريه ٿيندو پيار، شيوا ۽ سک جي جوت پکيڙڻ؟ ڀارت جي بگڙيل حالت ۾ ديش پريمين جي دلين ۾ دک جو

نه هڻڻ جي ڪارڻ، پنلا ۽ پيلا ٿي ويا هئا. سڄي ڀارت ۾، سنڌي ئي هڪ جاتي هئي جنهن کي رهڻ لاءِ ڪو ڀوميءَ جو ٽڪرو ڪين مليو. ڪي ڪٺا، نه ڪي ڪٺ هليا ويا هئا. ڀارت جي بٽواري کان اڳ، سنڌ هڪ ننڍي پرانت هو، جنهن ۾ ڪو به سنڌي ڀيک ڪين پنندو هو. پاڻ سنڌ ۾ جيڪي به ساڌ و سنت ٻاهران ايندا هئا، سي سنڌ مان جهوليون ڀري ويندا هئا. سنڌي جهڙائي داني پرش هئا، تهڙائي مهمان نوازيءَ لاءِ مشهور هئا. پر اڄ اهي ساڳيا سنڌي، قسمت جي چڪر ڪري، عرش تان ڪري اچي فرش تي پيا هئا. سندن سؤمان ۽ سپنا پر ڪري اڏامي ويا هئا. هو حالتن ڪري مجبور هئا. سندن دليون درد کان ڪڙهي رهيون هيون. هو ڳجها ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا ۽ بي‌وس ۽ لاچار ٿي، نماڻين اکين سان سهائتا ۽ سهوليت جي ڀيک مڱي رهيا هئا.

دادا پاڻ سان نوٽن جا بنڊل ڪئمپن ۾ کڻي هليو هو. نوٽ انهن غريبڙن ۾ ورهائڻ لاءِ ئي هئا. پر هو انهن کي ڏسي ائين اچي مٿانئن پيا، جيئن ڏهن ڏينهن جو بکايل انسان اچي روٽيءَ ٽڪر جي مٿان پوندو آهي. گهڻو ئي کين سمجهايو ويو ته پيارا، توهان مان هڪ هڪ کي پئسا ملندا، پر هو اڌير ٿي پيا هئا، تنهن ڪري سمجهن ئي ڪين. دادا کي لاچار ٿي پئسا ورهائڻ بند ڪرڻا پيا.

اُپديش

بمبئيءَ جي ڪن برک سنستائن دادا کي ڪوٺ ڪئي ته وٽن اچي کين اُپديش ڏئي. دادا کان سنڌين جي سقيم حالت وسري ئي ڪين ٿي. سو هڪ هڪ اُپديش ۾ هن غريبن جي سيوا ۽ اُپڪار لاءِ پڪار ٿي ڪئي. سندس دل مان نڪرندڙ دردڀريا اُکر ماڻهن جي دلين ۾ تير جيان چڀي ويندا هئا ۽ ڪيترن سهنجيون دليون کولي دان ڏنا. بمبئيءَ جي پروگرس ڪلب

ويٺي. ڪيترا سنڌي ٻائر ۽ ڪيتريون ميران ٻالڪيون ڀارت جي
ڀن ڀن پرانتن مان دادا کي ملڻ لاءِ ڏيري ڏيري بمبئيءَ ٿي
آيون. دادا، پير ۾ وائي سور جي ڪارڻ، ٻاهر نڪري نٿي
سگهيو، تنهن ڪري سندس پريمي پياسي ڪيس چرچگيٽ تي
ملڻ پئي آيا. ڪيترن جي اکين ۾ پاڻي هو جو هو دادا کي ورهيه
جي وڇوڙي ڪانپوءِ ملي رهيا هئا. دادا هڪ هڪ کي پيار ۽
قرب سان گڏيو. هڪ هڪ لاءِ هن کي آشا، اميد ۽ آٿت جا اکر
هئا. دادا جو درشن ڪري ۽ سندس پريم ڀري ڀاڀوهه پائي،
گهڻن جا ڏک دور ٿي ٿي ويا. جوڳي جادوگر جي سنگ ۾
سنتوش نه ملي ته ٻيو ڪٿي ملي. پر سندن ڏکن جو داستان
ٻڌي دادا کي خود دل ۾ درد ٿي رهيو هو. ان لاءِ هن سڀني
جي دل پئي ورتي.

بمبئيءَ ۾ ڪيترائي سنڌي سماج جا شيوڪ، شرڻارٿين جي
شيوا ۾ مشغول ٿي رهيا. سو شيوڪ دادا کي ڪولا، ٻوائي، ملند ۽
اَڪبر ڪئمپن ۾ وٺي هليا. دادا سنڌي شرڻارٿين جي حالت
ڏاڍي قياس جوڳي ڏٺي. ويچارا اُئين رهيا پيا هئا جئن وڻن ۾
رڍون ۽ ٻڪريون. ڪين رهڻ لاءِ ڪي به خانگي ۽ نوبڪليون
ڪوٺيون ڪين هيون، سو نوڙين تي سنهيون چادرون ٽنگي
پنهنجا اَنگ ڍڪي رهيا هئا. ڪٽنبن ۾ جوان ڪنواريون
نياڻيون به هيون، پيئرون ۽ ناريون به هيون. ڪيئن ٿي هُنن
پنهنجي جيون ڪاٽي، تنهنجو اُنيو ڪرڻ ڪٺن آهي. اشنان لاءِ
ڪوٺيون ڪين هئن ۽ جاءِ ضروري به پري هئي. ڪاڏي ايٽي ۽
ٻجلين جو بندوبست به پورو ڪين هو. ڏک سک ۾ ۽ رات جي
وڳڙي ۾ هو ويچاريون، ڏڪندي ٻه ٻه، ٿي ٿي گڏ جي
ضروري حاجت لاءِ ويندڙيون هيون. ٽپ ٽاءِ ۾، طوفانن ۾ خوب
تڪليفون ڀوڳيائون ۽ ڀارت جي سوتنترتا ۾ پنهنجو جوڳو ٻليدان
ڏنائون. ويچارا سنڌي ڳوناڻا پوري خوراڪ ۽ شرير جي سگهه

ته ڏسو ڪيئن ٿا سڪي ٿيو.

۱۹۴۹ع شروع :- آئين ۱۹۴۸ع جو سال پورو ٿيو. شاهوڪار پائر دادا وٽ ناڻي جون ٿيلهيون کڻي ايندا هئا ۽ کيس چوندا هئا ته اسان جو توهان ۾ پورڻ وشواس آهي. توهين اسان کان ناڻو وٺو ۽ غريبن کي جڳهيون ٺهرائي ڏيو. جي اُجهي بنا پيا ڀٽڪن، تنکي اُجهو ٺهرائي ڏيو، ڇنو ڏيو، ڇت ڏيو. دادا کين سانت ۾ ٻڌندو هو. هن ڪڏهين به جڳهين جوڙائڻ جو ڪم ڪين ڪيو هو. تنهن ڪانسواءِ هو جي اهو ڪم هٿ ۾ کڻي معنيٰ پنهنجو ٺڪاڻو به بمبئيءَ ۾ رکي ڪري. دادا جي من جي پرسٿتي ۽ پرڪرتي بمبئيءَ جهڙي ڏم چڪر ۾ رهڻ جي ڪين هئي، هن کي ته ڪو سانتيڪو استان کپندو هو. جتي جيون جا باقي ڏهاڙا ڪاٽي، پنهنجي پريتم جو پيغام پکيڙي ۽ ڪي دليون سائينءَ جي نڪٽ ڇڪي سگهي.

اُهڙيءَ طرح جنوريءَ جو مهنو به اَچي موڪلائڻ تي بيٺو. ۳۰ جنوريءَ تي گذريل سال مهاتما گانڌيءَ کي ٽن گولين جو شڪار ڪيو ويو. اهو ڏينهن پارسين ملهائڻ ٿي چاهيو. هڪ پارسي ڀيڻ ٻمپسي سباوالا تي دادا جي وياکياڻن ۽ اُپديشن گهرو اَثر ڪيو هو. هن ڀيڻ کي مهاتما گانڌيءَ لاءِ بيحد پيار هو ۽ دادا سان به سنبنڌ ٿي ويو هوس. سو هن پنهنجي گهر هڪ ميٽنگ ڪوٺائي ۽ دادا کي وينتي ڪيائين ته اَچي منهنجي گهر مهاتما گانڌيءَ تي ڪي شبد ڳالهايو. ميٽنگ جي ڪارروائي ڀڳت نرسي مهتا جي سندر گيت ”وئشنو جن تو تيني ڪهيئي، جو پيڙ پرائي جاڻي ري!“ سان آرنڀ ٿي، جو هڪ پارسي ڀيڻ پنهنجي مٺي سُر ۾ ڳايو. پوءِ دادا اُٿي بيهي ڳالهايو. اُپسٿت سڄڻن ۾ هندو، مسلمان، پارسي، سڀ هئا.

بمبئيءَ ۾ رهي دادا کي ٽي مهنا اَچي ٿيا هئا. مٿس ڪيترن زور ڀريو ته توهين بمبئيءَ ۾ رکي پنهنجو پڪو

جي سهاري هيٺ اُپولو بندر ۽ پرسان گرين هوٽل ۾ دادا کي ڪوٺ ڪٺي ويٺي ته اچي وياکياڻ ڏئي. اُن سمارو‌هه ۾ ڀين ڀين جاتين، پرانتن ۽ ڌرمن جا ماڻهو آيا هئا، جو هنن ساڌو واسواڻيءَ جو اُهم نالو ٻڌو هو. انهن مان گهڻيئي ته ڀاڳيا پنڊاري هئا، جن مان ڪي ته وڏا ڪارخانيدار ۽ ملين جا مالڪ به هئا.

درگداس پنجابيءَ جي گهر هفتي ۾ ٻه دفعا ستسنگ ٿيندو هو. جيئن ستسنگ زور پوندو ويو، تيئن ڊرائنگ هال پورو ڪين پورڻ لڳو ۽ مٿي شاهي ڪڏي ڪيو تي ويو. دکي، ارڙاٽي ۽ پريمي ڪٿان ڪٿان شام واريءَ ٽرين ۾ ايندا هئا ۽ ستسنگ ۾ دادا جو من سيتل ڪندڙ اُپديش ٻڌي، ٽڪڙو ٿي ٽڪڙو ٽرين يا بس ۾ پنهنجي نگر يا اُپنگر ۾ موٽي ويندا هئا. ڪيترن جون دليون ڦٽيل هيون ۽ دل ۾ درد ۽ چنتا جو بوجهه کڻي ايندا هئا. پر سنت جا چار مٺا ۽ گيان جا وچن ٻڌي، شانتي، ڌيرج ۽ آنند پائي موٽندا هئا.

درگداس پنجابيءَ جي گهر روز گهڻو ڪري ڪي نه ڪي نوان ياتر ڏس ته ايندا ئي هوندا هئا دادا کي گڏجڻ لاءِ ۽ صلاح مصلحت وٺڻ لاءِ. دادا جي ڪمري جو در اَڪثر بند رهندو هو ۽ اَندر بند ڪمري ۾ دادا ايشور کي ور ور ڪري پيو آرائيندو هو ته هي سائين سڀاجهه، ڀٽڪيل سندن کي ٿانئيڪو ۽ سکي ڪر. ڪين دکي ڏسي پاڻ به دکي ۽ غمگين رهندو هو. دکي ياتر به وٽس پڇندا ايندا هئا. ڪين وشواس هو ته جي دادا مٿن دَيا جي درشٽي ڌريندو ته سڀ سولي ٿي پونديون. ڪي ته دک سهي سهي جهڙا ٿي ويا هئا. پر اُهڙن کي به دادا چوندو هو ته: ”پريوءَ کي ڌيايو، پريوءَ جو مٺو نام ڳايو ته توهان جا ڪشٽ ڪٽجي ويندا. مون خود جيون ۾ گهڻو ڪجهه سٺو آهي، پر صبر ۽ شڪر کان مون ڪم ورتو آهي ۽ منهنجا دک دور ٿي ويا آهن. توهين به پيارا ائين ڪريو. صبر ۽ شڪر کان ڪم وٺو

ڀاڱو چوٿون

پوني ۾ آنند ليلا

مهاراشٽرا

مهاراشٽر، سنتن ۽ ڀڳتن جو پرانت آهي. سنت گيانيشور ۽ نيورتي ناٿ، سنت تڪارام ۽ ايڪناٿ، سنت سکو ٻائي ۽ مڪتا ٻائي، سنت نامديو ۽ رامداس، ڀڳت پنڊليڪ ۽ گورا ڪمڀار، سنت چوکاميلا، ڪانهو پاترا ۽ ٻين انيڪ پريميءَ جي پيارن هن پرانت ۾ ئي جنم ورتو ۽ ڀوميءَ کي پوتر ڪيو. ان ڀوميءَ کي هاڻ سنڌ پرانت جي پياري سنت ساڌو واسواڻيءَ وري اچي پاون ڪيو. پوني جي نڪٽ، آلنديءَ تيرٿ آستان تي سنت گيانيشور ۽ ديهو ڳاڻو ۾ سنت تڪارام جون پوتر سماڌيون اڳيئي آهن. هاڻ پياري دادا پنهنجو پريم پرڪاش اچي پوني ۾ ڦهلايو ۽ ان ۾ راجستان جي سنتاڻي ميران ٻائيءَ جو به ڀاڱو پرايو. اڄ پياري دادا جي اها ميران ڀومي، سنتن جي اتهاس ۾ هڪ امر پد پراپت ڪري چڪي آهي! اڄ اُت پرم پوڄيه پياري دادا جي آئي سنڌر ۽ آڪرشڪ پرتيما ۽ پرتيڀا، لکن لاءِ هڪ مڪتيءَ جو امر ڌام بڻجي پيئي آهي.

دادا، پونا ڀوميءَ ۾

دادا بمبئيءَ کان موڪلائي دکن ڪئين ٽرين ۾، ٽن ڪلاڪن جي ياترا ڪري، اچي پوني اسٽيشن تي پهتو. ڪن سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڪڙڪ پئجي ويئي هئي ته دادا اچي رهيو آهي، سو سندس سواگت لاءِ هو پشپ مالهائون ۽ گل ڦل کڻي آيا هئا. دادا پنهنجا ڪمل چرن پليٽفارم تي ڌريا. سندس

آکيرو اَڏيو. پر ٻمبئيءَ ۾ هئي هل هلان ۽ شور غل! دادا سانت
جو اُپاسڪ هو. ان ڪري سندس اتي رهڻ جو ويچار ڪين هو.
ڀائي مولچند اُلمچنداڻيءَ کي اڳوات ئي ويچار ٿيو هو تہ مٿان
دادا پوني ۾ رهي، جو وڌيڪ سانتيڪو شهر آهي، سو آڏاوهس
اُتي هڪ ننڍڙي جڳهہ مسواڙ تي وٺي ڇڏيائين. دادا کي ٻمبئيءَ
۾ اچي ٻڌايائين تہ اها جڳهہ هن سندس لاءِ ورتي آهي، سو
جڏهن بہ دادا جي دل ٿئي تہ هو پوني ۾ اچي آرام سان رهي
سگهي ٿو.



پيارو دادا ۽ شانتي، باغ ۾



پيارو دادا ۽ پيارو دادا جشن

اکين ۾ هڪ الوڪڪ جوت پئي ٻري ۽ مکڙي تي هڪ مند مند مسڪان هئي. تيز ٻجلي ٻتين جي روشنيءَ ۾ دادا جو مک پئي چمڪيو. هڪ هڪ ڪري ياترن پيرن ڪيس هار پاتا ۽ پيري پئي آسيس ورتي. هو ڪيس پائي اهڙو ته گد گد ٿيا، جيئن وڇڙيل رڍون پنهنجي ريڍار کي پائي خوشيءَ ۾ نچنديون ٽپنديون آهن. سندن روح جو ريڍار ۽ رهبر اچي ويو هو. هينئر ڪين ڪهڙو ڀؤ ڀولو، ڪهڙو اونو الڪو هو؟ سندس سيتل ورک ڇايا هيٺان رهي هاڻ هو پنهنجي جيون جي تپت ٺنڍي ڪندا ۽ سندس پريم ڌارا جو پاڻي پي، پنهنجي پياس ٻجھائيندا. سندن سار سنڀال لهڻ وارو سهڻو ساجن سوَيم اچي سهڙيو هو!

پوني جي مشهور پدمجي پارڪ ۾ دادا اچي هڪ ننڍڙيءَ جڳهه ۾ ڀرئين ماڙي تي رهيو. ان ۾ ٽي ڪوٺيون هيون جن ۾ دادا، جشن، سٽي، شانتي ۽ مان پنج ڄڻا رهڻ لڳاسين. حقيقت ۾ اها جاءِ هڪ دادا لاءِ به ڪافي ڪين هئي. ڪوٺين جو لنگهه هڪ ٻئي مان هو. الڳ الڳ ڪين هو. ڏينهن به مس رهياسين ته دادا مشڪي چيو ته، ستسنگ بنا جيون ڪهڙو، اسين روز شام جو گڏجي ستسنگ ڪنداسين. ستسنگ جي سڌ پاڻ مرادو ائين ڦهلجي وئي جيئن ڪمل پشپ جي سڳنڌ آس پاس ڦهلجي ويندي آهي. ستسنگي اچي ننهي ڪوٺين ۾ وهندا هئا ته ڪوٺيون جلد ئي ڀرجي وينديون هيون. ڪن کي لاچار ٻاهر ڏاڪڻ تي به ويهڻو پوندو هو. هو پنهنجي ڪمن ڪارين مان وقت ڪڍائي ايندا هئا دادا جو درشن ڪرڻ، سندس مٺا وچن ٻڌڻ ۽ آسيس وٺڻ. ستسنگ ۾ بزرگ ڀاءُ ڀائي رامچند ڊريانائي پڻ روز ايندو هو ۽ اچي نام رس پيئندو هو. سندس وڏو بنگلو ڀرسان سڏ پنڌ تي هو، جنهنکي هڪ شاهي کليل ڪمپائونڊ به هو. سو ڀائي رامچند دادا کي وينتي ڪئي ته: "دادا، ڇو نه وڌيڪ ياتر ستسنگ جو لاڀ وٺن؟ ان لاءِ توهين جيڪر منهنجي



پياري دادا جي پوڄيه ماٽا وَران ديوي.



پياري دادا جي ٻوڙ سماڌي.



بيٺل: پيارو دادا، پياري جشن ۽ شانتيءَ سان.
ويٺل: ساڄي کان پهرين ستي، ڏائي کان ليکڪا هري ديوي



پرنسپال واسواڻي



پياري ڀيڻ شانتي



پيارو دادا سنگت سان



پيارو دادا، ڊاڪٽر رامچند موجاڻيءَ سان.
پٺيان ليکڪا ڪماري هري ديوي اچي رهي آهي.
مهران سڪول حيدرآباد (سنڌ).



ڏاڍي کان ساڄي: ١. ڀيارو دادا جشن ٢. ڀيارو دادا ٣. ڀيڻ شانتي،
٤. ڀيڻ ستي، نيوريلا (سري لنڪا) جي ڀهاڙي نگر ۾.



ڀيارو دادا ڀراڻي سکر ۾.
(مهمان شري ٻي. اي. چاندواڻي (عقبک سان) بيٺو آهي.)



چمڪندڙ چندرمان (پيارو دادا)، ستن ستارن جي وچ ۾.




پيارو دادا لکي رهيو آهي



پيارو دادا جنم ڏڻ ڪيڪ ڪٽي رهيو آهي، پياري دادا جشن، دادا گنگارام ۽ پٽري ڪرشن ڪماريءَ سان



پيارو دادا ۽ شري تنومل



پياري دادا جي پڇاڙي عمر

ڪمپائونڊ ۾ ستسنگ ڪريو.“ دادا کي ڳالهه وڻي ۽ جلد اُتي اُئي روز سنجها جو کليل آسمان ۽ وڻن جي هيٺان ستسنگ ٿيڻ لڳو. ڊاڪٽر سٺي مٺا ڀڄن ڳائيندي هئي ۽ دادا ان کان به وڌيڪ مٺا وچن ٻوليندو هو. ماڻهن جون دليون بکايل، اُڃايل، سڪايل ۽ اُساٽيل هيون. انهن کي نام جو اَمرت ڪان پان ملندو هو ته هو ترپت ٿي ويندا هئا.


گوکلي هال ۾ سنمان

پوني جي پنيه ڀومپيءَ ۾ هاڻ خبر ڦهلجي ويئي ته نگر ۾ سنڌ جو سچو سنت ساڌو واسواڻي پڌاريو آهي. سو اُتي جي مهان هستين ۽ مکيه سنستائن ويچار ڪيو ته سندس يوگيه سنمان ڪرڻ گهرجي. هنن مارچ ۱۹۴۹ع ۾ گوکلي هال ۾ دادا جي عزت ۾ هڪ وڏي ميٽنگ ڪوٺائي، جنهن جو روح روان آچاريه ڪروي هو، جنهن مهاراشٽر جي اِستري جاتيءَ جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ گهڻو پاڻ موکيو هو. هو دادا کي سڃاڻندو هو، ڇو جو هو هڪ دفعو سنڌ ۾ آيو هو ۽ دادا سان مليو هو. سماروهه جو سڀاپتي پوني جو ڪليڪٽر مسٽر پارڊي هو. هو به ڪجهه وقت سنڌ ۾ عملدار جي حيثيت ۾ رهيو هو ۽ ساڌو واسواڻيءَ جو بلند نالو ٻڌو هوائين. هن سماروهه ۾ جدا جدا جاتين، پرانتن ۽ ڌرمن جا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. اَول اَول آچاريه ڪروي دادا جو سواگت ڪيو.

آچاريه ڪروي ڳالهائي پورو ڪيو ته دادا کي ڳالهائڻ لاءِ وينتي ڪئي ويئي. اَول اَول دادا اُٿي بيهي سڀني اَڳيان سانت ۾ سر جهڪائي، هٿ جوڙي، آسيس ورتي ۽ پوءِ پنهنجي اَڇي ٽوپي لاهي ميز تي رکي. اوڏي مهل جوڳي جادُوگر جي سونهن ۽ سوڀيا ڏسڻ وٽان هئي. مٿي جا وار گهنڊيدار، اکيون جلويدار، شرير تي کهريءَ ڪاڏيءَ جا اَڇا وستر اوڍيل، پر چهرو چمڪيدار! سندس چولي جي چاڪيءَ جي ڪَٽ، گولائيءَ تي هئي جڻ ته



آنتم ياترا



پياري دادا جا ڪمل چرن

آهي. اُتي مشغولي آهي. ٻيو سيبيتا جو ڪينڊر آهي ۽ سيبيتا ڇا آهي؟ هڪ وِدوان سيبيتا لاءِ ڇوي ٿو ته سيبيتا آهي ميناج ۽ روشني! مان جيڪر وڌيڪ هي ٻه چوان ته سيبيتا آهي شيوا، پائڻي، پيار ۽ قرب! شل اسين پائڻيءَ ۾ رهون ۽ پيار قرب ۾ هلون."

"مان جڏهن سنڌ کان ٻمبئي آيس ته ڏٺم ته ڪيترا غريب رستن تي سمهيا پيا هئا ۽ ٿڌ ۾ ڏڪي رهيا هئا. ڏٺم ته ڪيترن کي قاتل ڪپڙا پيا هئا ۽ هو بکايل ۽ بنا اَجهي هئا. مون پاڻ کي چيو ته هي ٻه منهنجا ڀائر آهن ۽ مون ڏٺو ته ڪيترا منهنجا ماڻهو جيڪي سنڌ مان ٻمبئيءَ آيا هئا، سي ٻه رستن تي ٿي سمهيا. مون پاڻ کي چيو ته شل منهنجا ماڻهو توهانجا ٿين، جئن توهانجا ماڻهو منهنجا آهن. شل اَسين پائڻيءَ جي ڀاوَ ۾ وڌون. اَسين سڀ هڪ وڏي ڪٽنب جا ڀاتي آهيون ۽ ڀارت ۾ ڀائر آهيون. ڪو ٻه ڌاريو ڪونهي."

"سنڌيا جو سهاڻو سمو هو. سورج سونهارو اُست ٿي رهيو هو. جئن مان اُن لهندڙ سورج ڏانهن نهاري رهيو هوس ته هڪ آواز ٻڌم. اهو آواز هو پياري مهاتما گانڌيءَ جو ۽ اُن آواز ڇا چيو؟ مان ٻڌايانو؟ اُن آواز چيو:- منهنجي خاڪ مان شل هڪ شڪتي اُٿي، پيار جي شڪتي! اءِ ڀارت واسيو! شل اها شڪتي جاڳي ۽ ڀِن ڀِن جاتين ۽ قومن جي ماڻهن ۾ ميلاپ ۽ مئتري آڻي. اَهڙي شڪتي، پريم جي شڪتي، ڀارت کي نئون بڻائيندي. پوءِ ڀارت وري جاڳندو ۽ اَمر ٿيندو، جئن اَمر آهن شري رام، شري ڪرشن، شري ٻڌ، شري زرتشت ۽ شري اِيشا!"

"وري ٻه هٿڙا ٻڌي توهانکي نمسڪار ڪريان ٿو. اوهان جو ٻالڪ آهيان ۽ ماتو جاتيءَ جي سنتن ۽ ست پرشن جو هڪ نماڻو شيوڪ آهيان. شل سينئي ۾ ايشور جي آسيس چمڪي ۽ چمڪندي رهي!"

دادا جا اَهڙا مٺا ۽ دردڀريا وچن ٻڌي، ڪليڪٽر پارٽيءَ

يونان جي ديش جو حسين ديوتا پئي لڳو! وري جو دادا پنهنجو ڀاشڻ انگريزي ٻوليءَ ۾ مڌر موهڪ اچارڻ سان ٿي ڪيو، تنهن تہ سڀني تي اهو جادو ڇانئي ڇڏيو، ڄڻ تہ هو هڪ ولائت جو گورو صاحب آهي. دادا جي انگ انگ ۾ اها آڪرشڻ شڪتي هئي جا سڀني کي تتڪال پرڀاوت ڪري ڇڏيندي هئي. دادا اڄهو هيٺين ڳالهايو:

دادا جو اپديش

”پيارا ٻنڌو، ڀڳنيئنو! مان هن پوني جي پنيہ ڀوميءَ ۾ ڄاريو ڪين آهيان. مان هن پوني جي پنيہ ڀوميءَ ۾ ڄاريو ڪين آهيان. مان هت ياتري ٿي اچان ٿو. ١٣ فيبروري، جڏهن مان هت پهتس، تڏهن مون شري شواجي مهراج، شري لوڪمانيہ تلڪ، شري گوکلي ۽ راناڊي کي نمسڪار ڪيو. مهاراشٽر ۾ اچي منهنجا ويچار وري وري سنت گيانيشور، سنت تڪارام، سنت ايڪناٿ ۽ سنت رامداس ڏانهن ويا آهن. هن جيون جو اپديش ڪهڙو آهي، سو هنن سنتن چڱيءَ طرح سمجهيو ۽ هنن اها سکيا ڏني جا دنيا کي اڄ سمجهڻي آهي. منهنجا ويچار ڊاڪٽر ڀنڊارڪر ڏانهن بہ ويا آهن. هي سڀ مهاپرش هئا ۽ مهاپرش ئي سچا منشيہ آهن. هنن کي ٽن پرڪارن جو ڄاڻ آهي. (١) جوت (٢) پيار ۽ (٣) سرلتا.

”هن سڀا ۾ مان سنڌي ڀائر ڀينر بہ ڏسان ٿو. هن موقعي تي هو چاهيندا هوندا تہ مان سنڌ ۾ ورتمان پرسٿتين، ڪشٽن ۽ ڪٺنائين جو ورڻن ڪريان. هنن لاءِ ائين چاهڻ سڀاوڪ آهي. پر جي مان ائين ڪندس تہ مان سمجهان ٿو تہ توهانجون ڪومل دليون اچي ڏڏنديون. پر تہ مان پنهنجي سنڌي ڀائرن ڀينرن کي هيئن چوان ”توهين هڪ عجيب سڀيتا جي ڪيندر مان آيا ٿا. تنهنڪري پارسواسين سان رلو ملو مٺ محبت ۾. مهاراشٽرين، گجراتين، پارسين سڀني سان ميلاپ ۾ هلو.“

”مان پوني ۾ پهچي ڏسان ٿو تہ هتي جو واپو منڊل وڌيڪ سانتيڪو آهي. بمبئي شهر اديوگ ۽ ڌنڌي واپار جو ڪيندر

سگهن. ڀلا هو خوش ڇو نه ٿين؟ خود مهاتما گانڌي به پنهنجي مک مان ائين چيو هو ته: ”سنڌ جي سونهن آهي ساڌو واسواڻي! هن جي دل ۾ آهي درد دکين لاءِ ۽ هن جي نيڻن ۾ آهي پيار جي جهلڪ، هڪ هڪ انسان ذات لاءِ! ڪيڏو نه پيار، ۽ ڪيڏي نه حليمائي! هن سنت جي جيون اسان سڀني لاءِ هڪ فخر جي ڳالهه آهي!“

امر پرارٿنا

جلد ئي دادا کي پونا پرارٿنا سماج مان ڪوٺ آئي. واڊيا ڪاليج جو پرنسيپال شري جوڳي پرارٿنا سماج جو سڀاپتي هو. هن سماج جو سنبنڌ برهمو سماج مان هو. برهمو سماج وارا ته دادا کي جڻ پنهنجو ڪري سمجهندا هئا. دادا پنهنجو پرو چن هنديءَ ۾ ڏنو ۽ پرارٿنا جي وشيه تي روشني وڌي. دادا جڏهن رشين جي پرارٿنا اچاري، تڏهن سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. سندس پروچن ۾ پرارٿنا جو پرڪاش پرگهٽ ٿي رهيو هو. اها امر پرارٿنا هئي:

اسٽو ما سد گميه:
تمسو ما جوتر گميه:
مرتيور ما امرتم گميه.

هن سنسڪرت پرارٿنا جي معني هيءَ آهي ته ”هي پريو! تون مونکي اسٽيه، ڪوڙ، پاپ مان ڪڍي ستيه ۾ آڻ، اوندهه مان ڪڍي جوتيءَ ۾ آڻ، مرتيو (موت) منڊل مان ڪڍي امرڌام ۾ آڻ!“

دادا چيو: ”اسين اگيان جي اوندهه ۾ پيا ٿاڦوڙا هڻون. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار جي اوندهه ۾ پيا ڀٽڪون. شل ان انڌاري مان نڪري ستيه جي پرڪاش ۾ اچون. روشنيءَ جي سيتا جي آوشڪتا آهي.“

جي دل ڀري پيئي ۽ اُتي چيائين تہ: ”اسان سنڌي جو سؤ ڀاڱيہ آهي، جو ساڌو واسواڻيءَ جهڙو مهاپرش اسانجي وچ ۾ آهي. مان سنڌ ۾ ڇهہ سال رهيو آهيان. مونکي ماڻهو اَڌ سنڌي ڪري سمجهندا آهن. سنڌ ۾ وڃڻ کان اڳہ مونکي سنڌين لاءِ سٺو ويچار ڪين هو. پر جڏهن مان سنڌن لهہ وچڙهہ ۾ آيس تڏهن مونکي پنهنجو ويچار بدلائڻو پيو. سنڌ جا هندو اهڙائي سٺا انسان آهن جهڙا ٻين پرانتن جا هندو. اسين واستو ۾ هڪ آهيون، سم آهيون.

”مان جتي بہ سنڌ ۾ ويس، اتي ڏٺم تہ ساڌو واسواڻيءَ لاءِ ماڻهن کي ڏاڍي عزت ۽ شرڌا هئي. هندو تہ ڇا پر مسلمان، ڪرستان ۽ پارسي بہ سندس ساراهہ مان ڀاپنڌائي ڪين هئا. هو سنت آهي، ودوان آهي، فيلسوف آهي، ڪوي آهي ۽ تياڳي پرش آهي. مان جيڪر چاهيان تہ هو پوني کي ئي پنهنجي ڪاريہ ڪرمن جو وشيش ڪيندر بڻائي. مهاراشٽر کي مالي ڏن گهٽو ڪين آهي. پر مهاراشٽر نواسين جون دليون پريم سان ڀريل آهن. پوني سرڪار ۽ ان جي ماڻهن جي طرفان مان ساڌو واسواڻيءَ کي آشواسن ڏيارڻ چاهيان ٿو تہ ڪيس سندس ڪاريہ ڪرمن لاءِ سمپورڻ سهڪار ملندو. هو شل پوني کي وسائي ۽ پنهنجون سکيائون نہ ڪيول سنڌين کي، پر سڀني پوني جي ماڻهن کي ڏئي ۽ هو شهر کي پنهنجي ديا ۽ پريم جي پرڪاش سان روشن ڪري.“

ميٽنگ سماپت ٿي. ماڻهو دادا کي ورائي ويا. هو دادا مان ڏاڍو خوش هئا. پر سڀ کان وڌيڪ خوش هئا سنڌي ڀائر ۽ ڀينر. هنن کي فخر هو تہ سندن سنڌي نيتا ساڌو واسواڻيءَ جو سنمان ۽ ستڪار غير سنڌي جاليون ڪري رهيون آهن. هاڻ هنن جي دلين ۾ آشا جي جوتي ڪرن جاڳي تہ دادا جي دل اندر سندن سک لاءِ ڪيڏو نہ ويچار هو! هاڻ هو سندن لاءِ آوشيہ ڪجهہ ڪندو، جڏهن هو ڀارت ۾ سؤمان جي جيون ڪاٽي

هو، نرتيه هو، دل ڇڪيندڙ رنگ برنگي ڊريسون هيون ۽ وڏي ڳالهه ته دادا پاڻ اُپستٿت هو. اهو درشيه ڏسي گهڻن جي اَکين ۾ اُمنگن جا آنسون تري آيا. ههڙي وقت ۾ دادا بنا ٻيو ڪير ڪين ههڙا نرمل ۽ دنوي درشيه پسائي!

تنومل ۽ ڇتربائي ميرچنداڻي

حيدرآباد ۾ شيوا جو خاص کاتو هوندو هو، جنهن لاءِ شيوا فنڊ هو. هيئنر پوني ۾ دادا نئين سر شيوا فنڊ کوليو، جو ڀاءُ تنومل ميراچنداڻيءَ کي سپرد ڪيو ويو. تنومل هڪ عجيب اِنسان هو. سندس رڳ رڳ ۾ غريبن لاءِ پيار ڀٽي ڀرڙيو. هو هڪ سچو اِنسان هو ۽ سچ جو پوڄاري هو. هن کي مهاتما گانڌيءَ لاءِ اونهو پيار هو ۽ سندس سندر آدرشن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيکي رهيو هو. سندس ڌرمپتني ڇتربائي پڻ ان ڪارڻ ۾ پتيءَ کي پورن سهڪار ڏنو.

ڀاءُ تنومل جو مان ويچار ڪندي آهيان ته اکين اَڳيان راج رشي ڏيارام گدومل جي صورت اَچي بيهندي آهي. رشي ڏيارام جڏهن ڏيندو هو، تڏهن ڏائي هٿ کي خبر ڪانه پوندي هئي ته ساڄي هٿ ڇا ڏنو. رشي ڏيارام بابت مون گهڻو ڪجهه پڙهيو هو، پر تنومل کي نشڪام ڪرم ڪندو مون پنهنجين اکين سان ڏٺو.

دادا لاءِ پيار

تنومل غريبن جي شيوا ته پنهنجي تن من ۽ ڌن سان ڪندو هو، پر سندس پياس هئي ته مان دادا جي به ڪجهه شيوا ڪريان. هو دادا کي اٿين پيار ڪندو هو، جيئن ڪا ڪنواري ڪنيا پنهنجي پريتم کي پيار ڪري. جڏهن ڏينهن ڪيس دادا جي شخصي شيوا جو موقعو نه ملندو هو، اهو ڏينهن هن لاءِ وئرٿ ويندو هو. هن چاهيو ٿي ته دادا کي پوني ۽ آس پاس جا سندر ۽ نرمل

ٻڌ پورڻما

گوتم ٻڌ جو شُڀ ڏينهن، ويساک پورڻما، مئي ۽ مهيني ۾ آيو. هيءُ سڀاڳو ڏينهن ٻارڻ سان مليون ياد ڳيريون ڪٽي آيو. هن ڏينهن اَڍائي هزار ورهيه اڳ، گوتم ٻڌ جو شُڀ جنم ٿيو. ان ئي ڏينهن ٽيهه سال پوءِ گوتم کي گيان مليو ۽ هو گوتم ٻڌ ٿيو. ان ئي ويساک پورڻما ڏينهن اَٽڪل پنجونجاهه سال پوءِ، هن پنهنجو سرير تياڳي، نرواڻ پد پراپت ڪيو هو. ههڙي سڀاڳي ڏينهن دادا نه رڳو ستسنگ وڏي اُتساهه سان ڪيو، پر پوني ۾ ڀريون پيرو مودي خانو پڻ کوليو، جت غريبن ۽ سفيد پوش پيرن ۽ پائرن جي شيوا ڪئي ويئي. ستسنگين ۾ ڪيئي نوان پائر پيمر پڻ شامل ٿيا، جي اڳ حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾ ڪين هئا. انهن کي نئون رنگ لڳو. جاڳرتا آئي، ويراڳ ورتي آئي ۽ شيوا ڀاءُ اُتپن ٿيو. ڪي پريا پاڳيا پڻ هئا، جن دادا جي هن اَنوکي شيوا جي ڪار ۾ دل کولي سهايتا ۽ شيوا ڪئي. اهو ڏسي دادا جي دل ته نهايت گدگد ٿي.

جنماشٽمي

ويساکيءَ کان پوءِ آئي سري شيام سندر جي سڀاڳي جنماشٽمي. دادا لاءِ جنماشٽمي معنيٰ کيل ۽ خوشيون، راس ليلا ۽ مڌر مرليون. پاڪستان ۾ به جنماشٽميءَ تي راس ليلا ٿي هئي، جيتوڻيڪ حيدرآباد سڄي مسلمانن سان ڀري پيئي هئي. هينئر جڏهن دادا پوني ۾ جنماشٽميءَ جو پروگرام ٺاهيو ٿي ته اِڇا ڏيکاريائين ته جيڪر راس ليلا ٿئي. ڪي ميران ٻالڪيون پوني ۾ هيون. سو موهني هاتيراماڻيءَ ۽ مون ڪين ڪنو ڪري راس ليلا جي تياري ڪرائي. جنماشٽميءَ رات، جڏهن ڳوپين ڏونڪن ۽ مندرن سان شيام سندر سان راس ليلا ڪئي، تڏهن ائين ٿي پرتيت ٿيو جڻ ته برج جون آدي ڳوپيون پوني جي ٻج ڀوميءَ ۾ شري ڪرشن سان راس کيلي رهيون آهن. سنگيت

منگتو ٿي چوايائين ۽ آسيس ٿي ڏنائين. هڪ سندر گيت ۾ پنهنجي لاءِ چيو اٿائين:

دردر بکاريءَ، سک جا چانور گهران.

بيشڪ دادا کي وڏا وڏا لقب ۽ پرسڪار ڪين کپندا هئا. هن کي خوشي ٿيندي هئي جڏهين پريمي ڪيس پنهنجي پيار ڀري هرديه جا سڳنڌت پشپ ڀيٽ ڪندا هئا ۽ ڀڳتي ڀنل ڀاونا سان ڀرپور اکين جا لڙڪ ارپڻ ڪندا هئا. اهي ئي سندس لاءِ سدائي ڀڳت جا سک جا چانور هئا.

پانڊي ڪانيج جي ننڍڙي مڪان ۾ ڪيترائي پريمي دادا وٽ ايندا هئا جي نماڻا ۽ سک وارا هئا، سي وٽس ڪٽي ايندا هئا اهي چاهت جا چانور، جي دادا سک سان سويڪار ڪري، کين آسيس ڏيندو هو. پر جي شاهوڪار شاهي، ٻنا شرڌا جي، ڦيل ٺاٺي جون ڳوٿريون ڪٽي وٽس ايندا هئا، تن کي هٿ جوڙي موٽائي ڪڍندو هو. سنتن کي نه کپن ڪيول خالي دليون، جي ايمان کان خالي هجن. هو تن کي وٺي انهن ۾ ايشور پريم ڌن جو خزانو ڀري، کين مالامال ڪري واپس ڏيندو هو ۽ گلي لڳائيندو هو. هو وڏائيءَ وارن وڏن کان ونءُ ويندو هو، پر محبت وارن مسڪينن کان ڪڏاچت منهن ڪين موڙيندو هو. هو نه پاڻ کين پنهنجي سنگ ۾ وهاري، کين پنهنجي نظرن سان نهال ڪري، ٻ ئي ڇڏيندو هو. پريمي، سندس چرنن ۾ ويهي، سندس نرمل پيار پيا پيئندا هئا ۽ اتان اٿڻ جي ڪين ڪندا هئا. لوهه جي ٽڪڙي به ڀلا چقمق کي ڪڏهن ڇڏي سگهي ٿي! دادا هڪ شڪتي شالي چقمق هو، جنهن جي ڪمل چرنن ۾ اهي لوهه جا پريمي پتلا چنبڙيائي پيا هوندا هئا. پانڊي ڪانيج ۾ وهڻ جو پورو پربند نه هوندي به پريمي پياسي ويهڻ به قبول ڪندا هئا، پر ايندا اوشيه هئا. ڪيترا نه پريمي پروانا پتنگ هئا، جي هن شاهه شمع جي سيتل شعلي جي ارد گرد پيا پل پل

آستان، جهڙوڪ سنت گيانيشور جو سماڌي آستان آلنديءَ، سنت تڪارام جو مندر ديهوءَ، اهي ڏيکاريائون. سو پنهنجي موٽر ڪار ڪڍي اچي دادا جي در تي بيهاريندو هو ۽ دادا کي ڪٿي نه ڪٿي وٺي هلندو هو. دادا جي صدقي اسين به اهي سنڌر آستان ڏسندا هئاسين.

٧٠ جنمڏڻ

سمو پنهنجي رفتار سان گذرندو رهيو، تان جو نومبر مهنو به اچي سهڙيو. دادا جو ٦٩ جنمڏڻ گذريل سال بمبئيءَ ۾ سانتيڪي نموني ۾ ملهايو ويو هو. پر هينئر جيئن سندس ٧٠ جنمڏڻ نزديڪ پئي آيو ته سڀني جي دل ۾ امنگ ٿي اٿيا ته اهو شڀ ڏڻ جيڪر ڌام ڌوم سان ملهائجي. ڪيترائي سنڌي ڪٽنب، جي شروع ۾ ڀارت جي ڀن ڀن پرانتن ۾ ڪهڙيءَ طرح رهيل هئا، تن دادا جو پڌي، هاڻ پونا اچي وسايو. ڪين دادا جي ستسنگ جي پياس دل ۾ هئي، گهڻن ئي جهونن ۽ نون پريمين دادا جو جنمڏڻ ملهائڻ لاءِ، نگر جي وڏي گوکلي هال ۾ اهو اتسو ڪيو، جتي سوين سنڌي ۽ غير سنڌي پيارا پريمي آيل هئا. هنن دادا کي ڀاوَ ڀني پشپانجلي ڏني. هڪ ميران بالڪيءَ به ڪي مٺا شبد انگريزيءَ ۾ ڳالهايا. ان شڀ اوسر تي دادا کي ٻه لک ٻارهن هزارن جي ڳوٿري پڻ ارپڻ ڪئي وئي. پنهنجي پشپانجليءَ ۾ ڪن پائرن دادا کي ساڌو، ڪن سنت، ڪن مهاتما، ڪن پيغمبر جا لقب ڏنا.

دادا مهاپرش هو، پر هن نماڻي سنت ڪڏهين به پاڻ کي مهان ڪين سمجهيو هو. هو سدائين نماڻن جيان پيو هلندو چلندو هو ۽ پنهنجي مٺي سرل سڀاوَ ڪارڻ، سڀني سان پريم پيار ورتاءُ ڪندو هو. ڪٿي سندس شان، ڪٿي سندس نياز ۽ نمرتا! واسطو پر هن ته سديو ڏنو ئي ڏنو پئي، پر پاڻ کي هڪ نماڻو

دادا جي هيءَ سنڌر سکيا پنهنجي جيون ۾ عمل ڪئي.

شيوا ڪنج

پارپتي ملڪاڻيءَ کي پياس هئي ته سنڌي سفيد پوش پينرن لاءِ جيڪر ڪا شالا کلي، جتي هٿ جو پورهيو ڪري هو عزت سان پنهنجي آجيوڪا ڪڍي سگهن. پوني ۾ ڪيترين پينرن لنگيءَ ۾ هيون. هنن ڪم ڪرڻ چاهيو ٿي. سو پارپتيءَ، دادا سان صلاح ڪري، سنڌس آسپس سان ان ڪارڻ لاءِ بنا مسواڙ جي هڪ گراج ورتي. دادا هن ڪاٽي ڪولڻ جو مهورت ڪيو ۽ ان کي شيوا ڪنج جو نالو ڏنو. هن شيوا ڪنج ڪيترين گهرجائو، پر محنتي پينرن جي سچي شيوا ڪئي. هن سنڌر وايو منڊل ۾ ويهي، پينرون نام ڪيرتن ڪري، سبڻ ۽ پرت جي ڪم کي لڳي ويندڙيون هيون. مهني پوري ٿيڻ تي چڱا پئسا پنهنجي گهر کڻي خوش ٿينديون ويندڙيون هيون. اهو ننڍڙو نماڻو ڪاتو، سمي پائي وڏي وڏو ٿيو ۽ ڪلياڻ ناري شالا جي نالي سان مشهور ٿيو. اُهو جو هڪ ٻڪڙو داڻو، جو دادا پنهنجي نرمل هٿن ۽ ڪروڻامئه هردي سان پوني ۾ پوکيو، تنهن پوري وقت تي پنهنجو ڦل ڏنو ۽ سوين سادا گهر سکيا ۽ ساوا ڪري ڇڏيا.

دادا کي پوني ۾ رهندي اَچي سال ٿيو هو. ان عرصي ۾ دادا جا ڪيترا ڪارڻ وري شروع ٿي چڪا هئا. پر ميران هلچل جو جوٽي چڪر اَچا چالو ڪين ٿيو هو. ڀاءُ گنگارام جيتوڻيڪ بين گهٽن ٿي ڪمن، جهڙوڪ پاڻي فنڊ جي چارج ۽ دادا جي سنڌر ساهتيه جي ڦهلاءَ ۾ رڌل هو، تڏهن به ودِيا جي ڪيتر ۾ جو هن ڪافي آزمودو پرايو هو، تنهن لاءِ سنڌس من ۾ اُمنگ اُڇلون ڏيئي رهيا هئا. هن دادا سان اها ڳالهه ڇوري. دادا جي دل ۾ ته ڪيترين دلين ۾ ودِيا، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جا ٻج ڇٽڻ جا سونهري سپنا هئا. سو هن گنگارام جي پرستاو جي پريم سان پنيرائي ڪئي. نه فقط ايترو، پر کيس ودِيا جي ڪارڻ سنڀالڻ

ڦرندا رهندا هئا ۽ پرلم جي ٽنڍي آگ ۾ پيا پچندا ۽ ٻچندا هئا!

راڌا ڪرشن ديا ڊسپينسري

پوني ۾ هاڻي سيوا فنڊ کليو هو. شيام ۽ سنت مالا جو پرڪاش ۽ پيا سيوا جا ڪارج شروع ڪيا ويا. پر بيمار غريبن جي خدمت لاءِ اڃا ڪا اسپتال ڪونه کلي هئي. حيدرآباد جي اسپتال جي چارج ۾ ڊاڪٽر رامچند مورجاڻي ۽ ڊاڪٽر هيرانند هاٿيراماڻي هئا. ڊاڪٽر هيرانند جي ٻالڪيءَ موهنيءَ جي شادي ڀائي رامچند ڊريا ناڻيءَ جي سپتر هيمن سان ٿي. ان ڪري ڀائي رامچند ۽ ڊاڪٽر هيرانند جو پاڻ ۾ مٺو ناتو هو. ڀائي رامچند کي هڪ ٻي جاءِ، گيتا نواس، به پنهنجي پارڪ ۾ هئي، جا ڊاڪٽر هيرانند جي گهر جي بلڪل لڳو لڳ هئي. ڀائي رامچند، گيتا نواس بلڊنگ جو هيٺيون ڀاڱو دادا کي اسپتال هلائڻ لاءِ بنا مسواڙ ڏيڻو ڪيو. شريمتي مٺي آڏواڻي، پنهنجي سرڳواسي پتيءَ ڪرنل آر. ٽي. آڏواڻيءَ جي سمرتيءَ ۾، ٽي هزار رپيا ڏنا ۽ چيو ته پل اُت اسپتال کولي وڃي، جنهن کي نالو ڏنو وڃي راڌا ڪرشن ديا ڊسپينسري. ان ڊسپينسريءَ جي کولڻ جو مهورت دادا پنهنجي شڀ هٿن سان ٢٦ جنوري ١٩٥٠ع تي ڪيو. اهو آزاديءَ جو ڏينهن، موڪل جو ڏينهن هو، جڏهن هيءَ سيوا جو کاتو کليو. ان اوسر تي دادا پنهنجو ڀاشڻ هنديءَ ۾ ڏنو. چيائين ته اَئلوپٿي ۽ هوميوپٿيءَ کان به مٿي اَٿو سِمپٿي (همدردي)! شل هن اسپتال ۾ بيمارن جي سيوا همدرديءَ جي ڀاوَ ۾ ۽ پيار ۽ قرب ۾، ٿوريءَ فيءَ سان ڪئي وڃي. ڊاڪٽر هيرانند اسپتال جي چارج ۾ مقرر ڪيو ويو. سندس دل ۾ دادا جا اِهي اکر گهڙي ويا. ڪارروائي سماپت ٿيڻ کانپوءِ ڊاڪٽر هيرانند دادا وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته: "دادا، توهين مونکي اهڙي آسيس ڪريو ته جيئن مان توهان جي وچن تي هلان" ۽ ڊاڪٽر هيرانند هميشه

هو. گنگارام همت جو سندرو ٻڌي سڌو ڪاهي ويو شري کير ڙت ۽ وڃي ڪيس سيٺي پرسٽنين مان واقف ڪيائين. ٽپ ٽپ تي ساڌو واسواڻيءَ جو نالو به ڏئي ڇڏائين. دادا نه مهان هوئي، پر سندس نالي ۾ جا شڪتي هئي، تنهن جو تير ڪو کسڻ وارو هو؟ اهو تير وڃي کير جي ڪروڌامي هردي کي لڳو. بنا دير گنگارام جي وينتي قبول ڪيائين، جيتوڻيڪ اهو ڪار به نهايت ئي ڪٺن هو. گنگارام کي هڪ نه دادا جي پٺڀي هئي ۽ ٻيو مهاراشٽر جي پرسڌ يڌ پرش، آچاريه ڪروي جو پڻ ساٿ هو. هن کير کي ٻڌايو ته ميران اسڪول جو اُدگهاٽن آچاريه ڪروي پاڻ ڪندو. مکيه منتريءَ "ها" ڪئي ۽ ميران اسڪول جو پايو پوني ۾ پهرين مارچ ۱۹۵۰ع ۾ پيو.

شري چنديرام آڏواڻي

پونا ميران اسڪول جي پهرئين هيڊ ماسٽر ٿيڻ جو سوڀاڳيه شري چنديرام آڏواڻيءَ کي مليو. هو هڪ الله لوڪ انسان هو. پڙهيل هو. سنڌ ۾ سال هيڊ ماسٽر ٿي رهيو هو. پر ماڻهو ڪيس هيڊ ماسٽر کان وڌيڪ هڪ ڀڳت جن ڪري ڪوٺيندا هئا. سڀ خوش ٿيا ته ميران اسڪول کي هڪ قابل ۽ لائق ماڻهو مليو هو.

ميران اسڪول نه کليو پر ان لاءِ هڪ پڪو ۽ دائما آستان کپندو هو. ورشا رتو به ويجهي پوندي پئي آئي. سرڪار جي راجيه سڀا جو اڊيوڪيشن ڪائونسل هال ۾ ٿيڻو هو، تنهن ڪري اسڪول کي اُتان هٽڻو هو. هوڏانهن ايندڙ برساتين ۾ ڀائي رامچند جي کليل ڪمپائونڊ ۾ سنسنگ ڪيئن ٿي سگهندو؟ انهن سڀني ۽ ٻين وشيش ڪارڻن لاءِ پنهنجو ڌاڻ ڌاڻ هڻڻ اوشيه هو. ٻيا سڀ جڏهن چنتاتر هئا، تڏهن ڪيول هڪ دادا ئي هو جو اڏول چت ۽ استر من هو.

گنگارام ۽ ڪي سنسنگي هاڻ نڪتا ڪو اهڙو مڪان

لاءِ هڪ ڪاريہ ڪارڙي منڊل ۾ ناهي ڏنائين. سيٺي دادا تي زور پيو ته ان منڊل جا اڏيڪش لوهين ٿي ٿيو. شڪر جو دادا اها راءِ سويڪار ڪئي.

گنگارام پڌرائي ڪئي ته پهرين مارچ ١٩٥٠ع تي ميران اسڪول کلندو. نه هنس ڪا اسڪول لاءِ جڳهه. نه هنس کي اڌياپڪ ۽ نه ئي هنس کي وديارٿي. پر گنگارام کي اهو ڪنج هو جو ٿورن کي نصيب هوندو آهي. اهو هو آتما صدق ۽ آتم وشواس. ڪيس پنهنجي گرديو ۾ پورن وشواس ۽ اٽل ايمان هو. هن صدق جي سهاريءَ ڪي سهڄيئي هڪ ساٿي ملي ويو، جنهن کيس ڏاڍو سهڪار ڏنو. واڊيا ڪاليج جي پرنسيپال جوڳه جو گنگارام سان مٺو ناتو ٿي ويو هو. هو پوني جي ڪمب ڪرچ مان واقف هو. هن گنگارام کي صلاح ڏني ته حال في الحال سرڪار کان ڪائونسل هال کڻي وٺ ۽ اتي ميران اسڪول کول. ڪائونسل هال سال ۾ فقط ورڪا رت ۾ کلندو هو. باقي اٺ مهنا بند رهندو هو. ورشا رت ۾ اُها ڪي مهنا پيا هئا. گنگارام کي اها رٿ پسند پيئي ۽ سڌو آيو دادا وٽ ۽ اچي اڳيانئس اها رٿ رکيائين. دادا کي به جوڳه جو اهو ويچار وڻيو. گنگارام جي دل هيٺئر خوشيءَ سان پرجي ويئي سو سڌو چڙهي ويو بمبئيءَ ۽ وڃي سرڪار جو در کڙڪايائين. ان ڪم ۾ هاڻ هو چڱو پڪ ٿي ويو هو. سنڌ ڇڏڻ کان اڳ به هن سنڌ سرڪار کان ميران اسڪول لاءِ هزارن جي گرانٽ پاس ڪرائي هئي ۽ اهي ڏينهن کهڙا نه ڏکيا هئا! اهو گنگارام جو جگر هو جو هيڏي گرانٽ وٺي مشڪندو دادا وٽ آيو. پلا مشڪي به ڇو نه؟ شينهن جي همت مان ناتو ڪيڏي آيو هو! حق تي دادا، گنگارام کي "جنگارام" ڪري ڪوٺيو هو. ڪنهن به جنگ تي وڃي ته سوڀ پائي اچي.

ان وقت بمبئي پرانت جو مکيه منتري شري بي. جي. کير

هئا، پٿيون، چٽيون، دريون، دروازا سڀ ڪلا ڪيندر سمان سندر هئا. وڏي ڳالهه ته هيءَ هڪ وشال هال هو جو ستسنگ لاءِ ئي خاص ٺهرايل ٿي ڏنو. اسڪول لاءِ وڏا هوادار ڪمرا هئا. مطلب ته سڀني سکن ۾ سمپورن هو. وشال هال ۾، سنتياڻي ميران جي وڏي سندر پرتيما ٽنگي ويئي، جنهن جو اُدگهاٽن حيدرآباد ۾ رڪمڻي ديوي ارنديل ڪيو هو.

پريوءَ، پاڪستان ۾ گهڻو ڪجهه وڃي چڪو هو، پر ڀارت ۾ آڻي اُڻ ميو ڏنائين. هت ته ڀڳوان ڀنڊار ڀري ڇڏيا! انسان ڪيڏو نه اڏيو آهي! ڪن ۾ پريوءَ مان وشواس وڃائي ٿو وهي. اسين اهو ڪيئن نه وساري ٿا ڇڏيون ته اسين هن سنسار ۾ ڪٺي نه ڪجھ ڪين ٿا اچون. جيڪي پراپت ٿئي ٿو، سو سڀ ايشور ڪرپا ڪري ٿي. واستو ۾ جيڪي به اسان کي ملي ٿو سو سڀ ته سندس ئي آهي ۽ اسانکي امانت طور ڏنو وڃي ٿو. جڏهن به واپس وٺڻ چاهي، وٺي سگهي ٿو. هو ته پنهنجي ئي ڏني مان وٺي ٿو. سڀ ڪجهه سندس ئي ته آهي. هوئي ته مالڪ آهي. ڀل جيئن وڻيس تيئن ڪري. اسان کي سندس حڪم مڃڻ ئي گهرجي. ان ۾ ئي اسانجو ڀلو آهي. پر جي اجائي هاءِ هاءِ ڪنداسين ته ڪجھ ڪين ورندو. "هاءِ، هاءِ" جي بدران جي هوند اسين "واهه، واهه" چئون ته ڪيڏو نه آنند اچي وڃي!

نام نه وساريو

هن سندر ميران منڊپ ۾ دادا ڀرين ڏينهن ئي ڏاڍو مٺو اُپديش ڏنو. چيائين: "اسين سڀ پکيئڙا! پکيئڙن جيان ڀيا اڏامون. ڪڏهين هت ڪڏهين هت. سڀ اٿو چند روز جي بازار. ان چند روز جي وهنوار ۾ نام نه وساريو! اهو اٿو اڄوڪي ڏينهن جو پيغام: نام نه وساريو، پر پل پل پريتم کي سنڀاريو!"

دادا شايد ائين سمجهيو هجي ته هيڏو وشال محل ڏسي، سنگت متان مغرور ٿي پوي ۽ پريوءَ کي وساري وهي، تنهن

ٻ ونديڻ، جت اسڪول ۽ سٽسنگ ٻئي سمائجي سگهن. ڪوچ ڪندي ڪندي سندن هڪ سندر، عاليشان عمارت، جيڪي پائي محل نالي، ريلوي اسٽيشن کان فرلانگ پنڌ تي، نظر چڙهي وين. هرويرو ائين به ڪين هو ته رڳو پاڻ گنگارام کي هن عاليشان عمارت جي ضرورت هئي، پر سوءِ ان عمارت جون گپت اکيون به پئي ٽڙقيون ته ڪڏهن تو منهنجو موڪش دوار کلي ۽ ايشور جو هڪ سچو سنت هڪ جوڳي جادوگر راضي ٿي اچي ان ۾ پاڻ به رهي ۽ پنهنجو پرمارٿ نڪيتن کولي، ۽ مونکي امر ڪري. وري آس پاس جو وايو منڊل به کهڙو نه سانتيڪو ۽ سندر هو. دادا کي به اها عمارت ڏيکاري وئي.

گنگارام پڇا ڳاڇا ڪري وڃي محل جي مالڪياڻيءَ کي مليو ۽ ڏيڍ هزار رپيا ماهوار مسواڙ جي آڇ ڪيائين. پر مالڪياڻي هئي زبردست، سو آڇ قبولي ئي نه. پر ڪيس خبر ڪانه هئي ته هتي به گنگارام "جنگارام" هو جو آڻ مڃڻ وارو ڪين هو. گنگارام شڪتي شالي هو ۽ دادا جي شو شڪتيءَ جي ٻل تي وڃي، هرهنڌ سڦلتا پائي ايندو هو. هن به نه ڪئي هم نه تم سو گنگارام سڌو ويو سرڪاروٽ، ۽ هميشه جيان وڃي سندس در ڪڙڪايائين. در ڪڙڪائڻ مهل دادا جي شڪتي اهڙيون ترائون اندر موڪليندي هئي، جو اندر ڪم نهيو ئي رکيو هوندو هو. گنگارام اندر وڃي دادا جي چترچاهت هٽي آيو ۽ ان عمارت جو فقط سوا هزار رپين ماهوار مسواڙ تي پروانو وٺي، دادا وٽ مشڪندو آيو. دادا جو ڪار يه سڦل ڪري جڏهن گنگارام مشڪندو هو، تڏهن سندس انتم آتما جي آنند جو ساگر ٻيو ڇلڪندو هو.

رٿا انوسار، نيڪ پهرين مارچ، ميران اسڪول ڪائونسل هال ۾ کليو هو. پهرين جون تي هيءَ سندر محل اسڪول کي مسواڙ تي مليو. محل ۾ انيڪ ڪشادا ڪمرا هئا، وڏا ورانڊا

ٻه وڳي ۾ چڙهي روز ايمپريس گارڊن ۾ ويندا هئاسين.
دادا باغ ۾ خوش لڳندو هو. ان خوشيءَ ماڻيندي به
ڪيس اسان جو اونو رهندو هو. هو چاهيندو هو ته هو سائينءَ
جو شيوڪ ٿئي ۽ پنهنجو آتم ڌن سڀني سان ونڊي ورهائي. باغ
جي پکين ٻڌڻ تان پند ڪري، ڦولن ڦلن جي هارن جو ديدار ڪري،
سيتل پون جي بهاري ماڻي، هو اچي هڪ بينچ تي ويهندو هو
۽ اسين سڀئي سندس چرنن ۾ ويهي رهندا هئاسين. ائين
لڳندو هو ڄڻ ته ڪنهن سندر رمڻيڪ تپوبن ۾، هڪ ديورشيءَ
جي ڪمل چرنن ۾، ڪي جگياسو گيان جي گنگا ۾ اشنان ڪري
رهيا آهن! پراچين ڪال ۾ به اهڙيءَ طرح اپنشدن جون روح
رچنديون رچنائون پرڪلت ٿيون. گيتا ۾ شري ڪرشن ائين ئي
چيو آهي ته جگياسوءَ کي گيان پراپت تڏهن ٿيندو جڏهن هو
(۱) گروءَ جو سنگ ڪندو (۲) ڪانئس پرشن پڇي، پنهنجي
آتمڪ شنڪائن ۽ سمسيائن جو سماڌان گهرندو ۽ (۳) سندس
شيوا ڪندو.

سندر ڪهاڻيون

اسين به دادا کان پرشن پٺيان پرشن پڇندا هئاسين ۽ پيارو
دادا مشڪندي اسان کي اتر ڏيندو هو. انهن جوابن ۾ خوب
گيان جي گنگا اڇلجندي هئي، جنهن ۾ اسين اشنان ڪري،
پيا ترڪندا ۽ ترپت ٿيندا هئاسين. گنگارام ميران اسڪول جي
شيوا ۾ رڌل رهندو هو، پر هو به پوري وقت تي باغ ۾ اچي
پهچندو هو. آتم جي آفيس باغ جي ڀرسان هئي. هو به ڪلاڪ
ڪن موڪل وٺي باغ ۾ ايندو هو. باغ ۾ جا گيان چرچا هلندي
هئي سا پياري جشن ويهي قلم بند ڪئي. اهو گيان ڪن ست
مالا جي اڪن ۾ آتم ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن جو نالو آهي
”بي بقا جي باغ ۾.“ دادا هڪ هنڌ پنهنجي گيت ۾ چيو آهي
”هي بقا جي باغ ۾ بلبليون ٿيون باس ڪن.“ ايمپريس گارڊن

ڪري آئي هئي ۽ سڪيادائڪ سڀهو سٽايائين ته نام نه وساريو. اهو سنديش نه فقط ان سمي لاءِ هو پر سديوَ لاءِ. شل دادا جا اهي مٺا وچن اسان جي ڪنن ۾ ناد جيان وڄندا رهن ۽ شل اسين نام نه وساريون ۽ پل پل پريتم کي سنڀاريون.

پهرين مارچ جڏهين ميران اسڪول کليو هو تڏهين دادا اسوَسٿ هو. اَچانڪ ڪيس هڏڪي ٿي پيئي، جنهن ڪيس ڏاڍو هلاڪ ڪيو. ڪي ڏينهن ڪيس اها هڏڪي هلي. ان ڪري پهرين تاريخ اسان مان ڪير به اسڪول جي اُدگهاٽن تي اُپسٿت ٿي نه سگهيو. شڪر جو جڏهن هيءَ نئين عمارت ملي تڏهن دادا سٽسنگ ۾ حاضر ٿيو ۽ ميران هال ۾ اُپديش به ڏنائين. ان ميران هال ۾ پيارو دادا، پنهنجي جيون جا انتم سورهن سال ويٺو. سائين ۽ سنڌيا ڪال اُتي اُپسٿت رهيو ۽ سمي سمي تي پنهنجا امر اُپديش ڏنائين.

صحت ڏانهن ڌوج

سال جي شروعات جيان، دادا جي صحت، آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۾ به ڍلي ٿي پيئي. هن دفعي سندس علاج ڪرڻ جو وجهه ڊاڪٽر مونواڻيءَ کي مليو. هيءُ هڪ نهايت هوشيار ۽ نماڻو ڊاڪٽر هو، جنهن جو پتا ڊاڪٽر رگهومل به هڪ ست پرش هو. جڏهن دادا بهتر ٿيو، تڏهن ڊاڪٽر مونواڻيءَ کيس صلاح ڏني ته توهين جيڪر روز صبوح جو، سيتل اُس ۾ نڪري، ڪنهن باغ ۾ ويهي، تازي هوا کائو. دادا کي ته باغ بوستان ۽ گل گلستان ڏاڍا پريه لڳندا هئا.

نئون سال ١٩٥١ع شروع ٿيو. دادا گشت سهڻ کان پوءِ ڪجهه نبل ٿي پيو هو. ٽنومل ترت تيار، سو پنهنجي وڏي، ويڪري موٽر آڻي دادا جي در تي بيهندو هو. دادا، ٽنومل، سندس ڌرمپتني چتر، جنهن ستيءَ ديوڪيءَ، شانتي ۽ مان

درد ۽ ڏک اچي ٿو ته وڃڻ

دادا چوندو هو ته هڪ هڪ بيماري اچي ٿي اسان کي ڌوئي نرمل ڪرڻ، اسان جو اندر اوجل ڪرڻ. دادا پاڻ ته پورنتا جي پرتيما ۽ پرتيڀا هوئي. پوءِ ڪيئن بيماري ڪهڙي ڪارڻ؟ اسان اڪثر ڏٺو ته جڏهين به ڪو وڏو ڪاريه ٿيڻو هوندو هو ته ان کان اڳ دادا ناچاڪ ٿي پوندو هو، ڄڻ ته ان نموني تپسيا جو ساڌن ڪندو هو. نه ته ڪيئن تپسيا جي آوشڪتا هئي؟ پر هڪ هڪ ساڌن ساڌيندي هن ايندڙ ڪاريه جي سڦلتا ۽ سنگت جي سک ۽ شانتيءَ لاءِ پنهنجي پاڻ پتوڙيو. ڪڏهن ته دادا اسان جي پاپن ۽ مصيبتن جا بوجا پاڻ تي کڻي، سرير جا سورَ سهندو پيو نام ڳائيندو هو ۽ شڪر ڪندو هو. مطلب ته سندس جيون ۾ اٿندي ويهندي، هلندي سمهندي، صحت ۾، بيماريءَ ۾، هر وقت، هر سمي نام ئي نام هو. ان نام ۾ هو نهال ٿي رهيو. ايتري قدر جو سندس ڌيان پنهنجي سرير ڏانهن گهٽ ڪو ويندو هو. سنت اهو جو بار ڍوئي، بوجا اٿائي ۽ انت ۾ سوليءَ تي سرهو ٿئي ۽ موت ۾ به مشڪي. دادا اهڙو هڪ اهڙو پرم سنت هو!

ان ستسنگ ۾ ڀائرن ۽ ڀينرن دادا کي وينتي ڪئي ته اڄ جيڪر توهين پنهنجي مکاروند مان ڪي مٺا وچن چئو. اسين گهڻي سمي کان ان پرتيڪشا ۾ آهيون. دادا به مشڪي سندن وينتي اونائي ۽ هي ٿورا شبد پنهنجي ڏڌندڙ، پر مرليءَ جهڙي مٺڙ آواز ۾ چيا:

”پياري ستسنگيو، اڄ به شل سچي ستگر جي آسيس هن داس تي ۽ توهان سڀني تي ٿئي. اڄوڪي ڏينهن کي وچن وري وري ٿو اچاريان. شڪرانا! شڪرانا!

اوهان سڀني منهنجي ڪيڏي نه سنڀال ڪئي! بيماريءَ جي بستري تي روز روز منهنجي شام اچي آسيس ڏني. شل

بيشڪ بي بقا جو باغ هو، پر ان مان نڪتل واٽ امر رهندي، ڇو ته گيان جو خزانو سدئو امر آهي. سنساري وستو اَنتيه آهن. گيان جي جوت آد ڄڳاد کان نتيه آهي ۽ اڄ به سنسار جي اَگيان جي اَنڌيري ۾ پرڪاش ڏيئي رهي آهي ۽ ڀوشيه ۾ به ڏيندي رهندي. باغ ۾ دادا ڪيترن مهاپرشن جون ڳالهيون ڪيون، جهڙوڪ: مهاتما گانڌي، سادو سنڌر سنگهه، لائوتزي، ڪنفيوشس، فريد عطار، حسن درويش وغيره. هن ڪيتريون اُهي ننڍڙيون منڙيون ڪهاڻيون پڻ ٻڌايون. هيءُ ڪهاڻيون باغ جي سنڌر پشپن جيان آهن جن کي پڙهڻ سان منجهائن سڳنڌ پيئي اچي، جا اَنتر آتما کي اَتيهنت آنند پيئي پردان ڪري. پشپ نه ڪيول ڏينهن به اُديان ۾ چمڪن پوءِ ڪومائجي، ڇڻجي ڌرتيءَ تي ڪري پون ۽ نيست مٽيءَ ۾ ملي وڃن. پر دادا جون، بي بقا جي باغ ۾ ٻڌايل هيءُ سنڌر ڪهاڻيون، سدا امر آهن ۽ اڄ به پاٺڪن جي اَنتر کي آنند سان ڀري ٿيون ڇڏين.

ستسنگي ڀائر ۽ ڀيئرون ان ڏينهن لاءِ نهاري رهيا هئا، جنهن ڏينهن دادا کي ستسنگ ۾ اَچڻ جي موڪل ملندي. هو دادا کانسواءِ وياڪل هئا. بيماريءَ وقت دادا ڊاڪٽر ۾ پرڀوءَ جو روپ ڏسندو هو، سو سندس آگيا ۾ هلندو هو. جڏهن ڊاڪٽر، دادا کي شام جي ستسنگ ۾ وڃڻ جي آگيا ڏني، ته دادا به ڏاڍو خوش ٿيو، جو هن پاڻ به پنهنجي پريمين کي پئي سنڀاريو. دادا ستسنگ هال ۾ گهڙيو مس ته ستسنگ ۾ ڄڻ ته چوڏس جا چار چنڊ چمڪي اُٿيا! ستسنگ جي سرءُ ۾ ڄڻ ته بسنت رت لنگهي آئي! پريمين جا مرجهايل هرديه ڪمل هيڪر کلي پيا، سندن مايوس چهرا مشڪي پيا! دادا پنهنجي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ڏسڻ ۾ ڏبل ٿي آيو پر مکڙي تي منڙي مشڪ هئس ۽ اکڙين ۾ عشق جي آتش پئي ٻرڪيس.

هئي. شڪر جو مٿي کڏ تي صبوح ۽ رات جو ڪا ڪنڊ وٺي ويهي سگهبو هو. اها جڳهه دادا جهڙي مهان آتما جي رهڻ لائق ٻنهه ٻنهه ڪين هئي. ڪيس انيڪ سنڌي ۽ غير سنڌي سڃڻ ڳڏجڻ ايندا هئا. ان لاءِ تہ ڪو جوڳو استان ئي تي سونهيون. ميران وديا پرشد (بورڊ) جا ميمبر دادا اڳيان بار بار اها وينتي ڪرڻ لڳا، تہ توهين ڪرپا ڪري اهو پانڊي ڪاٽيج ڇڏي اچي ميران اسڪول جي ڪشادي ۽ هوادار عمارت ۾ رهو ۽ اسانکي آسيس ڏيو. بيشڪ اهو وديا جو ڪيندر هو ۽ ستسنگ ۾ نام جي ورڪا ٿيندي ئي رهي، پر ورڪا وسائڻ وارو ڪٿي هو؟ ميران ڇتوڙ ڇڏي ويٺي تہ ڇتوڙ جو چمڪو ئي گم ٿي ويو، پر هن ميران پوميءِ ۾ بہ اچا راڻو رهڻ لاءِ راضي نٿي ٿيو.

گنگارام کي پورن وشواس هو تہ هڪ ڏينهن دادا ديا ڪري ميران چمن ۾ ايندو ۽ چمن وري چمڪندو ۽ ٿيو بہ ائين. هڪ ڏينهن دادا اچانڪ چيو، تہ مان وچان تو ميران اسڪول ۾. اسين جو ان فيصلي لاءِ اچا تيار ڪين هئاسين سو سمجهيوسين تہ دادا ميران اسڪول مان ٿي ٻوءِ موٽي گهر ايندو. پر اٿي پڇي، دادا موڙيو ئي چيو تہ منهنجو بسترو ۽ پيٽي کڻي اچو. مان هتي ئي رهندس.

اسانجي سنت کي اهڙن موقعن تي اندر جو ايشوري آواز ئي ايندو هو، جو ٻڌي، هو فيصلو ڪندو هو. اهائي سنتن جي گت آد جڳاد کان پٺي رهي آهي. شل اسين ان کي پروڙيون.

"سنتن ۽ ساڌارڻ ٻندي ۾ هڙو انتر جاڻ،
هو حڪم اڳيان سر جهڪائين، اسين ڪريون ڇڪتاڻ."

گنگارام ۽ پريشد جا ميمبر ڏاڍو خوش ٿيا. ڏنار اچي ڏڻ وت پهتو؛ ڏڻ کي پيو ڇا کپي؟ ميران محل هاڻي ٿي پيو ميران مندر، جو مندر جي ديوتا ان ۾ پرويش ڪيو! ڪن جو چوڻ هو تہ هيءَ محل ڳرو آهي ۽ ان ۾ جنن ڀوتن جو واسو آهي. ڪيئن بہ هجي، پر همت تہ نام جي

هن جيوت جا باقي ڏينهن سائينءَ جي سمرڻ ۽ شيوا ۾ گذاريان. آسيس ڪجو. سائينءَ جي دوار جو داس ۽ شيوڪ ٿي رهان. اُڃا ڪمزور آهيان. سائينءَ جي رحم ۾ پختو، پر سريرَ جي سگهه ۾ ڪمزور. وڌيڪ مون تي آسيس ڪجو."

انهن ٽورن اکرن سان ٻہ ستسنگي سنتشٽ ٿيا. سندن هردا پگهرجي پيا، جڏهين هنن دادا جا سُڪ ۽ سوڙ پيل چار وچن ٻڌا. دادا سڀ ڪجهه شڪر ڪري پوڳيو هو. "شڪرانا - شڪرانا". بيماريءَ جي بستري تي جڻ تہ سندس هڪ منتر هو، جو سندس ڪمري جي ٻاهران بہ پيو ٻڌڻ ۾ ايندو هو. دادا هڪ هڪ سور کي سائينءَ جي سُک جي سوکڙي ڪري سمجهندو هو. ستسنگي پيا ان سائينءَ جي درٻار ۾ آراڌنا ڪندا هئا تہ اي سچا سائين! تون اسان جي پياري دادا کي جلد نوبنو ڪر. ڪي تہ سندس سور پاڻ تي همُوار ڪرڻ جي پرارٿنا بہ ڪندا هئا. سندن دل جي پياس هئي تہ شل اسين دادا جي دوار جا، جيون جي انتم گهڙيءَ تائين داس ٿي رهون ۽ شل قبول پئون.

دادا هڪ هنڌ چيو آهي تہ:

"عاشق نام سڏاوڻ سوکو،
اوکو نينهن نڀاوڻ آهہ."

پر نينهن نڀائڻ آهي دو ڌاري تلوار جي تکن ڌرن تان پنڌ ڪرڻ. سنتن سان نينهن جو ناتو رکڻ آهي اگهي پريکشائن مان لنگهڻ. تنهن ڪري هو هرديہ ۾ اها آس رکي ويٺا هئا تہ شل دادا کين پنهنجي دوار تي داس ڪري رکڻ سويڪار ڪري.

ٻانڌي ڪالونيءَ، جت دادا پنهنجي پارڪ ۾ رهندو هو، اها هڪ ننڍڙي جاءِ هئي. ان جي ٽين جي پترن جي ڇت اونهاري ۾ جڏهن ٽپي لوهہ ٿي ويندي هئي، تڏهن منجهند جو آسائش وٺڻ اُن ڪمري ۾ ڏکيو ٿي پوندو هو. رات جو بہ پوري هوا کين لڳندي

پاڻ به رهي سگهي ٿي ۽ شالا جو ڪاريه به هلائي سگهي ٿي. ساڳئي هنڌ ٻين ڀائرن ۽ ڀينرن به پنهنجا پنهنجا ننڍڙا ڪمرا اچي مسواڙ تي ورتا. ڪن ته ڪراچي ۾ رهڻ به قبول ڪيو جو دادا جي نڪٽ رهڻ جي پياس هين. انهن مان هڪ هو دادا جو پرم پيارو ڀڳوانداس مڇنديا، روهڙي ميران اسڪول جو هرتا ڪرتا. مطلب ته سڀ ٿر ٿانئيڪا به ٿيا ۽ دادا ۽ ستسنگ جي سامهون به ٿيا.

ميران يوميءَ ۾ خوب ميلا مچي ويا. پر ميلن جو ميلو هو دادا جو شڀ جنمدن، جو ٢٥ نومبر تي ملهايو ٿي ويو. ان موقعي تي ميران يومي بدلجي هڪ پرستان ۽ ديوستان ٿي پوندي هئي. ڀائرن ڀينرن جي چهري تي ته رونق ايندي ٿي هئي، پر ميران يوميءَ جون پتيون پتيون، پشپ پتا ۽ وڻ ٽڻ به ٻجلي ٻتين جي جهرمر ۾ جڳ مڳ چمڪندا هئا. جتان لنگهه، اُتان آنند جون ڌارائون پيئون ايندڙيون هيون. جيئن بسنت بهار رت اچڻ سان ساري پرڪرتي پنهنجا ويس وڳا مٽائي حسن ۽ هڪبار ۾ پيئي ٻهڪندي آهي، تيئن ميران يومي به پياري پريتم، دادا جي پوتر سالگره تي پنهنجو رنگ روپ بدلي، هڪ نووَرتي ڪنوار جيان سينگار جي سهڻي ۽ سندر ٿي پوندي هئي!

هر چنڇر شام جو دادا گيتا ڪلاس هلائيندو هو. هڪ چنڇر منجهند جو ١٢ بجي دادا کي ٽار پهتي ته سندس پرم پيارو مٽر شري جمشيد نسروانجي مهتا، جنهن جي آسيس، هن پاڪستان جڙڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ورتي هئي، سو هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪري ويو. ان شام جو دادا گيتا ڪلاس ۾، جمشيد جوڳيءَ بابت، (جو خود ڪراچيءَ ۾ گيتا ڪلاس هلائيندو هو)، ڏاڍا دل ڇهائيندڙ شبد چيا: "پريوءَ ڪيس دنيوي پدارٿ، عهدو اقبال وڏو بخشيو هو. هن پياري، جيون جو راز سمجهيو هو ته جيون ملي آهي پراپڪار ۽ پرمارٿ لاءِ ۽ نه سوارٿ لاءِ. هو نه فقط هڪ مهان

ندي پٽي وهي، پڳتيءَ جون ڌارائون پٽي وهيون، جن جنن ۾ پوٽن جو پڻ ڪلياڻ ڪري ڪين مڪت ڪري اڇڏيو! دادا جي رهڻ سان ميران پومي هاڻ ٽي پيٺي پڄ پومي، پڳتي پومي!

ميران پومي

ميران پوميءَ ۾ همرا هئي، اُس هئي، وڏا ڪمرا هئا، ڪشادا ورندا هئا، سڀ سک هئا. هيٺ وشال ڪمپائونڊ ۾ وركش هئا، جن جي سيتل ڇايا ۾ پيارو دادا اچي ڪلاڪن جا ڪلاڪ وهندو هو، ستسنگ ڪندو هو ۽ ڪن پياسين کي مڌر سنيها لکي ڏيندو هو. پنهنجي ڪمري جي ڪڙڪيءَ ۾ ڊ ر منجهان صبوح جو سوريه ديوتا کي نمسڪار ڪندو هو. سامهون وڻن جي ٽارين تي ڳائيندڙ پکين جون مٺيون مٺيون لاتيون ٻڌي سگهندو هو. وركا رت ۾ هن پرڪرتيءَ جي سونهن سوڀيا جو ديدار ڪري، پرڪرتيءَ جي سرجڻهار "پرش" جو ڌيان ڌري، پنهنجي سرت شبد ۾ چاڙهيندو هو.

دادا جو نئي ڙو پريوار

دادا پانڊي ڪاليج جي قيد مان آزاد ٿي، ميران جي سولنتر وايو منڊل ۾ پاڻ کي مڪت سمجهڻ لڳو. پر دادا اُتي ان شرط سان رهڻ سوپڪار ڪيو ته ميران ودياپريشد ڪانئس رهڻ جي مسواڙ وٺندو. پريشد کي ته ڪيول اٿي دادا جو رهڻ کپندو هو، سو هنن اهو شرط لاچار قبول ڪري ڪانئس مقرر ڪيل مسواڙ وٺڻ شروع ڪئي. دادا سان گڏ رهڻ جو جشن، سنتيءَ، شانتڙيءَ ۽ منهنجو سؤ ڀاڳيه هو.

دادا کي ميران پوميءَ ۾ رهندو ڏسي پارپتي ملڪاڻيءَ به دادا جي ويجهو ڪا جاءِ ٿي ڳولهي، جت هوءَ ناري شالا جو ڪم شروع ڪري سگهي. جوڳي جاد وڳر جي آسيس سان جلد ڪيس سندس ٿي سامهون راجمحل هوٽل ۾ هڪڙو ڪمرو مليو، جت

بمبئيءَ ۾

اَڪل ڀارت جيوَ ديا مَنڊليءَ جي اُتسو جو آرنڀ بمبئيءَ ۾ اپالو بندر تي گرين هوٽل ۾ ٿيو.

آرنڀ جي سمهه هوٽل جي هال ۾ ويهي انجي درين مان ٻاهر ساگر ۾ لڳندڙ لهرن جو لقاءُ پسجي رهيو هو. مٿي آڪاش ۾ ڪارا ڪارا بادل گهيريل ڏسجي رهيا هئا. ڪنهن ڪنهن مهل ٿوري ٻوند ٻاندي به ٿي رهي هئي. دادا جنهن مهل اُٿي پنهنجي شُڌ اَنگريزي ڀاشا ۾ ڳالهايو، تڏهن ائين پرتيت ٿي رهيو هو ته، هو پنهنجي جيوَ ديا جو سنديش نه ڪيول هال ۾ ويٺل سنڌين، مرهٽن، گجراتين، پارسين ۽ اَنگريزن کي ڏيئي رهيو هو، بلڪ ٻاهر ساگر ۾ لهرائيندڙ لهرن کي ۽ اَدرشٽ سنسار جي آتمائن کي پڻ. جيوَ ديا جو پيغام، ڪروڻامي دادا جي هردي پٽاندڙ هو. سندس رڳ رڳ، ڪوس ۽ قتلام ٿيندڙ گگدام جيون لاءِ روئي رهي هئي. سندس هينئون، گگدامن سان ٿيندڙ بيرحميءَ جي هلت ڏسي، ڏري رهيو هو. سندس ڪومل هردو، انسان ذات جو پکين ۽ پسن سان ٿيندڙ ڪاسائڪو رخ ڏسي ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهيو هو.

دادا جي آتما جي پر درد پڪار اُپسٿت سڄڻن جي سيني مان پار لنگهي وئي. سندس اَنگريزي ڀاشا جي اُچتا تي هرڪو حيران ۽ پرڀاوت هو. خود ڪي اَنگريز به ساڻس ملڻ لاءِ ماندا ٿيا. ميٽنگ ڪان پوءِ گهڻئي دادا کي ورائي ويا. دادا هڪ هڪ کي ڏاڍي پيار ۽ قرب ۾ مليو. ان پيار ۽ قرب ڪيترن جا ڪليجا قابو ڪري ڇڏيا. هن جوڳي جادوگر جي مهان شخصيت سڀني جي دلين تي جادو لڳائي ڇڏيو.

پورين چئن سالن ڪانپوءِ دادا بمبئيءَ جي ڀوميءَ تي پڌارو هو. بمبئي سندس اچڻ جي راهه نهاري رهي هئي. اُتي جي گهڻن سنستائن کيس ڪوٺ ڪئي. سنڌين جي اَچا دردناڪ

شيوڪ هو، پر پريوءَ ۾ سندس عجيب صدق ۽ اٽل وشواس هو. هو گيتا جو اپاسڪ هو ۽ هن گيتا جي سکيا پنهنجي جيون ۾ گرهڻ ڪئي ۽ نشڪام شيوا ڪري پنهنجي منش جيون سڦل ڪئي."

شريمتي مهرا

سيپٽمبر مهنو اچي سهڙيو. هڪ ڏينهن هڪ پارسي ڀيڻ، شريمتي مهرا وڪيل، بمبئيءَ مان پوني خاص دادا کي ملڻ آئي. هوءَ اکل ڀارت جيو ديا منڊليءَ جي هڪ اتساهڪ ميمبر هئي. ان منڊليءَ جي سهاري هيٺ، بمبئيءَ ۾ ٢٩ سيپٽمبر کان ٥ آڪٽوبر تائين جيو ادار سپتاهه ٿي ملهايو ويو. ان اُتسو جي مهورت ڪرڻ لاءِ هوءَ دادا کي وينتي ڪرڻ آئي هئي. هيءَ ڀيڻ ڏسڻ ۾ سندر ۽ ڳالهائڻ ۾ چٽڪي هئي. دادا کي اڃا بمبئيءَ وڃڻ جو ويچار ڪين هو. هيءَ ڀيڻ دادا کي پهريون دفعو گڏي هئي، پر دادا جي چرنن ۾ ويهي هن ساڻس اهڙي نه حجت سان پئي ڳالهايو، جڻ نه ڪيس سالن کان سڃاڻندي هئي. چيائينس ته دادا، توهان کي ڪيئن به قبول ڪرڻو پوندو. مان هتان چرنديس ٿي ڪين، جيستائين توهان مونکي "ها" نه ڪئي آهي. اسانکي خود اچرج پئي لڳو ته هن ڀيڻ ڪيئن نه دادا تي هيڏو زور پئي ڀريو. نيٺ هن دادا کي رنجهايو ۽ دادا به راضي ٿي ڪٿي "ها" ڪئي.

پوني جي پريمي ڀائرن جڏهين اهو ٻڌو ته ذرا رنج ٿيا. هو دادا کي ٿورا ڏينهن به ڇڏڻ لاءِ تيار ڪين هئا. پر دادا هو هڪ ۽ ڪيس چاهيندڙ هئا انيڪ، سو ڪنهن جي روڪڻ جو ٿورو ئي هو. شاهه لطيف چوي ٿو "تون هڪ منهنجو ڏر، تو در وهيون ڪيتريون!" دادا کي ته پريوءَ جو ڪاريه ڪرڻو هو ۽ پريو ڪيس جتي وٺي ويندو، هو اتي ويندو.

پياسي ايندا هئا. پري پري کان ٽرين ۾ چڙهي به پهچندا هئا. ڪي ته مور ڳو ئي ڪولابا ۾ مائٽن وٽ ٽڪي پيا.

ڪوليوابا ڪئمپ ۾ جتي هزارن جي تعداد ۾ سنڌي پائر ۽ پيٽ ڀر رهيا ٿي، اُتي دادا کي بار بار ٻي ڪوٺ ٿي. دادا جڏهن اُتي هليو ته ماڻهو ماڪوڙين وانگر اُچي مڙيا. ڀڄن ڀاو کان پوءِ دادا اُپديش ڏنو. ماڻهن کي ستسنگ مان ايڏو ته آنند آيو، جو دادا کي چيائون ته جيڪر هت وري وري ستسنگ ضرور ٿئي. ستسنگ جي ڳالهه ته دادا جي دل وڻان هئي. ڪوليوابا ۾ ڀاءُ کو ٻچند شوداساڻي رهيو پيو هو. هو ڪراچيءَ جو نيمي ستسنگي هو. دادا به ستسنگ جي مٿان ان کي ڪٺي مقرر ڪيو ۽ ستسنگ جو پايو وڌو. ان ڏينهن دادا جڻ ته هڪ اُهر جو داڻو پوکيو جو سمي پائي هاڻي وڏي وڏو قلمدار وڻ ٿيو آهي. اَڄ بمبئيءَ ۾ ساڌو واسواڻي مشن جو ستسنگ هلي پيو ۽ شيوا جا سنڌر ڪاريه پڻ ٿين پيا. تنهن کان سواءِ ماهوار پتر ”جاڳو“ پڻ نڪري ٿو. ان ”جاڳو“ اخبار بيشڪ ڪيترن سنڌين کي سجاڳ ڪيو آهي ۽ ڪيترن جي جيون ۾ جاڳرتا آندي آهي!

ڏياريءَ جو ڏينهن ويجهو پئي آيو. پوني وارن دادا کان انجام ورتي ڇڏيو هو، ته ڏياري ضرور اُسان سان گڏ جي پوني ۾ ملهائجو. ڏياري سام جا رام سان گڏ ملهائجي. جي اُسان جو رام ئي ساڻ نه هوندو ته پوءِ ڏياري ڪهڙي؟ پر بمبئيءَ وارا چون ته ڏياري اُچي ۽ رام هليو وڃي، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ نيٺ دادا رستو ڳولهيو، جنهن ڪري لعل به ليجي آيو ۽ پريت به رهجي آئي. ٻهرڀون ڏينهن ڏياريءَ جو دادا بمبئي واسين سان ڪيو ۽ ٻيو ڏينهن پوني وارن سان!

بمبئيءَ ۾ ڪيترئي ميران ٻالڪيون رهيون پيئون هيون. هو اُتي نوڪري ڪنديون هيون جو سنڌ ۾ گهرن کي پيسي جي گهرج هئي.

آرٿڪ ۽ سماجڪ حالت ڏسي، دادا کي ڏاڍو صدمو پهتو. ويچارا مڙيو ئي ڇت هيٺان ڪنڌ ۽ شرم لڪائي ويٺا هئا ۽ پنهنجي اڌ رپورٽا ڪري رهيا هئا. انهن مان ڪيترا ته سنڌ ۾ پريا پاڳيا هئا پر هنن حالتن جي مجبوريءَ ڪري غريب ۽ نماڻا ٿي پيا هئا. پنهنجي وطن سنڌ ڙيءَ کان موڪلائڻ وقت جڻ ته هنن سک کان به موڪلايو هو. اَلاجي ڪڏهن وري سک جا ڏينهن هنن لاءِ موٽندا؟ اَلائي وري ڪڏهن هو سک سمهندا، سک جي روٽي کائيندا، سک جي جيون گهاريندا؟ في الحال ته هنن لاءِ ڏکن جو درياهه اُڇلي پيو هو، جنهن ۾ هنن غوطا پئي کاڌا. ڪو اهڙو ڪين هو جو کين غوطن کائڻ کان بچائي، جو کين لهرن لوڏن مان ڪڍي، سک ۽ سلامتيءَ جي بندر تي پهچائي. تنهن هوندي به هنن، ڏاڍي صدق ۽ شرڌا وچان دادا اڳيان اُچي سيس نوايو ۽ سندس آسيس ورتي. دادا سنت هو. سندس آسيس ضرور سندن جيون ۾ ڪو ڦيرو آڻيندي، ڏک مان ڪڍي کين سک جي راهه تي پهچائيندي. اهڙو وشواس کين اوشيه هو.

سڀني پئي سمجهيو ته دادا وڌ ۾ وڌ هفتو رهي وري پوني واپس ورندو. پر ممبئيءَ کي جي عربي سمنڊ ته سنڌين جو به ساگر اچي منجهس ڪٺو ٿيو هو، سو دادا کي جتان ڪٿان پئي ڇڪ ٿي ته اسان وٽ ضرور اچو. هاڻي، جي دادا رهيو ٿي، ته ستسنگ ڪرڻ به ضروري هو. سو شانتيءَ جي اميءَ جي مڪان جي ڪڏ تي شام جو ستسنگ ٿيڻ لڳو. ائين سمجهو پئي ويو ته سؤ اڌ ماڻهو اچي مڙندا، پر هتي ته ميڙو ڪٺو، جو ڪافي وڏو هو، سو ته ڀرجي ويندو هو، تنهن ڪانسواءِ ماڻهو ڏاڪڻ تي پڻ ويهي ويندا هئا. پاڪستان کانپوءِ ماڻهن کي سنتن جو جڻ ته قدر پئي ٿيو ۽ جو وجهه سندن سنگ ۽ ستسنگ جو ملين ٿي، ان جو فائدو ٿي ورتائون. "سواستڪ ڪورٽ" جي ڪڏ تي، روز وڏو شاهي ميلو متي ويندو هو. ڪٿان ڪٿان

ڪيو ويو. اهو ڪيل ميران اسڪول جي ٻارن کي ٢٤ نومبر صبوح جو خوشيءَ ڏڻ لاءِ ڏيکاريو ويو. دادا جو جنم ڏينهن خوشيءَ جو موقعو هو، سو ٻارن کان وڌيڪ ٻين ڪنهن سيني کي خوشي ملي نه هوندي. شام جو ساڳيو ڪيل وري ستسنگي ڀائرن ۽ ڀينرن اڳيان پيش ڪيو ويو. ستسنگي ڀائر، ڀينر ۽ ميران ٻالڪ کيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. ڪيل ۾ هڪ اسم هو سنڌ جي صوفين ۽ ڪوين جا گيت. اهي گيت ڪماري سشيلا جهانگياڻيءَ پنهنجي مڌر سر ۾ ڳايا، جي ٻڌي ڪيترن جو اکيون آليون ٿيون. دادا کي اهي گيت ٻڌي ايڏو نه آنند آيو، جو سشيلا کي سڏي چيائين نه ٻالڪي، تو اڄ منهنجيون اکيون آليون ڪيون آهن. سشيلا کي ماڻهو ”ڪويل ڪنٺ“ ڪوٺيندا آهن، سندس ڳائڻ ايڏو نه مٺو آهي! سنڌ جي شاعرن جا ڏوهيڙا ڳائي هوءَ ڳهڻن کي روئاريندي آهي. سنتن جا ڀڄن ڳائي، هوءَ ڪيترن جا روح رڇهائيندي آهي ۽ سندن دلين اندر پرڀوءَ جي ياد اڀاريندي آهي. هوءَ اڄ به ڪيڏي نه شيوا پيئي ڪري ۽ امنگ ۽ سوز وچان ڳائي دلين کي پيئي ڏوڏي! دادا جي اُن جنم ڏينهن تي ميران ٻالڪين ڪجهه پئسا پڻ ڪنا ڪيا. ڪل ١٨ ڄڻيون اُچي ميران پوميءَ تي رهيون. ڪا ڪٿان آئي ته ڪا ڪٿان. هڪ ڄڻي ته ولايت مان اُچي سهڙي. شام جي ستسنگ ۾ ٢٤ نومبر، دادا ميران ٻالڪين کي خاص اُپديش ڏنو.

دادا ميران ڪئمپ ۾ روز ايندو هو ۽ ميران ٻالڪين کي اُچي ملندو هو. ميران ٻالڪين جي صدقي ڀيا به ڀائر ڀينرون اُچي دادا جي چرنن ۾ وهندا هئا ۽ جيڪي مٺيون ڳالهيون دادا ميران ٻالڪين سان ڪندو هو، سي ٻڌندا هئا. ڀائر ڀينر به ان ڪري ميران ڪئمپ لڳڻ ڪري ڏاڍو خوش هئا. وري جو ٢٦ نومبر تي ڪين ميٽنگ تي ڪوس ڪئي ويندي هئي ته سندس دل مان ميران ٻالڪين لاءِ آسيسون پيئون نڪرنديون هيون. ميٽنگ ۾

ڏاڍي پيار ۽ قرب ۾ هو دادا کي ڀاڪي اچي ملنديون هيون. هنن جي دل ۾ ته سندن خاص ميٽنگ ٿئي، جتي دادا کين اُپديش ڏئي. سنڌ ۾ هو وقت به پنهنجي ميٽنگ ڪوٺائينديون هيون، جتي دادا کين ملندو هو ۽ انگريزيءَ ۾ ليڪچر ڏيندو هو. ڪاڻ اهي ڏينهن وسري ويا هئا. دادا سدا ديالوءَ سندن عرض مڃيو ۽ هڪ خاص ميٽنگ ٿي جتي کين مليو. مون کي ته جتي به ۽ جڏهين به ميران ٻالڪيون مليون ٿي ته هڪ ئي سر جو منهنجي اڳيان رکيائون ٿي سو هيءُ ته اسان کي پوني ۾ گهراءِ. اسان کي پياس آهي ته اسين ستسنگ ۾ ويهون ۽ دادا جي آسيس وٺون. مان کين مشڪي ٽاري ڇڏيندي هئس. مان گهرايان ته گهڻو، پر ڪٿ رهڻ جو بندوبست ڪريان؟ مزمان معنيٰ خاطرداري، مزمان معنيٰ جڳهه ڪشادي، جتي هو آرام سان رهن ۽ هي ته نياڻيون هيون!

وڏا ڏينهن

19 آڪٽوبر، ڏياريءَ جي ٻئي ڏينهن دادا، بمبئي نواسين کان موڪلائي، پوني اچي پهتو. ميران پوميءَ ۾ سڀن جي سنکيا ۾ ديپڪ ٻري ويا. اُيوڌيا جو شري رام چوڏهن سالن کان پوءِ پنهنجي وطن وريو هو. ميران پوميءَ جو رام ويهن ڏينهن کانپوءِ موٽي آيو هو. ڏياري سڪ سان نبري ته گرو نانڪ جنم ڏين ۽ دادا جي جنم ڏين ملهائڻ جون تياريون ٿيڻ لڳيون. ميران ٻالڪين جا اکر هنن ڪنن ۾ پئي گونجيا ته اسان کي پوني ۾ ضرور گهراءِ. ڪن ميران اُڏياپڪائن سان هتي مون ڳالهه ڪئي ۽ وري دادا جي ڌيان تي به اها ڳالهه آندم. عجب اهو جو جنهن سان ڳالهه ڪريان سو چوي ته سندن ڳالهه مڃ. دادا به جو وري آسيس ڏني، سو منهنجي به دل ڀري. ميران ٻالڪيون دادا جي جنم تي اسان وٽ آيون ٿي، اها ڪيڏي نه خوشيءَ جي ڳالهه هئي! سو هتي پوني ۾ ڪي ميران ٻالڪيون ڪٺيون ڪري، هڪ ڪيل

”ميران يونين“ يعني ميران جماعت. ميران يونين جي سهاري هيٺ ڪيترائي سندر ڪارنا ٿيل پيا. مکيه ڪاريه آهن ته دادا جو پيغام دور دور ڦهلائڻ، دکين غريبن جي شيوا ڪرڻ ۽ غريب ٻارن کي وديا وٺڻ لاءِ مالي مدد ڪرڻ. ڪيترين دلين ۾ سنتن، رشين ۽ دادا جي سکيائن جا ٻج پوکڻ به ميران يونين جو هڪ مکيه ڪم آهي. ميران يونين جي ڪمن کي دادا ڏاڍو همٿائيندو هو. دادا جو پيغام ڦهلائڻ جي ويچارڪان، هنن دادا جا به سندر ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا. هڪ سنتباڻيءَ ميران بابت، ٻيو گوتم ٻڌ بابت. ميران يونين جون ميمبرس، دادا جي جنم ڏينهن ڳوتريءَ لاءِ، سال به سال پئسا گڏ ڪنديون هيون. سنه ۱۹۵۷ع ۾ هنن ويهه هزار ڪنا ڪري دادا جي چرنن ۾ ارپڻ ڪيا.

پوني ستسنگ جي ڪن نوجوان ڀائرن کي پياس ٿي ته هو دادا جي رهبريءَ هيٺ رهي، سندس مشن ۾ هلن ۽ ستسنگ جي خوب شيوا ڪن. ڊاڪٽر ٿڌاڻيءَ جو انهن نوجوانن سان مٺو ناتو هو. سو موهن منڊليءَ نالي هڪ ٽولي ٺاهي ويٺي.

ٻئي ڏينهن تي موهن منڊليءَ جي ميمبرن پراڻي پوڄن ڪيو، جنهن ۾ دادا ۽ ٻين پريمين کي قربانيءَ ڪوٺ ڪيائون. سندن هيڏو قرب ڏسي دادا سندن ڪوٺ قبولي. سو آرتوار ۱۲ آگسٽ ۱۹۵۳ع تي جڏهن گهڙيال جون ٻه سيون گڏ ٿيون، يعني جڏهين ۱۲ لڳا، سنگت نام ڪيرتن شروع ڪيو ۽ پوءِ دادا پنهنجي نندڙي اپديش ۾ گرو امرداس ڏانهن اشارو ڪيو ۽ ٻڌايو ته ڪيئن ڀائي امرو، گرو انگد لاءِ پاڻي ڀري ايندو هو ۽ هٿن سان ٻيا به شيوا جا ڪم ڪندو هو. مک تي هميشه نام هوندو هوس ۽ اکين مان آب پيو وهندو هوس. گرو انگد کان پوءِ امرداس کي گديءَ تي ويهاريو ويو. گرو انگد جو پٽ داتو اهو سهي نه سگهي، سو ڪاهي آيو ۽ امرداس وٽ ۽ چيو ته، اي امرو! تون منهنجي پتا جو نوڪر، تون ڪيئن گديءَ تي

اُول هڪ ننڍو ستسنگ ٿيندو هو. هڪ ته ميران ٻالڪي کي اکر چوندي هئي، مان به کي اکر چوندي هئس ۽ پوءِ دادا تقرير ڪندو هو، ان ميٽنگ لاءِ ماٺهو سال به سال پيا نهار ڍندا هئا ته اها ڪنهن وقت ٿيندي، جيئن هو به حاضر هجن. ٻهرين ۽ ڪئمپ ۾ رڳو ١٨ ميران ٻالڪيون آيون هيون؛ پر پوءِ سال به سال سندن سنکيا وڌي وڌندي. تنهن کان سواءِ دادا جي جنم ڏينهن ڳوٺڙيءَ لاءِ پئسا پڻ وڌندا ويا پر سڀ کان وڌيڪ دادا لاءِ سندن پيار قرب وڌندو رهيو. ميران ڪئمپ جي ڏينهن ۾ دادا گهڻو رڌل رهندو هو، جو هڪ پاسي ماٺهو پيا کيس ملندا هئا ته ٻئي پاسي وري جلسا به پيا ٿيندا هئا، جن ۾ دادا حاضر رهندو هو. تنهن هوندي به دادا، وقت ٻچائي، اچي ميران ٻالڪين کي ملندو هو ۽ ساڻن روح رهاڻ ڪندو هو. جيئن ڪو پتا پنهنجي ٻالڪين وٽ اچي وهندو آهي، دادا به تيئن وٽن ايندو هو. کين خوب آسيس ڪندو هو ۽ پريوءِ لاءِ پيار ۽ ڀڳتي سندن دلين ۾ اُتاريندو هو. دادا جو پيار پيئڻ لاءِ ٻالڪيون ڪٿان ڪٿان اچي ڪٺيون ٿينديون هيون.

ميران يونين

ميران ڪئمپ ۾ جيڪي ١٨ ٻالڪيون ٻهرين سال آيون، تن مان ڪن اچا ڏيکاري ته جيڪر سندن هڪ سڀا ٿئي. پاڪستان کان پوءِ هو ڪٿي ڪٿي ٽڙي پکڙي ويئون هيون. جي سندن ڪا سنسٿا هوندي ته هو هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ رکي سگهنديون ۽ ميران آدرش جي جوت جاڳرت رکي سگهنديون. مون به يڪدم دادا کي ان سندر ويچار کان واقف ڪيو. دادا هميشه اُهڙين ڳالهين کي همٿائيندو هو. ٻالڪين لاءِ ته کيس بيحد پيار هو. مان اُنهن به سمجهان ٿي ته دادا ان وقت ئي سمجهي ويو ته اهڙي سڀا گهڻن جي دلين ۾ ڦيرو آڻيندي، ... ڪا ... آسيس ڏني ۽ مٿس نالو رکيو

ٻچڙن جي ٽولي ٺاهي ۽ دادا کي وينتي ڪئي ته ان لاءِ ڪو نالو ڏئي. دادا چيس ته ”هري نواس“ نالو رک. مهني مهني اها ٽولي دادا کي پاڻ وٽ ڪوٺ ڪندي هئي ۽ پرٿني پوڄن پڻ ڪندي هئي. هڪ دفعي هوليءَ جي شڀ موقعي تي هري نواس جي ٻالڪين ۽ ٻچڙن جو ميلاپ ميڙ ٿيو، جتي دادا پڻ حاضر رهيو. هوليءَ جي ڏينهن قدرت موج ۾ هوندي آهي. سياري جي شرد رت سماپت ٿي، بسنت بهار پنهنجي مٺي نهار ڏيندي آهي. سڪل وڻ وري ساوا ٿيندا آهن. چمن ۾ گل ڦل ڦولار با آهن. هوا آنند ۾ جهومندي آهي. جيڏانهن نهار تيڏانهن حسن هبڪار جي بازار زور هوندي آهي؛ فضا ۾ تازگي هوندي آهي.

دادا کي نه رڳو پنهنجون سنتائون گهرائينديون هيون، پر ٻيون پوني جون سنتائون پڻ. ڪي ڪرستان جون، ڪي مسلمانن جون ته ڪي هندن جون. خود سنڌ مان وري مسلمان ڀائر پيا دادا کي لکندا هئا ته هتي اچو ۽ اچي آسيس ڏيو. سنه ۱۹۵۷ع ۾ مسٽر جي. ايم. سيد، جو هڪ وقت، سنڌ سرڪار جو مکيه وزير هو، ان لکيو ته ”اوهان جا مضمون، وطن جي سڪ سان ڀريل پڙهي دل ڏاڍي خوش ٿيندي آهي ۽ دل ٿيندي آهي ته درشن ڪجي. هن سال ۹، ۱۰، ۱۱ تاريخ، شاهه لطيف جو ميلو لڳندو. توهين ضرور اچو. (شاهه لطيف جي يادگيري ستسنگ ۾ ملهائي وئي).

پوني جي ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي. ايم. اي. ايس. ڪاليج جي پرنسيپال پڻ، دادا کي پنهنجي آرٽس ۽ سائنس ڪاليج جي ساليانې جلسي تي ڪوٺ ڪئي ته اچي وقت جا سڀاپتي ٿيو. دادا کي ته شاگردن لاءِ بيحد پيار هو. مٿان وري ڪوٺ ڪندڙ هڪ صدقي ۽ قرب ڀريو انسان هو، سو دادا کيس ها ڪئي.

ان موقعي تي پنهنجي مٺي مرليءَ جهڙي آواز ۾ دادا

وهندين؟ ائين چئي اَمرداس کي لت هڻي ٿو. پر گرو اَمرداس ته نمرتا جي جيئري جاڳندي تصوير هو. سو داتوءَ جي پيرن تي ڪري چوي ٿو: سائين! اوهان جي پيرن کي ڪيڏو نه سور ٿيو هوندو! ائين چئي داتوءَ جي پير کي زور ڏئي ٿو."

اهي اکر چئي دادا جي اکين مان آب وهڻ لڳو. پائر پيئر جي حاضر هئا، تن جون به اکيون اُڇي آليون ٿيون. دادا ڳالهه جو ڌاڳو ڪٽيندي چيو "گرو اَمرداس اُچا اَمر آهي. گر شيوا ۽ نمرتا، اهي ٻه گڻ جگياسوءَ کي روحاني راهه ۾ وٺي ٿا هلن."

جڏهن سڀ گڏجي، ماني کائڻ ويٺا ته دادا وٽي شيوادارين سان شامل ٿيو. پنهنجن هٿن سان سنگت ۾ ٿالهون ورهايائين. جڏهن ستسنگي رسوئي کائي اُٿيا ۽ ويا هٿ ڌوئڻ ۽ پاڻي پيئڻ، ته ڏسن ته دادا وٽو پنهنجن نرمل هٿن سان نرمل جل ڏئي. پائر پيئر ڏاڍو خوش پئي ٿيا جو دادا جي هٿن مان جل ٿي ملين. دادا به موج ۾ اچي پيو چوي ته پيئو، گنگا جمنا جو جل پيئو. سنت جي هٿن مان پيئڻ لاءِ جل ماڻي، ان کان مٿي پيو ڇا کپي! ماڻهو به جل پي، پنهنجي اُساٽ بجهائي، دل ئي دل ۾ پيا چون ته دادا جيئن اڄ هيءُ جل پياريو، تيئن شل نام جو نرمل جل به اسانکي پياري، اسانجو اندر اوجل ۽ نرمل ڪري.

پائرن کي ٽوپي ناهيندو ڏسي پيئرن کي به دل ٿي ته اسين به هڪ ٽوپي ناهيون. موهن منڊليءَ کي وقت به وقت دادا بيو ملندو هو ۽ ساڻن مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪندو هو. پيئرون ته جنسي سڪنديون هيون ته دادا کين ملي، ساڻن به رلي ملي ۽ کين آسيس ڏئي. پارٻتي سيڪريٽريءَ ۾ اُساهه هو، اُمنگ هو. کيس هڪ ئي لڳن لڳل هئي ته دادا جو ڪڇ ڪم ڪريان، سندس ڪجهه شيوا ڪريان، هوءَ نماڻيءَ طرح ناري شالا جي شيوا جو ڪم پيئي ڪندي هئي. پر جي هوءَ ڪا ٽوپي ناهيندي ته دادا سان ملڻ لاءِ کيس وڏيڪ وجهه ملندا. سو هن به هڪ

سٺي صلاح ڏني ته هيءَ اُتي جڳهه ڇو ڪين خريد ڪجي؟ پر جڳهه هٿي پارسي پيڙهه منجهه جيجي ڀاءُ جي، جنهن کي جڳهه وڪڻڻ جي ڳالهه بلڪل آئڙي نٿي. ڇو ته اها خبر پيئي هوتچند گوپالداس کي. هو ميران ايجوڪيشن بورڊ جو ورڪنگ چيئرمن هو ۽ بمبئيءَ جو هڪ ٻرڪ بئريسٽر هو. هن دادا کي چيو ته توهين اهو ڪم مونتي ڇڏيو. هوتچند قابل هو ۽ ڪيس نمونو پڻ هو. سو هن سڌو منجهه جيجي ڀاءُ سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. رکمڻي پنجابي، جا پڻ هنن ڪمن جي ڄاڻو هئي ۽ آچاريه ڪروي، ٻنهي منجهه جيجي ڀاءُ کي صلاح ڏني ته جڳهه دادا کي وڪڻي. نيٺ هنن هٿي هند ڪيو ۽ هن جيجي ڀاءُ محل برد رهوڊ اَئسوسيئيشن کي ۵،۴۵۰۰۰ رپين ۾ وڪڻڻ جو واعدو ڪيو. پر سايا پنج لک رپيا اَچن ڪٿان؟ منسٽا کي ته اهترو پئسو هوئي ڪونه. سو مترن ۽ گهٽگهرن کان پئسن جي گهر ڪئي ويئي.

ڀاءُ ٽنومل ته هميشه چاهيندو هو ته دادا جي جيتري شيوا ڪري سگهان اوتري ٿوري. منڌس همت ڏگها هئا. هو ڪيترن عامل پائرن پيٽرن کي سڃاڻندو هو، جن کي ڏاڍو جهجهو هو. هن جڏهن ڏٺو ته پئسي جي گهرج آهي ته بسنتسنگهه عامل ڏرمادا ٽرسٽ جي هلائيندڙ، رامي ٻائي ڀڳوانسنگهه سان ڳالهه ڇوريائين. رامي ٻائي ۽ سنڌس پتي ڀڳوانسنگهه جي ته دادا سان پراڻي پريت هئي. سالن کان وٺي هو دادا وٽ ڇڪجي آيا هئا ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪرشت ڪنج ۾ روز ستسنگ ۾ ايندڙ هئا. بمبئيءَ ۾ به دادا کي پيا ملندا هئا. ڀڳوانسنگهه پرلوڪ پڌارو ته سندس سندر ڪاريه سندس ڌرمپتني رامي ديوي، ڪاميٽيءَ جي سهڪار ۽ صلاح سان هلائيندي هئي. رامي ديوي ٽرسٽين جي ٻاران بمبئيءَ مان پوني چڙهي آئي ۽ دادا سان ڳالهه ٻولهه ڪيائين. نتيجو اهو نڪتو جو ٽرسٽ ڏيڍ لک رپيا برد رهوڊ کي بلڊنگ فنڊ لاءِ ڏيڻا ڪيا ان شرط تي ته بلڊنگ تي نالو ڀڳوانسنگهه

وديارٿين کي چيو: ”مون کي نوجوانن ۾ وشواس آهي. اي مهاراشٽرا جا نوجوانو! مون وري وري اوهان کي، پنهنجي دل جو پيار ۽ قرب پئي موڪليو آهي. مونکي وشواس آهي ته ڀوشيه توهانجي هٿن ۾ آهي. ڀوشيه اوهان کي ڪوٺي رهيو آهي. توهين اُلاجي اهو آواز ٻڌو ٿا يا نه؟ مان اوهانکي اڄ جيڪي به چوان سو ڀل وساري ڇڏجو، پر نه وسارڻو هيءَ ڳالهه ته ڀوشيه توهانکي ڪوٺي رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي ته ڀارت جي شيوا ڪريو، ايندڙ ڏينهن ۾ ماتر ڀوميءَ جي شيوا ڪريو.“

وديارٿي پنهنجي مانيور پرنسيپال جي گرديو کي ڏاڍي ڌيان سان ٻڌڻ لڳا. هو هڪ نرالي دنيا ۾ پهتي ويا هئا ۽ ان مان تڏهن نڪتا جڏهن دادا پنهنجي تقرير پوري ڪرڻ تي هو ۽ کين چيائين ته پنهنجي آتما جي اُنتي ڪريو. اهي وچن هڪ جرمن ماڻهوءَ جا آهن، جنهن جو نالو آهي رٿنيو. Ratheneau آتما جي انتي ڪريو (Cultivate your Soul).

ڪرستان ڀائرن به دادا کي وينتي ڪئي ته اچي اسانجي ميلي جو آرنڀ ڪريو. دادا لاءِ ته جهڙا هندو، تهڙا مسلمان، تهڙا ڪرستان. هن ته سڀني ڌرمن ۾ هڪ جوتي ٿي ڏٺي. مذهبن ۾ هڪ مالڪ جي مورت ٿي ڏٺي. سو دادا خوشيءَ سان وٽن ويو. شري ڪرشن، شري ايشا جڻ ته دادا جا سڳا ڀائر هئا جن سان هو پيار جي سونهري ڌاڳي ۾ ٻڌو پيو هو. سو ڪرستانن جي ميلي جو آرنڀ ڪرڻ وقت، هن شيام سندر ۽ ايشا کي ياد ڪيو ۽ چيو ته هيءُ ميلو آهي اوهان جي پيتا، پرڀوءَ جي ڪمل قدمن ۾.“

دادا جون ڪم ڪاريون وڌنديون پئي ويون. هينئر وقت آيو آهي ته سنستا کي پنهنجي جڳهه هجي جنهن ۾ آزاديءَ سان ڪم ٿي سگهن. ويچار ڪيو ويو ته ڪٿي وڏي شاهي زمين وٺي ان تي جدا جدا ڪمن لاءِ جڳهيون جوڙائجن. دادا ڏاڍي

ڏينهن سارو ويو اَجايو،
جنهن ڏينهن ڪين مون درشن پايو.

هن بيماريءَ ۾ دادا ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو. سو جڏهن ڪيتري وقت کانپوءِ، مسين مسين ڪيس ستسنگ ۾ حاضر رهڻ جي موڪل ملي، ته ڊاڪٽر ڪيس لهڻ جي موڪل ڪين ڏني. ڊاڪٽر چيو ته دادا کي ڪرسيءَ تي هيٺ لاٿو وڃي. ڪيس اُپديش ڏيڻ جي موڪل به ڪين هئي. باقي سانت ۾ ويهڻ جي موڪل ڊاڪٽر ڏني. ان سانتيڪي درشن لاءِ به ماڻهو جنسي سگهيا پئي. سو هيئنر ستسنگ ۾ خوب ماڻهو اچڻ لڳا ۽ سانت ۾ دادا جو درشن ڪري آسپاس پائي پاڻ کي ڀاڳوان ڀائڻ لڳا. نيٺ اهو ڏينهن به آيو جنهن ڏينهن دادا کي ڳالهائڻ جي موڪل ملي.

ستسنگي ڀائر ۽ ڀينر دل ئي دل ۾ سائينءَ جا شڪرانا مڃڻ لڳا، جنهن پنهنجي مهر سان دادا کي واپس وٽن موڪليو هو. تنهن ڪري سن ١٩٥٣ع ۾ سندس جنمڏن ٻلڪل گهڻي اُتساهه ۽ اُمنگ سان ملهائڻ جون تياريون ڪيائون. پرڀوءَ جي ڪيڏي ڪرپا هئي جو دادا جي صحت ٺيڪ ڪئي هئائين. جي دادا جي صحت ٺيڪ هئي ته هو پيو ڪين روز روز ملندو هو ۽ پنهنجي آسيس ڏيندو هو. دادا موٽي آيو هو، دادا جي صحت بهتر ٿي هئي، سو مالڪ جا شڪرانا هڪ پاسي پئي مڃيائون ته ٻئي پاسي دادا جي جنمڏن ملهائڻ جون تياريون به پئي ڪيائون.

دادا جو اهو ٧٤ سالگرهه هو. سڀ سنستائون تياريءَ کي لڳي ويئون. ميران يونين پڻ ڏياري ميلو ڪيو، جنهن جي اُپسٽ جنمڏن ڳوٺڙيءَ ۾ وڌي ويئي.

وقت به وقت دادا پنڌ ڪري هلي ڪائونسل هال جي ٻاهران ويهندو هو. ڀائر ۽ ڀينر جي ڪيس ڇڏڻ جي نه ڪندا هئا، سي به اُچي سندس چرنن ۾ ويهندا هئا. ڇو ته هو هڪ چمڪ

جي ماتا ڏمي بائيءَ جو پوندو. ميران بلبل نگهه ان کري ڏمي بائي بسنتسنگهه بلبل نگهه جي نالي سان سڏبي ويندي آهي.

سياڻي هٿي ڏمي بائي بسنتسنگهه بلبل نگهه جو ان ۾ دادا جهڙو سنت رهيو ٿي. سياڻي هٿي ڏمي بائي بسنتسنگهه بلبل نگهه جو ان ۾ دادا کي ملڻ لاءِ ڪيترن ئي سنتن ۽ ستپرکن پنهنجا چرن گهمايا. ميهر بابا، رامداس، دليپ ڪمار راءِ، سائين روچلداس ۽ ٻين ڪيترن ودوان ۽ عالمن هستين دادا اڳيان اچي سر جهڪايو ۽ سندس آسيس ورتي. ڏمي بائي بسنتسنگهه بلبل نگهه جا، سچ پچ ڀاڳ ڪليل هئا جو ڪتان سنت اچي اتي سهڙيا. پروفيسر جين هربرٽ (Prof. Jean Herbert) جنيوا يونيورسٽيءَ مان آيو. ووڊلئنڊ ڪهلر (Woodland Kahler) جنهن کي هند سرڪار سنه ۱۹۷۲ع ۾ "پراڻي متر" جو لقب ڏنو ۽ ان جي ڌرمپتني اولگا ڪهلر ۽ سردار حڪم سنگهه لوڪ سڀا جو ڊپٽي اسپيڪر، هن جڳهه ۾ اچي دادا کي مليا.

سنه ۱۹۵۴ع ۾ دادا جي صحت، ايڏي ته خراب ٿي پيئي جو ڊاڪٽر گرانٽ ڪيس کوياجي نرسنگ هوم ۾ وٺي هليو. پورا ۲۲ هفتا دادا بيمار هو، جنهن مان هڪ هفتو نرسنگ هوم رهي پوءِ ميران پوميءَ ۾ هليو آيو، جتي ڊاڪٽر مونواڻيءَ سندس ڌاڻي شيوا ڪئي. دادا سان گڏ، پريمين به مانسڪ پيڙا ٿي پوڳي. ڪيترا دفعا هنن کي دادا جو درشن ڏينهن ۾ هڪ دفعو به ڪين ملندو هو. هنن لاءِ درشن بنا چرچ ته سارو ڏينهن اجايو ٿي ويو. دادا هڪ هندي چوي ٿو ته:

ڏينهن سارو ويو اجايو،

جنهن ڏينهن ڪين مون پريم ڪمايو.

پريمين جي دلين مان وري هي تڪڙن پيغون نڪرنديون هيون:

رنا ير کيو ۽ اسڪول جون واڳون منهنجي هٿن ۾ سونپيون ويئون. سچ ته منهنجي دل اسڪول جي ڪمن ڪارين ۾ نه ٿي لڳي، پر دادا جي اڇا اڳيان سر جهڪائڻو پيو.

۴ جون، جنهن کي اسين سنتياڻي ميران ڏوس ڪري ملهائيندا آهيون، ان شي ڏن مون ميران اسڪول جو ڪاريه سنڀاليو. ٻه ٽي مهنا سک جا نبريا. سياڳي جنماشٽمي ٻئي ويجهي پوندي آئي. دادا کي هن سال هن ڏينهن لاءِ خاص اُمنگ ۽ اُتساهه هو. سو مونکي چيائين ته جيڪر ميران وديارٿي ان سنبنڌ ۾ (۱) بازار کولين ۽ (۲) شيام جي جيون مان کيل ڪن. مان منجهي پيس ته هي ٻئي ڪم، جن کي سنڀالڻ ڪٺن هو، سي هن ٿوري سمي ۾ ڪيئن تيار ڪيا ويندا؟ ان لاءِ مون شرڌا ۽ وشواس وڃائي دادا کي چيو "دادا، ٻنهي مان ڪا به هڪ ڳالهه چئو ته اها ڪريون. ٻنهي ڪمن کي منهن ڏيڻ مشڪل ڪم ٿي پوندو." اهي اکر ٻڌي پهرين ته دادا "چڱو" چيو، پر ٿوري دير کان پوءِ چيائين ته جيڪر ٻئي ڪم ٿين ته سٺو!

ان ڪانسواءِ جنماشٽميءَ جي شي اوسر تي هر سال ميران وديارٿي، گيتا جا سلوڪ ڪنٺ ڪري پرتييوگتا ۾ ڀاڱو وٺندا آهن ۽ سڦل وديارٿين کي پرسڪار ڏنا ويندا آهن. مونکي انهن ٽنهي ڪمن کي نباهڻ ڪٺن لڳو، پر دادا جي اڇا ۽ آگيا جو پالن ڪرڻو اوشيه هو.

مان مڃيان ٿي ته مونکي اڇا اهسا "پروڙ" ڪانه هئي ته ڪرڻ ڪرائڻ وارو پريو ۽ دادا پاڻ آهن؛ اسين ڪيول سندن نمت ماتر ينتر آهيون. پر اچرج ۽ آنند تيم جڏهن ڏٺم ته اهي ٽيئي ڪم ڪهڙي نه آسانيءَ ۽ سڦلتا سان سرت ٿيا! دادا جي شيام جي ڪرپا سان وديارٿين ۽ اڌياپڪن کي اتنو ته اُتساهه اچي ويو جو ڪمن ۾ جنبجي ويا. نڪو ٿڪ محسوس ڪيائون، نڪا ڪا اُرچڻ ٿي وڌائون. سڀني کي ڪارج سويم سڦل ٿي ويا!

هو ۽ منجهس آڪرشن شڪتي هئي. هڪ دفعي هڪ ڄڻي دادا کي چيو ته اڄ ڪهڙو ٿا سبق پاڙهيو؟ دادا چيو ته سبق ۾ ٣ اکر اچن ٿا (١) س = سمجهه؛ ڌرم ۾ سمجهه رکو. روحاني راهه هلڻ لاءِ سمجهه ضروري آهي. (٢) ب = بڪ بڪ؛ بڪ بڪ کان پري رهو. اسان مان ڪيترن کي عادت آهي گهڻي ڳالهائڻ جي. گهڻي ڳالهائڻ کان پري رهو.[1] (٣) ق = قرب؛ سائينءَ واسطي قرب رکو، سڪ رکو پيار رکو.

ڪهڙو نه سندر ويچار دادا ڏنو ته ڌرم ۾ سمجهه رکو، جيڪڏهن هڪ هڪ ائين ڪري ته پوءِ جيڪر گهڻا نفاق ۽ نفرت، جهيڙا ۽ جهڳڙا، رولا ۽ فساد ٿين ئي ڪين. هڪ دفعي دادا باغ ۾ ويٺو هو ته اوچتو روئڻ اچي ويس. جڏهن سبب پڇيو ويس ته توهين هيئن زار زار ڇو ٿا ڳوڙها ڳاڙيو ته چيائين هنن وڻن جي گلن ڦلن کي ڏسو ٿا؟ مان وري وري پيو نهاريان. نهاري نهاري دل جي اندر پيو چوان: "اهڙا پشپ، اهڙا گل سونهن وارا، شوڀنيڪ، سهڻا، مٺا، موهيندڙ گل آهن پرڀوءَ جي باغ ۾. انهن گلن کي ڪوٺيون "ڌرم". جدا جدا ڌرم پشپن وانگر آهن. هڪ هڪ کي پنهنجي سونهن آهي. پر مان ڏسان ويٺو ته ڪيئن جدا جدا ڌرم، هڪ ٻئي سان وڙهن پيا، تڪرار پيا ڪن! تنهن ڪري منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو. مان پيو پاڻ کي چوان ته هن باغ جا گل هڪ ٻئي سان وڙهن ڪين! اوهين ڌرم جي نالي ۾ ڇو ٿا هڪ ٻئي سان وڙهو؟ هڪ هڪ ڌرم کي پنهنجون خوبيون آهن، پوءِ وڙهو ڇو ٿا؟"

دادا انهن سندر ڳالهين دوارا ستسنگي ڀائرن ڀينرن جي اندر سانت لاءِ پيار ۽ سائينءَ لاءِ سڪ اڀاريندو هو. وري وري ساڳيو سبق دهرائي دلين اندر سانت ۽ پرڀوءَ لاءِ پڪو پيار جڳائيندو هو. اهين ڳالهيون ڪندي سنه ١٩٥١ع پورو ٿيو.

سنه ١٩٥٦ع ۾ ميران اسڪول جي پرنسيپال چندرام آڏواڻيءَ

جو بار سهي. جو اسانجو ڪشٽ پنهنجي ڪلهن تي کڻي. اسانکي "دادا شيام" ڪهي. ٿل وري وري شيام کي ياد ڪريون. وري وري پڪاريون، سندس چرڻن ۾ سر جهڪايون. سر جهڪائي پنهنجي روز به روز جي ڪمڪار ۾ ڏکين لاءِ "دادا شيام" جي آسيس گهرون.

ٻئي ڏينهن دادا چيو "جنماشٽميءَ تي اسين ٻين ڳالهين سان گڏ هڪ ڳالهه سکياسين ته شري ڪرشن کي اسين کهڙي نالي سان ڪوٺيون: "دادا شيام!" ڪرشن اسان جو دادا آهي. "دادا شيام! دادا شيام! مان جيڪر چاهيان ته ستسنگ ۾ ڪيرتن به ائين ڪريون. "دادا شيام! دادا شيام! دادا شيام!"

ائين آهي ڇا ته دادا کان هيءُ وچن خود شيام سندر پاڻ ٿي ٻولايا؟ ائين آهي ڇا ته دادا سمجهيو ته کيس شرير جو بيحد ڪشٽ اُڇٽو آهي؟ سندس شرير جو سور معنيٰ سندس پريمين لاءِ مانڪ پيڙا. ائين آهي ڇا ته ان ڪري دادا سڀني کي هڪ سولو، سليس منتر ٿي ڏنو جيئن هو پيا جپين ۽ سندس لاءِ شري ڪرشن کان آسيس وٺن؟

۲۸ تاريخ رات جو قدرت سان دادا پنهنجي ڪمري ۾ ڌڪو کاڌو. ڪيتري وقت کان کيس ٽنگن ۾ ڇڪ (Twitches) هئي. اڄا ٿورو وقت اک لڳيس ته ٽنگن ۾ ڇڪ ٿئي ٿي ۽ اک کلي پئيس. تنهن ڪري رات جو ننڊ به پوري ڪين ايندي هئس. هينئر مور ڳوڻي ڇڪ جي ڪري پير پير تي چڙهي ويس ۽ دادا ڪمري ۾ غاليچي تي ڪري پيو. کيس سنڀال سان پلنگ تي ليٽايو ويو، پر شرير جو سور وڌي ويندو. ڊاڪٽر مونواڻيءَ ٻڌايو ته دادا جي هڏيءَ ۾ شايد چير پئجي ويئي آهي. X-Ray مان وڌيڪ پتو پوندو. سو دادا کي وٺي وياسين ڪوياجيءَ جي اسپتال ۾، جتي پڪ ٿي ته دادا کي چير پيئي آهي. ڊاڪٽر ڪوياجيءَ چاهيو ٿي ته دادا نرسنگ هوم ۾ ڪي ڏينهن رهي.

مونکي جيون جو هڪ سندر ۽ اهم آزمودو مليو ويو. دادا جي دل گدگد ٿي ويئي ۽ سيئي آنند ۾ اچي ويا!

دادا شيام

٢٦ تاريخ جنماشٽميءَ جي شب ڏينهن شام جو ڇهين بجي ستسنگ آرنڀ ٿيو. سڄو هال ۽ ورانڊا پريمي ڀڳتن سان ڀرجي ويا. هن اوسر تي دادا، شري ڪرشن تي ڏاڍي شرڌا ۽ پريم سان اپديش ڏنو. پر هڪ مهتوپورڻ ۽ وشيش وارتا هيءَ ٿي ته دادا، شري ڪرشن کي "دادا شيام" ڪري ڪوٺيو. هن چيو "جنماشٽميءَ جو ڏينهن گهڻي ڪم جو ٿيو آهي. اسين سڀيئي گهڻي ڪم ۾ رڌل رهيا آهيون. اسان مان ڪيترا ٿڪل آهن، ٿن مان هڪڙو مان به آهيان. ٿڪل فقط شرير ۾، پر هردي ۾ ٿڪل نه. وري وري منهنجا وچار ڊوڙي ويا آهن شري ڪرشن ڏي ۽ سنتن جي چرنن ڏي. هڪ هڪ ڏينهن مشغوليءَ جو مان سمجهان ٿو. مون واسطي ۽ اسان مان ڪيترن واسطي يادگيريءَ جو ڏينهن ٿيو آهي ۽ اڄ مونکي خوشي آهي ته اڄوڪي ڪمڪار تي شري ڪرشن جي ٻاجهيءَ جي ۽ گروٻاجهيءَ جي آسيس آئي آهي."

اڳتي هلي دادا چيو: "اسانکي ڇا کپي؟ اسان کي ڪرشن کپي. اسين ڪرشن کي ڪيترا دفعا "راجا" ڪري ٿا ڪوٺيون پر اسان کي انهيءَ ڪرشن جي ضرورت آهي جو اسانجون دليون چورائي وڃي. اسان کي کپي اهو ڪرشن جو اچي اسان وٽ پاڻ! اسين ته ڪيس پهچي نٿا سگهون. شل پاڻ اچي پريم جو پندار ڪولي، اچي رحم ۾ اسانجون دليون کسي! جي ڪرشن اسان جون دليون نه کسي ته هيءُ سنسار اچي اسان جون دليون کسيندو، اچي پنهنجي قبضي ۾ قابو ڪندو، اچي اسان کي زنجيرن ۾ بند ڪندو، اسان کي جيل ۾ قابو ڪندو. اهڙو ڪرشن کپي اسان کي، جنهن کي اسين ڪوٺيون "دادا". "دادا" شيام کپي. دادا اکر جي معنيٰ ڇا آهي؟ سڄو ڀاءُ. سڄو دادا ڪير؟ اهو جو اسان

دادا کي ڇٽڻ کشٽ ڏائڪ سپناهن جي ليٽڻ رهڻ کان پوءِ جڏهن ڪيس کٽ تي ويٺل ۽ ڏانهن مشڪي نهاريندو ڏٺو ويو، تڏهن سنديءَ خوشيءَ وچان دادا کي چيو ته دادا، ڪي شبد چئو. دادا به ترت هيءُ وچن انگريزيءَ ۾ چيا:

‘Never be tired in the Service of the Name Divine’

پوءِ مٺڙيءَ سنڌيءَ ۾ چيائين:

”نام جي نوڪريءَ ۾ رهو شال ياد،
رهو آباد هميشه، هميشه!“

دادا اهي وچن بوليندو هو جيڪي هو پنهنجي جيون ۾ سوَلو اَڀياس ڪندو هو. هو ڪلي ڪلي چوندو هو ته توهان کي سپتاه جي ڇهن ڏينهن جي ڪم ڪار کانپوءِ هڪ ڏينهن ته موڪل ملي ٿي، پر مونکي ته اَنهي پهر نام جي نوڪري ڏِٺي ٿي پوي. مون لاءِ موڪل ڪاڻ معنيٰ پنهنجي پريتم کان پري ٿيڻ! دادا ته هو پنهنجي صاحب جي سرڪار جو سولجر ۽ سپاهي، سو ڪيس سديوَ پنهنجي سائينءَ جي سنمک اُپستٿ رهڻو ٿي هو. سپاهي بيشڪ ٻاهرينءَ طرح آرام ڪري ٿو، پر هو هر وقت پوري سجاڳ آهي. دادا به هو هڪ اهڙو سچو سورهيه سپاهي پنهنجي مٺڙي مالڪ جو، جو سديوَ ساوڌان ٿي رهيو.

ڏياريءَ جو ميلاپ

دادا جي بيماريءَ جي خبر جت ڪٿ پهچي چڪي هئي. هتڙس ۾ سندس پيڻ پير ۽ ڀاءُ منگهن کي پڻ پيئي، سو هو چڙهي پوني اچي پهتا. ٻئي ڏينهن ڏياريءَ جو ڏڻ هو. ڏياري آهي ميلاپ جو موقعو. رام، سيتا ۽ لڇمڻ پنهنجي ڪٽنب، پريوار ۽ نگرواسين کي چوڏهن سالن جي بنواس کان پوءِ پريم سان اچي مليا ۽ گهر ۾ خوشيون وري ويٺون ۽ ڏيئڙا ٻاريا ويا، جنهن کي چئجي ٿو ڏياري. پيڻ پير ۽ ڀاءُ منگهن به ڪيتري سمي جي جدائيءَ کانپوءِ هن ڏياريءَ جي شڀ اوسر تي اچي پنهنجي

پر دادا خود اِڃا ڏيکاري ته مونکي گهر وڃي هلو. سو جنهن اِسٽريچر تي کيس کڻائي اسپتال ۾ ويا هئاسين ان اِسٽريچر تي ئي واپس گهر وڃي آياسين. هيڙي ڏکئي وقت ”دادا شيام“ جو منتر، جو دادا ڏنو هو، سو بيشڪ ڪيترن کي ڪم آيو. ”دادا شيام“ چئي ستسنگي پنهنجي دلين جو دک وسارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سندن دلين جي محبوب کي شرير جو ڪشٽ هو، سو سندن دل ۾ من پڻ پيڙا سهي رهيا هئا. پر ”دادا شيام“ جو سولو ۽ اَثرائتو منتر سندن دک درد ۾ دادا جي ڪشٽ لاءِ هٿيڪو هٿيار هو. دادا عين موقعي تي کين اهو منتر ڏنو هو جو رام باڻ سمان هو.

دادا کي ڪابه شرير جي تڪليف ٿيندي هئي ته کيس وائي سور به سوکڙيءَ طور ملندو هو. هيئنر به ائين ٿي ٿيو. هڪ هڏي جو سور، مٿان وائي سور. سورن مٿان سور پيو صبر ۾ سهندو هو ۽ شڪر ڪندو هو. هن سور ۾ نوراڻي نور پيو چمڪندو هوس. جيئن سور، سهڻ جي سيما پار ڪري اَسيم ٿي ويندو هو، ليئن سندس چپن تان نام جو اُچارڻ ۽ شڪر شڪر ڪرڻ جي ڪريا به اَسيم ۽ اَپار ٿي ويندي هئي.

پورن ڇهن هفتن کان پوءِ ڊاڪٽر موٽوانيءَ دادا کي پنهنجن هٿن سان اُٿاري، کٽ تي وهاريو. ان وقت دادا چئني ڏسائن ڏانهن آياري، پر آبدار اَکين سان نهاريو. سيني سندس چپن تي هڪ اَنوکي مشڪ ڏٺي. ان مشڪ ۾ ڇا هو! پر پوءِ جا شڪرانا هئا، شرير جي ڪشٽن کان ڪي قدر مڪتيءَ جو سنتوش هو ۽ وڏي ۾ وڏي ڳالهه ته ان وقت جيڪي به ان ڪمري ۾ اُپستت هئا، تن جي دلين ۾ آنند جي ڌارا موڪلڻ جو اِرادو هو. بين کي پنهنجي منڙيءَ مشڪ سان مست ڪري، هي سنت ڪيئن نه سندن سيوا ڪن ٿا. اَسين سمجهون ٿا ته اَسين سنتن جي سيوا ڪريون ٿا، پر سنتن جي ڀيٽ ۾ ظاهري سيوا، ان جو ڪاٿو ڪٿي؟

جي باوجود به دادا اهو ڏينهن ڏاڍي اُتساهه سان ملهائڻ ٿي چاهيو.

گرو نانڪ ۽ دادا ٻئي ايڪ سمان

ستسنگي ڀائر ڀينر دادا ۾ گروجن جو سندر روپ ڏسندا هئا، سو هو جهڙي انداز ۾ دادا وٽ اچي پهتا، جيئن هن سڀاڳي ڏينهن، هو کين پنهنجي آسيس ڏئي. دادا جو شرير نبل هوندي به سندس نيڻن مان نوراڻي نور پئي چمڪيو، جيئن گرو نانڪ جي اکين ۾ نام خماري هئي. گرو نانڪ ۽ دادا، ٻئي نماڻيون مورتون هيون. ٻئي نام جا نوڪر، ٻنهي جي جيون نرمل، ٻئي صورت ۽ سوڀيا ۾ سندر ۽ آڪرشڻ ڪندڙ، ٻنهي جي رڳ رڳ ۾ روحاني راڳ، ٻئي مسڪينن جا مِتر، ٻنهي کي لوڪن لاءِ پيار، ٻئي ڪمال جا ڪوي ۽ ٻئي روحاني راڳا هئا. سو ڀائرن ۽ ڀينرن دادا جي چرنن ۾ مستڪ نوائي ۽ پيتائون رکي انهن تي اُنيو ڪيو، ڄڻ ته هو گرو نانڪ ديو جي چرنن ۾ سيس جهڪائي ۽ آسيس وٺي رهيا آهن. دادا به موج ۾ اچي ويو ۽ پنهنجي شرير جو ڪشٽ وغيره سڀ وسري ويس. ان ئي موج ۾ هو ته آديش ڏنائين ته جيڪي به ٻار هجن، تن کي اندر موڪليو. ٻارن کي قطار ۾ ايندو ڏسي، سندس مکڙو ٽڙي پيو. هڪ هڪ ٻار کي پاڻ وٽ گهرائي، ان کي رپيو رپيو خرچي ۽ هڪ مٺي نهار ڏنائين. هٿن ۾ جيترا به رپيا هئس سي سڀيئي ڏيئي ڇڏيائين ۽ پوءِ وڏي ٽهڪ ڏيڻ لڳو. اسان کي مزو اچي ويو هو، سنتن کي آنند اچي ڏيڻ ۾! ڪن ٻارن جي حجت تي کين رپئي جي نوٽ لاءِ ننڍڙا چٽڪلا به لکي ڏنائين. نوٽ سماپت ٿي ويا پر ٻارن جون قطارون ختم ڪين ٿيون.

دادا اها ڏيڻ جي ڏي وڌ بند ڪري پاڻ پلڪ آهلي پيو ۽ ليٽيو ئي پيو هو ته چيائين ته اڄ گروجن جي يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. مون لاءِ آسيس ڪجو ته گروجن جي ياد ۾ آسيس ۾ رهان.

منتري رام (دادا) کي مليا. اها سندن ۽ سينپي .لاءِ هڪ سچي آنند جي ڏياري هئي. ان ڏينهن رام نام جي ڌني لڳائي ويٺي ۽ دادا پنهنجي ڌ ڏندڙ هٿن سان هي ٿورا وچار لکيا، جن مان هڪ هيءُ آهي:

”ملي مون قلم قرب جو
تہ وٺهي چرڻن ۾ اکر تنهنجو لکان!
اتم کين توفيق، نکي ڪرم نکي ڌرم،
اک سک ۾ ساجن! ويهي سڪان!“

ستسنگي پائر ۽ پيئر بيحد خوش هئا جو کين ههڙي سڀاڳي ڏينهن سندن پريتم جو درشن ديدار ۽ واس واري واٽي نصيب ٿي هئي. دادا جي اڳيان اتي جو اتي سندس چرڻن ۾ پيئا رکيا ئون. اهي سب پئسا آنڪل ٿي سؤ رپيا ٿيا، سي دادا غريبن جي شيوا لاءِ موڪليا ۽ ٻاڻ وري هڪ هڪ کي پنجن پئسن جو هڪ هڪ سڪو خرچيءَ طور ڏنو. دادا وقت بہ وقت ٻاڻ کي ماتا ۽ اسان کي پنهنجو ننڍو ٻالڪ سمجهي، اسان کي ائين سڪا يا رپئي وارا نوٽ خرچي ڏيندو هو، جن تي ڪي وچن بہ لکي ڏيندو هو. اهي سڪا ۽ لکيل نوٽ ڪيترن پريتم جي پيار جو پرسڪار ۽ سک جي سوکڙي سمجهي اڄ ڏينهن تائين سيني سان سانڍي رکيا آهن. هو وقت بہ وقت انهن کي کولي، ڏسي خوش ٿي، وري لڪائي رکندا آهن.

گرو نانڪ جنم ڏن

۱۵ نومبر ۱۹۵۹ع ڪارتڪ پورڻما ۽ گرو نانڪ ديو جن جو شب جنم ڏن هو. دادا جي ڪمري ۾ گرو جن جو هڪ وشال ۽ چمڪيلو چتر ڇتيل پٽ تي ٽنگيل هو. دادا اڪثر ائين چوندو هو تہ آڌي رات جي انڌيري ۾ گروجن ان چتر مان ٻاهر نڪري اچي کيس بيماريءَ جي بستري تي آسيس ڏيندو هو. گروجن لاءِ دادا جي هردي ۾ عجيب سڪ ۽ شرڌا هئي. شرير جي اشڪتيءَ

سال دادا کي ائين ئي بيماريءَ جي بستري تي ڪانٽا پيا ۽ اهو سڄو سمو سندس مک مان هيءُ وچن پيا نڪرندا هئا واهگرو شڪر! واهگرو شڪر!!

ڪڏهن ڪڏهن اندر ۾ سوال اُٿندا آهن ته پريو پنهنجن پيارن کي هيڏيون سختيون ڇو ٿو سهائي؟ هيڏا ڏک ڇو ٿو ڏئي؟ اهو ساڳيو سوال ڪيترا سال اڳ، ساڌو هيرانند پڇيو هو سوامي وويڪانند کان، جڏهن هن پنهنجي پريتم سنت رامڪرشن پرمهنس کي شرير جي اَسيم پيڙا سهندو ڏٺو هو. ساڌو هيرانند کي جواب مليو هو ته سنت جو شرير ڏک برابر ڀوڳي ٿو، پر سندس آتما کي ڪو به روڳ نٿو لڳي. پر اسانجو آزمودو آهي ته، پريوءَ جا پيارا، جي خود ڏيالو ۽ ڪروڻانڌي آهن، سي پنهنجن پيارن ۽ پريمين جي ڏکن جا بوجا پنهنجي سر تي کڻن ٿا. ان ڪري هو اُهي گُهري ورتل ڏک، پريان سندي پار جي مٺڙي ڀوئي مڃائي سمجهي، چيت ڪري چکين ٿا ۽ مشڪندا ۽ شڪر شڪر ڪندا رهن ٿا. پر سندن شرير کي پيڙا ۾ پيڙجندو ڏسي، سندن جا پيارا به مانسڪ سور سهندا رهن ٿا.

۸۰ سالگرهه ڏينهن بيمار

۲۵ نومبر نڪٽ پئي آيو. پريمين چاهيو ٿي ته اهو دادا جو ۸۰ سالگرهه اُتساهه سان ملهايون. پر دادا کي اوچتو اچي نمونيا ٿي. نمونيا ۾ تپ، کنگهه، ڇاتيءَ ۾ سور ساهه کڻڻ ۾ مونجهه ۽ بدن ۾ پيڙا محسوس ٿيندي آهي. دادا کي اهي سڀ ۽ اَشڪتي وڌيل هئي، ايتري قدر جو ڊاڪٽرن جا چهرا مايوس ۽ ملول پئي ڏٺا. پريمين نه چاهيو ٿي ته دادا اُپنشدن ۾ ٻڌايل ۱۱۰ سال جيوت رهي، پر سندس حالت انتظار جوڳي هئي. ٻين شهرن ۾ خط لکيا ويا ته هن دفعي دادا جي بيماريءَ سبب توهين پوني اچڻ جي تڪليف نه وٺو. پر هنن ته پاڻ اچڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. چيائون ته من محبوب جي مکڙي جو درشن پل

گرو جن کهڙو نه منو منتر ٻڌايو آهي: "واهگرو! واهگرو" نام ۾ ڪيڏي نه شڪتي آهه. اڄ صبوح جو مون اهو اکر هن طرح لکيو:

وا = واسديو ٽن لوڪن ۾ پيارو،
هه = هري دک پاپ هرڻ وارو،
گ = گوپال رکپال، نيڻهن ۾ نيارو،
ر = رام جڳ جڳ، ملڪن ۾ هاڪارو،
اهي چار ئي سندر نالا ملايو
و = ته نوري نماڻي "واهگرو" نام آيو.

واهگرو نام ۾ ڪيڏي نه سڪيا سمايل آهي! واهگرو! واهگرو! جيڪي ستگرو ڪري سو واهه واهه! ستگروءَ جي حڪم ۾ آهي سچو وشرام، بيماري ڏئي، ڏکو ڪارائي، ڪشٽ ڏئي، جيئن هلائي، جت وهاري، بيهاري، واهه! واهه! صدق ۽ پيار ۾ "واهگرو" نام اچارڻ هڪ سندر ساڌن آهي.

دادا جي چپن تي واهگرو نام اڪثر ڪري هوندو هو. پر هن کان پوءِ ته اکر سندس مک مان وري وري پيا نڪرندا هئا. "واهگرو شڪر! واهگرو شڪر!!" آڌيءَ رات جي اوندهه ۾ جڏهن ٻيا ننڊ ۾ دٻويءَ جي گود ۾ هوندا هئا، ته دادا جي چپن تي هي ٻئي شبد چڙهيل هوندا هئا. دادا کي شرير جو ڏاڍو ڪشٽ ڏسڻو پيو ۽ ان شرير جي سور لاءِ هيءُ به شبد جڻ ته دک لاءِ دارون هئا: "واهگرو شڪر! واهگرو شڪر!". هن کان اڳ ۾ ڊاڪٽر موٽوائيءَ اميد ڀي ڏني، آسرو ٻئي ڏنو ته دادا جو هڏو ٺهي پوندو ۽ هو پنڌ ڪري سگهندو، پر هيئنئر حالتون اهڙيون ٿي ويئون جو دادا کي باقي جيون جو گهڻو وقت بستري تي گهارڻو پيو ۽ هو وري پنڌ ڪري نه سگهيو. ڪمزوريءَ سبب دادا جي رنجهه ڪنجهه وڌندي ٻئي ويئي. ڪجهه نه ڪجهه شرير کي تڪليف هوندي هئس. پر دادا جي چپن تي هيءُ به اکر سدائو چڙهيل هوندا هئا: واهگرو شڪر! واهگرو شڪر!! پريا سمت

دادا ٻهتر ٿيو ۽ سڀني سامت جو ساهه کنيو. اڃا ٿورائي ڏينهن مس گذريا ته دادا جي طبيعت وري ڍهي پيئي ۽ ڪمزوري به وڌي ويئي. ڊاڪٽرن ته ائين چيو ته هاڻي گهڻي آشا ڪانهي. وري پرڀوءَ در پرارٿنائون ۽ پڪارون ٿيڻ لڳيون. پاٺ رکيا ويا، سيوا جا ڪاريه چالو ٿي ويا، جپ ڪيا ويا.

وري ڪلڳي وارو منڊل ۾

نيٺ ٣ مارچ ١٩٦٠ع ميران پوميءَ ۾ وري هڪ وار خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي جو دادا کي ان ڏينهن ڪرسيءَ تي وهاري ڪمپائونڊ کان ٻاهر آندو ويو ۽ آهستي ڪائونسل هال جي ٻاهران ورڪش هيٺان اچي ويهاريو ويو. ڇهن مهنن جي چوديواريءَ ۽ بند مان مڪت ٿي دادا اڄ سوتنترتا جو ساهه ٿي کنيو ۽ مالڪ جا شڪرانا ٿي مڃيا. پر شڪرانا نه سون ستسنگين به ٿي مڃيا جو سائينءَ سندن سڏ اُٿاريو هو ۽ سندن پياري پريتم کي نئين زندگي ڏني هئي. پريمي حشامن ۾ اچي وارد ٿيا ۽ پنهنجي پريم مان ڪجهه نه ڪجهه دادا جي چرنن ۾ رکندا ۽ آسيس وٺندا رهيا. نه ڪيوَل منشيه پريمين پڻ پر پوءِ جا آڀار مڃيا، پر ورڪشن، ڪائونسل هال جي ديوارن جي پٿرن ۽ پوميءَ به پڻ شڪرانا مڃيا جو مالڪ سندن پريتم کي وري سندن نکت آندو هو. وَڻ، جنهنجي سيتل ڇايا ۾ دادا ويٺو هو، تنهن پڻ سندس ڪمل چرنن ۾ هڪ ڪومل پتو ڀيٽ رکيو. اهو پتو سڀاڳو، جنهن پنهنجي ٽاريءَ تان ڀاڳ کي ڇنائي، سنت جي ڪمل چرنن ۾ ڀاڳ ارپڻ ڪيو. سائينءَ ۽ سندس سنتن کي پريم ۾ سڀ ڪجهه قبول. پتر، پشپ، ڦل، يا جل، پريم مان ارپڻ ڪيل، سڀ سويڪار!

دادا ته هو پرڪرتيءَ جو پوڄاري! پرڪرتيءَ لاءِ سندس نس نس ۾ هو پيار! پرڪرتيءَ کي پڻ دادا لاءِ پريم هو. ورڪش به هڪ پرڪرتيءَ جو انگ هو، تنهن به پريم ۽ ڀڳتيءَ ۾ سنت جي چرنن ۾ ڀيٽا ڏني. دادا ته منشيه جيون ۾ به سويم هڪ وشال ورڪش

دوريءَ کان ئي ڪريون، پر ويون ضرور. ٢٥ تاريخ صبوح جو ڊاڪٽرن اها ڪرپا ضرور ڪئي جو هنن دادا کي پٺيان ٽيڪ ۽ آڌار ڏيئي، بستري تي ويهاري ڇڏيو ۽ پريمي قطارن ۾ ٻاهران، سانت ئي سانت ۾ سندس درشن ڪري، هٿ جوڙي هليا ٿي ويا.

٢٥ نومبر

شروع ۾ هون ٻاريو ويو، نام ڪيرتن چالو رکيو ويو. ستسنگي انهيءَ ۾ به راضي رهيا ته دادا جو ڪمل مکڙو ته ڏسڻ نصيب ٿين. شام جو ٤ بجي کان خلق اچڻ شروع ٿي. هيٺ ڪمپائونڊ ۾ جڻ ته ستسنگين جو ساگر اچي پلٽيو هو! سندن پريم، پياس، اُتڪنٺا ۽ انتظاري ڏسي اسانجي اکين ۾ پڻ پاڻي ڀري آيو. جو لکن جو لعل هو تنهنجي آئوُ لنبي نه ٿيڻ گهرجي؟ دادا جو دروازو درشن لاءِ ڇهين بجي کان کليل رکيو ويو. ستسنگ شروع ڪيو ويو. ڀائر ڀينرون صبوح جيان قطارن ۾ لنگهندا، درشن ڪندا هليا. ڪلاڪ نبريو ته به پريمين جي ڀيڙ لڳاتار جاري هئي. دادا ايترو وقت ويهي ٿڪجي پيو هو تنهنڪري ڪيس پندرهن منٽ ليٽائي در بند ڪيو ويو. در کليو ته وري اها پريمين جي قطار درشن لاءِ چالو ٿي وئي. ڊاڪٽر چتاءُ ڏيئي ڇڏيو هو ته دادا کي ٿڪائجو نه. اَهڙيءَ طرح ٻيو به ڪلاڪ نبري ويو. دادا کي وري ٿڪ محسوس ٿيو ان ڪري هاڻي در بند ڪيو ويو ۽ ڪيس پورو آرام ڏيڻ لاءِ ليٽايو ويو. ڪي ويچارا پريمي درشن بنا پياسي ئي رهجي ويا پر دادا کي آرام ڏيڻ خاطر هو سڀ سانت ۾ سهي ويا. جيڪا سندن قسمت!

پر نه، شايد انهن تِراس پريمين صدقي پرماتما دادا کي نئين جيوت ڏني. ٢٥ نومبر کان پوءِ سندس صحت ۾ سڌارو ٿيڻ لڳو. ٿي سگهي ٿو ته پرڀوءَ انهن پريمين جي پريم پڪار سڻي هجي! پرڀو گهڻو ٻاجهارو آهي. سندس ديا جي درشٽي ٿي.

ڪري. قدرت سان جڏهن هو ڪائونسل هال جي ٻاهران وڻ هيٺ اَچي ويٺو ته ڪي فقير ٻه اَچي لنگهيا. دادا کي سنسنگين سان گهيريل ڏسي، سمجهڻ لڳا ته ڪو راجا، مهاراجا ويٺو آهي. واسطو ۾ دادا ته مهاراجائن جو ٻه مهاراجا هو. ڇو جو سندس پهچ سڌ و ايشور تائين هئي. فقير سندس شان ڏسي سندس ويجهو آيا. انهن ۾ هڪ ته المست پئي ڏنو. سندس انگن تي خير ڪي وسترو پيل هئا. هن دادا کان اِشاري ۾ ڪپڙا گهريا. دادا ٻه هوموج ۾، سو پنهنجو ڪوٽ ڪڍي تي لاهي ڏنائينس. اهو ڏسي ڪنهن چيو ته دادا هيءُ فقير شايد ڪڙتي يا خميس ۾ وڌيڪ خوش ٿيندو. توهان جو نئيو ڪوٽ ڪيس ڪهڙي ڪم ايندو؟ سو هڪ جٽو ٻ وڙيو ۽ ميران پومپيءَ مان ڪي چولا ڪڍي آيو. دادا هڪ چولو فقير کي ڏنو. فقير نئون چولو پائي ڏس ته ڪهڙن ۾ نه پيو ماپي! نيڻ نيڻ ٺري پيس. ڪيس هيٺن خوش ٿيندو ڏسي دادا جون اکيون ٻه خوشيءَ ۽ شرارت وچان ٽمڪڻ لڳيون. دادا جي نيڻهن پري نظرن جي شرارتي گهوُر گهڻي ئي گهوٽ گهايل ڪري ڇڏيندي هئي. شرارتي اکين سان گڏ سندس چپ ٻه ساٿس ان کيل ۾ شامل ٿيندا هئا. اَهڙيءَ ئي موج ۽ مستيءَ ۾ اَچي دادا ان فقير کي مشڪندي هڪ ٻيو ٻه چولو ڪڍي ڏنو ۽ ويهي سندس چهري جي بدلجندڙ رنگ ڏانهن ڇاڇڻ لڳو. فقير ڏس ته ڦوليو نه سمائي! گهڙيءَ چولن ڏانهن پيو نهاري ته گهڙيءَ دادا جي منڙي مشڪندڙ چهري ڏانهن. آنند سان گڏوگڏ کيس اَچرج ٻه حيران ڪيو هو جو اَجا ٻه کيس وشواس نه ٿي آيو ته کيس سچا سارا ٻه چولا مليا هئا! فقير جڏهن پيد نه پائي سگهيو، تڏهن چولن وارا هٿ کڻي آسمان ڏانهن نهارڻ لڳو. شايد اُئي ايشور کي ٿي ڳولهيائين ته ڪٿي نظر چڙهي وڃي ته سندس هارڌڪ شڪرانا مڃان! خير، ايشور ته ڏسڻ ۾ ڪين آيس، سو دادا کي ئي ايشور مڃي سندس مشڪندڙ اَکڙين ڏانهن ويهي نهارڻ لڳو. اَجا ائين ويٺي

هو، جو هن پنهنجي سنهي روح سيتل ڇاها ۾ سيني اُساٽيلن کي وشرام ڏنو، جنهن پنهنجو گيان روپي منو قل پٽي اُنيڪ پريمين کي ڪارايو، جنهن پنهنجي ٻاجهه پرين ٻانهن روپي ٽارين سان ڪين پريم پيري پوَن پٽي پهچائي. پريمين جا پيت ڪيل پئسا، دادا غريبن ۽ مسڪينن جي شيوا ۾ لڳايا. اهو وشال ورڪش جو پريم پٽرو اَڄ به ڪن پريمين جي سمرتيءَ ۾ سرسبز آهي!

هولي

ڏون ڏينهن ڪانپوه هوليءَ جو آننددايڪ دن آيو. پنج هزار ورهيه اَڳ، مکٽ چور موهن، شري شيام سندر ڪرشن، گوڪل ۽ ٻرندابن ۾ گوپين ۽ گوپن سان گڏجي، يمنا جي ٽٽ تي هولي کيلي هئي ۽ ڪين قرب جي ڪٽمسر جون پچڪاريون هڻي، رڳ رڳ پريم رنگ ۾ رڱي ڇڏي هئي. پنج سو سال اَڳ ندِيا بنگال ۾، شري چتنيه پڌاريو، جنهن به هرش سان هوليون کيڏي، منش جي هردن ۾ وري نئين سر سري ڪرشن ڀڳتيءَ جي لهر جاڳائي. ان ڪرتويه لاءِ هو هن جڳ ۾ پڌاريو به هوليءَ جي پورن ڏينهن.

١٢ مارچ ١٩٦٠ع هوليءَ جو شڀ اوسر دادا پريمين کان مشڪل وسرندو. ان ڏينهن ڪرشن پريمي دادا، پنهنجي هڪ هڪ پريميءَ جي مستڪ تي پنهنجي ڪر ڪملن سان لعل گلال جو تلڪ ڏنو. ڄڻ ته پنهنجي ڪرپا ۽ پريم جي ڇاپ هڻي ڇڏيائين! ڄڻ ته پٽي ڪين وشواس ڏياريائين ته ”توهين منهنجا آهيو ڪڏهين به ڪجهه ٿئي، تڪليف يا تنگي اچيوَ ته متان منجهيا آهيو! متان گهبرايا آهيو! ياد رکجو هيءَ ڳالهه ته توهين ڪنهن جا آهيو، توهين منهنجا آهيو.“

فاضل فقير ۽ پهنو فقير

دادا، جي سڪ ۽ سنيهه جو ساگر هو ته ديا ۽ ڪروڻا جو ڀنڊار به هو. جيستائين هو غريبن جي ڪجهه شيوا نه ڪري، تيستائين ڄڻ ته هو وڏو ڏينهن نه ملهائي يا پريوءَ جي پوڄا نه

ڪرشن ڏٺو آهي! ڪيئن نه هڪ ڏينهن جمنا ڪناري تي ويٺو هوس ته منهنجي اکين شيام سندر سهڻي صورت ڌاري اچي بيٺو. بس! پوءِ ته مونکي شيام ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿي آيو. جيڏانهن نهاريان اوڏانهن ڪرشن ئي ڪرشن پيو ڏسان! اندر، ٻاهر، جت نهاريان اُت ڪرشن پيو پسان. جيڌر ديکتا هوُن، اُڌر ڪرشن هي ڪرشن هئه. بس، شيام! شيام شيام! شيام ئي منهنجي جيون جو مهندار! شيام ئي آهي هن دل جو وشرام!"

١٧ مئي دادا کي ميران اسڪول ۾ ڪوٺ ڪئي وئي ته وئڪيشن شروع ٿيڻ کان اڳ جيڪر اچي آسيس ڏيو. دادا به هو موج ۾، سو يڪدم قبول ڪيائين ۽ ٻارن جي وچ ۾ هڪ ٻار ٿي اچي ويٺو. ٻارن جيان نماڻو، لڇارو، سرل ۽ مٺو! پر جڏهن پنهنجو مک کولي ٻوليائين ٿي فقط تڏهن ئي سندس مهانتا ۽ اُچتا جو انڀو ٿي ٿيو. هن پنهنجي نرمل هٿن سان پهريون نمبر آيل ودياٿين کي انعام ۽ پرسڪار پتر ڏنا. ميران اڌياپڪ ۽ ودياٿي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ دادا کي وينتي ڪيائون ته ڪرپا ڪري اسان وٽ سڀاڻي به ضرور اچجو، جو پوءِ اسڪول بند ٿيندو. دادا جي ٻالڪن ٻالڪين سان جڻ ته پراڻي پريت هئي سو تتڪال ها ڪيائين. ٻئي ڏينهن وري ميران اسڪول ۾ موج مچي وئي. دادا ننڍڙن ٻالڪن کي پنهنجي هٿن سان رانديڪا ڏنا. ڪن کي گرانڍي ٿي پاتائين ته ڪن کي پاڪي. پر پنهنجي نرمل هردي جو نرمل پيار سڀني کي ٿي ڏنائين. ڪين ڪي مٺا شبد به چيائين.

دادا جي ڳالهائڻ جو ڍنگ اهڙي پيار ۽ پنهنجائپ جو هو جو ٻار ڏاڍو ٿي خوش ٿيا. حيراني فقط هڪ ڳالهه جي هئي ته دادا کي شرير جو هيڏو ڪشٽ هو، تنهن هوندي به هو ٻارن جي سنگ ۾ ائين ويٺو هو ڄاڻ ته ڪيس ڪو دک سور آهي ئي ڪين! دادا راتين جون راتيون بي آراميءَ ۾ ڪاٽيندو هو جو

نهاريائين ته دادا کيس ٻه چولا ٻيا به ڏنئي ڇڏيا! بس، هاڻ ته فقير جو فڪر صفا ويندو رهيو ۽ آنند ۾ اچي نچڻ لڳو. دادا ائين کيس آنند جي مستيءَ ۾ جهومندو ڏسي ڏاڍو پئي خوش ٿيو. سو پنجين چولي لاءِ به سڏايائينس، پر فقير کي اهڙو ته ڀؤ ٿي ويو هو جو هن وڌيڪ چولي وٺڻ کان انڪار ڪيو. "ديندا دي لئندي ٿڪ پاءِ." دادا ٻڪي به ڇڏيس ته ٻ ٿي به ڇڏيس. ساري زندگيءَ ۾ هن هڙو ڏاتار ڪڏهن ڪين ڏٺو هو. باقي چولا دادا ٻين فقيرن ۾ ٻانٽي ڇڏيا ۽ ڪين هڪ رپيو به ڏنو. فقير دادا کي آسيسون ڏيندا پنهنجي راهه وٺي رمندا رهيا. ستسنگين پنهنجي پريتم جي ڪروٽا ڪريڙا ۽ رحم جي راند ڏسي ڏاڍو آنند پراپت ڪيو.

هوليءَ جي شب ڏينهن دادا کي ڪن ستسنگين وينتي ڪئي ته کي آسيس جا وچن ضرور چئو. جنماشٽميءَ جي ساڍن ڇهن مهينن کان پوءِ دادا کين شيام سندر جي ٻن پيارن شري چيتنيه ديو ۽ ان جي پياري شش، سناتن بابت ٿورا منا ۽ ڀڳتي ڀاونا سان ڀرپور وچن ٻڌايا. دادا ٻڌايو ته ڪيئن چيتنيه مها ودوان هوندي به ڪرشن پريم ۾ ليلين ٿي ويندو هو ۽ پيو "ڪرشن ڪرشن" ۽ "هري بول - هري بول" جا نعرا هڻندو هو ۽ ڪيئن سناتن، جو هڪ ودوان ۽ وزير هو، سو ايشور پريم ۾ پاڳل ٿي، هڪ فقير بڻجي پيو! سخت سيارو هجي ته به سناتن ڏس ته ورکش جي هيٺان وينو هجي ۽ سمهي به اتي. ورکش کيس پيارا هئا جيئن دادا کي ٻڻ اٿي پيارا هئا. ڪرشن کي به اهي پيارا هئا، جن تي چڙهي، هو ڦل چني، پنهنجن پيارن اگوال ٻالن کي کارائي خوش ٿيندو هو.

هڪ لڱا دادا کان پڇيو ويو ته دادا، توهان شري ڪرشن ڏٺو آهي؟ دادا ٿنهن تي مشڪيو ۽ ورائيائين: "ها، مون شري

سان ڀريون سوال اهو پڇندو هو ته دادا سولهن هيٺ لٿو ڇا؟ جي نه ته نيڪ، پر جي ٻڌندو هو "ها" ته ويچاري جي هٿن مان ڄڻ ته ڪي ڪري پوندو هو ۽ مايوس ٿي ويندو هو. گوڪل ۽ برندابن ۾ شيام جي سنگ ڪانسواءِ جا پرستني گوپين ۽ گوالن جي ٿيندي هئي ساڳي دادا جي پريمين جي به ٿيندي هئي. جهڙو دادا تهڙو دادا شيام! ٻئي هئا آڪرشڻ ڪندڙ چقمق. ڪيئن نه ٿي ڇڪيائون! گوڪل ۽ برندابن جو کيل اسان پنهنجي اکين سان هن يڳ ۾ دادا جي شخصيت ۾ ڏٺو. سچو برندابن ته اُتي آهي جتي سچي پيار جو انسان، عشق جي آتش جو انسان براجمان آهي، جنهن مان ايڏي ته آڪرشڻ شڪتي پئي نڪري، جو ونس پريمي ٻار، نوجوان ۽ ٻڍا ائين ڇڪجي اچن ٿا جيئن ڪمل گل تي ڀونرو يا گلاب ۽ چمبيلي پشپن تي مڌومکي. دادا به هو پورن چندرما جيان جنهن کي ڇهڻ سان ساگر جون لهرون زور زور سان اوچيون اڀري پيئون اُڇلون ڏين. چندرما جيان دادا به نرموهي، پنهنجي آنند ۾ مگن ٿي رهيو. پر ساگر جي ڇولين جيان پريمي پئي ڇڪ ۾ ڇليا ۽ ڦٿڪيا.

ڀاءُ منگھارام جي موڪلاڻي

شرير جي ڪشش، دادا جي اَنتر آتما جي آنند ۾ ڪو به رخنو ڪين ٿي وڌو. سندس من هماليه پربت جيان اِستر ۽ اَڏول هو. ڪنهن به قسم جي دکدائڪ وارتا سندس پرشانت چت کي ڏولائمان ڪري نه ٿي سگهي. ١٧ جون ١٩٦١ع دادا جو ننڍو ڀاءُ منگھارام پوني ۾ اَچانڪ پرلوڪ پڌاريو. ٻه ڏينهن اڳ دادا کيس ڪيترو وقت اَڪيلو مليو هو ۽ ساڻس خوب ڳالهيون ٻولهيون ۽ مڪاميلو ڪيو هئائين. ٿي سگهي ٿو هن کيس ٻه ڏينهن پوءِ شروع ٿيندڙ اَنتم ياترا لاءِ تيار ڪيو هجي ۽ آسيس ڏني هجي. منگھارام، دادا وٽان ٿي جڏهن ٻاهر نڪتو، تڏهن اَلبيلو سرهو

نسن ۾ سور جا سٽڪا ۽ ڇڪ اُڀرندي هئس. ڊاڪٽر آشا ڏيکاري هئي ته ڇير ڀيل هڏو نهي ويندو پر هاڻ اها اُميد به لاٿي ويئي، ڇو جو جڏهن ايڪس-ري فوٽو ڪڍيو ويو تڏهن پتو پيو ته هنن نسن جي ڇڪ هڏي کي جڙڻ ئي ڪين ڏنو.

پيارو جشن ۽ شيواڌاري پاڻ

پياري جشن، دادا جي هرڪا شيوا پئي ڪئي. اُٿارڻ وهارڻ، پاسي ورائڻ ۾ سهائتا ڪرڻ، پيرون ڏيڻ وغيره وغيره. تنهن کانسواءِ ميران ڪاليج جي جوابداري پڻ مٿس هئي. ماڻهن سان ملڻ جو ڪم به ڪيس ڪرڻو پوندو هو. ڪيس آتم جو ساٿ هو جو به رات جو شيوا ڪندو هو. پر ٻنهي لاءِ رات جو ڪجهه وقت آرام ڪرڻ لازمي هو ۽ اهو به ضروري هو ته دادا جي حاضريءَ ۾ شيوا ۾ رات جو ڪير جاڳيل هجي. ان لاءِ، پورب جنم جي نيڪ ڪرمن ڪري، ٻه ٻيا ستسنگي به هن شڀ ڪاريه لاءِ تيار ٿيا، رات جو اچي اُتي ٽڪيا. هو واري واري سان جاڳي شيوا ڪرڻ لڳا. اهي هئا سردار سنتسنگهه شهاڻي، ڀاءُ ڀمو منگهنديا ۽ آتوُ ريلواڻي، ٽيئي برهمچاري ڀڳت!

اڪرشن شڪتي

سمو گذرندو رهيو. سخت سور هوندي به دادا شام جو ستسنگ ۾ ڪرسيءَ تي هيٺ ضرور لهندو هو. ڪرسي کڻڻ وارا هئا:- جشن، سنتسنگهه، ڀمو، آتم، آتوُ ۽ نرمل. سهوليت انوسار دادا ڏينهن جو پڻ هيٺ لهندو هو ۽ ڪڏهن هيٺ ميران هال ۾، ڪڏهن ٻاهر ڪمپائونڊ ۾ ته ڪڏهن ڪائونسل هال جي ٻاهران ورنڊي جي هيٺان هلي ويهندو هو. پر جتي به ويهندو هو اتي برهمڻ جو ميڙاڪو مڙي ويندو هو. پاڻ پيمر اڪثر ٻڌندا ڪم ڪاريون تڙتڪڙ ۾ پورا ڪري، ڪڏهن ته اڌ ۾ ڇڏي به ايندا هئا، ان لاءِ ته ڪين دادا جو منٽو سنگ 'نصيب ٿئي. پر قضا سان ڪير پوري سمي. ٽي پڇي ڪين سگهندو هو، ته اچڻ

آهي نام!“ دادا سيٺي کي نام جو پدارٿ ئي ڏنو، جيئن گروجن چيو ”نام پدارٿ نانڪ مانگي.“

پياري جشن جو جنم دن

جلد ئي ٢ آگسٽ آئي. ٻن سالن کان اهو شبھ ڏينهن پياري جشن جي انيڪ پريمين، ڏاڍي اُمنگ ۽ اُتساهه سان ٿي ملهايو. پر هن سال (١٩٦١) ان ڏينهن جي رونق ئي نرالي هئي. دادا سال به سال جشن کي ان جنم دن جي پکش ۾ ڪونه ڪو سنديش لکي ڏيندو هو. پر هن سال کيس جو سندر سنيهو دادا لکي ڏنو، سو اهڙي نه سڪ سنيهه ۽ سوز ۾ لکيل هو، جو ستسنگين کي هن چٽ نه اهو اشارو ڏنو ته سندس پنهنجو جشن ئي سندس آتمڪ وارث ٿيندو ۽ سڄو ڪاروبار پيو هلائيندو. جڏهن کان دادا بستري داخل هو، تڏهن کان ڪم جو گهڻو بار جشن جي ڪلهن تي هو. ماڻهو دادا کي نه سڌو ملي نٿي سگهيا، سو جشن جي معرفت نياپا موڪليندا هئا. جشن کي ڌيرج هو، صبر هو ۽ ڪافي سياڻپ هئي، سو سيٺي کي پيو مدد ڏيندو هو. هو پائرن پيرن ۾ گهڻو پيارو ٿي ويو هو، اُصل ايتري قدر جو هو چوندا هئس ته هاڻي تون اسان جي رهبري ڪر ۽ روز به روز اسان کي ڪجهه سکيا ڏي. نتيجو اهو نڪتو جو روز رات جو جشن کين ملندو هو ۽ ڪي وچن پڙهائيندو هو. پائر پيرو اهي وچن دل ۾ سانڍي گهر روانا ٿيندا هئا.

٢ آگسٽ ١٩٦١ دادا چٽ نه دل مان ڪي اکر لکيا جن مان ٿورا هيٺ ڏجن ٿا:

”منهنجي ڳوڙهن ۽ پرارٿنا جا بالڪ! اڄوڪي ڏينهن مان شڪرانا مڃيان ٿو ان سائينءَ جا، جو قسمت ناهي ٿو. اڄوڪي ڏينهن مان پريوءَ کي شڪرانا ڏيان ٿو، جو نه پريوءَ پنهنجي مهر ۾ مونکي هيءَ موقعو ڏنو آهي ته وري تنهنجو مُنهن ڏسان، تنهنجا چرڻ چميان ۽ تنهنجي آسيس وٺان.

هو. دادا سندس چڱي دل ورتي هئي. منگھارام کي پنهنجي دادا ۾ ڏاڍي شرڌا هوندي هئي. جڏهن به کيس شريرڪ يا مانسڪ تڪليف هوندي هئي ته هو دادا کي چوندو هو ته دادا توهين آسيس ڪندا ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پنهنجي جيئڻ ڀاءُ ۾ سندس پورن وشواس هو. دادا کيس پيار ۽ قرب وچان ڪڏهن ڪڏهن ميگھراج ڪري سڏيندو هو، نه ته فقط منگھن. هن پيٽ وارڻا جي ٻئي ڏينهن سندس رت جو داب مٿي چڙهي ويو ۽ هو مورڇا ٿي ڪري پيو. کيس اسپتال ۾ ڪڍايو ويو، جتي ٻئي ڏينهن، منجهند جو ٽي بجي، سندس آتما وڃي پرماتما سان ملي.

منگھارام جي ارٿي ٺاهي تڪي رکي وئي ۽ دادا کي چيو ويو ته کيس آسيس ڪريو ته شمشان ڀوميءَ ۾ نيو وڃي. منگھارام جون اکيون کليل هيون ۽ منهن چمڪي رهيو هوس. نيٺ به ته دادا جو ننڍو ڀاءُ هو. هو بال برهمچاري هو. دادا سندس مٿي کان سکمڻي صاحب ۽ گيتا رکي، رومال چاڙهيو، گلن جا هار پاتا، ناريل رکيو ۽ گلاب جو پاڻي ڇڻڪاريو. سڀاڳو هو منگھارام جنهن کي دادا جا هٿڙا لڳا ۽ جنهن لاءِ دادا پڇاڙيءَ ۾ پرارٿنا ڪئي. دادا کي اندر جو آنند هو ته هن ته ننڍي ڀاءُ جي وڇوڙي تي هيءَ پرارٿنا ڪري سگهيو.

"پيارا ڀائرو ۽ پيار ڀينرون، هي پيارو اڄ هلي رهيو آهي اباڻن جي راهه ۾! مونکي به جلدي هن راهه ۾ هلڻو آهي. اڄ جيڪر مان چاهيان ته توهين ۽ مان، پاڻ سان هڪ ننڍڙو سبق کڻي وڃون هڪ ننڍڙو ويچار، هڪ سکيا، گروجن جي سکيا، سنتن جي سکيا اسين پاڻ سان کڻي وڃون:

"هٺ نهرنا نهين، جڳہ ويران!"

اڳتي هلي دادا چيو: "هن جڳہ ويران مان، هن سنسار مان نه هڪ پشپ، هڪ قول، هڪ گل کڻي وڃون، جنهن جو نالو

سنه ١٩٦١ع جا شپ ڏينهن دادا ڏاڍي نرمل ڀاو ۾، اُتساهه سان ملهايا. سنتن جي شرير جو ٻل ڀل ته گهٽ ٿيو ڪين هجي، سندن اوستا ٻرڌ ٿيو ڪين هجي، پر سندن اندر، جا جوالا ٻري ٿي ۽ جا محبوبن لاءِ مستي سندن من ۾ نچي پيئي، سا گهٽجڻ بدران وڌي پيئي وڌندي. سندن لڪش اهو ئي آهي ته لوڪ سندن مثالن مان ڪجهه سکن ۽ اُنيڪ مجبورين هوندي به سندر ڪاريه ڪندا رهن. ان ۾ فائدو لوڪن جو ئي آهي، اندر جو آنند هڪ طرف ته چت شانتي ٻئي طرف. سنتن کي پنهنجي پيارن جو ڪيڏو نه اونو ٿو رهي!

پاربتي ملڪاڻيءَ جي موڪلاڻي

١٤ سيپٽمبر ستسنگ جي شالا جي پياري ڀيڻ پاربتي ملڪاڻي، جا ستسنگ جي شروعاتي سيڪريٽري هئي، سا سنسار ڇڏي پنهنجي راهه رباني وٺي هلي. ڪجهه ڏينهن کان هوءَ ڪمزور ٿيندي ٿي ويئي. ڪيس اهائي آس هئي ته جي ڪيس هيءُ جهان ڇڏڻو پوي ته ٿل دادا جي حاضريءَ ۾ ٿئي. سندس اها آس پرڀوءَ پوري ڪئي. هن دادا کي چٺي لکي ته ڊاڪٽر چوي ٿو ته شرير جي چڪاس ڪراءِ. تو هين صلاح ڏيو. شام جو دادا سندس چٺي پڙهي ته پنيان پاربتي وڃي اَمرڌام پهتي. جتي شرير ۽ شرير جي چڪاس جي ڪابه آوشڪتا ڪانهي. سندس اَرٿي ڪڍڻ سمي دادا پاڻ اُپسٿت هو ۽ پنهنجي هٿن سان ڪيس تلڪ ۽ ڦول مالها چڙهايائين. پاربتي سڀاڳي هئي جنهن پنهنجي جيون دادا جي چرنن ۾ اَرپڻ ڪئي.

ساليانو جلسو

١٧ نومبر ١٩٦١ع ميران پوميءَ ۾ چڱو ميلو مچي ويو. ان ڏينهن ميران اسڪول جو ساليانو جلسو هو ۽ اسڪول جي نئين عمارت کلڻ جو مهورت، ڀارت جي اَڪٽنگ پريزيڊنٽ، ڊاڪٽر

”اَڄ هڪ پرارٿنا وري وري دل جي اَندر اُٿي ٿي. اها پرارٿنا اَڄ مان جشن پياري کي چوان ٿو، ڇو ته پيار ۾ حق آهي. مان جشن کي چوان ٿو ”تون رشين ۾ هميشه صدق رکج. ائين نه ٿئي ته تون وڏو ٿين، ڪتاب پڙهين ۽ تنهنجو صدق ڪمزور ٿي وڃي.“ هيءُ ۸۰ ۽ ۸۱ سال هن جيون جو شروع ٿيو. پر منهنجي دل اَندر رشين لاءِ صدق آيو جڏهن مان ۱۵ سالن جو هوس. ۱۵ سالن کان ۸۰، ۸۱ سالن تائين، ڪڏهن به اهو صدق ڪمزور نه ٿيو آهي. وڌيڪ مان ڇا لکان؟ شل هن زماني ۾، جڏهن گوڙ شور آهي تڏهن تون ساڳي ڏين ايشوري نگر جي، ٻئي نگر جي، رشين جي نگر جي. اهي سڀ اکر ڇو ٿو چوان؟ ڇو ته مان ڪنهن به وقت هليو وڃان. شل هيءُ پيارو اها جوت اَسان سيني جي اَندر جڳائيندو رهي.

”وڌيڪ مان ڇا لکان؟ پيارا جشن! توکي پنهنجي پوڄيه پتا وٽان هڪ عجيب ورثو مليو آهي. منهنجي پياري دادا هن بالڪ کي ڪهڙو خزانو ڏنو؟ هن جي دل اَندر رحم هو، ديا هئي. هن اها سکيا سمجهي ته ”ديا ڌرم ڪا مول هئه“ جيون جو بنياد آهي ”ديا“. اها ديا شل تنهنجي اَندر رهي، وڌندي رهي. اها ديا تنهنجي جيون، زندگيءَ جو Aspiration (اَڀلاکا) آهي. اها ديا تنهنجي زندگيءَ ۾ پيئي چمڪي. مان چوندو آهيان ته اها ديا اَٿو گنگا، گنگا پيئي وهي. وهندي وهندي ڪهڙو پاڻي ٿي ڏئي؟ اهو پاڻي جو تتل دنيا کي ٺري، جنهن پاڻي پيئڻ سان دنيا جو تپ لهي.

”پيارا جشن! هن وقت مان پري آهيان پنهنجي سڄي گهر کان، ٻئي گهر کان، اَلک ڌام کان، سنت ڌام کان مان پري آهيان. هن پاپ گهر ۾ مان آهيان، پنهنجي گهر کان پري، پري! پر پوءِ جو ناٿو سڀاڳو، جو هٿ تو اُڇي مون تي آسيس ڪئي آهي ۽ تو مونکي سبق سيکاريو آهي ته ”ديا ڌرم ڪا مول هئه!“

سالگره

٢٥ نومبر دادا جو جنم ڏن ملهايو ٿي ويو. ميران ڀوميءَ ۾ اڳواٽ ١٧ نومبر جو ٺهيل وشال پنڊال پريمين سان ڀرجي ويو. صبوح جو ميران ودهارٿي مليا ته شام جو هزارين ستسنگي پيار پيئڻ اچي پلٽيا. صبح جي پروگرام ۾ ودهارٿين دادا کي سِڪ ڀريون سوکڙيون نظرانو رکيون ۽ ٻاراڻيون ٻوليون ٻوليون. شام جو وري وڏن ڳالهايو ۽ دادا کي جنم ڏن ڀوڳري اَرپڻ ڪئي. دادا، صبح جي پروگرام ۾ ودهارٿين سان ٿورو وقت ويٺو هو، سو سندن ڪهڙو ٿو ان مان ڍءُ ٿئي؟ هنن دادا کي وينتي ڪئي ته اسان سان وري به ملو ته توهانجو سالگره ملهايون. سو ان لاءِ ۴ ڊسمبر مقرر ڪيو ويو. ان ڏينهن دادا وٽن آيو. ٻار ڏاڍو خوش هئا جو دادا سندن خاص وينتي اونائي هئي. هنن ڪانئس جنم ڏن جو منائيءَ جو ڪيڪ ڪٽايو ۽ سڀني اُتساهه ۾ گڏجي سُر سان ڳايو:

Happy Birthday to you, dear Dada! Happy Birthday to you!

ٻار سڀيئي خوش هئا، پر ڪانئن وڌيڪ خوش هو دادا، جو هن کين خوش ٿيندو ٿي ڏٺو. معصوم ٻارن جي دلين ۾ پريو پاڻ ٿو براجي. سو دادا منجهن پريوءَ جو منڙو درشن ٿي ڪيو! پوءِ ٻارن ننڍڙن نماڻيون تقريرون ڪيون، جن ۾ هنن پنهنجي نرمل هردي جا سچا پچا اُتما اظهار ڪيا. هنن دادا کي پنهنجي اَٿاهه پريم مان خوب ڏوراپا ڏنا ۽ چيائونس: ”پيارا دادا! توهين اسان کي ڏاڍو ٿورو ٿا ملو. اسين ته توهان ٿائين وڏن جيان پهچي به نه ٿا سگهون، پوءِ اسان کي توهان جي منڙي مشڪ ۽ هٿڙي جي آسيس ڪيئن ملي؟ جيڪر توهين اسان سان جلد جلد ملو. يا ته توهين اسان وٽ اچو يا ته آگيا ڪريو ته اسين پاڻ توهان وٽ اچون.“

راڌا ڪرشنن جي هٿن سان ٿيو. منڊپ ۾ ڀارت جون ٽي مهان هستيون: ڀارو دادا، آچاريه ڪروي ۽ ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن هڪ ئي مهل تي گڏيون، جڻ ته پوتر ميران پوميءَ ۾ گنگا (دادا)، جمنا (آچاريه ڪروي) ۽ سرسوتيءَ (ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن) جو سندر سنگم (ترويڻي) تي ٿيو. ان سنگم ۾ هزارين تيرٿ واسي، گيان اشنان ڪرڻ آيا. نه ڪيول ايترو، پر وايو منڊل ۾ اهڙي نه سڳنڌ ۽ سوڀيا هئي جو ائين ٿي ڀاسيو جڻ ته ديو لوڪ جا ديوتائون به هنن ٽن مهاتمائن جو درشن ۽ پشپن جي ورکا ڪرڻ لاءِ آيا آهن.

ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن

ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن پنهنجي وياکياڻ جي آرنڀ ۾ چيو ته مان ائين ٿو سمجهان ته مان هت تيرٿ ياترا تي آيو آهيان، ڇو ته مونکي ٽن مهاپرشن جو درشن پلئه پوي ٿو. هڪ آچاريه ڪروي ۽ ٻيو ساڌو واسواڻي. پنڊال جي پردي تي، هڪ ڪپڙي تي لکيل سونهري سٽيهي ڏانهن اشارو ڪري چيائين ته سامهون هن پٽيءَ تي ساڌو واسواڻيءَ جا سندر وچن منهنجي دل کي ڏاڍو ڇڪين ٿا: "Education is not a withered parchment but living water of the spirit" اهي اکر بيشڪ سچيءَ وديا جو سروپ آهن. پوءِ هن وديارٿين کي اپنشدن جي وديا جا ٽي آدرش ڏنا: (۱) آڀيم. بي ڀيا ٿيو. ڀؤ نه رکو (۲) آهنسا. ڪنهن کي به نه ڏکويو يا ماريو (۳) آسنگم. يعني موهه کان پري رهو.

انت ۾ هن خوشي ظاهر ڪندي چيو ته مان نئين عمارت جي کولڻ جو مهورت ڪريان ٿو. شل هن عمارت مان وديارٿي جيئن وديا پرائي نڪرن، تيئن پاڻ سان پرڀوءَ لاءِ پيار ۽ ڀاڙ ڀسريءَ لاءِ پيار ٻڌي ڪٽي نڪرن.

پنهنجو پوکي آيو آهي ۽ پوکي پيو. ڪرم وڏاتا هڪ هڪ کي پورو حساب ڏئي ٿو." اڳتي هلي دادا چيو: "ڌڪ آهي ڇهبوڪ، جو ديالو پنهنجي ديا ۾ هڻي ٿو. اهو ڇهبوڪ ڇوي ٿو گهڻو وقت اجا غفلت ۾ غلطان رهندين؟ ڌڪ اچي اسان کي سجاڳ ڪري ٿو ۽ وري ڪن موقعن تي ڌڪ اچي اسان ڪان اڳين ڪرمن جو حساب وٺي ٿو. تنهن ڪري هر حالت ۾ سائينءَ اڳيان سر جهڪائي چئون "شڪر! شڪر!"

زندگي نيمن ۾ ٻڌو

دادا ته هميشه شڪر، صبر ۽ صدق جو سبق پئي پاڙهيو. تنگيءَ ۽ تڪليف وقت مصيبت ۽ مشڪلات وقت اهي سبق ڪيڏو نه ڪتب اچن ٿا! افواه پئي اُٿيا ته ٣-٤-٥ تاريخ فيبروري ١٩٦٢ع اشٽ گرهه ٿي گڏيا، جي سڄي دنيا لاءِ هاڃيڪار ٿيندا. ان خبر لوڪن کي بي آرام ڪري ڇڏيو هو. سندن چت جي شانتي الوپ ٿي وئي هئي. دادا اهو ڏسي ستسنگين کي همت ڏني ۽ چيو ته متان گهٻرايا آهيو. سائينءَ جو سمرڻ ڪريو، سائينءَ ۾ صدق رکو، وشواس رکو. ڀپ ڇا جو؟ پنهنجي زندگي ڪن نيمن ۾ ٻڌو. هن وقت اوهين رهيا آهيو بي خبر. ٻهريون نيم جيڪو هيءُ ڪريو: سويل اُٿو. ٿڌ آهه بيشڪ. پر تنهن هوندي به اوهين سيئي سويل اُٿڻ جي ڪوشش ڪريو. ٻيو نيم ڪهڙو؟ سويل اُٿي پنهنجو ٿورو ڪي گهڻو وقت سائينءَ جي سمرڻ ۾ خرچ ڪريو. گرباڻي پڙهو، سنت باڻي پڙهو، ٻريوءَ جو نالو اچاريو. ڪو نه ڪو منتر روز روز جيڪر ايندڙ ڏينهن ۾ شرڌا ۽ پيار ۾ اچاريو. مان هڪ منتر جو روز روز اچار پيو آهيان، سو اسانکي گرباڻيءَ ۾ مليو ٿو: 'ستنام' ننڍڙو منتر جيڪر اوهين روز روز اچاريو، جت به هجو، پنهنجي ڪم ۾ هجو يا گهمڻ ويو، ڪاڻڻ مهل، اُٿڻ مهل، سمهڻ مهل."

ٻارن جون مٺڙيون، معصوم ۽ چهچٽيون ٻوليون ٻڌي پائرن ۽ پيئرن نه ڪليو پر سوَيم دادا کي ٻه ڪل اچي ويئي. ٻالڪن پنهنجي زبان سان نه پر هردي سان ڳالهايو هو. ان ڪري اها ياڻ پيئني پاشا، دادا جي دل کي ڏاڍو ڀاسي. ان پروگرام ڪانپوءِ دادا ميران وديارٿين ۽ سندن صدقي، ميران اڌيا پڪن کي اڳي ڪان جلد جلد ۽ نهايت قرب ۽ پريم سان ملندو هو ۽ موڪلائڻ وقت سندن آسيس وٺندو هو!

راج رشي ڏيارام گدومل

۷ ڊسمبر سنڌ جي هڪ مهاپرش، راج رشي ڏيارام گدومل جي پوتر سمرتيءَ جو ڏينهن هو. هيءُ مهاپرش ڪمترين نه دلين جو پيارو هو. دادا کي سندس لاءِ انتها شرڌا ۽ پريم هو. هن سال (۱۹۶۱ع) دادا کيس پنهنجي شرڌانجلي ارپڻ ڪئي.

ڪرمن جو ليکو چوکو

سچاويڪ آهي ته اسان جي اندر ۾ اٿي سوال ته اهين ڇو آ ڌي جو نيڪ پرش، مهاپرش هن سنسار ۾ اچي سهن ٿا. هو ته سيني جو ڀلو ڪن ٿا. ٻين جا گهٽگهرا تين ٿا، ٻين جي صدقي ڀاڻ پتوڙين ٿا، پوءِ به هو هيڏو ڇو ٿا سهن؟ ڪن لاءِ ڏسو ته زندگي ڏلن ڇانئي لڳي ٿي ته ڪن کي ٽپ ٽپ تي ڪنڊا ئي ڪنڊا پيا لڳن. هيءُ ڪهڙو ليکو؟ هيءُ ڪهڙو راز؟ هيءُ ڪهڙو اسرار؟ اهو سوال ڇو ڪين ٿو رن ڏينهن ڪان پوءِ دادا کان پڇيو ويو. دادا مشڪندي چيو: ”هيٺئر مان ستسنگ ۾ گروجن جي جيون بابت ويٺو ٻڌايان. گروجن جي جيون جو ڌيان ڪري مان زار زار روئندو آهيان. گروجن جا ٿسا ڇون؟ ”ٻي انت! ٻي انت!“ ان جو انت ڪنهن نه پاتو آهي. پر ڏک سک ڪرمن جو حساب آهي. ڪمائيءَ اٿو سار ڪنهن کي ڌن ملي ٿو ته ڪنهن کي غريبي، ڪنهن جي صحت سٺي آهي ته ڪنهن کي بيماري آهي. سڀڪو

”پاڻ سان ڪي نه ڪي پڪا پرڻ ڪريو.“ ٽاز و اَشٽگره، وقت به اهوئي ڇيو هٿائين، هيٺئر به اهوئي ڇپائين. جڻ ته ساڳيو ساڳيو سبق وري وري ٿي دهرايائين، جيئن سندن مغز ۾ ويهي وڃي. وقت آيو هو جو سٽسنگي هيءُ سبق پرائين. هوليءَ جي ڏينهن ملهائڻ لاءِ دادا چيئن ته ”پياس رکو، پياس وڌايو.“ گوپين کي ڇا هو؟ گوپين کي ڪو پنهنجو پدارٿ ڪين هو. گوپين کي وديا ڪين هئي. پر سري ڪرشن گوپين کي پنهنجو سنگ ڏنو ڇو ته گوپين کي پياس هئي. پياس رکو، پياس وڌايو (٢) ٻي ڳالهه، روز سٽسنگ ڪمايو، ڪيرتن ڪريو. جيئن ڪيرتن ڪندا تيئن توهانجو اَندر ويندو شد ٿيندو. ٻاڻيءَ ۾ ٻل اَٿو! سنتن جي ٻاڻي اَکر ڪين اَٿو. انهن اَکرن ۾ روحاني ڌارا اوتيل اَٿو، ان ڪري انهن اکرن ۾ شڪتي اَٿو. روز ڪيرتن نه پڄيو ته ڪونه ڪو منتر ڪٿي ويهي لکو. جيئن ته اڄ هڪ سو دفعا ”هري رام“ ”واهگرو“ يا ”ستنام“ لکندا سين سڀاڻ سوا سؤ، پرهينءَ ڏيڍ سؤ. ائين رفته رفته وڌيو وڌائيندا. پوءِ اَوهين پاڻ محسوس ڪندا ته منتر لکڻ سان اوهان کي ڪيڏو نه آنند پراپت ٿئي ٿو. (٣) ڪم ڪار بيشڪ ڪريو، پر جيڪو وقت بچيو، تنهن ۾ ڪنهن نه ڪنهن ستپرڪ جو جيون چرتر پڙهو (٤) ديا ڪريو، جي ڏسو ته ڪو دکي آهه ته ان جي سيوا ڪريو. ڏسو ڪا پيٽ ننگه حالت ۾ آهه ته ان جي مدد ڪريو. پسن پکين کي کارايو، ديا ڪريو ته اوهان جي روحاني شڪتي کلندي. ائين ڪرڻ سان شري ڪرشن جي ڪرپا توهان کي ملندي.“

کهڙيون نه سليس ۽ سندر سکيائون دادا ڏنيون آهن، جئن اسانکي ڪرشن ڪرپا ملي! (١) پياس رکون (٢) ڪيرتن ڪريون (٣) سٽ پرکن جا جيون چرتر پڙهون (٤) ديا ڪريون. هيءُ چار ئي ڳالهيون هڪ هڪ ڪري سکهي ٿو. جن کي نوڪريون چاڪريون آهن يا جي گهر گرهستي ٿا هلائين سي به

آشٽ گرهه

٣-٤-٥ فيبروري ١٩٦٢ع ستسنگ ۾ هون ٿيو. پاٺ پوڄا ٿي، ديگيون رڌايون ويئون، جيئن آيو ويو ۽ غريب غربو کائي وڃي. فقيرن جي ته خوب سيوا ڪئي ويئي. لوُلا لنگڙا، انڌا منڊا، سڀني کي کارايو ويو، پکين کي اناج ڏنو ويو ته ڳائين کي گاهه ۽ ڪتن کي روٽيون. جپ صاحب جو اکنڊ پاٺ ڪيو ويو. ماڻهو ڀؤ ۾ هئا. ڀؤ وچان گهرن ۾ ويهي نٿي سگهيا. گهڙي خبر ڪنهن به وقت ڪيئن ٿي پوي؟ اهڙا چنتا ڪين ستائي رهي هئي. سو ڀانيائون ته جو وقت ستسنگ آهي، اهو وقت ته اُني وڃي ويهون. نام به ٻڌندا سين ته سنت جي آسيس به وٺندا سين. دادا به ڀريان به ڏينهن صبوح شام وقت سر اچي ستسنگ ۾ حاضر ٿيو. سندس حاضري سڀني لاءِ آٿت هئي. ڪيس ڏسندي ڪيترن جا دک دور ٿي ويندا هئا، چنتا ڪافور ٿي ويندي هئن. مٿان جو دادا پنهنجو هٿڙو سندن مٿي تي رکندو هو ته ڀؤ ڀولا جن هيڏا رولا مچايا هئا، سي الوپ ٿي ويندا هئا. ٽئين ڏينهن صبوح جو دادا هيٺ لهڻ ۾ البت دير ڪئي، پر ماڻهو ته ستسنگ ۾ سوگها وينا هئا ۽ دادا جي راهه جو نهاري رهيا هئا، سو ٻيا سڀ ويچار وسري وين. آشٽگرهه جو اُثر هيءُ ٿيو جو ٻئي ڏينهن رات جو ڌرتيءَ جو هڪ اُڌ هلڪو ڌوڏو آيو. جڏهن ته ماڻهن جي پرارٿنائن، پاٺ پوڄائن ۽ سيوائن قدرت کي به ٻاز آندو هو، سو سڀ دک سور هڪ لحظي ۾ لهي ويا! آشٽگرهه پاڻ ۾ اُمليءَ ڌرتيءَ کي اُٽلڪو ڌوڏي، پوءِ پنهنجي راهه وٺندا هليا.

هوليءَ جو سنديش

آشٽ گرهه نبريو ته هولي نزديڪ آئي. سو دادا کان پڇيو ويو ته ڇا ڪريون، جو اُن ڏينهن شيام سندر اُسان تي پرسن ٿئي، اُسان کي درشن ڏئي. دادا اول سانت ۾ مشڪيو، پوءِ چيائين:

مٿن ٿئي. مهراڻ ڀوميءَ ۾ جڻ ته اهو هڪ رواج ٿي ويو هو ۽ جلد جلد ڏس ته اهي ڪيڪ پيا ڪٽبا هئا. تنهن ڪانسوا جنهن جو جنم ڏن هوندو هو، سو دادا کي وينتي ڪندو هو ته ڪارڊ تي سندن لاءِ ڪو جنم ڏن سنيهو لکي ڏئي. دادا به ڪارڊ وٺي کي نه ڪي گيان ڀريا گفتا لکي ڏيندو هو.

گنگارام جو سالگره

٢٢ مارچ گنگارام جو جنم ڏن هو. سو جڏهن دادا کي خبر پيئي ته دادا چيو ته اهو ڏينهن سٺيءَ طرح ملهايو. گنگارام کيس ڪارڊ لکڻ لاءِ چوڻ‌ئي چوي، تنهنڪان اڳ دادا پاڻ ڪارڊ گهرايو ۽ هيٺيون سندر سنيهو لکيائين. دادا انگريزيءَ ۾ لکيو ۽ اُن کي جشن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنگت کي ٻڌايو:

”پيارا مان توکي ڪهڙي نالي سان سڏيان؟ ڀاءُ چوان يا متر ڪري سڏيان؟ يا دوست؟ يا اِڪ ياتري، جو هن جيون جي واٽ تي پيو پنڌ ڪري؟ پيارا! تون هت آيو آهين برقعي ۾ بند ٿي. پر تون آهين اَصل اَلک جو. مان توکي گهڻي وقت کان سڃاڻان. تون منهنجو جڳن جو ساٿي آهين. اَڄوڪي ڏينهن مان توکي جنم ڏن جون واڌايون ڏيان ٿو. شل توکي اهو سچو سک پراپت ٿئي جو اُن کي ملي ٿو، جو پنهنجي جيون خرچ ڪري ٿو دکين دريدرن جي سيوا ۾ ۽ جو پنهنجي هردي اندر هري نام ڌيائي ٿو، ايشور جو احسان پائي ٿو.

”مون تي پڻ پيارا! تون اهڙي آسيس ڪر جو ٿيان تو وانگر اِڪ نماڻي آهوتي، سيوا ۾، ۽ پورڻ پريم ۾ يگنيشور جي ڪمل قدمن ۾.

مهراڻ ڪاليج

گنگارام بيشڪ هڪ نماڻي آهوتي سيوا ۾ ۽ پورڻ پرلم ۾ يگنيشور جي ڪمل قدمن ۾ آهي. هو ڪڏهن به ڪم ڪرڻ کان

ڪجهه وقت بچائي، هيءَ چار ڳالهيون ڪري سگهون ٿا. پياس نه اندر جي ڳالهه آهي. جنهن لاءِ وقت يا ويل ڪين کپي. جت به هجون دل ۾ پياس ڌاريون. نام ڪيرتن جي ورکا ستسنگ ۾ وسي پيئي. رڳو اسان کي شامل ٿيڻ جي دير آهي. ستپرکن جا جيون چرتر پڙهڻ به نه ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي. اسين روز نت نيم سان اخبارون پڙهون ٿا، جيئن دنيا جي خبرچار پوي. اسين ناول پڙهون ٿا ۽ سئنيمائن ۽ ناٽڪن تي وڃون ٿا؛ پر ستپرکن جي جيون چرتر پڙهڻ لاءِ من چوندو ته توکي وقت ڪٿي آهي؟ ستپرکن جي جيون چرتر جو من تي ڏاڍو سٺو ۽ گهرو اثر ٿو ٿئي ۽ اکين اڳيان اهي ڳالهيون ڦيرون ڦرن، جي سندن جيون ۾ ٿيون آهن. ڇوتون ديا ڪرڻ به هرهڪ جي هٿ وس آهي. ڪنهن دکيءَ جو دک دور ڪرڻ، ڪنهن بکئي کي کارائڻ، ڪنهن پياسيءَ کي جل چڪو پيئارڻ، ان ۾ نه ڪو پئسي جو خرچ ٿئي ٿو، نه وقت جو. پر ڪيڏي نه آسيس ملي ٿي! شري ڪرشن کي نه کپن نمليون ڳالهيون؛ رڳو اهي سڪ ۽ شرڌا ۾ ڪريون. پن، ڦل، ڦول ۽ جل جو چڪو هو گهري ٿو.

وقت به وقت دادا جي پريمين جا جنم ڏينهن پيا ٿيندا هئا. اڪثر ڪري هو ان ڏينهن دادا کي ضرور ملندا هئا ۽ سندس آسيس وٺندا هئا. دادا به کين ڏاڍي پيار ۽ قرب وچان گڏبو هو. جو ڪيڪ سندن لاءِ آڻيو ويندو هو سو هو ڪٽيندو هو ۽ کين آسيس ڏيندو هو ۽ انهن سان گڏ ڪا نه ڪا سوکڙي به ڏيندو هو. جڏهن هو کيس ڪي پئسا ڀيٽا طور ڏيندا هئا ته دادا چوندو هو ته پنهنجن هٿن سان وڃي انهن پئسن مان غريبن جي شيوا ڪريو. ستسنگهه ڀنڊاري مان کاڌو رڌائي، هنن کي وٺي ويندو هو ڪنهن نه ڪنهن سنستا ۾ اپاهجن، سورداسن، ڪوڙهين يا جي اوستا ۾ وڏا آهن، تن وٽ. مڙهوني غريبن جي شيوا هٿ سان ڪرائيندو هو، جيئن انهن جي به آسيس

ڏسڻ ۾ آيو، جڻ ته، ڪو پتامهه پنهنجي نئين چاول ٻوٽيءَ کي آسيس ڏيڻ آيو آهي!

ميران ڪاليج جي سڀ کان سٺي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪاليج جي آرتي ۾ هر روز ٻالڪيون ۽ پروفيسر ميران هال جي سنڪچوريءَ ۾ اچي ڪٺا ٿيندا آهن. هو جتيون لاهي اچي پٽ تي وهن ۽ پوڄا پرارٿنا ۾ شامل ٿين. تنهن ڪانپوءِ ڪو نه ڪو پروفيسر يا سندن پرنسيپال ڪا نه ڪا سٺي ڳالهه کين ٻڌائي، تنهن ڪانپوءِ سنڪچوري سماپت ٿيندي آهي. اڄ ڪلهه جي ڏينهن ۾ جڏهن ناستڪپڻي جي لهر وڌندي پيئي وڃي ۽ سڀ ’ماڊرن‘ ٿيندا پيا وڃن، تڏهن ٻالڪيون هيٺ پٽ ۾ گلمن تي اچي وهن ۽ اڌ ڪلاڪ روز پوڄا ۾ اچي شامل ٿين، سا ذرا اچرج جي ڳالهه آهي. ڪاليج جي امتحان جا نتيجا سال به سال تمام سٺا ايندا آهن. پوڄا پاٺ ڪري پڙهڻ گهٽ کين ٿيو اٿس. ٻاڻ ڪاليج جي ڪکين کي ٻل ملي ٿو ته سنسار جي تڪليف کي صبر ۽ صدق سان منهن ڏيئي سگهن.

دادا جون مهاراشٽرا کي سوکڙيون

ٻالڪين جو ميران ڪاليج هڪ سنڌر سوکڙي آهي، جا دادا مهاراشٽرا پرانت کي ڏني آهي. ان ڪاليج جو فائدو ڪٿان ڪٿان جون ٻالڪيون وٺن ٿيون. ڪاليج کي پنهنجي هاسٽل آهي، جتي ڀارت ورش ته ڇڏيو، پر ولايت مان به ٻالڪيون اچن ٿيون ۽ اچي وديا پرائين ٿيون. آدرشي وايو منڊل ۾ رهي، ٻالڪيون پنهنجي جيون ٺاهين ٿيون. ڀڳت، جاتي ۽ راشٽر جو ٻنياد آهن ان جا ٻالڪ ۽ ٻالڪيون. جي ٻالڪن ٻالڪين کي آدرشي وديا ملي ٿي ته سندن جيون ٺهي ٿو. جيون ٺهي ٿو جڏهن چرتر ٺهي ٿو. سچي وديا چرتر کي ٺاهي ٿي.

مهاراشٽرا پرانت جي ڪيترن ڀدر پرشن سمجهيو پئي ته دادا سندن پرانت جي ڪيڏي نه شيوا ڪئي آهي. تڏهن ته

ڪيٻائيندو ڪين آهي. شيوا جي ميدان تي هو هڪ سپاهي ٿي بيهندو آهي. تڏهن ته جڏهن دادا ويچار ڏيکاريو ته ميران ڪاليج خاص ڇوڪرين لاءِ کلي ته هو بيحد خوش ٿيو. گنگارام سمجهي ويٺو هو ته هن نئين ڪاٽي کلڻ ڪري ڪيس جنگ جوٽڻي پوندي ۽ خوب پتوڙڻو پوندو، پر هن کي ان جي ڪا به پرواه ڪين هئي. هو ڏاڍو خوش هو ته دادا اهڙو آدرشي ڪاليج کولي ٿو. ڪيترن ئي پئي دل ٽوڙي ته اهڙو ڪاليج هلندو ڪونه، هن کان اڳ خاص ڇوڪرين لاءِ ڪاليج کوليو ويو هو پر اهو جلد ئي بند ٿي ويو. پر دادا ۽ سندس پريمين کي پڪ هئي ته جو ڪاليج دادا پنهنجن پوتر هٿن سان ٿو کولي، سو جڳ جڳ هلندو.

٢٠ جون ١٩٦٢ع تي ميران هال ۾ دادا ۽ آچاريه ڪروي، (جو ١٠٥ سالن جو هو)، اهي ٻه مهان هستيون براجمان هيون. دادا کي هال ۾ هيٺ لاٿو ويو هو ڇو ته هو پاڻ هلي نٿي سگهيو. ائين پئي لڳو ڄڻ ته دادا تپسيا جي سيجا تان اٿي هيٺ آسيس ڏيڻ آيو هو. دادا پنهنجن هٿن سان هوَن ٻاريو ۽ سوين جي تعداد ۾ جي پياسي پريمي حاضر هئا، تن پئي دادا جو ۽ اگنيءَ جي لاٽن جو ديدار ڪيو. جي ميران اسڪول دادا جي ڳوڙهن جو ٻالڪ هو ته ميران ڪاليج سندس تپسيا جي ٻالڪي هئي. هن ڪاليج لاءِ دادا آدرش (Motto) ڏنو: ”جوت جڳايو!“ سچي وديا معنيٰ جوت! جتي سچي وديا ڏني ٿي وڃي، اهو مرڪز جوت جو مرڪز بڻجي ٿو پوي. ان وديا جي مرڪزن مان جي نڪرن ٿا، سي پڻ جوت جا انسان ٿي نڪرن ٿا. پراچين ڪال جا آشرم روشنيءَ جا ڪيندر هئا ڇو ته انهن ۾ جوت جا انسان وديا ڏيندا هئا ۽ انهن مان ڪي وديا وٺي بيشڪ جوت جا انسان بڻبا هئا. ميران ڪاليج تي دادا جي آسيس جهجهي هئي ۽ هئي آسيس آچاريه ڪروي جي. ڪيس هال ۾ حاضر ڏسي ائين پئي

مون لاءِ گهڻو، اڃي مهر نهار مان!

سائينءَ پڇيو: توکي ڇا کپي؟ جيڪي توکي کپي، سو گهر". مون چيو: "سائين! جيڪي ڏين پيدار مان، مون لاءِ گهڻو. معلوم توکي، پروڙ توکي منهنجي اندر جي! سائين توکان ڇا گهران؟ خبر توکي! جيڪي ڏين، مهر ۾ جيڪي ڏين!" سائينءَ پنهنجي مهر ۾ مسڪين کي ڏني سورن جي سوکڙي! هاڻ پيو چوان: "واهه واهه! واهه واهه!" دادا جي سورن جو ته ڪو انت ئي ڪونه هو. هڪ تڪليف لٿي ٿي، ته ٻي تيار ٿي بيٺي هوندي هئي ته ڪٿي وجهه ملي ته دادا وٽ پهچان. ڪيترا دفعا ته هڪ کان وڌيڪ ڪشٽ اچي پڪڙيندا هئس، پر دادا جي چپن تي يا ته اکر هوندا هئا "واهگرو، شڪر" يا ته واهه واهه! واهه واهه! اهو منتر پيو اچاريندو هو. جي وري ڪو ونس ايندو هو جو تڪليف ۾ به هوندو هو ته ڪيس به اها صلاح ڏيندو هو ته شڪر شڪر ڪري جيون جي راهه تان هلو. ڪير چئي سگهي ته دادا کي اڳيئي پروڙ پئي پيئي ته سنڌ کي پيارا ۽ پيارن جا پيارا جي سنسار ڇڏي، راهه رباني وٺي وڃڻا آهن؟ ٢٧ مئي ١٩٦٤ع تي ڀارت جو سڄو سڀوت ۽ پرڌان اڳوان جواهرلعل نهرو اوچتو پرلوڪ پڌاريو. ڪنهن سمي ۾، دادا ڀارت جي آزاديءَ جي آندولن ۾، مهاتما گانڌيءَ سان گڏجي ڪم ڪيو هو. ان وقت سنڌ ۾ نهروءَ سان پڻ ناتو ٿي ويو هو. نهروءَ جي دکدائڪ مرتيوءَ جو ٻڌي، دادا ستسنگ ۾ ڪيس ڀاو ڀيٽي شرڌانجلي ڏني. پنهنجي اپديش جي وچ ۾ دادا چيو: "جواهرلعل ڀارت جو اڳوان هو. هن جي دل اندر پيار هو. ڀارت جي غريب مزدورن لاءِ ۽ ڪرمين ڪسانن لاءِ. پيارو نهرو هليو ويو، اوچتو ئي اوچتو!"

پيارو هرڪرشن واسواڻي

اڃا ته مهنا ئي مس گذريا ته ٻيو هڪ دکدائڪ حادثو ٿيو. دادا جو ننڍي ۾ ننڍو ڀائٽيو (منهنجو پيارو ڀاءُ) ڊاڪٽر هرڪرشن

٢٢ فيبروري ١٩٦٣ع جو جڏهن ميران انگريزي ماڌيم اسڪول جي عمارت جو بنيادي پٿر، پونا يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر، پروفيسر پوتدار ٿي وڌو ته چيائين: ”دادا جون شيوائون مهاراشٽرا ۾ ڀارت ورش ۾ مهان آهن، عجيب آهن. ڀارت جي رشين ۽ سنتن جا آدرش دادا اُچي اُڀاريا آهن. دادا جو درشن ڪيڏو نه اوچو آهي. اڄ اسان کي ان درشن جي نهايت ئي ضرورت آهي ته اسين سڀ هڪ پريوار جا آهيون، هڪ ڀائيءَ جا آهيون، هڪ سنگت جا آهيون.“

ڪشٽ ئي ڪشٽ

اوچ درشن واري دادا جي صحت ويئي پئي ڍري ٿيندي، ڪو مهنو مشڪل گذرندو هئو، جڏهن مهني ۾ دادا کي ڪا نه ڪا تڪليف نه ٿيندي هجي. رڳو ڪجهه ڪجهه ڪيتري وقت کان هوندي هئس ئي. پيو نه ته وائي سور ته هوندو ئي هوندو هوس. مٽان جي لپ ۾ اچي ٿيندو هوس ته دادا ڏاڍو ڪمزور ٿي ويندو هو. پر سندس اندر اُلا جي ڪهڙي اڳني، اُلا جي ڪهڙي آتش ٿي ٻري جو پاڻ جيترو ڪشٽ گهٽو، اوترو گيان گهٽو ڏيندو هو. هڪ دفعي اسان مان ٿورا ونس ويٺا هئاسين. کيس هڪ پاسي لپ ته ٻئي پاسي وائي سور هو. پر دادا موج مستيءَ ۾ اچي هيئن چيو:

”هي شرير جو سور ڏسي ڏجي نه ويچو. ٻڌو! هڪ ڏينهن وڃي پهتاسين سائينءَ جي دربار وٽ. خبر آئي، اُت مون ڇا چيو؟ پينو بکاري ٿي بيٺس دربار جي در ۾ ائين مون هيئن چيو:

ڇا گهران؟ ڇا گهران؟
سڀ ڪجهه پيو پسين ٿو تون!
جنت ڪنت وسين ٿو تون
محبوب، هيڪي ڏٺي پدار مان

دردناڪ حادثو

پوني جي پرسان چنچوڙ ۾ S.K.F. - A.B.C. فئڪٽريءَ جي وڏي شاهي عمارت اچي پوري تيار ٿي هئي. ڊاڪٽر هرڪرشن کي اُنجي چارج ڏيڻي هئي. رات جو هو فئڪٽريءَ ۾ چڪر لئي نڪتو. سندس نظر ڪن مزورن تي وڃي پيئي جي مٿي پليٽ وجهي رهيا هئا، پر وجهي نه ٿي سگهيا. سو هن اڳيان وڌي کين چيو ته ترسو، مان ٿو توهان کي مدد ڪريان. هيڊ وڏو اِنجنير، ڪيئن ٿي غريبن مزدورن جي مدد لاءِ آيو! جڏهن هٿ وجهي اها پليٽ ٿي وڌائين ته پير ڪسڪي ويس ۽ وڃي هيٺ ڪريو. مغز ڌارو ڌڪ لڳس ۽ مغز جي رڳ ٽٽي پيس. کيس ٽڪڙو پوني اسپتال ۾ کڻائي آيا. اسانکي فون وسٽي ڄتايو ويو. ڊاڪٽرن کيس ڏٺو، تڏهن چيائون ته هينئر ڪجهه ٿي نه سگهندو ڇو ته ڊاڪٽر هرڪرشن ته چلي رهيو! جنهن پنهن جون سڪ سان شيوائون ڪيون، تنهن کي ڪنهن جي به شيوا جي ضرورت ئي ڪانه پيئي! هو اهڙيءَ گهڙيءَ ننڊرا ۾ سمهي پيو، جنهن مان ڪير جاڳندو ئي ڪين آهي! هوُ اهڙي ڌام وڃي پهتو، جنهن ڌام مان ڪو موٽندو ئي ڪين آهي! سندس مرڪ سرير پرشانت هو. سندس چهري تي هڪ الوڪ مشڪ نمودار هئي، ڄڻ ته هو اُن حالت ۾ به راضي هو! ننڍي هوندي کان ئي هن جيون کي صبر ۽ سهن شڪتيءَ سان منهن ڏنو هو. هڪ دفعي سندس ٻانهن جو هڏو ڀڄي پيو هو. پر تنهن هوندي به هن ڪا دانهن ڪوڪ ڪانه ڪئي هئي. کيس مدي جو لپ ٿي پيو هو. تڏهن به شانت ۽ صبر ۾ سڀ سور سٺو هئائين. هينئر جڏهن کيس پرلوڪ جا ديوتائون ۽ فرشتا ومان ۾ وٺڻ آيا تڏهن به هو مشڪي رهيو هو!

پيارو جشن، سندس جمشٽ بندو هو. هو به جهڙو ئي سمجهه ۾ سڪ جو ساگر آهي، اولڙو ئي ڌارج جو درياهه به آهي!

واسوائي، پوني جي پرسان اوچتو پرلوڪ پڌاريو. هو لارسين ٽيوبرو جي ناماري ڪمپنيءَ ۾ وڏو انجنيئر هو. ڪيس ولائت جي پي-ايڇ-ڊي (Ph. D.) جي وڏي ڊگري هئي. هو اٺ ست سال رهيو هو. پڙهيو، ڳڙهيو ۽ نوڪري به ڪئي هئائين. هاڻ هندوستان آيو هو ۽ ممبئيءَ اچي ڪم ڪيائين. دادا ڪيس پارٽ ۾ ڪم ڪندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هن ڏٺو ويني ته ڪئين پارٽ جا هونهار نوجوان، وڏي وديا وٺي، پڻ ولائت ويا جو اتي ڪين وڏا پگهار ٿي مليا. ڪيس اها ڳالهه پسند ڪين هئي. جي هوشيار هندوستاني نوجوان هليا ويندا ته پارٽ جو ڇا ٿيندو؟ دادا جو وڏو پائٽيو، منهنجو پاءُ ڊاڪٽر رام، جنهن کي به ولائت جي پي. ايڇ. ڊي. جي ڊگري هئي ۽ جو به ڏاڍو هوشيار انجنيئر هو، تنهن به وڃي امريڪا ۾ نوڪري ڪئي. ڊاڪٽر هرڪرشن کي پارٽ ۾ وڏو عهدو ۽ وڏو پگهار هو. ايڏو اوچ هوندي به هو نيم سان هر هفتي ستسنگ ۾ ضرور ايندو هو ۽ اچي دادا جي آسپاس ويندو هو. هو سوئيڊش (Swedish) ٻولي ڏاڍي سٺي ڳالهائيندو هو، جو ڪي سال سوئيڊن ۾ رهيو هو. پر هندوستان ۾ هو هڪ آدرشي هندوستانيءَ جيان رهيو. هو نهٺو، نماڻو، سشيل، سڀاڳو، مٺو ۽ موهيندڙ هو. هن پارٽ ۾ رورڪيلا (Ruorkela) ۽ گوهاٽيءَ (Gauhati) ۾ به ڪم ڪيو هو. هاڻ پوني ۾ اچي پهتو. ڪيس پنهنجي موٽر ۽ جيپ هئا. وات ويندي جي ڪنهن ستسنگي پاءُ يا ڀيڻ کي پنڌ ويندو ڏسندو هو ته پنهنجي موٽر بيهاري ڪيس ضرور چاڙهيندو هو.

هڪ دفعي ڇو ته ستسنگ کان پوءِ اچي ورشا پيئي. ڊاڪٽر هرڪرشن، جنهنجي هرديه ۾ پيار ۽ شيوا جو ساگر هوندو هو، سو پنهنجي وڏ ماڻهپائي وساري ڪيترن کي گهرن ۾ ڇڏي آيو! ڪيڏو نه شيوا ۽ نمرتا جو ڀاءُ! ڪن ٻيروزگارن کي ته هن نوڪريءَ ۾ به رکيو.

دلهن جي ڏولي

نيٺ سندس سجايل ڏوليءَ روپي ارٿي جيئن قرب وارن ڪهارن پنهنجي ڪلهن تي کنئين. سنسارڪ شاديءَ جي ڄڃ ۾ شغل، شاد مانا ۽ شرنائن جو سنگيت هلندو آهي، پر هن هوت هرڪرشن جي ڏوليءَ سان اکين جون آنسون ۽ سرد آهون هيون. پنهنجن نه نهيو پر ڌارين به شوڪارا ٿي ڀريا. وايو منڊل ۾ ڀوڻ رکجي ويئي، آڪاش ۾ مڙي آيل ۽ ڏک ۾ ڀريل آڪاڙ جي گهٽائن به آنسون وهائڻ شروع ڪري ڇڏيون. وڻن جي پتن مان به ٻوندون برسي رهيون هيون. سندن ٽارين تي ويٺل ڪوئل به پنهنجي دل جي ڏک جو اظهار پنهنجي قلب جي ڪوڪ سان ڪري رهي هئي، جنهن عاشقن جو جگر ٿي ڏاريو!

دادا جي طبيعت ناساز هئي، تنهن ڪري هو شمشان ڀوميءَ ڏانهن هلي ڪين هليو؛ پر هلي سندس پيار ۽ آسيس جي ڌارا ۽ سڪيا، جنهن گهڻن کي آنت ٿي ڏنو. نه نه پياري پاپي ۽ اسين پائر پيئر، جن جو جگر ڏري به اڌ ٿي رهيو هو، سي ڪيئن پاڻ پلي ۽ جيءَ کي جهلي سگهون ها! سينجي جي مک ۾ هئي رام نام جي ڌني ۽ نئڻن ۾ هو نينهن جو نرمل نير! سينجي کي هئا ياد گيرين جا گل، پر سوڻ دلين ۾ پئي چُڀيا ڪانٽا ۽ ڪندا! دادا ور ور ڪري ٿي سيڪاريو ته پيارا، بيشڪ گلاب جي گل ۾ اٿو ڀريو، پر سندس ڪانٽن ۾ اٿو ساڳيو ڀريو. گروجن جا هي اکر ڪين ڏڍ ڏيئي رهيا هئا ته:

جسڪي بست تُس آگي راکي،
ٻرپ کي آگيا مانڻ ماتي!

اهو ڏينهن ٢٤ جولاءِ ١٩٦٤ع گرو پورنما ۽ هڪ سنت جي سمراڌيءَ جو ڏينهن هو. ان شڀ ڏينهن لاءِ ستسنگ جي پيڙا پاروليءَ مورجاڻيءَ اڳوات ٿي سنگت لاءِ پراٿي ڀوڄن ڪرائو

سو پنهنجي سالوڪ سڀاءَ ڪري، هن دادا کي اها ڏکدائڪ خبر ڏاڍي ڌيرج سان ٻڌائي. ٻڌندي ئي، دادا اکيون بند ڪري، شانت ٿي سانت ۾ پريو پرماتما جي ڪمل چرنن ۾ سانتڪي پرارٿنا ڪئي. دادا جنهن پنهنجي سمست جيون ۾ ٻين کي صبر ۽ صدق جا سندر سبق پئي سيکاريا، تنهن اڄ اُن سبق جي ساکيءَ، شانتيءَ اختيار ڪرڻ سان پئي ڏني.

پشپانجليون

ٻئي ڏينهن صبح جو ڊاڪٽر هرڪرشن جي ارٿي نهايت سندرتا سان سجائي وئي. سنڌس چنچوڙ جي آفيس جا هزارين ملازم ۽ وڏا آفيسر اچي سهڙيا. ڪيترا آيوءَ ۾ ٻڙ هئا، تڏهن به سنڌس چرنن ۾ سيس ٿي جهڪايائون. انيڪ مزدور استريون به آيون هيون، جن اکين ۾ پاڻي آڻي ٿي چيو ته اسان جو هڙو صاحب اڄ هيئن اچانڪ هليو ويو! هو نه ڪيول اسانجو صاحب هو، پر اسان لاءِ ته جنسي ڀڳوان هو!

٣٦ ورهين جي ننڍڙيءَ آيوءَ ۾ هي گهڻن دلين جو پيارو ڊاڪٽر هرڪرشن، شيوا جي سڳنڌ ڦهلائي، شرڌا ۽ شانتيءَ جي جوت جڳائي، پنهنجي نج ڌام ڏانهن راهي ٿيو. سيڪڙي ستسنگي ڀائرن ڀينرن، سنڌس آفيس جي عملدارن، ملازمن ۽ مزدورن، سنڌس ٽيج ۾ ٻهڪندڙ ارٿيءَ مٿان پنهنجي پريم ۽ شرڌا جا ڦول، ڦول مالهائون ۽ ناريل چڙهايا. ڪن مٿس عطر عنبير ۽ گلاب جو جل ڇٽڪايو! سنڌس جيوت ۾ نه ڪيس اکٽ پيار ۽ سک سنيهه اوشيه مليو، پر سنڌس مرتڪ سرير کي به ايڏو نه پيار قرب ۽ مان شان مليو، جڻ ته هو سڀني جي دلين جو دلارو ۽ راجڪمار هو، جنهن کي هو وداع لاءِ سينگاري رهيا هئا. سنتن جي ڀاشا ۾ پياري هرڪرشن جي آتما جي اڄ پرماتما سان متر ملن جي واري هئي!

گل گلابي!" بيشڪ شيام سندر جو گلابي مکڙو نه صرف گلابي گلن ۾ پيو مشڪي، پر انهن جي ڪنڊن ۾ پڻ. تنهن ڪري شل سچائيءَ سان چوڻ سگهون:

تيري ڦولون سي ڀي پيار،
تيري ڪانٽون سي ڀي پيار!

ڪرشن ڪماري

هميشه جيان جنماشٽميءَ تي ميران ود يارتين ننڍڙو نرمل ڪيل ڪيو ۽ راس ليلا پڻ ڪئي. هن راس ليلا ۾ هڪ ننڍڙي بالڪيءَ ڪرشن ڪماريءَ، راڌا جو پارٽ ڪيو. دادا ڪيس راڌا جو پارٽ ڪندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڪرشن ڪماري سٺي ٺڪاڻيءَ جي پاءُ ڪشور جي ڇڪري هئي. جائي ڄم ڪان وٺي ڪٽي چئجي ته هيءَ دادا جي در تي اچي پهتي. دادا به ڪيس پيار ڪرڻ لڳو. ڪرشن ڪماري تنهنڪري ڏينهن جو گهڻو وقت دادا جي ڪمري ۾ گهارڻ لڳي ۽ رات جو گهر وڃي رهندي هئي. جڏهن وقت گذرندو ويو تڏهن رات جو به هوءَ دادا وٽ اچي ٽڪندي هئي. رات جو اڪثر ڪري ڪرشن ڪماري ۽ سندس ننڍڙيون سهيليون دادا کي سندس ڪمري ۾ راس ليلا ڪري ڏيکارينديون هيون. راس ليلا لاءِ سنگيت جو بندوبست سٺو ڪيندو آهي جڏهن سر، لئه ۽ تال وغيره پيو ملي. پر هي بالڪيون پنهنجي مستيءَ ۾ سر تال بنا پيئون راس ليلا ڪنديون هيون. عجب اهو ته دادا کي اها راس ليلا ڏاڍي پسند هئي "اگهائي ته ڪچ، نه ته ماڻڪن جي موٽ،" وارو واقعو ٿي پيو. دادا پائرن پيرن کي ٽول ڪارائڻ ۾ ڏاڍو خوش ٿيندو هو. پاڻ ته ڪيترين شيون کائي نه سگهندو هو. هميشه سندس کاڌو هو اوباريل پٽاٽو، ماکڻي دال ۽ ڦڪي سبزي مرچن مصالحن بنا ۽ چپاتي. ڏينهن رات ساڳيو ئي ساڳيو کاڌو هوندو هو. شڪر جو

هو. هن نہ ڪيو هو سڀ پنهنجي منڙي گرڌر جي نالي ۾، ڇو
جو هو ۽ سندس پوڄارڻ هئي. پر سندس منڙي گرڌر کي نہ
سڀ اڳوات ڄاڻ هئي تہ جي پريمي مزدوُر، پنهنجي پياري منڙ
هرڪرشن کي سويل صبح کان پنهنجي دک ۽ بک جو ويچار نہ ڪري
ڪيس پنهنجي هرديہ جي پريم جي پشپانجلي ڏيڻ ايندا، تن جي
پرگهور ڪيس ئي لهڻي هئي. سو هن اهو پريم جو پرساد هڪ هڪ
مزدور کي ڪارايو ۽ سندن بک نورت ڪئي ۽ چيو تہ اڄ جي
پيارو هرچوُ هجي ها ۽ پنهنجن پيارن مزدورن کي هيئن
کائيندو ڏسي ها تہ ڪيڏو نہ خوش ٿئي ها!

جنماشٽمي

رليون اچن، رليون وڃن. ائين ئي پيئي هلي هن سنسار ۾
رام جي رچنا! سک اچن؛ اچي هليا وڃن ۽ وري دک اچن! پر
گلاب جي گل سان گڏ، جي ڪنڊا ٿين ٿا، تن لاءِ دادا، جنماشٽميءَ
ڏي شيام پتر لاءِ هيءُ سنهڙو لکي ڏنو:

رادڪا ملي ڪرشن کي اڪ وڏي، اڪ سندر باغ ۾.
”ڪرشن! ڪرشن!“ چيو رادڪا، ”توکي ڳوليو آٿم ڪيترو، پهاڙن
ڏي ۽ برندابن جي گليءَ گليءَ ۾. ڪٿي هئين؟ تو بن اسين
گوپيون سڀ آهيون غمگين!

”ڪرشن! ڪرشن! اوچتوئي اوچتو هليو وئين! تڪا بن
وڄائي، نڪو ڪو اشارو ڪيئہ! برندابن ڇڏي تون وئين هليو،
اوچتو ئي اوچتو! هينئر ٻڌاءِ تہ تنهنجو گهر ڪٿي؟ تنهنجو
مڪان ڪٿي؟ چمن تنهنجو ڪٿي؟ جت تون چمڪين! جت
تنهنجي مرلي مشڪي!“

ڪرشن کليو سانت ۾، ۽ چيائين: ”خبر ناهي توکي تہ مان
آهيان ۽ مان چمڪان پيو دل جي چمن ۾! اڄ آهن گل گلاب:
تن ۾ آهن ڪنڊا: تن ڪنڊن جي وچ ۾ پيو منهنجو مکڙو مشڪي

هن چيو ته پنهنجي جيون جي پڇاڙيءَ وقت منهنجي دل کي پختو ڪرڻ ٿي چاهيو. هن چيو ته مونکي سيکاريو ويو ته "زندگي ٻال جيان اٿيئي. ڪڏهن اُن کي جهٽي اُسين مٿي جهليو ٿا، ڪڏهن ساڳيو ٻال ڏس ته پٽ ۾ ڪريو پيو آهي. اها اٿيئي زندگي. تنهن ڪري مان اَپمان ۽ دک سک ۾ تون سمان رهج. ڪو تنهنجي ساک ڪري توکي چوٽ چاڙهي، ته به اَڏول رهج. ڪو توکي ليکي نه ليکي، ته به تون استر رهج.

"دک ۾ ٻوُلو نهين، سک ۾ ڦوُلو نهين."

دک سک، مان اَپمان، نندا اُستتي، سڀ اٿيئي پاڇا. انهن جو فڪر ڪهڙو، انهن لاءِ چنتا ڪهڙي ڪجي؟ دکن جو دک اٿيئي هڪڙو ته پريوءَ کان تون پري آهين. اُن جي نزديڪ اچڻ جي ڪوشش ڪر، اُن جي ڪمل چرنن کي پائڻ جو يتن ڪر."

ٻارن سان رانديون ڪرڻ دادا کي وڻنديون هيون. هڪ دفعي هڪ ٻار جنهن سان دادا راند وني ڪئي، تنهن کان پڇيو ويو ته: "ٻالڪ، خبر اٿيئي ته ڪير ويٺو توسان کيلي؟" ٻالڪ پنهنجي سرل نموني ۾ اُهي اکر چيا جي دل جي ڊٻليءَ ۾ سانڍڻ جهڙا آهن. هن چيو: "مان نه ڄاڻان ته هيءُ ڪير آهي، پر مونکي اها خبر آهي ته هيءُ مونکي پيار ڪري ٿو."

دادا جي صحت ڪڏهن ڪيئن ته ڪڏهن ڪيئن هوندي هئي. تنهن هوندي به جي ٻاهر راڄ جو اوجاڳو ڪري سندس شيوا ڪندا هئا، تن سان ڳالهيون ڪندو هو ۽ کين سندر سکيائون ڏيئي چوڻ ته کين روحاني راهه تي اڳتي پيو هلائيندو هو. هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي، دادا هڪ ٻاهرن کان حال چال وٺندي سوال پڇيو ته "پيارا! ڏينهن سٺو گذاريو؟" پوءِ کين چيائين ته "سچو سک اَٿو نام ۾. دنيا اوديا، نرديا ۽ سوارٿ جي اونده ۾ آهي. انهيءَ اونده مان نڪرڻ لئه رام روشني ڪجي.

اُهڙين مٺين ڳالهين دواران چوڻ ته دادا سيڪي کي سلهيس

کير پيٽڻ ۽ چانئنا گراس ڪاٽڻ ملندو هوس. دادا کي پڪوڙا ڏاڍا وڻندا هئا. پاڻ ته ڪائي نٿي سگهيو. پر ستسنگين جا مک سندس مک هئا. انهن دوارن ئي هو ڪائي سگهيو ٿي. سو ڪيترا دفعا هو ستسنگهه کي چوندو هو ته هنن کي پڪوڙي ڪاراءِ. دادا پڪوڙن کي پڪوڙي چوندو هو. ستسنگهه کي به ڪارائڻ جو ڪم ڏاڍو وڻندو هو. سو يڪدم اسڪول جي ڪئنٽين مان پڪوڙا ترائي ايندو هو ۽ پرسادي ورهائيندو هو.

بال راند ۽ سکما

ڪيترا دفعا دادا جي ڪمري ۾ دادا، ڪرشنا ڪماري ۽ مان وينا هوندا هئاسين. ٻيا ڪمن ڪارڻ ۾ هوندا هئا. مون کان ميران اسڪول جو هيڊ ڪم ڪرڻ ڪين ٿي پڄو. منهنجي ته دل هوندي هئي ته مان اَنئي پهر دادا جي چرڻن ۾ ويٺي هجان. سو مون پرنسيپال شپ جو عهدو ڇڏي ڏنو. روز صبوح جو هڪ پيرڊ اسڪول ويندي هئس ۽ يارهين درجي کي اَنگريزي پاڙهيندي هئس. باقي وقت مان آزاد هئس. جيترو ٿي سگهندو هو اوترو وقت دادا جي ڪمري ۾ هوندي هئس. دادا به سڄو وقت هڪ هنڌ ليٽي ۽ ويهي ٿڪجي پوندو هو. سو وقت به وقت ڪرشن ڪماري ۽ مون سان بال راند ويهي ڪندو هو. اَسين ٽيئي هڪ ٻئي ڏانهن بال اُڇلائي جهٽيندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن بال ڪري پوندو هو ۽ رڙهي وڃي پلنگ هيٺان پوندو هو. ڪرشن ڪماري ٻار هئي ۽ هلڻ چلڻ ۾ ٿڪڙي. سو جهٽ وڃي پلنگ هيٺان بال ڪڍي وڏا ٽهڪ ڏيندي هئي. مان به اَچي ڪل ۾ ڇٽڪندي هئس. پر عجب اهو ته دادا به خوب کلندو هو. ٻاراڻين ڳالهين ۽ راندين مان ڪيس مزو پي آيو. هڙو گيانوان، هڙو ودوان ٿي ڪري به دادا جڻ ته ٻار هو. پر نه مون پل ڪئي. مان هينئر ائين پيئي سمجهان ته ان ٻاراڻي راند دوارن دادا مونکي جيون جو هڪ مکيه سبق ٿي سيکاريو.

دادا جي حليمائي عجيب هوندي هئي. ميوي جو وڻ هميشه هيٺ جهڪيل هوندو آهي. کيس پٿر هڻ ته هو موٽ ۾ پٿر نه پر ميوو ڏئي ٿو. دادا به هڪ ميوي جو وڻ هو، جو سڌيءُ نهٺو، نماڻو هو. هو نه پاڻ کي داسن جو داس سمجهندو هو. پاڻ کي ڪمن ڪارين کان فارغ ڪري، هو ٻين جي شيوا ڪندو هو. جي تنگيءَ ۾ يا تڪليف ۾ هوندا هئا ته اهي سهائتا لاءِ وٽس ايندا هئا. کين پڪ هئي ته ٻيو نه ته دادا کين آٿت ضرور ڏيندو. هندوستان جي جدا جدا پاڱن مان ماڻهو کيس خط لکندا هئا ۽ سندس صلاح مصلحت ۽ آسيس گهرندا هئا.

ڪنهن جي نوڪري هلي ويندي هئي يا ڪنهن کي جڳهه جو مالڪ تنگ ڪندو هو ته سندن ڍڪ هوندي هئي دادا ڏانهن.

دادا جي پريمين کي خبر پوندي هئي ته ڪو نه ڪو ٻلو يا تدارڪ ڪندا هئا، جئن نوڪري ويل کي ڪم ملي ۽ مسواڙيءَ کي مالڪ اڳتي نه ستائي. بيمار به دادا وٽ پهچندا هئا. سندن وٽ هر ڏک درد جو دارون آهي. هنن جي آسيس ئي لک لهي. تنهن کان سواءِ هنن جو پيار ۽ همدردي وڏن ڊاڪٽرن جي دوائن ۽ حڪيمن جي ڦڪين کان وڌيڪ فرق ڪن ٿيون. دادا به کين آسيس ڏيئي ٻه اکر پيار جا ضرور ڳالهائيندو هو. ويچارو بيمار اهي ٻه اکر اندر ۾ سانڍي پيو ياد ڪندو هو ۽ ڪيترا دفعا ته هو ڇٽي به ويندو هو.

ساڌو ۽ سنت، سنياسين جيان الڳ رهندا آهن. هو دنيا کان منهن موڙي ڪنهن پهاڙ پربت تي يا ڪنهن تپوبن جي ڪٽيا ۾ رهندا آهن. پر دادا ته بيماريءَ جي بستري تان به ڏس ته پيو ٻين جي شيوا ڪندو هو، ٻين کي آٿت ۽ آرام ڏيندو هو. وٽس غريب مسڪين اچي هٿ ٽنگيندا هئا ۽ چوندا هئا ته اسان کي ٿورا رپيا ڏي. هو جيڪي گهرندا هئا تنهن کان به وڌيڪ دادا

سکيائون ۽ سبق به پڪا ڪرايا. دادا سمجهي ويو ته هن پرٿوي ۽ تي هو باقي ٿوري وقت جو مهمان آهي. ڪيس اهائي اون لڳل هئي ته ڪي اهڙا انڪرن جي روحاني راهه تي لڪڙي وڪ اڳتي وڌائين. هينئر ته هو سرير جي چولي ۾ هو ۽ ڪنهن ڪي به ڪو مسئلو يا مونجهارو هو ته وٽس اچي اُن جو سماڌان وٺي سگهيو ٿي. پر جڏهن هو سرير جي چولي ۾ نه هوندو ته پوءِ هو مٿان منجهي بيهي رهن، تنهن ڪان ڪين ڪي ٿورا سکيادائڪ سبق ته پڪا ڪرائي ڇڏيان.

دادا ٽن ڳالهين تي ڏاڍو زور ڏنو:- سمرن، شيوا ۽ سانت.

دادا چوندو هو ته: ”ڪو نه ڪو سائينءَ جو نالو ڪٺي ان جو سمرن ڪريو. غريبن دکين جي شيوا ڪريو، دردي نارائڻ جي سهايتا ڪريو، سندن آسيس پايو ته پرڀوءَ جي آسيس توهان مٿان ٿيندي. ڪجهه نه ڪجهه وقت سانت ۾ ضرور وهو. جٽن سانت جو وڌيڪ سنگ ڪندا تئن ويندا وڌيڪ سيتل ٿيندا. پوءِ توهان جي جيون نئين ٿي پوندي. توهين ويندا نرمل ٿيندا، نوان ٿيندا.“ دادا کي پياس هئي ته من ڪن تي روحاني رنگ چڙهي، من ڪن جي آتمڪ اُنتي ٿئي. سڀني جي جيون سڦل تڏهن ٿي ٿئي، جڏهن ڪن جي جيون ۾ هو پرڀو رٽن آڻين ٿا ۽ ڪين پرڀوءَ جي ڪمل قدمن لائين پهچائين ٿا.

دادا ڏانهن ڪڏهن ڪڏهن نهاربو هو ته ڏسبو هو ته هو گروجن جو روپ بڻجي پيو آهي. ڪڏهن وري ڏس ته شيام سندر، مرلي منوهر پيو سندس مکڙي مان مشڪي. ڪڏهن مور ڳوئي گوتم بڌ جي ساکيامعنو رتي بڻجي پوندو هو. ڪڏهن وري ميران، ته ڪڏهن ڪبير جون پيو ن سکون لاهيندو هو. پلا دادا ته هنن جي پرڀوار مان ئي هڪ هو، سڀني جي براد ريءَ جو هو، مهاپرشن جي منڊليءَ جو هو. حق ٿي هو چوندو هو ته شيام سندر منهنجي سپني ۾ اچي مونکي آسيس پيو ڏئي.

اَسان سيني جو سنڀاليندڙ سرجڻهار اَٿيئي. اِها پڪ اَٿيئي؟ اِن لاءِ پيارا صدق جي ڀال ڪجي. سائينءَ ۾ صدق جن رکيو آهي، تن جي پُٺ ڀاڻ رکي اَٿس."

دادا جا پيار ۽ سڪيا ڀريل وچن ٻڌي، هيءُ ڀاءُ دادا جي چرنن ۾ ڪري پيو ۽ اُڇي سڏڪن ۾ ڇُڙڪيو. روئندي چيائين: "دادا درويش! مونکي صدق جي بخشش ڏيو. مان وري وري ڪري ٿو پوان. ڪيئن صدق رکان؟"

دادا کيس چيو: "پيارا! دلگير نہ ٿيءُ. سائينءَ ۾ صدق رکي هڪ هڪ ڪم سندس چرنن ۾ رک. جڏهن سڀ ڪم سندس حوالي ڪندين تہ اُن جي پوئواري پاڻيهي ڏين ڏيال ڪندو. پر ياد رکج تہ جيڪي هو ڪري ٿو تنهن ۾ ڀلو آهي. ڪڏهن تنهنجا ڪارج سڌ ڪندو، ڪڏهن نہ. نہ ڪري تہ بہ "صدق" نہ وڃائج. ڇو تہ جڏهن پنهنجي ڏوري اُن ڏاتار جي حوالي ڪئي تہ پوءِ چنتا ڇاجي؟ ڏک ۾ سک ۾ راضي رهج. ڇو تہ اُن واهگروءَ جي حڪم کانسواءِ ڪجهہ نٿو ٿئي. گروجن پنهنجي اَمولڪ واڻيءَ ۾ اُچاريو آهي تہ:

"حڪمي اَندر سڀڪو، ٻاهر حڪم نہ ڪوءِ!"

پرڀوءَ جي حڪم کان سواءِ ڪک بہ نٿو چُري. پيارا ڀاءُ! جو مني مالڪ جي ڪرتيءَ تي راضي رهي ٿو، سو ئي سکي جيون گهاري سگهندو. هي اکر جي دادا هن ڀاءُ کي چيا سي نہ رڳو هن لاءِ آهن، پر هڪ هڪ لاءِ آهن. جيون جي اوکي اَٽانگي چاڙهي چڙهندي هڪ هڪ کي ڪنڊاٻون اچن ٿيون. هڪ هڪ کي نقصان پوي ٿو. هڪ هڪ تي تڪليف اَچي ٿي. اُن وقت شال دادا جا سندر ۽ اَمولڪ وچن ياد ڪريون تہ جيڪي هوُ ڪري ٿو، تنهن ۾ ڀلو آهي ۽ هيءُ اکر بہ تہ جو مني مالڪ جي ڪرتيءَ تي راضي رهي ٿو، سو ئي سکي جيون گهاري سگهندو."

دادا سمجهو پئي تہ هاڻ سندس وقت هن پرٿويءَ تي

کين ڏيندو هو. اُسين پيا عجب ۾ پوندا هئاسين ۽ کيس چوندا هئاسين ته هن گهريو ٿورو ۽ توهان کين وڌيڪ ڏيئي ڇڏيو! دادا مشڪي چوندو هو: ”مونکي عجب ٿو لڳي، ته اُن تان، ته هو گهرن ڇو ٿا، پر هو هيترو ٿورو ڇو ٿا گهرن؟“ دادا جي ديا جي ڪا سيمائي ڪونه هئي. ديا ۽ پيار سندس اندر جي اونهائيءَ ۾ پيا اُڇلون ڏيندا هئا، نه صرف انسان لاءِ پر پسن پکين لاءِ پڻ.

سندر اُپديش

ڏياريءَ جو مهاپرب هو ته هڪ سندورڪي ٻاءُ اچي دادا کي مليو. ڏياريءَ ڏينهن چوگرد چوڏار خوشيءَ جي لهر ڇانيل هوندي آهي. اهو ڏينهن ميلاپ جو ڏينهن آهي. ميلا ٻڙن ۽ ديپڪن ٻارڻ جو ڏينهن آهي؛ مٺايون کائڻ ۽ ورهائڻ جو ڏينهن آهي. پر هن سندورڪي ٻاءُ جي اکين ۾ پاڻي هو، جڏهن هو اچي دادا کي مليو ۽ چيائين: ”دادا، دادا، مان ڏاڍو ڏکي ٿو گذاريان. منهنجي چت کي چين ڪين اٿو. صبوح جو اٿي مان رام نام جپيان ٿو، پر منهنجو من پيو ڀٽڪي. گهڙي پل بيشڪ مونکي وشرام ملي ٿو، پر وري جڏهن وڃي ڪم کي لڳان ٿو، ڌنڌي ڌاڙيءَ کي لڳان ٿو، ته رام جو نالو صفا وسري ٿو وڃي. ڌنڌي ڌاڙيءَ ۾ لمپٽ ٿي ٿو وڃان. مونکي ڪمائڻو ضرور آهي، ڇو ته گهر گرهستي پالڻو اٿم. سڄو ڏينهن ته ڪين رام نام جپيندس.“

هن ٻاءُ جي اکين ۾ اُڪير هئي، سچائي هئي. اهو ڏسي دادا کيس پيار ڀري نگاهه ڏيئي ڪٺي ڳراٽڙي پاتي. جهڙو ني پيار دادا جي نهار ۾ هو، تهڙو ئي ڳراٽڙيءَ ۾ به هوس. دادا کيس چيو: ”منهنجا ٻاءُ، تنهنجي ۽ منهنجي ڪير ٿو سنڀال لهي؟ ڪير ٿو آسان کي هلائي چلائي؟ هڪ هڪ جو راکو ڪرتار آهيئي. نه تون پنهنجي پالنا ڪرين ٿو، نه مان پنهنجي سنڀال لهان ٿو.

وُڊ لئنڊ ڪهلر جو دادا سان ڏاڍو مٺو ناتو هو. ڀلا ٿئيس به ڇو ڪين؟ دادا جي ته رڳ رڳ جيو دَيا جو پاڻ سمايل هو. جيو دَيا جي هو جڙ ته جيئري جاڳندي مورتي هو. وُڊ لئنڊ ڪهلر کي به جيو دَيا لاءِ بيحد پيار هو. سو ٻنهي جو هڪ ٻئي سان نينهن جو ناتو ۽ سڪ سنيهه ڀريو سنبنڌ هو. ڀارت ۾ اچي وُڊ لئنڊ دادا کي گڏجڻ بنا ڪيئن واپس وڃي؟ سو هو پنهنجي ڌرمپتنيءَ سان گڏ جي پوني آيو. ان جلسي تي دادا کي اکر چيائون، جنهن ۾ ويچار ڏنائين ته جيڪر جلد جانورن جي صحت جو هڪ چارٽر (Charter) ٺاهيو وڃي. اهو چارٽر سڄي دنيا جي قومن کي موڪليو وڃي. جانور به اسان جا ڀائر آهن. اهي جانور اڪ پرماتما جي ڪٽنب پريوار جا ڀاتي آهن. ڌنيواد آهي ميران اسڪولن کي جت اهو نماڻو ٻٽن ڪيو پيو وڃي. شل ميران وديارٿي پنهنجي جيون ۾ وڌيڪ جيو دَيا جي جوت پرڪاش ڪن.

سوامي چدانند

آرتوار ٢٠ ڊسمبر دادا کي ڀارت جو هڪ سپتر، سوامي شوانند جو گادي سر، سوامي چدانند مليو. ٻئي هڪ ٻئي کي ڏاڍي قرب ۾ مليا. چوندا آهن ته ”برهم گياني کي گت برهم گياني جاڻي.“ بيشڪ، برهم گيانيءَ کي برهم گياني ئي پورو پڇاڻي سگهي ٿو. پر جنهن وقت سندن ميلاپ ٿئي ٿو ان وقت جو آنند ڪير ڪٿي سگهي؟ ڪو برهم گياني ئي ڪري سگهي ٿو. ڇا ته آنند جون لهرون پئي لڳيون ان سڀا ۾، جتي دادا ۽ سوامي چدانند براجمان هئا! سوامي چدانند گياني آهي. پر گياني ٿي ڪري به هو هنن ڪان گهڻو نرالو آهي. هو ته حليمائيءَ جي مورتي آهي ۽ ٻالڪ سڀاءُ اٿس. قدرت سان ان ڏينهن هڪ ٻالڪ جو جنم ڏن هو. سو ان سڀا ۾ ٻالڪ جي ماتا دادا ڪان اچي جنم ڏن ڪيڪ ڪٽايو. دادا سواميءَ کي به ڇيو ۽ ٻنهي

پرچي آيو آهي. هن چاهيو پئي ته پنهنجن پيارن کي مان اهڙو ڪجهه ڏيئي وڃان جو منهنجي پرپٺ هو سکي جيوت گهاري سگهن. ان ڪري ته صبر، شڪر ۽ صدق جو سبق هن وري وري پئي ڪين پاڙهيو. ٿورا ڏينهن ٿيا ته دادا ننڍيءَ سنگت کي پريتي ڀوڄن ڪارايو ۽ پوءِ چيو:

”پيارا! اڄ توهان پريتي ڀوڄن گڏجي کاڌو. مونکي ڪيڏي نه خوشي ٿي! ڪڏهن پاڻ کان پڇيو اٿو ته توهين ڪير آهيو؟ هت ڪيئن اچي گڏ ٿيا آهيو؟ اسين سڀ پکي آهيون. مان به اِڪ پکي آهيان. هڪ ڏينهن پکي ڏٺم. وڻ جي ٽاريءَ تي ويٺو هو. اوچتو ئي اوچتو اچي طوفان لڳو. وڻ ڏڪڻ لڳو. پر پکيءَ کي پرواه ڪين ٿي. پکي پنهنجا پر کولي اڏامي ويو. تڏهن مون چيو زندگيءَ جي وڻ تي لڳن ٿا طوفان، ٽڪا طوفان. ڪيڏيون نه تڪليفون، مشڪلاتون ان وقت اچن ٿيون ۽ اسين گهٻرائجي وڃون ٿا. ڇو نه اُن وقت پر کولي اڏامون؟ اهي پر اٿو شردا ۽ صدق جا. اهي پر اوهان مان هڪ هڪ کي آهن؛ پر بند آهن. اهي پر کوليو.“

سيني جي اندر اوڏيءَ مهل هيءُ سوال اٿيو ته پر ڪيئن کوليون؟ دادا به دلين جو آواز ٻڌي چيو: ”پيارا! نام سان نينهن جو ناتو رکو. جن جو نام سان نينهن آهي، سي مشڪلات کي مشڪلات سمجهندا ڪين. پر پوءِ تن جي سار سنڀال لهندو جي ڪيس سنڀاريندا. هو تن جي اوکيءَ ويل سهائتا ڪندو جي ڪيس سڪ وچان سڏڙا ڪندا.“

سال ١٩٦٤ لهرون لوڏا ڏيکاري موڪلائڻ تي هو ته وڏو آنند ڪهڙو، جو انتر راشٽري وشنو ڪانگريس جو سڀاپتي هو، سو ولائت مان هندوستان ۾ آيو. ڪيس گنگارام ڪوٽ ڪئي ته پوني اچي، آرتوار ١٣ ڊسمبر ميران انگلش ميڊيم اسڪول جي ساليانيءَ جلسي تي سڀاپتي ٿيو.

دادا نئين سال جي مورت هو. جو پاڻ سان نؤ جيون جي بخشش کڻي آيو هو، جنهن جي اکين ۾ هئي چمڪ ۽ جنهن جي مک مان اَنئي پهر ٽازگي پئي بکري، جنهن جي جيون ۾ دائما بسنت بهار جي منڊ هئي، تنهن ۾ نئين سال جي تصوير سمال هئي. دادا جو درشن ڪرڻ هو نئين سال جو سواگت ڪرڻ. شڪر جو ٣١ ڊسمبر دادا جي صحت ڪيس پائرن پيرن سان ملڻ جي موڪل ڏني ۽ پائر پيرن ۾ اَندر ڏوڪي پيا. پر دادا جي ڪمري ۾ سب ڪٿان ٿي سمائجي سگهيا؟ سو ڪمري جي ٻاهران ورانڊا ۾ ري ڇڏيائون، اڳو لڳ آفيس جي ڪوٺي پرڀائون، تنهن ڪان سواءِ ڏاڪڻ سڄي ماڻهن سان سٽجي پيئي. هميشه جيان نام ڪيرتن ٿيو. ساڍي ٻارهين بجي دادا اِچا ڏيکاري ته گهنٽ وڄايو وڃي. اَٺ ڪلاڪ گهنٽ وڄندو رهيو، پراڻي سال کان جڙ ته ڏام ڏوم سان موڪلاڻي ڪئي وئي ۽ نئين سال جو سواگت ڪيو ويو.

ٻارن ۾ ٻار

دادا جي جيون جي جوت جو پرڪاش دور دور ڦهليو ٿي ويو. پري پري کان ڪي مهاپرش، ودوان، نيتائون پوني ۾ ايندا هئا ته اَڪثر ڪري دادا کي اوش اَچي ملندا هئا ۽ سندس آسيس وٺندا هئا. پر جنهن جي اَڳيان هيڙا پڌر پرش پنهنجو مستڪ نوائي پاڻ کي ڪرتارٿ اَنڀو ڪن، سو سد سد نماڻو مهاتما، ٻارڙن جي نرمل سنگ ۾ اَدڪ آنند ماڻيندو هو. نه ڪيول ايترو پر هو سڀ ۾ سندن ئي آسيس وٺندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن نرمل ٻالڪ جا ننڍڙا ننڍڙا هٿ پڪڙي، اُهي پنهنجي مستڪ کي ڇهائيندو هو. ان ويل هوان سرل ٻالڪ جي پوتر پرتيما ۾، سؤيم پرڀوءَ جو ساڪار روپ پسندو هو. اهو سندس آنند مک ڇهري مان ئي پيو جهلڪندو هو.

گڏجي اهو ڪيڪ ڪٽيو. دادا ان ڪيڪ مان ٽڪرو ڪٽي سواميءَ جي مک ۾ وڌو. سوامي چدانند کي اميءَ جيان پنهنجي هٿن سان مٺائي کارائي. سوامي جن ٻه ٻالڪ جيان مٺائي کائي خوش ٿيا ۽ ٻئي مشڪيائون. سنگت اهو ڏسي ٻئي ڳد ڳد ٿي. اُٿڻ وقت وري دادا ۽ سوامي جن ڀاڪر پائي وداع ٿيا.

صبح جهڙو سندر نظارو ميران پوميءَ ۾ هو ته شام جو وري دک جي لهر ڇانيل هئي. دادا کي اڄ پڻ تپ چڙهيو، جنهن سڀني کي انتظاري ڏئي ڇڏي. پر پوءِ شايد چاهيو ٿي ته دادا جا پريمي گهڻي خوشي نه ڪن.

٢٥ ڊسمبر، شري ايشا جي ڏينهن دادا اڄا ڏيکاري ته هون ٿڪي. دل هئس ته پنهنجن هٿن سان هون ٻاريان، پر ڪمزوري گهر ڪري ويئي هئس. وري جي مٿان ٻي رنجهه ڪنجهه ٿيندي هئي ته دادا پاڻ کي ڪافي ضعيف پيو سمجهندو هو. پر اندر ۾ جا آتش اٿئي پهر پيئي ٻرندي هئس سو وڏن ڏينهن ملهائڻ ۾ ذايو و اتساهه هوندو هوس. اڄ ته سندس مٿو پي ڦريو. سو ڪجهه وقت ليٽي پيو. پر تنهن سان گڏ اونو هوس ته هون ڪيڏيءَ مهل ٿيندو؟ هون ته اوڏيءَ مهل ٿيندو، جيڏيءَ مهل دادا پاڻ ان کي ٻاريندو. صبوح جو سايا ٽو لڳا هئا ته دادا پنهنجن نيل پر نرمل هٿن سان هون ٻاريو، جو پوءِ هيٺ ستسنگ ۾ آندو ويو. ڀائر ڀيڻر ستسنگ ۾ شامل ٿيا پر سندن دل ته هئي مٿي، جتي دادا براجمان هو. ستسنگ پوري ٿيڻ تي هو پڇندا مٿي آيا. شڪر جو ڊاڪٽرن دادا کي تپاسي چيو ته چنتا جو ڪو به سبب ڪونهي. ڀائر ڀيڻر مالڪ جا شڪرانا مڃيندا پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا ۽ دادا وري پنهنجي پلنگ تي "واهگرو شڪر! واهگرو شڪر!" جو منو منتر اچارڻ لڳي ويو.

٣١ ڊسمبر اچي سهڙي، جڏهن جهوني سال جي موڪلاڻي هئي ۽ نئين سال اچڻ جا سانباها پي ڪيا. ٻاهرن پيرن لاءِ ته

ڀورين اَسان کي توهان جو نالو ڪڍيو. دادا اهو ٻڌي چيو ”منهنجو نالو ڀڳاڙيءَ ۾ وجهجو“. سردار ڌرمسنگهه کاڻي چيو: ”اُلٽو لکبو ته ڀڳاڙيءَ جو نالو ڀورين اڳي ويندو“. ٻئي ڏينهن سردار ڌرمسنگهه ميران ڪاليج جي سنڪچوريءَ ۾ آيو ۽ کي منا وڄڻ ڇپايائين. دادا ۽ سنگت به ان وقت اُپسٿت هئي.

سانت ۾

دادا هميشه پنهنجي ڪمري ۾ گهڻو ئي سانت ۾ پنهنجو پاڻ سان ئي رميو رهندو هو. سندس ٻڌ اوستا ۽ اَشڪتيءَ ڪري، ڪمري ۾ هڪ ٻه چٽا وڻس وينا هوندا هئا. دادا ڪمري ۾ هوندي به پنهنجي دويه سنسار ۾ پيو سڦر ڪندو هو ۽ ٻيا وينل سانت ۾ پنهنجو ڪم ڪار پيا ڪندا هئا. دادا پاڻ کي وهنوارڪ ڪمن کان مڪت ڪري ڇڏيو هو. سيني وشيش ڪارين جو ٻار هميشه جن جي مضبوط ڪلهن تي هو. جن کي هڪ ديوي، هڪ دادا جي ۽ هڪ پنهنجي شڪتي هئي. هو ان شڪتين جو مالڪ هو. سيني سنستائن جي ڪارين، سنگت جي ڪاروبار ۽ ٻين ڪمن کي هوئي سڀائيءَ سياڻپ ۽ ڌيرج سان منهن ڏيندو هو. دادا جي ڌيان تي هو فقط تمام آوشڪ ڳالهيون آڻيندو هو. دادا هميشه پورڻ وئراڳ ورتيءَ ۾ وڌندو پئي ويو ۽ ڪيول هڪ ساکيءَ جيان سڀ ڪجهه ڏسندو ئي رهيو. ڪنهن به ڪار يه ۾ ڪو وشيش ڀاڱ ڪين ئي ورتائين. جڻ ته جيون جي ناٽڪ ۾ هن پنهنجي ڪلا جي سمپورڻ پردرشني سمپن ڪري، هاڻ ساکيءَ جو پارٽ ئي ادا ڪيو.

ڊاڪٽر موٽواڻيءَ جي موڪلاڻي

دادا جي منٽري ۽ نرمل ٻالڪ، ڊاڪٽر هرڪرشن واسواڻيءَ کي پرلوڪ پڌاري اڃا سال مس ٿيو ته ١٣ جولاءِ ١٩٦٥ع ڊاڪٽر نارائڻ موٽواڻي، جنهن ڪيترن ته دادا جي پيار، قرب ۽ قربانيءَ

نئين سال ۱۹۶۵ع جي پهرئين ڏينهن دادا هيٺ لکو ته ڇپائين ته هڪ هڪ ٻالڪ کي پائلي (۲۵ پئسا) ڏيو. ڪهڙو نه انوکو نمونو ٻارن کي خوشي ڏيڻ ۽ سندن آسيس وٺڻ جو! ٻار به پائلي ۽ دادا جي مٺڙي مشڪ ۽ نينهن ڀري نهار پائي ڏاڍو گدگد پئي ٿيا. سندن اکين ۾ ٻڻ نور چمڪي رهيو هو. ڪي کلي رهيا هئا. ڪي ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا. مطلب ته هي ڪل خوشيءَ جو کيل ڪيلي دادا پنهنجي سرل، ٻال پرڪرتيءَ جو پڪو پردرشن ڏنو.

سنت ڪرپال سنگهه

نئين سال جي شروعات ۾ سنت ڪرپال سنگهه پوني ۾ پڌاريو. هو جڏهن به پوني ۾ ايندو هو تڏهن دادا کي اوشيه اچي ملندو هو ۽ پاڻ به خوش ٿيندو هو ته دادا ۽ سنگت به آنند ۾ ايندي هئي. ٻئي سنت، سنگت جي سمک ويهي، پريم ۽ آڌياتمڪ وارتالاپ ڪندا هئا. هاڻ به هو دادا کي ملڻ آيو ۽ اچي آسيس ورتائين.

سردار حڪم سنگهه

جنوري ماهه سماپت ٿيو ته لوڪ سڀا جو اڌيڪش، سردار حڪم سنگهه، جو پوني ۾ سهج ڌاري سک ۽ وديا سمارهه لاءِ آيل هو، سو گهڻين مشغولين هوندي به دادا کان گڏجاڻيءَ جو وقت وٺي ساڻس ملڻ آيو. سنگت کي خبر پيئي ته هو دادا جي ڪمري ۾ اچي سهڙيا ۽ سڀ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا جڏهن سردار حڪم سنگهه دادا کي چيو ته منهنجو ڀاڳ ڀليو آهي جو پوني ۾ اچي توهان جو درشن مليو اٿم. مان توهان جي ڪا به سيوا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مون توهانجا پستڪ پڙهيا آهن. مون توهانجي ڪم لاءِ ٻڌو آهي. توهين ڀارت ۾ هڪ ڌرمي اڳوان آهيو. منهنجي وينتي آهي ته اسين ۱۹۶۹ جو گرو نانڪ ديو جو پنج سؤ جنم ڏڻ ملهائيندا سون. ان ڪانفرنس جا اوهين چمڪر پرڌان ٿيو.

پياري ڊاڪٽر مونواڻيءَ مان اُسين هيءُ سبق مان سکون ٿا ته
”وديا جو لڪش آهي نشڪام سيوا ۽ جيون جو بليدان!“
The end of knowledge is selfless service and sacrifice.

ڊاڪٽر مونواڻي، مسڪينن ۽ مريضن جو متر هو. دينن، دکين ۽ دردن جو دوست هو ۽ سنگت جو سڄڻ هو. هو سدائين اَمر رهندو.

ڪڪي پُڙُ به ڏني راهي

ڊاڪٽر مونواڻيءَ جي دکدائڪ مرتيوءَ جي ڳالهه اڃا هلي ٿي ته مٿان وري دادا جي ڀيڻ ڪڪيءَ جو ديهانت ٿيو. هن اوچتو ڌڪو کاڌو هو، جنهن ڪري سندس ڇيلهه جو هڏو ڀڄي پيو. خاص ڊاڪٽر، جو بمبئيءَ کان آيو، تنهن سندس آپريشن ڪيو. پر ڪال کي ڪو ڀاڱو ڪٿي. سو هو ڪڪيءَ کي وٺيءَ ويو ويڪنٺ ۾. ٤٧ سال اڳ، ماتا وران ديويءَ، پرلوڪ پڌارڻ کان اڳ، پنهنجي پٽ (دادا) جي هٿن ۾ ڪڪيءَ جو هٿ ڏيئي چيو هو ته پٽ پُڙُ پرائي اٿيئي. دادا ڀيڻ جو هٿ سوگهو جهلي وچن ڏنو هو ته مان سندس سار سنڀال لهندس. دادا پنهنجو وچن نباهيو. هينئر جڏهن ڪڪي پرلوڪ پڌاري تڏهن دادا پنهنجو سوڌرم سمجهو ته سندس نرمل آتما شيام سندر جي ڪمل چرنن ۾ سونپي، ڇو ته ڪڪي سري ڪرشن جي ڀڳتياڻي هئي ۽ روز شريمد گيتا جو سمپورڻ پاٺ ڪندي هئي. ڪڪيءَ جي اَرٿيءَ سان دادا شمشان ڀوميءَ ۾ هليو، جيتوڻيڪ سندس صحت سٺي ڪين هئي. اَنتم سنسڪار دادا پنهنجي پوتر هٿن سان ڪيو. شمشان ڀوميءَ مان موٽڻ شرط دادا کي اَچي لپ ٿيو ۽ ست ڏينهن کيس بستري داخل ٿيڻو پيو.

دادا جو آتمڪ پريوار وشال هو. اهو مهڙو مشڪل نڀرندو هو، جنهن ۾ دادا جو ڪو نه ڪو پيارو پرلوڪ نه پڌاريو هو.

سان سيوا ڪئي هئي، تنهنجي لنڊن ۾ پرلوڪ پڌارڻ جي دکدائڪ خبر آئي. لنڊن اُسهڻ کان اڳ هو دادا کان آسيس وٺڻ آيو هو. دادا پڇيس ته ڪڏهن موٽندين؟ ته مشڪي جواب ڏنائين ته دادا، مهني ڪن ۾ "واپس ورندس". هي پيارو واپس ته وريو، پر الڪه ڌام ڏي، جتان هو هن سنسار ۾ سيوا ۽ سمپرڻ لاءِ آيو هو! هو هڪ سٺو، مٺو، سانتيڪو، سياڻو، سمجهو، هوشيار سرجن هو، جنهن پر اُپڪار ۽ پرمارٿ سان پاڻ چڱو موڪيو. هو هڏن جو هوشيار سرجن هو ۽ پونيءَ ۾ برمگ هو. هو غريبن جي خوب سيوا ڪندو رهيو ۽ ڪيترن غريب بيمارن جا آپريشن، بنا فيءَ جي ڪيائين. سنڌين، مرهٽن ۽ ٻين سڀني جاتين جي سيوا ڪري، هو مانوارا جي منڙي سڳنڌ ڦهلائيندو، پنهنجي ڏنل وچن انوسار اُها سڳنڌ کڻي هو پنهنجي نج ڌام ڏانهن واپس وريو!

دادا هونئن ته استت پرگنيه ۽ پرشانت چت هو، پر ڊاڪٽر مونواڻيءَ جي اچانڪ مرتيوءَ جي خبر ٻڌي ڏاڍو دک ٿيس. هن ائين اُنڀو ڪيو ته ڊاڪٽر هر ڪرشن جيان ڊاڪٽر مونواڻي به سندس آتمڪ سپتر هو، جنهن سندس پريم ۽ لگن سان سيوا ڪئي هئي ۽ سورن ۽ ڪشٽن کان گهڻي قدر ڇوٽڪارو ڏنو هو. ڊاڪٽر مونواڻيءَ جي ڌرمپتنيءَ دوارڪيءَ ٻارهن ڏينهن بمبئيءَ ۾ ڪريا ڪرم ڪيو. ٻيرهين ڏينهن هوءَ پنهنجي پياري پتيءَ جا سمڪ ميران پوميءَ ۾ کڻي آئي. جتي دادا، شرڌا ۽ وديءَ سان، هون ۽ پاٺ پوڄا ڪيو. ڊاڪٽر مونواڻي سريرڪ روپ ۾ ميران پوميءَ مان مهنو اڳ ويو هو. سندس نرمل آتما ته ايشور جي اوٽ ۾ وڃي سڪي ٿي هئي. هاڻ ڪيول سندس سمڪ، چندن جي نديءَ پهتيءَ ۾ پهچي، ميران پوميءَ ۾، دادا جي ڪمل چرنن ۾ "واپس وريا!" اهو ڏسي دادا جي نيڻن نير وهايو، ۽ سنگت به زار زار رنو. دادا، پنهنجي شرڌانجلي ڊاڪٽر مونواڻيءَ کي اُرپي، ۽ هڪ نهايت سندر سنيهو لکيو. اهو پڇاڙيءَ ۾ لکيائين ته:

چانهه پيئندو هو. ڪين هڪ ٻئي پٺيان بسڪوٽ به پيو کارائيندو هو، جئن اُمي پنهنجي سڪيلڊي، شيواداري سنتان کي کارائي. ڪين چوندو هو ته منهنجي وڇوڙي کان پوءِ، منهنجي سمرتيءَ ۾، توهين صبح جو چانهه ضرور گڏجي پيئجو. ڪيڏو نه سنيهه ۽ سڪ پنهنجي پيارن ٻچڙن لاءِ! اڄ ڏينهن تائين اهي چارئي سڀاڳا ڀائر هر روز صبح جو گڏجي چانهه پيئندا آهن ۽ پياري دادا کي ياد ڪندا آهن. سندس آسيس وٺندا آهن ۽ پوءِ ئي پنهنجن گهرن ۾ وڃي ڪمن ڪارن کي لڳندا آهن.

اَنوکو اَنڀؤ

جئن سمو نبرندو ويو تئين دادا جو شرير نبل ٿيندو ويو. پر سندس اندر جي جوت ويئي وڌندي. ڪيترا سندس نڪٽ ايندو هو ته ائين اوشيه انڀؤ ڪندو هو ته دادا جي ڪنچن ڪايا مان ڪرڻا جا ڪرڻا ۽ دويه ڌارائون پيئون اچن، جن ۾ هو پاڻ کي وڌيڪ پوتر ۽ نرمل سمجهندو هو. هرڪو ونس وڃي ڪونه ڪو اَنوکو اَنڀؤ ڪري ايندو هو.

هڪ لڳا هڪ ڀاءُ، سمنڊ لتاڙي، اچي پوني پهتو. هو دادا سان ملڻ آيو. هو ڪيول ڪي ٿورڙيون گهڙيون مس دادا جي سنمک اچي ويٺو. دادا سانت ۾ هو. هي ڀاءُ به سانت ۾ هو. دادا ڏانهنس نئنن جي نرمل نگاهه سان نهاريو. هن پياري ڀاءُ به دادا ڏانهن نهاريو. سندس دويه درشتيءَ جوت ڌارائون جهليون، پر مک مان ڪڇيو ڪنهن به ڪين.

هي ڀاءُ جڏهن اُٿي موڪلائي ٻاهر آيو، تڏهن چيائين: ”جو اَنوکو اَنڀؤ، مون کي اڄ دادا جي سانتيڪي، پر پريم جي گهٽ ڀاشا ۾ ڀرپور نگاهن مان مليو آهي، تنهنجو مان شبدن سان اظهار ڪيئن ڪريان! جو وقت مان دادا جي سنمک ويٺو هوس، سو وقت مون سمجهيو ته مان پيار جي ساگر ۾ پيو ٽٻيون ڏيان!“

دادا جي وئراڳ جي ورتي هئي. ان ڪري هو نرموهي هو، ن ته هو ند ڪير هيڏا وڇوڙي جا ڏک سهي سگهي!

سوُر سند س ساٿي

دادا سان ٻه ساٿي هر پل ساڻ هئا. هڪ سائينءَ جو مٺو نام، ٻيو وائي سوُر (Gout). سوُرن کي صبر ۽ شڪر ۾ سهندي، هو سائينءَ جي نام ۾ نهال رهندو هو. نام جپيندي جپيندي ۽ سوُر سهندي سهندي، هو پنهنجي پراڻن پريمي ڀڳتن جي سنگ ۾ رهندو هو. رات جو پلنگ پرسان رکيل بتي ٻاري، پيو اپترو وقت پڙهندو هو، جيسين سندس اکيون ٿڪجن. وري بتي وسائي، "واهگرو شڪر - واهگرو شڪر" جو جاپ پيو جپيندو هو. جڏهن ته اسان لاءِ اهو "سرب روڳ ڪا اوکد (اوشڌ) نام" جو مهامنتر ۽ رام ٻاڻ ٿي ڏنائين. ڏينهن جو جڏهن سنگت کي ملندو هو ته نام ڪيرتن ڪرائيندو هو ۽ سنتن ۽ صوفين جي واڻي لڳاتار پيو ٻڌندو هو. گهڻو وقت ته سندس نشيلا نيڻ بند رهندا هئا. انهن بند اکين سان هو رام جا رنگ ڏسندو هو ۽ پنهنجي دلبر جا درشن ديدار ڪندو هو. ڀڄن ۽ ڪيرتن سندس کاڄ هئا، جياپو هئا. پر ڪنهن ماڻا جيان، دادا به شايد سري شيام سندر کان سوُر ئي سوکڙي ڪري گهريا هئا، جن جا هن کيس اڻميا انبار ڪري ڏنا هئا. سوُرن سهڻ لاءِ ڪايا هئس ڪومل، جا جڏهن وڏيڪ برداشت نه ڪري سگهندو هو، تڏهن ڊاڪٽر کيس ننڊ لاءِ آفيم (Morphia) جي سُئي هڻندا هئا. هي صاحب سور مٿان سٽيءَ جو سوُر به سهندو هو. تنهن کان پوءِ رام کي رحم پوندو هو جو کيس ننڊرا ديويءَ جي منيءَ، سوُرن کان مڪت، گوڊ ۾ ڪي ڪلاڪ سمهاري ڇڏيندو هو.

دادا نيم سان صبح جو سويل جاڳندو هو ۽ راڌ وارن پاٺن سُنسنگهه، آنم، ٻهي ۽ آلوءَ کي ٻاڻ وٽ ڪوني ساٿن گڏجي

ڪمايو سين!" آزمود و اٿو ڳروڙ. ان ڳروءَ جي چرڻن ۾ ويهي سبق سکو ۽ اوهانجي زندگي کلي!"

ديا

دادا هنن ڏکين ڏينهن ۾، جڏهن ڀارت ۽ پاڪستان جي جنگ جاري هئي، ديا تي ڏاڍو ئي زور ڏنو. هونءَ سنڌس سکيا جو زور سمرن ۽ شيوا تي هو. ١٩٦٦ع جي نئين سال جو سنيهو دادا شيام پتر کي هنن اکرن ۾ ڏنو: "ديا ڪريو. غريبن دکين جي شيوا ڪريو. تن جي چرڻن ۾ سر جهڪائي، پنهنجي جيون نئين ڪريو! جنگ سڄي اٿو اهاه. پاڻ سان يڌ ڪريو. پنهنجي جيون نئين ڪريو ۽ هيٺين چوڻ سکو: سي سڀاڳا، جي ديا ڪن ۽ پنهنجي جيون نئين ڪن ديا ۾!"

شيوا، و ٽيڪ شيوا

٢٥ نومبر کان وٺي دادا غريبن جي خوب شيوا پئي ڪئي. نئين سال ١٩٦٦ع پهرين پاڻو ۽ پياري جشن کي ڪوٺي چيائين: "اڄ غريبن کي ڇا ٿو ڏين؟" دادا جو اهو نمونو هوندو هو ۽ جي پاڻ ڪجهه ڪرڻ چاهيندو هو ته ڪنهن نه ڪنهن کان پڇندو هو ته "توهين ڇا ٿو ڪرڻ چاهين؟" اڳلو وري دادا کان پڇندو هو ته جيڪي توهين چاهيو سو ڪريون. جشن ۽ اُئين ئي دادا کي چيو ته دادا، جيڪا توهانجي آگيا هجي سا ڪريون.

بلئنڪيٽن جي برکا

دادا هيٺ لٿو ۽ جيڪي به سفيد پوش پاڙي پهر ۽ پار حاضر هئا، تن سڀن کي رپيو رپيو ڏنائين. پوءِ ۽ آتوءَ کي چيائين ته "سپاٽي هڪ سؤ بلئنڪيٽ گهراءِ ۽ هنن کي ڏيون." نئين سال جي شروعات ۾ چڱي ٿڌ ٿئي ٿي. سو ڏيالو دادا انهن دردرن لاءِ اهي بلئنڪيٽ گهرايا. ٻئي ڏينهن دادا چاهيو ته هڪ هڪ

واسطو ۾ دادا برابر هڪ پيار جو اٿاهه ساگر هو، جنهن کي ڪا سيما ئي نه هئي! هو هڪ هڪ کي پيار ۾ ٻڏي ئي ڇڏيندو هو. ڇا منش، ڇا پکي، ڇا پسون ڇا پشپ، ڇا پتا، ڇا جيت ڇا جنت، هڪ هڪ کي هو پنهنجي پيار جي اَمرت ساگر مان لوٽا ڀري پيئاريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو، جو ڪو سنسار جو ستايل ۽ دنيا کان دکي اِنسان، پنهنجي رڳ رڳ ۾ ڪروڌ ۽ نفرت جي آگ جا اُلا ڪڍي اَچي پياري دادا مٿان برسائيندو هو. هڪ اهڙو جيءُ هڪ ڏينهن دادا وٽ لنگهي آيو ۽ ساڻس ٽڪو پيو. دادا هميشه جيان ساڻس مٺو ڳالهايو. پر جئن دادا نمرتا ٿي ڏيکاري، تيئن هن ڀاءُ جي ڪروڌ جو پارو ويو ئي مٿي چڙهندو ۽ آخر ڳجهي ڳجهي، آگ ٻگولا ٿي وٿلندو، جهڙو ئي ٽڪرو اَندر آيو هو، تهڙي ئي جوش مان ٻاهر نڪري هليو ويو.

هن ڀاءُ جي وڃڻ کان پوءِ، ڪنهن اَچرج ۾ پئجي دادا کان پڇيو ته ”دادا! جيڪي توهان سان هيڏو ڇتو ٿا پون، تن سان توهين ههڙا مٺا ڪيئن ٿا ٿيو! ڪين هيڏو پيار ڪيئن ٿا ڏيئي سگهو!“ دادا ڌيرج ۽ تحمل سان وراڻيو: ”پيارا، هڪ کي جيڪي آهي، سو ئي ته ڏيندو! هن ڀاءُ کي جيڪي هو، سو هن پياري مون کي ڏنو. مون وٽ جيڪي آهي، سو مون کيس ڏنو!“ کهڙي نه اَمر سکيا!!!

زندگي هڪ مڪتب

سچي گروءَ جيان دادا هميشه سندر ۽ سليس سکيائون پئي ڏنيون. ٥ ڊسمبر، گيتا جينتيءَ جي ڏينهن، سويل صبح جو، جي ڀائر ونس وينا هئا تن کي چيائين: ”هيءَ زندگي آهي هڪ اِسڪول، آزمودي جو اِسڪول. ان اِسڪول اَندر سکڻ آيا آهيون. شل سکون! ائين نه ٿئي ته اَنت ڪال ۾ ويهي هٿڙا هڻون. ائين نه ٿئي ته اَنت ڪال ۾ چئون: ”آل ڪج ڪين

سبزين جي سوکڙي

ساڍهيون ورهائجي پوريون ٿيون ته هڪ ڏينهن دادا چيو ته مان غريبن کي ڀاڄيون ورهايان. اماڪ هڪ ڀاءُ ڪار ڪڍي مارڪيٽ ويو ۽ جام ڪيتريون ڀاڄيون خريد ڪري آيو ۽ اچي دادا جي اڳيان ڍير ڪري رکيائين. دادا اهي تازيون، ساويون سبزيون ڏسي ٻارڙن جيان خوش ٿيڻ لڳو ۽ کلندي کلندي، هڪ هڪ کي پائلي ۽ ڀاڄي ٻانڌڻ لڳو. مسڪين مفت ۾ مارڪيٽ ڪرڻ لڳا!

ڀرپور ڀنڊارو

هيڏا دل گهريا دان پراپت ڪري، دردر ناراڻ روز "نوريءَ" جي چرنن ۾ اچي پهچندا هئا ۽ آسائتيون اکيون کڻي ڏانهنس نهاري ڀندا هئا. دادا اڇا ظاهر ڪئي ته روز جيڪر انهن کي هڪ ويلو رڌل کاڌو کارائجي. انهن ڏينهن ۾ راشن جي اڻاٺ هئي. دادا سوچيو ته الائي انهن ٻارن کي هڪ ويلو به پورو نصيب ٿيندو هوندو يا نه. تنهن ڪري ئي اهو اُتم آديش ڏنائين. دادا ته اِنهن مسڪينن جو مِتر هو، ديِنن جو دوست هو ۽ سندن ماتا پتا پڻ هو. اِنڪري ئي اَن پورڻا جو روپ ڌارڻ ڪري، کين ڀوڄن ئي کارايائين ۽ سندن پريم سان پرگهور لڌائين. دردر ناراڻ ته درڪنار، دادا پرين ڀاڳين ستسنگين کي به ڏس ته روز ڊبل روٽي ۽ پڪوڙي پيو کارائي!

آتمڪ اشارا:

ائين ڇو ٿي ڪيائين؟ پنهنجي گهري پيار ۽ قرب جون مٺيون سمرتيون ٿي ڇڏي وڃڻ چاهيائين؟ جيئن ڪرائيسٽ ته پنهنجي آخرين رات ئي پنهنجي ٻارهن پيارن جا چرن ڌوئي کين رات جو ڀوڄن کارايو هو. پر سندس دل جو اشارو ڪنهن سمجهيو؟

غريب جا چرڻ ڏوئان ۽ بلنڪيٽ ڏيان. پر سيني ويٺي ڪيس ته دادا، توهان جي صحت اِئين ڪرڻ جي موڪل ڪانه ٿي ڏئي. سو هن پنهنجي ڪمزور، پر ديا سان ڀرپور، هٿن سان بلنڪيٽ ڏنا. غريبن کي اَڳيئي سڌ پئجي ويئي هئي ته بلنڪيٽ ملڻا آهن، سو هو جهجهي اَنداز ۾ آيا هئا. دادا ميران هال ۾ ورهائڻ ويٺو هو. بلنڪيٽن جا ڍير ڏسي غريب ڌوهڪ ڌوڪ ڪندا ڀادا اَڳيان وڌيا، ان ڊپ وچان ته متان خلاص ٿي وڃن. تنهن ڪري هن دادا جي طرف جلد جلد اَڳيان وڌڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. اَسين اهو هل هنگامو ڏسي ڌڪ ۽ بي‌صبر پئي ٿياسين. پر دادا ڏس ته شانت ۽ صبر ۾ ويٺو هو ۽ پنهنجي ڪرڪملن سان ونڊي ڪمبل ورهايائين ۽ غريبن جي آسيس ورتائين. انهن دکين دردن، غريبن ۽ مسڪينن ۾ هن پنهنجي محبوب جي مورت ٿي ڏٺي. سو هو ٽڪبو يا ورچبو ڪيئن!

ساڌهن جي ڌارا

پر پوءِ دادا کي پنهنجي اَکٽ ڀنڊار مان جهجهو خزانو ڏنو هو. ان کان به وڌيڪ ڏني هئائينس دل! ان وشال دل سان دادا پئي چاهيو ته غريبن جي جهجهي شيوا ڪريان. سو روز ڏس ته هڪ کي ڀائلي ڀائلي پيئي ملي ۽ تنهن سان گڏ شيون پڻ. بلنڪيٽ ورهائجي ويا ته دادا دل ڪئي ته غريب ڀيڻن کي ساڙهيون ۽ مردن کي چولا ڏجن. بس، پوءِ ته ڇڳي پيئي، مچي ويئي. ميران هال دردن ۽ انهن جي آوازن سان ڀرجي ويو. غريب جا ڄاڻن انتظام مان؟ هت ته دادا جي هٿن مان هڪ پئسو خرچي وڃڻ لاءِ ڏنوان به ڌوڪ پيا ڪن! پوءِ وهچارن غريبن کي ڪهڙو ڏوهه ڏجي! دادا جي صبر جي ته ڪا سيمائي نه هئي. ڪيس اِئين ڪندي هڪ اَنوکو آنند ٿي آيو. ڪيس ته هنن "پڳل پيالن" جي آسيس جي ئي درڪار هئي.

١٠ ٻڄي، ساڳئي ريڊيو تان، سک سماچار ٻڌايو ويو هو ته هندستان ۽ پاڪستان جي نيتائن، تاشقند ۾ صلح جو سمجهوتو ڪيو آهي ۽ لڙائي بند ڪئي ويئي آهي! شاستري جيءَ رات جو ساڍي ڏهين ٻڄي، رشيا مان، پنهنجي گهر جي ڀاتين سان دهليءَ ۾ فون تي ڳالهايو هو ۽ چيو هئائين ته هو سڀاڻي صبح جو "ڀارت" لاءِ روانو ٿيندو. پر پاڻ رستو ئي ٻيو ورتائين. هي ڀارو هليو ويو "مالڪ" وٽ ۽ سندس شو (مرتڪ شرير) ئي ڀارت آندو ويو!

دادا اها خبر ٻڌي چيو ته اول پڪ ڪريو. پر جڏهن ٻڌايو ويو ته اهو سماچار، آڪاش واڻيءَ تان پرسارت ڪيو ويو آهي، تڏهن سندس دل کي جڻ ته ڌڌڪو اچي ويو. اهو سڄو ڏينهن دادا کي آڪاشواڻيءَ وارو سماچار ٻڌايو ٿي ويو. دادا گنڀير هو. شانت هو.

ٻئي ڏينهن دادا کي سهڪيءَ جي تڪليف اچي ٿي؛ ته ٻه ڀائرن ڀينرن کي ڏينهن جو مليو ۽ رات جو ستسنگ ۾ ٻه حاضر رهيو. ١٣ تاريخ وسپت ڏينهن لعل لوئي هئي. دادا ڏينهن جو هيٺ لٿو ۽ اچي گيتا مندر جي ٻاهران ويٺو. ٽن ڏينهن کان وٺي دادا پنهنجي وهڻ جي جڳهه مٽائي هئي ۽ اُن ٽڪري تي ٿي ويٺو، جتي اڄ سندس پوتر سماڌي جڙيل آهي. ائين آهي ڇا ته پورا پنج ڏينهن اڳ ويهي هن سماڌي آستان کي پوتر ڪرڻ ٿي چاهيو؟ ڪير چوي؟ سندس چوڌاري ڀائر ڀينر ويهڻ وڃا ۽ هميشه جيان ننڍڙو ستسنگ ٿيو. غريب ڀينرون گهڻيئي اچي ڪٺيون ٿيون هيون. انهن کي پنج پنج رپيا ڏنائين، ڪن ڏورين کي ته ڏهه ڏهه رپيا به ڏنائين. ٻچن کان سواءِ سڀني کي سنگترا ورهايائين. پوءِ جشن کي چيائين: "اڄ تڏ ڪار آهي. جيڪر منهنجي ڪپڙن جا ٻه وڳا مون لاءِ رکو ۽ ٻيا سڀ هنن غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو." تڏهن به ڪنهن ڪين سمجهيو ته دادا اشارو ڏيو

هٿ پياري دادا هر روز ٿي پنهنجي اکٽ پيارن کي پنهنجو پريم پرساد پردان ڪيو. پر سندس هرديه جي پاونا ڪنهن جاتي؟ دادا هيترا کيل ڪيا، هيتري ليلا لڳائي، پر افسوس! اسين ساوڌان ٿياسين؟ ايشا به پنهنجي پيارن کي چيو هو ته: ”جيسين گهوٽ آهي تيسين توهين پل موج ۽ مستيون ڪريو. پر سندس وڃڻ کان پوءِ توهان کي سور سهڻا پوندا ۽ توهين روئندا رڙندا ۽ بي حال ٿي هنجوُن هاريندا.“ پياري دادا به ڪيڏي نه ڪلڳي نموني ۾ پنهنجو نرمل ناد وڄايو، پر اسانجي شرڌا شڪتي هيڻي ٿي ويئي هئي. اسان سندس سڏ ڪين سڻيو. اسين اڻ ڄاڻ رهياسين، اسين بي خبر رهياسين. اسان اهو ڪين پروڙيو ته هن لکن جي لعل ڪيئن نه پٺي وروور ڪري، پن پن پرڪارن ۾ اسانکي آگاهه ڪيو ۽ اشارا ڏنا ته هو هاڻ جلد اسان کان هميشه لاءِ ودا ٿيڻو آهي. پر اسان هن ويگ سان وهندڙ گنگا ڌارا کي، گنگا ساگر ۾ سمائڻ لاءِ اُتاولو وهندو ڏسي به پنهنجي درشٽي ڪين کولي. گنگا هڪ دفعو گنگا ساگر ۾ سمائي ته پوءِ سديو لاءِ سمائجي ويئي. دادا! دادا! توهان ته شڪتي شالي هئا! توهان اسانجون اکيون ڇو ڪين اگهاڙ کوليون! اسين تمس جي ندرا ۾ سُتل رهياسين، توهان اسانکي ڇو ڪين جاڳايو! توهان ته هن سنسار ۾ آيا ئي جاڳائڻ لاءِ، پوءِ اسان کي ڇو ڪين سجاڳ ڪيو؟

لعل بهادر شاستري

١١ جنوري منگل جو ڏينهن هو. پورهئي ۽ پيج پنيءَ جو دادا اُٿيو ۽ نيم پٽاندڙ پائرن سان ويني روحاني رهاڻيون ڪيائين ۽ سکيائن پريا سبق پاڙهيائين. اوڏيءَ مهل رلب يو ڊان دڪدائڪ سماچار مليو ته ڀارت جو سونهارو پردان منتري، لعل بهادر شاستري، تاشقند (روس) ۾ اچانڪ اَمرڌام راهي ٿيو! خبر اعتبار جوڳي ئي نه ٿي لڳي جو اَڃا اڄئين راٽ جو

انتم اُپديش

١٥ تاريخ صبوح جو سويل هميشه جيان دادا سڪمڻي صاحب مان وچن ورتو. ڀائر ونس ويٺا هئا. تن کي چار چار بسڪوت ڏنائين، جي ڪن ڏينهن کان وٽن کين ملندا هئا. پوءِ سري ڪرشن جي سندر تصوير ڏانهن نهاري دادا چيو: "شيام سندر جي پيغام جي ضرورت هن وقت سڄيءَ دنيا کي آهي، ڇو ته هن وقت ملڪ ملڪ اندر ڌڪار ۽ تڪرار جو واهو منڊل آهي. مان ڏسان ٿو ته لوڀ ۽ لالچ ۾ ڦاسي، ملڪ هڪ ٻئي جو گلو ڪپڻ واسطي وڃن ٿا تيار ٿيندا. مان ڏسان ٿو ته اوندهه اندهڪار جا ڪارا ڪڪر چڙهندا وڃن ٿا. هن زماني جي سڀيتا اندر اَهنڪار آهي. سڄيءَ دنيا اندر پڪار ٿي آهي ۽ ڪيترين دلين اندر هن وقت هيءَ پياس آهي، هيءُ وچار ته "وري ڪڏهن ايندو پريم جو اوتار؟" سڀ ملڪ، سڀ قومون، سڀ ڌرم گڏجي پرارٿنا ڪن ته "سچو پاتشاهه اچي، موٽي اچي ۽ اچي پنهنجي پريم جو ناد وڄائي! جئه جئه ڀڳوان! جئه جئه ڀڳوان!!"

اَفسوس! صد اَفسوس! جو اَسان لاءِ سوَيم پريم جو اَوتار هو، سو اَسان کي ڇڏي وڃڻ وقت ڇٽي رهيو هو ته جيڪر ملڪ ۽ قومون گڏجي هيءَ پرارٿنا ڪن:

وري اَچ، وري اَچ اَءِ پريم اوتاري
توکي سڏي پيئي دنيا ساري!

جا مهان آتما ڪيول اُن پهرن کان پوءِ پرماتما سان ملي هڪ ٿيڻي هئي، سا پرماتما جي جئه جئه منائي رهي هئي، ڀڳوان جي جئه جئه ڪار پڪاري رهي هئي. ڪهڙي نه سندر جيون!

انتم سنسڪار

١٥ جنوري ڇنڇر جو ڏينهن هو. جڏ ته قدرت کي پرون پسجي چڪا هئا ته دادا هن پرٿويءَ تي باقي ڪي ڪلاڪ

ڏئي ته مان هن سنسار ۾ باقي ٻه ڏينهن وڌيڪ هوندس ۽ ان لاءِ مونکي گهرج فقط ٻن وڳن جي ٿيندي. پنهنجي جيون جي پستڪ جي پڇاڙيءَ جي پنن تي جڏهن ته دادا هيءُ اکر اُکرائڻ ٿي چاهيا: "ڏيو، ڏيو ڏيو! اسين خاڪ مٽيءَ جا پتلا آهيون جي هن سنسار مان وڃڻ ۾ ويرم ڪين ڪنداسين. تنهنڪري جيسين ساهه سرير ۾ آهي ۽ جنهن سارُو شڪتي آهي، تنهن سارُو ڏيندا رهو؛ ڏيڻ دکين جي سيوا ڪندا رهو." ڪهڙي نه سندر سکيا! شام جي ستسنگ کان پوءِ دادا کي وراندي ۾ وهاريو ويو، جتان اُتان لعل لوئيءَ جي آگنيءَ جي لعل لاٽن کي ڏسي سگهي. دادا کي آگنيءَ سان پيار هو. لعل لعل اُلا جڏهن آسمان ڏانهن مٿي چڙهندا ڏسندو هو ته سندس نيڻن ۾ نشو چڙهي ويندو هو. ڪجهه وقت لاءِ ته هو عجيب خمار ۾ رهندو هو. لعل اُلا ڪيس لعلڻ جي ياد ڏياريندا هئا، ڪي سندس اندر، جا آتش جي آگني پئي ٻري، تنهنجي ڪيس ياد ايندي هئي. ڪير چئي؟ ۱۴ تاريخ شڪروار جي ڏينهن آرتوار هو. چڱي ٿڌ ڪار هئي ته ٻه دادا چوي ته مان ڏينهن جو هيٺ لهان ۽ وهان ٻه ٻاهر گيتا ڀون جي نزديڪ ۽ نه ميران هال ۾. آرتوار جو ڏينهن دان پنج جو ڏينهن آهي. پر دادا جي گذريل جنمدن کان وٺي جڏهن دادا لاءِ روز روز آرتوار هو. هن آرتوار تي دادا غريبن ۾ بصر ۽ پٿاڻا ورهايا. وري جڏهن نڊيءَ سنگت کي پنهنجي ڪمري ۾ مٺي مليو ته ڪين ڊبل روٽي ۽ پڪوڙا کارايائين. شرير جي هيڏي ڪشت ۽ ڪمزوريءَ هوندي ڪير ٻين جي ڪاڻي پيٽي جو اونو اوسيڙو رکي، ايڏو ويچار ڪري! دادا جڏهن ته هڪ اُمي هو جنهن پنهنجي ٻچڙن کي پڇاڙيءَ تائين پيار سان جهنجهيو ٿي. دادا کي ٿڌ جو اثر ڪافي هو ۽ رکي رکي ڇڪون پئي ڏنائين. پر سندس دل اندر جو اٿاهه پيار هو، تنهن جڏهن ته ڪيس گرمائش ٿي پهچائي، جنهن جي ڪري اندر ۾ اتساهه هوس، اُمنگ هوس.

هو آڪسيجن وٺي سگهي. دادا ڪجهه وقت لاءِ آڪسيجن ورتي. پوءِ ستسنگ جا گهنڊ ٻڌي ستسنگ هال ڏي اچڻ جي اڇا ڏيکاري. البت ايترو سوچيائين ته منهنجو مٿو ڀيو ڦري. ڪيترا دفعا دادا جو مٿو ڦرندو هو ته ڪلهي چوندو هو: ”مٿا چڪر ۾، چڪر مٿي ۾.“ پر اڄ اها ڳالهه ڪين هئس. سانت ۾ لهي ستسنگ ۾ هليو ويٺو ۽ هميشه جيان سيني کي پرڻام ڪيائين. پر ١٥ جنوري شام جو پرڻام نرالو هو. چو ته اهو انتم پرڻام هو جو دادا ستسنگ ۾ پائرن پيرن کي پٽي ڪيو. اوڏيءَ مهل ڪنهن کي ڳالهه ڪين پيئي ته اُن ڏينهن ڪان پوءِ سرير جي چولي ۾ دادا! ڪين وري پرڻام ڪين ڪندو. دادا چوندو هو ته مان پنهنجي جيون ياترا جي پڇاڙيءَ جي ڏينهن تائين شل ستسنگ ۾ حاضر رهان. سندس اِهي وچن برابر سچ نڪتا. پوئين ڏينهن دادا ستسنگ جي آسيس ورتي. شرير جي ڪيتري ڪشٽ هوندي به دادا جي پياس پوري ٿي ۽ هو ستسنگ ۾ براجمان رهيو. دادا پنهنجي ڪمري ۾ مٿي آيو ۽ الپ آهار کاڌائين. پائرن پيرن کي صرف ٿورا منٽ مليو ۽ پوءِ جشن کي ڪوٺيائين. دادا کي سانت ۾ ڏسي جشن ٻاهر هليو ويو. وري جشن کي ڪوٺي دادا پيار مان چيس ته ”اڄ تون منهنجي پاسي ۾ ويٺو هجج.“ ٽنگن ۾ ڏکس وڌيل هيون. مارفيا جي سئي هڻائڻ جو ان رات وارو هو. سو ڊاڪٽر نارائڻ اچي سئي هنئين. ليٽڻ وقت دادا اسان کي آسيس ڏيئي چيو ته اڄ مٿو ڀيو ڦري. پوءِ دادا ليٽي پيو ۽ ننڊ ڪجهي ويس.

ندرا ۾

دادا جي ڪمري جون ٻئيون وسايون ويئون. فقط هڪ جهڪي بتي پئي ٻري. سمسار مٿان اونده جو پردو ڇانيل هو. ٽڪ سبب اسين به سمهي پياسين. ڪنهن کي ڳالهه ڪين پيئي

مزمان آهي. سو اُن کي به موڳائي وٽي ويٺي هئي. دادا جڏهن
هيٺ لهڻ جي اِڇا ڏيکاري ته کيس گهڻو ئي چيو ويو ته جي هال ۾
هلي وهو ته پوءِ پل لهوءِ سو دادا ڪجهه وقت ٻاهر هال ۾ هلي
وينو، پر پوءِ چيائين ته مونکي ٻاهر وٺي هلو. تي سگهي ئو ته
دادا کي پورا پنج ڏينهن ان آستان کي پنهنجي نرمل حاضريءَ
سان پوتر ڪرڻو هو، جتي سندس شرير جو اگني سنسڪار ٿيڻو
هو. ڪير چئي؟ تي سگهي ٿو ته جيون جي اُنتم سمي تائين
کيس غريبن جي شيوا ڪرڻي هئي. ڪير چئي؟ ٿي سگهي ٿو
ته جي فقير ۽ غريب جهجهي تعداد ۾ اچي ٻاهر ويهي
رهيا هئا، تن مان ڪي اُهڙا پياسي روح هئا، جن کي
دادا پنهنجو درشن ڏيڻ ٿي چاهيو. ڪير چئي؟ ڪافي آهي
جي چئجي ته دادا ٻاهر اچي گيتا مندر جي نڪت وينو ۽ سڀني
کي پرنام ڪيائين. ڪجهه وقت سانت ۾ وينو ۽ پوءِ غريبن کي
پنهنجو پرساد مليو. ڪجهه وقت ويهي پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ مٿي
هليو. اُتي سڀ پائر پينر اچي ڪنا ٿيا. دادا کي اونو لڳو ۽ کين
ڪارائڻ جو. يڪدم پڪوڙا ڊبلروٽي اچي ويا جي سنگت کائي
خوش ٿي ۽ دادا جي آسيس وٺي گهر رواني ٿي. ڪنهن کي
پتو ڪين هو ته سياڻي وڏانا کي کهڙو ورق ورائڻو آهي،
کهڙو ڦرڪو ڦيرڻو آهي. پنهنجي اٿاهه پيار جي ساکي دادا
پڇاڙيءَ تائين ڏيندو رهيو. اُميءَ، جيجل، جننيءَ جي هردي ۾
جا پريم گنگا پئي وهي، تنهنجي ساکي لوڙ تائين ڏيندو رهيو.

اُنتم راتري

۱۵ جنوري ڇنڇر شام جو دادا هميشه جيان پريمين کي
اندر پاڻ وٽ گهرايو. دادا کي ڏاڍي سهڪي هئي. ڊاڪٽر
هيرانند به اچي اوڏيءَ مهل پهتو. سهڪي ڏسي ڊاڪٽر چيو
ته دادا آڪسيجن وٺي. آڪسيجن جو ڊبو (Cylinder) دادا جي
ڪمري ۾ هڪيو تڪيو رکيو هوندو هو، جيئن ڪنهن به وقت

وڃڻ منٽ ٿيا ته دادا پنهنجي نرمل سريرَ جو چولو لاهي ڇڏيو. جڏهن نئون سورج پورب ۾ اڀرڻ پئي ٿيو، تڏهن ميران پوميءَ جو سورج اَسُت ٿي ويو! جڏهن ٻاهر گلشن ۾ گلزاري هئي ۽ هوا ۾ مهڪاري هئي، جڏهن پُشپ ٽارين تي پيا ٽڙيا ۽ وڻن تي پکي مٺڙيون لاتيون لنوِي رهيا هئا ته ميران چمن جو اَتينت سندر ۽ سُگنڌت پُشپ ڪمل ڪومائجي ويو، ميران چمن جو وشال ورکش ڄڻ ڪري پيو، ميران پوميءَ جي جوت ڄڻ ته اُجهامي الوپ ٿي ويئي ۽ ان سان گڏ ميران ڪٽنب جي ڀاڳن جي خوشي ڀڄ!

وايو منڊل نرمل رکڻ لاءِ پوڄا پرارٿنا شروع ٿي ويئي ۽ وداعيءَ جو گيت ڳايو ويو. هڪ وقت دادا اڇا ڏيکاري هئي ته مان جڏهن هن سنسار کان موڪلائي ڪريان تڏهن هيءُ منهنجو ٿي ناهيل گيت ڳايو وڃي! اهو گيت آئم ڳاتو:

اَچو هاڻي! اَچو هاڻي! منهنجا پيارا وطن واسي!
وٺان موڪل اوهان کان ٿي، آهيان آسيس لاءِ پياسي!
خدا حافظ! خدا حافظ!

منهنجن سپنن ۾ اوهين وَرَ وَرَ، آيا آهيو، آيا آهيو!
اَچي هاڻي سڀڻ منهنجا، دلين جو هار آ! لاهيو!
خدا حافظ! خدا حافظ!

بيٺي تيار آهي هاڻي منهنجي ٻيڙي، منهنجي ٻيڙي!
اَچي آسيس ڏيو پنهنجي، ڪريو نـا ڪين ڪا دير ي!
خدا حافظ! خدا حافظ!

وڃڻ جي ويل آئي آهي، لٿي ٿو ڏينهن اَج پُورو:
بازيگر هي آ! هيءَ بازي، ختم ٿيو کيل سمورو!
خدا حافظ! خدا حافظ!

ته ڪال پنهنجو ڏاڍو ڪٺي چاڙهڻ لئي چڙهيو بيٺو آهي، اِها اَنتم راتڙي هئي جا دادا اَسان سان گڏ هو، دادا جو مخمل جهڙو گرم ۽ ڪمل گل جهڙو نرم هٿ وري اسان کي آسيس ڪين ڏيندو، يا دادا جو مٺو مرليءَ جهڙو آواز اَسين وري ٻڌنداسين ڪين، يا دادا جو ڪمل مکڙو جنهن مان شانتي ۽ آنند جون ڌارائون پيئي نڪتيون، تنهن مکڙي جو درشن ديدار وري اسان کي نصيب ڪين ٿيندو. قسمت جي ڪتاب جو پڇاڙيءَ جو باب اکثر ڪري بند رهي ٿو.

جوت اُجهامي ويئي

دادا ٻه ڪلاڪ ننڊ ۾ سمهيو رهيو پر هڪ دفعو ٻه اُن وچ ۾ ڪين چيائين ته منهنجو پاسو واريو. تنهن ڪري جشن دادا کان آهستي پڇيو ته دادا توهان جو پاسو ورايون؟ پر جواب ندارد. پوءِ ته ڊاڪٽر ميڙ يا ويا، جن چيو ته دادا باقي ڪي ٿوريون گهڙيون هن سنسار ۾ آهي. رات جا ساڍا ٽي لڳي چڪا هئا جڏهن اِهو ٻڌايو ويو. هن کان اڳ ڪيترا دفعا دادا جي حالت گمڀير ٿي ويندي هئي. پوءِ ته سڀ وٺي پرارٿنائون ڪندا هئا، پاٺ رکندا هئا ۽ پريوءَ جو در زور سان کڙڪائيندا هئا. نيٺ پريو، جو گهڻو ٻاجهارو آهي، تنهن کي ڪهل پوندي هئي ۽ دادا وري ٺيڪ ٿي پوندو هو. پر پريو بي ميار آهي. هن کي جڏهن ڪجهه ڪرڻو آهي ته ميار پاڻ تي نه پر ٻين کي ڏيندو آهي ۽ هينئر ٻه ٿيو ائين. جڏهن هنن کي دادا کي ڏهرائڻو هو، ته نه وقت ڏنائين نه وجهه. جن کي ٻه دادا جي حالت جي خبر پيئي تن کان پاڻ پوڄا ڪرڻ پڳو ئي ڪين. هنن ته چيو ته اَسين هاڻ وڃي دادا جي مکڙي جو اَنتم ديدار ڪنداسين. اَلبت چپن لئي ٻاٽ هئي ۽ اَکڙين ۾ پاڻي. چئن ڪلاڪن پنجاهه منٽن کان پوءِ دادا جي نرمل آتما وڃي پرماتما سان لنوَلين ٿي. صبوح جا اَٺ لڳي

ڪي پشپ، ڪي ناريل، ڪي گلاب دانيون، ڪي عطر عنبير، ڪي چادرون، پر سيني پريم ۽ شرڌا جا لڙڪ ڪٺي آيا هئا. پشپ مالهائن جا ڍير پاتا ٿي ويا ۽ اهي لاهي رکيا ٿي ويا ته وري ٻيا ٿي پاتا ويا. آرتوار ١٦ جنوري ١٩٦٦ع ميران پور مٿي، سنڌ ديش ۽ ڀارت ديش جي اتهاس ۾ هڪ مهتوپورڻ دن ثابت ٿيو. صبح کان رات تائين هشام ماڻهن جا ٿي آيا ۽ لڳاتار هلندڙ ۽ ختم نه ٿيندڙ قطارن ۾ لنگهندي، پنهنجي جيون جي پياري پريتم ۽ دلين جي سمراٽ دادل شاهه کي پنهنجي هرديه جي شرڌانجلي ۽ نئنن جو جل ارپڻ ڪري، انتم درشن ڪري هلندا ٿي هليا. سيني درشن لاءِ پياسي هئا ساري رات جاڳرڻ ۽ ڪجهن ڪيرتن ٿيندو رهيو. پرسان ديپڪ جلي رهيو هو ۽ جلي رهيون هيون انيڪ هردن جون آسون ۽ اميدون.

انتم ياترا

ٻئي ڏينهن، سوموار ١٧ جنوري صبح جو پياري دادا جي شو کي، هڪ سينگاريل ٽرڪ ۾ رکي، نگر جي پن پن رستن، گلين ۽ محلن مان انتم ياترا لاءِ گهمايو ويو. ٽرڪ جي پٺيان موٽرون، رڪشائون، اسڪوٽر، سائيڪلون ۽ هزارين پريمي پيرين پنڌ هئا. اول اول اهو جلوس گرسنگت هليو، جت گرو نانڪ جينتيءَ ڏينهن دادا هلي اپديش ڏيندو هو. پوءِ هليو ڪائونسل هال ڏانهن، ان ورڪش طرف، جنهن جي هيٺان دادا گهڻيئي گهڙيون گهاريون هيون. ان ورڪش سان خاص پريت ٿي ويئي هئس ۽ هاڻ اهو ورڪش نه پنهنجي پياري پرمهنس پتيءَ جو انتم درشن ڪرڻ لاءِ بيچين هو. اتان ٿي جلوس هليو مانيس بوڪ اسٽال طرف، جت دادا هلندو هو ۽ پستڪ خريد ڪندو هو. پوءِ مهاتما گانڌي مارگ تان سرگس هلندي هلي. رستي جي ٻنهي پاسن کان دڪانن، مڪانن جي درن ۽ بالڪنين مان ماڻهو سون جي سنڪيا

گلابي گل ۽ سفيد ِي ڦل: اڄي تن سان نهاريو مون!
وري هڪ وار پري پيالو، قرب ڪُهڻي جو پيارئو مون!
خدا حافظ! خدا حافظ!

حياتيءَ هن جون بخشيشون، ڪٿي ڪن ۾ وڃان ٿي هاڻ!
وري موٽِي اڄي ملندس، تنهنجوري جي ڪوليندس ٿان!
خدا حافظ! خدا حافظ!

اُتم نا پياس مڪتيءَ لئه، اُتم هيءَ پياس تيان شل ڏوڙ:
دکين جي اُپي ڪمل چرنن، پرين جو آنءُ پسان ٿي نُور!
خدا حافظ! خدا حافظ!

ڪٿي آ! ڪن ۾ تن جي خاڪ، وڃان ٿي جت وينو ڳائي
نُوري شياما ۽ ڪنجه ۾ ڪراس تو جيسؤ بجائي!
خدا حافظ! خدا حافظ!

دادا جي شرير جي چولي تياڳ ڪرڻ جو سماچار سڄي سنسار ۾ بجليءَ جيان ڦهلجي ويو. ٽيليفون ۽ تارون ڪيون ويئون، آڪاشواڻي (ريڊيو) تان اها دکدائڪ خبر ڦهلائي وئي. سندس اُنتم درشن ڪرڻ ۽ اُنتم ياترا ۾ شامل ٿيڻ لاءِ، هزارين پريمي، ڪي موٽرن ۽ بسين ۾، ڪي ٽرينن ۾، ڪي هوائي جهازن ۾، ڀارت جي ڀِن ڀِن پرانتن کان ميران پوميءَ ۾ اچي سهڙيا.

اُنتم درشن

دادا جي شُوَ کي اُنتم درشن لاءِ هيمت ميران هال ۾ آڻي رکيو ويو. سندس مکڙو چمڪي رهيو هو. پريمي پياسين جو ڪو اُنت اُي نه هو. ٻار، نوجوان، ٻڍا، نر ناريون، هندو، مسلمان، سک، عيسائي، پارسي، سنڌي، مراٺي، گجراتي، پنجابي، بنگالي، مدراسي، پارٽي، انگريز، مطلب ته هر جنس، هر آئو، هر ڌرم، هر جاتيءَ، هر پرانت، هر راشٽر جا پريمي پنهنجي پريتم جي اُنتم درشن لاءِ اچي ڪنا ٿيا. ڪي ڦول مالهائون،

ٻڌي ويٺو ھون. اِھو درشيہ جنھن ڏٺو سو ڪداچت وساري نہ سگھندو. اُن وقت ھڪ ھڪ پريميءَ جي نيڻن ڀرپل ٿڻن ۾ نير ھو ۽ سندن ھردا درد ۾ ڦاٿي رھيا ھئا، ڪن اوچنگارون ڏيئي ٻڌي رنو ٿي. ڪن سرد آھون ڀري ڀريون.

دادا جي نرمل، سندر ۽ آڪرشڪ شرير کي وري ھنن اکين سان ڏسي ڪين سگھنداسون، اِھو غم سڀني کي کائي رھيو ھو. جنھن سنت جي ڪمل چرڻن ۾ اسين سالن جا سال وڃاياسين، جنھن جي ڪومل ھٿن اسان کي بار بار آسيس ڪئي، جنھن جي ڪمل مکڙي جي درشن سان چت کي شانتي ٿي پراپت ٿي، جنھن ديوتا جي نيڻن پريم نھار پائي، اسين مگن ٿي ويندا ھئاسين، جنھن پريتم جي مکاروند مان مٺڙيون ٻوليون ٻڌيوسين، اھو محبوب، اھو دلبر، اھو پريتم، اھو پيارو، اھو دلين جو راجا، اسان جي ڏسندي ڏسندي آگ جي اُلن ۾ اَلوپ ٿي رھيو ھو. لعل لعل آگ، اَسان جي پياري پريتم جي شرير کي ائين ويڙھي ويئي، جئن ڪنھن نئورنيءَ دلھن کي شاديءَ وقت لعل وسترن ۾ اوڍيو ويندو آھي. دلھن پنھنجي دولھہ کي پائي، سنجوڳ جو سک ماڻي ٿي، پياري دادا بہ اگنيءَ جي لعل لاٽن ۾ پاڻ کي اوڍي پنھنجي پريتم، پرماتما، سان لائون لڌيون ۽ سچي سھاڳ جو مشاھدو ماڻيو.

سنت جو سھاڳ

دادا ڪڏھن چرچو ڪري چوندو ھو "مان مڱيل آھيان!" مون ڪيس ھڪ دفعي چرچي ۾ چيو ھو: "دادا! توھين مڱيل آھيو، پوءِ شادي ڇو نہ ٿا ڪريو؟ توھين شادي ڪندا نہ مون کي ھڪ پياري پياري چاچي ملي پوندي!" دادا ٻاوڙي گڏيرڙا اختيار ڪري چيو ھو: "مان جنھن سان مڱيل آھيان، تنھن جي اِڇا آھي نہ، اَڃا ترس!" "نہ پوءِ دادا توھان

۾ درشن لاءِ بيٺا هئا ۽ دادا جو درشن ڪري، هٿ جوڙي ۽ مستڪ نوائي، دادا جي آسيس وٺي رهيا هئا. ڪيترن ته دادا مٿان پشپن ۽ ڦول مالهائن جي ورکا ٿي ڪئي. سرگس جي پاڻرن ۽ پيرن پيار ۽ ڦرب مان نعرا هڻي دادا جي جئه جئه ڪار ٿي مچائي. ڪنهن مهل ”جو بولي سو نهال، ست سري اڪال“، ته ڪنهن مهل ”دادا جي، امر رهي!“ جي ڌني لڳندي ٿي آئي. ٽنهن ڪلاڪن ۽ سنڌين جي ڪالونين ۽ پاڙن مان ٿيندا، شام جو ميران پور ۾ واپس وريا.

اگني سنسڪار

سرڪار ڪان دادا جي نرمل شرير جي انتم اگني سنسڪار، ميران پوريءَ ۾ ڪرڻ جي خاص آگيا ورتي ويئي هئي. گهٽا منڊر جي پورب ڏسا ۾، جت دادا پنهنجي جيون جا انتم پنج ڏينهن اچي آشرم ورتي پوتر بڻايو هو، ان نرمل استان تي هڪ ٿلهو ٺهرايو ويو. ان ٿلهي تي چندن جي سڳنڌت لڪڙين جي چکيا تي دادا جي نرمل شوکي ليٽايو ويو. ان جي ٿلهي چوڌاري پريڪرما ڏيئي، نام جي ڌوني لڳائي ويئي. نگر جي ڪن نيتائن، پياري دادا جي جڙتمي جيون تي، دل جي درد منجهان ڳالهايو ۽ هردي جون پاوَ پيٺيون شرڌانجليون ارپڻ ڪيون. پياري جشن پڳوت گيتا، گرو گرنٿ، بائيبل، قرآن ۽ ٻين ڌارمڪ گرنٿن مان پاٺ ڪيو ۽ اکيون پوري پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ پرارٿنا ڪئي ۽ پرمل ۽ دکي دل سان پنهنجي روح جي راڻي، پنهنجي پرم پياري دادا جي پوتر ۽ ڪنچن ڪايا کي، پريوءَ، ديو ديوتائن، فرشتن، رشين منين، سنتن درويشن، سورج چندرما، ستارن گرهن جي حاضريءَ ۾ پوتر اگني ديوتا جي گود ۾ ارپڻ ڪيو! جڏهن چندن ۽ گيهه جي آهوتي ڏني ويئي، تڏهن اگنيءَ جون لعل لعل لاٽون دادا جي سندر شرير کي پاڪ ۾ سميٽينديون

ٻڄجي دلهن نُوري، ٽيڻ ساڄن جي سموري،
وچ وئران ڇڏي چوري، ڀُوري، هيٺي، هُوري،
هن دل کي نهوڙي ۽ ڪري نذر نماڻي،
پاڙڻ پريم پراڻي، آهه آسمان ڏانهن اُڏاڻي!

مرليءَ سندو آواز

منهنجي اکين مان ڇلڪي ڳوڙها پي ڳريا. ٻوندون بس ئي نه ڪن. اوچتو مٺر مرليءَ جهڙو آواز ٻڌم. اُهو آواز نه مٺڙي دادا جو هو! سمجهيم نه هوُ مونکي ڪجھ چوڻ چاهي ٿو. سو سڌ ڪا ٻڌ ڪيم ۽ ڪن ڪوليم ۽ ٻڌم هيءُ مٺر گيت:

ڪر ڪين فڪر ڪو، ڪر ڪين فرياد،
ڏک ۾ ۽ سک ۾، رک اُن اِڪ کي ياد،
اَچڻ ۽ وڃڻ، اِها آهه ريت سنسار،
سقل ڪر تون جيئڻ، پريت پراڻءَ سين پاڙ!

ڪر ڪين غم ڪو، وهاءِ ڪين ڪو آب،
وچ دل مندر ويهي چاڙهه رڳن رباب!
ورهه ۽ ميلاپ، آهه دنيا جو دستور،
رک صبر، ڪر شڪر، پوءِ پس نُوراني نُور!

ڪر ڪين دانهن ڪا، ڪر ڪين ورلاپ،
ويهي چت چمن ۾ اُٿار اُڪير آلاپ!
جنم ۽ مرڻ جو چڪر چلي پيو جهان،
رکي او جاڳو اکين ۾، پاهه اَلک جو اَحسان!

ڀر ڪين سڏ ڪا، نڪي ڳوڙها ڳار،
ڪٽي نيڻ نماڻا مگهه مهر نهار،
ڏک ۽ سک جي وهي پيئي ندي نُوري،
تيندي تولي ڪرپا، وري ملندينءَ مون هُوري!

جي شادي نيت ڪڏهن ٿيندي،" مون ڪلهي ڪليءَ پڇيو هو. دادا ساوڻائيءَ سان وراڻيو هو: "منهنجو وواهه ٿيندو جڏهن هيءُ سنسار ڇڏيندس!" ۽ اُن وقت، جڏهين اڳنيءَ جون لعل لعل لاٽون دادا جي شرير کي پاڻ ۾ سمائي رهيون هيون، تڏهن منهنجي اکين زار زار ڳوڙها ڳاريا ۽ مون دادا کي ڦٽي هنياءُ پڪاريو: "دادا! دادا! ڇا، سچ پچ تو هين پنهنجي صاحب سان شادي ڪرڻ هليا آهيو!

دادا جي نرمل آتما هڪ لعل ڪنوار هئي، جنهن آڳ جا لعل وستر اوڍي وڃي سنجوڳتا پراپت ڪئي ۽ اوڏيءَ مهل ياد پيم هي شبد: "اوم مڻي پدمي هم"........

سورج جي جوت پرڪاش ٿئي ٿي،
۽ ماڪ جي بوند ساگر ۾ سمائجي ٿي.

۽ منهنجي اندر مان اُڀريو هيءُ سوز ڀريو گيت:-

حسن واري نوري، پهرڻ پرينءَ جي پاس،
چاڙهي ويس ڪهنبو، پهري لعل لباس،
سانڍي سڪ سامونڊي، ڪٺي آتش عشق ائي،
پاڙڻ پريت پراڻي، آهه آسمان ڏانهن اڏائي!

نينهن واري نوري، لعلڻ کي ملڻ لاءِ
ڪڍي گهونگهٽ، هلي آ پيئا ڪي پائڻ لاءِ
ڪري خدا حافظ دنيا کي، ڪري موڪلائي،
پاڙڻ پريت پراڻي، آهه آسمان ڏانهن اڏائي!

سڪ واري نوري، ڪرڻ دوست جو ديدار
ٿي پيئي رواني ڪٺي خاوند لاءِ خمار،
گوبند گوپال سان ڪرڻ گڏجاڻي،
پاڙڻ پريت پراڻي، آهه آسمان ڏانهن اڏائي!

مٺا ۽ سچا وچن جي هن پنهنجي سچيءَ دل مان چيا، تن پاڻ ۽
ته منهنجي ننڍل هنياءُ تي ٿڌو ڇنڊو وڌو ۽ ائين اُنچو ٿيم ته،
پيارو دادا زنده آهي؛ هو ويو ڪينهي؛ هو مون سان آهي ۽
سڀني سان آهي. جيڪي ڪيس پيار مان پڪاريندا هو تن کي
ڇڏيندو ڪين. جي ڪيس دم دم ياد ڪندا تن کي هو
وساريندو ڪين.

پوتر سنگم

ستن ڏينهن کان پوءِ آيو هانئين ميڙڻ جو ڏينهن. اسان نه
ڪيول دادا جا پوتر سنگ چونڊيا، پر سندس پوتر پسم پڻ
ميڙي، جا پوءِ نامي جي گلشن ۾ وجهي دادا جي پلنگ تي رکي سين،
جو ته پوري سمي لي اها پوتر سنگن سان گڏ پوتر سماڌيءَ
۾ اَرپت ڪئي ويئي هئي. ميران پوميءَ ۾ اُن مهل اَسانجي اَندر
۾ اُڌما پئي اُٿيا ته ڇا، انسان آخر اِها هڏن جي مٺ ۽ پسم جي
ڍيري ئي آهي! پر اِنيئي آتما اشارو ڏنو ته، اي موهه ۾ ڦس
ٻالڪي! انسان بيشڪ ائين آهي، پر ڇا، تون دادا کي ڪيول
هڪ ساڌارڻ انسان ئي ٿي سمجهين؟ دادا، جوڳي جادوگر، نه
شڪتيءَ جو اوتار آهي جو سدائين اَمر آهي! هو جنم ۽ مرتيوءَ
جي چڪر کان مڪت آهي! جن پنهنجي من کي ماري مات
ڪيو، تن جڻ ته موت کي ماري مات ڪيو ۽ .اَمر پد پراپت
ڪيو! دادا اَمر آهي! جوڳي جادوگر. دادا جي سدائين جئه جئه ڪار
آهي!

آرتي

ڪن سالن کان، سنڌيا جي سهاوني سمائي سمي، پنهنجي
ننڍڙي ساڌنيڪي مندر ۾، منڙي شيام سندر جي نيمت آرتيءَ
ڪرڻ جو سوڀاڳيه پراپت ٿيو اٿم. هڪ نماشام جو پيارو دادا،
جڏهن بيماريءَ جي بستري تي هو ته مونکي ڪوٺيائين. اُن

جوالا

دل تي هن صدمي جي ڌڪ منهنجي سرير مان سڄي سگهه ۽ ستا ئي ڪڍي ڇڏي. جو شڪتيءَ جو اوزار هو، سو جڻ ته پاڻ سان گڏ منهنجي شڪتي به کڻي ويو هو. پر جڏهن دادا جو هيءُ سندر گيت ٻڌم ۽ اُنجي پڇاڙيءَ جي سٽ ٻڌم، جنهن ۾ مون لاءِ اُها آشا جي ڪرڻ هئي، ته مان ڪنهن وقت دادا کي وري ملنديس، تڏهن جيءَ ۽ جسم ۾ ڪجهه جان آئي ۽ جڏهن منهنجي ٻن ڀينرن، پياري سندريءَ ۽ پياري سشيلا، مونکي پنهنجي ڪمري ۾ هلڻ لاءِ چيو، ته مان اُٿيس ۽ هلڻ جي ڪيم. پر نه معلوم ڇو؟ اگنيءَ جي لعل لعل لاٽن جڻ ته مونتي ڪا ڇانيا وجهي ڇڏي هئي. جو وقت پٺي مليم ڏينهن جو يا رات جو، مان وڃي ٿي اُن دريءَ وٽ ويٺيس، جتان اُن آتش جي جلندڙ جوالا جو درشن پئي ڪيم. اِن جوالا ئي ته منهنجي منڙي دادا جو جلويدار جسم پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيو هو!

ڌيرج

ٽي ڏينهن گذري چڪا هئا. پر اهي ٽي ڏينهن وڏي، مون لاءِ ٽي ورهيه ٿي پيا هئا. دادا جي ڪنيا جي ڪنڊ ۾ ويهي هنجون هاري رهي هئس، ته هڪ ٻرڌ اوستا جي ڀيڻ، جا پڙهيل ڪين هئي پر جنهنکي گيان هو، ۽ جا مونکي پائيندي هئي سا اچي سهڙي. مونکي هيئن روئندو ڏسي هن چيو: "توکي ڇا ٿيو آهي، جو تون هيئن ٿي روئين؟ دادا امر آهي. هو سدا تو سان ساڻ آهي، مون سان آهي، سڀني سان آهي. هو توکي ڪڏاپي ڪين ڇڏيندو. هو توکي اَڏيندو، پر مُور نه ڇڏيندو." نه معلوم، ڪيئن هن ڀيڻ جا اکر منهنجي دل اندر گهڙي ويا. هن کان اڳ مونکي ڪيترن ئي سمجهايو هو ۽ ڌيرج ڌرڻ جو يتن ڪيو هو، پر من وس ۾ ئي نه اچي. پر هن ڀيڻ جا

۽ مونکي ٻاجهه ٿي آرتيءَ جو صحيح سر سيکاري. پوءِ اسين روز صبح جو هتي گڏجي آرتي ڪنداسين.

اُن رات جو مون ڀاڻ تي خوب ڦٽڪار وڌي. مون ڀاڻ کي چيو ته مون اڌير ٿي ڇو ويهي پياري دادا کي ڏوراپو ڏنو ته "توهان منهنجي آرتي ڪين ٻڌي؟" دادا ته ويئي ڪين آهي. هو دائم قائم آهي. هو اَمر آهي. هو حاضران حضور آهي. سندس اَمر وچن ڪداپي ڪوڙا ٿيڻ جا ڪين آهن. اُهي سديئي ستيه آهن. ڏسين ڪين ٿي ته دادا، جو جوڳي جادوگر آهي، سو ڪيئن نه دل جو آواز سڻي ٿو ۽ اونائي ٿو! تنهنجي آرتي هو ٻڌندو، اَوشيه ٻڌندو. هڪ دفعو نه بلڪ اَنيڪ دفعا!

بس، ان ڏينهن کان پوءِ پياري دادا جي ڪٽيا ۾ صبح سان آرتي ڪرڻ جو منهنجو نيم ٿي ويو. پوني جي پنيه ڀوميءَ کان ٻاهر ياترا تي وڃان ته به اهو نيم پالن ڪريان. جنهن نگر ۾، جنهن گهر ۾ مان رهان، اُت به اِها وينتي ڪريان ته منهنجي پرڀت به جيڪر ڪٽنب جا ڀاتي ڪٺا ٿي آرتي ڪن. ولائت جي ياترا تي به پريمين سان مون اهو ويچار ونڊيو ته جيڪر توهين دادا جي آرتي: "جيءِ جيءِ جيءِ جگديش هري" وقت به وقت ڳايو. لنڊن ۾ اهو ويچار ايترو ته پسند پيو جو ترنت آرتيءَ جا اَکر وٺي فوٽو اِسٽيٽ (Photo - Stat) ڪاپيون ڪيائي هڪ ٻئي ۾ ورهايائون.

جوڳي جادوگر جا ڪارج ڪيئن نه سوايا ٿين! اَڄ پيارو دادا نه ڪيول منهنجي مک مان، پر گهڻن ئي مکن مان پيو آرتي ٻڌي ۽ پنهنجي آسيس جي ورکا وسائي!

اَمر جوتي

دادا جي شرير جي اگنيءَ مان جوت ٻاري ويئي جا دادا جي ڪمري ۾، جنهنکي هميشه "ڪٽيا" جي نالي سان سڏيو

وٽ مان مٿي مندر ۾ هئس. آرتي سماپت ڪري وٺس ويس ته ڏيئر جو ڪارڻ پڇيائين. مان شانت رهيس ته شانتيءَ دادا کي چيو ته دادا، هري روز سنڌيا جو آرتي ڪندي آهي اِن ڪري اَڄ ۾ ڏيئر ٿي اَئس. اِهو ٻڌي، دادا مونڏانهن مشڪي نهاري چيو: ”هري، مان رڳو تڪ تيان ته پوءِ تنهنجي آرتي اَوشيه ٻڌندس.“ پاءُ پلڪ شانت ۾ رهي وري چيائين: ”نه ڪيول هڪ دفعو ٻڌندس، پر گھڻيئي دفعا!“

دادا کي شرير جي چولي لاهڻي اَٺ ڏينهن گذري ويا هئا. هن دل جي اَندر دادا جون اَنيڪ مٺڙيون مٺڙيون سمرتيون پئي آيون جاڳنديءَ لنءِ ۾ سندس ڏات هئي ته سمهنديءَ به سندس اُئي سونهري سپنا هئا. پراڻ پراڻ ۾ پيارو پريتم ئي سمايل هو. نائين ڏينهن ٻن ٻهرن جو جڏهن مان دادا جي پلنگ وٽ ويٺي سندس مٺڙيءَ مورت ۽ سهڻي صورت جو سمرڻ ڪري رهي هئس، تڏهن تڏهن ۾ نير پرچي آيو ۽ ڏورانهون ڏيئي چيومانس ته ”دادا، اِئين ڪڏهن ٿيو جو توهان جا وچن ستت ڪين نڪتا؟ توهان چيو هو ته ”مان تنهنجي آرتي اَوشيه ٻڌندس، نه ڪيول هڪ دفعو پر گھڻيئي دفعا!“ پر توهان ته منهنجي آرتي هڪ دفعو به ڪين ٻڌي ۽ اِئين ئي هليا ويا!“ اِئين چئي اَکين ۾ لڙڪ لڙي آيم.

پر مان کڙي نه مورک ۽ اَگيانڻ هئس جو دادا جهڙي پري پورڻ سنت جي ڳالهه ۾ پنهنجي من ۾ اهڙا اَيوگيه ويچار واري ويٺي هئس! رات ئي ته ستيءَ چيو: ”هري، اَسين چوڻ دادا جي ڪٽيا ۾ روز صبوح جو جيڪر آرتي ڪريون! ڏس، دادا جا پوتر سنک ۽ پسم به هتي رکيا آهن. ڪهڙو نه سهائيندو ٿئي، جيڪر روز هتي پياري دادا جي آرتي: ”جيه، جيه، جيه، جڳديش هري“ ڳايون؟“

ستيءَ جا اِهي سندر وچن ٻڌي مون خوش ٿي چيو: ”ها، اِئين ڪريون ته ڀلو ڇا؟ مان پياريءَ سشيلا کي وٺي ئي ڪريان

لاهي، جنهن ۾ مهڙ وارو جالي دروازو کولي، شرڌا پرماٽي اندر
پرويش ڪبو ته سامهون چمڪندڙ سفيد ٽلهي ٽي، چندر مکي
مکڙي ۽ مند مند مسڪان سان، صاف سفيد وستر اوڍي،
ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر اڀي ڪري، لکن دلين جو پريتم،
جوڳي جادوگر، پيارو دادا سنمک بيٺل ڏسڻ ۾ ايندو. هو ڄڻ
ته هڪ هڪ کي، هڪ ئي هوت جو ڏس ڏيئي رهيو آهي ۽
ٻڌائي رهيو آهي ته ”هڪ تي هلو، هڪ ئي پريم ۽ مِترِيءَ
جي روشن راهه ۾ هلو، ۽ هڪ ئي پريو پرماتما کي هلي پايو!“
هو ڄڻ ته اُپديش ڏيئي رهيو آهي ته ”سڀ ڪجهه هڪ
منجهان ئي اُتپن ٿيو آهي ۽ هڪ ۾ ئي سمائجي ويندو. اي
ايشور جا ٻالڪو! توهين سڀ هڪ آهيو. هڪ کي ياد ڪريو ۽
هڪ ئي سچ جي مارگ تي هلو، ۽ اَنت ۾ اُن هڪ ۾ سمائجي
هڪ ئي وڃو!“

پياري دادا پنهنجي پَرِيوِراڄڪ ۽ آتمڪ جيون ۾ پنهنجي
اَنگ تي اَڇا کاڌيءَ جا وستر اوڍيا، جن سندس نرمل ۽ وِشُڌِ
جيون جي ساکي ٿي ڏني. هينئر سندس سندر، قدآور ۽
آڪرشت پرتيما پڻ کير جهڙي سمپوُرڻ سفيد ۽ صاف آهي.
پوتر سماڌيءَ جو گول گنبذ به سفيد، پٿيون سفيد، ٿنڀا سفيد،
ٿلهو سفيد، پٽ سفيد! سڀ ڪجهه صاف سفيد، بي داغ، نرمل،
وشڌ، پوتر!

ان پوتر سماڌيءَ تي اَنيڪ پريمي، ڀڳت جن ياتر ۽ پينڌر،
پور کان سنڌ يا ٻاهرين پياري دادا جي ڪمل چرنن ۾ اچي
مستڪ جهڪائي آسيس وٺندا آهن. سنڌيا ڪال جو اَڌ ڪلاڪ،
پياري جشن جي روحاني رهبريءَ هيٺ، ڪيئين جگياسوُ،
پياري دادا جي سماڌيءَ تي سندس منو نام ڳائي، مؤن ۾
ويهي ڌيان ۽ جپ جو سادن ڪندا آهن ۽ ڪي پنهنجي هرديه

وڃي ٿو، سندس سيڪڙا ئي هڪ جوتي دان ۾ رکي ويئي. اها جوت اَڃا ئي ٻهر پيئي ٻرندي آهي، اها آهي پياري دادا جي اکنڊ، اَمر جوت، زنده جوت، جا جڻ ته دادا جو ساکيات جوتي سوروُپ آهي! "سنت آهن چمڪندڙ جوتيون"، ائين هڪ مهاپرش چيو آهي. بيشڪ، سنت آهن جاڳرت جوتيون! ايشوري شڪتي، جوت، جسماني چولو، خاڪ جو چولو ڀري هن پرٿويءَ تي پڌارجي ٿي؛ ۽ جڏهن جوتي جوت سمائجي ٿي تڏهن به اها جيون جوت پنيان پرڪاشت رهي ٿي!

جوڳي جادوگر دادا جي جوت آهي پريم ۽ پيار، حب ۽ حليمائي، سمرن ۽ شيوا، صبر ۽ صدق، پوترتا ۽ پرارٿنا، تياڳ ۽ تپسيا، ستيه ۽ سک، نمرتا ۽ نرملتا، ديا ۽ دينتا جي اَمر جوت! شل اُن جوت مان اَسين به پنهنجي جيون ۾ جوت جڳايون! جوت مان ئي جوت جڳي ٿي. هڪ اَمر جوت مان اَنيڪ جوتيون جڳن ٿيون جڏهن جيون ۾ جوت جڳي ٿي تڏهن تمس ئي ڀِڙ هڪ کن ۾ اَلوپ ٿي وڃي ٿي. جوت اڳيان اوندهه اَندڪار بيهي ڪين سگهي. اسان جي اندر، جا اگيان جي اوندهه آهي، سا پياري دادا جي اَمر جوت مان گيان ديپ جلائڻ سان، هڪ ڪڻ ۾ غائب ٿي ويندي اسانجي جيون ۾ به ايندو اُهو پرڪاش جو اسانجي راهه ۾ روشني ڏيندو ۽ رهبري ڪندو.

پياري دادا جي پوتر سماڌي

پياري دادا جي پوتر سماڌي ميران ڀوميءَ (پوني) ۾ ٺهيل آهي. اُن ۾ پياري دادا جا پوتر سنک ۽ ڀسم سمرپت ٿيل آهن. جئن ئي ميران ڀوميءَ جي فولادي دوار اَندر داخل ٿبو ۽ ڪمپائونڊ جي ڏائي طرف قرٻو ته سامهون گيتا مندر جي نڪت، کير جهڙي اڇي سنگمرمر جي ٺهيل اُن پوتر سماڌيءَ جو روحانيڪ درشن ٿيندو. سنگمرمر جي ٺهيل چوڏ ڀواريءَ جي ٻاهران جتي

حيرت ۾ حيران ٿي ويا هوندا ته ڪيئن هُو هوا مان رڇ، ٽوپلي
مان جانور، کيسي مان رومال ۽ گم ٿيل سوئي مندي، ثابت
صوف يا واڳڻ جي پيٽ مان ڪڍندا هئا، ڪيئن اُهي غضب
مان آندل شيون وري ڪن ۾ گم شم ڪري ڏيکاريندا هئا، ۽
ڪيئن هو شين جو رنگ روپ ئي بدلائي ڇڏيندا هئا!

پر جوڳي جادوگرن جا کيل اَنوکا آهن. هو دنيوي پدارٿن
جي بدران اِنساني دلين سان کيليندا آهن ۽ اُنهن ۾ سمپورڻ
پريورتن آڻيندا آهن! هو پنهنجي مهر نظر سان پاپين کي پيچ ڪاري
بڻائي سگهن ٿا. هو پنهنجي ديا درشٽيءَ سان اَنڌ کوپ ۾
ڪريلن کي اُٿاري صاف ۽ نرمل ڪري، گيان گنگا ۾ ٽٻيون
ڏياري سگهن ٿا! هو پنهنجي آسيس جي وَرکا وسائي اِنسان
جي بگڙيل ۽ ٽوٽل جيون جي کيت کي بدلائي، سرسبز ۽ ڦلدار
بڻائي سگهن ٿا! هو پنهنجي گيان پرڪاش سان اِنسان
جي اَنڌيري راهه کي روشن ڪري سگهن ٿا! هو پنهنجي آڱر
جي اِشاري سان ڏنوارن جون سوارٿي دليون ڪولي، منجهن
ديا، ڪروڻا ۽ پريم جون ورنيون جاڳائي سگهن ٿا! هُو پنهنجي
آتمڪ شڪتيءَ سان اِنسان کي ديوتا بڻائي سگهن ٿا.

ڪرامتن جي ڪرامت اها آهي ته اِنسان، سچو اِنسان بڻجي،
بندو، بهتر بڻجي ڀڳوان ڏانهن منهن موڙي. سچا سنت، جي آهن
جوڳي جادوگر، سي هن سنسار ۾ اِن ئي ڪرتوت جي پورتيءَ
لاءِ پڌارجن ٿا. هو جيون ۾ جوت جڳائين ٿا، دلين ۾ پريم جو
اَمرت رس اوتين ٿا ۽ سڀني کي سڄاڳ ڪري ڪين سلطاني سهاڳ
پردان ڪن ٿا! اسين رڳو وٺن سڪ ۽ شرڌا ۾ وڃون. اَسين رڳو
پيار ۽ پنهنجائيءَ جي ڀاوَ ۾ سندن شرڻ وڃون.

چترڪار جو چمتڪار

هڪ جڳ پرسڌ چترڪار جي هيءَ هڪ مٺي ڪهاڻي آهي.
هو ڏاڍا سندر ۽ منوهر چتر چٽيندو هو. اُهي پرتيمائون ڪيس
پريه هيون، پر انهن کان به اَڌڪ پريه هئا ڪيس پنهنجا ٻه ننڍڙا

جي نرمل پيار جون ويچار ڌارائون، وشو ڪلياڻ ۽ جڳ جن جي
سک سمپتيءَ لاءِ هر طرف ڦهلائيندا آهن.

هيءَ پوتر سماڌي هڪ مهان تيرٿ آستان آهي جت
پارس ۽ وشو جي پن پن ڏسائن مان، سون جي سنڪيا ۾ پرڪاشي
نر ۽ ناريون، پياري دادا جي آسيس وٺڻ ايندا آهن. دادا
پنهنجي وشال جيون جي جوت سان اَنيڪ منشن ۾ جاڳرتا آندي
آهي. پياري دادا جي شڪتي شالي پرڀاءَ سندن جيون ۾ اَڌڪ
سندرتا، سڳنڌ ۽ سڦلتا جو پرپورڻ آندو آهي.

اَڄ به پياري دادا جي پوتر سماڌيءَ اڳيان، اَڻ ڳڻيت
اِنسان پنهنجا شريرڪ، مانسڪ، آرٿڪ ۽ سنسارڪ ڏک سور
کڻي اچن ٿا ۽ پيارو دادا، پنهنجي پريم ۽ ڪرونا ڌرشٽيءَ
سان، سندن سڀني سمسيائن جو سماڌان ڳولي، سندن ڏکڙا
دور ڪري ٿو. پياسي آتمائون سندس ڪمل چرڻن ۾ ويهي،
پنهنجي نيڻن جي نير جي نرمل اَنجلي اَرپڻ ڪن ٿا. پيارو دادا
سندن سڪ جا لڙڪ اَنگيڪار ڪري ٿو ۽ سندن هردي ۾
شانتيءَ ۽ سچي سک جو سنچار ڪري ٿو. ٻُڍي پنهنجي جيون
جا بوجھ، ڏک ۽ سنتاپ سندس ڪمل چرڻن ۾ اَچي رکن ٿا ۽
پيارو دادا کين هلڪو ۽ صاف ڪري ٿو. جن جي جيون جي
ڦلواڙيءَ ۾ ڏک ۽ درد جي پَتِ جَهڙ آهي، تن ۾ پيارو دادا
پريم جو پاڻي ڏيئي کين بسنت بهار ۾ بدلائي ڇڏي ٿو. جن جي
جيون ۾ نراشا جي اَنڌيري اماوس آهي، تن جي هردي ۾ پور
جي آشا ڪرڻ جي جوت جڳائي هيءُ جوڳي جادوگر سندن
جيون، پورڻما جي چانڊنيءَ جيان چمڪائي ڇڏي ٿو!

دنيوي جادوگر ۽ جوڳي جادوگر ۾ انتر

پاڪن سرڪار ۽ هاسانند جادوگرن جا نالا ٻڌا اَوشيه
هوندا. ڪن نه سندن جادوءَ جا وچتر کيل ڏٺا به هوندا ۽ ڏسي

ٻارن جو دک دور ڪرڻ لاءِ ڪين سندر فرشتن جي روپ ۾ بدلائي ڇڏيو هو!

جوڳي جادوگر دادا

بيشڪ! هيءُ چترڪار هڪ هوشيار ڪلاڪار هو! هُو پنهنجي ٻارن جي روپن جهڙن فرشتن جا من موهڪ چتر چٽي سگهيو ٿي، پر هو پنهنجي ٻارن کي سچ پچ فرشتا بڻائي سگهڻ ۾ اسمرٿ هو! پر اسانجو پيارو ڪلاڪار، جوڳي جادوگر دادا، هنن سنساري چترڪارن ۽ جادوگرن کان ڪيڏو نه اَڌڪ مهان اونچ آهي! هو اسانجو اندر ڏسي سگهي ٿو، پڙهي سگهي ٿو، پرُوڙي سگهي ٿو ۽ اسان جي سمست جيون بدلائي اُن ۾ پرورتن آڻي سگهي ٿو! هو پنهنجي شڪتي شالي ڪلا پردرشنيءَ جي پرڀاوَ سان اسان ۾ آتمڪ اُنوراڳ اُتپن ڪري سگهي ٿو! هو اسان تي روحاني رنگ چاڙهي اسان کي نئوَ جيون جو اَنوکو دان ڏيئي سگهي ٿو! هو پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان اسانجي ڪنڊلني شڪتي جاڳرت ڪري اسانجي ڌارا هيٺين چڪرن مان چاڙهي، برهمرنڌر جي چمڪندڙ شِکَرَ تائين پهچائي سگهي ٿو! هو اهڙي ڪروڻا درشٽي ڌري اسانکي هن پرٿويءَ تي ئي اِنسان مان فلڪ جو فرشتو بڻائي سگهي ٿو، جو سدائين پيو پرڀوءَ جي ڪمل قدمن کي سپرش ڪرڻ ۽ منشيه جنم سڦل ڪرڻ جو نتيه يتن ڪري.

هرديه جي آراڌنا

مان جڏهن پوتر سماڌيءَ تي جوڳي جادوگر دادا جي آسيس وٺڻ لاءِ سندس ڪمل چرنن ۾ ويهي، سندس ڪمل نيڻن ڏانهن نيهن ڀريل نيڻن سان نهاريندي آهيان ته منهنجي هرديه ويڻا جي تارن مان هيءَ واديه سنگيت جو آراڌنا آلاپ اُٿندو آهي، هيءَ پريم پڪار پرڪٽ ٿيندي آهي:-

گلن جھڙا ٻار: هڪ ٻالڪ ۽ هڪ ٻالڪي. هو سندن ٻاراڻا کيل ۽ ٻول ڏاڍي سنيهه ۽ چوج مان چاهيندو هو.

هڪ رات سندس ڪمري ۾ هو ٻاڻ، سندس استري ۽ ٻئي ٻار ويٺا هئا. ٻارن ويٺي ٻاڻ ۾ کليو ۽ کيليو. ائين راندڙون رمندي ڪانئن ڪا من مستي ۽ زياد تي تي ويئي. ڀلا ٻار جو ٿيا! سندن ماٽا گنڀير ٿي ڪين گهڻو چيڻيو ۽ سزا طور ڪين ڪوٺيءَ جي ڪنڊ ۾، منهن پٺت ڏانهن ڪرائي، ڏهه منٽ سانت ۾ ويهاري ڇڏيائين. ٻار هيسجي، چپ چاپ سزا ڀوڳڻ لڳا. چترڪار ۽ پريمي پتا سانت رهيو، ڇو جو گهر ۾ راڄ ڏياڻيءَ جو ٿي هليو.

معصوم ٻالڪن جا مکڙا مايوس ۽ پيَو پيمت هئا. سندن نرمل نيڻن مان جي موتي ڳلن تان ڳري اچي پٽ پيا، سي چترڪار ۽ پريمي پتا جي تيز نگاهن کان لڪي ڪين سگهيا. سزا ڀوڳي، ٻالڪ، سانت ۾ پنهنجن بسترن تي وڃي سمهيا.

ڀور پئي. ٻالڪ ننڊ مان سجاڳ ٿيا ۽ پتا جي آسپاس ورڻ لاءِ ونس آيا. اڄ ۽ سڪوچ وچان هو رات واريءَ پٺت جي ڪنڊ ڏانهن نهاري ٿي ڪين ٿي سگهيا. پتا سندن پرسٿتي پڇاڻي، ٻاٻوهه وچان سندن مٿي تي هٿڙو گهمايو ۽ ڪين ڀاڪي پائي اُن ڪنڊ ڏانهن وٺي آيو. ٻارن اُت جيڪو درشيه ڏٺو تنهن ڪين ڏاڍي اَچرج ۾ وجهي ڇڏيو. هنن ڏٺو ته ڪنڊ جي ڀٽيءَ تي ٻن ننڍڙن فرشتن جا دلڪش چتر چٽيل هئا جي پنهنجا پر پکيڙي، نيلين اکين سان نهاري، مٺيءَ پرڪار مشڪي رهيا هئا! هڪ فرشتي جي صورت ٻالڪيءَ جي چهري جيان هئي، ۽ ٻئي جي مشابهت هوبهو ٻالڪ جي روشن جيان هئي! بس، ٻارن جو هي ٻاڻ جهڙا ٻه ننڍڙا فرشتا ڏٺا، سو خوشيءَ وچان پنهنجي پياري پتا کي چوج مان وڃي چنبڙيا. چترڪار پتا راڻو واهه. پنهنجي چترڪلا اهڙيءَ جو سندر پردرشن ڪري، پنهنجي

يـدـڪـاـو

صفحو	سٽ	اَشد	شد
٢	٩	موري	هوُري
٦	٩	پڪار يند و	پڪار بو
١١	١٩	نهٽط	نٽهط
١٩	٢١	هلون	هلو
١٩	٢٢	اَيائي	ايائي هزار
٢١	٢٣	ديوتا	دئوتا
٢٢	٢٥	پت .	پت،
٢٣	١٢	جهمو مرط	جهوُمرط
٢٣	٢٤	سند س	سندن
٢٥	٢٢	اَن	اَن لاءِ
٢٥	٢٤	اِن مان	اِنڪري مان
٢٦	١٥	پيس	پيٽي
٢٩	٢٤		۽ چمڪي (ڏٺين سٽ)
٣٤	١١	پهٽو.	۾ پهٽو.
٣٥	١٨	ٿه	ته
٤٢	١٧	سو رپيو	و پيو
٤٣	٢٤	جنهن کي	جنهن ۾
٤٩	٢٤	ولين	اولين
٥٠	٥	جهومين	جهومن
٥٠	١١	کو اُجي	کو هجي
٥٠	٢١	نسڪو	نشڪو
٥١	١٣	(Hall)	Hull
٥٢	١	صغير	سفيد
٦٠	١٤	رهون	رهن

”جوڳي جادوگر ڪو جادو لڳاءِ
جڳ مڳ جوت جيون ۾ جڳاءِ.
ويسر ۾ مان وڃايل آهيان
لطف پنهنجي ۾ پار لنگهاءِ.

جوڳي جادوگر ڪو جادو لڳاءِ
مهر ڪري ٻڌهه ٻيڙي ٻچاءِ
گناهن ۾ مان گرفتار آهيان
سڪايل کي سُرَ سڪ جا سڻاءِ.

جوڳي جادوگر ڪو جادو لڳاءِ
رحم ڪري راهه روحاني ٻڌاءِ
صدين کان مان ستل آهيان
هن جنم ۾ ننڊ مان جاڳاءِ.

جوڳي جادوگر ڪو جادو لڳاءِ
پردا پري ڪري پاڻ سان ملاءِ
جڳن کان ڏوري مان وڇڙيل آهيان
گونگهٽ کول هوُري ڪمل مک پساءِ“

صفحو	سٽ	اَشد	شُد
۱۱۹	۲۰	ترنت هي	ترنت ٿي
۱۲۶	۳	هڪ	هڪ پٽر
۱۲۶	۱۰	چاهيلن ۔	چاهيان
۱۲۷	۱	اُن کي	سو اُن کي
۱۲۸	۱	پاڳہ نيون	پاڳہ نيون [شيوا ۽ پليدان]
۱۳۰	۵	خاطر خواهہ	خاطر خواه
۱۳۰	۱۹	پيہ	پيو
۱۳۳	۱۵	سان پيلي	ساڻ پيلي
۱۳۵	۱۴	مَن ۽	مَن ۾
۱۳۷	۱۱	۽ هن هٿ	۽ هٿ
۱۳۹	۱	ڪنعئيو	ڪنعيو
۱۳۹	۲۲	جو	هو
۱۴۱	۲۴	ولتيت	و نيت
۱۴۲	۲۰	واسواسي	واسوائي
۱۴۷	۱	سند ن	سند س
۱۴۸	۱۴	پائي هو	هو
۱۴۹	۱۷	"پطبا"	پطبا
۱۵۱	۲۵	پنهنجي	پنهنجي
۱۵۶	۲	اليئي ۔	اليئي ۔
۱۶۱	۱۳	چن	جن
۱۶۱	۱۷	ايسائي ،	عيسائي
۱۶۴	۲۲	Charactor	Character
۱۶۵	۱۴	پيچ	پيچ
۱۶۶	۱۳	ڪرلو ۔	ڪرلو
۱۷۳	۲۳	سيڪيرٽري	سيڪرٽري

صفحو	سٽ	اَشُد	شُد
٦٤	١٦	ڪن	ڪين
٧٣	٥	آڪيري	آڪيڙي
٧٧	٢	انمگهيڪار	انگيڪار
٧٨	٦	ٽڏ هن	ٽڏ هن
٨٢	١	گهٽنا ئن	گهٽا ئن
٨٢	٢	سنگيٽ ت	سگيٽ ت
٨٤	١٢	ڪيترين	ڪيترن
٨٨	٧	اچان	اچي
٨٩	١	چند رمان	چند رما
٩٥	٢١	جيسين	ليسين
٩٦	١٢	وڏي	(وڏي)
٩٦	١٧	ڪان	سان
٩٧	٢٣	پرچند جي	جي پرچند
٩٩	٢٣	ڪند و هو	هو
١٠١	٤	واسن	واس
١٠٢	٨	وهار يائين	وهاريو
١٠٦	٨	۽ ۾	۾ ۽
١٠٦	٢١	هوند و.	هوند و هو.
١٠٧	٢	اٿ جٺو	اٿ ٺو
١٠٧	١٦	۾ جڏهن	۾
١٠٧	٢٢	۽ اَيجس ۾	جس ۾ ۽ اَيجس ۾ ۽
١١٣	٥	ٿيو،	ٿيو.
١١٤	١٣	۾ ڪٿين	ڪٿين
١١٥	٢٤	هلنداسين؟	هلنداسين.
١١٦	٥	۾	۾.
١١٦	١٣	هو،	هو.

شد	اشد	سٽ	صفحو
ڪين	ڪين	٢٣	٢٣٢
جيٽي	جيٽڻ	٣	٢٣٤
ڏي	ڏ أي	٢٧	٢٣٩
ٿهرائي	ٿهرئي	١٥	٢٤١
پڃر	پڃر	٢٢	٢٤٨
مرڳوئي	مور ڳوئي	١٨	٢٥٠
شَرد	شُرد	١٤	٢٥٢
ڪميا	ڪيما	١٨	٢٥٣
ايند و هو	ايندي هئي	٢١	٢٥٣
Chorus	Choras	٢٠	٢٥٥
شَرد	شُرد	١٣	٢٥٦
چوڻ	چوڻ	٢	٢٥٩
ٻيٺي	ٻيٺي	٢٣	٢٦٢
ڏہ	ڏر	٢٣	٢٦٨
هٺا	هٺا.	١٤	٢٧٠
د رواز	د واز	٢١	٢٧٠
هوء	هوء	٩	٢٧١
ٻاؤ	ٻاو	١٧	٢٧٣
جنهن جا	جنهن	٢٠	٢٧٣
سڱنڌت	سنڱنڌت	٥	٢٧٦
ڀلا	يلا	٤	٢٧٧
شتابدي	شتابڌي	١٣	٢٧٧
دادا	ڊادا	٢٧	٢٧٩
نڙت	نوڙت	٩	٢٨٣
مڪار وند	مڪاربند	١١	٢٨٣
ٻتا	يتا	٢٥	٢٨٤

صفحو	سٽ	اشد	شد
١٧٤	٤	منهي	مهني
١٧٤	١٢	ٻادا	دادا
١٧٤	١٣	ڏ يئي	ڏيئي
١٧٦	٦	نہ	ڻہ
١٨٠	١٢ ۽ ٢٢	بهار	بهادر
١٨١	٢٠	سند ڙ	سند س
١٨٣	١٠	پيارا	پياري
١٨٦	٣	آهن	آهي
٢٠٠	٥	پيٺر	پيٺر
٢٠٢	١٢	۾	۽
٢٠٧	١٥	داد	دادا
٢٠٩	١٠	د فعا هن	هن
٢٠٩	١٥	حيد ر آپاد	حيد ر آباد
٢١٣	٧	گلم	غلم
٢١٤	٧	ماڻ و	ماڻ وء
٢١٤	١٠	ٿين	ٿي
٢١٤	٢١	پرنام	پرڻام
٢١٦	١٠	سبق	سبق
٢١٧	١٠	اد بت	اد ٻت
٢١٨	١١	سند ن	سند س
٢٢٠	٤	At home	At Home
٢٢٤	٦	رهيو آهي	رهيو هو
٢٢٥	٢	أئو	أٿو
٢٢٥	١١	پاءِ	پاو
٢٢٦	٢	Flarence	Florence
٢٢٦	١٣	لماشام	نماشام

صفحو	سٽ	اُشد	شد
٣٤٨	٢٠	ٽنڊيون	اُٽنڊيون
٣٤٩	١	هرِي	هرِي،
٣٥٤	١٨	نا ٿين	نا ٿين
٣٥٥	٥	ڪيلو	اَڪيلو
٣٥٥	٢٣	رهِي.	رهِي،
٣٥٨	٣	اُهي	اَهِي
٣٦٠	١٤	جڏيو !	چڏيو !
٣٦٠	١٥ ۽ ٢٤	چند ما	چند رما
٣٦٢	٢٢	ٽي	ٿي
٣٦٢	٢٤	خبرچا	خبرچار
٣٦٣	٢٥	سائيل	اَسائيل
٣٦٥	٢٥	Her's....dedicaled	Hers.... dedicated
٣٧٠	١٤	ڊاڪٽر	ڊاڪٽر
٣٧٤	٢٣	ٽيٽو	ٽيو
٣٧٥	١٦	هڪ سوءِ يم	هو سوءِ يم
٣٨٧	١٥	ايونڪ	ايونگ
٣٨٨	١٨	پراگرام	پروگرام
٣٩٠	١	ڪيو.	ڪيو،
٣٩٠	٢٤	ساڻ ج	ساڻ جن
٣٩١	٥	لقمت	لقب
٣٩٢	٢١	سندتن	سندين
٣٩٥	٣	نواٽي	نواٿي
٤٠٠	١٢	سبب	سب
٤٠٢	٤	لڳي وڃي،	لڳي وڃي.
٤٠٤	٢٠	لاء لاء	لاء
٤٠٥	٢٧	جهنڪي کي	جهنڪي

صفحو	سٽ	اشڌ	شڌ
٢٨٥	١٨	ڇي	اڇي
٢٨٦	١١	ڏي	کي ڏي
٢٨٦	٢٦	لديون	لڌيون
٢٩٢	١٤	اچا ۽ به	۽ اچا به
٢٩٢	١٥	سمجهيو	سمجهيم
٢٩٧	٨	ڌر پٽڻيءَ	ڌرم پٽڻيءَ
٢٩٨	١٨	هيدرآياد	حيدرآباد
٣٠٠	٩	پرسٽي	پرسٽٽي
٣٠٣	١٩	وقتي	وقٽي
٣٠٤	١٥	ڪولين	ڪٽلين
٣٠٥	١٦	سپٽر	بار
٣٠٦	١٨	ايند	ايندو
٣١٥	٢٣	بارا	بارا هئا
٣١٨	٥	جيڪن ته	جيڪن ته
٣٢٣	٢١	سيڱي	سيبڱي
٣٢٥	١٠	سند س	سندن
٣٦٦	٢٣	راڳِ	راڳہ
٣٣١	٢٦	تسيا	ٽسا
٣٣٥	٥	کير و	کير ون
٣٣٨	٥	انهن	انهن کان
٣٣٨	٢٦	جي	لاءِ
٣٣٩	١	هو،	هو.
٣٤١	١٤	ڏينس.	ڏينس،
٣٤١	١٨	هو.	هو-
٣٤١	٢٤	ڪٽليون	ڪولڙون
٣٤٩	٧	ڦوهارو.	ڦوهارو،

صفحو	سٽ	اَشد	شد
۴۰۱	۱۰	هن	اُنهن
۴۰۸	۲۵	ويو.	ويو،
۴۰۹	۲	سان	سالن.
۴۱۱	۲۷	سند ر	سند رتا
۴۱۲	۱۰	رام نگر	رام ز نگ
۴۱۴	۲۵	پائر	پائر ن
۴۱۶	۹	جو	جو ڪين
۴۱۶	۱۰	هئي.	هئن.
۴۲۲	۲۳	هئبت	هيبت
۴۲۳	۱۲	ڪيس	ڪانئس
۴۲۷	۶	پانيو ن	پانيو
۴۴۸	۲۰	آرائيندڙ و	آراڻ يندڙ و
۴۵۲	۳	چڪميو	چمڪيو
۵۴۲	۵	سمير پڙ	سمرپڙ
۵۴۲	۸	پرمگ	پرمڪ
۵۶۵	۲۳	سماني سمير	سمير
۵۶۸	۱۴	ٽي	جي

هن ڪتاب جي بائيند نگ شڪر بوڪ بائيند نگ وارن ڪئي

یون چہتر

210